سول پروسيجر ڪوڊ
1908ع

سنڌيڪار

حسين بادشاھ




سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو

سول پروسيجر ڪوڊ 1908ع

ترجمو

حسين بادشاهہ



سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو

حيدرآباد، سنڌ

2021ع

سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري جو ڪتاب نمبر (337)

سول پروسيجر ڪوڊ 1908ع

ترجمو: حسين بادشاهه
ڇاپو: پهريون: جون، 2021ع، ٻيو: ڊسمبر، 2021ع
ڪمپوزنگ: محمد رمضان ترڪ
ٽائيٽل: اسد الله ڀٽو
تعداد: 500
قيمت: 800/= روپيا
ناشر: سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو، حيدرآباد سنڌ، پاڪستان
پاران ايم ايچ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.

Catalogue Reference
Badishah Hussain
Code of Civil Procedure 1908
Sindhi Translation
Sindhi Language Authority
ISBN 978-969-625-195-8

CODE OF CIVIL PROCEDURE 1908

Translation: Hussian Badishah
Edition: 1st June, 2021, December, 2nd 2021
Quantity: 500
Price: Rs.800/-
Composing: Muhammad Ramzan Turk
Title: Asadullah Bhutto
Published by: Sindhi Language Authority, National Highway
Hyderabad, Sindh, 71000, Pakistan.
Tel: 022-9240050-3
E-mail: contact@sindhila.edu.pk
Website: www.sindhila.org
Printed by: M/S Ali Hussnain Process & Printing Services Hyderabad.
Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

هيءَ ڪتاب، شبنم گل، سيڪريٽري سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو، ميسرس علي حسنين پروسيس ۽ پرنٽنگ سروسز حيدرآباد مان ڇپرائي، اٿارٽيءَ جي آفيس، نئشنل هاءِ وي، حيدرآباد مان پڌرو ڪيو.

ناشر پاران

سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو پنهنجي قيام کان وٺي، مختلف وقتن تي، مُلڪي قانون جا ڪتاب سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪرائي، شايع ڪندو رهيو آهي، تہ جيئن نہ رڳو عدالتي عملي ۽ عدالتن سان لاڳاپيل ماڻهن کي مُلڪ جي مختلف قانونن جو سنڌي ترجمو مهيا ٿي سگهي، پر گڏوگڏ قانون جي شاگردن کي پڻ پنهنجي مادري يعني سنڌي ٻوليءَ ۾ پڙهڻ لاءِ ڪتاب ملي سگهن. هن سلسلي ۾ ڪتاب 'سول پروسيجر ڪوڊ' جو پهريون ڇاپو گذريل سال جون 2021ع ۾ شايع ڪيو ويو. گهڻي خوشيءَ جي ڳالهہ آهي تہ اهو پهريون ڇاپو ٿن مهينن جي مختصر عرصي ۾ ئي وڪرو ٿي ويو. قانون جي شاگردن، وڪيلن ۽ هن شعبي سان لاڳاپيل ٻين ماڻهن جي دلچسپيءَ کي ڏسندي، هن ڪتاب جو هي ٻيو ڇاپو شايع ڪندي، ادارو اجا بہ وڌيڪ خوشي محسوس ڪري رهيو آهي.

قانوني ڄاڻ حاصل ڪرڻ هر شهريءَ جو بنيادي حق آهي، جنهن وسيلي روزمره جي مختلف قانوني پيچيدگين کي سمجهڻ ۾ تڏهن وڌيڪ آسانيءَ ٿئي ٿي، جڏهن اهو قانون پنهنجي مادري ٻوليءَ ۾ هجي، ڇاڪاڻ تہ ڪو بہ علم پنهنجي ٻوليءَ ۾ ئي سُٺي نموني سمجهي سڪي سگهجي ٿو. محترم حسين بادشاهہ جو ترجمو ڪيل 'سول پروسيجر ڪوڊ 1908ع' عام شهري معاملن ۽ مسئلن جي قانوني حل جي ڏس ۾ هڪ اهم ڪتاب آهي. هن ڪتاب ۾ عدالتن جي اهميت ۽ دائري ڪار، ڪيسن جي نوعيت ۽ اُڪلاءَ ۽ ان سان لاڳاپيل ڪيترن ئي معاملن بابت تفصيلي ڄاڻ ڏنل آهي.

قانوني معاملن کان اڻ ڄاڻائيءَ سبب هڪ طرف سماجي زندگي انتشار جو شڪار ٿئي ٿي تہ ٻئي طرف قانوني مونجهارا پڻ وڌي وڃن ٿا. شروعاتي دور ۾ سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري، سنڌيءَ ۾ مختلف موضوعن تي ڪتاب ڇپرائي پڌرا ڪيا هئا. ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جهڙي گهڻ رخي شخصيت ان وقت قانون جا ڪتاب بہ تيار ڪرائي ڇپرايا هئا. سنڌي ٻوليءَ جي خدمت ۾ هي ادارو ڪافي اڳيرو رهيو آهي ۽ اسان جي مڪمل ڪوشش آهي تہ انهيءَ سلسلي کي اجا بہ اڳتي وڌائجي ۽ قانون جا ٻيا ڪتاب بہ جلد شايع ڪجن.

27 آڪٽوبر، 2021ع
حيدرآباد، سنڌ

ڊاڪٽر محمد علي مانجهي
چيئرمئن

ٻه اکر

ديواني مُقدمن جي طريقيڪار جو قانون [Code of Civil Procedure, 1908 (Act V of 1908)] اهڙن قانونن جو مجموعو آهي، جنهن ۾ اهڙا قاعدا، ضابطا ۽ معيار جوڙيا ويا آهن، جن جي عدالت تڏهن پوئواري ڪري ٿي، جڏهن اُها ديواني مُقدمن جي ڪارروائي سرانجام ڏئي ٿي. اُنهن قاعدن، ضابطن ۽ معيارن جو اختيار اِهو هوندو آهي، ته ڪيئن، ڪنهن مُقدمي جي ابتدا ڪئي وڃي ۽ اُن جي ڪارروائيءَ جي ڪهڙن قسمن جا طريقيڪار موجود آهن، جن هيٺ ڪنهن مُقدمي جو فيصلو ڪيو وڃي ۽ متاثر ڌُر کي انصاف ملي سگهي.

ديواني مُقدمن جي طريقيڪار جي قانون جي مختصر تعارف کان اسان جي وڪيل برادري ۽ قانون جا شاگرد ته چڱيءَ ريت واقف آهن، پر عام پڙهندڙ اُنهن ڳالهين کان شايد واقف نه هُجن. تنهنڪري انهن کي ديواني مُقدمن جي طريقيڪار جي قانون بابت رُڳو اُهو ڄاڻائڻ آهي، ته اُهو اصل ۾ آهي ڇا ۽ اُن جو مقصد ۽ دائرو ڪهڙو آهي؟ مون کي اُميد آهي، ته هن قانوني ڪتاب جي سنڌيءَ ۾ ترجمي سان وڪيل برادري، قانون جي شاگردن ۽ عام پڙهندڙن جي ڄاڻ ۾ چڱو واڌارو ٿيندو.

سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري طرفان قانون جي ڪتابن کي اوليت جي بُنياد تي ڇپائڻ جي سلسلي ۾، اِن کان اڳ منهنجا ترجمو ٿيل قانون جا ٻه ڪتاب ’قانونِ شهادت‘ (شاهديءَ وارو قانون) ۽ ’ڪرمنل پروسيجر ڪوڊ 1898ع‘ ڇپايا ويا آهن، ٻنهي ڪتابن کي پڙهندڙن تمام گهڻو پسند ڪيو ۽ ساراهيو. جو اُنهن جون ڪاپيون اڇرج ۾ وجهندڙ انداز ۾ رُڳو ڇهن مهينن اندر ئي کپي ويون، ۽ وري اُن جو ٻيو ۽ هاڻي ٽيون ڇاپو ڇپايو پيو وڃي. اُن ڳالهه مان ثابت ٿئي ٿو ته سنڌ جا ماڻهو قانون کي پنهنجي ٻوليءَ ۾ پڙهي ۽ سمجهي، پنهنجو قانوني شعور وڌائڻ چاهين ٿا. نه ته اڳي قانون کي رُکو ۽ خُشڪ موضوع سمجهيو ويندو هو ۽ ماڻهو قانوني ڪتاب پڙهڻ کان ڪيٻائيندا هئا، پر هاڻي اُن صورتحال ۾ تبديلي آئي آهي، جيڪا گهڻي پُراميد ڳالهه آهي.

هِن ڪتاب جي ترجمي بابت مثبت تنقيد ۽ نيڪ مشورن کي دِل جي گهرائين سان قبوليو ويندو. ته جيئن انهن کي سامهون رکندي، ايندڙ ڪتابن ۾ ڇاپن ۾ غلطين کي سُڌاري ۽ سنواري سگهجي.

حسين بادشاهه

سومرا ڳوٺ، قاسم آباد، حيدرآباد

فهرست

پاڱو VI

پاڱو VII

اپيلون

148. وقت ۾ واڌُ

149. ڪورٽ فيس جي کوٽ جي پوراءُ جو اختيار

150. مُقدمن جي تبديلي

151. عدالت جي ذاتي اختيارن ۾ ڇوٽ

152. فيصلن، ڊِڪرين يا حُڪمن ۾ ترميم

153. ترميم جو عام اختيار

154. اپيل جي موجوده حق ۾ ڇُوٽ

155. ڪجهه قانونن جي ترميم

156. رَدُ ٿيو.

157. رَد ٿيل قانونن جي حُڪم جو جاري رهڻ

158. ديواني طريقيڪار جي ضابطي ۾ بيِن رَد ٿيل قانونن جو حوالو

پهريون جَدول

عدالتي حُڪم -I 19

مُقدمي جون ڌُريون

1. ڪهڙن شخصن کي دعوي ۾ شامل ڪري سگهجي ٿو

2. عدالت کي ڏار عدالتي ڪارروايون هلائڻ لاءِ حُڪم ڏيڻ جو اختيار

3. ڪهڙن شخصن کي دعوي جي جوابَ ڏيندڙن ۾ شامل ڪري سگهجي ٿو

4. عدالت هڪ ڌُر يا وڌيڪ گڏيل ڌُرين جي حق ۾ يا سندن خلاف فيصلو ڏيئي سگهي ٿي

5. دعوي جي جواب ڏيندڙ جو دعوي جي سمورن مامرن ۾ چاهه نه هجي

6. ساڳئي مامري ۾ ذميدار ڌُرين کي گڏيل جوابدار ڪوٺڻ

7. جڏهن دعويدار کي شڪ هجي، ته ڪهڙي شخص کان قانوني سهائتا ملڻ گهرجي

8. هڪڙو شخص، ساڳيا مفاد رکندڙن جو مُقدمو داخل ڪري يا سندن طرفان دعوي جو جواب ڏيئي سگهي ٿو

9. ڌُرين جو غلط اِتحاد يا اِتحاد نه هئڻ

10. جيڪڏهن مُقدمو غلط دعويدار جي نالي سان داخل ڪيو وڃي

11. مُقدمي جي پيروي

12. سمورن دعويدارن يا دعوي جي جواب ڏيندڙين شخصن بجاءِ ڪنهن هڪڙي شخص جي حاضري

13. ڌُرين جي اِتحاد نه هئڻ يا غلط اِتحاد تي اعتراض

خاص حدن منجهہ رهائشي نہ هجي

5. سَمنَ مامرن کي نبيرڻ يا حَتمي فيصلي لاءِ هوندا

6. دعوي جو جواب ڏيندڙ جي حاضريءَ لاءِ تاريخ جي مقرري

7. سَمن ۾ دعوي جو جواب ڏيندڙ کي اُهي سمورا دستاويز پيش ڪرڻ جو حُڪم ڏنل هوندو جن تي ڪيس پروسو هجي

8. جڏهن سَمن قطعي فيصلي لاءِ هجي، تہ دعوي جو جواب ڏيندڙ کي هدايت ڪيل هوندي، تہ هُو پنهنجا شاهد پيش ڪري

128 **سَمنَ جي تعميل**

9. تعميل لاءِ سَمن سونپڻ يا وصولي

10. تعميل جو طريقو

A-10. ٽپال ذريعي تعميل

11. گهڻن دعوي جو جواب ڏيندڙن تي تعميلَ

12. سَمن، دعوي جو جواب ڏيندڙ تي قابل عمل شخصي طور يا سندس گُماشتي تي تعميل ٿيندو

13. گُماشتي تي سَمن جي تعميل، جنهن ذريعي دعوي جو جواب ڏيندڙ ڪاروبار ڪندو هجي

14. غير مُنتقل ٿيندڙ ملڪيت لاءِ دعوي ۾ نگران گُماشتي تي سَمن جي تعميل

15. جڏهن سَمن جي تعميل، دعوي جو جواب ڏيندڙ جي ڪُٽنب جي مرد ڀاتيءَ تي ڪري سگهجي ٿي

16. جنهن شخص تي سَمن تعميل ڪيو وڃي، تنهن کي رسيد تي صحيح ڪرڻي پوندي

17. طريقيڪار جڏهن دعوي جو جواب ڏيندڙ سَمن جي تعميل کان انڪار ڪري يا ملي نہ سگهندو هجي

18. سَمن جي پُٺ تي وقت ۽ تعميل جي طريقي بابت لکيو ويندو

19. سَمن تعميل ڪرائيندڙ اهلڪار کان پُڇا ڳاڇا

20. سَمن جي بَدل تعميل

21. سَمن جي تعميل، جڏهن دعوي جو جواب ڏيندڙ ڪنهن ٻيءَ عدالت جي علائقي ۾ رهندو هجي

22. رَدُ ٿيو.

23. انهيءَ عدالت جو فرض، جنهن ۾ سَمن تعميل خاطر موڪليو وڃي

24. جيل ۾ قيد دعوي جو جواب ڏيندڙ تي سَمن جي تعميل

25. سَمن جي تعميل، جڏهن دعوي جو جواب ڏيندڙ پاڪستان کان ٻاهر رهندو هجي ۽ ڪو گُماشتو نہ رکندو هجي

دعويٰ جي درخواست

عدالتي حُڪم - XIII

عدالتي حُڪم - XIV

7. جيڪڏهن عدالت کي اطمينان ٿي وڃي، تہ اقرارنامي تي باضابطا عمل ٿيو تہ فيصلو ڏئي سگهي ٿي

عدالتي حُڪم XV

174 پهرين ٻڌڻيءَ تي مُقدمي جو فيصلو

1. ڌرين ۾ تڪراري مامرو نہ هجي
2. دعويٰ جي گهٽ جواب ڏيندڙن منجهان هڪڙي کي اختلاف نہ هجي
3. ڌرين ۾ اختلاف
4. شاهدي ڏيڻ کان لاچار رهڻ

عدالتي حُڪم - XVI

175 شاهدن کي گهرائڻ ۽ سندن حاضري

1. شاهدي ڏيڻ يا دستاويز پيش ڪرڻ لاءِ سمن
2. سمن جاري ٿيڻ جي درخواست مهل، خرچ عدالت ۾ داخل ٿيڻ گهرجي
3. شاهد کي خرچ ڏنو ويندو
4. جيڪڏهن پورو خرچ داخل نہ ڪيو وڃي
5. سمن ۾ حاضريءَ جو وقت، جڳهہ ۽ مقصد جي وضاحت ٿيل هوندي
6. دستاويز پيش ڪرڻ بابت سمن
7. عدالت ۾ حاضريءَ تي گهرايل شخص کان شاهدي وٺڻ يا دستاويزَ پيش ڪرڻ جو اختيار
A-7. ڌرين طرفان سمنَ جي تعميل
8. عدالت طرفان سمن جي تعميل
9. سمن جي تعميل جو وقت
10. طريقيڪار جيڪڏهن شاهد سمن ۾ چاڻايل حُڪمن جي تعميل کان لاچار رهي
11. شاهد جي حاضر ٿيڻ سان ضبطگيءَ تان هٿ کڻي سگهجي ٿو
12. طريقيڪار جيڪڏهن شاهد حاضر ٿيڻ ۾ ناڪام ٿئي
13. ضبطگيءَ جو طريقيڪار
14. عدالت پنهنجي مرضيءَ سان مُقدمي ۾ اوپري شاهد جي نالي سمن ڪيڏي سگهي ٿي

عدالتي حُڪم -XXII

عدالتي حُڪم -XXIII

عدالتي حُڪم -XXIV

248 **عدالت ۾ ادائيگي**

1. دعوي جي جواب ڏيندڙ طرفان دعويدار جي اطمينان خاطر عدالت ۾ رقم جمع ڪرائڻ

2. عدالت ۾ رقم جمع ڪرائڻ جو اطلاع

3. نوٽيس بعد عدالت ۾ جمع ڪرايل رقم تي دعويدار کي وياج وٺڻ جي اجازت نہ هوندي

4. طريقيڪار دعويدار عدالت ۾ جمع ڪرايل رقم کي اطمينان طور جُزوي مڃي

جيڪڏهن دعويدار عدالت ۾ جمع ڪرايل رقم کي سموري دعوي جي اطمينان موجب مڃي

عدالتي حُڪم -XXV

249 **خرچن جي ضمانت**

1. ڪڏهن دعويدار کان خرچ جي ضمانت گهري سگهجي ٿي

پاڪستان کان ٻاهر رهائش

2. ضمانت داخل نہ ڪرائڻ جو نتيجو

عدالتي حُڪم -XXVI

ڪميشن

250 **ڪميشنَ طرفان شاهدن جا بيانَ وٺڻ**

[ڏسو قلمَ 75 کان 78]

1. اُهي حالتون، جن ۾ عدالت، شاهدن کان بيان وٺڻ لاءِ ڪميشن جاري ڪري سگهي ٿي

2. شاهد جي شاهدي وٺڻ لاءِ ڪميشن بابت حُڪم

3. جيڪڏهن شاهد عدالت جي اختياري واري علائقي ۾ رهندو هجي

4. ڪمرن مائهن کان شاهدي وٺڻ لاءِ ڪميشن جاري ٿيندو

5. اُنهن شاهدن کان بيان وٺڻ لاءِ ڪميشن يا درخواست، جيڪي پاڪستان کان ٻاهر رهندا هجن

6. عدالت، ڪميشن جي ماتحت شاهدن جو بيانَ وٺندي

7. شاهدن جي شاهدين سميت ڪميشن جي واپسي

8. جڏهن شاهديءَ جو بيان شاهديءَ ۾ پڙهڻ جوڳو هجي

252 **مقامي تحقيق جي ڪميشن**

6. پائيوارن جي عدالت ۾ حاضري
7. پائيوارن ڪانسواءِ ٻئي ڪنهن جي حاضريءَ جي گهرج نه آهي
8. احتجاج تحت حاضري
9. پائيوارن وچ ۾ مُقدما
10. اهڙي شخص خلاف دعوي جيڪو پنهنجي نالي ڪانسواءِ ڪنهن ٻئي نالي سان ڪاروبار ڪندو هجي

عدالتي حُڪم -XXXI

266 امانتدارن، وصين ۽ مُنتظمن خلاف يا طرفان مُقدما

1. اَمانتي ملڪيتن وغيره سان لاڳاپيل مُقدمن ۾ وظيفيدارن جي نمائندگي
2. گڏيل اَمانتدارَ وصي ۽ نگرانَ
3. سَگهري اَمين عورت جو مُڙس ڌُر نٿو بنجي سگهي

عدالتي حُڪم -XXXII

267 نابالغ ۽ سَودائي شخصن خلاف يا طرفان مُقدما

1. نابالغ طرفان ويجهو دوست دعوي داخل ڪري سگهي ٿو
2. جيڪڏهن دعوي ڪي ويجهي دوست ڪانسواءِ داخل ڪيو وڃي، ته دعوي جي درخواست ڪي خارج ڪيو ويندو
3. مُقدمي ۾ دعوي جي جواب ڏيندڙ نابالغ جي وليءَ کي عدالت طرفان مُقرر ڪيو وڃي
4. ڪهڙو شخص مُقدمي لاءِ ويجهي دوست يا مُقرر ٿيل نگران جو ڪردار نڀائي سگهي ٿو
5. نابالغ جو دوست يا ولي سندس نمائندو هوندو
6. نابالغ لاءِ ڊِڪريءَ تحت ملڪيت جي مُقدمي خاطر ويجهي دوست يا نمائندي طرفان وصولي
7. مُقدمي لاءِ دوست يا وليءَ طرفان سرچاءِ يا ناهه
8. ويجهي دوست طرفان مُقدمي تان هٿ ڪڍڻ
9. ويجهي دوست کي هَٽائڻ
10. ويجهي دوست جي هٽائڻ وغيره تي ڪارروايين جو منعنامو
11. مُقدمي لاءِ وليءَ جو هٿ ڪڍڻ، هَٽائڻ يا موت
12. نابالغ دعويدار يا درخواست ڏيندڙ جي بالغ ٿيڻ تي طريقيڪار
13. جڏهن نابالغ پائيوار دعويدار، سامائجڻ ڪانپوءِ، دعوي کي نامنظور ڪري
14. نامعقول يا نامناسب دعوي
15. سَودائي يا ذهني مريض شخص تي قاعدا لاڳو ٿيڻ

16. ڪجهه قانون متاثر نہ ٿين

عدالتي حُڪم -XXXIII

273 ڪَنگالن طرفان دعوائون

عدالتي حُڪم -XXXIV

278 غيرمُتحرڪ ملڪيت کي گِروي رکڻ بابت مُقدما

عدالتي حُڪم -XXXVII

290 **مُنتقل ٿيندڙ يا ونڻ وڪڻڻ جي دستاويزن بابت سرسري طريقيڪار**

1. هن حڪم نامي جو لاڳو ٿيڻ
2. هُنڊي وغيره پٽاندر سرسري مُقدما
3. دعويٰ جي جواب ڏيندڙ طرفان عدالت ۾ معقول سببن تحت حاضر ٿيڻ ۽ جواب ڏيڻ جي اجازت هئڻ ۾ بچاءُ ظاهر ڪرڻ
4. ڊِڪريءَ کي رد ڪرڻ بابت اختيار
5. قانوني مالياتي دستاويز هُنڊي وغيره عدالت جي عملدار جي تحويل ۾ جمع ڪرائڻ جي حُڪم جو اختيار
6. قانوني مالياتي دستاويز يا نوٽ وغيره جي ناقبولي يا چُڪتو نہ ٿيڻ تي ايندڙ خرچ ونڻ
7. دعوائن ۾ طريقيڪار

عدالتي حُڪم -XXXVIII

293 **فيصلي کان اڳ ضبطگيءَ ۽ گرفتاري**

1. جڏهن دعويٰ جي جواب ڏيندڙ کان حاضريءَ لاءِ ضمانت ڏيڻ گهري سگهجي ٿي
2. ضمانت
3. ضامن طرفان پنهنجي ضمانت تان هٿ کڻڻ لاءِ درخواست ڏيڻ جو طريقيڪار
4. دعويٰ جو جواب ڏيندڙ طرفان ضمانت ڏيڻ يا نئون ضامن ڏيڻ کان لاچار رهڻ جو طريقيڪار

294 **فيصلي کان اڳ ضبطگي**

5. جڏهن دعويٰ جي جواب ڏيندڙ کان جائيداد پيش ڪرڻ جي ضمانت گهري سگهجي
6. جائيداد جي ضبطگي، جڏهن سبب نہ ڄاڻايا ويا هجن يا ضمانت داخل نہ ڪئي وئي هجي
7. ضبط ڪرڻ جو طريقيڪار
8. فيصلي کان اڳ ضبط ٿيل جائيداد جي دعويٰ جي تحقيق
9. جائيداد جي ضبطگي ختم ٿيڻ، جڏهن ضمانت ڏني وڃي يا مُقدمو خارج ڪيو وڃي
10. فيصلي کان اڳ جائيداد جي ضبطگيءَ جي حُڪم سان اوبري شخص جا حق متاثر نہ ٿيندا، ۽ نہ ئي ڊِڪريدار کي انهيءَ جائيداد جي نيلاميءَ لاءِ درخواست ڏيڻ کان روڪ ٿيندي
11. جيڪا جائيداد فيصلي کان اڳ ضبط ٿي چُڪي هجي، سا وري ڊِڪريءَ جي تعميل ۾ ٻيهر ضبط نہ ٿي سگهندي
12. زرعي پيداوار فيصلي کان اڳ ضبط ٿيڻ جوڳي نہ آهي
13. ننڍڙا مُقدما هلائيندڙ عدالت، غير مُتحرڪ ملڪيت کي ضبط ڪرڻ جو حُڪم نہ ڏيندي

عدالتي حُڪم -XXXIX

297

عارضي منعنامي ۽ عارضي توڙي وچ وارا حُڪم

عارضي منعنامي جا حُڪم

1. اُهي مُقدما، جن ۾ عارضي منعنامي جو حُڪم جاري ٿي سگهي ٿو
2. دعويٰ جي جواب ڏيندڙ کي هاڃي پهچائڻ يا لڳاتار ڀڃڪڙيءَ کان پرهيز ڪرڻ جو منعنامو
2-A. منعنامو جاري ڪندڙ عدالت طرفان حُڪم جي ڀڃڪڙي ڪندڙ شخص جي ملڪيت کي ضبط ڪرڻ سميت ڇهن مهينن تائين ڪيس قيد ۾ رکڻ جو حُڪم ڏئي سگهي ٿي
2-B. منعنامي جو حُڪم هڪڙي نافرماني يا ڀڃڪڙيءَ جو نتيجو
3. منعنامي جي حُڪم جاري ڪرڻ کان اڳ عدالت مخالف ڌُر کي نوٽيس ڏيندي
4. منعنامي جي حُڪم کي رَدُ، تبديل يا واپس وٺي سگهجي ٿو
4-A. مُقرر عرصي کانپوءِ منعنامي جو حُڪم لاڳو نہ رهندو
5. ڪارپوريشن تي منعنامي جي حُڪم جا سندس عملدارَ پابند آهن
6. عارضي مُنتقل ٿيندڙ شين جي نيلام جو اختيار
7. مُقدمي سان لاڳاپيل تڪراري ملڪيت جي روڪَ، بچاءُ، معائنو وغيره
8. دعويٰ جي جواب ڏيندڙ کي اهڙي حُڪم لاءِ نوٽيس ڏيڻ کانپوءِ ڏنل درخواست
9. ڪهڙي وقت ڌُر کي مُقدمي ۾ بُنيادي تڪراري زمين جو ٿُرت قبضو ڏياري سگهجي ٿو
10. روڪ رقم يا ٻيون سونپڻ جوڳيون شيون عدالت ۾ داخل ڪيون وڃن

عدالتي حُڪم -XL

303

رِسيوَر جي مُقرري

1. رِسيوَر جي مُقرري
2. معاوضو
3. فرضَ
4. رِسيور جا فرضَ لاڳو ڪرڻ
5. جڏهن ڪليڪٽر، رِسيور مُقرر ڪري سگهي ٿو

304

عدالتي حُڪم -XLI

اصلي ڊِگرين ۾ اپيل

1. اپيل جو نمونو، يادداشت سان گڏ ڪهڙيون ڳالهيون ۽ سندس مواد هجي
2. سبب، جيڪي اپيل ۾ شامل ڪري سگهجن ٿا

***

سِول پروسيجر ڪوڊ، 1908ع

1908ع جو ايڪٽ V[1]

[21 مارچ 1908ع]

ديواني عدالتي اختيارَ رکندڙ عدالتن جي ڪارروايئن سان لاڳاپيل قانونن کي سگهارو ڪندڙ ۽ منجهن ترميم ڪندڙ ايڪٽ

جيئن تہ هيءَ ڳالھ لازمي آهي، تہ ديواني عدالتي ڪارروايئن سان لاڳاپيل قانونن کي سگهارو ۽ منجهن ترميم ڪئي وڃي، تنهنڪري اُنهن کي هيٺئين ريت لاڳو ڪيو وڃي ٿو:

---

[1] دليلن ۽ اعتراضن جي بيانَ لاءِ ڏسو هندستان جو گزيٽ، 1907، ڀاڱو V، صفحو 179؛ چونڊ ڪميٽيءَ جي رپورٽ لاءِ ڏسو ساڳيو، 1908ع ڀاڱو V، صفحو 35؛ ۽ پروسيڊنگسِ ڪائونسل لاءِ ڏسو ساڳيو 1907ع ڀاڱو VI، صفحا 135 ۽ 254؛ ۽ ڏسو ساڳيو 1908 صفحا 8، 12 ۽ 212.

هن ايڪٽ ۾ "ڪائونسل ۾ بادشاھ سلامت" ڏانهن ڏنل سمورن حوالن جي مفهوم کي وفاقي عدالت ڏانهن حوالن جيان سمجهيو ويندو ڏسو وفاقي عدالت (حدبنديءَ ۾ واڌارو) ايڪٽ، 1949ع (1950ع جو I)، قلم 6.

هن ايڪٽ کي وڌايو ويو آهي ۽ ايئن سمجهيو ويندو تہ انهيءَ کي 14 آڪٽوبر 1955ع تي مرڪزي قانونَ (قانوني سُڌارا) آرڊيننس 1960ع (1960ع جو XXI)، قلم 3 ۽ پٺين شيڊيول ذريعي سموري پاڪستان ۾ لاڳو ڪيو ويو آهي.

هن ايڪٽ ۾ پنجاب ۾ پنجاب جي قرض ايڪٽ ۾ سُڌاري 1934ع (پنجاب 1934ع جو VII)، ڀاڱو VIII، ۽ آسام ۾ 1941ع جي آسام ايڪٽ II تحت ترميم ڪئي ويئي آهي.

هن ايڪٽ کي شيڊيولڊ ڊسٽرڪٽ ايڪٽ 1874ع (1874ع جو XIV) جي قلمن 5 ۽ 5A تحت نوٽيفڪيشن ذريعي هيٺ ڄاڻايل شيڊيولڊ ضلعن ۾ لاڳو ڪيو ويو آهي:

(1) سنڌ صوبو: بمبئي گورنمينٽ گزيٽ، غيرمعمولي، 1909ع، ڀاڱو I ۽ هندستان جو گزيٽ، 1909ع، ڀاڱو I، صفحو 32.

(2) پنجاب ۾ شيڊيولڊ ضلعا: هندستان جو گزيٽ، 1909ع، ڀاڱو I، صفحو 33.

(3) پشاور، هزاره، ڪوهاٽ، بنون ۽ ديرا اسماعيل خان جا ضلعا، جنهن تي اُتر - اولھ جو سرحدي صوبو جُڙيل آهي: ساڳيو ڀاڱو II، صفحو 80.

(4) سِلهٽ جو ضلعو ساڳيو 1909ع، ڀاڱو I، صفحو 5.

هن ايڪٽ کي برطانوي بلوچستان قانونَ ريگيوليشن 1913ع (1913ع جو II)، قلم 3 ۽ پهرئين شيڊيول ذريعي بلوچستان ۾ لاڳو ڪرڻ جو اعلان ڪيو ويو آهي

هن ايڪٽ کي بلوچستان جي ڪَٽَت تي ڪنيل علائقن (Leased Areas of Baluchistan) ۾ پڻ لاڳو ڪرڻ جو اعلان ڪيو ويو آهي، ڏسو ڪَٽَت جا علائقا (قانون) حُڪم، 1950ع (1950ع جو حڪومتي حُڪم III)؛ ۽ انهيءَ کي بلوچستان جي وفاقي علائقن ۾ پڻ لاڳو ڪيو ويو ڏسو هندستان جو گزيٽ، 1937ع، ڀاڱو I، صفحو 1499.

هن ايڪٽ کي ڄاڻايل ٿناول جي خارج ٿيل علائقن کانسواءِ قُليرا تائين انهيءَ حد تان لاڳو ڪيو ويو جواهو ايڪٽ اُتر - اولھ سرحدي صوبي ۾، ڪجھ ترميمن جي شرطن تحت عمل جوڳو ٿيو ڏسو اُتر - اولھ سرحدي صوبو (مٿيون تناول) (خارج ڪيل علائقو) قانونَ ريگيوليشن، 1950ع.

هن ايڪٽ کي اُتر - اولھ سرحدي صوبي (پختونخواھ) ذريعي قُليرا بجاءِ ڄاڻايل تناول جي علائقي کانسواءِ ٻين علائقن تائين وڌايو ويو (مٿيون تناول) (دائري کان خارج علائقو) قانونَ ريگيوليشن، 1950ع ۾ اعلان ڪيو ويو تہ اُهو انهيءَ علائقي ۾ پهرين جون 1951ع کان هڪدم لاڳو آهي، ڏسو اُتر - اولھ سرحدي صوبو غيرمعمولي گزيٽ، تاريخ 1 جون 1951ع.

ابتدائي تمهيد

قلم 1. مختصر نالو ابتدا ۽ دائرو: (1) لازمي آهي، تہ انهيءَ قانون جو نالو سِول (ديواني) پروسيجر ڪوڊ 1908ع رکيو وڃي.

(2) هيءَ قانون پهرئين جنوري 1909ع کان لاڳو ٿيندو.

[2][(3) هيءَ سموري پاڪستان تي لاڳو ٿيندو.]

قلم 2. وصفون: انهيءَ قانون ۾ جيستائين مضمون يا متن ۾ ڪا ڳالھ خلاف نہ هجي، تہ پوءِ:-

(1) لفظ "ڪوڊ" ۾ قاعدا توڙي ضابطا داخل آهن:

(2) "ڊِڪري" جو مطلب، عدالتي ڪارروائي جي اهڙي رسمي لکت آهي، جنهن ۾ عدالت، مُقدمي يا دعويٰ ۾ شامل تڪراري مامرن ۽ ڌُرين طرفان ڇاڻايل ڪجھ يا اُنهن سمورن حقن جو نبيرو لکت ۾ ٿيل هُجي، ۽ اُها ڊِڪري عارضي يا قطعي بہ ٿي سگهي ٿي. انهيءَ لاءِ سمجهيو ويندو، تہ انهيءَ جاري ٿيل ڊِڪريءَ منجهہ داخل دعويٰ جي درخواست کي رد ڪرڻ، [3][قلم 144 موجب ڪنهن بہ مامري جي فيصلي لاءِ ۽ عدالتي حُڪم نمبر XXI] ۽ قاعدن نمبرن 60، 98، 99، 101، ۽ 103 ۾ شامل ڪنهن مامري تي فيصلو ڏيڻ پڻ شامل آهي. پر انهيءَ ۾ هيٺ ڇاڻايل مامرا شامل نہ هوندا:

(a) ڪو اهڙو فيصلو جنهن جي اپيل، ڪنهن حُڪم جي ڪارروائي جيان داخل ڪئي وڃي، يا

(b) عدالتي پيرويءَ نہ ڪرڻ سبب درخواست خارج ڪرڻ جو ڪو حُڪم.

وضاحت: ڊِڪري تنهن وقت عارضي هجي ٿي، جڏهن ڪنهن مُقدمي جون ابتدائي ڪارروايون پُوريون ڪرڻيون هُجن، جيستائين انهيءَ مُقدمي جي مُڪمل پُڄاڻي يا فيصلو نہ ٿي سگهي. اُها تنهن وقت قطعي بڻجي وڃي ٿي، جڏهن اهڙي فيصلي سان مُقدمي جو نبيرو ٿي وڃي. اُها جُزوي عارضي ۽ جُزوي قطعي بہ ٿي سگهي ٿي:

(3) "ڊِڪري وٺندڙ" جو مطلب، هر اُهو شخص آهي، جنهن جي حق ۾ ڪنهن ڊِڪريءَ جي جاري ٿيڻ جو ڪو حُڪم ٿيو هجي:

(4) "ضلع" جي لفظ جو مطلب، اختياريءَ واري علائقي ۾ ابتدائي ٻڌڻيءَ جو اختيار رکندڙ مُک ديواني عدالت آهي. (انهيءَ کي پوءِ ضلعي عدالت سڏيو وڃي) ۽ انهيءَ ۾ هاءِ ڪورٽ جي اصل ديواني مامرن جي علائقن جون مقامي حدون ۽ علائقائي اختيار بہ شامل آهن:

(5) "پرڏيهي عدالت" جو مطلب اُها عدالت آهي، جيڪا [4][پاڪستان] جي حدن کان ٻاهر هجي ۽ [5][پاڪستان] منجهہ اختيار نہ رکندي هجي، نہ [6][مرڪزي حڪومت] ڪين جوڙيو هجي، ۽ نہ ئي (مرڪزي حڪومت طرفان) ناهيو ويو هجي.] [***] [7]:

---

[2] مرڪزي قانون (قانوني سُڌارا) آرڊيننس، 1960ع (1960ع جو XXI)، قلم 3 ۽ ٻئين شيڊيول (14) آڪٽوبر، 1955ع کان هڪدم لاڳو ٿيندڙ) سان ڦيرقار ڪئي ويئي، جڏهن تہ اصلي ذيلي قلم (3) ۾ قانوني حُڪم 1949ع تحت ترميم ڪئي ويئي.

[3] قانوني سُڌارا آرڊيننس 1972ع جي XII، PLD 1972ع. مرڪزي قانون (صفحو 495) سان ڦيرقار ٿي.

[4] 1960ع جي آرڊيننس XXI، قلم 3 ۽ ٻئين شيڊيول (14 آڪٽوبر 1955ع تي تُرت لاڳو ٿيڻ سان)، "صوبا ۽ وفاق جي راڄڌانيءَ" ۾ ڦيرقار ٿي.

(6) ”پرڏيهي رياست جو فيصلو“ جو مطلب. پاڪستان جي حدن کان ٻاهر عدالت جو ڪيل فيصلو آهي:

(7) ”سرڪاري وڪيل“ ۾ اُهو عهديدار شامل آهي، جنهن کي[8][صوبائي حڪومت] اُنهن سمورن خدمتن يا منجهانئن ڪنهن ڪارروائيءَ جي پوراءَ لاءِ مُقرر ڪيو هجي، جن کي هن ڪوڊ پٽاندر سرڪاري وڪيل طور واضح انداز سان لاڳو ڪيو ويو هجي ۽ اُهو وڪيل بہ شامل آهي، جيڪو سرڪاري وڪيل جي هدايتن موجب ڪم ڪري:

(8) ”جَجُ“ جو مطلب ديواني عدالت جو عهديدار آهي:

(9) ”فيصلو“ جو مطلب ديواني عدالت جي جَج جو ڏنل حُڪم آهي، جنهن ۾ ڪنهن ڊِڪريءَ يا حُڪم جا سبب ڄاڻايا ويا هجن:

(10) ”عدالتي فيصلي جو قرضدار“ جو مطلب اُهو شخص آهي، جنهن خلاف ڪا ڊِڪري يا تعميل جوڳو حُڪم نڪتو هجي:

(11) ”قانوني نمائندو“ جو مطلب اُهو شخص آهي، جيڪو قانون موجب، ڪنهن فوتي شخص جي ملڪيت جو نِگران هجي ۽ انهيءَ ۾ اُهو شخص بہ شامل آهي، جيڪو فوتيءَ جي ملڪيت ۾ هَٿ ڇُراند ڪري ۽ جنهن حالت ۾ ڪا ڌُر نمائندي جي ڪردار ۾، انهيءَ شخص تي دعوي يا دعوي جي جواب ڏيندڙ طور دعوي داخل ڪري، جنهن کي ڌُر جي وفات بعد ملڪيت جو اختيار مليو هجي، تہ اُهو پاڻُ دعوي ڪري يا مٿس دعوي داخل ڪئي وڃي:

(12) ملڪيت جي ”مليل روڪ رقم وارو نفعو“ جو مطلب اُهو نفعو آهي، جيڪو ملڪيت جي ناجائز قبضيدار کي حقيقت ۾ مليو هجي يا ٿوريءَ چالاڪيءَ جي ڪوشش سان ملي سگهيو هجي، جنهن سان گڏ انهيءَ نفعي جو وياج بہ شامل هجي، پر انهيءَ ۾ اُهو نفعو شامل نہ هجي، جيڪو ناجائز قبضيدار يا تحويلدار طرفان ڪرايل ترقياتي ڳمن سبب ڪيس ٿيو هجي:

(13) ”مُنتقل ٿيندڙ ملڪيت“ ۾ بيٺل فصلَ شامل آهن:

(14) ”حُڪم“ جو مطلب، ڪنهن ديواني عدالت جي ڪنهن لکت ۾ ڏنل فيصلي جو مطلب آهي، جيڪو ڪنهن ڊِڪريءَ جي قسم جو نہ هجي:

(15) ”پيروي ڪندڙ“ جو مطلب اهڙو شخص آهي، جيڪو ڪنهن ٻئي شخص طرفان عدالت ۾ حاضر ٿيڻ ۽ سوال پُڇڻ توڙي جواب ڏيڻ جو حقدار هجي ۽ انهيءَ ۾ هاءِ ڪورٽ جو ايڊووڪيٽ ۽ وڪيل ۽ آٽارني بہ شامل آهن:

---

[5] 1960ع جي آرڊيننس XXI , قلم 3 ۽ ٻئين شيڊيول (14 آڪٽوبر 1955ع تي هڪدم لاڳو ٿيڻ سان)”صوبا ۽ وفاق جي راڄڌانيءَ“ ۾ ڦيرڦار ٿي، جنهن ۾ 1949ع جي قانوني حُڪم سان ”برطانوي هندستان“ ۾ تبديلي ٿي هئي.

[6] 1975ع جي صدارتي حُڪم IV سان ڦيرڦار ٿي.

[7] 1949ع جي حُڪم سان لفظ ”يا شاهي نمائندو“ خارج ٿيو.

[8] 1937ع جي حُڪم سان لفظ ”مقامي حڪومت“ ۾ ڦيرڦار ٿي.

(16) ”مُقررَ يا تجويز ٿيل“ جو مطلب قاعدن موجب مُقرر يا تجويز ٿيل آهي:

(17) ”سرڪاري عمديدار“ جو مطلب هر اُهو شخص آهي، جيڪو هيٺ ڄاڻايل سمورن قسمن مان ڪنهن قسم ۾ شامل هجي، يعني:

(a) هر هڪ جَجُ؛

(b) هر اُهو شخص، جيڪو [9][پاڪستان ۾ سرڪاري ملازم هجي]؛

(c) [10][پاڪستان جي سامونڊي يا هوائي] فوجن جو هر ڪميشن ماڻيل گزيٽ وارو عمديدار، [11][جڏهن اُهو رياست جو ملازم هجي]؛

(d) انصاف جي عدالت جو هر هڪ عملدار، جنهن تي پنهنجي عمدي پٽاندر ڪنهن قانوني ڳالھ يا گهربل ڳالھ جي جاچُ ڪرڻ يا انهيءَ جي ڪيفيت ڄاڻائڻ يا ڪنهن دستاويز کي لکڻ يا پاڻُ وٽ رکڻ يا ڪنهن ملڪيت جو انتظام وٺڻ يا قبضي ڪان ڊار ٿيڻ يا ڪنهن عدالت جي حُڪمنامي جي تعميل ڪرڻ يا ڪنهن ڪان قسم کڻائڻ يا هڪڙي ٻوليءَ مان ٻيءَ ٻوليءَ ۾ ترجمو ڪري ٻُڌائڻ يا عدالت جي آدابن جو انتظام رکڻ جي ذميداري هجي ۽ هر اُهو شخص، جنهن کي خاص طور مٿي ڄاڻايل خدمتن مان ڪنهن خدمت جي انجام ڏيڻ بابت، انصاف جي عدالت طرفان ڪو اختيار ڏنو ويو هجي؛

(e) هر اُهو شخص، جيڪو اهڙو عمدو رکندو هجي، جنهن پٽاندر ڪنهن شخص کي قيدي بنائڻ يا قيد ۾ رکڻ جو ڪيس اختيار مليل هجي؛

(f) [12][حڪومت] جو هر اُهو عمديدار، جنهن تي سندس عمدي پٽاندر واجب هجي، تہ ڏوهن جي روڪٿام ڪري يا سندس واقع ٿيڻ جي ڄاڻُ ڏئي، يا ڏوهارين کي سزا ڏياري يا عوام جي تندرستيءَ يا سلامتيءَ جو بچاءُ ڪندو رهي؛

(g) هر اُهو عمديدار، جنهن تي سندس عمدي پٽاندر واجب هجي، تہ [13][سرڪار] طرفان ڪو مالُ وٺي يا وصول ڪري يا رکي يا وڌائي يا[14][سرڪار] طرفان زمين جي ڪا ماپُ يا ڪوُجنا يا ڪو معاهدو ڪري يا لِڪل مالُ جي ڪنهن حُڪمنامي جي تعميل ڪري يا ناڻي

---

[9] مرڪزي قانون (قانوني سُڌارا) آرڊيننس، 1960ع (1960ع جو XXI)، قلم 3 ۽ ٻئين شيڊيول (14 آڪٽوبر، 1955ع کان هڪدم لاڳو ٿيندڙ) سان "پاڪستان جي انتظامي ملازمت" لاءِ ڦيرڦار ڪئي ويئي، جنهن ۾ "هندستان جي سرڪاري ملازمت" لاءِ 1949ع جي حُڪم سان ڦيرڦار ڪئي ويئي هئي.

[10] ترميمي ائڪٽ، 1934ع (1934ع جو XXXV)، قلم 2 ۽ ٻئين شيڊيول سان "يا سامونڊي" ۾ ڦيرڦار ٿي.

[11] ترميمي ائڪٽ، 1934ع (1934ع جو XXXV)، قلم 22 ۽ شيڊيول سان لفظن "بادشاهہ سلامت، جيستائين شهنشاهيت تحت ملازمت ۾ هجي" ۾ ترميم ٿي، ۽ قانوني حُڪم 1937ع ۾ صدارتي حُڪم 1961ع، آرٽيڪل 2 ۽ شيڊيول (23 مارچ 1956ع تي هڪدم لاڳو ٿيڻ سان) تبديلي ڪئي وئي.

[12] حُڪم جي آرٽيڪل 2 ۽ شيڊيول (23 مارچ 1956ع تي هڪدم لاڳو ٿيڻ سان) "تاجدار" لاءِ تبديلي ڪئي وئي، جنهن ۾ حُڪم 1937ع تحت "حڪومت" ۾ ڦيرڦار ڪئي وئي هئي.

[13] ترميمي ائڪٽ، 1934ع (1934ع جو XXXV)، قلم 2 ۽ ٻئين شيڊيول سان "يا سامونڊي" ۾ ڦيرڦار ٿي.

[14] ساڳيو.

بابت [سرڪاري] مقصدن جي جاچ ڪري يا ڪيفيت لکي يا ڪو دستاويز، جيڪو [15][سرڪاري] مقصدن بابت ناٽي سان ناتو رکندو هجي، تنهن کي سميڙي يا تصديق ڪري يا پاڻ وٽ رکي؛ ۽

(h) هر اُهو عهديدار، جيڪو [16][سرڪاري] ملازم هجي يا قانون موجب مزدوريءَ جي فيس يا ڪميشن وٺندو هجي؛

(18) "قاعدن" جو مطلب اُهي قاعدا ۽ ضابطا آهن، جيڪي ضميمي پهرئين ۾ ڏنا ويا آهن يا جيڪي قلم 122 يا 125 موجب جاٽايا ويا هُجن.

(19) "ڪارپوريشن ۾ شيئر" جو مطلب اسٽاڪ يا ڊيبنچر اسٽاڪ ۽ ڊيبنچر ۽ بانڊز شامل آهن: ۽

(20) "صحيح ٿيل" جو مطلب حُڪمنامي يا ڊِڪريءَ ڪانسواءِ ٻيءَ لِکت ۾ مُهر لڳل شامل هُجي.

قلم 3. ماتحت عدالتون: هن ڪوڊ ۾ مقصدن خاطر ضلعي عدالت، هاءِ ڪورٽ جي ماتحت آهي، ۽ هر اُها ديواني عدالت، جيڪا ضلعي عدالت کان گهٽ درجو رکي ٿي ۽ هر ننڍين مُقدمن جي عدالت، هاءِ ڪورٽ ۽ ضلعي عدالت ٻنهي جي ماتحت آهي.

قلم 4. خاص ڇُوٽ: (1) ڪنهن مُخالف يا اُبتڙ واضح قاعدي ۽ ضابطي جي غيرموجودگيءَ ۾ هن ڪوڊ ۾ جاٽايل ڪنهن به ڳالھ لاءِ نہ سمجهيو ويندو تہ اُها ڪنهن خاص يا مقامي قانون کي گهٽائڻ يا ڪنهن ٻيءَ طرح اثرانداز ٿئي ٿي، جيڪو قانون تنهن وقت يا ڪا خاص حدبندي يا عطا ٿيل اختيارتحت لاڳو هُجي.

(2) خاص ڪري ۽ ذيلي قلم (1) ۾ شامل قاعدن ضابطن جي عموميت سان تعصب ڪانسواءِ، هن ڪوڊ ۾ شامل هئڻ ڪانسواءِ، ڪنهن بہ ڳالھ لاءِ نہ سمجهيو ويندو، تہ اُها حدن کي گهٽائي ٿي يا ڪنهن ٻيءَ طرح ڪنهن اُپاءَ تي اثرانداز ٿئي ٿي، جنهن موجب زميندار يا زمينَ جو مالڪ، پوکيل فصل واري زمين جي مٿي جاٽايل پيداوار تان ڍل وٺڻ بابت ڪنهن لاڳو قانون موجب ڪو عدالتي اُپاءُ وٺڻ چاهيندو هجي.

قلم 5. مٿي جاٽايل ڪوڊ جو روينيو عدالتن تي لاڳو هئڻ: (1) جتي ڪا روينيو عدالت انهيءَ ضابطي جي طريقيڪار جي ضابطن موجب عمل ڪندي هجي، جن تي ڪو قابل لاڳو قانون انهيءَ بابت ماٺ هجي، تہ [17][صوبائي حڪومت] [18][***]، [19][سرڪاري گزيٽ] ۾ نوٽيفڪيشن ذريعي اعلان

---

[15] ساڳيو.

[16] ترميمي ائڪٽ، 1934ع (1934ع جو XXXV)، قلم 2 ۽ ٻئين شيڊيول سان "يا ساموندي" ۾ ڦيرڦار ٿي.

[17] 1937ع جي حُڪم سان لفظ "مقامي حڪومت" ۾ ڦيرڦار ٿي.

[18] لفظ "مرڪز ۾ حڪومت جي اڳواٽ منظوريءَ سان" ڊيوبليوشن ائڪٽ 1920ع (1920ع جو XXXVIII)، قلم 2 ۽ پهرئين شيڊيول، ڀاڱي I تحت خارج ٿيا.

[19] 1937ع جي حُڪم سان لفظن "مقامي سرڪاري گزيٽ" ۾ ڦيرڦار ٿي.

ڪري سگهي ٿي، تہ انهيءَ ضابطي جي طريقيڪار جي مامرن جي ڪنهن حصي، جنهن کي ظاهري طور متن لاڳو نہ ڪيو ويو هُجي، سي اُنهن عدالتن تي لاڳو نہ ٿيندا، يا اُهي رُڳو اهڙي ترميم سان لاڳو ٿيندا، جنهن جي [20][صوبائي حڪومت] [21][***] وضاحت ڪري.

(2) "روينيو عدالت" جو مطلب، ضمني قلم (1) ۾ جاٽايل عدالت آهي، جنهن کي ڪنهن قانون موجب ڀل بابت درخواستن ۽ ڪارروايين يا زمين تي ٿيل قبضي ڇڏائڻ يا خاص زمين جي نفعي يا ڪُرمت جي مقصدن بابت ٻڌڻيءَ جو اختيار مليل هجي، پر انهيءَ ۾ اُها ديواني عدالت شامل نہ آهي، جنهن کي هن ڪوڊ موجب ڪجھ فعلن يا درخواستن يا مٿي جاٽايل مامرن جيان ديواني مُقدمن جي ڪارروايين جي ٻڌڻين جو اختيار مليل هجي.

قلم 6. مالياتي اختيار: انهيءَ ڪانسواءِ، جڏهن انهيءَ خلاف ڪو واضح لکيل حُڪم هجي، تہ هن ڪوڊ جي ڪا عبارت، ڪنهن عدالت کي ڪنهن درخواست جي ٻڌڻيءَ جو اختيار نہ ڏيندي، جنهن ۾ ڪنهن تڪراري شيءِ جو تعداد يا ماليت، انهيءَ نبيري سان (جڏهن ڪو نبيرو هجي) وڌيڪ هجي، جنهن جي ٻڌڻيءَ جو عمومي طور هُن کي اختيار مليل هُجي.

قلم 7. ننڍين مُقدمن جون صوبائي عدالتون: هيٺ جاٽايل قلمَ اُنهن عدالتن، جيڪي ننڍين مقدمن جون عدالتون (Small Causes Courts)، 1887ع پٽاندر جوڙيون ويون هجن [22][***] يا اُنهن عدالتن تي لاڳو نہ ٿيندا، جيڪي ننڍيا مقدما هلائيندڙ عدالت [23][جاٽايل ائڪٽ موجب نميل هئڻ] جا اختيار رکندي هجي، يعني:

(a) مٿي جاٽايل ڪوڊ جو گهڻو حصو لاڳاپو رکندو هُجي، جيڪو:

(i) اُنهن مُقدمن بابت هُجي، جن کي ننڍيا مُقدما هلائيندڙ عدالت جي ٻڌڻيءَ کان آجو ڪونہ ڪيو ويو هُجي.

(ii) اهڙن مُقدمن ۾ ڊِڪريءَ جو جاري ٿيڻ؛

(iii) غير متحرڪ ملڪيت خلاف ڊِڪريون جاري ٿيڻ؛ ۽

(b) هيٺ جاٽايل قلمَ يعني-

قلم 9،

قلم 91 ۽ 92،

---

[20] 1937ع جي حُڪم سان لفظ "مقامي حڪومت" ۾ ڦيرقار ٿي.

[21] لفظ "مٿي جاٽايل منظوريءَ سان" ڊيويليوشن ائڪٽ 1920ع (1920ع جو XXXVIII)، قلم 2 ۽ پهرئين شيڊيول، ڀاڱي I تحت خارج ٿيا.

[22] لفظ ۽ انگ اکر "يا بيراڙ سمال ڪاز ڪورٽ لاز 1905ع تحت" جنهن کي بيراڙ لاز ائڪٽ 1941ع (1941ع جو IV)، قلم 2 ۽ ٻئي شيڊيول تحت شامل ڪيو ويو، تنهن کي 1949ع جي حُڪم سان خارج ڪيو ويو.

[23] اصلي لفظن "ائڪٽ تحت" ۾ 1941ع جي ائڪٽ 4، قلم 2 ۽ ٻئي شيڊيول سان پهرئين تبديلي ٿي ۽ پوءِ 1949ع جي حُڪم سان ترميم ٿي.

قلم 94 ۽ 95 [24][جيستائين اُهي هيٺ ڄاڻايل حُڪمن جو اختيار ڏين، يا ساڻن سندن لاڳاپو هجي:

(i) غير مُتحرڪ ملڪيت جي ضبطگيءَ جا حُڪمَ،

(ii) عارضي منعناما،

(iii) غير مُتحرڪ ملڪيت لاءِ ريسيور جي مُقرري، يا

(iv) قانوني عمل جي ڪارروائي دؤران حُڪم، جنهن جو حوالو قلم 94 جي شِق (e)] ۽ قلم 96 کان 112 ۽ 115 ۾ ڏنل هجي.

قلم 8: [پريزيڊنسي سمال ڪاز ڪورٽس]. [25][***]

[24] سمال ڪاز ڪورٽس (غير متحرڪ ملڪيت جي ضبطگي) ائڪٽ 1926ع (1926ع جو 1) قلم 3 تحت "جيستائين اُهي منعنامن ۽ قانوني عمل جي ڪارروائي دوران حُڪمن سان لاڳاپو رکن ٿا" ۾ ڦيرڦار ٿي.

[25] 1949ع جي حُڪم سان خارج ٿيو.

ڀاڱو ـ1

عام مُقدما

عدالتن جي ٻُڌڻيءَ جو اختيار ۽ فيصلو ٿيل مامرو

قلم 9. ديواني عدالتن کي، ٻُڌڻيءَ جي روڪٽام ٿيل درخواستن کانسواءِ، سمورن ديواني مُقدمن جي ٻُڌڻيءَ جو اختيارَ: هيءُ حُڪم جاٽايل ڪوڊ تحت عدالتن کي (اُنهن شرطن پٽاندر جيڪي هتي لکيل آهن) اُنهن مُقدمن کانسواءِ، جن جي واضح طور يا مفهوم ۾ ٻُڌڻيءَ جي روڪَ ٿيل هجي. سمورن ديواني قسمن جي مُقدمن جي ٻُڌڻيءَ جو اختيار مليل آهي.

وضاحت: جنهن مُقدمي ۾ تڪرار، ڪنهن ملڪيت يا ڪنهن عهدي جي حق بابت هجي، سو ديواني قسم جو مُقدمو هجي ٿو پوءِ ڀلي انهيءَ حَقُ جو آڌار اهڙن اعتراضن تي ٻَڌل ٿي سگهي ٿو جيڪي ڪنهن مذهبي رسم توڙي رواج جي فيصلي سان ناتو رکندا هجن.

قلم 10. مُقدمي ۾ روڪَ: ڪابہ عدالت ڪنهن اهڙي مُقدمي جي ٻُڌڻيءَ جي ڪارروائي شروع نہ ٿي ڪري سگهجي، جنهن ۾ ڪنهن عدالت ۾ هلندڙ مامرو پڻ سِڌيءَ ريت ۽ اصل ۾ اُهو هجي، جيڪو ڪنهن ٻئي اڳ ۾ داخل ڪيل اهڙي مقدمي ۾ هُجي، جيڪو ساڳين ڌرين يا اُنهن شخصن جي وچ ۾ هلندڙ هجي، جنهن تحت اُهي جاٽايل شخصَ يا ڪجهہ منجهس دعويدار هُجن ۽ انهيءَ تي حَقُ رکندا هُجن. جتي اهڙو مقدمو [26][پاڪستان] جي عدالت ۾، يا ڪنهن ٻيءَ عدالت ۾ ٻُڌڻيءَ هيٺ هجي، جنهن جي [27][پاڪستان] جي حدن کان ٻاهر [28][وفاقي حڪومت [29]***] طرفان جوڙجڪ ڪئي وئي هجي، يا ناهيو يا جوڙيو ويو هجي ۽ جنھ اُهو مُقدمو [30][سُپريم ڪورٽ] ۾ هلندڙ هُجي يا انهيءَ جي حد ۾ هجي.]

وضاحت: ڪنهن پرڏيهي عدالت ۾ تعطل هيٺ مُقدمي کي، [31][پاڪستان] ۾ ٺهيل عدالتن ۾ ٻُڌڻيءَ کان نٿو روڪيو وڃي، جنهن ۾ ڪارروائيءَ جو سبب ساڳيو هجي.

قلم 11. فيصلو ٿيل مُقدمو: ڪابہ عدالت ڪنهن اهڙي مُقدمي جي ٻُڌڻي شروع يا منعنامو جاري نہ ڪندي، جنهن ۾ اُهو مُقدمو، جيڪو واضح طور ۽ اصل ۾ ڪنهن اڳوڻي مُقدمي ۾ موجود ڌرين جي وچ ۾ يا اهڙين ڌرين جي وچ ۾ هجي. جنهن تحت اُهي يا منجهانئن ڪوبہ شخصَ. ساڳيءَ جواز تحت اهڙي عدالت ۾ مُقدمو يا دعويٰ داخل ڪن. جيڪا اهڙي مُقدمي ۾ ٻُڌڻيءَ جو اختيار رکندي هجي، يا اهڙو مُقدمو

---

[26] مرڪزي قانونن (قانوني سُڌارا) آرڊيننس 1960ع (1960ع جو XXI)، قلم 3 ۽ ٻئي شيڊيول (14 آڪٽوبر 1955ع کان هڪدم لاڳو) تحت "وفاق جي راڄڌاني تحت صوبن" ۾ تبديلي ٿي. جنهن ۾ "برطانوي هندستان" لاءِ حُڪم 1949ع سان ڦيرقار ٿي هئي.

[27] ساڳيو.

[28] حُڪم 1937ع تحت "مرڪز ۾ حڪومت" ۾ تبديلي ٿي.

[29] لفظن "يا تاجدار جي نمائندگي" کي حُڪم 1949ع سان خارج ڪيو ويو.

[30] صدارتي حُڪم 1961ع، آرٽيڪل 2 ۽ شيڊيول (23 مارچ 1956ع کان هڪدم لاڳو) تحت "هزمئجسٽيءِ ان ڪائونسل" ۾ تبديلي ٿي.

[31] مرڪزي قانونن (قانوني سُڌارا) آرڊيننس 1960ع (1960ع جو XXI)، قلم 3 ۽ ٻئي شيڊيول (14 آڪٽوبر 1955ع کان هڪدم لاڳو) تحت "وفاق جي راڄڌاني تحت صوبن" ۾ تبديلي ٿي. جنهن ۾ "برطانوي هندستان" ۾ حُڪم 1949ع سان ڦيرقار ٿي هئي.

جنهن ۾ اهڙي مامري تي زور ڏنو ويو هُجي، ۽ اهڙي عدالت طرفان انهيءَ کي ٻڌو ويو هجي يا فيصلو ڏنو ويو هُجي.

وضاحت I: ”اڳوڻو مقدمو“ جي لکت جو مطلب اهڙو مُقدمو هوندو، جنهن جو عدالت ۾ داخل مُقدمي کان اڳ ۾ فيصلو ڪيو ويو هُجي، پوءِ پلي اڳ ۾ انهيءَ جي ڪارروائي شروع ٿي هجي يا نہ.

وضاحت II: انهيءَ قلم جي مقصدن لاءِ، ڪنهن عدالت جي قابليت جو ڪِن قاعدن ضابطن جي فرق کانسواءِ فيصلو ڪيو ويندو، تہ اهڙي عدالت جي فيصلي تي اپيل جو حق آهي يا نہ.

وضاحت III: مٿي حوالو ڏنل مامري جو اڳوڻي مقدمي ۾، هڪڙي ڌر يا ٻنهي ڌرين طرفان هنيل تُهمت جو لکت ۾ يا قياسي طور، ٻيءَ ڌر طرفان انڪار ڪيو يا مڃيو ويو هُجي.

وضاحت IV: اُهو مامرو، جنهن کي اهڙي اڳوڻي مُقدمي ۾ بچاءُ يا تُهمت جي بنياد تي داخل ڪيو ويو هُجي، تنهن لاءِ سمجهيو ويندو، تہ اُهو سِڌيءَ طرح يا دستاويزي طور اهڙي مُقدمي ۾ حقيقي مامرو آهي.

وضاحت V: درخواست ۾ ڪيل دعويٰ تي ڪا امداد، جنهن جي ڊِڪريءَ جي، لکت ۾ منظوري نہ ڏني وئي هجي، تنهن کي انهيءَ قلم جي مقصدن لاءِ سمجهيو ويندو تہ اُن کان انڪار ڪيو ويو آهي.

وضاحت VI: جتي ڪجهہ شخصن عوامي حق يا نجي حق جي ڏس ۾ نيڪ نيتيءَ سان مُقدمو داخل ڪيو هُجي، جنهن ۾ پنهنجي پاڻُ ۽ ٻين لاءِ عام مفاد جي دعويٰ ڪئي وئي هُجي، تہ اهڙي حق ۾ چاهہ رکندڙ سمورن شخصن کي، ان قلم جي مقصدن لاءِ سمجهيو ويندو، تہ هُنن اهڙن شخصن وسيلي ايئن مقدمو داخل ڪيو آهي.

قلم 12. وڌيڪ مُقدمي جي روڪ: (1) جڏهن دعويدار کي قاعدن پٽاندر ڪنهن خاص دعويٰ پٽاندر نئون مُقدمو داخل ڪرڻ کان روڪيو ويو هجي، تہ انهيءَ کي اِهو حق نہ هوندو، تہ ڪنهن عدالت ۾، جنهن تي اِهو ڪوڊ (ديواني) لاڳو ٿيندو هجي، انهيءَ دعويٰ آڌار مُقدمو داخل ڪري.

[32][(2) جڏهن ڪو شخص عدالت جي ڏنل فيصلي، ڊِڪري يا حُڪم جي بهاني تي دوکي جي آڌُ غلط بيانيءَ يا ٻُڌٽيءَ جي اختيار جي کوٽ تي اعتراض ڪري، تہ انهيءَ لاءِ ضروري آهي، تہ انهيءَ عدالت ۾ درخواست ڏئي، جنهن ۾ آخري فيصلو ڏنو ويو هجي يا ڊِڪري يا حُڪم جاري ٿيو هجي، نہ کي اُهو ڌار مُقدمو داخل ڪري.]

قلم 13. جڏهن پرڏيهي فيصلو نتيجو ڏيندڙ نہ هجي: پرڏيهہ ۾ اهڙي مامري بابت ٿيل فيصلو قطعي هوندو، جيڪو انهيءَ پٽاندر واضح طور اُنهن ساڳين ڌرين يا اُنهن ڌرين جي وچ ۾، جنهن تحت اُهي يا منجهائنئن ڪو هڪڙو ساڳيءَ عنوان تحت مُقدمي ۾ دعويٰ رکندو هُجي، اُن کانسواءِ:-

(a) جڏهن بااختيار عدالت انهيءَ تي فيصلو نہ ٻُڌايو هجي؛

(b) جڏهن اُهو فيصلو ڪارروائيءَ موجب نہ ٿيو هجي؛

---

[32] 1980ع جي آرڊيننس X سان شامل ٿيو.

(c) جڏهن مُقدمي جي ڪارروائي مان پڌرو ٿئي، تہ اُها ڪارروائي ڪنهن عالمي قانون جي غلط نظريي يا تشريح تي ٻڌل آهي يا اُنهن حالتن ۾ [33][پاڪستان] جي قانون کي مڃڻ کان انڪار ڪيو ويو هجي، جتي اهڙو قانون لاڳو ٿيڻ جوڳو هجي؛

(d) جڏهن ڪنهن ڪارروائيءَ تحت ٿيل فيصلو انصاف جي فطرت ۽ جوهر خلاف هجي؛

(e) جڏهن اُهو فيصلو دوکي سان ڪيو ويو هجي؛ يا

(f) جڏهن اُهو فيصلو اهڙي دعويٰ پٽاندر ٿيو هُجي، جيڪا ڪنهن اهڙي قانون جي ڀڃڪڙي تي ٻڌل هجي، جيڪو [34][پاڪستان] ۾ لاڳو ٿيل هُجي.

قلم 14. پرڏيهي عدالت جي فيصلي بابت قياس: جڏهن ڪو دستاويز سامهون آندو وڃي، جنهن مان پڌرو ٿيندو هجي، تہ اُهو سچو نقل ڪنهن پرڏيهي عدالت جي فيصلي جو آهي، تہ عدالت قياس ڪندي، تہ جنهن فيصلي جو اُهو نقل آهي، سو ڪنهن بااختيار عدالت طرفان ٻڌايو ويو آهي، ايستائين جو انهيءَ کي اُن جي اُبتڙ نہ ڄاتو وڃي، پر ڄاڻايل عدالت جي ٻڌڻيءَ جو اختيار نہ هئڻ جو ثبوت ڏيڻ سان، اهڙي قياس جو خاتمو ٿي سگهي ٿو.

مقدمي داخل ڪرڻ جي جڳهہ

قلم 15. اُها عدالت، جنهن ۾ مُقدمو داخل ڪيو ويندو: هر مُقدمو سڀني کان هيٺئين درجي جي عدالت ۾ جيڪا انهيءَ جي ٻڌڻيءَ جو اختيار رکندي هجي، تنهن ۾ داخل ڪيو ويندو.

قلم 16. مُقدمو اُتي داخل ڪيو ويندو جتي تڪراري مامرو واقع ٿيو هجي: ماليت جي تعداد جي پابندين يا ٻين پابندين تي مُقدما، جيڪي ڪنهن قانون پٽاندر مُقرر ڪيون ويون هجن:

(a) ملڪيت ۽ منتقل نہ ٿيندڙ ملڪيت سميت يا ڍل بغير يا نفعي لاءِ؛

(b) منتقل نہ ٿيندڙ ملڪيت جي ورڇ لاءِ؛

(c) منتقل نہ ٿيندڙ ملڪيت تي گِروي يا نيلام تي آيل خرچن جي حالت يا ڪنهن ٻئي مسئلن جي خاتمي لاءِ؛

(d) ڪنهن حق يا بخشش يا نيلام يا گِروي ۾ رکيل منتقل نہ ٿيندڙ ملڪيت جي نبيري ڪرائڻ لاءِ؛

(e) منتقل نہ ٿيندڙ ملڪيت کي جيڪو نُقصان پُهتو هجي، تنهن جي پوراءَ لاءِ؛

(f) منتقل نہ ٿيندڙ ملڪيت ماڻڻ لاءِ جيڪا تنهن وقت سرڪاري تحويل يا ضبطگيءَ ۾ هجي.

انهيءَ عدالت ۾ داخل ڪيا ويندا، جنهن جي ٻڌڻيءَ جي اختياري حدن منجهہ ملڪيت موجود هجي [35][يا اُنهن مقدمن جي حالت ۾، جن جو حوالو شِق (c) ۾ ڏنو ويو انهيءَ ماڳ تي، جتي فعل جو مڪمل يا جُزوي سبب ٿيو هجي]

[33] مرڪزي قانونن (قانوني شڌارا) آرڊيننس 1960ع (1960ع جو XXI)، قلم 3 ۽ ٻئي شيڊيول (14 آڪٽوبر 1955ع کان هڪدم لاڳو) تحت "وفاق جي راڄڌاني تحت صوبن" ۾ تبديلي تي، جنهن ۾ "برطانوي هندستان" ۾ ترميم 1949ع سان ڦيرقار ٿي هئي.

[34] ڏسو مٿيون حوالو ساڳيو.

پر شرط هيءَ آهي، جيڪو مقدمو اهڙي منتقل نہ ٿيندڙ ملڪيت ماڻ بابت يا اهڙي منتقل نہ ٿيندڙ ملڪيت جي نقصان جي معاوضي جو هجي، جيڪو دعوي ڪندڙ جي مخالف جي قبضي ۾ هجي يا دعوي ڪندڙ جي مخالف لاءِ ڪنهن ٻئي جي قبضي ۾ هجي ۽ پاڻ دعوي ڪندڙ جي حُڪم جي تعميل سان ڪيس سموري قانوني سمائتا ملڻ ممڪن هجي، تہ جائز آهي، تہ انهيءَ عدالت ۾، جنهن جي علائقي جي ايراضي وارين حدن ۾ ملڪيت موجود هجي، [36][يا اُنهن مُقدمن جي حالت ۾، جن جو حوالو شِق (c) ۾ ڏنو ويو آهي، انهيءَ جڳهہ تي جتي فعل جو مڪمل يا جُزوي سبب ٿيو هجي،] يا انهيءَ عدالت ۾ داخل ڪيو وڃي، جتي انهيءَ عدالت کي ٻڌڻيءَ جو اختيار مليل هجي، جتي دعوي ڪندڙ حقيقي يا عارضي طور رهندو هجي، يا ڪاروبار ڪندو هجي، يا ذاتي طور پاڻ نفعو ماڻ لاءِ ڪم ڪندو هجي.

وضاحت: هن قلم ۾ ملڪيت جي لفظ جو مطلب اُها ملڪيت آهي، جيڪا [37][پاڪستان] ۾ موجود هجي.

قلم 17. اهڙي منتقل نہ ٿيندڙ ملڪيت بابت مُقدمو جيڪا مختلف عدالتن جي اختياريءَ وارن علائقن ۾ موجود هجي: جيڪڏهن مُقدمو اهڙي منتقل نہ ٿيندڙ ملڪيت جي قانوني سمائتا بابت يا اهڙي منتقل نہ ٿيندڙ ملڪيت جي نقصان جي معاوضي بابت هجي، جيڪا گهڻين عدالتن جي اختياريءَ وارن علائقن ۾ موجود هجي، تہ جائز آهي، تہ مُقدمو انهيءَ عدالت ۾ داخل ڪيو وڃي، جنهن جي اختياريءَ وارن علائقن ۾ انهيءَ ملڪيت جو ڪو حصو موجود هجي.

پر شرط هيءَ آهي، تہ تڪراري مامري جي ماليت لاءِ سمورو مُقدمو اهڙي عدالت جي اختياريءَ واري علائقي ۾ هجي.

قلم 18. مُقدمي داخل ڪرڻ جي جڳهہ، جتي عدالت جي قانوني ڪارروائيءَ جون مقامي حدون غيريقيني هجن: (1) جڏهن بہ يا وڌيڪ عدالتن منجهان ڪنهن مقامي اختيارين جي حدن ۾ ڪا منتقل نہ ٿيندڙ ملڪيت موجود هجي، تنهنڪري غيريقيني بابت مُقدمو داخل ڪيو وڃي، يا اهڙين عدالتن منجهان ڪنهن هڪ عدالت کي جيڪڏهن انهيءَ مامري بابت آئت ٿي وڃي، تہ تڪراري غيريقينيءَ جا سبب موجود آهن، تہ انهيءَ مامري بابت بيان لکڻ کانپوءِ، انهيءَ ملڪيت بابت تحقيق ۽ فيصلو ڪندي ۽ انهيءَ ڊِڪريءَ يا حُڪم جو اُهو ئي اثر ٿيندو جڻ اُها ملڪيت انهيءَ عدالت جي اختياريءَ واري علائقي ۾ هجي.

پر شرط هيءَ آهي، تہ انداز ۽ ماليت پٽاندر اُهو مُقدمو اهڙو هجي، جو عدالت کي انهيءَ جي ٻڌڻيءَ جو اختيار مليل هجي.

---

[35] سِول پروسيجر ڪوڊ (ترميم) آرڊيننس 1962ع (1962ع جو XLIV)، قلم 6، 7 جون 1962ع کان لاڳو هئڻ تحت شامل ٿيو.

[36] ڏسو مٿيون حوالو ساڳيو.

[37] مرڪزي قانونن (قانوني شڌارا) آرڊيننس 1960ع (1960ع جو XXI)، قلم 3 ۽ ٻئي شيڊيول (14 آڪٽوبر 1955ع کان هڪدم لاڳو) تحت "وفاق جي راجڌاني تحت صوبن" ۾ تبديلي ٿي، جنهن ۾ "برطانوي هندستان" ۾ حُڪم 1949ع سان قيرقار ٿي هئي.

قلم 19. شخص يا مُنتقل ٿيندڙ ملڪيتن جي نقصان بابت معاوضي جا مُقدما: جڏهن شخص يا مُنتقل ٿيندڙ ملڪيتن جي نقصان بابت معاوضي جو مُقدمو هجي، تہ جيڪڏهن اُهو نقصان ڪنهن عدالت جي اختياريءَ واري علائقي ۾ ٿيو هجي ۽ دعويٰ ڪندڙ عدالت جي اختياريءَ واري علائقي ۾ رهندو هجي يا ڪاروبار ڪندو هجي يا نفعي لاءِ شخصي طور پاڻ ڪم ڪندو هجي، تہ دعويٰ ڪندڙ کي اختيار مليل آهي، تہ پنهنجي مرضيءَ موجب پنهي عدالتن مان، جنهن ۾ چاهي، مُقدمو داخل ڪري.

مثالَ

(a) الف جيڪو [38][ڪراچيءَ] ۾ رهي ٿو عُمر کي [39][ڍاڪا] ۾ مارڪُٽ ڪئي، تہ جائز آهي، تہ عُمر [40][ڍاڪا] يا [41][ڪراچيءَ] ۾، جتي چاهي الف خلاف مُقدمو داخل ڪري.

(b) الف جيڪو [42][ڪراچيءَ] ۾ رهي ٿو [43][ڍاڪا] ۾ عمر کي بدنام ڪرڻ لاءِ ڪُوڙيون خبرون ڇپرايون، تہ جائز آهي، تہ عمر [44][ڪراچيءَ] ۾ الف تي مُقدمو داخل ڪري يا [45][ڍاڪا] ۾.

قلم 20. ٻيا مُقدما اُتي داخل ٿيڻ گهرجن، جتي دعويٰ ڪندڙ رهندو هجي يا جتي تڪرار ٿيو هجي: مٿي ڄاڻايل پابندين ۾ رعايت طور ٻيا مُقدما انهيءَ عدالت ۾ داخل ڪيا ويندا، جنهن جي اختياريءَ واري علائقي جي حدن ۾:

(a) دعويٰ داخل ڪندڙ يا دعويٰ داخل ڪندڙن منجهان ڪو هڪ دعويٰ داخل ڪرڻ وقت اُتي مُستقل ۽ عارضي طور رهندو هجي يا ڪاروبار ڪندو هجي يا نفعي ماٽڻ لاءِ شخصي طور پاڻ ڪو ڪم ڪندو هجي؛ يا

(b) جيڪڏهن گهڻن دعويٰ داخل ڪندڙن منجهان ڪو هڪ، جتي دعويدار هڪ کان وڌيڪ هجن، داخل ڪيل دعويٰ وقت مُستقل يا عارضي رهندا هجن يا ڪاروبار ڪندا هجن يا نفعي لاءِ شخصي طور پاڻ ڪو ڪم ڪندا هجن، پر شرط هيءَ آهي تہ انهيءَ حالت ۾ عدالت اهڙي داخل ڪيل مُقدمي جي اجازت ڏئي، يا اُهي گهڻا دعويٰ داخل ڪندڙ جيڪي مٿي ڄاڻايل جڳهہ تي نہ رهندا هجن يا ڪاروبار نہ ڪندا هجن، يا نفعي لاءِ شخصي طور

---

[38] مرڪزي قانونَ (قانوني سُڌارا) آرڊيننس 1960ع (1960ع جو XXI) قلم 3 ۽ ٻيو شيڊيول (14 آڪٽوبر 1955ع کان لاڳو) تحت "دهلي" لاءِ قيرقار ٿي.

[39] ڏسو حوالو ساڳيو. (14 آڪٽوبر 1955ع کان لاڳو) تحت "ڪلڪتو" لاءِ قيرقار ٿي.

[40] ڏسو حوالو ساڳيو.

[41] ڏسو مٿيون حوالو ساڳيو. (14 آڪٽوبر 1955ع کان لاڳو) تحت "دهلي" لاءِ قيرقار ٿي.

[42] ڏسو مٿيون حوالو ساڳيو.

[43] ڏسو مٿيون حوالو ساڳيو. (14 آڪٽوبر 1955ع کان لاڳو) تحت "ڪلڪتو" لاءِ قيرقار ٿي.

[44] ڏسو مٿيون حوالو ساڳيو.

[45] ڏسو مٿيون حوالو ساڳيو. (14 آڪٽوبر 1955ع کان لاڳو) تحت "دهلي" لاءِ قيرقار ٿي.

خاص ڪم نہ ڪندا هجن. جيئن تہ مٿي ذڪر ڪيو ويو تہ اهڙي رهائش بابت مُستقل يا عارضي رهائش اختيار ڪن. يا

(c) داخل ڪيل دعويٰ جو سبب ڪُلي يا جُزوي طور پيدا ٿيو هجي.

تشريح I: جنهن حال ۾ ڪو شخص مُستقل رهائش هڪڙي جڳهہ تي رکندو هجي ۽ ٻيءَ جڳهہ تي عارضي رهندو هجي، تہ ڪنهن داخل ڪيل دعويٰ بابت، جيڪا هُن جي ڪجهہ ڏينهن لاءِ رهڻ جي جڳهہ تي واقع ٿي هجي، اِهو سمجهيو ويندو تہ هو ٻنهي جڳهين تي رهي ٿو.

تشريح II: ڪنهن رجسٽرڊ ٽيل ڪارپوريشن لاءِ سمجهيو ويندو تہ اُها [46][پاڪستان] ۾ پنهنجي مُک آفيس يا هنڌ تان ڪاروبار ڪري ٿي، يا ڪنهن داخل ڪيل دعويٰ بابت، جنهن جاٽايل جماعت جي ڪا ماتحت آفيس پڻ هجي، تہ انهيءَ آفيس مان ڪاروبار هلائڻ سمجهيو ويندو.

مثالَ

(a) الف هڪڙو واپاري، [47][ڍاڪا] ۾ آهي. ب [48][ڪراچيءَ] ۾ ڪاروبار ڪري ٿو. ب [49][ڍاڪا] ۾ موجود پنهنجي گُماشتي معرفت الف کان مالُ خريد ڪيو ۽ الف کي لکيو تہ هو مالُ [50][پاڪستان انٽرنيشنل ايئرويز ڪمپنيءَ] کي سونپي ڇڏي. الف انهيءَ موجب [51][ڍاڪا] ۾ مال سونپيو. تہ جائز آهي، تہ الف مالُ جي قيمت بابت [52][ڍاڪا] ۾، جتي دعويٰ داخل ڪرڻ جو سبب پيدا ٿيو آهي، يا پلي [53][ڪراچيءَ] ۾، جتي ب ڪاروبار ڪري ٿو ب تي مُقدمو داخل ڪري.

(b) الف [54][مَريءَ] ۾ رهي ٿو ۽ ب [55][ڍاڪا] ۾ ۽ ب [56][ڪراچيءَ] ۾. اُهي ٽيئي ڄڻا الف، ب ۽ ب [57][بهاولپور] ۾ گڏ ٿيا، ۽ ب ۽ ب گڏجي هڪڙو پراميسري نوٽ، جيڪو گهرڻ تي ڏيڻ

[46] مرڪزي قانون (قانوني سُڌارا) آرڊيننس 1960ع (1960ع جو XXI)، قلم 3 ۽ ٻئي شيڊيول (14 آڪٽوبر 1955ع کان هڪدم لاڳو) تحت "وفاق جي راڄڌاني تحت صوبن" ۾ تبديلي ٿي، جنهن ۾ "برطانوي هندستان" ۾ حُڪم 1949ع سان ڦيرڦار ٿي هئي.

[47] مرڪزي قانون (قانوني سُڌارا) آرڊيننس 1960ع (1960ع جو XXI) قلم 3 ۽ ٻيو شيڊيول (14 آڪٽوبر 1955ع کان لاڳو) تحت "ڪلڪتو" لاءِ ڦيرڦار ٿي.

[48] ڏسو مٿيون حوالو ساڳيو. آرڊيننس 1960ع (1960ع جو XXI)، شيڊيول (14 آڪٽوبر 1955ع کان لاڳو) تحت "دهلي" لاءِ ڦيرڦار ٿي.

[49] ڏسو مٿيون حوالو ساڳيو. (14 آڪٽوبر 1955ع کان لاڳو) تحت "ڪلڪتو" لاءِ ڦيرڦار ٿي.

[50] ڏسو مٿيون حوالو ساڳيو. (14 آڪٽوبر 1955ع کان لاڳو) تحت "ايسٽ انڊين ريلوي ڪمپني" لاءِ ڦيرڦار ٿي.

[51] ڏسو مٿيون حوالو ساڳيو. آرڊيننس 1960ع (1960ع جو XXI)، (14 آڪٽوبر 1955ع کان لاڳو) تحت "ڪلڪتو" لاءِ ڦيرڦار ٿي.

[52] ڏسو مٿيون حوالو ساڳيو.

[53] ڏسو مٿيون حوالو ساڳيو. آرڊيننس 1960ع (1960ع جو XXI)، شيڊيول (14 آڪٽوبر 1955ع کان لاڳو) تحت "دهلي" لاءِ ڦيرڦار ٿي.

[54] مرڪزي قانونَ (قانوني سُڌارا) آرڊيننس 1960ع (1960ع جو XXI) قلم 3 ۽ ٻيو شيڊيول (14 آڪٽوبر 1955ع کان لاڳو) تحت "شِملا" لاءِ ڦيرڦار ٿي.

[55] ڏسو مٿيون حوالو ساڳيو. آرڊيننس 1960ع (1960ع جو XXI)، (14 آڪٽوبر 1955ع کان لاڳو) تحت "ڪلڪتو" لاءِ ڦيرڦار ٿي.

[56] ڏسو مٿيون حوالو ساڳيو. آرڊيننس 1960ع (1960ع جو XXI)، (14 آڪٽوبر 1955ع کان لاڳو) تحت "دهلي" لاءِ ڦيرڦار ٿي.

جوڳو هو لکي الف کي سونپيو، تہ جائز آهي، تہ الف، ب ۽ ب تي [58][بهاولپور] ۾ مُقدمو داخل ڪري، ڪارروائي جو سبب پيدا ٿيو. هُو اُنهن جي خلاف [59][ڍاڪا] ۾ پڻ مُقدمو داخل ڪري سگهي ٿو. جتي ب رهي ٿو يا [60][ڪراچيءَ] ۾، جتي ب رهي ٿو پر اُنهن ٻنهي حالتن ۾ جيڪڏهن اُهو دعوي داخل ڪندڙ جيڪو اُتي نٿو رهي، اعتراض ڪري، تہ مُقدمو اجازت بغير عدالت ۾ هلي نہ سگهندو.

قلم 21. مُقدمي جي ٻُڌڻيءَ جي عدالتي اختيار بابت اعتراض: مُقدمي جي ٻُڌڻيءَ جي عدالتي اختيار بابت ڪنهن اپيليٽ يا نظرثانيءَ واريءَ عدالت طرفان ڪو اعتراض منظور نہ نيندو جيستائين اهڙو ابتدائي اعتراض سيني ڪان اڳ امڪاني موقعي ۽ سمورن مُقدمن ۾، جتي مُقدمن جو اهڙي نبيري مهل يا اڳ ۾ فيصلو نہ ٿي وڃي، ۽ جيستائين انهيءَ سبب انصاف ملڻ ۾ ناڪامي نہ ٿي هجي.

قلم 22. اهڙن مُقدمن جي مُنتقليءَ جو اختيار، جيڪي هڪ ڪان وڌيڪ عدالتن ۾ داخل ٿي سگهن: جيڪڏهن ڪو مُقدمو ٻن يا ٻن ڪان وڌيڪ عدالتن مان ڪنهن هڪڙي عدالت ۾ داخل ٿي سگهندو هجي، تہ منجهانئن ڪنهن هڪ ۾ داخل ڪيو وڃي، تہ ڪو دعوي داخل ڪندڙ ٻيءَ ڌُر کي لکت ۾ جاڻ ڏيئي ۽ سيني ڪان اڳ ۾ موقعي ۽ سمورين حالتن ۾ وقتائتو يا اڳ ۾ روڪتام وارن مامرن جي نمراءَ جي مقدمي کي ڪنهن عدالت ۾ مُنتقل ڪرڻ جي درخواست ڏيئي سگهي ٿو ۽ جنهن عدالت ۾ اها درخواست داخل ڪئي وڃي، سا ڌُرين جي دعوي (جيڪڏهن دعوي داخل ڪئي وڃي) تي ويچارڻ ڪانپوءِ اهو مامرو نبيريندي، تہ مُقدمي جي ٻُڌڻي اُنهن گهڻين بااختيار عدالتن منجهان ڪهڙي عدالت ۾ ڪئي وڃي.

قلم 23. ڪهڙيءَ عدالت ۾ مُقدمو داخل ڪيو ويندو: (1) جيڪڏهن ڪجهہ عدالتون، جن کي اختيارَ مليل هجن، ساڳيءَ اپيل واريءَ عدالت جي ماتحت هُجن، تہ درخواست قلم 22 پٽاندر اپيل واريءَ عدالت ۾ داخل ڪئي ويندي.

(2) جيڪڏهن اهڙيون عدالتون، اپيل جي مختلف عدالتن جي ماتحت، پر ساڳيءَ هاءِ ڪورٽ جي ماتحت هجن، تہ درخواست هاءِ ڪورٽ ۾ داخل ڪئي ويندي.

(3) جيڪڏهن اهڙيون عدالتون، مختلف هاءِ ڪورٽن جي ماتحت هجن، تہ درخواست انهيءَ هاءِ ڪورٽ ۾ داخل ڪئي ويندي، جنهن جي اختياري علائقي ۾ اُها عدالت موجود هجي، جتي مُقدمو داخل ڪيو وڃي.

قلم 24. مُقدمي جي مُنتقليءَ ۽ واپس ورڻ جو عام اختيارَ: (1) ڌُرين منجهان ڪنهن بہ هڪ ڌُر جي درخواست تي، ۽ ڌُرين ڏانهن نوٽيس موڪلڻ ڪانپوءِ، ۽ سندن مرضيءَ موجب ڪين ٻُڌڻ ڪانپوءِ، يا اهڙي نوٽيس ڪيڻ ڪانسواءِ پنهنجي تحرڪ تي، هاءِ ڪورٽ يا ضلعي عدالت کي ڪنهن بہ ڏاڪي تي اختيار مليل آهي-

---

[57] ڏسو مٿيون حوالو ساڳيو. آرڊيننس 1960ع (1960ع جو XXI)، (14 آڪٽوبر 1955ع کان لاڳو) تحت "بنارس" لاءِ ڦيرڦار ٿي.

[58] ڏسو مٿيون حوالو ساڳيو.

[59] ڏسو مٿيون حوالو ساڳيو. آرڊيننس 1960ع (1960ع جو XXI)، (14 آڪٽوبر 1955ع کان لاڳو) تحت "ڪلڪتو" لاءِ ڦيرڦار ٿي.

[60] ڏسو مٿيون حوالو ساڳيو. آرڊيننس 1960ع (1960ع جو XXI)، (14 آڪٽوبر 1955ع کان لاڳو) تحت "دهلي" لاءِ ڦيرڦار ٿي.

(a) ڪنهن مُقدمي يا اپيل يا ٻئي مُقدمي جي ڪارروائي کي، جيڪو انهيءَ جي روبرو داخل ڪيو ويو هجي، ڪارروائي يا فيصلي لاءِ ڪنهن ماتحت عدالت ڏانهن مُنتقل ڪري، جيڪا انهيءَ جي ٻُڌڻي ڪري سگهندي هجي يا انهيءَ جو فيصلو ڪري؛ يا

(b) ڪنهن ماتحت عدالت ۾ التوا ۾ پيل ڪنهن مُقدمي يا اپيل يا ٻئي مُقدمي جي ڪارروائيءَ کي واپس گهرائي وٺي؛ ۽

(i) انهيءَ جي ٻُڌڻيءَ جو فيصلو پاڻُ ڪري؛ يا

(ii) انهيءَ جي ٻُڌڻيءَ يا فيصلي لاءِ ڪنهن ماتحت عدالت وٽ مُنتقل ڪري يا انهيءَ جو فيصلو پاڻُ ڪري؛ يا

(iii) انهيءَ جي ٻُڌڻي يا فيصلي لاءِ انهيءَ عدالت ۾ واپس موڪلي جتان انهيءَ کي گهرايو ويو هجي.

(2) جيڪڏن ڪو مُقدمو يا ڪارروائي ضمني قلم (1) پٽاندر مُنتقل ڪئي وڃي يا واپس گهرايو وڃي، تہ حُڪم جي حالت ۾ خاص هدايتن پٽاندر اُها عدالت، جيڪا پوءِ انهيءَ جي ٻُڌڻي ڪري، پلي انهيءَ جي ٻُڌڻي پيهر ڪندي يا انهيءَ جڳهہ کان شروع ڪندي، جتان انهيءَ کي مُنتقل ڪيو ويو هجي يا واپس گهرايو ويو هجي.

(3) هن قلم جي مقصدن لاءِ ايڊيشنل ججن ۽ آسسٽنٽ ججن جي عدالتن کي سمجهيو ويندو تہ اُهي ضلعي عدالت جي ماتحت آهن.

(4) جيڪڏهن ڪو مُقدمو هن قلم پٽاندر ڪنهن ننڍن مُقدمن واريءَ عدالت کان مُنتقل ڪيو وڃي يا واپس گهرايو وڃي، تہ انهي عدالت کي جاٽايل مقدمي جي مقصدن خاطر، ننڍن مُقدمن واري عدالت سمجهيو ويندو.

قلم 24-A. مُقدمي جي تبديليءَ وغيره تي ڌُرين جي حاضري: (1) جيڪڏهن قلم 22 تحت مُقدمو مُنتقل ڪيو وڃي يا ڪو مُقدمو اپيل يا ڪا ٻي ڪارروائي مُنتقل ڪئي وڃي يا ڪنهن ڌُر جي قلم 24 پٽاندر ضمني درخواست کي قلم (1) موجب واپس گهرايو وڃي، تہ مُنتقلي يا واپسيءَ جو حُڪم ڏيندڙ عدالت، ڌُرين کي هڪڙي مُقرر مهيني جي تاريخ ڏيندي، تہ اُهي سندس (يعني عدالت ۾) آڏو حاضر ٿين. جيڪڏهن مُقدمي، اپيل يا ٻي ڪارروائيءَ جي ٻُڌڻي پاڻُ انهيءَ عدالت طرفان ڪئي وڃي يا انهيءَ مقدمي جو فيصلو ڪرڻو هجي، تہ انهيءَ عدالت جي آڏو حاضر ٿين، جنهن ڏانهن اِهو مُقدمو مُنتقل ڪيو ويو هجي.

(2) جيڪڏهن مُقدمو اپيل يا ٻي ڪارروائي ڪنهن هڪڙي عدالت مان ٻيءَ عدالت ۾، ڪنهن ڌُر جي درخواست کانسواءِ، مُنتقل ڪئي وئي هجي، تہ لاڳاپيل ڌُريون انهيءَ عدالت ۾ حاضر ٿينديون، جتان مُقدمو اپيل يا ٻي ڪارروائي مُنتقل ڪئي وئي هجي، انهيءَ ڏينهن اُهي ڌُريون حاضر ٿينديون، جنهن کي عدالت ۾ حاضر ٿيڻ لاءِ اڳ ۾ مُقرر ڪيو ويو هجي ۽ هيءَ عدالت انهيءَ کان پوءِ لاڳاپيل ڌُرين کي مُنتقليءَ جو حُڪم ٻُڌائيندي ۽ هدايت ڪندي، تہ اُهي (يعني ڌُريون) انهيءَ عدالت ۾ حاضر ٿين، جنهن ڏانهن مُقدمو اپيل يا ٻي ڪارروائي مُنتقل ڪئي وئي هجي، يا انهيءَ ڏينهن يا ڪنهن اهڙي ويجهي تاريخ تي حاضر ٿين، جيڪا انهيءَ مُقدمي، اپيل يا ٻي ڪارروائيءَ لاءِ مُقرر ڪئي وئي هجي.

قلم [61][25. هيءَ قلم آرڊيننس 1960ع جي نمبر 21 پٽاندر ختم ٿيو.

عدالتن ۾ مُقدما داخل ڪرڻ

قلم 26. عدالتن ۾ مُقدما داخل ڪرڻ: مُقدمي جي ابتدا دعويٰ جي درخواست ڏيڻ سان يا ڪنهن ٻئي طريقي سان ٿيندي، جيڪو مُقرر ڪيو وڃي.

مُقدمي جا سَمن ۽ دريافت

قلم 27. دعويٰ جو جواب ڏيندڙن ڏانهن سَمن: جڏهن مُقدمو باضابطا داخل ڪيو وڃي، تہ دعويٰ جو جواب ڏيندڙن ڏانهن سَمن انهيءَ حُڪم سان جاري ڪيو وڃي، تہ اُهي عدالت ۾ حاضر ٿي، دعويٰ جو جواب ڏين ۽ انهيءَ سَمن جي تعميل طريقيڪار موجب ڪئي ويندي.

قلم 28. سَمن جي تعميل، جڏهن دعويٰ جو جواب ڏيندڙ ڪنهن ٻئي صوبي ۾ رهندو هجي: (1) سَمن، تعميل لاءِ ڪنهن ٻئي صوبي جي عدالت ۾ اهڙي طريقي موجب موڪليو وڃي، جيڪو ڄاڻايل صوبي ۾ رائج هجي.

(2) جنهن عدالت ۾ سَمن موڪليو وڃي، سا انهيءَ جي ملڻ تي ايئن ڪارروائي ڪندي، ڄڻ اُن پاڻ سَمن ڪڍيو هجي. پوءِ انهيءَ سَمن تي پنهنجي ڪارروائيءَ سميت (جيڪڏهن ڪا ڪارروائي ڪئي وئي هجي) انهيءَ عدالت ۾ واپس موڪليندي، جنهن اصل ۾ انهيءَ کي ڪڍيو هجي.

قلم 29. پرڏيهي سَمنن جي تعميل: جيڪو سَمن [62][۽ ٻيون ڪاررَوايون]، ڪا [63][پاڪستان] کان [64][ٻاهر] واقع رونيو يا ديواني عدالت پرڏيهہ ۾ جاري ڪري، تہ اُهي [65][پاڪستان] [66][جي] عدالت ۾ موڪلي سگهجن ٿيون، ۽ انهن جي تعميل ايئن ٿي سگهي ٿي، ڄڻ [67][اُنهن سَمنن] کي پاڻُ اهڙين عدالتن جاري ڪيو هجي.

---

[61] 1937ع جي حُڪم سان قلم 25 ۾ ترميم ٿي.

[62] سِول پروسيجر ڪوڊ (ترميم) ائڪٽ 1940ع (1940ع جو XXXIV) سان شامل ٿيو.

[63] اصلي لفظن "برطانوي هندستان جي حدن کان ٻاهر" ۾ پهرئين قانوني حُڪم 1949ع سان ڦيرڦار ٿي ۽ پوءِ مرڪزي قانونَ (قانوني سُڌارا) آرڊيننس 1960ع (1960ع جو XXI)، قلم 3 ۽ ٻئين شيڊيول (14 آڪٽوبر 1955ع کان لاڳو) تحت مٿي ڄاڻايل جيان پڙهڻ لاءِ ترميم ٿي.

[64] مرڪزي قانونن (قانوني سُڌارا) آرڊيننس 1960ع (1960ع جو XXI)، قلم 3 ۽ ٻئي شيڊيول (14 آڪٽوبر 1955ع کان هڪدم لاڳو) تحت "وفاق جي راڄڌاني تحت صوبن" ۾ تبديلي ٿي. جنهن ۾ "برطانوي هندستان" ۾ حُڪم 1949ع سان ڦيرڦار ٿي هئي.

[65] اصلي لفظن "برطانوي هندستان جي حدن کان ٻاهر" ۾ پهرئين قانوني حُڪم 1949ع سان ڦيرڦار ٿي ۽ پوءِ مرڪزي قانونَ (قانوني سُڌارا) آرڊيننس 1960ع (1960ع جو XXI)، قلم 3 ۽ ٻئين شيڊيول (14 آڪٽوبر 1955ع کان لاڳو) تحت مٿي ڄاڻايل جيان پڙهڻ لاءِ ترميم ٿي.

[66] مرڪزي قانونن (قانوني سُڌارا) آرڊيننس 1960ع (1960ع جو XXI)، قلم 3 ۽ ٻئي شيڊيول (14 آڪٽوبر 1955ع کان هڪدم لاڳو) تحت "وفاق جي راڄڌاني تحت صوبن" ۾ تبديلي ٿي. جنهن ۾ "برطانوي هندستان" ۾ حُڪم 1949ع سان ڦيرڦار ٿي هئي.

[67] سِول پروسيجر ڪوڊ (ترميم) ائڪٽ 1940ع (1940ع جو XXXIV)، قلم 2(1)(a)(ii) تحت "ٿيو هو" لاءِ ڦيرڦار ٿي.

[68][پر شرط هيءَ آهي، تہ اُهي عدالتون، جن اُهو سَمن [69][۽ ٻيون ڪارروايون] تعميل خاطر جاري ڪيون هُجن، [70][مرڪزي حڪومت] [71][* * *] يا انهيءَ [72][صوبي جي صوبائي حُڪومت جي حُڪم سان مُقرر ٿيون هجن، يا جُڙيون هجن، جن ۾ سَمنن ۽ ٻين ڪارروايٖن] جي تعميل ٿي هُجي، ۽ اهڙي حڪومت نوٽيفڪيشن ذريعي سرڪاري گزيٽ ۾ اشتهار ڏنو هجي، تہ انهيءَ قلم جا شرط [73][اهڙين عدالتن] تي لاڳو ٿيندا.

قلم 30. دريافت ۽ چاڻ وٺڻ لاءِ حُڪم جو اختيار: اهڙن شرطن ۽ ضابطن جون پابنديون، عدالت ڪنهن بہ وقت، پوءِ ڀلي پنهنجي مرضيءَ سان يا ڪنهن ڌُر جي درخواست تي مُقرر ڪيون وڃن:

(a) اهڙا حُڪمَ ڏيئي سگهي ٿي، جيڪي واقعن يا دريافت توڙي معائني سان لاڳاپيل سُوال توڙي اعتبار جوڳن دستاويزن يا پيشي يا ضبطگيءَ يا دستاويزن جي واپسي يا ٻين ضروري مقصدن لاءِ ضروري هجن، يا سمورن مامرن بابت مناسب هجن، جيڪي ثبوت طور پيش ٿي سگهندا هُجن.

(b) اهڙن شخصن جي نالي سَمن جاري ڪري سگهي ٿي، جن جي حاضريءَ توڙي شاهديءَ لاءِ يا دستاويزَ يا ٻيا ٽايل ضروري مقصد لاءِ گهربل هجي.

(c) حُڪم ڏئي سگهي ٿي، جيڪو ڪنهن واقعي کي سُنهن ساکُ تحت لکيل بيانَ کي ناتي جي لاڳاپي ۾ ثابت ڪيو وڃي.

قلم 31. شاهد جي نالي سَمن: قلم 27، 28 ۽ 29 جا حُڪمَ اهڙن سَمنن ۾ پڻ لاڳاپيل هوندا، جيڪي شاهديءَ ڏيڻ يا پيشي يا ٻين ضروري مقصدن لاءِ جاري ڪيا وڃن.

قلم 32. پيچڪڙيءَ جي سزا: عدالت انهيءَ شخص کي، جنهن جي نالي قلم 30 موجب سَمن جاري ڪيو وڃي، حاضر ڪرائي سگهي ٿي ۽ انهيءَ مقصد لاءِ:

(a) انهيءَ جي گرفتاريءَ لاءِ وارنٽ جاري ڪري،

(b) انهيءَ جي ملڪيت کي ضبط يا نيلام ڪري،

(c) ۽ انهيءَ تي ڏَنڊُ جي سزا، جيڪا [74][پنج هزار] رپين کان وڌيڪ نہ هجي، مقرر ڪري سگهي ٿي.

---

[68] 1937ع جي حُڪم سان اصلي شرط ۾ ڦيرڦار ٿي.

[69] ائڪٽ 1940ع (1940ع جو XXXIV)، قلم 2(1)(a)(ii) تحت شامل ٿيو.

[70] 1975ع جي صدارتي حُڪم سان ڦيرڦار ٿي.

[71] 1949ع جي قانوني حُڪم سان لفظ "يا ڪرائون نمائندگي" خارج ٿيا.

[72] ائڪٽ 1940ع (1940ع جو XXXIV) قلم 2(1)(b)(ii) تحت "انهيءَ عدالتن سان جنهن جو سَمن جاري ٿئي" ۾ ڦيرڦار ٿي. لفظن "يا طريقيڪارن" جي خارج سان ڦيرڦار کي سمجهيو ويندو تہ اُهو 1 اپريل 1937ع کان لاڳو ٿيو آهي.

[73] ائڪٽ 1940ع (1940ع جو XXXIV) قلم 2(1)(b)(iii) تحت ڦيرڦار ٿي، جنهن کي سمجهيو ويندو تہ اُها 1 اپريل 1937ع کان لاڳو ٿي آهي.

[74] لفظن "پنج سو" ۾ ديواني قانون سُڌارا ائڪٽ، 1994ع، PLD 1995ع، مرڪزي قانون 3 تحت تبديلي ٿي.

(d) انهيءَ کي حاضريءَ لاءِ ضمانت داخل ڪرڻ جو حُڪم ڏئي سگهي ٿي ۽ ڀڃڪڙيءَ جي حالت ۾ [75][* * *] جيل ۾ بہ موڪلي سگهي ٿي.

قلم 33. فيصلو ۽ ڊِڪري: مُقدمي جي ٻُڌڻيءَ کانپوءِ عدالت فيصلو ٻُڌائيندي ۽ انهيءَ فيصلي آڌار ڊِڪري جاري ٿيندي.

قلم 34. وياج: (1) جنهن حال ۾ ڊِڪري رپين جي ادائيگيءَ جي هجي، تہ عدالت ڊِڪريءَ ۾ وياج جي حُڪم بابت انهيءَ اصل زَر جنهن جي ڊِڪري هجي، انهيءَ شرح سان، جيڪا عدالت مُناسب سمجهي، مُقدمي داخل ڪرڻ جي تاريخ کان ڊِڪريءَ جي تاريخ تائين انهيءَ وياج کانسواءِ، جنهن جو جاٽايل ناڻي تي تاريخ توڙي مُقدمي داخل ڪرڻ جي تاريخ تائين، ڪنهن مُقدمي داخل ڪرڻ کان اڳ واري عرصي بابت فيصلو ڪيو وڃي. انهيءَ ڪوڊ موجب خريد وياج سميت . جنهن جو انهيءَ نتيجي تي فيصلو ٿئي، انهيءَ شرح سان جيڪو عدالت مُناسب سمجهي. ڊِڪريءَ جي ابتدائي تاريخ کان ڏيڻ جي ڏينهن يا ڪنهن بہ ٻيءَ تاريخ تي سمجهڻ کان اڳ جاري ڪري، جيڪا عدالت مناسب سمجهي.

(2) جڏهن اهڙي ڊِڪريءَ ۾ جاٽايل ڪوڊ موجب وڌيڪ وياج ڏيڻ جو ذڪر ٿيل هجي، جن تي ڊِڪريءَ جي ابتدائي تاريخ يا ڪنهن ٻئي ڏينهن ڏيڻ جي تاريخ يا ڪا ٻي اڳ واري تاريخ نہ هجي، تہ انهيءَ مان سمجهيو ويندو تہ عدالت طرفان وياج ڏيارڻ کان انڪار ڪيو ويو آهي ۽ انهيءَ لاءِ الڳ مُقدمو داخل ٿي نہ سگهندو.

قلم [76]34-A. سرڪاري رهيل رقم تي وياج: (1) جڏهن عدالت جو هيءُ رايو هجي، تہ دعويٰ انهيءَ نيت سان ڪئي وئي هئي، جو مُدعي يا انهيءَ طرفان سرڪاري رهيل رقم ڏيڻ کان ٽاريو ويو وڃي، تہ عدالت اهڙي دعويٰ جي نيڪال مهل اهڙي سرڪاري رهيل رقم ۽ وياج ڏيڻ جو بہ حُڪم ڏيندي، جيڪو بئنڪ جي رواجي شرح کان بہ سيڪڙو وڌيڪ هجي.

(2) جڏهن عدالت جو هيءُ رايو هجي، تہ مُدعي کان اهڙي سرڪاري رهيل رقم وٺڻ جو عمل غيرمُنصفاڻو هو تہ عدالت مُقدمي جي فيصلي ڪرڻ مهل، مليل رقم تي وياج ڏيڻ جو حُڪم ڏيندي، جيڪو بئنڪ جي رواجي شرح کان بہ سيڪڙو وڌيڪ هوندو.

وضاحت: انهيءَ قلم ۾:

(a) بئنڪ جي رواجي شرح جو مطلب اُها شرح آهي، جنهن جو نبيرو ۽ عوام کي انهيءَ جي جاڻ، اسٽيٽ بئنڪ آف پاڪستان جي 1956ع واري قانون (1956ع جو XXXIII) تحت ڏني وڃي.

(b) سرڪاري رهيل رقم ۾ اُها رهيل رقم شامل آهي، جيڪا ڪنهن اهڙي بئنڪ جي هجي، جيڪا وفاقي حڪومت جي ملڪيت ۾ هجي، يا ڪنهن ڪارپوريشن يا اداري جي هجي، جيڪو وفاقي حڪومت، صوبائي حڪومت يا مقامي اختياريءَ جي ملڪيت هجي يا انهيءَ تي سندن ضابطو هجي.]

---

[75] مٿيون ساڳيو حوالو سان "ديواني" لفظ خارج ٿيو.

[76] 1980ع جي آرڊيننس X سان شامل ٿيو.

قلم [77]34-B]. بئنڪنگ ڪمپنيءَ جي رهيل رقم تي وياج وغيره: (1) جڏهن ۾ جِتي ڪا ڊِڪري انهيءَ رقم جي وصوليءَ لاءِ جاري ڪئي وڃي، جنهن کي بئنڪنگ ڪمپنيءَ قرض طور ڏنو هجي، تہ عدالت جي جاري ٿيل ڊِڪري، پنهنجي ڊِڪريءَ جي تاريخ کان رقم ڏيڻ جي تاريخ تائين، ڊِڪريءَ تي وياج يا رقم ڏيڻ جو حُڪم ڏيندي، جهڙي بہ حالت هجي.

(a) اُهو ڏنل قرض، جنهن تي وياج ڏيڻ واجب هجي، تنهن تي معاهدي موجب يا وياج جي بئنڪ جي رواجي شرح کان بہ سيڪڙو وڌيڪ يا بنهي مان جيڪو وڌيڪ هوندو.

(b) اُهو قرض، جيڪو بازاري آگهوتري، مقاطعي، قسطن تي گِروي ۾ خدمتي محصول، جهڙي بہ حالت هجي، پٽاندر يا بئنڪنگ ڪمپنيءَ جي انهيءَ قسم جي قرضن جي جديد شرح تي ڏنا وڃن، پر منجهن جيڪو وڌيڪ هجي.

(c) اُهي قرض، جيڪي نفعي نقصان ۾ شامل ٿيڻ پٽاندر ڏنا وڃن ٿا، ۾ جن جي واپسي انهيءَ شرح سان ٿئي، جيڪا ڪمپنيءَ جي سالياني منافعي جي شرح کان گهٽ نہ هُجي، جنهن کي گُذريل ڇهن مهينن ۾ بئنڪنگ ڪمپني ڏنو هجي يا اُهي ميعادي اَمانتون، جن کي نفعي توڙي نقصان ۾ شامل ٿيڻ پٽاندر قبول ڪيو ويو هجي، جهڙيءَ طرح عدالت حالتن موجب معقول سمجهي، عدالت انهيءَ ڏس ۾ منافعي جي انهيءَ پائيواريءَ جي ورچ جي معاهدي کي سامهون رکندي، جيڪو ڪمپني ۾ جنهن خلاف ڊِڪري جاري ٿئي، تنهن جي وچ ۾ انهيءَ وقت ٿيو هجي، جڏهن قرض جو معاهدو ڪيو ويو هو.

وضاحت: هن قلم جي شِق (a) جي لفظن ۾ "بئنڪ جي شرح" جي اُها معنيٰ آهي، جيڪا قلم 34-A ۾ آهي.]

(2) ٻين قانونن کان متاهان ضابطا: چاٽايل ڪوڊ جي ضابطن جو هن آرڊيننس تحت ترميم ٿيل جيان اُهو اثر رهندو، جيڪو ڪنهن ٻئي قانون ۾ شامل ڪنهن ڳالهہ باوجود، عارضي طور لاڳو هُجي يا ڪنهن معاهدي، ناهہ، يادداشت يا جماعت يا ڪنهن ٻئي قانوني مالياتي دستاويزن جي آرٽيڪلن ۾ موجود هُجي.

(3) جيڪڏهن چاٽايل ڪوڊ جي ضابطن کي عمل ۾ آڻڻ ۾ ڪا ڏُکيائي سامهون اچي، جيڪڏهن هن آرڊيننس سان ترميم تي هجي، تہ وفاقي حڪومت اهڙو حُڪم ڏئي سگهي ٿي، جنهن مان ايئن پڌرو ٿئي، تہ اِهو ڏُکيائي کي هٽائڻ جي مقصد لاءِ ضروري ٿيندو.

خرچ

قلم 35. خرچ: (1) اُنهن پابندين ۾ شرطن توڙي ضابطن تحت، جيئن تجويز تي سگهي ۾ انهيءَ قانون جي شرطن جي پابنديءَ تحت، جيڪو تنهن وقت لاڳو هجي، خرچ ۾ سمورن مُقدمن جو واقعو عدالت جي مرضيءَ تي آڌاريل هوندو ۾ عدالت کي مڪمل اختيار هوندو تہ اُهو فيصلو ڪري، تہ ڪير خرچ ڏئي، ڪهڙيءَ ملڪيت مان ۾ ڪهڙي حد تائين اهڙا خرچ ورتا وڃن ۾ ڪيس چاٽايل مقصدن لاءِ هدايتون ڏيڻ جو

[77] 1980ع جي آرڊيننس LXIII، 1981 PLJ ع مرڪزي قانون 83 تحت شامل ٿيو.

مڪمل اختيار پڻ آهي. جيڪڏهن ڪا عدالت انهيءَ مُقدمي کي ٻُڌڻ جو اختيار نٿي رکي، تنهن پڻ تي اهڙن اختيارن جي واهپي ۾ ڪابہ پابندي نہ هوندي.

(2) جيڪڏهن عدالت هدايت ڪري، تہ نتيجي موجب خرچ نہ ورتو وڃي، تہ اُها عدالت انهيءَ جا سبب لکت ۾ ڄاڻائيندي.

(3) عدالت، خرچ تي ڇهہ رپيا سيڪڙو في سال جي اگهہ تي وياج ڏياري سگهي ٿي ۽ اهڙي وياج کي خرچ ۾ شامل ڪيو ويندو ۽ ايئن وصول جوڳو هوندو.

قلم [78]35-A]. ڪُوڙي يا تنگ ڪندڙ دعوائن يا بچاءُ بابت معاوضي جو خرچ: (1) جيڪڏهن ڪنهن مُقدمي يا ٻيءَ ڪارروائيءَ ۾ [79][جنهن ۾ جاري ٿيل حُڪمنامي جي ڪارروائي بہ شامل هجي] جيڪا اپيل نہ هجي. ڪا ڌُر جيڪا دعويٰ تي اعتراض ڪري يا بچاءُ سبب انهيءَ جي ڪنهن حصي بابت اعتراض ڪري، تہ جنهن ڌُر مُقدمو داخل ڪيو هجي، تہ دعويٰ ڪندڙ ڌُر جي ڄاڻ موجب اُهو ڪُوڙو يا رڳو تنگ ڪرڻ لاءِ داخل ڪيو ويو آهي، ۽ جيڪڏهن انهيءَ کان پوءِ دعويٰ ڪندڙ خلاف اهڙو مطالبو يا اعتراض رَد ڪيو وڃي، هٽ ڪنيو وڃي، جُزوي يا ڪُلي طور واپس ورتو وڃي. جيڪڏهن اعتراض سيني کان پهرئين موقعي تي ڪيو ويو هجي ۽ عدالت کي انصاف خاطر آئت ٿي وڃي، تہ اهڙي جوابداهيءَ جي مطالبي کي ڪُوڙي ۽ تنگ ڪندڙ ڪوٺڻ لاءِ پنهنجا سبب لکي، اعتراض ڪندڙ کي انهيءَ ڌُر کان، جنهن اهڙي ڪُوڙي دعويٰ داخل ڪئي هجي، ڏنڊ طور خرچ ڏيارڻ جو حُڪم ڏيندي.

(2) ڪابہ عدالت اهڙي خرچ ڏيڻ جو حُڪم نہ ڏيندي، جنهن جي رقم [80][پنجويهہ هزار رپين] کان وڌيڪ هجي، اُها انهيءَ جي مالياتي اختيارن جي ٻُڌڻيءَ جي حد کان وڌيڪ نہ هجي ۽ اُها رقم جيڪا بہ هُجي، سا ماليات ۾ گهٽ هجي.

پر شرط هيءَ آهي، تہ جتي زر يا مال بابت ڪنهن عدالت جي ٻُڌڻيءَ جو اختيار، ننڍين مُقدمن واريءَ عدالت جي حدن ۾ اختيار ڪري، جيڪي انهيءَ کي ننڍين مُقدمن واريءَ عدالت جي صوبائي قانون تحت مليل هجن، نہ ڪي اُها عدالت، جيڪا ڄاڻايل قانون پٽاندر ٺاهي ويئي هجي، ہ سئو پنجاهہ رپين کان گهٽ هجن، هاءِ ڪورٽ اهڙي عدالت کي اختيار ڏيئي سگهي ٿي، تہ ڄاڻايل قلم تحت خرچ طور رقم ڏياري، جيڪا رقم ادائي سؤ رپين کان وڌيڪ نہ هجي ۽ انهيءَ حدَ کان هڪ سؤ رپين کان وڌيڪ نہ هجي.

وڌيڪ شرط هيءَ آهي، تہ هاءِ ڪورٽ ڪنهن عدالت يا وڏي قسم جي عدالت کي رقم جو پابند ڪري سگهي ٿي، جيڪا ڄاڻايل قلم پٽاندر خرچ ڏيارڻ جو اختيار رکندي هجي.

---

[78] قلم 35-A شامل ٿيو. سِول پروسيجر ڪوڊ (ترميم) ائڪٽ 1922ع (1922ع جو IX) تحت شامل ٿيو جنهن کي قلم 1(2) موجب. صوبائي حڪومت طرفان ڪنهن واضح تاريخ تي هڪدم لاڳو ڪري سگهجي ٿو. انهيءَ کي ايئن پنجاب ۽ سنڌ ۾ لاڳو ڪيو ويو آهي.

[79] سِول پروسيجر ڪوڊ (ترميم) آرڊيننس 1962ع (1962ع جو XLIV)، قلم 9 (7 جُون 1962ع کان هڪدم لاڳو) تحت شامل ٿيو.

[80] 1994ع جي ديواني قانوني سُڌارا ائڪٽ XIV تحت "پنج هزار" ۾ تبديلي ٿي.

(3) ڪو شخص جنهن جي خلاف انهيءَ قلم پٽاندر خرچ ڏيڻ جو حُڪم ٿيو هجي، انهيءَ ڪُوڙي دعويٰ جي ڏس ۾ فوجداري ذُوهہ کان آجو نہ ٿيندو.

(4) معاوضي جي ڪابہ رقم، جيڪا هن قلم جي ماتحت ڪُوڙي دعويٰ جي فيصلي ۾ ڏياري وئي هجي، تنهن کي اهڙي دعويٰ يا بچاءَ جي ڏس ۾، انهيءَ طرح معاوضي يا بدنام ڪرڻ لاءِ ڪُوڙو يا چيڙائيندڙ مُقدمو سمجهيو ويندو.

ڀاڱو-II

ڊگري جاري ٿيڻ

عام حُڪم

قلم 36. حُڪمن جو لاڳو ٿيڻ: هن ڪوڊ جا حُڪم، جيڪي ڊگري جاري ٿيڻ بابت آهن، جيستائين اُهي لاڳاپيل ٿي سگهن ٿا، تن کي سمجهيو ويندو تہ اُهي حُڪمَ جاري ٿيڻ بابت آهن.

قلم 37. ڊگري جاري ڪندڙ عدالت جي وصف: 'ڊگري جاري ڪندڙ عدالت' جي جملي يا انهيءَ قسم جي لفظن ۾، جيڪڏهن ڪو مضمون يا عبارت جي مَتن خلاف نہ هجي، ڊگري جاري ٿيڻ بابت هيٺئين ڳالهہ سمجهي ويندي:

(a) جڏهن ڊگري جاري ٿيڻ جو حُڪم اپيليٽ جي اختيارن ۾ جاري ٿيو هجي، تہ مطلب ابتدائي ڪارروائي هلائيندڙ عدالت آهي، ۽

(b) جيڪڏهن ابتدائي ڪارروائي هلائيندڙ عدالت جو وجود نہ رهي، يا انهيءَ جي جاري ڪرڻ جو اختيار ختم ٿي ويو هجي، يا انهيءَ عدالت جو مطلب آهي، جيڪا انهيءَ مُقدمي جي داخل ٿيڻ جي حالت ۾، جنهن ڊگري جاري ڪئي هجي، انهيءَ وقت جڏهن ڊگري جاري ٿيڻ لاءِ درخواست داخل ٿي هجي، تہ اُها انهيءَ مُقدمي کي ٻُڌڻ ۾ بااختيار هوندي.

اُهي عدالتون جيڪي ڊگري جاري ڪري سگهن ٿيون

قلم 38. ڪهڙيون عدالتون ڊگري جاري ڪنديون: ڊگري اُها عدالت جاري ڪندي، جنهن انهيءَ جو حُڪم ڏنو هجي، يا جنهن عدالت وٽ جاري ڪرڻ لاءِ انهيءَ کي موڪليو ويو هجي.

قلم 39. ڊگريءَ جي مُنتقلي: (1) اِهو جائز آهي، تہ جنهن عدالت ڊگري جاري ڪئي هجي، سا ڊگري وٺندڙ جي درخواست تي ڊگريءَ کي ٻيءَ عدالت ۾ جاري ٿيڻ لاءِ موڪلي ڇڏي-

(a) جيڪڏهن جنهن شخص خلاف ڊگري جاري ٿي هجي، اُهو ٻيءَ عدالت جي اختياري علائقي ۾ موجود هجي ۽ ارادي سان اُتي رهندو هجي يا ڪو ڪاروبار ڪندو يا نفعي لاءِ پاڻُ ڪو ڌنڌو ڪندو هجي، يا

(b) جيڪڏهن انهيءَ شخص وٽ انهيءَ عدالت، جنهن ڊگري جاري ڪئي هجي، جي اختياري علائقي ۾ ايتري ملڪيت نہ هجي، جيڪا رقم جي وصوليءَ خاطر ڊگري لاءِ ڪافي نہ هجي، پر انهيءَ ٻيءَ عدالت جي اختياري علائقي ۾ ملڪيت رکندو هجي، يا

(c) جيڪڏهن ڊِڪريءَ ۾ اهڙي مُنتقل نہ ٿيندڙ ملڪيت جي وڪڻڻ يا سونپڻ جو حُڪم ڏنل هجي، جيڪا ڊِڪري جاري ڪندڙ عدالت جي اختياري علائقي کان ٻاهر موجود هجي؛ يا

(d) جيڪڏهن جنهن عدالت ڊِڪري جاري ڪئي هجي، ڪنهن سبب تحت اِهو مُناسب سمجهي، جيڪو ڪيس لکڻ گهرجي، تہ ڊِڪري ڪنهن ٻيءَ عدالت مان جاري ڪئي وڃي.

(2) ڊِڪري جاري ڪندڙ عدالت کي اختيار آهي، تہ پنهنجي مرضيءَ سان ڊِڪريءَ کي جاري ٿيڻ لاءِ پنهنجي ڪنهن اهڙي ماتحت بااختيار عدالت ۾ موڪلي.

قلم 40. ڊِڪريءَ جو ڪنهن ٻئي صوبي ۾ مُنتقل ٿيڻ: جيڪڏهن ڪنهن ڊِڪريءَ کي تعميل ٿيڻ خاطر ڪنهن ٻئي صوبي ۾ موڪليو وڃي، تہ انهيءَ عدالت ۾ موڪليو ويندو ۽ اهڙي طريقي سان جاري ڪيو ويندو جيئن انهيءَ صوبي جا قاعدا ضابطا مقرر ٿيل ۽ لاڳو هجن.

قلم 41. ڊِڪري جاري ٿيڻ جي ڪارروائيءَ جي نتيجي جي پَڪَ ٿيڻ گهرجي: جنهن عدالت ۾ ڊِڪري تعميل ٿيڻ لاءِ موڪلي وڃي، تنهن جي تعميل ٿيڻ جو احوال اُها عدالت، ڊِڪري جاري ڪندڙ عدالت کي لکي موڪليندي، يا جيڪڏهن پهرئين ڄاڻايل عدالت انهيءَ کي تعميل نہ ڪرائي سگهي، تہ انهيءَ جي تعميل نہ ٿي سگهڻ جون حالتون لکي موڪليندي.

قلم 42. ڊِڪريءَ جي مُنتقلي بابت عدالت جا اختيارَ: [81][(1) جنهن عدالت ۾ تعميل ٿيڻ لاءِ ڊِڪري موڪلي وڃي، تنهن کي ڄاڻايل ڊِڪريءَ جي تعميل ڪرائڻ ۾ اُهي اختيارَ مليل هوندا، جڻ پاڻُ انهيءَ عدالت ڊِڪريءَ کي جاري ڪيو هجي ۽ اُهي سڀ شخص، جيڪي ڊِڪريءَ تعميل ٿيڻ جي حُڪم جي پيچڪڙي ڪن يا رُڪاوٽ وجهن، سي اهڙيءَ طرح ڄاڻايل عدالت جي فيصلي سان سزا ماڻڻ جي لائق هوندا، جڻ انهيءَ عدالت ڊِڪري جاري ڪئي هجي. ۽ انهيءَ عدالت جا ڊِڪريءَ جي تعميل ٿيڻ لاءِ جاري ٿيل حُڪم اُنهن قاعدن موجب اپيل جوڳا هوندا، جڻ انهيءَ عدالت ڊِڪريءَ جو حُڪم پاڻُ ڏنو هجي.

[82][(2) انهيءَ کان اڳ مٿي ڄاڻايل شرطن جي عامَ اهميت کي هاڃو پهچائڻ بغير، جنهن عدالت ۾ ڊِڪري جاري ٿيڻ لاءِ موڪلي وڃي، تنهن کي ڄاڻايل ڊِڪريءَ بابت هيٺيان اختيارَ مليل هوندا، يعني:-

(a) قلم 39 تحت ڊِڪريءَ کي ٻيءَ عدالت ۾ مُنتقليءَ جو اختيار، جيڪڏهن ضروري هجي؛

(b) قلم 50 جي ضمني قلم (1) موجب ڊِڪري جاري ٿيڻ جي اختيار تحت، جنهن جي خلاف ڊِڪري جاري ٿي هُجي. تنهن جي فوت ٿيڻ بعد قانوني نگران کي ڊِڪريءَ جي خلاف ڪارروائي جي اجازت ڏيڻ.

(c) قلم 52 تحت جاري ٿيل ڊِڪريءَ ۾ عملدار (ڪلرڪ) جي پَل يا حسابُ ۾ پَل چُڪ هجي.

(d) آرڊر XXI جي قاعدي 160 تحت ڊِڪري سونپڻ جي اختيار کي ميجڻ.

[81] سِول پروسيجر ڪوڊ (ترميم) آرڊيننس 1962ع (1962ع جو XLIV)، قلم 10 تحت انهيءَ قلم جي قلم 4 کي ذيلي قلم (1) طور ٻيهر نمبر ڏنو ويو.

[82] سِول پروسيجر ڪوڊ (ترميم) آرڊيننس 1962ع (1962ع جو XLIV)، قلم 10 تحت ذيلي قلم (2) شامل ٿيو.

(e) آرڊر XXI جي قاعدي 50 تحت ڊِڪري ونندڙ کي اجازت ڏيڻ جو اختيار، تہ جيئن هو انهيءَ شخص خلاف عدالتي ڪارروائي ڪري، جنهن کي اجا تائين انهيءَ فرم جو ڀائيوار نہ مڃيو ويو هجي، جنهن فرم خلاف ڊِڪريءَ جي تعميل ٿيڻ جي ڪارروائي هلندڙ هجي.

(f) آرڊر XXI جي قاعدي 53 جي ضمني قاعدي (1) جي شِق (b) تحت ضبطگيءَ جو نوٽيس ڏيڻ جو اختيار، جيڪا ڊِڪري ڪنهن ٻيءَ عدالت جاري ڪئي هجي.]

قلم 43. اهڙن ماڳن جي عدالتن يا پرڏيهي عدالتن طرفان ڊِڪرين جو جاري ٿيڻ، جن تي هيءَ ڪوڊ لاڳو نٿو ٿئي: جيڪڏهن ڪنهن اهڙي ديواني عدالت طرفان ڊِڪري جاري ڪئي وڃي، جيڪا [83][پاڪستان جي ڪنهن علائقي ۾] جُڙيل هجي، جتي ڊِڪري تعميل ٿيڻ جا جاٽايل حُڪم لاڳو نہ ٿيندا هجن، يا ڪنهن عدالت طرفان، جيڪا [84][ڪنهن راضپي سان شامل ٿيل پرڏيهي رياست] ۾ [85][مرڪزي حڪومت * * *] جي اختياري سان جُڙيل هُجي يا ڪم ڪندي هجي، تہ اُها انهيءَ عدالت جي حدن منجهہ تعميل نہ ٿي سگهندي هُجي، جتان اُها ڊِڪري جاري ٿي هجي، تہ انهيءَ ڊِڪريءَ کي اُن انداز ۾ جاري ڪري سگهجي ٿو جيئن [86][پاڪستان] جي ڪنهن علائقي يا ڪنهن عدالت جي اختياري علائقي جي هِتي وضاحت ڪئي ويئي آهي.

قلم [44. پرڏيهي رياستن جي عدالتن طرفان جاري ٿيل ڊِڪرين جي تعميل: صوبائي حڪومت، سرڪاري گزيٽ ۾ [87][نوٽيفڪيشن] سان پڌرو ڪري سگهي ٿي، تہ [88][ڪنهن شامل ٿيل پرڏيهي رياست] جي ڪنهن ديواني يا روينيو عدالتن، جيڪي مرڪزي حڪومت [89][* * *] جي اختياريءَ سان جُڙيل يا ڪم نہ ڪنديون هُجن، يا اهڙين ڊِڪرين جي ڪنهن درجي کي صوبي ۾ تعميل ڪري سگهجي ٿو جڻ اُهي [90][انهيءَ صوبي] جي عدالتن طرفان جاري ٿيون هُجن.

قلم [91][44-A. برطانيا ۾ ٻين مُتبادل علائقن جي عدالتن طرفان جاري ٿيل ڊِڪرين جي تعميلَ: (1) برطانيا ۾ ٻين مُتبادل علائقن جي عدالتن جي سچي نقل جي ڊِڪريءَ کي ڪنهن ضلعي عدالت ۾ داخل

[83] اصلي لفظن "برطانوي هندستان جو حصو" ۾ ڪاميابيءَ سان ڀرٽين قانوني حُڪم 1949ع سان ۽ پوءِ مرڪزي قانونَ (قانوني سُڌارا) آرڊيننس 1960ع (1960ع جو XXI)، قلم 3 ۽ ٻئين شيڊيول (14 آڪٽوبر 1955ع کان لاڳو) تحت مٿي جاٽايل جيان پڙهڻ لاءِ ترميم ٿي.

[84] 1937ع جي قانوني حُڪم سان "مرڪز ۾ حڪومت" لاءِ تبديلي ٿي.

[85] لفظن "يا ڪرائون نمائندگي" کي 1960ع جي آرڊيننس XXI، قلم 3 ۽ ٻئي شيڊيول (14 آڪٽوبر 1955ع کان لاڳو) تحت تبديلي ٿي.

[86] 1949ع جي قانوني حُڪم سان "پرڏيهي شهزادي يا رياست جا علائقا" لاءِ تبديلي ٿي.

[87] مرڪزي قانونن (قانوني سُڌارا) آرڊيننس 1960ع (1960ع جو XXI)، قلم 3 ۽ ٻئي شيڊيول (14 آڪٽوبر 1955ع کان هڪدم لاڳو) تحت "وفاق جي راڄڌاني تحت صوبن" ۾ تبديلي ٿي، جنهن ۾ قانوني حُڪم 1949ع تحت "برطانوي هندستان" لاءِ ٿيرقار ٿي هئي.

[88] انهيءَ قلم تحت مرڪز ۾ حڪومت طرفان نوٽيفڪيشن جاري ٿيو جيئن اُهو 1 اپريل 1937ع لکيل هو، ڏسو عام سُڌارا ۽ حُڪم.

[89] وفاقي قانونن (نظرثاني ۽ اعلانَ) ائڪٽ 1951ع (1951ع جو XXVI)، قلم 4 ۽ ٽيون شيڊيول تحت "هندستاني رياست" ۾ تبديلي ٿي.

[90] لفظن "يا ڪرائون نمائندگي" کي 1960ع جي آرڊيننس XXI، قلم 3 ۽ ٻئي شيڊيول (14 آڪٽوبر 1955ع کان لاڳو) تحت خارج ڪيو ويو.

[91] 1949ع جي قانوني حُڪم سان "برطانوي هندستان" ۾ تبديلي ٿي.

ڪيو ويجي. اِها ڊِڪري [92][پاڪستان] ۾ بہ بلڪل ايئن تعميل ڪئي ويندي، جڻ انهيءَ کي ضلعي عدالت جاري ڪيو هجي.

(2) انهيءَ سچي نقل واري ڊِڪريءَ سان گڏ اعليٰ عدالت طرفان هڪڙو سرٽيفڪيٽ بہ شامل هوندو جيڪڏهن ڪو هجي، جنهن ۾ ڊِڪريءَ جي رقم، جيڪڏهن ڪنهن حد تائين وصول ٿي هجي يا ڪنهن حساب ۾ ايندي هجي، تنهن کي شامل ڪيو ويندو ۽ انهيءَ سرٽيفڪيٽ کي انهيءَ قلم جي عملي ڪارروائيءَ جي مقصدن لاءِ ڊڪريءَ جي وصوليءَ واري رقم جي حد يا حسابَ جو هڪڙو قطعي ثبوت سمجهيو ويندو.

(3) قلم 47 جا قاعدا، ڊِڪريءَ جي نقل سان گڏ مُقدمو داخل ڪرڻ ۽ انهيءَ جي جاري ڪرڻ واري ضلعي عدالت تي لاڳو ٿيندا، جنهن عدالت مٿي ڄاڻايل قلم تحت ڊِڪري جاري ڪئي هجي، ۽ ضلعي عدالت، اهڙي ڊِڪريءَ جي تعميل کان انڪار ڪري ڇڏيندي، جيڪڏهن عدالت جي اطمينان موجب اِهو ثابت ڪيو ويجي، تہ اِها ڊِڪري قلم 13 جي شِق (a) کان (f) جي مقرر ڪيل ڇُوٽ جي دائري ۾ اچي ٿي.

وضاحت 1: برطانيا سان لاڳاپيل 'اعليٰ عدالت' جو مطلب انگلينڊ جي هاءِ ڪورٽ، اسڪاٽ لئنڊ جي سيشن ڪورٽ، اُترئين آئرلئنڊ جي هاءِ ڪورٽ، لئنڪاسٽر جي ڪائونٽي پليٽائين جي چانسيري عدالت ۽ ڊُرهم ڪائونٽي پليٽائين جي چانسيري عدالت آهي.

وضاحت 2: 'مُتبادل مُلڪن' جي معنيٰ آهي [93][برطانوي حڪومت ۽ انهيءَ جيان ڪو بيو مُلڪ يا علائقو]، جنهن کي [94][مرڪزي حڪومت] مختلف وقتن تي [95][سرڪاري گزيٽ] جي نوٽيفڪيشن ذريعي انهيءَ قلم جي مقصدن لاءِ [96][مُتبادل مُلڪ ۽ هاءِ ڪورٽ جو اعلان ڪري]، ۽ 'اعليٰ عدالت' جو مطلب، برطانيا جي بيئڪيتن جون اهڙيون عدالتون آهن، جيڪي انهيءَ نوٽيفڪيشن ۾ ڄاڻايون وڃن.

---

[92] سِول پروسيجر ڪوڊ (ترميم) ائڪٽ 1937ع (1937ع جو VIII)، قلم2 تحت شامل ٿيو.

[93] ديواني ۽ فوجداري پروسيجر ڪوڊ (ترميم) آرڊيننس 1962ع (1962ع جو LLII)، قلم3 تحت "ڪوبہ مُلڪ يا علائقو جيڪو هزمئجسٽيءَ جي حڪومت ۾ ڪنهن بہ حصي ۾ واقع هُجي [***] جيڪو" ۾ تبديلي ٿي. انهيءَ فوٽ نوٽ ۾ ظاهر ٿيل لفظن "يا هندستان ۾" کي قانوني حُڪم 1937ع سان خارج ڪيو ويو.

[94] 1937ع جي قانوني حُڪم سان "مرڪز ۾ حڪومت" ۾ تبديلي ٿي.

[95] ڏسو ساڳيو حوالو. "هندستان جي گزيٽ" ۾ ڦيرقار ٿي.

[96] مرڪزي حڪومت اعلان ڪيو آهي: (i) فِجي، (ii) سنگاپور جي بيئڪيت، (iii) آسٽريليا جي راڄڌاني، (iv) نيوزي لئنڊ، ڪوڪ بيٽن (نائيو سميت) ۽ اولهندي ساموئا جا ٽرسٽ علائقا شامل آهن، ۽ (v) آسٽريليا جو اُتريون علائقو گڏيل طور اعزازي متاسنا وارو علائقو هوندو ۽ سندن سُپريم ڪورٽ انهيءَ قلم جي مقصدن لاءِ بالادست عدالت هوندي، ڏسو (a) 1949ع جو پاڪستاني گزيٽ، ڀاڱو I، صفحو 275، (b) 1954 جو پاڪستاني گزيٽ، ڀاڱو I، صفحو 106، (c) 1957ع جو پاڪستاني گزيٽ، ڀاڱو I، صفحو 174، (d) 1959ع جو پاڪستاني گزيٽ، ڀاڱو I، صفحو 455، ۽ (e) 1959ع جو پاڪستاني گزيٽ، ڀاڱو I، صفحو 425.

پاڪستان جي ڪجهہ خاص عدالتن کي پرڏيهي نيصلن (گڏيل طور اعزازي متاسنا جي عملدرآمد) ائڪٽ 1933ع (3 جيو 5، باب تيرهون) جي ڀاڱي 1 جي مقصدن لاءِ بالادست عدالتون ڪونيو ويو آهي، ڏسو 1953ع جو پاڪستاني گزيٽ، ڀاڱو I، صفحو 143 ۽ 144، ۽ سنگاپور جي فيصلن واري آرڊيننس تي گڏيل طور اعزازي متاسنا جي عملدرآمد جي قلم 5 جي مقصدن لاءِ، ڏسو 1954ع جو پاڪستاني گزيٽ، ڀاڱو I، صفحو 296.

وضاحت 3: اعليٰ عدالت سان لاڳاپيل 'ڊِڪريءَ' جو مطلب اهڙي عدالت جي ڪا ڊِڪريءَ يا فيصلو آهي، جنهن پٽاندر هڪڙي روڪ رقم ڏيڻ جوڳي هجي، پر انهيءَ ۾ اهڙي رقم ڏيڻ جوڳي نه هوندي، جنهن جو ناتو انهيءَ قسم جي محصول يا ٻين رسمن يا ڏنڊ يا ڇُنگ ۾ شامل هجي، ۽

(a) اِهو ناتو برطانوي مُلڪن جي اعليٰ عدالتن ۾ فيصلي ۽ ڪنهن عدالت جي ڏنل فيصلي يا ڊِڪريءَ ۽ فيصلن خلاف شامل هوندو پر

(b) ڪنهن حالت ۾ بہ اِهو فيصلو ٿيا ڪڙيءَ ۾ شامل نہ هوندو پوءِ پلي ڊِڪريءَ يا فيصلي طور لاڳو ٿيڻ جوڳو هجي.]

قلم [97][45. پرڏيهي مُلڪن ۾ ڊِڪريءَ جي تعميل: جيستائين انهيءَ ياڳي جا اڳ ۾ چاٽايل قلمَ، ڪنهن عدالت کي جاري ٿيل ڊِڪريءَ تي تعميل لاءِ ڪنهن ٻيءَ عدالت ڏانهن موڪلڻ جو اختيار ڏيندا هُجن، تہ ايئن مطلب ورتو ويندو تہ انهي عدالت کي اُهي اختيار مليل آهن، تہ اُها ڪنهن صوبي ۾ ڪنهن عدالت ڏانهن تعميل لاءِ ڊِڪريءَ کي موڪلي، جنهن کي [98][وفاقي حڪومت] جي اختيار سان [99][ڪنهن راضپي سان شامل ٿيل پرڏيهي رياست] ۾ جوڙيو ويو هُجي يا اُها اختيار رکندي هُجي، جنهن ۾ صوبائي حڪومت سرڪاري گزيٽ ۾ نوٽيفڪيشن سان انهيءَ قلم کي لاڳو ڪرڻ جو اعلان ڪيو هُجي.]

قلم 46. حُڪمناما: (1) جيڪڏهن ڊِڪري وٺندڙ ڊِڪري جاري ڪندڙ عدالت کي درخواست ڪري، تہ چاٽايل عدالت جيڪڏهن مناسب سمجهي، تہ هڪڙو حُڪم ڪنهن ٻيءَ عدالت ڏانهن جاري ڪندي، جيڪا مٿي چاٽايل ڊِڪريءَ کي تعميل ڪرائڻ جو اختيار رکندي هوندي، تہ اُها عدالت، جنهن جي خلاف ڊِڪري جاري ٿي هُجي، تنهن جي ملڪيت توڙي ملڪيت کي ضبط ڪري وٺي، جنهن جي وضاحت حُڪمنامي ۾ ٿيل هجي.

(2) جنهن عدالت جي نالي حُڪمنامو موڪليو وڃي، سا ضبطگيءَ جي ڪارروائي انهيءَ طريقي تي ڪندي، جيڪو جاري ٿيل ڊِڪريءَ جي ضبطگيءَ لاءِ مُقرر ٿيو هجي.

پر شرط هيءَ آهي، تہ حُڪمنامي پٽاندر ضبطگي ٻن مهينن کان وڌيڪ عرصي تائين قائم نہ رهندي، جيستائين ضبطگيءَ جي عرصي ۾ واڌ انهيءَ عدالت جي حُڪم سان نہ ڪئي وڃي، جنهن ڊِڪري جاري ڪئي هجي يا جيستائين چاٽايل ڊِڪريءَ جي ضبطگيءَ جي پُڄاڻيءَ کان اڳ، ڊِڪريءَ کي انهيءَ ضبط ڪندڙ عدالت ڏانهن مُنتقل نہ ڪيو وڃي ۽ ڊِڪري وٺندڙ چاٽايل ملڪيت جي نيلامي لاءِ درخواست ڏني هجي.

---

[97] 1937ع جي قانوني حُڪم سان اصلي قلم 45 ۾ تبديلي ٿي.

[98] 1975ع جي صدارتي حُڪم 4 سان "وفاقي" ۾ تبديلي ٿي

[99] 1949ع جي قانوني حُڪم سان "يا ڪنهن پرڏيهي شهزادي يا رياست جا علائقا" لاءِ تبديلي ٿي.

تڪراري مامرن جو نبيرو، ڊِڪري جاري ڪندڙ عدالت طرفان ٿيڻ گهرجي

قلم 47. تڪراري مامرن جو نبيرو ڊِڪري جاري ڪندڙ عدالت طرفان ڪيو ويندو: (1) جڏهن انهيءَ مُقدمي ۾، جنهن ۾ ڊِڪري جاري ٿي هجي، ڌرين يا اُنهن نگرانن جي وچ ۾ تڪراري مامرا هجن، ۽ جيڪي ڊِڪريءَ جي پوراءُ، اُڪلاءُ يا ڊِڪريءَ جي تعميل سان ناتو رکندا هجن، تن جو فيصلو ڪنهن ڌار مقدمي سان نه، پر ڊِڪريءَ جاري ڪندڙ عدالت جي حُڪم سان ٿيندو.

(2) ٻُڌٽيءَ جي عرصي بابت درخواست جي رعايت يا عدالت جي اختيار طور، عدالت کي اختيار آهي، ته مٿي ڄاڻايل قلم تحت ڪارروائيءَ کي هڪڙو مُقدمو سمجهي يا مقدمي کي ڪارروائي سمجهي ۽ جيڪڏهن گهرج هجي، ته وڌيڪ ڪورٽ فيس جمع ڪرائڻ جو حُڪم ڏئي.

(3) جيڪڏهن سوال اُٿي، ته فلاڻو شخص ڪنهن ڌُر جو نگران آهي يا نه، ته انهيءَ قلم جي مقصد لاءِ نبيرو عدالت ڪندي.

وضاحت: هن قلم خاطر جيڪڏهن دعويٰ ڪندڙ جي مُقدمي کي خارج ڪيو ويو هجي ۽ دعويٰ جو جواب ڏيندڙ خلاف مُقدمي کي خارج ڪيو ويو هجي، ته اُهي انهيءَ مُقدمي ۾ ڌُريون آهن.

ڊِڪريءَ جاري ڪرڻ لاءِ وقت جي حد

قلم [100][48. ڪجهه مُقدمن ۾ ڊِڪري جاري ڪرڻ جي روڪ: (1) جيڪڏهن ڪنهن اهڙي ڊِڪري جاري ڪرڻ خاطر درخواست داخل ڪئي وڃي، جيڪا حُڪمن کي روڪڻ جي ڊِڪري نه هجي، ته انهيءَ کان پوءِ انهيءَ ڊِڪريءَ جي جاري ڪرڻ بابت ڪو حُڪم، ڪنهن نئين درخواست تي نه ڏنو ويندو. جيڪا [101][ڇهن] ورهين جي تاريخ جي عرصي گُذرڻ ڪانپوءِ هيٺئين ريت داخل ڪئي وڃي، يعني:-

(a) ڊِڪريءَ جي تاريخ کان، جنهن جي جاري ڪرڻ واري گُذارش ڪئي ويئي هجي؛

(b) جيڪڏهن ڊِڪريءَ يا پوءِ اهو حُڪم ته فلاڻي تعداد ۾ ربيا ڪنهن خاص تاريخ تي يا ڪنهن ايندڙ مقرر تاريخ تي ڏنا وڃن يا فلاڻو مالُ سونپيو وڃي، ته قسط جي نه ڏيڻ ۽ مال نه سونپڻ جي تاريخ کان، جنهن بابت درخواست ڏيندڙ اُها ڊِڪري جاري ڪرائڻ چاهيندو هجي.

2. ڪابه ڳالهه هن قلم جي ڪنهن به عبارت جي اُبتڙ نه هوندي-

(a) اِهو قياس ڪرڻ، ته ڊِڪري جاري ڪرڻ جي عدالت کي ڪنهن اهڙي درخواست تي حُڪم ڏيڻ کان روڪيو ويو آهي، جيڪا ڄاڻايل [102][ڇهن] ورهين جي عرصي گُذرڻ ڪانپوءِ داخل ڪئي وئي هجي، جنهن ۾ ڊِڪريءَ جو قرضدار ڊِڪري جي جاري ٿيڻ کي ڪنهن دوکي يا ڏاڍُ سان ڪنهن عرصي ۾، جيڪا درخواست جي تاريخ کان بلڪل [103][ڇهه] ورهيه اڳ جي اندر هجي، روڪيو هجي؛ يا

---

[100] انهيءَ قلم ۾ سنڌ رورل ڪريڊٽ ۽ زميني تبديلي ائڪٽ 1947ع (1947ع جو 49)، قلم 8 سان سنڌ ۾ انهيءَ جي عملدرآمد لاءِ ترميم ٿي.

[101] 1972ع جي آرڊيننس XII سان "ٻارهن" ۾ ڦيرڦار ٿي.

[102] ساڳيو.

[103] ساڳيو.

(b) [لميٽيشن ائڪٽ 1908ع جي پھرئين شيڊيول جي آرٽيڪل 183[104]] جي سرگرميءَ کي محدود ڪرڻ يا ڪنھن ٻئي طريقي سان اثرانداز ٿيڻ.

مُنتقل ڪرائيندڙ ۽ قانوني نمائندا

قلم 49. مُنتقلي ڪرائيندڙ: هر شخص، جنھن جي نالي ڊِڪري مُنتقل ڪئي وڃي، اُنھن حقن جي پابندي (جيڪڏھن ڪي ھجن) ڊِڪريءَ وٺندڙ کي ڪرڻي پوندي، جن کي ڊِڪريءَ جو قرضدار، اصل ڊِڪريءَ وٺندڙ جي خلاف لاڳو ڪرائي سگھي ھا.

قلم 50. قانوني نمائندو: (1) جيڪڏھن ڊِڪريءَ وٺندڙ ڊِڪري جي مڪمل تعميل ٿيڻ کان اڳ فوت ٿي وڃي، تہ ڊِڪريءَ جو قانوني نمائندو، مرحوم جي قانوني نمائندي طور ڊِڪري جاري ڪرڻ واريءَ عدالت ۾ درخواست داخل ڪري سگھي ٿو.

(2) جيڪڏھن ڊِڪريءَ جي تعميل اھڙي قانوني نگران تي ڪرائي وڃي، تھُو تہ رُڳو مرحوم جي اوتري ملڪيت جي سطح تائين پابند ھوندو جيڪا ملڪيت سندس ھٿ ۾ آئي ھجي ۽ انھيءَ جو مُناسب نيڪال نہ ٿيو ھجي ۽ اھڙي ذميداريءَ جي خاطريءَ جي مقصدن لاءِ ڊِڪريءَ جي تعميل ڪرائيندڙ عدالت کي اختيار ھوندو تہ اُھا پنھنجي مرضيءَ سان يا ڊِڪري وٺندڙ جي درخواست داخل ڪرڻ تي، اھڙي قانوني نگران کي اھڙا کاتا داخل ڪرائڻ تي مجبور ڪري، جنھن کي عدالت مناسب سمجھي.

قلم 51. ڊِڪري تعميل ڪرڻ لاءِ عدالت جو اختيار: عدالت مقرر ڪيل اھڙين شرطن ۽ قاعدن جي پابنديءَ موجب، ڊِڪري وٺندڙ جي درخواست تي، ھيٺئين طريقن پٽاندر ڊِڪري تعميل ڪري سگھي ٿي، يعني:

(a) ملڪيت سونپڻ ذريعي، جنھن جي ڊِڪريءَ ۾ وضاحت ٿيل ھجي، يا

(b) ضبطگيءَ ذريعي نيلام سميت يا ڪا ملڪيت ضبطگيءَ بغير، يا

(c) ڪنھن شخص جي گرفتاري توڙي قيد ذريعي، يا

(d) رِسيور جي مُقرريءَ ذريعي، يا

(e) ڪنھن ٻئي طريقي سان، جنھن کي قانوني سھائتا لاءِ گھربل طور ضروري سمجھيو وڃي.

[105][پر شرط ھيءُ آھي، تہ [106][* * *] ڊِڪريءَ جي قرضدار کي، سندس خلاف ڊِڪري جاري ٿيڻ تي تيستائين قيد جو حُڪم نہ ڏنو ويندو جيستائين ڊِڪريءَ جي قرضدار کي پنھنجا سبب ڄاڻائڻ جو موقعو نہ ڏنو وڃي، تہ ھُن کي ڇو نہ قيد ڪيو وڃي ۽ عدالت آٿت ٿيڻ تي پنھنجا ڪارڻ لکندي:—

(a) تہ ڊِڪريءَ جي قرضدار، ڊِڪريءَ جي تعميل ٿيڻ ۾ رُڪاوٽ وڌي ۽ تاخير ڪئي ھجي.

(i) ھيءُ تہ ھُو عدالت جي مقامي اختيار وارين حدن کي ڇڏي وڃڻ وارو ھجي، يا

---

[104] سِول پروسيجر ڪوڊ (ترميم) ائڪٽ 1940ع (1940ع جو XXXIV)، قلم3 تحت "ھندستاني لميٽيشن ائڪٽ 1877ع جي ٻئي شيڊيول ۾ 180" لاءِ تبديلي ٿي.

[105] سِول پروسيجر ڪوڊ (ترميم) ائڪٽ 1936 (1936ع جو XXI)، قلم2 تحت شرط ۽ وضاحت شامل ٿي.

[106] 1980ع جي آرڊيننس X سان لفظ "جڏھن ڊِڪري روڪ رقم جي ادائيگي لاءِ ھُجي" خارج ٿيا.

(ii) ڊڪري جاري ٿيڻ کان پوءِ هُن بدديانتيءَ سان پنهنجي ملڪيت کي لِڪائي ڇڏيو هجي، يا مُنتقل ڪري ڇڏيو هجي، يا انهيءَ جو ڪو حصو ڏار ڪري ڇڏيو هجي، يا انهيءَ ملڪيت بابت ڪا اهڙي بدديانتي ڪئي هجي، يا

(a) اهو تہ ڊڪريءَ جو قرضدار، ڊڪري جاري ٿيڻ جي تاريخ کان انهيءَ رقم جي ڏيڻ جا ذريعا رکندو هو يا رکي ٿو يا انهيءَ جي ڏيڻ جو معقول حصو رکي ٿو يا رکي پيو انهيءَ جي ڏيڻ کان انڪار يا انڪاري سُستيءَ ڪري ٿو، يا

(b) هيءَ تہ ڊڪري انهيءَ قسم جي آهي، جنهن کي ڊڪريءَ جو قرضدار انهيءَ جي ڏيڻ جي سُني ۽ چڱي حيثيت رکي پيو.

وضاحت: شِق (b) جي مقصدن لاءِ ڊڪريءَ جي قرضدار جي ذريعن جي تخميني ۾ سندس ڪنهن ملڪيت جو حصو خارج ٿيندو، جيڪو ڪنهن لاڳو قانون يا رواج يا ڪنهن ٻئي قانون پٽاندر ڊڪريءَ جي تعميل ۾ ضبطگيءَ کان آجو ٿيل هُجي.]

قلم 52. قانوني نمائندن خلاف ڊڪريءَ جو تعميل ٿيڻ: (1) جيڪڏهن ڪنهن ڏُر تي، فوتي شخص جي قانوني نگران هئڻ طور ڊڪري جاري ٿي هجي ۽ ڊڪري فوتي شخص جي ملڪيت مان روڪ رقم ڏيارڻ لاءِ هجي، تہ جاٽايل ملڪيت جي نيلامي ۽ ضبطگيءَ ذريعي ڊڪري تعميل ٿي سگهي ٿي.

(2) جيڪڏهن اهڙي ملڪيت، ڊڪريءَ جي قرضدار جي تحويل ۾ باقي نہ رهي ۽ هُو عدالت کي اطمينان ڏيارڻ ۾ ناڪام ٿئي، تہ هُن فوتي شخص جي اهڙي ملڪيت لاءِ مُناسب طور درخواست ڏني آهي، جنهن مان اِهو ثابت ٿيو آهي، تہ اُها ملڪيت سندس تحويل ۾ آئي آهي، تہ پوءِ اُها ڊڪريءَ جي ڊڪري، قرضدار تي ملڪيت لاءِ انهيءَ سطح تي تعميل ٿي سگهي ٿي، جنهن بابت هُو عدالت کي اطمينان ڏيارڻ ۾ ناڪام ٿيو هجي، جڻ جاٽايل ڊڪري پاڻُ سندس ذات خلاف جاري ٿي هئي.

قلم 53. موروثي ملڪيت جي ذميداري: قلم 50 ۽ قلم 52 جي مقصدن لاءِ، جيڪا ملڪيت ڪنهن شخص جي پُٽ يا ٻين اولاد جي قبضي ۾ ايئن اچي، تہ جاٽايل ملڪيت تي هندو قانون پٽاندر فوتيءَ جي ورثي جي حصي تي قرض رهيل هجي، جنهن بابت ڪا ڊڪري جاري ٿي هجي، تہ سمجهيو ويندو، تہ جاٽايل ملڪيت اهڙي فوتي شخص جي ملڪيت آهي، جيڪا سندس پُٽ يا ٻئي وارث جي قبضي ۾ قانوني نمائندي موجب آئي آهي.

قلم 54. زميني ملڪيت يا پاڳن جون ڀتيون يا ورڇ: جيڪڏهن ڊڪري ڪنهن اڻ ورهايل زميني ملڪيت بابت هجي، جنهن جي ڍل شخصي طور [107][سرڪار] وٽ جمع ڪرائي ويندي هجي يا جاٽايل ملڪيت جي پاڳن جي ڀتين بابت هجي، تہ زمين جي ورڇ يا پاڳن جي ڀتيون، ڪليڪٽر يا ڪليڪٽر جي ماتحت ڪنهن گزيٽيڊ عملدار جي معرفت، جنهن کي اُن انهيءَ ڪم تي مُقرر ڪيو هجي، انهيءَ قانون موجب (جيڪڏهن ڪو اهڙو قانون هجي) عمل ۾ ايندي، جيڪو جاٽايل زمين جي ورڇ يا ڀتين بابت انهيءَ وقت لاڳو هجي.

---

[107] 1950ع جي آرڊيننس سان لفظ "ڪرائون" ۾ تبديلي ٿي.

گرفتاري ۽ قيد

قلم 55. گرفتاري ۽ نظربندي: (1) ڊِڪريءَ جي قرضدار کي ڊِڪري جي تعميل ۾ ڪنهن به ڏينهن ۽ ڪنهن به وقت گرفتار ڪري سگهجي ٿو ۽ جيترو جلد ممڪن ٿي سگهندو، هُن کي اُن عدالت جي آڏو پيش ڪيو ويندو[108] [جيڪا ڪيس جيل ۾ نظربنديءَ جو حُڪم ڏيندي، ته جيئن هُو اهڙي عرصي لاءِ جيڪو هڪ سال کان وڌيڪ نه هجي، جيل ۾ بغير مُشقت قيد ڪٽي.]

پر پهريون شرط هيءَ آهي، ته هن قلم موجب گرفتاريءَ خاطر جائز نه آهي، ته ڪنهن رهائشي گهر ۾ سِجُ لهڻ کان پوءِ يا سج اُڀرڻ کان اڳ داخل ٿيڻو نه پوندو:

ٻيو شرط هيءَ آهي، ته ڪنهن رهائشي گهر جي ٻاهرئين دروازي کي نه ڀڃيو ويندو جيستائين جاٽايل ڊِڪريءَ جو قرضدار جاٽايل گهر ۾ داخل ٿيڻ نه ڏئي ۽ هُو انهيءَ ۾ داخل ٿيڻ کان روڪي يا ڪنهن قسم سان رنڊڪ ۽ آنڪاءُ وجهي، پر جڏهن گرفتاريءَ جو اختيار رکندڙ عهديدار ڪنهن گهر منجهه باضابطا پُهچي وڃي، ته هُو ڪنهن ڪمري ۾ داخل ٿيڻ لاءِ ڪنهن دروازي کي ڀڃي سگهي ٿو جنهن لاءِ هُن کي ڀروسو هُجي، ته ڊِڪريءَ جو قرضدار اُتي موجود هوندو:

ٽيون شرط هيءَ آهي، ته جيڪڏهن اُهو ڪمرو ڪنهن عورت جي تحويل ۾ هُجي، جيڪا ڊِڪريءَ جي قرضدار نه هُجي، ۽ هوءَ مُلڪ جي قانون پٽاندر عوام جي آڏو نه ايندي هُجي، ته گرفتار ڪرڻ لاءِ بااختيار عملدار، جاٽايل عورت کي جاٽائيندو ته هُن کي ٻاهر نڪري وڃڻ جو اختيار آهي ۽ پوءِ انهيءَ عورت کي ٻاهر نڪري وڃڻ لاءِ معقول مهلت ڏيڻ ۽ ڪيس نڪرڻ لاءِ هر قسم جي مُناسب سهوليت ڏيڻ بعد، گرفتاريءَ جو اختيار رکندڙ عهديدار کي اختيار هوندو ته هُو گرفتاريءَ جي مقصد لاءِ ڪمري ۾ وڃي:

چوٿون شرط هيءَ آهي، ته جيڪڏهن اُها ڊِڪري، جنهن جي تعميل ٿيڻ ۾ ڊِڪريءَ جو قرضدار گرفتار ٿيو هجي، ۽ اُها روڪ رقم جي هجي ۽ ڊِڪريءَ جو قرضدار، ڊِڪريءَ جي اُها رقم ۽ خرچ، گرفتار ڪندڙ کي ڏئي ڇڏي، ته جاٽايل عهديدار کيس تُرت آزاد ڪري ڇڏيندو.

(2) [109][صوبائي حڪومت] انهيءَ ڳالهه جو اعلان مقامي [110][سرڪاري گزيٽ] ۾ ڪري سگهي ٿي، ته ڪوبه شخص يا شخصن جو گروهه، جنهن جي گرفتاريءَ عوام لاءِ خطري يا تڪليف جو سبب ٿي سگهندي هُجي، سي ڊِڪريءَ جي تعميل ۾ گرفتار ٿيڻ جا حقدار نه هوندا، انهيءَ طريقيڪار ڪانسواءِ، جيڪو انهيءَ ڏس ۾ صوبائي حڪومت طرفان تجويز ڪيو وڃي.

---

[108] 1980ع جي آرڊيننس X سان قلم 5 ۾ قيرڦار ٿي.

[109] 1937ع جي آرڊيننس سان "مقامي حڪومت" ۾ تبديلي ٿي.

[110] ڏسو حوالو ساڳيو. "مقامي سرڪاري گزيٽ" ۾ قيرڦار ٿي.

[111][(3) ذيلي قلم (1) تحت نظربند ڪيل ڊِڪريءَ جو ڪو قرضدار، ڊِڪريءَ پٽاندر رڳو اهڙي قيد ڪٽڻ آڏار پنهنجي ذميداريءَ مان آجو نہ ٿيندو، پر هُو انهيءَ ڊِڪريءَ جي تعميل ۾ ٻيهر گرفتار ٿيڻ جو حقدار نہ هوندو، جنهن موجب ڪيس اڳ ۾ جيل ۾ نظربند ڪيو ويو هجي.]

[112][* * *]

قلم 56. رقم جي ڊِڪريءَ جي تعميل ۾ عورت جي گرفتاري يا نظربنديءَ جي روڪ: انهيءَ ڀاڱي ۾ ڪنهن بہ قانون جي ڪنهن ڳالهہ ڪانسواءِ، عدالت ڊِڪريءَ جي رقم ڏيڻ لاءِ عورت کي گرفتار ڪرڻ يا قيد ۾ [113][***] نظربند رکڻ جو حُڪم نہ ڏيندي.

قلم [114][57. گُذران جو وظيفو: صوبائي حڪومت رُتبي، نسل ۽ قوميت موجب مرحليوار ماهوار وظيفو مُقرر ڪري سگهي ٿي، جيڪو ڊِڪريءَ جي قرضدار جي گُذران لاءِ ڏيڻ جوڳو هُجي.

قلم [115][58. نظربنديءَ مان آزادي: هر اُهو شخص، جنهن کي ڊِڪريءَ جي تعميل ۾ جيل ۾ نظربند ڪيو ويو هجي، تنهن کي نظربنديءَ جو وقت گُذرڻ کان اڳ آزاد ڪيو ويندو جيڪڏهن:-

(a) جيڪا رقم هُن جي نظربنديءَ جي وارنٽ ۾ لکيل هجي، سا جيل جي انچارج عملدار کي ڏني ڇڏيءِ يا

(b) هُن خلاف جيڪا ڊِڪري هجي، سا پُوريءَ طرح تعميل ڪري ڇڏي؛ يا

(c) جنهن شخص جي درخواست تي هُن کي نظربند ڪيو ويو هجي، سو جيڪڏهن اهڙي (آزاديءَ جي) منٿ ڪري، پر شرط هيءُ آهي، تہ اهڙي قسم جي نظربنديءَ مان عدالت جي حُڪم بغير آزاد نہ ڪيو ويندو.]

قلم [116][59. بيماريءَ سبب آزادي: (1) ڊِڪريءَ جي قرضدار جي گرفتاريءَ لاءِ جاري ٿيل وارنٽ کي، عدالت طرفان ڪنهن بہ وقت سندس گهٽي بيماريءَ جي بُنيادن تي رَدُ ڪري سگهجي ٿو.

(2) جڏهن ڪنهن ڊِڪريءَ جي قرضدار کي گرفتار ڪيو ويو هُجي، تہ عدالت ڪيس انهيءَ ويچار جي بنياد تي آزاد ڪري سگهي ٿي، جيڪو سندس صحت بهتر نہ هجڻ بابت نہ هجي، تہ ڪيس ديواني جيل ۾ گرفتار رکيو وڃي.

(3) جڏهن ڪنهن ڊِڪريءَ جي قرضدار کي ديواني عدالت ڏانهن موڪليو ويو هُجي، تہ هُن کي اُن ڳالهہ سبب آزاد ڪري سگهجي ٿو-

(a) حڪومت طرفان ڪنهن گهاوَ يا وبائي بيماريءَ جي موجودگيءَ سبب؛ يا

---

[111] 1980ع جي آرڊيننس X سان قلم 5 ۾ قيرقار ٿي.

[112] 1980ع جي آرڊيننس X، قلم 5 تحت ذيلي قلم (4) خارج ٿيو.

[113] 1980ع جي آرڊيننس X، قلم 6 تحت لفظ "شهري" خارج ٿيو.

[114] 1980ع جي آرڊيننس X، قلم 7 تحت قلم 57 خارج ٿيو.

[115] 1980ع جي آرڊيننس X، قلم 8 تحت ڦيرڦار ٿي.

[116] 1980ع جي آرڊيننس X، قلم 9 تحت خارج ٿيو.

(b) عدالت جي حُڪم سان، يا ڪنهن اهڙي عدالت پاران، جنهن جي اهڙي عدالت ماتحت هُجي، ڪنهن ڳنڀير بيماريءَ ۾ مُبتلا هجڻ سبب.

(4) انهيءَ قلم تحت آزاد ڪيل ڪنهن ڊڪريءَ جي قرضدار کي گرفتار ڪري سگهجي ٿو پر هُن جو ديواني جيل ۾ نظربنديءَ جو عرصو انهيءَ عرصي کان وڌيڪ نہ هوندو، جيڪو قلم 58 ۾ مُقرر ٿيل آهي.

ملڪيت جي ضبطگي

قلم 60. ڊڪريءَ جي تعميل ۾ ضبطگيءَ ۽ نيلام جوڳي ملڪيت: جيڪا ملڪيت، ڊڪريءَ جي تعميل ۾ ضبطگيءَ ۽ نيلام جوڳي هجي، تنهن جو تفصيل هيءُ آهي يعني زمينَ، گهرَ يا ٻيون عمارتون ۽ مالُ مَڏي ۽ روڪ رقم ۽ بئنڪ ۾ پيل رقم ۽ چيڪ ۽ هُنڊيءَ، پي آرڊر ۽ پراميسري نوٽ ۽ سرڪاري نوٽ ۽ بانڊ يا ٻئي خرچ لاءِ روڪ رقم ۽ قرضَ ۽ ڪنهن رجسٽرڊ جماعت ۾ پتي ۽ اُنهن شين ڪانسواءِ جن جو ذڪر اڳتي ٿيل هجي، سموري مُنتقل ٿيندڙ يا مُنتقل نہ ٿيندڙ وڪري جوڳي ملڪيت، جيڪا ڊڪريءَ جي قرضدارُ جي هجي يا جنهن جي نفعي تي ڪيس اهڙي خرچ جو اختيار پُهچندو هجي، تہ هُو انهيءَ کي پنهنجي نفعي لاءِ عمل ۾ آڻي سگهي، ڀلي اُهو هُن جي نالي هجي يا وتس امانت طور يا هُن پاران ڪنهن ٻئي شخص وٽ هجي:

پر شرط هيءُ آهي، تہ هيٺيون شيون ۽ سامان اهڙي ضبطگيءَ يا وڪري جو حقدار نہ هوندو خاص ڪري:

(a) ضروري پائڻ جي پوشاڪ ۽ رڌڻ پچائڻ جا ٿانوَ ۽ پلنگ ۽ ڊڪريءَ جي قرضدار ۽ سندس زال ۽ ٻارن جا ڪپڙا ۽ اهڙا زيورَ جن کي ڪا عورت پنهنجي مذهبي رسمن پٽاندر ڌار ڪري نہ سگهندي هجي.

(b) هُنرمنديءَ يا ڪاريگريءَ جا اوزار ۽ جيڪڏهن ڊڪريءَ جو قرضدار ڪُڙمي هجي، تہ ڪُڙمت جا اوزار ۽ اهڙا چوپايا جانور ۽ اناجَ، جيڪو عدالت جي سمجهہ موجب، ڊڪريءَ جي قرضدار جي گذران لاءِ ضروري هجن، ۽ ايترو زرعي پيداوار جو حصو يا ڪنهن خاص قسم جي پيداوار ۽ زراعت جو حصو جنهن کي قلم 61 موجب ضبطگيءَ توڙي نيلاميءَ کان آجو ڪيو ويو هجي.

(c) گهر ۽ ٻين عمارتن سميت سندن مال متو ۽ موجود ايراضي ۽ اُها ايراضي، جيڪا ساڻن بلڪل گڏ ۽ سندن واهپي لاءِ ضروري هجي، ڪُڙمي جي ملڪيت ۽ تحويل ۾ ۽ سندس واهپي ۾ هجي.

(d) گِروي رکيل کاتو.

(e) خساري جي درخواست داخل ڪرڻ جو حق.

(f) ذاتي خدمت جو هر حق.

(g) [117][سرڪار] ڪان ملندڙ وظيفو[118]] يا پينشن يا اُها رقم، جيڪا سروس فيملي پينشن فنڊ مان ملندي هجي، جنهن بابت [119][مرڪزي يا صوبائي حڪومت] طرفان [120][سرڪاري گزيٽ] ۾ [121][اشتهار] ڇاپيو ويو هجي ۽ سرڪاري پينشن ملندي هجي؛

(h) [122][(h) مزدوري ۽ گهريلو ملازمن جي ڏهاڙي پلي روڪ يا جنس ۾ ڏيڻ جوڳي هجي، [123][***]؛

(i) [124][(i) پگهار اڳ ۾ روڪ هڪ سؤ ربيا ۽ پوءِ اڌ.

پر شرط هيءَ آهي، تہ جتي پگهار ڪنهن [125][سرڪاري ملازم] يا ريلوي ملازم [126][***] يا مقامي اختياري جي پگهار هجي، تنهن جو ڪُل يا ڪو حصو پلي لڳاتار يا هر پيري ڪُل عرصو چوويهہ مهينن تائين ضبطگيءَ هيٺ رهيو هجي، سو ايندڙ ٻارهن مهينن تائين ضبطگيءَ کان آجو هوندو ۽ جيڪڏهن اهڙي ضبطگي رڳو هڪ ۽ ساڳئي ڊِڪريءَ جي تعميل ۾ ڪئي وئي هجي، سا قطعي طور ڊِڪريءَ جي حالت ۾ ضبطگيءَ کان آجي هوندي؛

(j) اُنهن ماڻهن جي پگهار ۽ وظيفو جن تي [127][پاڪستان آرمي ائڪٽ 1952ع] [128][*** لاڳو] ٿئي، [129][يا ڪميشن عملدارن سميت ٻيا شخص، جن تي پاڪستان نيوي آرڊيننس 1961ع لاڳو ٿئي ٿو]؛

(k) لازمي توڙي ٻي رقم، جيڪا ڪنهن اهڙي فنڊ (سرمايي) ۾ جمع هجي يا اهڙي فنڊُ مان ورتي وڃي، جنهن سان پراويڊنٽ فنڊ [130][1925ع] بابت وقتائتو قانون لاڳاپيل هجي، جيستائين جاٽايل رقم کي جاٽايل قانون پٽاندر ضبطگيءَ جوڳو نہ ڪوٺيو ويو هجي؛

---

[117] 1961ع جي قانوني حُڪم (1961ع جو I)، آرٽيڪل 2 ۽ ٽيبل (23 مارچ 1956ع کان لاڳو) تحت "ڪرائون" ۾ ڦيرڦار ٿي.

[118] 1937ع جي قانوني حُڪم سان "حڪومت جي پينشنرن" ۾ تبديلي ٿي.

[119] اهڙي نوٽيفڪيشن لاءِ ڏسو هندستان جو گزيٽ، 1909ع، ڀاڱو I، صفحو 5.

[120] 1937ع جي قانوني حُڪم تحت "هندستان جو گزيٽ" ۾ تبديلي ٿي، جڏهن تہ لفظ "وفاق" ۾ 1975ع جي صدارتي آرڊيننس سان ڦيرڦار ٿي.

[121] ڏسو مٿيون حوالو "مرڪز ۾ حڪومت" ۾ تبديلي ٿي.

[122] سِول پروسيجر ڪوڊ (ٻي ترميم) ائڪٽ 1937ع (1937ع جو IX)، قلم2 تحت اصلي شِقن (h) ۽ (i) ۾ ڦيرڦار ٿي. انهيءَ قلم سان ڪيل ترميمن جو ڪنهن مُقدمي ۾ ٿيل ڪنهن ڪارروائي جي ڏس ۾ 1 جون 1937ع تائين ڪوبہ اثر نہ ٿيو؛ ڏسو ساڳيو حوالو قلم 3.

[123] سِول پروسيجر ڪوڊ (ترميم) ائڪٽ 1943ع (1937ع جو V)، قلم2 تحت لفظ "۽ ڏهن هزار ربين جي سطح تائين پگهار ۽ اهڙي پگهار جي باقي رهيل اڌ پگهار" خارج ٿيا.

[124] سِول پروسيجر ڪوڊ (ترميم) ائڪٽ 1943ع (1937ع جو V)، قلم2 تحت موجوده شِق (i) ۽ اهڙيءَ طرح شرط ۾ ڦيرڦار ٿي.

[125] صدارتي آرڊيننس 1961ع (1961ع جو I)، آرٽيڪل 2 ۽ شيڊيول (23 مارچ 1956ع کان لاڳو) ۾ اصلي لفظن "ڪرائون جو ملازم" ۾ تبديلي ٿي.

[126] سِول پروسيجر ڪوڊ (ترميم) آرڊيننس 1962ع (1962ع جو XLIV)، قلم 13 (7 جُون 1962ع کان هڪدم لاڳو) تحت لفظ "ڪمپني" خارج ٿيو.

[127] مرڪزي قانون (قانوني سُڌارا) آرڊيننس، 1960ع (1960ع جو XXI)، قلم 3 ۽ ٻئين شيڊيول (14 آڪٽوبر، 1955ع کان لاڳو ٿيندڙ) تحت "هندستاني فوج ائڪٽ، 1911ع" ۾ ڦيرڦار ٿي، جنهن ۾ اڳ ۾ قانوني حُڪم 1937ع تحت "جنگ جا هندستاني آرٽيڪلَ لاڳو" ۾ تبديلي ٿي هئي.

[128] قانوني حُڪم 1949ع تحت لفظ "يا برما فوج ائڪٽ" خارج ٿيا.

[129] ترميمي ائڪٽ 1934ع (1934ع جو XXXV) قلم 2 ۽ شيڊيول تحت شامل ٿيو.

[131][(l)] ڪو وظيفو جيڪو [132][سرڪاري ملازم] يا ريلوي ڪمپنيءَ [133][*** لاڳو] يا مقامي اٿارٽيءَ جي ملازم جي وظيفي جو حصو بڻيو هجي، جنهن کي [134][مناسب حڪومت] [135][سرڪاري گزيٽ] نوٽيفڪيشن سان آجو ڪوني ۽ ٻيءَ ڪا اهڙي گُذاري جي رقم جيڪا [136][اهڙي ملازم کي] مُعطليءَ جي حالت ۾ ملندي هجي؛]

پسماندگي يا پيا حق يا ورثن جي حالت ۾ ورثي جو اُميدوار جنهن جو رُڳو امڪان يا ٻين ڳالهين جي ٿيڻ جو قياس هجي.

(m) مُستقبل جي گُذاري لاءِ خرچ.

(n) اُهو وظيفو جنهن کي [137][ڪنهن پاڪستاني قانون] ھٽاندر ڊڪريءَ جي تعميل ٿيڻ سبب ضبطگيءَ توڙي نيلام کان آجو ڪونيو ويو هجي؛ ۽

(o) جيڪڏهن سرڪاري ملڪيت وٺڻ لاءِ ڊِڪريءَ جي دعوي هجي، ته ڪا اهڙي مُنتقل ٿيندڙ ملڪيت، جنهن کي ڪنهن لاڳو قانون بابت ڄاڻايل شخص طرفان اهڙي نيلام کان آجو ڪونيو ويو هجي، جيڪا ملڪيت جي وصوليءَ جي بقايا وٺڻ خاطر عمل ۾ اچي.

[138][وضاحت 1: تفصيل جن جو ذڪر شِقن (g)، (h)، (i)، (j)، (l) ۽ (o) ۾ ڪيو ويو آهي، ۽ جيڪي ضبطگيءَ يا نيلاميءَ کان آجو آهن، پوءِ پلي انهيءَ بعد قابل ادائيگي هجن ۽ [139][سرڪاري ملازم]، ريلوي ڪمپني [140][***] يا مقامي اٿارٽيءَ جي ملازم جي پگهار کان علاوه [141][ڪنهن ٻئي ملازم جي پگهار]جو قابل ضبطگيءَ حصو، انهيءَ پٽاندر ضبطگيءَ کان آجو آهي، جيستائين اُهو واقعي قابل ادائيگي هجي.

---

[130] سِول پروسيجر ڪوڊ (ٻي ترميم) ائڪٽ 1937ع (1937ع جو IX)، قلم2 تحت "1897ع" ۾ تبديلي ٿي.

[131] تبديلي ٿي. اصلي شِق لاءِ ڏسو ساڳيو حوالو. گڏوگڏ فوٽ نوٽ 5 پڻ ڏسو.

[132] صدارتي آرڊيننس 1961ع (1961ع جو 1)، آرٽيڪل 2 ۽ شيڊيول (23 مارچ 1956ع کان لاڳو) تحت "ڪرائون جو مُلازم" ۾ تبديلي ٿي، جنهن ۾ اڳ ۾ سِول پروسيجر ڪوڊ (ترميم) ائڪٽ 1943ع، قلم2 تحت "سرڪاري عملدار" ۾ ڦيرڦار ٿي هئي.

[133] سِول پروسيجر ڪوڊ (ترميم) آرڊيننس 1962ع (1962ع جو XLIV)، قلم 13 (7 جُون 1962ع کان هڪدم لاڳو) تحت لفظ "ڪمپني" خارج ٿيو.

[134] 1937ع جي قانوني حُڪم سان "مرڪز ۾ حڪومت" ۾ تبديلي ٿي.

[135] 1937ع جي قانوني حُڪم سان "هندستان جي گزيٽ" ۾ ڦيرڦار ٿي.

[136] 1943ع جي ائڪٽ 5، قلم 2 تحت "ڪو اهڙو عملدار يا مُلازم" ۾ تبديلي ٿي.

[137] 1937ع ۽ 1949ع جي قانوني حُڪمن ۾ ڪاميابيءَ سان اصلي لفظن "هندستاني ڪائونسلَ ائڪٽن 1861ع ۽ 1892ع تحت منظور ٿيل ڪنهن قانون" ۾ مٿي ڄاڻايل جيان پڙهڻ لاءِ ترميم ڪئي وئي آهي.

[138] سِول پروسيجر ڪوڊ (ٻي ترميم) ائڪٽ 1937ع (1937ع جو IX)، قلم2 تحت اصلي وضاحت کي وضاحت 1 طور ٻيهر نمبر هنيو ويو.

[139] سِول پروسيجر ڪوڊ (ٻي ترميم) ائڪٽ 1937ع (1937ع جو IX)، قلم2 تحت شامل ڪيو ويو. ڏسو پڻ فوٽ نوٽ 5.

[140] صدارتي آرڊيننس 1961ع (1961ع جو 1)، آرٽيڪل 2 ۽ شيڊيول (23 مارچ 1956ع کان لاڳو) تحت "ڪرائون جو مُلازم" ۾ تبديلي ٿي، جنهن ۾ اڳ ۾ سِول پروسيجر ڪوڊ (ترميم) ائڪٽ 1943ع (1943ع جي V)، قلم2 تحت "سرڪاري عملدار" ۾ ڦيرڦار ٿي هئي.

[141] سِول پروسيجر ڪوڊ (ترميم) آرڊيننس 1962ع (1962ع جو XLIV)، قلم 13 (7 جُون 1962ع کان هڪدم لاڳو) تحت لفظ "ڪمپني" خارج ٿيو.

[142][وضاحت 2: شِق (h)، (i) ۽ (o) ۾ لفظ پگهار جي معنيٰ ڪُل ماهوار رقم يا وظيفو يا ڪا بي رقم، جنهن کي شِق (k) هيٺ ضبطگيءَ کان آجو ڪونيو ويو هجي. هڪڙو شخص جيڪو پنهنجي ملازمت دوران وڌندو هجي، پوءِ پلي ملازمت هلندڙ هجي يا موڪل تي هُجي.

[143] [وضاحت 3: شِق (1) ۾ مُناسب حڪومت جي معنيٰ:

(i) ڪنهن [144][شخص] جو اُهو ناتو جيڪو مرڪزي حڪومت ۾ ملازم هجي، يا اُهو [145][ريلوي جو يا] چانوٽي اٿارٽيءَ جو ملازم هجي يا ڪنهن وڏي بندرگاهه جو ملازم هجي، تنهن جو مطلب مرڪزي حڪومت آهي.

[146] [***]

(ii) ڪنهن ٻئي [147][سرڪاري ملازم] يا [148][ڪنهن ريلوي ملازم يا] [149][***] مقامي اٿارٽيءَ جي ملازم جي حالت ۾ صوبائي حڪومت.]

(2) هن قلم جي ڪنهن عبارت مان هيءُ مفهوم نه هوندو ته:

گهرَ توڙي ٻيون عمارتون (مال مَڏيءَ سميت ۽ موجود زمين ۽ اُها ايراضي، جيڪا انهيءَ سان بلڪل ويجهي هجي ۽ اُنهن جي واهپي لاءِ ضروري هجي)، ڊِل جي رقم ڏيڻ لاءِ جاري ٿيل ڊِڪري ۾، جيڪي انهيءَ گهر يا عمارت يا موجود ايراضي يا پرپاسي واري ايراضيءَ بابت هجي، سا ضبطگي توڙي نيلامي کان آجي آهي.

قلم 61. زرعي پيداوار جي جُزوي ڇُوٽ: [150][صوبائي حڪومت] اختيارن پٽاندر [151][سرڪاري گزيٽ] ۾ ڇپيل عام يا خاص حُڪمن ذريعي اِهو اعلان ڪري سگهي [152][***] ٿي، ته زراعت جي

---

[142] سِول پروسيجر ڪوڊ (ٻي ترميم) ائڪٽ 1937ع (1937ع جو IX)، قلم2 تحت شامل ڪيو ويو. ڏسو پڻ فوٽ نوٽ 5.س

[143] 1937ع جي قانوني حُڪم سان وضاحت 3 شامل ٿي.

[144] سِول پروسيجر ڪوڊ (ترميم) ائڪٽ 1943ع (1943ع جو V)، قلم2 تحت "سرڪاري عملدار" ۾ ڦيرڦار ٿي.

[145] سِول پروسيجر ڪوڊ (ترميم) آرڊيننس 1962ع (1962ع جو XLIV)، قلم 13 (7 جُون 1962ع کان هڪدم لاڳو) تحت لفظ "حڪومتي ريلوي جو يا" خارج ٿيا. صدارتي حُڪم 1961ع (1961ع جو 1)، آرٽيڪل 2 ۽ ٿيبل (23 مارچ 1956ع کان لاڳو) تحت ڄاڻايل لفظن ۾ لفظ "حڪومت" ۾ "وفاقي" لاءِ ڦيرڦار ٿي. جڏهن ته لفظ "ريلوي جو يا" 1975ع جي صدارتي آرڊيننس 4 سان شامل ٿيا

[146] قانوني حُڪم 1949ع سان شِق (ii) خارج ٿي.

[147] صدارتي آرڊيننس 1961ع (1961ع جو 1)، آرٽيڪل 2 ۽ شيڊيول (23 مارچ 1956ع کان لاڳو) تحت "ڪرائون جو مُلازم" ۾ تبديلي ٿي، جنهن ۾ اڳ ۾ سِول پروسيجر ڪوڊ (ترميم) ائڪٽ 1943ع (1943ع جي V)، قلم2 تحت "سرڪاري عملدار" ۾ ڦيرڦار ٿي هئي.

[148] سِول پروسيجر ڪوڊ (ترميم) آرڊيننس 1962ع (1962ع جو XLIV)، قلم 13 (7 جُون 1962ع کان هڪدم لاڳو) تحت لفظن "ريلوي يا ڪو ٻيو" ۾ "ٻيو ريلوي يا" لاءِ تبديلي ٿي. ۽ پوءِ 1975ع جي صدارتي آرڊيننس 4 سان خارج ٿيا.

[149] منسوخي ۽ ترميمي ائڪٽ 1914ع (1914ع جو X)، قلم 3 ۽ ٻئي شيڊيول سان اکر ۽ بريڪيٽ "(a)"، لفظ "يا" ۽ شِق (b) رَدُ ٿيا.

[150] 1937ع جي قانوني حُڪم سان لفظن "مقامي حڪومت" ۾ ڦيرڦار ٿي.

[151] اختيارن جي مُنتقلي ائڪٽ 1920ع (1920ع جو XXXVIII)، قلم 2 ۽ شيڊيول، ڀاڱو 1 سان لفظ "گورنر جنرل اِن ڪائونسل جي اڳواٽ منظوريءَ سان" رَدُ ٿيا.

پيداوار جو ايترو حصو يا ڪنهن زرعي پيداوار جي خاص قسم کي [153][صوبائي حڪومت] سمجهه موجب پوکڻ جوڳي ايراضيءَ کان آئنده فصل ۾ پرورش خاطر، ڊڪريءَ جي دعويٰ ۾ سندس گهر ڀاتين لاءِ ضروري هجي، سمورن ڪُڙمين جي حالتن ۾ يا ڪُڙمين جي خاص قسم جي ضبطگيءَ توڙي نيلام لاءِ ڊڪريءَ جي تعميل جي ڇُوٽ ڏني ويجي.

قلم 62. رهائشي گهر ۾ ملڪيت جي ضبطگي: (1) ڪو شخص، جيڪو هن ڪوڊ جي حُڪمن موجب اهڙي حُڪمنامي جي تعميل ۾ رُڌل هجي، جنهن ۾ مُنتقل ٿيندڙ ملڪيت جي ضبطگيءَ جو حُڪم يا اختيار ڏنو ويو هجي، ڪنهن رهائشي گهر ۾ سِجُ ايرڻ کان پوءِ ۽ سِجُ لهڻ کان اڳ داخل نہ ٿي سگهندو.

(2) ڪنهن رهائشي گهر جو ٻاهريون دروازو نہ ٽوڙيو ويندو جيستائين جاٽايل گهر جو ڀاتي، ڊڪريءَ ۾ رنڊڪُ نہ وجهي ۽ اُهو انهيءَ کي داخل ٿيڻ کان روڪي يا ڪنهن طرح اٽڪاءُ وجهي، پر جڏهن تعميل ڪندڙ ڪنهن رهائشي گهر اندر باضابطا پُهچي وڃي، تہ کيس اختيار هوندو تہ ڪنهن ڪمري جو دروازو ٽوڙي ڇڏي، جنهن ۾ جاٽايل مال جي موجود هئڻ جي پڪ هجي.

(3) جيڪڏهن ڪو ڪمرو ڪنهن رهائشي گهر ۾ اهڙي عورت جي حقيقي واهپي ۾ هجي، جيڪا رواج موجب پردو ڪندي هجي، تہ حُڪمنامي جي تعميل ڪرائيندڙ کيس جاٽائيندو ۽ انهيءَ (عورت) کي ٻاهر نڪري وڃڻ لاءِ چڱو وقت ڏيندو ۽ انهيءَ (عورت) کي وڃڻ لاءِ مُناسب سهوليت ڏيندو ۽ جاٽايل شخص کي اختيار هوندو تہ مالڪ جي گرفتاريءَ لاءِ ڪمري منجهہ وڃي، پر اُنهن حُڪم پٽاندر انهيءَ ڳالهہ جو بہ هر طرح سان ڌيان رکندو تہ ڪمري وارو مالڪُ ڪمري مان ڳجهي طرح سان اُٿي نہ وڃي.

قلم 63. مختلف عدالتن طرفان جاري ٿيل ڊڪرين جي تعميلَ ۾ ملڪيت جي ضبطگي: (1) جڏهن ملڪيت، جيڪا ڪنهن عدالت جي تحويل ۾ نہ هجي، تہ ڪيئي عدالتن جي ڊڪري جاري ٿيڻ تي ضبطگي هجي، تہ انهيءَ ملڪيت کي وٺڻ يا ماٹڻ ۽ انهيءَ بابت هر دعويٰ ۽ انهيءَ جي ضبطگيءَ تي هر مقصدن بابت ڪارروائي ڪرڻ جو عمل انهيءَ عدالت سان لاڳاپيل هوندو جيڪا اُنهن عدالتن ۾ سيني کان وڏي عدالت هجي، يا جيڪڏهن اُنهن جي درجي ۾ ڪجهہ فرق نہ هجي، تہ انهيءَ عدالت سان لاڳاپيل هوندو جنهن جي ڊڪريءَ جي سبب ملڪيت جي اڳ ۾ ضبطگي ٿي هجي.

(2) هن قلم جي ڪنهن مضمون سان انهيءَ ڪارروائيءَ کي رڳو اُن لاءِ باطل نہ سمجهيو ويندو جيڪا ڪنهن اهڙي عدالت ڪئي هجي، جنهن منجهان ڪا هڪ ڊڪري جاري ٿي هجي.

قلم 64. ضبطگيءَ کي ڪالعدم جاٽائي ملڪيت نجي ملڪيت ۾ ڏيڻ: جڏهن ڪا ضبطگي ٿئي، تہ ڪنهن ضبط ٿيل نجي ملڪيت يا ملڪيت يا انهيءَ جي ڪنهن مفاد ۾ ڪنهن

[152] 1937ع جي قانوني حُڪم سان "مقامي سرڪاري گزيٽ" ۾ ڦيرڦار ٿي.

[153] 1937ع جي قانوني حُڪم سان لفظن "مقامي حڪومت" ۾ ڦيرڦار ٿي.

قرض لاءِ ڊِڪريءَ جي قرضدار ڏانهن ڪا ادائيگي، سرمايي تي نفعو يا ٻي رقم، جيڪي اهڙي ضبطگيءَ جي اُبتڙ هُجن، تن کي سمورين دعوائن خلاف ڪالعدم ڪونيو ويندو، جيڪي ضبطگيءَ تحت لاڳو ٿيڻ جوڳيون هونديون.

وضاحت: هن قلم جي مقصدن لاءِ اهڙا مطالبا، جيڪي ڪنهن ضبطگيءَ پٽاندر لاڳو ٿي سگهن ٿا، تن ۾ ملڪيت جي ملندڙ ۾ٽيءَ جي ورڇ لاءِ مطالبا بہ شامل هجن ٿا.

وڪرو

قلم 65. خريدار جو حق: جيڪڏهن ڪنهن غير مُنتقل ٿيندڙ ملڪيت لاءِ جاري ٿيل ڊِڪريءَ جي تعميل ۾ مُنتقل ٿيندڙ ملڪيت نيلام ڪئي وڃي ۽ نيلام قطعي ٿي وڃي، تہ خريدار جو ملڪيت ۾ حقُ انهيءَ وقت کان سمجهيو ويندو، جڏهن ملڪيت نيلام ٿئي، نہ کي انهيءَ وقت جڏهن نيلام قطعي ٿيو.

قلم 66. خريدار خلاف مُقدمو انهيءَ آڌار تي ٻُڌڻ جوڳو نہ هوندو، تہ خريداري دعويدار لاءِ ڪئي وئي: (1) ڪنهن مُقدمي جي ٻُڌڻي ڪنهن اهڙي شخص خلاف نہ ڪئي ويندي، جيڪو ڪنهن اهڙي خريداريءَ پٽاندر، جنهن جي تصديق عدالتي طريقي موجب ڪئي ويندي، ڪنهن حق جو دعويدار انهيءَ آڌار تي هجي، تہ خريداري، دعويدار لاءِ يا اهڙي شخص لاءِ ڪئي ويئي هئي، جنهن ذريعي دعويدار دعوي ڪري ٿو.

(2) هن قلم جي ڪا عبارت، انهيءَ مُقدمي جي حُڪم ۾ روڪَ نہ وجهندي، تہ چاٽايل سرٽيفڪيٽ ۾ خريدار جو نالو سرٽيفڪيٽ ۾ اصل خريدار جي مرضي يا رضامنديءَ بغيرداخل ڪيو ويو يا ڪنهن ٽياڪڙ شخص جي انهيءَ حق ۾ رُڪاوٽ نہ ٿيندي، جيڪو ملڪيت ۽ چاٽايل شخص بابت ڪارروائي ڪرڻ چاهي ٿو جيتوڻيڪ ملڪيت سرٽيفڪيٽ وٺندڙ وٽ ظاهري طور انهيءَ آڌار وڪئي وئي هجي، تہ چاٽايل ٽياڪڙ شخص کي اصل خريدار خلاف چاٽايل ملڪيت ۾ ڪجھ دعوي آهي.

قلم [154][67. صوبائي حڪومت کي روڪ رقم جي ادائيگيءَ لاءِ ڊِڪريءَ جي تعميل ۾ زمين جي نيلاميءَ بابت قاعدا ضابطا جوڙڻ جو اختيار: (1) [155][صوبائي حڪومت] اختيارن پٽاندر [156][سرڪاري گزيٽ] ۾ اعلان ذريعي، روڪ رقم جي ادائيگيءَ خاطر زمين ۾ ڪنهن قسم جي مفادن جي وڪري لاءِ ڊِڪرين جي تعميل ۾، ڪنهن مقامي علائقي جي زرعي زمين بابت، اهڙين شرطن جي نبيري خاطر خاص

---

[154] سِول پروسيجر ڪوڊ (ترميم) ائڪٽ 1914ع (1914ع جو 1)، قلم 3 تحت اصلي قلم 67 کي ذيلي قلم (1) طور ٻيهر نمبر هنيو ويو.

[155] 1937ع جي قانوني حُڪم سان لفظن "مقامي حڪومت" ۾ ڦيرڦار ٿي.

[156] اختيارن جي مُنتقلي ائڪٽ 1920ع (1920ع جو XXXVIII)، قلم 2 ۽ پهرين شيڊيول، ڀاڱو 1 سان لفظ "گورنر جنرل اِن ڪائونسل جي اڳواٽ منظوريءَ سان" رَدُ ٿيا.

قاعدا ضابطا جوڙي [157][***] سگهي ٿي، جتي [158][صوبائي حڪومت] جي راءِ ۾ اهڙا حق غيريقينيءَ وارا ۽ نبيري لاءِ ڏکيا هجن، جو سندن ماليت جي مُقرري (نبيرو) ناممڪن هجي.

[159][(2) جڏهن ڪنهن تاريخ تي، جنهن تي هيءَ ڪوڊ ڪنهن مقامي علائقي ۾ لاڳو ٿيو هجي ۽ ڊڪريءَ جي تعميل ۾ زمين جي نيلاميءَ جا ڪي قاعدا تنهن وقت رواج ۾ هجن، ته [160][صوبائي حڪومت] [161][سرڪاري گزيٽ] ۾ نوٽيفڪيشن ذريعي اُنهن قاعدن کي رواج ۾ آيل ۽ لاڳو ڪوئي، يا انهيءَ قسم جي نوٽيفڪيشن سان انهيءَ ۾ ڪجهه ترميم ڪري [162][***] سگهي ٿي.

انهيءَ ضِمني قلم سان عطا ٿيل اختيارن جي واهپي ۾ جاري ٿيل هرهڪ نوٽيفڪيشن سان جيڪي قاعدا ضابطا جوڙيا ويندا، سي ايئن جاري رهندا يا تبديل سمجهيا ويندا.

غيرمُنتقل ٿيندڙ ملڪيت خلاف ڪليڪٽر کي ڊِڪريءَ جي تعميل جا اختيار

قلم 68. ڪجهه خاص ڊِڪرين جي تعميل خاطر ڪليڪٽر ڏانهن مُنتقليءَ جا قاعدا ضابطا جوڙڻ جا اختيار: [163][صوبائي حڪومت]، ڇاپايل مامري بابت [164][سرڪاري گزيٽ] ۾ اِشتهار ذريعي اعلان ڪري [165][***] سگهي ٿي، ته فلاڻي علائقي جي ايراضيءَ ۾ اُنهن مُقدمن جي ڊِڪرين جي تعميل، جن ۾ عدالت جي حُڪم سان ڪا غيرمنتقل ٿيندڙ ملڪيت نيلام ٿيڻ واري هجي يا ڪنهن اهڙي خاص قسم جي ڊِڪريءَ جي تعميل، جنهن ۾ ڪنهن خاص قسم جي غيرمُنتقل ٿيندڙ ملڪيت جي نيلاميءَ جو حُڪم هُجي يا اُن غيرمُنتقل ٿيندڙ ملڪيت بابت ڪنهن قسم جو ڪو مفاد هجي، ڪليڪٽر ڏانهن مُنتقل ڪئي وڃي.

قلم 69. شيڊيول ٽئين جي قاعدن ضابطن کي لاڳو ڪرڻ: هن قانون جي شيڊيول ٽئين ۾ ڇاپايل حُڪمن جون سموريون صورتون لاڳو ٿينديون، جن ۾ ڪنهن ڊِڪريءَ کي قاعدن ضابطن موجب ڪليڪٽر ڏانهن مُنتقل ڪيو وڃي.

---

[157] 1937ع جي قانوني حُڪم سان لفظن "مقامي سرڪاري گزيٽ" ۾ ڦيرڦار ٿي.

[158] 1937ع جي قانوني حُڪم سان لفظن "مقامي حڪومت" ۾ ڦيرڦار ٿي.

[159] سِول پروسيجر ڪوڊ (ترميم) ائڪٽ 1914ع (1914ع جو 1)، قلم 3 تحت ذيلي قلم (2) شامل ٿيو

[160] 1937ع جي قانوني حُڪم سان لفظن "مقامي حڪومت" ۾ ڦيرڦار ٿي.

[161] 1937ع جي قانوني حُڪم سان لفظن "مقامي سرڪاري گزيٽ" ۾ ڦيرڦار ٿي.

[162] اختيارن جي مُنتقلي ائڪٽ 1920ع (1920ع جو XXXVIII)، قلم 2 ۽ پهريون شيڊيول، ڀاڱو 1 سان لفظ "گورنر جنرل اِن ڪائونسل جي اڳواٽ منظوريءَ سان" رَدُ ٿيا.

[163] 1937ع جي قانوني حُڪم سان لفظن "مقامي حڪومت" ۾ ڦيرڦار ٿي.

[164] اختيارن جي مُنتقلي ائڪٽ 1920ع (1920ع جو XXXVIII)، قلم 2 ۽ پهريون شيڊيول، ڀاڱو 1 سان لفظ "گورنر جنرل اِن ڪائونسل جي اڳواٽ منظوريءَ سان" رَدُ ٿيا.

[165] 1937ع جي قانوني حُڪم سان لفظن "مقامي سرڪاري گزيٽ" ۾ ڦيرڦار ٿي.

قلم 70. ديواني عدالتن جي روڪ جا عدالتي طريقڪار بابت قاعدا ضابطا: (1) [166][صوبائي حڪومت] کي اختيار آهي، تہ مٿي ڄاڻايل حُڪم پٽاندر قاعدا ضابطا پڌرا ڪري، يعني:-

(a) ڪليڪٽر جي خدمت ۾ عدالت جي ڊِڪريءَ جي اُنهن ڳالهين بابت ۽ هن ضابطي جي مُقرريءَ سان، جنهن جي تعميل واري وقت جي پابندي، ڪليڪٽر ۽ انهيءَ جي ماتحتن تي واجب هوندي ۽ انهيءَ بابت تہ ڊِڪريءَ کي ڪليڪٽر کان عدالت ۾ واپس موڪليو ويندو.

(b) هن بابُ موجب ڪليڪٽر يا ڪنهن گزيٽيڊ ماتحت ڪليڪٽر کي اُهي سمورا يا ڪجهہ اختيارَ سونپيا وڃن، جن کي عدالت جاري ٿيل ڊِڪريءَ ۾ لاڳو ڪري سگهي ٿي، جيڪڏهن ڊِڪري ڪليڪٽر وٽ مُنتقل نہ ٿي هجي.

(c) تہ جيڪي حُڪم ڪليڪٽر يا ڪنهن گزيٽيڊ ماتحت ڪليڪٽر کي ڏنا وڃن، يا جيڪي حُڪمَ ڄاڻايل عملدارن وٽ اپيل جي درخواست تي ڏنا وڃن، تن جي اپيل ۽ نظرثاني، روينيو جي عملدارن وٽ انهيءَ طريقي تي ٿيندي، جيستائين ممڪن هجي، جهڙيءَ طرح اُنهن حُڪمن جي اپيل ۽ نظرثاني داخل ٿئي ها، جيڪڏهن ڊِڪري، ڪليڪٽر ڏانهن مُنتقل نہ ٿي هُجي.

(2) ديواني عدالت جي اختيارن تي پابندي: (2) جيڪي اختيارَ قلم (1) پٽاندر ڄاڻايل قاعدن موجب ڪليڪٽر يا ڪنهن گزيٽيڊ ماتحت ڪليڪٽر کي سونپيا ويا هُجن، يا ڪنهن اپيل يا نظرثانيءَ واري عدالت کي ڏنا ويا هجن، تن جي تعميلَ، ديواني عدالت يا ڪا اهڙي عدالت نہ ڪري سگهندي، جنهن تي ڄاڻايل مامرن بابت ديواني عدالت جي ڊِڪرين يا حُڪمن بابت اختيارَ يا نظرثاني لاڳو ٿيندي هجي.

قلم 71. ڪليڪٽر کي ديواني عدالت جيان قانوني ڪارروائي ڪندڙ سمجهيو ويندو: ڪنهن اهڙي ڊِڪريءَ جي جاري ٿيڻ لاءِ، جيڪا ڪليڪٽر وٽ قلم 68 موجب مُنتقل ڪئي وڃي، تہ ڪليڪٽر ۽ سندس ماتحتن کي ديواني عدالت جي ڪارروائي ڪندڙ جيان سمجهيو ويندو.

قلم 72. ڪهڙي حالت ۾ عدالت، ڪليڪٽر کي زمين جي عام نيلام روڪڻ جو اختيار ڏئي سگهندي: (1) جيڪڏهن زميني ايراضي، جنهن ۾ قلم 68 جي مقصدن خاطر مقروض ملڪيت، زميني ايراضي يا ڪنهن زمين ۾ پٽيءَ بابت ڪو اعلان لاڳو نہ هجي، ۽ ڪليڪٽر، عدالت کي اِهو رايو لکي موڪلي، تہ زميني ايراضي يا زمين جي پٽيءَ جي نيلامي نامناسب آهي، ۽ ڊِڪريءَ ۾ ڄاڻايل روڪ رقم جي تعميل مناسب عرصي ۾ ايئن ممڪن آهي، تہ ڄاڻايل زميني ايراضي ۽ زمين جي پٽيءَ کي ڪجهہ ڏينهن لاءِ مُنتقل ڪيو وڃي، تہ عدالت، ڪليڪٽر کي اجازت ڏئي سگهي ٿي، تہ هُو ڄاڻايل زمين جي ايراضي يا زمين جي پٽيءَ بجاءِ، رٿيل طريقيڪار موجب ڊِڪريءَ ۾ ڄاڻايل رقم وٺڻ جو بندوبست ڪري.

---

[166] 1937ع جي قانوني حُڪم سان لفظ "مقامي حڪومت" ۾ ڦيرڦار ٿي.

(2) اهڙي هرهڪ مُقدمي ۾ قلمن 69 کان 71 جي ضابطن ۽ هرهڪ ضابطو جنهن کي انهيءَ کانپوءِ تسلسل ۾ ناهيو وڃي، سي ايئن لاڳو هوندا، جيئن اُهي عمل جوڳا هوندا.

قلم 73. ڊِڪري وٺندڙن منجهه نيلاميءَ جي ڪارروائيءَ بعد حصن موجب ورڇ جون ڪارروايون: (1) جيڪڏهن نيلام جي روڪ رقم عدالت ۾ جمع ٿيل هجي ۽ هڪ کان وڌيڪ شخصن انهيءَ جي ملڻ کان اڳ، متي ڄاڻايل روڪ رقم جي پنهنجي ڊِڪرين جاري ٿيڻ لاءِ، ساڳيءَ ڊِڪريءَ جي دعويٰ لاءِ عدالت ۾ درخواستون داخل ڪيون هجن، پر ڪين ڊِڪرين جي رقم نہ ملي هجي، تہ پوءِ وصول ٿيل رقم کي خرچ ڪيڻ کانپوءِ، اُنهن سمورن شخصن وچ ۾ پٽيءَ جي حسابَ موجب ورهايو ويندو.

پر شرط هيءَ آهي تہ:-

(a) جڏهن ڪنهن ملڪيت کي گِرويءَ يا باقيدار هئڻ تي نيلام ڪيو وڃي، تہ نيلاميءَ ۾ ٿيل خرچ ڪيڻ کانپوءِ جيڪا واڌو رقم بچندي، تنهن مان گِروي رکندڙ يا باقيدار حصي وٺڻ جو حقدار نہ هوندو.

(b) جڏهن گِروي رکيل ڪا ملڪيت، جيڪا ڊِڪريءَ سان نيلام ٿيڻ کان اڳ پٽين ۾ ورهايل هجي، يا انهيءَ تي ڪجهه بقايا رهيل هجي، تہ عدالت کي اختيار هوندو تہ گِروي رکندڙ يا باقيدار جي رضامنديءَ سان اِهو حُڪم ڏئي، تہ ملڪيت کي گِرويءَ يا باقيدار بغير نيلام ڪيو وڃي ۽ گِروي رکندڙ ۽ باقيدار کي نيلام ۾ خرچ بعد مليل رقم تي اُهو ئي حق ڏئي، جيڪو کين نيلام ٿيل ملڪيت تي مليل هجي ها.

(c) جڏهن غيرمُنتقل ٿيندڙ ملڪيت اهڙي ڊِڪريءَ جي جاري ٿيڻ تي نيلام ڪئي وڃي، جنهن ۾ هيءَ حُڪم لکيل هجي، تہ ملڪيت ڪنهن باقيدار جي خواهش لاءِ نيلام ڪئي وڃي، تہ نيلام جي روڪ رقم، هيٺ ڏنل ترتيب سان خرچ ڪئي ويندي، يعني:-

(i) نيلام جي خرچن کان بچيل هجي؛

(ii) اُها رقم ڏيڻ، جيڪا ڊِڪريءَ موجب واجب هجي؛

(iii) اصل توڙي وياج جي رقم ڏيڻ ۾ باقيدار کانپوءِ (جيڪڏهن ڪو باقيدار هجي)؛ ۽

(iv) اُنهن ڊِڪريءَ وٺندڙن جي وچ ۾ حصن موجب ورڇ، جيڪي ڊِڪريءَ جي قرضدار تي روڪ رقم جي دعويٰ رکندا هجن، ۽ جن ملڪيت جي نيلاميءَ کان اڳ، پنهنجي ڊِڪرين جاري ڪرائڻ جون درخواستون، انهيءَ عدالت ۾ داخل ڪرايون هجن، جنهن ڄاڻايل ملڪيت جي نيلاميءَ واري حُڪم جي ڊِڪري جاري ڪئي هجي، ۽ جن جون ڊِڪريون اڃا تائين تعميل تي چُڪتو نہ ٿيون هجن.

(2) جيڪڏهن اُها ڪُل رقم يا ٿوري رقم، جيڪا هن قلم پٽاندر حصيدارن ۾ ورهائجڻ گهرجي، ڪنهن اهڙي شخص کي ڏني وڃي، جيڪو انهيءَ کي وٺڻ جو حقدار نہ هجي، تہ اُهو شخص، جيڪو وٺڻ جو حقدار هجي، تہ انهيءَ شخص تي، اهڙي رقم کانئس زوري واپس ڏيارڻ لاءِ درخواست داخل ڪري سگهي ٿو.

(3) هن قلم جي ڪا عبارت، [167][حڪومت] جي ڪنهن حق ۾ رنڊڪ نہ وجهندي.

قلم [168][74. ڊِڪريءَ جي تعميل ۾ رڪاوٽ: (1) جڏهن عدالت مطمئن هجي، تہ ملڪيت جو قبضو وٺڻ لاءِ ڊِڪري وٺندڙ يا انهيءَ ملڪيت جو خريدار، جيڪا ڊِڪريءَ جي تعميل ۾ وڪڻي وئي هجي، تنهن ۾ ڊِڪريءَ جي لَهڻيدار يا انهيءَ جي طرفان ڪنهن ٻئي شخص رُڪاوٽ يا اٽڪاءُ وڌو هجي ۽ اهڙو اٽڪاءُ غيرمُنصفاڻي سبب هجي، تہ عدالت ڊِڪري وٺندڙ يا خريدار جي چوڻ تي، ڊِڪري جي قرضدار يا اهڙي ٻئي شخص کي حُڪم ڏيندي، تہ اُهو اهڙي عرصي لاءِ، جيڪو تن ڏينهن کان وڌيڪ نہ هجي، سخت پورهئي بغير قيد ڀوڳي ۽ اُها وڌيڪ حُڪم ڏئي سگهندي، تہ ڊِڪري وٺندڙ يا خريدار کي انهيءَ ملڪيت جو قبضو ڏياريو وڃي.

(2) انهيءَ ڳالھ ڪانسواءِ، جيڪا ذيلي قلم (1) ۾ موجود هجي، جڏهن ڪنهن ڊِڪريءَ جو قرضدار ٻيو شخص، ڊِڪريءَ جي تعميل ۾ اٽڪاءُ وجهي يا رُڪاوٽ وجهي، تہ عدالت انهيءَ پوليس اسٽيشن جي انچارج عملدار، جنهن جي اختياري دائري ۾ ڊِڪريءَ جو لَهڻيدار يا اهڙو شخص رهندو هجي، يا جتي اُها ملڪيت موجود هجي، جنهن بابت ڊِڪري ڏني وئي هجي، تنهن کي هدايت ڪري سگهي ٿي، تہ هُو ڊِڪريءَ جي تعميل لاءِ پوليس جي ضرور مدد ڪري.]

[167] 1937ع جي قانوني حُڪم سان لفظ "حڪومت" بر قيرقار ٿي.

[168] 1980ع جي آرڊيننس X سان قيرقار ٿي.

پاڱو -III

اوچتيون ڪارروايون

ڪميشن

قلم 75. عدالت کي ڪميشن جوڙڻ جو اختيار: عدالت مقرر شرطن ۽ قاعدن توڙي ضابطن جي پابنديءَ لاءِ هيٺئين مقصدن لاءِ ڪميشن جوڙي سگهي ٿي:-

(a) ڪنهن شخص کان بيانَ وٺڻ واسطي؛

(b) ڪنهن واقعي جي تحقيقات لاءِ؛

(c) حسابن جي نبيري يا چڪاس لاءِ؛ يا

(d) ورهاست لاءِ.

قلم 76. ٻيءَ عدالت ۾ ڪميشن: (1) ڪميشن، شاهديءَ جو بيان ڪنهن عدالت ۾ (جيڪا هاءِ ڪورٽ نہ هجي) موڪلي سگهي ٿي، جيڪا انهيءَ صوبي کانسواءِ ڪنهن ٻئي صوبي ۾ واقع هجي، جنهن ۾ ڪميشن جوڙيندڙ عدالت موجود هجي، ۽ انهيءَ علائقي ۾ اختيار رکندي هجي، جتي اُهو شخص رهندو هجي، جنهن جو بيانَ وٺڻو هجي.

(2) هر عدالت ۾ ضمني قلم (1) پٽاندر ڪنهن شخص کان بيانَ وٺڻ لاءِ ڪميشن کي انهيءَ موجب موڪليو وڃي، جنهن جو بيان اُها پاڻ وٺندي يا ڪنهن ٻئي کان بيانُ ڏياريندي ۽ جڏهن ڪميشن باضابطا تعميل ڪري، تہ اُن جيڪا شاهدي ورتي هوندي، تنهن کي انهيءَ عدالت ۾ واپس موڪليندي، جتان اُها جاري ٿي هئي، پر شرط هيءُ آهي، تہ ڪميشن جوڙڻ جي حُڪم ۾، انهيءَ حالت ۾ ڪو ٻيو مضمون نہ هجي، تہ اُهو انهيءَ حُڪم موجب واپس موڪليو ويندو.

قلم [169][77. گُذارش جو خَط: ڪميشن جوڙڻ بجاءِ عدالت کي اختيار آهي، تہ ڪنهن اهڙي شاهدڪان بيانَ وٺڻ بابت ڪيس هڪڙو خط لکي، جيڪو [170][پاڪستان] ۾ نہ هجي.

قلم 78. پرڏيهي عدالت طرفان جوڙيل ڪميشن: [171][هن بابُ جا تعميلَ ۽ واپسيءَ بابت حُڪمَ] اُنهن شاهدن کان بيانَ وٺڻ بابت ڪميشن سان بہ لاڳاپيل هوندا، جيڪي هيٺ ڄاڻايل عدالتن کان نڪتا هجن [172][يا سندن ڇُوڙڻ تي]:-

---

[169] 1980ع جي آرڊيننس X سان قيرقار ٿي.

[170] مرڪزي قانون (قانوني شڌارا) آرڊيننس، 1960ع، قلم 3 ۽ ٻئين شيڊيول (14 آڪٽوبر 1955ع تي هڪدم لاڳو ٿيڻ سان) سان "صوبا ۽ وفاق جي راڄڌانيءَ" ۾ قيرقار ٿي، جنهن ۾ 1949ع جي حُڪم سان "برطانوي هندستان" ۾ تبديلي ٿي هئي.

[171] سِول پروسيجر ڪوڊ (ترميم) ائڪٽ 1932ع (1932ع جو X)، قلم 2 سان شامل ٿيو.

[172] ساڳيو.

(a) اُهي عدالتون، جيڪي [173][پاڪستان] جي حدن کان ٻاهر هجن ۽ بادشاهہ سلامت يا [174][وفاقي حڪومت] جي حُڪم موجب [175][***] مقرر ٿيون هجن يا جوڙيون ويون هجن، [176][***] يا

[177][(b) ڪنهن اِتحاد ڪندڙ رياست ۾ عدالتون موجود هُجن، يا: وفاقي قانون (ترميم ۽ سُڌاري) آرڊيننس 1981ع (1981ع جو XXVII) تحت رَدُ ٿيو.

(c) اُهي عدالتون، جيڪي ڪنهن پرڏيهي مُلڪن ۾ هجن يا پاڪستان کان ٻاهر هجن.]

[173] مرڪزي قانون (قانوني سُڌارا) آرڊيننس، 1960ع، قلم 3 ۽ ٻئين شيڊيول (14 آڪٽوبر 1955ع تي هڪدم لاڳو ٿيڻ سان) سان "صوبا ۽ وفاق جي راڄڌانيءَ" ۾ ڦيرڦار ٿي، جنهن ۾ 1949ع جي حُڪم سان "برطانوي هندستان" ۾ تبديلي ٿي هئي.

[174] صدارتي حُڪم 1961ع (1961غ جو 1)، آرٽيڪل 22 ۽ شيڊيول (23 مارچ 1956ع کان هڪدم لاڳو) تحت لفظ "هزمئجسٽي يا جو" خارج ٿيا.

[175] 1937ع جي قانوني حُڪم سان "گورنر جنرل اِن ڪائونسل" ۾ ڦيرڦار ٿي، جڏهن تہ 1975ع جي صدارتي حُڪم 4 سان "وفاقي" ۾ تبديلي ٿي.

[176] 1949ع جي قانوني حُڪم سان لفظ "يا ڪرائون نمائندگي" خارج ٿيا.

[177] ڏسو حوالو ساڳيو. جڏهن تہ سِول پروسيجر ڪوڊ (ترميم) ائڪٽ 1932ع (1932ع جو X)، قلم 2 تحت اصلي شِقن (b) ۽ (c) ۾ ڦيرڦار ٿي.

ڀاڱو IV

خاص مُقدمن ۾ عدالتي مُقدما

[179[سرڪار]] يا سرڪاري عملدارن جي [178]

سندن سرڪاري حيثيت طرفان يا خلاف مُقدما

قلم [180][79]. سرڪار [181][***] طرفان يا اُن جي خلاف مُقدما: جيڪي [182][سرڪار] طرفان يا اُن جي خلاف مُقدما هجن، تنهن ۾ اُهو اختيار رکندڙ عملدار، دعويدار طور يا دعويٰ جو جواب ڏيندڙ هوندو:-

(a) [183][وفاقي حڪومت] طرفان يا اُن جي خلاف مُقدمن جي حالت ۾ [184][***] [185][پاڪستان]

(b) صوبائي حڪومت طرفان يا اُن جي خلاف مُقدمن جي حالت ۾ صوبو ۽

[186][***]

قلم 80. نوٽيس: (1) ڪو مُقدمو ڪنهن سرڪاري عملدار طرفان يا سندس خلاف، هُن جي پنهنجي عمدي جي فرضن جي پوئواريءَ جي حالت ۾ ڪيل يا ڪيل ڪنهن فعل بابت نہ داخل ڪيو ويندو، جيستائين هُن کي يا سندس آفيس کي لکت ۾ موڪليل نوٽيس کي ٻہ مهينا نہ ٿيا هُجن:-

(a) [187][وفاقي حڪومت] خلاف مُقدمي جي حالت ۾ انهيءَ حڪومت جي سيڪريٽري جي نالي؛

(b) (i) صوبائي حڪومت خلاف مُقدمي جي حالت ۾، انهيءَ ڪانسواءِ جيڪو ريلوي جي مامرن بابت هجي، انهيءَ حڪومت جو سيڪريٽري يا انهيءَ ضلعي جي ڪليڪٽر جي نالي، ۽

---

[178] 1937ع جي قانوني حُڪم سان "حڪومت" ۾ تبديلي ٿي.

[179] 1961ع جي قانوني حُڪم (1961ع جو 1)، آرٽيڪل 2 ۽ ٽيبل (23 مارچ 1956ع کان لاڳو) تحت "ڪرائون" ۾ ڦيرڦار ٿي.

[180] 1937ع جي قانوني حُڪم سان اصلي قلم 79 ۾ ڦيرڦار ٿي.

[181] وفاقي قانونن (نظرثاني ۽ اعلان) ائڪٽ 1951ع (1951ع جو XXVI)، قلم 3 ۽ ٻيو شيڊيول تحت لفظن ۽ انگن "هندستان جي حڪومت ائڪٽ 1935ع جي قلمن 179 ۽ 185 جي شرطن جي ماتحت" خارجي ٿيا.

[182] مرڪزي قانون (قانوني سُڌارا) آرڊيننس، 1960ع، قلم 3 ۽ ٻئين شيڊيول (14 آڪٽوبر 1955ع تي هڪدم لاڳو ٿيڻ سان) سان "صوبا ۽ وفاق جي راڄڌانيءَ" ۾ ڦيرڦار ٿي، جنهن ۾ 1949ع جي حُڪم سان "برطانوي هندستان" ۾ تبديلي ٿي هئي.

[183] سِول پروسيجر ڪوڊ (ترميم) آرڊيننس 1962ع (1962ع جو XLIV)، قلم 13 (7 جُون 1962ع کان هڪدم لاڳو) تحت لفظ "جو وفاق" خارج ٿيا. گڏوگڏ صدارتي حُڪم 1949ع سان "هندستان جي وفاق جي جوڙجڪ کان اڳ ۾ گورنر جنرل اِن ڪائونسل ۽ انهيءَ کانپوءِ وفاق" جي جاءِ تي لفظ "پاڪستان" تبديل ٿيو جڏهن تہ 1951ع جي ائڪٽ XXVI، قلم 3 ۽ ٻئين شيڊيول تحت تاري وٽ لکيل لفظ "دي" رَدُ ٿيو.

[184] ساڳيو.

[185] مرڪزي قانون (قانوني سُڌارا) آرڊيننس، 1960ع، قلم 3 ۽ ٻئين شيڊيول (14 آڪٽوبر 1955ع تي هڪدم لاڳو ٿيڻ سان) سان "صوبا ۽ وفاق جي راڄڌانيءَ" ۾ ڦيرڦار ٿي، جنهن ۾ 1949ع جي حُڪم سان "برطانوي هندستان" ۾ تبديلي ٿي هئي.

[186] 1949ع جي قانوني حُڪم سان شِق (c) خارج ٿي: 1877ع، قلم 416.

[187] 1975ع جي صدارتي حُڪم 4 سان لفظ "صوبائي" ۾ ڦيرڦار ٿي.

(ii) [188][وفاقي] حڪومت خلاف مُقدمي جي حالت ۾، جيڪو ريلوي جي مامرن بابت هجي، لاڳاپيل ريلوي جي جنرل مئنيجر جي نالي.

۽ سرڪاري ملازم جي حالت ۾ انهيءَ کي (نوٽيس) ڏنو وڃي يا انهيءَ جي آفيس ۾ مامري جو سبب جاڻائيندي ڏنو وڃي، تہ (انهيءَ نوٽيس ۾) مُدعي جو نالو، سندس رهڻ جو هنڌ، ڪيفيت توڙي تفصيل ۽ قانوني سهائتا، جنهن جو هُو مطالبو ڪندو هُجي ۽ درخواست جو مامرو جاڻايو وڃي، تہ مٿي جاڻايل طريقي تي ڏنو ويو هو يا سندس آفيس ۾ ڏنو ويو هو.

(2) جيڪڏهن مٿي جاڻايل درخواست، جاڻايل شخص کي نوٽيس ڏيڻ بغير يا سندس آفيس ۾ ڏيڻ بغير، جيئن مٿي جاڻايو ويو، داخل ڪئي ويئي هجي، يا پهرئين جاڻايل ٻن مهينن جي عرصي جي ختم ٿيڻ کان اڳ يا جڏهن تہ مُقدمي جي درخواست ۾ اِهو جاڻايو ويو هجي، تہ جاڻايل نوٽيس جاڻايل طريقي سان ڏنو ويو يا آفيس ۾ ڏنو ويو هو تہ اُن وقت دعويدار خرچ جو حقدار نہ هوندو، جيڪڏهن لاڳاپيل مامري جو فيصلو ڪيو وڃي يا حڪومت يا سرڪاري ملازم دعويدار جي مطالبي کي، مُقدمي داخل ٿيڻ جي تاريخ کان ٻن مهينن جي عرصي اندر رَدُ ڪري.

پر شرط هيءُ آهي، تہ جيڪڏهن جاڻايل درخواست، نوٽيس بغير داخل ڪئي وڃي، تہ عدالت کي اختيار هوندو، تہ حڪومت کي گهٽ ۾ گهٽ ٽن مهينن جو عرصو ڏئي، تہ اُها (يعني حڪومت) پنهنجو بيان لکت ۾ ڏئي.

قلم 81. گرفتاريءَ ۽ عدالت ۾ ذاتي حاضريءَ جي ڇُوٽ: انهيءَ مُقدمي ۾، جيڪو ڪنهن سرڪاري عهديدار جي نالي، ڪنهن اهڙي فعل بابت داخل ڪيو وڃي، جيڪو هُن پنهنجي عهدي جي اختيار موجب ڪيو هُجي:-

(a) دعويٰ جي جواب ڏيندڙ کي ذاتي طور گرفتار نہ ڪيو ويندو ۽ نہ ئي سندس ملڪيت ضبطگيءَ جوڳي هوندي، جيستائين انهيءَ خلاف ڪا به ڊِڪري جاري نہ ٿئي.

(b) عدالت، دعويٰ جي جواب ڏيندڙ کي ذاتي طور حاضر ٿيڻ جي ڇُوٽ ڏئي ڇڏيندي، جيڪڏهن عدالت کي اطمينان ٿي وڃي، تہ دعويٰ جو جواب ڏيندڙ سرڪار کي ڪنهن نقصان کانسواءِ، پنهنجي عهدي تان غيرحاضر نٿو رهي سگهي.

قلم 82. ڊِڪريءَ جو جاري ٿيڻ: (1) جڏهن ڪا ڊِڪري، [189][[190][سرڪار]] خلاف يا ڪنهن جاڻايل سرڪاري عهديدار خلاف ڪنهن فعل بابت هجي، جيڪو هُن پنهنجي عهدي جي اختيار سان ڪيو هجي، تہ ڊِڪريءَ ۾ سندس تعميل لاءِ هڪڙو عرصو لکيل هوندو ۽ جيڪڏهن ڊِڪريءَ جي تعميل

[188] ساڳيو.

[189] 1937ع جي قانوني حُڪم سان "هندستان جي رياستي سيڪريٽريءَ اِن ڪائونسل" لاءِ تبديلي ٿي.

[190] 1961ع جي قانوني حُڪم (1961ع جو 1)، آرٽيڪل 2 ۽ ٽيبل (23 مارچ 1956ع کان لاڳو) تحت "ڪرائون" ۾ ڦيرقار ٿي.

انهيءَ رٿيل عرصي ۾ نہ ٿئي، تہ عدالت، مُقدمي جي ڪيفيت لکي، [191][صوبائي حڪومت] کي اُن بابت حُڪم جاري ڪرڻ لاءِ موڪليندي.

(2) ڪنهن اهڙي ڊِڪريءَ جي تعميل بابت حُڪمنامو جاري نہ ڪيو ويندو، جيستائين اُن جي ٽن مهينن تائين تعميل نہ ٿئي، جنهن جي تاريخ کي جاٽايل ڪيفيت جي تاريخ کان ڳڻيو ويندو.

[192][پرڏيهي حُڪمرانن، سفيرن ۽ سرڪاري وفدن خلاف يا طرفان ۽ پرڏيهين طرفان مُقدما]

قلم 83. ڪڏهن پرڏيهي مُقدمو داخل ڪري سگهي ٿو: (1) ڌاريي مُلڪ جو رهواسي، جيڪو [193][وفاقي حڪومت] جي اجازت سان [194][پاڪستان ۾] رهندو هجي ۽ دوست مُلڪ جو رهواسي ايئن [195][صوبائي حڪومتن] جي عدالتن ۾ مُقدمو داخل ڪري سگهندا، جڻ اُهي [196][پاڪستان جا شهري] هجن.

(2) ڌارئي دشمن مُلڪ جو ڪوبہ رهواسي، جيڪو اجازت بغير [197][پاڪستان ۾] رهندو هجي، يا ڪنهن ڪنهن پرڏيهي مُلڪ ۾ رهندو هجي، اهڙي ڪنهن عدالت ۾ مُقدمو داخل ڪري نہ سگهندو.

وضاحت: هر اُهو شخص، جيڪو ڪنهن پرڏيهي مُلڪ ۾ رهندو هجي، تنهن جي حڪومت، پاڪستان سان جنگ ۾ رُڌل هجي، يا [198][پاڪستان] [199][خلاف فوجي ڪارروايين ۾ ملوث هُجي]، تہ جاٽايل مُلڪ ۾ [200][وفاقي حڪومت] جي ڪنهن سيڪريٽريءَ جي [201][***] صحيح ٿيل لائسنس

[191] 1937ع جي قانوني حُڪم سان قلم 429 ۾ تبديلي ٿي.

[192] سِول پروسيجر ڪوڊ (ترميم) آرڊيننس، 1960ع (1960ع جو XXII)، قلم 2 (14 آڪٽوبر، 1955ع کان هڪدم لاڳو ٿيندڙ) تحت ڦيرڦار ٿي. جڏهن تہ هيڊنگ ۾ اڳ ۾ قانوني حُڪم 1937ع ۽ وفاقي قانونَ (نظرثاني) ائڪٽ 1951ع (1951ع جو XXVI)، قلم 4 ۽ ٽئين شيڊيول تحت ترميم ڪئي ويئي هُئي.

[193] 1949ع جي قانوني حُڪم سان "برطانوي هندستان" ۾ تبديلي ٿي.

[194] 1937ع جي قانوني حُڪم سان "گورنر جنرل اِن ڪائونسل" ۾ ڦيرڦار ٿي. جڏهن تہ 1975ع جي صدارتي حُڪم 4 سان "وفاقي" ۾ تبديلي ٿي.

[195] 1949ع جي قانوني حُڪم سان "برطانوي هندستان" ۾ تبديلي ٿي.

[196] صدارتي حُڪم 1961ع، آرٽيڪل 2 ۽ شيڊيول (23 مارچ 1956ع تي هڪدم لاڳو ٿيڻ سان) تحت "هزمئجسٽي جي رعيتَ" لاءِ ڦيرڦار ٿي.

[197] مرڪزي قانون (قانوني سُڌارا) آرڊيننس، 1960ع، قلم 3 ۽ ٻئين شيڊيول (14 آڪٽوبر 1955ع تي هڪدم لاڳو ٿيڻ سان) سان "صوبا ۽ وفاق جي راڄڌانيءَ" ۾ ڦيرڦار ٿي. جنهن ۾ 1949ع جي حُڪم سان "برطانوي هندستان" ۾ تبديلي ٿي هئي.

[198] 1965ع جي ترميمي ائڪٽ سان شامل ٿيو.

[199] ڏسو ساڳيو حوالو "برطانيا جي گڏيل بادشاهت ۽ آئرلئنڊ" لاءِ تبديلي ٿي.

[200] ڏسو ساڳيو حوالو لفظ "هزمئجسٽيءَ جي رياستي سيڪريٽرين منجهان ڪو" خارج ٿيا.

[201] 1937ع جي قانوني حُڪم سان "گورنر جنرل اِن ڪائونسل" ۾ ڦيرڦار ٿي. جڏهن تہ 1975ع جي صدارتي حُڪم 4 سان "وفاقي" ۾ تبديلي ٿي.

بغير ڪاروبار ڪندو هجي، تہ ضمني قلم (2) جي مقصد لاءِ دشمن مُلڪ جي رهواسيءَ کي، پرڏيهي مُلڪ جو شهري سمجهيو ويندو.

قلم 84. ڪڏهن پرڏيهي رياستون مُقدمو داخل ڪري سگهن ٿيون: (1) جائز آهي، تہ ڪا پرڏيهي رياست، ڪنهن [202][صوبن جي] عدالتن ۾ مُقدمو داخل ڪري؛

پر شرط هيءَ آهي، تہ [203][وفاقي حڪومت] [204][***] طرفان انهيءَ رياست کي مجيبو ويو هجي.

پر شرط هيءَ آهي، تہ مُقدمي جو هيءَ مقصد هجي، تہ ڪو نجي حق، جيڪو انهيءَ چاٽايل رياست جي ڪنهن عملدار کي عملداريءَ جي حيثيت سان مليل هجي، سو ڏياريو وڃي.

(2) هر عدالت کي انهيءَ چاٽايل مامري تي مُنصفاڻو ورتاءُ ڪرڻو پوندو، تہ پرڏيهي رياست کي [205][وفاقي حڪومت] [206][***]مجيبو يا نہ مجيبو آهي.

قلم 85. سرڪار طرفان پرڏيهي رياستن جي حڪمرانن لاءِ مُقدمي يا بچاءَ جي پيروي بابت خاص طور مقرر ڪيل شخصَ: [207][(1) اُهو شخص، جنهن کي خاص طور وفاقي حڪومت طرفان پرڏيهي رياست جي حُڪمران جي درخواست موجب مقرر ڪيو ويو هجي (يا ڪيا ويا هُجن) يا ڪنهن هڪڙي اهڙي مُختيار شخص جي درخواست تي مُقرر ڪيو ويو هجي (ڪيا ويا هجن) جيڪي [208][وفاقي حڪومت جي راءِ ۾، انهيءَ چاٽايل پرڏيهي رياست جي حُڪمران جي چوڻ تي عمل ڪري سگهندا هجن، تہ مُقدمو يا مُقدمي جي پيروي ڪرڻ لاءِ، مجيل گُماشتا سمجهيو ويندو جن جي حاضريءَ، عملَ ۽ درخواستون، هن ڪوڊ موجب داخل ڪيو ويندي يون، يا چاٽايل پرڏيهي مُلڪ جي چوڻ تي داخل ڪيون ويندي يون.]

[***][209]

---

[202] 1949ع جي قانوني حُڪم سان "برطانوي هندستان" ۾ تبديلي ٿي.

[203] صدارتي حُڪم 1961ع (1961ع جو 1)، آرٽيڪل 2 ۽ شيڊيول (23 مارچ 1956ع تي هڪدم لاڳو ٿيڻ سان) تحت "هزمئجسٽي يا طرفان" خارج ٿيا.

[204] 1937ع جي قانوني حُڪم سان "گورنر جنرل ان ڪائونسل" ۾ قيرقار ٿي. جڏهن تہ 1975ع جي صدارتي حُڪم 4 سان "وفاقي" ۾ تبديلي ٿي.

[205] صدارتي حُڪم 1961ع (1961ع جو 1)، آرٽيڪل 22 ۽ شيڊيول (23 مارچ 1956ع کان هڪدم لاڳو) تحت لفظ "هزمئجسٽي يا جو" خارج ٿيا.

[206] 1937ع جي قانوني حُڪم سان "گورنر جنرل ان ڪائونسل" ۾ قيرقار ٿي. جڏهن تہ 1975ع جي صدارتي حُڪم 4 سان "وفاقي" ۾ تبديلي ٿي.

[207] سِول پروسيجر ڪوڊ (ترميم) آرڊيننس، 1960ع (1960ع جو XXII)، قلم 3 (14 آڪٽوبر، 1955ع کان هڪدم لاڳو ٿيندڙ) تحت ذيلي قلم (1) لاءِ قيرقار ٿي. جنهن کي اڳ ۾ قانوني حُڪم 1949ع ۽ مرڪزي قانون (قانوني سُڌارا) آرڊيننس، 1960ع (1960ع جو XXI)، قلم 3 ۽ پهرين شيڊيول تحت ترميم ٿي هئي.

[208] 1975ع جي صدارتي حُڪم 4 سان لفظ "وفاقي" ۾ قيرقار ٿي.

[209] 1937ع جي قانوني حُڪم سان جنهن وضاحت کي شامل ڪيو ويو هو، تنهن کي قانوني حُڪم 1949ع سان خارج ڪيو ويو.

(2) جاٽايل قلم تحت ڪا مُقرري، ڪنهن خاص مُقدمي يا انيڪ خاص مُقدمن جي مقصدن لاءِ، يا اهڙن سمورن مُقدمن جي مقصدن لاءِ ڪئي ويندي، جيڪي جاٽايل پرڏيهي [210][حُڪمران] تي مُقدمو داخل ڪرڻ يا مُقدمي جي جواب ڏيڻ لاءِ مختلف وقتن تي ضروري هجن.

(3) جاٽايل قلم تحت مقرر ٿيل شخص اهڙن شخصن کي اختيار ڏئي سگهي ٿو يا مُقرر ڪري سگهي ٿو جيڪي عدالت ۾ حاضر ٿيندا رهندا ۽ درخواستون ڏيندا ۽ ڪنهن مُقدمي يا مُقدمن ۾ عملَ ڪن، جڏهن اُهو (مُقرر ڪيل شخص) پاڻُ انهيءَ ڏس ۾ هڪڙي ڌُر هجي.

قلم 86. حُڪمرانن، سفيرن يا وفدن خلاف مُقدما: [211][***]

قلم [212][86-A]. سفارتڪارن خلاف مُقدما: (1) ڪنهن سفارتڪار خلاف پاڪستان جي ڪنهن عدالت ۾ اهڙي مقدمي ڪانسواءِ ڪا ڪارروائي نه ڪري سگهبي، جنهن جو لاڳاپو هيٺين ڳالهين سان هجي:-

(a) ڪا نِجي غيرمتحرڪ ملڪيت، جيڪا پاڪستان ۾ موجود هجي ۽ موڪليندڙ رياست طرفان سندس سفارتخاني جي مقصدن خاطر سفارتڪار جي تحويل ۾ نه، پر نِجي طور سندس قبضي ۾ هجي؛

(b) ڪو ورثو جنهن ۾ سفارتڪار وارث جي نگران جي تعميل ڪندڙ طور ۽ موڪليندڙ رياست طرفان سندس سفارتخاني جي مقصدن خاطر سفارتڪار طور نه، پر نجي فرد جيان وٺندڙ طور شامل هجي؛

(c) پاڪستان ۾ مُقرر ڪيل سفارتڪار جون پيشيور ۽ تجارتي سرگرميون، جيڪي سندس سرڪاري سرگرمين کان ٻاهر هجن.

(2) ڪنهن سفارتڪار خلاف اُنهن مُقدمن ڪانسواءِ ڪو قدم نه کنيو ويندو، جيڪي ذيلي قلم (1) جي شِق (a) (b) ۽ (c) تحت اچن ٿا، ۽ جن ۾ انهيءَ قسم جا اُپاءَ، سفارتڪار جي جسماني بچاءَ ۽ سندس رهائش جي بچاءَ جي پيچڪڙي ڪرڻ بغير کٽي سگهجن ٿا.

(3) جيڪڏهن سفارتڪار ڪنهن عدالت ۾ مُقدمي جي ڪارروائي جي ابتدا ڪري، ته انهيءَ جي دعوي جي جواب ڪانپوءِ، جيڪو اصل دعوي جي جواب ۾ پيش ڪيو ويندو، اُهو سفارتڪار طرفان سفارتي بچاءَ جي گُذارش ڪرڻ ۾ رُڪاوٽ ٿيندو.

---

[210] سِول پروسيجر ڪوڊ (ترميم) آرڊيننس، 1960ع (1960ع جو XXII)، قلم 3 (14 آڪٽوبر، 1955ع کان هڪدم لاڳو ٿيندڙ) تحت "شهزادي يا سردار" لاءِ تبديلي ٿي.

[211] 1981ع جي رياستي ڇُوٽ آرڊيننس سان ختم ڪيو ويو.

[212] سِول پروسيجر ڪود (ترميم) آرڊيننس 1970ع (1970 جو VI)، قلم 2 (28 فيبروري 1970ع کان هڪدم لاڳو ٿيندڙ) تحت اصلي قلم 86 لاءِ تبديلي ٿي.

(4) ذيلي شِق (1) ۾ ذيلي شِق (2) تحت سفارتڪار کي جيڪو بچاءُ مليل هجي ٿو، تنهن تان سفارتڪار کي موڪليندڙ رياست هٿ کڻي سگهي ٿي، پر اهڙو هٿ کڻڻ لکت ۾ هوندو.

(5) ڪنهن عدالتي سفارتي بچاءُ تان هٿ کڻڻ واري عمل کي انهيءَ ڳالهه جو دليل نه ڪونيو ويندو ته اِهو هٿ کڻڻ وارو عمل، تعميل جي ڪنهن بچاءُ بابت به آهي، تنهن لاءِ هڪڙي ڌار هٿ کڻڻ جي لکت گهربل هوندي.

(6) هن قلم ۾، ڪنهن رياست جي لاڳاپي ۾ 'سفارتڪار نمائندي' جو مطلب، پاڪستان ۾ انهيءَ رياست جي سفارتخاني (مِشن) جو اڳواڻ ۽ سندس مِشن جي اسٽاف جو اُهو رُڪن به شامل آهي، جنهن جو رُتبو سفارتي هجي.

قلم 87. مُقدمو داخل ڪندڙ ڌُر طور حُڪمرانن جو نمونو: [213][***]

شامل ٿيندڙ ۽ ضم ٿيندڙ رياستن جي حُڪمرانن تي مُقدما

87-A. شامل ۽ ضم ٿيندڙ رياستن ۾ قلم 85 ۽ 86 لاڳو ٿيڻ: [214][***]

تڪراري دُرين وچ ۾ نبيري جي مقصد سان مُقدمو

قلم 88. ڪڏهن تڪراري دُرين وچ ۾ نبيري جي مقصد سان مُقدمو داخل ٿي سگهي ٿو: جڏهن ٻه يا گهڻا مخالف دعوي ڪندڙ شخص، ساڳيءَ قرض جي رقم يا روڪ رقم يا ٻيءَ منتقل ٿيندڙ ملڪيت يا غير مُنتقل ٿيندڙ ملڪيت جي ملڻ جو جيڪا ڪنهن ٻئي شخص سان ناتو رکندي هجي ۽ انهيءَ ٻئي شخص کي انهيءَ ۾ خرچ ڪانسواءِ ڪا ٻي دعوي نه هجي ۽ اُهو رڳو اهو چاهيندو هجي، ته قرض جي رقم يا حقدار دعويدار کي جاٽايل ملڪيت سونپي وڃي، ته اِهو جائز آهي، ته اُهو ٻيو شخص پاڻُ تڪراري دُرين وچ ۾ نبيري جي مقصد سان اُنهن سمورن دعويدارن خاطر، انهيءَ ڳالهه جو مقدمو داخل ڪري، ته ڪنهن کي اُها رقم ڏني وڃي، يا ملڪيت سونپي وڃي، ته جيئن ڪيس ڇوٽڪارو ملي:

پر شرط هيءَ آهي، ته جيڪڏهن ڪو اهڙو مُقدمو ڪارروائيءَ هيٺ هجي، جنهن ۾ سمورين دُرين کي مناسب واچ موجب حق ملي سگهندو هجي، ته تڪراري دُرين وچ ۾ نبيري جي مقصد سان مُقدمي داخل ڪرڻ جي گهرج نه هوندي.

---

[213] 1981ع جي رياستي ڇوٽ آرڊيننس سان ختم ڪيو ويو.

[214] هيڊنگ ۽ قلم 87 کي شامل ڪيو ويو ڏسو حوالو ساڳيو، قلم 6 (14 آڪٽوبر 1959ع کان هڪدم لاڳو ٿيندڙ). ۽ 1972ع جي ائڪٽ II سان خارج ٿيو.

پاڱو V
خاص عدالتي ڪارروائيون
تياڪڙي

قلم 89. تياڪڙي: [215][***]

قلم [216][89-A. تڪرار جو مُتبادل نبيرو: عدالت کي، جتي اُها ضروري سمجهي، تہ مُقدمي جي واقعن ۾ حالتن کي سامهون رکندي، مُقدمي جي تُرت فيصلي جي مقصد خاطر، ڌرين جي رضامنديءَ سان تڪرار جي مُتبادل فيصلي/ نبيري جو طريقيڪار ڪتب آڻي سگهي ٿي، جنهن ۾ ترميم ۾ سرچاءُ بہ شامل هوندو.]

مُقدمي جون خاص ڪارروايون

قلم 90. عدالت جو رايو وٺڻ جو مُقدمو: جيڪڏهن ڪجهہ شخص لکت ۾ اهو اقرار ڪن، تہ ڪنهن مُقدمي ۾ عدالت جو رايو ورتو وڃي، تہ عدالت انهيءَ مُقدمي جي ٻُڌڻي ۾ نبيرو مقرر طريقي موجب ڪندي.

عوامي مامرن سان لاڳاپيل مُقدما

قلم 91. عوام کي تڪليف: (1) عوام کي ڪنهن تڪليف واريءَ ڳالهہ جي حالت ۾، ايڊووڪيٽ جنرل يا ٻہ يا وڌيڪ شخص، جاٽايل عملدار کان لکت ۾ منظوري وٺڻ کانپوءِ، عدالت وٽان روڪٿام جو حُڪم وٺڻ يا ڪنهن ٻيءَ قانوني سهائتا واسطي مُقدمو جيڪي حالتون مُقدمي ۾ مناسب هجن، داخل ڪري سگهن ٿا، توڙي ڪو خاص نقصان نہ ٿيو هجي.

(2) جاٽايل قلم جو مٿيون مضمون اهڙي مُقدمي جي حق ۾ رنڊڪ نہ بڻجندو جيڪو حق جاٽايل قلم کانسواءِ ڪنهن ٻيءَ طرح مليل هجي.

قلم 92. اوقاف: (1) جنهن امانت کي بچاءُ يا عوامي خيرات يا مذهبي مامرن جي مقصدن لاءِ وقف ڪيو ويو هجي، جڏهن انهيءَ جي ڀڃڪڙي جاٽائي وڃي يا اهڙي امانت جي انتظام لاءِ عدالت جي هدايت ضروري سمجهيل هجي، تہ ايڊووڪيٽ جنرل يا ٻہ يا گهڻا شخص، جيڪي انهيءَ امانت ۾ مقصد رکندا هجن ۾ ايڊووڪيٽ جنرل کان راضپي جي لکت وٺي سگهيا هجن، تہ وڏي ديواني اصل عدالت ۾ يا ڪنهن ٻيءَ عدالت ۾، جنهن کي [217][صوبائي حڪومت] انهيءَ بابت اختيار ڏنا هجن، جنهن جي عدالتي ٻُڌڻيءَ جي حدن منجهہ ڪنهن امانتي شيءِ جو سمورو يا ٿورو حصو حصو موجود هجي، تہ انهيءَ ڏس ۾ ڪنهن فيصلي يا ڊِڪريءَ لاءِ مُقدمو داخل ڪري سگهن ٿا:-

(a) ڪنهن امين کي هٽائڻ لاءِ؛

---

[215] تياڪڙي ائڪٽ 1940ع (1940ع جو X)، قلم 49 ۾ ٿئين شيڊيول سان خارج ٿيو.

[216] 2002ع جي آرڊيننس XXXIV (27 جُون 2002ع کان هڪدم لاڳو ٿيندڙ)، NLR 2002ع وفاقي قانون 206 سان شامل ٿيو.

[217] 1937ع جي حُڪم سان لفظ "مقامي حڪومت" ۾ ڦيرڦار ٿي.

(b) ڪنهن نئين اَمين جي مُقرريءَ لاءِ؛

(c) امين کي ڪنهن ملڪيت سونپڻ لاءِ؛

(d) حسابن ۽ تحقيقات جو حُڪم ڏيڻ لاءِ؛

(e) انهيءَ ڳالهہ جي اجازت ڏيڻ, تہ امانتي ملڪيت جو ڪيترو حصو يا خاص مقصد لاءِ حق يا امانت کان ڌار ڪيو ويندو؛

(f) انهيءَ ڳالهہ جي اجازت ڏيڻ, تہ امانتي ملڪيت جي سموري يا ٿوري حصي کي مسواڙ يا مقاطعي تي ڏنو وڃي يا گِروي رکيو وڃي يا بدلايو وڃي؛

(g) ڪنهن منصوبي کي اٽپورو ڪوڻ, يا

(h) ڪنهن ٻئي قسم جي اهڙي قانوني سهائتا, جيڪا مُقدمي موجب ضروري هجي.

(2) انهيءَ ڳالهہ جي ڇُوٽ, جيئن اوقاف جي مذهبي قانون (Religious Endowment Act 1863) ۾ حُڪم ڏنل آهي, تہ متي ڄاڻايل قلم جي ضمني شِق (1) ۾ ڄاڻايل قانوني سهائتا ماڻڻ بابت ڪو مُقدمو متي ڄاڻايل امانت بابت, انهيءَ ڏس ۾ جاري ٿيل حُڪمن کانسواءِ داخل نہ ڪيو ويندو.

قلم 93. ايڊووڪيٽ جنرل کي مليل اختيار: ايڊووڪيٽ جنرل, [218][***] کي قلم 91 ۽ 92 تحت جيڪي اختيار ڏنا ويا آهن, سي [219][صوبائي حڪومت] جو ڪليڪٽر يا اُهو عهديدار, جنهن کي [220][صوبائي حڪومت] انهيءَ ڪم لاءِ مقرر ڪري, جي منظوريءَ سان عمل ۾ آڻيندو.

---

218 1949ع جي قانوني حُڪم سان لفظن ”پريزيڊنسي شهرن کان ٻاهر“ کي خارج ڪيو ويو.

219 1937ع جي حُڪم سان لفظ ”مقامي حڪومت“ ۾ ڦيرڦار ٿي.

220 ساڳيو.

ڀاڱو VI
ضمني عدالتي ڪارروايون

قلم 94. ضمني عدالتي ڪارروايون: جيئن تہ انصاف جي مقصدن ۾ ڪنهن طرح جو نقصان يا هاڃو نہ ٿئي، تنهنڪري عدالت هيٺين مامرن جا فيصلا ڏيئي سگهي ٿي، جن جو ڏيڻ جائز هجي:-

(a) دعويٰ جي جواب ڏيندڙ جي گرفتاريءَ لاءِ وارنٽ جاري ڪرڻ ۽ انهيءَ کي عدالت جي آڏو حاضر ڪرائڻ، تہ هُو اِهو سبب ڄاڻائي، تہ هُن کان سندس حاضريءَ خاطر ضمانت ڇو نہ داخل ڪرائي وڃي ۽ جيڪڏهن اُهو ضمانت، ڏيڻ جي ڪنهن ڄاڻايل حُڪم بابت ڪا ڀڃڪڙي ڪري، تہ عدالت هُن کي ديواني جيل ۾ موڪلي؛

(b) دعويٰ جي جواب ڏيندڙ کي انهيءَ بابت ضمانت داخل ڪرڻ جو حُڪم جاري ڪرڻ، تہ هُو پنهنجي ملڪيت ۾ شامل اثاثن کي عدالت ۾ پيش ڪري ۽ انهيءَ ڏس ۾ عدالت جي حُڪم يا ڪنهن ملڪيت جي ضبطگيءَ بابت ڪو حُڪم ملڻ جو پابند رهي؛

(c) عدالت جي منعنامي واري حُڪم ۽ مٿي ڄاڻايل حُڪم جي نافرمانيءَ جي حالت ۾، جيڪو شخص نافرماني ڪري، تنهن کي ديواني جيل ۾ موڪلڻ ۽ حُڪم ڏيڻ، تہ سندس ملڪيت کي ضبط ۽ نيلام ڪيو وڃي؛

(d) ڪنهن ملڪيت جو رِسيوَر مُقرر ڪرڻ ۽ حُڪم ڏيڻ، تہ جيڪڏهن هو پنهنجون خدمتون چڱيءَ طرح پُوريون نہ ڪندو تہ سندس ملڪيت کي ضبط ۽ نيلام ڪيو وڃي؛ ۽

(e) مُقدمي دوران وچ ۾ ڪي اهڙا بيا حُڪم ڏيڻ، جن کي عدالت منصفاڻو ۽ ڪارگر ڀانئيندي هُجي.

قلم 95. نامناسب بُنيادن تي گرفتاريءَ جو حُڪم وٺڻ، ضبطگيءَ يا منعنامي جي حُڪم جو هرجاڻو: (1) جيڪڏهن ڪنهن مُقدمي ۾، جنهن ۾ قلم 95 پٽاندر گرفتاري يا ضبطگي ٿي هجي يا ڪجهہ ڏينهن لاءِ منعنامي جو ڪو حُڪم نڪتو هجي:-

(a) عدالت کي پتو پئجي وڃي، تہ اهڙي گرفتاريءَ، ضبطگي يا منعنامي جي حُڪم جي اجازت، اڻپورن سببن تي ورتي وئي هئي؛ يا

(b) جيڪڏهن دعويٰ ڪندڙ جو مُقدمو ثابت نہ ٿئي ۽ عدالت کي پتو پئجي وڃي، تہ مُقدمو داخل ڪرڻ جو شايد ڪو سبب نہ هو تہ دعويٰ جو جواب ڏيندڙ عدالت ۾ درخواست ڏيئي سگهي ٿو ۽ عدالت کي اختيار هوندو تہ ڄاڻايل درخواست تي حُڪم ڏيئي، دعويٰ ڪندڙ کان ايتري رقم ڏياري، جيڪا [221][ڏهہ هزار رپين] کان وڌيڪ نہ هجي ۽ جيڪا دعويٰ جي جواب ڏيندڙ لاءِ انهيءَ نقصان يا خرچ عيوض هجي، جيڪو انهيءَ مُقدمي سان ڪيس ٿيو هجي ۽ انهيءَ معاوضي کي معقول ڀانئيو وڃي:

پر شرط هيءُ آهي، تہ عدالت انهيءَ قلم پٽاندر ايتري رقم نٿي ڏياري سگهي، جيڪا سندس ٻُڌڻيءَ جي اختيارن موجب ماليات کان وڌيڪ هجي.

(2) جڏهن ڪنهن درخواست تي ڪو فيصلو ڏنو وڃي، تہ اُهو اهڙي گرفتاريءَ، ضبطگيءَ يا منعنامي جي حُڪم جي ڏس ۾ هَرجاڻي لاءِ ڪنهن بہ مُقدمي کي روڪيندو.

---

[221] ديواني قانون سُڌارا ائڪٽ 1994ع جو XIV, PLD وفاقي قانون 3, آٺئم نمبر 8.

پاڱو -VII

اپيل

اصلي ڊِگرين خلاف اپيلون

قلم 96. اصلي ڊِگرين خلاف اپيل: (1) انهيءَ بين حالتن ۾ خاص صورت ڪانسواءِ، جنهن جو جاٽايل خاص ڪوڊ يا ڪنهن ٻئي لاڳو قانون ۾ ڪو واضح حُڪم هجي، ٻڌڻيءَ جو اختيار رکندڙ عدالت جي اصلي ڊِگرين خلاف اپيل، اُنهن عدالتن ۾ داخل ٿي سگهندي، جيڪي ٻڌڻيءَ جو اختيار رکندڙ عدالتن جي فيصلن خلاف اپيل ٻڌڻ جو اختيار رکن ٿيون.

(2) اهڙي اصلي ڊِگريءَ تي بہ اپيل داخل ٿي سگهي ٿي، جنهن جو هڪطرفو فيصلو ٿيو هجي.

(3) انهيءَ منظور ٿيل ڊِگريءَ تي ڪا اپيل داخل نہ ٿيندي، جنهن کي عدالت، ڌرين جي راضپي سان جاري ڪيو هجي.

قلم 97. حتمي ڊِگريءَ خلاف اپيل، جڏهن اصلي ڊِگريءَ خلاف اڳ ۾ ڪا اپيل نہ ٿئي: جيڪڏهن ڪا ڌُر جيڪا جاٽايل ڪوڊ موجب جاري ڪيل اصلي ڊِگريءَ کي پنهنجي حَق کي مارڻ سمجهي، ۽ اُها انهيءَ خلاف اپيل نہ ڪري، تہ انهيءَ کي ڪنهن اپيل ۾ سندس دُرستگيءَ تي تڪرار ڪان روڪيو ويندو جيڪا اپيل قطعي ڊِگري تي اوليت پٽاندر داخل ٿي سگهندي هُجي.

قلم 98. فيصلو جڏهن اپيل جي ٻڌڻيءَ جي ڪارروائي بہ يا وڌيڪ جَجن هلائي هجي: (1) جڏهن ڪنهن اپيل کي بہ يا وڌيڪ جَجن جي عدالتي ڪارروائي ۾ ٻڌو وڃي، تہ اپيل جو فيصلو اُنهن جَجن جي راين موجب يا سندن اڪثريت موجب (جيڪڏهن گهڻا رايا هُجن) جاري ڪيو وڃي.

(2) جيڪڏهن فيصلي ۾ اڪثريتي راءِ، انهيءَ ڊِگريءَ کي رد ڪرڻ يا منظور ڪرڻ تي سُهمت نہ هجي، جنهن جي خلاف اپيل داخل ڪئي وئي هجي، تہ انهيءَ ڊِگريءَ کي بحال رکيو ويندو:

پر شرط هيءَ آهي، تہ جيڪڏهن اهڙي عدالت جي ٻن ججن جي گڏجاڻيءَ ۾ انهيءَ اپيل جي ٻڌڻي ڪئي وڃي، جنهن ۾ بہ يا ٻن کان وڌيڪ جَج هُجن ۽ اُنهن ٻنهي جي وچ ۾ ڪنهن قانوني ڳالھ بابت راين ۾ اختلاف هجي، تہ جنهن قانوني مامري بابت اختلاف هجي، تہ اُهي انهيءَ کي لکندا ۽ پوءِ انهيءَ عدالت جي ٻن جَجن مان هڪ کان وڌيڪ جَجَ، اپيل جي ٻڌڻي رُڳو انهيءَ قانوني ڳالھ بابت ڪندا ۽ اُنهن سڀني ججن جي اڪثريت راءِ سان (جيڪڏهن اڪثريت راءِ هجي) انهيءَ قانوني ڳالھ جو فيصلو ٿيندو جن اُنهن ٻنهي جَجن سميت اپيل جي ٻڌڻي ڪئي هجي، جن انهيءَ اپيل جي ٻُڌڻي اڳ ۾ ڪئي هجي.

[1][(3) هن قلم ۾ شامل ڪنهن بہ ڳالھ کي نہ سمجهيو ويندو تہ اُها هاءِ ڪورٽ جي لکيل فيصلي جي ڪنهن ضابطي ۾ تبديلي يا ٻيءَ صورت ۾ اثرانداز ٿئي ٿي.]

قلم 99. عدالتي اختيار يا مُقدمي جي ڪارروائيءَ کي متاثر نہ ڪندڙ غلطيءَ يا بيقاعدگيءَ سبب ڪنهن بہ ڊِگريءَ کي رَد يا بدلايو نہ ويندو: ڪنهن ڊِگريءَ کي انهيءَ سبب رَد يا منجهس ڦيرڦار نہ ڪئي ويندي، ۽ نہ ئي ڪو مُقدمو انهيءَ اپيل سبب واپس ڪيو ويندو تہ ڌُرين طرفان يا دعويٰ سبب

[1] منسوخي ۽ ترميمي ائڪٽ 1928ع (1928ع جو XVIII)، قلم 2 ۽ پهرين شيڊيول سان ذيلي قلم (3) شامل ٿيو.

غلطي ٿي آهي، يا مُقدمي جي ڪنهن ڪارروائيءَ ۾ ڪا اهڙي غلطي يا ڀُل يا بيضابطگي ڏٺي وئي آهي، جيڪا مُقدمي جي ڪارروائي يا عدالتي اختيارن جي حدن کي متاثر ڪندڙ نہ هُجي.

اپيل ٿيل ڊِڪرين خلاف اپيل ڪرڻ

قلم 100. ٻي اپيل: (1) ڄاڻايل خاص ڪوڊ يا ڪنهن ٻئي لاڳو قانون ۾ ڪنهن ٻئي واضح حُڪم هئڻ جي حالت ڪانسواءِ، ماتحت عدالت ۾ داخل اپيل جي درخواست تي جاري ٿيل هر ڊِڪري، جيڪا ڪنهن عدالت مان جاري ٿي هجي، تنهن جي اپيل، اپيل ٻُڌندڙ عدالت ۾ ڪنهن سبب، هيٺئين ريت ٿي سگهي ٿي، يعني:-

(a) تہ فيصلو ڪنهن اهڙي قانون يا رواج خلاف هجي، جنهن جي حيثيت قانوني حُڪم جي هجي؛

(b) تہ فيصلو قانون يا رواج سان لاڳاپيل فلاڻي لازمي ڳالھ موجب نہ ٿيو هجي، جيڪو قانوني حُڪم جي حيثيت رکندو هُجي؛

(c) تہ ڄاڻايل ڪوڊ يا ڪنهن ٻئي لاڳو قانون جي حُڪم کي سمجهڻ ۾ ڪا وڏي غلطي يا ڀُل ٿي هجي، جنهن سبب امڪان هجي، تہ مُقدمي جي ڪارروائيءَ ۾ ڪا غلطي يا ڀُل پيدا ٿي آهي.

(2) [* * *][2]

قلم 101. ڪنهن ٻئي سبب ٻنادر ٻيءَ اپيل داخل نہ ٿي سگهندي: ڪا ٻيءَ اپيل اُنهن سببن ڪانسواءِ ٻين سببن آڌار داخل نہ ٿي سگهندي، جيڪي قلم 100 ۾ ڄاڻايل آهن.

قلم 102، 2004ع جي ائڪٽ VIII تحت ترميم ڪانپوءِ:

قلم [102][3]. ڪجھ خاص مُقدمن ۾ ٻي اپيل داخل نٿي ڪري سگهجي: ننڍين مُقدمن وارين عدالتن طرفان ڪارروائي جوڳي انداز جي ڪنهن مُقدمي ۾ ۽ ڪنهن ٻئي مُقدمي ۾، جتي ابتدائي مُقدمي جي تڪراري ڳالھ جي رقم يا ماليت انهيءَ رقم يا ماليت کان وڌيڪ نہ هجي، جنهن جو نبيرو صوبائي حڪومت طرفان ڪيو وڃي، تہ ڪا ٻي اپيل داخل نہ ڪري سگهبي.]

قلم 102، 2004ع جي ائڪٽ VIII تحت ترميم کان اڳ ايئن هو:

قلم [102][4]. ڪجھ خاص مُقدمن ۾ ٻي اپيل داخل نٿي ڪري سگهجي: ڪمڙن مُقدمن ۾ ٻي اپيل داخل نہ ڪري سگهبي:-

(a) ننڍين مُقدمن وارين عدالتن طرفان ڪارروائي جوڳي انداز جي ڪنهن مُقدمي ۾، جڏهن اصل مُقدمي جي تڪراري ڳالھ جي رقم يا ماليت [5][پنجويھ هزار] رپين کان وڌيڪ نہ هُجي؛ ۽

---

[2] 1980ع جي آرڊيننس X سان قلم 11 خارج ٿيا.

[3] 2004ع جي ائڪٽ VIII، تاريخ 30 نومبر 2004ع، PLD 2005، وفاقي قانوني 60 سان تبديل ڪيو ويو.

[4] 1972ع جي آرڊيننس XII تحت قيرقار ٿي.

[5] 1994ع جي ائڪٽ XIV سان لفظن "پنج هزارن" ۾ تبديلي ٿي.

(b) ڪنهن ٻئي مُقدمي ۾، جڏهن اصل مُقدمي جي تڪراري ڳالهہ جي رقم يا ماليت [6][اڍائي لک] رپين کان وڌيڪ نہ هُجي.]

اُتر- اولهہ سرحدي صوبو (پختونخواهہ)

قلم 102 ۾، شِق (b) جي لفظن "اڍائي لک رپين" ۾ "ڏهہ لک رپيا" ڦيرقار تي. ڏسو اُتر- اولهہ سرحدي صوبو 2003ع جو ائڪٽ VI [2004ع PLD، اُتر- اولهہ سرحدي صوبو قانون 37]

قلم 103. حقيقت جي مامري جي فيصلي لاءِ هاءِ ڪورٽ جا اختيارَ: ڪنهن ٻيءَ اپيل ۾ هاءِ ڪورٽ کي اختيار آهي، تہ جيڪڏهن مٿي ڄاڻايل شاهدي ڪافي هجي، تہ ڪنهن اهڙي حقيقت جي مامري جو فيصلو ڏئي، جيڪو اپيل جي فيصلي لاءِ ضروري هجي، پر [7][اپيل جي ٻُڌڻيءَ ڪندڙ ماتحت عدالت انهيءَ کي بنا فيصلي ڇڏيو هجي يا ڄاڻايل عدالت انهيءَ جو غلط فيصلو ڏنو هجي يا اُهو فيصلو ڪنهن بيقاعدگيءَ، غلطي يا ڀُل جو سبب هجي، جيئن قلم 100 جي ذيلي شِق (1) ۾ حوالو ڏنو ويو آهي.]

حُڪمن تي اپيلون

قلم 104. جن حُڪمن تي اپيلون ڪري سگهجن ٿيون: (1) رُڳو هيٺ ڄاڻايل حُڪمن تي اپيل داخل ٿي سگهي ٿي ۽ انهيءَ حالت ڪانسواءِ، تہ هن ڄاڻايل ڪوڊ يا ڪنهن ٻئي لاڳو قانون ۾ ڪو بيو واضح حُڪم هجي، تہ ڪنهن ٻئي حُڪم جي اپيل داخل نہ ٿي سگهندي:

(a) [8][* * *]

[9][(f) قلم 35-A تحت حُڪم؛

(ff) قلم 47 تحت حُڪم]؛

(g) قلم 95 تحت فيصلي جو حُڪم؛

(h) ڄاڻايل ڪوڊ جي حُڪم موجب ڏنڊُ مَڙهڻ يا گرفتاري بابت يا ڪنهن شخص جي انهيءَ حالت ڪانسواءِ ديواني جيل ۾ گرفتاري يا قيد، ڊِڪري جاري ٿيڻ سان ٿي هجي؛

(i) ڪو اهڙو حُڪم، جيڪو قاعدن موجب نڪتو هجي ۽ جنهن جي اپيل بابت ڄاڻايل قاعدن ۾ واضح طور اجازت هجي؛

[10][پر شرط هيءُ آهي، تہ ڪابہ اپيل، عدالت جي ڏنل فيصلي تي راضپي بغير شِق (f) تحت داخل نہ ٿي سگهندي، يا انهيءَ سبب ڪانسواءِ، تہ ڪو حُڪم گهٽ رقم ڏيڻ لاءِ ڏيڻ گهربو هو.]

(2) ڪا اپيل ڪنهن اهڙي حُڪم تي داخل نہ ٿيندي، جيڪو انهيءَ قلم موجب اپيل ۾ جاري ٿيو هجي.

[6] 1994ع جي ائڪٽ XIV سان لفظن "هڪ لک" ۾ ڦيرقار ٿي.

[7] سِول پروسيجر ڪوڊ (ترميم) ائڪٽ 1926ع (1926ع جو XI)، قلم 2 تحت "پر هيٺئين اپيليٽ عدالت طرفان فيصلو نہ ٿيو هجي" ۾ تبديلي ٿي.

[8] ٺياڪڙي ائڪٽ 1940ع (1940ع جو X)، قلم 49 ۽ ٽئين شيڊيول سان شِقون (a) کان (f) تائين خارج ٿيون.

[9] 1972ع جي آرڊيننس XII سان شِقون (f) ۽ (ff) شامل ٿيون.

[10] ڏسو حوالو ساڳيو. شرط شامل ٿيو.

قلم 105. بيا حُڪم: (1) انهيءَ حالت کانسواءِ، تہ ڪو حُڪم واضح طور انهيءَ جي خلاف ڏبو وڃي، تہ ڪنهن اپيل جي ڪنهن اهڙي عدالت جي حُڪم بغير راضپي سان ٻُڌڻي نہ ٿيندي، جيڪو حُڪم ڪنهن عدالت پنهنجي ابتدا ٻُڌڻيءَ يا اپيل جي ابتدائي اختيارن تحت جاري ڪيو هجي، پر جنهن حال ۾ ڊِڪريءَ جي اپيل ٿي هجي، تہ جائز آهي، تہ جيڪا غلطي يا ڀُل چُڪ يا بيضابطگيءَ ڪنهن حُڪم بابت ٿي هجي، تہ مُقدمي داخل ڪرڻ تي اثرانداز ٿي هجي، تہ يادداشت جي اپيل ۾ اُنهن کي ناراضگيءَ جي هڪڙي سبب طور ڄاڻايو وڃي.

(2) مٿي ڄاڻايل شِق (1) جي مضمون کانسواءِ، تہ جيڪڏهن ڪا ڌُر ڪنهن مُقدمي جي واپسيءَ جي ڪنهن اهڙي حُڪم سان ڪاوڙيل هجي، جيڪو ڄاڻايل لاڳو ڪوڊ کانپوءِ جاري ڪيو وڃي ۽ جنهن جي اپيل داخل ٿي سگهندي هجي ۽ ڄاڻايل ڌُر اپيل داخل نہ ڪري، تہ پوءِ اُهو انهيءَ جي صحت بابت اعتراض نہ ڪري سگهندو.

قلم 106. ڪهڙيون عدالتون، اپيلون ٻُڌنديون: جيڪڏهن اپيل ڪنهن جائز حُڪم تي ٿي هجي، تہ انهيءَ کي لاڳاپيل عدالت ۾ ٻُڌو ويندو، جنهن راضپي سان انهيءَ مُقدمي جي فيصلي ۾ ڊِڪري جاري ڪئي هجي، جنهن مُقدمي بابت اُهو حُڪم جاري ٿيو هجي، يا جيڪڏهن اهڙو حُڪم ڪنهن (جيڪا هاءِ ڪورٽ نہ هجي) اپيل جي ٻُڌڻيءَ جو اختيار رکندڙ کي تعميل طور جاري ٿيو هجي، تہ هاءِ ڪورٽ ۾ داخل ڪئي ويندي.

اپيلن سان لاڳاپيل عام شرط

قلم 107. اپيل ٻُڌندڙ عدالت جا اختيار: (1) مُقدمي جي اپيل ٻُڌندڙ عدالت کي، شرطن ضابطن پٽاندر اختيار هوندو تہ:-

(a) مقدمي جو قطعي طور فيصلو ڏئي؛

(b) مُقدمي کي ماتحت عدالت ۾ واپس موڪلي؛

(c) حقيقت جي ماهرن کي لکي، تحقيق لاءِ موڪلي؛ ۽

(d) وڌيڪ شاهدي وٺي يا وٺڻ جو حُڪم ڏئي.

(2) اپيل ٻُڌندڙ عدالت کي ڄاڻايل شرطن پٽاندر اُهي اختيار مليل هوندا ۽ ڪوشش ڪندي اُهي اختيار استعمال ڪرڻا پوندا، جيڪي انهيءَ ڪوڊ پٽاندر هاءِ ڪورٽ کي اُنهن مُقدمن ۾ ٻُڌڻيءَ جا اختيار مليل آهن، جيڪي انهيءَ ۾ داخل ٿين.

قلم 108. اپيل ٻُڌندڙ عدالت طرفان جاري ڪيل ڊِڪرين ۽ حُڪمن خلاف داخل اپيلن ۾ طريقيڪار: اُنهن اپيلن بابت انهيءَ حصي جا حُڪم، جيڪي اصلي ڊِڪرين يا حُڪمن خلاف داخل ڪيا وڃن، سي جيستائين ممڪن هوندو، تہ هيٺ ڏنل اپيلن سان بہ لاڳاپيل هوندا، يعني:-

(a) ڊِڪرين جي اپيل بابت ۽

(b) اُنهن اپيلن جي حُڪمن بابت، جيڪي ڄاڻايل ڪوڊ پٽاندر جاري ٿيا هجن، يا ڪنهن

اهڙي خاص قانون يا خاص جڳهہ پٽاندر جاري ٿيا هجن، جنهن ۾ ڪو مختلف ضابطو مُقرر نہ هجي.

سُپريم ڪورٽ ۾ اپيلون

قلم [11][109. ڪڏهن اپيل سُپريم ڪورٽ ۾ داخل ٿي سگهندي: اُنهن قاعدن جي پابنديءَ موجب، جيڪي مختلف وقتن تي انهيءَ سُپريم ڪورٽ مان، پاڪستان جي هاءِ ڪورٽ جي بابُ پٽاندر لاڳو ڪيا وڃن ۽ گڏوگڏ اُنهن حُڪمن جي پابنديءَ تحت، جيڪي پوءِ لاڳو ڪيا وڃن. جاري ٿيل ڊِڪريءَ خلاف سُپريم ڪورٽ ۾ اپيل هيٺئين ريت داخل ڪئي ويندي:-

(a) هر ڊِڪريءَ يا انهيءَ حتمي حُڪم خلاف، جيڪو اپيل موجب هاءِ ڪورٽ يا ڪنهن اهڙي عدالت مان جاري ٿيو هجي، جنهن کي اپيل جي ٻُڌڻيءَ جو سينيءَ کان پڇاڙيءَ ۾ اختيار مليل هجي.

(b) هر ڊِڪريءَ يا انهيءَ حتمي حُڪم خلاف، جيڪو هاءِ ڪورٽ جي عدالت مان ديواني مُقدمي جي ٻُڌڻيءَ واري اختيار جي تعميل موجب جاري ٿيو هجي؛ ۽

(c) هر ڊِڪريءَ يا انهيءَ حُڪم خلاف، انهيءَ حال ۾، جنهن جو پوءِ مُقدمي ۾ ذڪر ڪيو وڃي، انهيءَ انداز جو ڪوٺيو وڃي، جو انهيءَ اپيل کي ٻُڌڻيءَ جو اختيار سُپريم ڪورٽ وٽ هجي.

قلم [12][110. تڪراري مامري جي ماليت: صدارتي حُڪم 1975ع (1975ع جو IV) تحت رَد ٿيو.

قلم [13][111. ڪجهہ اپيلون داخل ڪرڻ جي روڪَ: متي ڄاڻايل قلم 109 جي ڪنهن عبارت جي باوجود، ڪابہ اپيل [14][سُپريم ڪورٽ] ۾ داخل نہ ٿيندي.

(a) اهڙي ڊِڪريءَ يا حُڪم خلاف، جيڪو هاءِ ڪورٽ جي عدالت جي جج [15][* * *] يا ڪنهن ڏويزن ڪورٽ جي هڪڙي جَج طرفان فيصلي ۾ جاري ٿيو هجي، يا ڄاڻايل هاءِ ڪورٽ جي ٻن يا ٻن کان وڌيڪ ججن جي فيصلي سان اهڙي ڏويزن عدالتن جي ٻن يا ٻن کان وڌيڪ ججن جي فيصلي سان جاري ٿيو هجي، جيڪو ڄاڻايل هاءِ ڪورٽ جي ٻن يا ٻن کان وڌيڪ جَجن طرفان جاري ٿيو هجي، جيڪڏهن اُهي جَج پاڻ ۾ تعداد

---

[11] 1975ع جي صدارتي حُڪم سان ڦيرقار ٿي. گڏوگڏ ڏسو وفاقي عدالت (قانوني حدبندي جو ڦملاءُ) ائڪٽ 1949ع (1950ع جو 1)، قلم 6 ۽ پريوي ڪاونسل (قانوني حدبندي جي منسوخي) ائڪٽ 1950ع، قلم 9.

[12] سِول پروسيجر ڪوڊ جي قلم 110 کي 1975ع جي صدارتي حُڪم IV (1 آگسٽ 1975ع کان هڪدم لاڳو) سان خارج ڪيو ويو. سِول پروسيجر ڪوڊ 1877ع ۽ 1882ع، قلم 596 جو اڳوڻو حوالو.

[13] 1975ع جي صدارتي حُڪم IV سان ڦيرقار ٿي. گڏوگڏ ڏسو وفاقي عدالت (قانوني حدبندي جو ڦملاءُ) ائڪٽ 1949ع (**1950ع جو 1**)، قلم 6 ۽ پريوي ڪائونسل (قانوني حدبندي جي منسوخي) ائڪٽ 1950ع، قلم 9.

[14] صدارتي حُڪم 1961ع (1961ع جو 1) سان "هزمئجستي اِن ڪائونسل" مر ڦيرقار ٿي.

[15] ڏسو حوالو ساڳيو. لفظ "هزمئجسٽيءَ طرفان تخليقي شين کي محفوظ بنائڻ جي لکت سان جوڙجڪ ٿيل" (23 **مارچ 1956**ع کان هڪدم لاڳو) خارج ٿيا. اُنهن لفظن ۾ اڳ ۾ 1937ع جي حُڪم تحت"هندستاني هاءِ ڪورٽس ائڪٽ 1861ع، [يا هندستاني حڪومت ائڪٽ، 1915ع]" لاءِ ڦيرقار ٿي هئي. لفظن ۽ انگن کي 1916ع جي ائڪٽ XIII، شيڊيول سان شامل ڪيو ويو.

موجب هڪ جيترا رايا رکندڙ هُجن ۽ ايترا نہ هُجن, جو هاءِ ڪورٽ جي ڪُل جَجن جي گهٽائيءَ سان سندن طرفان فيصلو ٿيو هجي; يا

(b) ڪنهن اهڙي ڊِڪريءَ سان ناتو هجي, جنهن موجب قلم 102 تحت ٻي اپيل نہ ٿئي.

قلم A-111. وفاقي عدالت ۾ اپيلون: [16][* * *]

قلم [17][112. ڇوٽ: [18][(1) جاٽايل ڪوڊ جي ڪنهن بہ عبارت کي اهڙو نہ سمجهيو ويندو تہ:-

(a) آئين جي آرٽيڪل [19][191 تحت سُپريم ڪورٽ جي مڪمل اختيارن کي روڪٿام جي عمل ۾ آڻڻ يا انهيءَ آئين جي ڪنهن ٻيءَ شرط تحت هجي]; يا

(b) سُپريم ڪورٽ طرفان لاڳو ڪيل قاعدن سان رنڊڪ ٿيندي هجي, ۽ جيڪي تنهن وقت انهيءَ عدالت جي آڏو اُنهن اپيلن جي ڪارروائي لاءِ يا انهيءَ عدالت ۾ پيش ڪرڻ لاءِ عارضي لاڳو هجن.]

(2) هن ڪوڊ جي ڪا عبارت ڪنهن فوجداري يا بحري فوج جي مامري سان لاڳاپيل نہ هوندي, ۽ نہ اُنهن اپيلن سان لاڳاپيل هوندي, جيڪي پرائيز عدالتن جي ڊِڪرين يا حُڪمن خلاف داخل ڪيون وينديون.

[16] وفاقي ائڪٽ 1941ع (1941ع جو XXI), قلم 2 سان خارج ٿيا.

[17] 1975ع جي صدارتي حُڪم IV سان ٿيرقار ٿي. گڏوگڏ ڏسو وفاقي عدالت (قانوني حدبندي جو ٿهلاءُ) ائڪٽ 1949ع (1950ع جو 1), قلم 6 ۽ پريوي ڪائونسل (قانوني حدبندي جي منسوخي) ائڪٽ 1950ع, قلم 9.

[18] صدارتي حُڪم 1961ع (1961ع جو 1), آرٽيڪل 2 ۽ شيڊيول (23 مارچ 1956ع کان هڪدم لاڳو) تحت "ڊِڪري يا حتمي حُڪم" لاءِ ٿيرقار ٿي.

[19] 1975ع جي صدارتي حُڪم IV سان ٿيرقار ٿي.

پاڱو - VIII
حوالو، جائزو ۽ نظرثاني

قلم 113. هاءِ ڪورٽ ڏانهن حوالي لاءِ موڪلڻ: مُقرر قاعدن ضابطن ۽ شرطن موجب، ڪا عدالت مُقدمي جا واقعا ۽ ڪيفيت لکي مُقدمي کي، هاءِ ڪورٽ ۾ حوالي لاءِ موڪلي سگهي ٿي، جنهن تي هاءِ ڪورٽ اهڙو حُڪم جاري ڪندي، جيڪو ڪيس مناسب لڳي.

قلم [20][114. جائزو: (1) مٿي ڄاڻايل پابنديءَ موجب ڪو شخص، جيڪو پنهنجي پاڻ کي مظلوم سمجهندو هجي:-

(a) ڪا اهڙي ڊِڪري يا حُڪم، جنهن خلاف هن ضابطي (ديواني ضابطي) پٽاندر اپيل ڪرڻ جي اجازت هجي، پر ڪا اپيل داخل نہ ڪئي وئي هجي؛

(b) ڪا اهڙي ڊِڪري يا حُڪم، جنهن جي خلاف هن ضابطي (ديواني ضابطي) پٽاندر اپيل ڪرڻ جي اجازت نہ هجي؛

(c) اُهو فيصلو جيڪو ننڍين مُقدمن کي ٻُڌندڙ عدالت طرفان موڪليل حوالي تي ڏنو ويو هجي، تنهن فيصلي خلاف نظرثانيءَ لاءِ انهيءَ عدالت کي درخواست ڏئي سگهجي ٿي، جنهن فيصلو ڏنو يا حُڪم ڏنو هجي ۽ عدالت اهڙو حُڪم جاري ڪري، جيڪو ڪيس موزون لڳي.

(2) ذيلي قلم (1) ۾ موجود ڪا ڳالھ انهيءَ فيصلي جي نظرثانيءَ تي لاڳو نہ ٿيندي، جيڪو سُپريم ڪورٽ ٻُڌايو يا انهيءَ حُڪم تي سُپريم ڪورٽ ڏنو هجي.]

قلم 115. نظرثاني: [21][(1) هاءِ ڪورٽ کي اختيار آهي، تہ ڪنهن مُقدمي جي فيصلي، جنهن جي اپيل هاءِ ڪورٽ ۾ داخل ٿيل نہ هجي ۽ جنهن تي ڪنهن هاءِ ڪورٽ جي ماتحت عدالت مٿيون فيصلو ڏنو هجي، تہ پاڻ وٽ گهرائي، ۽ اِهو ظاهر ٿئي تہ:-

(a) ڄاڻايل ماتحت عدالت اُهو اختيار استعمال ڪيو، جيڪو انهيءَ کي قانوني طور مليل نہ هو: يا

(b) جيڪو اختيار ڪيس مليل هو تنهن کي عمل ۾ نہ آندائين: يا

(c) پنهنجي اختيارن جي تعميل ۾ قانون خلاف ڪارروائي ڪئي يا ڪا بيضابطگي ڪئي، تہ هاءِ ڪورٽ اهڙو حُڪم ڏيندي، جيڪو سندس ويچار ۾ مُناسب هوندو.]

[22][پر شرط هيءَ آهي، تہ جڏهن ڪو شخص انهيءَ ذيلي قلم تحت درخواست ڏئي، تہ هُو انهيءَ جي پُٺڀرائيءَ ۾ دعويٰ جي درخواست يا لکيل بيانَ. نقلَ. دستاويزَ ۽ ماتحت عدالت جو **حُڪم** شامل

[20] 1975ع جي صدارتي حُڪم IV سان ڦيرقار ٿي.

[21] 1972ع جي آرڊيننس XII سان ذيلي قلم (1) طور ٻيهر نمبر هنيو ويو.

ڪندو ۽ هاءِ ڪورٽ اُنهن سببن ڪانسواءِ, جن کي لکت ۾ آندو ويندو, ماتحت عدالت جي ريڪارڊ گهرائڻ بغير مُقدمي جو فيصلو ڏئي ڇڏيندي.]

[23][وڌيڪ شرط هيءَ آهي, تہ جاٽايل درخواست, ماتحت عدالت جي فيصلي جي 90 ڏينهن اندرداخل ڪرڻي پوندي.] [24][جيڪو انهيءَ فيصلي جو نقلَ ڏن ڏينهن اندر پيش ڪندو ۽ هاءِ ڪورٽ اهڙي درخواست کي 6 مهينن ۾ اُڪلائيندي.]

[25][(2) ضلعي عدالت, هاءِ ڪورٽ جي ڪنهن ماتحت عدالت جي اهڙي مُقدمي جي ڪيل فيصلي جي ڏس ۾ اُهي اختيارَ ڪتب آڻي سگهندي, جيڪي ذيلي قلم (1) تحت هاءِ ڪورٽ کي مليل هُجن, جنهن ۾ ڪابہ اپيل داخل نٿي ڪري سگهجي ۽ جنهن جي موضوع جي رقم يا ماليت, ضلعي عدالت جي اپيل جي ٻُڌڻي جي اختيار جي حدن کان وڌيڪ نہ هجي.

(3) جيڪڏهن ضلعي عدالت جي ٻُڌڻيءَ جي اختيارن ۾ ڪنهن مُقدمي جي سلسلي ۾ ذيلي قلم (1) تحت هاءِ ڪورٽ يا ڪنهن ضلعي عدالت کي ڪا درخواست ڏني وئي هجي, تہ اهڙي ڪا وڌيڪ درخواست منجهانئن ڪنهن عدالت کي پيش ڪري نہ سگهبي.

(4) ضلعي عدالت طرفان ذيلي قلم (2) تحت ڏنل ڪنهن حُڪم خلاف, هاءِ ڪورٽ نظرثانيءَ طور ڪنهن مُقدمي جي ٻُڌڻي نہ ڪندي.]

ڀاڱو IX

هاءِ ڪورٽن سان لاڳاپيل خاص حُڪمَ [26][* * *]

قلم 116. هن حصي جو رڳو خاص ڀاڱو هاءِ ڪورٽن تي لاڳو ٿيڻ: هيءُ حصو رُڳو هاءِ ڪورٽن [27][* * *] تي لاڳو ٿئي ٿو.

قلم 117. ڪوڊ جو هاءِ ڪورٽ تي لاڳو ٿيڻ: انهيءَ ڪانسواءِ, جيئن جاٽايل حصي يا حصي 10 يا قاعدن ۾ جاٽايو ويو آهي, هن ڪوڊ جا حُڪمَ هاءِ ڪورٽن [28][* * *] تي لاڳو ٿيندا.

---

[22] 1980ع جي آرڊيننس X سان قلم 13 شامل ٿيو.

[23] سِول پروسيجر ڪوڊ (ترميم) ائڪٽ 1992ع (1992ع جو ائڪٽ VI), (24 مئي 1992ع کان هڪدم لاڳو) تحت شامل ٿيو.

[24] ديواني قانون (سُڌارا) ائڪٽ, 1994ع (1994ع جو ائڪٽ XIV). PLD 1995ع, مرڪزي قانون 3تحت شامل ٿيو.

[25] ديواني قانون (سُڌارا) ائڪٽ, 1994ع (1994ع جو ائڪٽ XIV). PLD 1995ع, مرڪزي قانون 3تحت شامل ٿيو.

[26] مرڪزي قانون (قانوني سُڌارا) آرڊيننس, 1960ع (1960ع جو XXI), قلم 3 ۽ ٻئين شيڊيول (14 آڪٽوبر, 1955ع کان هڪدم لاڳو ٿيندڙ) سان لفظ "چارٽرڊ" خارج ٿيا.

[27] حوالو ساڳيو (14 آڪٽوبر, 1955ع کان هڪدم لاڳو ٿيندڙ) سان لفظ "جيڪي هُجن يا انهيءَ ڪانپوءِ ٿي سجهن [هزمئجسٽيءَ طرفان تخليقي شين کي محفوظ بنائڻ جي لکت سان جوڙجڪ ٿيل]" خارج ٿيا. بريڪيٽن ۾ لفظن کي 1937ع جي حُڪم تحت "هندستاني هاءِ ڪورٽس ائڪٽ 1861ع تحت جوڙيل, هندستاني حڪومت ائڪٽ 1915ع لاءِ" تبديل ڪيو ويو.

[28] مرڪزي قانون (قانوني سُڌارا) آرڊيننس, 1960ع (1960ع جو XXI), قلم 3 ۽ ٻئين شيڊيول (14 آڪٽوبر, 1955ع کان هڪدم لاڳو ٿيندڙ) سان لفظ "اهڙو" کي خارج ڪيو ويو.

قلم 118. ماليت جي نبيري کان اڳ ڊڪري جاري ٿيڻ: جيڪڏهن چارٽايل هاءِ ڪورٽ[29][* * *] جي ڪنهن عدالت جي ويچار ۾ اِهو ضروري هجي، تہ ڊڪري، جيڪا انهيءَ جي ديواني ٻڌڻي جي اختيارن جي تعميل ۾ جاري ڪئي وئي هجي، انهيءَ کان اڳ جو انهيءَ خرچ جي ماليت، جيڪا مُقدمي ۾ لاڳو هجي، ۽ تحقيق خاطر حقدار ٿي سگهي، جاري ٿيڻ گهرجي، تہ عدالت اِهو حُڪم ڏئي سگهندي، تہ اُها ايتري قدر ترميم ڪانسواءِ ڊڪري ٺُرت جاري ڪري، جيڪا خرچ بابت هجي.

۽ اِهو تہ جيترو ڊڪريءَ جو خرچ سان لاڳاپو آهي، سا انهيءَ ڪانسواءِ تہ اُها خرچ جي ماليت جي تحقيق خاطر حقدار هجي، تہ ڊڪري جاري ڪئي ويندي.

قلم 119. اختيار نہ رکندڙ شخصَ عدالت ۾ ڪارروائي هلائي نہ سگهندا: هن ڪوڊ جي عبارت مان اِهو نہ سمجهيو ويندو تہ ڪنهن شخصَ کي ٻئي طرف کان اِها اجازت مليل آهي، تہ پنهنجي ديواني مُقدمي جي ٻڌڻي جي اختيارن پٽاندر ڪارروائي هلائيندڙ عدالت اڳيان ڳالهائي يا شاهدن کان سُوال توڙي جواب انهيءَ صورت ڪانسواءِ پُڇي، ۽ عدالت ٻڌڻيءَ جي اختيارن کي سامهون رکندي، انهيءَ شخص کي مُقرريءَ جي سَند تحت انهيءَ ڳالهہ جي اجازت ڏئي ۽ نہ ئي اِهو سمجهيو ويندو تہ هاءِ ڪورٽ کي وڪيل، وڪيلن ۽ اٽارني جنرلن جي وچ ۾ قاعدا ضابطا لاڳو ڪرڻ جا اهڙا اختيار مليل آهي، جيڪي ڪنهن طرح سان اختيار سان هٿ چُراند ڪندڙ نہ هُجن.

قلم 120. اُهي حُڪمَ هاءِ ڪورٽ جي اصل ديواني ٻڌڻيءَ جي اختيارن تي لاڳو نہ ٿيندا: (1) هاءِ ڪورٽ جي عدالت سان، جڏهن اُها پنهنجي اصل ديواني ٻڌڻيءَ جي اختيارن کي لاڳو ڪندي هجي، تہ هيٺيان قلم يعني قلم 16، 17 ۽ 20 لاڳاپيل نہ هوندا.

[* * *][30]

ڀاڱو X
قاعدا توڙي ضابطا

قلم 121. قاعدن توڙي ضابطن جو پهرئين شيڊيول تي اثر: جيڪي قاعدا توڙي ضابطا شيڊيول پهرئين ۾ چارٽايل آهي، سي اهڙيءَ ريت اثرائتا ٿيندا، جڻ اُهي هن ڪوڊ ۾ داخل هجن، جيستائين انهيءَ حصي جي حُڪمن موجب رَد نہ ٿي وڃن يا ڪين بدلايو نہ وڃي.

قلم 122. هاءِ ڪورٽ کي ڪجهہ قاعدا ضابطا جوڙڻ جو اختيار: [31][هاءِ ڪورٽون][32][* * *] مختلف وقتن تي پنهنجي طريقيڪار لاءِ ۽ پنهنجي ماتحت عدالتن جي نگرانيءَ لاءِ قاعدا توڙي ضابطا

---

[29] ساڳيو.

[30] پريزيڊنسي ٽائونس انسالوينسي ائڪٽ 1909ع (1909ع جي 3) قلم 127 ۽ ٽئين شيڊيول سان ذيلي قلم (2) خارج ٿيو.

[31] آرڊيننس، 1960ع (1960ع جو XXI) سان ڦيرڦار ٿي.

[32] ترميمي ائڪٽ 1916ع (1916ع جو XIII)، قلم 2 ۽ شيڊيول سان "ڪلڪتي، مدراس، بمبئي، الہ آباد، لاهور ۽ رنگون جي هرهڪ شهر" لاءِ تبديلي ٿي.

جوڙيندڙيون ۽ اُنهن موجب ايندڙ وقت لاءِ يا ڇاڻايل شيڊيول پهرئين جي قاعدن توڙي ضابطن کي رَد، بدلائي يا منجهن واڌارو ڪري سگهن ٿيون.

قلمر 123. ڪجهہ صوبن ۾ قاعدا توڙي ضابطا جوڙيندڙ ڪميٽيون ناهڻ: (1) هڪڙي ڪميٽي، جنهن جو نالو رول ڪميٽي هوندو، [33][اهڙي جڳهہ تي جوڙي ويندي، جيڪو هر ڪنهن هاءِ ڪورٽ [34][* * *] [35][* * *] جي ڪارروائيءَ جو هنڌُ هجي، جيئن قلمر 122 ۾ ڄاڻايل آهي.]

(2) هر اهڙي ڪميٽيءَ ۾ هيٺيان شخص شامل هوندا، يعني:-

(a) تي جَج انهيءَ ماڳ جي هاءِ ڪورٽ جا، جتي اُها ڪميٽي نميل هجي، جنهن ۾ گهٽ ۾ گهٽ هڪڙو جَجُ اهڙو هجي، جنهن ڊسٽرڪٽ جَج يا [36][***] ڊويزنل جَج جي عُهدي تي ٽي سال ڪم ڪيو هُجي؛

(b) انهيءَ عدالت ۾ عدالتي ڪارروائين ۾ رُڌل ڪو بئريسٽر؛

(c) وڪيلَ جيڪي ساڳيءَ عدالت ۾ پريڪٽس ڪندا هجن؛

(d) ڪنهن ديواني عدالت جو هڪڙو جَجُ، جيڪو هاءِ ڪورٽ [37][* * *] جي ماتحت هجي.

(3) انهي ڪميٽيءَ جي رُڪنن کي، چيف جسٽس [38][* * *] مُقرر ڪندو ۽ هو ٿي منجهانئن هڪڙي شخص کي صدر بنائيندو.

پر شرط هيءَ آهي، تہ جنهن حالت ۾ پاڻُ چيف جسٽس [39][* * *] ڪميٽيءَ جو رُڪن ٿيڻ چاهي، تہ رُڳو ٻيا جَج مُقرر ڪيا ويندا ۽ چيف جسٽس[40][* * *]، ڪميٽيءَ جو صدر هوندو.

(4) هر رُڪن، اهڙي ڪميٽيءَ جي رُڪن طور ايتري عرصي تائين رهندو جيئن چيف جسٽس [41][* * *] طرفان تجويز ڪيو وڃي ۽ جڏهن ڪو رُڪن پاسيرو ٿئي، ريٽائرڊ ٿئي يا استعيفيٰ ڏئي يا

---

[33] اوڌ ڪورٽس (اعزازي) ائڪٽ 1925ع (1925ع جو XXXII)، قلمر 2 ۽ شيڊيول تحت جن لفظن "۽ چيف عدالت" کي شامل ڪيو ويو هو، تن کي قانوني حُڪم 1949ع تحت خارج ڪيو ويو.

[34] منسوخي ۽ ترميمي ائڪٽ 1923ع (1923ع جو XI)، قلمر 2 ۽ ٻهريون شيڊيول سان جن لفظن "۽ چيف عدالت" کي خارج ڪيو ويو هو، تن لفظن ۾ اڳ ۾ منسوخي ۽ ترميمي ائڪٽ 1919ع (1919ع جو XVIII)، قلمر 2 ۽ پهرئين شيڊيول سان "چيف عدالتون" لاءِ ڦيرڦار ٿي هئي.

[35] ائڪٽ 1919ع (1919ع جو XVIII)، قلمر 3 ۽ ٻهريون شيڊيول سان لفظن "برما ۾" بجاءِ "پنجاب يا برما ۾" ڦيرڦار ڪئي وئي ۽ پوءِ 1923ع جي ائڪٽ XI، قلمر 3 ۽ ٻئين شيڊيول سان اُنهن کي خارج ڪيو ويو.

[36] حُڪم 1959ع تحت شامل ٿيو.

[37] ڏسو ساڳيو حوالو. لفظ "۽" ۽ شِق (e) کي خارج ڪيو ويو.

[38] مرڪزي قانون (قانوني سُڌارا) آرڊيننس، 1960ع (1960ع جو XXI)، قلمر 3 ۽ ٻئين شيڊيول (14 آڪٽوبر، 1955ع کان هڪدم لاڳو ٿيندڙ) تحت لفظن "يا چيف جَج" کي خارج ڪيو ويو.

[39] اوڌ ڪورٽس (اعزازي) ائڪٽ 1925ع (1925ع جو XXXII)، قلمر 2 ۽ شيڊيول تحت جن لفظن "۽ چيف عدالت" کي شامل ڪيو ويو هو، تن کي قانوني حُڪم 1949ع تحت خارج ڪيو ويو.

[40] ڏسو ساڳيو حوالو.

[41] ڏسو ساڳيو حوالو.

فوت ٿي وڃي يا انهيءَ ماڳ کان، جتي ڪميٽي نهيل هجي، هليو وڃي يا رُڪن جي قابليت منجهس باقي نـ رهي، تـ چيف جسٽس [42][* * *] جاٽايل رُڪن جي جڳهہ تي ڪنهن ٻئي شخص کي مُقرر ڪري سگهي ٿو.

(5) هر اهڙي ڪميٽيءَ لاءِ هڪڙو سيڪريٽري بـ مُقرر ڪيو ويندو ۽ انهيءَ جي مُقرري چيف جسٽس [43][* * *] ڪندو ۽ انهيءَ جي پگهار مُقرر ٿيندي، جيئن صوبائي حڪومت حُڪم ڏئي.]

قلم 124. ڪميٽي، هاءِ ڪورٽ کي رپورٽ ڏيندي: هر رول ڪميٽي پنهنجي هڪڙي رپورٽ، هاءِ ڪورٽ وٽ شيڊيول پهرئين جي جاٽايل قاعدن ضابطن يا انهيءَ بابت جوڙيل نون قاعدن توڙي ضابطن موجب رَدُ يا تبديلي يا واڌاري بابت پيش ڪندي ۽ هاءِ ڪورٽ انهيءَ رپورٽ تي ويچاريندي، انهيءَ کان اڳ جو قاعدن توڙي ضابطن کي قلم 122 موجب ٺاهيو وڃي.

قلم 125. [44][* * *]

قلم [45][126. قاعدا توڙي ضابطا منظوريءَ جا پابند هوندا: جاٽايل پابندين پٽاندر ٺاهيل قاعدا توڙي ضابطا، صوبي جي حڪومت کان پهرئين منظوريءَ جا پابند هوندا، جنهن ۾ عدالت موجود هجي، جنهن جي طريقيڪار کي ڪين لاڳو ڪرڻو هجي، يا [46][وفاقي حڪومت] جي اڳواٽ منظوريءَ سان، جيڪڏهن عدالت ڪنهن ٻئي صوبي ۾ موجود هجي.

قلم 127. قاعدن توڙي ضابطن جي مشهوري: جيڪي قاعدا توڙي ضابطا مٿي جاٽايل قلمن موجب جوڙيا ۽ [47][منظور ڪيا] ويندا، سي [48][سرڪاري گزيٽ ***] ۾ ڇاپيا ويندا، ۽ ڇپجڻ جي تاريخ يا ٻيءَ مقرر ٿيل تاريخ کان، جيئن حُڪم ڪيو ويندو اُنهن جو اثر هاءِ ڪورٽ جي علائقي ۾ اهڙو ئي هوندو جيئن ڪين جوڙيو ويو هجي، جڻ اُهي شيڊيول پهرئين ۾ شامل هجن.

---

[42] ڏسو ساڳيو حوالو.

[43] ڏسو ساڳيو حوالو.

[44] قلم 125 ۾ قانوني حُڪم 1937ع ۽ اختيارن جي مُنتقلي ائڪٽ 1920ع (1920ع جو XXXVIII)، قلم 2 ۽ پهريون شيڊيول تحت اڳ ۾ ترميم ٿي هئي، ۽ پوءِ مرڪزي قانون (قانوني سُڌارا) آرڊيننس، 1960ع (1960ع جو XXI)، قلم 3 ۽ ٻئين شيڊيول (14 آڪٽوبر، 1955ع کان هڪدم لاڳو ٿيندڙ) تحت خارج ڪيو ويو.

[45] قانوني حُڪم 1937ع تحت قلم 126 ۾ تبديلي ٿي، جڏهن تـ 1916ع جي ائڪٽ XIII، شيڊيول سان ترميم ٿي.

[46] صدارتي حُڪم 1961ع (1961ع جو 1)، آرٽيڪل 2 تحت لفظ "صدر" ۽ 1975ع جي صدارتي حُڪم IV تحت ٽيبل لاءِ "گورنر جنرل" ۽ وفاقي حڪومت لاءِ "صدر" ۾ ڦيرڦار ٿي.

[47] منسوخي ۽ ترميمي ائڪٽ 1971ع (1971ع جو XXIV)، قلم 2 ۽ پهريون شيڊيول تحت "منظوري" لاءِ ڦيرڦار ٿي.

[48] قانوني حُڪم 1937ع تحت پيرا 4 (1) لاءِ "هندستان جي گزيٽ يا مقامي سرڪاري گزيٽ ۾، جيڪا بـ حالت هُجي" ۾ ڦيرڦار ٿي. پر سختيءَ سان مُتبادل "سرڪاري گزيٽ يا سرڪاري گزيٽ ۾، جيڪا بـ حالت هُجي" پڙهيو ويندو پر پوءِ وارن لفظن کي اجايو جاڻي خارج ڪيو ويو آهي.

قلم 128. مامرا جن لاءِ قاعدا توڙي ضابطا مُهيا ڪري سگهجن ٿا: (1) جيڪي قاعدا توڙي ضابطا متي ڄاڻايل قلمن پٽاندر ٺاهيا ويندا، سي هن ڪوڊ جي حُڪمن خلاف نـ هوندا، پر رعايت طور اُنهن مامرن جي حُڪمن موجب هوندا، جيڪي ديواني عدالت جي ضابطن سان لاڳاپيل هجن.

(2) خاص طور ۽ عام طور ذيلي قلم (1) پٽاندر عطا ٿيل اختيارن ۾ ڪجهه فرق اچڻ بغير، اهڙا قاعدا ضابطا ڪجهه يا سمورن هيٺ ڄاڻايل مامرن بابت جوڙي سگهن ٿا، يعني:-

(a) ٽپال ذريعي سمن، نوٽيس ۽ بين حُڪمنامن يا ڪنهن ٻئي طريقي سان تعميل، پوءِ پلي اُهي عام طور يا ڪنهن خاص علائقي ۾ هجي ۽ اُهو اهڙي تعميل جو ثبوت هجي؛

(b) ضبطگيءَ جي حالت ۾ چوپائي جانورن جو کاڌو پيتو ۽ بچاءُ ۽ ٻئي مُنتقل ٿيندڙ مال جي بچاءُ ۽ کاڌي پيتي جي فيس ۽ ڄاڻايل چوپائي جانورن ۽ اهڙي ملڪيت جي نيلام مان مليل رقم بابت؛

(c) مقدمي جي مقابلي ۾ داخل مُقدمن بابت طريقيڪار ۽ اختيارن جي مقصدن لاءِ اهڙن مُقدمن جي مالياتي تخميني جو عمل؛

(d) قانوني اختيار سان قرضدار جي مسواڙ ۽ بين خرچن لاءِ حُڪم وٺڻ جو طريقيڪار، پوءِ پلي اُهو قرضن جي ضبطگي يا وڪري ۾ مُتبادل يا اُن سان گڏ شامل هُجي.

(e) طريقيڪار جتي دعويٰ جو بچاءُ ڪندڙ دعويدار هجي، تـ هُو ڪنهن شخص تي يا اُن خلاف چٽندي يا ڇوٽ توڙي معاوضي جو حقدار آهي، پوءِ پلي اُهو شخص مُقدمي ۾ ڌُر هجي يا نـ هجي.

(f) سرسري ضابطي بابت-

(i) اُنهن مُقدمن ۾، جن ۾ دعويدار رُڳو قرض جي رقم جي وصوليءَ جو دعويدار يا مقرر عرصي ۾ ڪنهن مطالبي يا حُڪم موجب، روڪ رقم جي دعويدار هئڻ سان گڏ وياج يا بغير وياج جو اختيار رکندو هجي؛ يا

اظهاريل يا قياسي معاهدي موجب؛ يا

هڪڙي قانوني حالت ۾، جڏهن جنهن رقم يا هڪڙي مُقرر رقم روڪ جي وصولي، ڏنڊُ بجاءِ گهربل هجي؛ يا

ڪنهن ضمانت تي، جڏهن دعويٰ اصل موڙيءَ خلاف ڪنهن قرض يا رُڳو ڏيوالو نڪتل ادائيگي بابت هجي؛ يا

وقف پٽاندر هجي؛ يا

(ii) سرڪاري ضابطي جي اُنهن مُقدمن ۾، جن کي زميندار، منتقل ٿيندڙ توڙي غيرمُنتقل ٿيندڙ ملڪيت ۾ ٿيل منافعي جي وصوليءَ يا ڪنهن هاريءَ خلاف ڍل جي رقم (يا

مسواڙ) جي وصوليءَ جي اهڙي دعويٰ داخل ڪري، جنهن جو عرصو گذري ويو هجي، يا نوٽيس ذريعي بيدخلي ختم ٿي ويئي هجي، يا ڍل (يا مسواڙ) نہ ڏيڻ سبب منسوخي لاڳو ٿي ويئي هجي يا اُنهن شخصن تي داخل ڪري، جيڪي ڇاڙايل رقم ڏيڻ جا پابند هجن؛

(g) سَمن جاري ڪرائڻ جي ضابطي بابت؛

(h) اجتماعي مُقدمن يا اپيل يا ٻين ڪاررواين بابت؛

(i) عدالتي يا غيرعدالتي خدمتن ڏيڻ بابت ڪنهن رجسٽرار، ڪتابن جي داخلا رکندڙ يا حساب ڪتاب رکندڙن بابت، جيڪي ديواني عدالت جي ڪاروهنوار هلائڻ لاءِ لازمي هُجن؛ ۽

(j) سمورن فارمن، ڪنهن رجسٽرار، ڪتابن جي داخلا رکندڙ يا حساب ڪتاب رکندڙن بابت، جيڪي ديواني عدالت جي ڪاروهنوار هلائڻ لاءِ لازمي يا مُناسب ٿي سگهن ٿا.

قلم 129. عدالت وٽ پنهنجي اصلي ديواني ڪارروائيءَ بابت قاعدا ضابطا جوڙڻ لاءِ اختيارَ: هن ڪوڊ جي ڪنهن مضمون جي وصف موجب عدالت [49][٭ ٭ ٭] کي اختيار آهي، تہ اُها مُناسب قاعدا ضابطا جوڙي، جيڪي [50][ليٽرز پيٽنٽ] جي حُڪمن موجب هوندا، جن ذريعي اُها پنهنجي اصلي ديواني ڪارروائيءَ جي اختيارن بابت قاعدا ضابطا جوڙي ۽ هن ڪوڊ جا ڪي مضمونَ، اُنهن قاعدن ضابطن جي جواز تي اثر نہ وجهندا، جيڪي هن ڪوڊ جي لاڳو هئڻ وقت جاري ٿيا هجن.

قلم 130. [51][٭ ٭ ٭]

قلم 131. قاعدن ضابطن جي ڇپائي: جيڪي قاعدا ضابطا قلم 129 [52][٭ ٭ ٭] موجب ٺاهيا ويندا، سي [53][سرڪاري گزيٽ * * *] ۾ ڇپيا ويندا، ۽ ڇپائيءَ جي تاريخ يا ڪنهن ٻيءَ مُقرر تاريخ کانپوءِ، ڪين قانوني حُڪم سڏيو ويندو.

---

[49] مرڪزي قانون (قانوني سُڌارا) آرڊيننس، 1960ع (1960ع جو XXI)، قلم 3 ۽ ٻئين شيڊيول (14 آڪٽوبر، 1955ع کان هڪدم لاڳو ٿيندڙ) تحت لفظن "هزمئجسٽيءَ طرفان تخليقي شين کي محفوظ بنائڻ جي لکت سان جوڙجڪ ٿيل" کي خارج ڪيو ويو. اُنهن لفظن ۾ اڳ ۾ 1937ع جي حُڪم تحت"هندستاني هاءِ ڪورٽس ائڪٽ 1861ع، [يا هندستاني حڪومت ائڪٽ، 1915ع]" لاءِ ڦيرڦار ٿي هئي.

[50] ڦيرڦار ٿي. " تخليقي شين کي محفوظ بنائڻ جي لکت سان انهيءَ جي جوڙجڪ ٿي" لاءِ (14 آڪٽوبر، 1955ع کان هڪدم لاڳو ٿيندڙ) ڏسو ساڳيو حوالو.

[51] صدارتي حُڪم 1961ع (1961ع جو 1)، آرٽيڪل 2 ۽ شيڊيول (23 مارچ 1956ع کان هڪدم لاڳو) تحت قلم 130 خارج ٿيو. انهيءَ قلم ۾ اصل ۾ 1916ع جي ائڪٽ XIII سان ترميم ٿي هئي؛ 1937ع جي حُڪم تحت شيڊيول تبديل ٿيو هو. انهيءَ ۾ قانوني حُڪم 1949ع ۽ مرڪزي قانون (قانوني سُڌارا) آرڊيننس، 1960ع (1960ع جو XXI)، قلم 3 ۽ ٻئين شيڊيول سان ترميم پڻ ٿي هئي.

[52] صدارتي حُڪم 1961ع (1961ع جو 1)، آرٽيڪل 2 ۽ شيڊيول (23 مارچ 1956ع کان هڪدم لاڳو) تحت لفظ ۽ انگ "يا قلم 130" خارج ٿيا.

[53] قانوني حُڪم 1937ع تحت پيرا 4(1) لاءِ "هندستان جي گزيٽ يا مقامي سرڪاري گزيٽ ۾، جيڪا بہ حالت هُجي" ۾ ڦيرڦار ٿي. ۾ سختيءَ سان مُتبادل "سرڪاري گزيٽ يا سرڪاري گزيٽ ۾، جيڪا بہ حالت هُجي" پڙهيو ويندو ۽ پوءِ وارن لفظن کي اجايو ڄاڻي خارج ڪيو ويو آهي.

باب -XI
مختلف مامرا

قلم 132. ڪجهه عورتن کي عدالت ۾ حاضريءَ جي ڇوٽ: (1) اهڙيون عورتون، جن کي مُلڪ جي آئين توڙي رواج موجب ماڻهن آڏو اچڻ تي مجبور نٿو ڪري سگهجي، تن کي اصل ۾ عدالت ۾ حاضر ٿيڻ جي معافي مليل آهي.

(2) هاڻوڪي قلم جي ڪنهن عبارت مان اِهو نہ سمجهڻ گهرجي، تہ مٿيون عورتون، ديواني حُڪمنامي جاري ٿيڻ سان گرفتاريءَ کان آجيون آهن. انهيءَ حالت ۾ جڏهن سندن گرفتاري هن ڪوڊ پٽاندر معاف نہ هجي.

قلم 133. ٻين شخصن کي ڇوٽ: (1) [54][صوبائي حڪومت] کي اختيار آهي، تہ [55][سرڪاري گزيٽ] جي [56][نوٽيفڪيشن] ذريعي ڪنهن شخص کي حاضريءَ کان معاف ڪري ڇڏي، جيڪو حڪومت جي هاڻوڪي راءِ ۾ پنهنجي عُهدي پٽاندر عدالت ۾ ذاتي طور حاضر ٿيڻ جي معافيءَ جو حقدار هجي.

(2) صوبائي حڪومت اُنهن شخص جا نالا ۽ رهائش، جيڪي هاڻوڪي قاعدي موجب معاف ٿيا هجن، مختلف وقتن تي [57][صوبائي حڪومت] طرفان هاءِ ڪورٽ ۾ موڪليندي، ۽ اهڙن شخصن جي هڪڙي فهرست هاڻوڪي عدالت ۾ رهندي، ۽ هڪڙي فهرست اُنهن شخص جي، جيڪي هاءِ ڪورٽ جي هر ماتحت عدالت جي علائقي ۾ رهندا هجن، سي اهڙي عدالت جي ماتحت هوندا.

(3) جڏهن ڪو شخص، جنهن کي هاڻوڪي قاعدي موجب معاف ڪيو ويو هجي، تہ انهيءَ معافيءَ جي حَقَ کي پيش ڪندو ۽ انهيءَ سبب ڪميشن ذريعي سندس شاهدي وٺڻ ضروري هجي، تہ انهيءَ تي لازم آهي، تہ ڪميشن جو خرچ پريءَ انهيءَ حالت کانسواءِ، جيڪا ڌُر سندس شاهدي ڏيارڻ چاهي، تہ پاڻُ مٿيون خرچ ڏئي.

قلم 134. ڊِگريءَ جاري ٿيڻ کانسواءِ ٻين حالتن ۾ گرفتاري: قلمن 55، 57 ۽ 59 جا حُڪمَ، جيستائين مُمڪن ٿيندو اُنهن سمورن شخصن بابت هوندا، جن کي هاڻوڪي ڪوڊ پٽاندر گرفتار ڪيو ويندو.

---

[54] 1937ع جي حُڪم تحت لفظ "مقامي حڪومت" ۾ ڦيرڦار ٿي.

[55] اهڙن نوٽفڪيشنن لاءِ ڏسو مختلف مقامي قاعدا ضابطا ۽ حُڪم.

[56] 1937ع جي حُڪم تحت لفظ "مقامي سرڪاري گزيٽ" ۾ تبديلي ٿي.

[57] 1937ع جي حُڪم تحت لفظ "مقامي حڪومت" ۾ ڦيرڦار ٿي.

قلم 135. ديواني ڪارروائيءَ تحت گرفتاريءَ ۾ ڇوٽ: (1) ڪو جَج يا مئجسٽريٽ يا عدالت جو عُهديدار ديواني عدالت جي حُڪم موجب انهيءَ حالت ۾ گرفتار نہ ٿي سگهندو، جڏهن اُهو پنهنجي عدالت ڏانهن ويندو هجي يا اهڙي مُقدمي جي ٻُڌڻي ڪندو هجي يا اُتان واپس ايندو هجي.

(2) جڏهن ڪو مامرو ڪنهن اهڙي ٽربيونل جي روبرو التوا ۾ هُجي، جنهن جو انهيءَ تي اختيار هجي، يا اُهو نيڪ نيتيءَ سان سمجهندو هجي، تہ ڪيس اهڙو اختيار مليل آهي، تہ انهيءَ مامري جي ڌرين، مُختارن، روينيو نمائندن ۽ مجيل نمائندن ۽ سندن شاهدن، جن کي سَمن موجب گهرائي حاضر ڪيو وڃي، تن کي ديواني ڪارروائي هيٺ گرفتاريءَ کان ڇوٽ هوندي، نہ ڪي اهڙي ڪارروائي تحت، جيڪا اهڙي ٽربيونل طرفان عدالت جي توهين بابت ٿي هجي، جنهن مهل اُهي ٽربيونل ڏانهن يا اهڙي مقصد لاءِ ويندا هجن ۽ جڏهن اهڙي ٽربيونل کان واپس ايندا هجن.

(3) هن قلم جي ذيلي قلم (2) ۾ڪاندر ڊِڪريءَ جي قرضدار کي انهيءَ گرفتاريءَ ۾ ڇوٽ ملي نہ سگهندي، جيڪا ڪنهن عدالت جي جاري ٿيل حُڪم موجب ڪئي وڃي، يا جڏهن ڊِڪريءَ جو قرضدار سبب جاڻائڻ لاءِ حاضر ٿيو هجي، تہ انهيءَ کي ڊِڪريءَ جي تعميل ۾ جيل ڇو نہ موڪليو وڃي.

قلم [58][135-A. ديواني ڪارروائين تحت قانون ٺاهيندڙ اداري جي رُڪنن کي گرفتاريءَ ۽ ڪين قيد ۾ رکڻ جي ڇوٽ: (1) هيٺ ڄاڻايل ڪنهن شخص کي ديواني مُقدمي سبب گرفتار نہ ڪيو ويندو ۽ نہ ديواني قيد ۾ رکيو ويندو-

(a) [59][(a) جيڪڏهن اُهو شخص [60][* * *] قانون ٺاهيندڙ اداري [61][* * *] [62][* * *] جو رُڪن هُجي، تہ انهيءَ قانون ٺاهيندڙ اداري [63][* * *] جي گڏجاڻيءَ دوران؛

(b) ۽ جيڪڏهن اُهو ڪنهن اهڙي قانون ٺاهيندڙ اداري [64][* * *] جو رُڪن هجي، تہ انهيءَ ڪميٽيءَ جي ڪنهن گڏجاڻيءَ دوران؛

[65][* * *]

۽ ويهڪ يا گڏجاڻيءَ کان چوڏنهن ڏينهن اڳ ۽ پندرنهن ڏينهن پوءِ گرفتار يا قيد نہ ٿي سگهندو.

---

[58] هيءَ قلم قانون ٺاهيندڙ رُڪنن کي ڇوٽ ائڪٽ 1925ع (1925ع جو XXIII) سان شامل ٿيو.

[59] 1937ع جي حُڪم تحت اصلي شِق (a) لاءِ قيرقار ٿي.

[60] 1949ع جي قانوني حُڪم تحت لفظ "اڪيلو قانون ٺاهيندڙ چيمبر" خارج ٿيو.

[61] ڏس ساڳيو حوالو لفظ "يا قانون ٺاهيندڙ چيمبر جا ٻئي چيمبر" خارج ٿيا.

[62] صدارتي حُڪم 1961ع (1961ع جو 1)، آرٽيڪل 2 ۽ شيڊيول (23 مارچ 1956ع کان هڪدم لاڳو) تحت لفظ ۽ انگ "هندستان جي حڪومت ائڪٽ 1905ع تحت جُڙيل" خارج ٿيا.

[63] 1949ع جي قانوني حُڪم تحت لفظ "يا چيمبر" خارج ٿيو.

[64] صدارتي حُڪم 1961ع (1961ع جو 1)، آرٽيڪل 2 ۽ شيڊيول (23 مارچ 1956ع کان هڪدم لاڳو) تحت لفظ ۽ انگ "هندستان جي حڪومت ائڪٽ 1905ع تحت جُڙيل" خارج ٿيا.

[65] شِق (c) ۾ قيرقار ڪئي وئي. 1949ع جي قانوني حُڪم تحت خارج ٿيل اصلي شِق لاءِ ڏسو ساڳيو حوالو.

(2) جيڪڏهن ڪنهن شخص کي ذيلي قلم (1) موجب قيد کان آزادي ملندي، ته اُهو جاٽايل ذيلي قلم جي حُڪم موجب ٻيهر گرفتاريءَ جي لائق هوندو ۽ وڌيڪ قيد جو ذميدار هوندو، جنهن جو اُهو حقدار هوندو جيڪڏهن اُهو ذيلي قلم (1) جي قاعدن پٽاندر آزاد نہ ٿيو هجي.

قلم 136. جنهن شخص کي گرفتار ڪرڻو هجي يا سندس ملڪيت کي ضبط ڪرڻو هجي، سو ضلعي کان ٻاهر هجي، تہ انهيءَ بابت طريقيڪار: (1) جيڪڏهن هن ڪوڊ جي ڪنهن حُڪم موجب ڪا درخواست داخل ڪئي وڃي، جيڪا ڊِڪريءَ جي جاري ٿيڻ سان لاڳاپو نہ رکندي هجي، تہ ڪنهن اهڙي شخص کي گرفتار يا ڪنهن اهڙي ملڪيت کي ضبط ڪيو وڃي، تہ عدالت کي اِهو اختيار آهي، تہ پنهنجي ويچار موجب اهڙي شخص جي گرفتاري يا اهڙي ملڪيت جي ضبطگيءَ جو حُڪم ڏئي ۽ وارنٽ يا حُڪمنامي جو هڪڙو نقل، گرفتاريءَ يا ملڪيت جي ضبطگيءَ بابت جاري ٿيل حُڪم تي اندازي ۾ ايندڙ خرچ سميت، انهيءَ ضلعي عدالت ۾ موڪليندي، جنهن اختياريءَ واري علائقي جي حدن ۾ اُهو شخص رهندو هجي يا ملڪيت موجود هجي.

(2) ضلعي عدالت تي لازم آهي، تہ جاٽايل نقل ۽ خرچ جي ماليت وٺي، پنهنجي عملدارن يا پنهنجي ڪنهن ماتحت عدالت جي معرفت گرفتاري يا ضبطگي عمل ۾ آڻي، ۽ انهيءَ عدالت کي، جتان وارنٽ يا حُڪم جاري ٿيو هجي، تہ گرفتاريءَ يا ضبطگيءَ جي تعميل جو اطلاع ڏئي.

(3) اُها عدالت، جيڪا هن قلم موجب گرفتاري ڪري، تہ گرفتار ٿيل شخص کي انهيءَ عدالت ۾ موڪليندي، جتان گرفتاريءَ جو وارنٽ جاري ٿيو هجي، انهيءَ حالت ۾ تہ جاٽايل شخص ٻهرئين عدالت کي انهيءَ ڳالھ بابت سبب ڄاڻائي، تہ ڪيس پڇاڙيءَ ۾ ذڪر ٿيل عدالت ۾ ڇو موڪليو وڃي، يا اهو تہ پڇاڙيءَ ۾ ذڪر ٿيل عدالت ۾ حاضر ٿيڻ جي ڪافي ضمانت داخل ڪري، يا انهيءَ ڊِڪريءَ لاءِ ڪافي ضمانت داخل ڪري، جيڪا مٿي جاٽايل عدالت طرفان سندس نالي جاري ڪئي وڃي، اُنهن ٻنهي حالتن ۾ اُها عدالت، جنهن ڪيس گرفتار ڪيو هُجي، ڪيس آزاد ڪري ڇڏيندي.

(4) [66][* * *]

قلم 137. ماتحت عدالت جي ٻولي: (1) جاٽايل ڪوڊ موجب هاءِ ڪورٽ جي ڪنهن ماتحت عدالت ۾ ڪا ٻولي رواج ۾ هجي، تہ انهيءَ عدالت جي ٻولي ايستائين اُها ساڳي رهندي، جيستائين [67][صوبائي حڪومت] ٻي حالت ۾ ڪي هدايتون نہ ڏئي.

---

[66] 1937ع جي حُڪم تحت اصلي ذيلي قلم (4) ۾ ترميم ڪئي وئي، تنهن کي 1949ع جي قانوني حُڪم تحت خارج ڪيو ويو.

[67] 1937ع جي حُڪم تحت لفظ "مقامي حڪومت" ۾ قيرڦار ٿي.

(2) [68][صوبائي حڪومت] اِهو ڄاڻائي سگهي ٿي، تہ ڪهڙي ٻولي اهڙي عدالت جي هوندي ۽ اهڙي عدالت ۾ درخواستون ۽ ڪارروايون ڪهڙي ٻوليءَ ۾ لکيون وينديون.

(3) جڏهن ڄاڻايل ڪوڊ جي حُڪمن موجب اِهو ضروري هجي، يا انهيءَ جي اِجازت هجي، تہ ڪنهن شاهديءَ کي قلمبند ڪرڻ سميت ٻي ڪا ڳالهہ ڄاڻايل عدالت ۾ لکت ۾ اچي، تہ اِها لکت انگريزي ٻوليءَ ۾ هوندي، پر جيڪڏهن مقدمي جي ڪا ڌُر يا سندن وڪيل، انگريزي ٻولي نہ ڄاڻندو هجي، تہ انهيءَ جي درخواست تي انهيءَ جو ترجمو عدالت جي ٻوليءَ ۾ کيس ڏنو ويندو ۽ عدالت ڄاڻايل ترجمي جي خرچ کي جمع ڪرائڻ بابت مناسب حُڪم ڏيندي.

قلم 138. هاءِ ڪورٽ جو انگريزي ٻوليءَ ۾ شاهديءَ کي لکڻ بابت اختيار: (1) [69][هاءِ ڪورٽ] کي اِهو اختيار آهي، تہ [70][سرڪاري گزيٽ] ۾ هدايت ڪري، تہ فلاڻي جَج جو ڄاڻايل حُڪم اهڙي ٻوليءَ ۾ هجي، جنهن تي اُهو حُڪم اُنهن مُقدمن تي پُورو لهندو هجي، جن ۾ اپيل ٿي سگهندي هجي، تہ پنهنجي مُقرر ڪيل طريقي موجب انگريزي ٻوليءَ ۾ شاهديءَ کي قلمبند ڪري.

(2) جيڪڏهن ڪو جَج ڪنهن مُناسب سبب خاطر ذيلي قلم (1) جي تعميل کان لاچار هجي، تہ هُو مٿيون سبب لکندو ۽ ڪليل عدالت ۾ شاهديءَ کي پنهنجي ڪارروائيءَ جي ٻوليءَ ۾ بيانَ سان گڏ لکرائيندو.

قلم 139. حلفيہ بيانَ ڪير وٺندو: هن ڪوڊ جي ماتحت هر حلفيہ بيان جي حالت ۾:-

(a) هر هڪ عدالت يا مئجسٽريٽ، يا

(b) اُهو عُهديدار يا ڪو ٻيو شخص، جنهن کي انهيءَ ڪم لاءِ هاءِ ڪورٽ مُقرر ڪري، يا

(c) ڪنهن ٻيءَ عدالت طرفان مُقرر ٿيل ڪو عُهديدار، جنهن کي [71][صوبائي حڪومت] انهيءَ مقصد سان عام يا خاص اختيار ڏنو هجي،

تہ حلفيہ بيانَ ڏيندڙ کان حَلف وٺي سگهي ٿو.

قلم 140. ٻُڏندڙ جهاز جي مال بچائڻ لاءِ مُقدمن بابت آسيسر مُقرر ڪرڻ: (1) جڏهن عدالت جي ايڊمرلٽي يا وائيس ايڊمرلٽيءَ جي حدن ۾ ڪو مُقدمو ٻُڏندڙ جهاز جي مالُ کي بچائڻ بابت يا سمنڊ ۾ جهازن جي ٽڪرائڻ سان ٿيل نقصان بابت هجي، جيڪا اصل ٻُڌڻي يا اپيل جا پنهنجا اختيار لاڳو ڪندي هجي، تہ اُها

[68] ساڳيو.

[69] عدم مرڪزيت ائڪٽ 1914ع (1914ع جو IV)، قلم 2 ۽ شيڊيول، ڀاڱو 1 تحت "مقامي حڪومت" ۾ ڦيرڦار ٿي.

[70] 1937ع جي حُڪم تحت لفظ "مقامي سرڪاري گزيٽ" ۾ تبديلي ٿي.

[71] ڪو حلفيہ دستاويز، حقيقت ۾ اُهو حلفيہ بيانَ آهي، جيڪو لکيو ويو ۽ ڪنهن اهڙي شخص اڳيان قَسم کنيو ويو، جنهن کي اهڙي قَسم وٺڻ جو اختيار هُجي. [AIR 1963ع 546A؛ AIR 1957ع MP 1]

عدالت عام طور معاوضي بابت مناسب سمجهڻ ۾ مُختيار هوندي، ته پاڻ ۾ جيڪڏهن ڪا ڌُر عدالتي قاعدي موجب پنهنجي مدد ڪي لازمي سمجهندي درخواست ڏئي، ته انهيءَ جي هدايت سان يا مُقرر طريقي جي طلب موجب ٻن تجربيڪار شخصن کي اسيسر طور مُقرر ڪري سگهي ٿي، ۽ اهڙن اَسيسرَ شخصن تي لازم آهي، ته اُهي اهڙيءَ طرح مدد ڪرڻ خاطر حاضر ٿيندا.

(2) اهڙي هر اَسيسر کي، حاضريءَ جي عيوض ۾ ڌُرين منجهان انهيءَ ڌُر جي طرفان روڪ رقم ڏياري ويندي، جنهن بابت عدالت هدايت ڪري يا مُقرر ڪري سگهي ٿي.

قلم 141. مُتفرق ڪارروايون: ديواني عدالت جي سمورين ڪارروايُن ۾ انهيءَ ضابطي جي پابندي ڪئي ويندي، جيڪو هن ڪوڊ ۾ مُقدمن بابت مُقرر هجي، اُهو ايستائين ٿيندو جيستائين ممڪن هجي.

قلم 142. عدالت جا ڏنل حُڪمَ ۽ اطلاع لکت ۾ هئڻ گهرجن: سمورا حُڪمَ ۽ اطلاعَ، جيڪي هن ڪوڊ موجب ڪنهن شخص کي ڏنا وڃن يا انهيءَ جي تعميل ٿئي، سي لکت ۾ هوندا.

قلم 143. ٽپالَ: جڏهن ڪو اطلاعَ يا سَمن يا خط، جيڪو هن ڪوڊ موجب جاري ٿيو هجي، ٽپال ذريعي موڪليو وڃي، ته ٽپال جو خرچ ڏيڻو هجي، ته انهيءَ جي جاٽايل مُقرر عرصي ۾ روانگيءَ کان اڳ، اُهو خرچ ۽ رجسٽري فيس، عدالت کي ڏيڻو پوندو.

پر شرط هيءَ آهي، ته [72][صوبائي حڪومت][73][* * *] کي اختيارُ آهي، ته ٽپال يا فيس رجسٽري يا ٻئي خرچ کي معاف ڪري ڇڏي يا عدالتي فيس جي ڪا شرح مُقرر ڪري، جيڪا انهيءَ بابت لاڳو ڪئي ويندي.

قلم 144. بازيابي بابت درخواست: (1) جڏهن ڪا ڊِڪري بدلائي وڃي يا رَد ڪئي وڃي، ته بازيابي يا ڪنهن ٻئي طريقي سان فائدو ماڻڻ جي حقدار ڌُر جي درخواست تي، عدالت اهڙي بازيابي، خواهش پٽاندر ايئن ڪرائيندي، جيستائين ڌُرين جي امڪاني طور اُها حيثيت ٿي وڃي، جيڪا بدلايل يا رَد ڪيل جاٽايل ڊِڪري يا جُزوي ڊِڪريءَ جي حالت ۾ هجي ها، جيڪڏهن ڊِڪري بہ جاري نہ ٿئي ها ۽ انهيءَ مقصد سان عدالت ڪو حُڪم ڏئي سگهي ٿي، جن ۾ خرچ جي واپسيءَ، نفعي ڏيڻ، نقصانن جي معاوضي، اُجوري ۽ ٽياڪڙي سان ٿيل نفعي ڏيڻ بابت حُڪمَ شامل هجن، جيڪي اهڙي تبديلي يا رَد ٿيڻ جو مناسب نتيجو هجن ٿا.

---

[72] 1937ع جي حُڪم تحت لفظ "مقامي حڪومت" ۾ ڦيرڦار ٿي.

[73] لفظ "گورنر جنرل اِن ڪائونسل جي اڳواٽ منظوريءَ سان" اختيارن جي مُنتقلي ائڪٽ 1920ع (1920ع جو XXXVIII)، قلم 2 ۽ ٻهرئين شيڊيول، ڀاڱي I تحت خارج ٿيا.

(2) اهڙي بازيابي يا عدالتي ڪارروائي ماڻ لاءِ ڪو مُقدمو داخل نہ ٿي سگهندو جيڪو ذيلي قلم (1) تحت درخواست ذريعي ٿي سگهندو هجي.

قلم 145. ضمانت جي ذميداري لاڳو ٿيڻ: جڏهن ڪو شخص ضامن ٿيو هجي:

(a) ڪنهن ڊِڪري يا انهيءَ جي جُزوي تعميل لاءِ يا

(b) ڪنهن ملڪيت جي بازيابيءَ لاءِ جيڪا ڊِڪريءَ جي تعميل تي تحويل ۾ ورتي وئي هجي؛ يا

(c) ڪنهن مُقدمي يا ڪارروائيءَ ڪان پوءِ عدالت طرفان ڏنل حُڪم موجب، ڪا رقم ڏيڻ يا ڪنهن شخص تي واعدي جي شرط جي پوراءَ لاءِ ذميداري، جيڪا ڪنهن شخص تي لاڳو ڪئي وئي هجي.

تہ جائز آهي، تہ انهيءَ شخص تي ڊِڪري يا حُڪم، جيستائين اُهو انهيءَ جو ذميدار ٿيو هجي، انهيءَ طريقي تي جاري ڪيو وڃي، جيڪو هن ڪوڊ ۾ ڊِڪري جاري ٿيڻ بابت مُقرر آهي ۽ ڄاڻايل شخص کي قلم 47 جي مقصد سان اپيل خاطر هڪڙي ڌُر سمجهيو ويندو هو پر شرط هيءَ آهي، تہ عدالت، ضامن کي اهڙو نوٽيس ڏئي، جيڪو اُها مناسب سمجهي.

قلم 146. نمائندن خلاف يا سندن طرفان ڪارروايون: انهيءَ ڳالهہ ڪانسواءِ جيئن هن ڪوڊ ۾ ڪنهن ٻئي لاڳو قانون ۾ انهيءَ حُڪم خلاف ٿي هجي، تہ جيڪڏهن ڪا ڪارروائي ڪنهن شخص طرفان يا انهيءَ طرفان ڪئي وڃي يا ڪا درخواست ڪنهن شخص طرفان يا انهيءَ جي نالي ڏني وڃي، تہ اُها ڪارروائي ڄاڻايل شخص جي ڪنهن نگران طرفان يا انهيءَ جي نالي سان ڪري سگهجي ٿي ۽ اُها درخواست ڄاڻايل نگران طرفان انهيءَ جي نالي سان داخل ڪري سگهجي ٿي.

قلم 147. لاچار شخصن طرفان اقرارنامو يا معاهدو: سمورن مُقدمن ۾، جن ۾ ڪو شخص معذور ڌُر هجي، تہ ڪنهن ڪارروائي بابت ڪو راضپو يا اقرار، جيڪڏهن عدالت جي اجازت يا حُڪم سان ڪو رفيق يا ولي مُقدمي دوران ٿيو هجي، تہ ايئن اثرائتو هوندو جڻ ڄاڻايل شخص ۾ ڪا معذوري هئي ۽ هُن پاڻ ڄاڻايل راضپو ڏنو هو يا ڄاڻايل اقرار ڪيو هو.

قلم 148. وقت ۾ واڌُ: جيڪڏهن ڪا ڪارروائي ڪرڻ لاءِ عدالت طرفان ڪو عرصو جيڪو انهيءَ ڪوڊ پٽاندر مقرر ٿيو هجي يا جائز رکيو ويو هجي، مُقرر ڪيو وڃي يا منظور ڪيو وڃي، تہ ڄاڻايل عدالت پنهنجي مرضيءَ سان مختلف وقتن تي ڄاڻايل عرصي ۾ واڌ ڪري سگهي ٿي، جيتوڻيڪ ابتدا ۾ مُقرر ٿيل اصل وقت گُذري چُڪو هجي.

قلم 149. ڪورٽ فيس جي کوٽ جي پوراءَ جو اختيار: جيڪڏهن ڪورٽ فيس بابت لاڳو قانون موجب، ڪنهن دستاويز جي مقرر ڪيل يا انهيءَ جي ڪنهن حصي جي تجويز ٿيل ڪورٽ فيس

نہ ڏني وڃي، تہ عدالت پنھنجي اختيار سان، مقدمي جي ڪنھن نؤبت تي جاڙاپل فيس ڏيڻ جي پابند شخص کي اجازت ڏئي سگھي ٿي، تہ ھُو جاٽايل سموري يا جُزوي ڪورٽ فيس ڏئي، جيڪا بہ حالت ھجي ۽ اھڙي دستاويز بابت ڏنل ڪورٽ فيس ايئن اثرائتي ھوندي، جيڪا واجب ھجي، جڻ جاٽايل ڪورٽ فيس ابتدا ۾ ئي ڏني وئي ھئي.

قلم 150. مُقدمن جي تبديلي: انھيءَ ڪانسواءِ، جيئن انھيءَ خلاف حُڪم ٿيو ھجي، جيڪڏھن ھڪڙي عدالت جا مُقدما، ڪنھن ٻيءَ عدالت ۾ مُنتقل ڪيا وڃن، تہ مُقدما مُنتقل ٿيل عدالت کي اُھي اختيارَ مليل ھوندا ۽ اُھي ئي فرض نڀائيندي، جيڪي قانون پٽاندر انھيءَ عدالت کي مليل ھجن، جتان اُھي مُقدما مُنتقل ٿيا ھُجن.

قلم 151. عدالت جي ذاتي اختيارن ۾ ڇُوٽ: ھن ڪوڊ جي ڪنھن مضمون سان اُھي ذاتي اختيارَ ڪنھن بہ طرح گھٽُ يا مُتاثر نہ ٿيندا، جيڪي عدالت کي اھڙا حُڪم ڏيڻ بابت مليل ھُجن، جيڪي انصاف جي مقصدن لاءِ يا امن امان جي صورتحال کي خراب ٿيڻ کان روڪڻ خاطر عدالت لاءِ ضروري ھُجن.

قلم 152. فيصلن، ڊِڪرين يا حُڪمن ۾ ترميم: فيصلن، ڊِڪرين يا حُڪمن ۾ لفظن يا انگن جي غلطي يا اھڙيون غلطيون، جيڪي ڪنھن اِتفاق يا ڀُل چُڪ سبب ٿين، ڪنھن بہ وقت عدالت طرفان يا ڌُرين جي درخواست تي دُرست ٿي سگھن ٿيون.

قلم 153. ترميم جو عام اختيار: عدالت کي ھر وقت اختيار آھي، تہ ڪنھن مُقدمي جي ڪارروائي ۾ ٿيل ڀُل چُڪ يا غلطيءَ کي دُرست ڪري ۽ انھيءَ بابت لاڳاپيل خرچ جا شرطَ عدالت جي سمجھہ تي آڌاريل آھن، ۽ سموريون ضروري ترميمون انھيءَ مقصد سان ڪيون وينديون، تہ جيئن اصلي مسئلي يا حقيقت جي مامري کي نبيريو وڃي، جيڪو جاٽايل ڪارروائي سان پيدا ٿيو ھجي، يا جاٽايل ڪارروائيءَ تي آڌاريل ھجي.

قلم 154. اپيل جي موجوده حق ۾ ڇُوٽ: ھن ڪوڊ ۾ ڪابہ ڳالھہ اپيل جي ڪنھن موجوده حق کي متاثر نہ ڪندي، جنھن جي لاڳو ٿيڻ وقت ڪنھن ڌُر کي قانوني دعويٰ طور قانوني وجود مليو ھُجي.

قلم 155. ڪجھہ قانونن جي ترميم: چوٿين شيڊيول ۾ جاٽايل قاعدن ۽ ضابطن ۾، ھاٽي چوٿين ڪالم ۾ واضح ڪيل قاعدن ضابطن جي سطح تائين ترميم ڪئي وڃي ٿي.

قلم 156. [رَدُ: ھيءَ ٻئي منسوخي ۽ ترميمي ائڪٽ 1914ع (1914ع جو نمبر XVII)، قلم 3 ۽ جدول ٻئين سان رَدُ ٿيو.]

قلم 157. رَد ٿيل قانونن جي حُڪمن جو جاري رھڻ: 1859ع جي ائڪٽ VIII پٽاندر يا ڪنھن ديواني ڪوڊ يا ھن ڪوڊ موجب ڪنھن ترميم ٿيل قانون پٽاندر يا ڪنھن ٻئي قانون موجب، جيڪو

انهيءَ ذريعي رَدُ ٿيو هجي، ڇپيل پڌرنامن جا نوٽيفڪيشنَ ۽ نهيل قاعدا، ڪيل مُقرريون، داخل ڪيل معاهدا، تجويز ٿيل درجا، جوڙيل فارمَ، ڪيل پرتيون ۽ عطا ٿيل اختيار ڏنا ويا هجن، سي جيستائين هن ڪوڊ جي مضمونَ سان ٺهڪجندڙ هجن، سي اهڙيءَ طرح اثرائتا هوندا، جڻ اُنهن کي هن ڪوڊ موجب ۽ انهيءَ طرفان بااختيار ڪيل اختياريءَ پاران ڇپايو ٺاهيو سميڙيو مقرر ڪيو داخل ڪيو تجويز ڪيو لاڳو ۽ عطا ڪيو ويو هجي.

قلم 158. ديواني طريقيڪار جي ضابطي ۽ بين رَد ٿيل قانونن جو حوالو: ۽ جتي هر ڪنهن قانون يا نوٽيفڪيشن ۾ جيڪو هن ڪوڊ جي لاڳو ٿيڻ جي تاريخ کان اڳ لاڳو يا جاري ٿيو هجي، 1859ع جي ائڪٽ VIII يا ڪنهن ديواني طريقيڪار جي ضابطي يا هن ڪوڊ جي ترميم ٿيل ڪنهن قانون يا ڪنهن رَد ٿيل قانون يا انهيءَ جي ڪنهن بابُ يا قلم جو حوالو ڏنو ويو هجي، تہ اُن حوالي کي، جيستائين ممڪن هجي، انهيءَ جي مُناسب حصي يا قلم يا قاعدي طرفان سمجهيو ويندو.

قانوني حُڪم ــ I

مُقدمي جون ڌريون

1. ڪهڙن شخصن کي دعويٰ ۾ شامل ڪري سگهجي ٿو: جائز آهي، تہ مُقدمي جي اهڙن سمورن شخصن کي دعويدار طور شامل ڪيو وڃي، جن کي ڪنهن دعويٰ جي قانوني سمائتا جو حق هجي، جيڪو ساڳئي فعل يا مامري يا فعلن يا مامرن بابت هجي يا اُنهن سان پيدا ٿيندو هجي، تہ گڏيل يا انفرادي يا ڪجهہ ڇڻن کي، ڪجهہ شخصن بجاءِ مجموعي ڄاڻايو وڃي، جڏهن ڪا گڏيل قانوني يا واقعاتي ڳالهہ پيدا ٿئي، جيڪڏهن مٿيان شخص ڌار ڌار مُقدما داخل ڪن.

2. عدالت کي ڌار عدالتي ڪارروايون هلائڻ لاءِ حُڪم ڏيڻ جو اختيار: جڏهن عدالت کي پتو پوي، تہ مُقدمي جي ڪارروائيءَ ۾ ڪِن دعويدارن کي شامل ڪرڻ سان، مُقدمي جي ڪارروائيءَ ۾ يا رخنو پوندو تہ عدالت انهيءَ ڳالهہ کي دعويدارن جي مرضيءَ تي ڇڏي ڏيندي، يا ڌار ڌار عدالتي ڪارروايون هلائڻ جو حُڪم ڏيندي، يا جيڪو حُڪم مُناسب هجي، سو جاري ڪندي.

3. ڪهڙن شخصن کي دعويٰ جي جوابَ ڏيندڙن ۾ شامل ڪري سگهجي ٿو: جائز آهي، تہ اُنهن سمورن شخصن کي دعويٰ جي جوابَ ڏيندڙن ۾ شامل ڪيو وڃي، جن جي مقابلي ۾ ڪنهن قانوني سمائتا جي حق کي، جيڪو ساڳئي فعل يا مامري يا ڪيئي فعلن يا مامرن بابت هجي يا اُنهن مان پيدا ٿيو هجي، گڏيل يا اڪيلي جو يا ڪجهہ جو هئڻ ڄاڻايو وڃي. تڏهن ڪا گڏيل قانوني يا واقعاتي ڳالهہ پيدا ٿئي ها، جڏهن مٿين شخصن جا ڌار ڌار مُقدما داخل ڪيا وڃن ها.

4. عدالت هڪ ڌُر يا وڌيڪ گڏيل ڌُرين جي حق ۾ يا سندن خلاف فيصلو ڏيئي سگهي ٿي: فيصلو ڪنهن ترميم بغير ڏيئي سگهجي ٿو:

(a) اُنهن دعويدارن منجهان ڪنهن هڪڙي ڌُر يا گهڻن ڌُرين جي حق ۾، جن کي انهيءَ قانوني سمائتا جو حقدار ڄاتو وڃي، جنهن جو حَقُ ڄاڻايل دعويدار يا دعويدارن کي پُهچندو هجي.

(b) اُنهن دعويٰ جي جواب ڏيندڙ منجهان هڪڙو يا دعويٰ جا وڌيڪ جواب ڏيندڙ، جن تي هرهڪ جي ذميداريءَ جي واقعي جي ذميداري ثابت هجي.

5. دعويٰ جي جواب ڏيندڙ جو دعويٰ جي سمورن مامرن ۾ چاهہ نہ هجي: اِهو ضروري نہ آهي، تہ دعويٰ جو جواب ڏيندڙ سمورن مامرن ۾ چاهہ رکندو هجي، جنهن جي دعويٰ ڪنهن مُقدمي ۾ سندس خلاف ڪئي وڃي.

6. ساڳيءَ مامري ۾ ذميدار ڌُرين کي گڏيل جوابدار ڪوٺڻ: دعويدار کي اختيار آهي، تہ جيڪڏهن هُن جي مرضي هجي، تہ ساڳئي مُقدمي ۾ اُنهن شخص منجهان سڀني کي يا ڪجهہ شخصن کي ڌُر ڪري، جيڪي ساڳئي معاهدي بابت اڪيلا يا گڏيل ذميدار هجن ۽ اُنهن شخصن ۾ اُهي ماڻهو بہ شامل ڪري سگهجن ٿا، جيڪي هُنڊي، ناٽي جي مٽاسٽا ۽ پراميسري نوٽن جون ڌُريون هجن.

7. جڏهن دعويدار کي شڪ هجي، تہ ڪهڙي شخص کان قانوني سمائتا ملڻ گهرجي: جڏهن دعويدار کي شڪُ هجي، تہ ڪهڙي شخص کان ڪيس قانوني سمائتا ملڻ گهرجي، تہ اُهو ٻن يا وڌيڪ شخصن کي دعويٰ جو جواب ڏيندڙ ناهي سگهي ٿو تہ جيئن انهي مامري کي تہ دعويٰ جو جواب ڏيندڙ ڪيستائين ذميدار آهي، ڌُرين وچ ۾ نبيريو وڃي.

8. هڪڙو شخص، ساڳيا مفاد رکندڙن جو مُقدمو داخل ڪري يا سندن طرفان دعويٰ جو جواب ڏيئي سگهي ٿو: (1) جڏهن گهڻا شخص، هڪڙي مُقدمي ۾ ساڳيا حق رکندا هجن، تہ منجهانئن ڪو هڪڙو يا ڪجهہ ڌُريون عدالت جي اجازت سان، سمورن حقدار شخصن طرفان يا سندن بچاءُ ۾ مُقدمو داخل ڪري، يا منجهانئن ڪو هڪڙو يا ڪجهہ ڌُريون عدالت جي اجازت سان، سمورن حقدار شخصن طرفان يا سندن بچاءُ ۾ مُقدمو داخل ڪري يا سندن خلاف مُقدمو داخل ڪري يا اهڙي مُقدمي ۾ جواب ڏيئي سگهن ٿيون. پر عدالت اهڙيءَ حالت ۾ دعويدار جي خرچ سان، اُنهن دعويٰ ڪيل سمورن شخصن تي، سندن ذاتي اطلاع جي تعميل سان، جيڪڏهن ڪنهن سبب گهڻا شخص هجن يا ڪنهن ٻئي سبب جڏهن اهڙي تعميل عقلي طور ممڪن نہ هجي، تہ اشتهار ذريعي پُهچائي يعني جيئن بہ عدالت حُڪم ڏئي سگهي ٿي، ان تي عمل ڪيو ويندو.

(2) جنهن شخص طرفان يا جنهن جي فائدي لاءِ ذيلي قلم (1) موجب مُقدمو داخل ڪيو وڃي يا جواب ڏنو وڃي، تہ اُهو شخص عدالت کي درخواست ڏيئي سگهي ٿو تہ انهيءَ مُقدمي ۾ کيس ڌُر بنايو وڃي.

9. ڌُرين جو غلط اِتحاد يا اِتحاد نہ هئڻ: ڪنهن مُقدمي کي ڌُرين جي غلط اِتحاد يا اِتحاد نہ هئڻ سبب غير مؤثر نہ سمجهيو ويندو ۽ عدالت هر مُقدمي ۾ موجود تڪراري مامري ۾، ڌُرين جي حقن ۽ مفادن کي سامهون رکي ڪارروائي ڪندي.

10. جيڪڏهن مُقدمو غلط دعويدار جي نالي سان داخل ڪيو وڃي: (1) جڏهن مُقدمو ڪنهن اهڙي شخص جي نالي سان، جيڪو صحيح دعويدار نہ هجي، داخل ڪيو وڃي، يا شڪ هجي، تہ مُقدمو صحيح دعويدار جي نالي سان داخل ٿيو آهي يا نہ. جيڪڏهن عدالت کي اطمينان ٿي وڃي، تہ مُقدمو واقعي غلطيءَ سان ايئن شروع ڪيو ويو آهي ۽ اصل تڪراري مامري جي نبيري لاءِ ضروري آهي، تہ غلط دعويدار بجاءِ ڪنهن ٻئي شخص کي پنهنجي رضامنديءَ سان دعويدار طور بيهاريو يا واڌارو ڪيو وڃي، تہ عدالت هر وقت حُڪم ڏئي سگهي ٿي، تہ اُنهن شرطن ۽ قاعدن موجب ايئن ڪيو وڃي، جيڪي انهيءَ جي سمجهہ ۾ انصاف جوڳا هجن.

(2) عدالت، ڌُرين ۾ واڌارو ڪري يا کين ڪڍي سگهي ٿي: عدالت کي اختيار آهي. تہ ڪارروائيءَ جي ڪنهن بہ مرحلي تي ڪنهن ڌُر جي درخواست تي يا انهيءَ يا اهڙي شرطن موجب،

جيڪي عدالت جي ويچار ۾ انصاف جوڳا هجن، اُهو حُڪم ڏئي، ته ڪنهن ڏُر جو نالو جيڪو اجايو دعويدار يا دعويٰ جي جواب ڏيندڙ طور داخل ٿيو هجي، تنهن کي ڪڍيو وڃي ۽ ڪنهن شخص جو نالو جنهن کي دعويدار، دعويٰ جي جواب ڏيندڙ طور شريڪ ٿيڻ گهربو هو، جنهن جو عدالت ۾ موجود هئڻ انهيءَ سبب ضروري هجي، جو عدالت، مُقدمي سان لاڳاپيل سمورن لکيل تڪراري ڳالهين جو مڪمل پوريءَ طرح فيصلوار نبيرو ڪري سگهي، شامل ڪيو وڃي.

(3) ڪنهن شخص کي، پنهنجي رضامنديءَ بغير دعويدار طور، جڏهن اُهو ڪنهن ساٿيءَ بغير يا ناقابل دعويدار ساٿيءَ طور مُقدمو داخل ڪري، ته مُقدمي ۾ شامل نه ڪيو ويندو.

(4) جڏهن دعويٰ جي جواب ڏيندڙن جو واڌارو ڪيو وڃي، ته دعويٰ جي درخواست ۾ ترميم ٿيندي: جڏهن ڪنهن دعويٰ جي جواب ڏيندڙ کي شامل ڪيو وڃي، ته لکيل دعويٰ ۾ ترميم ڪئي ويندي، جيئن ضروري هجي. انهيءَ حالت ۾ ته عدالت اهڙي هدايت نه ڪري ۽ سَمن ۽ لکيل دعويٰ جي ترميم ٿيل نقلن جي تعميل، مقدمي جي دعويٰ جو جواب ڏيندڙ نئين شخص تي ٿيندي ۽ جيڪڏهن عدالت مُناسب سمجهي، ته اصلي دعويٰ جو جواب ڏيندڙ تي به ڪئي ويندي.

(5) لميٽيشن ائڪٽ 1908ع جي قلم 22 جي حُڪمن طور، ڪنهن شخص جي مقابلي ۾، جنهن کي دعويٰ جي جواب ڏيندڙ طور شامل ڪيو وڃي، ته مُقدمي جي ڪارروائيءَ کي انهيءَ تاريخ کان شروع سمجهيو ويندو، جڏهن سَمن جي تعميل مٿس ڪئي وڃي.

11. مُقدمي جي پيروي: عدالت کي اختيار آهي، ته مُقدمي جي پيروي انهيءَ شخص کي سونپي، جنهن کي اُها مناسب سمجهي.

12. سمورن دعويدارن يا دعويٰ جي جواب ڏيندڙ ٻين شخصن بجاءِ ڪنهن هڪڙي شخص جي حاضري: (1) جڏهن مُقدمي ۾ هڪ يا وڌيڪ دعويدار هجن، ته منجهانئن هڪ يا وڌيڪ دعويدارن کي ڪنهن هڪڙي دعويدار طرفان اجازت ڏئي سگهجي ٿي، ته اُهي دعويدار جي ڪنهن ڪارروائي ۾ هُن طرفان حاضر ٿي سُوال توڙي جواب يا پيروي ڪن ۽ اهڙيءَ طرح جڏهن مُقدمي ۾ هڪ کان وڌيڪ دعويٰ جو جواب ڏيندڙ هُجن، ته منجهانئن دعويٰ جي جواب ڏيندڙ هڪ يا وڌيڪ ڄڻن کي اجازت ڏيئي سگهجي ٿي، ته ڄاڻايل قسم جي ڪنهن ڪارروائيءَ ۾ هُن طرفان جائز سُوال توڙي جواب ڪن يا پيروي ڪن.

(2) ڄاڻايل اجازت لکت ۾ هوندي ۽ انهيءَ تي اجازت ڏيندڙ جي صحيح ٿيل هوندي.

13. ڌُرين جي اِتحاد نه هئڻ يا غلط اِتحاد تي اعتراض: مُقدمي ۾ اُنهن سببن تي سمورا اعتراض، ته جيڪا ڌُر گهربل هئي، سو ڌُر نه آهي يا انهيءَ ۾ اهڙا شخص شامل ٿيا آهن، جن جو مُقدمي سان ڪو ناتو نه آهي، ته جيستائين ممڪن هجي ۽ سمورين صورتن ۾، جيئن حقيقت جي مامري کي سُلجهائڻ

جوڳو ڪونه وجي، ته قرارداد معلي يا انهيءَ کان اڳ متيان مامرا پيش ڪيا ويندا، جو انهيءَ حالت ۾ ته يلي اعتراض پوءِ اُٿيا هجن ۽ جيڪڏهن اهڙو اعتراض نه ڪيو وڃي، ته سمجهيو ويندو ته انهيءَ تان هٿ کنيو ويو آهي.

عدالتي حُڪم -II

مُقدمن جو ڍانچو

1. مُقدمي جو ڍانچو: هر مُقدمو جيستائين ممڪن هجي، ايئن تيار ڪيو ويندو ته سموري تڪراري ترتيب بابت حتمي فيصلو انهيءَ سبب ڏنو وڃي، ۽ جاٽايل ترتيب بابت پوءِ ڪڏهن عدالتي تڪرار نه ٿي سگهي.

2. دعوي ۾ سمورا مطالبا شامل هوندا: (1) هر دعوي ۾ اُهي سمورا مطالبا شامل هوندا، جن تي دعوي ڪندڙ دعوي طور حق رکندو هجي، پر ڪو دعويدار پنهنجي دعوي کي عدالت جي پُڏٽيءَ جي اختيارن ۾ آڻڻ خاطر، پنهنجي دعوي جي ڪنهن حصي کي ڇڏي سگهي ٿو.

(2) دعوي جي حصي تان هٿ کڻڻ: جيڪڏهن دعويدار پنهنجي دعوي ۾ ڪنهن حصي بابت مُقدمو داخل نه ڪري يا اِرادي سان انهيءَ جي مُقدمي داخل ڪرڻ کان پاسو ڪري، ته پوءِ انهيءَ حصي بابت، جنهن تان ايئن هٿ کنيو ويو هجي، يا جنهن جي دعوي ڪرڻ کان دعويدار گُسايو هجي، ته مُقدمو داخل نه ڪري سگهبو.

(3) مختلف عدالتي امدادي ڪارروايُن منجهان هڪ کي وسارڻ يا ڀُل: جنهن شخص کي هڪڙي دعوي جي آڌار سبب ڪيترين ئي عدالتي امدادي ڪارروايُن جو حق هجي، تنهن کي اختيار آهي، ته اُنهن سمورن يا منجهانئن ڪنهن عدالتي امدادي ڪارروائي جو مُقدمو داخل ڪري، پر جنهن حالت ۾ (عدالت جي اجازت سان) منجهانئن ڪا دعوي رهجي وڃي، ته انهيءَ مُقدمي داخل ٿيڻ کان پوءِ، جيڪا دعوي رهجي وئي هجي، تنهن کي داخل ڪرڻ جو ڪيس اختيار نه هوندو.

وضاحت: هن قاعدي جي مقصدن لاءِ معاهدي جو دستاويز ۽ ڪفالت نامو جيڪو انهيءَ جي تعميل جي اطمينان لاءِ لکيو وڃي ۽ انهيءَ دستاويز پٽاندر جيڪي دعوائون هڪ ٻئي پويان پيدا ٿين، تن کي اڪيلي دعوي پٽاندر ٿيل سمجهيو ويندو.

3. دعوي جي سببن کي شامل ڪرڻ: (1) هيٺين قلمن جي مضمون آڌار دعويدار کي اختيار آهي، ته هڪڙي مُقدمي ۾ دعوي جي سببن کي هڪڙي دعوي جي جواب ڏيندڙ يا ڪجهه دعوي جي جواب ڏيندڙن کي شامل ڪري ۽ جن دعويدارن کي انهيءَ اڪيلي دعوي جي جواب ڏيندڙ يا گهڻن دعوي جي جواب ڏيندڙن تي دعوي جي ڪجهه سببن پٽاندر، جن ۾ سندن حق گڏيل هجي، دعوي ٿي سگهندي هجي، ته اُنهن کي اختيار آهي، ته اهڙي دعوي جي سبب کي ساڳئي مُقدمي ۾ شامل ڪن.

(2) جڏهن دعويٰ جي سببن کي شامل ڪيو وڃي، ته انهيءَ مُقدمي بابت پُڏٽيءَ جي اختيار رکندڙ عدالت جو ناتو دعويٰ ڪيل شيءِ جي انهيءَ تعداد يا ماليت تي آڌاريل هوندو جيڪو مُقدمي داخل ڪرڻ جي تاريخ کان ٿيندو.

4. رُڳو غير مُنتقل ٿيندڙ ملڪيت جي وصوليءَ لاءِ ڪجهہ دعوائون شامل ڪري سگهجن ٿيون: جيڪو مُقدمو غير مُنتقل ٿيندڙ ملڪيت جي وصوليءَ جو هجي، تنهن ۾ عدالت جي اجازت کانسواءِ، ڪنهن بہ دعويٰ جو سبب شامل نہ ڪيو وڃي، انهيءَ کانسواءِ:

(a) ڍل يا ملڪيت جي مسواڙ جي دعويٰ يا انهيءَ جي ڪنهن حصي جي دعويٰ؛

(b) ڪنهن معاهدي جي ڀڃڪڙيءَ جي ڏنڊُ جي دعويٰ، جنهن پٽاندر ملڪيت يا انهيءَ جي ڪنهن حصي تي قبضو هجي؛ ۽

(c) دعويٰ، جنهن ۾ گهربل قانوني سمائتا ساڳئي تڪراري سبب تي آڌاريل هجي.

پر شرط هيءُ آهي، تہ انهيءَ قاعدي پٽاندر ڪنهن بہ ڳالھ لاءِ نہ سمجهيو ويندو تہ گِروي رکيل ملڪيت کي ڪنهن بہ ڌُر کي مُقدمي ۾ ضبطگي يا آزاديءَ لاءِ، تحويل ۾ رکڻ جي جوڙ لاءِ روڪ هوندي.

5. نِگران يا وارث خلاف يا طرفان دعوائون: ڪنهن نِگران يا وارث خلاف يا طرفان ڪابہ دعويٰ، اهڙين دعوائن سان يا دعوائن خلا ف ڪيس شخصي طور شامل نہ ڪيو ويندو جيستائين پڇاڙيءَ ۾ چاٽايل دعوائون، انهيءَ ملڪيت جي ڏس ۾ سامهون نہ اچن، جنهن تي نِگران يا وارث خلاف يا طرفان مُدعي يا دعويٰ جو جواب ڏيندڙ طور مُقدمو داخل ڪيو وڃي يا هيءُ تہ اُها دعويٰ اهڙي هجي، جنهن کي اُهو فوتي شخص جي شرڪت سان ڏيارڻ جو يا ڏيڻ جو حقدار هجي، جنهن جو هُو نِگران هجي.

6. عدالت کي ڌار مُقدمن جي ڪارروائيءَ جا اختيارَ: جڏهن عدالت پنهنجي ويچار ۾، هڪڙي مُقدمي ۾ سولائيءَ سان دعويٰ جي ڪجهہ سببن سان فيصلو يا نبيرو نہ ڪري سگهندي هجي، تہ عدالت مُختيار هوندي، تہ هر هڪ مُقدمي جي ڌار فيصلي جو حُڪم ڏئي يا جيڪو بہ پنهنجي سوچ ۾ ٺيڪ سمجهي، سو ڏئي.

7. ڌُرين جي غلط اِتحاد يا اِتحاد نہ هئڻ سبب اعتراض: ڌُرين جي غلط اِتحاد يا اِتحاد نہ هئڻ جي دعويٰ سببَ سمورا اعتراض ٿيا هجن، تہ جيترو جلد ممڪن ٿئي ۽ سمورين صورتن ۾، جتي مامرن کي نبيرڻ جوڳو ڪونيو وڃي، تہ فيصلي مهل يا اڳ پيش ڪيل مٿيان اعتراضن لاءِ، ايستائين انهيءَ حالت ۾ اعتراض جو سبب پوءِ پيدا ٿيو هجي ۽ جيڪر اهڙو اعتراض نہ ڪيو وڃي، تہ سمجهيو ويندو تہ انهيءَ تان هٿ کنيو ويو آهي.

عدالتي حُڪم -III

مجيل گُماشتا ۽ وڪيلَ

1. عدالت ۾ مجيل گُماشتن ۽ وڪيلن ذريعي شخصي طور حاضري وغيره ٿي سگهي ٿي: جڏهن قانوني طور اِهو حُڪم هجي يا اختيار ڏنو ويو هجي، تہ ڪا ڌُر عدالت ۾ حاضر ٿئي يا درخواست يا ڪو

پيو عمل ڪري، تہ ڪنهن لاڳو قانون ۾ ڪجهہ ٻيو حُڪم واضح لکيل هئڻ واريءَ حالت کانسواءِ، چاڙھايل ڌُر شخصي طور يا پنهنجي مجيل گُماشتي يا وڪيل معرفت، جيڪو ضابطي موجب انهيءَ طرفان [74][پيروي ڪري، درخواست ڏئي يا عمل ڪري، جيڪا بہ حالت هُجي]:

پر شرط هيءَ آهي، تہ جيڪڏهن عدالت شخصي طور حاضر ٿيڻ جو حُڪم ڏئي، تہ چاڙھايل ڌُر کي شخصي طور حاضر ٿيڻو پوندو.

2. مجيل گُماشتا: مُقدمي جي ڌُرين جا مجيل گُماشتا، جيڪي عدالت ۾ حاضر ٿي سگهن ٿا ۽ درخواست ڏئي سگهن ٿا ۽ عمل ڪري سگهن ٿا.

(a) اُهي شخص، جيڪي مُقدمي جي ڌُرين طرفان پنهنجي نالي جو مُختيارنامو رکندا هجن ۽ ڪين مُختيارنامن ۾ سندن طرفان حاضر ٿيڻ ۽ درخواست ڏيڻ ۽ عمل ڪرڻ جو اختيار ڏنو ويو هجي؛

(b) اُهي شخص، جيڪي مُقدمي جي ڌُرين طرفان يا سندن نالي تي ڪجهہ واپار يا ڪاروبار ڪندا هجن، جيڪي انهيءَ عدالت جي اختياري علائقي منجهہ نہ رهندا هجن، جنهن جي حدن منجهہ حاضر ٿيڻ يا درخواست ڏيڻ ۽ عمل ڪرڻ جي اجازت حُڪم سان ڏني وئي هجي، اُتي موجود نہ هجن.

3. مجيل گُماشتي تي حُڪمنامي جي تعميل: (1) اُهو حُڪمنامو، جنهن جي تعميل مُقدمي جي ڪنهن ڌُر جي مجيل گُماشتي تي ڪئي وڃي، سو ايتري قدر اثرائتو هوندو، جڻ اُهو پاڻُ مُقدمي جي ڌُر تي تعميل ڪيو ويو هجي، انهيءَ حالت کانسواءِ، تہ عدالت ڪان ڪا ٻي هدايت هجي.

(2) اُهي حُڪمَ، جيڪي مُقدمي جي ڌُر تي حُڪمنامي جي تعميل جي بابُ ۾ هُجن، انهيءَ حالت ۾ بہ لاڳو هوندا، جڏهن انهيءَ جي مجيل گُماشتي تي حُڪمن جي تعميل ڪئي وڃي.

[75][4. وڪيل جي مُقرري: (1) وڪيل جي مُقرري، جيڪو ڪنهن شخص طرفان عدالت ۾ حاضر ٿيڻ يا درخواست ڏيڻ يا عمل ڪرڻ لاءِ مقرر ٿيو هجي، سو لکت ذريعي هوندو جنهن تي چاڙھايل شخص يا انهيءَ جي مجيل گُماشتي يا ڪنهن ٻئي شخص جي مُختيارنامي آڌار صحيح ٿيل هوندي، جنهن کي باضابطا مُختيار چاڙھايو ويو هجي.

(2) چاڙھايل لکت کي جڏهن عدالت طرفان قبول ڪيو وڃي، تہ انهيءَ کي عدالت ۾ داخل ڪيو ويندو ۽ جيستائين انهيءَ کي ڪنهن وڪيل يا گُماشتي جي صحيح ٿيل لکت ذريعي (يعني جيئن بہ حالت هجي) عدالت جي اجازت سان رَدُ نہ ڪيو وڃي يا جيستائين وڪيل يا گُماشتو فوت نہ ٿي وڃي يا

[74] سِول پروسيجر ڪوڊ (ٻيءَ ترميم) ائڪٽ 1926ع (1926ع جو XXII)، قلم 2 تحت "ائڪٽ لاءِ جائز مُقرر ٿيل" ۾ ڦيرڦار ٿي.

[75] سِول پروسيجر ڪوڊ (ٻيءَ ترميم) ائڪٽ 1926ع لاءِ اصلي قاعدي 4 ۾ تبديلي ٿي.

جيستائين انهيءَ وڪيل سان ناتو رکندڙ مُقدمي جون سموريون ڪارروايون پُڄاڻيءَ تي نہ پُهچن، تہ اُنهن کي لاڳو سمجهيو ويندو.

(3) فيصلي جي نظرثانيءَ لاءِ ذيلي قلم (2) جي مقصدن لاءِ درخواست. هن ڪوڊ جي قلم 144 يا قلم 152 تحت ڏنل درخواست، ڪنهن مُقدمي ۾ ڊِڪريءَ يا حُڪم تي اپيل لاءِ درخواست، سچي نقل وٺڻ يا ڪنهن مُقدمي ۾ عدالت ۾ پيش ڪيل يا مُقدمي ۾ شامل ڪيل دستاويزن جي واپسيءَ، مُقدمي سان لاڳاپي ۾ عدالت ۾ ڏنل ناڻي کي واپس وٺڻ جي مقصدن لاءِ ڏنل ڪنهن درخواست يا ڪنهن عمل کي سمجهيو ويندو تہ اُهي مُقدمي جون ڪارروايون آهن.

(4) هاءِ ڪورٽ حُڪم ذريعي هدايت ڪندي، تہ وڪيل مُقرر ڪندڙ ڪو شخص، جيڪو پنهنجو نالو لکڻ کان لاچار هجي، سو دستاويز تي پنهنجو نشان هڻندو جنهن تي هُن وڪيل کي مُقرر ڪيو هجي، جنهن تي شاهدي (تصديق) اهڙي شخص جي هوندي، جنهن جي حُڪم واري طريقي ۾ وضاحت ٿيل هوندي.

(5) جنهن وڪيل کي رُڳو پيروي لاءِ مُقرر ڪيو ويو هجي، سو ڪنهن ڌُر طرفان پيروي نہ ڪري سگهندو جيستائين هُن عدالت ۾ حاضريءَ جي صحيح ٿيل يادداشت داخل نہ ڪئي هجي، جنهن ۾ لکيل هوندو:

(a) مُقدمي جي ڌُر جو نالو.

(b) انهيءَ ڌُر جو نالو، جنهن جي طرفان هُو پيش پيو ٿئي.

(c) انهيءَ شخص جو نالو، جنهن ڪيس عدالت ۾ حاضر ٿيڻ جو اختيار ڏنو هجي.

پر شرط هيءُ آهي، تہ اِهو ذيلي قلم، اهڙي وڪيل تي لاڳو نہ ٿيندو جنهن کي انهيءَ طريقي سان ٻئي وڪيل مُقرر ڪيو هجي، جنهن کي باضابطا طور عدالت ۾ پيروي جي مقصد لاءِ انهيءَ ڌُر مقرر ڪيو هجي.]

5. وڪيل تي حُڪنامي جي تعميل: جنهن حُڪم ۾ انهيءَ مقدمي جي ڌُر سي طور حاضر ٿيڻ جو حُڪم ٿيل هجي، جن حُڪمن ۾ ڪنهن ڌُر جي وڪيل تي حُڪم جي تعميل ٿيڻي هجي، تن کي وڪيل جي آفيس يا عام رهائش تي چِڏيا وڃن، تہ ايئن سمجهيو ويندو، ڄڻ اُهي حُڪم پاڻُ ڌُر کي پهچايا ويا آهن ۽ ڌُر کي انهيءَ جي ڄاڻُ تي ويئي ۽ انهيءَ حالت کانسواءِ، تہ عدالت ٻئي قسم جا ڪي حُڪم ڏئي، سي بہ ايئن اثرائتا هوندا، ڄڻ اُهي ڄاڻايل اصل ڌُر کي ڏنا ويا هجن يا پاڻُ مٿن انهيءَ جي تعميل ڪئي وئي هجي.

هاءِ ڪورٽ ترميمون (اُتر ــ اولهہ سرحدي صوبو):

پڇاڙيءَ ۾ شامل ٿيو:

”شرط هيءُ آهي، تہ ڪنهن ڌُر جو وڪيل، عدالت ۾ باقاعده سرگرم هُجي، ۽ نہ ڪي ڌُر لاءِ رُڳو وڪالت ڪندو هجي.“

6. گُماشتو حُڪمنامي جي تعميل ڪري: (1) مجيل گُماشتي ڪانسواءِ، جن جو ذڪر قاعدي 2 ۾ ٿيو آهي، هر شخص جيڪو عدالت جي علائقي منجهہ رهندو هجي، حُڪمنامي جي تعميل ڪرڻ لاءِ گُماشتو مُقرر ٿي سگهي ٿو.

مُقرري لکت ۾ هجي ۽ عدالت ۾ داخل ڪئي وڃي: (2) جائز آهي. تہ اهڙي مُقرري خاص هجي يا عام، پر لکت ۾ هئڻ لازم آهي ۽ انهيءَ تي مُقرر ٿيندڙ جي صحيح ٿيل هوندي ۽ اُها لکت يا جيڪڏهن مُقرري عام هجي، تہ انهيءَ جو تصديق ٿيل نقل، عدالت ۾ داخل ڪيو ويندو.

هاءِ ڪورٽ سنڌ ترميم:

هيٺيون ذيلي قلم (3) شامل ٿيو:

"(3) عدالت مُقدمي جي ڪنهن بہ مرحلي تي پوءِ ڇاهي انهيءَ وٽ درخواست داخل ڪئي وئي هُجي يا اُها پاڻ پنهنجو تحرڪ وٺي، مُقدمي جي ڪنهن ڌُر کي هدايت ڏئي سگهي ٿي، تہ جيئن تہ مجيل گُماشتو عدالت جي حدبنديءَ منجهہ نٿو رهي، تنهنڪري عدالت جي حد منجهہ رهندڙ گُماشتي کي واضح ڪيل وقت منجهہ مُقرر ڪيو وڃي، تہ هُو انهيءَ طرفان ڪارروائيءَ جي تعميل کي قبول ڪري. ذيلي قلم تحت ڪيل ڪنهن بہ مُقرريءَ تي، ذيلي قلم (2) جا ضابطا لاڳو ٿيندا."

عدالتي حُڪم -IV

مُقدمن جي داخلا

1. دعويٰ جي ابتدا، دعويٰ جي درخواست سان ٿيندي: (1) هر دعويٰ ايئن داخل ٿيندي، جو دعويٰ جي درخواست عدالت ۾ يا انهيءَ عُهديدار وٽ، جيڪو عدالت طرفان انهيءَ ڪم لاءِ مُقرر ٿيل هجي، داخل ڪئي وڃي.

(2) هر دعويٰ جي درخواست مٿي ڄاڻايل حُڪم نمبر 6 ۽ 7 موجب هوندي، جيستائين مٿيان قاعدا لاڳو ٿيڻ جوڳا آهن.

2. ديواني مُقدمن جي داخلا: عدالت، هر دعويٰ جا تفصيل هڪڙي رجسٽر ۾ لکندي، جنهن کي انهيءَ مقصد لاءِ رکيو ويندو، جنهن جو نالو ديواني مُقدمن جو رجسٽر هوندو. اهڙن مُقدمن جي داخلا، هر سال ترتيبوار نمبر تحت انهيءَ ترتيب سان لکيل هوندي، جنهن ترتيب سان اُهي داخل ڪيا ويا هُجن.

عدالتي حُڪم -V

سَمن جو جاري ٿيڻ ۽ تعميل

1. سَمن: (1) جڏهن مُقدمو باضابطا داخل ٿي وڃي تہ جائز آهي تہ سَمن، دعويٰ جي جواب ڏيندڙ جي نالي انهيءَ حُڪم سان جاري ڪيو وڃي تہ اُهو سَمن جي ڄاڻايل تاريخ تي عدالت ۾ حاضر ٿي دعويٰ جو جواب داخل ڪري:

پر شرط هيءَ آهي، تہ جيڪڏهن دعويٰ جي درخواست داخل ٿيڻ مهل، دعويٰ جو جواب ڏيندڙ عدالت ۾ حاضر ٿي، دعويدار جي دعويٰ کي مڃي چُڪو هجي، تہ پوءِ سَمن انهيءَ جي نالي جاري نہ ڪيو ويندو.

(2) دعويٰ جو جواب ڏيندڙ جنهن جي نالي سَمن جاٽايل ذيلي قاعدي 1 تحت جاري ڪيو وڃي:-

(a) ذاتي طور؛ يا

(b) ڪنهن وڪيل معرفت، جنهن کي چڱيءَ طرح هدايت ڪئي وئي هجي ۽ جيڪو مُقدمي سان لاڳاپيل سمورن ضروري سوالن جا جوابَ ڏئي سگهي؛ يا

(c) ڪنهن وڪيل جي معرفت، جنهن سان گڏ اهڙو ڪو شخص هجي، جيڪو سمورن ڄاٽايل سوالن جو جواب ڏئي سگهي، حاضر ٿي سگهندو هُجي.

(3) اهڙي هر سَمن تي جَج يا انهيءَ عُهديدار جي صحيح ٿيل هوندي، جنهن کي جَج انهيءَ ڪم تي مُقرر ڪندو، تہ انهيءَ تي عدالت جي مُهر لڳائي وڃي.

2. سَمن سان گڏ دعويٰ جي درخواست جو نقل يا مختصر بيانَ هئڻ گهرجي: هر سَمن سان گڏ دعويٰ جي درخواست جو هڪڙو نقل يا عدالت جي اجازت سان هڪڙو مختصر بيانَ موڪليو ويندو.

3. عدالت، دعويٰ جو جواب ڏيندڙ يا دعويدار کي ذاتي طور حاضر ٿيڻ جو حُڪم ڏئي سگهي ٿي: جيڪڏهن عدالت جي ويچار ۾ دعويٰ جو جواب ڏيندڙ جو ذاتي طور حاضر ٿيڻ ضروري هجي، تہ سَمن ۾ انهيءَ بابت اِهو حُڪم هوندو، تہ دعويٰ جو جواب ڏيندڙ عدالت ۾ سَمن ۾ حُڪم ڏنل تاريخ تي شخصي طور حاضر ٿئي.

(2) جتي عدالت، درخواست ڏيندڙ جي شخصي حاضريءَ کي بيحد ضروري ڄاڻي، تہ اُها اهڙي حاضريءَ لاءِ حُڪم جاري ڪندي.

4. ڪنهن ڌُر کي ذاتي طور حاضر ٿيڻ جو حُڪم نہ ڏنو ويندو جيستائين هُن جي ڪجهہ خاص حدن منجهہ رهائشي نہ هجي: ڪنهن ڌُر کي ذاتي طور حاضر ٿيڻ جو حُڪم نہ ڏنو ويندو انهيءَ حالت ۾ تہ هُن جي رهائش:-

(a) عدالت جي مُقدمي جي ٻُڌڻيءَ جي اختياري حدن اندر هجي؛ يا

(b) ڄاٽايل حدن کان ٻاهر هجي، پر عدالت جي پنجاهہ ميلن کان گهٽ ميل پري هجي يا (جتي ريل يا آگبوٽ يا ڪا ٻي مُقرر عام سُواري، انهيءَ جي رهائش کان عدالت جي جڳهہ تائين پنج ڀاڱي ڇهين حصي جيترو فاصلي تي هجي)، تہ عدالت جي جڳهہ کان ٻہ سؤ ميلن کان گهٽ مفاصلي تي هجي.

5. سَمنَ مامرن کي نبيرڻ يا حَتمي فيصلي لاءِ هوندا: عدالت سَمن جاري ڪرڻ مهل انهيءَ مامري جو نبيرو ڪندي، تہ سَمن رُڳو مامري جي فيصلي لاءِ هوندا يا مقدمي جي قطعي فيصلي جا هوندا. سَمنن ۾ اهڙي قسم جي هدايت هوندي:

پر شرط هيءُ آهي، تہ سمال ڪازز عدالت طرفان ڀُڏٽيءَ واري هر مُقدمي ۾، مُقدمي جي قطعي نبيري لاءِ سَمن جاري ڪيو ويندو.

6. دعوي جو جواب ڏيندڙ جي حاضريءَ لاءِ تاريخ جي مقرري: دعوي جو جواب ڏيندڙ جي حاضري لاءِ تاريخ مقرر ڪرڻ مهل عدالت هيٺئين ڳالهين جو خيال رکندي، يعني رجوع ٿيڻ ڪوٺ يا گهٽائي ۽ دعوي جو جواب ڏيندڙ جي رهائش جو هنڌ ۽ عرصو جيڪو سَمن جي تعميل لاءِ ضروري هجي ۽ اُها تاريخ اهڙي مُقرر ڪئي ويندي، جو دعوي جو جواب ڏيندڙ کي مُقرر تاريخ تائين حاضر ٿي، مُقدمي جو جواب ڏيڻ جي ڪافي مُهلت ملي.

7. سَمن ۾ دعوي جو جواب ڏيندڙ کي اُهي سمورا دستاويز پيش ڪرڻ جو حُڪم ڏنل هوندو جن تي ڪيس پروسو هجي: جنهن سَمن ۾ حاضر ٿيڻ ۽ جواب ڏيڻ جو حُڪم هجي، تہ دعوي جو جواب ڏيندڙ جي ناليِ اِهو حُڪم چاٽايل هوندو تہ اُهي سمورا دستاويز جيڪي سندس قبضي يا اختيار ۾ هُجن، جن تي دعوي جو جواب ڏيندڙ کي پنهنجي جواب ڏيڻ جي پُٺڀرائي لاءِ دليل ڏيڻ منظور هجي، پيش ڪري.

8. جڏهن سَمن قطعي فيصلي لاءِ هجي، تہ دعوي جي جواب ڏيندڙ کي هدايت ڪيل هوندي، تہ هُو پنهنجا شاهد پيش ڪري: جڏهن سَمن مُقدمي جي قطعي فيصلي لاءِ هجي، تہ انهيءَ ۾ دعوي جي جواب ڏيندڙ کي هدايت ڪئي ويندي، تہ جيڪا تاريخ انهيءَ جي حاضريءَ لاءِ مُقرر ٿيل هجي، تنهن تي سمورا شاهدَ پيش ڪري، جن جي شاهدي تي پنهنجي دعوي جي پُٺڀرائيءَ ۾ انهيءَ کي دليلَ ڏيڻا هُجن.

سَمنَ جي تعميل

9. تعميل لاءِ سَمن سونپڻ يا وصولي: (1) جيڪڏهن دعوي جو جواب ڏيندڙ انهيءَ عدالت جي اختياري علائقي ۾ رهندو هجي، جتي مُقدمو داخل ٿيو هجي يا اُتي ڪو سندس گُماشتو رهندو هجي، جنهن کي سَمن وٺڻ جو اختيار هجي، تہ جيڪڏهن عدالت ڪو خاص حُڪم نہ ڏئي، تہ مناسب اهلڪار کي سَمن انهيءَ مقصد سان ڏنو ويندو يا انهيءَ جي نالي موڪليو ويندو تہ هُو پاڻُ يا پنهنجي ڪنهن ماتحت معرفت انهيءَ جي تعميل ڪري.

(2) چاٽايل اهلڪار اهڙي عدالت جو بہ اهلڪار ٿي سگهي ٿو جيڪو اُهو نہ هجي جتي دعوي کي داخل ڪيو ويو هجي، بجيڪڏهن اُهو اهڙو اهلڪار هجي، تہ سَمن ٽپال ذريعي يا ڪنهن ٻئي طريقي سان انهيءَ وٽ موڪليو ويندو جيئن عدالت هدايت ڪري.

[76][(3) جيستائين عدالت کا ٻي هدايت نہ ڏئي، لاڳاپيل عملدار يا انهيءَ ڏس ۾ انهيءَ طرفان اختيار ڏنل کو عملدار، سَمن کي تعميل ڪرائيندو ۽ سَمن جي جاري ٿيڻ جي پندرنهن ڏينهن منجهه انهيءَ کي عدالت ڏانهن واپس موڪليندو.]

10. تعميل جو طريقو: سَمن جي تعميل ايئن ٿيندي، جو انهيءَ جي هڪڙي ڪاپي جَج جي يا انهيءَ عملدار جي صحيح ٿيل هوندي، جنهن کي جَجُ انهيءَ خاطر مقرر ڪري ۽ حوالي لاءِ عدالت جي مُهر لڳائي ويندي.

[77][10-A. ٽپال ذريعي تعميل: (1) قاعدي نمبر 9 تحت جاري ٿيل سَمن کي ٽپال سان موڪليو ويندو انهيءَ ڪانسواءِ تہ عدالت ٻيو ڪو حُڪم نہ ڏنو هجي. دعويٰ جو جواب ڏيندڙ جي نالي [ڪوريئر سروس] ذريعي ۽ رجسٽري ٽپال رسيد سميت واپسي، سَمن جو هڪڙو نقل موڪليو ويندو جنهن تي اهڙي طريقي سان صحيح ۽ مُهر لڳل هوندي، جيئن قاعدي 10 ۾ شرط ڇاڻايو ويو.

(2) هڪڙي رسيد، جنهن تي انهيءَ دعويٰ جي جواب ڏيندڙ جي صحيح هئڻ ضروري هجي، جيڪو ڪنهن رجسٽرڊ ٿيل خط يا ڪنهن انڊورسمينٽ کي پيغام پُهچائيندڙ يا ٽپال جي ملازم طرفان وٺي ۽ اِهو تہ دعويٰ جو جواب ڏيندڙ انهيءَ کي وٺڻ کان انڪار ڪري، تہ انهيءَ کي عدالت ڏانهن ظاهري طور سَمن جي تعميل ٿيڻ جي ثابتيءَ جيان سمجهيو ويندو.

11. سَمن جي گهڻن جواب ڏيندڙن تي تعميلَ: ٻين قلمن جي مضمون ۾ رعايت طور جڏهن هڪ کان وڌيڪ دعويٰ جو جواب ڏيندڙ هُجن، تہ هرهڪ دعويٰ جو جواب ڏيندڙ تي سَمن جي تعميل ڪئي ويندي.

12. سَمن جو دعويٰ جو جواب ڏيندڙ تي قابل عمل شخصي طور يا سندس گُماشتي تي تعميل ٿيندو: جڏهن ممڪن هجي، تہ سَمن جي تعميل دعويٰ جي جواب ڏيندڙ تي شخصي طور ڪئي ويندي، ايستائين اُنهن حالتن ۾ جڏهن سندس ڪنهن گُماشتي کي سَمن وٺڻ جو اختيار هجي، تہ گُماشتي کي سَمن ڏيڻ ڪافي ٿيندو.

13. گُماشتي تي سَمن جي تعميل، جنهن ذريعي دعويٰ جو جواب ڏيندڙ ڪاروبار ڪندو هجي: (1) جيڪڏهن مُقدمو ڪنهن ڪاروبار يا ڪَمُ بابت اهڙي شخص جي نالي هجي، تہ سَمن جو وٺندڙ عدالت جي ٻُڌڻي جي اختياري علائقي منجهہ نہ رهندو هجي، تہ ڪنهن اڳواڻ يا گُماشتي تي سَمن جي تعميل کي ڪافي سمجهيو ويندو جيڪو انهيءَ ڪاروبار يا ڪَمُ تي ذاتي طور سَمن جي تعميل مهل، ڇاڻايل حدن ۾ رهندو هجي.

---

[76] ديواني قانون سُڌارا ائڪٽ، 1994ع (1994ع جو XIV) تحت اِسر 11 شامل ٿيو.

[77] 1972ع جي آرڊيننس XII تحت شامل ٿيو.

(2) انهيءَ قاعدي جي مقصد لاءِ ناڪئي ڪي جهاز جي مالڪ يا پاڙي تي وننڊڙ جو نمائندو سمجهيو ويندو.

14. غير مُنتقل ٿيندڙ ملڪيت لاءِ دعويٰ ۾ نگران گُماشتي تي سَمن جي تعميل: غير مُنتقل ٿيندڙ ملڪيت بابت قانوني سهائتا يا غير مُنتقل ٿيندڙ ملڪيت ۾ نقصان جي معاوضي لاءِ دعويٰ ۾، جيڪڏهن سَمن جي تعميل دعويٰ جي جواب ڏيندڙ جي ذات تي نہ ٿي سگهي ۽ دعويٰ جي جواب ڏيندڙ جو ڪو اهڙو گُماشتو نہ هجي، جنهن کي سَمن وٺڻ جو اختيار هجي، تہ سَمن جي تعميل، دعويٰ جي جواب ڏيندڙ جي جاٽايل ملڪيت جي نگران گُماشتي تي ٿي سگهي ٿي.

15. جڏهن سَمن جي تعميل، دعويٰ جي جواب ڏيندڙ جي ڪُٽنب جي مرد ياتيءَ تي ٿي سگهندي هُجي: جيڪڏهن ڪنهن مُقدمي ۾ دعويٰ جو جواب ڏيندڙ ملي نہ سگهي ۽ ڪو گُماشتو بہ انهيءَ جو نہ هجي، جنهن کي هُن طرفان سَمن وٺڻ جو اختيار هجي، تہ پوءِ سَمن جي تعميل، جاٽايل دعويٰ جي جواب ڏيندڙ جي ڪُٽنب جي ڪنهن مرد ياتيءَ تي ڪري سگهجي ٿي، جيڪو ساڻس گڏ رهندو هجي.

وضاحت: ڪو ملازم هن قاعدي جي جاٽايل معنيٰ ۾ گهرياتيءَ ۾ داخل نہ آهي.

هاءِ ڪورٽ ترميمون (لاهور):

قاعدي 15 ۾، "جتي ڪنهن مُقدمي ۾ دعويٰ جو جواب ڏيندڙ نٿو ملي سگهي" لفظن ڪانپوءِ هيٺيان لفظ شامل ڪيا ويا:

"يا پنهنجي رهائش کان غير حاضر هُجي." (24 نومبر 1927ع)

هاءِ ڪورٽ ترميمون (اُتر- اولهہ سرحدي صوبو):

لفظن "جتي ڪنهن مُقدمي ۾ دعويٰ جو جواب ڏيندڙ نٿو ملي سگهي،" ۾ تبديلي ٿي: "جتي مُقدمي ۾ دعويٰ جو جواب ڏيندڙ پنهنجي رواجي رهائش واريءَ جڳهہ کان غير حاضر هُجي."

16. جنهن شخص تي سَمن تعميل ڪيو وڃي، تنهن کي رسيد تي صحيح ڪرڻي پوندي: جڏهن سَمن ڪٽي ويندڙ سَمن جي نقل دعويٰ جي جواب ڏيندڙ کي ذاتي طور يا دعويٰ جي جواب ڏيندڙ لاءِ سندس ڪنهن گُماشتي ۽ ڪنهن ٻئي شخص کي سونپي يا انهيءَ وٽ حاضر ڪري، تہ سَمن ڪٽي ويندڙ لاءِ ضروري آهي، تہ انهيءَ شخص کان، جنهن کي سَمن جو نقل سونپيو ويو هجي، يا جنهن جي آڏو جاٽايل نقل پيش ڪيو وڃي، تہ سَمن جي تعميل جي سچتا مهل اصل سَمن جي پُٺ تي صحيح ڪرائي وٺي.

17. طريقيڪار جڏهن دعويٰ جو جواب ڏيندڙ سَمن جي تعميل کان انڪار ڪري يا ملي نہ سگهندو هجي: جيڪڏهن دعويٰ جو جواب ڏيندڙ يا سندس گُماشتو يا مٿي جاٽايل ڪو ٻيو شخص صحيح ڪرڻ کان انڪار ڪري يا جيڪڏهن تعميل ڪرائيندڙ اهلڪار کي پوءِ گهڻين ڪوشش باوجود دعويٰ جو جواب ڏيندڙ ملي نہ سگهي ۽ ڪو گُماشتو بہ سندس نہ هجي، جنهن کي هُن طرفان سَمن وٺڻ جو اختيار هجي، ۽ ڪو ٻيو شخص بہ نہ هجي، جنهن تي سَمن تعميل ٿي سگهي، تہ تعميل ڪرائيندڙ

اهلڪار، سمن جو هڪڙو نقل انهيءَ جي گهر جي ٻاهرين دروازي تي يا ڪنهن ٻيءَ جڳهه تي چنبڙائيندو، جنهن ۾ دعويٰ جو جواب ڏيندڙ عام طور رهندو هجي يا ڪاروبار ڪندو هجي يا خاص نفعي ماڻ خاطر ڪو ڪم ڪندو هجي ۽ پوءِ اصل سمن جاري ڪندڙ عدالت کي واپس ڪري ڇڏيندو ۽ انهيءَ جي پُٺ تي يا ڪنهن لاڳاپيل ڪاغذ تي، ڪنهن شخص (جيڪڏهن ڪو اهڙو شخص هجي) جو نالو ۽ سمن بابت وڌيڪ تفصيل لکندو، جنهن ذريعي ڄاڻايل گهر جي سُڃاڻپ ٿي هجي ۽ جنهن جي سامهون نقل کي چنبڙايو ويو هجي.

18. سمن جي پُٺ تي وقت ۽ تعميل جي طريقي بابت لکيو ويندو: سمورين حالتن ۾ جڏهن سمن جي تعميل قاعدي 16 موجب ڪئي وڃي، ته سمن تعميل ڪرائيندڙ اهلڪار تي لازم آهي، ته اصل سمن جي پُٺ تي يا ڪنهن ٻئي شامل ڪاغذ تي اِهو احوال پاڻُ لکي يا ڪنهن ٻئي کان لکرائي، ته سمن جي تعميل ڪهڙي وقت ۽ ڪيئن ڪئي ويئي. گڏوگڏ انهيءَ شخص (جيڪڏهن ڪو اهڙو شخص هجي) جو نالو ۽ پتو به لکڻ گهرجي، جنهن جي سُڃاڻپ تي سمن جي تعميل ٿي ۽ جنهن اِهو به ڏنو هجي، ته سمن انهيءَ کي سونپيو يا ڏنو ويو هجي.

19. سمن تعميل ڪرائيندڙ اهلڪار کان پُڇاڳاڇا: جڏهن ڪو سمن قاعدي موجب واپس اچي، ته عدالت کي جيڪڏهن سمن تعميل ڪرائيندڙ اهلڪار جي حلف سان انهيءَ سمن جي ڄاڻايل قاعدي تحت واپسي نه ٿي هجي، ۽ جيڪڏهن واپسي جي تصديق ڄاڻايل قاعدي موجب ٿي هجي، ته عدالت سمن تعميل ڪرائيندڙ اهلڪار کان حلف تي انهيءَ ڪارروائي جو احوال پُڇي سگهي ٿي، جيڪا هُن ڪئي هجي. يا ڪنهن ٻيءَ عدالت معرفت ڪارروائي جو احوال پُڇا ڪرائي ۽ انهيءَ مامري ۾ وڌيڪ تحقيق ڪرائي، جيڪا سندس ويچار ۾ مُناسب هجي، ۽ پوءِ عدالت اِهو ڄاڻائيندي، ته سمن جي تعميل قاعدي موجب ٿي، يا وري انهيءَ سمن جي تعميل جو ڪو حُڪم ڏيندي، جيڪو اُها مناسب سمجهي.

20. سمن جي بدل تعميل: [78][(1) جنهن عدالت کي اطمينان هجي، ته پروسي جو اِهو سبب موجود آهي، ته دعويٰ جو جواب ڏيندڙ سمن جي تعميل کان نتائڻ جي مقصد سان (موقعي تي) نٿو ملي يا وري ڪنهن ٻئي سبب رواجي طريقي سان ڪانئس سمن جي تعميل نٿي ڪرائي سگهجي، ته عدالت، سمن جي تعميل جو هيٺئين طريقي موجب حُڪم ڏيندي:-

(a) انهيءَ گهر جي ڪنهن نمايان حصي تي سمن جو نقل چنبڙائي، جيڪڏهن ڪو هجي، جنهن بابت پتو هجي، ته اُها دعويٰ جي جواب ڏيندڙ جي آخري رهڻ جي جڳهه هئي يا هُو اُتي ڪاروبار ڪندو هو يا نفعي لاءِ ذاتي طور ڪم ڪندو هو، يا

(b) ڪنهن اطلاع جي برقي ذريعي سان، جنهن ۾ ٽيليگرام، ٽيليفون جو پيغام يا ٽيليڪس جو اطلاع، فيڪس، ريڊيو ۽ ٽيليويزن شامل آهن، يا

[78] ديواني قانون سڌارا ائڪٽ، 1994ع (1994ع جو XIV) تحت تبديلي ٿي.

(c) ٹرت ميل سروس يا پبلڪ ڪوريئر سروسز يا

(d) انهيءَ علائقي ۾، جتي دعويٰ جو جواب ڏيندڙ رهندو هُجي، ڌُهل وڄائڻ سان؛ يا

(e) پريس ۾ اشتهار ڏيڻ سان؛ يا

(f) ڪنهن ٻئي طريقي يا ذريعي سان، جنهن کي عدالت مُناسب سمجهي:

پر شرط هيءَ آهي، تہ عدالت تعميل (سروس) جي مٿي ڄاڻايل طريقن ۽ ذريعن کي ساڳئي وقت يا اُنهن منجهان ڪنهن هڪڙي کي اختيار ڪرڻ جو حُڪم ڏئي سگهندي.]

(2) تعميل بَدل جو اثر: سَمن جي تعميل جو اُهو طريقو جنهن تي عام طريقي بجاءِ عدالت جي حُڪم سان عمل ڪيو وڃي، ايئن اثرائتو هوندو ڄڻ سَمن جي تعميل، دعويٰ جي جواب ڏيندڙ تي ذاتي طور تي هجي.

(3) تعميل بَدل جي حالت ۾ حاضريءَ لاءِ وقت مُقرر هئڻ گهرجي: جڏهن سَمن جي تعميل عدالت جي حُڪم ڏيڻ واري طريقي سان ٿئي، تہ عدالت، دعويٰ جو جواب ڏيندڙ جي حاضريءَ لاءِ ايترو وقت مقرر ڪندي، جيڪو انهيءَ صورت ۾ مُناسب لڳندو. [79][جيڪو عام طور پندرهن ڏينهن کان وڌيڪ نہ هوندو.]

21. سَمن جي تعميل، جڏهن دعويٰ جو جواب ڏيندڙ ڪنهن ٻيءَ عدالت جي علائقي ۾ رهندو هجي: جڏهن سَمن ڪنهن عدالت طرفان جاري ٿئي، تہ سَمن جاري ڪندڙ عدالت انهيءَ کي ٽپال ذريعي يا پنهنجي ڪنهن اهلڪار سان گڏ ڪنهن عدالت ۾ (هاءِ ڪورٽ کانسواءِ) جنهن جي علائقي ۾ دعويٰ جو جواب ڏيندڙ رهندو هجي، روانو ڪري سگهي ٿي، پوءِ پلي اُها عدالت انهيءَ صوبي ۾ موجود هجي، جتي سَمن جاري ڪندڙ عدالت هجي يا ڪنهن ٻئي صوبي ۾.

22. پاهرئين عدالتن طرفان جاري ٿيل سَمنن جي پريزيڊنسي شهرن منجهہ تعميل- [80][* * *]

23. انهيءَ عدالت جو فرض، جنهن ڏانهن سَمن تعميل خاطر موڪليو وڃي: جنهن عدالت ۾ [81][* * *] قاعدي 21 موجب موڪليو وڃي، سا انهيءَ جي ملڻ تي ايئن ڪارروائي ڪندي، ڄڻ پاڻُ انهيءَ سَمن کي جاري ڪيو هجي. پوءِ انهيءَ سَمن کي انهيءَ ڪارروائيءَ سان گڏ، جيڪا انهيءَ بابت ڪئي ويئي هجي (جيڪڏهن ڪجهہ ڪارروائي ٿي هجي) سَمن جاري ڪندڙ عدالت وٽ واپس موڪلي ڇڏيندي.

---

[79] 1949ع جي قانوني حُڪم تحت شامل ٿيو.

[80] 1949ع جي قانوني حُڪم تحت لفظ ۽ انگ "يا قاعدو 22" خارج ٿيا.

[81] مرڪزي قانون (قانوني سُڌارا) آرڊيننس، 1960ع (1960ع جو XXI)، ڪلم 3 ۽ ٻئين شيڊيول (14 آڪٽوبر، 1955ع کان هڪدم لاڳو ٿيندڙ)

24. جيل ۾ قيد دعويٰ جي جواب ڏيندڙ تي سمن جي تعميل: جيڪڏهن دعويٰ جو جواب ڏيندڙ قيد ۾ هجي، ته سمن ٽپال ذريعي يا ڪنهن ٻئي طريقي سان جيل جي سُپرينٽينڊنٽ وٽ موڪليو ويندو، ته هُو دعويٰ جي جواب ڏيندڙ تي انهيءَ سمن جي تعميل ڪرائي.

25. سمن جي تعميل، جڏهن دعويٰ جو جواب ڏيندڙ پاڪستان کان ٻاهر رهندو هجي ۽ ڪو گُماشتو نہ رکندو هجي: جيڪڏهن دعويٰ جو جواب ڏيندڙ[82][پاڪستان] کان ٻاهر رهندو هجي ۽ [83][پاڪستان] ۾ اهڙو ڪو گُماشتو نہ رکندو هجي، جنهن کي سمن وٺڻ جو اختيار هجي، تہ سمن لفافي ۾ بند ڪري دعويٰ جو جواب ڏيندڙ ڏانهن [84][اُنهن حالتن ۾، جيڪي قاعدي 26-A ۾ ڄاڻايون ويون آهن] انهيءَ جي گهر جي پتي تي ٽپال ذريعي روانو ڪيو ويندو، جيڪڏهن انهيءَ جي گهر کان انهيءَ ماڳ تائين ٽپال ويندي هجي، جتي عدالت موجود هجي.

26. غيرعلائقن ۾ پوليٽيڪل ايجنٽ يا عدالت معرفت سمن جي تعميل: جتي:-

(a)سمن جي هيءَ تعميل، پرڏيهي مُلڪن جي اختيارن[85][يا مرڪزي حڪومت جي ٻُڌٽيءَ جا وڏيڪ صوبائي اختيار رکندڙ] کي مليل هجن، هڪڙو سياسي نمائندو مُقرر هجي يا ڪا عدالت مقرر ٿي يا قائم ڪئي ويئي هجي، جنهن کي انهيءَ ڳالھ جو اختيار مليل هجي، تہ هن ڪوڊ تحت عدالت جي اختيارن پٽاندر جاري ٿيل ڪنهن سمن جي تعميل ڪنهن غيرعلائقي ۾، جتي دعويٰ جو جواب ڏيندڙ رهندو هجي، يا

[86][(b) [87][صوبائي حڪومت] [88][سرڪاري گزيٽ] ذريعي نوٽيفڪيشن تحت ڪنهن عدالت بابت [89][اعلان ڪيو] هجي، جيڪا ڪنهن علائقي ۾ موجود هجي ۽ اُها ڪنهن مٿي ڄاڻايل ٻُڌٽي جي اختيارن تحت نہ جُڙي هجي يا جاري ٿي هجي، تہ اهڙيءَ عدالت جي سمن جي تعميل کي ڪارائتو سمجهيو ويندو، جنهن کي [90][هن ڪوڊ تحت ڪنهن صوبائي حڪومت جي عدالت] جاري ڪيو هجي.

---

[82] مرڪزي قانونن (قانوني سُڌارا) آرڊيننس 1960ع (1960ع جو XXI)، قلم 3 ۽ ٻئي شيڊيول (14 آڪٽوبر 1955ع کان هڪدم لاڳو) تحت "وفاق جي راڄڌاني تحت صوبن" ۾ تبديلي ٿي، جنهن ۾ "برطانوي هندستان" ۾ 1949ع جي حُڪم تحت ڦيرڦار ٿي هئي.

[83] ڏسو ساڳيو حوالو.

[84] سِول پروسيجر ڪوڊ (ترميم) ائڪٽ 1950ع (1950ع جو LLVIII)، قلم 2 (1 سيپٽمبر 1951ع کان هڪدم لاڳو) تحت شامل ٿيو.

[85] 1949ع جي قانوني حُڪم تحت "هزمئجسٽيءَ جي اختيار ۾ قانوني حدبندي يا [مرڪزي حڪومت يا ڪرائون جي نمائندگي] ۾" لاءِ تبديلي ٿي. 1937ع جي قانوني حُڪم تحت بريڪيٽن ۾ لفظن "گورنر جنرل اِن ڪائونسل" لاءِ ڦيرڦار ٿي. جڏهن تہ 1975ع جي صدارتي حُڪم IV تحت لفظ "وفاقي" لاءِ تبديلي ٿي.

[86] ٻي منسوخي ۽ ترميمي ائڪٽ 1914ع (1914ع جو XVII)، قلم 2 ۽ پهرئين شيڊيول تحت اصلي شِق (b) لاءِ ڦيرڦار ٿي.

[87] 1937ع جي قانوني حُڪم تحت "گورنر جنرل اِن ڪائونسل" ۾ ڦيرڦار ٿي.

[88] ڏسو حوالو ساڳيو "هندستان جي گزيٽ" لاءِ تبديلي ٿي.

[89] سِول پروسيجر ڪوڊ تحت، چيف ڪمشنرن جي بلوچستان صوبي ۽ ڪراچيءَ طرفان جاري ٿيل ڪنهن سمن جو ڪنهن ديواني عدالت طرفان ملايا جي وفاق ۾ تعميل کي ڪارائتو تعميل سمجهيو ويندو ڏسو پاڪستان جو گزيٽ، تاريخ 29 فيبروري 1952ع، ڀاڱو I، صفحو 144 ۽ ساڳي حوالو تاريخ 14 مارچ 1952ع، ڀاڱو IIA، صفحو 60. گڏوگڏ ڏسو ڄاڻايل قلم 19 جو فوٽ نوٽ.

[90] 1937ع جي قانوني حُڪم تحت "انهيءَ ڪوڊ تحت ڪنهن عدالت طرفان جاري ٿيل" ۾ تبديلي ٿي.

تہ جائز آهي، تہ سَمن دعويٰ جي جواب ڏيندڙ تي تعميل ٿيڻ خاطر خاص سياسي نمائندي وٽ يا عدالت ۾ ٽپال ذريعي يا ڪنهن ٻئي طريقي سان موڪليو وڃي ۽ جيڪڏهن سياسي نمائندو يا عدالت، سَمن جي ڇاڙايل سياسي نمائندي جي واضح صحيح ٽيل سان گڏ يا عدالت جي جَج يا ٻيءَ عدالت جي صحيح سان واپس ڪري، تہ سَمن جي تعميل طريقي موجب مقرر دعويٰ جي جواب ڏيندڙ تي ٿي هئي، تہ انهيءَ صحيح ٿيل عبارت کي سَمن جي تعميل سمجهيو ويندو.

[91][26-A. هندستان ۾ فوجي، ساموندي يا هوائي فوج جي ملازمن ڪانسواءِ ريلوي يا مقامي جماعت جي ملازمن تي سَمن جي تعميل: جڏهن دعويٰ جو جواب ڏيندڙ هندستان جي سرڪار (فوج، ساموندي، هوائي فوج ڪانسواءِ) جي ڪنهن ريلوي ڪمپني، هندستان جي ڪنهن مقامي جماعت ۾ ملازم هجي، تہ دعويٰ جي مواد سان گڏ سَمن جو هڪڙو نقل، انهيءَ درخواست سان گڏ موڪليو وڃي، تہ انهيءَ جي تعميل دعويٰ جي جواب ڏيندڙ تي ڪئي وڃي.

(a) اهڙي حالت ۾ جتي دعويٰ جو جواب ڏيندڙ هندستاني سرڪار جي مامرن بابت ملازم هجي يا هندستان ۾ ڪنهن ريلوي جو ملازم هجي، تہ سَمن کي سيڪريٽري، هندستاني سرڪار جي مامرن، گهرو مامرن جي وزارت (هوم منسٽري) جي نالي تي موڪليو ويندو.

(b) جيڪڏهن دعويٰ جو جواب ڏيندڙ هندستاني سرڪار جي ڪنهن ٻئي ڪاتي ۾ ملازمت ڪندو هجي يا ڪنهن مقامي جماعت جي ملازم هئڻ جي حالت ۾ هندستان ۾ هجي، تہ انهيءَ حڪومت جي هوم سيڪريٽريءَ جي نالي، يا جيئن بہ حالت هجي، حڪومت جي انهيءَ هوم سيڪريٽري جي نالي، جنهن جي علائقي ۾ مقامي جماعت پنهنجي ہُڏٽيءَ جو علائقائي اختيار رکندي هجي، سَمن موڪليا ويندا.

27. سرڪاري ملازم يا ريلوي ڪمپنيءَ يا مقامي اختيارين جي ملازم تي سَمن جي تعميل: جيڪڏهن دعويٰ جو جواب ڏيندڙ سرڪاري عملدار هجي، پر [92][پاڪستان جي فوجَ، ميداني يا ساموندي فوج] سان ناتو نہ رکندو هجي) [93][* * * [يا ڪنهن ريلوي ڪمپني يا مقامي اختيارين جو ملازم هجي، تہ عدالت کي جيڪڏهن اِهو محسوس ٿئي، تہ سَمن گهٽي سولائيءَ سان دعويٰ جو جواب ڏيندڙ تي انهيءَ طريقي سان تعميل ٿي سگهندو، تہ سَمن کي دعويٰ جي جواب ڏيندڙ تي تعميل ٿيڻ لاءِ انهيءَ دفتر جي

[91] سِول پروسيجر ڪوڊ (ترميم) ائڪٽ 1950ع (1950ع جو 68)، قلم 13 سيپٽمبر 1951ع کان هڪدم لاڳو) تحت قاعدو 26-A شامل ٿيو.
[92] صدارتي حُڪم 1961ع (1961ع جو 1) ، آرٽيڪل 22 ۽ شيڊيول (23 مارچ 1956ع کان هڪدم لاڳو) تحت "هزمئجسٽيءَ جون هٿياربند (ساموندي يا هوائي) فوجون" لاءِ تبديلي ٿي. جڏهن تہ منسوخي ۽ ترميمي ائڪٽ 1927ع (1927ع جو XX)، قلم 2 ۽ پهرئين شيڊيول تحت، بريڪيٽن ۾ لفظن "يا ساموندي" لاءِ ڦيرڦار ٿي.
[93] ترميمي ائڪٽ 1934ع (1934ع جو XXXV)، قلم 2 ۽ ٻئين شيڊيول تحت لفظ "يا هزمئجسٽيءَ جي هندستاني ساموندي فوج" خارج ٿيا.

مرڪزي آفيس، آفيس وٽ موڪليندي، جنهن ۾ دعوي جو جواب ڏيندڙ ملازم هجي ۽ سَمن جو هڪڙو نقل دعوي جي جواب ڏيندڙ کي ڏنو ويندو.

28. سپاهي، جهازي يا هوائي جهاز جي ملازم تي سَمن جي تعميل: جيڪڏهن دعوي جو جواب ڏيندڙ سپاهي يا [94][ساموندي جهازي] [95][يا هوائي جهازي] آهي، ته عدالت، سَمن جي تعميل لاءِ سَمن سميت هڪڙو نقل، جيڪو دعوي جي جواب ڏيندڙ کي ڏيڻو هجي، سندس ڪمانڊنگ آفيسر وٽ موڪليندي.

29. انهيءَ شخص جو فرض، جنهن کي سَمن تعميل لاءِ سونپيو وڃي: (1) جڏهن سَمن قاعدي 24 يا 27 يا 28 موجب تعميل لاءِ ڪنهن شخص کي سونپيو وڃي يا انهيءَ وٽ ٽپال ذريعي موڪليو وڃي، ته مٿس لازم هوندو ته ڪوشش ڪري انهيءَ جي تعميل ڪرائي ۽ پوءِ پنهنجي صحيح ۽ دعوي جو جواب ڏيندڙ کان رسيد لکرائي، انهيءَ کي واپس موڪلي، ته انهيءَ صحيح کي سَمن جي تعميل سمجهيو ويندو.

(2) جيڪڏهن ڪنهن سبب سَمن جي تعميل ممڪن نه ٿئي، ته سَمن تعميل نه ٿيڻ ۽ اُنهن اُپائن سميت، جيڪي تعميل بابت عمل ۾ آندا ويا هجن، جي پُوري احوال سميت عدالت ۾ واپس موڪلي، ۽ انهيءَ احوال کي سَمن جي تعميل نه ٿيڻ جو ثبوت سمجهيو ويندو.

30. سَمن جي تعميل بجاءِ خط: (1) عدالت هن بابُ جي ڄاڻايل عبارت جي باوجود، سَمن عيوض هڪڙو خط لکي، جنهن تي جَج جي صحيح يا ڪنهن ٻئي عمديدار جي صحيح ٿيل هوندي، جنهن کي جَج انهيءَ ڪم لاءِ مقرر ڪري، دعوي جي جواب ڏيندڙ جي نالي موڪلي سگهي ٿي، جڏهن هُن جو رُتبو عدالت جي ويچار ۾ اهڙي رعايت جي لائق هجي.

(2) انهيءَ خط ۾، جيڪو ذيلي قاعدي 1 پٽاندر موڪليو وڃي، تنهن ۾ اُهي سمورا تفصيل لکيل هوندا، جيڪي سَمن ۾ لکيل هجن ٿا ۽ انهيءَ کي مٿي ڄاڻايل ذيلي قاعدي 2 تحت سمورن سببن سميت هڪڙو سَمن سمجهيو ويندو.

(3) جيڪو خط سَمن بجاءِ لکيو ويو هجي، سو ٽپال ذريعي يا عدالت طرفان چونڊيل قاصد معرفت يا ٻئي ڪنهن طريقي سان، جيڪو عدالت جي سوچ ۾ مناسب هجي، دعوي جو جواب ڏيندڙ وٽ موڪليو ويندو ۽ جڏهن دعوي جو جواب ڏيندڙ اهڙو ڪو گُماشتو رکندو هجي، جنهن کي سَمن وٺڻ جو اختيار هجي، ته اُهو اهڙي گُماشتي کي سونپي يا ٽپال ذريعي انهيءَ وٽ موڪلي سگهجي ٿو.

---

[94] ترميمي ائڪٽ، 1934ع (1934ع جو XXXV)، قلم 2 ۽ ٻئين شيڊيول تحت شامل ٿيو.

[95] 1927ع (1927ع جو XX)، قلم 2 ۽ پهرئين شيڊيول تحت شامل ٿيو.

عدالتي حُڪم -VI

دعويٰ جي درخواست، لکيل بيان ۽ پيروي

1. پيروي: پيروي جو مطلب دعويٰ جي درخواست يا لکيل بيان هوندو.

2. شاهديءَ نہ پر واقعاتي حقيقتون ڄاڻائڻ لاءِ پيروي: دعويٰ جي درخواست يا لکيل بيان ۾ رُڳو اُنهن واقعاتي حقيقي جو هڪڙو مختصر مُقدمو (بيان) لکيل هوندو جنهن تي ڪنهن ڌُر کي پنهنجي دعويٰ يا دعويٰ جي جواب ڏيڻ جا دليل ڏيڻ منظور هُجن، پر ڪا شاهدي لکيل نہ هوندي، جنهن سان ڄاڻايل واقعن کي ثابت ڪيو وڃي، پر هر دعويٰ جي درخواست يا لکيل بيان ۾ واقعا نمبروار لکيل هوندا ۽ تاريخ ۽ رقم ۽ انگي نمبر لکيا ويندا.

3. پيروي جا نمونا: جڏهن ضميمي A ۾ ڄاڻايل فارم عمل جوڳا هُجن، ۽ جتي اُهي ساڳيءَ درخواست يا لکيل بيانَ جا قابل عمل فارم نہ هجن، تہ اُهي جيستائين ٿي سگهي، تہ اُنهن کي سمورين ڪارروايين لاءِ ڪتب آندو ويندو.

4. گهرج موجب تفصيل ڄاڻائڻ: سمورين حالتن ۾، جن ۾ دعويٰ جي درخواست يا لکيل بيان ڏيندڙ ڪنهن ڪوڙ ڳالهائيندڙ يا دوکي يا امانت ۾ ٺڳيءَ يا ڏوهہ يا ناجائز دٻاءُ تي زور ڏئي ۽ ٻين سمورين حالتن ۾، جن ۾ لازمي ڳالهين کان وڌيڪ لکيل هجي، جيئن مٿي ڄاڻايل فارم ۾ وڌيڪ تشريح سان لکيو وڃي، خاص ڪري (تاريخ وغيره جي تفصيل سميت) پيرويءَ ۾ ڄاڻايل هوندو.

5. وڌيڪ ۽ سُنو بيانَ يا تفصيل: دعويٰ يا بچاءُ جي جوهر جو هڪڙو وڌيڪ ۽ سُنو بيانَ، يا ڪنهن پيرويءَ ۾ ڪنهن ماملي جا وڌيڪ ۽ سُنا تفصيل لکيل هُجن، تن جو اهڙين شرطن تي خرچ يا ٻيءَ حالت بابت سمورن مُقدمن ۾ حُڪم ڏئي سگهجي ٿو جيئن مُنصفاڻو ٿي سگهي.

6. لازمي شرط: دعويٰ داخل ڪندڙ ۽ دعويٰ جي جواب ڏيندڙ تي لازم آهي، تہ اُهي گهربل شرط جن جي واعدي يا واقعي بابت بحث ٿئي، جيئن بہ حالت هجي، پنهنجي دعويٰ جي درخواست يا لکيل بيان ۾ صاف ڄاڻايو وڃي ۽ انهيءَ پٽاندر جيڪا ڳالهہ سمورن لازمي شرطن موجب واعدي يا واقعي کي ڄاڻائڻ ضروري هجي، تنهن کي دعويٰ داخل ڪندڙ ۽ دعويٰ جي جواب ڏيندڙ جي مُقدمي لاءِ، دعويٰ جي درخواست يا لکيل بيان مان سمجهيو ويندو.

7. روانگي: ڪنهن دعويٰ جي درخواست يا لکيل بيان ۾، ڪنهن دعويٰ جي ترميم ڪانسواءِ نئون سبب نہ لکيو ويندو، نہ ئي اڳ ۾ دعويٰ جي درخواست يا لکيل بيان سان ٽڪراءُ ۾ ايندڙ ڪنهن واقعي جي ڪنهن ڳالهہ کي ڄاڻايو ويندو.

8. معاهدي کان انڪار: جڏهن ڪنهن دعويٰ جي درخواست يا لکيل بيان ۾ ڪنهن معاهدي تي اعتراض ڪيو وڃي ۽ ٻي ڌُر انهيءَ کان انڪار ڪري، تہ انهيءَ انڪار سان انهيءَ خاص معاهدي يا اُنهن واقعي جي مامرن کان انڪار سمجهيو ويندو جن سان معاهدو ثابت ٿيندو هجي، نہ ڪي ڄاڻايل معاهدي جي جواز يا انهيءَ جي قانوني طور مڪمل هئڻ کان انڪار سمجهيو ويندو.

9. دستاويز جي اثر کي ڄاڻائڻ: جڏهن ڪنهن دستاويز جو مضمون مُقدمي جو جوهر هجي، ته دعويٰ جي درخواست يا لکيل بيان ۾ دستاويز جي اثر جو بيانَ گهڻي اختصار سان ڪافي ٿيندو پُوري دستاويز يا انهيءَ جي ڪنهن حصي جي نقل جي گهرج نه آهي، جيستائين جڏهن دستاويز جا لفظ يا انهيءَ جي ڪنهن حصي جي لفظن ۾ مُقدمي جو موادُ نه هجي.

10. ساڃ ڄاڻُ وغيره: جڏهن ڪنهن شخص جي ساڃ يا دؤکي واري اِرادي يا ڄاڻُ يا ٻيءَ ڪاوڙ تي تُهمت حقيقي هجي، ته ڪيفيتن جو واقعي طور ڄاڻائڻ ڪافي آهي. اُنهن حالتن کي ڄاڻائڻ جي ڪا گهرج نه آهن، جنهن سان اُنهن جي مُقدمي جو جوهر ثابت ٿيندو هجي.

11. نوٽيس: جتي به ڪنهن شخص کي ڪنهن حقيقت، مواد يا ڪنهن ڳالهه جو نوٽيس ڏيڻ حقيقي هُجي، ته حقيقت ۾ اهڙو نوٽيس ڏيڻ مُناسب ٿيندو جيستائين اهڙي نوٽيس جو نمونو يا مختصر شرطون يا حالتون حقيقي مُقدمي جو جوهر هُجن، جتان اهڙي نوٽيس جو قياس ڪيو وڃي.

12. مفهومي معاهدو يا لاڳاپو: جيڪڏهن ڪو معاهدو يا لاڳاپو اُنهن شخصن جي وچ ۾ خطن يا گفتگو يا انهيءَ کان علاوه ٻين واقعن ۾ ڄاتو وڃي، ته پوءِ معاهدي يا ڄاڻايل لاڳاپي کي واقعي طور ڄاڻائڻ ۽ خطن يا گفتگو يا واقعن جو حوالو ڏيڻ ڪافي هوندو، انهيءَ جي بغير ته سندن تفصيل ڏنو وڃي ۽ جيڪڏهن اهڙيءَ صورت ۾ اُهو شخص، جيڪو دعويٰ جي درخواست يا لکيل بيان پيش ڪري، ڄاڻايل واقعن سان هڪ کان وڌيڪ معاهدا يا لاڳاپا موجود هجن، ته بيان بدلائڻ طور ضروري سمجهي، ته انهيءَ کي اختيار آهي، ته هُو ايئن ڄاڻائي.

13. قانوني قياس: ضروري نه آهي، ته ڪا ڌُر دعويٰ جي درخواست يا لکيل بيان ۾ اهڙي واقعاتي ڳالهه ڄاڻائي، جنهن جو قانوني قياس سندس طرفداريءَ ۾ تي سگهندو هجي يا جنهن جي ثبوت جو بار ٻيءَ ڌُر تي هجي، ايستائين جڏهن پهرئين حُڪم سان انهيءَ کان انڪار ڪيو وڃي (مثال طور هُنڊيءَ جي قيمت، جڏهن دعويدار رُڳو چيڪ تي مُقدمو داخل ڪري، نه کي قيمت لاءِ، جيڪا دعويٰ جو اصل بُنياد هُجي.)

14. پيروي لاءِ دعويٰ جي درخواست يا لکيل بيانَ تي صحيح هڻڻ: لازمي هوندو، ته هر دعويٰ جي درخواست يا لکيل بيانَ تي ڌُر ۽ سندس وڪيل (جيڪڏهن ڪو وڪيل هجي) صحيح ڪري، پر شرط هيءَ آهي، ته جڏهن دعويٰ جي درخواست يا لکيل بيان پيش ڪندڙ ڌُر غير حاضريءَ سبب يا ڪنهن ٻئي معقول سبب صحيح نه ڪري سگهي، ته جائز آهي، ته اُهو شخص انهيءَ تي صحيح ڪري، جنهن کي انهيءَ طرفان مٿس صحيح ڪرڻ يا مُقدمي يا جواب ڏيڻ لاءِ مُختيار هڻڻ جو اختيار ڏنو ويو هجي.

15. پيروي جي تصديق: (1) ٻين لاڳو قانونن جي مضمون جي رعايت سان، هر دعويٰ جي درخواست يا لکيل بيانَ جي هيٺ، دعويٰ جي درخواست يا لکيل بيان پيش ڪندڙ ڌُر يا گڏ ڪجهه ڌُرين منجهان ڪو هڪ يا ڪو ٻيو شخص، جنهن جو مُقدمي جي واقعن کان واقف هئڻ عدالت جي اطمينان سان ثابت هجي، انهيءَ جي [96][سُنهن ساکُ يا قسم کڻي تصديق] ڪندو.

---

[96] 1972ع جي آرڊيننس XII تحت شامل ٿيو.

(2) تصديق ڪندڙ دعويٰ جي درخواست يا لکيل بيانَ جي قلمن بابت وضاحت سان لکندو، تہ هُو ڪنهن جي تصديق پنهنجي علم سان ڪري ٿو ۽ ڪنهن جي تصديق، ماڻهن جي بيان سان ڪري ٿو ۽ انهيءَ کي صحيح سمجهي ٿو.

(3) تصديق ٿيل عبارت تي تصديق ڪندڙ جي صحيح ٿيل هوندي ۽ تاريخ ۽ ماڳ جو نالو بہ لکيو ويندو جنهن جڳهہ تي هُن صحيح ڪئي هوندي.

16. دعويٰ جي درخواست يا لکيل بيانَ جي پيروي جي نيڪالي: عدالت کي اختيار آهي، تہ مُقدمي جي ڪنهن ڏاڪي تي ڪا ڳالهہ غيرضروري يا آجائي هجي، يا جنهن سان مُقدمي جي فيصلي ۾ طرفداري يا وقت يا تاخير ٿيڻ جو اُلڪو هجي، تہ دعويٰ جي درخواست يا لکيل بيانَ کي نيڪال ڪري ڇڏي يا منجهس ترميم ڪري.

17. دعويٰ جي درخواست يا لکيل بيانَ ۾ ترميم: عدالت، مُقدمي جي هر مرحلي تي اجازت ڏئي سگهي ٿي، تہ ڪا ڌُر مناسب انداز سان پنهنجي دعويٰ جي درخواست يا لکيل بيانَ کي، اهڙين مُناسب شرطن ۽ طريقن تي بدلائي يا منجهس ترميم ڪري، ۽ ترميمون رڳو اُهي ڪيون وينديون، جيڪي ڌُرين وچ ۾ اصل تڪراري مامري جي نبيري لاءِ ضروري هُجن.

18. ترميم جي حُڪم ملڻ بعد ترميم ۾ ناڪامي: جيڪڏهن ڪا ڌُر جنهن کي ترميم جي اجازت حُڪم ذريعي ملي هجي، سا ڄاڻايل حُڪم ۾ مقرر عرصي ۾ يا جيڪڏهن حُڪم ۾ ترميم جو ڪو عرصو مُقرر نہ هجي، تہ حُڪم جاري ٿيڻ جي تاريخ کان ڪجهہ ڏينهن ۾ ڄاڻايل حُڪم پٽاندر ترميم نہ ڪري، تہ اُهو عرصو گُذرڻ کان پوءِ يا ڄاڻايل چوڏهن ڏينهن ۾ يعني جيئن بہ ڄاڻايل هجي، ڪا ترميم نہ ڪري سگهندي، ايستائين جو عدالت ڄاڻايل عرصي کي وڌائي بہ ڇڏي.

VII- عدالتي حُڪم

دعويٰ جي درخواست

1. دعويٰ جي درخواست ۾ شامل تفصيلَ: دعويٰ جي درخواست ۾ هيٺيون ڳالهيون شامل هونديون:

(a) انهيءَ عدالت جو نالو جنهن ۾ مُقدمي جي درخواست داخل ڪئي وڃي؛

(b) پيءُ جو نالو ۽ قبيلو يا ذات، ڏنڌو وغيره ۽ دعويدار جي رهڻ جو هنڌ؛

(c) نالو ۽ پيءُ جو نالو ۽ قبيلو يا ذات ۽ ڏنڌو ۽ دعويٰ جي جواب ڏيندڙ جي رهڻ جو هنڌ، جتي اُهو ملي سگهي؛

(d) جيڪڏهن دعويدار ۽ دعويٰ جو جواب ڏيندڙ نابالغ يا ذهني طور بيمار هجن، تہ انهيءَ ڳالهہ بابت ڄاڻايل هوندو، تہ اُهو ايئن آهي؛

(e) اُهي واقعا، جيڪي مُقدمي جي دعويٰ جو سبب هجن ۽ اهو تہ دعويٰ جو سبب ڪڏهن پيدا ٿيو؛

(f) اُهي واقعا، جن سان پتو پوي، تہ عدالت کي ٻُڌڻيءَ جو اختيار مليل آهي؛

(g) قانوني سمائتنا جي گُذارش، جيڪا دعويدار چاهي ٿو.
(h) جيڪڏهن دعويدار دعويٰ ۾ ڪجهه مُجرو ڏنو هجي يا دعويٰ جي ڪنهن حصي جي رقم، ۽
(i) جاٽايل ماليات سان دعويٰ واري ڳالهه جو بُڌڻيءَ جي اختيار جي مقصد سان عدالت جي فيس، جيستائين ممڪن هجي.

2. ناڻي بابت دعويٰ جي درخواست يا لکيل بيان: جيڪڏهن دعويدار روڪ رقم وٺڻ جو دعويدار هجي، ته دعويٰ جي درخواست جي صحيح رقم لکي ويندي:

پر جنهن دعويدار، ملڪيت مان مليل مسواڙ واري رقم لاءِ مُقدمو داخل ڪري، يا اهڙي ماليت لاءِ، جنهن جو پتو هُن ۽ دعويٰ جي جواب ڏيندڙ جي وچ ۾ اَڻ نبيريل حسابن تي ڪُل رقم مان پوندو، ته دعويدار طرفان رُڳو اندازي ۾ رقم لکڻ ڪافي ٿيندو جنهن لاءِ هُو مُقدمو داخل ڪري.

هاءِ ڪورٽ ترميمون (لاهور):

ٻيءَ پئرا ۾ "دعويٰ جي جواب ڏيندڙ" کانپوءِ "يا دعويٰ جي جواب ڏيندڙ جي تحويل ۾ مُتحرڪ ملڪيت لاءِ يا قرض لاءِ، جنهن جي ماليت جو منطقي ڏيان ۽ قانوني امڪان جي استعمال کانپوءِ، تخمينو نٿو لڳائي سگهجي"، ۽ لفظن "ماليت، جنهن اُها پڇاڙيءَ ۾ واقع هجي،" کانپوءِ "يا ماليت" شامل ٿيا. (12 مئي 1909ع)

هاءِ ڪورٽ ترميمون (اُتر - اولهه سرحدي صوبو):

ٻي پئراگراف ۾ لفظ "دعويٰ جي جواب ڏيندڙ" کانپوءِ "يا "دعويٰ جي جواب ڏيندڙ جي تحويل ۾ مُتحرڪ ملڪيت لاءِ يا قرض لاءِ، جنهن جي ماليت جو منطقي ڏيان ۽ قانوني امڪان جي استعمال کانپوءِ، هُو تخمينو نٿو لڳائي سگهي،"، ۽ لفظن "ماليت، جتي اُها پڇاڙيءَ ۾ واقع هجي،" کانپوءِ "يا ماليت" شامل ٿيا.

3. جڏهن دعويٰ جو اصل موضوع، غير مُنتقل ٿيندڙ ملڪيت هجي: جڏهن دعويٰ غير مُنتقل ٿيندڙ ملڪيت تي هجي، ته دعويٰ جي درخواست ۾ ملڪيت جي ايتري قدر ڪيفيت لکڻ گهرجي، جنهن سان انهيءَ جي سُڃاڻپ ٿي سگهي، ۽ جيڪڏهن جاٽايل ملڪيت جي حدن يا بندوبست يا ماپ جي ڪاغذن جا نمبر لکيل هجن، ته دعويٰ جي درخواست ۾ انهيءَ جي وضاحت هئڻ گهرجي.

4. جڏهن دعويدار، نمائندي طور دعويٰ ڪري: جڏهن دعويدار، نمائندي طور دعويٰ جي درخواست داخل ڪري، ته دعويٰ جي درخواست ۾ نه رُڳو اهو ظاهر ڪيو ويندو، ته دعويدار، دعويٰ جي جواب ڏيندڙ جي مامري ۾ واقعي مقصد رکي ٿو پر اِهو به لکيو ويندو ته انهيءَ جي ڏيارڻ لاءِ جيڪا دعويٰ جي درخواست داخل ڪرڻ لاءِ ڪارروائي ضروري هئي، تنهن کي دعويدار عمل ۾ آڻي چُڪو آهي.

5. دعويٰ جي جواب ڏيندڙ جو مفاد ۽ ذميداري واضح هئڻ گهرجي: دعويٰ جي درخواست ۾ اِهو ظاهر ڪرڻ گهرجي، ته دعويٰ جي جواب ڏيندڙ جاٽايل دعويٰ سان ناتو رکي ٿو يا مقصد رکڻ جي دعويٰ ڪري ٿو ۽ انهيءَ ڳالهه جو ذميدار آهي، ته دعويدار جي جواب ڏيڻ جو مطالبو ڪانئس ڪرايو وڃي.

6. ميعادي قانون کان ڇوٽ جا بُنيادَ: جيڪڏهن دعويٰ جي درخواست انهيءَ عرصي کان پوءِ داخل ڪئي وڃي، جيڪو لميٽيشن قانون ۾ مقرر ٿيل آهي، تہ پوءِ دعويٰ جي درخواست ۾اهو لکيو ويندو، تہ دعويدار پنهنجي دعويٰ کي ڇو جاٽايل قانون جي اثر کان آجو سمجهي ٿو.

7. قانوني سهائتا کي وضاحت سان جاٽايو وڃي: دعويٰ ۾ دعويدار جي قانوني سهائتا پلي ساڳي هجي يا هڪ بجاءِ ٻي هجي، تنهن کي وضاحت سان واضح جاٽائڻ گهرجي، اِهو لکڻ ضروري نہ آهي، تہ قانوني سهائتا عام طور يا ٻئي ڏاڪي تي ڪئي وڃي، ڇاڪاڻ انهيءَ بابت عدالت سدائين جيڪو حق سمجهندي، سو فيصلو ڪندي. اهڙيءَ طرح جڻ انهيءَ جو حُڪم ڏنو ويو هجي ۽ اُهو قاعدو دعويٰ جي جواب ڏيندڙ تي بہ لاڳو ٿيندو.

8. قانوني سهائتا، الڳ سببن تي ٻڌل هجي: جڏهن دعويدار جون ڪجهہ مختلف دعوائون يا دعويٰ جا سبب ڌار ڌار سببن تي ٻڌل هجن، ۽ قانوني سهائتا گهرجي، تہ سيني کي ڪوشش ڪري ڌار ڌار جاٽايو وڃي.

[97][9. ڪارروائيءَ کانپوءِ دعويٰ جي درخواست جي منظوري: (1) دعويدار تي لازم آهي، تہ دعويٰ جي درخواست تي واضح لکي، يا انهيءَ سان گڏ اُنهن دستاويزن (جيڪڏهن ڪي هجن) جي هڪڙي فهرست شامل ڪري،جيڪا هُن درخواست (يعني دعويٰ) سان گڏ پيش ڪئي هجي.

(1-A) دعويدار پنهنجي دعويٰ جي درخواست سان گڏ پيش ڪندو:

(a) دعويٰ جي درخواست جا ايترائي سادي ڪاغذ تي نقل، جيترو دعويٰ جي جواب ڏيندڙن جو تعداد هجي، گڏوگڏ بہ وڌيڪ نقل، انهيءَ کانسواءِ تہ عدالت، دعويٰ جي درخواست جي گهڻي ڊيگهہ واري عبارت سبب دعويٰ جي جواب ڏيندڙن جي تعداد سبب، يا ڪنهن ٻئي معقول سبب انهيءَ کي اجازت ڏئي، تہ ايتري تعداد ۾ دعويٰ جي مختصر بيان کي اندازي سان پيش ڪري، جيڪا هُن انهيءَ قانوني سهائتا لاءِ داخل ڪئي هجي، جيڪا هُن مُقدمي جي درخواست ۾ گهري هجي، انهيءَ حالت ۾ متس لازم آهي، تہ اهڙو بيان ڏئي؛ ۽

(b) سمنن جي فارمن جو مُسودو ۽ سندن تعميل ڪرائڻ لاءِ فيس ڏئي.]

(2) جيڪڏهن دعويدار نگران طور دعويٰ داخل ڪري يا دعويٰ جي جواب ڏيندڙ تي يا دعويٰ جي جواب ڏيندڙن منجهان ڪنهن تي اِها مُقدمي جي نگران طور داخل ڪئي وڃي، تہ جاٽايل بيانن مان واضح ٿيڻ گهرجي، تہ دعويدار ڪهڙيءَ حيثيت سان دعويٰ يا دعويٰ جي جواب ڏيندڙن تي ڪهڙي حيثيت سان مُقدمو داخل ڪري ٿو يا دعويٰ جي جواب ڏيندڙن تي ڪهڙي حيثيت سان مُقدمو داخل ٿيو آهي.

(3) دعويدار کي اختيار آهي، تہ عدالت جي اجازت سان جاٽايل بيانن کي انهيءَ مقصد سان دُرست ڪري، تہ اُهي مضمون جي درخواست موجب ٿي وڃن.

---

[97] 1972ع جي آرڊيننس XII تحت اصلي ۾ ڦيرڦار ٿي.

(4) عدالت جو حُڪمن جي تعميل ڪندڙ اعليٰ اهلڪار انهيءَ يادداشت ۾ نقلن يا چاٽايل بيانن تي انهيءَ حالت ۾ صحيح ڪندو جڏهن هو اُنهن کي معائني وقت صحيح ڄاڻي.

هاءِ ڪورٽ ترميمون (سنڌ):

ذيلي قاعدي (1) ۾ لفظن "۽ جيڪڏهن مُقدمي جي درخواست کي قبول ڪيو وڃي ٿو... اهڙا بيانَ پيش ڪيا وڃن" لاءِ هيٺئين ريت تبديلي ٿي: "۽ مُقدمي جي درخواست سان گڏ سادي ڪاغذ تي اوتريون ڪاپيون پيش ڪيون وينديون، جيترا مُقدمي جا جواب ڏيندڙ هُجن؛ عدالت ۾ ڏنل درخواست ۾ مُقدمي جي درخواست جي اجائي پٽاڙ يا دعويٰ جي جواب ڏيندڙ جو تعداد يا ڪنهن ٻئي مجيل ڳالهہ لاءِ، ڪيل دعويٰ جي ٻين مُناسب سببن جي تعداد بجاءِ، يا مُقدمي ۾ دعويٰ ڪيل جامع بيانن کي گهربل امداد سان گڏ درخواست کي پيش ڪيو وڃي."

10. دعويٰ واريءَ درخواست جي واپسي: (1) دعويٰ جي درخواست جي واپسيءَ جي ڪنهن نؤيت تي انهيءَ عدالت ۾ داخل ٿيڻ لاءِ واپس ڪيو ويندو جنهن ۾ دعويٰ داخل ڪرڻ گهرجي.

(2) دعويٰ جي درخواست کي واپس ڪرڻ مهل جج، مُقدمي جي درخواست جي پُٺ تي انهيءَ جي داخل ٿيڻ جي تاريخ سميت واپسي جي تاريخ ۽ پيش ڪندڙ جو نالو ۽ انهيءَ ڳالهہ جو مختصر احوال لکندو تہ ڪهڙي سبب درخواست واپس ڪئي وئي.

11. دعويٰ جي درخواست جي نامنظوري: هيٺ لکيل حالتن ۾ دعويٰ جي درخواست کي نامنظور ڪيو ويندو:

a. جيڪڏهن دعويٰ جي درخواست مان دعويٰ جو ڪو سبب ظاهر نہ ٿيندو هجي؛

b. جيڪڏهن قانوني سمائتا جي ماليات جو تخمينو گهٽ لڳايو ويو هجي ۽ دعويدار انهيءَ عرصي ۾، جيڪو عدالت مُقرر ڪندي، عدالت جي حُڪم موجب ماليت ۾ سُڌارو نہ ڪري؛

c. جيڪڏهن قانوني سمائتا جي دعويٰ جو نبيرو واجبي ڪيو ويو هجي، پر دعويٰ جي درخواست جي قيمت کي استامپ تي لکيو ويو هجي ۽ جڏهن دعويدار کي عدالت حُڪم ڏئي، تہ هو عدالت طرفان مقرر عرصي منجهہ گهربل استامپ کي پُورو ڪري، پر هُو انهيءَ کان لاچار رهي؛

d. جيڪڏهن دعويٰ جي درخواست جي بيان مان، مُقدمي جي ڪنهن قانون پٽاندر ٻُڌڻيءَ جي روڪ هجي.

12. دعويٰ جي درخواست جي نامنظوريءَ کانپوءِ ڪارروائي: جڏهن دعويٰ جي درخواست کي نامنظور ڪيو وڃي، تہ جَج تي لازم آهي، تہ نامنظوريءَ جو حُڪم اُنهن سببن سميت لکي.

13. جڏهن دعويٰ جي درخواست جي نامنظوري، تازي دعويٰ جي درخواست پيش ڪرڻ ۾ رُڪاوٽ نہ هجي: دعويٰ جي درخواست جي نامنظوري، سمورن مٿي لکيل سببن آڌار رُڪاوٽ نہ ٿيندي، جو دعويدار انهيءَ دعويٰ بابت، اُنهن دستاويزن تي پروسو هوندي دعويٰ جي درخواست پيش نہ ڪري، جن تي دعويٰ جي درخواست ۾ دليل ڏنا وڃن.

14. اهڙن دستاويزن کي پيش ڪرڻ، جن جي بنياد دعويدار دعويٰ جي درخواست داخل ڪري: (1) جيڪڏهن دعويدار ڪن دستاويزن جي آڌار دعويٰ داخل ڪري، جيڪي هُن وٽ يا سندس اختيار ۾ هجن، تہ مٿس لازم آهي، تہ جاٽايل دستاويزن کي دعويٰ داخل ڪرڻ وقت عدالت ۾ پيش ڪري ۽ دستاويز يا اُنهن جو هڪڙو نقل دعويٰ جي درخواست سان گڏ شامل ڪري، اُهي انهيءَ مهل عدالت کي سونپي.

(2) ٻين دستاويزن جي فهرست: جيڪڏهن دعويدار ڪنهن ٻئي دستاويز تي پنهنجي دعويٰ جي پُنيرائيءَ ۾ ثبوت طور دليل ڏئي، پوءِ ڀلي اُهي هُن وٽ يا سندس اختيار ۾ هجن يا نہ هجن، تہ مٿس لازم آهي، تہ مٿي جاٽايل دستاويزن کي هڪڙي فهرست ۾ لکي، جن کي دعويٰ جي درخواست ۾ شامل يا انهيءَ سان گڏ شامل ڪري.

هاءِ ڪورٽ ترميمون (اُتر ـ اولهہ سرحدي صوبو):

ذيلي قاعدي(2) ۾ شامل ٿيو "۽ اهڙا دستاويز پڻ پيش ڪندو جيئن اُهي سندس تحويل يا اختيار ۾ هُجن."

15. اُنهن دستاويزن جي حالت ۾ بيانَ، جڏهن اُهي دعويدار جي تحويل يا اختيار ۾ نہ هجن: جيڪڏهن ڪي اهڙا دستاويز دعويدار وٽ يا سندس اختيار ۾ نہ هجن، تہ جيستائين ممڪن ٿئي، دعويدار اِهو ظاهر ڪندو، تہ اُهي ڪنهن جي تحويل يا اختيار ۾ آهن.

16. جڏهن ڪو مُقدمو ڪنهن مُنتقل ٿيندڙ ڪاغذ تي ٻڌل هجي ۽ مٿي جاٽايل ڪاغذ جو گُم ٿيڻ ثابت هجي ۽ دعويدار انهيءَ ڳالهہ جو اقرارنامو اطمينان موجب عدالت کي لکي ڏيندو، تہ پوءِ جيڪڏهن ڪو ٻيو شخص انهيءَ ڪاغذ پٽاندر دعويٰ ڪري، تہ انهيءَ جو جوابُ هُو ڀاڙُ ڏيندو تہ عدالت اهڙيءَ طرح ڊِڪري جاري ڪري سگهندي، تہ جيئن انهيءَ حالت ۾ جاري ڪري ها، جڏهن دعويدار مٿي جاٽايل ڪاغذ کي پنهنجي دعويٰ جي درخواست سان گڏ عدالت ۾ پيش ڪري ها ۽ انهيءَ ڪاغذ سميت دعويٰ جي درخواست جو هڪڙو نقل انهيءَ سان گڏ شامل هئڻ لاءِ داخل ڪري ها.

17. دُڪان جي حسابن جو ڪاتو پيش ڪرڻ: (1) بئنڪن جي ڪتابي شاهديءَ جو ائڪٽ، 1891ع (1891ع جو بئنڪرز بُوڪ ايويڊينس ائڪٽ) جي مٿي جاٽايل هڪڙي شاهديءَ جي رعايت جي حالت ۾ جيڪڏهن دستاويز، جنهن پٽاندر دعويدار ٺياڪڙ هجي، ڪنهن ڪاتي يا ٻئي ڪاتي جي رقم هجي، جيڪا هُن وٽ يا سندس اختيار ۾ هجي، تہ دعويدار تي لازم آهي، تہ دعويٰ جي درخواست داخل ڪرڻ مهل هُو اصلي ڪاتو ۽ رقم جي نقل پيش ڪري، جنهن تي هُن جو دليل هُجي.

(2) عدالت يا اُهو اهلڪار، جنهن کي عدالت ۾ انهيءَ ڪم لاءِ مقرر ڪري، ترت انهيءَ دستاويز جي سچائپ لاءِ ڪجهه نشان لڳائيندو ۽ نقل کي معائني ۽ اصل سان ڀيٽائيندو ۽ جيڪڏهن نقل کي صحيح ڄاتو وڃي، ته انهيءَ جي دُرستيءَ جي تصديق لکي، اصل دعويدار کي واپس ڪندو ۽ انهيءَ جي نقل کي دعويٰ سان گڏ شامل ڪندو.

هاءِ ڪورٽ ترميمون (لاهور):

قاعدي 17 جي ذيلي قاعدي (2) کانپوءِ هيٺيون مواد شامل ٿيو.

"وضاحت: جڏهن ڪو حسابن ڪتابن جو کاتو يا ٻيو حساب ڪتاب، انگريزي يا عدالت جي ٻوليءَ بجاءِ ڪنهن ٻيءَ ٻوليءَ ۾، لاڳاپيل حسابن ڪتابن جي اصلي داخلا جي ترجمي يا هڪڙي کان ٻيءَ ٻوليءَ ۾ ترجمي سان پيش ڪيو وڃي، ته پيش ڪندڙ ڌُر لاءِ اهو لازمي نه هوندو، ته اُها انهيءَ حساب ڪتاب جي ترجمي يا هڪڙي کان ٻيءَ ٻوليءَ ۾ ترجمي جي دُرستگيءَ بابت ڪو الڳ حلفيه دستاويز پيش ڪري، پر پاڻُ دستاويزن سان گڏ هڪڙو سرٽيفڪيٽ شامل هوندو، ته اهو حسابن جي اصلي داخلا جو مڪمل ۽ سچو ترجمو ۽ هڪڙي کان ٻيءَ ٻوليءَ ۾ ترجمو آهي، ۽ عدالتي آفيسر طرفان جائزي يا ڇنڊڇاڻ جي ڪابه ضرورت نه پوندي، انهيءَ کانسواءِ ته عدالت انهيءَ ڏس ۾ ڪو خاص حُڪم جاري ڪري."

18. جڏهن دعويٰ جي درخواست داخل ڪرڻ مهل دستاويز کي پيش نه ڪيو وڃي، ته پوءِ ڪين نه قبوليو ويندو: (1) جڏهن دعويدار دعويٰ جي درخواست داخل ڪرڻ مهل عدالت ۾ دستاويز پيش ڪرڻ يا جيڪي فهرست دعويٰ جي درخواست سان گڏ داخل ڪرڻ ضروري هجي، جيڪڏهن دستاويز کي ايئن پيش نه ڪيو وڃي يا داخل نه ڪيو وڃي، ته مُقدمي جي ٻُڌڻي وقت عدالت جي اجازت بغير انهيءَ دستاويز کي ثبوت جو سبب نه سمجهيو ويندو.

(2) هن قلم جي ڪابه عبارت اُنهن دستاويزن سان لاڳاپيل نه آهي، جيڪا دعويٰ جو جوابَ ڏيندڙن کان آڏيءَ پُڇا جا سُوال پُڇڻ لاءِ يا ڪنهن مُقدمي ۾ جيڪي جواب دعويٰ جو جوابَ ڏيندڙن ڏنا هجن، عدالت ۾ پيش ٿين يا جيڪي ڪنهن شاهد کي رُڳو سندس يادگيريءَ لاءِ ڏنا وڃن.

19. دعويٰ جي درخواست سان گڏ پتو شامل ڪيو وڃي: (1) هر دعويٰ يا پٽيشن جي درخواست سان گڏ لازم آهي، ته ڪارروائي ڏني وڃي ۽ انهيءَ پتي کي ٻُڌايو وڃي، جنهن تي نوٽيس، سَمن ۽ ٻي قانوني ڪارروائي، دعويدار کي يا دعويٰ جو جوابَ ڏيندڙ کي موڪلي وڃي.

(2) دعويدارن يا دعويٰ جي جوابَ ڏيندڙن کي شامل ڪرڻ کان پوءِ لازم آهي، ته ايئن شامل ٿيندي ئي انهيءَ نوعيت جي ڪارروائي کي درخواست سان گڏ شامل ڪيو وڃي.

(3) جيڪي پتا ڄاڻايل قاعدي تحت درخواست سان گڏ شامل ڪيا ويندا، تن کي انهيءَ رجسٽر ۾ لکيو ويندو جيڪو (رجسٽر) اهڙن مُقدمي جي دعوائن لاءِ هجي، جنهن کي حُڪم 4، قاعدي 2 تحت ٺاهيو ويو هجي.

20. دعويٰ جي درخواست سان گڏ پٽن جي نوعيت شامل هوندي: تعميل ڪرائڻ لاءِ پٽو جيڪو قاعدي جي ڪارروائي تحت درخواست سان گڏ شامل ڪيو ويجي، تنهن کي ڊسٽرڪٽ ڪورٽ جي مقامي حدن اندر هئڻ گهرجي، جنهن ۾ دعويٰ يا درخواست داخل ڪئي ويئي هجي، يا انهيءَ ڊسٽرڪٽ ڪورٽ جي حدن منجهه، جنهن ۾ ڌُر عام طور رهندي هجي.

21. دعويٰ سان گڏ پٽو شامل نہ ڪرڻ جو نتيجو: جڏهن ڪو دعويدار يا درخواست داخل ڪندڙ تعميل ڪرڻ لاءِ درخواست سان پٽي کي شامل ڪرڻ کان لاچار رهي، تہ اُهو انهيءَ ڳالھ کي داخل ڪرڻ جو حقدار هوندو تہ انهيءَ جي درخواست کي اُن عدالت طرفان خارج ڪيو وڃي، يا انهيءَ کي نامنظور ڪيو وڃي، يا اُها ڌُر کي اهڙو حُڪم ڏئي سگهي ٿي، جيئن اُها مُناسب سمجهي.

اسلام آباد هاءِ ڪورٽ، سِول پروسيجر ڪوڊ 1908ع ۾ ترميم:

[98]S.R.O.579(1)/2014]:- سِول پروسيجر ڪوڊ 1908ع جي قلم 122 تحت عطا ٿيل اختيارن ۽ انهيءَ پاران ٻين سيني بااختيار بنائيندڙ اختيارن جي استعمال ۾، اسلام آباد هاءِ ڪورٽ، اسلام آباد هِتي سِول پروسيجر ڪوڊ 1908ع جي حُڪم VII جي قاعدي 21 ۽ حُڪم VIII جي قاعدي 12 ۾ هيٺيون ترميمون ڪري ٿي:-

1. سِول پروسيجر ڪوڊ 1908ع جي حُڪم VII جي قاعدي 21 ۾، لفظ "خدمت" کانپوءِ ۽ لفظ "هُن" کان اڳ هيٺيان جملا/ لفظ شامل ڪيا ويندا:

"عدالت هُن کي اهڙي ائڊريس داخل ڪرڻ جي هدايت ڪري سگهي ٿي، ۽ جيڪڏهن هُو ڪيس موقعو ڏيڻ کانپوءِ ايئن ڪرڻ ۾ ناڪام رهي ٿو."

2. سِول پروسيجر ڪوڊ 1908ع جي حُڪم VIII جي قاعدي 12 ۾، لفظ "قاعدي" کانپوءِ ۽ لفظ "هُن" کان اڳ هيٺيان جملا/ لفظ شامل ڪيا ويندا:

"عدالت هُن کي اهڙي ائڊريس داخل ڪرڻ جي هدايت ڪري سگهي ٿي، ۽ جيڪڏهن هُو ائڊريس داخل ڪرڻ جو ڪيس موقعو ڏيڻ کانپوءِ ايئن ڪرڻ ۾ ناڪام رهي ٿو."]

22. طريقيڪار جڏهن ڌُر کي پٽي تي موجود نہ ڏٺو وڃي: (1) جيڪڏهن ڪنهن ڌُر کي انهيءَ پٽي تي نہ ڏٺو وڃي، جيڪو هُن تعميل لاءِ ڏنو هجي، ۽ ڪو گُماشتو يا انهيءَ ڪُٽنب جو ڪو سامايل مرد، جنهن تي نوٽيس، سَمن يا ٻي قانوني ڪارروائيءَ جي تعميل ٿي سگهندي هجي، موجود نہ هجي (تڏهن) نوٽيس، سَمن يا ٻي قانوني ڪارروائي جي هڪڙي نقل کي، سندس گهر جي ٻاهرئين دروازي تي چنبڙايو ويندو.

(2) جيڪڏهن انهيءَ تاريخ تي، جيڪا مُقرر ٿي هجي، اهڙي ڌُر حاضر نہ ٿئي، تہ ٻي تاريخ مُقرر ڪئي ويندي ۽ نوٽيس سَمن يا ٻي قانوني ڪارروائي جو هڪڙو نقل، مٿي ڄاڻايل پٽي تي رجسٽري ٽپال ذريعي موڪليو ويندو، ۽ ايئن موڪلڻ لاءِ سمجهيو ويندو تہ اُهو ايترو ئي اثرائتو آهي، جيترو جڏهن نوٽيس سَمن يا ٻي قانوني ڪارروائي انهيءَ کي هٿوهٿ تعميل ڪرائي ويئي هجي.

---

[98] پاڪستان جي گزيٽ، غيرمعمولي، ڀاڱو II، اسلام آباد تاريخ 27 جُون 2014ع، صفحو 2081 تي ڇپيو.

23. پيروي ڪندڙ وڪيل تي تعميل: جڏهن ڪا ڌُر مُقدمي جي پيرويءَ لاءِ ڪو وڪيل ڪري ونئي، تہ انهيءَ تي تعميل لاءِ نوٽيس يا سمن يا ٻيون قانوني ڪارروايون، ايئن تعميل ڪرايون وينديون، جيئن حُڪم 3، قاعدي 5 ۾ ڄاڻايو ويو آهي، انهيءَ ڪانسواءِ تہ عدالت هدايت ڪري، تہ انهيءَ پتي تي موڪليو وڃي، جيڪو انهيءَ ڌُر تعميل لاءِ ڏنو هجي.

24. پتي ۾ تبديلي: هڪڙي ڌُر جيڪا چاهيندي هجي، تہ انهيءَ جو تعميل ڪرائڻ لاءِ پتو تبديل ڪيو وڃي، تہ انهيءَ کي اڳ ۾ ڄاڻايل طريقي تي هڪڙي تصديق ٿيل درخواست داخل ڪرڻي پوندي ۽ عدالت ريڪارڊ ۾ مناسب ترميم ڪرڻ جو حُڪم ڏيندي، اهڙي درخواست جو نوٽيس ٻيءَ دعوي ڪندڙ ڌُر کي ايئن ڏنو ويندو جيئن عدالت ڄاڻائڻ لاءِ ضروري سمجهي، ۽ انهيءَ کي وڪيلن تي تعميل ڪرايو ويندو جيڪي اهڙي ڌُر جا هُجن، يا ڪين رجسٽري ٽپال ذريعي موڪليو ويندو جيئن عدالت مُناسب سمجهي.

25. ٻين طريقن سان تعميل ڪرائڻ: اُنهن قاعدن ۾ ڪا ڳالهہ نوٽيس، سمن ۽ ٻين قانوني ڪارروائين جي تعميل ڪرائڻ جي ڪنهن ٻئي طريقي سان هدايت ڏيڻ ۾ عدالت ۾ رُڪاوٽ نہ بڻبي، جيڪڏهن ڪنهن بہ سبب سان انهيءَ کي مُناسب معلوم هجي، تہ ايئن ڪرڻ گهرجي.

26. دعويدار جي قانوني نمائندن جي قانوني فهرست: (1) هر دعوي جي درخواست ۾ انهيءَ نوعيت جي، جنهن جو حوالو قاعدي 3، حُڪم 22 ۾ ڏنو ويو دعوي جي درخواست سان گڏ بيانَ شامل هوندو، جنهن ۾ هينيان تفصيل هوندا:

(a) اُنهن شخصن جا نالا ۽ پتا، جيڪي دعويدار جي فوت ٿيڻ جي حالت ۾، سندس قانوني نمائندن طور ڌُر بنائي سگهجن.

(b) نالو ۽ پتو انهيءَ شخص جو جيڪو دعويدار جي فوت ٿيڻ جي حالت ۾ اهڙي واقعي بابت عدالت کي ٻڌائي، دعويدارن جي قانوني نمائندن جا نالا، پتا، ۽ تفصيل عدالت کي پيش ڪري ۽ قانوني نمائندن کي ڌُر بنائڻ بابت درخواست ڏئي.

(2) دعويدار ڪنهن بہ وقت تي:

(a) عدالت ۾ ترميم ٿيل فهرست، درخواست سان گڏ، پنهنجي قياسي قانوني نمائندن کي شامل ڪري سگهي ٿو.

(b) ڪنهن ٻئي شخص کي، انهيءَ شخص جي جڳهہ تي نامزد ڪري سگهي ٿو جنهن کي ذيلي قاعدي (1) جي شِق (b) تحت انهيءَ شِق جي مقصدن لاءِ نامزد ڪيو ويو هجي.

(3) ذيلي قاعدي (1) جي شِق (b) تحت جيڪا نامزدگي ڪئي وئي هجي، جيستائين ذيلي قاعدي (2) جي شِق (b) تحت ترميم نہ ڪرائي وڃي، لاڳو رهندي، مقدمي جي دعوي جي پوري عرصي تائين ۽ ڪنهن ڪارروائين تائين، اپيل جي نگراني ۽ نظرثاني سميت، جيڪي انهيءَ سبب پيدا ٿين.

*

هاءِ ڪورٽ ترميم (سنڌ):

هينئين نون قاعدن 19 _26 کي شامل ڪيو ويو:

"19. اصلي دعويٰ يا درخواست سان گڏ پتو شامل ڪيو وڃي:_ هر درخواست يا اصلي دعويٰ سان گڏ هڪڙي لکيل يادداشت شامل هوندي. جنهن ۾ ائڊريس ڏنل هوندي. جنهن تي مُدعي يا درخواست ڪندڙ طرفان نوٽيس يا سمن يا ڪو ٻيو طريقيڪار تعميل ٿي سگهي. مُدعي يا درخواست ڪندڙ اهڙيءَ طرح ايئن شامل ڪندي انهيءَ نوعيت جو لکت ۾ هڪڙو يادداشت داخل ڪندو.

20. دعويٰ جي درخواست سان گڏ ائڊريس جي نوعيت شامل هوندي:_ قاعدي جي ڪارروائي تحت تعميل لاءِ داخل ڪيل ائڊريس، ضلعي عدالت جي مقامي حدن جي دائري ۾ هوندي، جنهن ۾ مُقدمو يا دعويٰ داخل ڪئي وڃي، يا جيڪڏهن هُو مٿي ڄاڻايل سهوليت سان ائڊريس نٿو ڏئي سگهي، جتي ڪا ڌُر عام رواجي طور رهندي هجي.

21. دعويٰ سان گڏ ائڊريس شامل ڪرڻ ۾ ناڪاميءَ جو نتيجو:_ جڏهن ڪو دعويدار يا درخواست داخل ڪندڙ سمن تعميل ڪرڻ لاءِ درخواست سان گڏ ائڊريس کي شامل ڪرڻ ۾ ناڪام ٿئي ٿو ته هُو انهيءَ ڳالهه جو ذميدار هوندو. ته سندس دعويٰ يا درخواست کي اُها عدالت پاڻمرادو خارج ڪري ڇڏي. يا انهيءَ ڏس ۾ ڪا ڌُر اهڙي حُڪم لاءِ درخواست ڏئي سگهي ٿي، ۽ عدالت اهڙو حُڪم ڏئي سگهي ٿي. جنهن کي اُها مُنصفاڻو سمجهي.

22. طريقيڪار جڏهن ڌُر ائڊريس تي موجود نہ هُجي:_ جيڪڏهن ڪا ڌُر انهيءَ ائڊريس تي موجود نہ هُجي، جيڪا سمن جي تعميل لاءِ ڄاڻائي ويئي هجي. ۽ ڪوبہ گُماشتو يا انهيءَ ڪُٽنب جو ڪو بالغ مرد ياتي اُتي موجود نہ هجي، جنهن کي نوٽيس يا سمن تعميل ٿي سگهندو هجي، تڏهن نوٽيس يا سمن جو هڪڙو نقل. سندس گهر جي ٻاهرئين دروازي تي چنبڙايو ويندو. جيڪڏهن مُقدمي جي مُقرر تاريخ تي اهڙي ڌُر حاضر نہ ٿئي، تہ پوءِ هڪڙي ٻي تاريخ مُقرر ڪئي ويندي ۽ نوٽيس يا سمن جو هڪڙو نقل، مٿي ڄاڻايل ائڊريس تي مجتنا لاءِ (جنهن جي اڳواٽ ادائيگي. ٻُڌڻيءَ لاءِ اصلي مُقرر تاريخ کان هڪ مهينو اڳ ۾ ڪئي ويندي) رجسٽري ٽپال ذريعي موڪليو ويندو ۽ اهڙي روانگيءَ کي سمجهيو ويندو تہ اُها ايترو ئي اثرائتي آهي، جيترو جڻ نوٽيس يا سمن کي شخصي طور تعميل ڪرايو ويو هجي.

23. پيروي ڪندڙ وڪيل تي نوٽيس جي تعميل: جڏهن ڪا ڌُر. مُقدمي جي پيرويءَ لاءِ ڪنهن وڪيل کي مُقرر ڪري، تہ انهيءَ وڪيل ذانهن تعميل لاءِ نوٽيس يا سمن ايئن موڪليا ويندا. جيئن قانوني حُڪم 3 جي قاعدي 5 ۾ ڄاڻايو ويو آهي. جيستائين عدالت. ڌُر طرفان تعميل لاءِ ڏنل ائڊريس تي تعميل جي هدايت نہ ڪري.

24. ائڊريس ۾ تبديلي: هڪڙي ڌُر. جيڪا سمن جي تعميل لاءِ اڳ ۾ ڄاڻايل ائڊريس ۾ تبديلي ڪرائڻ چاهيندي هجي. تہ انهيءَ کي تصديق ٿيل هڪڙي نئين درخواست ڏيڻي پوندي ۽ عدالت انهيءَ موجب ريڪارڊ ۾ مناسب ترميم جو حُڪم ڏئي سگهي ٿي. اهڙي يادداشت جو نوٽيس مُقدمي جي اهڙي

ٻيءَ ڌُر کي ڏنو ويندو جيئن عدالت انهيءَ کي چاڻائڻ لاءِ ضروري سمجهي، ۽ انهيءَ نوٽيس کي اهڙين ڌُرين جي پيروي ڪندڙ وڪيلن کان پڻ تعميل ڪرايو ويندو يا اُنهن ڏانهن رجسٽري پوسٽ ذريعي موڪليو ويندو جيئن عدالت مُناسب سمجهي.

25. جن قاعدن جي عدالت پابند نہ هوندي: اُنهن قاعدن ۾ ڪابہ ڳالھ عدالت کي ڪنهن بہ انداز ۾ سمن يا نوٽيس جي تعميل لاءِ هدايتون ڏيڻ کان نہ روڪيندي، جيڪڏهن ڪن سببن ڪري، اُها انهيءَ کي ايئن ڪرڻ مُناسب چاڻندي هُجي.

26. قانوني حُڪم 21، قاعدي 22 تحت نوٽيس جو عملدرآمد:۔ قاعدن ۾ ڪابہ ڳالھ موجود نہ هوندي، جيڪا قانوني حُڪم 21، قاعدي 22 تحت تجويز ٿيل نوٽيس تي لاڳو ٿيندي"

هاءِ ڪورٽ ترميم (لاهور):

هيٺئين نون قاعدن 19 ـ25 کي شامل ڪيو ويو:

"19. هرهڪ درخواست يا اصلي دعوي سان گڏ ائڊريس شامل هوندي، جنهن تي مُدعي يا درخواست ڏيندڙ طرفان نوٽيس يا سمن يا ڪو ٻيو طريقيڪار تعميل ٿي سگهي. مُدعي يا درخواست ڏيندڙ اهڙيءَ طرح ايئن شامل ڪرڻ خاطر انهيءَ نوعيت جو لکت ۾ هڪڙو يادداشت داخل ڪندو.

20. اڳوٽي قاعدي جي ڪارروائي تحت تعميل لاءِ داخل ڪيل ائڊريس، ضلعي عدالت جي مقامي حدن جي دائري ۾ هوندي، جنهن ۾ مُقدمو يا دعوي داخل ڪئي وڃي، يا ضلعي عدالت جي مقامي حدن جي دائري ۾ هوندي، جنهن ۾ رواجي طور اُها ڌُر رهندي هُجي، جڏهن اُها ڌُر لاهور هاءِ ڪورٽ جي علائقائي حدن منجهہ رهندي هُجي.

21. جڏهن ڪو دعويدار يا درخواست داخل ڪندڙ سمن جي تعميل لاءِ درخواست سان گڏ ائڊريس کي شامل ڪرڻ ۾ ناڪام ٿئي، تہ هُو انهيءَ ڳالھ جو ذميدار هوندو تہ سندس دعوي يا درخواست کي اُها عدالت پاڻمرادو خارج ڪري ڇڏي، يا انهيءَ کي رَدُ ڪيو وڃي يا انهيءَ ڏس ۾ ڪا ڌُر اهڙي حُڪم لاءِ درخواست ڏئي سگهي ٿي، ۽ عدالت اهڙو حُڪم ڏئي سگهي ٿي، جنهن کي اُها مُنصفاڻو سمجهي.

22. جيڪڏهن ڪا ڌُر انهيءَ ائڊريس تي موجود نہ هُجي، جيڪا سمن جي تعميل لاءِ چاڻائي وئي هجي، ۽ ڪوبہ گُماشتو يا انهيءَ ڪُٽنب جو ڪو بالغ مرد ياتي اُتي موجود نہ د حي، جنهن تي نوٽيس يا سمن تعميل ٿي سگهندو هجي، تڏهن نوٽيس يا سمن جو هڪڙو نقل، سندس گهر جي ٻاهرئين دروازي تي چنبڙايو ويندو. جيڪڏهن مُقدمي جي مُقرر تاريخ تي اهڙي ڌُر حاضر نہ ٿئي، تہ پوءِ هڪڙي ٻي تاريخ مُقرر ڪئي ويندي ۽ نوٽيس يا سمن يا قانوني طريقيڪار جو هڪڙو نقل، مٿي چاڻايل ائڊريس تي رجسٽري ٽپال ذريعي موڪليو ويندو ۽ اهڙي روانگيءَ کي سمجهيو ويندو تہ اُها ايترو ئي اثرائتي آهي، جيترو جڏهن نوٽيس يا سمن يا قانوني طريقيڪار کي شخصي طور تعميل ڪرايو ويو هجي.

23. جڏهن ڪا ڌُر مُقدمي جي پيرويءَ لاءِ ڪنهن وڪيل کي مُقرر ڪري، تہ انهيءَ وڪيل ڏانهن نوٽيس يا سمن يا قانوني طريقيڪار تعميل لاءِ ايئن موڪليا ويندا، جيئن قانوني حُڪم 3 جي قاعدي 5 ۾ چاڻايو ويو آهي، جيستائين عدالت، ڌُر طرفان تعميل لاءِ ڏنل ائڊريس تي تعميل جي هدايت نہ ڪري.

24. هڪڙي ڌُر جيڪا سَمن جي تعميل لاءِ اڳ ۾ ڄاڻايل ائڊريس ۾ تبديلي ڪرائڻ چاهيندي هجي، تہ انهيءَ کي تصديق ٿيل هڪڙي نئين دعوي جي درخواست ڏيڻي پوندي ۽ عدالت انهيءَ موجب ريڪارڊ ۾ مناسب ترميم جو حُڪم ڏئي سگهي ٿي. اهڙي دعوي جو نوٽيس مُقدمي جي اهڙي ٻيءَ ڌُر کي ڏنو ويندو جيئن عدالت انهيءَ کي ڄاڻائڻ لاءِ ضروري سمجهي، ۽ انهيءَ نوٽيس کي اهڙين ڌُرين جي پيروي ڪندڙ وڪيلن کان پڻ تعميل ڪرايو ويندو يا اُنهن ڏانهن رجسٽري پوسٽ ذريعي موڪليو ويندو جيئن عدالت مُناسب سمجهي.

25. اُنهن قاعدن ۾ موجود ڪابہ ڳالهہ عدالت کي سَمن يا نوٽيس يا ڪنهن ٻئي انداز ۾ ڪنهن ٻئي طريقيڪار جي تعميل لاءِ هدايتون ڏيڻ کان نہ روڪيندي، جيڪڏهن ڪن سببن ڪري، اُها انهيءَ کي ايئن ڪرڻ مُناسب ڄاڻندي هُجي."

هاءِ ڪورٽ ترميم (اُتر۔ اولهہ سرحدي صوبو):

هينئين نون قاعدن 19۔22 کي شامل ڪيو ويو:

"19. لاهور هاءِ ڪورٽ ۾ قاعدي 19 جيان ساڳيو.

20. لاهور هاءِ ڪورٽ ۾ قاعدي 20 جيان ساڳيو پر لفظن "لاهور هاءِ ڪورٽ جي قانوني علائقائي حدن جي" ڪانسواءِ، جتي لفظَ " اُتر۔ اولهہ سرحدي صوبي جي هاءِ ڪورٽ جي" جا لفظ جاءِ والاريندا."

21. لاهور هاءِ ڪورٽ ۾ قاعدي 21 جيان ساڳيو.

22. لاهور هاءِ ڪورٽ ۾ قاعدي 22 جيان ساڳيو."

عدالتي حُڪم -VIII

لکيل بيانَ ۽ ڇُوٽ

1. لکيل بيانَ: دعوي جو بچاءُ ڪندڙ پابند هوندو پهرين ٻُڌڻيءَ تي يا انهيءَ کان اڳ يا اهڙي وقت ۾ جنهن جي عدالت اجازت ڏئي، تہ پنهنجي صفائي لاءِ اچي، پنهنجو هڪڙو لکيل بيانَ پيش ڪندو:

[1][پر شرط هيءَ آهي، تہ لکيل بيانَ ڏيڻ لاءِ جيڪا مُدت ڏني وئي هجي، سا [2][تيهن] ڏينهن کان وڌيڪ نہ هجي.]

هاءِ ڪورٽ ترميم (لاهور):

هينئين قاعدي 1 کي "بچاءُ" ڪانپوءِ شامل ڪيو وڃي:

[1] 1972ع جي آرڊيننس XII تحت شامل ٿيو.

[2] 1994ع جي ديواني قانوني سُڌارا ائڪٽ XIV تحت ڦيرڦار ٿي.

”اهڙي لکيل بيان سان، يا جيڪڏهن لکيل بيان نہ هُجي، تہ پهرئين ٻُڌڻيءَ مهل عدالت ۾ پنهنجي تحويل يا اختيار ۾ موجود سمورن دستاويزن کي پيش ڪندو، جنهن تي هُو پنهنجي بچاءَ جو بُنياد رکندو هجي يا اُنهن تي ڪا دعويٰ رکندو هجي.

2. جڏهن هُو پنهنجي بچاءَ يا دعويٰ جي پُٺڀرائيءَ ۾ شاهديءَ طورڪن ٻين دستاويزن تي پروسو ڪندو هجي، تہ هُو لکيل بيان ۾ اهڙن دستاويزن جي فهرست داخل يا شامل ڪندو، يا جڏهن پهرئين ٻُڌڻيءَ تي لکيل بيان پيش نہ ڪيو ويو هُجي. جيڪڏهن اهڙي فهرست کي شامل يا پيش نہ ڪيو ويو هُجي، تہ مُدعي کي دستاويزن جي فهرست پيش ڪرڻ لاءِ وڌيڪ ڏهن ڏينهن جي عرصي جي اجازت ڏني ويندي.

3. ڪو دستاويز، جنهن ۾ ذيلي شِق (2) ۾ حوالو ڏنل فهرست کي شامل ڪرڻ گهرجي، پر انهيءَ کي اجا داخل نہ ڪيو ويو هُجي، تہ عدالت جي اجازت کانسواءِ، مُقدمي جي ٻُڌڻيءَ تي مُدعيءَ پاران شاهديءَ ۾ وصول نہ ڪيو ويندو.

4. انهيءَ قاعدي ۾ موجود ڪا بہ ڳالهہ مُدعي جي شاهدن کان شاهديءَ لاءِ دستاويز پيش ڪرڻ تي لاڳو نہ ٿيندي يا ڪنهن شاهد کي رُڳو پنهنجي يادگيريءَ کي تازي ڪرڻ لاءِ دستاويز سندس هٿ ۾ ڏنو وڃي.

هاءِ ڪورٽ ترميم (لاهور):

لاهور هاءِ ڪورٽ طرفان جاري ٿيل نوٽيفڪيشن نمبر 300، رولز XI-Y-26/، تاريخ 2 آڪٽوبر 2001ع ذريعي شامل ٿيو. (2002ع PLD، پنجاب قانون 122)

(i) لفظ ”تي سگهي يا جيڪڏهن عدالت طرفان گهربل هُجي“ کي خارج ڪيو ويندو.

(ii) پهرئين شرط کانپوءِ، وباچ شرط کي شامل ڪيو ويندو:-

”وڌيڪ شرط هيءَ آهي، تہ لکيل بيان کي پيش ڪرڻ لاءِ ٻُڌڻيءَ جي ڪارروائين کي بہ پيرا مُلتوي ڪرڻ کان وڌيڪ وقت نہ ڏنو ويندو.“

هاءِ ڪورٽ ترميمون (اُتر- اولهہ سرحدي صوبو):

ذيلي شِق (2) طور وباچ کي شامل ڪيو ويو.

”مُدعي لکيل بيان پيش ڪرڻ مهل، جنتي هُو ڪن دستاويزن تي پروسو ڪندو هُجي، (چاهي اُهي سندس تحويل يا اختيار ۾ هُجن يا نہ)، اهڙن دستاويزن کي فهرست ۾ شامل ڪندو ۽ اُهي دستاويزَ پيش ڪندو، جيڪي سندس تحويل يا اختيار ۾ هُجن.“

2. لکيل بيان ۾ خاص طور نيون حقيقتون لکيل هئڻ گهرجن: دعويٰ جي جواب ڏيندڙ تي لازم آهي، تہ پنهنجي لکيل بيان ۾ سمورن اهڙن مامرن کي گڏ ڄاڻائي، جنهن مان ظاهر ٿيندو هجي، تہ مُقدمو نٿو هلي سگهي، تہ جيئن مامري کي قانون موجب رَد يا قابل رَدُ ڪوٺڻ ۽ اهڙا سمورا جواب ڏيڻ سان گڏ دعوائون بہ لکي، جو جيڪڏهن انهن ۾ نہ لکيون وڃن ۽ پوءِ پيش ڪيون وڃن، تہ مخالف ڌُر کي ساڳئي وقت جواب ڏيڻ ۾ ڏُکيائي ٿيندي هجي يا حقيقت کي نبيرڻ لاءِ اهڙو مامرو پيدا ٿي وڃي، جيڪو دعويٰ جي درخواست سان پيدا ٿيندو هجي، مثال طور دوکو يا ٻُڌڻي جي حد يا هٿ کڻڻ يا ادائيگي يا معاهدي جي تعميل جهڙا واقعا، جن سان جواب پڌرو نہ ٿيندو هجي.

3. انڪار واضح هئڻ گهرجي: دعويٰ جي جواب ڏيندڙ لاءِ رُڳو اهو ڪافي نہ ٿيندو تہ لکيل بيان ۾ اُنهن سببن جو انڪاري بيان، جيڪو دعويدار طرفان ڏنو ويجي، ڪُلي عام ڪري ڇڏي. پر هُن تي لازم آهي، تہ هر واقعي بابت، جنهن کي هُو صحيح نہ مڃيندو هجي، تنهن کي سببن سان گڏ وضاحت سان لکي، تہ هُن انهيءَ کي نہ مڃيو آهي.

4. ٻُڌتر وارو انڪار: جيڪڏهن دعويٰ جو جواب ڏيندڙ مٿي ڄاڻايل دعويٰ جي درخواست کان انڪار ڪري، تہ هُن کي گهرجي، تہ ٻُڌتر نہ ڪري، پر جواب صاف ڏئي. مثال طور جيڪڏهن دعويٰ جي درخواست ۾ بيان ڪيو ويجي، تہ هُن کي فلاڻي رقم نہ ملي، تہ جواب ايتري قدر ڪافي نہ هوندو تہ اُها رقم نہ ملي، پر انڪار واضح طور انهي سموري يا ٿوري رقم سان ٿيڻ گهرجي، نہ تہ اهو لکڻ گهرجي، تہ هيترا رپيا مليا ۽ جيڪڏهن انهيءَ سان گڏ مختلف حالتن جو ڪو واقعو هجي، تہ انهيءَ کان انڪار ڪافي نہ هوندو.

5. واضح اِنڪار: دعويٰ جي درخواست ۾ ڄاڻايل هر واقعي جنهن ۾ انڪار وضاحت سان نہ ڪيو وڃي يا سمجهيو نہ وڃي يا بيان نہ ڪيو وڃي، تہ دعويٰ جي جواب ڏيندڙ جي دعويٰ جي درخواست يا لکيل بيان ۾ نہ مڃيو ويو هُجي، تہ انهيءَ کانسواءِ نااهل شخص خلاف مڃيل سمجهيو ويندو. پر عدالت کي اختيار آهي، تہ اهڙي مڃيل واقعي کي انهيءَ کانسواءِ، ڪنهن ٻيءَ طرح ثابت ڪرڻ جو حُڪم ڏئي.

6. لکيل بيان ۾ مُجري جي مطالبي جا تفصيل ڄاڻائڻ گهرجن: (1) جيڪڏهن ڪنهن مُقدمي ۾، جيڪو روڪ رقم وٺڻ بابت هجي، تہ دعويٰ جي جواب ڏيندڙ جي اِها دعويٰ هجي، تہ انهيءَ جو ڪو مطالبو مُقرر روڪ رقم جو جيڪو ڪيس قانوني طور دعويدار کي ملڻو هُجي ۽ جيڪو عدالت جي روڪ رقم جي اختيارن کان وڌيڪ نہ هجي ۽ ٻنهي ڌُرين کي اُها حيثيت مليل هجي. جيڪا دعويدار جي دعويٰ ۾ ڪيس مليل هجي، تہ اِها ڳالهہ جائز ٿيندي، تہ دعويٰ جو جواب ڏيندڙ مُقدمي جي پهرئين پيشيءَ وقت هڪڙو لکيل بيان پيش ڪري، جنهن ۾ هُن جي مُجري جي مطالبي جو تفصيل ڄاڻايل هجي.

(2) مُجري جو لکيل اهڙو بيانَ ايترو مؤثر هوندو، جڻ دعويٰ جي جواب ڏيندڙ طرفان دعويٰ جي درخواست داخل ٿي هجي. ايستائين عدالت کي اختيار هوندو، تہ اصل دعويٰ ۽ انهيءَ جي مخالف دعويٰ جي جواب ڏيندڙ جي دعويٰ، ٻنهي بابت ساڳئي مقدمي ۾ قطعي فيصلو ڏئي. پر ڊِڪرين جي تعداد تي جيڪو حق ڪنهن وڪيل جو انهيءَ خرچ بابت هجي، جيڪو ڊِڪريءَ موجب ڪيس ملڻو هجي، تہ انهيءَ تي اُهو فيصلو مؤثر نہ ٿيندو.

(3) دعويٰ جي جواب ڏيندڙ طرفان لکيل بيان بابت قاعدا، انهيءَ لکيل بيان سان لاڳاپيل هوندا، جيڪو مُجرو گهرڻ جي دعويٰ جي جواب ۾ داخل ڪيو وڃي.

مثالَ

(a) الف ٻہ هزار رپيا ب لاءِ ورثي ۾ ڇڏيا ۽ ب کي پنهنجو وارث ۽ بقايا رقم موتائيندڙ ڪونيو. ب فوت ٿي ويو ۽ ت کي ب جي ڇڏيل ملڪيت مان ورثو مليو ۽ ب هڪ هزار رپيا ضمانت طور ت کي ڏنا. پوءِ پ تي وصيت جي رقم وٺڻ لاءِ دعويٰ داخل ڪئي. ب وصيت واريءَ رقم مان هڪ هزار رپيا قرض بابت مُجرو نٿو وٺي سگهي. تنهنڪري ب ۽ ت جي قرض جي هڪ هزار رپيا ڏيڻ بابت جيڪا حيثيت آهي, سا وصيت جي مالُ بابت نہ آهي.

(b) الف وصيت ڪرڻ بغير ۽ ب جو قرضي هوندي فوت ٿي ويو ب جي ڇڏيل ملڪيت ۾ وارث طور ت کي حصو مليو ۽ ب انهيءَ ملڪيت جو ڪجهہ حصو ب کان خريد ڪيو. تنهنڪري جيڪا دعويٰ ب نالي ب تي ٿي, انهيءَ ۾ ب انهيءَ وقت کان پنهنجي قرض مُجرو نٿو وٺي سگهي. ڇاڪاڻ هتي ب جي حيثيت مختلف آهي. هڪڙي حيثيت ب جي بالغ وارث هئڻ جي مقابلي ۾, جنهن ۾ هو ب تي دعويٰ جو مُقدمو داخل ڪري ٿو ۽ ٻي حيثيت ب جي وارث جي آهي.

(c) الف هُنڊيءَ ذريعي ب تي دعويٰ ڪئي. ب جاٿائي ٿو تہ الف, ب جي ويمي ڪرائڻ ۾ اجائي غفلت ڪئي ۽ معاوضي جو ذميدار آهي, جيڪو مُجرو هئڻ گهرجي. جيئن انهيءَ مامري ۾ رقم جو تعداد مُجرائي حقدار نہ آهي, تنهنڪري مُجرائي ملي سگهي ٿي.

(d) الف, ب تي پنج سؤ رپيا جي هُنڊيءَ ذريعي دعويٰ ڪئي. ب وٽ هڪڙي ڊِڪري الف بابت اٽڪل هڪ هزار رپين جي آهي, جيئن تہ اُهي ٻئي جُدا دعويدار مُقرر روڪ رقم بابت آهن, تنهنڪري هڪڙي جي مقابلي ۾ ٻئي کي مُجرو ڏئي سگهجي ٿو.

(e) الف, ب تي هرجاڻي بابت هڪڙي دعويٰ داخل ڪئي. ب وٽ هڪڙي پراميسري نوٽ هڪ هزار رپيا الف لکيل آهي ۽ هو اِها دعويٰ ڪري ٿو تہ جيڪي رپيا الف کي انهيءَ دعويٰ ۾ ڏياريا وڃن, انهيءَ مان اُها رقم مُجرو ڪئي وڃي. ب ايئن ڪري سگهي ٿو انهيءَ لاءِ تہ جڏهن الف کي رپيا ڏياريا ويندا, تڏهن ٻئي رقمون روڪ رقم نبيرجي وينديون.

(f) الف ۽ ب گڏجي هڪ هزار رپيا جي پ تي دعويٰ ڪئي. پ اهڙو قرض جيڪو اڪيلو يا فنتني, هُن جو الف جي ذمي آهي, مُجرو نٿو وٺي سگهي.

(g) الف, ب ۽ پ جي پائيواري ڪونيءَ تي هڪ هزار رپيا مسواڙ رهيل آهي. ب, پ کي ڇڏي فوت ٿي ويو.

(h) الف, ب تي پندرهن سؤ رپين جي قرضداريءَ بابت, جنهن جو ب ذاتي طور قرضدار هو دعويٰ ڪئي. ب کي اختيار آهي, تہ قرض هڪ هزار رپيا جو مُجرو وٺي.

7. جيڪڏهن دعويٰ جو جواب يا مُجري جو مطالبو ڏار بنياد تي ٻَڌل هجي: جيڪڏهن دعويٰ جا جواب ڏيندڙ انيڪ ۽ دعويٰ جي جواب سبب ڌار يا مُجري جي مطالبي تي, جيڪي ڌار واقعن تي ٻَڌل هجن, تہ دليل ڏئي, تہ اُهو سڀ جيستائين ممڪن ٿئي, ڌار بيانَ ٿيڻ گهرجي.

8. دعويٰ جي جواب جو نئون بُنياد: ڪو دعويٰ جي جواب سبب، جيڪو دعويٰ داخل ڪرڻ جوڳو يا لکيل بيان داخل ڪرڻ جوڳو هجي، جنهن ۾ ڪا رقم مُجرو گهري وڃي، پيدا ٿئي، تہ انهيءَ کي دعويٰ جي جواب ڏيندڙ يا دعويدار جيئن بہ حالت هجي، پنهنجي لکيل بيان ۾ لکرائي سگهي ٿو.

9. دعويٰ جي درخواست يا لکيل بيانَ کانپوءِ: انهيءَ کانسواءِ، جيڪو مُجرو گهرڻ کانپوءِ، جواب ۾ داخل ڪيو وڃي، تہ دعويٰ جي جواب ڏيندڙ طرفان لکيل بيان کانپوءِ، پر عدالت جي اجازت کانسواءِ ۽ اهڙن شرطن تي، جن جي عدالت هدايت ڪري، ڪو ٻيو لکيل بيانَ داخل نہ ڪيو ويندو. پر عدالت کي اختيار آهي، تہ جڏهن چاهي، تہ ڪنهن ڌُر کان لکيل بيان يا انهيءَ جو نقل گهري، ۽ انهيءَ جي داخل ڪرائڻ لاءِ هڪڙو وقت مقرر ڪري.

10. ڪارروائي، جڏهن عدالت جي حُڪم کانپوءِ ڌُر لکيل بيان داخل نہ ڪري: جيڪڏهن ڪنهن ڌُر کان لکيل بيان گهريو ويو هجي، سا مُقرر وقت ۾ لکيل بيان داخل نہ ڪري، جيڪو عدالت طرفان مقرر ٿيو هجي، تہ عدالت کي اختيار هوندو، تہ انهيءَ ڌُر خلاف فيصلو ڏئي يا مُقدمي بابت ڪو حُڪم ڏئي، جيڪو مُناسب سمجهي.

11. تعميل لاءِ پتو: (1) هر ڌُر پلي انهيءَ کي ابتدائي يا متبادل طور شامل ڪيو ويو هجي، جيڪا ڪنهن دعويٰ دؤران (عدالت) ۾ حاضر ٿئي، سا سمن، نوٽيسن ۽ ٻيءَ طرح جي گهرجن ۾، جن جي تعميل انهيءَ کان ڪرائي وڃڻي هجي، انهن ۾ لکيل مُقرر تاريخ يا انهيءَ کان اڳ عدالت ۾ اهڙي درخواست ڏيندي، جنهن ۾ انهيءَ جو تعميل جوڳو پتو لکيل هوندو.

(2) اهڙو پتو رجسٽر جڳهين ۾ لکيو ويندو، جنهن کي حُڪم نمبر VI، قاعدي نمبر 2 تحت رکيو وڃي ٿو.

(3) جيستائين ٿي سگهندو، تہ انهيءَ قاعدي تحت جنهن ۾ تعميل لاءِ پتا لکيا وڃن ٿا، تن تي حُڪم نمبر VIII جا قاعدا نمبر 20، 23، 24 ۽ 35 لاڳو ٿيندا.

12. پتو لکرائڻ جو انجام: (1) جڏهن هڪڙي ڌُر گُذريل قاعدي تحت پتو لکرائڻ ۾ ناڪام رهي، تہ اُها انهيءَ ڳالھ جي حقدار ٿي وڃي ٿي، تہ پنهنجي پارٽُ کي دعويٰ جي جواب ڏيڻ واري حق کان محروم ڪري ڇڏي (جيڪڏهن اِهو حق موجود هجي) اهڙيءَ طرح اُها پنهنجي پارٽُ کي اهڙي حالت ۾ وٺي اچي ٿي. جڻ هُن صفائي پيش نہ ڪئي هجي.

(2) عدالت ذيلي قاعدي (1) تحت پاڻمرادو ڪنهن ڌُر جي درخواست تي حُڪم ڏئي سگهي ٿي.

اسلام آباد هاءِ ڪورٽ، ترميم:

[3]S.R.O. 579(1)/2014: سِول پروسيجر ڪوڊ 1908ع جي قانوني حُڪم VIII جي قاعدي 12 ۾، لفظ "قاعدي" کانپوءِ ۽ لفظ "هُن" کان اڳ هيٺيان جملا/ لفظ شامل ڪيا ويندا:

"عدالت هُن کي اهڙي ائڊريس داخل ڪرڻ جي هدايت ڪري سگهي ٿي. ۽ جيڪڏهن هُو ڪيس موقعو ڏيڻ کانپوءِ ايئن ڪرڻ ۾ ناڪام رهي ٿو."]

---

[3] پاڪستان جي گزيٽ، غيرمعمولي، ڀاڱو II، اسلام آباد تاريخ 27 جُون 2014ع، صفحو 2081 تي ڇپيو.

13. دعوي جي جواب ڏيندڙ جي قانوني وارثن جي فهرست: (1) هر مُقدمي ۾، جنهن جي ڪيفيت جو اظهار آرڊر نمبر XXII، قاعدي نمبر 4 ۾ ڪيو ويو آهي، لکيل بيان سان گڏ اهڙي فهرست شامل هوندي، جنهن مان هيٺ ڄاڻايل پتو پوندو:

(a) اُنهن شخصن جا نالا ۽ پتا، جن کي دعوي جي جواب ڏيندڙ جي فوت ٿيڻ تي قانوني وارث بڻائي سگهجي ٿو.

(b) اهڙي شخص جو نالو توڙي پتو جيڪو دعوي جي جواب ڏيندڙ جي فوت ٿيڻ تي انهيءَ واقعي جي ڄاڻ عدالت کي ڏيندو ۽ دعوي جي جواب ڏيندڙ جي قانوني وارثن جا نالا، سندن تفصيل ۽ پتا پنهنجي عدالت ۾ پيش ڪندو ۽ درخواست ڏيندو ته دعوي جي جواب ڏيندڙ جي قانوني وارثن کي مُقدمي جي ڌُر بڻايو وڃي.

(2) دعوي جو جواب ڏيندڙ ڪنهن به وقت:

(a) عدالت ۾ قياسي قانوني وارثن جي ترميم ٿيل حالت پيش ڪندو.

(b) انهيءَ شخص بجاءِ جنهن کي ذيلي شِق (b)، ذيلي قاعدي (1) خاطر نامزد ڪيو ويو هجي، انهيءَ جي بدلي ۾ ٻيو شخص نامزد ڪندو.

(3) نامزدگي، جيڪا ذيلي قلم (1) جي شِق (b) تحت ڪئي وئي هجي، جيستائين انهيءَ کي ذيلي قلم 2 شِق (b) تحت نه بدلايو وڃي، اُهو مُقدمي جي ٻُڌڻي جي پوري عرصي ۾ ۽ وڌيڪ ڪا ڪارروائي، جيڪا انهيءَ مُقدمي سان پيدا ٿئي، ۽ جنهن ۾ نگراني ۽ نظرثاني جي اپيل به شامل هجي، جاري رهندي.

هاءِ ڪورٽ ترميمون (لاهور):

هيٺيان قاعدا 11_12 شامل ڪيا وڃن:

11. هرهڪ ڌُر چاهي اصلي، شامل ڪيل يا مُتبادل هُجي، جيڪا ڪنهن دعوي يا ڪنهن ٻيءَ ڪارروائيءَ ۾ سمن، نوٽيسن يا ٻين ڪارروائين ۾ مُقدمي جي ٻُڌڻيءَ جي مُقرر تاريخ تي يا مُقرر ٿيل تاريخ کان اڳ ۾ ڪيس تعميل ٿيڻ تي حاضر ٿئي، سا عدالت جي ڪارروائي ۾ انهن جي تعميل لاءِ ڄاڻايل ائڊريس شامل ڪنديءَ ۽ جيڪڏهن هُو ايئن ڪرڻ ۾ ناڪام ٿئي ٿي، ته اُها ذميدار رهندي، ته سندس دعوي جي جوابُ کي رَدُ ڪيو وڃي، جيڪر ڪو هُجي، ۽ انهيءَ کي ساڳيءَ حيثيت ۾ رکيو وڃي، جڻ هُن دعوي جو جواب داخل نه ڪيو هُجي. انهيءَ ڏس ۾ عدالت پاڻمرادو ڪارروائي ڪري سگهي ٿي يا ڪنهن ڌُر جي درخواست تي انهيءَ ڏس ۾ حُڪم ڏئي سگهي ٿي ۽ عدالت اهڙو حُڪم ڏئي سگهي ٿي، جيڪو اُن کي مناسب لڳي.

12. قانوني حُڪم VIIجا قاعدا 20، 22، 23، 24 ۽ 25 لاڳو ٿيندا، جيستائين اُهي اڳ ۾ ڄاڻايل قاعدي تحت، تعميل لاءِ دعوي جي بچاءُ ڪندڙ جي ائڊريسن تي لاڳو ٿي سگهن ٿا.

هاءِ ڪورٽ ترميمون (سنڌ):

هيٺيان قاعدا 11_12 شامل ڪيا ويا:

11. هرهڪ ڌُر چاهي اصلي، شامل ڪيل يا مُتبادل هُجي، جيڪا ڪنهن دعوىٰ يا ڪنهن بيءَ ڪارروائيءَ ۾ سَمن، نوٽيسن يا بين ڪارروائين ۾ مُقدمي جي ٻُڌڻيءَ جي مُقرر تاريخ تي يا مُقرر ٿيل تاريخ کان اڳ ۾ ڪيس تعميل ٿيڻ تي حاضر ٿئي، سا عدالت ۾ لکت ۾ يادداشت جيان داخل ڪري، جنهن ۾ تعميل لاءِ انهيءَ جي ائڊريس جاٽايل هُجي. ۽ جيڪڏهن هُو ايئن ڪرڻ ۾ ناڪام ٿئي ٿي، تہ اُها ذميدار رهندي، تہ سندس دعوىٰ جي جوابُ کي رَدُ ڪيو ويجي، جيڪر ڪو هُجي، ۽ انهيءَ کي ساڳيءَ حيثيت ۾ رکيو وڃي، جڻ هُن دعوىٰ جو جواب داخل نہ ڪيو هُجي. انهيءَ ڏس ۾ عدالت پاڻمرادو ڪارروائي ڪري سگهي ٿي يا ڪنهن ڌُر جي درخواست تي انهيءَ ڏس ۾ حُڪم ڏئي سگهي ٿي ۽ عدالت اهڙو حُڪم ڏئي سگهي ٿي، جنهن کي اُها مُناسب جاڻي.

پر شرط هيءَ آهي، تہ هيءَ قاعدو دعوىٰ جو جواب ڏيندڙ تي لاڳو نہ ٿيندو، جنهن لکيل جواب داخل نہ ڪيو هُجي، پر جنهن کان عدالت، دکن زرعي آبادگار امدادي ائڪٽ 1879ع جي قلم 7 تحت شاهدي ورتي هُجي، يا بيءَ صورت ۾، يا بيءَ حالت ۾ جتي عدالت، انهيءَ قاعدي ۾ واضح ٿيل تاريخ بجاءِ پوءِ واري ڪنهن تاريخ تي، ڌُر طرفان تعميل لاءِ ائڊريس جاٽائڻ جي اجازت ڏني هُجي.

12. قانوني حُڪم VIIجا قاعدا 20، 22، 23، 24 ۽ 25 لاڳو ٿيندا، جيستائين اُهي ڳُذريل جاٽايل قاعدي تحت، تعميل لاءِ دعوىٰ جي بجاءِ ڪندڙ جي ائڊريسن تي لاڳو ٿي سگهن ٿا.

هاءِ ڪورٽ ترميمون (اُتر_ اولهہ سرحدي صوبو):

هيٺيان قاعدا 11_12 شامل ڪيا ويا:

11. هرهڪ ڌُر، چاهي اصلي، شامل ڪيل يا مُتبادل هُجي، جيڪا ڪنهن دعوىٰ يا ڪنهن بيءَ ڪارروائيءَ ۾ حاضر ٿيڻ ۽ ڪنهن مُقدمي يا اصلي دعوىٰ ۾ جواب ڏيڻ جو اِرادو رکي ٿي، سا سَمن، نوٽيسن يا بين ڪارروائين ۾ مُقدمي جي ٻُڌڻيءَ جي مُقرر ٿيل تاريخ تي يا مُقرر ٿيل تاريخ کان اڳ ۾ ڪيس تعميل ٿيڻ تي، عدالت ۾ لکت ۾ يادداشت جيان داخل ڪري، جنهن ۾ تعميل لاءِ انهيءَ جي ائڊريس جاٽايل هُجي، ۽ جيڪڏهن هُو ايئن ڪرڻ ۾ ناڪام ٿئي ٿي، تہ اُها ذميدار رهندي، تہ سندس دعوىٰ جي جوابُ کي رَدُ ڪيو وڃي، جيڪڏهن ڪو هُجي، ۽ انهيءَ کي ساڳئي حيثيت ۾ رکيو وڃي، جڻ هُن دعوىٰ جو جواب داخل نہ ڪيو هُجي. انهيءَ ڏس ۾ عدالت پاڻمرادو ڪارروائي ڪري سگهي ٿي يا ڪنهن ڌُر جي درخواست تي انهيءَ ڏس ۾ حُڪم ڏئي سگهي ٿي ۽ عدالت اهڙو حُڪم ڏئي سگهي ٿي، جيڪو ڪيس مناسب لڳي.

12. قانوني حُڪم VIIجا قاعدا 20 ۽ 22 لاڳو ٿيندا، جيستائين اُهي ڳُذريل جاٽايل قاعدي تحت، تعميل لاءِ دعوىٰ جي بجاءِ ڪندڙ ۽ جواب ڏيندڙ جي ائڊريسن تي لاڳو ٿي سگهن ٿا.

عدالتي حُڪم -IX

ڌُرين جي حاضريءَ ۽ غيرحاضريءَ جو نتيجو

1. جيڪو ڏينهن سمن ۾ دعويٰ جي جواب ڏيندڙ جي حاضريءَ ۽ جواب ڏيڻ لاءِ مُقرر هجي، انهيءَ ڏينهن ڌُرين کي حاضر ٿيڻ گهرجي: (1) سمن ۾ جيڪا تاريخ دعويٰ جي جواب ڏيندڙ جي حاضريءَ ۽ جواب ڏيڻ لاءِ مُقرر ٿيل گهرجي، تہ ڌُريون شخصي طور يا پنهنجي وڪيلن معرفت انهيءَ تاريخ تي عدالت ۾ حاضر ٿين، تڏهن مُقدمي جي ٻُڌڻي ڪئي ويندي پر شرط هيءَ آهي، تہ ٻُڌڻي ڪنهن بيءَ ايندڙ تاريخ تي، جيڪا عدالت مُقرر ڪري، رَد نہ ڪئي ويندي.

2. مُقدمي جو نيڪال، جڏهن سَمن جي تعميل انهيءَ سبب نہ ٿي هجي، تہ دعويدار خرچ نہ ڏنو هجي: جيڪڏهن مُقرر تاريخ تي پتو پوي، تہ دعويٰ جي جواب ڏيندڙ ڏانهن موڪليل سَمن جي انهيءَ سبب تعميل نہ ٿي، جو دعويدار انهيءَ جي تعميل جي فيس، عدالت يا ٽپال جو خرچ (جيڪڏهن ڪجهہ ٽپال محصول ڏيڻ گهربو هو) نہ ڏنو آهي، تہ عدالت کي اختيار هوندو، تہ مُقدمي کي نيڪال ڪري ڇڏي.

پر شرط هيءَ آهي، تہ جيتوڻيڪ سَمن جي تعميل دعويٰ جي جواب ڏيندڙ تي نہ ٿي هجي، مٿي ڄاڻايل حُڪم انهيءَ حالت ۾ جاري نہ ڪيو ويندو، تہ دعويٰ جي جواب ڏيندڙ انهيءَ ڏينهن، جيڪو هُن جي حاضر ٿيڻ ۽ جواب ڏيڻ لاءِ مقرر هجي، عدالت ۾ شخصي طور يا ڪنهن گُماشتي يا وڪيل معرفت، جڏهن انهيءَ کي گُماشتي يا وڪيل معرفت حاضر ٿيڻ جو اختيار هجي، حاضر ٿي وڃي.

3. جيڪڏهن ڌُرين منجهان ڪوبہ حاضر نہ ٿئي، تہ مُقدمي کي نيڪال ڪيو ويندو: جيڪڏهن مُقدمي جي ٻُڌڻيءَ وقت ڌُرين منجهان ڪوبہ عدالت ۾ حاضر نہ هجي، تہ عدالت مُقدمي جي نيڪال ٿيڻ جو حُڪم ڏيندي.

4. دعويدار کي اختيار آهي، تہ بي دعويٰ داخل ڪري سگهي ٿو يا عدالت پهرئين داخل دعويٰ واري مُقدمي کي بحال ڪري ڇڏي: (1) جڏهن ڪو مُقدمو قاعدي 2 ۽ 3 موجب نيڪال ڪيو وڃي، تہ دعويدار کي اختيار هوندو، تہ ٻُڌڻيءَ جي قانون پٽاندر نئين دعويٰ جي درخواست داخل ڪري يا نيڪال ڪرڻ واري حُڪم کي رَد ڪرڻ بابت درخواست ڏئي ۽ جيڪڏهن دعويدار، عدالت کي انهيءَ ڳالهہ تي مطمئن ڪري، تہ عدالت جي فيس ۽ ٽپال جو محصول (جيڪڏهن ٽپال جو محصول هجي) سَمن جي تعميل جي مقرر تاريخ ۾ داخل نہ ڪري يا انهيءَ جي حاضر نہ ٿيڻ جو سبب ڪافي هجي، يعني جيڪا بہ حالت هجي، تہ عدالت انهيءَ حُڪم کي رد ڪري، مُقدمي جي ڪارروائيءَ لاءِ هڪڙي نئين تاريخ مقرر ڪندي.

[4](2) لميٽيشن ائڪٽ، 1908ع (1908ع جو IX) جي قلم 5 جا شرط توڙي ضابطا، ذيلي قاعدي (1) موجب عملدرآمد لاءِ لاڳو ٿيندا.]

---

4 لاهور هاءِ ڪورٽ، لاهور طرفان جاري ٿيل نوٽيفڪيشن نمبر 300، 2 آڪٽوبر 2001ع جي قاعدي XI-Y-26 تحت شامل ٿيو. PLD 2002ع، پنجاب قانون 122.

5. دعويٰ کي رَدُ ڪرڻ. جڏهن دعويدار تعميل نہ ٿيل سمن جي واپسيءَ بعد نئون سمن جاري ڪرڻ جي درخواست ٽن مهينن تائين داخل نہ ڪري: [5][(1) جيڪڏهن دعويٰ جي جواب ڏيندڙ يا سمورن دعويٰ جي جواب ڏيندڙن بجاءِ ڪنهن شخص ڏانهن سمن جاري ٿيڻ ۽ تعميل نہ ٿيڻ جي احوال سان گڏ سمن جي واپس نيڻ بعد، سمن جي واپسيءَ جي ٽن مهينن جي تاريخ کان، جڏهن اُهو اهلڪار سمن کي عدالت ۾ واپس ڪري، جيڪو اهلڪار اُن تعميل ٿيل سمن جي رپورٽ جي تصديق عدالت ۾ جمع ڪرائي ٿو تہ دعويدار نئين سمن جاري ڪرڻ جي درخواست ڏيڻ کان لاچار رهي ۽ جيستائين عدالت کي هيٺ ڄاڻايل مامرن بابت آٿت نہ ڏياري وڃي، تہ عدالت مُقدمي کي رَدُ ڪري ڇڏيندي.

(a) اِهو تہ هُن دعويٰ جي جواب ڏيندڙ جي رهائش جو پتو لڳائڻ ۾ پوري پوري ڪوشش ڪئي، جنهن تي سمن تعميل نہ ٿيو هُجي؛ يا

(b) اِهو تہ دعويٰ جو جواب ڏيندڙ سمن جي تعميل کان ٽَٽائي ٿو؛ يا

(c) جيستائين ٻيا سبب عرصي جي وڌائڻ لاءِ موجود هجن، تہ عدالت اهڙي عرصي ۾ واڌ جي درخواست ڏيڻ تي، جيڪڏهن مناسب سمجهي، عرصي ۾ واڌ ڪري سگهي ٿي.]

(2) اهڙيءَ حالت ۾ دعويدار کي اختيار هوندو تہ (لميٽيشن ائڪٽ جي قانون موجب) نئين دعويٰ داخل ڪري.

6. ڪارروائي جڏهن رُڳو دعويدار حاضر هجي: (1) جيڪڏهن مُقدمي جي ٻُڌڻيءَ مهل دعويدار حاضر هجي ۽ دعويٰ جو جواب ڏيندڙ حاضر نہ هجي، تہ هيٺ ڄاڻايل ڪارروائيءَ تي عمل ٿيندو، يعني:

(a) جيڪڏهن سمن جي تعميل باضابطا ٿي هجي: جيڪڏهن اِهو ثابت ٿي وڃي، تہ سمن جي تعميل باضابطا ٿي وئي هئي، تہ عدالت کي اختيار هوندو تہ مُقدمي ۾ يڪطرفي ڪارروائي ڪري [6][۽ ڪا شاهدي قلمبند ڪرڻ بغير ڊِڪري جاري ڪري]؛

(b) جيڪڏهن سمن جي تعميل باضابطا نہ ٿي هجي: جيڪڏهن ضابطي موجب سمن جي تعميل ٿيڻ کي ثابت نہ ڪيو وڃي، تہ عدالت حُڪم ڏيندي، تہ هڪڙو ٻيو سمن جاري ڪيو وڃي ۽ دعويٰ جي جواب ڏيندڙ تي انهيءَ کي تعميل ڪرايو وڃي.

(c) جيڪڏهن سمن جي تعميل ٿي هجي، پر گهربل وقت اندر نہ ٿي هجي: جيڪڏهن اِهو ثابت ٿي وڃي، تہ سمن جي تعميل دعويٰ جي جواب ڏيندڙ تي ٿي وئي، پر مقرر وقت اندر نہ ٿي. جو هُو سمن جي مٿي ڄاڻايل تاريخ تي حاضر ٿي مُقدمي جو جواب ڏيئي سگهي، تہ عدالت، مُقدمي جي ٻُڌڻي ڪنهن ٻيءَ ايندڙ تاريخ تائين جيڪا عدالت جي مرضيءَ سان مقرر ٿئي، مُلتوي ڪئي ويندي ۽ اِها هدايت ڪندي، تہ ٻيءَ نئين تاريخ جي ڄاڻ، دعويٰ جي جواب ڏيندڙ کي ڏني وڃي.

---

[5] سول پروسيجر ڪوڊ (ترميم) ائڪٽ 1920ع (1920ع جو XXIV)، قلم 2 تحت اصلي ذيلي قاعدي (1) ۾ ڦيرقار ٿي.

[6] 1972ع جي آرڊيننس XII تحت شامل ٿيو.

(2) جيڪڏهن انهيءَ ۾ دعويدار جو ڏوهه هجي، ته سمن باضابطا طور يا ڪافي عرصي ۾ تعميل نه ٿي سگهيو هجي، ته عدالت انهيءَ جو حُڪم ڏيندي، ته تاخير سان جيڪو خرچ لاڳو ٿيو هجي، سو خرچ ڏئي.

7. ڪارروائي جڏهن دعويٰ جو جواب ڏيندڙ ملتوي ٿيل ٻُڌڻيءَ جي ڏينهن حاضر ٿئي ۽ اڳوڻي غيرحاضريءَ جو ڪو مناسب سبب ڄاڻائي: جيڪڏهن عدالت ڪنهن ايندڙ تاريخ تي مُقدمي جي ٻُڌڻي يڪطرفي مُلتوي رکي هجي ۽ دعويٰ جو جواب ڏيندڙ ڄاڻايل تاريخ تي يا انهيءَ کان اڳ حاضر ٿي، پنهنجي اڳوڻي غيرحاضريءَ جو ڪو مناسب سبب ڄاڻائي، ته جائز آهي، ته دعويٰ جي جواب ڏيندڙ جو اهڙين شرطن تي جواب داخل ڪرڻ، جن جي عدالت، هن بابُ موجب خرچ يا خرچ نه ڏيڻ جي هدايت ڪري، مُقدمي ۾ ايئن ٻُڌڻي ٿيندي، جڻ هو انهيءَ تاريخ تي حاضر ٿيو هو جيڪا ابتدا ۾ سندس حاضريءَ لاءِ مقرر ٿي هئي.

8. ڪارروائي جڏهن رُڳو دعويٰ جو جواب ڏيندڙ حاضر ٿيو هجي: جيڪڏهن مُقدمي جي ٻُڌڻيءَ وقت دعويٰ جو جواب ڏيندڙ حاضر ٿيو هجي ۽ دعويدار حاضر نه هجي، ته عدالت مُقدمي کي رَدُ ڪري ڇڏيندي، ايستائين جو انهيءَ حالت ۾ دعويٰ جو جواب ڏيندڙ پُوري دعويٰ يا جُزوي دعويٰ کي مڃي، انهيءَ حالت ۾ عدالت، دعويٰ جي جواب ڏيندڙ جي مڃتا موجب مٿس ڊِڪري جاري ڪري ڇڏيندي ۽ جڏهن رُڳو دعويٰ کي مڃيو ويو هجي ۽ ايتري قدر مُقدمي کي رَدُ ڪري ڇڏيندي، جيڪو جُزو غير مڃتا بابت هجي.

9. تازي مُقدمي جي روڪ جي پيرويءَ نه ٿيڻ سبب دعويدار خلاف ڊِڪري: (1) جڏهن قاعدي 8 موجب ڪو مُقدمو مڪمل يا جُزوي طور خارج ڪيو وڃي، ته دعويدار کي اختيار نه هوندو ته انهيءَ دعويٰ سبب نئون مُقدمو داخل ڪري، پر هُن کي اختيار رهندو ته مُقدمي کي خارج يا رَد ڪرڻ واري درخواست ڏئي ۽ جيڪڏهن عدالت کي انهيءَ ڳالهه بابت اطمينان ٿي وڃي، ته مُقدمي جي ٻُڌڻي وقت هُو ڪن اهڙن سببن آڏار حاضر ٿيڻ کان لاچار هو، ته عدالت، مُقدمي کي خارج ڪرڻ جي حُڪم کي اُنهن شرطن موجب، هن بابُ موجب خرچ ڏيارڻ يا نه ڏيارڻ، جنهن کي مناسب سمجهي، رد ڪري ڇڏيندي ۽ مُقدمي ۾ ڪارروائي ٿيڻ لاءِ هڪڙي تاريخ مُقرر ڪندي.

(2) جيڪڏهن دعويدار پنهنجي درخواست جي لکيل ڄاڻُ جو سمن، ٻيءَ ڌُر تي تعميل نه ڪرايو هجي، ته انهيءَ قدر موجب ڪو حُڪم جاري نه ڪيو ويندو.

[7](3) لميٽيشن ائڪٽ، 1908ع (1908ع جو IX) جي قلم 5 جا شرط توڙي ضابطا، ذيلي قاعدي (1) موجب عملدرآمد لاءِ لاڳو ٿيندا.]

هاءِ ڪورٽ ترميمون (لاهور):

[7] 1980ع جي آرڊيننس X سان شامل ٿيو.

ذيلي قاعدي (1) تحت هيٺيون شرط شامل ڪيو ويو:

"شرط هيءَ آهي، تہ مُدعي کي گِروي رکيل ملڪيت کي ڇڏائڻ لاءِ ڪنهن ٻئي مُقدمي کي داخل ڪرڻ کان نہ روڪيو ويندو، توڙي اڳوڻو مُقدمو ڏيوالپڻي سبب رَدُ ڪيو ويو هُجي."

هاءِ ڪورٽ ترميمون (اُتر_ اولهہ سرحدي صوبو):

جيئن پشاور هاءِ ڪورٽ، ڏسو نمبر 2212_6، تاريخ 12 مئي 1909ع تي شامل ڪيو هو_ذيلي قاعدي (1) تحت هيٺيون شرط شامل ڪيو ويو:

"شرط هيءَ آهي، تہ مُدعي کي گِروي رکيل ملڪيت کي ڇڏائڻ لاءِ ڪنهن ٻئي مُقدمي کي داخل ڪرڻ کان نہ روڪيو ويندو، توڙي اڳوڻو مُقدمو ڏيوالپڻي سبب رَدُ ڪيو ويو هُجي."

10. ڪارروائي جڏهن ڪجهہ دعويدارن منجهان هڪ کان وڌيڪ دعويدار غيرحاضر هجن: جيڪڏهن هڪ کان وڌيڪ دعويدار هُجن ۽ منجهانئن هڪ يا ڪجهہ حاضر هجن ۽ ٻيا غيرحاضر هجن، تہ عدالت کي اختيار آهي، تہ انهيءَ دعويدار يا مُقدمي ۾ حاضر دعويدار جي درخواست موجب اهڙي طرح پيروي ٿيڻ جي اجازت ڏئي، ڄڻ سڀ دعويدار حاضر ٿيا هئا يا عدالت اهڙو ڪو ٻيو حُڪم ڏئي، جنهن کي اُها مُناسب سمجهي.

11. ڪارروائي جڏهن دعويٰ جي جواب ڏيندڙن منجهان هڪ يا وڌيڪ غيرحاضر هجن: جيڪڏهن دعويٰ جا هڪ کان وڌيڪ جواب ڏيندڙ هُجن ۽ هڪ يا ڪجهہ منجهانئن حاضر هُجن ۽ باقي غيرحاضر هجن، تہ مُقدمي جي ڪارروائي جاري رهندي ۽ اُنهن دعويٰ جو جواب ڏيندڙن بابت عدالت طرفان وقتائتو فيصلو ڏيڻ جو اهڙو حُڪم ڏنو ويندو جيڪي حاضر نہ هجن، جنهن جو سيني کي پتو پوي.

12. غيرحاضريءَ جو نتيجو جڏهن شخصي طور ڪنهن ڌُر کي حاضر ٿيڻ جي حُڪم ڏيڻ باوجود اُها مُناسب سبب ڄاڻائڻ کانسواءِ غيرحاضر هجي: جيڪڏهن ڪو دعويدار يا دعويٰ جو جواب ڏيندڙ جنهن کي شخصي طور حاضر ٿيڻ جو حُڪم ڏنو ويو هجي، سو شخصي طور حاضر نہ ٿئي، يا شخصي طور حاضر نہ ٿيڻ جو مُناسب سبب نہ ڄاڻائي، تہ هُو هن بابُ جي اُنهن سمورن حُڪمن جو پابند رهندو جيڪي اُنهن دعويدارن ۽ دعويٰ جو جواب ڏيندڙ ن تي لاڳو ٿيل آهن، جيڪي حاضر نہ هجن.

يڪطرفي فيصلي موجب جاري ٿيل ڊِڪرين کي رَدُ ڪرڻ

13. دعويٰ جو جواب ڏيندڙن خلاف يڪطرفي جاري ٿيل ڊِڪريءَ کي رَدُ ڪرڻ: (1) ڪنهن مُقدمي ۾، جنهن ۾ دعويٰ جو جواب ڏيندڙ خلاف يڪطرفي ڊِڪري جاري ڪئي وڃي، تہ اُهو انهيءَ عدالت کي درخواست ڏئي سگهي ٿو جنهن ڊِڪري جاري ڪئي هجي، تہ اهڙو حُڪم ڏنو وڃي، تہ ڊِڪري رَدُ ڪئي وڃي، جيڪڏهن اُهو عدالت کي مطمئن ڪري ٿو تہ سمنن جي تعميل دُرست نہ ٿي آهي، يا جڏهن دعويٰ واري مُقدمي کي ٻُڌڻيءَ لاءِ رکيو ويو هو تہ ڪيس عدالت ۾ حاضر ٿيڻ کان گهڻن سببن ڪري روڪيو ويو هو تہ عدالت اهڙن شرطن بابت خرچ، جيڪو عدالت ۾ جمع ڪرايو ويندو يا ڪنهن ٻئي طرح ڏنو ويندو ۽

منجهانئن جنهن کي عدالت صحيح سمجهي، دعويٰ جو جواب ڏيندڙ خلاف جاري ٿيل ڊِڪريءَ کي رَدُ ڪري ڇڏيندي ۽ مُقدمي جي ڪارروائي شروع ڪرڻ لاءِ ڏينهن مُقرر ڪندي.

پر شرط هيءَ آهي، تہ جتي ڊِڪريءَ جي ڪيفيت اهڙي هجي، جو انهيءَ کي رڳو دعويٰ جو جواب ڏيندڙ خلاف رَدُ نہ ڪري سگهجي، تہ عدالت سمورن دعويٰ جو جواب ڏيندڙن يا ٻين دعويٰ جو جواب ڏيندڙن منجهان ڪنهن هڪ خلاف ڊِڪريءَ کي رَدُ ڪري ڇڏي.

[8][وڌيڪ شرط هيءَ آهي، تہ ڪنهن يڪطرفي ڊِڪريءَ کي ڪجهہ سَمنن جي تعميل ۾ بيضابطگيءَ پٽاندر رَدُ نہ ڪيو ويندو جيڪڏهن عدالت مطمئن هجي، تہ اهڙن سببن پٽاندر، جن کي عدالت لکت ۾ آڻيندي، تہ دعويٰ جي جواب ڏيندڙ کي ٻُڌڻيءَ جي تاريخ جو تنهن وقت پتو پيو هو جڏهن ڪافي وقت موجود هو جو اُهو عدالت ۾ حاضر ٿي، دعويٰ جو جواب ڏيئي سگهيو ٿي.]

[9][(2) ڪا درخواست، جيڪا ذيلي قلم (1) تحت داخل ڪئي ويندي، تنهن تي ٻُڌڻي جي لميٽيشن ائڪٽ جي قانون نمبر IX بابت 1908ع جا حُڪم لاڳو ٿيندا.]

هاءِ ڪورٽ ترميمون (اُتر ـ اولهہ سرحدي صوبو):

وياج وڌيڪ شرط کي شامل ڪيو ويو ٿو:

"شرط هيءَ آهي، تہ ڪنهن بہ مُخالف ڌُر خلاف جاري ٿيل ڊِڪريءَ کي رُڳو سَمنن جي تعميل ۾ بيقاعدگيءَ جي بنياد تي رَدُ نہ ڪيو ويندو جيڪڏهن عدالت بيان ٿيل جوابي ڪاررواين جي سببن تي مطمئن هُجي، تہ دعويٰ جي بچاءُ ڪندڙ کي ٻُڌڻيءَ جي تاريخ جي ڄاڻ هُئي، ۽ هُن وٽ انهيءَ تاريخ تي حاضر ٿي، پنهنجي دعويٰ جي جواب ڏيڻ لاءِ مُناسب وقت موجود هو."

هاءِ ڪورٽ ترميمون (سنڌ):

وياج وڌيڪ شرط کي شامل ڪيو ويو ٿو:

"شرط هيءَ آهي، تہ ڪنهن بہ مُخالف ڌُر خلاف جاري ٿيل ڊِڪريءَ کي، مناسب سبب نہ هئڻ تي، رُڳو سَمنن جي تعميل ۾ بيقاعدگيءَ جي بنياد تي رَدُ نہ ڪيو ويندو جيستائين ثابت ٿيل حقيقتن تي عدالت کي اطمينان نہ هُجي، تہ دعويٰ جي بچاءُ ڪندڙ کي ٻُڌڻيءَ جي تاريخ جو سَمن تعميل نہ ٿيو هو ۽ هُن وٽ انهيءَ تاريخ تي حاضر ٿي، پنهنجي دعويٰ جي جواب ڏيڻ لاءِ مُناسب وقت موجود نہ هو."

14. نوٽيس ڏيڻ کانسواءِ ڪنهن بہ ڊِڪريءَ کي رَد نہ ڪيو ويندو۔ ڪنهن بہ ڊِڪريءَ کي مخالف ڌُر کي نوٽيس ڏيڻ کانسواءِ رَدُ نہ ڪيو ويندو:۔ ڪنهن بہ ڊِڪريءَ کي مٿي ڄاڻايل ڳالهين جيان اهڙي ڪنهن درخواست ڏيڻ کانسواءِ رَد نہ ڪيو ويندو جيستائين اُهو نوٽيس مخالف ڌُر تي تعميل نہ ٿيو هُجي.

---

[8] 1972ع جي آرڊيننس XII تحت شامل ٿيو.

[9] 1980ع جي آرڊيننس X سان شامل ٿيو.

عدالتي حُڪم IX-A

وچيون تاريخون

1. مُقدمي ۾ وچئين تاريخن جي مُقرري: دعوي جي درخواست/ دعوي جي جواب جي پُڇاڻيءَ تي عدالت مُقرر ڪندي:

(a) هڪڙو اهڙو ڏينهن/ تاريخ، جنهن تي هيٺ ڄاڻايل ڌريون، مامري جي ڏس ۾ عدالتي حُڪمن لاءِ درخواست داخل ڪري سگهن ٿيون؛ يعني
دعوي جي درخواست يا لکيل بيان: وڌيڪ ۽ درست تفصيل، داخلا، سامهون آندل دستاويزن جو معائنو يا مُنتقل ٿيندڙ يا غير مُنتقل ٿيندڙ ملڪيت جو معائنو ۽ اُهو طريقيڪار جنهن تحت ڪن خاص واقعن کي ثابت ڪيو وڃي.

(b) هڪڙو ٻيو ڏينهن يا تاريخ، جنهن تي ڌُريون اهڙين درخواستن جا جواب ڏيئي سگهن ٿيون ۽

(c) هڪڙو ٽيون ڏينهن، جيستائين ٻُڌڻيءَ کي ملتوي نہ ڪيو وڃي، درخواستن جو فيصلو ڏنو ويندو.

2. دعوي جي درخواست يا لکيل بيان بابت درخواستون وغيره، سندن جواب ۽ فيصلو: ڪنهن بہ ڌُر کي ڪنهن اهڙي درخواست ڏيڻ جو موقعو نہ ڏنو وڃي، جنهن جو اڳ ۾ ذڪر ٿي چُڪو آهي يا انهيءَ جو جواب پيش ڪرڻ جو موقعو مقرر ڪيل تاريخ جي گُذرڻ کانپوءِ نہ ڏنو ويندو ايستائين هن ڪوڊ تحت وقت ۾ واڌارو نہ ڪيو وڃي، پر انهيءَ ۾ ڪابہ شيءِ اهڙين ڌُرين جي حق کي متاثر نہ ڪندي، جنهن کي دعوي جي درخواست يا لکيل بيان جي پُڇاڻيءَ کان اڳ ۾ داخل ڪيو ويو وڃي.][10]

عدالتي حُڪم -X

عدالت طرفان ڌُرين جو جائزو

1. انهيءَ ڳالهہ جي خاطري ڪرڻ، تہ دعوي جي درخواستن ۾ لڳايل تُهمتن کي مڃيو يا انڪار ڪيو وڃي ٿو: مُقدمي جي پهرئين ٻُڌڻيءَ وقت عدالت، هر ڌُر يا سندس وڪيل کان مُقدمي جي درخواست ۾ ڄاڻايل تُهمتن بابت، جيڪي دعوي جي درخواست يا ٻيءَ ڌُر جي لکيل بيان ۾ (جيڪڏهن ڪو لکيل بيان هجي) لکيون ويون آهن ۽ جنهن کي انهيءَ ڌُر خاطر وضاحتن يا لازمي مفهوم بابت، جنهن جي خلاف اُهي لکيا ويا هئا، نہ مڃيو هجي ۽ ڪانئن انڪار ڪيو هجي، تہ انهيءَ مڃتا يا انڪار کي عدالت قلمبند ڪندي.

2. ڌُر جي زباني شاهدي يا ڌُر جو ساٿي: مُقدمي جي پهرئين ٻُڌڻي يا ڪنهن ٻُڌڻيءَ جي وقت کانپوءِ عدالت کي اختيار آهي، تہ ڪنهن ڌُر جي زباني شاهدي جيڪا عدالت ۾ حاضر هجي يا موجود هجي يا ڪنهن شخص جي، جيڪو مُقدمي جي ضروري ڳالهين جو جواب ڏئي سگهي ۽ جنهن کي متي

[10] لاهور هاءِ ڪورٽ، لاهور طرفان جاري ٿيل نوٽيفڪيشن نمبر 300، 2 آڪٽوبر 2001ع جو قاعدو/XI-Y-26 تحت شامل ٿيو. PLD 2002ع، پنجاب قانون 122.

چاڻايل ڌُر يا انهيءَ جي وڪيل پارانُ سان گڏ عدالت ۾ آندو هجي، عدالت طرفان زباني طور شاهدي [ورتي ويندي][11] ۽ جيڪڏهن عدالت مُناسب سمجهي، ته زباني شاهدي دؤران اهڙا سُوال ڪري، جن جي بيءَ ڌُر تجويز ڪري.

3. شاهديءَ جو بيان لکڻ گهرجي: شاهديءَ جو بيان جَج جي هٿن سان لکيو ويندو ۽ انهيءَ کي مُقدمي ۾ شامل ڪيو ويندو.

4. وڪيل جو جواب ڏيڻ کان انڪار يا جواب ڏيڻ جي نااهليءَ جا نتيجا: (1) جيڪڏهن ڪنهن ڌُر جو وڪيل پارانُ وڪيل طور حاضر هجي يا اُهو شخص جيڪو وڪيل سان گڏ هجي، جيئن قاعدي 2 ۾ چاڻايو ويو، مُقدمي سان لاڳاپيل ڪنهن ضروري سوال جي جواب ڏيڻ کان انڪار ڪري ۽ عدالت جي سمجهه ۾ انهيءَ ڌُر تي، جنهن جو اُهو وڪيل هجي، انهيءَ جو جواب ڏيڻ واجبُ هجي ۽ عدالت جي سمجهه ۾ اِهو ممڪن هجي، ته جيڪڏهن ڪانئس شخصي طور پُڇيو وڃي، ته اُهو انهيءَ جو جوابِ ڏئي سگهندو، ته عدالت کي اختيار هوندو، ته مُقدمي کي ڪنهن ايندڙ تاريخ تائين ملتوي ڪري ۽ حُڪم ڏئي ته اُها ڌُر مٿي چاڻايل تاريخ تي شخصي طور حاضر ٿئي.

(2) جيڪڏهن مٿي چاڻايل ڌُر مُقرر تاريخ تي ڪنهن سبب کانسواءِ شخصي طور حاضر نه هجي، ته عدالت کي اختيار هوندو، ته انهيءَ خلاف فيصلو ٻُڌائي يا مُقدمي بابت اهڙو حُڪم ڏئي، جيڪو انهيءَ جي سمجهه ۾ مُناسب هجي.

عدالتي حُڪم -XI

حالتن جو انڪشاف ۽ دستاويزن جو جائزو

1. سُوالَ پُڇڻ سان حالتن جو انڪشاف: ڪنهن مُقدمي ۾ دعويدار يا دعويٰ جي جواب ڏيندڙ کي اختيار آهي، ته عدالت جي اجازت سان لکت ۾ آندل سُوالَ، جن جا جوابَ بيءَ ڌُر کان يا جڏهن بيءَ ڌُر هڪ کان وڌيڪ هجي، ته انهيءَ کي هڪ يا وڌيڪ ونڻ منظور هجن، ته عدالت جي ذريعي کين سونپي ۽ سوالن جي هيٺان اِها وضاحت ڪري، ته هر شخص کان ڪهڙي ڪهڙي سُوال جو جواب گهربل آهي:

پر شرط هيءَ آهي، ته عدالت جي اجازت بغير ڪنهن ڌُر کي اختيار نه هوندو ته ساڳيءَ شخص کان هڪ کان وڌيڪ بَند سُوال پُڇي:

وڌيڪ شرط اِهو به آهي، ته جيڪي سُوال تڪراري مامري سان لاڳاپيل نه هجن، تن کي غير لاڳاپيل سمجهيو ويندو، جيتوڻيڪ اُهي شاهد کان رجوع وقت پُڇي سگهجن ٿا.

2. خاص سُوالن کي پيش ڪرڻ گهرجي: بَند سُوال سونپڻ جي درخواست ڏيڻ کانپوءِ، مٿي چاڻايل خاص سوالَ جن جو ڏيڻ منظور هجي، عدالت ۾ داخل ڪرايا ويندا. چاڻايل درخواست جي نبيري ۾ عدالت انهيءَ ڳالهه جو خيال رکندي، ته اُها ڌُر جنهن کان سُوال پُڇيا ويا، تفصيل ناهڻ يا مڃڻ يا سمورا

[11] 1993ع جي آرڊيننس XXXIII تحت ڦير ڦار ٿي.

يا مقدمي سان لاڳاپيل ڪجهه دستاويز پيش ڪرڻ لاءِ ڪيترو تيار آهي ۽ پيش ڪيل سوالن مان رُڳو اُنهن بابت اجازت ملندي، جيڪي عدالت جي سوچ ۾ انصاف يا خرچ جي بچاءَ لاءِ ضروري هجن.

3. بَند سُوالن جو خرچ: مُقدمي جو خرچ نبيرڻ وقت ڌُر جي درخواست تي انهيءَ ڳالهه جي تحقيق ڪئي ويندي، ته بَند سُوال جاري ڪرڻ مناسب هو يا نه ۽ جيڪڏهن خرچ جو جائزو وٺندڙ عملدار يا عدالت جي سمجهه ۾، عام ڳالهه انهيءَ سان ته تحقيق جي درخواست ڏني ويندي يا نه ڏني ويندي، بَند سوال آجايو يا ايذاءُ پُهچائڻ يا لباڙ پٽاڙ سان گڏ سونپيو ويو هجي، ته خرچ جيڪو مٿي ڄاڻايل بند سُوال ۽ انهيءَ جي جواب وٺڻ ۾ آيو هجي، هر صورت ۾ ڏوهي ڌُر تي مڙهيو ويندو.

4. بَند سُوالن جو فارم: بند سوالَ فارم نمبر 2 موجب، مٿي ڄاڻايل ضميمي C ۾ هوندا ۽ انهيءَ ۾ گهرج موجب ڦيرڦار تي سگهندي.

5. ڪارپوريشن: جيڪڏهن مُقدمي ۾ هڪڙي ڌُر ڪا ڪارپوريشن يعني سَند واريءَ ڪا ڪارپوريشن (عام انهيءَ جي ته انهيءَ کي ڪارپوريشن جي سَند مليل هجي يا نه) جنهن کي قانوني طور پنهنجي نالي سان يا پنهنجي ڪنهن عُهديدار يا ٻئي شخص جي نالي سان دعوي داخل ڪرڻ يا جواب ڏيڻ جو اختيار مليل هجي، ته ٻيءَ ڌُر کي انهيءَ مضمون جي درخواست ڏيڻ جو اختيار آهي، ته هُن کي اجازت ملي، ته اهڙي ڪارپوريشن يا جماعت جي ڪنهن رُڪن يا عمديدار کي بَند سُوال سونپي، تنهنڪري جائز آهي، ته مناسب حُڪم ڏنو وڃي.

قاعدي 5 جو مطلب قانون پسند شخصن کي تحفظ ڏيڻ آهي، چاهي اُهي انڪارپوريٽيڊ هُجن يا نه، جن کي آزاداڻي طور يا ڪنهن ٻئي شخص ذريعي مُقدمو داخل ڪرڻ يا مٿن مُقدمو داخل ڪرڻ جو قانون موجب اختيار مليل هُجي تو اهو ڪارپوريشن، پائيواري فرمن، لميٽيڊ ڪمپنين، خودمختيار ادارن وغيره تي لاڳو ٿئي ٿو.

6. بَند سُوالن جي جوابن تي اعتراض: جيڪڏهن ڪو سُوال استحقام مجروح ڪندڙ يا مُقدمي سان لاڳاپيل نه هجي يا نيڪ نيتيءَ سان مُقدمي جو مقصد ماڻڻ لاءِ نه پُڇيو ويو هجي يا جيڪڏهن اُها ڳالهه جنهن بابت پُڇيو ويو هجي، ته مُقدمي جي انهيءَ نوعيت تي مُقدمي ۾ گهٽ اثرائتي نه هجي يا انهيءَ ڪانسواءِ ڪو ٻيو سبب جواب نه ڏيڻ جو هجي، ته حلفيه جوابي بيان تي سمورا اهڙا اعتراض پيش ڪيا ويندا.

7. بَند سُوالن تان هٿ ڪڍڻ يا خارج ڪرڻ: ڪنهن بَند سُوال تان هٿ ڪڍي سگهجي ٿو ته اُهو آٽوٽندڙ هجي يا رُڳو پريشان ڪرڻ خاطر پُڇيو ويو هجي يا ڪڏي سگهجي ٿو ته اُهو ڏکو يا ايذائيندڙ يا آجايو يا اڻنگو هجي ۽ انهيءَ مقصد خاطر جيڪا درخواست داخل ڪئي وڃي، سا بَند سُوال سونپڻ کان پوءِ ستن ڏينهن ۾ داخل ڪرڻ گهرجي.

8. بَند سُوالن جي جواب ۾ حلفيه بيان داخل ڪرڻ: بَند سوالن جا جواب لکيل حلف تي ڏنا ويندا ۽ انهيءَ تاريخ کان جڏهن بَند سُوال ڏنا ويا هجن، ڏهن ڏينهن ۾ يا ڪنهن ٻئي عرصي ۾، جنهن جي اجازت عدالت کان ملي هجي، عدالت ۾ داخل ڪرايا ويندا.

9. حلفيہ جوابي بيانن جو فارم: جيڪي بَند سُوالن جا حلفيہ جوابي بيانَ ڏنا ويندا، سي فارم نمبر 3 مٿي ڄاڻايل ضميمي C موجب هوندا ۽ انهيءَ ۾ ڦيرقار گهرج موجب ٿي سگهندي.

10. حلفيہ بيان تي اعتراض نہ ڪيو ويندو: ڪنهن حلفيہ بيان تي اعتراض نہ ڪيو ويندو، پر ڄاڻايل حلفيہ بيان، جو جيڪو اَٽِپُورو ٻُڌايو ويجي، پُورو يا اَڌپورو هئڻ عدالت جي فيصلي تي آڌاريل آهي.

11. جواب ڏيڻ يا وڌيڪ جواب ڏيڻ جو حُڪم: جيڪڏهن ڪو شخص جنهن وٽ بَند سُوال پُڇتا هجن، تہ ڪنهن جو جواب نہ ڏئي يا جواب اَڌپُورو ڏئي، تہ سُوال ڪندڙ عدالت ۾ انهيءَ ڏس ۾ درخواست ڏئي سگهي ٿو تہ مٿي ڄاڻايل شخص جي نالي حُڪم موڪليو وڃي، تہ اُهو سُوال جو جواب لکي يا جواب پُورو ڏئي، جيئن گهرج هجي ۽ انهيءَ جي نالي حُڪم جاري ٿي سگهي ٿو تہ هُو حلفيہ لکيل بيان يا زباني بيان ذريعي، جنهن طرح عدالت هدايت ڪري، سُوال جو جواب ڏئي يا جواب پُورو ڏئي.

12. دستاويزَ ڏيکارڻ بابت درخواست: ڪا ڌُر حلفيہ لکيل درخواست داخل ڪرڻ بغير عدالت ۾ انهيءَ ڏس ۾ درخواست ڏئي سگهي ٿي، تہ ڪنهن ٻيءَ ڌُر کي حُڪم ڏنو وڃي، تہ سمورا دستاويزَ جيڪي انهيءَ جي قبضي يا اختيار ۾ هجن يا رهيا هجن ۽ مُقدمي جي ڪنهن تڪراري مامري سان لاڳاپيل هجن، حلفيہ لکيل بيان ذريعي ظاهر ڪري ۽ ٻُڌٽيءَ وقت اهڙا دستاويز ڏيکارڻ جي درخواست جي گهرج نہ آهي، يا مُقدمي جي انهيءَ نوبت تي گهرج نہ آهي، تہ عدالت، درخواست کي نامنظور يا ملتوي ڪري سگهي ٿي، پر شرط هيءَ آهي، تہ ظاهر ڪرڻ وقت دستاويزن جو حُڪم نہ ڏنو ويندو جيڪڏهن عدالت جي نظر ۾ پلي انصاف يا خرچ جي بچاءَ خاطر انهيءَ جي گهرج نہ هجي.

13. دستاويزن بابت حلفيہ بيانَ: حلفيہ بيانَ ۾، جيڪو ڪا ڌُر ڪنهن اهڙي ڌُر خلاف، جنهن تي مٿي ڄاڻايل قاعدي 12 ۾ ڏنو ويو هجي، تنهن جي وضاحت هوندي، تہ ڪهڙو دستاويز پيش ڪرڻ ۾ ڪيس اعتراض آهي ۽ مٿي ڄاڻايل حلفيہ بيان، فارم نمبر 5 ۾ مٿي ڄاڻايل ضميمي C موجب هوندو، جنهن ۾ گهرج موجب ڦيرقار ٿي سگهي ٿي.

14. دستاويزَ پيش ڪرڻ: مُقدمي دؤران هر وقت عدالت کي اختيار آهي، تہ ڪنهن ڌُر کي اُنهن سمورن دستاويزن کي، جيڪي دعويٰ جي ڪنهن تڪراري مامري سان لاڳاپيل هجن، جيڪي سندس قبضي يا اختيار ۾ هجن، جيترو دستاويزن کي پيش ڪرڻ عدالت جي سمجهہ ۾ مُناسب هجي، ڪين حلفيہ پيش ڪرڻ جو حُڪم ڏئي ۽ جڏهن اُهي دستاويز پيش ٿي وڃن، تہ عدالت سندن مُناسب گهرج موجب انصاف جي ڪارروائي ڪندي.

15. اُنهن دستاويزن جو جائزو جن جو حوالو دعويٰ جي درخواست يا حلفيہ بيانَ ۾ هجي: مُقدمي جي هر ڌُر کي اختيار آهي، تہ ڪنهن وقت ٻيءَ ڌُر کي، جنهن جي دعويٰ جي درخواست يا لکيل بيان يا حلفيہ بيانَ ۾ ڪنهن دستاويزَ جو حوالو هجي، تہ انهيءَ ڏس ۾ اطلاع ڏئي، تہ اطلاع ڏيندڙ يا وڪيل ذريعي جائزي خاطر اُهو ڄاڻايل دستاويز کي پيش ڪري ۽ ڄاڻايل ڌُر يا انهيءَ جي وڪيل کي انهيءَ دستاويز جو نقل وٺڻ ڏئي، جيڪڏهن ڪا ڌُر هجي ۽ اهڙي اطلاع جي تعميل نہ ڪري، تہ انهيءَ مُقدمي ۾ دستاويز کي

ايندڙ پنهنجي طرفان ثبوت طور داخل نہ ڪري سگهندي، ايستائين انهيءَ صورت ۾ جو اُها عدالت کي مطمئن ڪري، تہ ڄاڻايل دستاويز رُڳو انهيءَ جي حق سان لاڳاپيل هو ڄاڻ اُهو انهيءَ مُقدمي ۾ دعوي جو جواب ڏيندڙ هو يا انهيءَ کي اطلاع جي تعميل نہ ڪرڻ جو ڪو بہ ڪو مناسب سبب مليل هو جنهن کي ڪافي سمجهڻ عدالت جي سوچ تي آڌاريل هوندو. تہ انهيءَ صورت ۾ عدالت اجازت ڏيندي، تہ هن بابَ جي خرچ جي بين مناسب شرطن تحت، ڄاڻايل دستاويز کي ثبوت جي سبب طور داخل ڪيو وڃي.

16. دستاويز داخل ڪرڻ بابت نوٽيس: جيڪو نوٽيس ڪنهن ڌُر کي، دعوي جي درخواست يا لکيل بيان يا حلفيہ بيان ۾ حوالو ڏنل دستاويز بابت ڏنو وڃي، سو فارم نمبر 7 مٿي ڄاڻايل ضميمي C موجب هوندو جنهن ۾ گهرج موجب ڦيرڦار ٿيندي.

17. معائني جو وقت جڏهن نوٽيس ڏنو ويو هجي: جنهن ڌُر کي اهڙو نوٽيس ڏنو وڃي، تنهن تي لازم آهي، تہ نوٽيس ملڻ جي ڏهن ڏينهن ۾ انهيءَ ڌُر کي، جنهن نوٽيس ڏنو هجي، پنهنجي طرفان انهيءَ مضمون جو نوٽيس ڏئي، تہ فلاڻي وقت تي، جيڪو انهيءَ نوٽيس ڏيڻ جي تاريخ کان ٽن ڏينهن ۾، جيڪو گهربل دستاويزن يا منجهانئن اهڙا دستاويز جن جي پيش ڪرڻ ۾ ڪيس اعتراض نہ هجي، تنهن جو انهيءَ جي وڪيل جي آفيس ۾ معائنو تي سگهندو ۽ جيڪڏهن مُهاجن جو حساب ڪتاب يا حساب جا ڪي بيا ڪتاب هجن يا اهڙا ڪتاب، جيڪي واپار يا ڪاروبار ۾ باقاعدي واهپي ۾ رهندا هجن، تہ جتي اُهي ڪتاب، عام طور رهندا هجن ۽ اِهو بہ لکيو ويندو تہ ڪهڙن دستاويزن کي پيش ڪرڻ ۾، جيڪڏهن اهڙا هجن، ڪيس اعتراض آهي ۽ ڪهڙن سببن کان اعتراض آهي، تہ مٿي ڄاڻايل اطلاع موجب فارم نمبر 8 مٿي ڄاڻايل ضميمي C موجب هوندو جنهن ۾ گهرج موجب ڦيرڦار ٿي سگهندي.

18. مُعائني جو حُڪم: (1) جيڪڏهن ڪا ڌُر جنهن تي قاعدي 15 تحت انهيءَ ڳالھ جو نوٽيس تہ دستاويزن جو ڪهڙي وقت مُعائنو ٿي سگهندو نہ موڪلي يا معائني ڪرائڻ کان انڪار ڪري يا معائني لاءِ ڪا بي جڳھ، پنهنجي وڪيل جي آفيس ڪانسواءِ، مُقرر ڪري، تہ عدالت، معائنو گهرندڙ ڌُر جي درخواست تي حُڪم ڏئي سگهي ٿي، تہ معائنو انهيءَ جڳھ تي ۽ اهڙي طريقي سان ڪيو وڃي، جيڪو عدالت جي سوچ ۾ مُناسب هجي، پر شرط هيءَ آهي، تہ جنهن حال ۾ عدالت جو اِهو رايو هجي، تہ انصاف يا خرچ جي گهٽتائي خاطر مٿي ڄاڻايل حُڪم ضروري نہ آهي، تہ اهڙو حُڪم جاري نہ ٿيندو.

(2) جڏهن دستاويزن مُعائني لاءِ گهربل اُنهن دستاويزن مان نہ هجن، جو حوالو دعوي جي درخواست يا لکيل بيان يا انهيءَ ڌُر جي حلفيہ بيان ۾ هجي، جنهن جي درخواست داخل ڪئي وئي هجي يا جيڪو انهيءَ جو حلفيہ بيان اُنهن ڳالهين جي تفصيل سان داخل ڪيو ويندو تہ ڪهڙي ڪهڙي دستاويز جو معائنو منظور آهي، جن جو درخواست ڏيندڙ ڌُر معائني ڪرڻ جي حقدار آهي، ۽ اِهو تہ اُهو دستاويز انهيءَ ڌُر جي قبضي يا اختيار ۾ آهي (جنهن تي درخواست داخل ڪئي وئي هجي)، پر جنهن حال ۾، عدالت جو اِهو رايو هجي، تہ انصاف يا خرچ گهٽائڻ خاطر مٿي ڄاڻايل حُڪم ضروري نہ آهي، تہ پوءِ اهڙو حُڪم جاري نہ ٿيندو.

19. تصديق ٿيل نقل جون ڪاپيون: (1) جيڪڏهن ڪاروبار جي ڪتابن جي معائني جي درخواست ڏني وڃي، ته عدالت شرط موجب مُناسب سمجهي، ته پوءِ حُڪم ڏئي سگهي ٿي، ته اصل ڪتاب بجاءِ مٿي ڄاڻايل ڪتاب جي داخلا جي هڪڙي نقل جو معائنو ڪيو وڃي، جنهن جي تصديق حلفيہ بيان ذريعي اهڙي شخص ڪئي هجي، جنهن نقل کي اصل سان ڀيٽايو هجي، اهڙي حلفيہ بيان ۾ انهيءَ ڳالھ جو بہ ذڪر هوندو تہ ڇا ڪتاب ۾ ڪجھ لفظ لکيا يا بدلايا يا وڌايا ويا آهن يا نہ:

پر شرط هيءَ آهي، تہ عدالت کي داخل ڪيل نقل جي اصل ڪتاب جي معائني جو بہ اختيار آهي.

(2) جيڪڏهن ڪا درخواست دستاويزن جي معائني لاءِ داخل ڪئي وڃي، تہ عدالت کي انهيءَ دستاويز جو فيصلي جي حق خاطر معائني جو اختيار آهي.

(3) عدالت کي اختيار آهي، تہ درخواست تي ڪنهن ڏُر جي عام انهيءَ وقت سان، تہ حلفيہ بيان داخل ڪرڻ بابت حُڪ ٿيو هجي، تہ حلفيہ بيان داخل ٿيو هجي يا نہ، تہ ڪنهن وقت ڪنهن ٻيءَ ڌُر کي حُڪم ڏئي، تہ هو پنهنجي حلفيہ بيان پٽاندر ظاهر ڪري، تہ ڇا مٿي ڄاڻايل ڏنل درخواست جا هڪ يا وڌيڪ خاص دستاويزَ هُن جي قبضي يا عملي اختيار ۾ آهن يا ڪڏهن هئا يا نہ هئا ۽ هاڻي عملي طور موجود نہ آهن، تہ هُن وٽان اُهي ڪڏهن ويا ۽ ڇا ٿيو تہ مٿي ڄاڻايل درخواست حلفيہ بيان موجب هوندي، جنهن ۾ لکيل هوندو تہ درخواست ڏيندڙ جي يقين ۾ مٿي ڄاڻايل ڌُر جي قبضي يا اختيار ۾ دستاويز يا درخواست ۾ ڄاڻايل دستاويز عملي طور موجود آهن يا ڪنهن زماني ۾ هئا ۽ اِهو تہ اُهي مامرا تڪراري مامري يا منجهائڻ ڪجھ سان لاڳاپيل آهن.

20. وقت کان اڳ ڇنڊائي: جيڪڏهن اُها ڌُر جنهن کان ڪنهن قسم جي حال جي ڇنڊائي يا ڪنهن شيءِ جو معائنو ڪرائڻ گهربل هجي، انهيءَ يا انهيءَ جي ڪنهن حصي جي ڇنڊائي يا معائني ڪرائڻ کان انڪار ڪري ۽ عدالت کي اطمينان هجي، تہ مُقدمي جي ڪنهن مامري کي نبيرڻ يا طلب جو سبب، اهڙي ڇنڊائي يا معائني جي فيصلي تي آڌاريل آهي، يا ڪنهن ٻئي سبب کان اهڙي ڇنڊائي يا معائني ڪرائڻ جو حق نبيرڻ کان اڳ انهيءَ مامري نبيرڻ يا بحث طلب ڳالھ جي تحقيق ڪرڻ لازمي هجي، تہ عدالت اِهو حُڪم ڏئي سگهندي، تہ انهن مامرن کي نبيرڻ يا گهربل بحث جو فيصلو پهرئين تي وڃي ۽ ڇنڊائي يا معائني ڪرائڻ جو مسئلو محفوظ رکندي.

21. دريافت لاءِ حُڪم جي تعميل نہ ڪرڻ: جيڪڏهن ڪو حُڪم، ڪنهن ڌُر تي انهيءَ مضمون جو جاري ڪيو وڃي، تہ هُو ڪنهن بند سوالن جا جواب ڏئي يا ڪو دستاويز ظاهر ڪري يا معائنو ڪرائي ۽ انهيءَ باوجود اُهو انهيءَ حُڪم جي تعميل نہ ڪري، تہ اُهو حقدار ٿيندو، تہ جيڪڏهن دعويدار هجي، تہ انهيءَ جي دعويٰ پيروي نہ ٿيڻ سبب خارج ڪئي وڃي ۽ جيڪڏهن دعويٰ جو جواب ڏيندڙ هجي، تہ انهيءَ جو داخل جواب جيڪڏهن خارج ڪيو وڃي، ۽ انهيءَ بابت اهڙو عمل ڪيو وڃي،

جڻ هُن جواب نہ ڏنو هجي ۽ اُها ڌُر جنهن بند سوالَ داخل ڪيا هجن، يا دستاويز ظاهر ڪرڻ يا معائني ڪرائڻ جي درخواست ڏني هجي، تنهن کي اختيار هوندو، تہ اُهو انهيءَ مضمون جو حُڪم جاري ڪرائڻ لاءِ عدالت ۾ درخواست ڏئي ۽ عدالت کي قانون موجب حُڪم جاري ڪرڻ جو اختيار هوندو.

22. مُقدمي مهل بند سُوالن جي جوابن کي ڪتب آڻڻ: ڪنهن ڌُر کي اختيار آهي، تہ مُقدمي جي ڪارروائي دؤران ٻيءَ ڌُر جي هڪ يا وڌيڪ جوابن يا ڏوهي جواب کي پيش ڪرڻ بغير يا ٻين يا سيني جوابن جي سبب طور ثبوت پيش ڪري پر اهڙيءَ صورت ۾ عدالت سمورن جوابن کي ڏسي سگهي ٿي ۽ جيڪڏهن اُهي انهيءَ جي راءِ ۾ ٻيا جواب، جيڪي پيش نہ ٿيا هجن، پيش ٿيل جوابن سان اهڙو ناتو رکندا هجن، جو اُهي اُنهن بغير ڪم نہ اچي سگهندا هجن، تہ عدالت اُنهن کي بہ پيش ڪرڻ جو حُڪم ڏئي سگهي ٿي.

23. حُڪم نابالغ ٻارن تي بہ لاڳو ٿيندو: مٿي ڄاڻايل حُڪم نابالغ دعويدارن ۽ دعويٰ جو جواب ڏيندڙن ۽ رفيق جي ناقابل شخصن ۽ وليءَ ۽ اُنهن مقدمن سان بہ لاڳاپيل هوندو.

عدالتي حُڪم -XII

دعويٰ يا ڏوهہ مڃڻ

1. ڏوهہ مڃڻ بابت نوٽيس: ڪا ڌُر پنهنجي دعويٰ جي درخواست يا لکيل بيان ذريعي يا هن مضمون موجب ڪنهن ٻيءَ طرح لکيل اطلاع ڏئي سگهي ٿي، تہ هُو ٻيءَ ڌُر جي سموري يا جُزوي دعويٰ کي مڃي ٿي.

2. دستاويزن کي مڃڻ بابت نوٽيس: مُقدمي جي هر ڌُر کي اختيار آهي، تہ ٻيءَ ڌُر کان گهري، تہ اُهو ڪنهن دستاويز کي مڃي (اُنهن سمورن واجبي اعتراضن ڪانسواءِ، جيڪي دستاويز جي قابل قبول هئڻ بابت پيش ٿي سگهن ٿا)، ۽ جيڪڏهن دستاويز جي مڃڻ کان انڪار ڪيو وڃي يا انهيءَ ۾ اهڙي نوٽيس بعد غفلت ڏيکاري وڃي، تہ پوءِ دستاويز ثابت ڪرڻ جو خرچ، نتيجي جي لحاظ ڪانسواءِ مُقدمي جي انڪاري ڌُر يا ڏوهاري ڌُر تي مڙهيو ويندو، ايستائين انهيءَ صورت ۾ عدالت ڪو ٻيو اطلاع ڏئي. جيڪڏهن اطلاع جاري نہ ڪيو وڃي يا انهيءَ ۾ غفلت ڪئي وڃي، تہ دستاويز ثابت ڪرڻ بابت ڪجهہ خرچ نہ ڏياريو ويندو، انهيءَ حالت ڪانسواءِ تہ، جڏهن عدالت جي راءِ ۾ عدم اطلاع سان خرچ جو بچاءُ ٿيندو هجي.

3. نوٽيس جو فارم: دستاويزن کي مڃڻ بابت اطلاع، فارم نمبر 9، ضميمو C تحت هوندو، جنهن ۾ گهرج موجب ڦيرڦار ٿي سگهندي.

4. حقيقتن کي مڃڻ بابت نوٽيس: ڪابہ مُقدمي جي ڌُر، لکت ۾ نوٽيس ڏيڻ جي ڪنهن بہ وقت، جيڪو ٻڌڻيءَ جي رکيل تاريخ کان نون (9) ڏينهن کان وڌيڪ نہ هُجي، تہ اُها ٻيءَ ڌُر کان، انهيءَ مُقدمي جي مقصدن خاطر نوٽيس ۾ ڄاڻايل ڪنهن خاص واقعي يا واقعن کي مڃڻ جو مطالبو ڪري. جيڪڏهن

ڇھن (6) ڏينھن ۾ مٿي ڄاڻايل نوٽيس تعميل ٿيڻ کانپوءِ يا انھيءَ ڄاڻايل عرصي ۾، جيڪو عدالت مُقرر ڪري، مٿي ڄاڻايل واقعن کي مڃڻ کان انڪار ڪيو وڃي يا ٻي ڪا لاپرواھي ڪئي وڃي، تہ ڄاڻايل واقعي يا واقعن کي ثابت ڪرڻ جو مقدمي جي نتيجي جي لحاظ بغير مقدمي جو خرچ، انڪاري ڌُر يا ڌوھي ڌُر تي لاڳو ڪيو ويندو. ايستائين انھيءَ صورت ۾ تہ عدالت ڪو ٻيو حُڪم ڏئي، پر شرط ھيءُ آھي، تہ جيڪو ڌوھہ اھڙي اطلاع موجب مڃيو وڃي، اُھو رڳو ڪنھن خاص مقصد جي مقصدن لاءِ سمجھيو ويندو. اُھو ٻين موقعن تي ڌوھہ مڃيندڙ ڌُر جي مقابلي ۾ پيش نہ ٿي سگھندو نہ ئي انھيءَ ڌُر ڪانسواءِ ڪنھن ٻئي شخص جي حق ۾ فائديمند ٿيندو جنھن اطلاع جاري ڪيو ھجي. وڌيڪ شرط ھيءُ آھي، تہ عدالت ڪنھن بہ وقت ڪنھن ڌُر کي مناسب شرطن تي پنھنجي ڌوھہ کي مڃڻ ۾ ترميم ڪرڻ يا واپس وٺڻ جي اجازت ڏئي سگھي ٿي.

ھاءِ ڪورٽ ترميم (لاھور):

لاھور ھاءِ ڪورٽ طرفان جاري ٿيل نوٽيفڪيشن نمبر 300، رولز XI-Y-26/، تاريخ 2 آڪٽوبر 2001ع ذريعي شامل ٿيو. (2002ع PLD، پنجاب قانون 122)

"4-A. دستاويزن ۽ حقيقتن کي مڃڻ جي ريڪارڊ جو عدالت کي اختيار: قاعدن نمبر 2 ۽ 4 تحت دستاويزَ يا واقعن کي مڃڻ يا منظور ڪرڻ جي ڪنھن نوٽيس جي نہ ڏيڻ باوجود، عدالت ڪارروائي جي ڪنھن بہ مرحلي تي پنھنجي تحريڪ تي، ڪنھن بہ ڌُر کي دستاويز يا ڪنھن واقعي کي مڃڻ لاءِ گھرائي سگھي ٿي ۽ انھيءَ حالت ۾ اِھو ريڪارڊ ڪندي، تہ ڇا ڌُر اھڙن دستاويزن يا واقعن کي مڃي ٿي يا انڪار ڪري ٿي يا مڃڻ کان لاپرواھي ڏيکاري ٿي."

5. ڌوھہ مڃڻ جو فارم: دعويٰ کي مڃڻ بابت نوٽيس فارم نمبر 10 ۽ ڌوھہ مڃڻ بابت فارم نمبر 11 ضميمي C تحت ھوندو، جنھن ۾ گھرج موجب ڦيرڦار ٿي سگھندي.

6. ڌوھہ مڃڻ بابت فيصلو: جيڪڏھن دعويٰ جي درخواست يا لکيل بيان ذريعي يا ڪنھن ٻيءَ طرح واقعن کي مڃيو ويو ھجي، تہ ڪا ڌُر مُقدمي جي ڪنھن نؤبت تي عدالت کي درخواست ڏيئي سگھي ٿي، تہ ڌُرين وچ ۾ ڪنھن ٻئي تڪراري مامري جي ڄاڻايل واقعن کي مڃڻ پٽاندر ڪو فيصلو يا حُڪم جاري ڪيو وڃي، ۽ عدالت اھڙي درخواست تي حُڪم جاري ڪندي، جيڪو ھُو مُناسب سمجھندي.

7. صحيح بابت حلفيہ بيان: ڌوھہ مڃڻ جي دستاويزن يا واقعن جي نوٽيس موجب ڪنھن ڌوھہ کي مڃڻ بابت وڪيل يا سندس ڪلارڪ جي حلفيہ بيان تحت صحيح ڪئي وئي ھجي، تہ مٿي ڄاڻايل ڌوھہ جي مڃڻ کي ڪافي ثبوت سمجھيو ويندو جيڪڏھن ثبوت جي گھرج ھجي.

8. دستاويز پيش ڪرڻ بابت نوٽيس: دستاويز پيش ڪرڻ بابت نوٽيس، فارم 12، ضميمي C موجب ھوندو، جنھن ۾ گھرج موجب ڦيرڦار ٿي سگھندي ۽ مٿي ڄاڻايل نوٽيس جي تعميل ۽ نوٽيس جي نقل کي تعميل ٿيڻ جي وقت بابت وڪيل يا سندس ڪلارڪ جي حلفيہ بيان کي، اُنھن سمورين حالتن ۾ تعميل ۽ ڄاڻايل نوٽيس جي تعميل ٿيڻ جي وقت موجب، ڪافي ثبوت سمجھيو ويندو.

9. خرچ: جيڪڏهن ڏوهہ مڃڻ يا دستاويز ڏيڻ جي نوٽيس ۾ اهڙا دستاويز لکيل هجن، جن جي گهرج نہ هجي، تہ انهيءَ سبب جيڪو خرچ لاڳو ٿيندو، سو انهيءَ ڌر کي ڏيڻو پوندو جيڪو ڄاڻايل ڌر کي نوٽيس ڏيندو.

عدالتي حُڪم -XIII

دستاويزن جي پيشي، ضبطگي ۽ واپسي

1. دستاويزن جي شاهدي پهرئين ٻڌڻيءَ وقت ٿيڻ گهرجي: (1) مُقدمي جي ڌرين يا سندن وڪيلن تي لازم آهي، تہ مُقدمي جي پهرئين ٻڌڻيءَ وقت دستاويزن تي هيٺيان تفصيل پيش ڪن (يعني هر قسم جي ثبوت جا سبب بنجندڙ دستاويز)، جيڪي سندن قبضي ۾ يا تحويل ۾ هجن، جيڪي دليل ڏيڻ جهڙا هجن ۽ جيڪي انهيءَ کان اڳ عدالت ۾ داخل نہ ٿيل هجن ۽ اهڙا سمورا دستاويز جن بابت عدالت پيش ڪرڻ جو حُڪم ڏنو هجي.

(2) جيڪي دستاويز ايئن پيش ڪيا وڃن، تہ عدالت اُنهن کي وٺندي، پر شرط هيءُ آهي، تہ اُنهن سان گڏ سندن هڪڙي صحيح نموني جي فهرست ڳنڍيل رهندي، جيڪا هاءِ ڪورٽ طرفان مقرر ٿيل هُجي.

[12][(3) مٿي ڄاڻايل قاعدي تحت دستاويزن جي پيشيءَ تي عدالت، ڌرين کان عدالت ۾ پيش ڪيل دستاويزن کي مڃڻ يا سندن انڪار جو مطالبو ڪري سگهي ٿي. اُنهن جي مڃتا يا انڪار کي، جهڙيءَ بہ حالت هجي، قلمبند ڪري سگهي ٿي.]

هاءِ ڪورٽ ترميم (اُتر – اولهہ سرحدي صوبو):

هينيون قاعدو تبديل ڪيو وڃي ٿو: "سموريون دستاويزي شاهديون، ڌرين يا سندن پيروي ڪندڙ وڪيلن طرفان قانوني حُڪمن VII ۽ VIII ۾ تجويز ڪيل طريقيڪار ۽ وقت تي پيش ڪيون وينديون: پر شرط هيءُ آهي، تہ مامرن جي نبيري ڪانپوءِ، عدالت انهيءَ نبيري ڪانپوءِ هڪڙي تاريخ مُقرر ڪندي، جنهن جو عرصو ٽيهن ڏينهن کان وڌيڪ نہ هوندو جنهن ۾ ڌريون اُنهن دستاويزن جون واڌو فهرستون پيش ڪري سگهن ٿيون، جن تي اُهي پروسو ڪندڙ هُجن."

2. دستاويزَ پيش نہ ڪرڻ جو نتيجو: ڪو دستاويزي ثبوت، جيڪو ڪنهن ڌر جي قبضي يا تحويل ۾ هجي ۽ جنهن کي قاعدن جي شرطن موجب پيش ڪرڻ ضروري هجي، پر مُقدمي جي ڪارروائيءَ جي ايندڙ ٻڌڻيءَ تي ڪارروائيءَ ۾ شامل نہ ڪيو وڃي، جيستائين انهيءَ جي پيش نہ ڪرڻ جو عدالت وٽ اطمينان جوڳو سبب ظاهر نہ ڪيو وڃي ۽ جيڪڏهن عدالت انهيءَ کي شامل ڪري وٺي، تہ انهيءَ جو سبب لکڻ ضروري هوندو.

---

[12] 1994ع جي ائڪٽ XIV تحت شامل ٿيو.

3. آڻ لاڳاپيل يا ناقابل قبول دستاويزن جي نامنظوري: عدالت کي اختيار آهي، تہ مُقدمي جي ڪنهن بہ مرحلي تي ڪنهن دستاويز کي نامنظور ڪري، جيڪي انهيءَ جي سوچ ۾ مُقدمي سان غير لاڳاپيل هجن يا ٻيءَ صورت ۾ ونڻ جي لائق نہ هجن ۽ عدالت انهيءَ جي نامنظوريءَ جو سبب لکندي.

4. شاهديءَ ۾ مجيل دستاويزن جي داخلا: (1) اڳتي بيان ٿيندڙ ذيلي قاعدن جي شرطن موجب هر هڪ دستاويز تي، جيڪي ثبوت لاءِ پيش ڪيا وڃن، هيٺ ڄاڻايل تفصيلن جي تصديق ٿيل هوندي يعني:

(a) مُقدمي جو نمبر ۽ ڌرين جا نالا وغيره:

(b) دعوي داخل ڪندڙ جو نالو:

(c) اُها تاريخ، جڏهن دعوي داخل ڪئي وئي هجي:

(d) انهيءَ جو منظور ٿيندڙ بيان:

۽ انهيءَ تي جج پنهنجي صحيح ڪندو يا مختصر بيان لکندو.

(2) جيڪڏهن مٿي ڄاڻايل دستاويزن تي ڪنهن کاتي يا ٻئي ڪتاب يا سرڪاري رقم جا ڪاغذ يا ڪا عبارت هجي ۽ انهيءَ جو هڪڙو نقل وياج قاعدي موجب اصل جي جڳهہ تي داخل ڪيو وڃي، تہ مٿي ڄاڻايل تفصيل جي نقل جي تصديق ٿيل هوندي، جنهن تي جَج پنهنجي صحيح ۽ مختصر بيان لکندو.

5. کاتي، حسابن ۽ ريڪارڊ جي مجيل نقلن جي داخلا: (1) بئنڪرس بُڪس ايويڊينس ائڪٽ 1891ع جي قانون جي حُڪمن پٽاندر جيڪڏهن ڪو دستاويز ثبوت طور پيش ٿيندڙ هجي، جو ڪنهن اکرن جي ڪتاب يا دُڪاندارن جي کاتي يا ٻئي روزاني حساب جي عبارت يا رقم هجي، تہ اُها ڌُر جنهن طرفان ڪتاب يا ڄاڻايل کاتو پيش ٿيڻو هجي، تہ اُن کي اختيار آهي، تہ انهيءَ عبارت يا رقم جو هڪڙو نقل داخل ڪري.

(2) جيڪڏهن مٿي ڄاڻايل دستاويز ڪنهن اهڙي سرڪاري ڪاغذ جي داخلا هجي، جيڪو سرڪاري دفتر کان يا سرڪاري عهديدار ذريعي پيش ڪيو وڃي يا ڪنهن ڪتاب يا کاتي جي داخلا جو هجي، جيڪو اهڙي شخص جي ملڪيت هجي، جيڪو پيش ڪندڙ ڌُر نہ هجي، تہ عدالت مٿي ڄاڻايل داخلا جي نقل جو حُڪم ڏئي سگهي ٿي:

(a) جڏهن اکرن جي ڪتاب يا دُڪاندارن جي کاتي يا ٻيو روزاني حساب ڪتاب ڪنهن ڌُر طرفان پيش ٿيڻو هجي، تہ ڌُر مٿي ڄاڻايل جيان داخل ڪري؛ يا

(b) جڏهن ريڪارڊ، ڪتاب، حسابن جو کاتو پنهنجي ذاتي تحرڪ ۾ ڪردار نڀائيندي، عدالت جي ڪنهن حُڪم جي مجتا ۾ پوءِ ٻنهي يا ڪنهن ڌُر طرفان پيش ڪيو وڃي.

(3) جيڪڏهن هن ڪوڊ موجب مٿي ڄاڻايل حُڪم پٽاندر ڪنهن داخلا جو نقل داخل ڪيو وڃي، تہ عدالت اهڙي طرح جيئن قاعدي 17، حُڪم VII موجب ڄاڻايو ويو آهي، ڄاڻايل نقل کي اصل سان گڏ مِلائي ۽ انهيءَ تي تصديق ۽ نشانبر ڪري، اصل ڪتاب يا کاتو يا سرڪاري ڪاغذ کي، جنهن ۾ مٿي ڄاڻايل داخلا ٿيل هجي، پيش ڪندڙ کي واپس ڪري ڇڏيندي.

6. شاهديءَ ۾ ناقابل قبول جيان رد ٿيل دستاويزن جي داخلا: جڏهن ڪنهن دستاويز تي ڪا ڌُر دليل ڏئي، پر عدالت انهيءَ کي داخلا جي قابل هئڻ نہ سمجهي، تہ انهيءَ تي ڄاڻايل عبارت ذيلي قاعدي 4 جي ذيلي قاعدي (1) جي شِقن (a)، (b) ۽ (c) تي لفظ نامنظور ٿيل سببن سميت لکيو ويندو ۽ جَج انهيءَ تي صحيح ڪندو.

7. منظور ٿيل دستاويزَ مقدمي ۾ شامل هوندا ۽ نامنظور ٿيل دستاويزن کي واپس ڪيو ويندو: (1) هر دستاويز جيڪو ثبوت ۾ پيش ٿيو ورتو ويو هجي يا انهيءَ جو نقل، جيڪڏهن قاعدي 5 پٽاندر نقل بجاءِ اصل داخل هجي، تہ مقدمي جي ڪارروائيءَ ۾ شامل ٿيندو.

(2) ۽ نامنظور ٿيل دستاويزن کي مقدمي جي ڪارروائي ۾ شامل نہ ڪيو ويندو، پر پيش ڪندڙن کي واپس ڏنا ويندا.

8. عدالت ڪنهن دستاويز جي ضبطگيءَ جو حُڪم ڏئي سگهي ٿي: انهيءَ ڪوڊ جي حُڪم 5 يا حُڪم 7 يا حُڪم VII جي قاعدي 17 پٽاندر ڪنهن بہ حُڪم باوجود، عدالت کي اختيار آهي، تہ جيڪڏهن ڪافي سبب ڏسي، تہ هدايت ڪري، تہ ڪو دستاويز يا ڪتاب جيڪو سندس روبرو مقدمي ۾ پيش ڪيو ويو هجي، ضبط ٿي عدالت جي ڪنهن عهديدار جي تحويل ۾ اوتري عرصي تائين ۽ اُنهن شرطن سان گڏ رکيو ويندو، جنهن کي جيترو عدالت مُناسب ڀانئي.

9. منظور ٿيل دستاويزن جي واپسي: (1) ڪو عام شخص، جيڪو مُقدمي جي ڌُر هجي يا نہ، جيڪو هُن طرفان مُقدمي ۾ ڪو دستاويز داخل ٿيو هجي ۽ اُهو دعويٰ جي ڪارروائي ۾ شامل ٿيو هجي، تنهن کي واپس وٺڻ چاهيندو هجي، سو تنهن کي واپس وٺڻ جو حقدار ٿيندو جنهن حالت ۾ انهيءَ دستاويز کي قاعدي 8 موجب ضبط نہ ڪيو ويو هجي:

(a) جڏهن مُقدمو اهڙو هُجي، جنهن ۾ اپيل جي اجازت نہ ڏني ويئي هُجي، جڏهن مُقدمي جو فيصلو ٿي ويو هُجي؛ ۽

(b) جيڪڏهن اپيل ٿي سگهندي هجي، تہ عدالت جي اطمينان موجب اپيل جو وقت گُذرڻ کانپوءِ يا جيڪڏهن اپيل داخل ڪئي وئي هجي، تہ اپيل جي فيصلي کانپوءِ.

پر شرط هيءَ آهي، تہ دستاويز ڄاڻايل ڪوڊ موجب مقرر وقت کان اڳ ڪنهن بہ وقت واپس وٺي سگهجي ٿو، جيڪڏهن ڪو انهيءَ جي واپسيءَ جي درخواست ڏئي، سو ڄاڻايل دستاويز جو هڪڙو

تصديق ٿيل نقل اصل جڳهه رکڻ لاءِ عدالت جي مُناسب اهلڪار کي سونپيندو ۽ اصل جي پيش ڪرڻ جو اقرار ڪندو، جيڪڏهن هُن کي اهڙو حُڪم ڏنو وڃي:

وڌيڪ هيءُ پڻ شرط آهي، تہ ڪو دستاويز جيڪو ڊِڪريءَ پٺاندر بلڪل بيڪار ٿي ويو هجي يا غير قانوني ٿي ويو هجي، تنهن کي واپس نہ ڪيو ويندو.

(2) جڏهن ڪو دستاويز جيڪو ثبوت سبب مليو هجي، واپس ڪيو وڃي، تہ دستاويز واپس وٺندڙ انهيءَ جي واپس وٺڻ جي رسيد ڏيندو.

هاءِ ڪورٽ ترميمون (لاهور):

ذيلي قاعدي (1) ۾ هينيان وڌيڪ شرط شامل ٿيا:

"وڌيڪ شرط هيءُ آهي، تہ اهڙي تصديق ٿيل نقل تي ايندڙ لاڳت، انهيءَ ڌُر کان ڏنڊ طور وٺڻ جوڳي هوندي، جنهن جي گُذارش تي اصل دستاويز پيش ڪيا ويا."

10. عدالت پنهنجي مُقدمي جي ڪارروائيءَ مان ڪاغذ ڪنهن ٻيءَ عدالت ۾ موڪلي يا اُتان گهرائي سگهي ٿي: (1) عدالت کي اختيار آهي، تہ پنهنجي خوشيءَ سان جيڪڏهن ڌُرين منجهان ڪنهن ڌُر طرفان درخواست داخل ٿئي، تہ مناسب شرط سمجهڻ تي ڪنهن ٻئي مُقدمي يا ڪارروائي جي ڪاغذن کي پنهنجي عدالت مان موڪلي يا ڪنهن ٻيءَ عدالت مان گهرائي، تہ اُنهن جو معائنو ڪري.

(2) هر درخواست جي پُٺڀرائيءَ سان، جيڪا هن قاعدي موجب داخل ڪئي وڃي، ۽ جيڪڏهن عدالت ٻيءَ طرح جو حُڪم نہ ڏئي، تہ لازم آهي، تہ هڪڙي لکيل حلفيہ بيان انهيءَ ڳالهہ جي وضاحت سان داخل ڪيو ويندو تہ انهيءَ مقدمي جي ڪارروائي ۾، جنهن ۾ درخواست ڏني وئي هجي، ڇو مؤثر آهي ۽ اِهو تہ ضابطي موجب ڪارروائي جي سمورن ڪاغذن جي تصديق ٿيل نقلن سميت يا انهيءَ جا جُزوي ڪاغذ، جيڪي درخواست ڪندڙ کي گهربل هجن، ڪنهن هَٻڪ يا ٻُڏتر بغير نٿا ملي سگهن، يا اِهو تہ انصاف خاطر اصل ڪاغذن جو پيش ٿيڻ ضروري آهي.

(3) هن قاعدي جي ڪنهن عبارت مان اِهو نہ سمجهيو ويندو، تہ عدالت ڪنهن اهڙي ڪاغذ کي شاهديءَ ۾ ڪَتب آڻي سگهي ٿي، جيڪو شاهديءَ جي قانون تحت هن مُقدمي ۾ داخل نہ ٿي سگهندو هجي.

11. اُنهن دستاويزن بابت ضابطا، جيڪي اهم اعتراضن سان لاڳاپيل هجن: هن ڪوڊ ۾ جيڪي حُڪم اُنهن دستاويزن بابت لکيل آهن، جيستائين ٿي سگهي، تہ اُهي سمورا اهم اعتراض، شاهديءَ ۾ داخل ٿيڻ جوڳا ۽ لاڳو ٿيڻ جوڳا هوندا.

عدالتي حُڪم -XIV

قانوني مامرن جو نبيرو ۽ مُقدمن جي
قانوني مامرن يا نبيريل مامرن تي فيصلو

1. تڪراري مامرن کي قانوني روپ ڏيڻ: (1) تڪراري مامرا انهيءَ وقت پيدا ٿين ٿا، جڏهن ڪا ڌُر ڪنهن مقدمي سان لاڳاپيل قانوني يا واقعاتي مامري کي ڄاڻائي ۽ ٻي ڌُر انهيءَ جو انڪار ڪري.

(2) مُقدمي سان لاڳاپيل اُهي مامرا، قانوني يا واقعاتي مامرا آهن، جيڪي دعويدار کي دعويٰ جي حق کي ظاهر ڪرڻ واسطي يا دعويٰ جي جواب ڏيندڙن کي جواب ڏيڻ واسطي ڄاڻائڻ لازمي آهن.

(3) مُقدمي سان لاڳاپيل هر مامرو، جنهن کي هڪڙي ڌُر ڄاڻائي ۽ ٻي ڌُر انهيءَ کان انڪار ڪري، هڪڙو ڌار تحقيق جوڳو مامرو ڪونيو ويندو.

(4) ڄاڻايل مامرا ٻن قسمن جا آهن: (a) تحقيق جوڳا واقعاتي مامرا، ۽ (b) قانون سان لاڳاپيل تحقيق جوڳا واقعا.

(5) مُقدمي جي پهرئين ٻُڌڻيءَ تي عدالت تي لازم آهي، تہ دعويٰ جي درخواست ۽ لکيل بيان پڙهڻ کانپوءِ (جيڪڏهن ڪي هجن) ۽ ڌُرين جي اهڙن بيانن کانپوءِ، جيڪي ضروري ڀانئجن، اِهو پُڇا ڪري، تہ ڪنهن واقعاتي مامري يا مُقدمي جي مُک قانوني مامري بابت ڌُرين وچ ۾ تڪرار موجود آهي، انهيءَ کان پوءِ عدالت اُنهن تحقيق جوڳن مامرن کي، جنهن تي عدالت جي سمجهہ ۾ مُقدمي جي صحيح ڪارروائي جو آڌار هجي، تہ قلمبند ڪندي.

(6) عدالت جو انهيءَ قاعدي جي ڪنهن عبارت سان انهيءَ حالت ۾ تحقيق جوڳن مامرن کي ڪونڻ ۽ قلمبند ڪرڻ لازم نہ آهي، جڏهن مُقدمي جي پهرئين ٻُڌڻي جي وقت دعويٰ جو جواب ڏيندڙ، اُهو جواب ڏيڻ جي لائق نہ هجي.

2. واقعاتي ۽ قانوني تحقيق جوڳن مامرن جي عدالتي ڪارروائي: جڏهن واقعاتي ۽ قانوني تحقيق جوڳا مامرا، ٻئي ساڳئي مُقدمي ۾ پيدا ٿين ۽ عدالت جي رايي ۾ رُڳو قانوني مامرن جي آڌار تي مُقدمي يا جُزوي مُقدمي جو نبيرو ٿي سگهجندو هجي، تہ عدالت تي لازم آهي، تہ پهرئين اُنهن مامرن جي ڪارروائي هلائي ۽ انهيءَ مقصد لاءِ جيڪڏهن مناسب ڄاڻي، تہ انهيءَ کي اختيار آهي، تہ واقعاتي مامرن جو نبيرو ايستائين مُلتوي رکي، جيستائين قانوني مامرن جي ڪارروائي پُوري ٿئي.

3. ڪهڙي مواد سان قانوني ڪارروايون ڪري سگهجن ٿيون: عدالت کي اختيار آهي، تہ تحقيق جوڳن سمورن يا ڪجهہ مامرن جي ڪارروائي هيٺ ڏنل مواد سان ڪري:

(a) اُنهن حلفيہ بيانن سان ڪري، جيڪي ڌُرين يا ڪنهن شخص، اُنهن طرفان حاضر ٿي يا اُنهن ڌُرين جي وڪيلن ڏنا هجن.

(b) مٿي ڄاڻايل دعويٰ جي درخواست يا لکيل بيان سان يا اُنهن بيانن سان، جيڪي اُنهن بَند سُوالن جي جواب ۾ ڪيا ويا هجن، جيڪي مُقدمي ۾ ڏنا وڃن.

(c) اُنهن دستاويزن جي مضمون سان، جيڪي ڏرين مان ڪنهن پيش ڪيا هُجن.

4. عدالت، تحقيق جي ڪارروائيءَ کان اڳ شاهدن جا بيان وٺي سگهي ٿي، يا دستاويزن جو معائنو ڪري سگهي ٿي: (1) جيڪڏهن عدالت جو اِهو رايو هجي، تہ ڪنهن شخص جي شاهديءَ کانسواءِ جيڪو عدالت ۾ حاضر نہ هجي ۽ ڪنهن دستاويز جي موجودگيءَ کانسواءِ، جيڪو مُقدمي ۾ پيش نہ ٿيو هجي، تحقيق جوڳن مامرن جي ڪارروائي نہ ٿي سگهندي هجي، تہ انهيءَ کي اختيار هوندو تہ مامرن جي تحقيق لاءِ ڪارروائيءَ کي ڪنهن ايندڙ تاريخ تائين ملتوي رکي ۽ (موجوده وقت جي قانون پٽاندر) سمن ذريعي ۽ سمن يا ٻين ذريعن سان منظور ڪرائي، جَبري پيش ڪرائي.

5. قانوني مُقدمن جي نيڪال ۽ ترميم بابت اختيار: (1) عدالت کي اختيار آهي، تہ ڊِڪري جاري ڪرڻ کان اڳ، ڪنهن وقت تحقيق جوڳي مامرن جي اُنهن شرطن سان، جيڪي مُناسب معلوم ٿين، ترميم ڪري يا منجهن ڪي ٻيا تحقيق جوڳا مامرا شامل ڪري ۽ انهيءَ لاءِ ڏرين وچ ۾ تڪراري واقعي جي ڪارروائي لاءِ، تحقيق جوڳي مامرن ۾ جيڪو واڌارو يا ترميم ضروري هجي، عمل ۾ آڻيندي.

(2) عدالت کي اِهو بہ اختيار آهي، تہ ڊِڪريءَ جاري ڪرڻ کان اڳ ڪنهن ٻئي تحقيق جوڳي مامري کي خارج ڪري ڇڏي، جيڪو انهيءَ کي غلط يا غير ضروري لڳندو هجي.

6. واقعاتي يا قانوني مامرا، ڏرين جي راضپي سان ڪارروائيءَ ۾ چاٽائي سگهجن ٿا: جڏهن مُقدمي جون ڌُريون پاڻ ۾ راضي هجن، تہ فلاڻي واقعاتي يا قانوني مامري جو نبيرو ڌُرين جي وچ ۾ ٿيڻ گهرجي، تہ کين اختيار آهي، تہ تحقيق جوڳي مٿي چاٽايل مامري کي قلمبند ڪري، هڪڙي اقرارنامي يا هيٺ چاٽايل تفصيلي شرطن کي لکت ۾ ڏين، تہ جيئن عدالت چاٽايل تحقيق جوڳي مامري بابت پنهنجو رايو مَثبت يا نفيءَ ۾ جوڙي.

(a) تہ انهيءَ وقت مٿي چاٽايل اقرارنامي موجب رقم يا جيترو عدالت تحقيق ڪري، يا جنهن جي عدالت هدايت ڪري، تہ هڪڙي ڌُر ٻيءَ ڌُر کي ڏئي يا ڪنهن ڌُر کي ڪنهن اهڙي حق جو حقدار يا اهڙي ذميداريءَ جو پابند ٺهرايو وڃي، جنهن جي وضاحت مٿي چاٽايل اقرارنامي ۾ هجي:

(b) ڪا ملڪيت، جيڪا اقرارنامي ۾ چاٽايل هجي ۽ مُقدمي ۾ تڪراري مامرو هجي، تہ هڪڙي ڌُر ٻيءَ ڌُر کي سونپي يا جيئن ٻيءَ ڌُر هدايت ڪري، ايئن عمل ڪيو وڃي، يا

(c) ڌُرين منجهان هڪ يا وڌيڪ ڌُريون، ڪو خاص جيڪو اقرارنامي ۾ چاٽايل هجي ۽ تڪراري مامري سان لاڳاپيل هجي، عمل ۾ آڻين يا انهيءَ کان نٽائين.

7. جيڪڏهن عدالت کي اطمينان ٿي وڃي، تہ اقرارنامي تي باضابطا عمل ٿيو تہ فيصلو ڏئي سگهي ٿي: جيڪڏهن ايتري ڪارروائي کانپوءِ، جيڪا مُناسب لڳي، عدالت کي انهيءَ ڳالهہ جو اطمينان هجي:-

(a) تہ اقرارنامو ڌرين طرفان باضابطا مڪمل ٿيو.

(b) اُنھن جو نبيري جي جاٽايل مامري ۾ حقيقي مقصد آهي: ۽

(c) جاٽايل مامرو نبيري ۽ فيصلي جوڳو آهي.

تہ انهيءَ تي لازم آهي، تہ تحقيق جوڳي مامري کي قلمبند ڪري، انهيءَ جو فيصلو ڏئي ۽ پنهنجو فيصلو يا رايو اهڙيءَ طرح لکي، جڻ عدالت پاڻُ انهيءَ کي ڪارروائي جوڳو مامرو ڪونيو هُجي.

۽ اهڙي مامري جي تحقيقات يا فيصلي تي، معاهدي جي شرطن پٽاندر فيصلي جو اعلان ڪندي ۽ جڏهن ايئن فيصلي جو اعلان ڪيو ويجي، تہ ڊِڪريءَ انهيءَ پٽاندر جاري ٿيندي.

XV- عدالتي حُڪم

پهرين ٻُڌڻيءَ تي مُقدمي جو فيصلو

1. ڌرين ۾ تڪراري مامرو نہ هجي: جيڪڏهن مُقدمي جي پهرئين ٻُڌڻيءَ مهل پتو پوي، تہ ڌرين ۾ ڪنهن قانوني يا واقعاتي مامري بابت ڪو تڪرار نہ آهي، تہ عدالت کي اختيار آهي، تہ بر وقت فيصلو ڏئي.

2. دعوي جي گهٽڻ جواب ڏيندڙن منجهان هڪڙي کي اختلاف نہ هجي: جڏهن دعوي جا جواب ڏيندڙ گهڻا هُجن ۽ منجهانئن ڪنهن هڪڙي کي ڪنهن قانوني يا واقعاتي مامري کان اختلاف نہ هجي، تہ عدالت کي اختيار آهي، تہ انهيءَ دعوي جي جواب ڏيندڙ جي حق ۾ يا انهيءَ خلاف تُرت فيصلو ڏئي ۽ مُقدمي جي تحقيق رُڳو ٻين دعوي جي جواب ڏيندڙن خلاف جاري رهندي.

3. ڌرين ۾ اختلاف: (1) جڏهن ڌرين جي وچ ۾ تڪرار ڪنهن واقعاتي يا قانوني مامري جو هجي ۽ تحقيق جوڳي مامري جو جاٽايل طريقيڪار متي جاٽايل عدالت مُقرر ڪيو هجي ۽ عدالت کي اطمينان هجي، تہ ڪنهن ٻئي تحقيق جوڳي مامري بابت، جيڪو مُقدمي جي فيصلي لاءِ ڪافي هجي، ڪو ٻيو دليل يا ثبوت ضروري نہ آهي، انهيءَ ڪانسوءِ جيڪو ڌريون تُرت پيش ڪري سگهنديون هجن، ۽ مُقدمي ۾ تُرت ڪارروائي ڪرڻ سان ڪا ناانصافي نہ ٿيندي، تہ عدالت کي اختيار هوندو تہ تحقيق جوڳي مامري جي ڪارروائي شروع ڪري، ۽ جيڪڏهن متي جاٽايل مامري جي ڪارروائي مُقدمي جي فيصلي لاءِ ڪافي هجي، تہ انهيءَ موجب مُقدمي جو فيصلو ڏئي، انهيءَ ڪانسواءِ تہ. تحقيق جوڳن مامرن يا قطعي فيصلي وارن مامرن خاطر رُڳو سَمن جاري ٿيو هجي.

پر شرط هيءَ آهي، تہ جڏهن سَمن رُڳو تحقيق جوڳن مامرن جي مقصد سان جاري ٿيو هجي، تہ مُقدمي جون ڌريون يا سندن وڪيل حاضر ٿين ۽ منجهانئن ڪوبہ اعتراض نہ ڪري.

(2) جڏهن مُقدمي جي فيصلي واسطي ڪا ڪارروائي نہ هجي، تہ عدالت مُقدمي جي ٻُڌڻي وڌيڪ ملتوي ڪري، وڌيڪ ثبوت پيش ڪرڻ يا دليل ڏيڻ لاءِ ڪا تاريخ مُقرر ڪندي، جيئن بہ حالت هجي.

4. شاهديءَ ڏيڻ کان لاچار رهڻ: جيڪڏهن سمن قطعي فيصلي خاطر جاري ٿيو هجي ۽ ڪو شخص مُناسب سببن بغير ثبوت ڏيڻ کان لاچار رهي، جنهن تي ڪيس اعتراض هجي، تہ عدالت کي اختيار آهي، تہ تُرت مُقدمي جو فيصلو ڏئي يا جيڪڏهن انهيءَ جي سمجهہ ۾ مُناسب هجي، تہ تحقيق جوڳو ڪونڻ ۽ انهيءَ کي قلمبند ڪرڻ کانپوءِ، مُقدمي ۾ انهيءَ شاهديءَ جي پيش ٿيڻ کي ملتوي رکي، جيڪا ڄاڻايل تحقيق خاطر انهيءَ جي سمجهہ ۾ فيصلي ڪرڻ لاءِ ضروري هجي.

عدالتي حُڪم -XVI

شاهدن کي گهرائڻ ۽ سندن حاضري

1. شاهديءَ ڏيڻ يا دستاويز پيش ڪرڻ لاءِ سمن: [13][(1) تحقيق جوڳن مامرن جي نبيري کانپوءِ ستن (7) ڏينهن ۾ ڌُريون، عدالت ۾ [شاهديءَ ڏيڻ جو هڪڙو سرٽيفڪيٽ، جنهن ۾ [14][شاهدن جي فهرست موجود هجي، جن کي اُهي گهرائي سگهن، پيش ڪندا.[شاهديءَ ڏيڻ يا دستاويز پيش ڪرڻ لاءِ پيش ڪندا.] [15]

(2) ڪنهن ڌُر کي ڄاڻايل فهرست ۾ شامل شاهد بجاءِ شاهدن کي سڏڻ يا [16][پيش ڪرڻ جي عدالت جي اجازت بغير اجازت نہ هوندي، ۽ اهڙي شاهد کي، فهرست ۾ رهجي وڃڻ جي معقول سبب ڏيکارڻ کانسواءِ، گهرائڻ جي اجازت نہ ڏني ويندي.

(3) عدالت کي يا اهڙي عملدار کي، جيڪو انهيءَ بابت مُقرر ڪيو وڃي، درخواست ڪرڻ تي ڌُريون اهڙن شخصن ڏانهن سمن ڪيرائي سگهنديون، جن جي عدالت ۾ حاضري گهربل هجي.

پر شرط هيءَ آهي، تہ قاعدي 8 جي شرط موجب، اهڙي شخص جي تعميل لاءِ ڪو سمن جاري نہ ڪيو ويندو، جيستائين مُقدمي جي ٻُڌڻيءَ لاءِ مُقرر تاريخ کان وڌ کان وڌ چوڏهن ڏينهن اڳ تائين انهيءَ بابت درخواست داخل نہ ڪئي وئي هجي ۽ اهڙي شخص جي گهرائڻ لاءِ گهربل خرچ جمع نہ ڪرايا ويا هُجن.]

هاءِ ڪورٽ ترميمون (لاهور):

هيٺئين شرط کي شامل ڪيو ويو:

"شرط هيءَ آهي، تہ ڪابہ ڌُر جيڪا پنهنجن شاهدن کي گهرائي چُڪي هُجي، سا ڪنهن شاهد جي حاضريءَ کي يقيني بنائڻ خاطر سمن جاري ڪرائڻ يا ڪنهن شاهد کي پيش ڪرائڻ جي حقدار نہ هوندي، جنهن خلاف اڳ ۾ سمن جاري نہ ڪيو ويو هُجي، جنهن جو نالو فهرست ۾ شامل نہ هُجي، جنهن جو نالو عدالت ۾ ٻُڌڻيءَ تي يا انهيءَ کان اڳ ضرور شامل ڪيو وڃي، جنهن تي هُن پاران، عدالت جي حُڪم کانسواءِ لکت ۾ پيش ڪيو وڃي ۽ انهيءَ ۾ اُن ڏس ۾ سبب ڄاڻايا وڃن، اهڙي شاهديءَ جي ٻُڌڻيءَ جي حقيقي ابتدا کان اڳ، شاهديءَ جي ٻُڌڻي شروع ٿئي."

---

[13] 1972ع جي آرڊيننس XII تحت ڦيرڦار ٿي.

[14] 1994ع جي ديواني قانوني سُڌارا ائڪٽ XIV تحت شامل ٿيو.

[15] لاهور هاءِ ڪورٽ، لاهور طرفان جاري ٿيل نوٽيفڪيشن نمبر 300، 2 آڪٽوبر 2001ع جو قاعدو/XI-Y-26 تحت شامل ٿيو.

[16] ساڳيو.

هاءِ ڪورٽ ترميمون (اُتر ـ اولهه سرحدي صوبو):

قاعدي 1 لاءِ هيٺئين تبديلي ڪئي وئي:

"1. (1) ٻڌڻيءَ جي اهڙي تاريخ تي، جيئن عدالت مُقرر ڪري، ۽ سمن جاري ٿيڻ جي ٽيهن ڏينهن کانپوءِ وڌيڪ عرصو نہ ٿئي، تہ ڌريون عدالت ۾ شاهدن جي فهرست پيش ڪنديون. جن کي اُهي شاهدي ڏيڻ يا دستاويز پيش ڪرڻ لاءِ تجويز ڪن.

(2) اُنهن ڌرين کي عدالت جي اجازت کانسواءِ اهڙن شاهدن کي گهرائڻ جي اجازت نہ هوندي، جن جا نالا ڄاڻايل فهرست ۾ شامل نہ هُجن، ۽ جيستائين ڄاڻايل فهرست ۾ شامل شاهدن کي خارج ڪرڻ لاءِ مُناسب سبب نہ ڏيکاريو وڃي، تہ عدالت جي اهڙي اجازت ڏيڻ سان اُهي انهيءَ ڏس ۾ سبب ريڪارڊ ڪرائيندا.

(3) عدالت يا اهڙي آفيسر وٽ درخواست جمع ڪرائڻ تي، جنهن کي اُها انهيءَ ڏس ۾ مُقرر ڪري، تہ ڌريون اهڙن شخصن لاءِ سمن جاري ڪرائي سگهن ٿيون، جنهن جي حاضري عدالت ۾ گهربل هُجي."

هاءِ ڪورٽ ترميم (سنڌ):

قاعدي 1-A جيان هيٺئين تبديلي ڪئي وئي:

"1A. عدالت، ڪنهن ڌُر طرفان ڪنهن شخص کي شاهد طور حاضريءَ لاءِ سمن ڪرائڻ جي درخواست ڏيڻ تي، اجازت ڏئي سگهي ٿي، تہ انهيءَ ڌُر طرفان اهڙا سمنَ جاري ڪيا وڃن."

2. سمن جاري ٿيڻ جي درخواست مهل، خرچ عدالت ۾ داخل ٿيڻ گهرجي: (1) جيڪو شخص سمن جاري ڪرائڻ جي درخواست ڏئي، تنهن تي لازم آهي، تہ سمن جي ڏيڻ کان اڳ ۽ انهيءَ وقت اندر جيڪو عدالت مُقرر ڪيو هجي، انهيءَ شخص جي سمن تي ايندڙ خرچ، جنهن ڏانهن سمن موڪليو وڃي، تہ ايتري رقم انهيءَ عدالت ۾ آمدرفت لاءِ داخل ڪرائي، جنهن کي انهيءَ جي طلبيءَ سميت هڪڙي ڏينهن جي عدالت ۾ حاضريءَ لاءِ عدالت ڪافي سمجهي.

(2) عدالت کي اختيار آهي، تہ جن فَني ماهر شخصن کي شاهديءَ ڏيڻ لاءِ گهرايو وڃي، تن کي وقت پٽاندر معقول معاوضو ڏياري، جيڪو شاهديءَ ڏيڻ ۽ ڪنهن تجربي ۾ خرچ ٿيو هجي، جيڪو انهيءَ مقصد لاءِ ضروري هجي.

خرچ جي شرح: (3) جيڪڏهن اُها عدالت، هاءِ ڪورٽ جي ماتحت هجي، تہ ڄاڻايل خرچ جي شرح مُقرر ڪرڻ ۾ اُنهن قاعدن جي پابندي ڪندي، جيڪي انهيءَ بابُ ۾ ڄاڻايا ويا آهن.

هاءِ ڪورٽ ترميم (لاهور):

قاعدي 2(1) جي مثال جيان هيٺئين تبديلي ڪئي وئي:

"مثال: جڏهن پنهنجي ذاتي آفيسرن منجهان ڪنهن هڪ لاءِ سمنَ جاري ڪرائڻ جي درخواست ڏني وڃي، تہ حڪومت کي شِق (1) تي عملدرآمد جي ڇوٽ هوندي."

هاءِ ڪورٽ ترميم (سنڌ):

ذيلي قاعدي (1) لاءِ شرط طور هيٺيون شامل ٿيو:

"شرط هيءَ آهي، ته جڏهن حڪومت يا ڪو سرڪاري عملدار، ڪنهن مُقدمي يا ڪارروائي ۾ ڌُر هُجي، ته اهڙو عملدار، جنهن کي حڪومت طرفان مُقدمي ۾ پُئيرائي هُجي، ته ڪنهن اهڙي سرڪاري عملدار تي سمن جاري ڪرائڻ لاءِ درخواست ڏئي، جنهن تي سول سروس ريگيوليشن لاڳو ٿيندا هُجن، ته هُو اُنهن حقيقتن بابت، جيڪي سندس ڄاڻ ۾ آيون هُجن، يا اُنهن مامرن بابت شاهدي ڏئي، جن کي ڪيس سرڪاري عملدار طور مُنهن ڏيٺو پيو هُجي، يا سرڪاري ريڪارڊن مان ڪو دستاويز پيش ڪرڻو هُجي، ته حڪومت لاءِ گهربل نه هوندو ته اُها متي ڄاڻايل عملدار خاطر اهڙي شاهد جي سفري ۽ ٻين خرچن جي ڏس ۾ ناڻو يا رقم ڏئي."

3. شاهد کي خرچ ڏنو ويندو: اُها رقم، جيڪا ڄاڻايل خرچ بابت عدالت ۾ جمع ڪرائي وڃي، سا انهيءَ شخص کي وقتائتو سمن ڏيڻ وقت ڏني ويندي، جنهن جي نالي اُهو سمن نڪتو هجي، جيڪڏهن انهيءَ جي تعميل سندس ذات تي ممڪن هجي.

هاءِ ڪورٽ ترميمون (لاهور):

قاعدي 3 ۾ هيٺئين ريت تبديلي ٿي:

"3. (1) عدالت ۾ ڏنل رقم، ڪنهن سرڪاري مُلازمت جي حالت ڪانسواءِ، انهيءَ شخص کي پيش ڪئي ويندي، جنهن کي سمن تعميل ٿيڻ تي گهرايو ويو هُجي، جيڪڏهن اُهو ذاتي طور تعميل ٿي سگهندو هُجي.

(2) جڏهن سمن تي گهرايل شخص، سرڪاري مُلازم هُجي، ته عدالت ۾ ڏنل اهڙي رقم کي حڪومت جي کاتي ۾ جمع ڪرايو ويندو.

مثال (1) جن مُقدمن ۾ سرڪاري مُلازم کي عدالت ۾ شاهدي ڏيڻي هُجي، سا سندس هيڊڪوارٽر کان پنجن ميلن کان وڌيڪ پري موجود نه هُجي، ته سفر تي ايندڙ حقيقي خرچ کين ڏنا ويندا، جڏهن عدالت اُنهن کي لازمي سمجهي.

مثال (2) ڪو سرڪاري مُلازم، جنهن جي پگهار ماهوار 10 رپين کان وڌيڪ نه هُجي، ته اُهو سفر تي ايندڙ پنهنجا خرچ عدالت کان وٺي سگهي ٿو."

هاءِ ڪورٽ ترميم (سنڌ):

شرط طور هيٺيون مواد شامل ٿيو:

"شرط هيءَ آهي، ته جڏهن ڪو شاهد سرڪاري مُلازم هُجي، جنهن تي سِول سروس ريگوليشنس لاڳو ٿيندا هُجن، ۽ کيس اُنهن حقيقتن جي شاهديءَ ڏيڻ لاءِ گهرايو وڃي، جيڪي سندس ڌيان ۾ آيون هُجن، يا اُهي حقيقتون، جن سان هُن کي پنهنجي سرڪاري مُلازمت ۾ مُنهن ڏيڻو پيو هُجي،

يا سرڪاري ريڪارڊ منجهان ڪو دستاويز پيش ڪري، تہ ڏُر طرفان ڏيڻ جوڳي رقم، جيڪا هُن جي سفري ۽ ٻين خرچن جي ڏس ۾ سمن تي ڪانئس ورتي وئي هُجي، تہ اُها ڪيس نہ ڏني ويندي.

4. جيڪڏهن پُورو خرچ داخل نہ ڪيو وڃي: (1) جيڪڏهن عدالت کي يا انهيءَ عُمديدار کي اِهو پتو پوي، جيڪو انهيءَ ڪم لاءِ عدالت طرفان مُقرر ٿيو هجي، تہ جيڪا رقم عدالت ۾ داخل ڪئي وئي آهي، سا متي چاڙهايل خرچ يا معاوضي لاءِ ڪافي نہ آهي، تہ عدالت اِها هدايت ڪري سگهي ٿي، تہ ايتري وڌيڪ رقم ڏني وڃي، جيتري رقم، ضابطي تحت سمن جاري ٿيندڙ شخص کي چاڙهايل خرچن موجب ڏيڻ ضروري پانئجي، ۽ جيڪڏهن چاڙهايل رقم نہ ڏني وڃي، تہ عدالت حُڪم ڏئي سگهي ٿي، تہ وڌيڪ رقم انهيءَ گهربل شخص جي مُنتقل ٿيندڙ ملڪيت جي ضبطگيءَ ۽ نيلام مان ورتي وڃي، جنهن سمن جاري ڪرايو هجي يا عدالت گهربل چاڙهايل شخص کي سندس شاهديءَ وٺڻ بعد موڪل ڏئي يا چاڙهايل رقم جي وٺڻ ۽ انهيءَ شخص کي موڪل ڏيڻ جو حُڪم ڏيئي يعني ٻنهي ڳالهين جو حُڪم ڏيئي، جيئن متي چاڙهايو ويو.

(2) جيڪڏهن شاهد کي هڪ ڏينهن کان وڌيڪ روڪيو وڃي: جيڪڏهن گهرايل شخص کي هڪڙي ڏينهن کان وڌيڪ عرصي تائين ترسائڻ ضروري هجي، تہ عدالت کي اختيار هوندو تہ مختلف وقتن تي ايتري رقم داخل ڪرڻ لاءِ گهرائيندڙ کي حُڪم ڏئي، جيڪا انهيءَ جي وڌيڪ ترسڻ تي ايندڙ خرچ لاءِ ڪافي هجي، ۽ جيڪڏهن متي چاڙهايل رقم داخل نہ ڪئي وڃي، تہ عدالت اِهو حُڪم ڏيندي، تہ چاڙهايل رقم انهيءَ شخص جي مُنتقل ٿيندڙ ملڪيت جي ضبطگيءَ ۽ نيلام مان ورتي وڃي، جنهن جي درخواست تي انهيءَ شخص کي گهرايو ويو هو يا عدالت، شاهديءَ وٺڻ بغير انهيءَ شخص کي موڪل ڏئي، متي چاڙهايل رقم وٺڻ ۽ انهيءَ شخص کي موڪل ڏيڻ جو حُڪم ڏئي، يعني ٻنهي ڳالهين جو حُڪم ڏيئي، جيئن متي چاڙهايو ويو.

هاءِ ڪورٽ ترميمون (لاهور):

لفظن "سمن تي گهرايو وڃي" کانپوءِ، جڏهن اُهو قاعدي 4(1) ۾ آيو شامل ٿيو: "يا، جڏهن اهڙو شخص سرڪاري مُلازم هُجي، تہ عدالت ۾ ڏني ويندي."

5. سمن ۾ حاضريءَ جو وقت، جڳهہ ۽ مقصد جي وضاحت ٿيل هوندي: هر سمن ۾، جنهن ۾ شاهديءَ ڏيڻ يا دستاويز پيش ڪرڻ لاءِ گهرايل شخص جي حاضر ٿيڻ جو حُڪم ڏنل هوندو تنهن ۾ حاضريءَ جي انهيءَ وقت ۽ جڳهہ جي وضاحت ٿيل هوندي، جنهن وقت ۽ جنهن هنڌ ڪيس حاضر ٿيڻ ضروري هجي ۽ انهيءَ ۾ اِهو بہ لکيو ويندو، تہ حاضري شاهدي ڏيڻ يا دستاويز پيش ڪرڻ ٻنهي ڳالهين لاءِ گهربل آهي ۽ جيڪڏهن گهرايل شخص کي ڪنهن خاص دستاويز پيش ڪرڻ جو حُڪم ٿيو هجي، تہ انهيءَ دستاويز جي ڪيفيت، مُناسب صحت سان گڏ سمن ۾ لکي ويندي.

6. دستاويز پيش ڪرڻ بابت سمن: هر شخص کي شاهدي ڏيڻ کانسواءِ، دستاويز پيش ڪرڻ لاءِ گهرائي سگهجي ٿو ۽ ڪو شخص جيڪو رڳو دستاويز پيش ڪرڻ لاءِ يا ٻنهي ڳالهين لاءِ گهربل هجي ۽ جيڪڏهن گهرايل شخص کي ڪنهن خاص دستاويز کي پيش ڪرڻ جو حڪم ٿيو هجي، ته انهيءَ دستاويز جي ڪيفيت، مُناسب صحت سان گڏ سمن ۾ لکي ويندي.

7. عدالت ۾ حاضريءَ تي گهرايل شخص کان شاهدي وٺڻ يا دستاويز پيش ڪرڻ جو اختيار: عدالت کي اختيار آهي، ته عدالت ۾ حاضر ٿيل ڪنهن شخص کي حُڪم ڏئي، ته اُهو شاهدي ڏئي يا اهڙو ڪو دستاويز پيش ڪري، جيڪو تنهن وقت اُتي سندس تحويل يا اختيار ۾ هجي.

[17][7-A. ڌرين طرفان سمنَ جي تعميل: (1) اُنهن واقعن کانسواءِ، جڏهن عدالت کي اِهو پتو پوي، ته انهيءَ حُڪم تحت عدالت سمنَ جي ايئن تعميل ڪرائي، جيئن دعويٰ جي جواب ڏيندڙ جي نالي تعميل ڪرائي ورتي هجي، ته عدالت درخواست ڏيندڙ ڌر جا سمن اهڙيءَ ريت سونپيندي.

(2) اهڙيءَ ڌر يا انهيءَ طرفان تعميل ايئن ڪئي ويندي، جڻ کيس ذاتي طور هڪڙو صحيح ٿيل نقل سونپيو ويندو، جنهن کي جَج يا اهڙو عملدار جنهن کي اُهو انهيءَ ڏس ۾ مُقرر ڪري، انهيءَ نقل تي عدالت جي مُهر هنئي ويندي.

(3) اُهو سمن جنهن جي تعميل ذاتي طور ڪرائي ويندي، انهيءَ تي حُڪم V جا قاعدا 16 ۽ 18 ايئن لاڳو ٿيندا، جڻ سمن جي تعميل ڪرائيندڙ ملازمت ڪندڙ عملدار هجي.]

8. عدالت طرفان سمن جي تعميل: [18][جنهن سمن جي تعميل، ڪوشش سان اتڪل ايئن ڪئي ويندي، جيئن دعويٰ جي جواب ڏيندڙ تي سمن جي تعميل ڪرڻ جو حُڪم هُجي، ۽ اُهو قاعدي جي حُڪم V ۾ تعميل جي ثبوت طور جاڻايل آهي، ته اُهي هر سمن سان لاڳاپيل هوندا، جنهن جي انهيءَ قاعدي موجب تعميل ڪئي وڃي.]

هاءِ ڪورٽ ترميمون (اُتر- اولهه سرحدي صوبو):

هيٺيون شرط شامل ٿيو:

"شرط هيءَ آهي، ته اهڙا سمنَ رواجي طور شاهدن کي گهرائيندڙ ڌر ڏانهن تعميل ٿيندا، ۽ انهيءَ جي حلفيہ بيان کي تعميل جي مُناسب ثابتي سمجهيو ويندو، پر وڌيڪ شرط هيءَ آهي، ته هُو مُناسب سببن آڌار درخواست ڏيڻ جو حقدار ٿيندو ته سمنن کي انهيءَ جي گُماشتي يا سندس ذريعي تعميل ڪرايو وڃي."

9. سمن جي تعميل جو وقت: هرهڪ حالت ۾ سمن جي تعميل، ايترو وقت انهيءَ وقت کان اڳ ڪئي ويندي، جيڪو گهربل شخص جي حاضريءَ لاءِ سمن ۾ ڄاڻايل هجي، جو انهيءَ کي سفر جي تياريءَ ۽ سفر لاءِ انهيءَ ماڳ تائين ڪافي مُهلت ملي، جتي انهيءَ جو حاضر ٿيڻ ضروري هجي.

[17] 1972ع جي آرڊيننس XII تحت شامل ٿيو.

[18] 1972ع جي آرڊيننس XII تحت ڦيرڦار ٿي.

10. طريقيڪار جيڪڏهن شاهد سَمن ۾ ڄاڻايل حُڪمن جي تعميل کان لاچار رهي: (1) جيڪڏهن اُهو شخص، جنهن جي نالي سَمن شاهدي ڏيڻ يا دستاويز پيش ڪرڻ جي مقصد سان جاري ٿيو هجي، مٿي ڄاڻايل سَمن موجب حاضر نہ ٿئي يا دستاويز پيش نہ ڪري ۽ جيڪڏهن سَمن جي تعميل ڪرائيندڙ اهلڪار تعميل جي ڪيفيت سُنهن ساڳ موجب نہ لکي هجي، تہ عدالت تي لازم آهي، جيڪڏهن ٻيءَ حالت ۾ تعميل جي تصديق حلفيہ ٿي هجي، تہ تعميل ڪرائيندڙ جي حلفيہ شاهدي، تعميل يا تعميل نہ ٿيڻ جي بابت موجب پاڻ وٺي يا عدالت پنهنجي ڪنهن ٻئي عملدار معرفت وٺي.

(2) جيڪڏهن عدالت انهيءَ ڳالھ کي سمجهڻ جو سبب رکندي هجي، تہ اهڙي شاهديءَ جو ڏيڻ ۽ دستاويز جو پيش ٿيڻ ضروري آهي، ۽ ڄاڻايل شخص جائز بهاني بغير، ڄاڻايل سَمن تي حاضر نہ ٿيو هجي يا دستاويز پيش نہ ڪيو هجي يا اِرادي سان پاڻ تي تعميل ٿيڻ نہ ڏنو هجي، تہ عدالت کي اختيار هوندو تہ انهيءَ حُڪم سان اِشتهار اخبارن ۾ ڇپرائي، تہ اُهو انهيءَ وقت ۽ ماڳ تي حاضر ٿي شاهدي ڏئي يا دستاويز پيش ڪري، جيڪو اشتهار ۾ ڄاڻايل هجي، ۽ انهيءَ اِشتهار جو هڪڙو نقل سندس گهر جي ٻاهرئين دروازي يا انهيءَ جي ڪنهن نمايان جڳھ تي چنبڙايو ويندو جنهن ۾ ڄاڻايل شخص معمول موجب رهندو هجي.

(3) اِشتهار عيوض يا اِشتهار جاري ڪرڻ وقت يا ڪنهن وقت کانپوءِ، اُها عدالت پنهنجي اختيار سان ڄاڻايل شخص جي گرفتاريءَ لاءِ ضمانت بغير يا ضمانت سان هڪڙو وارنٽ ڪڍي سگهي ٿي ۽ حُڪم ڏئي سگهي ٿي، تہ انهيءَ شخص جي ملڪيت اوتري مقدار تائين ضبط ڪئي وڃي، جيڪا عدالت سمجهي ۽ جيڪا ضبطگي جي ڪُل خرچ ۽ انهَيءَ جي ڏنڊُ جي تعداد کان وڌيڪ نہ هجي، جيڪو قاعدي 12 موجب انهيءَ تي لاڳو ٿي سگهندو هُجي:

پر شرط هيءَ آهي، تہ ننڍڙين رقمن جا مُقدما هلائيندڙ ڪا عدالت (Small Causes Court)، مُنتقل نہ ٿيندڙ ملڪيت جي ضبطگيءَ جو حُڪم نہ ڏئي سگهندي.

11. شاهد جي حاضر ٿيڻ سان ضبطگيءَ تان هٿ کڻي سگهجي ٿو: جيڪڏهن گهربل شخص پنهنجي ملڪيت جي ضبطگيءَ کان پوءِ، ڪنهن وقت حاضر ٿي عدالت کي انهيءَ ڳالھ جو اطمينان ڏياري:-

(a) تہ هُو فلاڻي جائز بهاني سبب سَمن تعميل نہ ڪري سگهيو يا اِرادي سان هُن تعميل کان نٽايو ۽

(b) جيڪڏهن اُهو قاعدي نمبر 10 تحت جاري ڄاڻايل اِشتهار ۾ ڄاڻايل جڳھ تي حاضر نہ ٿيو هو ڇوتہ هُن کي ايتري قدر اڳ ۾ اِشتهار جو پتو نہ پيو هو جو هُو حاضر ٿي سگهي ها.

تہ عدالت اِهو حُڪم ڏيندي، تہ ملڪيت جي ضبطگيءَ تان هٿ کنيو وڃي ۽ ضبطگيءَ جي خرچن بابت جاري ڪندي، جيڪو حُڪم مُناسب سمجهي.

12. طريقيڪار جيڪڏهن شاهد حاضر ٿيڻ ۾ ناڪام ٿئي: جيڪڏهن گهربل شخص حاضر نہ ٿئي، يا حاضر ٿئي، پر عدالت کي مٿي ڄاڻايل ڳالهين بابت مطمئن نہ ڪري، تہ عدالت کي اختيار هوندو

تہ هُن تي سندس حيثيت موجب ۽ مُقدمي جي سمورين حالتن کي سامهون رکندي، پنهنجي راءِ سان ڪيتري قدر ڏنڊ مڙهي، جيڪو[19] [ٻہ هزار] رپيا کان وڌيڪ نہ هجي، ۽ حُڪم ڏئي، تہ هُن جي ملڪيت يا انهيءَ جو حصو ضبطگيءَ تحت نيلام ڪيو وڃي يا جيڪڏهن قاعدي 10 تحت اڳ ۾ ضبطگي ٿي ويئي هجي، تہ ضبطگيءَ ۽ ڏنڊ جي رقم جا سمورا خرچ ڏيڻ لاءِ ملڪيت کي نيلام ڪيو وڃي.

پر شرط هيءَ آهي، تہ جيڪڏهن اُهو شخص، جنهن جي حاضري گهربل هجي، تہ مٿي ڄاڻايل خرچ ۽ ڏنڊ، عدالت ۾ ڏئي، تہ عدالت ملڪيت بابت ضبطگيءَ تان هٿ کڻڻ جو حُڪم جاري ڪندي.

13. ضبطگيءَ جو طريقيڪار: جيڪي حُڪم، جاري ٿيل ڊڪريءَ جي ضبطگيءَ ۽ نيلام سان لاڳاپيل آهن، جيستائين لاڳاپيل ٿي سگهن، تن کي انهيءَ ضبطگي ۽ نيلام سان بہ لاڳاپيل سمجهيو ويندو جيڪو هن حُڪم موجب ڪيو وڃي، جڻ اُهو شخص، جنهن جي ملڪيت انهيءَ حُڪم موجب ضبط ڪئي وڃي، سو ڊڪريءَ جو قرضدار هُجي.

14. عدالت پنهنجي مرضيءَ سان مُقدمي ۾ اوپري شاهد جي نالي سمن ڪڍي سگهي ٿي: هن ڪوڊ جي حُڪمن موجب، عدالت ۾ حاضر رهڻ ۽ حاضر ٿيڻ جي باٻُ ۾ ۽ مٿي ڄاڻايل ڪنهن لاڳو قانون جي حُڪمن جي پابنديءَ سان، جيڪڏهن عدالت کي ڪنهن وقت اهڙي شخص کان شاهدي وٺڻ ضروري لڳي، جيڪو مُقدمي جي ڌُر نہ هجي ۽ جنهن کي ڪنهن ڌُر شاهد طور نامز نہ ڪيو هجي، تہ عدالت کي اختيار هوندو تہ اُها پاڻُ پنهنجي مرضيءَ سان، ڄاڻايل شخص جي نالي سمن انهيءَ حُڪم سان گڏ جاري ڪندي، تہ هُو فلاڻي وقت ۽ تاريخ تي شاهد طور شاهدي ڏئي يا پنهنجي تحويل يا اختيار ۾ ڪو دستاويز پيش ڪري ۽ عدالت کي اختيار هوندو تہ هُن جي شاهدي، شاهد طور وٺي يا ڪانئس گهربل دستاويز پيش ڪرائي.

هاءِ ڪورٽ ترميمون (لاهور):

قاعدي 14-A طور شامل ٿيو:

"جڏهن ڪنهن شاهد کي عدالت طرفان، پنهنجي تحرڪ تي قانوني حُڪم XVI جي قاعدي 14 تحت گهرايو وڃي، تہ هُن جي خوراڪ تي ايندڙ خرچ، ڌُر يا ڌُرين طرفان ڏنو ويندو جيئن عدالت پنهنجي اختياري راضپي تي هدايت ڏئي.

جڏهن خوراڪ تي ايندڙ خرچ وغيره اڳ ۾ جمع ٿيل نہ هُجي، تہ عدالت ۾ هنگامي حالتن لاءِ رکيل رقم مان خرچ ڏنو ويندو ۽ لاڳاپيل ڌُر جي ڪنهن ملڪيت مان وٺڻ لاءِ حُڪم ڏنو ويندو ۽ انهيءَ تي ڪوڊ جي قلم 36 تحت عمل ٿيندو."

15. اُنهن شخصن جا فرض، جن جي نالي شاهديءَ ڏيڻ يا دستاويز پيش ڪرڻ لاءِ سمن جاري ٿيا هُجن: مٿيئين قاعدي جي ڄاڻايل پابندي موجب، جنهن شخص جي نالي مُقدمي ۾ حاضر ٿي، شاهديءَ ڏيڻ

---

[19] 1904ع جي ديواني قانوني سڌارا ائڪٽ XIV تحت "پنج سون" ۾ ڦيرقار ٿي.

لاءِ سمن جاري ٿيو هجي، تہ مٿس لازم آهي، تہ انهيءَ وقت ۽ موقعي تي حاضر ٿئي، جيڪو انهيءَ مقصد خاطر سمن ۾ مقرر ٿيو هجي ۽ جنهن شخص جي نالي دستاويز پيش ڪرڻ لاءِ سمن جاري ٿيو هجي، تنهن تي لازم آهي، تہ انهيءَ وقت ۽ ماڳ تي حاضر ٿي، دستاويز پاڻ پيش ڪري يا ٻين کان پيش ڪرائي.

16. ڪڏهن شاهد وڃي سگهي ٿو: (1) جيڪو شخص سمن جي حُڪم موجب حاضر ٿئي، سو مُقدمي جي فيصلي نہ ٿيڻ تائين هر پيشيءَ تي حاضر ٿيندو، ايستائين انهيءَ حالت ۾ عدالت متان ڪو بيو حُڪم ڏئي.

(2) جيڪڏهن ڪا ڌُر درخواست ڏئي ۽ عدالت ۾ ڪُل ضروري خرچ داخل ڪري، تہ عدالت حُڪم ڏئي سگهي ٿي، تہ جيڪو شخص سمن موجب حاضر ٿيو هجي، تہ ٻيءَ ٻُڌڻيءَ تي يا ڪنهن ٻيءَ ٻُڌڻيءَ ۾ ضمانت واسطي درخواست داخل ڪري، جيستائين مقدمي جو فيصلو نہ ٿئي، ۽ جيڪڏهن اهڙي ضمانت داخل نہ ڪري، تہ انهيءَ کي جيل موڪليو ويندو.

هاءِ ڪورٽ ترميمون (لاهور):

ذيلي قاعدي (3) طور هيٺيون شامل ٿيو:-

"(3) عدالت جي صدارت ڪندڙ عملدار جي غيرموجودگيءَ ۾، ذيلي قاعدي (2) تحت عطا ٿيل اختيارن سان فرسٽ ڪلاس جو سينيئر ماتحت جج، يا ڪو ٻيو جج يا عدالت جو سرڪاري عملدار، ضلعي هيڊڪوارٽر ۾ حدن تي عمل ڪري سگهي ٿو جنهن کي انهيءَ مقصد لاءِ مُقرر ڪيو وڃي.

پر شرط هيءُ آهي، تہ انهيءَ مقصد لاءِ مُقرر ٿيل عدالت جو سرڪاري عملدار، جيڪو شخص ذيلي قلم (2) تحت گهربل ضمانت مُهيا ڪرڻ ۾ ناڪام ٿيو هُجي، تنهن کي جيل ۾ وجهڻ جو حُڪم نہ ڏيندو پر انهيءَ مُقدمي کي هڪدم عدالت جي پنهنجي واپسيءَ تي صدارت ڪندڙ عملدار ڏانهن موڪليندو."

17. قاعدي 10 کان 13 تائين لاڳو ٿيڻ: قاعدي 10 کان 13 جي حُڪمن کي جيستائين لاڳاپيل ٿي سگهن، تيستائين انهيءَ شخص سان بہ لاڳاپيل سمجهيو ويندو جيڪو سمن جي حُڪم موجب حاضر ٿي، قاعدي 16 جي ڀڃڪڙيءَ ۾، آجيو ڪنهن جائز ڳالھ بغير عدالت مان هليو وڃي.

18. جيڪڏهن گرفتار ٿيل شاهد، شاهدي نہ ڏيئي سگهي يا دستاويز پيش نہ ڪري سگهي: جيڪڏهن جنهن شخص کي وارنٽ موجب گرفتار ڪري عدالت جي آڏو حراست ۾ حاضر ڪيو وڃي، تہ مُقدمي جي ڌُرين يا منجهانئن ڪنهن جي غيرحاضريءَ سبب هو شاهدي نہ ڏيئي سگهي، يا اُهو دستاويز پيش نہ ڪري سگهي، جنهن پيش ڪرڻ لاءِ کانئس گهر ٿي هئي، تہ عدالت کي اختيار هوندو، تہ انهيءَ کان حاضريءَ جو ضامن يا انهيءَ وقت حاضريءَ طور روڪ رقم ۽ موقعي تي حاضر ٿيڻ لاءِ سمانت گهري، جيڪا مُناسب سمجهي وڃي، ۽ اهڙي حاضريءَ جي ضمانت يا ضمانت ڏيڻ کانپوءِ کيس آزاد ڪري ۽ جيڪڏهن اُهو مٿي ڄاڻايل اهڙي حاضريءَ جي ضمانت يا ضمانت نہ ڏيئي، تہ عدالت انهيءَ کي جيل موڪلڻ جو حُڪم ڏئي سگهي ٿي.

19. شاهد جي شخصي طور حاضريءَ جو حُڪم نہ ڏنو ويندو. جيستائين هن ڪوڊ جي قلمن جي حَدن ۾ نہ رهندو هجي: [20][ڪنهن [شخص کي شاهديءَ ڏيڻ لاءِ عدالت ۾ تيستائين شخصي طور حاضر ٿيڻ جو حُڪم نہ ڏنو ويندو، جيستائين سندس رهائش پاڪستان ۾ نہ هجي.]

20. عدالت جي گهرائڻ باوجود شاهديءَ ڏيڻ کان انڪار ڪندڙ ڌُر جو انجام: جيڪڏهن مُقدمي جي ڪا ڌُر عدالت ۾ حاضر هجي، تہ عدالت مان حُڪم ٿيڻ تي شاهديءَ ڏيڻ يا ڪنهن اهڙي دستاويز پيش ڪرڻ کان، جيڪو انهيءَ وقت ۾ اُتي سندس تحويل يا اختيار ۾ هجي، اَجايو انڪار ڪري، تہ عدالت کي اختيار هوندو، تہ اُن خلاف فيصلو ڪري يا مُقدمي بابت اهڙو حُڪم ڏئي، جنهن کي عدالت مناسب ڀانئي.

21. شاهدن بابت قاعدا، سمن تي گهرايل ڌُرين تي بہ لاڳو ٿيندا: جڏهن ڪنهن مُقدمي جي ڌُر کي حُڪم ڏنو وڃي، تہ هو شاهدي ڏئي يا دستاويز پيش ڪري، تہ اُهي قاعدا جيڪي شاهدن سان لاڳاپيل آهن، تن کي جيستائين ٿي سگهي، جاڳايل مامري بابت بہ سمجهيو ويندو.

عدالتي حُڪم-XVII

عدالتي ڪارروائين جو مُلتوي ٿيڻ

1. **عدالت وقت جي مُهلت ڏئي ۽ پيشيءَ کي مُلتوي ڪري سگهي ٿي:** (1) عدالت کي اختيار آهي، تہ معقول سبب پيش ٿيڻ جي حالت ۾، مُقدمي هلڻ دوران ڪنهن وقت ڌُرين يا ڪنهن ڌُر کي مُهلت ڏئي ۽ مُقدمي جي ٻُڌڻيءَ کي مختلف وقتن تي ملتوي ڪندي رهي.

(2) **اِلتوا جو خرچ:** اهڙين سمورين حالتن ۾، عدالت مُقدمي جي ٻُڌڻي لاءِ ڪنهن ٻئي ڏينهن کي مُقرر ڪندي ۽ التوا سبب جيڪو خرچ لاڳو ٿئي، تنهن بابت جيڪو حُڪم مُناسب سمجهندي سو ڏيندي:

پر شرط هيءَ آهي، تہ جڏهن شاهديءَ جي ٻُڌڻي شروع ٿي وڃي، تہ پوءِ مُقدمي جي ٻُڌڻي ڏينهون ڏينهن هلندي رهي، جيستائين سمورن حاضر شاهدن جون شاهديون قلمبند نہ ٿي وڃن، انهيءَ حالت کانسواءِ، تہ عدالت جي سمجهہ ۾ ٻُڌڻيءَ کي ملتوي ڪرڻ جو سبب ضروري هجي، تہ اُنهن سببن کي اُها قلمبند ڪندي.

هاءِ ڪورٽ ترميمون (لاهور):

(i) قاعدي 1 لاءِ، ذيلي قاعدي (3) طور هينيون مواد شامل ٿيو:-

(3) جڏهن ذيلي قاعدي (1) تحت ڪارروائي مُلتوي ڪرڻ لاءِ مُناسب سبب نہ ڄاڻايا وڃن، تہ عدالت مُقدمي جي ڪارروائي اڳتي جاري رکندي.

(ii) قاعدي I(1) ۾ لفظن "عدالت" کان اڳ ۾ لفظ "قانوني حُڪم XXIII جو قاعدو 3 جي ماتحت" شامل ٿيندو."

---

[20] 1972ع جي آرڊيننس XII ذريعي اصل ۾ ڦيرڦار ٿي.

2. جيڪڏهن ڏُريون مُقرر تاريخ تي حاضر نہ هُجن: جيڪڏهن ٻُڌڻيءَ لاءِ مُقرر ٿيل تاريخ تي ڏُريون يا منجهانئن ڪا هڪ ڏُر، حاضر ٿيڻ ڪان لاچار رهي، تہ عدالت کي اختيار هوندو تہ مُقدمي جو اُنهن طريقن مان ڪنهن هڪڙي موجب فيصلو ڪري، جيڪي حُڪم نمبر 9 موجب مُقرر ٿيا آهن، يا اهڙو حُڪم ڏئي، جيڪو انهيءَ کي مُناسب ڀانئجي.

3. عدالت ڪارروائي جاري رکي سگهي ٿي، پوءِ ڀلي ڪا ڏُر شاهديءَ ڏيڻ ڪان لاچار رهي: جيڪڏهن مُقدمي جي ڏُر، جنهن کي مُهلت ملي هجي، پنهنجي ثبوت جو سبب پيش نہ ڪري يا پنهنجي شاهدن کي حاضر نہ ڪري يا ڪو ٻيو حُڪم پُورو نہ ڪري، جيڪو مُقدمي جي ڪارروائي جاري رهڻ لاءِ ضروري هجي ۽ جنهن لاءِ مُهلت ملي هجي، تہ عدالت انهيءَ پيروي کي سامهون رکندي، مُقدمي جو انهيءَ وقت فيصلو ڏيندي.

[21][4. ڏُرين جو موڪل وارن ڏينهن کان پوءِ ايندڙ ڏينهن عدالت ۾ حاضر ٿيڻ: جڏهن ڪنهن مُقدمي جي ڪارروائي انهيءَ ڏينهن مُقرر ڪئي وڃي، جنهن تي موڪل هجي، تہ مُقدمي جون ڏُريون عدالت ۾ انهيءَ ڏينهن حاضر ٿينديون، جيڪو موڪل واري ڏينهن کان ايندڙ ٻيو ڏينهن هوندو ۽ جڏهن ٻہ يا هڪ ٻئي پويان ايندڙ وڌيڪ ڏينهن موڪل جا هجن، تہ اُهو ڏينهن، جيڪو لڳاتار هڪ ٻئي پُٺيان ايندڙ ڏينهن هجي، تہ عدالت انهيءَ ڏينهن مُقدمي جي ڪارروائي هلائي سگهي ٿي يا ٻيو ايندڙ ڪو ڏينهن مُقرر ڪري سگهي ٿي.]

[22][5. ڏُرين جو انهيءَ ڏينهن عدالت ۾ حاضر ٿيڻ، جڏهن عدالت جي صدارت ڪندڙ عملدار غيرحاضر هجي: جڏهن ڪنهن ڏينهن عدالت جي صدارت ڪندڙ عملدار، بيماريءَ يا ڪنهن ٻئي سبب غيرحاضر هجي، تہ مُقدمي يا ڪارروايين جون ڏُريون انهيءَ ڏينهن (انهيءَ جاڻ ڪانسواءِ، تہ صدارتي عملدار غيرحاضر هوندو) عدالت جي ڪمري ۾ حاضر ٿينديون ۽ عدالت جي آفيس سنڀاليندڙ عملدار، جنهن کي انهيءَ ڏس ۾ اختيار ڏنا ويا هُجن، سو ڏُرين کي ڪاغذ جا ڀنا ڏيندو، جنهن تي مُقدمي جي ڪارروائي لاءِ نئين تاريخ مُقرر ٿيل هوندي ۽ انهيءَ تي سندس صحيح ٿيل هوندي.]

عدالتي حُڪم -XVIII

مُقدمي جي ٻُڌڻي ۽ شاهدن جا بيانَ وٺڻ

1. شروع ڪرڻ جو حَق: دعويدار کي دعويٰ شروع ڪرڻ جو حَق آهي، جيستائين دعويٰ جو جواب ڏيندڙ دعويدار طرفان ڄاڻايل اُنهن واقعن کي نہ مڃي ۽ اِهو زور ڏئي، تہ اُنهن قانوني نُڪتن يا وڌيڪ واقعن سبب، جن جي دعويدار طرفان دعويٰ ڪئي وئي، سو انهيءَ دادرسيءَ جي ڪنهن ٻہ حصو جو حقدار نہ آهي، جنهن جي هُو ڪوشش ڪري ٿو، تہ اهڙيءَ حالت ۾ دعويدار کي شروع ڪرڻ جو حق آهي.

---

[21] 1972ع جي آرڊيننس XII تحت شامل ٿيو.

[22] 1972ع جي آرڊيننس XII تحت شامل ٿيو.

2. مُقدمي جي حالت جو بيان ۽ شاهدي ڏيڻ: (1) مُقدمي جي ٻُڌڻيءَ لاءِ جيڪو ڏينهن مُقرر ٿئي، انهيءَ ڏينهن يا ڪنهن ٻئي ڏينهن تي، جنهن تي مُقدمي جي ٻُڌڻي مُلتوي ڪئي وڃي، انهيءَ ڏينهن جنهن ڌُر کي شروع ڪرڻ جو حق هوندو سا پنهنجي مُقدمي جي حالت ڄاڻائڻ شروع ڪندي ۽ پنهنجي مامرن يا مُقدمي جي پُٺڀرائيءَ ۾ پنهنجي شاهدي پيش ڪندي، جنهن کي ثابت ڪرڻ لاءِ اُها پاڻُ پابند هوندي.

(2) جڏهن ٻي ڌُر پنهنجي مُقدمي جي حالت ڄاڻائي پنهنجي شاهدي پيش ڪندي، ته جيڪڏهن ڪا هجي، ته پوءِ سموري مُقدمي بابت عام طور عدالت ۾ کُليو ڳالهائي يا تقرير ڪري سگهي ٿو.

(3) پوءِ جنهن ڌُر شروع ڪيو هجي، اُها سموري مُقدمي بابت عام طور جواب ڏيڻ جي حقدار هوندي

هاءِ ڪورٽ ترميمون (لاهور):

هينيون وضاحتون شامل ٿيون:

وضاحت I: هن قاعدي ۾ موجود ڪابه ڳالهه، پنهنجي راضپي يا ڪنهن ڌُر جي درخواست ڏيڻ تي، عدالت جي قانوني حدبنديءَ تي اثرانداز نه ٿيندي، جنهن لاءِ سببن کي لکت ۾ ريڪارڊ ڪرايو ويندو ته ڪنهن ڌُر کي ڪهڙي مرحلي تي شاهد کان شاهدي وٺڻ جي هدايت ڪئي وڃي.

وضاحت II: وضاحت I ۾ لکيل لفظ "شاهد" ۾ انهيءَ جي پنهنجي شاهد جيان ڪابه ڌُر شامل هوندي

3. شاهدي جڏهن انيڪ ڪارروايون جا مامرا هُجن: جڏهن گهڻن ڪارروايون جا مامرا هجن ۽ منجهانئن ڪجهه مامرن جي ثبوت جو بارُ ٻيءَ ڌُر تي هجي، ته شروع ڪندڙ ڌُر کي اختيار آهي، ته جيڪڏهن چاهي ته اُنهن مامرن جو ثبوت انهيءَ وقت داخل ڪري يا انهيءَ کي ٻيءَ ڌُر جي ايندڙ پيشيءَ تي ثبوت ڏيڻ خاطر محفوظ رکي ۽ پڇاڙيءَ حالت ۾ پيش ڪندڙ ڌُر کي اختيار هوندو ته جڏهن ٻيءَ ڌُر پنهنجا سمورا ثبوت ڏيئي چُڪي هجي، ته پنهنجي طرفان اُنهن ڪجهه مامرن بابت ثبوت ڏئي ۽ انهيءَ وقت ٻيءَ ڌُر کي اختيار هوندو ته شروع ڪندڙ ڌُر جنهن شاهدي ايئن ڏني هجي، ته خاص انهيءَ جو جواب ڏئي، پر انهيءَ وقت شروع ڪندڙ ڌُر سموري مُقدمي بابت هڪڙو عام جواب ڏيڻ جي حقدار هوندي

4. شاهديون کُليل عدالت ۾ ورتيون وينديون: شاهديون، حاضر شاهدن جي واتان کُليل عدالت ۾ جَج جي روبرو ۽ جج جي ذاتي ڪوشش ۽ هدايتن تحت ورتيون وينديون.

5. اپيل جي قابل مُقدمن ۾ شاهديءَ وٺڻ جو طريقيڪار: جن مُقدمن ۾ اپيل جي اجازت هجي، ته هر شاهد کان ورتل شاهديءَ کي عدالت جي ٻوليءَ ۾ جج جي هٿان يا جَج جي روبرو يا سندس ڪوشش ۽ ذاتي هدايتن تحت لکيو ويندو ۽ عام طور سوال جواب نه، پر اُهو هڪڙي سلسلي طور بيان هوندو ۽ جڏهن شاهدي پُوري ٿي ويندي، ته انهيءَ کي جَج جي روبرو پڙهيو ويندو ۽ جيڪڏهن سُڌاري جي گهرج هوندي، ته جج انهيءَ ۾ سُڌارو ڪري، مٿس صحيح ڪندو.

6. جڏهن شاهديءَ جو ترجمو ڪيو ويندو: جيڪڏهن شاهد پنهنجي شاهدي انهيءَ ٻوليءَ ۾ ڏئي، سا لکيل نه هجي، پر اُن کي ٻيءَ ٻوليءَ ۾ لکيو وڃي، جنهن کي شاهد نه سمجهندو هجي، ته جيڪا شاهدي قلمبند ڪئي ويندي، ته شاهد کي انهيءَ ٻوليءَ ۾ اُن جو ترجمو ڪري سمجهايو ويندو جنهن ٻوليءَ ۾ هُن شاهدي ڏني هوندي.

7. قلم 138 تحت شاهدي: جيڪا شاهدي قلم 138 تحت قلمبند ڪئي وڃي، سا قاعدي 5 جي مُقرر طريقي تحت ٿيندي ۽ اُن کي پڙهي ٻُڌايو ويندو ۽ انهيءَ تي صحيح ٿيندي ۽ جيڪڏهن گهرج هوندي، ته انهيءَ جو ترجمو پڙهي ٻُڌايو ويندو ۽ سُڌارو به ٿيندو، ته اُهو مٿي ڄاڻايل قاعدي موجب قلمبند ٿيو.

8. ياداشت جڏهن شاهديءَ کي جَج طرفان نه ورتو وڃي: جيڪڏهن شاهد جي شاهديءَ کي جَج جي هٿن سان نه لکيو وڃي، ته جَج تي لازم آهي، ته شاهد جيڪا شاهدي ڏئي، تنهن جو نچوڙ ياداشت طور لکندو ۽ لازم آهي، ته جَج اهڙي ياداشت پنهنجي هٿ سان لکندو ۽ انهيءَ تي صحيح ڪندو ۽ انهيءَ کي ڪارروائي ۾ شامل ڪيو ويندو.

هاءِ ڪورٽ ترميمون (لاهور):

قاعدي 8 ۾ تبديلي ٿي:

جڏهن شاهد جي شاهديءَ کي جَج جي هٿن سان نه لکيو وڃي، ته جَج پابند آهي، ته شاهد جيڪا شاهدي ڏئي، تنهن جو نچوڙ جَج اهڙي ياداشت طور پنهنجي هٿ سان لکڻ جو پابند هوندو يا کُليل عدالت ۾ پاڻُ لکرائيندو ۽ اهڙي ياداشت تي پاڻُ صحيح ڪندو ۽ انهيءَ کي ڪارروائي ۾ شامل ڪيو ويندو.

9. شاهديءَ کي جڏهن ڪڏهن انگريزي ٻوليءَ ۾ لکي سگهجي ٿو: جتي انگريزي ٻولي، عدالتي ٻولي نه هجي، پر مُقدمي جون سموريون ڌُريون، جيڪي شخصي طور حاضر هجن ۽ سندن وڪيلَ، جيڪي وڪيلَ طور حاضر هجن، ته انگريزي ٻوليءَ ۾ ڏنل شاهديءَ کي انگريزي ٻوليءَ ۾ لکڻ تي اعتراض نه ڪن، ته جَج انهيءَ کي انگريزي ٻوليءَ ۾ لکندو.

10. ڪو خاص سوال توڙي جواب قلمبند ٿي سگهي ٿو: عدالت کي اختيار آهي، ته پاڻُ پنهنجي خوشيءَ سان يا ڪنهن ڌُر يا انهيءَ جي وڪيل جي درخواست تي، ڪنهن سُوال ۽ انهيءَ جي جواب کي يا ڪنهن اعتراض کي، جيڪو ڪنهن سُوال تي ڪيو وڃي، حُڪم ڏئي، جيڪڏهن ايئن ڪرڻ لاءِ ڪو خاص سبب ڏنو وڃي.

11. سُوالن تي اعتراض هجن، پر عدالت سُوالن کي درست سمجهي: جيڪڏهن ڪو سُوال ڪنهن شاهد کان پُڇيو وڃي، جنهن تي ڪنهن ڌُر يا سندس وڪيل کي اعتراض هجي، پر عدالت انهيءَ سُوال جي پُڇڻ کي درست سمجهي، ته جَج تي لازم آهي، ته سُوال ۽ انهيءَ جو جواب ۽ اعتراض ۽ اعتراض ڪندڙ جو نالو ۽ انهيءَ بابت فيصلو قلمبند ڪندو.

12. شاهد جي ورتاءُ تي رايا: عدالت کي اختيار آهي، ته ڪنهن شاهد جي هلت چلت ۽ ورتاءُ تي، جنهن کي شاهديءَ ڏيڻ وقت ڏٺو ويو هجي، ته اهڙا رايا لکي، جيڪي انهيءَ شاهديءَ جي بيانَ بابت هُجن.

13. اپيل ـ جوڳن مُقدمن ۾ شاهديءَ تي ياداشت: جن مُقدمن ۾ اپيل جائز نه هجي، ته هيءُ ڳالهه ضروري نه هوندي، ته شاهدن جي شاهديءَ کي لفظ به لفظ لکيو وڃي، پر جَج تي لازم هوندو، ته هر شاهد جي بيان کي ياداشت طور لکي، جيئن اُهو ڳالهائيندو وڃي، انهيءَ تي پنهنجي صحيح ڪري ۽ انهيءَ ياداشت کي ڪارروائي ۾ شامل ڪيو ويندو.

هاءِ ڪورٽ ترميمون (لاهور):

قاعدي 13 ۾ ڦيرڦار ٿي:

جن مُقدمن ۾ اپيل جي اجازت نہ ڏني وڃي، تہ اِهو لازمي نہ هوندو تہ شاهدن جي شاهديءَ کي لفظ بہ لفظ لکيو وڃي، پر جَج تي لازم هوندو تہ هرهڪ شاهد جي بيان کي سندس يادداشت طور جيئن اُهو ڳالهائيندو وڃي، تنهن کي پنهنجي هٿن سان لکي يا ڪُليل عدالت ۾ لکرائي، ۽ انهيءَ تي ججَ طرفان پنهنجي صحيح ڪئي ويندي ۽ انهيءَ يادداشت کي ڪارروائي ۾ شامل ڪيو ويندو.

14. جيڪڏهن جَج شاهديءَ جي اهڙي يادداشت نہ لکي سگهي، تہ لاچاريءَ جو سبب لکندو: (1) جيڪڏهن جَج انهيءَ يادداشت جي لکڻ کان لاچار هجي، جنهن کي انهيءَ حُڪم موجب لکڻ گهرجي، تہ هُو پنهنجي لاچاريءَ جو سبب قلمبند ڪرائيندو ۽ يادداشت پنهنجي وات سان ڪُليل عدالت ۾ لکرائيندو.

(2) اهڙي هر يادداشت کي ڪارروائي ۾ شامل ڪيو ويندو.

هاءِ ڪورٽ ترميمون (لاهور):

قاعدي 14 کي ختم ڪيو ويو.

15. جيڪا شاهدي ڪنهن ٻئي جَج جي سامهون ورتي وڃي: (1) جيڪڏهن ڪو جَجُ فوت ٿيڻ يا بدلي ٿيڻ يا ڪنهن ٻئي سبب مُقدمي جي پُڄاڻي نہ ڪري سگهي، تہ انهيءَ جي جڳهہ تي مُقرر ٿيل جَج کي اختيار آهي، تہ انهيءَ شاهدي يا يادداشت بابت ايئن عمل ڪندو جڻ پاڻُ هُن انهيءَ کي لکيو يا لکرايو هجي ۽ مُقدمي ۾ ڪارروائي کي انهيءَ جڳهہ کان شروع ڪندو جتان پهرئين جَج انهيءَ کي ڇڏيو هو.

(2) ذيلي قاعدي (1) جا حُڪمَ، جيستائين اُهي لاڳو ٿيڻ جوڳا هجن، تہ ڪنهن اهڙي مُقدمي ۾ ڏنل شاهديءَ کي لاڳو ٿيڻ جوڳو سمجهيو ويندو جنهن کي قلم 24 تحت مُنتقل ڪيو ويو هجي.

16. تُرت شاهدي وٺڻ جو اختيار: (1) جيڪڏهن ڪو شاهد تُرت عدالت جي اختياري علائقي کان ٻاهر وڃڻ وارو هجي ۽ ڪنهن سبب عدالت کي اطمينان ڏياريو وڃي، تہ انهيءَ جي تُرت شاهدي وٺڻ ضروري آهي، تہ عدالت کي اختيار آهي، تہ ڪنهن ڌُر يا پاڻُ شاهد جي درخواست تي مُقدمي رجوع ٿيڻ جي ڪنهن وقت مٿي ڄاڻايل شاهد جي شاهدي ايئن وٺي، جيئن مٿي حُڪم ڏنو ويو آهي.

(2) جيڪڏهن اهڙي شاهد جي شاهدي، تُرت ڌُرين جي روبرو نہ ورتي وڃي، تہ انهيءَ جي شاهدي وٺڻ لاءِ جيڪا تاريخ مقرر هجي، تنهن جي ڄاڻُ ڌُرين کي ڏني ويندي، جنهن کي عدالت ڪافي سمجهندي.

(3) جنهن شاهديءَ کي ايئن ورتو وڃي، تہ اُها شاهد کي پڙهي ٻڌائي ويندي ۽ جيڪڏهن اُهو انهيءَ جي صحت کي مڃي، تہ انهيءَ تي صحيح ڪئي ويندي ۽ جيڪڏهن گهرج هجي، تہ جَج انهيءَ ۾ سُڌارو ڪري مٿس صحيح ڪندو ۽ اُها شاهدي، مُقدمي جي ڪنهن ٻُڌڻي جي وقت پڙهڻ لائق هوندي.

17. عدالت, شاهد کي بيهر گهرائي شاهدي وٺي سگهي ٿي: عدالت کي اختيار آهي, تہ مقدمي جي ڪنهن مرحلي تي ڪنهن شاهد کي وري گهرائي, جنهن جي شاهدي ٿي چڪي هجي, ۽ لاڳو شاهديءَ واري قانون جي مٿي ڄاڻايل حُڪم تحت کانئس اهڙا سُوال پُڇي, جيڪي عدالت کي مُناسب لڳن.

18. معائني بابت عدالت جو اختيار: عدالت ڪنهن مرحلي تي ڪنهن ملڪيت يا شيءِ جو معائنو ڪري سگهي ٿي, جنهن بابت ڪو بحث پيدا ٿي سگهندو هجي.

XIX- عدالتي حُڪم

حلفيہ بيان (ڪنهن بہ ٻئي جَج آڏو ورتل شاهدي)

1. ڪنهن ڳالهہ کي حلفيہ بيان ذريعي ثابت ڪرائڻ جو اختيار: (1) هر عدالت کي هر وقت اختيار آهي, تہ جيڪڏهن ڪافي سبب ڏنو وڃي, تہ اُنهن شرطن تي حُڪم ڏئي, جيڪي عدالت جي سمجهہ ۾ معقول هجن, تہ ڪنهن خاص ڳالهہ يا واقعاتي مامري کي حلفيہ بيان پٽاندر ثابت ڪيو وڃي يا ڪنهن شاهد جي حلفيہ بيان کي مُقدمي جي ٻُڌڻيءَ لاءِ پڙهيو وڃي:

پر شرط هيءَ آهي, تہ جيڪڏهن عدالت کي پتو پوي, تہ ڪا ڌُر نيڪ نيتيءَ طور ڪنهن شاهد کي کانئس آڏيءَ پُڇا جا سُوال پُڇڻ جي مقصد سان شاهديءَ لاءِ حاضر ڪرائڻ چاهي ٿي, تہ انهيءَ شاهد کي حاضر ڪري سگهجي ٿو پر انهيءَ مضمون جو حُڪم نہ ڏنو ويندو, تہ اهڙو شاهد حلفيہ بيانَ ڏي.

2. حلفيہ بيان لکندڙ کي آڏيءَ پُڇا لاءِ حاضريءَ جي حُڪم ڏيڻ جو اختيار: (1) جائز آهي, تہ ڪنهن درخواست تي حلفيہ بيان ذريعي شاهدي ورتي وڃي, پر عدالت کي اختيار آهي, تہ ڌرين مان ڪنهن ڌُر جي درخواست تي حلفيہ بيان لکندڙ کي آڏيءَ پُڇا جي سُوالن لاءِ حاضر ٿيڻ جو حُڪم ڏئي.

(2) اهڙي حاضري عدالت ۾ ٿيڻ گهرجي, ايستائين جو انهيءَ حال ۾ حلفيہ بيان لکندڙ عدالت ۾ شخصي طور حاضر ٿيڻ کان آجو هجي يا عدالت ٻيءَ طرح جو ڪو حُڪم ڏئي.

3. حلفيہ بيان ڪهڙن واقعن تائين محدود هوندو: (1) حلفيہ بيان ۾ رُڳو اُهي واقعا پڌرا ڪيا ويندا, جن کي لکندڙ پنهنجي خاص علم سان ثابت ڪري سگهندو هجي, انهيءَ حالت کانسواءِ تہ اُهي ڳالهہ ٻولهہ جي درخواست بابت هجن, تہ اُنهن وچئين بيانن تي ڀروسو رکندو هجي, مڃي سگهجن ٿا,

پر شرط هيءَ آهي, تہ معقول سبب ظاهر ڪيا وڃن.

(2) هرهڪ حلفيہ بيان جو خرچ, جنهن ۾ غيرضروري طور ٻُڌل ڳالهين يعني اُفواهن يا دليلَ وارن مامرن کي داخل ڪيو ويو هُجي يا جنهن ۾ دستاويزن جو نقل يا مَتن لکيل هجي, انهيءَ ڌُر تي لاڳو ٿيندو جيڪو انهيءَ کي پيش ڪري, (جيستائين انهيءَ حالت ۾ عدالت ڪنهن ٻئي قسم جو حُڪم نہ ڏئي.)

عدالتي حُڪم -XX

فيصلو ۽ ڊِڪري

[23][1. ڪڏهن فيصلو ٻُڌايو ويندو: (1) شاهديءَ جي پُوري ٿيڻ تي عدالت، ڌُرين جي دليلن جي ٻُڌڻي ڪرڻ لاءِ ڪا تاريخ مُقرر ڪندي، جيڪا پندرهن ڏينهن کان وڌيڪ نہ هوندي.

(2) عدالت، مُقدمي جي ٻُڌڻي پُوري ٿيڻ کانپوءِ ڪُليل عدالت ۾ تُرت يا ڪنهن ايندڙ تاريخ تي، جيڪا ٽيهن ڏينهن کان وڌيڪ نہ هوندي، ۽ جنهن لاءِ ڌُرين يا سندن وڪيلن کي نوٽيس ڏنو ويندو فيصلو ٻڌائيندي.]

2. اڳوڻن جَجن جو لکيل فيصلو ٻُڌائڻ جو اختيار: جائز آهي، تہ جَج اهڙو فيصلو ڏئي، جيڪو اڳوڻي جَج لکيو هجي، جنهن جو اُهو نگران هجي، پر ٻُڌايو يا پڙهيو نہ ويو هجي.

3. فيصلي تي صحيح: جڏهن فيصلو ٻُڌايو ويندو تہ انهيءَ وقت جَج اجلاس هلندي پنهنجي صحيح ۽ تاريخ لکندو ۽ فيصلي ۾ قلم 152 يا تُرت ٻيءَ ڪارروائيءَ جي شرطن کانسواءِ، ڪجھ بدلايو يا وڌايو نہ ويندو.

4. ننڍين مُقدمن جي ڪارروائي هلائيندڙ عدالتن جو فيصلو: (1) ننڍين مُقدمن جي ڪارروائي هلائيندڙ عدالت ۾ مٿي ڄاڻايل مامرن جي ڪارروائي ۽ نبيري جوڳن مامرن کانسواءِ، ڪجھ ٻيو لکڻ ضروري نہ آهي.

(2) ٻين عدالتن جو فيصلو: باقي سمورين عدالتن جي فيصلي ۾ مُقدمي جو مختصر بيان ۽ نبيري جوڳن مامرن ۽ مٿي ڄاڻايل هر مُقدمي جي ڪارروائي ۽ ڪارروائيءَ جا سبب لکڻ ضروري آهن.

5. عدالت پنهنجو فيصلو هرهڪ تڪراري مامري بابت لکندي: جن مُقدمن ۾ مامرا تحقيق جوڳا ڄاڻايا ويا هُجن، تہ عدالت پنهنجو فيصلو يا نبيرو هرهڪ تحقيق جوڳي مامري ۾ انهيءَ کانسواءِ ڌار ڌار سببن سميت لکندي، تہ تحقيق جوڳن سمورن مامرن جي هڪ يا ڪجھ مامرن جي ڪارروائيءَ لاءِ مُقدمي جو فيصلو ڪافي هجي.

6. ڊِڪريءَ جو مضمون: (1) ڊِڪري فيصلي موجب هوندي، انهيءَ ۾ مُقدمي جو نمبر ۽ ڌُرين جا نالا ۽ پيءُ جو نالو قوميت وغيره ۽ دعويٰ جا تفصيل ۽ انهيءَ دادرسيءَ جو صاف بيان، جيڪا ڪئي ويئي هجي ۽ مُقدمي جو فيصلو لکيو ويندو.

(2) گڏوگڏ انهيءَ ۾ خرچ جي وضاحت، جيڪو مُقدمي تي ٿيو هجي ۽ هيءُ تہ ڪيترو، ڪهڙي حساب سان ڪهڙي ڪهڙي ڌُر تي لاڳو ٿيندو ۽ ڪهڙي ملڪيت مان ملندو لکڻ گھرجي.

---

[23] 1994ع جي ديواني قانوني سُڌارا ائڪٽ XIV تحت ڦيرڦار ٿي. ترميم نہ ٿيل متن:- [عدالت مُقدمي جي ٻُڌڻيءَ کانپوءِ ڪُليل عدالت ۾ هڪدم يا ڪنهن ايندڙ ڏينهن تي فيصلي جو اعلان ڪندي، جنهن جو نوٽيس ڌُرين يا سندن وڪيلن کي ڏنو ويندو.]

(3) عدالت حُڪم ڏئي سگهي ٿي، تہ جيڪا رقم، هڪڙي ڌُر کي ٻيءَ ڌُر کان خرچ طور ملي، انهيءَ رقم مان مُجرو ڏنو وڃي، جيڪو مٿي ڄاڻايل ٻهرئين ڌُر پنهنجي ذمي مڃي، يا جيڪو ڪانئس ڏياريو وڃي.

هاءِ ڪورٽ ترميمون (لاهور):

قاعدي (A)-1 طور شامل ٿيو:

شِق (1) ۾ ڄاڻايل تفصيلن سميت، ڊِڪريءَ ۾ مُدعي ۽ دعويٰ جي بچاءُ ڪندڙن جون ائڊريسون شامل هونديون. جيئن قانوني حُڪم VII جي قاعدي 19 ۽ قانوني حُڪم VIII جي قاعدي 11 ۾ ڄاڻايل هُجن، يا جيئن اُن ڪانپوءِ قانوني حُڪم VII جي قاعدي 24 ۽ قانوني حُڪم VIII جي قاعدي 12 تحت ترتيبوار تبديل ٿين.

7. ڊِڪريءَ جي تاريخ: ڊِڪريءَ تي فيصلي جي تاريخ لکي ويندي ۽ جڏهن جَج کي اطمينان ٿي وڃي، تہ ڊِڪري فيصلي موجب لکي وئي آهي، تہ هُو ڊِڪريءَ تي صحيح ڪندو.

8. جيڪڏهن جَج ڊِڪريءَ تي صحيح ڪرڻ کان اڳ عدالت مان بدلي ٿي وڃي: جيڪڏهن جَج فيصلو ٻُڌائڻ کانپوءِ، پر ڊِڪريءَ تي صحيح ڪرڻ کان اڳ پنهنجي جڳهہ تان بدلي ٿي وڃي، تہ ٻيو جَج جيڪو پوءِ اچي ۽ جيڪڏهن انهيءَ عدالت جو وجود ئي نہ رهي، تہ ڪنهن عدالت جو جَج، جنهن جي ماتحت ڄاڻايل عدالت رهي هجي، تہ انهيءَ ڊِڪريءَ تي جنهن مٿي ڄاڻايل جَج فيصلو لکيو هُجي، سو اُن تي صحيح ڪري سگهي ٿو.

9. غيرمُنتقل ٿيندڙ ملڪيت جي وصوليءَ لاءِ ڊِڪري: جڏهن دعويٰ واريءَ شيءِ، غيرمُنتقل ٿيندڙ ملڪيت هجي، تہ ڊِڪريءَ ۾ ڄاڻايل ملڪيت جو اهڙو تفصيل لکيل هوندو جنهن سان انهيءَ جي سُڃاڻپ چڱيءَ طرح ڪري سگهجي ۽ جيڪڏهن ڄاڻايل ملڪيت جي حدن يا انهيءَ جي ايراضيءَ جا نمبر ڪنهن نبيري جي ڪاغذن يا ماپُ وارن نقشن ۾ لکيل هجن، تہ ڊِڪريءَ ۾ اُهي حدون يا ايراضيءَ جا نمبر تفصيل سان لکيا ويندا.

10. مُتحرڪ ملڪيت جي وصوليءَ لاءِ ڊِڪري: جيڪڏهن مُقدمو مُنتقل ٿيندڙ ملڪيت بابت هجي ۽ ڊِڪري اهڙي مالُ يا رقم ڏيڻ لاءِ هجي، تہ ڊِڪريءَ ۾ ڏيڻ لاءِ اُنهن ربين جو تعداد بہ ڪنهن مُتبادل مالُ طور ڄاڻايل هوندو، جيڪڏهن اُها رقم ڏئي نہ سگهجي.

11. ڊِڪريءَ ۾ قسطن ۾ ادائيگي جو حُڪم ڏيئي سگهجي ٿو: (1) جيڪڏهن ڊِڪري رقم ڏيڻ جي هجي، تہ عدالت کي اختيار آهي، تہ ٻين حالتن سبب ٺُرت ڊِڪري جاري ڪري حُڪم ڏئي، تہ ڊِڪريءَ ۾ ڄاڻايل رقم جي ادائيگي مُلتوي ڪئي وڃي يا اِهو تہ اُها رقم قسطن ۾، وياج يا بغير وياج ڏني وڃي، جيتوڻيڪ انهيءَ اقرارنامي ۾ جنهن ۾ اُها رقم واجب هجي، پلي ڪجھ ٻيو چيو نہ لکيل هجي.

(2) قسطن ۾ رقم ڏيڻ جي ڊِڪريءَ ڪانپوءِ حُڪمَ: اهڙي ڊِڪريءَ جاري ٿيڻ ڪانپوءِ، جيڪڏهن ڊِڪريءَ جو قرضدار درخواست ڪري ۽ ڊِڪري وٺندڙ راضي هجي، تہ عدالت، ڊِڪري ۾ ڄاڻايل رقم کي وٺڻ مُلتوي ڪرڻ، يا اُها رقم قسطن ۾ ڏيڻ يا وياج ڏيڻ يا ڊِڪري جي قرضدار جي ملڪيت جي

ضبطگيءَ جي شرطن تحت، يا ڪائنس ضمانت وٺڻ جو حُڪم ڏئي سگهي ٿي. ٻيءَ طرح جيڪو عدالت مُناسب سمجهي.

هاءِ ڪورٽ ترميمون (سنڌ):

قانوني حُڪم XX جي قاعدي 11 جي ذيلي قلم (2) ۾ لفظن "۽ ڊِڪري وٺندڙ جي راضپي سان" ۾ لفظن "۽ ڊِڪري وٺندڙ ڏانهن نوٽيس ڪانپوءِ" تحت تبديلي ٿي.

12. جاءِ جي مسواڙ يا تحويل وٺڻ لاءِ ڊِڪري: (1) جيڪڏهن مُقدمو مٿي ڄاڻايل غير مُنتقل ٿيندڙ جاءِ جي مسواڙ وٺڻ ۽ تحويل وٺڻ بابت هجي، تہ عدالت ڊِڪري جاري ڪري سگهي ٿي:

(a) مٿي ڄاڻايل جاءِ جي قبضي لاءِ

(b) جاءِ جي مسواڙ يا تحويل وٺڻ لاءِ جيڪا جاءِ تي دعوي داخل ڪرڻ کان اڳ واجب هئي، يا اهڙي جاءِ جي مسواڙ يا ڪمائيءَ بابت تحقيق لاءِ هدايت ڏيڻ.

(c) مُقدمي داخل ڪرڻ جي تاريخ کان وٺي ملڪيت جي مسواڙ يا تحويل وٺڻ يا تحقيق ٿيڻ جي هدايت ڏيڻ جيستائين:

(i) ڊِڪريءَ وٺندڙ کي قبضو نہ ملي، يا

(ii) ڊِڪريءَ ۾ ڄاڻايل قبضيدار قبضو نہ ڇڏي ۽ انهيءَ جي ڄاڻ ڊِڪريءَ وٺندڙ ذريعي نہ ملي.

(iii) ڊِڪريءَ جاري ٿيڻ جي تاريخ کان ٽي ورهيہ نہ گذرڻ تائين. اُنهن مان جيڪا بہ ڳالھ پهرئين واقع ٿي هجي.

(2) جيڪڏهن فقري (b) يا (c) موجب تحقيق جو حُڪم ڏنو ويو، تہ قطعي ڊِڪريءَ جي تحقيق جاءِ جي مسواڙ يا تحويل وٺڻ جي نتيجي پٺاندر جاري ٿيندي.

13. ملڪيت جي انتظام لاءِ مُقدمي داخل ڪرڻ تي ڊِڪري: (1) جڏهن دعوي انهيءَ لاءِ ٿئي، تہ ملڪيت جو حساب ورتو وڃي ۽ انهيءَ جو انتظام بلڪل واقعي عدالت جي ڊِڪريءَ موجب ڪيو وڃي، تہ عدالت تي لازم آهي، تہ قطعي ڊِڪري جاري ڪرڻ کان اڳ، حساب وٺڻ ۽ تحقيق ڪرائڻ لاءِ هڪڙي اصلي ڊِڪري جاري ڪندي ۽ گڏوگڏ اهڙيون ٻيون هدايتون ڏيندي، جيڪي مناسب هجن.

(2) جڏهن ڪنهن فوتي شخص جي ملڪيت جو انتظام عدالت جي معرفت هجي، تہ جيڪڏهن اُها ملڪيت ايتري گُنجائش نہ رکندي هجي، تہ انهيءَ تي سمورا خرچ ۽ رهتون چُڪتو ٿي وڃن، تہ محفوظ ۽ غير محفوظ قرض ڏيندڙن جي لاڳاپيل دعوائن جي حقن بابت ۽ اُنهن دعوائن ۽ ذميدارين بابت، جيڪي ثبوت جوڳيون هجن، تہ ساليانی ماليت جي نبيري ۽ ايندڙ خرچن بابت ذميدارين جي نبيري بابت اُنهن قاعدن کي سامهون رکيو ويندو جيڪي هن عدالت جي اختياراتي حدن ۾ هُجن، جنهن ۾ ڄاڻايل دعوي ڄاڻايل ڏيوالي نڪتل شخصن يا ڏيوالو نڪتل ڪوٺيل شخصن جي ورثي بابت ڪارروائي هيٺ هجي، ۽ اُهي انهيءَ وقت لاڳو ٿيندڙ هجن ۽ اهڙيءَ حالت ۾ ملڪيت مان ڪجھ وٺڻ جا حقدار سمورا شخص مُختيار هوندا، تہ اصلي ڊِڪريءَ موجب دعويدار هجن ۽ ملڪيت تي اهڙي دعوي ڪن، جيڪو حق هن ڪوڊ پٺاندر کين ملندو هجي.

14. حَقِ شفعه جي دعويٰ ۾ ڊِڪري: (1) جڏهن مُقدمو ڪنهن گروي رکيل ملڪيت ۾ حقِ شفعه بابت هجي ۽ عدالت دعويدار جي حق ۾ ڊِڪري جاري ۽ عدالت جو خرچ عدالت ۾ داخل نه ڪيو ويو هجي، ته ڊِڪريءَ ۾ هيٺ ڄاڻايل وضاحتون ٿيل هونديون، يعني:-

(a) انهيءَ تي يا اڳ ۾ ڏينهن واضح ڪيو وڃي، جنهن تي خريد- رقم ڏني ويندي ۽

(b) هدايت ڏني وڃي، ته انهيءَ کان اڳ ڄاڻايل عدالت جي خرچ سميت اُهو خرچ، جيڪو ڊِڪريءَ ۾ دعويدار تي لاڳو ڪيو ويو هجي (جيڪڏهن ڪجهه خرچ ٿيو هجي)، ته دعويدار جي ملڪيت جو قبضو ڏئي ۽ دعويدار جي حق کي عدالت جي خرچ جي رقم طور سمجهيو ويندو پر جنهن حال ۾ عدالت جو خرچ ۽ خرچ (جيڪڏهن ڪجهه هجي) انهيءَ تي داخل نه ڪيو وڃي، ته خرچ سميت دعويٰ خارج ٿي ويندي.

(2) جيڪڏهن عدالت ٻن مخالفن جي دعوائن جو فيصلو ڪيو هجي، ته ڊِڪريءَ پٽاندر هدايت ڏني ويندي ته:-

(a) جيڪڏهن ٻئي ڊِڪري ٿيل دعوائون، درجي ۾ هڪٻئي جي برابر هجن، ته هر شفيع جي دعويٰ جا شرط ذيلي قلم (1) جي پيروي ڪن. ملڪيت جو هڪڙو حصو تناسب بابت اثرائتو ٿيندو جنهن ۾ ڪو اهڙو حصو برابر داخل هجي، جنهن بابت ڪنهن اهڙي شفيع جي دعويٰ مؤثر ٿئي، جيڪو ڄاڻايل پيروي جي شرطن ۾ ڏوهه ڪري، پر ڄاڻايل ڏوهه سبب مؤثر نه هجي.

(b) جيڪڏهن ۽ جيستائين ڊِڪري ٿيل ٻئي دعوائون درجي ۾ مختلف هجن، ته هر ماتحت شفيع جي دعويٰ تيستائين اثرائتي نه ٿيندي، جيستائين بالادست شفيع ڄاڻايل شرطن جي پوراءِ ۾ ناڪام نه ٿيو هُجي.

15. پائيواريءَ جي خاتمي لاءِ دعويٰ ۾ ڊِڪري: جڏهن مُقدمو پائيواريءَ جي خاتمي يا پائيواري جي حساب ونڊ بابت هجي، ته عدالت کي اختيار آهي، ته قطعي ڊِڪري جاري ڪرڻ کان اڳ هڪڙي اصلي ڊِڪري جاري ڪندي، جنهن ۾ ڌُرين جا ڌار ڌار حصا مُقرر ڪندي ۽ اهڙي تاريخ مُقرر ڪندي، جنهن تاريخ تي پائيواري ختم ٿي ويندي يا انهيءَ کي ختم سمجهيو ويندو ته اُها ختم ٿي ويئي آهي ۽ اهڙي حساب ونڊ بابت ۽ اهڙن فعلن کي عمل ۾ آڻڻ جي هدايت ڪندي، جيڪي مُناسب ڀانئجن.

16. مالڪ ۽ گُماشتي وچ ۾ حسابن لاءِ دعويٰ ۾ ڊِڪري: جڏهن مُقدمو مالڪ ۽ گُماشتي وچ ۾ روڪ رقم توڙي حساب خاطر هجي ۽ باقي ڪُل مُقدمن ۾، جن بابت ڄاڻايل حُڪم ۾ ڪجهه حُڪم جاري نه ٿيا هُجن، جڏهن انهيءَ ڳالهه جي تحقيق لاءِ، ته ڪنهن ڌُر کي ڪيتري رقم ونڊ يا ڏيڻ گهرجي ها، ته اِها ڳالهه ضروري آهي، ته حساب داخل ڪرايو وڃي، ته عدالت تي لازم آهي، ته قطعي ڊِڪري جاري ڪرڻ کان اڳ، هن بابُ موجب حساب ونڊ خاطر هڪڙي اصلي ڊِڪري جاري ڪندي، جيئن به مُناسب سمجهي.

17. حساب ڪتاب بابت خاص هدايت: عدالت کي اختيار آهي، ته ڊِڪريءَ ۾ جنهن ۾ حساب ڪتاب جو حُڪم ڏنو ويو هجي، يا ونڻ جي طريقي بابت يا حسابن جي تصديق ڪرڻ جي هدايتن کانپوءِ ڪنهن حُڪم ذريعي، خاص ڪري انهيءَ حساب ونڻ ۾ جاري ڪندي، ته جنهن کاتي ۾ حساب لکيل هجن، تنهن کي بين ڳالهين جي صحت جو پڪو ثبوت سمجهيو ويندو، جيڪي انهيءَ ۾ لکيل هجن ۽ اهو ته ڌرين کي انهيءَ ڏس ۾ اهڙو اعتراض ڪرڻ جو اختيار هوندو، جيڪو کين ٻڌايو وڃي.

18. ملڪيت جي ورڇ لاءِ دعويٰ ۾ ڊِڪريون يا ڪنهن ملڪيت ۾ حصي هئڻ جي ڌار ڊِڪري: جيڪڏهن عدالت ملڪيت جي ورڇ يا آڻ ورڇيل ملڪيت جي ڌار حصي بابت ڊِڪري جاري ڪري، ته پوءِ:-

(1) ڊِڪري جيڪڏهن ڪنهن سرڪاري ملڪيت جي حوالي سان هجي، ته انهيءَ ۾ حقدار ڏني ويندڙ ڌُر جي حقن کي ڪوئيو ويندو، پر حُڪم ڏنل هوندو، ته ملڪيت جي ورڇ جي ڌار حصي جي چاٽايل ڪوئيل حق ۽ قلم 54 جي حُڪم موجب ڪليڪٽر يا ڪنهن گزيٽيڊ ماتحت ڪليڪٽر ذريعي عمل ۾ آڻيندو، جنهن کي ڪليڪٽر هن پيري خاص مقرر ڪيو هجي.

(2) جيڪڏهن ڊِڪري ڪنهن ٻي مُنتقل ٿيندڙ ملڪيت سان لاڳاپيل هجي، ته عدالت کي اختيار آهي، ته جيڪڏهن وڌيڪ تحقيق بغير ورڇ يا ڀاڱا سولائيءَ سان نه ٿي سگهندا هجن، ته اُنهن انيڪ ڌُرين جي ڪيل حقن بابت هڪڙي اصلي ڊِڪري جاري ڪندي، جيڪي ملڪيت ۾ حق رکندا هجن، گڏوگڏ ڊِڪريءَ ۾ اهڙيون هدايتون ڏيندي، جيڪي ضروري ڀانئجن.

19. ڊِڪري جڏهن مُجري جي اجازت ڏني وڃي: (1) جيڪڏهن دعويٰ جي جواب ڏيندڙ ڪو پنهنجو مطالبو دعويدار جي دعويٰ ۾ مُجرو هئڻ لاءِ پيش ڪيو هجي ۽ عدالت انهيءَ کي مُجرو هئڻ منظور ڪيو هجي، ته ڊِڪريءَ ۾ اهو لکيو ويندو، ته ڪيتري رقم دعويدار ڏانهن ۽ ڪيتري رقم دعويٰ جي جواب ڏيندڙ ڏانهن رَهڻ آهي، تنهنڪري ڊِڪريءَ پٽاندر اُها رقم ڏياري ويندي، جيڪا هڪڙي ڌُر کان ٻيءَ ڌُر ڏانهن رَهڻ ڀانئجي.

(2) مُجري سان لاڳاپيل ڊِڪريءَ تي اپيل: جيڪا ڊِڪري، ڪنهن اهڙي مُقدمي ۾ جاري ٿئي، جنهن ۾ مُجري جي دعويٰ ڪئي وڃي، ته اپيل بابت اُنهن شرطن جي پابندي هوندي، جن جي پابندي مٿي چاٽايل دعويٰ جي پيش نه ڪرڻ جي صورت ۾ لازمي هجي.

(3) هن قاعدي جا حُڪم لاڳو ٿيندا، ته ڇا حُڪم VIII جي قاعدي 6 پٽاندر مُجرو ڪنهن ٻيءَ طرح اجازت جوڳو آهي يا نه.

20. فيصلي ۽ ڊِڪريءَ جا سچا نقلَ ڏنا ويندا: فيصلي ۽ ڊِڪريءَ جا سچا نقل، ڌُرين کي عدالت ۾ درخواست ڏيڻ ۽ سندن خرچ تي ڏنا ويندا.

عدالتي حُڪم -XXI

ڊِڪريون ۽ حُڪمَ جاري ٿيڻ

ڊِڪريءَ تحت رقم جي ادائيگي

1. ڊِڪريءَ تحت روڪ رقم ڏيڻ جو طريقو: (1) سموري رقم، جيڪا ڊِڪريءَ موجب ڏيڻي هجي، تنهن کي هيٺئين طريقي سان ڏنو وڃي، يعني:

(a) انهيءَ عدالت ۾، جنهن جو ڊِڪريءَ جاري ٿيڻ سان ناتو هجي، يا

(b) ڊِڪريءَ وٺندڙ کي [24][ڪنهن بئنڪ يا پوسٽل مني آرڊر يا ڊِڪريءَ وٺندڙ يا سندس بااختيار گُماشتي آڏو لکيل صحيح سان شاهديءَ ذريعي عدالت کان ٻاهر]،

(c) جهڙيءَ طرح ڊِڪري جاري ڪندڙ عدالت هدايت ڪري.

(2) جڏهن رقم فقري (a) ذيلي قلم (1) تحت ڏني وڃي، ته انهيءَ جي جاڻ ڊِڪريءَ وٺندڙ کي ڏني ويندي.

هاءِ ڪورٽ ترميمون (لاهور):

وياج وضاحت ذيلي قلم (1) ۾ شامل ٿي:

وضاحت: ڊِڪريءَ جو قرضدار جيڪڏهن خواهش رکندو هُجي، ته هُو ڊِڪريءَ ۾ ڄاڻايل رقم يا انهيءَ جو ڪجهه ڀاڱو هڪڙي فارم تي پوسٽل مني آرڊر ذريعي شِق (a) تحت عدالت ۾ ڏئي سگهي ٿو جنهن جي انهيءَ مقصد لاءِ هاءِ ڪورٽ طرفان خاص طور منظوري ڏني وئي هُجي.

2. ڊِڪري وٺندڙ کي عدالت کان ٻاهر رقم ڏيڻ: (1) جيڪڏهن ڪنهن قسم جي ڊِڪريءَ پٽاندر ڏيڻ جوڳي رقم عدالت کان ٻاهر ڏني وڃي يا ڊِڪريءَ ۾ ڄاڻايل سموري شيءِ يا ان جي ٿوري حصي جو نبيرو راضپي سان ڊِڪري وٺندڙ ۽ مخالف ڌُر وچ ۾ ٿي وڃي، ته ڊِڪريءَ وٺندڙ تي لازم آهي، ته اهڙي رقم جي ڏيڻ يا اهڙي نبيري ٿيڻ جي جاڻ انهيءَ عدالت ۾ ڏئي، جنهن سان ڊِڪريءَ جي جاري ٿيڻ جو ناتو هجي ۽ عدالت انهيءَ کي قلمبند ڪندي.

(2) جنهن خلاف ڊِڪري جاري ٿي هجي، تنهن کي به اختيار آهي، ته اهڙي رقم ڏيڻ يا نبيري ٿيڻ کان عدالت کي جاڻ ڏئي ۽ عدالت مان ڊِڪريءَ وٺندڙ جي نالي نوٽيس لاءِ درخواست لکي، ته اُهو هڪڙي مقرر تاريخ تي عدالت ۾ حاضر ٿي، انهيءَ جو سبب ڏيکاري، ته اهڙي رقم ڏيڻ يا نبيري جي عمل کي ڇونه لفظي طور تصديق ٿيل قلمبند ڪيو وڃي، ته عدالت انهيءَ کي قلمبند ڪندي.

---

[24] 1972ع جي آرڊيننس XII تحت شامل ٿيو.

(3) [25][ڪا رقم ڏيڻ يا ڏرين وچ ۾ راضپو جنهن جي تصديق يا داخلا متي ڄاڻايل طريقي سان نہ ٿي هجي، تہ انهيءَ کي ڊِڪري جاري ڪندڙ عدالت ۾ نہ مڃيو ويندو.]

ڊڪريون جاري ڪندڙ عدالتون

3. جيڪڏهن زمين هڪ کان وڌيڪ عدالتن جي اختياري علائقي ۾ هجي: جيڪڏهن غيرمُنتقل ٿيندڙ ملڪيت ڪا اڪيلي ملڪيت هجي، جيڪا گهڻين عدالتن جي اختياري علائقي ۾ واقع هجي، تہ منجهانئن ڪا هڪ عدالت سموري ملڪيت کي ضبط يا نيلام ڪري سگهي ٿي.

4. ننڍين مُقدمن واري عدالت طرفان مُقدمي جي مُنتقلي: [26][* * *]

5. مُنتقليءَ جو طريقو: جڏهن جنهن عدالت ۾ ڊِڪريءَ کي جاري ٿيڻ لاءِ موڪليو وڃي، سا عدالت جيان انهيءَ ساڳيءَ ضلعي ۾ واقع هجي، جنهن اهڙي ڊِڪريءَ کي جاري ڪيو هُجي، تہ اهڙي عدالت ساڳيءَ طرح سِڌيءَ ريت انهيءَ عدالت کي موڪليندي. پر جيڪڏهن جنهن عدالت ڏانهن ڊِڪريءَ کي جاري ٿيڻ لاءِ موڪليو وڃي، سا ڪنهن ٻئي ضلعي ۾ موجود هجي، تہ ڊِڪري جاري ڪندڙ عدالت، انهيءَ کي ضلعي جي ضلعي عدالت کي موڪليندي، جنهن ۾ اُها جاري ٿيڻي هُجي.

هاءِ ڪورٽ ترميمون (لاهور):

قاعدي 5 جي آخري جملي ۾، لفظن "ضلعي عدالت" کانپوءِ ۽ لفظن "ضلعي جي" کان اڳ لفظن "يا عدالت يا ڪو جَج، جنهن جي جڳهہ تي ڪيس قانوني اختيار هُجي، جتي ڊِڪري جاري ٿيڻي هُجي، جنهن کي دعويٰ وٺڻ جو اختيار هُجي، تہ اُنهن کي اختيار ضلعي جج طرفان سونپيو ويو هجي،" کي شامل ڪيو ويو.

6. طريقيڪار جڏهن عدالت جي خواهش هجي، تہ سندس پنهنجي ڊِڪري ٻيءَ عدالت مان جاري ٿئي: جيڪا عدالت، ڊِڪريءَ جي جاري ٿيڻ لاءِ موڪلي، تنهن تي لازم آهي، تہ هيٺيان تفصيلي ڪاغذ بہ موڪليندي:

(a) ڊِڪريءَ جو هڪڙو نقل؛

(b) انهيءَ مضمون جو سرٽيفڪيٽ، تہ جاري ڪندڙ عدالت جي علائقي ۾ ڊِڪري جاري نہ ٿي آهي يا جيڪڏهن ڊِڪريءَ جاري ٿي هجي، تہ اِهو لکيو ويندو، تہ ڪيتري قدر جاري ٿي ۽ ڊِڪريءَ جو ڪيترو حصو اڃا جاري ٿيڻ لاءِ رهيل آهي؛ ۽

(c) ڪنهن حُڪم جو نقل، جيڪو ڊِڪريءَ جاري ٿيڻ لاءِ جاري ٿيو هجي، ۽ جيڪڏهن جاري ٿيو هجي ۽ جيڪڏهن جاري نہ ٿيو هجي، تہ انهيءَ مضمون جو سرٽيفڪيٽ تہ جاري نہ ٿيو.

---

[25] 1972ع جي آرڊيننس XII تحت اصلي ذيلي قاعدي (3) ۾ ڦيرڦار ٿي.

[26] قانوني حُڪم 1949ع تحت خارج ٿيو.

هاءِ ڪورٽ ترميمون (اُتر - اولهہ سرحدي صوبو):

قاعدي 6 کي قاعدي 6 (1) طور پڙهو ۽ هيٺيون ذيلي قاعدو شامل ڪريو:-

(2) اهڙا نقل ۽ سرٽيفڪيٽ، ڊِڪريءَ ونندڙ جي درخواست تي ڪيس يا اهڙي شخص کي مُهربند ڪري انهيءَ عدالت ڏانهن کڻي وڃڻ لاءِ، جنهن ڏانهن اُهي موڪلڻا هوندا، سونپي سگهجن ٿا، جنهن کي هُو مُقرر ڪري.

7. جنهن عدالت ۾ ڊِڪري موڪلي وڃي، سا ڊِڪري وغيره کي ثبوت گهرڻ بغير ڪارروائيءَ ۾ شامل ڪري ڇڏيندي: جنهن عدالت ۾ ڊِڪري جاري ٿيڻ لاءِ موڪلي وڃي، تہ نقل ۽ ڄاڻايل سرٽيفڪيٽ کي ثبوت بغير ڊِڪريءَ يا جاري ٿيل حُڪم جي وڏيڪ صحت يا سندن نقلَ کي شامل ڪري ونندي، ايستائين انهيءَ صورت ۾ عدالت ڪنهن خاص سبب اهڙو ثبوت گهرندي، جنهن کي جَج پنهنجي هٿن سان لکندو.

8. اهڙي ڊِڪريءَ يا حُڪم ٻيءَ عدالت مان جاري ٿيڻ: جڏهن اُهي نقلَ ايئن شامل ڪيا وڃن، تہ اُها ڊِڪري يا اهڙو حُڪم، جنهن عدالت ۾ موڪليو ويو هجي، جيڪڏهن اُها پاڻُ ضلعي عدالت هجي، تہ اُها عدالت جاري ڪندي، يا جنهن اختيار رکندڙ ماتحت عدالت کي اُهو حُڪم ڏئي، تہ انهيءَ جي معرفت جاري ٿيندي.

9. هاءِ ڪورٽ جو ڊِڪري جاري ڪرڻ، جنهن کي ٻيءَ عدالت وٽان مُنتقل ڪيو ويو هجي: جيڪڏهن اُها عدالت، جنهن ۾ ڊِڪري جاري ٿيڻ لاءِ موڪلي وڃي، سا عدالت هاءِ ڪورٽ هجي، تہ اُها انهيءَ ڊِڪري کي ايئن جاري ڪندي، جڻ پاڻُ هُن عام ابتدائي ٻُڌڻيءَ جا پنهنجا اختيار ديواني قاعدا لاڳو ڪري، اُها ڊِڪري جاري ڪئي هجي.

ڊِڪري جاري ڪرڻ لاءِ درخواست

10. ڊِڪري جاري ڪرڻ لاءِ درخواست: جڏهن ڊِڪري ونندڙ پنهنجي ڊِڪري جاري ڪرائڻ چاهي، تہ اُهو انهيءَ عدالت ۾ درخواست ڏيندو، جنهن ڊِڪري جاري ڪئي هجي يا انهيءَ عهديدار کي درخواست ڏيندو (جيڪڏهن اهڙو عهديدار هجي) جيڪو انهيءَ ڪم تي مُقرر ٿيل هجي يا جيڪڏهن ڊِڪريءَ کي جَجُ طرفان هيٺ ڏنل حُڪمن موجب ڪنهن ٻيءَ عدالت ۾ موڪليو ويو هجي، تہ درخواست انهيءَ عدالت کي يا انهيءَ جي مُناسب عهديدار کي ڏني ويندي.

هاءِ ڪورٽ ترميمون (لاهور):

هيٺيون شرط شامل ٿيو:

"شرط هيءَ آهي، تہ جڏهن ڊِڪريءَ جو قرضدار انهيءَ عدالت جي قانوني حدن مان، جنهن ڊِڪري جاري ڪئي هئي، يا انهيءَ عدالت جي حدن منجهان نڪري وڃي، جنهن ڏانهن ڊِڪري موڪلي وئي هجي، تہ ڊِڪري وٺندڙ عدالت ۾ درخواست ڏئي سگهي ٿو جنهن جي قانوني حدن ۾ اُهو ڊِڪريءَ جو قرضدار هُجي، يا انهيءَ ڏس ۾ مُقرر عملدار جاري ڪيل ڊِڪريءَ تي ۽ ڊِڪري وٺندڙ طرفان مطمئن نہ هئڻ جي حلفيہ دستاويز تي، جيڪا قلم 39 تحت تبديلي جي حُڪم جي وصوليءَ تائين التوا ۾ هُجي، هڪدم عملدرآمد جو حُڪم ڏيندو."

11. زباني درخواست: (1) جيڪڏهن ڊِڪري هڪڙي مُقرر روڪ رقم بابت جاري ٿي هجي، تہ عدالت کي اختيار آهي، تہ ڊِڪري جاري ڪرڻ وقت، ڊِڪري وٺندڙ جي زباني درخواست تي ٺُرت ڊِڪريءَ جاري ٿيڻ جو حُڪم ڏئي ۽ انهيءَ تي عملدرآمد خاطر ڊِڪريءَ جي قرضدار کي وارنٽ جي تياريءَ کان اڳ، گرفتار ڪرڻ جو حُڪم ڏئي.

(2) لکت ۾ درخواست: ذيلي قلم (1) جي مضمون پٽاندر ڊِڪري جاري ڪرائڻ جي درخواست لکت ۾ هوندي ۽ انهيءَ تي صحيح ۽ تصديق، درخواست ڏيندڙ يا ڪنهن ٻئي شخص طرفان لکي ويندي، جنهن بابت عدالت وٽ ڪافي ثبوت پيش ٿين، تہ اهو مُقدمي جي حالتن کان چڱيءَ طرح واقف آهي ۽ انهيءَ ۾ لکيل تفصيل مُقدمي جي هيٺئين نقشي موجب لکيل هوندا:

(a) مُقدمي جو نمبر؛

(b) ڌُرين جا نالا؛

(c) ڊِڪريءَ جي تاريخ؛

(d) انهيءَ ڳالھ جي ڪيفيت، تہ راضپي بغير اپيل ٿئي يا نہ؛

(e) اِهو تہ، جَجُ طرفان ڊِڪريءَ جاري ٿيڻ کانپوءِ تڪراري شيءِ بابت ڪا ادائيگي يا ڪنهن قسم جو ٻنهي ڌُرين وچ ۾ نبيرو ٿيو نہ هجي ۽ جيڪڏهن عمل ۾ آيو هجي، تہ انهيءَ جو ڪهڙو نتيجو نڪتو.

(f) ڇا انهيءَ کان اڳ ڊِڪريءَ جي جاري ڪرائڻ لاءِ ڪي درخواستون داخل ٿيون يا نہ ۽ داخل ٿيون، تہ ڪهڙي مضمون جون ۽ ڪهڙي تاريخ تي ۽ سندن نتيجو ڪهڙو نڪتو.

(g) جاري ٿيل ڊِڪريءَ جي روڪ رقم جي ماليت سميت وياج (جيڪڏهن ڪجھ هجي) يا ڊِڪريءَ پٽاندر ٿيل ٻي دادرسي، ڪنهن مدمقابل ڊِڪريءَ جي تفصيل سميت، تہ ڇا اُها ڊِڪري جاري ٿيڻ کان اڳ يا پوءِ جي تاريخ تي ٿي هئي يا نہ، جنهن کي جاري ڪرائڻ منظور هو.

(h) رقم جي خرچ جي ماليت، جيڪڏهن ڪجھ ڏياري وئي هجي؛

(i) انهيءَ شخص جو نالو جنهن تي ڊِڪري جاري ڪرائڻ منظور هجي؛ ۽

(j) اِهو تہ ڪنهن بہ طرح عدالت جي مدد گهربل هجي؛ يعني

(i) انهيءَ خاص مالُ ڏيارڻ ذريعي، جنهن جي ڊِگري جاري ٿي هجي؛

(ii) ڪنهن ملڪيت جي ضبطگيءَ بغير نيلامي ذريعي؛

(iii) ڪنهن شخص جي گرفتاري ۽ قيد ذريعي؛

(iv) ريسور مُقرر ڪرڻ ذريعي؛

(v) ٻئي قسم سان، جيئن گهربل دادرسيءَ جي نوعيت ضروري هجي؛

(3) جنهن عدالت ۾ ذيلي قلم (2) پٽاندر درخواست داخل ڪئي وڃي، سا درخواست ڏيندڙ کي ڊِگري جو سچو نقل ڏيڻ جو حُڪم ڏئي سگهي ٿي.

هاءِ ڪورٽ ترميمون (سنڌ):

ذيلي قاعدي (2) لاءِ شِق (ff) طور هيٺئين ريت شامل ٿيو:

"(ff) چاهي اصلي ڊِڪري ونندڙ ڊِڪريءَ ۾ پنهنجي مفاد جو ڪو ڀاڱو بدلي ڪرايو هُجي ۽ جيڪڏهن ايئن ٿيو هُجي، تہ تبديليءَ جي تاريخ ۽ ڌُرين جا نالا ۽ ائڊريسون تبديل ٿينديون."

12. مُنتقل ٿيندڙ ملڪيت جي ضبطگيءَ جي درخواست، جيڪا فيصلي جي قرضدار جي قبضي ۾ نہ هجي: جڏهن ڪنهن مُنتقل ٿيندڙ مالَ لاءِ درخواست، ڪنهن فيصلي جي قرضدار طرفان داخل ڪئي وڃي ۽ اُها انهيءَ جي قبضي ۾ نہ هجي، تہ ڊِڪري ونندڙ تي لازم آهي، انهيءَ سان گڏ انهيءَ مال بابت هڪڙو حلفيہ بيان، جيڪو ضبط ڪرائڻو هجي، اهڙي وضاحتي بيان سان شامل ڪري، جنهن جو ڪو معقول سبب موجود هجي.

13. غيرمُتحرڪ ملڪيت جي ضبطگيءَ بابت درخواست ۾ ڪجهہ واضح مامرا شامل هئڻ گهرجن: جڏهن ڪنهن غيرمُنتقل ٿيندڙ ملڪيت جي ضبطگيءَ بابت درخواست، ڪنهن فيصلي جي قرضدار طرفان داخل ٿئي، تہ اُن ۾ هيٺئين ڳالهين جي وضاحت هوندي:

(a) ملڪيت جو بيان، جنهن سان انهيءَ جي نيڪ طرح سان سُڃاڻپ ٿي سگهي ۽ جيڪڏهن انهيءَ جون حدون يا نمبر ڪنهن نبيري جي ڪاغذ يا ماپ جي نقشي ۾ لکيل هجن، تہ اُنهن حدن يا نمبرن جي وضاحت؛ ۽

(b) فيصلي جي قرضدار جي وضاحت يا حق، جيستائين درخواست ڏيندڙ کي يقيني معلوم هجي ۽ درخواست ڏيندڙ ڇنڊڇاڻ ڪري سگهيو هجي.

14. ڪجهہ حالتن ۾ ڪليڪٽر جي آفيس جي رجسٽر جو تصديق ٿيل مَتن گهرائڻ جو اختيار: ڪنهن اهڙي ايراضيءَ بابت ڪنهن ڌُر طرفان درخواست داخل ڪئي وڃي، جيڪا ڪليڪٽر جي آفيس ۾ رجسٽر ۾ لکيل هجي، تہ عدالت درخواست ڏيندڙ کي حُڪم ڏئي سگهي ٿي، تہ مٿي ڄاڻايل آفيس جي رجسٽر جي تصديق ٿيل تفصيلي مَتن سان، تہ ڪهڙا شخص انهيءَ رجسٽر ۾ ايراضيءَ يا انهيءَ ملڪيت جا مالڪ يا اُن ايراضي ءَ جي ملڪيت جي ڪنهن مُنتقل ٿيڻ جوڳيءَ حقيت ۾ جا تحويلدار يا انهيءَ ايراضيءَ جي ڍل ڏيڻ جا ذميدار لکيل هجن ۽ ڄاڻايل رجسٽر ۾ ملڪيت ۾ ڀائيوارن جو موجو تفصيل پيش ڪري.

15. گڏيل ڊِڪري ونندڙن طرفان ڊِڪري جاري ٿيڻ لاءِ درخواست: (1) جڏهن ڊِڪري هڪ کان وڌيڪ شخصن جي حق ۾ ڀائيوار طور نڪتي هجي، تہ منجهانئن ڪو هڪڙو يا اهڙا وڌيڪ شخص، جيستائين انهيءَ ڊِڪريءَ سان سمورن ماڻهن يا منجهانئن ڪو فوت ٿي وڃي، تنهن فوتيءَ ماڻهو جي باقي جي ڄڻن ۽ سندس قانوني وارثن جي فائدي لاءِ، مجموعي طور عملدرآمد لاءِ ڪو اُبتڙ شرط لاڳو نہ ٿئي، تہ سڀني جي فائدي لاءِ سموري ڊِڪريءَ جي جاري ٿيڻ جي درخواست ڏيئي سگهن ٿا.

(2) جيڪڏهن عدالت کي ڪنهن سبب خاطر مُناسب لڳي، تہ هن قاعدي پٽاندر درخواست داخل ٿيڻ تي ڊِڪري جاري ٿيڻ کي منظور ڪيو وڃي، تہ اُها اهڙو حُڪم ڏيندي، جيڪو اُنهن شخصن جي حقن جي بچاءُ لاءِ ضروري هجي، جيڪي انهيءَ درخواست ۾ شريڪ نہ ٿيا هجن.

16. ڊِڪريءَ جي مُتبادل طرفان ڊِڪري جاري ٿيڻ لاءِ درخواست: جيڪڏهن ڊِڪريءَ جي مُنتقليءَ جو يا جيڪڏهن ڊِڪري ہن يا وڌيڪ شخصن جي حق ۾ پائيوار طور نڪتي هجي، تہ ڪنهن ڊِڪري ونندڙ جي مُنتقليءَ واري حق جي مُنتقلي لکت ذريعي يا ڪنهن قانون جي اثر سبب عمل ۾ اچي، تہ مُنتقلي ڪرائيندڙ کي اختيار هوندو، تہ انهيءَ جي جاري ٿيڻ جي درخواست انهيءَ عدالت ۾ ڪري، جنهن ڊِڪري جاري ڪئي هجي ۽ ڊِڪري ان حالت ۾ ۽ اُنهن شرطن جي پابنديءَ سان عمل ۾ ايندي، ڄڻ درخواست، ڊِڪري ونندڙ طرفان داخل ڪئي ويئي هجي:

شرط هيءُ آهي، تہ جڏهن ڊِڪري يا حق جي مُنتقلي، مٿي ڄاڻايل ڄج ذريعي ٿي هجي، تہ مٿي ڄاڻايل درخواست جو اطلاع لکت ۾ مُنتقل ڪرائيندڙ ۽ ڊِڪريءَ جو بيان ٻنهي کي ڏنو ويندو ۽ جيستائين عدالت اُنهن جي اعتراضن کي نہ ٻُڌي، جيڪڏهن اُهي ڊِڪريءَ جاري ٿيڻ بابت رکندا هجن، تيستائين ڊِڪري جاري نہ ڪئي ويندي.

وڌيڪ شرط هيءُ آهي، تہ جڏهن ڊِڪري روڪ رقم جي ہن يا وڌيڪ شخصن تي هجي ۽ منجهانئن هڪڙي شخص جي نالي تي اُها ڊِڪري مُنتقل ڪئي وئي هجي، تہ ڊِڪري اُنهن ٻين شخصن تي جاري نہ ڪئي ويندي.

هاءِ ڪورٽ ترميمون (اُتر ـ اولهہ سرحدي صوبو):

پهرئين شرط لاءِ هيٺئين شرط ۾ ڦيرڦار ٿي:ـ

شرط هيءُ آهي، تہ جيئن مٿي ڄاڻايو ويو آهي تہ ڊِڪري يا حق جي بدلي، مُقرر ڄج ذريعي ٿي هجي، تہ اهڙي عملدرآمد لاءِ بدلي ڪندڙ کي نوٽيس ڏنو ويندو ۽ جيستائين بدلي ڪرائيندڙ طرفان حليف بيانَ ۾ اِهو نہ مڃيو وڃي تہ تبديلي، مليل درخواست سان ٿي آهي، تہ ڊِڪري جاري نہ ٿيندي، جيستائين عدالت انهيءَ جي جاري ٿيڻ تي اعتراضن کي نہ ٻُڌندي، جيڪڏهن ڪي هُجن.

17. ڊِڪري جاري ٿيڻ لاءِ درخواست ملڻ تي ڪارروائي: (1) ڊِڪريءَ جي عملدرآمد لاءِ مليل درخواست تي، جيئن قاعدي 11 جي ذيلي قاعدي (2) ۾ شرط ڄاڻايل آهي، عدالت انهيءَ ڳالهہ جي خاطري ڪندي، تہ ڇا قاعدي 11 کان قاعدي 14 جي حُڪمن تي تعميل ٿي آهي يا نہ، جيڪي مُقدمي سان لاڳاپيل آهن ۽ جيڪڏهن انهيءَ جي تعميل نہ ٿي هجي، تہ عدالت کي اختيار آهي، تہ ڊِڪري جاري ٿيڻ لاءِ ڏنل درخواست کي منظوري ڪري يا انهيءَ وقت انهيءَ جي دُرست هئڻ جي اجازت ڏئي يا ٻيلي ڪو ٻيو عرصو مُقرر ڪري.

(2) جيڪڏهن ذيلي قاعدي (2) پٽاندر ترميم ڪئي وڃي، تہ اُها قانون موجب ۽ انهيءَ تاريخ تي ڪيل سمجهي ويندي، جڏهن اُها اڳ ۾ پيش ڪئي وئي هئي.

(3) قاعدي موجب ڪيل هر دُرستگيءَ تي جَج جي صحيح ٿيل هوندي يا مختصر صحيح ٿيل هوندي.

(4) جڏهن داخل ٿيل درخواست کي قبول ڪيو وڃي، ته عدالت تي لازم آهي، ته رجسٽر ۾ درخواست جي هڪڙي يادداشت تاريخ سميت لکندي، جڏهن درخواست داخل ڪئي وئي هجي، ۽ جاٽايل قلمن موجب ٻين شرطن پٽاندر، سندس مضمون موجب ڊِڪريءَ جاري ٿيڻ جو حُڪم ڏيندي.

پر شرط هيءُ آهي، ته جيڪڏهن ڊِڪري روڪ رقم بابت هجي، ته ايتري ماليت جي ملڪيت ضبط ڪئي ويندي، جيڪا اتڪل انهيءَ ماليت جيتري هوندي، جيڪا ڊِڪري پٽاندر ڏياري وئي هجي.

هاءِ ڪورٽ ترميمون (لاهور):

لفظن "عدالت رَد ڪري سگهي ٿي..... انهيءَ لاءِ مُقرر ڪرڻ خاطر" کي ذيلي قاعدي (1) ۾ هيٺئين ريت"عدالت هڪڙو وقت مُقرر ڪندي، جنهن ۾ غلطين کي دُرست ڪيو ويندو ۽ جيڪڏهن اُهي اهڙي وقت ۾ دُرست نٿيون ٿين، ته درخواست کي رَدُ ڪري سگهي ٿي." قيرقار ٿي.

18. هڪٻئي جي اُبتڙ ڊِڪرين جي حالت ۾ ڊِڪري جاري ڪرڻ: (1) جيڪڏهن عدالت ۾ اهڙيون ڊِڪريون جاري ڪرائڻ لاءِ درخواستون، اُنهن ڌُرين وچ ۾ ٻن رقمن بابت ڌار ڌار مُقدمن ۾ داخل ٿيون هجن ۽ جن کي اهڙي عدالت ساڳئي وقت جاري ڪري سگهندي هجي، تڏهن:

(a) جيڪڏهن ٻئي رقمون برابر هجن، ته ٻنهي ڊِڪرين تي سندن رقم لکي ويندي؛ ۽

(b) جيڪڏهن ٻئي رقمون برابر نه هجن، ته رُڳو انهيءَ ڊِڪريءَ وٺندڙ کي ڊِڪري جاري ٿيندي، جنهن جي روڪ رقم گهڻي هجي ۽ رُڳو اوتري روڪ رقم بابت، جيڪا مُجرو ڏيڻ کانپوءِ باقي ٿوري رقم باقي رهي ۽ گهڻي رقم جي ڊِڪريءَ تي روڪ رقم جي ماليت لکيل هوندي، گڏوگڏ ٿوري رقم جي ڊِڪريءَ تي ٿورڙي رقم جي ماليت لکيل هوندي.

(2) هيءُ قاعدو انهيءَ حالت ۾ به لاڳو آهي، جنهن ۾ ڪا ڌُر اُنهن ڊِڪرين منجهان هڪڙي ڊِڪريءَ کي مُنتقل ڪندڙ هجي ۽ گڏوگڏ ڊِڪري ٿيل قرض بابت، جيڪو اصل مُنتقل ڪندڙ کان ملڻو هجي، اهڙيءَ طرح لاڳو هوندو، جهڙي طرح پاڻُ مُنتقل ڪندڙ جي ذمي ڊِڪريءَ جو قرض لاڳو هجي.

(3) هيءُ قاعدو جاٽايل حالتن کانسواءِ هيٺئين حالتن سان لاڳاپيل آهي:

(a) مُقدمن منجهان ڪنهن هڪڙي مُقدمي ۾ ڊِڪريءَ وٺندڙ جنهن ۾ مُقدمن منجهان هڪڙي مُقدمي ۾ ڊِڪريون جاري ٿيون هجن، ته ڊِڪريءَ جو قرضدار ٻئي مُقدمي جو هجي ۽ هر ڌُر ٻنهي مُقدمن ۾ ساڳئي حيثيت رکندي هجي؛ ۽

(b) جڏهن رهتُ رقم جي ڊِڪرين جو مُقرر عرصو قطعي جاٽايل هجي.

(4) ڪنهن ڊِڪريءَ جو وٺندڙ جيڪا ڊِڪري گهڻن ماڻهن تي گڏيل طور جاري ٿي هجي، ته اَنيڪ پائيوار شخص ۽ اڪيلو مُتبادل جاري ٿيل ڊِڪريءَ جي لاڳاپي جيان مُجرو ڏئي سگهن ٿا، جيڪا مٿي جاٽايل رُڳو ڪنهن هڪڙي يا وڌيڪ شخصن جي حق ۾ جاري ٿي هجي.

مثال

(a) الف وٽ ب جي نالي هڪ هزار رپين جي ڊِڪري آهي ۽ ب وٽ الف جي نالي تي هڪ هزار رپيا ڏيڻ جي شرط سان هڪڙي ڊِڪري آهي. الف هڪڙي ايندڙ وقت ۾ فلاڻو مال ڏيڻ ۾ ناڪام رهي ٿو. ب ڇاڙايل قاعدي موجب پنهنجي ڊِڪريءَ کي قابل مُجرو نٿو ڪوني سگهي.

(b) الف ۽ ب پائيوار دعويدار هڪڙي هڪ هزار رپئي جي ڊِڪري ب تي ورتي ۽ ب هڪڙي هڪ هزار رپئي جي ڊِڪري ب تي ورتي. ب ڇاڙايل قاعدي موجب پنهنجي ڊِڪريءَ کي قابل مُجرو نٿو ڪوئي سگهي.

(c) الف هڪ هزار رپين جي ب تي ڊِڪري ورتي. ب جيڪو ب جو ديانتدار آهي، رسيد تي هڪ هزار رپين جي ڊِڪري ب طرفان ورتي. ب ڇاڙايل قاعدي موجب ب جي ڊِڪريءَ کي قابل مُجرو نٿو ڪوني سگهي.

(d) الف، ب، ب، ت ۽ پ، پ طرفان ورتل هڪڙي ڊِڪريءَ تحت هڪ هزار رپيا ڏيڻ جا ذميدار آهن. الف هڪ سؤ رپين جي اڪيلي ڊِڪري پ تي ورتي ۽ عدالت ۾ عملدرآمد لاءِ درخواست داخل ڪئي، جنهن ۾ گڏيل ڊِڪري جاري ڪئي وڃي ٿي. پ پنهنجي گڏيل مَدمقابل ڊِڪريءَ کي انهيءَ قاعدي موجب قابل مُجرو ڪوني سگهي ٿو.

19. ساڳيءَ ڊِڪريءَ ۾ مدمقابل دعوائن جي مُقدمي ۾ ڊِڪري جاري ٿيڻ: جيڪڏهن عدالت ۾ اهڙي ڊِڪري جاري ٿيڻ لاءِ درخواست داخل ٿئي، جنهن موجب ٻنهي ڌرين منجهان هرهڪ ڌر ٻيءَ ڌر کان روڪ رقم وٺڻ جي حقدار هجي، تڏهن:

(a) جيڪڏهن ٻئي رقمون هڪجيتريون نہ هجن، تہ ڊِڪريءَ تي ٻنهي رقمن جو واعدو لکيو ويندو ۽

(b) جيڪڏهن ٻئي رقمون هڪجيتريون نہ هجن، تہ ڊِڪري رُڳو اُها ڌر جاري ڪرائي سگهندي، جيڪا وڏيڪ رقم وٺڻ جي حقدار هوندي ۽ جيستائين رقم ڪيڏڻ کانپوءِ بہ رُڳو ننڍڙي رقم بچي پوي، تہ ننڍڙي رهيل رقم جي وٺڻ لاءِ اُن کي ڊِڪريءَ ۾ داخل ڪيو ويندو.

20. گِروي رکيل ملڪيت جي مُقدمن ۾ مدمقابل دعوائون ۽ مدمقابل ڊِڪريون: مٿي ڇاڙايل قاعدا 18 ۽ 19 اهڙين ڊِڪرين سان بہ لاڳاپيل هوندا، جيڪي گِروي ۾ رکيل ملڪيت جي مُقدمن ۾ جاري ٿينديون.

21. ساڳئي وقت ڊِڪريون جاري ٿيڻ: عدالت کي پنهنجي مرضيءَ سان ڊِڪريءَ جي قرضدار خلاف ۽ انهيءَ جي ملڪيت خلاف، ٻنهي تي ساڳئي وقت ڊِڪري جاري ڪرڻ کان انڪار جو اختيار آهي.

22. ڪجهہ مُقدمن ۾ ڊِڪري جاري ٿيڻ خلاف ڪجهہ حالتن جي وضاحت بابت نوٽيس: (1) جيڪڏهن درخواست ڊِڪري جاري ٿيڻ لاءِ ڏني وڃي:-

(a) ڊِڪري جاري ٿيڻ جي تاريخ جي هڪ سال گُذرڻ کانپوءِ، يا

(b) ڪنهن ڊِڪريءَ جي ڪنهن ڌر جي نگران خلاف داخل ڪئي وڃي، [1][يا درخواست قلم 44-A جي حُڪم موجب آفيس ۾ داخل ڪئي وئي هوندي] تہ عدالت ڊِڪريءَ جي جاري

[1] سِول پروسيجر ڪوڊ (ترميم) ائڪٽ 1937ع (1937ع جو VIII)، قلم 3 تحت شامل ٿيو.

ٿيندڙ انهيءَ شخص جي نالي هڪڙو نوٽيس جاري ڪندي، جنهن تي درخواست داخل ڪئي وڃي، تہ هو مُقرر تاريخ تي انهيءَ ڳالهہ جو سبب ڏيکاري، تہ اُن ڊِڪريءَ کي ڇو نہ جاري ڪيو وڃي:

پر شرط هيءَ آهي، تہ انهيءَ نوٽيس جي گهرج نہ هوندي، جڏهن ڊِڪريءَ جي تاريخ ۽ ڊِڪريءَ جي درخواست ڏيڻ جي وچ ۾ عرصو هڪ سال کان وڌيڪ گُذري ويو هجي، جيڪڏهن درخواست انهيءَ ڌُر جي خلاف جاري ٿيل اڳوڻي حُڪم جي هڪ سال جي اندر داخل ڪئي وڃي، جنهن جي خلاف ڊِڪري جاري ٿيڻ جي درخواست ڏني وئي هُجي، جيڪا ڊِڪريءَ ڪنهن اڳوڻي ڏنل درخواست تي، يا فيصلي جي قرضدار جي قانوني نمائندي خلاف داخل درخواست جي نتيجي ۾ ورتي وئي هُجي، تہ جيڪڏهن ساڳئي شخص خلاف ڊِڪري جاري ڪرڻ لاءِ ڪنهن اڳوڻي درخواست تي، عدالت اُن شخص خلاف ڊِڪري جاري ڪرڻ جو حُڪم ڏنو هُجي.

(2) هيٺئين مضمون مان انهيءَ ڳالهہ جي روڪ نہ سمجهي ويندي، تہ عدالت مٿي ڄاڻايل نوٽيس جاري ڪرڻ بغير ڊِڪريءَ جي جاري ڪرڻ جو حُڪم نہ ڏئي، اُها ايئن ڪري سگهي ٿي، جيڪڏهن لکت ۾ درخواست سبب انهيءَ جي سمجهہ ۾ نوٽيس جاري ڪرڻ سان اجائي تاخير يا ناانصافي ٿيڻ جو اُڊڪو هجي.

هاءِ ڪورٽ ترميمون (لاهور):

لفظن "ٻن ورهين" جي جاءِ تي لفظن "هڪ ورهيہ" ۾ قيرقار تي، اُهي جتي بہ واقع ٿين.

قاعدي جي پڇاڙيءَ ۾ هينيان لفظ شامل ٿيا:

"اهڙن سببن کي ريڪارڊ ڪرڻ ۾ ناڪاميءَ کي بيقاعدگي سمجهيو ويندو جيڪا قانوني حد ۾ کوٽ کان وڌيڪ نہ هوندي."

هاءِ ڪورٽ ترميمون (اُتر - اولهہ سرحدي صوبو):

لفظن "ٻن ورهين" جي جاءِ تي لفظن "هڪ ورهيہ" ۾ قيرقار تي، اُهي جتي بہ واقع ٿين.

23. نوٽيس جاري ٿيڻ کانپوءِ ڪارروائي: (1) جيڪڏهن اُهو شخص جنهن جي نالي لاڳاپيل قاعدي موجب نوٽيس جاري ڪيو وڃي، سو حاضر نہ ٿئي يا عدالت جي اطمينان موجب ڊِڪريءَ جاري نہ ڪرڻ لاءِ ڪو مُناسب سبب پيش نہ ڪري، تہ عدالت ڊِڪري جاري ڪرڻ جو حُڪم ڏيندي.

(2) جيڪڏهن اُهو ڊِڪري جاري ڪرڻ بابت ڪجهہ اعتراض ڪري، تہ عدالت اعتراض تي ويچاري، مُناسب حُڪم ڏيندي.

قاعدو 23 ڊِڪري جاري ڪندڙ عدالت کي ڊِڪري جاري ڪرڻ جو اختيار ڏئي ٿو جڏهن جاري ٿيل نوٽيس تي اڳوڻن قاعدن تحت ڏيان نہ ڏنو وڃي.

جاري ٿيل ڊگريءَ تي اعتراض

23-A[2]. ڊگري وغيره جي روڪ رقم جمع ڪرائڻ: ڊگريءَ جي قرضدار طرفان ڊگريءَ جي تعميل تي، عدالت ايستائين ڌيان نه ڏيندي، جيستائين:

(a) جيڪڏهن ڊگريءَ جي رقم ڏيڻ بابت هجي، ته پهرئين ته اُها روڪ رقم عدالت ۾ جمع ڪرائي، يا انهيءَ جي ڏيڻ جي ضمانت ڏئي.

(b) جيڪڏهن ڊگري رقم ڏيڻ بابت هجي، ته اُها ڊگريءَ جي صحيح پوئواري لاءِ ضمانت ڏئي.

ڊگري جاري ٿيڻ لاءِ حُڪمنامو

24. ڊگري جاري ٿيڻ جو طريقيڪار: (1) ابتدائي ڪارروائي جي پوراءِ ڪانپوءِ، جيڪڏهن ڪجھ هجن، جيڪي مٿي ڄاڻايل قاعدن موجب هجن، ته عدالت تي لازم هوندو ته ڊگري جاري ڪرڻ لاءِ طريقيڪار (حُڪمنامو) جاري ڪري، جيستائين عدالت انهيءَ جي اُبتڙ سبب نه ڏسي.

(2) ڊگري جاري ٿيڻ جي حُڪمنامي تي حُڪمنامي جاري ٿيڻ جي تاريخ ۽ جَج يا عمديدار جي صحيح ٿيل هوندي، جنهن کي عدالت انهيءَ ڪم لاءِ مُقرر ڪري، ۽ عدالت جي مُهر لڳڻ ڪانپوءِ، مُناسب عُمديدار کي مٿيون حُڪمنامو جاري ڪرڻ لاءِ سونپيو ويندو.

(3) انهيءَ هرهڪ طريقيڪار ۾ خاص ڏينهن لکيو ويندو، جنهن تاريخ تي يا جنهن کان اڳ انهيءَ کي جاري ڪيو ويندو.

هاءِ ڪورٽ ترميمون (سنڌ):

ذيلي قاعدي (2) ۾ هيٺيون شرط شامل ٿيو:

”شرط هيءَ آهي، ته فرسٽ ڪلاس ماتحت جَج، پنهنجي خاص قانوني حد ۾، ساڳئي ضلعي ۾ هڪڙي بيءَ ماتحت عدالت ڏانهن، انهيءَ عدالت ۾ مُناسب عُمدي ذريعي ڊگري جاري ٿيڻ خاطر، قانوني ڪارروائي لاءِ موڪلي سگهي ٿو.“

25. حُڪم جي تعميل تي ڪيفيت جي داخلا: (1) اُهو عمديدار، جنهن کي تعميل لاءِ حُڪمنامو سونپيو ويو هجي، تنهن جي پُٺ تي لکندو، ته انهيءَ جي تعميل ڪهڙي تاريخ تي ۽ ڪيئن ٿي. جيڪڏهن تعميل نه ٿي هجي، ته تعميل نه ٿيڻ جو سبب لکيو ويندو ۽ مٿي ڄاڻايل عُمديدار اهڙي ڳالھ لکي، حُڪمنامي کي عدالت ۾ واپس ڪندو.

(2) جيڪڏهن لکت جي ڪيفيت انهيءَ مضمون جي هجي، ته مٿيون عُمديدار، حُڪمنامي کي تعميل نه ڪرائي سگهيو، ته عدالت انهيءَ جي لاچاريءَ جي سبب بابت سندس بيان وٺندي، جيڪڏهن مُناسب سمجهندي، ته سندس لاچاريءَ بابت شاهدن کي گهرائي، سندن شاهدي وٺندي ۽ تحقيق جا نتيجا لکندي.

---

[2] 1972ع جي آرڊيننس XII تحت شامل ٿيو.

ڊگري جاري ٿيڻ تي منعنامو

26. جڏهن عدالت، ڊگريءَ تي منعنامو ڏيئي سگهي ٿي: (1) جنهن عدالت ۾ ڊگري جاري ٿيڻ لاءِ داخل ڪئي وڃي، سا مُناسب سبب ڏسڻ تي ڊگريءَ جي جاري ٿيڻ کي هڪڙي معقول عرصي لاءِ انهيءَ مقصد خاطر ملتوي رکندي، ته جيئن ڊگريءَ جو قرضدار انهيءَ عدالت ۾ يا ڪنهن ٻيءَ اپيليٽ عدالت ۾ انهيءَ ڳالهه جي درخواست ڏئي، جنهن عدالت طرفان ڊگري جاري ٿي هئي، يا جنهن مٿي جاٽايل ڊگريءَ جي اپيل بابت ٻُڌڻيءَ جو يا انهيءَ کي جاري ڪرڻ جو اختيار رکيو ٿي، ته ڊگري جاري ٿيڻ جي حُڪم کي ملتوي رکڻ جو حُڪم ڏنو وڃي يا لاڳاپيل ڊگريءَ يا ڊگري جاري ڪرڻ بابت ڪو ٻيو حُڪم ڏنو وڃي، جنهن جو هاءِ ڪورٽ جي عدالت يا اپيليٽ عدالت انهيءَ حالت ۾ ڏيڻ جو اختيار رکندي هجي، جڏهن ڊگري انهيءَ عدالت مان جاري ٿئي ها يا جڏهن ڊگري جاري ڪرڻ جي درخواست انهيءَ عدالت ۾ داخل ٿئي ها.

(2) جيڪڏهن ملڪيت يا ڊگريءَ جي قرضدار تي شخصي طور ڊگري جي جاري ٿيڻ سان ضبطگي يا گرفتار ٿي هجي، ته اُها عدالت، جنهن حُڪمنامو جاري ڪيو هجي، درخواست جي نتيجي کي معطل ڪندي، اهڙي ملڪيت جي بحالي يا اهڙي شخص کي آزاد ڪرڻ جو حُڪم ڏئي سگهي ٿي.

(3) [* * *][3]

هاءِ ڪورٽ ترميمون (اُتر – اولهه سرحدي صوبو):

ذيلي قاعدي (3) ۾ "ٿي سگهي" لاءِ "جيستائين انهيءَ جي اُبتڙ چڱو سبب ظاهر نه ڪيو ويندو." شامل ٿيو.

هاءِ ڪورٽ ترميمون (لاهور):

لفظن "عدالت ٿي سگهي" جي جڳهه تي ذيلي قاعدي (3) ۾ لفظن "عدالت ڪندي، جيستائين انهيءَ جي اُبتڙ مُناسب سبب ظاهر نه ڪيو وڃي." ۾ قبرقار ٿي.

27. ڊگريءَ جي قرضدار کي ذميداريءَ کان آجو جاٽائڻ: قاعدي نمبر 26 موجب ڏنل ڪوبه حُڪم، ڊگريءَ جي قرضدار جي ملڪيت يا شخصي آزاديءَ ۾ رڪاوٽ نه هوندو ته انهيءَ ڊگريءَ جي قرضدار جي ملڪيت يا ذات کي ڊگريءَ سبب، جيڪا جاري ٿيڻ لاءِ موڪلي وئي هجي، ضبط يا گرفتار نه ڪيو وڃي.

28. عدالت، جنهن کي درخواست ڏني وڃي، سا ڊگري جاري ڪندڙ عدالت يا اپيل واري عدالت جي حُڪمن جي پابند هوندي: انهيءَ عدالت جو هر حُڪم، جنهن ڊگري جاري ڪئي هجي يا مٿي جاٽايل انهيءَ اپيل واريءَ عدالت جو حُڪم، ڊگري جاري ٿيڻ جي بابُ موجب، انهيءَ عدالت تي واجب التعميل هوندو جنهن ۾ ڊگريءَ کي جاري ٿيڻ لاءِ موڪليو وڃي.

---

[3] 1972ع جي آرڊيننس XII تحت ذيلي قاعدو (3) خارج ٿيو.

29. جاري ٿيل ڊِڪريءَ ۾، ڊِڪري وٺندڙ ۽ ڊِڪريءَ جي قرضدار جي وچ ۾ نبيري ٿيڻ تائين مُقدمي جو التوا: جيڪڏهن ڪنهن عدالت ۾ انهيءَ شخص طرفان ڪا دعوي، جنهن شخص خلاف انهيءَ عدالت ۾ ڊِڪري جاري ٿي هجي، ته عدالت کي اختيار آهي، ته ضمانت سان لاڳاپيل شرطن جي پابندي وغيره يا ٻيءَ حالت ۾ جيڪو مناسب ڀانئي، يا ڊِڪريءَ جي تعميل کي ملتوي رکيو وڃي، جيستائين التوا ۾ پيل مُقدمي جو فيصلو نه ٿئي.

هاءِ ڪورٽ ترميمون (اُتر ـ اولهه سرحدي صوبو):

قاعدي 29-A تحت هيٺيون مواد شامل ٿيو:

"29-A . جڏهن ڪو مُقدمو انهيءَ قانوني حُڪم جي قاعدي 63 تحت التوا ۾ هُجي، ته جنهن عدالت ۾ اُهو مُقدمو داخل ڪيو وڃي، جيڪڏهن اُها سمجهي، ته اڳوڻي ڊِڪري جي جاري ٿيڻ تي منعنامو ڏنو وڃي، ته ڊِڪري جاري ڪندڙ عدالت ڏانهن حقيقت جو اطلاع ڏيندي، جيڪا انهيءَ جي تعميل تي منعنامو ڏيندي، جيستائين مُقدمي جو فيصلو نه ڪيو وڃي."

ڊِڪري جاري ٿيڻ جو طريقو

(ڏسو قلم 51)

30. روڪ رقم ڏيڻ لاءِ ڊِڪري: روڪ رقم ڏيڻ لاءِ هر ڊِڪري، جنهن ۾ اُها ڊِڪري به شامل آهي، جنهن پٽاندر روڪ رقم ڪنهن متبادل طور ڪنهن ٻيءَ طرح دادرسيءَ طور ڏياري وڃي، اهڙيءَ طرح ملي ٿي سگهي، ته ڊِڪريءَ جي قرضدار کي قيد[4] [* * *] ڪيو وڃي، يا انهيءَ جي ملڪيت کي ضبط يا نيلام ڪيو وڃي، يا قيد ۽ ضبطگي ٻنهي حالتن ۾ ٿي سگهي ٿي.

31. ڪنهن خاص مُتحرڪ ملڪيت لاءِ ڊِڪري: (1) جڏهن ڪا ڊِڪري ڪنهن خاص مُتحرڪ ملڪيت لاءِ، يا انهيءَ جي ڪنهن حصي لاءِ هجي، ته انهيءَ جو تعميل ٿيڻ ٻيءَ صورت ۾ ضبطگي ٿيندو جيڪڏهن انهيءَ ملڪيت يا انهيءَ جي ڪجهه حصي جو قابل عمل هجي، ۽ اُهو انهيءَ ڌُر کي سونپيو ويندو، جنهن جي حق ۾ ڊِڪري نڪتي هجي يا انهيءَ شخص کي ڏنو ويندو جنهن کي ڊِڪري وٺندڙ پنهنجي طرفان انهيءَ جي وٺڻ لاءِ مُقرر ڪيو هجي يا ڊِڪريءَ جي قرضدار کي[5] [* * *] قيد ڪيو ويندو يا سندس ملڪيت کي ضبط ڪيو ويندو يا قيد ۽ ضبطگي ٻئي عمل ۾ ايندي.

(2) جڏهن ڪا ضبطگي جيڪا ذيلي قلم (1) موجب ٿي هجي، جنهن تي ڇهن مهينن تائين عملدرآمد نه ٿئي، جيڪڏهن ڊِڪريءَ جي قرضدار ان وقت تائين ڊِڪريءَ جي تعميل نه ڪئي هجي ۽ ڊِڪري وٺندڙ گِروي رکيل ملڪيت کي نيلام ڪرائڻ لاءِ درخواست ڏني هجي، ته اهڙي ملڪيت کي نيلام ڪري سگهجي ٿو ۽ عدالت کي اختيار آهي، ته ڊِڪري وٺندڙ کي نيلام مان ملندڙ روڪ رقم اوتري

---

[4] ديواني قانون سُڌارا ائڪٽ، 1994ع تحت لفظ "ديواني" خارج ٿيو.

[5] ساڳيو.

ڏياري وڃي، جيڪا ڊِڪريءَ پٽاندر متبادل طور ڪنهن مُتحرڪ شيءِ جي مقرر ٿي هجي، ۽ ٻين حالتن ۾ اوترو هرجاڻو ڏياري، جيڪو عدالت کي مناسب لڳي ۽ باقي رهيا جيڪڏهن ڪجهه باقي رهن، ته ڊِڪريءَ جي قرضدار کي سندس درخواست تي ڏنا وڃن.

(3) جيڪڏهن ڊِڪريءَ جي قرضدار، ڊِڪريءَ جي تعميل ڪئي هجي ۽ تعميل جو ڪُل خرچ ڏئي ڇڏيو هجي، جيڪو سندس ذمي ڏيڻ واجب هجي، يا جيڪڏهن ضبطگيءَ جي تاريخ کان ڇهه مهينا گُذرڻ تائين ملڪيت نيلام ڪرائڻ لاءِ ڪا درخواست نه ڏني وئي هجي، يا جيڪڏهن درخواست ڏني وئي هجي، پر انڪار ڪيو ويو هُجي، ته ضبطگي باقي نه رهندي.

هاءِ ڪورٽ ترميمون (لاهور):

ذيلي قاعدي (2) ۾ لفظ "ڇهه" جي جاءِ تي لفظ "ٽي" ۾ تبديلي ٿي.

ذيلي قاعدي (2) کانپوءِ هيٺيون شرط شامل ٿيو:

"شرط هيءَ آهي، ته عدالت، ڪنهن به خاص مُقدمي ۾، انهيءَ ۾ پيدا ٿيل خاص حالتن پٽاندر، ٽن مهينن جي عرصي کي وڌائي سگهي ٿي، پر اُهو عرصو ڪنهن به حالت ۾ ڇهن مهينن کان وڌيڪ هرگز نه هوندو."

ذيلي قاعدي (3) ۾ لفظن "ڇهن مهينن" لاءِ هيٺئين لفظن موجب ڦيرڦار ٿي: "ٽي مهينا يا اهڙو ٻيو عرصو جيئن عدالت طرفان تجويز ڪري سگهجي ٿو."

هاءِ ڪورٽ ترميمون (اُتر - اولهه سرحدي صوبو):

ذيلي قاعدي (2) ۽ (3) ۾ لفظن "ڇهن مهينن" لاءِ لفظن "ٽي مهينن" جي ڦيرڦار ٿي.

ذيلي قاعدي (4) طور شامل ٿيو:

"عدالت، درخواست ملڻ تي، ذيلي قاعدن (2) ۽ (3) ۾ ڄاڻايل ٽن مهينن جي عرصي کي اهڙي عرصي تائين وڌائي سگهي ٿي، جيڪو مجموعي طور ڇهن مهينن کان وڌيڪ نه هوندو جيئن اُها انهيءَ کي مُناسب سمجهي."

32. منعنامي جي حُڪم يا سگهري حقن جي بحاليءَ يا ڪنهن خاص معاهدي جي تعميل لاءِ ڊِڪري: (1) جيڪڏهن ڪنهن ڌُر جي نالي، منعنامي جي حُڪم يا سگهري حقن جي بحاليءَ يا ڪنهن خاص معاهدي جي تعميل لاءِ ڊِڪري جاري ٿي هجي، ته ڊِڪريءَ جي تعميل ڪرڻ جو موقعو مليو هجي ۽ اِرادي سان انهيءَ جي تعميل ڪرڻ کان ٽَريو ويو هجي، ته انهيءَ تي ڊِڪريءَ جي تعميل زبردستي ڪرائي سگهجي ٿي، [6][اهڙيءَ حالت ۾، جيڪا سگهري حقن لاءِ ملڪيت جي ضبط ڪرڻ ذريعي يا اهڙي حالت ۾ جو ڊِڪري ڪنهن خاص معاهدي جي تعميل لاءِ هجي يا منعنامي جي حُڪم لاءِ هجي،] ته قيد ڪرڻ [7][* * *] يا ضبطگيءَ ذريعي انهيءَ جي ملڪيت يا ٻنهي سزائن ذريعي عمل ۾ اچن.

---

[6] سِول پروسيجر ڪوڊ (ترميم) ائڪٽ 1923ع (1923ع جو XXIX)، قلم 2 تحت شامل ٿيو.

[7] ديواني قانون سُڌارا ائڪٽ، 1994ع تحت لفظ "ديواني" خارج ٿيو.

(2) جيڪڏهن ڪنهن ڏُر جي نالي منعنامي جي حُڪم يا سگهري حقن جي بحاليءَ يا ڪنهن خاص معاهدي جي تعميل لاءِ ڊِڪري جاري ٿي هجي، ته ڪا ڪارپوريشن هجي، ته تعميل ايئن ڪئي ويجي، جو ڪارپوريشن جي ملڪيت کي ضبط ڪيو وڃي يا عدالت جي اجازت سان انهيءَ جي ڊائريڪٽرن يا ٻين وڏن عملدارن کي قيد [8][* * *] ڪيو وڃي يا قيد ۽ ضبطگي ٻئي عمل ۾ اچن.

(3) جڏهن ڪا ضبطگي ذيلي قاعدي (1) يا ذيلي قاعدي (2) موجب هڪ سال تائين قائم رهي هجي، جيڪڏهن ڊِڪريءَ جي قرضدار ڊِڪريءَ جي تعميل نه ڪئي هجي، ۽ ڊِڪري ونندڙ گِروي رکيل ملڪيت جي نيلام ٿيڻ جي درخواست ڏني هجي، ته انهيءَ ملڪيت کي نيلام ڪري سگهجي ٿو ۽ عدالت کي اختيار آهي، ته روڪ رقم طور انهيءَ نيلام مان ايترو خرچ ڊِڪري ونندڙ کي ڏياري، جيڪو عدالت کي مناسب لڳي، ۽ واڌُو جيڪڏهن ڪجهه هجي، ته ڊِڪريءَ جي قرضدار کي سندس درخواست تي ڏئي ڇڏي.

(4) جيڪڏهن ڊِڪريءَ جي قرضدار ڊِڪريءَ جي تعميل ڪري ڇڏي هجي ۽ تعميل جو خرچ ڏئي ڇڏيو هجي، جيڪو سندس ذمي ڏيڻ واجب هجي، يا جيڪڏهن هڪ سال جي قضا واري وقت سان ضبطگيءَ جي تاريخ کان ملڪيت جي نيلام ڪرائڻ لاءِ ڪا درخواست نه داخل ڪئي وئي هجي، يا درخواست ڏني وئي هجي ۽ نامنظور ڪئي وئي هجي، ته ضبطگي باقي نه رهندي.

(5) جيڪڏهن ڪا ڊِڪري، ڪنهن خاص معاهدي جي تعميل يا منعنامي جي حُڪم لاءِ هجي، ۽ تنهن ڊِڪريءَ جي تعميل نه ٿي هجي، تڏهن عدالت انهيءَ ڳالهه سبب مٿي ڄاڻايل (تعميل) حُڪمنامي يا حُڪمنامن کان علاوه حُڪم ڏئي سگهي ٿي، ته انهن تي ڊِڪريءَ ونندڙ طرفان يا عدالت طرفان مُقرر ڪنهن شخص طرفان ڊِڪريءَ جي قرضدار جي خرچ تي عمل ڪرڻ گهربو هو يا ڪرڻ گهرجي ها، جيڪو جيڪو قابل عمل هجي ها، ۽ جڏهن اُها عمل ۾ اچي وڃي، ته انهيءَ جي خرچن جو فيصلو عدالت ايئن ڪندي، جيئن اُهو حُڪم ڏئي ۽ اُها (رقم) ايئن ورتي ويندي، جڻ اُها ڊِڪريءَ ۾ شامل هئي.

مثال

هڪڙي غريب ماڻهو الف هڪڙو اهڙو گهر ٺهرايو جنهن سان ب جي هڪڙي خانداني عمارت رهڻ جي قابل نه رهي. الف قيد ۽ ملڪيت جي ضبطگيءَ هوندي به انهيءَ ڊِڪري جي تعميل نه ڪئي، جيڪا ب، الف جو گهر ڊاهڻ بابت الف خلاف ورتي هئي. عدالت جي سوچ ۾ الف جي ملڪيت جي وڪڻڻ سان ب جي عمارتن جي ماليت جي ڪوٽ جو پوراءُ نٿو ٿي سگهي. تنهنڪري ب عدالت ۾ درخواست ڏئي سگهي ٿو، ته الف جي گهر کي ڊاهيو وڃي، ۽ الف کان ڊِڪريءَ جي تعميل پٽاندر گهر ڊاهڻ تي ايندڙ خرچ وٺي سگهجي ٿو.

---

[8] ساڳيو.

هاءِ ڪورٽ ترميمون (لاهور):

ذيلي قاعدي (3) ۾ لفظن "هڪ ورهيہ" ۾ لفظن "ٽن مهينن" جي ڦيرڦار ٿي.

ذيلي قلم (3) ۾ هيٺيون شرط شامل ٿيو:

"شرط هيءُ آهي، تہ عدالت مُناسب سببن تي، فيصلي جي قرضدار جي درخواست تي ٽن مهينن کان عرصو وڌائي سگهي ٿي: پر اُهو عرصو ڪنهن بہ حالت ۾ هڪ ورهيہ کان هرگز وڌيڪ نہ هوندو."

ذيلي قاعدي (4) ۾ لفظن "هڪ ورهيہ" ۾ لفظن "ٽي مهينا يا اهڙو ٻيو عرصو جيئن عدالت طرفان تجويز ڪري سگهجي." موجب ڦيرڦار ٿي.

هاءِ ڪورٽ ترميمون (اُتر_ اولهہ سرحدي صوبو):

ذيلي قاعدي (3) ۾ لفظن "هڪ ورهيہ لاءِ" ۾ لفظن " ٽن مهينن يا اهڙو ٻيو وڌيڪ عرصو جيڪو مجموعي طور هڪ سال کان وڌيڪ نہ هوندو، جيئن عدالت طرفان مُقرر ڪري سگهجي."

33. سگهرا حقَ ڏيارڻ لاءِ ڊِڪريءَ جاري ڪرڻ ۾ عدالت جي مرضي: (1) قاعدي 33 جي مضمون موجب، عدالت، سگهرا حقَ ڏيارڻ لاءِ [9][ڪنهن مُڙس خلاف] ڊِڪري جاري ڪرڻ کانپوءِ، انهي بعد ڪوبہ حُڪم ڏئي سگهي ٿي، تہ [10][ڊِڪري ايئن جاري ٿئي، جيئن ڇاٽايل قاعدي ۾ حُڪم ڏنو ويو هجي.]

(2) جيڪڏهن عدالت ذيلي قلم (1) [11][* * *] موجب حُڪم ڏنو هجي، تہ اُها اِهو حُڪم بہ ڏيئي سگهي ٿي، تہ جيڪڏهن ڊِڪريءَ جو قرضدار هڪڙي مُقرر عرصي ۾، جيڪو انهيءَ بابت مُقرر ڪيو وڃي، ڊِڪريءَ جي تعميل نہ ڪري، تہ ڊِڪريءَ جو قرضدار، ڊِڪري وٺندڙ کي هڪڙي مُقرر عرصي تائين مُناسب رقم ڏيندو رهي ۽ مناسب سمجهي، تہ اِهو حُڪم بہ ڏيئي سگهي ٿي، تہ ڊِڪريءَ جو قرضدار، ڊِڪري وٺندڙ جي اطمينان موجب ڪنهن اهڙي فائديمند وقت ڏيڻ جي ضمانت ڏئي.

(3) عدالت کي اختيار آهي، تہ مختلف وقتن تي ڪنهن اهڙي حُڪم ۾ تبديل يا ترميم ڪري، جيڪو ذيلي قلم (2) موجب ڏنو ويو هجي، ۽ وقت ڏيڻ خاطر پلي وقتن ۾ تبديلي ڪري يا رقم ۾ واڌارو ڪري يا گهٽائي يا انهيءَ کي عارضي طور مُلتوي ڪري، انهيءَ رقم جو ٿورو حصو يا سموري، جنهن جي ڏيڻ لاءِ حُڪم ڏنو ويو هجي ۽ انهيءَ کي ٻيهر جاري ڪري سگهجي ٿو پلي ٻئي ڏينهن يا جيئن عدالت مُناسب سمجهي.

(4) جيڪا رقم انهيءَ قاعدي موجب ڏياري وڃي، تنهن کي ايئن وٺي سگهجي ٿو جڻ اُها ڊِڪريءَ پٽاندر واجب هجي.

34. دستاويزن پيش ڪرڻ يا مُنتقل ٿيندڙ دستاويزن کي مڃڻ لاءِ ڊِڪري: (1) جيڪڏهن ڊِڪري ڪنهن دستاويز کي پيش ڪرڻ يا ڪنهن مُنتقل ٿيندڙ دستاويز جي پُٺ تي وڪڻڻ جا اکر لکيل هئڻ لاءِ

---

[9] سول پروسيجر ڪوڊ (ترميم) ائڪٽ 1923ع (1923ع جو XXIX)، قلم 3 تحت شامل ٿيو.

[10] "جيل ۾ باندي بنائڻ لاءِ عملدرآمد نہ ٿيندو" لاءِ تبديلي خاطر ڏسو ساڳيو حوالو.

[11] سول پروسيجر ڪوڊ (ترميم) ائڪٽ 1923ع (1923ع جو XXIX)، قلم 3 تحت لفظ "۽ ڊِڪري وٺندڙ زال هُجي" خارج ٿيو.

هجي ۽ فيصلي جو قرضدار ڊِڪريءَ جي تعميل نہ ڪري يا تعميل ڪرڻ کان انڪار ڪري، تہ ڊِڪري وٺندڙ کي اختيار هوندو تہ ڊِڪريءَ جي شرطن پٽاندر دستاويز جو مسودو يا وڪڻڻ جي عبارت جو مسودو ناهي، عدالت کي سونپي.

(2) انهيءَ وقت عدالت مٿي ڄاڻايل مسودي کي دعويدار جي ڊِڪريءَ تي تعميل ڪرائيندي ۽ گڏوگڏ انهيءَ ڳالھ جو هڪڙو لکيل اطلاع جاري ڪندي تہ جيڪڏهن ڊِڪريءَ جي قرضدار کي ڪو اعتراض هجي، تہ پنهنجا اعتراض ايتري عرصي ۾ پيش ڪري، جيڪو عدالت انهيءَ مقصد خاطر مُقرر ڪري.

(3) جيڪڏهن فيصلي جو قرضدار انهيءَ مسودي تي اعتراض رکندو هجي، تہ مٿس لازم آهي، تہ سندس اعتراض انهيءَ عرصي ۾ پيش ڪري، جيڪو عدالت اُن مقصد لاءِ مُقرر ڪري.

(4) ڊِڪري وٺندڙ انهيءَ مسودي جو هڪڙو نقل، جنهن ۾ عدالت ترميم ڪئي هجي (جيڪڏهن ڪجھ ترميم ٿي هجي) پُوري استامپ جي ڪاغذ تي، جيڪڏهن استامپ ضروري هجي، عدالت ۾ پيش ڪندو ۽ جَج يا اُهو عُهديدار جيڪو انهيءَ ڪم لاءِ مقرر ٿيو هجي، انهيءَ دستاويز کي پيش ڪندو.

(5) جائز آهي، تہ ڪنهن دستاويز کي پيش ڪرڻ يا ڪنهن مُنتقل ٿيندڙ دستاويز جي وڪڻڻ جي لکت، جيڪا مٿي ڄاڻايل قاعدي موجب هجي، انهيءَ نموني سان ڪئي وڃي، يعني:

”C.D جج، عدالت ماڳ.... (يا جيئن حالت هجي) طرفان A.B. جو مقدمو E.F. جي نالي تي A.B. ۽ انهيءَ ڪاغذن کي پيش ڪرڻ تي اُهو اثر رکندو جو انهيءَ ڏُر جنهن کي وڪري جي دستاويز يا لکت کي پيش ڪرڻ جو حُڪم ٿيو هجي، مُنتقل ٿيندڙ دستاويز جي صحيح تي وڪري لاءِ پيش ڪندي.

(6) عدالت يا عُهديدار، جنهن کي عدالت انهيءَ ڪم لاءِ مقرر ڪري، دستاويز جي رجسٽري ڪرائيندو، جيڪڏهن انهيءَ جي رجسٽري قانوني طور ضروري هجي يا جيڪڏهن ڊِڪري وٺندڙ رجسٽري ڪرائڻ جي درخواست ڏئي ۽ عدالت جيڪو حُڪم مُناسب سمجهي، رجسٽري جي خرچ ڏيڻ جو حُڪم ڏيندي.

35. غير مُنتقل ٿيندڙ ملڪيت بابت ڊِڪري: (1) جيڪڏهن ڊِڪري غير مُنتقل ٿيندڙ ملڪيت بابت هجي، تہ انهيءَ تي اُن ڌُر کي قبضو ڏياريو ويندو جنهن جي حق ۾ ڊِڪري جاري ٿي هجي يا جنهن شخص کي هُو پنهنجي طرفان قبضو وٺڻ لاءِ مُقرر ڪري، تنهن کي قبضي ڏياريو ويندو ۽ جيڪڏهن ڪو شخص، جنهن تي ڊِڪريءَ جي پابندي لازم هجي، ملڪيت کي خالي ڪرڻ کان انڪار ڪري، تہ گهرج جي شرط موجب انهيءَ کي ڪڍيو ويندو.

(2) جيڪڏهن ڊِڪري غير مُنتقل ٿيندڙ ملڪيت جي پائيواري قبضي لاءِ هجي، تہ قبضو ايئن ڏياريو ويندو جو وارنٽ جو نقل انهيءَ ملڪيت جي ڪنهن پڌري جڳھ تي چنبڙايو ويندو ۽ ڊِڪريءَ جي مضمون کي ڏُهل ذريعي پڙهو ڏيارڻ جي مُناسب موقعي يا ڪنهن ٻئي مروج طريقي موجب مشهور ڪرايو ويندو.

(3) جيڪڏهن قبضو ڪنهن عمارت يا جڳهه جو ڏياريو ويو هجي ۽ جاءِ جو قابض، جيڪو ڊِڪريءَ پٽاندر قبضو ڏيڻ تي مجبور هجي، اندر وڃڻ نه ڏيندو هجي، ته عدالت کي اختيار آهي، ته پنهنجي اهلڪارن معرفت اطلاع ڏيڻ ۽ ڪنهن عورت کي معقول سهوليت ڏيڻ کانپوءِ، جيڪا مُلڪي رواج موجب پردو ڪندي هجي، ته اُها اُتان نڪري وڃي، ته ڪو تالو يا تاڙي کولي يا ڀڃي ڇڏي يا ڪو دروازو ٽوڙي يا ڪو اهڙو فعل ڪري، جيڪو ڊِڪري وٺندڙ کي قبضي ڏيارڻ لاءِ ضروري هجي.

36. مسواڙيءَ طرفان قبضي واري غيرمُنتقل جاءِ کي واپس ڏيارڻ بابت ڊِڪري: جيڪڏهن ڊِڪري ڪنهن اهڙي غيرمُنتقل جاءِ کي واپس ڏيارڻ لاءِ هجي، جيڪا مسواڙيءَ جي قبضي ۾ هجي يا ٻين داخل ٿيندڙ حقدار شخصن جي قبضي ۾ هجي، ۽ ڊِڪريءَ پٽاندر انهيءَ تي واجب نه هجي، جيڪا هو داخل ٿيڻ تي ڏئي ڇڏي، ته عدالت تي لازم ٿيندو ته مٿي ڄاڻايل جاءِ جي ڪنهن منظر تي وارنٽ جو نقل چنبڙائي، داخلا ڏياري ۽ دهل ذريعي پڙهو ڏيارڻ جي مُناسب موقعي يا رواج موجب، مٿي ڄاڻايل جاءِ بابت ڊِڪريءَ جي مضمون کي داخلا واري، جي ڄاڻُ ڏيڻ لاءِ مشهوري ڪرائي.

ديواني جيل ۾ قيدءِ گرفتاري[12][* * *]

[ڏسو قلمَ 55 **ڪان** 59 ۽ 134 **ڪان** 136]

37. نوٽيس يا گرفتاريءَ کانپوءِ فيصلي جي قرضدار کي داخلا جي پوئواريءَ ۾ اجازت ڏيڻ جي مرضيءَ وارا اختيار: (1) ڄاڻايل قاعدن موجب جيڪڏهن هن مضمون پٽاندر روڪ رقم جي ڊِڪري جاري ٿيڻ لاءِ درخواست داخل ٿئي، ته فيص ' .و قرضدار مٿي ڄاڻايل درخواست موجب گرفتار ٿي سگهندو هجي، تنهن کي گرفتار ڪيو وڃي، ـ مدالت گرفتاريءَ جا وارنٽ جاري ڪرڻ بجاءِ، هڪڙو اطلاع جاري [13][ڪندي]، جنهن ۾ ڄاڻايل هوندو ته اُهو عدالت ۾ حاضر ٿي انهيءَ ڳالهه جو سبب ڄاڻائي، ته انهيءَ کي ڇو نه قيد ۾ [14][باندي بڻايو] وڃي.

[15][پر شرط هيءَ آهي، ته مٿيون اطلاع ضروري نه هوندو ته جيڪڏهن عدالت مطمئن نه هجي، ته حلفيه بيان ذريعي يا ٻيءَ حالت ۾ ڊِڪري جي جاري ٿيڻ ۾ انهيءَ مقصد سان دير ٿئي يا انهيءَ جو اِهو نتيجو نڪري، ته ڊِڪري جو مخالف ڀڄڻ وارو هجي، يا عدالت جي اختيارن جي حدن کي ڇڏي وڃڻ وارو هجي.]

(2) جيڪڏهن ڊِڪريءَ جو قرضدار اطلاع موجب حاضر نه ٿئي، ته جيڪڏهن ڊِڪري وٺندڙ درخواست ڏئي، ته عدالت انهيءَ جي گرفتاريءَ لاءِ وارنٽ جاري ڪري ڇڏيندي.

---

[12] ديواني قانون سُڌارا ائڪٽ، 1994ع تحت لفظ "ديواني" خارج ٿيو.

[13] سِول پروسيجر ڪوڊ (ترميم) ائڪٽ 1936ع (1936ع جو XXI)، قلمر 3 تحت ڦيرڦار ٿي.

[14] 1994ع جي ائڪٽ XIV تحت ڦيرڦار ٿي.

[15] سِول پروسيجر ڪوڊ (ترميم) ائڪٽ 1936ع (1936ع جو XXI)، قلمر 3 تحت شرط شامل ٿيو.

38. عدالت ۾ ڊڪريءَ جي قرضدار جي حاضريءَ خاطر گرفتاريءَ لاءِ وارنٽ: جيڪو هر وارنٽ ڊڪريءَ جي قرضدار جي گرفتاريءَ لاءِ هجي، ته انهيءَ جي تعميل لاءِ مُقرر عهديدار کي اِها هدايت ٿيل هوندي، ته هو ڊڪريءَ جي قرضدار کي عدالت جي روبرو حاضر ڪري، جيترو جلدي يا سهوليت ٿي سگهي، ايستائين انهيءَ ۾ جنهن رقم جي ڏيڻ جو حُڪم ڏنو ويو هجي، ته وياج ۽ خرچ سميت گرفتاريءَ کان اڳ ڏني وڃي، جيڪڏهن مٿس لاڳو هجي.

[39.[16] گُذران لاءِ وظيفو: (1) ڊڪريءَ جي قرضدار کي ڪنهن ڊڪري جاري ٿيڻ تي گرفتار نه ڪيو ويندو جيستائين ڊڪري وٺندڙ عدالت ۾ اهڙي رقم نه جمع ڪرائي، جنهن کي جَجَ، ڊڪريءَ جي قرضدار جي گرفتاريءَ جي وقت کان گُذران جي وظيفي لاءِ مُناسب نه سمجهي، جيستائين ڪيس عدالت آڏو پيش نه ڪيو وڃي.

(2) جڏهن ڊڪريءَ جي قرضدار کي جاري ٿيل ڊڪريءَ ۾ ديواني جيل ۾ قيد ڪيو وڃي، ته عدالت سندس گُذران جي وظيفي لاءِ ماهوار اهڙو وظيفو مُقرر ڪندي، جيئن اُهو قلم 57 تحت مُقرر ٿيل ڏاڪن پٽاندر حقدار ٿي سگهندو هُجي، يا اهڙا ڏاڪا مُقرر نه ڪيا ويا هُجن، جنهن سان اُهو ناتو رکندو هُجي، تنهن کي عدالت، طبقي جي حوالي سان مُناسب سمجهي.

(3) عدالت طرفان مُقرر ڪيل ماهوار وظيفو اُن ڌُر طرفان هر هڪ مهيني جي پهرئين تاريخ کا اڳ پيشگي ماهوار ڏنو ويندو، جنهن جي درخواست تي ڊڪريءَ جي قرضدار کي گرفتار ڪيو ويو هُجي.

(4) پهرئين ادائيگي عدالت جي مُناسب عملدار کي، هلندڙ مهيني جي تاريخ نه گُذرڻ جي باقيا جيان اهڙي حصي لاءِ ڏني ويندي، جڏهن ڊڪريءَ جي قرضدار کي ديواني جيل ۾ موڪليو ويو هُجي ۽ انهي ڪانپوءِ واري ادائيگي (جيڪڏهن ڪا هُجي)، ديواني جيل جي نگران عملدار کي ڪئي ويندي.

(5) ڊڪري وٺندڙ طرفان، ديواني جيل ۾ قيد ڊڪريءَ جي قرضدار جي گُذران لاءِ ڏنل رقم کي سمجهيو ويندو ته اُها مُقدمي تي آيل لاڳت آهي:

پر شرط هيءَ آهي، ته ڊڪريءَ جي قرضدار کي اهڙي ڏنل رقم پٽاندر ديواني جيل ۾ قيد يا باندي نه بنايو ويندو.]

هاءِ ڪورٽ ترميمون (اُتر ـ اولهه سرحدي صوبو):

ذيلي قلم (4) لاءِ هيٺئين ريت ڦيرڦار ٿي:

"سموري ادائيگي، ديواني جيل جي نگران عملدار کي ڪئي ويندي."

ذيلي قاعدي (5) ۾ لفظن "ديواني جيل" کي خارج ڪيو ويو.

---

[16] 1994ع جي ائڪٽ XIV تحت قاعدو 39 خارج ٿيو.

[17][40. ڪارروائي، جڏهن ڊِڪريءَ جو قرضدار نوٽيس جي تعميل تي گرفتاريءَ کانپوءِ عدالت ۾ حاضر ٿيو هجي: (1) جڏهن ڊِڪريءَ جو قرضدار قاعدي (37) هيٺ جاري ٿيل نوٽيس جي تعميل ۾ عدالت ۾ حاضر ٿئي يا روڪ رقم جي ڊِڪريءَ جاري ٿيڻ ۾ ڪيس گرفتار ڪري آندو وڃي، ته عدالت، ڊِڪري وٺندڙ جي مُقدمي جي ٻُڌڻي شروع ڪندي ۽ انهيءَ جي ڊِڪري جاري ٿيڻ جي ثبوت بابت پيش ڪيل سمورين شاهديءَ کي ڏسندي ۽ فيصلي جي قرضدار کي سبب ڏيڻ جو وجهه ڏيندي، ته ڇو نه کيس ديواني جيل ۾ [18][قيد] ڪيو وڃي.

(2) ذيلي قلم (1) موجب تحقيق جي نتيجي ۾ عدالت پنهنجي مرضيءَ سان، فيصلي جي قرضدار کي ڪنهن عدالت جي عملدار جي تحويل ۾ قيد رکندي يا عدالت جي آٽت موجب، پنهنجي عدالت ۾ حاضري ڏيڻ تي آزاد ڪري ڇڏيندي.

(3) ذيلي قلم (1) موجب تحقيق جي نتيجي ۾ قلم (51) جي حُڪمن پٽاندر فيصلي جي قرضدار کي [19][* * *] ديواني جيل ۾ قيد ڪرڻ جو حُڪم ڏيندي ۽ انهيءَ حالت ۾ کيس گرفتار ڪرائيندي، جيڪڏهن اُهو اڳ ۾ گرفتار نه هجي:

پر شرط هيءَ آهي، ته فيصلي جي قرضدار کي ڊِڪريءَ جي روڪ رقم ڏيڻ جي وجهه ڏيڻ پٽاندر، عدالت باندي بنائڻ جي حُڪم ڏيڻ کان اڳ، فيصلي جي قرضدار کي عدالت جي عملدار جي تحويل ۾ مُقرر عرصي تائين ڏيئي سگهي ٿي، جيڪو عرصو پندرهن ڏينهن کان وڌيڪ نه هوندو يا جيڪڏهن ڊِڪريءَ جي ٺُرت تعميل نه ڪئي وڃي، ته مُقرر عرصي جي خاتمي تي حاضريءَ لاءِ عدالت جي آٽت موجب پيش ٿيڻ خاطر، ضمانت مُهيا ڪرڻ تي، کيس آزاد ڪري ڇڏيندي.

(4) انهيءَ قاعدي موجب آزاد ٿيل فيصلي جي قرضدار کي هڪ ڀيرو ٻيهر گرفتار ڪري سگهجي ٿو.

(5) جيڪڏهن عدالت قاعدي (3) تحت قيد بابت حُڪم نه ڏي، ته اُها انهيءَ درخواست کي خارج ڪري ڇڏيندي ۽ جيڪڏهن فيصلي جو قرضدار گرفتار هجي، ته کيس آزاد ڪري ڇڏيندي.]

جاري ٿيل ڊِڪريءَ تي ضبطگي

[ڏسو قلمَ 60 کان 64 ۽ 136]

41. ڊِڪريءَ جي قرضدار جي ملڪيت بابت شاهدي: جيڪڏهن ڊِڪري روڪ رقم ڏيڻ لاءِ هجي، ته ڊِڪري وٺندڙ عدالت ۾ حُڪم لاءِ درخواست ڏئي سگهي ٿو ته:

(a) فيصلي جي قرضدار، يا

[17] سِول پروسيجر ڪوڊ (ترميم) ائڪٽ 1936ع (1936ع جو XXI)، قلم 3 تحت اصلي قاعدي 40 ۾ ڦيرڦار ٿي.

[18] ديواني قانون سڌارا ائڪٽ، 1994ع (1994ع جو XIV) تحت ڦيرڦار ٿي.

[19] ديواني قانون سڌارا ائڪٽ، 1994ع (1994ع جو XIV) تحت ڦيرڦار ٿي.

(b) ڪارپوريشن جي حالت ۾ سندس ڪنهن عهديدار، يا

(c) ڪنهن ٻئي شخص.

جي انهيءَ ڳالھ بابت زباني شاهدي ورتي وڃي، تہ ڇا فيصلي جي قرضدار ڏانهن ڪمڙو يا ڪيترو قرض رهيل آهي يا نہ، ۽ تہ ڇا فيصلي جي قرضدار وٽ ڪا ۽ ڪيتري ۽ ڪهڙي ٻي ملڪيت يا ڊگريءَ جي تعميل لاءِ ڪي ذريعا آهن يا نہ، ۽ عدالت اهڙي فيصلي جي قرضدار يا عملدار يا ٻئي شخص کي ۽ ڪنهن ڪتاب، ڪاتي يا دستاويز کي پيش ڪرڻ لاءِ حُڪم ڏيئي سگهي ٿي.

42. ملڪيت جي مسواڙ يا ٻين مامرن لاءِ ڊگريءَ جي حالت ۾ ضبطگي، جنهن جي ماليت جو پوءِ فيصلو ڪيو وڃي: جيڪڏهن ڊگريءَ ۾ روڪ رقم جي تحقيق جو حُڪم يا رقم جي وصوليءَ جي ڪنهن ٻئي مامري جو حُڪم هجي، تہ ڊگريءَ جي قرضدار جي ملڪيت جي ماليت، جيڪا ڪيس ڏيڻي هجي، تنهن جي تحقيق ڪئي وڃي، جنهن کي اهڙيءَ طرح ضبط ڪري سگهجي ٿو جيئن روڪ رقم جي عام ڊگريءَ جي حالت ۾ ضبط ڪيو وڃي ٿو.

43. زراعت جي پيداوار کانسواءِ مُنتقل ٿيندڙ ملڪيت جي ضبطگي، جيڪا ڊگريءَ جي قرضدار جي قبضي ۾ هجي: جيڪڏهن ضبط جوڳي شيءِ اهڙي مُنتقل ٿيندڙ ملڪيت هجي، جيڪا زراعت جي پيداوار نہ هجي ۽ جنهن تي ڊگريءَ جو قرضدار قابض هجي، تہ انهيءَ جي ضبطگي مٿي ڄاڻايل ملڪيت جي حقيقي گرفتاري، ضبطگيءَ ذريعي ٿيندي ۽ ضبطگي ڪندڙ اهلڪار انهيءَ ملڪيت کي پنهنجي تحويل ۾ رکندو ۽ انهيءَ جي مُناسب بچاءَ جو ذميدار هوندو:

پر شرط هيءَ آهي، تہ جڏهن مقروض شيءِ انهيءَ قسم جي هجي، جيڪا جلد خراب ٿي ويندي هجي، يا جنهن جي بچاءُ جو خرچ انهيءَ ماليت کان وڌيڪ اچي وڃي، تہ ضبطگي ڪندڙ اهلڪار کي اختيار هوندو تہ انهيءَ کي تُرت وڪڻي ڇڏي.

هاءِ ڪورٽ ترميم (لاهور):

قاعدي کي ذيلي قاعدي (1) طور ٻيهر نمبر ڏنو ويو ۽ هيٺيون شرط ۽ ذيلي قاعدو (2) ۽ (3) شامل ٿيو:

"۽ اِهو پڻ شرط آهي، تہ جڏهن ضبط ڪيل چوپايو مالُ، زرعي اوزارَ يا ٻيون شيون، جن کي سولائيءَ سان سندن جاين تان هٽائي نہ سگهجي، ۽ ضبطگي ڪندڙ عملدار انهيءَ قاعدي جي پهرئين شرط تحت عمل نہ ڪري، تہ هُو ڊگري جي قرضدار يا ڊگري وٺندڙ يا ڪنهن ٻئي شخص جي چوڻ تي، جيڪو اهڙي ملڪيت ۾ خواهش جي دعويٰ رکندو هُجي، اُنهن کي ڳوٺ يا هنڌ تي ڇڏي سگهي ٿو جتي اُنهن کي ضبط ڪيو ويو هُجي-

(a) انهيءَ شخص جي نگرانيءَ ۾، جنهن جي چوڻ تي ملڪيت اهڙي ڳوٺ يا هنڌ تي برقرار رکي وڃي، جيڪڏهن اهڙو شخص انهيءَ شيڊيول جي ضميمي E جي فارم نمبر 15-A تحت، انهيءَ جي حاضر ڪرائڻ لاءِ هڪ يا وڌيڪ مُناسب ضمانتن سان ضامن پوي ٿو، يا

(b) عدالت جي عملدار جي نگرانيءَ ۾، جيڪڏهن انهيءَ جي محفوظ تحويل لاءِ مُناسب جڳهه مُهيا ڪئي وڃي، ۽ پندرهن ڏينهن جي عرصي لاءِ عملدار جو وظيفو جيئن هاءِ ڪورٽ طرفان مختلف وقتن تي مُقرر ڪري سگهي، پيشگي ڏنو وڃي، يا

(c) ڳوٺ جي وڏيري يا اهڙي ٻئي معزز شخص جي نگرانيءَ ۾ جيڪو پنهنجي اِرادي سان اهڙي ملڪيت کي سنڀالڻ جي ذميداري کڻي، جيڪا عدالت جي حُڪمن جي ماتحت هُجي، جيڪڏهن اهڙو شخص انهيءَ شيڊيول جي ضميمي E جي فارم نمبر 15-B تحت، انهيءَ جي حاضر ڪرائڻ لاءِ هڪ يا وڌيڪ مُناسب ضمانتن سان ضامن پوي ٿو يا

(2) جڏهن بہ انهيءَ قاعدي جي شرطن تحت ضبطگي ڪئي وڃي، تہ اُها انهيءَ حُڪم جي قاعدي 55، 57 ۽ 60 ۾ واضح ٿيل ڪن بہ سببن ڪان ختم ٿي ويندي، تہ عدالت ضبط ڪيل ملڪيت کي انهيءَ شخص کي ڀيهر موٽائي ڏيڻ جو حُڪم ڏئي سگهي ٿي، جنهن جي تحويل ۾ ضبطگي کان اڳ اُها موجود هئي.

(3) جڏهن ملڪيت شِق (1) جي ذيلي شِق (a) يا (c) تحت ڪنهن مُحافظ کي موٽائي ڏني وڃي، تہ ضمانت سان شامل ڪيل ملڪيت جو شيڊيول، ضبطگي ڪندڙ عملدار طرفان ٽن نقلن ۾ ٺاهيو ويندو ۽ مٿس تاريخ ۽ صحيح ڪئي ويندي. پاران۔

(a) مُحافظن ۽ سندس ضمانتين؛

(b) عدالت جي عملدار، جنهن ضبطگي ڪئي؛

(c) اُهو شخص، جنهن جي ملڪيت کي ضبط ڪيو ويو ۽ ڪيس واپس ڏني وڃي؛ ۽

(d) بہ معزز شاهدَ.

ضبطگي ڪندڙ عملدار طرفان هڪڙو نقل، عدالت کي موڪليو ويندو ۽ انهيءَ کي عدالتي ڪارروائين جي ريڪارڊ تي رکيو ويندو جنهن تحت ضبطگي جو حُڪم ڏنو ويو هُجي، هڪڙو نقل انهيءَ شخص ڏانهن موڪليو ويندو، جنهن جي ملڪيت کي ضبط ڪيو ويو هُجي، ۽ هڪڙو نقل، مُحافظ کي سونپيو ويندو.“

هيٺيون مواد قاعدن 43-A کان 43-D تائين شامل ٿيو۔

43-A. (1) جڏهن بہ ضبط ڪيل ملڪيت کي ڳوٺ يا انهيءَ جڳهہ تي رکيو وڃي، جتي انهيءَ کي ضبط ڪيو ويو هُجي، تہ ضبطگي ڪندڙ عملدار انهيءَ حقيقت جي رپورٽ عدالت ڏانهن موڪليندو ۽ انهيءَ رپورٽ سان گڏ ضبط ڪيل ملڪيت جي فهرست بہ موڪلي ويندي.

(2) جيڪڏهن ضبط ڪيل ملڪيت قاعدي 43 جي پهرئين شرط تحت وڪرو نہ ٿئي يا اُها انهيءَ ڳوٺ يا هنڌ برقرار رهي، جتي انهيءَ کي قاعدي جي ٻئي شرط تحت ضبط ڪيو ويو هُجي، تہ انهيءَ کي عدالت جي اڳيان آندو ويندو ۽ اُها عدالت جي مُناسب عملدار کي سونپي ويندي.

(3) قاعدي 43 جي ٻئي شرط تحت مُقرر ٿيل مُحافظ، ڪنهن به وقت عدالت کي نوٽيس ڏيڻ سان پنهنجي ذميدارين کان ڇوٽڪارو ماڻي سگهي ٿو ته ڪيس سندس خواهش پٽاندر انهيءَ پروسي ۽ سونپيل ملڪيت کان آجو ڪيو وڃي، سا عدالت جي مُناسب عملدار کي سونپي وڃي.

(4) جڏهن ڪنهن ملڪيت کي ڪنهن مُحافظ کان واپس ورتو وڃي، ته هُن کي انهيءَ ڏس ۾ رسيد تي منظوري ڏني ويندي.

43-B. (1) جڏهن به ضبط ڪيل ملڪيت کي ڳوٺ ۾ يا انهيءَ جڳهه تي رکيو وڃي، جتي ضبط ڪيل سامان ۾ چوپايو مالُ به شامل هُجي، ته اُهو شخص جنهن جي چوڻ تي انهيءَ کي برقرار رکيو وڃي، تنهن کي انهيءَ جي انتظام لاءِ معاوضو ڏنو ويندو ۽ جيڪڏهن اُهو عمل ڪرڻ ۾ ناڪام رهي، ۽ جيڪڏهن اُها عدالت جي ڪنهن عملدار جي نگرانيءَ ۾ هُجي، ته انهيءَ کي عدالت جي گودام ڏانهن روانو ڪيو ويندو.

انهيءَ قاعدي ۾ ڪابه ڳالهه جنهن جي خلاف ڊِڪري جاري ٿي هُجي، تنهن کي يا انهيءَ شخص کي نه روڪيندي، جيڪو اهڙي چوپائي مال ۾ دلچسپيءَ جي دعوي رکندو هُجي، ته اُهو مالُ کي کارائڻ پيارڻ لاءِ اهڙو انتظام ڪندو جيڪو انهيءَ جي محفوظ تحويل سان اَڻ ٺهڪندڙ نه هُجي.

(2) عدالت هدايت ڏئي سگهي ٿي، ته ڪا رقم، جيڪا ضبطگي ڪندڙ عملدار طرفان خرچ ڪئي وئي هُجي يا ڪيس ڏيڻ جوڳي هُجي، جيڪڏهن اُها مُناسب طور عدالت ۾ جمع يا نه ڏني وئي هجي، ته اُها ملڪيت جي وڪري مان ورتي وڃي، جيڪڏهن اُن کي وڪرو ڪيو وڃي يا انهيءَ شخص طرفان ڏني وڃي، جنهن کي ساڳيءَ رقم ملڻ کان اڳ ڪيس وصوليءَ جو حقدار ڪونيو وڃي. عدالت اِهو پڻ حُڪم ڏئي سگهي ٿي، ته اِنهن قاعدن تحت جمع ڪرايل يا ڏنل ڪابه رقم، وڪري منجهان مليل رقم منجهان، ڪنهن به ڏُر کان ضبطگيءَ تي آيل خرچ طور ورتي وڃي.

43 C. جڏهن چوپائي مال يا ٻئي مُتحرڪ ملڪيت جي ضبطگيءَ لاءِ درخواست ڏني وڃي، ته ڊِڪري وٺندڙ اهڙي رقم روڪ به عدالت ۾ ڏيندو جنهن مان ملڪيت جي انتظام ۽ تحويل تي ٿيندڙ خرچن جو پندرهن ڏينهن تائين پوراءُ ڪيو ويندو. جيڪڏهن پندرنهن ڏينهن جي ڪنهن اهڙي عرصي جي ختم ٿيڻ کان اڳ ٿن واضح ڏينهن منجهه اهڙي لاڳت جي رقم يا اهڙي وڌيڪ عرصي لاءِ جيئن عدالت حُڪم ڏئي سگهي، ته عدالت ۾ جمع نه ڪرايا وڃن، ته مُناسب عملدار کان انهيءَ ڏس ۾ مليل ريپورٽ تي، عدالت ضبطگيءَ تان هٿ کڻڻ جو حُڪم ڏئي ۽ هدايت ڪري سگهي ٿي، ته ضبطگيءَ تي آيل لاڳت ڪنهن کي ڏيڻي آهي.

43-D. ڪو شخص، جنهن قاعدي 43 (1) تحت ضبط ٿيل ملڪيت کي پنهنجي سنڀال ۾ رکڻ جي ذميداري کنئي هُجي، تنهن تي لازم ٿيندو ته هُو ڪوڊ جي قلم 145 تحت انهيءَ ملڪيت جي ڏس ۾ ضمانت پيش ڪري ۽ اُهو ذميدار هوندو ته هُو پنهنجي طرفان ملڪيت جي وڪري واري ڪارروائيءَ ۾ اِرادي سان وڃائجي ويل يا نقصان پُهتل ملڪيت جي ماليت جي رقم ڏئي.

هاءِ ڪورٽ ترميمون (اُتر ـ اولهہ سرحدي صوبو):

هيٺيون وڌيڪ شرط شامل ٿيو:

وڌيڪ شرط هيءَ آهي، تہ جڏهن ضبط ٿيل ملڪيت، چوپائي مالَ يا زرعي اوزارن تي مشتمل هُجي، جنهن کي سولائيءَ سان هٽائي نہ سگهجي، ۽ ضبط ڪندڙ عملدار انهيءَ قاعدي جي پهرئين شرط تحت ڪردار نہ نڀائي، تہ هُو انهيءَ کي ڳوٺ ۾ يا انهيءَ جڳهہ تي ڇڏي سگهي ٿو جتي اُن کي ڳوٺ جي وڏيري يا اهڙي ٻئي معزز شخص جي نگرانيءَ ۾ ضبط ڪيو ويو هجي، جيڪي ملڪيت کي سنڀالڻ جي ذميداري کڻندا، عدالت جي حُڪمن تحت، جيڪڏهن اهڙو شخص انهيءَ کي ظاهر ڪرڻ لاءِ لکت ۾ ضمانت ڏئي.

ڪو شخص، جيڪو ضبط ڪيل ملڪيت کي سنڀالڻ جي ايئن ذميداري کڻي، سو ڪوڊ جي قلم 145 تحت ضمانت طور اُن خلاف ڪارروائي ڪري سگهي ٿو ۽ انهيءَ تي لازم هوندو، تہ هُو پنهنجي طرفان ملڪيت جي وڪري واري ڪارروائيءَ ۾ ارادي سان وڃائجي ويل يا نقصان پُهتل ملڪيت جي ماليت جي رقم ڏئي.

44. زراعت جي پيداوار جي ضبطگيءَ تي ڪارروائي: جيڪڏهن ضبط ٿيندڙ ملڪيت زراعتي پيداوار هجي، تہ انهيءَ جي ضبطگي، ضبطگي جي هڪڙي وارنٽ جي نقل چنبڙائڻ زرعي ٿيندي:

(a) جيڪڏهن مٿي ڄاڻايل فصل جي پيداوار بيٺل هجي، تہ انهيءَ ايراضي تي، جتي اُهو فصل پوکيل هجي؛

(b) جيڪڏهن مٿي ڄاڻايل پيداوار کي لُڻيو يا لاٻارو ڪري گڏ ڪيو ويو هجي، تہ ڳاهڻ واري جڳهہ تي يا انهيءَ قسم جي جڳهہ تي، يا چاري جي ڍير تي يا جتي اُهو جمع ٿيل هجي ۽ ٻيو نقل انهيءَ گهر جي ٻاهرئين دروازي يا ڪنهن ٻيءَ جڳهہ تي چنبڙايو وڃي، جنهن ۾ ڏکريءَ جو لَهڻيدار عام طور رهندو هجي يا عدالت جي اجازت سان انهيءَ گهر جي ٻاهرئين دروازي يا ڪنهن ٻيءَ جڳهہ تي، جنهن ۾ اُهو ڪاروبار ڪندو يا نفعي لاءِ ذاتي طور خاص ڪم ڪندو هجي، يا جنهن ۾ هُن جو پڇاڙڪي پيري رهڻ يا ڪاروبار ڪرڻ يا نفعي لاءِ ذاتي طور خاص ڪم ڪرڻ جو پتو پوي، ۽ انهيءَ ڪانپوءِ مٿي ڄاڻايل پيداوار تي عدالت جو قبضو سمجهيو ويندو.

45. ضبطگيءَ هيٺ آيل زرعي پيداوار بابت حُڪمَ: (1) جڏهن زرعي پيداوار کي ضبط ڪيو وڃي، تہ عدالت انهيءَ جي نگرانيءَ لاءِ انتظام ڪندي، جيڪي مُناسب ڀانئجن، ۽ عدالت کي اهڙن انتظامن ڪرڻ ۾ قابل بنائڻ جي مقصدن لاءِ، هر بيٺل فصل جي ضبطگيءَ بابت درخواست ۾ انهيءَ وقت جي وضاحت هئڻ گهرجي، جڏهن فصل لُڻڻ يا گڏ ڪرڻ جي لائق ٿي وڃي.

(2) اُنهن شرطن جي پابنديءِ موجب، جيڪي عدالت انهيءَ ضبطگيءَ يا ڪنهن پوءِ واري حُڪم پٽاندر ڪري، تہ ڏِڪريءَ جي قرضدار کي اختيار آهي، تہ هُو مٿي ڄاڻايل پيداوار جي سارسنڀال لهي،

گڏوگڏ انهيءَ کي لُٽي ۽ جمع ڪري ۽ ٻيو عمل ڪري، جيڪو انهيءَ جي بچاءَ يا مضبوطيءَ لاءِ لازمي هجي، جيڪڏهن ڊِڪريءَ جو قرضدار ايئن نہ ڪري، تہ ڊِڪري وٺندڙ عدالت کان اجازت وٺي، ۽ مٿي ڄاڻايل سمورين شرطن ۽ ڪجھ فعلن جي پابندي پاڻ ڪري سگھي يا ڪنهن ٻئي شخص ذريعي ڪرائي سگھي ٿو جنهن کي هُو مُقرر ڪري، ۽ جيڪو خرچ ڊِڪري وٺندڙ جو اچي، تہ ڊِڪريءَ جي قرضدار کان روڪ رقم، ڊِڪري ۾ ڄاڻايل هئڻ جيان يا انهيءَ جو حصو ورتو ويندو.

(3) جيڪڏهن ڪنهن ٻيئل فصل کي ضبط ڪيو وڃي، تہ رڳو انهيءَ سبب انهيءَ کي لُٽيو وڃي، تہ اُهو ضبطيءَ کان ڌار نہ ٿيندو ۽ نہ ٻيهر انهيءَ کي ضبط ڪرڻ جي گھرج ٿيندي.

(4) جيڪڏهن ٻيئل فصل جي ضبطگيءَ جو گھٽا ڏينهن اڳ انهيءَ جي لاباري يا گڏ ڪرڻ بابت حُڪم جاري ڪيو وڃي، تہ عدالت مٿي ڄاڻايل حُڪم کي جاري ڪرڻ ۾ هڪڙي مُناسب وقت تائين مُلتوي ڪري سگھي ٿي، گڏوگڏ انهيءَ کي اختيار آهي، تہ پنهنجي مرضيءَ تي هڪڙو ٻيو حُڪم جاري ڪري، تہ ضبطگيءَ جي حُڪم تائين ٻڌائي نہ ڪئي وڃي.

(5) ٻيئل فصل اهڙي قسم جو هجي، جيڪو گڏ ٿي نہ سگھندو هجي، تہ اُهو انهيءَ قاعدي موجب ويھ ڏينهن کان گھٽ يا اڳ انهيءَ وقت تائين، جڏهن لُٽجڻ يا گڏ ڪرڻ جي لائق هجي، ضبط نہ ڪيو ويندو.

هاءِ ڪورٽ ترميمون (لاهور):

قاعدي 45 جي ذيلي قاعدي (1) ۾ هيٺيون مواد شامل ٿيو:

"۽ هر هڪ اهڙي درخواست سان گڏ اهڙا خرچ، جيڪي انهيءَ وقت فصل جي نگرانيءَ لاءِ لازمي هُجن، جنهن لاءِ اِمڪان هجي، تہ اُهو لُٽجڻ يا لاباري لاءِ تيار هُجي، سي عدالت کي ڏنا ويندا."

46. ٻي ملڪيت ۽ حصي يا قرض جي ضبطگي، جيڪو ڊِڪريءَ جي قرضدار جي تحويل ۾ نہ هجي: (1) انهيءَ صورت ۾ تہ:

(a) اهڙو قرض، جنهن جي اطمينان لاءِ ڪو مُنتقل ٿيندڙ دستاويز نہ لکيو ويو هجي؛

(b) ڪنهن سَندواريءَ جماعت جي سرمايي جي حصي جو؛

(c) ڪنهن ٻي مُنتقل ٿيندڙ ملڪيت، جيڪا ڊِڪريءَ جي لَھڻيدار جي قبضي ۾ نہ هجي، انهيءَ ملڪيت کانسواءِ جيڪا ڪنهن عدالت ۾ ضمانت طور جمع يا عدالت جي بچاءُ ۾ هجي:-

(i) قرض جي حالت ۾ قرضدار کي اِها روڪ هوندي، تہ عدالت جي ٻئي حُڪم تائين هُو قرض نہ وٺي ۽ قرضدار کي اِها روڪ تہ هو مٿي ڄاڻايل حُڪم موجب قاصد کي قرض نہ ڏئي.

(ii) حصي جي حالت ۾ روڪ رقم، جنهن جي نالي سان حصو رجسٽر هجي، تنهن کي اِها روڪ هوندي، تہ انهيءَ کي مُنتقل نہ ڪري ۽ انهيءَ جو نفعو نہ وٺي.

(iii) ٻي مُنتقل ٿيندڙ ملڪيت جي حالت ۾، انهيءَ کانسواءِ جيڪا مٿس ڇُوٽ ٿي هجي، ملڪيت جي قابض شخص کي اِها روڪ هوندي، تہ هُو انهيءَ کي ڊِڪريءَ جي دعويدار کي نہ سونپي.

(2) چاڙهيل حُڪم جو هڪڙو نقل، ڪچهريءَ جي عام جڳهه تي چنبڙايو ويندو ۽ هڪڙو نقل قرضدار کي قرض جي حالت ۾ رجسٽر ڪارپوريشن جي مُناسب عمديدار کي سرمايي جي حصي جي حالت ۾ يا ملڪيت جي قابض شخص کي ڪنهن بي مُنتقل ٿيندڙ ملڪيت جي حالت ۾، انهيءَ کانسواءِ جنهن جي مٿي ڇُوٽ ٿي هجي، روانو ڪئي ويندي.

(3) قرضدار کي جنهن کي ذيلي قلم (1) شِق (i) موجب روڪ ٿي هجي، اختيار آهي، تہ پاڻُ تي واجب قرض عدالت ۾ جمع ڪرائي ڇڏي ۽ انهيءَ جي جمع ڪرائڻ سان هُو ايترو آزاد هوندو، جڻ هُن قرض ونڻ جي حقدار شخص کي قرض ڏئي ڇڏيو هجي.

هاءِ ڪورٽ ترميمون (سنڌ):

46-A. طريقيڪار جڏهن قرض يا ڪا مُتحرڪ ملڪيت، ڊِڪريءَ جي قرضدار جي تحويل ۾ نہ هُجي، جنهن کي ضبط ڪيو وڃي. عدالت، قرض جي حالت ۾ (انهيءَ بجاءِ اُهو قرض، جيڪو گِروي ۾ رکيل ملڪيت يا وياج يا ڪنهن قانوني ضمانت ذريعي ورتو ويو هُجي) ۽ ڪا مُتحرڪ ملڪيت، جيڪا ڊِڪريءَ جي قرضدار جي تحويل ۾ نہ هُجي، جنهن کي انهيءَ قانوني حُڪم جي قاعدي 46 يا قاعدي 51 تحت ضبط ڪيو ويو هُجي، ضبطگي ڪندڙ لهڻيدار جي درخواست تي، ڪنهن شخص ڏانهن نوٽيس جاري ڪري سگهي ٿي، جيڪو اهڙو قرض ڏيڻ جو ذميدار هُجي يا اهڙي مُتحرڪ ملڪيت کي سونپي يا حساب ڪتابُ ڏئي (اهڙي شخص کي انهيءَ کانپوءِ "ضبطيءَ جو نوٽيس تعميل ڪندڙ (Garnishee)" سڏيو ويندو)، هُن کي گهرائي، تہ اُهو عدالت ۾ مُناسب فارم تي قرض جي رقم يا هُن طرفان اهڙي ڊِڪريءَ جي قرضدار کي سونپڻ جوڳي ملڪيت ڏئي يا سونپي يا انهيءَ مان ايترو گهڻو جيڪو ڊِڪريءَ ۽ ڊِڪري جاري ٿيڻ تي ايندڙ لاڳت جي پوراءَ لاءِ مُناسب ٿي سگهي يا عدالت ۾ حاضر ٿئي ۽ سبب ڄاڻائي، تہ ڇو هُو اهڙي رقم نٿو ڏئي:

شرط هيءَ آهي، تہ جيڪڏهن قرض يا ملڪيت، جنهن جي ڏس ۾ مٿي ڄاڻايل درخواست ڏني وڃي، تنهن جي ماليت عدالت جي مالياتي حد کان وڌيڪ هُجي، تہ جيڪڏهن ضبطگي ڪندڙ عدالت ڪراچي سمال ڪاز عدالت هُجي، تہ ڊِڪريءَ تي عملدرآمد جو مُقدمو هاءِ ڪورٽ ڏانهن موڪليو ويندو جيڪڏهن اُهو ڪنهن بي عدالت ۾ هُجي، تہ ضلعي عدالت ڏانهن موڪليو ويندو جنهن جي ڄاڻايل عدالت ماتحت هُجي ۽ انهيءَ کانپوءِ هاءِ ڪورٽ، يا جيڪا بہ حالت هُجي، ضلعي عدالت يا ڪا بي بااختيار عدالت، جنهن ڏانهن اهڙي مُقدمي کي مُنتقل ڪيو ويو هُجي، تہ انهيءَ مُقدمي ۾ ساڳئي انداز سان ڪارروائي ڪندي، جڻ اُهو مُقدمو اصل ۾ انهيءَ عدالت ۾ داخل ٿيو هُجي.

اهڙي درخواست جي حلفيہ بيانَ سان پُٺڀرائي ٿيل هوندي، جنهن ۾ لڳايل تُهمتن جي حقيقتن جي تصديق ٿيل هوندي ۽ ڄاڻايل هوندو، تہ حليفہ بيان ڏيندڙ جي ويساهہ موجب، ضبطيءَ جو نوٽيس تعميل ڪندڙ، ڊِڪريءَ جي قرضدار جو قرضدار آهي.

46-B. طريقيڪار جڏهن ضبطيءَ جو نوٽيس تعميل ڪندڙ هڪدم رقم نہ ڏئي وغيره. جڏهن ضبطيءَ جو نوٽيس تعميل ڪندڙ عدالت ۾ هڪدم اُها رقم، جيڪا ڏانهنس لَڪيل هئي يا هُن طرفان ڊِڪريءَ جي قرضدار کي ڏيڻ جوڳي ملڪيت نہ ڏئي يا نہ سونپي. يا ايتري رقم بہ نہ ڏئي، جيڪا ڊِڪريءَ ۽ ڪارروائي تي آيل لاڳت جي پوراءَ لاءِ مُناسب هُجي، يا نوٽيس تي حاضر نہ ٿئي ۽ جوابي لکت ۾ سبب نہ ڄاڻائي، تہ عدالت، ضبطيءَ جي نوٽيس تعميل ڪندڙ کي اهڙي نوٽيس جي شرطن جي پوراءَ جو حُڪم ڏئي سگهي ٿي، ۽ اهڙو حُڪم، جيڪو عملدرآمد لاءِ ڪيو وڃي، جاري ڪري سگهي ٿي، ڄڻ اهڙو حُڪم ڊِڪري هُجي، جيڪا سندس خلاف جاري ٿي هُجي.

46-C. طريقيڪار، جڏهن ضبطيءَ جو نوٽيس تعميل ڪندڙ پنهنجي ذميداريءَ تي تڪرار ڪري. جڏهن ضبطيءَ جو نوٽيس تعميل ڪندڙ پنهنجي ذميداريءَ تي تڪرار ڪري، تہ عدالت حُڪم ڏئي سگهي ٿي، تہ ذميداريءَ جي ڪنهن بہ مامري يا انهيءَ جي نبيري لاءِ لازمي سُوال تي عدالتي ڪارروائي ڪئي ويندي، ڄڻ اُهو ڪنهن مُقدمي جو تڪراري مامرو هُجي ۽ اهڙي مامري جي فيصلي تي اهڙو حُڪم ڏنو ويندو جيڪو مُنصفاڻو ڀانئجي سگهجي.

46-D. طريقيڪار جڏهن قرض يا ملڪيت، ڪنهن ٽئين شخص سان ناتو رکندي هُجي. جڏهن اِهو فرض ڪيو وڃي يا امڪاني طور پڌرو ٿئي، تہ قرض يا ضبط ٿيل ملڪيت ڪنهن ٽئين شخص سان ناتو رکي ٿي يا اِهو تہ ڪنهن ٽئين شخص جا گِروي ۾ رکڻ سان ضمانتي مفاد جُڙيل هُجن يا انهيءَ جي نگرانيءَ ۾ هجي يا هُن جو منجهس مفاد هُجي، تہ عدالت اهڙي ٽئين شخص کي حُڪم ڏئي سگهي ٿي، تہ اُهو عدالت ۾ حاضر ٿئي ۽ اهڙي قرض يا ملڪيت لاءِ پنهنجي دعويٰ جي نوعيت ۽ تفصيلَ ڄاڻائي، جيڪڏهن ڪي هُجن، ۽ انهيءَ ڳالهہ کي ثابت ڪري.

46-E. اهڙي شخص کي ٻُڌڻ کانپوءِ حُڪم ڏنو ويندو. اهڙي ٽئين شخص ۽ ڪنهن ٻئي شخص کي ٻُڌڻ کانپوءِ، جنهن کي انهيءَ ڏس ۾ حاضر ٿيڻ جو حُڪم ڏنو وڃي، يا جڏهن حُڪم ڪرڻ کانپوءِ بہ اهڙي ٽئين يا ٻئي شخص جي حاضر نہ ٿيڻ جي حالت ۾، عدالت حُڪم ڏئي سگهي ٿي، جيئن انهيءَ کي پوءِ ڄاڻايو وڃي، يا اهڙين شرطن تي ٻيو اهڙو حُڪم ڏئي سگهي ٿي. جيڪڏهن گِروي ۾ رکڻ سان ضمانتي مفاد، نگراني يا دلچسپيءَ جي ڏس ۾ ڪو مفاد جُڙيل هُجي، اهڙو ٽيون شخص يا ٻيو شخص، جيڪو مُناسب ۽ مُنصفاڻو ڀانئجي.

46-F. حُڪم تحت رقم جي ادائيگي يا ملڪيت سونپڻ، ڊِڪريءَ جو ڪارائتو نيڪال هوندو. ضبطيءَ جو نوٽيس تعميل ڪندڙ طرفان قاعدي 46-A تحت نوٽيس يا مٿي ڄاڻايل جيان ڪنهن اهڙي حُڪم تحت رقم جي ادائيگي يا ملڪيت سونپڻ جو عمل، هُن يا ڪنهن ٻئي شخص طرفان، جنهن کي مٿي ڄاڻايل جيان عدالت ۾ رقم ڏيڻ يا ملڪيت سونپڻ خاطر حاضر ٿيڻ جو حُڪم ٿيو هُجي، ڊِڪريءَ جي قرضدار جي ڏس ۾ ڊِڪريءَ جو ڪارائتو نيڪال هوندو جيڪا بہ حالت هُجي، جيتوڻيڪ اهڙي حُڪم کي رَد يا موٽائي بہ سگهجي ٿو.

46-G. ڪنهن فَرم کان قرضَ وٺڻ جو طريقيڪار. عدالت جي حدن ۾ ڪاروبار ڪندڙ فَرم جنهن ڏانهن قرض لَهڻيل هُجي، تنهن خلاف انهيءَ حُڪم جي قاعدن 46-A کان 46-E تحت ڪارروائي ڪري سگهجي ٿي. جيتوڻيڪ اهڙي فرم جا هڪ يا وڌيڪ رُڪن، پلي عدالتي حدن کان ٻاهر رهندا هُجن: پر شرط هيءَ آهي، تہ ڪوبہ شخص، جنهن وٽ پائيواريءَ جي ڪاروبار جو اختيار يا انتظام هُجي يا فَرم جو ڪوبہ رُڪن، جيڪو عدالتي حدن ۾ هُجي، تنهن کي ضبطيءَ جو نوٽيس تعميل ڪندڙ جيان نوٽيس تعميل ٿيو هُجي، تہ اهڙي نوٽيس جي پوئواريءَ ۾ ڪنهن بہ حاضريءَ يا ڪنهن بہ حاضر رُڪن کي فَرم طرفان مُناسب حاضري سمجهيو ويندو.

46-H. مُقدمي جي لاڳت، عدالت جي مرضيءَ تي آڌاريل هوندي. ڪنهن بہ درخواست، جنهن کي قاعدي 46-A تحت داخل ڪيو ويو هُجي ۽ ڪنهن ڪارررروائيءَ جي ڪا بہ لاڳت، جيڪا مامري يا واقعي پٽاندر ٿيندي هُجي، تنهن جو نبيرو عدالت پنهنجي مرضيءَ سان ڪندي.

46-I. حُڪمَ اپيل جوڳا هوندا. ڪو حُڪم، جيڪو قاعدن 46-B يا 46-E تحت ڪيو ويجي، سو ساڳيءَ طرح لاڳو ٿيندو ۽ ساڳين حالتن جو ماتحت هوندو جيئن اپيل يا ڪنهن ٻيءَ حالت ۾ هُجي، جڏهن اُها ڪا ڊِڪري هُجي.

47. مُتحرڪ ملڪيت ۾ حصي جي ضبطگي: جيڪڏهن ضبط ٿيندڙ ملڪيت جو ڪو حصو يا حق هجي، جيڪو ڊِڪريءَ جو لَهڻيدار اهڙي مُنتقل ٿيندڙ ملڪيت ۾ رکندو هجي، جنهن جو مالڪ دعويدار سميت ٻيو شخص هجي، تہ ايئن ٿيندي، تہ هڪڙو اطلاع ڊِڪريءَ جي لَهڻيدار جي نالي موڪليو ويندو تہ هُو انهيءَ حصي يا حق کي مُنتقل يا ڪنهن طرح سوُدو نہ ڪري.

48. سرڪاري عملدار يا ريلوي جي ملازم يا مقامي حڪومتي ڪاتي جي ملازم جي پگهار يا وظيفن جي ضبطگي: (1) جڏهن ضبط ٿيندڙ ملڪيت، پگهار يا وظيفو[20][رياست جي ڪنهن [21][مُلازم]] يا ريلوي ڪمپنيءَ جي ملازم يا مقامي حڪومت ڪاتي جو ملازم جو هجي، تہ عام انهيءَ سان تہ لَهڻيدار يا پگهار ورهائيندڙ عملدار عدالت جي اختياري علائقي ۾ هجي نہ هجي، عدالت حُڪم ڏئي سگهي ٿي، تہ ڊِڪري ۾ چاڙهايل روڪ رقم، قلم 60 جي شرطن موجب سندس پگهار يا وظيفي سان، پلي هڪڙي پيري ئي قسط ڪري، ڪٽي وڃي، يعني جيئن عدالت حُڪم ڏئي ۽ جڏهن انهيءَ حُڪم جو اطلاع انهيءَ عهديدار کي ملي، جنهن کي [22][مُناسب حڪومت سرڪاري گزيٽ] ۾ اشتهار ڏئي، [23][انهيءَ ڪم لاءِ مُقرر ڪري:-

[20] سِول پروسيجر ڪوڊ (ترميم) ائڪٽ 1943ع (1943ع جو V)، قلم 3 تحت "سرڪاري مُلازم" ۾ تبديلي ٿي.
[21] صدارتي حُڪم 1961ع، آرٽيڪل 2 ۽ شيڊيول (23 مارچ 1956ع تي هڪدم لاڳو ٿيڻ) تحت "ڪرائون" ۾ ڦيرڦار ٿي
[22] منسوخي ۽ ترميمي ائڪٽ 1942ع (1942ع جو XXV)، قلم 3 ۽ ٻيو شيڊيول تحت "مرڪزي حڪومت يا صوبائي حڪومت پنهنجي سرڪاري گزيٽ ۾ نوٽيفڪيشن جاري ڪري سگهي ٿي" ۾ ڦيرڦار ڪئي وئي، جنهن کي پوءِ قانوني حڪم 1937ع تحت حڪومت هندستان جي گزيٽ يا مقامي سرڪاري گزيٽ ۾ نوٽيفڪيشن جاري ڪري سگهي ٿي، جيڪا بہ حالت هجي،" لاءِ تبديل ڪيو ويو

(a) جتي پگهار ۽ وظيفو اُنهن مقامي حدن ۾ ورهائبو هجي، جتي اِهو ضابطو رواج ۾ هجي، تہ عملدار يا ٻيو شخص، جنهن جو ڪمُ انهيءَ کي ورهائڻ هجي، تہ اُهو پگهار کي روڪي، رقم يا ماهوار قسط متي حُڪم ڏيندڙ عدالت ڏانهن روانو ڪندو جيئن بہ حالت هجي.

(b) جتي پگهار يا وظيفو اهڙي مقامي حدن کان ٻاهر ورهائجندو هجي، تہ عملدار يا ٻيو شخص، جنهن جو اِهو فرض هوندو تہ پگهار ڏيندڙ عملدار کي هدايت ڪري، جيڪا پگهار يا وظيفو ورهائڻو هجي، تہ انهيءَ حُڪم تحت رقم يا پگهار ماهوار قسطن سان عدالت ڏانهن موڪلي، جيئن بہ حالت هجي ۽ ورهائيندڙ عملدار کي هدايت ڪندو تہ سموري رقم کي هوريان هوريان ڏيڻ جوڳي رقم مان گهٽائي، قابل رقم عدالت ڏانهن موڪلي.]

(2) جيڪڏهن ضبط جوڳي متي چاڙايل پگهار يا وظيفي جو حصو ڪنهن ٻيءَ عدالت جي حُڪم موجب، جنهن جي تعميل باقي هجي، اڳ ۾ روڪيو ويو هجي ۽ عدالت ڏانهن ضبطيءَ جي اڳوٽي تعميل نہ ٿيل حُڪم پٽاندر روانو ڪيو ويو هجي، تہ اُهو عمديدار، جنهن کي [24][مُناسب حڪومت] جو اختيار مليل هجي، اِن سلسلي ۾ مُقرر ٿيل هوندو سو ٻين انهن تفصيلن سميت حُڪم جاري ڪندڙ عدالت ڏانهن واپس ڪندو جيڪي موجوده ضبطگيءَ بابت هُجن.

(3) هر حُڪم جيڪو انهيءَ قاعدي پٽاندر جاري ٿئي، جيستائين ذيلي قلم (2) جي وضاحتن موجب واپس نہ ڪيو وڃي، تہ ڪنهن وڌيڪ اطلاع يا حُڪم بغير اختياري [25][مُناسب حڪومت] يا ريلوي ڪمپني يا مقامي جماعت تي تعميل جوڳو هوندو جيئن بہ حالت هجي، جيتوڻيڪ لَٺيدار اُنهن مقامي حدن ۾ رهندو هجي، جتي اُهو ڪوڊ لاڳو هجي ۽ جڏهن انهيءَ جي حدن کان ٻاهر رهندو هجي، جيڪڏهن اُهو [26][مرڪزي يا صوبائي حڪومت جي خزاني مان] ڪا پگهار يا وظيفو وٺندو هجي، يا [27][پاڪستان] جي ڪنهن بہ حصي ۾ ڪاروبار ڪندڙ ريلوي ڪمپنيءَ جي فنڊ مان پگهار وٺندو هجي، ۽ [28][مُناسب حڪومت] يا [29][پاڪستان] ۾ مقامي حڪومت ڪاتي مان پگهار وٺندو هجي، تہ جيڪا بہ حالت هجي، تہ انهيءَ رقم جو ذميدار هوندو جيڪا چاڙايل قاعدي جي پيچڪڙيءَ سبب ڏني وئي هجي.

---

[23] سول پروسيجر ڪوڊ (ترميم) ائڪٽ 1939ع (1939ع جو XXVI)، قلم 2 تحت تبديلي ٿي.

[24] 1932ع جي ائڪٽ XXV تحت "مرڪزي يا صوبائي حڪومت، جيڪا بہ حالت هُجي" ۾ تبديلي ٿي. جنهن ۾ 1937ع جي قانوني حُڪم تحت "حڪومت" لاءِ ڦيرقار ٿي.

[25] ساڳيو.

[26] صدارتي حُڪم 1961ع. آرٽيڪل 2 ۽ شيڊيول (23 مارچ 1956ع تي هڪدم لاڳو ٿيڻ) تحت "هزمئجسٽيءَ جو (پاڪستان محصول)" ۾ تبديلي ٿي. جڏهن تہ بريڪيٽن ۾ لفظن ۾ قانوني حُڪم 1949ع تحت "هندستاني محصول" لاءِ ڦيرقار ٿي.

[27] مرڪزي قانون (قانوني شڌارا) آرڊيننس، 1960ع (1960ع جو XXI)، قلم 3 ۽ ٻئين شيڊيول (14 آڪٽوبر 1955ع کان هڪدم لاڳو ٿيندڙ) تحت "صوبا ۽ وفاق جي راڄڌانيءَ" ۾ ڦيرقار ٿي، جنهن ۾ 1949ع جي قانوني حُڪم تحت "برطانوي هندستان" ۾ تبديلي ٿي هئي.

[28] ساڳيو حوالو.

[29] 1932ع جي ائڪٽ XXV تحت "مرڪزي يا صوبائي حڪومت، جيڪا بہ حالت هُجي" ۾ تبديلي ٿي، جنهن ۾ 1937ع جي قانوني حُڪم تحت "حڪومت" لاءِ ڦيرقار ٿي.

[30][وضاحت: قاعدي جي حق ۾ ”مُناسب حڪومت“ جي معنيٰ آهي:

(i) وفاقي حڪومت جي ملازمت ۾ ڪو [31][شخص] يا ڪينٽونمينٽ اٿارٽي [32][* * *] يا وفاقي حڪومت جي مُک بندرگاهه جو بااختيار ادارو.

(ii) [33][* * *]

(iii) [34][رياست جو مُلازم] يا سرڪاري ملازم يا ڪنهن [35][* * *] ريلوي يا صوبائي حڪومت جي مقامي بااختيار اداري جي لاڳاپي ۾ ڪو ٻيو.]

49. پائيواري ملڪيت جي ضبطگي: (1) انهيءَ حالت ڪانسواءِ، جنهن جو چاٽايل قاعدي ۾ شرط وڌو ويو آهي، پائيواري ملڪيت ڪنهن ڊِڪريءَ جي جاري ٿيڻ ۾، انهيءَ ڊِڪريءَ ڪانسواءِ ضبط يا نيلام نہ ٿي سگهندي، جيڪا ڪارخاني تي يا ڪارخاني جي پائيوارن تي پائيوار طور جاري ٿي هجي.

(2) ڪنهن ڪارخاني جي پائيوار خلاف ڊِڪريءَ وٺندڙ جي درخواست ڏيڻ ڪانپوءِ، عدالت حُڪم ڏئي سگهي ٿي، تہ جيڪو حق مٿي چاٽايل پائيوار ملڪيت ۾ پائيواري ۾ رکي ٿو ۽ جيڪو نفعو حاصل ڪندو هجي، انهيءَ تي اوتري رقم جو مطالبو لاڳو ڪيو وڃي، جيڪو ڊِڪريءَ پٽاندر ڏيڻ جوڳو هجي ۽ عدالت کي اختيار آهي، تہ پلي انهيءَ حُڪم يا ڪنهن ٻئي حُڪم ڪانپوءِ، هڪڙو رسيور مقرر ڪري، جيڪو مٿي چاٽايل پائيوار جي نفعي جي رقم (پلي اُهو نفعي جو اعلان ٿي چڪو هجي يا وٺبو هجي) گڏوگڏ ڪا ٻي رقم وٺي، جيڪا پائيواري ملڪيت مان مٿي چاٽايل پائيوار کي ملڻي هجي. عدالت اِهو بہ حُڪم ڏئي سگهي ٿي، تہ حساب ورتو وڃي ۽ تحقيق عمل ۾ اچي ۽ مٿي چاٽايل پائيوار جو حق وڪڻيو وڃي ۽ ٻيون هدايتون ڏيئي سگهي ٿي، جيڪي انهيءَ مُقدمي ۾ گهربل هُجن.

(3) ڪنهن پائيوار يا پائيوارن جو اختيار، تہ ڪهڙي وقت چاٽايل حق جي مطالبي مان آزاد ڪرائي وٺندا يا جيڪڏهن انهيءَ جي نيلام ٿيڻ جو حُڪم ٿيو هجي، تہ انهيءَ کي خريد ڪري وٺن.

(4) ذيلي قلم (2) تحت داخل درخواست تي جيڪا ڊِڪري، قرضدار تي ۽ انهيءَ جي ٻين پائيوارن يا منجهانئن اُنهن مان تي جاري ٿئي، جيڪي [36][پاڪستان] ۾ هجن، تہ انهيءَ جي تعميل ڪئي ويندي.

---

[30] منسوخي ۽ ترميمي ائڪٽ 1942ع (1942ع جو XXV)، قلم 3 ۽ ٻيو شيڊيول تحت وضاحت شامل ٿي.

[31] سِول پروسيجر ڪوڊ (ترميم) ائڪٽ 1943ع (1943ع جو V)، قلم 3 تحت ”سرڪاري مُلازم“ ۾ تبديلي ٿي.

[32] قانوني حُڪم 1964ع جي آرٽيڪل 2 سان خارج ٿيو. صدارتي حُڪم 1961ع، آرٽيڪل 2 ۽ شيڊيول (23 مارچ 1956ع تي هڪدم لاڳو ٿيڻ) تحت لفظ ”وفاقي“ خارج ٿيو. جڏهن تہ صدارتي حُڪم 1975ع سان وفاقي ۾ ٻيهر قائم ٿي.

[33] 1949ع جي قانوني حُڪم تحت شِق (ii) خارج ٿي.

[34] صدارتي حُڪم 1961ع، آرٽيڪل 2 ۽ شيڊيول (23 مارچ 1956ع تي هڪدم لاڳو ٿيڻ) تحت ”ڪرائون جو مُلازم“ ۾ تبديلي ٿي، جنهن ۾ اڳ ۾ سِول پروسيجر ڪوڊ (ترميم) ائڪٽ 1943ع (1943ع جو V)، قلم 2 تحت ”سرڪاري عملدار“ لاءِ ٻيهر قائم ٿي هئي.

[35] قانوني حُڪم 1964ع جي آرٽيڪل 2 تحت لفظ ”ٻيو“ خارج ٿيو.

[36] مرڪزي قانون (قانوني سُڌارا) آرڊيننس، 1960ع (1960ع جو XXI)، قلم 3 ۽ ٻئين شيڊيول (14 آڪٽوبر، 1955ع کان هڪدم لاڳو ٿيندڙ) تحت ”صوبا ۽ وفاق جي راڄڌانيءَ“ ۾ ٻيهر قائم ٿي، جنهن ۾ 1949ع جي قانوني حُڪم تحت ”برطانوي هندستان“ ۾ تبديلي ٿي هئي.

(5) ذيلي قلم (3) موجب درخواست تي جيڪا ڊِڪري، قرضدار ۽ سندس پائيوارن تي جاري ٿئي، تنهن جي تعميل ڊِڪريءَ جي قرضدار سميت سندس بين پائيوارن تي پڻ ٿيندي، جيڪي پاڪستان ۾ موجود هجن.

(6) قلم (4) يا (5) موجب جاري ٿيل ڊِڪريءَ تي ٿيل تعميل کي سمورن پائيوارن تي تعميل ڪرائڻ سمجهيو ويندو ۽ جيڪي حُڪم مٿي جاڻايل درخواست تي ڏنا وڃن، تن جي تعميل بہ ايئن ٿيندي.

50. فرم خلاف ڊِڪريءَ جو جاري ٿيڻ: (1) جيڪڏهن ڊِڪري ڪنهن فرم خلاف هجي، تہ انهيءَ جي جاري ٿيڻ جو طريقو هيٺئين ريت هوندو:

(a) ڪنهن پائيواري واريءَ ملڪيت خلاف،

(b) ڪنهن اهڙي شخص خلاف، جيڪو قانوني حُڪم XXX جي قلم 6 يا 7 موجب پنهنجي ڪم سان حاضر ٿيو هجي يا جنهن پنهنجي درخواست يا دعوي يا لکيل بيانَ ۾ فرم جي پائيوار هئڻ جي ڳالھ کي مڃيو هجي، جنهن کي پائيوار سڏڻ مُناسب سمجهيو ويو هجي.

(c) اهڙي شخص خلاف، جنهن تي اڪيلي پائيوار طور سَمن تعميل ٿيو هجي ۽ اُهو حاضر نہ ٿيو هجي:

پر شرط هيءَ آهي، تہ جاڻايل ڪوڊ جي ڪنهن مضمون جي ذيلي قاعدي سان، مُعاهدي جي قانون 1872ع جي قلم 247 ۾ ڪو فرق نہ ايندو.

(2) جيڪڏهن ڊِڪري وٺندڙ ڪنهن اهڙي شخص خلاف فرم جي پائيوار طور ڊِڪري جاري ڪرائڻ گهري، جيڪو نہ هجي، جنهن جو ذڪر ذيلي قلم (1) جي شِقن (b) ۽ (c) ۾ حوالو ڏنل آهي، تہ اُهو ڊِڪري جاري ڪندڙ عدالت کان اجازت گهري سگهي ٿو ۽ جيڪڏهن ذميداريءَ بابت ڪو بحث نہ هجي، تہ عدالت اهڙي اجازت ڏئي سگهي ٿي، نہ تہ جيڪڏهن بحث هجي، تہ حُڪم ڏئي سگهي ٿي، تہ مٿي جاڻايل شخص جي ذميداريءَ جو نبيرو ايئن ڪيو وڃي، جڻ ڪنهن تحقيق جو نبيرو هجي.

(3) جيڪڏهن ڪنهن شخص جي ذميداريءَ جو نبيرو ذيلي قلم (2) موجب ڪيو وڃي، تہ جيڪو حُڪم انهيءَ بابت جاري ٿيو هجي، سو انهيءَ طرح مؤثر ۽ اپيل وغيره بابت مؤثر هوندو جيئن ڊِڪريءَ جو مؤثر هجي ٿو.

(4) ڪنهن پائيواري واريءَ ملڪيت خلاف نِرالي مثال ڪانسواءِ، تہ ڪنهن فرم خلاف ڪا ڊِڪري ڪنهن پائيوار کي ايستائين آجو نہ ڪونيندي، نہ ذميدار ڪونيندي يا ڪنهن ٻيءَ طرح اُها مؤثر نہ ٿيندي، جيستائين هُن تي حاضريءَ جو سَمن ۽ جواب تعميل نہ ٿيو هجي.

51. مُنتقل ٿيندڙ دستاويزن جي ضبطگي: جيڪڏهن ضبطگي جوڳي ڪا شيءِ مُنتقل ٿيندڙ ڪو دستاويز هجي، جيڪو عدالت ۾ داخل نہ ٿيو هجي ۽ نہ ڪنهن سرڪاري عُهديدار جي حفاظت ۾

هجي، تہ انهيءَ جي تحويل سندس حقيقي ضبطگي ذريعي ٿيندي ۽ جاٽايل دستاويز عدالت ۾ پيش ڪيو ويندو ۽ بئي حُڪم تائين عدالت ۾ رهندو.

52. عدالت يا سرڪاري عمديدار جي حراست ۾ ورتل ملڪيت جي ضبطگي: جيڪڏهن ضبطگيءَ جوڳي ملڪيت، عدالت يا سرڪاري عمديدار جي حفاظت ۾ هجي، تہ انهيءَ جي ضبطگي ايئن ٿيندي، جو عدالت يا جاٽايل عمديدار وٽ انهيءَ درخواست سان گڏ اطلاع موڪليو وڃي، تہ جيئن انهيءَ عدالت جي ڪنهن بئي حُڪم تائين، جتان اطلاع نڪتو هجي، انهيءَ جاٽايل ملڪيت جو وياج يا پائيواري حصو جيڪو رهيل هجي، ڪنهن کي نہ ڏنو وڃي:

پر شرط هيءَ آهي، تہ جيڪڏهن جاٽايل ملڪيت ڪنهن عدالت جي حفاظت ۽ نگراني ۾ هجي، تہ ملڪيت جي حق يا مُقدمي جي وصوليءَ جو تڪرار، جيڪو ڊِڪريءَ وٺندڙ ۽ ڪنهن اهڙي ڌارئي شخص جي وچ ۾ پيدا ٿيو هجي، جيڪو ڊِڪريءَ جو دعويدار نہ هجي ۽ جيڪو ڪنهن مُنتقلي يا ضبطگيءَ ذريعي يا ڪنهن بئي طريقي سان جاٽايل ملڪيت ۾ حق رکڻ جو دعويدار هجي، تہ جاٽايل عدالت مان نبيرو ڪيو ويندو.

53. ڊِڪرين تي ضبطگي: (1) جيڪڏهن ملڪيت کي ضبط ڪيو وڃي، تہ اُها ڊِڪري روڪ رقم جي ادائيگي يا ورڇ، گِروي يا ڏنڊُ تي عمل ۾ وڪري لاءِ هُجي، تہ ضبطگي ڪئي ويندي:-

(a) جيڪڏهن ڊِڪري ساڳيءَ عدالت جاري ڪئي هجي، تہ انهيءَ عدالت جي حُڪم ذريعي، ۽

(b) جيڪڏهن ڊِڪريءَ ذريعي ضبطگي ٿيڻي هُجي، تہ انهيءَ عدالت ڏانهن اطلاع، جنهن گهربل ڊِڪري جاري ڪئي هجي، تہ انهيءَ درخواست سان گڏ بيءَ عدالت ۾ موڪليو ويندو تہ اُها پنهنجي ڊِڪريءَ کي تيستائين ملتوي رکي:

(i) جنهن عدالت ڊِڪري جاري ڪئي هجي، يا جاري ڪرڻ گهرندي هجي، سا انهيءَ اطلاع کي رد ڪري ڇڏي؛

(ii) جيڪڏهن ڊِڪريءَ جو وٺندڙ ڊِڪري جاري ڪرائڻ گهري يا انهيءَ ڊِڪريءَ جو قرضدار عدالت کي اهڙي اطلاع ملڻ تي درخواست ڏئي، تہ هُن جي پنهنجي ڊِڪريءَ تي تعميل ڪيو وڃي.

(2) جيڪڏهن عدالت ذيلي قاعدي (1) جي فقري (a) تحت حُڪم جاري ڪري، يا مٿي جاٽايل ذيلي قاعدي 7، فقري (b) جي شِق (ii) تحت درخواست وٺي، تہ انهيءَ شخص جي بروقت ملندڙ درخواست اُن عدالت کي جاري ڪندي، جنهن جي ڊِڪريءَ تي ضبطگي ٿي هجي يا انهيءَ جي قرضدار جي ڊِڪريءَ تي ضبطگي ٿئي ۽ ورتل روڪ رقم کي گهربل ڊِڪري جي تعميل ۾ لڳائي ڇڏيندي.

(3) ڪو ڊِڪريءَ وٺندڙ ڪوشش ڪري ٿو تہ ڪنهن بيءَ ڊِڪريءَ ذريعي ضبطگي ٿئي، جنهن جو حوالو مٿي ڄاڻايل ذيلي قلم (1) ۾ ڄاڻايل آهي، تہ اُن کي سمجهيو ويندو تہ اُهو ضبط ڪرائيندڙ ڊِڪريءَ جو نگران آهي ۽ اُهو مٿي ڄاڻايل اهڙي ضبطگي واري ڊِڪريءَ کي جاري ڪرائڻ جو حقدار آهي، جيئن ڪو ڊِڪري وٺندڙ قانوني انداز ۾ انهيءَ کي جاري ڪرائي ها.

(4) جيڪڏهن ڪا ملڪيت ڪنهن ڊِڪريءَ جي تعميل ۾ ضبط ٿئي، جيڪا ڊِڪري انهيءَ قسم بجاءِ انهيءَ نوعيت جي هجي، جنهن جو ذڪر ذيلي قلم (1) ۾ ٿيل آهي، تہ ضبطگي عدالت طرفان جاري ٿيل نوٽيس تي ٿيندي، جنهن اهڙي ڊِڪري جاري ڪئي هجي، جنهن کي ڊِڪري وٺندڙ ڊِڪريءَ تي ضبط ڪرائڻ جي ڪوشش ۾ ورتو هجي، تہ انهيءَ ڊِڪريءَ وٺندڙ کي ڪنهن بہ طرح مُنتقليءَ يا مٿس ڪنهن انداز جي وصوليءَ جي مطالبي يا تعميل کان روڪيو وڃي، ۽ جڏهن اهڙي ڊِڪري ڪنهن بيءَ عدالت مان جاري ٿي هجي، سا پڻ بيءَ اهڙي عدالت ڏانهن نوٽيس موڪليندي، تہ ڊِڪريءَ جي تعميل کي روڪيو وڃي، جيستائين عدالت جي حُڪم سان اهڙي نوٽيس کي منسوخ نہ ڪيو وڃي، جنهن کي اُن عدالت ڪان موڪليو ويو هو.

(5) انهيءَ قلم موجب ضبطگيءَ جي ڊِڪريءَ وٺندڙ ڊِڪري تعميل ڪندڙ عدالت کي اهڙي ڄاڻ ۽ مدد ڏيندو جيڪا معقول سببن تي ڪانئس گهري وڃي.

(6) ڊِڪريءَ وٺندڙ جي اهڙي ڊِڪريءَ لاءِ درخواست ڏيڻ تي، جيڪو ڪنهن بيءَ ڊِڪريءَ سان ضبطگيءَ جي تعميل ڪرائڻ جي ڪوشش ڪري، تہ انهيءَ قلم پٽاندر ضبطگيءَ جو حُڪم جاري ڪندڙ عدالت، اهڙي حُڪم جو ڊِڪريءَ جي قرضدار کي نوٽيس ڏيندي، جيڪو ضبطگيءَ جي ڊِڪريءَ ذريعي پابند هوندو، ۽ اهڙي نوٽيس ملڻ ڪانپوءِ اهڙي حُڪم جي اُبتڙ ڊِڪريءَ جي قرضدار طرفان ضبطگيءَ جي ڊِڪريءَ جي ڪابہ ادائيگي يا ڏي وٺ نہ ڪئي ويندي، پوءِ اُها عدالت طرفان ٿئي يا نہ، تنهن کي ڪنهن بہ عدالت طرفان مڃيو ويندو جيستائين ضبطگي لاڳو رهي.

هاءِ ڪورٽ ترميمون (لاهور):

1. ذيلي قلم (1) ۾ لفظن "اهڙي بيءَ عدالت ڏانهن" ڪانپوءِ هيءَ لفظَ "۽ اُها عدالت، جنهن ڏانهن انهيءَ کي عملدرآمد لاءِ مُنتقل ڪيو ويو." شامل ٿيا.

2. ذيلي قلم (1)(b)(ii) ۾ لفظَ "ضبط ٿيل "لفظ "انهيءَ جو پنهنجو" جي جاءِ تي تبديل ٿيا ۽ هيٺيون مواد لفظن "جاري ٿيو يا" ۽ "انهيءَ جي ڊِڪريءَ جي قرضدار" جي وچ ۾ لفظَ "ڄاڻايل ڊِڪري وٺندڙ جي رضامنديءَ سان، لکت ۾ يا ضبطگي ڪندڙ عدالت جي اجازت سان اظهار ٿيو" شامل ٿيا.

3. ذيلي قلم (6) ۾ لفظن "ڄاڻ سان" ۾ لفظن "نوٽيس جي وصوليءَ ڪانپوءِ" جي ڦيرڦار ٿي.

هاءِ ڪورٽ ترميمون (اُتر – اولهہ سرحدي صوبو):

ذيلي قلم (1)(b) ۽ ذيلي قلم (4) ۾ لفظن "اهڙي بي عدالت ڏانهن" ڪانپوءِ ۽ لفظن "يا ڪنهن بيءَ عدالت ڏانهن، جنهن ڏانهن ڊِڪريءَ کي جاري ٿيڻ لاءِ مُنتقل ڪيو ويو هُجي." ۾ تبديلي ٿي.

ذيلي قلم (6) ۾ لفظن "انهيءَ جي نوٽيس جي وصوليءَ کانپوءِ" ۾ لفظن "نوٽيس جي وصولي يا انهيءَ جي نوٽيس ملڻ کانپوءِ" ۾ تبديلي ٿي.

54. غيرمُنتقل ٿيندڙ ملڪيت جي ضبطگي: (1) جيڪڏهن ضبط جوڳي ملڪيت غيرمُنتقل ٿيندڙ هجي، تہ انهيءَ جي ضبطگي ائين ٿيندي، جو حُڪم ذريعي ڊِڪريءَ جي قرضدار کي مٿي ڄاڻايل ملڪيت جي ڪنهن طرح مُنتقليءَ يا ڪنهن انداز سان متاسٽا جو منعنامو ڏنو ويندو ۽ روڪ هوندي، تہ ڪو شخص اهڙي مُنتقليءَ يا متاسٽا مان فائدو نہ وٺي.

(2) اُهو حُڪم ڪنهن مٿي ڄاڻايل ملڪيت تي يا انهيءَ سان لڳولڳ پڙهو ڏيارڻ ذريعي يا ڪنهن ٻئي عام طريقي سان مشهور ڪيو ويندو ۽ انهيءَ تي عدالت جي حُڪم جو هڪڙو نقل ملڪيت سميت گهر تي لڳايو ويندو ۽ جڏهن ايراضيءَ جي ملڪيت سرڪار کي ملڻي هجي، تہ انهيءَ حُڪم جو هڪڙو نقل انهيءَ ضلعي جي ڪليڪٽر ڪچهري ۾ بہ چنبڙايو ويندو، جنهن ۾ اُها ايراضي موجود هجي.

هاءِ ڪورٽ ترميمون (لاهور):

قانوني حُڪم 54 جي ذيلي قلم (2) جي پڇاڙيءَ ۾ فُل اسٽاپ (.) لاءِ سيمي ڪولن (;) تبديل ٿيوءِ شامل ٿيو:

"جڏهن ضبط جوڳي ملڪيت زمين هجي، جيڪا ڪينٽونمينٽ ۾ واقع هُجي، تہ حُڪمنامي جون ڪاپيون ڪينٽونمينٽ بورڊ ۽ ملٽري اِسٽيٽ آفيسر ڏانهن پڻ موڪليون وينديون، جنهن جي علائقي ۾ اُهو ڪينٽونمينٽ موجود هُجي."

ذيلي قاعدي (3) طور شامل ٿيو:

"(3) اُهو حُڪم انهن شخصن ۽ اُنهن ٻين شخصن خلاف خلاف مؤثر ٿيندو، جيڪي ضبطگيءَ جي حُڪم واريءَ تاريخ کان، ڊِڪريءَ جي قرضداريءَ کان آجپي ۽ حالتن کان لاپرواهيءَ جي تبديليءَ تحت دعويٰ ڪندڙ هُجن، ۽ جن کي تنهن وقت ضبطگيءَ جي حُڪم جاري ٿيڻ يا پڙهي ڏيڻ جي تاريخ جي ڄاڻ هجي، جيڪا بہ ڳالهہ اڳ ۾ ٿي هُجي."

هاءِ ڪورٽ ترميمون (اُتر ـ اولهہ سرحدي صوبو):

(1) ذيلي قاعدي (2) جي پڇاڙيءَ ۾ هيٺيون مواد شامل ٿيو:

"۽ پڻ جڏهن ملڪيت ڪينٽونمينٽ، مقامي ڪينٽونمينٽ بورڊ ۽ لاڳاپيل ملٽري اِسٽيٽس آفيسر جي حدن ۾ موجود هُجي."

(2) ذيلي قاعدي (3) طور هيٺيون شامل ٿيو:

"(3) حُڪم انهيءَ تاريخ کان، اُنهن خريدارن خلاف بہ مؤثر ٿيندو، جيڪي چڱيءَ نيت سان قيمتي هئڻ تي ملڪيت خريد ڪن، جڏهن حُڪم جو نقل ملڪيت تي چنبڙايو وڃي، ۽ ڊِڪريءَ جي قرضدار طرفان ٿيل اُنهن سمورين تبديلين خلاف پڻ اُن تاريخ کان مؤثر هوندو، جنهن تاريخ تي اهڙو حُڪم جاري ڪيو وڃي."

55. ڊِڪريءَ جي اطمينان ٿيڻ کانپوءِ ضبطگيءَ جو هَٽي وڃڻ: جڏهن ـ

(a) ڊِڪريءَ ۾ ڄاڻايل رقم سميت خرچ ۽ ٻيا سمورا مطالبا ۽ خرچ، جيڪي ڪنهن ملڪيت جي ضبطگيءَ ۾ لاڳو ٿيندا هجن، عدالت ۾ داخل ڪرايا وڃن، يا

(b) ڊِڪريءَ جي تعميل عدالت معرفت ٻيءَ حالت ۾ ٿي وڃي يا انهيءَ جي تصديق عدالت ۾ ڪئي وڃي؛ يا

(c) ڊِڪريءَ کي رَد يا خارج ڪيو وڃي؛

تہ سمجهيو ويندو تہ ضبطگي ملتوي ٿي ويئي ۽ جيڪڏهن دعويدار ٻيءَ حالت ۾ غيرمُنتقل ملڪيت جي خواهش ڪري، تہ ضبطگي جو التوا جو پڙهو پاڻُ هُن طرفان ڏنو ويندو، گڏوگڏ متي ڄاڻايل پڌرائي جو هڪڙو نقل، اڳئين قلمن ۾ ڄاڻايل مقرر طريقيڪار موجب چنبڙايو ويندو.

56. ڊِڪريءَ موجب حقدار ڏُر کي سِڪا يا ڪرنسيءَ نوٽ ڏيڻ جو حُڪم: جيڪڏهن ضبط ٿيل ملڪيت سِڪن يا ڪرنسي نوٽن جي قرضي هجي، تہ عدالت کي اختيار آهي، تہ ڪنهن وقت ضبطگيءَ جي ڏينهن ۾اها هدايت ڪري، تہ اُهو سِڪو يا نوٽ يا ان رقم جو ٿورو حصو جيڪو ڊِڪريءَ جي تعميل لاءِ ڪافي هجي، انهيءَ ڏُر کي ڏنو وڃي، جيڪو ڊِڪريءَ پٽاندر انهيءَ کي وٺڻ جو حقدار هجي.

57. ضبطگيءَ جو فيصلو: جيڪڏهن ڪا ملڪيت، ڊِڪريءَ جاري ٿيڻ تي ضبط ڪئي وڃي، پر ڊِڪريدار جي پيروي نہ ٿيڻ سبب عدالت تعميل جي درخواست ۾ ڪا ڪارروائي نہ ڪري سگهي، تہ عدالت پوءِ درخواست کي نامنظوري ڪندي يا ڪنهن گهٽي مُناسب سبب ڄاڻائڻ تي ڪارروائيءَ کي ايندڙ ڪنهن تاريخ تي مُلتوي ڪندي ۽ جيڪڏهن درخواست نامنظور ٿئي، تہ ضبطگي مُلتوي ٿي ويندي.

هاءِ ڪورٽ ترميمون (اُتر ـ اولهہ سرحدي صوبو):

قاعدي 57 جي پڇاڙيءَ واري جملي کي رد ڪيو وڃي، "درخواست نامنطور ٿيڻ تي..... ضبطگي مُلتوي ٿي ويندي،" ۽ هيٺئين تبديلي تي "اهڙي درخواست نامنظور ٿيڻ تي عدالت هدايت ڏيندي، تہ ڇا ضبطگي جاري رهندي يا مُلتوي ٿي ويندي. ڪنهن اهڙي هدايت جي غيرموجودگيءَ ۾، ضبطگيءَ کي سمجهيو ويندو، تہ اُها مُلتوي ٿي وئي آهي."

دعوائن ۽ اعتراضن جي تحقيقَ

58. ضبط ٿيل ملڪيت جي وڪري کي مُلتوي ڪرائڻ، ضبطگيءَ تي اعتراضَ ۽ دعوائن بابت تحقيق: (1) جيڪڏهن ڪا ملڪيت ڊِڪري جاري ٿيڻ پٽاندر ضبط ڪئي وڃي ۽ انهيءَ ملڪيت بابت ڪا دعويٰ يا ضبطگيءَ بابت اعتراض انهيءَ بُنياد تي ڪيو وڃي، تہ اُها ملڪيت ضبطگي جوڳي نہ آهي، تہ عدالت کي اختيار آهي، تہ دعويٰ يا اعتراض جي تحقيق ڪري ۽ اعتراض ڪندڙ دعويدار شخص جي شاهدي ۽ ٻين سمورن مامرن ۾ اُهي سمورا اختيار عمل ۾ آڻي، جڻ اُهو مُقدمي جي ڌُر هجي.

[37][پر شرط هيءُ آهي، تہ اهڙي تحقيق نہ ڪئي ويندي، جڏهن عدالت جي سامهون اِهو پڌرو ٿئي، تہ دعويٰ يا اعتراض (پوءِ پلي وڪري ڪان اڳ يا پوءِ ڪيو ويو هُجي) ڄاڻي واڻي يا آجايو دير ڪئي وئي آهي، يا سمجهہ جوڳي وقت ۾ نہ ڪئي وئي آهي يا جاٽايل ڊِڪريءَ جي تعميل ۾ جاٽايل ملڪيت جي پهرئين ضبطگي جي تاريخ کان هڪ ورهيہ منجهہ، جيڪا بہ ڳالهہ اڳ ۾ ٿي هُجي، جيستائين دعويدار يا اعتراض ڪندڙ:۔

(a) ثابت ڪري، تہ ايمانداريءَ سان ورتل حُڪم، ۽ پهرئين ضبطگيءَ جي تاريخ کان پوءِ تعميل لاءِ،

(b) ثابت ڪري، تہ هُن جو مفاد رکندڙ جاءِ نشين، پوءِ پلي سندن مفاد اهڙي ضبطگيءَ جي وقت وجود رکندو هجي يا نہ يا انهيءَ ڪانپوءِ دؤکي سان پُل چُڪ ۾ دعويٰ يا اعتراض ڪرڻ لاءِ ورتو ويو ۽

(c) سمورن اهڙن مفاد رکندڙ جاءِ نشين ذُرين تي مُقدمو داخل ڪري]

(2) نيلام جو مُلتوي ٿيڻ: جيڪڏهن اُها ملڪيت، جنهن سان دعويٰ يا اعتراض لاڳاپيل هجي، اِشتهار سان نيلام ٿي چُڪي هجي، تہ عدالت نيلاميءَ جي حُڪم تي دعويٰ يا اعتراض جي تحقيق دؤران نيلام جي حُڪم کي ملتوي رکي سگهي ٿي.

هاءِ ڪورٽ ترميمون (لاهور):

ذيلي قلم (1) تحت هيٺيون شرط ٿيو:

"۽ اِهو تہ جيڪڏهن پهرئين ضبطگيءَ جي مُناسب وقت ۾ اعتراض نٿو ڪيو وڃي، تہ اعتراض ڪندڙ کي ضبطگيءَ ۽ ساڳيءَ ڊِڪريءَ جي تعميل ۾ ساڳيءَ ملڪيت جي وڪري تي اعتراض ڪرڻ جو وڌيڪ حق نہ هوندو، جيستائين هُو پهرئين ضبطگيءَ جي تاريخ سان لاڳاپي ۾ ماٺيل حق کي ثابت نٿو ڪري."

[38][59. دعويدار کي شاهدي پيش ڪرڻ گهرجي: دعويدار يا اعتراض ڪندڙ کي انهيءَ ڳالهہ جو ثبوت ڏيڻ لازم آهي، تہ ضبطگيءَ جي تاريخ تي هُو ملڪيت ۾ ڪو حق رکندو هو يا انهيءَ تي قابض هو.

60. ملڪيت کي ضبطگيءَ کان آزاد ڪرائڻ: [39][جيڪڏهن اهڙي تحقيق مهل عدالت کي اطمينان ٿي وڃي، تہ جاٽايل ملڪيت ۾ دعويدار يا اعتراض ڪندڙن جو متي جاٽايل ملڪيت ۾ نالو حق يا مفاد هو ۽ متي جاٽايل ملڪيت اهڙي نالي، حق يا مفاد سبب، مجموعي يا جُزوي طور ضبطگيءَ جي حقدار نہ هئي، تہ عدالت ملڪيت جي آجپي لاءِ ڪو حُڪم جاري ڪندي، يا جيڪا بہ اهڙي سطح تائين حالت هجي، جو اُها ضبطگيءَ لاءِ حقدار نہ هجي.]

---

[37] 1972ع جي آرڊيننس XII تحت شرط ۾ ڦيرڦار ٿي.

[38] 1972ع جي آرڊيننس XII تحت ڦيرڦار ٿي.

[39] ڏسو ساڳيو حوالو.

61.[40] قرضدار ملڪيت جي ضبطگيءَ تي دعوي جو برقرار رهڻ: جيڪڏهن عدالت کي اطمينان هجي، تہ ڊِڪريءَ جي لَهڻيدار، قرضدار ملڪيت تي ضبطگي وقت مالڪ طور قابض هو تہ ڪنهن ٻئي شخص طرفان يا ڪو ٻيو شخص انهيءَ تي ڊِڪريءَ جي لَهڻيدار طرفان امانت طور قابض هو يا اُها ڪنهن ڪُڙمي يا ٻئي شخص جي دخل ۾ هئي، جيڪو ڊِڪريءَ جي لَهڻيدار کي ڍل ڏيندو هو، تہ عدالت تي لازم آهي، تہ انهيءَ دعوي کي نامنظور ڪري ڇڏي.]

62.[41] ضبط ٿيل ملڪيت بابت دعويدار جي لاڳاپيل حقن وغيره واري سُوال جو عدالت طرفان فيصلو ڪيو وڃي: جيڪڏهن عدالت کي اطمينان هجي، تہ قرضدار ملڪيت ڪنهن اهڙي شخص وٽ گِروي يا قرضدار آهي، جيڪو انهيءَ تي قبضو نہ رکي ۽ عدالت جي سوچ ۾ ضبطگيءَ جو قائم رکڻ مُناسب هجي، تہ عدالت کي اختيار هوندو تہ گِروي جي امانت يا ضبطگيءَ جي مطالبي کي برقرار رکي.]

63.[42] ضبط ٿيل ملڪيت ۾ حق ماڻڻ لاءِ مُقدمي جي ڇُوٽ: جڏهن ڪا دعوي يا اعتراض ڪيو وڃي، تہ جنهن ڌُر خلاف حُڪم جاري ٿيو هُجي، تہ اُها حق ماڻڻ لاءِ مُقدمو داخل ڪري سگهي ٿي، تہ جنهن ملڪيت تي هُو دعوي ڪري ٿو سا تڪراري آهي، پر اُها اهڙي مقدمي جي فيصلي جو موضوع آهي، جيڪڏهن ڪو هُجي، تہ اُهو حُڪم نتيجو ڏيندڙ هوندو.]

عام طور نيلام

64. ضبط ٿيل ملڪيت جي نيلامي ۽ انهيءَ مان حقدار کي خرچ ڏيڻ جي حُڪم جو اختيار: هر ڊِڪري جاري ڪندڙ عدالت کي اِهو حُڪم ڏيڻ جو اختيار هوندو تہ هر ضبط ٿيل نيلاميءَ جوڳي ملڪيت يا ايترو حصو جيڪو ڊِڪريءَ جي تعميل لاءِ ضروري هجي، نيلام ڪيو وڃي ۽ جاٽايل خرچ جو يا انهيءَ جو ڪافي حصو انهيءَ ڌُر کي ڏنو وڃي، جيڪا ڊِڪريءَ موجب انهيءَ کي وٺڻ جي حقدار هجي.

65. نيلام ڪنهن جي ذريعي ۽ ڪهڙي طريقي سان ٿيندو: ڪنهن ٻيءَ طرح تجويز ٿيڻ کانسواءِ، هرڪا نيلامي عدالت جي ڪنهن اهلڪار يا ٻئي شخص جي معرفت ٿيندي، جنهن کي عدالت مُقرر ڪندي، يا ڪنهن ٻئي شخص جي معرفت، جيئن عدالت انهيءَ پاران ڪيس مُقرر ڪري سگهي ٿي، ۽ وڪرو مُقرر ٿيل طريقي موجب عام نيلاميءَ سان ٿيندو.

66. عوامي واڪ ذريعي نيلاميءَ جو پڙهو: (1) جڏهن ڊِڪريءَ جاري ٿيڻ ذريعي نيلامي جو حُڪم ڏنو وڃي، تہ عدالت تي لازم آهي، تہ نيلامي جو اِشتهار عدالت جي ٻوليءَ ۾ مشهور ڪرائي.

(2) مٿيون اِشتهار ڊِڪريدار ۽ ڊِڪريءَ جي لَهڻيدار کي نوٽيس ڏيڻ کانپوءِ ڏنو ويندو ۽ انهيءَ ۾ نيلام جي تاريخ ۽ ماڳ لکيل هوندو ۽ تفصيل بہ ڪوشش ڪري صحت ۽ سچائيءَ سان لکيا ويندا:

---

[40] ڏسو ساڳيو حوالو.

[41] 1972ع جي آرڊيننس XII تحت شامل ٿيو.

[42] 1972ع جي آرڊيننس XII تحت خارج ٿيو.

(a) ملڪيت نيلام ٿيڻ واري آهي؛

(b) روڪ رقم جو تعداد انهيءَ شخص جي ملڪيت جي حصي ڏانهن، جڏهن اُهو نيلام ٿيندڙ هجي، سرڪاري حق ۾ ڍل ڏيڻ يا سرڪاري ڍل جو ڪجهه حصو هجي؛

(c) گِروي رکڻ تي ڪو وياجُ، جيڪو ملڪيت تي رهڻُ هُجي؛

(d) قرض جي رقم، جنهن جي وٺڻ لاءِ نيلامي جو حُڪم ڏنو ويو هجي؛ ۽

(e) بيو هر حُڪم، جنهن سان عدالت جي اِرادي سان خريدار کي انهيءَ مقصد کان واقف هئڻ ضروري هجي، تہ اُهو نيلام ٿيندڙ ملڪيت جي انداز توڙي ماليت جو فيصلو ڪري سگهي.

(3) چاٽايل قلم موجب عدالت جي نيلاميءَ جي حُڪم جي هر درخواست سان شامل هئڻ لازم آهي، تہ هڪڙو صحيح ٿيل بيان ۽ انهيءَ طريقي تي تصديق ٿيل، جيڪي هتي اڳ ۾ لکيا ويا آهي، صحيح ڪرڻ ۽ تصديق ڪرڻ بابت دعويٰ جي درخواست يا لکيل بيان منجهس لکڻ گهرجي، جيستائين اُهو معلوم هجي، يا جيڪو شخص تصديق ڪري، سو اُهي مامرا پُڇي سگهي ٿو جن جي ذيلي قاعدي (2) ۾ گهرج هجي، اُهي (مامرا) اِشتمار ۾ لکڻ گهرجن.

(4) اِشتمار ۾ لکيل اُنهن مامرن جي تحقيق خاطر عدالت کي اختيار آهي، تہ گهربل شخص کي گهرائي ۽ ڪانئس شاهدي وٺي ۽ جيڪي دستاويز ساڻس لاڳاپيل يا سندس تحويل ۾ هجن، سي ڪانئس حاضر ڪرائي.

هاءِ ڪورٽ ترميمون (لاهور):

ذيلي قلم (2) جي شِق (e) ۾ هيٺيان لفظ شامل ٿيا:

”شرط هيءَ آهي، تہ اِهو عدالت لاءِ لازمي نہ ٿيندو تہ اُها پاڻُ ملڪيت جي مُلهہ جو پنهنجو تخمينو چاٽائي: پر اِشتمار ۾ تخمينو شامل هوندو جيڪڏهن ڪو هُجي، جيڪو ڌُرين منجهان ڪنهن هڪ يا ٻنهي ڌُرين طرفان ڏنو ويو هُجي.“

ذيلي قاعدي(2) کانپوءِ هيٺيون مواد ذيلي قاعدي (3) طور شامل ٿيو ۽ موجوده ذيلي قاعدي (3) ۽ (4) کي ترتيبوار (4) ۽ (5) جا ٻيهر نمبر هنيا ويا:

”(3) جڏهن جيڪا ملڪيت وڪرو ڪئي وڃي، سا مُتحرڪ ملڪيت هُجي، جنهن کي هن ڪوڊ جي قاعدي 43 جي شِق (1) جي ذيلي شِق (a) يا (c) تحت ڪنهن نگران جي تحويل ۾ ڏنو ويو هجي، تہ عدالت، نگران ڏانهن نوٽيس ذريعي سمن پڻ جاري ڪندي، جنهن ۾ ڪيس هدايت ڪيل هوندي، تہ هُو ملڪيت کي وڪري واري جاءِ تي انهيءَ وقت ظاهر ڪري، جيڪو چاٽايو ويو هُجي، ۽ چتاءُ ڏنل هوندو، تہ جيڪڏهن هُو هدايتن جي پوئيواريءَ ۾ ناڪام رهي ٿو تہ پوءِ لازمي هوندو، تہ هُن خلاف سِول پروسيجر ڪوڊ جي قلم 145 تحت ڪارروائي ڪئي وڃي.

هاءِ ڪورٽ ترميمون (اُتر ـ اولهہ سرحدي صوبو):

ذيلي قاعدي (2) جي شِق (e) ۾ هيٺيون مواد شامل ٿيو:

"پر شرط هيءُ آهي، تہ اِهو عدالت لاءِ لازمي نہ ٿيندو تہ اُها پاڻ ملڪيت جي مُلهہ جو پنهنجو تخمينو ڄاڻائي، پر اِشتهار ۾ تخمينو شامل هوندو جيڪڏهن ڪو هُجي، جيڪو ڌرين منجهان ڪنهن هڪ يا ٻنهي ڌرين طرفان ڏنو ويو هُجي."

67. اِشتهار ڏيڻ جو طريقو: (1) جيستائين ممڪن هجي، تہ قاعدي 54 ذيلي قاعدي 12 ۾ مقرر طريقي موجب اِشتهار ڏنو ويندو.

(2) جيڪڏهن عدالت هدايت ڪري، تہ اهڙو اِشتهار [43][سرڪاري گزيٽ] يا اُتي جي ڪنهن اخبار ۾ يا ٻنهي ۾ اشتهار ڏنو ويندو ۽ انهيءَ اِشتهار جو سمورو خرچ وڪري مان ورتو ويندو.

(3) جيڪڏهن ڌار ڌار نيلام ٿيڻ خاطر ملڪيت کي پلاٽن ۾ ورهايو وڃي، تہ ضروري نہ آهي، تہ هر پلاٽ لاءِ ڌار ڌار اِشتهار ڏنا وڃن، ايستائين انهيءَ حالت ۾ تہ نيلام جو مُناسب اطلاع عدالت جي راءِ ۾ ڪنهن ٻئي طريقي سان ڏئي سگهجي.

68. نيلام جو وقت: قاعدي 43 جي شرطن موجب مٿي ڄاڻايل ملڪيت جي حالت ڪانسواءِ، ڊِڪريءَ جي لَهڻيدار جي لکت ۾ راضپي بغير ڪابہ نيلامي نہ ٿيندي، جيڪا جنهن تاريخ تي اِشتهار جو نقل، نيلاميءَ جي حُڪم ڏيندڙ عدالت ۾ لڳايو ويو هجي، انهيءَ جي ٻيءَ صورت ۾ غيرمُنتقل ٿيندڙ ملڪيت جو عرصو گهٽ ۾ گهٽ 30 ڏينهن جو ۽ ٻيءَ صورت، ۾ مُنتقل ٿيندڙ ملڪيت جا گهٽ ۾ گهٽ پندرنهن ڏينهن گُذري نہ وڃن.

هاءِ ڪورٽ ترميمون (لاهور ۽ اُتر ـ اولهہ سرحدي صوبو):

لفظن "ٽيهہ" بجاءِ "پندرهن" پڙهو ۽ لفظ "پندرهن" بجاءِ "هڪ هفتو" پڙهو.

69. نيلام جي روڪَ يا مُلتوي: (1) عدالت پنهنجي اِرادي کي مُناسب سمجهندي انهيءَ حُڪم موجب نيلامي کي ڪنهن ٻيءَ تاريخ ۽ گهڙيءَ تائين مُلتوي ڪري سگهي ٿي ۽ نيلامي ڪرائيندڙ جيڪڏهن مُناسب سمجهندي نيلامي کي ملتوي ڪري، تہ هُو مُلتوي ٿيڻ جا سبب لکندو:

پر شرط هيءُ آهي، تہ جڏهن نيلام ٿيندڙ گهر، عدالت جي عدالتي اختياري حدن ۾ هجي يا عدالت سان لڳولڳ هجي، تہ عدالت کي ملتوي نہ ڪرڻ گهرجي.

(2) جڏهن بہ قاعدي (1) پٽاندر نيلام کي ستن ڏينهن کان وڌيڪ عرصي تائين مُلتوي ڪيو وڃي، تہ قاعدي 67 موجب هڪڙو تازو اِشتهار ڏنو ويندو، جيڪڏهن ڊِڪريءَ جو لَهڻيدار انهيءَ تي راضي نہ هجي.

---

[43] 1937ع جي حُڪم تحت لفظ "مقامي سرڪاري گزيٽ" ۾ ڦيرڦار ٿي.

(3) جيڪڏهن آلات جي بولي ختم ٿيڻ کان اڳ سمورا رپيا ۽ خرچ (نيلام سميت) چاڙهايل عُهديدار کي روبرو ڏناوڃن يا سندس آڏت موجب انهيءَ ڳالهہ جو ثبوت ڏنو وڃي، تہ گهربل رقم سميت خرچ، نيلامي جو حُڪم ڏيندڙ چاڙهايل عدالت ۾ داخل ٿي چُڪو آهي، تہ نيلامي کي مُلتوي ڪري سگهجي ٿو.

هاءِ ڪورٽ ترميمون (لاهور):

ذيلي قاعدي (2) ۾ "پندرهن ڏينهن" بجاءِ "ست ڏينهن" لاءِ ڦيرڦار ٿي.

هاءِ ڪورٽ ترميمون (اُتر- اولهہ سرحدي صوبو):

ذيلي قاعدي (2) ۾، لفظ "ست" جي جاءِ تي لفظ "ٽيهہ" لاءِ ڦيرڦار ٿي ۽ هيٺيون شرط شامل ٿيو:

"پر شرط هيءَ آهي، تہ عدالت، ڊگريءَ جي ڪنهن قرضدار جي راضپي سان ڇُوٽ ڏئي سگهي ٿي، جيڪو قاعدي 66 تحت جاري ٿيل نوٽيس جي جواب ڏيڻ ۾ ناڪام ٿيو هُجي."

70. ڪجهہ خاص نيلامن ۾ ڇُوٽ: قاعدا 66 ۽ 69 اُنهن حالتن سان لاڳاپيل نہ هوندا، جن ۾ ڊگريءَ جي جاري ٿيڻ جي عمل کي ڪليڪٽر وٽ مُنتقل ڪيو وڃي.

71. پيڇڪڙي ڪندڙ خريدار، ٻيهر نيلامي جي نقصان جو ذميدار هوندو: عُهديدار يا ٻين نيلامي ڪرائيندڙ اهلڪارن تي لازم آهي، تہ اُهي قيمت جي گهٽتائي کي، جيڪا خريدار جي ڏوهي هئڻ ڪارڻ نيلامي جي ٻيهر ٿيڻ سبب ٿي هجي ۽ سمورا خرچ، جيڪي اهڙي ٻيهر نيلاميءَ سان لاڳاپيل هجن، عدالت ۾ يا ڪليڪٽر صاحب يا ڪنهن ماتحت ڪليڪٽر صاحب وٽ لکي جمع ڪرائين ۽ اُها گهٽ قيمت ۽ ڊگريدار جا خرچ يا ڊگريءَ جي لهڻيدار جي درخواست تي، واڪُ ۾ ڪتيندڙ شخص کان اُنهن قاعدن موجب ورتا ويندا، جيڪي روڪ رقم جي ڊگريءَ جي تعميل لاءِ لکيل هُجن.

72. ڊگريدار اِجازت بغير ملڪيت جو واڪُ يا بولي نہ ڏيندو: (1) اُهو ڊگريدار، جنهن جي جاري ٿيل ڊگريءَ ۾ ملڪيت کي نيلام ڪيو وڃي، تنهن کي اختيار نہ آهي، تہ هُو ملڪيت جي نيلاميءَ ۾ حصي وٺڻ لاءِ عدالت جي واضح اجازت کانسواءِ بولي ڏئي يا انهيءَ کي وٺي.

(2) جڏهن ڊگريدار، عدالت کان واضح اجازت وٺي ملڪيت وٺي، تہ جائز آهي، تہ قلم 73جي حُڪمن پٽاندر، اُهو ڊگريءَ پٽاندر ۽ هڪٻئي جي مقابلي ۾ نيلاميءَ تي ٿيل خرچ جو مُجرو ڏئي ۽ ڊگري جاري ڪندڙ عدالت سموري يا جُزوي ڊگري جي تعميل انهيءَ موجب ڪيس لکي ڏيندي.

(3) جڏهن ڊگري وٺندڙ پاڻُ يا ڪنهن شخص جي معرفت، عدالت کان اجازت وٺڻ کانسواءِ اهڙي ملڪيت خريد ڪري، تہ عدالت کي مُناسب سمجهندي اختيار آهي، تہ ڊگريءَ جي لهڻيدار يا ڪنهن ٻئي شخص جي درخواست تي، جيڪو نيلاميءَ سان ناتو رکندو هجي، نيلاميءَ جي منسوخيءَ جو حُڪم جاري ڪري ۽ اهڙي درخواست ۽ حُڪم جا خرچ ۽ قيمت ۾ ڪنهن گهٽتائي جا خرچ، جيڪي ٻيءَ نيلاميءَ سبب واقع ٿين ۽ ٻيءَ نيلاميءَ تي جيڪي خرچ ٿيا هُجن، سي ڊگريءَ وٺندڙ کان ورتا ويندا.

هاءِ ڪورٽ ترميمون (اُتر_ اولهه سرحدي صوبو):

ذيلي قاعدي (1) ۾ هيٺيئين ربت ڦيرڦار ٿي:

”72. ڊِڪريءَ وٺندڙ کي، جنهن جي ڊِڪريءَ جي تعميل ۾ انهيءَ ملڪيت کي نيلام ڪيو وڃي، عدالت جي واضح اجازت کانسواءِ ملڪيت جي نيلاميءَ ۾ بوليءَ ڏيڻ يا انهيءَ کي وٺڻ جو اختيار هوندو پر شرط هيءَ آهي، تہ ڊِڪريءَ جي قرضدار جي درخواست ۽ مُناسب سببن آڏار عدالت هُن کي انهيءَ ملڪيت جي بوليءَ ڏيڻ يا خريد ڪرڻ کان روڪي سگهي ٿي.“

ذيلي قاعدي (2) ۾ لفظن ”اهڙي اجازت سان“ ۾ لفظن ”ملڪيت“ سان ڦيرڦار ٿي. ذيلي قاعدو (3) رد ٿيو.

73. سرڪاري عملدارن کي ملڪيت جي بولي ڏيڻ ۽ وٺڻ جي روڪ: ڪو سرڪاري عهديدار يا ڪو بيو شخص، جيڪو ڪنهن نيلاميءَ بابت ڪا خدمت ڏيندو هجي، تنهن تي لازم آهي، تہ اِرادي يا لاشعوري طور ڪنهن عام نيلام ٿيندڙ ملڪيت کي نہ وٺي، خريدار طور بولي نہ ڏئي ۽ اِرادي يا شعوري طور اهڙي ملڪيت ۾ ڪو حق يا پائيواري نہ ڪري ۽ نہ ئي وٺڻ جو اُپاءُ ڪري.

مُتحرڪ ملڪيت جو نيلام

74. زرعي پيداوار جو نيلامُ: جيڪڏهن نيلام ٿيندڙ ملڪيت زرعي پيداوار جي قسم جي هجي تہ:

(a) انهيءَ ايراضيءَ يا پاسي ۾ تيار بيٺل فصل جي نيلاميءَ جي حالت ۾ نيلام انهيءَ هنڌ ڪيو ويندو جتي اُهو فصل بيٺل هجي، يا

(b) جيڪڏهن زرعي پيداوار لُڻجي ويئي هجي يا گڏ ڪيئي وئي هجي، تہ ويجهي کَري يا چاري جي ڍير، جتي اُهو گڏ ٿيل هجي؛

پر شرط هيءَ آهي، تہ جيڪڏهن عدالت جي راءِ ۾ وڌيڪ نفعي سان وڪامڻ جي اُميد هجي، تہ نيلام ڪنهن پرپاسي جي مَنڊيءَ ۾ ڪرائي سگهي ٿي.

(2) جيڪڏهن زرعي پيداوار نيلاميءَ لاءِ رکي وڃي:

(a) نيلام ڪندڙ جي اندازي ۾ انهيءَ جي مُناسب قيمت نہ لڳي؛ ۽

(b) فصل جو مالڪ يا انهيءَ پاران ڪو بيو مُختيار شخص درخواست ڏئي، تہ نيلامي ٻئي ڏينهن تائين يا جيڪڏهن نيلام جي ماڳ تي ڪا بازار لڳندي هجي، تہ بازار جي ڏينهن تائين نيلامي کي مُلتوي ڪيو ويندو ۽ ٻئي ڏينهن تي جيڪا بولي لڳندي، تنهن تي انهيءَ کي وڪرو ڪيو ويندو.

75. بيٺل زرعي فصل سان لاڳاپيل خاص شرط ۽ قاعدا: (1) جيڪڏهن نيلام ٿيندڙ ملڪيت اهڙي بيٺل فصل جي هجي، جيڪا گڏ ٿي سگهندو هجي، پر گڏ نہ ڪيو ويو هجي، تہ انهيءَ جي نيلام لاءِ

ڪا اهڙي تاريخ مُقرر ڪئي ويندي، تہ جيئن انهيءَ ڏينهن جي اچڻ کان اڳ اُن کي گڏ ڪيو وڃي ۽ جيستائين فصل کي وڍيو يا لُٽيو ۽ جمع نہ ڪيو وڃي، تہ تيستائين نيلام نہ ڪيو وڃي.

(2) جيڪڏهن فصل انهيءَ قسم جو هجي، جو وڍيو يا گڏ نہ ٿي سگهندو هجي، تہ انهيءَ کي وڍجڻ لُٽڻ ۽ گڏ ڪرڻ کان اڳ ۾ نيلام ڪري سگهجي ٿو ۽ خريدار کي اختيار آهي، تہ ايراضيءَ تي وڃي ۽ جيڪي ڳالهيون فصل جي سارسنڀال ۽ انهيءَ جي وڍجڻ لُٽجڻ ۽ گڏ ڪرائڻ سان لاڳاپيل لازمي هجن، تن کي پُورو ڪري.

هاءِ ڪورٽ ترميمون (لاهور ۽ اُتر- اولہ سرحدي صوبو):

ذيلي قاعدي (2) ۾ لفظ ”گڏ ٿيل“ کانپوءِ لفظ ”يا فصل جي ڪنهن اڻ پچيل ڏاڪي تي وڏيڪ منافعي تي وڪرو ڪري سگهجي ٿو“ شامل ٿيا.

76. ڪارپوريشنن ۾ حصا ۽ مُنتقل ٿيندڙ دستاويز: جيڪڏهن نيلام ٿيندڙ ملڪيت، گِروي رکڻ جوڳا دستاويزَ هجن يا ڪارپوريشن جا حصا هجن، تہ عدالت کي اختيار هوندو، تہ عام نيلاميءَ جو حُڪم جاري ڪرڻ بجاءِ، مٿي ڄاڻايل اهڙن دستاويزن يا حصن کي دلال معرفت وڪڻڻ جي اجازت ڏئي.

77. عام نيلاميءَ ذريعي نيلام: (1) جيڪڏهن ملڪيت کي نيلام ڪيو وڃي، تہ نيلام جي وقت هر لاٽ جي يا نيلام کان پوءِ جيتري قدر جلدي ٿئي، تہ نيلامي ڪرائيندڙ اهلڪار يا ٻيو شخص حُڪم ڏئي، تہ اُنهن جي قيمت داخل ڪرڻي پوندي ۽ داخل نہ ڪرڻ جي صورت ۾، انهيءَ ملڪيت کي ٽُرت وري نيلام ڪيو ويندو.

(2) نيلامي ڪرائيندڙ اهلڪار يا ٻيو شخص خرچ جي رقم ڏيڻ کانپوءِ انهيءَ بابت هڪڙي رسيد ڏيندو ۽ نيلام پڪو ٿي ويندو.

(3) جيڪڏهن نيلام ٿيندڙ ملڪيت ۽ ڊِڪريءَ جي لَهڻيدار ۽ ڪنهن ٻئي شخص جي ڀائيواريءَ ۾ ملڪيت هجي ۽ ٻہ يا وڌيڪ شخصَ، جن ۾ هڪڙو اُهو بہ شريڪ هجي، تہ مٿي ڄاڻايل ملڪيت يا انهيءَ جي ڪنهن آلات لاءِ ساڳئي تعداد (رقم) جي ڀائيوار ۾ بوليءَ لڳائي وڃي، تہ انهيءَ کي ڀائيوار جي بولي سمجهيو ويندو.

78. بيضابطگيءَ سان نيلامي ناجائز نہ ٿيندي، پر جنهن شخص جو نقصان ٿئي، سو دعويٰ داخل ڪري سگهي ٿو: مُنتقل ٿيندڙ ملڪيت جو نيلام، انهيءَ جي اشتهار يا تعميل ۾ بيضابطگيءَ هئڻ سبب ناجائز ٿي ويندو، پر جيڪڏهن ڪنهن شخص کي اهڙي بيضابطگيءَ جو نقصان ڪنهن ٻئي شخص طرفان ٿئي، تہ انهيءَ کي اختيار آهي، تہ اُهو اُن شخص کان هرجاڻي وٺڻ لاءِ يا (جيڪڏهن ٻيو شخص خريدار هجي) انهيءَ خاص ملڪيت جي وصوليءَ ۽ انهيءَ وصوليءَ ۾ ٿيل نقصان جي هرجاڻي بابت، انهيءَ خلاف دعويٰ داخل ڪري.

79. مُتحرڪ ملڪيت، قرضَ ۽ حصا ملڻ: (1) جيڪڏهن نيلام ٿيندڙ ملڪيت ڪا مُنتقل ٿيندڙ ملڪيت هجي ۽ انهيءَ جي ضبطگي عمل ۾ آئي هجي، تہ اهڙي ملڪيت خريدار کي سونپڻي پوندي

(2) جيڪڏهن نيلام ٿيندڙ ملڪيت، مُنتقل ٿيندڙ ملڪيت جي قسم جي هجي، جنهن تي ڊِڪريءَ جي قرضدار ڪانسواءِ ڪنهن ٻئي شخص جو قبضو هجي، ته خريدار کي مٿي ڄاڻايل ملڪيت ايئن ڏياري ويندي، جو مٿي ڄاڻايل ملڪيت جي قابض شخص کي اطلاع ڏنو ويندو ته ملڪيت، خريدار ڪانسواءِ ڪنهن ٻئي شخص کي تحويل ۾ نه ڏئي.

(3) جيڪڏهن نيلام ٿيندڙ ملڪيت، قرض ۾ ٻُڌل قسم جي هجي، جنهن جي اطمينان لاءِ ڪو گِروي يا قانون جوڳو دستاويز نه لکيو ويو هجي، يا ڪنهن ڪارپوريشن ۾ ڪي حصا هجن، ته عدالت جي لکيل حُڪم ذريعي اُنهن جي حوالگي ٿيندي، جنهن ۾ قرضدار کي خريدار کان قرض يا مٿس ڪو وياج وٺڻ جي روڪ ٿيل هوندي ۽ قرضدار، خريدار ڪانسواءِ ڪنهن ٻئي شخص کي مٿي ڄاڻايل قرض جي رقم نه ڏئي يا اِهو ته اُهو شخص جنهن جي نالي سان حصا لکيل هجن، تن کي ۽ نفعي جو ڪو حصو يا انهيءَ جو وياج ڪنهن ٻئي شخص جي هٿن ۾ خريدار ڪانسواءِ مُنتقل نه ڪيو وڃي، يا اُنهن تي ڪو نفعو يا وياج نه وٺي، ۽ مئنيجر يا سيڪريٽري يا مٿي ڄاڻايل ڪارپوريشن جي ڪنهن مُناسب عهديدار کي روڪي، ته اُهو خريدار ڪانسواءِ ڪنهن ٻئي شخص کي اهڙو حصو يا وياج مُنتقل ٿيڻ نه ڏئي ۽ نه ئي ڪنهن ٻئي کي نفعو ڏيڻ ڏئي.

80. قابل عمل سرڪاري مالياتي دستاويز ۽ حصن جي مُنتقلي: (1) جيڪڏهن دستاويز جو معائنو يا انهيءَ ڏُر ڏانهن مجتا ۾ ڪو دستاويز لکڻ، جنهن جي نالي ڪو قابل عمل سرڪاري مالياتي دستاويز يا ڪنهن ڪارپوريشن ۾ حصا موجود هجن ۽ اُنهن کي مُنتقل ڪرڻ گهربل هجي، ته انهيءَ ڪم لاءِ مُقرر ڪيل جج يا عُهديدار کي اختيار آهي، ته مٿي ڄاڻايل دستاويز ۽ قابل عمل سرڪاري مالياتي دستاويز جو معائنو ڪري سگهي ٿو ۽ انهيءَ جي پُٺ تي مُنتقليءَ جا اهڙا اکر لکندو، جيڪي ضروري هوندا، ۽ انهيءَ دستاويز جو معائنو ڪندو ۽ مجتا ۾ ڪو دستاويز لکندو، جيڪو اهڙيءَ طرح مؤثر هوندو، جڻ اُنهن کي پاڻُ ڏُر طرفان لکيو ويو هجي.

(2) اهڙي ڊِڪري جاري ٿيڻ يا مجتا جو نمونو خاص ڪري هيٺئين ريت هوندو:-

E.F. طرفان A.B. خلاف مُقدمي ۾ عدالت جي C.D. جج طرفان A.B. (يا جيڪا به حالت هجي).

(3) جيستائين مٿي ڄاڻايل مالياتي دستاويز يا حصن کي مُنتقل نه ڪيو ويو هجي، ته عدالت کي اختيار هوندو، ته اُها حُڪم ذريعي ڪنهن شخص کي رهڻُ ۾ وياج يا نفعي وٺڻ لاءِ مُقرر ڪري سگهي ٿي ۽ اُهو شخص انهيءَ ڏس ۾ وصوليءَ جي رسيد تي صحيح ڪندو ۽ ايئن صحيح ٿيل وصوليءَ جي اهڙي رسيد، سمورن مقصدن لاءِ ڪارائتي هوندي، جڻ انهيءَ رسيد تي پاڻُ ڏُر طرفان صحيح ڪئي وئي هُجي.

81. ٻيءَ ملڪيت جي حالت ۾ حوالگي: ڪنهن اهڙي مُنتقل ٿيندڙ ملڪيت جي حالت ۾، جنهن جو ذڪر انهيءَ کانپوءِ مٿي نه ڪيو ويو هجي، ته عدالت اهڙو حُڪم جاري ڪري سگهي ٿي، ته ملڪيت خريدار کي سونپي وڃي، ۽ انهيءَ پٺاندر اُها ملڪيت سونپي ويندي.

غيرمُتحرڪ ملڪيت جو نيلام

82. ڪهڙيون عدالتون اهڙي نيلام جو حُڪم ڏئي سگهن ٿيون: ڊِڪري جاري ٿيڻ پٺاندر غيرمُنتقل ٿيندڙ ملڪيت جي نيلامي، ننڍين مُقدمن جي عدالت کانسواءِ هر عدالت جي حُڪم سان ٿي سگهي ٿي.

83. ڊِڪريءَ جي قرضدار طرفان روڪ رقم ڏئي سگهڻ ۾ قابل ٿيڻ تائين نيلامي مُلتوي ٿيڻ: (1) جڏهن ملڪيت توڙي غيرمُنتقل ٿيندڙ ملڪيت جي نيلاميءَ لاءِ حُڪم جاري ٿئي، ته جيڪڏهن ڊِڪريءَ جو قرضدار عدالت کي مطمئن ڪري سگهي، ته انهيءَ ڳالهه کي مڃڻ جو سبب موجود آهي، ته ڊِڪريءَ جي تعميل، گِروي رکيل ملڪيت جي جُزوي يا ڊِڪريءَ جي قرضدار جي ڪنهن ٻيءَ غيرمُنتقل ٿيندڙ ملڪيت مان ٿي سگهي ٿو ته عدالت کي اختيار آهي، ته ڊِڪريءَ جي قرضدار طرفان انهيءَ ملڪيت جي نيلاميءَ کي، جيڪا نيلام جي حُڪم ۾ لکيل هجي، مُناسب شرطن ۽ ڪنهن عرصي تائين مُلتوي رکڻ جي درخواست ڏني وڃي، جيڪا عدالت کي مُناسب پائنجي، ته جيئن ڊِڪريءَ جو قرضدار روڪ رقم جو بندوبست ڪري سگهي.

(2) اهڙيءَ حالت ۾ عدالت، ڊِڪريءَ جي قرضدار کي هڪڙو سرٽيفڪيٽ ڏيندي، جنهن ۾ ڪيس اختيار ڏنو ويندو ته قلم 64 ۾ لکيل هيٺ کانسواءِ ڪنهن ٻئي حُڪم موجب، سرٽيفڪيٽ ۾ لکيل مُقرر عرصي ۾ گِروي، ڪَٽ يا وڪري تي درخواست موجب عمل ڪري:

پر شرط هيءَ آهي، ته جيڪا رقم اهڙي گِروي ڪَٽ يا وڪري بابت ڏيڻ جوڳي هجي، سا عدالت ۾ جمع ڪرائي ويندي، جنهن مان ڊِڪريءَ وٺندڙ کي انهيءَ رقم کانسواءِ نه ملندي، جنهن کي وٺڻ جو قاعدي 72 موجب ڊِڪري وٺندڙ حقدار هجي:

اِهو پڻ شرط آهي، ته ڪا گِروي ڪَٽ يا وڪرو جيڪو جاٽايل قلم موجب عمل ۾ اچي، رد ٿي ويندو جيستائين عدالت انهيءَ جي منظوري نه ڏئي.

(3) انهيءَ قاعدي ۾ جاٽايل ڪنهن ڳالهه کي نه سمجهيو ويندو ته اُها اُن ملڪيت جي وڪري تي لاڳو ٿيندي، جنهن کي ڊِڪريءَ جي تعميل ۾ وڪري جو حُڪم ڏنو وڃي، ته جيئن اهڙي ملڪيت کي رکيل گِروي تحت يا مٿس اوڌر موجب واجب رقم وٺڻ لاءِ ڊِڪريءَ ۾ نيلام ڪرائڻو هجي.

84. پيڪڙيءَ تي خريدار طرفان رقم جمع ڪرائڻ ۽ ٻيهر نيلام: (1) جڏهن تڪراري ملڪيت کي نيلام ڪيو وڃي، ته جنهن شخص کي نيلاميءَ جو خريدار ڪوٺيو وڃي، ته ڪيس پنهنجي بوليءَ جي تعداد تي پنجويهه سيڪڙو رقم، نيلام ڪرائيندڙ عمديدار يا نيلاميءَ جا مامرا سنڀاليندڙ ٻئي شخص وٽ انهيءَ وقت جمع ڪرائڻي پوندو ۽ اهڙي رقم جمع ڪرائڻ ۾ ناڪاميءَ تي، ملڪيت کي تُرت ٻيهر نيلام ڪيو ويندو.

(2) جيڪڏهن پاڻ ڊِڪريءَ وٺندڙ خريدار هجي ۽ قاعدي 72 موجب زرخريد جو حقدار هجي، ته عدالت انهيءَ قلم جي گهرجن کان ڪيس آجو ڪوٺي سگهي ٿي.

85. زرخريد جي مڪمل ادائيگيءَ لاءِ مُهلت: خريدار تي لازم آهي، ته نيلام جي ڏينهن کان پندرهن ڏينهن اڳ، عدالت جي بند ٿيڻ کان اڳ سموري ڏيڻ جوڳي زرخريد رقم عدالت ۾ جمع ڪرائي:

پر شرط هيءَ آهي، تہ عدالت ۾ ڏنل جاٽايل رقم جي ڪٽپ ۾، خريدار ڪنهن مُجرائيءَ مان فائدي وٺڻ جو حقدار هوندو، جنهن جو اُهو قاعدي 72 موجب حقدار ٿي سگهندو هجي.

86. ادائيگيءَ ۾ ناڪام ٿيڻ تي ڪارروائي: جيڪڏهن رقم مٿي جاٽايل عرصي ۾ جمع نہ ڪرائي وڃي، تہ نيلام جي خرچ ڏيڻ کان پوءِ امانت طور جمع ڪرايل رقم، عدالت جي مرضيءَ جي شرطن سان سرڪار ۾ ضبط ٿي سگهي ٿي، ۽ انهيءَ ملڪيت کي ٻيهر نيلام ڪيو ويندو ۽ لاچار رهندڙ خريدار جو، ملڪيت يا نيلام کانپوءِ ڪنهن خرچ جي رقم بابت حق باقي نہ رهندو.

87. ٻئي نيلام جو اشتهار: غيرمتحرڪ ملڪيت جي هر ٻيهر نيلامي، انهيءَ عرصي ۾ ڏيڻ جوڳو مُقرر خرچ نہ ڏنو وڃي، تہ تازي نڪتل اِشتهار موجب انهيءَ طريقي سان ۽ عرصي ۾ ڪئي ويندي، جنهن کي پوءِ وڪري لاءِ تجويز ڪيو وڃي.

88. ڀائيوار جي ٻوليءَ کي ترجيح هوندي: جيڪڏهن نيلام ٿيندڙ ملڪيت جو حصو ڪنهن غيرمُتحرڪ ٿيندڙ آڻ ورهايل ملڪيت جو هجي ۽ ٻہ يا گهڻا شخص، جن مان هڪڙو ڀائيوار انهيءَ ملڪيت جو هجي، تہ جاٽايل ملڪيت يا انهيءَ جي ڪنهن حصي لاءِ ساڳيءَ تعداد جون ٻوليون لڳائين، تہ اُنهن کي ڀائيوار جي ٻوليءَ سمجهيو ويندو.

89. رقم جمع ڪرائڻ تي ملڪيت جي نيلاميءَ کي رد ڪرڻ جي درخواست: (1) جيڪڏهن ڪا غيرمُتحرڪ ملڪيت، جاري ٿيل ڊِڪريءَ ۾ نيلام ڪئي وڃي، تہ ملڪيت جو مالڪ يا ڪو ٻيو شخص، جيڪو ڪنهن حق پٽاندر، جيڪو مٿي جاٽايل نيلام کان اڳ حاصل ڪيو ويو هجي، تنهن ۾ ڪجهہ حق رکندو هجي، تہ نيلام کي رد ڪرڻ جي درخواست ڏئي سگهي ٿو، پر شرط هيءَ آهي، تہ اُهو عدالت ۾ هيٺئين رقم جمع ڪرائي:

(a) خريدار کي خرچ خاطر ڏيڻ لاءِ پنج سيڪڙو رقم، ۽

(b) نيلام واري اِشتهار ۾ سِٽن جي تعداد، جنهن بابت نيلاميءَ جو حُڪم ٿيو هجي، تنهن مان اُها رقم ڪيڻ بعد، جيڪا ڊِڪريدار کي جاٽايل اِشتهار جي تاريخ کانپوءِ ڊِڪريءَ وٺندڙ کي ڏيڻ لاءِ ملي چُڪي هجي.

(2) جيڪڏهن ڪو شخص قاعدي 90 پٽاندر نيلام رد ڪرڻ جي درخواست ڏئي چُڪو هجي، تہ جاٽايل قاعدي موجب ڪو درخواست نہ ڏئي سگهندو نہ انهيءَ جي پيروي ڪري سگهندو، جيستائين اڳوڻي درخواست واپس نہ ورتي وڃي.

(3) انهيءَ قاعدي پٽاندر، دعويدار انهيءَ خرچ ۽ وياج جي ذميداريءَ کان آجو نہ ٿيندو، جنهن جو ذڪر نيلاميءَ جي اِشتهار ۾ نہ هجي.

هاءِ ڪورٽ ترميمون (لاهور):

انهيءَ قلم جي ذيلي قلم (1) ۾، لفظن ”ڪوبہ شخص... اهڙي وڪري کان اڳ ماڻي“، ۾ لفظن ”ڪوبہ شخص، جيڪو وڪري جي وقت يا انهيءَ قلم تحت درخواست داخل ڪندو يا انهيءَ لاءِ

ڪردار نيائيندو يا اهڙي شخص جي مفاد ۾، وڪڻيل ملڪيت ۾ ڪنهن مفاد جي دعوي ڪندو هُجي." جي ڦيرقار ٿي.

هاءِ ڪورٽ ترميمون (اُتر - اولهه سرحدي صوبو):

ذيلي قلم (1) ۾ لفظن "يا مالڪ هُجي..... اهڙي وڪري کان اڳ"، ۾ لفظن "وڪري جي وقت يا درخواست ڏيڻ وقت، يا انهيءَ لاءِ ڪردار نيائيندي يا اهڙي شخص جي مفاد ۾، اهڙي ملڪيت ۾ دعوي رکندو هُجي." جي ڦيرقار ٿي.

90. ملڪيت جي دڙکي جي بيضابطگيءَ پٽاندر نيلام کي رد ڪرڻ جي درخواست: جيڪڏهن ڪا غيرمُتحرڪ ملڪيت، جاري ٿيل ڊِڪريءَ ۾ نيلام ڪئي وڃي، تہ ڊِڪري وٺندڙ يا ڪو بہ شخص جيڪو ملڪيت جي قابل اگهہ ورڇ ۾ حصي ماڻڻ جو حقدار هجي، يا جنهن جي حقن تي نيلاميءَ سان ڪجهہ اثر پيو هجي، تہ نيلام کي ڪنهن بيضابطگي جي مامري يا دڙکي سبب، جيڪا نيلام جي مشهوري ڪرائڻ يا عمل ۾ آڻڻ ۾ واقع ٿي هجي، رد ڪرڻ جي درخواست ڏئي سگهي ٿو:

پر شرط هيءَ آهي، تہ ڪا نيلامي بيضابطگي يا دڙکي سبب انهيءَ حال ۾ رد نہ هجي، تہ ثابت ٿيل واقعن سان عدالت کي اطمينان ٿي وڃي، تہ درخواست ڪندڙ کي بيضابطگيءَ يا دڙکي سان واقعي نقصان پهتو آهي:

[44][پر شرط هيءَ آهي، تہ اهڙي ڪنهن درخواست تي نہ ويچاريو ويندو جيستائين درخواست ڏيندڙ ويهہ سيڪڙو رقم جمع نہ ڪرائي، جيڪا وڪري تي ملي هجي ۽ اهڙي ضمانت ڏئي. جيئن عدالت هدايت ڪري.]

هاءِ ڪورٽ ترميمون (لاهور):

هيٺيون شرط شامل ٿيو:

"وڌيڪ شرط هيءَ آهي، تہ ڪنهن بہ بُنياد تي اهڙي وڪري کي رَدُ نہ ڪيو وڃي، جنهن کي درخواست ڏيندڙ نيلامي شروع ٿيڻ کان اڳ اٿتي آٽي پئي سگهيو."

91. خريدار طرفان انهيءَ بُنياد تي نيلاميءَ کي رد ڪرڻ جي درخواست، تہ فيصلي جي قرضدار جو ملڪيت ۾ وڪري جوڳو ڪوبہ حق نہ آهي: جاري ٿيل ڊِڪريءَ تي نيلاميءَ جي خريدار کي اختيار آهي، تہ عدالت ۾ نيلاميءَ کي رد ڪرڻ بابت درخواست انهيءَ بُنياد تي داخل ڪري، تہ فيصلي جي قرضدار جو وڪرو ٿيل ملڪيت ۾ وڪري جوڳو مفاد نہ هو.

92. ڪڏهن نيلامي قطعي يا رَدّ ٿي سگهي ٿي: (1) قاعدي 89 يا 91 پٽاندر ڪابہ درخواست داخل نہ ٿئي يا جيڪڏهن داخل ٿئي، پر نامنظور ڪئي وڃي، تہ عدالت نيلاميءَ جو حُڪم منظور ڪندي، جنهن ڪانپوءِ نيلامي قطعي ٿي ويندي.

---

[44] 1972ع جي آرڊيننس XII تحت شامل ٿيو.

(2) جيڪڏهن اهڙي درخواست داخل ڪئي وئي هجي ۽ اُها منظور ٿي وڃي ۽ ڪنهن درخواست تحت قاعدي 89 جي صورت ۾، جيڪڏهن اُها رقم جيڪا متي جاٽايل قاعدي پٽاندر عدالت ۾ جمع ٿيڻ گهرجي، سا نيلاميءَ جي تاريخ کان ٽيهن ڏينهن ۾ داخل ڪئي وڃي، ته عدالت نيلاميءَ کي رد ڪرڻ جو حُڪم جاري ڪندي:

پر شرط هيءَ آهي، ته ڪو حُڪم جاري نه ٿيندو جيستائين درخواست جو اطلاع سمورن اهڙن شخصن کي نه ڏنو وڃي، جن جي حقن تي انهيءَ درخواست جو اثر پوندو هجي.

(3) ڪو شخص جنهن خلاف ڪو حُڪم هن قلم پٽاندر جاري ٿئي، سو تنهن جي رد ڪرڻ بابت ڪا دعويٰ داخل ڪري نه سگهندو.

93. ڪجهه خاص حالتن ۾ خريداريءَ جي رقم جي واپسي: جيڪڏهن ڪنهن غيرمُتحرڪ ملڪيت جي نيلامي قاعدي 92 موجب رد ٿي وڃي، ته خريدار کي حُڪم ڏنو ويندو ته پنهنجي خريداريءَ جي رقم سان گڏ يا وياج بغير، جهڙي طرح عدالت هدايت ڪري، انهيءَ شخص کان واپس وٺي، جنهن کي متي جاٽايل خريداريءَ جي رقم ڏني ويئي هجي.

94. سرٽيفڪيٽ جي خريداري: جڏهن غيرمُتحرڪ ملڪيت جو نيلام قطعي ٿي وڃي، ته عدالت نيلام ٿيل ملڪيت جو تفصيلي قطعي سرٽيفڪيٽ منظور ڪندي، جنهن ۾ وڪرو ٿيل ملڪيت ۽ انهيءَ شخص جو نالو جاٽايل هوندو، جنهن کي نيلاميءَ وقت ملڪيت جو خريدار سڏيو ويو هجي، ۽ انهيءَ سرٽيفڪيٽ ۾ نيلاميءَ جي تاريخ به لکيل هوندي، جنهن تي حتمي نيلامي ٿي هئي.

95. اهڙي ملڪيت جي حوالگي، جيڪا پاڻُ ڊِڪريءَ جي قرضدار جي تحويل ۾ هجي: جيڪڏهن نيلام ٿيل غيرمُتحرڪ ملڪيت، ڊِڪريءَ جي قرضدار يا انهيءَ جي ڪنهن ٻئي شخص يا ڪنهن ٻئي شخص جي قبضي ۾ هجي، جيڪو اهڙي حَق ذريعي انهيءَ ملڪيت بابت دعوبدار هجي، جيڪو متي جاٽايل ملڪيت جي ضبطگيءَ کانپوءِ ڊِڪريءَ جي قرضدار کان مليو هجي ۽ قاعدي 94 موجب انهيءَ ملڪيت بابت سرٽيفڪيٽ ڏنو ويو هجي، ته عدالت، خريدار جي درخواست تي اِهو حُڪم ڏيندي، ته خريدار کي يا ڪنهن ٻئي شخص کي، جنهن کي هُن پنهنجي طرفان قبضي وٺڻ لاءِ مُقرر ڪيو هجي، متي جاٽايل ملڪيت جو قبضو ڏياريو وڃي ۽ جيڪڏهن گهرج هجي، ته جيڪو شخص دخل ڏيڻ کان انڪار ڪري، تنهن کي انهيءَ مان ڪڍيو وڃي.

96. اهڙي ملڪيت جي حوالگي، جيڪا ڪنهن هاريءَ جي قبضي ۾ هجي: جيڪڏهن نيلام ٿيل ملڪيت آسامي يا ڪنهن ٻئي شخص جي تحويل ۾ هجي، جنهن کي انهيءَ جي تحويل جو حق مليل هجي، ۽ انهيءَ تي ملڪيت بابت قاعدي 94 موجب سرٽيفڪيٽ ڏنو ويو هجي، ته عدالت، خريدار جي درخواست تي اُها ملڪيت ايئن حوالي ٿيڻ جو حُڪم ڏيندي، جو نيلام جي سرٽيفڪيٽ کي متي جاٽايل ملڪيت جي ڪنهن جڳهه تي چنبڙائيندي يا لڳرائيندي ۽ ڍُهل جي ڏونڪي يا رواج ۾ آيل ٻين طريقن موجب مناسب جڳهه تي ملڪيت جي قابض جي اطلاع لاءِ اِهو مشهور ڪرائيندي، ته انهيءَ جي حقيت، ڊِڪريءَ جي قرضدار کان خريدار ڏانهن مُنتقل ٿي ويئي آهي.

ڊگري وٺندڙ يا خريدار کي قبضي ڏيڻ ۾ رنڊڪ

97. غيرمُتحرڪ ملڪيت جي قبضي ڏيڻ ۾ رنڊڪ يا رُڪاوٽ: (1) جيڪڏهن ڊگريءَ تحت غيرمُتحرڪ ملڪيت کي قبضي ۾ وٺندڙ يا ڊگريءَ جاري ٿيڻ تحت نيلام ٿيل ملڪيت جي خريدار آڏو ڪو شخص رنڊڪ يا رُڪاوٽ وجهي، ته جاڳايل ڊگريءَ وٺندڙ يا خريدار کي اختيار آهي، ته انهيءَ رنڊڪ يا رُڪاوٽ بابت عدالت ۾ درخواست داخل ڪري.

(2) عدالت انهيءَ مامري جي تحقيق لاءِ هڪڙو ڏينهن مُقرر ڪندي ۽ جنهن ڏُر خلاف شڪايت جي درخواست ڏني وئي هجي، تنهن کي سمن ذريعي جواب ڏيڻ لاءِ گهرائيندي.

98. ڊگريءَ جي قرضدار طرفان رنڊڪ يا رُڪاوٽ: جڏهن عدالت کي اطمينان ٿئي، ته فيصلي جي قرضدار طرفان يا ڪنهن ٻئي شخص جي چُرچ سان رنڊڪ يا رُڪاوٽ ٿي آهي، ته عدالتي حُڪم جاري ٿيندو، ته درخواست ڪندڙ کي ملڪيت جو قبضو ڏياريو وڃي ۽ جيڪڏهن فيصلي جو قرضدار يا ڪو ٻيو شخص انهيءَ ملڪيت جي قبضي ڏيڻ ۾ اڃا تائين رنڊڪ يا رُڪاوٽ وجهندو هُجي، ته عدالت، درخواست ڏيندڙ جي مطالبي موجب، مٿي ڄاڻايل فيصلي جي قرضدار يا ڪنهن ٻئي شخص کي جيل ۾ موڪلي ڇڏيندي، جيڪو عرصو ٽيهن ڏينهن تائين ٿي سگهي ٿو.

هاءِ ڪورٽ ترميمون (لاهور):

(1)"هُن جي چُرچ تي"لفظن کانپوءِ جتي بہ اُهي اچن، تہ هيٺيان لفظ "يا انهيءَ پاران" شامل ڪريو.

(2) قلم جي پڇاڙيءَ ۾ هيءُ لفظ شامل ڪيو: "اهڙي نظربندي، سرڪاري خرچ تي ٿيندي ۽ اُهو شخص جنهن جي چوڻ تي جيل ۾ قيد ڪرڻ جو حُڪم ٿئي، ته اُن لاءِ لازمي نہ هوندو، تہ هُو گُذران جو وظيفو ڏئي."

هاءِ ڪورٽ ترميمون (اُتر – اولهہ سرحدي صوبو):

"هُن جي چُرچ تي" لفظن کانپوءِ جتي بہ اُهي اچن، تہ هيءُ لفظ "يا انهيءَ پاران" شامل ڪريو. ۽ "ديواني جيل ۾" لفظن کانپوءِ "رياست جي خرچ تي" لفظ شامل ڪريو.

99. حقيقي دعويدار طرفان رنڊڪ يا رُڪاوٽ: جيڪڏهن عدالت کي اطمينان ٿئي، تہ ڊگريءَ جي قرضدار بجاءِ رنڊڪ يا رُڪاوٽ ڪنهن ٻئي شخص طرفان ٿي هجي ۽ اُهو نيڪ نيتيءَ سان هيءَ دعويٰ ڪندو هجي، تہ هُو پنهنجي طرفان يا ڪنهن ٻئي شخص پاران، ڊگريءَ جي قرضدار بجاءِ، ڄاڻايل ملڪيت تي قابض آهي، تہ عدالت درخواست خارج ڪري ڇڏيندي.

هاءِ ڪورٽ ترميمون (اُتر – اولهہ سرحدي صوبو):

لفظن "ڊگريءَ جي قرضدار بجاءِ ڪو ٻيو" ۾ لفظن "قلم 95 ۽ 98 ۾ ڄاڻايل شخصن بجاءِ ڪو ٻيو" جي ڦيرڦار ٿي.

100. ڊگريءَ وٺندڙ يا خريدار ڪنهن شخص کي ملڪيت مان ڪڍي ڇڏي: (1) جڏهن ڊگريءَ جي قرضدار بجاءِ ڪنهن ٻئي شخص کي، ڊگريءَ وٺندڙ طرفان اهڙي ملڪيت جي تحويل لاءِ

غيرمُتحرڪ ملڪيت مان بيدخل ڪيو وڃي، يا جڏهن اهڙي ملڪيت کي ڊِڪريءَ جي تعميل ۾ وڪڻيو ويو هُجي، تہ انهيءَ جو خريدار اهڙي بيدخليءَ جي شڪايت لاءِ عدالت کي درخواست ڏيئي سگهي ٿو.

(2) عدالت، دعويٰ جي تحقيق لاءِ هڪڙو ڏينهن مُقرر ڪندي ۽ جنهن ڌُر خلاف دعويٰ ٿي هجي، تنهن کي سَمن ذريعي جواب ڏيڻ لاءِ گهرائيندي.

101. جائز دعويدار کي قبضو ڏياريو وڃي: جيڪڏهن عدالت کي اطمينان ٿي وڃي، تہ درخواست ڪندڙ پنهنجي پاران يا ٻئي شخص طرفان، جيڪو ڊِڪريءَ جو قرضدار نہ هجي، جاٽايل ملڪيت تي نيڪ نيتيءَ سان قابض هو تہ انهيءَ کي ملڪيت جو قبضو ڏيارڻ جو حُڪم جاري ٿيندو.

102. مُنتقل ٿيندڙ ملڪيت سان آڻ لاڳاپيل قاعدا ضابطا: قاعدن 99 ۽ 101 ۾ اهڙي ڪابہ ڳالھ انهيءَ شخص طرفان غيرمُتحرڪ ملڪيت جي تحويل خاطر ڊِڪريءَ جي تعميل ۾ رنڊڪ يا رُڪاوٽ تي لاڳو نہ ٿيندي جنهن ڏانهن ڊِڪريءَ جي قرضدار اهڙي مُقدمي داخل ٿيڻ کانپوءِ ملڪيت مُنتقل ڪئي هُجي، جنهن ۾ڊِڪري جاري ٿي هُجي يا اهڙي ڪنهن شخص جي بيدخليءَ لاءِ حُڪم ڏنو ويو هُجي.

103. [45][ڪجهہ حُڪمَ نتيجو ڏيندڙ ۽ دعويٰ جي روڪ]: قاعدي 97 تحت درخواست ڏيندڙ ۽ مخالف ڌُر وچ ۾ يا قاعدي 100 تحت درخواست ڏيندڙ ۽ مخالف ڌُر وچ ۾ غيرمُتحرڪ ملڪيت جي مالڪيءَ يا تحويل جي حَق يا مفادن بابت سمورن سوالن تي عدالت طرفان فيصلو ڏنو ۽ نبيرو ڪيو ويندو ۽ اهڙي مامري جي فيصلي لاءِ ڪوبہ ڌار مُقدمو داخل نہ ڪيو ويندو.

هاءِ ڪورٽ ترميمون (لاهور):

قلم 104 طور هيٺئين مواد کي شامل ڪري سگهجي ٿو:

"104. هن قانوني حُڪم تحت سمورين ڪارروايُن جي مقصدن لاءِ، ڪنهن بہ ڌُر ڏانهن سَمن جاري ڪرڻ کي مُناسب سمجهيو ويندو جيڪڏهن قانوني حُڪم VIII، قلم 2 ۾ حوالي موجب جاري ٿيل سَمن جاٽايل ائڊريس تي مؤثر ٿيو هُجي، جيڪو قانوني حُڪم VII، قلم 24 جي ماتحت هُجي، پرشرط هيءُ آهي، تہ اِهو قلم نوٽيس تي لاڳو نہ ٿيندو جيڪو انهيءَ قانوني حُڪم جي قلم 22 ۾ تجويز ٿيل آهي.

هاءِ ڪورٽ ترميمون (سنڌ):

قلم 104 طور هيٺئين مواد کي شامل ڪري سگهجي ٿو:

"104. (1) ذيلي قلمن (3) ۽ (4) جي شرطن جي ماتحت، قانوني حُڪم VII، قلم 19 ۾، يا قانوني حُڪم VIII، قلم 11 تحت سَمن جي جاري ٿيڻ لاءِ جاٽايل ائڊريس، يا جيڪڏهن ائڊريس کي قانوني حُڪم VII، قلم 24 يا قانوني حُڪم VIII، قلم 12 تحت نيٺ تبديل ڪيو ويو هُجي، تہ ترميم ٿيل ائڊريس، نوٽيس جاري ٿيڻ جي سموري عمل جي ڪارروايُن دؤران اُها ساڳي برقرار رهندي.

[45] 1972ع جي آرڊيننس XII تحت ٺيرڦار ٿي.

(2) ڊِڪري جاري ٿيڻ لاءِ هرهڪ درخواست ۾ سَمن جي تعميل ٿيڻ لاءِ ائڊريس جاٽايل هوندي، جنهن کي مخالف ڌُر انهيءَ عدالت ۾ جاٽائيندي، جنهن انهيءَ عدالت لاءِ ڊِڪري جاري ڪئي هجي، جنهن ڏانهن ڊِڪريءَ کي آخريءَ ۾ جاري ڪرائڻ لاءِ مُنتقل ڪيو ويو هجي ۽ نوٽيس ۽ سَمن اهڙي ائڊريس تي جاري ڪيا ويندا.

(3) قانوني حُڪم VII جو قاعدو 22، 23، 24 ۽ 25 ڊِڪري جاري ٿيڻ جي ڪارروائي تي لاڳو ٿيندو جيستائين بہ اُها حالت هُجي.

(4) جيڪڏهن ڊِڪريءَ يا حُڪم خلاف جائزي يا نظرثاني لاءِ اپيل يا درخواست ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي وئي هُجي، سا ڊِڪريءَ جاري ٿيڻ لاءِ درخواست داخل ڪرڻ مهل التوا ۾ هُجي، تہ قانوني حُڪم XLI جي قاعدي 38 جا شرط جيڪا بہ حالت هُجي، اهڙي ڊِڪريءَ جاري ٿيڻ جي ڪارروائين تي لاڳو ٿيندا.

(5) ذيلي قاعدي (1) کان (3) ۾ موجود ڪابہ ڳالهہ نوٽيس تي لاڳو نہ ٿيندي، جيڪو قانوني حُڪم XXI جي قاعدي 22 سان تجويز ٿيو هُجي.

عدالتي حُڪم -XXII

ڌُرين جو موت، شادي ۽ ڏيوالو نڪرڻ

1. ڪنهن ڌُر جي فوت ٿيڻ سان مُقدمو ختم نہ ٿيندو: دعويٰ جي حق جي قائم رهڻ جي شرط سان، مُقدمو دعويدار يا دعويٰ جي جواب ڏيندڙ جي فوت ٿيڻ سان ختم نہ ٿيندو.

2. طريقيڪار ڪجهہ دعويدارن يا دعويٰ جي جواب ڏيندڙن منجهان ڪو هڪ جٽو فوت تي وڃي ۽ دعويٰ جو حق جاري رهڻ: جيڪڏهن مُقدمي ۾ ڪجهہ دعويدار يا دعويٰ جا جواب ڏيندڙ هجن ۽ جيڪڏهن منجهانئن ڪو هڪڙو مري وڃي ۽ دعويٰ جو حق رُڳو جيئري دعويدار لاءِ يا رڳو جيئري دعويدار يا دعويٰ جي جواب ڏيندڙن جي نالي تي قائم رهي، تہ عدالت انهيءَ مضمون جي هڪڙي عبارت مُقدمي جي ڪارروائيءَ ۾ لکرائيندي ۽ مقدمي جي ڪارروائي، جيئري دعويدار يا دعويٰ جي جواب ڏيندڙ طرفان يا جيئري دعويدار يا دعويٰ جي جواب ڏيندڙن خلاف لڳاتار جاري رهندي.

3. گهڻن دعويدارن منجهان ڪنهن هڪڙي دعويدار يا دعويٰ جي اڪيلي جواب ڏيندڙ جي فوت ٿيڻ تي طريقيڪار: (1) جڏهن ٻن منجهان هڪ يا وڌيڪ دعويدارَ گُذاري وڃن ۽ مُقدمي داخل ڪرڻ جو حق، جيئري بچندڙ دعويدار يا دعويدارن وٽ قائم نہ رهي، [46][يا قانوني حُڪم VII، قاعدي 26 تحت انهيءَ مقصد لاءِ هُن طرفان مُقرر ٿيل شخص کان اهڙي دعويدار جي موت جي اطلاع ملڻ تي] يا اڪيلو دعويدار يا اڪيلو بچيل دعويدار مري وڃي ۽ دعويٰ جو حق قائم رهي، تہ عدالت، درخواست ڏيڻ تي فوتي دعويٰ جي قانوني نگران کي مُقدمي جي ڌُر ڪونيندي ۽ مُقدمي جي ڪارروائي جاري رهندي.

[46] 1972ع جي آرڊيننس XII تحت شامل ٿيو.

[47][(2) جيڪڏهن قانوني طور اجازت مليل عرصي ۾ ڪا درخواست داخل نہ ڪئي وڃي يا ذيلي قاعدي (1) موجب چارڄ نہ ڏني وڃي، تہ عدالت مُقدمي جي ڪارروائي جاري رکي سگهي ٿي، ۽ اهڙي دعويدار جي فوت ٿيڻ باوجود، عدالت اهڙي مُقدمي ۾ ڪو حُڪم يا فيصلو ڏيندي، جنهن جي ساڳي قانوني حيثيت ۽ اثر هوندو جڻ اُهو فيصلو فوت ٿيڻ کان اڳ ڏنو يا اعلان ڪيو ويو هُجي.]

4. دعويٰ جي گهڻن جواب ڏيندڙ منجهان هڪڙي يا دعويٰ جي اڪيلي جواب ڏيندڙ جي وفات تي طريقيڪار: (1) جڏهن دعويٰ جي جواب ڏيندڙن منجهان هڪڙو يا وڌيڪ فوت ٿي وڃن ۽ دعويٰ جي جيئرن جواب ڏيندڙن يا دعويٰ جي اڪيلي جواب ڏيندڙ خلاف دعويٰ جو حق باقي نہ رهي [48][يا دعويٰ جي جواب ڏيندڙن جي موت جي اهڙي اطلاع ملڻ تي، جنهن جو اطلاع اهڙي شخص ڏنو هجي، جنهن کي حُڪم نمبر VIII قاعدي نمبر 13 موجب، انهيءَ مقصد لاءِ مُقرر ڪيو ويو هجي] يا دعويٰ جو اڪيلو جواب ڏيندڙ فوت ٿي وڃي، ۽ دعويٰ جو حق باقي رهي، تہ پوءِ عدالت انهيءَ پاران درخواست داخل ٿيڻ تي دعويٰ جي فوتي جواب ڏيندڙ جي قانوني نگران کي مُقدمي جي ڌُر بنائيندي، ۽ مُقدمي جي ڪارروائي جاري رکندي.

(2) جنهن شخص کي ايئن دعويٰ جو جواب ڏيندڙ ڌُر بنايو وڃي، تہ هُو دعويٰ جي فوتي جواب ڏيندڙ جي قانوني نگران طور پنهنجي ڪردار خاطر ڪو مُناسب بچاءُ ڪري سگهي ٿو.

[49][(3) جڏهن قانون ۾ مُقرر عرصي ۾، ڪا بہ درخواست داخل نہ ڪئي وڃي يا ذيلي قاعدي (1) موجب چارڄ نہ ڏني وڃي، تہ عدالت مُقدمي جي ڪارروائي هلائي سگهي ٿي ۽ دعويٰ جي اهڙي جواب ڏيندڙ جي فوت ٿيڻ باوجود، عدالت اهڙي مُقدمي ۾ ڪو حُڪم يا فيصلو ڏيندي، جنهن جي ساڳي قانوني حيثيت ۽ اثر هوندو جڻ اُهو فيصلو فوت ٿيڻ کان اڳ ڏنو يا اُن جو اعلان ڪيو ويو هُجي

[50][(4) اِهو ضروري نہ ٿيندو تہ دعويٰ جي جواب ڏيندڙن جي قانوني نگرانن کي بدلايو وڃي، جيڪي لکيل بيان داخل نہ ڪري سگهيا هجن يا مُقدمي جي ٻڌڻيءَ دؤران عدالت ۾ حاضر ٿيڻ ۽ مُقدمو وڙهڻ ۾ ناڪام رهيا هجن، ۽ اهڙي مُقدمي ۾ مٿي ڄاڻايل دعويٰ جي جواب ڏيندڙ خلاف، سندس فوت ٿيڻ باوجود، فيصلو ٻُڌائي سگهجي ٿو ۽ جنهن جي ساڳي قانوني حيثيت ۽ اثر هوندو جڻ اُهو فيصلو فوت ٿيڻ کان اڳ ڏنو يا اعلان ڪيو ويو هُجي.]

5. قانوني نمائندي بابت سُوال جو نبيرو: جڏهن اِهو سُوال سامهون اچي، تہ فلاڻو شخص فوتي دعويدار يا دعويٰ جي فوتي جواب ڏيندڙ جو قانوني نگران آهي يا نہ، تہ اهڙي سُوال جو نبيرو عدالت ڪندي.

---

[47] ڏسو ساڳيو حوالو.

[48] ڏسو ساڳيو حوالو.

[49] 1972ع جي آرڊيننس XII تحت ڦيرڦار ٿي.

[50] 1972ع جي آرڊيننس XII تحت شامل ٿيو.

6. مُقدمو ختم نہ ٿيندو جيڪڏهن ڪا ڌُر مُقدمي جي ٻُڌڻيءَ کانپوءِ فوت ٿئي: اڳوڻن قاعدن ۾ شامل ڪنهن ڳالهہ باوجود اِهو سوال تہ ڇا دعويٰ قائم رهي يا نہ، تہ ڪو مُقدمو ڪنهن ڌُر جي فوتگيءَ سبب ختم نہ ٿيندو جيڪا ٻُڌڻي جي پُڄاڻيءَ ۽ عدالتي فيصلي جي وچ ۾ ٿي هجي، پر اهڙي حالت ۾ فيصلو ڌُر جي فوت ٿيڻ باوجود ٻُڌائي سگهجي ٿو ۽ اُهو اهڙيءَ طرح اثرائتو هوندو جڻ وفات کان اڳ ٻُڌايو ويو هجي.

7. ڪنهن ڌُر عورت طرفان شادي ڪرڻ سبب مُقدمو ختم نہ ٿيندو: (1) ڪنهن عورت دعويدار يا دعويٰ جي جواب ڏيندڙ طرفان شاديءَ سبب مُقدمو ختم نہ ٿيندو پر شاديءَ باوجود مُقدمي جي ڪارروائي عدالتِ فيصلي تائين جاري رهندي ۽ جڏهن ڊِڪري، دعويٰ جي جواب ڏيندڙ عورت خلاف هجي، تہ انهيءَ جو فيصلو رُڳو انهيءَ جي خلاف جاري ڪيو ويندو.

(2) جڏهن اهڙو مُقدمو هجي، جنهن ۾ قانون پٽاندر مُڙس، پنهنجي زال جي قرض ڏيڻ جو ذميدار هجي، تہ عدالت جي اِجازت سان مُڙس خلاف ڊِڪري جاري ڪرڻ جائز ٿيندو ۽ جيڪڏهن فيصلو زال جي حق ۾ نڪتو هجي، پر شرط هيءَ آهي، تہ مُڙس قانون موجب ڊِڪريءَ ٿيل شيءِ ڪي وٺڻ جو حقدار هجي، تہ عدالت جي اجازت سان، مُڙس جي درخواست ڏيڻ تي ڊِڪري ملي سگهي ٿي.

8. جڏهن دعويدار جو ڏيوالپڻو مُقدمي ۾ رُڪاوٽ بڻجي: (1) ڪنهن مُقدمي ۾ ڪنهن دعويدار جو ڏيوالپڻو جنهن ڪي نگران يا رِسيورَ پنهنجي قرضدارن جي فائدي خاطر برقرار رکي سگهندو هجي، تہ اُهو مُقدمي ۾ رُڪاوٽ جو سبب نہ ٿيندو جيستائين اهڙو نگران يا رِسيورَ مُقدمي جي پيروي ڪرڻ کان انڪار نہ ڪري يا (جيستائين عدالت ڪنهن خاص سبب انهيءَ خلاف حُڪم نہ ڏئي)، تہ اهڙي عرصي ۾ خرچ جي ضمانت ڏئي، جيئن عدالت حُڪم ڏئي سگهي.

(2) طريقيڪار جڏهن نگران دعويٰ جاري رکڻ کان لاچار رهي يا ضمانت نہ ڏئي سگهي: جڏهن نگران انهيءَ مُقدمي جي پيروي جاري رکڻ ۽ حُڪم جي مُقرر عرصي اندر ضمانت داخل ڪرڻ ۾ غفلت يا انڪار ڪري، تہ دعويٰ جو جواب ڏيندڙ دعويدار جي ڏيوالي نڪرڻ آڌار مقدمي ڪي خارج ڪرڻ لاءِ درخواست ڏئي سگهي ٿو ۽ عدالت مُقدمو خارج ڪري دعويٰ جي جواب ڏيندڙ کي ايترو خرچ ڏياري سگهندي، جيترو دعويدار جي ملڪيت خلاف قرض طور ثابت ڪرڻ لاءِ دعويٰ جي جوابُ ڏيڻ ۾ سندس خرچ ٿيو هجي.

9. [51] [مُقدمي جي ختم يا خارج ڪرڻ جو اثر: (1) جڏهن ڪو مُقدمو انهيءَ حُڪم موجب ختم ٿي وڃي يا خارج ڪيو وڃي، تہ ڪا نئين دعويٰ انهيءَ دعويٰ پٽاندر داخل نہ ٿي سگهندي.

(2) اُهو شخص، جيڪو فوتي دعويدار يا دعويٰ جي جواب ڏيندڙ جو نگران يا ڪنهن ڏيوالپڻي جي دعويٰ جي مُقدمي ۾ مُقرر نگران يا رسيورَ هئڻ جي دعويٰ ڪندو هجي، تہ اُهو عدالت کي پنهنجي

[51] 1972ع جي آرڊيننس XII تحت ڦيرقار ٿي.

غيرحاضريءَ ۾ عدالت طرفان ڪنهن ڏنل حُڪم يا اعلان ڪيل فيصلي کي رَدُ ڪرڻ جي فيصلي جي درخواست ڏئي سگهي ٿو، ۽ جيڪڏهن اِهو ثابت ڪيو وڃي، تہ هُن کي مُقدمي کي جاري ڪرڻ يا مُقدمي ۾ دعويٰ جي جواب ڏيڻ کان مُناسب سببن ذريعي روڪيو ويو هو جيڪا بہ حالت هجي، تہ عدالت مقدمي ۾ ڏنل حُڪم يا اعلان ڪيل فيصلي کي اهڙين شرطن تي رَدُ ڪندي، جيڪي انهيءَ جي خرچ ڏيارڻ بابت هُجن، يا ٻيءَ طرح جيئن اها مُناسب سمجهي.

[52][(3) ٻَڌٽي جي لميٽيشن ائڪٽ 1908ع (1908ع جو IX) جي قلم 5 جون شرطون، ذيلي قاعدي (2) پٽاندر داخل ٿيل درخواست تي لاڳو ٿيندیون.]

10. مُقدمي ۾ قطعي حُڪم کان اڳ ذميداري ڏيڻ جي حالت ۾ طريقيڪار: (1) ڪنهن مُقدمي جي التوا دوران، ڪنهن مفاد جي ذميداري، حق پيدا ٿيڻ يا مُنتقليءَ جي ٻين حالتن ۾، عدالت جي اجازت سان مُقدمي کي اُنهن شخصن پاران يا سندن خلاف جاري رکي سگهجي ٿو جنهن ڏانهن اهڙو مفاد پيدا ٿيو يا مُنتقل ٿيو هجي.

(2) ڪنهن ڊِڪريءَ تحت ضبطگيءَ تي التوا ۾ پيل اپيل لاءِ سمجهيو ويندو تہ اُها انهيءَ شخص کي حقدار ڪونڊ جي فائدي ۾ آهي، جنهن ذيلي قاعدي (1) جي فائدي خاطر اهڙي ضبطگيءَ جو حُڪم ورتو هو.

11. اپيلن جي حُڪم لاءِ درخواست: اپيلن لاءِ انهيءَ حُڪم جي درخواست ۾، جيڪا بہ حالت هجي، تہ لفظ "دعويدار" مان سمجهيو ويندو تہ اُهو اپيل ڪندڙ "بچاءُ ڪندڙ" لفظ دعويٰ جو جواب ڏيندڙ ۽ لفظ "مُقدمو" ۾ ڪا اپيل شامل آهي.

12. ڪارروائين لاءِ حُڪم جي درخواست: قاعدن 3، 4 ۽ 8 ۾ شامل اهڙي ڪابہ ڳالهہ، ڪنهن ڊِڪريءَ جاري ٿيڻ يا حُڪم جي ڪارروائين تي لاڳو نہ ٿيندي.

XXIII- عدالتي حُڪم

دعوائن جو نبيرو ۽ نيڪال ٿيڻ

1. دعوائن جو نيڪال يا دعويٰ جي حصي تان هٿ کڻڻ: (1) دعويٰ داخل ٿيڻ کانپوءِ، دعويدار هروقت پنهنجي دعويٰ سمورن يا ڪجهہ دعويٰ جو جواب ڏيندڙن سان نبيرو ڪري يا پنهنجي دعويٰ جي حصي تان هٿ کڻي سگهي ٿو.

(2) جيڪڏهن عدالت کي اطمينان ٿئي تہ:-

(a) مُقدمو ضابطي جي ڪنهن رسمي کوٽ سبب ختم ٿي وڃي:

[52] 1990ع جي ائڪٽ V تحت شامل ٿيو.

(b) انهيءَ ڳالهہ جا ٻيا ڪافي سبب هجن، تہ دعويدار کي مُقدمي جي دعويٰ واري ڳالهہ يا انهيءَ دعويٰ جي حصي بابت هڪڙي نئين دعويٰ داخل ڪرڻ جي اجازت ڏني وڃي، تہ عدالت کي اختيار آهي، تہ ٻين اهڙن شرطن بابت، جيڪي مُناسب ڀانئجن، دعويدار کي مٿي ڄاڻايل مُقدمي ۾ دعويٰ تان هٿ کڻڻ يا جُزوي دعويٰ کي خارج ڪرڻ جي اجازت ڏني وڃي يا اختيار تحت هڪڙي نئين دعويٰ داخل ڪرڻ پٺاندر مُقدمي جي دعويٰ واري ڳالهہ يا مٿي ڄاڻايل جُزوي دعويٰ بابت اجازت ڏني وڃي.

(3) جيڪڏهن دعويدار مٿي ڄاڻايل ذيلي قلم (2) ۾ ڄاڻايل اجازت بغير مُقدمي تان هٿ کڻي وڃي يا جُزوي دعويٰ تان هٿ کڻي وڃي، تہ اُهو انهيءَ خرچ جو ذميدار ٿيندو، جيڪو عدالت ڏياري ۽ انهيءَ دعويٰ جي ڳالهہ بابت يا انهيءَ جي مٿي ڄاڻايل حصي جي ڪنهن نئين دعويٰ داخل ڪرڻ جو اختيار نہ رهندو.

(4) هن قلم جي ڪنهن عبارت سان عدالت کي اِها اِجازت ڏيڻ جو اختيار نہ آهي، تہ ڪجهہ دعوائن مان هڪڙي دعويٰ تان، ٻين جي مرضي بغير هٿ کڻي وڃي.

2. ٻڌڻيءَ جو لميٽيشن قانون، اڳوڻي دعويٰ جي قانون تي اثرانداز نہ ٿيندو: هر نئين دعويٰ ۾، جيڪا ڄاڻايل قاعدي جي اجازت سان داخل ٿي هجي، تہ دعويدار لميٽيشن جي قانون جو اهڙيءَ طرح پابند هوندو جڻ دعويٰ اڳ ۾ داخل ٿي هجي.

3. مُقدمي ۾ ڌُرين وچ ۾ سرچاءُ: جيڪڏهن عدالت جي اطمينان موجب اِهو ثابت ڪيو وڃي، تہ ڪنهن مُقدمي جو سرچاءُ جائز طور سرچاءُ ذريعي يا ڪُل مُعاهدي يا جُزوي ٿي ويو آهي، يا دعويٰ جي جواب ڏيندڙ دعويدار کي ڪُل يا جُزوي طور تڪراري ڳالهہ بابت راضي ڪري ورتو آهي، تہ عدالت اهڙيءَ طرح جو سرچاءُ يا معاهدي جي راضينامي کي ڪارروائي ۾ شامل ڪندي ۽ انهيءَ پٺاندر ڊِڪري جاري ڪندي، جيستائين انهيءَ مُقدمي سان ناتو هوندو.

هاءِ ڪورٽ ترميمون (لاهور):

انهيءَ قاعدي ۾ هيٺيون شرط شامل ٿيو:

پر شرط هيءُ آهي، تہ ڪنهن مُقدمي جي ٻڌڻيءَ جي ڪارروائي هلندي ۽ فيصلي ڪرڻ جي مقصدن لاءِ ڪنهن بہ اِلتوا جي اجازت نہ ڏني ويندي، تہ ڇا ڪو نبيرو يا راضپو ٿيو آهي يا نہ، جيستائين عدالت ۾ لکيت ۾ سبب ريڪارڊ نہ ڪرايا وڃن، جيڪا اُنهن کي اِلتوا جي منظوريءَ لاءِ مُناسب سمجهي، ۽ وڌيڪ شرط هيءُ آهي، تہ مُقدمي ۾ فيصلي جو اعلان تيستائين نہ ڪيو ويندو، جيستائين نبيري يا راضپي جي مامري جو ڪو فيصلو نہ ڪيو وڃي.

وڌيڪ شرط هيءُ پڻ آهي، تہ جڏهن مُقدمي جي سمورين ڌُرين طرفان درخواست داخل ڪئي وڃي، پوءِ پلي اُها لکت ۾ هُجي يا ڪُليل عدالت ۾ پنهنجي وڪيلن ذريعي ٿي هُجي، تہ اُهي مُقدمي ۾

سرچاءِ ڪرڻ چاهين ٿا، تہ عدالت ڪا تاريخ مُقرر ڪري سگهي ٿي، جنهن تي ڏُريون يا سندن وڪيل حاضر ٿيندا ۽ سرچاءِ جو ريڪارڊ جمع ڪرائيندا، پر مُقدمي ۾ اُنهن شاهدن کي ٻُڌڻ جي ڪارروائي جاري رهندي، جيڪي اڳ ۾ حاضر هُجن، جيستائين ڪو ٻيو سبب لکت ۾ ريڪارڊ نہ ڪرايو وڃي، تہ اُها انهيءَ کي ناممڪن يا ايئن ڪرڻ خواهش جوڳو نہ سمجهي. جيڪڏهن مُقرر تاريخ تي ڪنهن بہ سرچاءِ جا ڪاغذ جمع نہ ڪرايا ويندا، تہ انهيءَ مقصد لاءِ مُقدمي ۾ ڪنهن بہ وڌيڪ اِلتوا جي اجازت نہ ڏني ويندي، جيستائين عدالت لکت ۾ ريڪارڊ ڪرايل سببن کي نہ سمجهي، تہ انهيءَ ڳالھ جو گهڻو امڪان آهي، تہ مُقدمي تي انهيءَ تاريخ تي يا انهيءَ کان اڳ سرچاءِ ٿي ويندو جنهن تي ٻُڌڻيءَ کي ملتوي ڪرڻ تجويز ڪيو ويو هو.

4. دعويدار طرفان جُزوي طور اطمينان ٿيڻ طور جمع ڪرايل رقم کي مجڻ تي ڪارروائي: مٿيون حُڪم، جاري ٿيندڙ ڊِڪريءَ يا حُڪم بابت ڪارروايون تي لاڳو نہ ٿيندو.

عدالتي حُڪم -XXIV

عدالت ۾ ادائيگي

1. دعويٰ جي جواب ڏيندڙ طرفان دعويٰ جي اطمينان خاطر عدالت ۾ رقم جمع ڪرائڻ: جنهن دعويٰ ۾، جيڪا قرض يا خساري جي دعويٰ هجي، تہ دعويٰ جي جواب ڏيندڙ کي مُقدمي جي ڪنهن بہ وقت تي اختيار آهي، تہ عدالت ۾ ايتري رقم جمع ڪرائي، جيڪا پوري دعويٰ جي مطمئن ٿيڻ لاءِ سندس سوچ ۾ ساڳئي انداز جي هجي.

2. عدالت ۾ رقم جمع ڪرائڻ جو اطلاع: لازم آهي، تہ دعويٰ جو جواب ڏيندڙ انهيءَ رقم جو اطلاع عدالت جي معرفت دعويدار کي ڏئي ۽ امانتي رقم دعويدار جي درخواست تي دعويدار کي ڏني وڃي، جيستائين انهيءَ صورت ۾ عدالت ڪنهن طرح جي ڪا ٻي هدايت ڏئي.

3. نوٽيس بعد عدالت ۾ جمع ڪرايل رقم تي دعويدار کي وياج وٺڻ جي اجازت نہ هوندي: جيڪا رقم دعويٰ جي جواب ڏيندڙ عدالت ۾ جمع ڪرائي هجي، تنهن جو وياج دعويدار کي مٿي ڄاڻايل اطلاع پُهچڻ جي تاريخ کان نہ ڏياريو ويندو پوءِ پلي امانتي رقم سموري دعويٰ جيتري هجي يا انهيءَ کان گهٽ.

4. طريقيڪار جڏهن دعويدار عدالت ۾ جمع ڪرايل رقم کي اطمينان طور جُزوي مڃي: (1) جيڪڏهن دعويدار امانتي رقم جي رڳو اطمينان خاطر جُزوي دعويٰ ڪري، تہ انهيءَ کي اختيار آهي، تہ باقي رقم بابت دعويٰ ۾ پيروي ڪري ۽ جيڪڏهن عدالت اِهو فيصلو ڏئي، تہ دعويٰ جي جواب ڏيندڙ طرفان عدالت ۾ جمع ڪرايل ڪُل رقم دعويٰ جيتري آهي، تہ دعويدار کي اوتري قدر دعويٰ جي خرچ جو، جيڪو امانتي رقم جمع ڪرڻ کانپوءِ ٿيو هجي، ۽ انهيءَ کان اڳ امانت جي رقم جمع ڪرائڻ کان اڳ ڏيڻو پوندو جيترو دعويدار جي مطالبي تي زيادتي سبب لازم آيو هجي.

(2) جيڪڏهن دعويدار عدالت ۾ جمع ڪرايل رقم کي سموري دعويٰ جي اطمينان موجب مڃي:
جيڪڏهن دعويدار عدالت ۾ جمع ڪرايل رقم کي پنهنجي دعويٰ جي اطمينان طور منظور ڪري وٺي، ته انهيءَ تي لازم هوندو ته انهيءَ بابت هُو بيان عدالت ۾ داخل ڪري ۽ اُهو بيان ڪارروائي ۾ شامل ڪيو ويندو ۽ عدالت تي لازم آهي، ته انهيءَ پٽاندر فيصلو ڏئي ۽ اِهو فيصلو انهيءَ ڳالھ بابت، ته هر ڌُر جو خرچ ڪنهن تي لاڳو ٿيڻ گهرجي، عدالت انهيءَ ڳالھ تي ويچاريندي، ڪهڙي ڌُر تي مُقدمي لاءِ تڪراري الزام وڌيڪ لاڳو ٿئي ٿو.

مثالَ

(a) الف تي ب جا سؤ رپيا رَهت هئي. ب، الف تي انهيءَ رقم جي دعويٰ ڪئي ۽ اڳ ۾ ڪا گهر نه ڪئي ۽ انهيءَ ڳالھ تي ڀروسو ڪرڻ جو ڪو سبب نه هو، ته گهر سبب جيڪا دير ٿيندي، سا ڪهڙي انجام سان انهيءَ جي حق ۾ هاڃيڪار ٿيندي ۽ دعويٰ جي درخواست داخل ٿيڻ تي الف عدالت ۾ اُها رقم جمع ڪرائي ڇڏي ۽ ب پنهنجي سموري دعويٰ جي اطمينان ۾ انهيءَ کي منظور ڪري ورتو هجي، ته عدالت تي لازم آهي، ته انهيءَ کي خرچ انهيءَ لاءِ نه ڏياري، ته هُن طرفان عدالت ۾ دعويٰ جو قياس اَجايو هو.

(b) ب، الف تي مٿي ڄاڻايل مثال (a) جي حالت ۾ دعويٰ داخل ڪئي ۽ جڏهن دعويٰ جي درخواست داخل ڪئي وئي، ته الف دعويٰ جو جواب ڏنو. پوءِ الف عدالت ۾ اُها رقم جمع ڪرائي ۽ ب پنهنجي سموري دعويٰ جي اطمينان سان انهيءَ کي مڃي ورتو ته انهيءَ حالت ۾ عدالت تي لازم آهي، ته ب کي مُقدمي جو خرچ به ڏياري، ڇاڪاڻ الف جي عمل سان ثابت آهي، ته عدالت ۾ دعويٰ داخل ڪرڻ لازمي هئي.

(c) الف تي ب جا سؤ رپيا قرض آهن ۽ الف چاهي ٿو ته دعويٰ داخل ڪرڻ تي اُها رقم کيس ملي. ب ڏيڍ سؤ رپين جي دعويٰ ڪري ٿو ۽ انهيءَ رقم جي دعويٰ هُن الف تي ڪئي، جڏهن دعويٰ جي درخواست داخل ٿي، ته هڪ سؤ رپيا هُن عدالت ۾ داخل ڪرايا، باقي پنجاھ رپين بابت جواب ڏنو. پوءِ ب هڪ سؤ رپيا پنهنجي سموري دعويٰ جي اطمينان طور منظور ڪري ورتا. تنهنڪري عدالت تي لازم آهي، ته انهيءَ کي الف جو خرچ ڏيڻ جو حُڪم ڏئي.

عدالتي حُڪم -XXV

خرچن جي ضمانت

1. ڪڏهن دعويدار کان خرچ جي ضمانت گهري سگهجي ٿي: (1) جيڪڏهن ڪنهن مرحلي تي عدالت کي پتو پوي، ته اڪيلو دعويدار يا سمورا دعويدار (جنهن حال ۾ گهڻا دعويدار هجن) [53][پاڪستان] کان ٻاهر رهن ٿا ۽ مٿيون دعويدار يا دعويٰ جا جواب ڏيندڙ پاڪستان ۾ تڪراري

[53] مرڪزي قانون (قانوني سڌارا) آرڊيننس، 1960ع (1960ع جو XXI)، قلم 3 ۽ ٻئين شيڊيول (14 آڪٽوبر، 1955ع کان هڪدم لاڳو ٿيندڙ) تحت تبديلي ٿي.

ملڪيت ڪان علاوه, ڪافي تڪراري غيرمُتحرڪ ملڪيت رکندا هجن, تہ عدالت کي اختيار هوندو, تہ پلي پنهنجي مرضيءَ سان, يا پلي ڪنهن دعويٰ جي جواب ڏيندڙ جي درخواست تي دعويدار يا دعويٰ جي جواب ڏيندڙن کي حُڪم ڏئي, تہ انهيءَ عرصي ۾ جيڪو متي ڄاڻايل حُڪم پٽاندر مقرر ڪيو وڃي, سموري خرچ جي ادائيگيءَ جي ضمانت جمع ڪرائين. جيڪا ڪنهن دعويٰ جي جواب ڏيندڙ تي امڪاني طور لاڳو ٿيندي هجي.

(2) پاڪستان کان ٻاهر رهائش: جيڪو شخص اهڙي حالتن ۾ پاڪستان مان هليو وڃي, تہ انهيءَ ڳالهہ جي گُمان جو سگهارو سبب هجي, تہ جڏهن انهيءَ کان خرچ گهريو ويندو, تہ هُو پاڪستان ۾ موجود نہ هوندو, تہ گهربل شخص کي ذيلي قاعدي (1) موجب پاڪستان کان ٻاهر جو رهائشي سمجهيو ويندو.

(3) ڪنهن روڪ رقم جي دعويٰ ۾ جنهن ۾ دعويدار ڪا عورت هجي, تہ عدالت دعويٰ جي جواب ڏيندڙ جي درخواست تي مُقدمي جي ڪنهن مرحلي تي حُڪم ڏئي سگهي ٿي, پر شرط هيءَ آهي, تہ عدالت ۾ پروسو ڏياريو وڃي, تہ دعويدارڻ [54][پاڪستان] ۾ ڪافي ملڪيت نٿي رکي.

2. ضمانت داخل نہ ڪرائڻ جو نتيجو: (1) جيڪڏهن مُقرر عرصي ۾ ضمانت داخل نہ ڪئي وڃي, تہ عدالت مقدمي کي خارج ڪري ڇڏيندي, ايستائين جو انهيءَ صورت ۾ دعويدار يا دعويدارن کي مُقدمي تان هٿ کڻڻ جي اجازت ڏني ويندي.

(2) جيڪڏهن ڪنهن مُقدمي کي انهيءَ قاعدي پٽاندر خارج ڪيو وڃي, تہ دعويدار عدالت جي حُڪم نَي ردُ ڪرڻ جي حُڪم لاءِ درخواست ڏئي سگهي ٿو, ۽ جيڪڏهن عدالت جي اطمينان موجب ثابت ڪيو وڃي, تہ هُو مُقرر عرصي ۾ ڪافي مُناسب سبب سان ضمانت داخل نہ ڪرائي سگهيو تہ عدالت مُقرر وقت ۾ شرطن پٽاندر ضمانت يا خرچ وغيره تحت مُقدمي کي خارج ڪرڻ جي حُڪم کي رد ڪندي يا جيڪو ڪيس مُناسب لڳي ۽ مُقدمي جي ٻُڌڻيءَ لاءِ هڪڙو ڏينهن مُقرر ڪندي.

(3) خارج ڪرڻ جي حُڪم کي رد نہ ڪيو ويندو, جيستائين متي ڄاڻايل درخواست جو اطلاع دعويٰ جي جواب ڏيندڙ کي نہ ڏنو وڃي.

عدالتي حُڪم -XXVI

ڪميشنَ

ڪميشنَ طرفان شاهدن جا بيانَ وٺڻ

[ڏسو قلمَ 75 کان 78]

1. اُهي حالتون, جن ۾ عدالت, شاهدن کان بيان وٺڻ لاءِ ڪميشن جاري ڪري سگهي ٿي: هر عدالت کي هر دعويٰ ۾ اختيار آهي, تہ اُنهن شخصن کان بيان وٺڻ لاءِ حُڪم جاري ڪري, جيڪي عدالت جي اختياري واري علائقي جي ايراضي ۾ رهندا هجن, پر هن ڪوڊ جي حُڪمن موجب عدالت ۾ حاضر

[54] ڏسو ساڳيو حوالو.

ٿيڻ کان معاف هجن، يا جيڪي ڪنهن بيماريءَ يا جسماني لاچاريءَ سبب حاضر نہ ٿي سگهندا هجن، تہ سُوالن موجب سندن بيان ورتو ويندو.

2. شاهد جي شاهديءَ وٺڻ لاءِ ڪميشن بابت حُڪم: جائز آهي تہ عدالت، پنهنجي مرضيءَ سان يا لکيل درخواست سميت حلفيہ بيانَ ڏيڻ يا ٻيءَ صورت ۾ ڪنهن مُقدمي جي ڌُر يا انهيءَ شاهد طرفان داخل ڪرڻ لاءِ اهڙو حُڪم جاري ڪري، جنهن جي شاهدي گهربل هجي.

3. جيڪڏهن شاهد عدالت جي اختياري واري علائقي ۾ رهندو هجي: جيڪڏهن ڪميشن اهڙي شخص کان بيان وٺڻ واسطي هجي، جيڪو ڪميشن جو حُڪم جاري ڪندڙ عدالت جي اختياري علائقي ۾ رهندو هجي، تہ جائز آهي، تہ ڪميشن جو حُڪم ڪنهن اهڙي شخص جي نالي جاري ڪيو وڃي جنهن کي عدالت انهيءَ جي وٺڻ جو لائق سمجهي.

4. ڪهڙن ماڻهن کان شاهدي وٺڻ لاءِ ڪميشن جوڙي ويندي: (1) هر عدالت کي هر دعويٰ ۾ اختيار آهي، تہ هيٺ تفصيل تحت ڄاڻايل شخصن کان بيان وٺڻ لاءِ ڪميشن جو حُڪم جاري ڪري:-

(a) ڪو شخص، جيڪو عدالت جي اختياري واري علائقي جي ايراضيءَ کان ٻاهر رهندو هجي،

(b) اُهي شخص، جيڪي انهيءَ تاريخ کان اڳ، اختياري واري علائقي جي ايراضيءَ کان ٻاهر وڃڻ وارا هجن، جيڪا تاريخ ڪائڻ عدالت ۾ بيان وٺڻ لاءِ مُقرر ٿي هجي، ۽

(c) [55][رياست] جو ڪو سرڪاري عمديدار[56]، جنهن جي عدالت ۾ حاضر ٿيڻ سان، ڄج جي سمجهہ موجب، سرڪار جي بدنامي ٿيندي.

(2) جائز آهي، تہ اهڙو ڪميشن ڪنهن عدالت ۾ موڪليو وڃي، جيڪا هاءِ ڪورٽ جي عدالت نہ هجي، جنهن جي اختياري واري علائقي جي ايراضيءَ ۾ اُهو شخص رهندو هجي، يا ڪنهن وڪيل يا ٻئي شخص جي نالي موڪليو وڃي، جنهن کي عدالت ڪميشن جوڙڻ لاءِ مُقرر ڪري.

(3) جڏهن عدالت انهيءَ قاعدي موجب ڪا ڪميشن جوڙي، تہ هدايت ڪئي ويندي، تہ ڇا ڪميشن انهيءَ عدالت ۾ واپس اچي يا ڪنهن ماتحت عدالت ۾ وڃي.

5. اُنهن شاهدن کان بيان وٺڻ لاءِ ڪميشن يا درخواست، جيڪي پاڪستان کان ٻاهر رهندا هجن: جڏهن ڪنهن عدالت ۾ ڪميشن جوڙڻ لاءِ، ڪنهن اهڙي شخص کان شاهدي وٺڻ لاءِ درخواست داخل ڪئي وڃي، جيڪو [57][پاڪستان] کان ٻاهر ڪنهن جڳهہ تي رهندو هجي ۽ انهيءَ عدالت کي اطمينان هجي، تہ انهيءَ جي شاهدي ضروري آهي، ڪيس اختيار آهي، تہ ڪميشن گُذارش جو هڪڙو خط جاري ڪري.

6. عدالت، ڪميشن جي ماتحت شاهدن جو بيانَ وٺندي: هر عدالت ڪنهن شخص کان بيان وٺڻ لاءِ ڪميشن ملڻ تي ڪميشن موجب انهيءَ جو بيان پاڻ وٺندي يا ڪنهن ٻئي کان لکرائيندي.

---

[55] 1937ع جي قانوني حُڪم تحت "حڪومت جو ڪو ديواني يا فوجي عملدار" ۾ تبديلي ٿي.

[56] صدارتي حُڪم 1961ع، آرٽيڪل 2 ۽ شيڊيول (23 مارچ 1956ع تي هڪدم لاڳو ٿيڻ) تحت "ڪرائون" ۾ ڦيرڦار ٿي.

[57] مرڪزي قانون (قانوني سُڌارا) آرڊيننس، 1960ع (1960ع جو XXI)، قلم 3 ۽ ٻئين شيڊيول (14 آڪٽوبر، 1955ع کان هڪدم لاڳو ٿيندڙ) تحت "صوبا ۽ وفاق جي راڄڌانيءَ" ۾ ڦيرقار ٿي، جنهن ۾ 1949ع جي قانوني حُڪم تحت "برطانوي هندستان" ۾ تبديلي ٿي هئي.

7. شاهدن جي شاهدين سميت ڪميشن جي واپسي: جڏهن ڪميشن جي تعميل ضابطي موجب ٿي وڃي، تہ قانون موجب ورتل شاهدين کي ڪميشن جوڙيندڙ عدالت ڏانهن واپس موڪليو ويندو پر جنهن حالت ۾ عدالت جي ڪميشن واري حُڪم ۾ ٻئي قسم جون هدايتون هجن، تہ انهيءَ ڪميشن موجب واپس ڪيو ويندو ۽ انهيءَ جي تعميل جي ڪميشن ۽ ڪيفيت کي، ڪميشن موجب ورتل شاهديءَ کي مٿي ڄاڻايل قلم جي حُڪم موجب ڪارروائي ۾ شامل ڪيو ويندو.

8. جڏهن شاهديءَ جي بيانَ کي شاهديءَ ۾ پڙهي سگهبو هجي: جنهن شاهديءَ کي ڪميشن ذريعي ورتو ويو هجي، تنهن کي انهيءَ مُقدمي ۾ انهيءَ ڌُر جي رضامنديءَ بغير شاهديءَ طور جنهن جي خلاف ڏني وئي هجي، نہ پڙهيو ويندو جيستائين:

(a) جنهن شخص اُها شاهدي ڏني هجي، سو عدالت جي اختياري علائقي کان ٻاهر رهندو هجي يا مري ويو هجي يا بيماري يا ضعيفيءَ سبب شخصي طور شاهدي ڏيڻ واسطي حاضر نہ ٿي سگهندو هجي يا عدالت ۾ ذاتي طور حاضر ٿيڻ کان معاف هجي يا [58][رياست جو ڪو اهڙو سرڪاري عهديدار هجي]][59]، جنهن جي حاضري عدالت جي سمجهہ موجب سرڪار جي ڪاروهنوار ۾ رنڊڪ هجي؛ يا

(b) جڏهن عدالت پنهنجي راءِ پٽاندر مٿي ڄاڻايل فقري (a) جي تفصيل موجب ڪنهن کان شاهديءَ وٺڻ کان لنوائي ۽ مُقدمي ۾ ڪنهن شخص جي شاهديءَ کي انهيءَ ڳالهہ جي ثبوت طور شاهديءَ طور پڙهڻ جي اجازت ڏئي، تہ انهيءَ پٽاندر وقتائتي ڪميشن ذريعي شاهدي ورتي وئي هئي، باقي نہ رهي.

مقامي تحقيق جي ڪميشن

9. مقامي تحقيقاتَ لاءِ ڪميشنَ: جيڪڏهن ڪنهن مُقدمي ۾ ڪنهن تڪراري ڳالهہ جي اصليت ڄاڻڻ لاءِ يا ڪنهن مال جي بازاري اگهہ جي ماليت پُڇڻ يا تعداد ۽ اصليت يا خساري يا ساليانی خالص نفعي جي تحقيق جي موقعي کي لازمي يا مُناسب سمجهيو وڃي، تہ عدالت کي اختيار هوندو تہ ڪنهن شخص جي نالي ڪميشن جاري ڪري، جنهن کي اُها لائق سمجهي، ۽ کيس حُڪم ڏئي، تہ مٿي ڄاڻايل مامرن جي تحقيق ڪري انهيءَ جي هڪڙي رپورٽ عدالت ۾ جمع ڪرائي وڃي:

[58] 1937ع جي قانوني حُڪم تحت "حڪومت جو ڪو ديواني يا فوجي عملدار" ۾ تبديلي ٿي.

[59] صدارتي حُڪم 1961ع، آرٽيڪل 2 ۽ شيڊيول (23 مارچ 1956ع تي هڪدم لاڳو ٿيو) تحت "ڪرائون" ۾ قيرقار ٿي.

پر شرط هيءَ آهي، تہ جنهن حال ۾ [60][صوبائي حڪومت] انهيءَ ڳالهہ بابت قاعدا ضابطا جوڙيا هجن، تہ ڪميشن ڪڍڻ شخصن جي نالي جوڙڻ گهرجي، تہ عدالت تي اُنهن قاعدن جي پابندي لازمي هوندي.

10. ڪمشنر جي ڪارروائي: (1) ڪميشن ونندڙ موقعي جي معائني ئنيوءِ، جنهن کي ضروري سمجهيو وڃي ۽ سندس طرفان ورتل شاهديءَ کي قلمبند ڪيو وڃي ۽ شاهديءَ کي پنهنجي رپورٽ سميت عدالت ۾ موڪلي ڏيندي، جنهن تي اُها پنهنجي صحيح بہ ڪندي.

(2) رپورٽ ۽ بيان، دعوىٰ ۾ شاهدي هوندي. ڪميشن ونندڙ جي ذاتي شاهدي تي سگهي ٿي: ڪميشن ونندڙ جي رپورٽ ۽ جيڪا شاهدي ڪائڻ ورتي هجي (پر اُها شاهدي نہ جنهن سان گڏ رپورٽ نہ هجي) مُقدمي جي شاهدي هوندي ۽ ڪارروائي ۾ شامل رهندي، پر عدالت يا مقدمي جي مخالف ڌرين منجهان ڪنهن ڌُر کي، عدالت جي اجازت سان اختيار هوندو تہ پلي ڪميشن ونندڙ کان ڪنهن شاهد جي شاهديءَ بابت يا تحقيق جي انداز بابت کُليل عدالت ۾ پُڇاڳاڇا ڪري، جنهن جي تحقيق واسطي انهيءَ کي مقرر ڪيو ويو هجي، يا جنهن جو ذڪر انهيءَ جي رپورٽ ۾ هجي.

(3) جيڪڏهن ڪميشن جي ڪارروائي ڪنهن سبب عدالت جي آٿت موجب نہ ٿي هجي، تہ عدالت کي اختيار آهي، تہ جيڪا وڌيڪ تحقيق مُناسب سمجهي، تنهن بابت حُڪم جاري ڪري.

حساب ڪتاب جي چڪاس لاءِ ڪميشن جوڙڻ

11. حساب ڪتاب جي چڪاس لاءِ ڪميشن جي مُقرري: هر مُقدمي ۾، جنهن ۾ حساب ڪتاب جي چڪاس يا نبيرو ضروري هجي، عدالت کي اختيار هوندو تہ جنهن شخص کي مُناسب سمجهي، تنهن جي نالي ڪميشن انهيءَ هدايت سان جاري ڪري، تہ هُو حساب ڪتاب جي چڪاس يا نبيرو ڪري.

12. عدالت طرفان ڪميشن کي گهربل هدايتون ڏيڻ: (1) عدالت تي لازم آهي، تہ ڪميشن ونندڙ وٽ ڪارروائيءَ جا ايترا ضروري ڪاغذ ۽ تفصيلي هدايتون موڪلي ڏئي ۽ حُڪم جي تفصيل ۾ لکي، تہ ڪميشن ونندڙ پنهنجون روبڪاريون بہ لکي، جيڪي تحقيق جي لکت بابت هجن، يا انهيءَ ڳالهہ بابت پنهنجي راءِ بہ عدالت ۾ موڪلي، جنهن جي جاچ جو ڪيس حُڪم ٿيل هجي.

(2) شاهديءَ لاءِ رپورٽ ۽ ڪارروائي. عدالت وڌيڪ تحقيقات لاءِ هدايت ڏئي سگهي ٿي: ڪميشن ونندڙ جون رُوبڪاريون ۽ شاهديءَ سميت ڪيفيت، مُقدمي ۾ ورتيون وينديون، ايستائين انهيءَ حالت ۾، جو عدالت جي سمجهہ ۾ اُنهن بابت ڪا بي اطمينانيءَ جو سبب ڏنو وڃي، تہ اهڙيءَ حالت ۾ عدالت اهڙي جاچ جو وڌيڪ حُڪم ڏيندي، جيڪو سندس سمجهہ ۾ مُناسب هجي.

ملڪيت جي ورڇ لاءِ ڪميشن

13. غير مُتحرڪ ملڪيت جي ورڇ لاءِ ڪميشن: جيڪڏهن ڪا اصلي ڊِڪري ملڪيت جي ورڇ بابت جاري ٿي هجي، تہ انهيءَ حالت ۾، جنهن جو ذڪر قلم 54 ۾ نہ ٿيل آهي، تہ عدالت کي اختيار

[60] 1937ع جي حُڪم تحت لفظ "مقامي حڪومت" ۾ ڦيرڦار ٿي.

هوندو تہ اهڙي شخص جي نالي ڪميشن جوڙي، جنهن کي اُها مُناسب ڄاڻي، اُنهن حقن موجب ملڪيت جي ورڇ يا ڌار ڪرائڻ لاءِ، جنهن کي مٿي ڄاڻايل ڊِڪريءَ پٽاندر ضروري ڪوئيو ويو هجي.

14. ڪمشنر جي ڪارروائي: (1) لازم آهي، تہ مُقرر ٿيل ڪميشن ضروري چڪاس ڪانپوءِ، انهيءَ غيرمُتحرڪ ملڪيت کي ايترن حصن ۾ ورهائي ڇڏي، جن جي هدايت انهيءَ حُڪم ۾ ٿيل هجي، جنهن موجب ڪميشن جوڙي وئي هجي، ۽ اُنهن ڀاڱن کي اُنهن شخصن لاءِ مُقرر ڪري، ۽ جيڪڏهن انهيءَ حُڪم ۾ اهڙي اجازت هجي، تہ ڀاڱن جي ماليت کي برابر ڪرڻ لاءِ انهيءَ جي بہ تجويز ڏيئي، جنهن جي رقم ڏيڻ واجب هجي.

(2) پوءِ مُقرر ڪميشن هڪڙي هدايت لکي انهيءَ تي صحيح ڪري يا (جڏهن ڪميشن گهڻن شخصن تي مشتمل هجي ۽ منجهن سُممت نہ ٿي سگهي تہ) ڌار ڌار ريورٽون لکي ۽ انهيءَ رپورٽ ۾ هر شخص جو حصو مُقرر ڪن ۽(جيڪڏهن انهيءَ حُڪم ۾ هدايت هجي تہ) هر ڀاڱي جي سُڃاڻپ ماپ ۽ حدن سان قائم ڪن ۽ اُها رپورٽ يا ريورٽون ڪميشن سان گڏ عدالت ۾ موڪلي ڇڏين ۽ عدالت تي لازم هوندو تہ اُنهن جي اعتراضن کي، جيڪي اُنهن ڌرين بابت ڄاڻائين، ٻُڌي ڪري ڪين بحال رکي يا بدلائي ڇڏي يا رد ڪري ڇڏي.

(3) جيڪڏهن عدالت مٿي ڄاڻايل رپورٽ کي بحال رکي يا انهيءَ ۾ ڪجهہ ڦيرڦار ڪري، تہ اُها انهيءَ بحال سُڌارو ٿيل رپورٽ پٽاندر هڪڙي ڊِڪري جاري ڪندي، پر جيڪڏهن رپورٽ يا ريورٽن کي رَد ڪيو وڃي، تہ عدالت پاڻُ هڪڙي ڪميشن جوڙيندي يا جيڪو حُڪم مُناسب سمجهي، اُهو جاري ڪندي.

عام حُڪمَ

15. ڪميشن جي خرچ کي عدالت ۾ جمع ڪيو وڃي: جڏهن ڪو ڪميشن ڄاڻايل حُڪم موجب جاري ٿئي، تہ ڪميشن جي جُڙڻ کان اڳ، عدالت کي اختيار هوندو تہ ڪميشن جي خرچ لاءِ جيتري رقم مُناسب سمجهي، اوتري رٿيل عرصي ۾ ڄاڻايل عدالت ۾ جمع ڪرائڻ لاءِ انهيءَ ڌُر کي حُڪم ڏئي، جنهن جي درخواست موجب يا جنهن جي فائدي لاءِ ڪميشن جوڙي وئي هجي.

16. ڪمشنرن جا اختيارَ: هر اهل ڪميشن، جيڪا انهيءَ حُڪم موجب مقرر ٿيو هجي، جيڪڏهن انهيءَ کي مُقرريءَ جي حُڪم موجب ۽ ٻيو هدايتون نہ هجن، تہ اختيار هوندو تہ:-

(a) ڌُرين ۽ ڪنهن شاهد جون شاهديون پاڻُ وٺي، جنهن کي منجهانئن ڪو ڏئي، ۽ ڪنهن ٻئي شخص جي شاهدي وٺي، جنهن کي مقرر ڄاڻايل ڪميشن کي انهيءَ مامري ۾ جيڪو ڪيس سونپيو ويو هجي، شاهديءَ وٺڻ خاطر گهرائڻ مُناسب سمجهي.

(b) دستاويزَ ۽ ٻيون شيون، جيڪي ڇنڊ ڇاڻ جي گهربل ڳالهہ سان لاڳاپيل هجن، تن کي گهرائي سندن معائنو ڪري؛

(c) ڪنهن مُناسب وقت ۾ انهيءَ زمين يا عمارت ۾ داخل ٿئي، جنهن جو ذڪر انهيءَ حُڪم ۾ هجي.

17. ڪمشنر آڏو شاهدن جي حاضري ۽ شاهدي: (1) هن ڪوڊ جا گهرائڻ ۽ حاضر ٿيڻ ۽ شاهدن جون شاهديون وٺڻ ۽ شاهدن ۽ اُنهن ڏنڊن جا خرچ، جيڪي شاهدن تي پئجي سگهن ٿا، متي چاٽايل حُڪمَ اُنهن شخصن سان بہ لاڳاپيل هوندا، جن کي هن حُڪم موجب شاهديءَ ڏيڻ يا دستاويز پيش ڪرڻ جو حُڪم ڏنو ويو هجي، پوءِ پلي اُها ڪميشن، جنهن کي ايئن ڪرڻ جو حُڪم جاري ٿيو هجي، اهڙي عدالت حُڪم جاري ڪيو هجي، جيڪا پاڪستان جي حدن ۾ موجود هجي، يا جيڪا [پاڪستان] جي حدن کان ٻاهر موجود هجي، تہ هن قاعدي جي مقصدن لاءِ مُقرر ڪميشن کي رُتبي پٽاندر ديواني عدالت سمجهيو ويندو.[61]

(2) مُقرر ڪميشن کي اختيار آهي، تہ ڪنهن عدالت ۾ (جيڪا هاءِ ڪورٽ جي عدالت نہ هجي)، جنهن علائقي ۾ ڪو شاهد رهندو هجي، انهيءَ مضمون جي درخواست ڏئي، تہ سندس راءِ ۾ شاهد جي نالي ضروري هڪڙو حُڪمنامو جاري ڪيو وڃي يا متي چاٽايل عدالت کي اختيار هوندو تہ پنهنجي راءِ موجب چاٽايل حُڪمنامو جاري ڪري، جنهن کي اُها معقول ۽ مناسب سمجهي.

[61] مرڪزي قانون (قانوني سُڌارا) آرڊيننس، 1960ع (1960ع جو XXI)، قلم 3 ۽ ٻئين شيڊيول (14 آڪٽوبر، 1955ع کان هڪدم لاڳو ٿيندڙ) تحت "صوبا ۽ وفاق جي راجڌانيءَ" ۾ ڦيرڦار ٿي، جنهن ۾ 1949ع جي قانوني حُڪم تحت "برطانوي هندستان" ۾ تبديلي ٿي هئي.

18. ڪمشنر آڏو ڌرين جو حاضر ٿيڻ: (1) جڏهن ڪميشن انهيءَ حُڪم موجب جوڙي وڃي، تہ عدالت حُڪم ڏيندي تہ مُقدمي جون ڌريون، مُقرر ڪميشن آڏو ذاتي طور يا پنهنجي مُختيارن يا وڪيلن ذريعي حاضر ٿين.

(2) جيڪڏهن ڌريون يا ڪا ڌر حاضر نہ ٿئي، تہ مُقرر ڪميشن کي اختيار آهي، تہ انهيءَ ڌر جي غيرحاضريءَ ۾ ڪارروائي ڪري.

19. جن حالتن ۾ هاءِ ڪورٽ، شاهدن جون شاهديون وٺڻ لاءِ ڪميشن جوڙي سگهي ٿي: (1) جيڪڏهن هاءِ ڪورٽ مطمئن هجي تہ:-

(a) اُها پرڏيهي عدالت، جيڪا پرڏيهہ ۾ واقع هجي، تہ پنهنجي روبرو ڪنهن ڪارروائيءَ ۾ ڪنهن شاهد جي شاهدي وٺڻ گهري؛

(b) جڏهن ڪارروائي ديواني انداز جي هجي؛

(c) شاهدَ هاءِ ڪورٽ جي اپيل جي پُڄاڻيءَ وارين حدن ۾ رهندو هجي؛

اُها قاعدي نمبر 20 جي پابندين موجب اهڙي شاهد جي شاهديءَ لاءِ ڪميشن جوڙي سگهي ٿي.

(2) شِق (a)، (b) ۽ (c) ذيلي قاعدي (1) بابت مقرر ڪيل مامرن بابت شاهدي ڏئي سگهجي ٿي:

(a) [1][پاڪستان] ڏيهہ ۾ انهيءَ مُلڪ جي ڏيهي ڪونسلر آفيسر جو صحيح ٿيل سرٽيفڪيٽ، جيڪو [2][وفاقي حڪومت] ذريعي هاءِ ڪورٽ کي مُنتقل ڪيو ويو هجي؛ يا

(b) پرڏيهي مُلڪ جي عدالت طرفان گُذارش ڪيل خط، جيڪو هاءِ ڪورٽ کي [3][وفاقي حڪومت] ذريعي مُنتقل ٿيو هجي؛ يا

(c) پرڏيهي مُلڪ جي عدالت طرفان گُذارش ڪيل خط، جيڪو هاءِ ڪورٽ جي روبرو انهيءَ ڪارروائيءَ جي ڪا ڌر پيش ڪري.

20. ڪميشن لاءِ درخواست: هاءِ ڪورٽ قاعدي 19 تحت ڪميشن جوڙيندي:-

(a) پرڏيهي عدالت ۾ مُقدمي جي ڌر جي درخواست تي؛ يا

(b) [4][صوبائي حڪومت] جي قانون واري آفيسر جي درخواست تي، جيڪو آفيسر [5][صوبائي حڪومت] جي هدايت هيٺ عمل ڪندو هجي.

21. ڪنهن ڏانهن ڪميشن جاري ٿي سگهجي ٿو: ڪميشن قاعدي 11 تحت انهيءَ عدالت کي جاري ٿي سگهي ٿو جنهن جي پُڄاڻي وارين اختياري حدن ۾ شاهد رهندو هجي يا جتي [6][***] شاهد، [هاءِ ڪورٽ

[1] 1949ع جي قانوني حُڪم تحت "هندستان" ۾ تبديلي ٿي.

[2] 1937ع جي آرڊيننس تحت "گورنر جنرل ان ڪائونسل" ۾ تبديلي ٿي. جڏهن تہ 1975ع جي صدارتي حُڪم IV تحت "وفاق" ۾ تبديلي ٿي.

[3] ساڳيو.

[4] 1937ع جي آرڊيننس تحت "مقامي حڪومت" ۾ تبديلي ٿي.

[5] ساڳيو.

جي ہُڏٽي جي ديواني اختياري حدن ۾ رهندو هجي] يا ڪنهن شخص کي، جنهن کي عدالت ڪميشن جي پوراءَ لاءِ مُناسب سمجهي.

22. ڪميشن جو جاري ٿيڻ، تعميل ۽ واپسي ۽ پرڏيهي عدالت ڏانهن شاهديءَ جي مُنتقلي: هن حُڪم جي قاعدي 6، 15، 16، 17 ۽ 18 جا شرط جنهن حد تائين اُهي لاڳو ٿي سگهن ٿا، جوڙي ڪميشن جي تعميل ۽ واپسي تي لاڳو ٿيڻ جوڳا هوندا ۽ جڏهن ڪنهن اهڙي ڪميشن جي باضابطا تڪميل ٿي وئي هجي، ته اُها شاهديءَ سميت هاءِ ڪورٽ کي واپس ٿيندي، جنهن تي لازم آهي، ته [7][وفاقي حڪومت] کي گُذارش جي خط سميت موڪلي ڏئي.

عدالتي حُڪم- XXVII

پنهنجي [8][9][سرڪاري]] حيثيت ۾ سرڪار يا سرڪاري عملدار خلاف يا طرفان مُقدما

1. سرڪار خلاف مُقدما: ڪنهن دعوي ۾، جنهن ۾ [10][11][سرڪار] دعويدار يا دعوي جو جواب ڏيندڙ هجي، ته دعوي جي درخواست يا لکيل بيان تي انهيءَ جي صحيح ٿيل هوندي، جنهن کي ڪنهن عام يا خاص حُڪم ذريعي، اُها [12][حڪومت] انهيءَ ڪم لاءِ مُقرر ڪري ۽ تصديق به اهڙي شخص جي ٿيل ٿيندي، جنهن کي اُها سرڪار مُقرر ڪري ۽ جيڪو مُقدمي جي واقعن کان واقف هجي.

2. حڪومت طرفان ڪنهن عدالتي ڪارروائي بابت پيرويءَ جا مُختيار شخص: جيڪي شخص عُمدي يا مُختيار جي حيثيت سان، [13][14][حڪومت] طرفان ڪنهن عدالتي ڪارروائي بابت پيرويءَ جا مُختيار هُجن، تن کي اهڙو نمائندو سمجهيو ويندو، جيڪي هن ڪوڊ جي حُڪم موجب [15][16][سرڪاري] نمائندي طور پيروي ڪري سگهن ٿا ۽ درخواستون داخل ڪري سگهن ٿا.

3. سرڪار خلاف يا طرفان دعوي جا مُقدما: جيڪي دعوائون [17][سرڪار] طرفان يا سرڪار [18][خلاف] هجن، تن ۾ دعوي جي درخواست ۾ دعويدار يا دعوي جي جواب ڏيندڙ جو نالو ۽ پتو ۽ رهائشي

---

[6] لفظ "هاءِ ڪورٽ کي هندستاني هاءِ ڪورٽس ائڪٽ 1861ع تحت , يا 1915ع جي ائڪٽ 1 تحت حڪومت طرفان جوڙيو ويجي ," جي منسوخيءَ لاءِ ڏسو حوالو ساڳيو.

[7] 1937ع جي قانوني حُڪم تحت "گورنر جنرل اِن ڪائونسل" ۾ ڦيرقار ٿي. جڏهن ته 1975ع جي صدارتي حُڪم IV تحت "وفاق" ۾ تبديلي ٿي.

[8] 1937ع جي قانوني حُڪم تحت "حڪومت" ۾ ڦيرقار ٿي.

[9] صدارتي حُڪم 1961ع (1961ع جو 1)، آرٽيڪل 2 ۽ شيڊيول (23 مارچ 1956ع کان هڪدم لاڳو) تحت "ڪرائون" لاءِ ڦيرقار ٿي.

[10] قانوني حُڪم 1937ع تحت "هندستان اِن ڪائونسل لاءِ رياست جو سيڪريٽري" لاءِ تبديلي ٿي.

[11] صدارتي حُڪم 1961ع (1961ع جو 1)، آرٽيڪل 2 ۽ شيڊيول (23 مارچ 1956ع کان هڪدم لاڳو) تحت "ڪرائون" لاءِ ڦيرقار ٿي.

[12] ساڳيو.

[13] ساڳيو.

[14] 1937ع جي قانوني حُڪم تحت "حڪومت" ۾ ڦيرقار ٿي.

[15] صدارتي حُڪم 1961ع (1961ع جو 1)، آرٽيڪل 2 ۽ شيڊيول (23 مارچ 1956ع کان هڪدم لاڳو) تحت "ڪرائون" لاءِ ڦيرقار ٿي.

[16] قانوني حُڪم 1937ع تحت "حڪومت" ۾ ڦيرقار ٿي.

[17] صدارتي حُڪم 1961ع (1961ع جو 1)، آرٽيڪل 2 ۽ شيڊيول (23 مارچ 1956ع کان هڪدم لاڳو) تحت "ڪرائون" لاءِ ڦيرقار ٿي.

جڳھہ لکڻ بجاءِ اُنھن لفظن کي لکڻ [19][ڪافي ٿيندو جنھن جو حُڪم قلم 79 ۾ ڪيو ويو ھجي. [[***][20]

[21][4. سرڪاري نمائندي طرفان حُڪمنامي جي وصولي: [22][سرڪاري] وڪيل، عدالت جو يا ڪو ٻيو شخص، جنھن کي [23][سرڪار] انھيءَ بابت ڪنھن عدالت لاءِ مُقرر ڪري، [24][سرڪاري] حُڪمنامن جي وصوليءَ لاءِ سرڪار طرفان نمائندو ھوندو، جيڪي مٿي ڄاڻايل عدالت کان جاري ٿيا ھجن.

5. سرڪار طرفان حاضريءَ لاءِ ڏينھن جي مُقرري: عدالت داخل ٿيل مُقدمي جو [25][26][سرڪار] طرفان ضروري لکپڙھہ، مُقدمي ۾ حاضري ۽ انھيءَ جي جواب ڏيڻ لاءِ مُناسب سرشتي ۽ عدالت جي معقول مُھلت [27][سان [28][سرڪاري]] وڪيل ڏانھن ھدايتون جاري ڪندي ۽ پنھنجي مرضيءَ سان ڄاڻايل وقت کي وڌائي سگھي ٿي.

6. سرڪار خلاف داخل مُقدمن سان لاڳاپيل سُوالن جي جواب ڏيڻ لاءِ قابل شخصن جي حاضري: جنھن مُقدمي ۾ [29][30][سرڪاري] وڪيل سان گڏ [31][32][سرڪار] [33][***] طرفان ڪو ٻيو شخص اھڙو نہ ھجي، جيڪو مُقدمي جي مُک ڳالھين سان لاڳاپيل سُوالن جا جواب ڏيئي، تہ انھيءَ ۾ عدالت کي اھڙي شخص جي حاضريءَ جو حُڪم ڏيڻ بہ جائز آھي.

7. سرڪار جي حوالي سان سرڪاري عملدار کي قابل بنائڻ خاطر وقت ۾ واڌُ: (1) جيڪڏھن وصول ٿيڻ جوڳو سمن دعوي جي جواب ڏيندڙ کي، جيڪو [34][35][سرڪاري] عُھديدار ھجي، تہ دعوي جو

---

[18] قانوني حُڪم 1937ع تحت "ھندستان ۾ ڪائونسل لاءِ رياست جو سيڪريٽري" لاءِ تبديلي ٿي.
[19] صدارتي حُڪم 1961ع (1961ع جو 1)، آرٽيڪل 2 ۽ شيڊيول (23 مارچ 1956ع کان ھڪدم لاڳو) تحت "ڪرائون" لاءِ ٺيرقار ٿي.
[20] 1937ع جي قانوني حُڪم تحت "ھندستان ۾ ڪائونسل لاءِ رياست جو سيڪريٽري" ۾ تبديلي ٿي.
[21] قانوني حُڪم 1949ع تحت لفظ "يا، جيڪڏھن مُقدمو رياست جي سيڪريٽري جي خلاف ھُجي، تہ لفظ "رياست جو سيڪريٽري" خارج ٿيا.
[22] قانوني حُڪم 1938ع تحت اصلي قاعدو 4 ۾ تبديلي ٿي.
[23] صدارتي حُڪم 1961ع (1961ع جو 1)، آرٽيڪل 2 ۽ شيڊيول (23 مارچ 1956ع کان ھڪدم لاڳو) تحت "ڪرائون" لاءِ ٺيرقار ٿي.
[24] ساڳيو.
[25] صدارتي حُڪم 1961ع (1961ع جو 1)، آرٽيڪل 2 ۽ شيڊيول (23 مارچ 1956ع کان ھڪدم لاڳو) تحت "ڪرائون" لاءِ ٺيرقار ٿي.
[26] قانوني حُڪم 1937ع تحت "ھندستان ۾ ڪائونسل لاءِ رياست جو سيڪريٽري" لاءِ تبديلي ٿي.
[27] صدارتي حُڪم 1961ع (1961ع جو 1)، آرٽيڪل 2 ۽ شيڊيول (23 مارچ 1956ع کان ھڪدم لاڳو) تحت "ڪرائون" لاءِ ٺيرقار ٿي.
[28] قانوني حُڪم 1937ع تحت "حڪومت" ۾ ٺيرقار ٿي.
[29] صدارتي حُڪم 1961ع (1961ع جو 1)، آرٽيڪل 2 ۽ شيڊيول (23 مارچ 1956ع کان ھڪدم لاڳو) تحت "ڪرائون" لاءِ ٺيرقار ٿي.
[30] قانوني حُڪم 1937ع تحت "سرڪاري پيروي ڪندڙ" ۾ ٺيرقار ٿي.
[31] صدارتي حُڪم 1961ع (1961ع جو 1)، آرٽيڪل 2 ۽ شيڊيول (23 مارچ 1956ع کان ھڪدم لاڳو) تحت "ڪرائون" لاءِ ٺيرقار ٿي.
[32] قانوني حُڪم 1937ع تحت "ھندستان ۾ ڪائونسل لاءِ رياست جو سيڪريٽري" لاءِ تبديلي ٿي.
[33] صدارتي حُڪم 1961ع (1961ع جو 1)، آرٽيڪل 2 ۽ شيڊيول (23 مارچ 1956ع کان ھڪدم لاڳو) تحت "ڪرائون" لاءِ ٺيرقار ٿي.
[34] قانوني حُڪم 1949ع تحت لفظ "يا حڪومت" خارج ٿيا.
[35] قانوني حُڪم 1937ع تحت "سرڪاري پيروي ڪندڙ" ۾ ٺيرقار ٿي.

جواب داخل ڪرڻ کان اڳ سرڪار کان راءِ وٺڻ گهربل هجي، تہ هُو عدالت کي گُذارش ڪري سگهي ٿو تہ سَمن جي مقرر عرصي کي ايترو وڌايو وڃي، جيڪو جاڻُ وٺڻ ۽ انهيءَ بابت مناسب سرشتي ذريعي حُڪم وٺڻ لاءِ ضروري هجي.

(2) ۽ عدالت تي لازم آهي، تہ اهڙي درخواست تي مٿي ڄاڻايل عرصي کي وڌائي ڇڏي، جيترو انهيءَ کي ضروري لڳي.

8. سرڪاري عملدار خلاف داخل مُقدمن جو طريقيڪار: (1) جيڪڏهن ڪنهن [36][37][سرڪاري عملدار خلاف داخل مُقدمي جي جواب ڏيڻ جي ذميداري سرڪار تي هجي، تہ [38][39][سرڪاري] وڪيل]، جڏهن هُن کي داخل دعويٰ جي مُقدمي ۾ حاضريءَ تورڙي جواب ڏيڻ جي اجازت ڏني وڃي، تہ عدالت ۾ درخواست داخل ڪري ۽ انهيءَ درخواست داخل ڪرڻ تي عدالت تي لازم هوندو تہ انهيءَ اجازت جي هڪڙي يادداشت، ديواني مُقدمن جي رجسٽر ۾ لکي.

(2) جيڪڏهن [40][41][سرڪاري] وڪيل] انهيءَ تاريخ تي، جيڪا عدالت ۾ داخل دعويٰ جي جواب ڏيڻ لاءِ ضروري حاضريءَ خاطر ڄاڻايل سَمن ۾ مُقرر هجي يا انهيءَ کان اڳ ڪا درخواست ذيلي قاعدي (1) موجب داخل نہ ڪئي وڃي، تہ مُقدمي جي ڪارروائي اُنهن مُقدمن جيان هلندي، جيئن عام ڌُرين وچ ۾ هلي ٿي:

پر شرط هيءُ آهي، تہ ڊِڪريءَ جاري ٿيڻ جي حالت ڪانسواءِ، دعويٰ جو جواب ڏيندڙ گرفتار نہ ٿيندو ۽ نہ ئي سندس ملڪيت ضبطگي جوڳي هوندي.

[42][8-A ڪجهہ حالتن ۾ سرڪار يا سرڪاري ملازمن کان ضمانت گهربل نہ هوندي: ڪابہ ضمانت گهربل نہ هوندي، جيئن قانوني حُڪم نمبر XLI جي قاعدن نمبر 5 ۽ 6 ۾ ڄاڻايل آهي، تہ [43][سرڪار] يا جتي [44][سرڪار] مُقدمي جي جواب ڏيڻ جي ذميداري پاڻُ مٿان کنئي هجي، جڏهن ڪنهن سرڪاري ملازم تي ڪنهن تُهمت مڙهيل عمل جي ڏس ۾ مُقدمو داخل ٿيو يا اُهو هُن طرفان پنهنجي سرڪاري حيثيت ۾ داخل ڪيو ويو هُجي.

[44][8-B. انهيءَ حُڪم ۾ [45][”حڪومت“] ۽ [46][”حڪومتي“] وڪيل جي ترتيبوار معنيٰ هيءُ آهي:-

[36] صدارتي حُڪم 1961ع (1961ع جو 1)، آرٽيڪل 2 ۽ شيڊيول (23 مارچ 1956ع کان هڪدم لاڳو) تحت ”ڪرائون“ لاءِ ڦيرقار ٿي.

[37] قانوني حُڪم 1937ع تحت ”هندستان اِن ڪائونسل لاءِ رياست جو سيڪريٽري“ لاءِ تبديلي ٿي.

[38] صدارتي حُڪم 1961ع (1961ع جو 1)، آرٽيڪل 2 ۽ شيڊيول (23 مارچ 1956ع کان هڪدم لاڳو) تحت ”ڪرائون“ لاءِ ڦيرقار ٿي.

[39] قانوني حُڪم 1937ع تحت ”هندستان اِن ڪائونسل لاءِ رياست جو سيڪريٽري“ لاءِ تبديلي ٿي.

[40] قانوني حُڪم 1937ع تحت ”هندستان اِن ڪائونسل لاءِ رياست جو سيڪريٽري“ لاءِ تبديلي ٿي.

[41] صدارتي حُڪم 1961ع (1961ع جو 1)، آرٽيڪل 2 ۽ شيڊيول (23 مارچ 1956ع کان هڪدم لاڳو) تحت ”ڪرائون“ لاءِ ڦيرقار ٿي.

[42] قانوني حُڪم 1937ع تحت قاعدو 8A شامل ٿيو.

[43] صدارتي حُڪم 1961ع (1961ع جو 1)، آرٽيڪل 2 ۽ شيڊيول (23 مارچ 1956ع کان هڪدم لاڳو) تحت ”ڪرائون“ لاءِ ڦيرقار ٿي.

[44] قانوني حُڪم 1937ع تحت قاعدو 8B شامل ٿيو.

[45] صدارتي حُڪم 1961ع (1961ع جو 1)، آرٽيڪل 2 ۽ شيڊيول (23 مارچ 1956ع کان هڪدم لاڳو) تحت ”ڪرائون“ لاءِ ڦيرقار ٿي.

[46] ساڳيو

(a) ڪنهن مُقدمي جي ناتي سان، جيڪو[47][***] وفاقي حڪومت طرفان يا ڪنهن سرڪاري عملدار خلاف هجي، جيڪو حڪومت جو مُلازم هُجي، ته وفاقي حڪومت ۾ اهڙو وڪيل، جيئن حڪومت انهيءَ ڪي قانوني حُڪم جي مقصدن لاءِ عام طور يا خاص طور مُقرر ڪري سگهي ٿي؛

(b) [48][***]

(c) ڪنهن مُقدمي جي ناتي سان، جيڪو صوبائي حڪومت طرفان يا ڪنهن سرڪاري عملدار جي خلاف هجي، جيڪو صوبي جو مُلازم هُجي، ته صوبائي حڪومت ۾ سرڪاري وڪيل، جنهن کي حڪومت، انهيءَ قانوني حُڪم جي مقصدن لاءِ عام طور يا خاص طور مُقرر ڪري سگهي ٿي.]

عدالتي حُڪم -XXVII-A

آئيني قانون جي وضاحت بابت [49][ڪجهه حقيقي سُوالن سان لاڳاپيل مُقدما

1. ايڊووڪيٽ جنرل نالي نوٽيس: عدالت کي پتو هجي، ته ڪنهن دعويٰ ۾ [50][ڪو اهڙو سُوال، جيڪو ڪنهن حقيقي آئيني قانون جي وضاحت بابت هجي، ۾ شامل آهي، ته عدالت انهيءَ سوال جي نبيري بابت ڪا ڪارروائي نه ڪندي، جيستائين [51][حڪومت جي اٽارني جنرل] کي نوٽيس نه ڏنو ويو هجي، جيڪڏهن اُهو قانوني سُوال وفاقي حڪومت سان لاڳاپو رکندو هجي، ته جيستائين ايڊووڪيٽ جنرل کي نوٽيس نه ڏنو ويو هجي، جيڪڏهن اُهو قانوني سُوال صوبائي حڪومت سان لاڳاپو رکندو هجي.

2. عدالت، حڪومت کي ڌُر طور شامل ڪري سگهي ٿي: عدالت، مُقدمي جي ڪنهن ڏاڪي تي، دعويٰ جي جواب ڏيندڙ طور وفاقي يا صوبائي حڪومت کي شامل ڪرڻ جو حُڪم ڏئي سگهي ٿي، جيڪڏهن اهڙي دعويٰ [52][اهڙي سُوال تي ٻڌل هجي، جيڪو ڪنهن حقيقي آئيني قانون جي وضاحت

---

[47] قانوني حُڪم 1949ع تحت لفظ "رياست جو سيڪريٽري يا" خارج ٿيا.

[48] شِق (b) ساڳئي حوالي سان خارج ٿي.

[49] سِول پروسيجر ڪوڊ (ترميم) ائڪٽ 1942 (1942ع جو XXIII)، قلم 2 تحت عدالتي حُڪم XXVII-A شامل ٿيو.

[50] صدارتي حُڪم 1961ع (1961ع جو 1)، آرٽيڪل 2 ۽ شيڊيول (23 مارچ 1956ع کان هڪدم لاڳو) تحت متن ۾ قاعدي 11 ۾ "ڪو سوال، جنهن جو هندستان جي حڪومت ائڪٽ 1935ع جي قلم 205 جي ذيلي قلم (1) ۾ حوالو ڏنو ويو هُجي،" لاءِ ڦيرڦار ٿي، جڏهن ته انهيءَ ۾ قانوني حُڪم 1949ع تحت "قانون جو اُهو اهم سُوال، جيئن هندستان جي حڪومت ائڪٽ 1935ع ۾ تشريح ڪئي وئي هُجي، يا اِن ڪائونسل انهيءَ کانپوءِ ڪنهن قانوني حُڪم ۾ وضاحت ڪري" لاءِ تبديلي ٿي.

[51] "پاڪستان ۾ ايڊووڪيٽ جنرل" لاءِ ڏسو ساڳيو حوالو (23 مارچ 1956ع کان هڪدم لاڳو)، جنهن لاءِ قانوني حُڪم 1949ع تحت "هندستان جو ايڊووڪيٽ جنرل" ۾ تبديلي ٿي هُئي.

[52] صدارتي حُڪم 1961ع (1961ع جو 1)، آرٽيڪل 2 ۽ شيڊيول (23 مارچ 1956ع کان هڪدم لاڳو) تحت متن ۾ قاعدي 11 ۾ "ڪو سوال، جنهن جو هندستان جي حڪومت ائڪٽ 1935ع جي قلم 205 جي ذيلي قلم (1) ۾ حوالو ڏنو ويو هُجي،" لاءِ ڦيرڦار ٿي، جڏهن ته انهيءَ ۾ قانوني حُڪم 1949ع تحت "قانون جو اُهو اهم سُوال، جيئن هندستان جي حڪومت ائڪٽ 1935ع ۾ تشريح ڪئي وئي هُجي، يا اِن ڪائونسل انهيءَ کانپوءِ ڪنهن قانوني حُڪم ۾ وضاحت ڪري" لاءِ تبديلي ٿي.

بابت هجي،] جيڪڏهن [53][اٽارني جنرل پاڪستان] يا ايڊووڪيٽ جنرل انهيءَ صوبي جو جيڪا بہ حالت هجي، پهرين قاعدي (1) موجب نوٽيس ملڻ تي يا ٻيءَ حالت ۾ عرصو وڌائڻ لاءِ درخواست ڏين ۽ عدالت کي جيڪڏهن انهيءَ ڳالھ بابت اطمينان ٿي وڃي، تہ آئٽ ڏيندڙ ڌبيري لاءِ شامل ٿيل قانوني سوال لاءِ ايئن وڌائڻ ضروري ۽ سُٺو ٿيندو.

3. خرچ. جڏهن حڪومت ڌُر طور شامل ٿئي: جتي قلم 2 تحت، ڪنهن دعوي ۾ حڪومت کي دعوي جي جواب ڏيندڙ طور شامل ڪيو ويو هجي، تہ حڪومت يا ايڊووڪيٽ جنرل يا [54][اٽارني جنرل] انهيءَ عدالت ۾ جنهن شامل ڪرڻ جو حُڪم ڏنو هجي، ڪنهن خرچ جا حقدار يا ذميدار نہ هوندا. جيستائين عدالت سمورين حالتن کي سامهون رکي، خاص سببن خاطر ڪنهن ٻئي قسم جو حُڪم نہ ڏئي.

4. انهيءَ حُڪم جو اپيل تي لاڳو ٿيڻ: انهيءَ حُڪم کي اپيل بابت لاڳو ڪرڻ مهل لفظ دعوي جي جواب ڏيندڙ ۾ لفظ دعوي جي جواب ڏيندڙ ۽ لفظ دعوي ۾ اپيل ايئن شامل هوندو.

قانوني حُڪم -XXVIII

فوج [55][يا ساموندي] [56][يا هوائي] خلاف يا طرفان مُقدما

1. جنهن ساموندي يا هوائي يا ٻري فوج جي عملدار يا سپاهيءَ کي موڪل نہ ملي سگهي، تہ اُهو ڪنهن ٻئي شخص کي دعوي داخل ڪرڻ لاءِ مُقرر ڪري سگهي ٿو: (1) جيڪڏهن [57][ساموندي يا هوائي يا ٻري فوج] جو ڪو عملدار يا سپاهي، جيڪو حقيقي طور [58][رياست جو ملازم هجي] ۽ [59][اهڙي] حيثيت ۾ ڪنهن مُقدمي ۾ ڌُر هجي ۽ ڪيس مُقدمي جي پيروي يا دعوي جو جواب ڏيڻ خاطر شخصي طور موڪل نہ ملي سگهندي هجي، تہ هُن کي اختيار هوندو تہ ڪنهن ٻئي شخص کي مُقدمي جي پيروي يا دعوي جي جواب ڏيڻ خاطر پنهنجي طرفان مُختيار مُقرر ڪري.

(2) مُختياري لکت ۾ ۽ عملدار [60][ساموندي يا هوائي يا ٻري فوج] طرفان پنهنجي ڪمانڊنگ عملدار يا سندس ٻئي ماتحت عملدار جي موجودگيءَ ۾ صحيح ٿيل هوندي . جيڪڏهن ڌُر پاڻُ ڪمانڊنگ

[53] "پاڪستان ۾ ايڊووڪيٽ جنرل" لاءِ ڏسو ساڳيو حوالو (23 مارچ 1956ع کان هڪدم لاڳو). جنهن لاءِ قانوني حُڪم 1949ع تحت "هندستان جو ايڊووڪيٽ جنرل" ۾ تبديلي ٿي هُئي.

[54] صدارتي حُڪم 1961ع (1961ع جو 1). آرٽيڪل 2 ۽ شيڊيول (23 مارچ 1956ع کان هڪدم لاڳو) تحت لفظن "اٽارني جنرل" کي شامل ڪيو ويو.

[55] ترميمي ائڪٽ، 1934ع (1934ع جو XXXV). قلم 2 ۽ ٻئين شيڊيول تحت شامل ٿيو.

[56] منسوخي ۽ ترميمي ائڪٽ 1927ع (1927ع جو X). قلم 2 ۽ پهرئين شيڊيول تحت شامل ٿيو.

[57] منسوخي ۽ ترميمي ائڪٽ 1927ع (1927ع جو X). قلم 2 ۽ پهرئين شيڊيول تحت لفظ "سپاهي يا هواباز" ۾ "يا سپاهي" لاءِ ڦيرڦار ٿي ۽ ترميمي ائڪٽ. 1934ع (1934ع جو XXXV). قلم 2 ۽ شيڊيول تحت لفظ "سپاهي" کي شامل ڪيو ويو.

[58] صدارتي حُڪم 1961ع (1961ع جو 1). آرٽيڪل 2 ۽ شيڊيول (23 مارچ 1956ع کان هڪدم لاڳو) تحت "ڪرائون تحت مُلازمت ڪندڙ" لاءِ تبديلي ٿي، جنهن ۾ قانوني حُڪم 1937ع تحت "حڪومت جي مُلازمت ڪندڙ" ۾ ڦيرڦار ٿي.

[59] ترميمي ائڪٽ. 1934ع (1934ع جو XXXV). قلم 2 ۽ شيڊيول تحت تبديلي ٿي.

[60] جاڳايل حوالي تحت لفظ "سپاهي يا هواباز" ۾ "يا سپاهي" لاءِ ڦيرڦار ٿي ۽ ترميمي ائڪٽ. 1934ع (1934ع جو XXXV). قلم 2 ۽ شيڊيول تحت لفظ "سپاهي" کي شامل ڪيو ويو.

عملدار هُجي، يا (b) جڏهن عملدار يا [61][سپاهي ساموندي يا هوائي يا بَري فوج جو سپاهي] فوج ۾ ملازم هجي، ته [62][ساموندي]، يا [63][هوائي فوج] اسٽاف مُلازم، نگران يا ڪاتي جي ڪنهن بئي بالادست عملدار جي مـجودگيءَ ۾ صحيح ٿيندي، جنهن ۾ هُو مُلازم هُجي. اهڙو ڪمانڊنگ يا ٻيو عملدار اختياريءَ تي صحيحون ڪندو جنهن کي عدالت ۾ جمع ڪرايو ويندو.

(3) جڏهن اُهو مُختيارنامو عدالت ۾ جمع ٿي وڃي، ته ڪمانڊنگ عملدار وغيره جي صحيح ٿيڻ سان اِها ڳالهه ثابت ٿيندي، ته مُختيارنامي کي قاعدي موجب لکيو ويو آهي ۽ هيءَ ته اُهو عملدار يا [64][ساموندي يا هوائي يا بَري فوج جو سپاهي]، جنهن طرفان اُهو مُختيارنامو لکيو ويو هُجي، سو مُقدمي جي پيروي يا دعوي جي شخصي طور جواب ڏيڻ لاءِ موڪل وٺي نه پئي سگهيو.

وضاحت: هن حُڪم ۾ لفظ ڪمانڊنگ عملدار جو مطلب اُهو عملدار آهي، جيڪو تنهن وقت ڪنهن اهڙي ريجمينٽ يا پلٽڻ يا جُزوي پلٽڻ يا ڊِيپو يا [65][جهاز] (ساموندي) جو ڪمانڊنگ عملدار هجي، جنهن سان اُهو عملدار يا [66][ساموندي يا هوائي يا بَري فوج جو سپاهي] لاڳاپيل هجي.

2. متي ڄاڻايل شخص مُقدمي ۾ پاڻُ پيروي ڪري سگهي ٿو يا ڪنهن وڪيل کي مُقرر ڪري سگهي ٿو: جنهن شخص کي ڪو عملدار يا [67][ساموندي يا هوائي يا بَري فوج جو سپاهي]، مُقدمي جي پيروي ڪرڻ يا دعوي جي جواب ڏيڻ ۾ مُختيار بنائي، تنهن کي اختيار هوندو، ته اهڙيءَ طرح ڪنهن عملدار يا [68][ساموندي يا هوائي يا بَري فوج جو سپاهي] جيان مُقدمي ۾ شخصي طور پيروي ڪري يا جواب ڏئي، جيئن ڪو عملدار يا [69][ساموندي يا هوائي يا بَري فوج جو سپاهي] ڪنهن مُقدمي جي پيروي ڪرڻ يا دعوي جي جواب ڏيڻ خاطر ڪيس مُختيار بنايو هُجي.

3. مُختيار بنايل شخص يا سندس وڪيل تي حُڪمن جي تعميل: جيڪي حُڪمناما ڪنهن شخص تي، جنهن کي ڪنهن عملدار يا [70][ساموندي يا هوائي يا بَري فوج جي سپاهيءَ] طرفان قاعدي (1) موجب مُختيارنامو مليو هجي يا ڪنهن وڪيل تي جاري ڪيا وڃن، جنهن کي ساموندي يا هوائي يا بَري فوج جو ڪو عملدار يا سپاهي مُختيار مقرر ڪيو هجي، سي ايئن مؤثر هوندا، ڄڻ اُهي حُڪمناما انهيءَ مُقدمي جي ڌُر واريءَ خاص ذات تي ڪيا ويا هجن.

---

[61] ساڳيو.

[62] ترميمي ائڪٽ، 1934ع (1934ع جو XXXV)، قلم 2 ۽ شيڊيول تحت شامل ٿيو.

[63] منسوخي ۽ ترميمي ائڪٽ 1927ع (1927ع جو X)، قلم 2 ۽ پهرئين شيڊيول تحت شامل ٿيو.

[64] منسوخي ۽ ترميمي ائڪٽ 1927ع (1927ع جو X)، قلم 2 ۽ پهرئين شيڊيول تحت لفظ "سپاهي يا هواباز" ۾ "يا سپاهي" لاءِ ڦيرڦار ٿي، منسوخي ۽ ترميمي ائڪٽ، 1934ع (1934ع جو XXXV)، قلم 2 ۽ شيڊيول تحت لفظ "سپاهي" کي شامل ڪيو ويو.

[65] منسوخي ۽ ترميمي ائڪٽ 1927ع (1927ع جو X)، قلم 2 ۽ پهرئين شيڊيول تحت شامل ٿيو.

[66] منسوخي ۽ ترميمي ائڪٽ 1927ع (1927ع جو X)، قلم 2 ۽ پهرئين شيڊيول تحت لفظ "سپاهي يا هواباز" ۾ "يا سپاهي" لاءِ ڦيرڦار ٿي ۽ ترميمي ائڪٽ، 1934ع (1934ع جو XXXV)، قلم 2 ۽ شيڊيول تحت لفظ "سپاهي" کي شامل ڪيو ويو.

[67] ساڳيو

[68] منسوخي ۽ ترميمي ائڪٽ 1927ع (1927ع جو X)، قلم 2 ۽ پهرئين شيڊيول تحت لفظ "سپاهي يا هواباز" ۾ "يا سپاهي" لاءِ ڦيرڦار ٿي ۽ ترميمي ائڪٽ، 1934ع (1934ع جو XXXV)، قلم 2 ۽ شيڊيول تحت لفظ "سپاهي" کي شامل ڪيو ويو.

[69] ساڳيو.

[70] ساڳيو

عدالتي حُڪم-XXIX

ڪارپوريشن خلاف يا طرفان مُقدما

1. دعويٰ جي درخواست يا لکيل بيان جي تصديق لاءِ صحيح: ڪارپوريشن بابت داخل ڪيل دعوائن ۾ جائز آهي، تہ ڪو ڊائريڪٽر يا سيڪريٽري يا ڪو وڏو عملدار جيڪو مٿي ڄاڻايل جماعت جو مُقدمي جي واقعن بابت مٿي ڄاڻايل جماعت طرفان شاهدي ڏئي سگهي، تہ اُهو دعويٰ جي درخواست يا لکيل بيان تي صحيح ۽ تصديق ڪندو.

2. ڪارپوريشن تي سمن جي تعميل: سمن جي تعميل بابت حُڪمَ. جيڪي ڪنهن ڪارپوريشن خلاف مُقدمي ٿيا هجن، تنهن ۾ سمن جي تعميل اهڙيءَ طرح ٿي سگهي ٿي تہ:

(a) ڪارپوريشن جي سيڪريٽري يا ڪنهن ڊائريڪٽر يا ڪنهن وڏي عملدار جو حوالو ڏنو وڃي؛

(b) ڪارپوريشن جي نالي سان سندس آفيس ۾ رجسٽري ٿيل ۽ جيڪڏهن ڪا اهڙي آفيس نہ هجي، تہ انهيءَ جي ماڳ ۽ ڪاروبار تي هٿوهٿ يا ٽپال ذريعي موڪليو وڃي.

3. ڪارپوريشن جي وڏي عملدار کي شخصي طور حاضر ٿيڻ جو حُڪم: عدالت کي اختيار آهي، تہ مُقدمي جي ڪنهن مامري تي ڪارپوريشن جي سيڪريٽريءَ يا ڪنهن ڊائريڪٽر يا وڏي عهديدار ڏانهن، جيڪو مُقدمي جي مُک مامري بابت جواب ڏئي سگهندو هجي، تنهن کي شخصي طور حاضر ٿيڻ جو حُڪم ڏئي.

عدالتي حُڪم-XXX

فرم ۽ اهڙن شخصن طرفان يا سندن خلاف مُقدما، جيڪي پنهنجي نالي ڪانسواءِ ڪنهن ٻئي نالي سان ڪاروبار ڪندا هجن

1. فرم جي نالي ۾ ڀائيوارن تي مُقدمو داخل ڪرڻ: (1) ڪي ٻہ يا وڌيڪ شخص، جيڪي ڀائيوار طور دعويدار يا ذميدار هجن، ۽ [71][پاڪستان] ۾ ڪاروبار ڪندا هجن، تہ اُهي انهيءَ فرم جي نالي سان دعويٰ داخل ڪري سگهن ٿا يا سندن فرم تي دعويٰ داخل ٿي سگهجي ٿي (جيڪڏهن ڪا هُجي) جنهن ۾ اُهي مُقدمي جي پيدا ٿيل سبب مهل فرم جا ڀائيوار هئا ۽ ڪنهن مُقدمي ۾ ڪا ڌُر شاهدين لاءِ اُنهن ماڻهن جا نالا ۽ سندن رهائشي پتو عدالت ۾ ڏنل درخواست ۾ ڄاڻائي سگهي ٿي، جيڪي ٿيل تڪراري واقعي جي سبب مهل اهڙيءَ فرم جا ڀائيوار هئا. تنهنڪري اُنهن ڏانهن شاهدين لاءِ سمن يا نوٽيس جاري ڪيا وڃن، جيئن عدالت مُناسب سمجهڻ تي هدايت ڏيئي سگهندي هجي.

[71] مرڪزي قانون (قانوني سُڌارا) آرڊيننس، 1960ع (1960ع جو XXI)، قلم 3 ۽ ٻئين شيڊيول (14 آڪٽوبر، 1955ع کان هڪدم لاڳو ٿيندڙ) تحت "صوبا ۽ وفاق جي راڄڌانيءَ" ۾ ڦيرڦار ٿي، جنهن ۾ 1949ع جي قانوني حُڪم سان "برطانوي هندستان" ۾ تبديلي ٿي هئي.

(2) جيڪڏهن ڪجهه شخص، پائيوار طور ڪنهن فرم جي نالي سان ذيلي قاعدي (1) پٽاندر دعويٰ داخل ڪن، يا جيڪڏهن انهيءَ حيثيت سان مٿن دعويٰ داخل ڪئي وڃي، ته دعويٰ جي درخواست يا لکيل بيانَ يا ڪنهن ٻئي ڪاغذ جي حالت ۾، جنهن تي هن ڪوڊ پٽاندر دعويدار يا دعويٰ جي جواب ڏيندڙ طرفان صحيح يا مواد جي تصديق ڪرڻ ضروري هجن، ايترو ڪافي ٿيندو ته ڄاڻايل دعويٰ جي درخواست وغيره ۾ ڪنهن جي صحيح يا مواد جي تصديق ٿيل هجي.

هاءِ ڪورٽ ترميم (لاهور):

پنجاب نوٽ نمبر 12 مئي 1909ع جو G-2212– پڄاڙيءَ ۾ شامل ٿيو:

"وضاحت: هيءُ قاعدو گڏيل هندو ڪٽنب جي واپاري پائيواريءَ تي لاڳو ٿئي ٿو."

هاءِ ڪورٽ ترميمون (سنڌ ۽ اُتر– اولهه سرحدي صوبو):

ساڳيو جيئن لاهور واري ترميم ۾ ٿيو.

2. پائيوارن جي نالي جي پڌرائي: (1) جيڪڏهن ڪا دعويٰ فرم جي پائيوارن طرفان فرم جي نالي ۾ داخل ڪئي وڃي، ته دعويدارن يا سندن وڪيل تي لازم آهي، ته جيڪڏهن ڪو دعويٰ جو جواب ڏيندڙ درخواست ڏئي، ته فرم جي سمورن پائيوارن جا نالا ۽ پتا، جيڪي فَرم ناهيندڙ هُجن، ۽ جن طرفان دعويٰ داخل ڪئي وئي هجي، ڪنهن هَٻڪ لکت ذريعي ظاهر ڪن.

(2) جڏهن دعويدارَ يا سندن وڪيل ڄاڻايل ذيلي قاعدي (1) جي درخواست جي تعميل نه ڪري، ته درخواست داخل ڪرڻ تي مُقدمي جي سموري عدالتي ڪارروائي مُقرر ٿيل شرطن تي مُلتوي ٿي سگهي ٿي.

(3) جيڪڏهن پائيوارن جا نالا ذيلي قاعدي (1) پٽاندر پڌرا ڪيا وڃن، ته مُقدمو ايئن هلندو ۽ سمورن مامرن ۾ اُهي نتيجا لازمي نڪرندا، جڻ ڄاڻايل پائيوارن جا نالا به دعويٰ جي درخواست ۾ دعويدار طور لکيل هئا:

پر شرط هيءُ آهي، ته انهيءَ پٽاندر سموري ڪارروائي فرم جي نالي سان جاري رهندي.

3. سمن جي تعميل: جيڪڏهن ماڻهن تي فرم جي پائيوارن طور فرم جي نالي سان دعويٰ داخل ڪئي وڃي، ته سمن جي تعميل ايئن ٿيندي، يعني:

(a) پيلي هڪ يا وڌيڪ پائيوارن تي؛ يا

(b) انهيءَ مُک ماڳ تي، جتان [72][پاڪستان] منجهه ڪاروبار ڪيو وڃي ٿو انهيءَ شخص تي، جيڪو سمن جي تعميل وقت اُتي فرم جو نگران يا مُنتظم هجي.

جيئن عدالت حُڪم ڏئي ۽ فرم تي تعميل کي مڪمل سمجهيو ويندو پيلي سمورا يا ڪجهه پائيوار انهيءَ وقت [73][پاڪستان] ۾ هجن يا نه هُجن:

---

[72] مرڪزي قانون (قانوني مُدارا) آرڊيننس، 1960ع (1960ع جو XXI)، قلم 3 ۽ ٻئين شيڊيول 14 آڪٽوبر 1955ع کان هڪدم لاڳو ٿيندڙ تحت "صوبا ۽ وفاق جي راڄڌانيءَ" ۾ ڦيرڦار ٿي، جنهن ۾ 1949ع جي قانوني حڪم سان "برطانوي هندستان" ۾ تبديلي ٿي هئي.

پر شرط هيءَ آهي، تہ ڪنهن اهڙي فرم جي حالت ۾، جيڪا دعويدار جي ڄاڻ موجب دعويٰ جي داخل ٿيڻ سان ٽُٽي چُڪي هجي، تہ سَمن هر ڀائيوار تي تعميل ڪرائڻ گهرجي، جيڪو[74] [پاڪستان] ۾ هجي ۽ جنهن کي ذميدار بنائڻ منظور هجي.

4. ڀائيوار جي وفات تي دعويٰ داخل ڪرڻ جو حَق: (1) قانوني مُعاهدي جي حُڪمن 1872ع جي قلم 45 موجب، جيڪڏهن بہ يا وڌيڪ شخص ڪنهن فرم جي نالي سان، ڄاڻايل حُڪمن موجب دعويٰ داخل ڪن يا مٿن دعويٰ داخل ڪئي وڃي، ۽ منجهانئن ڪو شخص دعويٰ داخل ٿيڻ کان اڳ يا مُقدمي دؤران فوت ٿي وڃي، تہ فوتيءَ جي قانوني وارث کي ڌُر ناهڻ ضروري ٿيندو.

(2) ذيلي قاعدي (1) جي مضمون سان هيٺ تفصيل سان ڄاڻايل حقن ۾ ڪنهن طرح ڪا رنڊڪ نہ ٿيندي، جيڪي فوتيءَ جي قانوني وارث کي مليل هجن:

(a) حق ڄاڻائڻ جي درخواست، تہ مٿي ڄاڻايل قانوني وارث کي ڌُر بنايو وڃي؛ يا

(b) ڪنهن شخص يا باقي رهيل شخصن جي نالي تي دعويٰ داخل ڪرڻ بابت.

5. اطلاع تہ سَمن ڪهڙي حيثيت ۾ تعميل ٿيو: جيڪڏهن ڪو سَمن ڪنهن فرم جي نالي جاري ٿيو هجي، جيڪو قاعدي (3) جي مقرر ٿيل طريقي موجب تعميل ٿئي، تہ هر شخص کي، جنهن تي سَمن جي تعميل ٿي هجي، تہ سَمن جي تعميل وقت هڪڙو لکيل اطلاع هن مضمون سان ڏنو ويندو تہ سَمن مٿس ڪهڙي حيثيت سان گهربل آهي، يعني ڀائيوار طور يا ڪنهن اهڙي شخص طور، جنهن جي اختيار يا انتظام ۾ اُها فرم هجي يا ٻنهي حيثيتن سان ۽ جيڪڏهن اهڙو اطلاع نہ ڏنو وڃي، تہ سمجهيو ويندو تہ سَمن جي تعميل مٿس ڀائيوار طور ٿي.

6. ڀائيوارن جي عدالت ۾ حاضري: جيڪڏهن ڪنهن شخص تي فرم جي ڀائيوار طور دعويٰ داخل ڪئي وڃي، تہ هُو شخصي طور حاضر ٿيندو پر انهيءَ کان پوءِ واري ڪارروائي فَرم جي نالي سان جاري رهندي.

7. ڀائيوارن کانسواءِ ٻئي ڪنهن جي حاضريءَ جي گهرج نہ آهي: جيڪڏهن سَمن جي قاعدي (3) جي مُقرر طريقي موجب تعميل ٿئي، تہ جنهن جي اختيار يا انتظام ۾ فرم هجي، تہ انهيءَ جي حاضريءَ جي گهرج نہ آهي، جيستائين اُهو پاڻ فرم ۾ ڀائيوار نہ هجي.

8. احتجاج تحت حاضري: ڪو شخص، جنهن تي قاعدي (3) جي مُقرر طريقي موجب سَمن جي تعميل ٿئي، تہ عدالت ۾ احتجاجي طور حاضر ٿي، ڀائيواريءَ کان انڪار ڪري سگهي ٿو پر اِها حاضري انهيءَ ۾ رُڪاوٽ نہ هوندي، تہ دعويدار انهيءَ طريقي سان مٿس سَمن جي تعميل نہ ڪرائي ۽ غير حاضريءَ ۾ فرم تي ڊِڪري نہ وٺي، جيڪڏهن ڪو شخص حاضر نہ هجي.

---

[73] مرڪزي قانون (قانوني سُڌارا) آرڊيننس، 1960ع (1960ع جو XXI)، قلم 3 ۽ ٻئين شيڊيول (14 آڪٽوبر، 1955ع کان هڪدم لاڳو ٿيندڙ) تحت "صوبا ۽ وفاق جي راڄڌانيءَ" ۾ ڦير ڦار ٿي، جنهن ۾ 1949ع جي قانوني حُڪم سان "برطانوي هندستان" ۾ تبديلي ٿي هئي.

[74] ساڳيو.

9. پائيوارن وچ ۾ مُقدما: هيءُ حُڪم اُنهن دعوائن سان بہ لاڳاپيل هوندو جيڪي ڪنهن فرم ۽ انهيءَ جي هڪ يا وڌيڪ پائيوارن جي وچ ۾ داخل ڪيون وڃن. گڏوگڏ اهڙيون دعوائون، جيڪي اهڙين فرمن جي وچ ۾ هجن، جن جا هڪ يا وڌيڪ پائيوار ٻنهي فرمن ۾ شريڪ هجن. پر اهڙيءَ قسم جي دعوائن ۾ ڊِڪري رُڳو عدالت جي اجازت سان جاري ٿيندي ۽ جڏهن ڊِڪريءَ جاري ٿيڻ جي درخواست داخل ٿئي، تہ سمورن مُناسب حسابن توڙي تحقيق بابت ضروري حُڪمَ جاري ٿيندا.

10. اهڙي شخص خلاف دعوي، جيڪو پنهنجي نالي کانسواءِ ڪنهن ٻئي نالي سان ڪاروبار ڪندو هجي: جيڪو شخص، پنهنجي نالي کانسواءِ ڪنهن ٻئي نالي سان ڪاروبار ڪندو هجي، تہ هُن تي انهيءَ نالي سان دعوي داخل ڪئي ويندي. جڻ اُهو هڪڙي فرم جو نالو هجي ۽ جيستائين مُقدمي جي حالتن پٽاندر ممڪن هجي، تہ هن قانوني حُڪم جا سمورا قاعدا اهڙين دعوائن سان بہ لاڳاپيل هوندا.

عدالتي حُڪم -XXXI

امانتدارن، وصين ۽ مُنتظمن خلاف يا طرفان مُقدما

1. آمانتي ملڪيتن وغيره سان لاڳاپيل مُقدمن ۾ وظيفيدارن جي نمائندگي: سمورا مُقدما، جيڪي اهڙي ملڪيت سان لاڳاپيل هجن، جيڪا ڪنهن امين يا وراثت جي نگران کي سونپيل هجي، جڏهن اُنهن شخصن جي وچ ۾ انهيءَ ملڪيت جو تڪرار، مٿي ڄاڻايل ملڪيت ۾ حق رکندڙ شخص ۽ ڪنهن ٽئين شخص جي وچ ۾ هجي، تہ اهڙو امين يا وصي يا وراثت جي نگران کي، اهڙن حقدارن جو نمائندو سمجهيو ويندو ۽ عام طور اُنهن شخصن کي مُقدمي جي ڌُر بنائڻ ضروري نہ هوندو. پر جيڪڏهن عدالت مُناسب ڄاڻي، تہ حُڪم ڏئي سگهي ٿي، تہ اُنهن سڀني کي يا منجهانئن ڪنهن کي ڌُر بنايو وڃي.

2. گڏيل آمانتدارَ وصي ۽ نگرانَ: جڏهن گهڻا آمانتدارَ وصي يا نگران هجن، تہ اُنهن مان هڪ يا وڌيڪ جي نالي دعوائون داخل ڪيون وڃن، تہ اُنهن سڀني کي ڌُر بنايو ويندو:

پر شرط هيءُ آهي، تہ جن نگرانن کي وصيت ڪندڙ جي وصيت مان عدالت ۾ ثابت نہ ڪيو وڃي ۽ جيڪي امين ۽ وصي ۽ نگران [75][پاڪستان] کان ٻاهر رهندا هجن، تن کي ڌُر بنائڻ ضروري نہ هوندو.

3. سگهري آمين عورت جو مُڙس ڌُر نٿو بنجي سگهي: جيستائين عدالت ڪو ٻيو حُڪم نہ ڏئي، تہ ڪنهن مُڙس جي نڪاح ۾ آيل وصي يا نگران عورت جي مُڙس کي انهيءَ مُقدمي ۾ ڌُر نہ بنايو ويندو، جيڪو انهيءَ عورت طرفان يا انهيءَ عورت خلاف هجي.

---

75 مرڪزي قانون (قانوني سُڌارا) آرڊيننس، 1960ع (1960ع جو XXI، قلم 3 ۽ ٻئين شيڊيول) 14 آڪٽوبر، 1955ع کان هڪدم لاڳو ٿيندڙ) تحت "صوبا ۽ وفاق جي راڄڌانيءَ" ۾ ڦيرڦار ٿي، جنهن ۾ 1949ع جي قانوني حُڪم سان "برطانوي هندستان" ۾ تبديلي ٿي هئي.

XXXII- عدالتي حُڪم

نابالغ ۽ سَودائي شخصن خلاف يا طرفان مُقدما

1. نابالغ طرفان ويجهو دوست دعويٰ داخل ڪري سگهي ٿو: جيڪو مُقدمو ڪنهن نابالغ طرفان هجي، سو نابالغ جي نالي سان ڪنهن شخص جي معرفت داخل ٿيندو جنهن کي انهيءَ دعويٰ ۾ نابالغ جو دوست سڏيو ويندو.

هاءِ ڪورٽ ترميم (لاهور):

هيٺئين پيراگراف کي شامل ڪيو ويندو:

"اهڙي شخص کي مُقدمي ۾ ڪابه لاڳت ڏيڻ جو حُڪم ڏئي سگهجي ٿو جڻ هُو مُدعي هُجي."

2. جيڪڏهن دعويٰ کي ويجهي دوست کانسواءِ داخل ڪيو وڃي، ته دعويٰ جي درخواست کي خارج ڪيو ويندو: (1) جيڪڏهن ڪا دعويٰ، ويجهي دوست کانسواءِ، ڪو نابالغ پاڻ داخل ڪري، ته دعويٰ جو جواب ڏيندڙ انهيءَ ڳالهه جي دعويٰ پيش ڪندو ته دعويٰ جي درخواست کي فهرست مان خارج ڪيو وڃي ۽ انهيءَ جي وڪيل يا ڪنهن ٻئي شخص جو خرچ ڏيندو جنهن دعويٰ داخل ڪئي هجي.

(2) انهيءَ درخواست جو اطلاع دعويٰ پيش ڪندڙ کي ڏنو ويندو ۽ عدالت انهيءَ جا اعتراض ٻُڌندي ۽ جيڪڏهن هُن جي طرفان ڪو اعتراض هجي، ته انهيءَ مامري بابت حُڪم ڏيندي، جنهن کي اُها مُناسب سمجهي.

3. مُقدمي ۾ دعويٰ جي جواب ڏيندڙ نابالغ جي وليءَ کي عدالت طرفان مُقرر ڪيو وڃي: (1) انهيءَ حالت ۾ ته دعويٰ جو جواب ڏيندڙ نابالغ هجي، ته عدالت کي سندس نابالغ هئڻ جو پروسو پڪو هوندو ته ڪنهن مُناسب شخص کي انهيءَ نابالغ لاءِ مُقدمي دوران وَلي مُقرر ڪندي.

(2) انهيءَ سوال تي مُقدمي دوران وَليءَ جي مُقرريءَ لاءِ حُڪم، جيڪو نابالغ جي نالي يا هُن طرفان يا دعويدار طرفان داخل ٿئي، حُڪم ڏئي سگهجي ٿو.

(3) انهيءَ سُوال جي پُٺڀرائيءَ ۾ حلفيہ لکيل بيان ذريعي انهيءَ ڳالهه جي تصديق ڪئي ويندي، ته مُقرر ٿيل وليءَ جو مُقدمي ۾ تڪراري مامرن ۾ ڪوبہ مفاد نہ آهي، جيڪي نابالغ جي مخالفت ۾ آهن ۽ اُهو شخص مُقرر ٿيڻ جي لائق آهي.

(4) هن قاعدي تحت سوال تي ڪو حُڪم جاري نہ ٿيندو جيستائين نابالغ ۽ سندس قانوني وليءَ کي، جنهن کي عدالت طرفان مُختيار مُقرر ڪيو ويو هجي، يا جيڪڏهن ڪو ولي مُقرر نہ ٿيو هجي، ته نابالغ جو پيءُ يا ٻئي قانوني وليءَ کي يا جيڪڏهن پيءُ ٻيو قانوني وليءَ بہ نہ هجي، ته انهيءَ شخص کي اطلاع ڏني وڃي، جنهن جي سارسنڀال ۾ بچاءُ ۾ نابالغ هجي، ۽ اُنهن اعتراضن جي ٻُڌڻي نہ ٿئي، جيڪا مٿي ڄاڻايل شخص طرفان پيش ڪيا وڃن، جنهن کي مٿي ڄاڻايل اطلاع هن ذيلي قاعدي تحت مليو هجي.

[76][(5) جنهن شخص کي ذيلي قاعدي (1) تحت نابالغ جي دعويٰ لاءِ ولي مقرر ڪيو وڃي، سو جيستائين سندس مُقرريءَ تان هٿ کڻڻ کان ڌار ٿيڻ ذريعي يا موت سبب ختم نہ ٿي وڃي، ته اُها دعويٰ

---

[76] 1937ع جي ائڪٽ XVI تحت ڦيرڦار ٿي.

سان پيدا ٿيل سمورين ڪارروائين، سميت اُنهن اپيلن يا عدالت جي نگرانيءَ يا ڊِڪري جاري ٿيڻ جي قسم جي ڪارروائي تائين جاري رهندي.]

هاءِ ڪورٽ ترميم (لاهور):

هيٺئين ذيلي قاعدي ۾ ذيلي قاعدي (3) ۽ (4) لاءِ ڦيرڦار ٿي.

"(3) مُدعي پنهنجي مُقدمي جي درخواست سان گڏ ننڍڙن ٻارڙن جي مائٽن جي فهرست ۽ ٻين شخصن جي سندن ائڊريس سميت داخل ڪندو، جن لاءِ قانون ۾ واضح طور گهڻو امڪان آهي، ته اُهي مُقدمي ۾ ننڍڙن ٻارن جي دعوىٰ جي بچاءُ لاءِ نگران طور ڪردار نڀائڻ جي قابل هُجن. مُدعي طرفان مٿي ڄاڻايل ذيلي قاعدي (2) تحت درخواست سان گڏ فهرست شامل هوندي.

(4) عدالت ڪنهن به وقت، مُقدمي داخل ٿيڻ کانپوءِ، مُدعي کي اهڙي فهرست ڏيڻ جو حُڪم ڏئي سگهي ٿي، ۽ حُڪم جي پيچڪڙيءَ تي دعوىٰ کي رَدُ ڪري سگهجي ٿو."

هيٺين ذيلي قاعدن (6) ۽ (7) کي شامل ڪيو ويجي:

"(6) مُقدمي لاءِ نگران جي مُقرريءَ لاءِ ڪابه درخواست، ۽ انهيءَ قاعدي هيٺ ڏنل ڪنهن به فهرست جي حلفيه بيانَ سان پُٺڀرائي ٿيندي، جنهن ۾ حقيقت جي تصديق ٿيل هوندي، ته تجويز ٿيل نگران جو مُقدمي ۾ اختلافي مامرن ۾ ڪوبه چاهه نه آهي، جيڪي ننڍڙن ٻارڙن جي مخالفت ۾ هُجن، ۽ اِهو ته جيڪو به شخص تجويز ڪيو ويجي، سو مُناسب شخص آهي، جنهن کي ايئن مُقرر ڪيو پيو ويجي.

(7) انهيءَ قاعدي تحت ڪنهن به درخواست تي ڪوبه حُڪم جاري نه ڪيو ويندو، انهيءَ کانسواءِ ته ننڍڙن ٻارڙن جي مُقرر ٿيل ڪنهن نگران ڏانهن نوٽيس جاري ٿيو هُجي، يا ڪنهن اختياريءَ طرفان اعلان ڪيو ويجي، جيڪو انهيءَ ٻاران بااختيار هُجي، يا جتي اهڙو نگران نه هُجي، ته پيءُ يا ننڍڙي ٻارڙي جي ٻئي فطري نگران ڏانهن جاري ٿيل نوٽيس تي، يا جتي ڪوبه پيءُ يا فطري نگران نه هُجي، ته اهڙي شخص ڏانهن، جنهن جي سارسنڀال ۾ اُهو ننڍڙو ٻارڙو هُجي ۽ ڪنهن اعتراض ٻُڌڻ کانپوءِ، جنهن تي انهيءَ قاعدي تحت نوٽيس تعميل ٿيڻ تي ڪنهن شخص ٻاران زور ڏئي سگهجي ٿو: پر شرط هيءُ آهي، ته عدالت، جيڪڏ مُناسب سمجهي، ته ننڍڙي ٻار ڏانهن پڻ نوٽيس جاري ڪري سگهي ٿي."

4. ڪهڙو شخص مُقدمي لاءِ ويجهي دوست يا مُقرر ٿيل نگران جو ڪردار نڀائي سگهي ٿو: (1) اُهو شخص جيڪو دماغي طور صحتمند ۽ سامايل هجي، ته اُهو مقدمي ۾ ڪنهن نابالغ جي عيوض دوست يا وليءَ طور عمل ڪري سگهي ٿو:

پر شرط هيءُ آهي. ته انهيءَ جو مخالف حق انهيءَ نابالغ جو نه هجي ۽ ٻيءَ حالت ۾ دوست، اُهي انهيءَ مقدمي ۾ دعوىٰ جو جواب ڏيندڙ نه هجي. ۽ ٻيءَ حالت ۾ ولي مقدمي ۾ دعويدار نه هجي.

(2) جيڪڏهن ڪنهن مُختيار جي حُڪم سان نابالغ ٻارُ جو ولي مُقرر ٿي چُڪو هجي. ته انهيءَ کانسواءِ ڪو ٻيو شخص انهيءَ نابالغ جي دوست طور ڪارروائي ڪري نه سگهندو، انهيءَ کانسواءِ ته انهيءَ جو ڪو ولي مقدمي دؤران مقرر ٿئي. جڏهن عدالت لکيل ڪارڻن کي مُناسب سمجهي. ته ڪنهن

ٻئي شخص کي دوست طور ڪارروائيءَ جي اجازت ڏيڻ يا مُقدمي دؤران ولي مقرر ڪرڻ نابالغ جي حق ۾ فائديمند ٿيندو.

(3) ڪنهن بہ شخص کي سندس راضپي بغير مُقدمي دؤران ولي مقرر نہ ڪيو ويندو.

(4) جڏهن ڪو شخص مقدمي دؤران نگران ۽ ولي مُقرر ٿيڻ تي راضي نہ هجي، تہ عدالت پنهنجي ڪنهن عُهديدار کي ولي مُقرر ڪري سگهي ٿي ۽ هدايتون ڏئي سگهي ٿي، تہ جيتري رقم هُن جي خدمت جي پوراءِ ۾ خرچ ٿئي، ڏيڻ گهرجي، يعني ڇا مُقدمي جي ڌُر جي سمورن شخصن پاران يا منجهان ڪنهن هڪ يا وڌيڪ يا ڪنهن سرمايي سان، جيڪو عدالت ۾ جمع ٿيو هجي ۽ جنهن سان نابالغ مقصد رکندو هجي، گڏوگڏ عدالت اهڙي خرچ سان لاڳاپيل هدايتون ڏئي سگهي ٿي، جيڪي قابل انصاف ۽ مُقدمي جي حالتن لاءِ ضروري هجن.

هاءِ ڪورٽ ترميمون (لاهور):

(i) ذيلي قاعدو (2) شامل ٿيو:

"(2) جتي ڪنهن مُقدمي ۾ دعويٰ جي بچاءُ ڪندڙ ننيڙڙي ٻارڙي جو بااختيار اختياريءَ طرفان ڪو نمائندو مُقرر نہ ٿيو هُجي يا اعلان نہ ڪيو ويو هُجي، تہ عدالت ذيلي قاعدي (1) جي شرط جي تحت، مُقدمي لاءِ ننيڙڙي ٻار جي ڪنهن مائٽ کي سندس نمائندو مُقرر ڪري سگهي ٿي.

جيڪڏهن ڪو مُناسب شخص موجود نہ هُجي، جيڪو ننيڙڙي ٻارڙي جو مائٽ هُجي، تہ عدالت، مُقدمي ۾ بچاءُ ڪندڙن منجهان ڪنهن هڪ کي مُقرر ڪري سگهي ٿي، جيڪڏهن ڪو هُجي، ۽ مُقدمي ۾ ٻين اهڙن بچاءُ ڪندڙن جي نہ هُئڻ تي، انهيءَ قاعدي جي ذيلي قاعدي (4) تحت رواجي طور ڪارروائي ڪندي، پنهنجي عملدارن منجهان ڪنهن هڪ يا ڪنهن وڪيل کي سندس نمائندو مُقرر ڪري سگهندي.

(ii) هينيان لفظ ذيلي قاعدي (3) ۾ شامل ڪيا وڃن_ "عدالت اندازو لڳائي سگهي ٿي، تہ اهڙو راضپو ڏنو ويو آهي، جيستائين انهيءَ جو واضح انڪار نہ ڪيو وڃي.

(iii) ذيلي قاعدي (4) ۾ لفظ "عملدارن" کانپوءِ "يا ڪو وڪيل" شامل ڪريو ۽ لفظ "عملدار" بجاءِ لفظ "شخص" کي بدلايو.

5.مُقدمي ۾ نابالغ جو دوست يا ولي سندس نمائندو هوندو: (1) هر درخواست مٿي ڄاڻايل قاعدي 10 ۾ ذڪر ٿيل درخواست کانسواءِ، جيڪا عدالت ۾ ڪنهن نابالغ طرفان داخل ٿئي، تہ اُها مُقدمي دؤران سندس دوست يا ولي طرفان داخل ٿيل هوندي.

(2) جيڪو بہ حُڪم، ڪنهن دعويٰ ۾ يا ڪنهن درخواست تي ڏنو وڃي، جيڪا عدالت ۾ داخل ڪئي وڃي، ۽ انهيءَ ۾ ڪنهن نابالغ جو ڪنهن طور واسطو هجي، يا ڪنهن طرح انهيءَ جو اثر ٿيو هجي ۽ انهيءَ ۾ اُن نابالغ طرفان ڪو سندس دوست يا مقدمي دؤران ولي (يعني جيڪا بہ حالت هجي) سندس نمائندو نہ هجي، تہ انهيءَ کي رد ڪري سگهجي ٿو ۽ جيڪڏهن انهيءَ ڌُر جو وڪيل، جنهن جي

درخواست تي حُڪم ٿيو هجي، تہ نابالغ هئڻ جو حال ڄاڻندو هُجي، يا عقل موجب ڄاڻي سگهندو هجي، تہ انهيءَ وڪيل تي خرچ لاڳو ٿيندو.

6. نابالغ لاءِ ڊِڪريءَ تحت ملڪيت جي مُقدمي خاطر ويجهي دوست يا نمائندي طرفان وصولي:
(1) ڪو ويجهو دوست يا مقدمي دؤران ولي، عدالت جي اجازت بغير ڪا رقم يا ڪا مُنتقل ٿيندڙ ملڪيت نابالغ طرفان نہ وٺندو:-

(a) پوءِ پلي عدالت جي حُڪم يا ڊِڪريءَ کان اڳ سرچاءُ جي طريقي سان، يا

(b) عدالت جي ڊِڪريءَ يا حُڪم ذريعي، جيڪو نابالغ جي حق ۾ جاري ٿيو هجي.

(2) جيڪڏهن مُختيار عدالت، نابالغ جي ويجهي دوست يا مقدمي دؤران وليءَ کي سندس ملڪيت جو ولي مقرر نہ ڪيو هجي يا اُهو مُقرر ٿي ويو هجي، پر ڪنهن نااهليءَ سبب، جيڪا عدالت جي ڄاڻ ۾ هجي، تہ رقم يا ٻي مُنتقل ٿيندڙ ملڪيت وٺي نٿو سگهي، تہ عدالت جيڪڏهن انهيءَ کي مٿي ڄاڻايل ملڪيت وٺڻ جي اجازت ڏيندي، تہ انهيءَ کان اهڙي ضمانت وٺندي ۽ هُن کي اهڙي هدايت ڏيندي، جيڪا عدالت کي بچاءُ توڙي ملڪيت جي خرچ بابت ضروري ڀانئبي.

7. مُقدمي لاءِ دوست يا وليءَ طرفان سرچاءُ يا ٺاهہ: (1) مُقدمي دؤران ڪنهن رفيق يا وليءَ کي اختيار نہ هوندو تہ عدالت جي اجازت بغير (جنهن کي وضاحت سان ڪارروائي ۾ لکيو وڃي)، نابالغ طرفان هن بابُ تحت انهيءَ مُقدمي ۾ ڪو سرچاءُ يا ٺاهہ ڪري، جنهن ۾ هُو دوست يا وليءَ طور ڪارروائي ۾ حصو وٺندڙ هجي.

(2) جيڪو ٺاهہ يا سرچاءُ، عدالت جي لکت ۾ اجازت سان ڪيو ويو هجي، سو نابالغ کانسواءِ ٻيون جيتريون ڌريون هجن، سڀني جي مقابلي ۾ رَد ٿيڻ جوڳو هوندو.

هاءِ ڪورٽ ترميمون (سنڌ):

ذيلي قاعدي (1) کانپوءِ ذيلي قاعدو (1A) شامل ٿيو:

(1A) جڏهن ڪنهن مُعاهدي ڪرڻ يا سرچاءُ يا سرچاءُ جي پوئواريءَ ۾ ڪنهن مُقدمي تان هٿ ڪڍڻ يا ننيڊڙي ٻار يا ڪنهن ٻئي معذور شخص پاران ڪنهن ٻئي ڪردار نڀائڻ لاءِ اجازت وٺڻ خاطر عدالت ۾ ڪا درخواست داخل ڪئي وڃي، ۽ اهڙي ننيڊڙي ٻار يا ڪنهن ٻئي معذور شخص جي نمائندگي ڪو وڪيل يا پيروي ڪندڙ ڪندو هُجي، تہ وڪيل يا پيروي ڪندڙ عدالت ۾ درخواست سان گڏ انهيءَ ڏس ۾ هڪڙو سرٽيفڪيٽ داخل ڪندو تہ تجويز ٿيل معاهدو يا سرچاءُ يا ڪا سرگرمي، سندس ويچار ۾ ننيڊڙي ٻار يا ڪنهن ٻئي معذور شخص جي مفاد ۾ آهي. ڪنهن مُقدمي ۾ سرچاءُ، اپيل يا انهيءَ مامري لاءِ جنهن ۾ ننيڊڙو ٻار يا ڪو ٻيو معذور شخص ڌُر هُجي، تہ عدالت ۾ اهڙي منظوريءَ جي ڪا ڊِڪريءَ يا حُڪم پڙهي ٻڌايو ويندو ۽ عدالت، معاهدي يا سرچاءُ بابت انهيءَ شيڊيول ۾ ضميمي D جي فارم نمبر 24 ۾ ڄاڻايل شرط ۽ ضابطا مُقرر ڪندي.

8. ويجهي دوست طرفان مُقدمي تان هٽ ڪٽڻ: (1) جيستائين عدالت ڪو ٻيو حُڪم نہ ڏئي، تہ نابالغ جو دوست، ڪنهن لائق شخص کي پنهنجي نگرانيءَ ڏيڻ بغير هٽ نٿو ڪٽي سگهي، ۽ جيڪو خرچ تي چُڪو هجي، تنهن جي ضمانت داخل نہ ڪري.

(2) جيڪا درخواست نئين دوست جي مُقرريءَ لاءِ داخل ٿئي، تنهن سان گڏ لکيل حلفيہ بيان ۾ اهو مضمون شامل هوندو تہ رٿيل شخص لائق هئڻ سميت نابالغ جي حق واري تڪرار ۾ پنهنجو مفاد نٿو رکي.

9. ويجهي دوست کي هَٽائڻ: جيڪڏهن نابالغ جي دوست جو حق، نابالغ سان تضاد ۾ هجي، يا اُهو ڪنهن اهڙي دعويٰ جي جواب ڏيندڙ طور، جنهن جو حق نابالغ جي حق سان ايترو مُتضاد هجي، جنهن سان گُمان هجي، تہ اُهو انهيءَ نابالغ جو حقيقي بچاءُ مُناسب طور نہ ڪندو، تہ اُهو پنهنجي لازمي ڪم کي نہ نڀائيندو يا جڏهن مُقدمي دؤران [77][پاڪستان] جي شهريت تان هٽ ڪٽي وڃي يا ڪو ٻيو سبب ڪافي هجي، تہ انهيءَ نابالغ يا دعويٰ جي جواب ڏيندڙ طرفان پنهنجي هٽڻ جي درخواست ڏني ويندي ۽ عدالت جيڪڏهن اُن پيش ڪيل سبب کي ڪافي سمجهي، تہ انهيءَ درخواست پٽاندر انهيءَ دوست جي برطرفيءَ جو حُڪم ڏئي سگهي ٿي ۽ خرچ بابت جيڪو حُڪم مُناسب سمجهندي، سو ڏيندي.

(2) جيڪڏهن ڪو دوست، ولي نہ هجي، جنهن کي انهيءَ بابت ڪنهن اختيار رکندڙ عُهديدار ۽ وليءَ طرفان مقرر يا اعلان ڪيو ويو هجي، تہ تنهن کي جڏهن ايئن مُقرر ڪيو وڃي، تہ وليءَ طرفان درخواست ڏني ويندي تہ ڪيس رفيق بنايو وڃي، جو هُو پاڻ ويجهي دوست جي جاءِ تي مُقرر ٿيڻ چاهي ٿو تہ عدالت اڳوڻي رفيق کي هٽائي، درخواست ڏيندڙ کي انهيءَ جڳهہ تي مُقرر ڪندي، جيستائين عدالت لکيل سببن کي مُناسب نہ سمجهي، تہ اُنهن سببن کي لکيو ويندو تہ وليءَ کي نابالغ ٻارُ جو رفيق مُقرر نہ ڪيو وڃي، تنهنڪري اُها درخواست ڏيندڙ کي ويجهي دوست جي جڳهہ تي خرچ جي اُنهن شرطن تحت مُقرر ڪندي، جيڪي اڳ ۾ ئي مُقدمي تي اچي چُڪا هُجن، جيئن اُها مُناسب سمجهي.

10. ويجهي دوست جي هٽائڻ وغيره تي ڪارروايُن جو منعنامو: (1) جڏهن نابالغ جو دوست هٽ ڪٽي وڃي يا کيس هٽايو وڃي يا اُهو فوت ٿي وڃي، تہ وڌيڪ ڪارروائي مُلتوي رهندي، جيستائين انهيءَ فوتي جي جاءِ تي ڪنهن ٻئي دوست کي مُقرر نہ ڪيو وڃي.

(2) جيڪڏهن نابالغ جو وڪيل هڪڙي مُناسب عرصي ۾ نئين دوست جي مُقرر ڪرائڻ جو اُپاءُ وساري ويهي، تہ هر شخص، جنهن جو نابالغ سان ناتو هجي يا پاڻ تڪرار سان ناتو رکندو هجي، تہ عدالت کي درخواست ڏئي سگهي ٿو تہ ڪو دوست مقرر ڪيو وڃي ۽ عدالت ڪنهن کي مُناسب سمجهندي، مُقرر ڪري سگهي ٿي.

11. مُقدمي لاءِ وليءَ جو هٽ ڪٽڻ، هَٽائڻ يا موت: (1) جيڪڏهن ولي مقدمي دؤران هٽ، ڪٽڻ چاهي، يا پنهنجي خدمت پُوري نہ ڪري يا ڪو ٻيو سبب ڪافي ڏسڻ ۾ اچي، تہ عدالت انهيءَ کي هٽ

[77] مرڪزي قانون (قانوني شڌارا) آرڊيننس، 1960ع (1960ع جو XXI)، قلم 3 ۽ ٻئين شيڊيول (14 آڪٽوبر، 1955ع کان هڪدم لاڳو ٿيندڙ) تحت "صوبا ۽ وفاق جي راڄڌانيءَ" ۾ ڦيرڦار ٿي، جنهن ۾ 1949ع جي قانوني حُڪم سان "برطانوي هندستان" ۾ تبديلي ٿي هئي.

ڪٽڻ جي اجازت ڏئي يا ڪيس هٽائي سگهي ٿي ۽ هن حُڪم موجب خرچ جا حُڪم ڏئي سگهي ٿي، جيڪو مُناسب سمجهي.

(2) جيڪڏهن ولي مُقدمي دؤران يا مُقدمي وارن ڏينهن ۾ هٽ ڪٽي وڃي يا فوت ٿي وڃي يا عدالت جي حُڪم سان ڪيس هٽايو وڃي، ته عدالت نئون ولي انهيءَ جي جڳهه تي مُقرر ڪري سگهي ٿي.

12. نابالغ دعويدار يا درخواست ڏيندڙ جي سامائجڻ تي طريقيڪار: (1) جڏهن دعويدار نابالغ هُجي يا اُهو نابالغ، جيڪو مقدمي ۾ڌُر نه هجي ۽ جنهن طرفان ڪا درخواست داخل ٿئي، ته هُو سامائجي ويو آهي، ته هُن کي گهرجي ته پنهنجو رايو هن حُڪم ۾ ڄاڻايل طريقي موجب لکي. ته هو مقدمي يا درخواست جي پيروي ۾ پاڻ رُڌل هوندو يا نه.

(2) جيڪڏهن هُو پيروي ۾ رُڌل رهڻ پسند ڪري، ته مٿس لازم آهي، ته انهيءَ دوست جي هٽائڻ ۽ پنهنجي نالي سان پيروي ڪرڻ جو حُڪم وٺي.

(3) هن دعوي يا درخواست ۾ پوءِ، ڌُرين جي دعوائن ۾ سُڌارو ايئن ڪيو ويندو:-

" A.B. اڳوڻو نابالغ، پنهنجي دوست .C.D طرفان، پر هاڻي سامائجي ويو آهي."

(4) جيڪڏهن هو دعوي يا درخواست تان هٿ ڪڍڻ پسند ڪري، ته مٿس لازم آهي، ته جيڪڏهن دعويدار پاڻُ اڪيلو يا درخواست ڏيندڙ پاڻُ اڪيلو هجي، ته دعوي يا درخواست خارج ڪرڻ لاءِ حُڪم وٺي ۽ جيڪو خرچ دعوي جي جواب ڏيندڙ يا مخالف ڌُر جو ٿيو هجي، يا جيڪو به خرچ هُن جي دوست ڪيو هجي، سو انهيءَ دعوي يا درخواست ۾ شامل ڪري.

(5) هن حُڪم جي قاعدي موجب هر درخواست هڪڙي پاسي کان داخل ٿي سگهي ٿي. پر دوست کي هٽائڻ لاءِ ڪو حُڪم ۽ نابالغ دعويدار کي پنهنجي نالي سان پيروي ڪرڻ جي اجازت ڏيڻ جو حُڪم، ويجهي دوست ڏانهن اطلاع جاري ڪرڻ کانسواءِ نه ڏنو ويندو.

13. جڏهن نابالغ پائيوار دعويدار، بالغ ٿيڻ کانپوءِ، دعوي کي نامنظور ڪري: (1) جيڪڏهن نابالغ پائيوار دعويدار، بالغ ٿيڻ تي دعوي کي نامنظور ڪرڻ چاهي، ته مٿس لازم آهي، ته دعويدارن جي خاني مان پنهنجو نالو خارج ڪرائڻ جي درخواست ۾ گُذارش ڪري ۽ عدالت تي لازم آهي، ته جيڪڏهن انهيءَ کي مُقدمي جي ڌُر ڪرڻ ضروري نه سمجهي، ته مُقدمي مان ڪيس هن حُڪم موجب اهڙي خرچ ڏيارڻ جي شرطن تي خارج ڪري ڇڏيندي، جيڪي عدالت جي سمجهه ۾ مُناسب هُجن.

(2) انهيءَ درخواست جو اطلاع دوست ۽ پائيوار دعويدار سميت دعوي جي جواب ڏيندڙ کي پڻ ڏنو ويندو.

(3) مٿي ڄاڻايل درخواست جي سمورين ڌُرين ۽ سموري ڪارروائيءَ جو يا ڪن ڪارروائين جو خرچ، جيڪو انهيءَ کان اڳ انهيءَ ۾ دعوي ٿيو هجي، اُنهن شخصن کي ڏيڻو پوندو، جن کي عدالت ڏيڻ جو حُڪم ڏئي.

(4) جيڪڏهن درخواست ڏيندڙ جو پائيوار ٿيڻ ضروري هجي، ته عدالت هدايت ڪري سگهي ٿي، ته انهيءَ کي دعوي جو جواب ڏيندڙ سمجهيو وڃي.

14. نامعقول يا نامناسب دعويٰ: (1) جيڪڏهن ڪو نابالغ، بلوغت تي پهچي، عدالت جي اطمينان لاءِ اهو ثابت ڪري، تہ جيڪا دعويٰ هُن جي نالي سان سندس رفيق داخل ڪئي هئي، سا ڪنهن سبب معقول نہ هئي، يا نامناسب هئي، تہ انهيءَ کي اختيار آهي، تہ جيڪڏهن اُهو دعويدار پاڻُ اڪيلو هجي، تہ انهيءَ دعويٰ کي خارج ڪرائڻ لاءِ درخواست ڏئي.

(2) انهيءَ درخواست جو اُنهن ڌرين جي نالي اطلاع، جن جو لاڳاپو هجي، جاري ڪيو ويندو ۽ جائز آهي، تہ جڏهن عدالت کي انهيءَ دعويٰ جي نامعقول يانامناسب هئڻ جو اطمينان هجي، تہ هُن جي درخواست کي منظور ڪري ۽ حُڪم ڏئي، تہ اُهو رفيق، انهيءَ درخواست جي پيروي بابت اُنهن سمورين ڌرين کي خرچ ڏئي، جيڪو انهيءَ مُقدمي ۾ ڪيو ويو هجي، يا عدالت ڪو مُناسب حُڪم ڏئي سگهي ٿي.

15. سودائي يا ذهني مريض شخص تي قاعدا لاڳو ٿيڻ: (1) قاعدي 14 جا قاعدا، جيستائين لاڳاپيل ٿي سگهن، اُنهن شخصن سان بہ لاڳاپيل هوندا، جن کي ذهني مريض ڪوٺيو ويجي، گڏوگڏ اُنهن تي جن کي ذهني مريض نہ ڪوٺيو ويجي، پر عدالت جي تحقيق ڪانپوءِ اُنهن کي سندن ذهني مرض يا دماغي ڪمزوريءَ جي ڪجهہ سببن تحت پنهنجي بچاءَ جي قابل نہ ڄاتو ويجي، جڏهن اُهي دعويٰ داخل ڪن يا مٿن دعويٰ داخل ڪئي ويجي.

16. شهزادن ۽ سردارن لاءِ ڇوٽ: انهيءَ حُڪم ۾ ڪابہ ڳالهہ خودمختيار شهزادي يا حُڪمران سردار تي لاڳو نہ ٿيندي، جنهن مُقدمو داخل ڪيو هُجي يا مٿس رياست جي نالي ۾ مُقدمو داخل ڪيو ويجي، يا [78][وفاقي حڪومت] [79][***]، يا صوبائي حڪومت] جي هدايت تي سندس ڪنهن گُماشتي جي نالي ۾ يا ڪنهن ٻئي نالي ۾ مُقدمو داخل ڪيو ويجي، يا ڪنهن حالت ۾ تعبير ڪيو ويندو تہ تنهن وقت ڪنهن اهڙي لاڳو مقامي قانون جي شرطن ضابطن سان سندس استحقاق مجروح ٿيندو يا بدنامي جو ڪو اثر ٿيندو جيڪي ننڍڙي ٻارڙي طرفان يا خلاف يا ڇرئي خلاف يا سودائي ذهن جي مريض شخصن سان لاڳاپيل قانون هجن.

عدالتي حُڪم -XXXIII

ڪنگالن طرفان دعوائون

1. ڪنگالَ دعويٰ داخل ڪري سگهن ٿا: (1) هيٺ ڄاڻايل حُڪمن جي پابنديءَ تحت ڪنگالن طرفان دعويٰ داخل ٿي سگهي ٿي.

وضاحت: انهيءَ شخص کي ڪنگال سڏيو ويندو جنهن جي ايتري سگهہ نہ هجي، جو هُو مُقدمي جي دعويٰ جي درخواست جي فيس ڏيئي سگهي، جيڪا قانون ۾ مُقرر هجي، يا جنهن حالت ۾ دعويٰ جي درخواست لاءِ ڪا فيس مُقرر نہ هجي، تڏهن هُو پنهنجي ضروري ڪپڙن ۽ مُقدمي ۾ دعويٰ ڪيل شيءِ جي ڪنهن ٻيءَ ملڪيت کانسواءِ، [80][هڪ هزار] رپيا ماليت جي ملڪيت جو حقدار نہ هجي.

---

[78] 1937ع جي آرڊيننس تحت "گورنر جنرل ان ڪائونسل" ۾ تبديلي ٿي. جڏهن تہ 1975ع جي صدارتي حُڪم IV تحت "وفاق" ۾ تبديلي ٿي.

[79] 1949ع جي قانوني حُڪم تحت لفظ "يا ڪرائون جي نمائندگي، خارج ٿيا.

[80] 1872ع جي آرڊيننس XII تحت لفظن "هڪ سو" ۾ ڦيرڦار ٿي.

مُجوزه ڊرافٽ جي ترميم:

نوٽيفڪيشن نمبر 338/ رولز XI-Y-26، تاريخ 20 آڪٽوبر 2001ع، گزيٽ آف پاڪستان، غيرمعمولي، 22 آڪٽوبر 2001ع، صفحو 1403:

(i) قانوني حُڪم XXXIII- جي قاعدي 1 ۾، قاعدي 1 هيٺ وضاحت ۾، لفظن "هڪ هزار" لاءِ لفظن "پنجويهه هزار رپين" جي ترميم ٿيندي.

2. درخواست جو مضمون: ڏيوالپڻي جي دعويٰ لاءِ اجازت جي درخواست ۾ اُهو لکيل هئڻ گهرجي، جيڪو دعويٰ جي درخواست ۾ لکڻ گهربل هجي ۽ درخواست ڏيندڙ جي سموري مُنتقل ٿيندڙ يا غيرمُنتقل ملڪيت جي اندازي ۾ ماليت جو تفصيل درخواست سان گڏ لڳل هوندو ۽ درخواست جي هيٺان صحيح ۽ لکيل درخواست جي تصديق ايئن ڪئي ويندي، جهڙيءَ طرح دعويٰ جي درخواست جي هيٺ صحيح ۽ لکيل مواد جي تصديق لکڻ جو حُڪم ٿي چُڪو هُجي.

3. درخواست جي پيشي: جيتوڻيڪ اُنهن قاعدن ۾ ڪو ٻيو حُڪم هجي، تہ درخواست ڪندڙ مٿي ڄاڻايل درخواست کي ذاتي طور عدالت ۾ پيش ڪندو. انهيءَ حالت ڪانسواءِ، تہ هُن کي عدالت ۾ حاضر ٿيڻ جي معافي هجي، تہ اهڙيءَ حالت ۾ درخواست اهڙي نمائندي جي معرفت پيش ٿي سگهي ٿي، جنهن کي ضابطي موجب اختيار هجي ۽ هر ضروري سُوال جو جواب ڏئي سگهندو هجي، جيڪو درخواست سان لاڳاپيل هجي، ۽ جيڪو ايئن شاهديءَ ڏيڻ جو حقدار ٿيندو جيئن اُهو شخص، جنهن جو هو مُختيار هجي، سو عدالت ۾ ذاتي طور حاضر ٿيڻ جي حالت ۾ شاهديءَ ڏيڻ جي لائق هجي.

4. درخواست جو جائزو: (1) جيڪڏهن درخواست مُناسب طريقي تي لکيل ۽ ضابطي موجب پيش ڪئي وڃي، تہ عدالت، درخواست ڏيندڙ جي درخواست جو جائزو يا سندس نمائندي جو بيانُ وٺندي، جڏهن ڪيس مُختيار طور دعويٰ جي اهليت ۽ درخواست ڏيندڙ جي ملڪيت بابت پيش ٿيڻ جي اجازت هجي.

(2) جيڪڏهن درخواست نمائندي ذريعي پيش ڪئي وڃي، تہ عدالت درخواست ڏيندڙ جي شاهدي، ڪميشن ذريعي وٺڻ جو حُڪم ڏئي سگهي ٿي: جيڪڏهن درخواست ڪندڙ مُختيار ذريعي درخواست داخل ڪري، تہ عدالت جيڪڏهن مُناسب سمجهي، تہ حُڪم ڏئي سگهي ٿي، تہ درخواست ڏيندڙ جي شاهدي ڪميشن ذريعي ايئن ورتي وڃي، جيئن غيرحاضر شاهد جي شاهدي وٺي سگهجي ٿي.

5. درخواست جي نامنظوري: عدالت ڏيوالپڻي طور انهيءَ دعويٰ جي اجازت لاءِ درخواست کي نامنظور ڪندي:-

(a) جيڪڏهن اُها قاعدن 2 ۽ 3 تحت مُقرر طريقي موجب پيش نہ ڪئي وڃي؛

(b) جيڪڏهن درخواست ڏيندڙ ڪنگال نہ هجي؛ يا

(c) جيڪڏهن درخواست ڏيندڙ درخواست داخل ڪرڻ کان اڳ ٻن مهينن اندر، ملڪيت کي اٽڪل يا انهيءَ نيت سان تہ هُو انهيءَ قابل ٿي وڃي، جو ڪنگال طور دعويٰ داخل ڪري سگهي، مُنتقل ڪيو هجي؛ يا

(d) جيڪڏهن هُن جي درخواست سان ڪنهن عمل جو سبب [يا جتي ڪا دعويٰ درخواست ۾ ڏنل قانون پٽاندر گهٽي عرصي جي پانئجي]، نہ ڏنو وڃي؛ يا

(e) جيڪڏهن هُن جي نيت انهيءَ دعويٰ جي جواب ڏيندڙ جي شيءِ، جنهن جي اجازت گهربل هُجي، ڪو اهڙو قول واعدو ڪيو هجي، جنهن پٽاندر ڪنهن ٻئي شخص کي مٿي ڄاڻايل شيءِ ۾ چاهه پيدا ٿي ويو هجي.

6. درخواست ڏيندڙ جي ڪنگلائپ جي ثبوت لاءِ دعوي جي تاريخ مُقرر ڪرڻ: جيڪڏهن عدالت جي نظر ۾، مٿي ڄاڻايل قاعدي جي سمورن ڪارڻن تحت سُوال جي نامنظوريءَ جو ڪو سبب نہ ڏنو وڃي، تہ مٿس لازم آهي، تہ هڪڙي تاريخ، جنهن جو اطلاع گهٽ ۾ گهٽ ڏهہ ڏينهن اڳ ٻيءَ ڌر ۽ سرڪاري وڪيل کي انهي شاهديءَ کي وٺڻ لاءِ ڏيئي، جو درخواست ڪندڙ پنهنجي ڪنگلائپ جو ثبوت ڏيئي سگهي ۽ شاهدي وٺڻ لاءِ، جيڪا درخواست ڏيندڙ پنهنجي ڪنگلائپ جي ثبوت ۾ داخل ڪري سگهي ۽ انهيءَ شاهديءَ کي وٺڻ لاءِ، جيڪا درخواست ڏيندڙ جي ڪنگلائپ خلاف ڏني وڃي، تہ ڪا تاريخ مُقرر ڪري.

7. ٻُڌڻيءَ وقت طريقيڪار: (1) ايئن مُقرر ڪيل تاريخ يا انهيءَ کان پوءِ جيترو تڪڙو موزون هجي، عدالت درخواست ڏيندڙ يا سندس نمائندي جي وڏيڪ جاچ ۽ آڏي پُڇا ڪندي ۽ مخالف ڌُر پڻ جاچ ۽ آڏي پُڇا ڪندي ۽ سندن شاهديءَ جو تَتُ ناهيندي.

(2) عدالت ڪنهن دليل کي پڻ ٻُڌندي، جنهن کي ڌُريون ڪنهن ويچار جوڳي مامري تي پيش ڪرڻ جي خواهش ڏيکارين، پوءِ پلي اُهو درخواست ۾ ۽ ڪنهن حلفيہ بيانَ (جيڪڏهن ڪو هجي) ۾ لکيل هجي يا نہ، جنهن کي پوءِ ڄاڻايل شرط تحت عدالت طرفان ورتو وڃي، تہ درخواست ڪندڙ قاعدي نمبر 5 ۾ واضح ڪيل ڪنهن منعنامي هيٺ اچي ٿو يا نٿو اچي.

(3) پوءِ عدالت، درخواست ڏيندڙ کي ڪنگلائپ طور دعوي داخل ڪرڻ جي اجازت ڏيندي يا نہ ڏيندي

مُجوزه ڊرافٽ جي ترميم:

نوٽيفڪيشن نمبر 338/ رولز XI-Y-26، تاريخ 20 آڪٽوبر 2001ع، گزيٽ آف پاڪستان، غير معمولي، 22 آڪٽوبر 2001ع، صفحو 1403:

[(a) ذيلي قاعدي (1) ۾ هيٺئين ريت ڦيرڦار ڪئي وئي، خاص ڪري:-

"(1) انهيءَ ڏينهن تي، جيئن مُقرر ڪيو وڃي، يا ايترو تڪڙو جيئن انهيءَ کانپوءِ سهوليت وارو ٿي سگهي، عدالت وڌيڪ شاهدي وٺندي ۽ درخواست ڏيندڙ يا سندس نمائندي کان آڏي پُڇا ڪندي ۽ مُخالف ڌر کان پڻ شاهدي وٺندي ۽ آڏي پُڇا ڪندي ۽ سندن شاهديءَ جي تَتُ جو يادداشت نامو ناهيندي."]

[(b) ذيلي قاعدي (2) ۾ لفظن "شاهدي (جيڪڏهن ڪا هُجي) عدالت طرفان ورتي ويندي، جيئن هِتي پوءِ شرط وڌو وڃي" جي جاءِ تي لفظن "حلفيہ بيان (جيڪڏهن ڪو هُجي) عدالت ۾ داخل ڪيو وڃي" تحت ڦيرڦار ڪئي ويندي.]

8. طريقيڪار جيڪڏهن درخواست کي منظور ڪيو وڃي: جيڪڏهن درخواست کي منظور ڪيو وڃي، تہ متس نمبر لکيو ويندو ۽ رجسٽر ۾ داخل ڪيو ويندو ۽ مُقدمي ۾ دعويٰ جي درخواست جيان سمجهيو ويندو ۽ مُقدمي جي ڪارروائي، مجموعي سببن تحت ايئن جاري رهندي، جيئن مُقدمي جي عام ڪارروائي هلائي وڃي ٿي، انهيءَ ڳالهہ ڪانسواءِ، تہ دعويدار، ڪنهن پٽيشن، ڪنهن وڪيل جي مُقرريءَ يا مُقدمي سان لاڳاپيل ٻين ڪارروائين يا عدالت جي ڪنهن عدالتي فيس ڏيڻ جو پابند نہ هوندو (انهي فيس ڪانسواءِ، جيڪا سَمن جي تعميل لاءِ ڏيڻ جوڳي هُجي).

9. ڪنگلائپ جو رَدُ ٿيڻ: عدالت کي اختيار آهي، تہ دعويٰ جي جواب ڏيندڙ يا سرڪاري وڪيل جي درخواست تي، جنهن جو لکت ۾ اطلاع دعويدار کي هڪ هفتواڳ ڏنو ويو هجي، دعويدار جي ڪنگلائپ کي رَدُ ڪرڻ جو حُڪم ڏئي:-

(a) جيڪڏهن هُو مُقدمي دوران ستائڻ، اينگهائڻ يا نامُناسب طريقي جو ڏوهاري هجي، يا

(b) جيڪڏهن اِهو ظاهر ٿئي، تہ هُن وٽ اهڙا وسيلا آهن، جو سندس ڪنگلائپ جي دعويٰ جو قائم رهڻ مُناسب نہ آهي، يا

(c) جيڪڏهن هُن انهيءَ حُڪمنامي تحت مُقدمي جي تڪراري شيءِ جو ڪو اهڙو ناهہ ڪيو هجي، جنهن پٽاندر ڪنهن ٻئي شخص انهيءَ تڪراري شيءِ ۾ ڪو حق ماڻيو هجي.

10. خرچ، جڏهن ڪنگلو سوپارو ٿيو هجي: جيڪڏهن دعويدار مُقدمي ۾ سوپارو ٿيو هجي، تہ عدالت تي لازم آهي، تہ اُها عدالتي فيس جو تخمينو لڳائي، جيڪو دعويدار طرفان ڏنو وڃي ها، جيڪڏهن هُن کي ڏيوالپڻي طور دعويٰ داخل ڪرڻ جي اجازت نہ ملي ها: اهڙي رقم[81] [صوبائي حڪومت] طرفان ڪنهن بہ ڌُر کان وصول ٿيڻ جوڳي هوندي، جنهن جو ڊِڪريءَ ذريعي حُڪم ڏنو وڃي، تہ اوتري رقم ڏني وڃي ۽ اُها مُقدمي جي تڪراري مامري تي اوائلي خرچ طور هوندي.

11. طريقيڪار، جڏهن دعويدار ناڪام ٿئي: جيڪڏهن دعويدار مُقدمي ۾ سوپارو نہ ٿئي يا انهيءَ جي ڪنگلائپ جي دعويٰ کي رَدُ ڪيو وڃي يا جيڪڏهن ڪيس مُقدمي ۾ دعويٰ داخل ڪرڻ کان روڪيو وڃي، يا مُقدمو واپس ورتو وڃي يا خارج ٿي وڃي:-

(a) حاڪاڻ حاضريءَ ۽ جواب ڏيڻ واسطي سَمن، دعويٰ جي جواب ڏيندڙ کي تعميل نہ ٿيو هجي، انهيءَ سبب تہ دعويدار عدالت جي فيس يا ٽپال جو محصول (جيڪڏهن ڪجهہ هجي) جيڪو ڏيڻ جوڳو هو سو نہ ڏنو هو، يا

(b) انهيءَ سبب تہ دعويدار ٻُڌڻيءَ تي وقتائتو حاضر نہ ٿيو هجي،

تہ عدالت، دعويدار يا ڪنهن ٻئي شخص کي اِهو حُڪم ڏيندي، جيڪو مُقدمي ۾ دعويدار جو پائيوار ٿيو هجي، تہ اُهو ايتري عدالت جي فيس جمع ڪرائي، جيڪا دعويدار کي دعويٰ داخل ڪرڻ جي اجازت نہ ملڻ جي حالت ۾ ڏيڻ واجب هئي.

---

[81] 1937ع جي قانوني حُڪم سان لفظ "حڪومت" ۾ ڦير ڦار ٿي.

[82][A-11. طريقيڪار جڏهن گنگلائپ جي مُقدمي جي ڪارروائيءَ کي روڪيو وڃي: جيڪڏهن دعوي دعويدار جي فوت ٿيڻ سبب يا ڪنهن شخص کي دعويدار جي پائيوار طور شريڪ ٿيڻ سان بيهي وڃي، تہ عدالت حُڪم ڏيندي، تہ عدالتي فيس جي رقم، جيڪا دعويدار کي ڏيڻي هئي، جيڪڏهن انهيءَ کي گنگلائپ جي دعوي داخل ڪرڻ جي اجازت نہ ڏني وئي هجي، تہ صوبائي حڪومت، فوتي دعويدار جي ملڪيت مان وٺندي.]

12. صوبائي حڪومت طرفان عدالتي فيس جي ادائيگيءَ لاءِ درخواست: [83][صوبائي حڪومت] کي حق مليل آهي، تہ ڪنهن بہ وقت عدالت کي درخواست ڏئي، تہ عدالتي فيس ڏيڻ لاءِ قاعدي 10 يا [84][11 يا A-11] موجب حُڪم جاري ڪيو وڃي.

13. صوبائي حڪومت کي مُقدمي جي ڌُر سمجهيو ويندو: جيڪي سمورا مامرا قاعدي 10، [85][قاعدي A-11] يا 12 موجب [86][صوبائي حڪومت] يا ڪنهن ڌُر جي وچ ۾ پيدا ٿيا هجن، تن کي قلم 47 جي مقصد خاطر، ڌُرين جي وچ ۾ سمجهيو ويندو.

[87][14. عدالتي فيس جي رقم جي وصولي: جڏهن ڪو حُڪم قاعدي نمبر 10 يا قاعدي 11 موجب جاري ڪيو وڃي، تہ عدالت ترت انهيءَ ڊِڪريءَ جو نقل ڪليڪٽر کي موڪليندي، جيڪو ڪنهن ٻئي طريقي موجب وصوليءَ جي تعصب بغير عدالتي فيس جي رقم، جيڪا انهيءَ ۾ مقرر ڪئي وئي هجي، ڪنهن ٻئي قابل شخص يا انهيءَ جي ملڪيت مان بقايا طور محصول وٺندو.]

15. گنگلائپ جي دعوي جي نامنظوريءَ کانپوءِ ساڳيءَ مقصد جي ٻيءَ درخواست جي اجازت ڏيڻ کان انڪار: جيڪڏهن ڪنهن درخواست ڪندڙ جي درخواست تي، گنگلائپ جي دعوي داخل ڪرڻ جي اجازت ڏيڻ بابت نامنظوريءَ جو حُڪم جاري ٿيو هجي، تہ هُن جي انهيءَ کان پوءِ هر درخواست، جيڪا انهيءَ قسم جي هجي، انهيءَ دعوي جي حق کانپوءِ داخل ٿيڻ جوڳي نہ هوندي، پر درخواست ڪندڙ کي اختيار هوندو، تہ عام دعوي جي مٿي ڄاڻايل عام حق جي طريقي موجب، دعوي داخل ڪري، پر شرط هيءَ آهي، تہ جيڪڏهن گنگلي هئڻ جي دعوي جي اجازت واريءَ درخواست کي نامنظور ڪرڻ ۾ ڪجهہ خرچ [88][صوبائي حڪومت] يا ٻيءَ ڌُر تي لاڳو ٿيو هجي، تہ پهرئين اُهو ڏنو وڃي.

16. خرچ: انهيءَ درخواست جو خرچ، جنهن ۾ گنگلائپ جي دعوي داخل ڪرڻ جي اجازت گهري وڃي، ۽ گنگلائپ جي تحقيق جو خرچ، درخواست ڪندڙ جي مُقدمي جي خرچ ۾ شامل ڪيو ويندو.

---

[82] سِول پروسيجر ڪوڊ (ٻي ترميم) ائڪٽ 1942ع (1942ع جو XXIV)، قلم 2 تحت قاعدو A-11 شامل ٿيو.

[83] 1937ع جي قانوني حُڪم سان لفظ "حڪومت" ۾ ڦيرڦار ٿي.

[84] سِول پروسيجر ڪوڊ (ٻي ترميم) ائڪٽ 1942ع (1942ع جو XXIV)، قلم 2 تحت لفظن ۽ انگن "يا قاعدي 11" ۾ ڦيرڦار ٿي.

[85] 1937ع جي قانوني حُڪم سان لفظ "حڪومت" ۾ ڦيرڦار ٿي.

[86] سِول پروسيجر ڪوڊ (ٻي ترميم) ائڪٽ 1942ع (1942ع جو XXIV)، قلم 2 تحت لفظ ۽ انگ "يا قاعدي 11" شامل ٿيا.

[87] سِول پروسيجر ڪوڊ (ٻي ترميم) ائڪٽ 1942ع (1942ع جو XXIV)، قلم 2 تحت اصلي قاعدي 14 ۾ ڦيرڦار ٿي.

[88] 1937ع جي قانوني حُڪم سان لفظ "حڪومت" ۾ ڦيرڦار ٿي.

عدالتي حُڪم -XXXIV

غير مُتحرڪ ملڪيت ڪي گِروي رکڻ بابت مُقدما

1. گِروي رکڻ، نيلاميءَ ۽ گِرويءَ مان ڇوٽڪاري لاءِ مُقدما داخل ڪندڙ ڌريون: هن ڪوڊ جي مٿي ڄاڻايل شرطن کي سامهون رکندي، اُهي سمورا شخص، جن جو ڀلي انهيءَ ملڪيت سان ناتو هجي، جنهن بابت گِرويءَ جو مامرو ٿيو هجي يا گِرويءَ ڇڏائڻ سان لاڳاپيل هجي، تہ کن هر انهيءَ دعوي ۾ ڌُر بنايو ويندو جيڪا مٿي ڄاڻايل زمين بابت داخل ڪئي ويندي.

وضاحت: پوءِ گِروي رکندڙ کي اختيار آهي، تہ گِروي ۾ رکيل ملڪيت جي نيلامي، اڳوٽي گِروي رکندڙ کي ڌُر بنائڻ کانسواءِ دعوي د اخل ڪري ۽ اڳ ۾ گِروي رکيل ملڪيت ڇڏائڻ لاءِ دعوي داخل ڪرڻ بغير، ملڪيت کي گِروي رکندڙن کي ڌُر بنائڻ جي گهرج نہ آهي.

[89][2. گِروي ۾ رکيل ملڪيت جي نيلاميءَ لاءِ داخل دعوي ۾ اصلي ڊِڪري وٺڻ: جنهن دعوي ۾ گِروي ۾ رکيل ملڪيت جي نيلاميءَ جي دعوي هجي، جيڪڏهن دعويدار سوڀارو ٿي وڃي، تہ عدالت اصلي ڊِڪري انهيءَ حُڪم سان جاري ڪندي تہ:-

(a) انهيءَ تاريخ تائين، جيڪا هيٺ ڄاڻايل هجي، دعويدار کي گِروي رکڻ ڀٽاندر:-

(i) اصل وياج بابت؛

(ii) مُقدمي جو خرچ (جيڪڏهن ڪجهہ خرچ انهيءَ کي ڏياريو ويو هجي) جيترو ملڻو هجي، تنهن جو حساب ورتو وڃي؛ ۽

(iii) ٻيا خرچ وغيره، جيڪي هُن حق موجب ڪيا هُجن، انهيءَ تاريخ تائين گِروي جي ضمانت بابت، انهيءَ ۾ خرچ جو وياج بہ شامل ڪيو وڃي؛ ۽

(b) جيڪو بہ اصل توڙي وياج ۽ خرچ جي تاريخ ڊِڪريءَ تائين دعويدار کي ملڻو هجي، عدالت طرفان جاري ٿيل ڊِڪري ۾ ظاهر ڪيو ويندو؛

(c) ۽ انهيءَ ۾ اهو حُڪم شامل ڪندي تہ:

(i) جيئن تہ جيڪڏهن دعوي جو جواب ڏيندڙ انهيءَ تاريخ تي عدالت ۾ اُها رقم ڏئي ڇڏي، جيڪا مٿس واجب ظاهر ٿي هجي، تہ انهيءَ تاريخ يا انهيءَ کان اڳ جي تاريخ، جنهن کي عدالت مُقرر ڪندي، جي ڇهن مهينن ۾ انهيءَ تاريخ کان، جڏهن عدالت تصديق ڪئي هجي ۽ انهيءَ جي حساب تي ٻنهنجي صحيح ڪئي هجي، تہ (a) فقري تحت يا انهيءَ تاريخ کان جڏهن انهيءَ رقم جو فقري (b) تحت عدالت طرفان اعلان ٿيو هجي، جيئن بہ حالت هجي ۽ انهيءَ کان پوءِ اُها لکي رقم ڏئي، انهيءَ جي ذمي خرچ کانسواءِ ڪا ٻي خرچ ڪيل ڪا رقم رَهتُ هجي، تہ جيئن قاعدي 11 ۾ حُڪم ڏنو ويو هجي، تہ

---

[89] ملڪيت جي تبديلي (ترميمي) اعزازي ائڪٽ 1929ع (1929ع جو XXI)، قلم 4 تحت قاعدن 2 کان 8 ۾ اصلي قاعدن لاءِ ڦير ڦار ٿي.

دعويدار تي لازم آهي، تہ گِروي رکيل ملڪيت سان لاڳاپيل سمورا دستاويز جيڪي سندس قبضي يا اختيارَ ۾ هجن، دعويٰ جي جواب ڏيندڙ کي يا انهيءَ شخص کي سونپيندو جيڪو سندس طرفان مُقرر هجي، ۽ گِروي رکيل ملڪيت کي آزاد ۽ گِروي ڇڏائڻ ۽ سمورين دعوائن مان، جيڪي دعويدار يا ڪنهن ٻئي شخص، يا جيڪو هُن طرفان دعويدار هجي، انهيءَ تي قائم ڪيا هجن يا جيڪڏهن دعويدار اُنهن ماڻهن ذريعي دعويدار هجي، تہ اُنهن مطالبن کان آجو ۽ آزاد دعويٰ جي جواب ڏيندڙ جي نالي مُنتقل ڪري، جيڪي اُنهن ماڻهن مٿس قائم ڪيا هُجن، ۽ جيڪڏهن گهرج هجي، تہ دعويٰ جي جواب ڏيندڙ کي ملڪيت جو قبضو ڏئي؛ ۽

(ii) جيئن تہ جيڪڏهن انهيءَ رقم جي ادائيگي جيڪا (رقم) اصلي ڊِڪريءَ موجب واجب ڪونہ ٿي هجي يا جنهن جو اعلان ڪيو ويو هجي، انهيءَ تاريخ تي نہ ڏني وڃي، تہ انهيءَ تاريخ کان اڳ، جنهن تي مُقدمو داخل ڪيو ويو هجي يا دعويٰ جو جواب ڏيندڙ انهيءَ عرصي ۾ ڏيڻ کان لاچار رهي، جنهن کي عدالت مُقرر ڪندي، تڏهن وياج ۽ ٻين خرچن سان لاڳاپيل اُها رقم، جنهن کي واجب ڪونيو ويندو تہ دعويدار کي حق هوندو تہ حتمي ڊِڪريءَ لاءِ درخواست ڏئي، تہ دعويٰ جي جواب ڏيندڙ کي مٿي ڄاڻايل ملڪيت جي سمورن نيلام ٿيندڙ حقن کان آجو ڪونيو وڃي.

(2) عدالت کي اختيار آهي، تہ معقول سببن آڌار شرطن جي اعلان تي، جنهن جو نبيرو عدالت ڪندي، مختلف وقتن تي ڪنهن بہ مهل قطعي ڊِڪري ڏيڻ کان اڳ، انهيءَ عرصي ۾ واڌ ڪري، جيڪو ذيلي قاعدي (1) تحت اعلان ڪيل يا ظاهر ڪيل رقم ڏيڻ لاءِ مُقرر ٿيو هجي، يا مقرر ڪيل رقم (ڏيڻ جو عرصو) جي دعويٰ تي آيل خرچن ۽ وياج سان لاڳاپيل ڪونيو ويو هجي.

(3) جڏهن گِروي رکيل ملڪيت جي نيلاميءَ جي دعويٰ ڪندڙ يا اُهو شخص، جنهن کي منجهانئس حق حاصل رهيو هجي يا ملڪيت ۾ پنهنجي حقن کي گِروي رکي چُڪو هجي، تہ اهڙي گِروي رکيل ملڪيت جون ڏُريون ڀائيوار هجن، تہ اصلي ڊِڪري اُنهن دعويٰ ڪندڙ ڏُرين کي اهڙي طريقي تي ترتيبوار ذميدارين ۽ حقن جي انهيءَ فيصلي جو حق ڏياريندي، جيئن ضميمي D جي فارم 9 يا فارم 10 ۾ مقرر ڪيا ويا آهن، جيئن بہ حالت هجي، اهڙين تبديلين سان گڏ، جيئن مُقدمي جي حالتن جي گهر هجي.

3. گِروي رکيل ملڪيت جي نيلاميءَ جي حَتمي ڊِڪري: (1) جڏهن قطعي ڊِڪري ڏيڻ کان اڳ، جيڪا دعويٰ جي جواب ڏيندڙ کي گِروي رکيل ملڪيت جي نيلاميءَ واري حق کان روڪي ڇڏي، تہ دعويٰ جو جواب ڏيندڙ سموري رَهت رقم، قاعدي 2 جي ذيلي قاعدي (1) تحت عدالت ۾ ڏئي ڇڏي، تہ عدالت تي لازم آهي، تہ دعويٰ جي جواب ڏيندڙ جي درخواست داخل ٿيڻ تي انهيءَ سلسلي ۾ قطعي ڊِڪري جاري ڪري:-

(a) دعويدار کي حُڪم ڏئي، تہ اهڙا سمورا دستاويز، دعويٰ جي جواب ڏيندڙ کي سونپي، جيڪي اصلي ڊِڪريءَ ۾ ڄاڻايل پٽاندر ڪيس سونپڻ گهرجن؛ ۽

(b) متي ڄاڻايل ڊِڪريءَ جي مضمون موجب، گِروي رکيل ملڪيت کي دعويٰ جي جواب ڏيندڙ کي سونپڻ جو اهڙو حُڪم ڏنو وڃي، تہ دعويٰ جي جواب ڏيندڙ جي خرچ تي کيس سونپي؛

(c) هُن کي حُڪم ڏنو وڃي، تہ اُهو ملڪيت کي دعويٰ جي جواب ڏيندڙ جي تحويل ۾ ڏئي.

(2) جيڪڏهن ادائيگي وقتائتي نہ ڪئي وڃي، تہ دعويدار طرفان درخواست داخل ڪرڻ تي، عدالت ڊِڪري جاري ڪندي، تہ گِروي رکيل ملڪيت کي ڇڏائڻ جي دعويٰ جي جواب ڏيندڙن ۽ سمورن شخصن جو حق ختم ٿي ويو آهي، جيڪي انهيءَ ذريعي سان گِروي رکيل ملڪيت ۾ دعويدار هجن، گڏوگڏ جيڪڏهن گهرج هجي، تہ دعويٰ جي جواب ڏيندڙ کي حُڪم ڏيندي، تہ دعويدار کي ملڪيت جو قبضو ڏياري.

(3) جڏهن ڊِڪري ذيلي قاعدي (2) تحت جاري ٿئي، تہ سمجهيو ويندو، تہ اُهو قرض چُڪتو ٿي ويو آهي، جنهن لاءِ ملڪيت کي گِروي رکيو ويو هو.

4. ملڪيت جي نيلاميءَ لاءِ دعويٰ ۾ اصلي ڊِڪري: (1) جيڪڏهن دعويٰ ملڪيت جي نيلاميءَ لاءِ داخل ڪئي وڃي ۽ دعويدار سوڀارو ٿي وڃي، تہ عدالت تي لازم آهي، تہ ڊِڪري انهيءَ مضمون سان جاري ڪندي، جيڪو قاعدي 2 جي ذيلي قاعدي (1) جي فقري (a)، (b) ۽ (c) ۾ ڄاڻايل آهي، ۽ انهيءَ ۾ اهو حُڪم بہ شامل هوندو، تہ قرض جي رقم نہ ڏيڻ جي حالت ۾، متي ڄاڻايل قاعدي موجب، دعويٰ جي جواب ڏيندڙ جي گِروي رکيل ملڪيت کي يا انهيءَ جي ڪجهہ حصي کي نيلام ڪيو وڃي ۽ عدالت جو خرچ (نيلاميءَ ۾ آيل خرچ ڪٽڻ کانپوءِ) عدالت ۾ جمع ٿئي، منجهانئس جنهن رقم کي دعويدار کي ڏيڻ واجب سمجهيو ويو هجي، سا خرچ ۽ وياج سميت ڏني وڃي ۽ جيڪا باقي رهي (جيڪڏهن ڪجهہ باقي رهي)، تہ اُهو دعويٰ جي جواب ڏيندڙن يا اُنهن ماڻهن کي ڏني وڃي، جيڪي انهيءَ کي وٺڻ جا حقدار هجن.

(2) عدالت کي اختيار آهي، تہ معقول سببن آڌار ۽ اُنهن شرطن تي، جن جو نبيرو عدالت ڪندي، مختلف وقتن تي ڪنهن بہ وقت قطعي ڊِڪري ڏيڻ کان اڳ، انهيءَ عرصي ۾ واڌ آڻي، جيڪو ظاهر ڪيل يا پتو پيل رقم جي ڏيڻ جي ذيلي قاعدي (1) تحت مقرر ٿيو هجي، يا انهيءَ رقم جي (ادائيگي جو وقت) جنهن کي دعويٰ تي آيل خارج ۽ وياج جي خرچن سان لاڳاپيل ڪوٺيو ويو هجي.

(3) گِروي رکيل ملڪيت جي نيلاميءَ جي ڊِڪري جاري ڪرڻ جو اختيار: گِروي رکيل ملڪيت جي نيلاميءَ ۾، قاعدي خلاف گِرويءَ جي صورت ۾، جيڪڏهن دعويدار سوڀارو ٿي وڃي، تہ عدالت مُقدمي جي ڌُر يا ڪنهن ٻئي شخص کي، جيڪو گِرويءَ جي ضمانت ۾ ڪو ناتو رکندو هجي يا گِروي رکيل ملڪيت جي نيلاميءَ ۾ حق رکندو هجي، تنهن جي درخواست تي اهڙي قسم جي هڪڙي ڊِڪري اهڙين شرطن تي جاري ڪندي (جيڪا گِروي رکيل ملڪيت جي نيلاميءَ جي ڊِڪريءَ کان ڌار هوندي)، جنهن کي عدالت مُناسب سمجهي، تہ عدالت ۾ نيلاميءَ تي آيل خرچ جي مُناسب رقم سميت ۽ شرطن جي تعميل جي پُوراءِ لاءِ جمع ڪرائي سگهندي.

(4) جتي دعويٰ ملڪيت جي نيلاميءَ لاءِ يا گِروي رکيل ملڪيت جي نيلاميءَ هجي، جنهن ۾ نيلاميءَ جو حُڪم ڏنو ويو هجي، ته گِروي رکندڙ يا ٻيا شخص، جن کي حق کان محروم ڪيو ويو هجي، يا اُنهن کي ٻين گِروي رکندڙن جي حقن ۾ جڳھ ڏني ويندي، جن کي مُقدمي جي ڌُر طور شامل ڪيو ويو هجي، ته متي ڄاڻايل قاعدي (1) موجب اصلي ڊِڪري ۾ دعويٰ جي ڌُرين جي حقن ۽ ذميدارين کي انهيءَ طريقي سان نبيرو ويندو، جيڪي ضميمي D جي فارم 9، فارم 10، فارم 11 ۾ مُقرر ڪيا ويا آهن، جيڪا به حالت هجي، ۽ اهڙن اختلافن سان گڏ، جيڪي انهيءَ مُقدمي جا گھرجائو هُجن.

5. ملڪيت جي نيلاميءَ لاءِ قطعي ڊِڪري: (1) جيڪڏهن انهيءَ ڏينهن يا انهيءَ ڏينهن کان اڳ جيڪو ڏينهن مُقرر ڪيو ويو هجي يا ڪنهن وقت تي نيلاميءَ جي انهيءَ قطعي ڊِڪريءَ سان سرچاءِ ۾ جيڪا واڌُ ڪئي وئي هجي، جيڪا ڄاڻايل قاعدي جي ذيلي قاعدي (3) موجب ڊِڪري جاري ٿي هجي، ته دعويٰ جو جواب ڏيندڙ عدالت ۾ اُها سموري رقم، جيڪا متس رَهتُ هجي، قاعدي 4 جي ذيلي قاعدي (1) تحت ڏئي ڇڏي، تڏهن جيڪڏهن دعويٰ جو جواب ڏيندڙ عدالت ۾ قطعي ڊِڪري جاري ڪرڻ جي سلسلي ۾ درخواست داخل ڪري، ته عدالت قطعي ڊِڪريءَ جو فيصلو ڏيندي، يا جيڪڏهن اهڙي ڊِڪري جاري ٿئي، ته ڪو حُڪم:

(a) دعويدار کي حُڪم ڏيندي، ته اهڙا سمورا دستاويز دعويٰ جي جواب ڏيندڙ کي سونپي، جن جو حوالو اصلي ڊِڪريءَ ۾ ڏنو ويو هجي، ۽

(b) هُن کي حُڪم ڏيندي، ته گِروي رکيل ملڪيت کي، ڊِڪريءَ جي مضمون پٽاندر دعويٰ جي جواب ڏيندڙ کي واپس ڪري ڇڏي، ۽

(c) هُن کي حُڪم ڏيندي، ته دعويٰ جي جواب ڏيندڙ کي ملڪيت جو قبضو ڏنو وڃي.

(2) جيڪڏهن ڄاڻايل قاعدي جي ذيلي قاعدي (3) تحت گِروي رکيل ملڪيت يا انهيءَ جي ڪجھ حصي کي جاري ڪيل ڊِڪريءَ جي پوئواريءَ ۾ نيلام ڪيو ويو هجي، تڏهن عدالت ڄاڻايل قاعدي جي ذيلي قاعدي (1) تحت ڪو حُڪم نه ڏيندي، جيستائين دعويٰ جو جواب ڏيندڙ انهيءَ رقم کان علاوه، جنهن جو ذڪر ذيلي قاعدي (1) ۾ ڪيو ويو عدالت ۾ خريدار کي ڏيڻ لاءِ ايتري رقم جمع نه ڪرائي، جيڪا خريداريءَ جي قيمت . ي پنج سيڪڙو رقم جيتري هجي، جنهن کي خريدار عدالت ۾ زرخريد طور جمع ڪرايو هجي.

جڏهن اهڙي رقم عدالت ۾ جمع ڪرائي وئي هُجي، ته خريدار پنهنجي طرفان عدالت ۾ جمع ٿيل زرخريد رقم جي ماليت جي ٻيهر واپسيءَ لاءِ حُڪم وٺڻ جو حقدار ٿيندو، جنهن سان گڏ پنج سيڪڙو جيتري ماليت جو حُڪم به شامل هوندو.

(3) جيڪڏهن رقم ذيلي قاعدي (1) موجب نه ڏني وڃي، تڏهن عدالت، دعويدار جي درخواست داخل ٿيڻ تي انهيءَ بابت قطعي ڊِڪري جاري ڪندي، ته گِروي رکيل ملڪيت يا انهيءَ جي ايتري حصي کي نيلام

ڪيو وڃي ۽ خريداريءَ جي رقم بابت اهڙو ئي انداز اختيار ڪيو وڃي، جيئن قاعديءَ جي ذيلي قاعدي (1) ۾ ڄاڻايو ويو هجي.

6. گِروي رکيل ملڪيت ڇڏائڻ جي مُقدمي ۾ گِروي جي رهيل رقم جي وصولي: جڏهن اهڙي نيلام جي خاص خريداريءَ جي رقم انهيءَ جيتري ڏيڻ لاءِ ڪافي نہ هجي، جيڪا دعويدار کي ڏيڻي هجي، تہ جيتري رقم باقي رهي، جيڪڏهن اُها باقي رهيل رقم دعويٰ جي جواب ڏيندڙ کان ٻيءَ طرح سان، انهيءَ ڪانسواءِ تہ گِروي رکيل ملڪيت مان قانوني طور ملي سگهندي هجي، تہ عدالت انهيءَ بابت ڊِڪري جاري ڪري سگهي ٿي.

7. گِروي رکيل ملڪيت ڇڏائڻ جي مُقدمي ۾ اصلي ڊِڪري: (1) گِروي رکيل ملڪيت ڇڏائڻ ۾ جيڪڏهن دعويدار سوڀارو ٿئي، تہ عدالت انهيءَ حُڪم سان اصلي ڊِڪري جاري ڪندي:-

(a) حُڪم ڏيندي، تہ انهيءَ رقم جو حساب ڪيو وڃي، جيڪو اهڙي ڊِڪريءَ جي تاريخ تي دعويٰ جي جواب ڏيندڙ ڏانهن رهيل هجي:-

(i) گِروي رکيل ملڪيت تي اصل مُوڙي ۽ وياج،

(ii) مُقدمي جو خرچ، جيڪڏهن ڪو هجي، جيڪو حُڪم ذريعي مٿس واجب ٿيو هُجي، ۽

(iii) ٻي لاڳت، رقم ۽ خرچ، جيڪي هُن تي انهيءَ تاريخ تائين سندس گِروي رکيل ضمانت سميت اُن تي وياج جي ڏس ۾، مُناسب طور واجب ٿيا هُجن؛ يا

(b) ڊِڪريءَ ذريعي رقم کي پڌرو ڪرڻ، جيڪا انهيءَ تاريخ تائين مُناسب رَهڻُ هُجي؛ ۽

(c) هدايت ڏيندي تہ:-

(i) جيڪڏهن دعويدار عدالت ۾ انهيءَ تاريخ کان، جنهن تاريخ تي عدالت دعويٰ جي جواب ڏيندڙ ڏانهن ڪُل رهيل رقم ڄاڻائي يا پڌري ڪري، تہ ڇهن مهينن ۾ عدالت ۾ جمع ڪري، جنهن تاريخ تي عدالت شِق (a) پٽاندر انهيءَ رهيل رقم جي توثيق ۽ صحيح سان تصديق ڪري، يا انهيءَ تاريخ تي، جنهن تي عدالت شِق (b) تحت رقم جو اعلان ڪيو جيڪا بہ حالت هجي ۽ پوءِ اهڙي رقم ڏئي، جيڪا دعويٰ تي ٿيل خرچ موجب واجب هُجي، جنهن جي قاعدي 10 ۾ وضاحت ڪئي وئي هجي، جنهن سان گڏ اهڙي وياج جي رقم بہ، جنهن جي قاعدي 11 ۾ وضاحت ڪئي وئي هجي، دعويٰ جو جواب ڏيندڙ دعويدار جي حق ۾ ملڪيت کي ٻيهر مُنتقل ڪري، جيڪو گِروي کان آجو هئڻ سميت ٻين سمورن خرچن کان آجو هجي، جيڪي پهرين دعويٰ جي جواب ڏيندڙ قائم ڪيا هجن يا ڪنهن ٻئي انهيءَ جي ماتحت دعويدار، يا جيڪڏهن دعويٰ جو جواب ڏيندڙ ٻين ماڻهن ذريعي دعويدار هجي ۽ گهرج جي شرط موجب دعويدار کي انهيءَ ملڪيت جو قبضو بہ ڏياري؛ ۽

(ii) جيڪڏهن ڄاڻايل يا پڌري ڪيل رقم اهڙي مُقرر تاريخ تي يا انهيءَ کان اڳ نہ ڏني

وجي، يا دعويدار عدالت جي مقرر ڪيل عرصي ۾ ڏيڻ کان لاچار رهي، تہ عدالت دعوي تي آيل خرچ ۽ بين خرچن کي سامهون رکندي، رقم مُقرر ڪندي، پوءِ دعوي جو جواب ڏيندڙ قطعي ڊِڪريءَ لاءِ درخواست ڏيڻ جو حقدار هوندو:-

(a) هڪڙي گِرويءَ جي حالت ۾، جيڪا ڪنهن مُنتقل ٿيڻ جي اختيار کانسواءِ گِروي يا نيلام جوڳي گِروي ۾ رکيل يا سادي گِروي هجي، جنهن کي ڇڏائڻ جو حق، نيلام ڪندڙ وٽ نہ، پر رُڳو شرطن تحت گِروي رکندڙ مالڪ وٽ هجي، جڏهن ملڪيت کي نيلام ڪيو ويندو.

(b) نيلام جوڳي ملڪيت کي گِروي رکڻ يا سادي گِرويءَ جي حالت ۾ جنهن جو ذڪر مٿي ٿيل هجي، دعويدار کي گِروي جي ڇڏائڻ جي سمورن حقن کان محروم ڪيو ويندو.

(2) عدالت معقول سبب جاڻائڻ ۽ اهڙن شرطن تي، جيڪي عدالت مختلف وقتن تي مُقرر ڪري، گِروي رکيل ملڪيت کي ڇڏائڻ جي حق کان محروم ڪرڻ يا نيلام لاءِ، جيڪا بہ حالت هجي، قطعي ڊِڪري جاري ڪرڻ کان اڳ ظاهر ڪيل رقم يا پتو پيل (ذيلي قاعدي (1) تحت) خرچن، يا وياج جي خرچ ڏيڻ کانپوءِ مقرر ڪيل رقم بابت عرصي ۾ واڌ ڪندي.

8. گِروي رکيل ملڪيت کي ڇڏائڻ لاءِ قطعي ڊِڪري: (1) جڏهن دعويدار کي گِروي رکيل ملڪيت کي ڇڏائڻ جي سمورن حقن کان محروم ڪرڻ بابت ڊِڪريءَ جاري ڪرڻ کان اڳ يا نيلاميءَ لاءِ، جيڪا هن ڪوڊ جي ذيلي قاعدي (3) تحت قطعي ڊِڪري پٽاندر واڌاري موجب، دعويدار جي درخواست تي قطعي ڊِڪري جاري ڪندي، يا جيڪڏهن اهڙي ڊِڪري جاري ڪئي وئي هجي، تہ هڪڙو واضح حُڪم جاري ڪندي:-

(a) حُڪم ڏنل هوندو، تہ دعوي جي جواب ڏيندڙ کي اصلي ڊِڪريءَ ۾ مٿي جاڻايل سمورا دستاويز سونپيا وڃن:-

۽ پڻ جيڪڏهن ضروري هجي،

(b) انهيءَ کي حُڪم ڏنو ويندو، تہ دعويدار کي گِروي رکيل ملڪيت تي آيل خرچ، جنهن جي انهيءَ ڊِڪريءَ ۾ هدايت ڪئي وئي هجي، ٻيهر مُنتقل ڪري:-

۽ پڻ جيڪڏهن ضروري هجي،

(c) انهيءَ کي حُڪم ڏنو ويندو، تہ دعويدار کي ملڪيت جو قبضو ڏئي.

(2) جتي گِروي رکيل ملڪيت يا انهيءَ جو ڪو حصو هن قاعدي جي ذيلي قاعدي (3) پٽاندر جاري ڪيل ڊِڪريءَ جي تعميل ۾ نيلام ڪيو وڃي، تہ عدالت انهيءَ قاعدي جي ذيلي قاعدي (1) پٽاندر ڪو حُڪم جاري نہ ڪندي، جيستائين دعويدار قاعدي نمبر (1) ۾ مٿي جاڻايل رقم کان علاوه خريدار کي ڏيڻ لاءِ انهيءَ خريداريءَ جي رقم جو پنج سيڪڙو رقم نہ ڏئي، جيڪا رقم خريدار عدالت ۾ زرخريد طور جمع ڪرائي هجي.

جڏهن اهڙي رقم عدالت ۾ جمع ڪرائي وئي هُجي، ته خريدار پنهنجي طرفان عدالت ۾ جمع ٿيل زرخريد رقم جي ماليت جي ٻيهر واپسيءَ لاءِ حُڪم وٺڻ جو حقدار ٿيندو، جنهن سان گڏ پنج سيڪڙو جيتري ماليت جو حُڪم به شامل هوندو.

(3) جڏهن ذيلي قاعدي 1 پٽاندر رقم کي عدالت ۾ جمع نه ڪرايو ويو هجي، ته انهيءَ ڏس ۾ دعويٰ جي جواب ڏيندڙ جي درخواست تي:-

(a) گِروي رکيل ملڪيت جي نيلامي يا اهڙي گِروي، جيڪا تڪراري ۽ ٻي قاعدي قسمن جي هجي، جنهن جي هتي قاعدي نمبر 7 ۾ وضاحت ٿيل هجي، ته عدالت هڪڙي قطعي ڊِڪري جاري ڪندي، جنهن ۾ دعويدار ۽ سمورن شخصن کي، جيڪي انهيءَ جي ماتحت دعويدار هجن، حُڪم ڏنو ويندو ته اُهي دعويٰ جي جواب ڏيندڙ کي ملڪيت جو قبضو ڏين، يا

(b) ٻئي قسم جي گِرويءَ جي حالت ۾، جيڪا مُنتقل ٿيندڙ گِروي کانسواءِ نه هجي، ته هڪڙي قطعي ڊِڪري جاري ڪندي، ته گِروي رکيل ملڪيت يا انهيءَ جي ڪافي حصي کي نيلام ڪيو وڃي ۽ انهيءَ جي خريداريءَ جي رقم (نيلام جي خرچ ڪٽڻ کانپوءِ) کي عدالت ۾ جمع ڪرايو ويندو جيڪا دعويدار يا ٻين شخصن کي ڏني ويندي، جيڪي اُها وٺڻ جا حقدار هوندا.

[90][A-8. گِروي رکيل ملڪيت کي ڇڏائڻ جي مُقدمي ۾ گِروي جي رهيل رقم جي وصولي: جڏهن گِروي رکيل ملڪيت جي نيلاميءَ جي خالص رقم، جيڪا اڳوڻي قاعدي پٽاندر نيلام ٿيندي، ته دعويٰ جي جواب ڏيندڙ کي ڏيڻ جوڳي رقم لاءِ ناڪافي ثابت ٿئي، ته عدالت درخواست ڏيڻ تي، جيڪڏهن بقايا رقم قانوني طور دعويدار کان، نيلام ٿيل ملڪيت کانسواءِ وصول ٿيڻ جوڳي هجي، ته بقايا رقم لاءِ ڊِڪري جاري ڪندي.]

9. جيڪڏهن ڊِڪريءَ ۾ دعويٰ جي جواب ڏيندڙ جي ڪا بقايا رقم نه ڏني وڃي يا گِروي رکندڙ کي ڪجهه رقم وڏيڪ ڏني وئي هجي: مٿي ڄاڻايل قاعدي جي مضمون موجب، جيڪڏهن مٿي ڄاڻايل قاعدي 7 موجب ڪيل حساب ڪتاب مان پتو پوي، ته دعويٰ جي جواب ڏيندڙ کي ڪا رقم ملڻي نه هجي يا انهيءَ کي ڪجهه رقم ڏني وئي هجي، ته عدالت انهيءَ ڏس ۾ ڊِڪري جاري ڪندي، ته دعويٰ جي جواب ڏيندڙ (گهرج موجب) ملڪيت واپس ڪري ڇڏي ۽ دعويدار کي ايتري رقم ڏئي، جيتري سندس بقايا هجي (۽ گهرج موجب) دعويدار کي گِروي رکيل ملڪيت جو قبضو ڏياري.

[91][10. جاري ٿيل ڊِڪريءَ کانپوءِ گِروي رکيل ملڪيت جو خرچ: انهيءَ رقم ڏيڻ بابت پڇاڙيءَ ۾ گِروي يا نيلام يا گِروي رکيل ملڪيت کي ڇڏائڻ جي وقتائتي نبيري بعد اُها ڏيڻ جي حالت ۾ نڪري، ته عدالت تي لازم آهي، ته جيڪڏهن ملڪيت کي گِروي رکندڙ کان ڪو اهڙو فعل نه ٿيو هجي، جنهن سبب هُن کي خرچ کان محروم رکڻ لازم هجي، ته گِروي جي رقم سان گڏ مُقدمي جو ايترو خرچ شامل

[90] ملڪيت جي تبديلي (ترميمي) اعزازي ائڪٽ 1929ع (1929ع جو XXI)، قلم 4 تحت شامل ٿيو.
[91] ملڪيت جي تبديلي (ترميمي) اعزازي ائڪٽ 1929ع (1929ع جو XXI)، قلم 6 تحت اصلي قلم 10 لاءِ ڦيرڦار ٿي.

ڪري، جيڪو گِروي رکيل ملڪيت يا نيلام يا گِروي ڇڏائڻ جي ڊِڪريءَ واري تاريخ کان، گِروي رکندڙ کي گِروي جي تاريخ کان ڏيڻو هجي.]

11. وياج ڏيڻ: جيڪڏهن عدالت جي جاري ٿيل ڪا ڊِڪري، جيڪا گِروي، يا نيلامي يا گِروي ڇڏائڻ بابت هجي، جتي قانوني طور وياج ملڻ واجب هجي، ته عدالت گِروي رکندڙ کي وياج جي رقم ڏيڻ جو حُڪم هيٺئين ريت ڏيندي، يعني

(a) وياج انهيءَ تاريخ تائين، يا انهيءَ کان اڳ جنهن تاريخ تي اصلي ڊِڪريءَ پٽاندر جاڻ ۾ آيل رقم يا پڌري ڪيل رقم، گِروي يا ٻين گِروي ڇڏائڻ واري شخص کي ملڻ گهرجي، خاص ڪري:-

(i) گِرويءَ تي معلوم يا پڌري ٿيل اصل رقم تي- انهيءَ اگهه تي جيڪو اصل رقم تي ملڻ جوڳو هجي، يا جيڪڏهن اهڙو اگهه مُقرر نه ڪيو ويو هُجي، ته پوءِ انهيءَ اگهه تي، جنهن کي عدالت مُناسب سمجهي.

(ii) دعويٰ تي گِروي رکندڙ کي جيڪو خرچ ڏياريو ويو هجي، انهيءَ جي رقم تي اهڙو وياج، جنهن کي عدالت اصلي ڊِڪريءَ جي تاريخ کان مُناسب سمجهي؛ ۽

(iii) انهيءَ ڊِڪريءَ جي رقم تي، جيڪا گِروي رکندڙ کي مُقدمي تي آيل خرچ بابت ۽ گِروي تي جائز ٿيل خرچن تي ڏيڻ جوڳي هئي، جيڪا اصلي ڊِڪريءَ جي تاريخ کان گروي جي ضمانت جي رقم سميت ساڻس لاڳاپيل هئي، انهيءَ وياج تي، جيڪو ڌرين جي وچ ۾ نبيريو ويو هجي، يا جيڪڏهن اهڙي وياج تي نبيرو نه ٿي سگهي، ته انهيءَ وياج تي، جيڪو اصل رقم تي ڏيڻ جوڳو هجي، پنهنجي اهڙي ٻنهي شرطن جي عدم موجودگيءَ ۾ ساليانو نو سيڪڙو جي وياج تي؛ ۽

(b) رقم جي وصوليءَ جي تاريخ تائين وياج ڪانپوءِ، يا اهڙي اگهه تي حقيقي ادائيگي، جنهن کي عدالت قابل عمل سمجهي:

(i) اصل رقم جي مجموعي رقم، جيڪا شِق (a) ۾ مُقرر ڪئي وئي هجي، جنهن کي انهيءَ شِق سان گڏ ڳڻيو ويو هجي؛ ۽

(ii) انهيءَ ڊِڪريءَ جي رقم تي، جيڪي ملڪيت کي پاڻُ وٽ گروي رکندڙ جا مُقدمي تي سندس وڌيڪ خرچ ۽ ٻيا خرچ ٿيا هُجن، جيڪي قاعدي 10 موجب ڏيڻ جوڳا هجن.

12. اهڙي ملڪيت جي نيلامي، جنهن تي گِروي جي اڳوٽي رقم رَهت هجي: جيڪڏهن ڪا ملڪيت جنهن جي نيلاميءَ لاءِ هن قانوني حُڪم موجب حُڪم ڏنو وڃي، ته مُقدمي هيٺ آيل گِروي واريءَ ملڪيت اڳ ۾ به گِروي رکيل هجي، ته عدالت اڳ ۾ گِروي ۾ رکيل ملڪيت جي منظوريءَ سان،

ڳروي رکيل ملڪيت جي مُقدمي بغير نيلام ٿيڻ جو حُڪم ڏئي سگهي ٿي ۽ اڳ ۾ ڳِروي رکيل کي خريداريءَ جي رقم ۾ اُهو حق ڏياريندي، جيڪو انهيءَ کي نيلام ٿيل ملڪيت ۾ ملڻو هجي.

13. خريداريءَ جي رقم جي خرچ جو طريقو: خريداريءَ جي اهڙي رقم کي عدالت ۾ جمع ڪرايو ويندو ۽ هيٺئين ريت خرچ ڪيو ويندو:-

پهرئين، اُنهن سمورن خرچن جي ڏيڻ ۾، جيڪي نيلام سان لاڳاپيل هجن يا ڪنهن مُلتوي ٿيل نيلام جي ڪارروائيءَ ۾ خرچ طور جائز خرچ ٿيا هجن؛

ٻيو اُنهن ربين کي ڏيڻ ۾، جيڪي اڳوڻي ڳِروي رکيل ملڪيت جي، اڳ ۾ ڳِروي رکندڙ جي رَهتُ بابت هجن، گڏوگڏ اُهو خرچ ڏيڻ ۾، جيڪو جائز طريقي سان انهيءَ جي لاڳاپي سان ٿيو هجي؛

ٽيون، انهيءَ ڳِروي رکيل ملڪيت جي رقم جي وياج ڏيڻ ۾، جنهن جي وٺڻ لاءِ نيلاميءَ جو حُڪم ٿيو هجي، ۽ انهيءَ مُقدمي جي خرچ جي چُڪتو ٿيڻ ۾، جنهن ۾ واضح هدايتن سان نيلاميءَ جي ڊِڪري جاري ٿي هجي؛

چوٿون، مٿي جاڻايل ڳِرويءَ بابت جيتري اصل رقم وصول ٿيڻ واجب هجي، تنهن جي ڏيڻ ۾،

۽ پڇاڙيءَ ۾، باقي رهيل رقم (جيڪڏهن ڪجهه باقي رهي) انهيءَ شخص کي ڏني ويندي، جيڪو نيلام ٿيل ملڪيت ۾ پنهنجو حق رکڻ ثابت ڪندو يا جيڪڏهن اهڙا ڪجهه شخص هجن، ته اُنهن سڀني تي سندن حقن پٽاندر يا سندن گڏيل رسيدن وٺڻ کانپوءِ منجهن ورهايو ويندو.

(2) ڪنهن عبارت کي هن قاعدي جي، جاڻايل قاعدي کانسواءِ اُنهن اختيارين ۾ رنڊڪ نه سمجهيو ويندو جيڪي قلم 57 ملڪيت جي مُنتقليءَ جي قانون 1882ع تحت عطا ٿيون هجن.

14. ڳِروي رکيل ملڪيت کي نيلام ڪرڻ لاءِ لازمي نيلاميءَ جو مُقدمو: (1) جيڪڏهن ڪنهن ملڪيت کي ڪو ڳِروي رکندڙ ڪنهن اهڙي دعويٰ جي مامري ۾، جيڪو ڪنهن ڳِروي رکيل ملڪيت پٽاندر پيدا ٿيو هجي، سو روڪ رقم وٺڻ خاطر هڪڙي ڊِڪري وٺڻ چاهي، ته اُهو ڳِروي رکيل ملڪيت جي نيلاميءَ لاءِ دعويٰ داخل ڪرڻ بغير، انهيءَ ملڪيت کي نيلام نه ڪري سگهندو ۽ جائز آهي، ته هُو مٿي جاڻايل دعويٰ، آرڊر 10 جي قاعدي 20 پٽاندر عدالت ۾ داخل ڪندو.

(2) ذيلي قاعدي (1) جو مضمون، اُنهن علائقن سان لاڳاپيل نه هوندو جن ۾ ملڪيت جي مُنتقليءَ جو قانون 1882ع لاڳو ٿيل نه هجي.

[92][15. ملڪيت جي دستاويزن ۽ ٻين لازمي دستاويزن کي جمع ڪرائڻ ذريعي ڳِرويءَ جو عمل: انهيءَ حُڪم جا سمورا شرط، جيڪي سادي ڳِروي تي لاڳو ٿيندا هجن، سي انهيءَ تي به لاڳو ٿيندا، جيڪي قلم 58 جي معنيٰ ۾ ملڪيت جي دستاويزن کي سونپڻ ذريعي ۽ ملڪيت جي مُنتقليءَ جي قانون 1882ع جي قلم 100 ذريعي ٻين دستاويزن جي معنيٰ ۾ هجن.]

[92] ملڪيت جي تبديلي (ترميمي) اعزازي ائڪٽ 1929ع (1929ع جو XXI)، قلم 7 تحت اصلي قلم 15 لاءِ قيرقار ٿي.

عدالتي حُڪم -XXXV
مُخالفاڻي دعويٰ

1. مُخالفاڻي دعويٰ ۾ دعويٰ جي درخواست: هر دعويٰ، جنهن جو مقصد تڪراري ڌُرين وچ ۾ نبيرو ٿيڻ ضروري هجي، ته دعويٰ جي درخواست، ٻين بيانن ڪانسواءِ، جيڪي دعويٰ جي عرض لاءِ ضروري هجن، اِهي ڳالهيون لکيون وڃن:-

(a) اِهو ته دعويدار جي دعويٰ ڪيل شيءِ ۾ رقم يا خرچ جي مطالبي ڪانسواءِ ٻيو ڪو مقصد نه هجي؛

(b) دعوائون، دعويٰ جي جواب ڏيندڙن ڪان ڌار هجن؛ ۽

(c) اِهو ته دعويدارن جي وچ ۾ ۽ ڪنهن دعويٰ جي جواب ڏيندڙن وچ ۾ ڪا سازش نه هجي.

2. دعويٰ ڪيل شيءِ جي عدالت ۾ ادائيگي: جڏهن دعويٰ ڪيل شيءِ عدالت ۾ ڏيڻ يا عدالت جي تحويل ۾ رکجڻ جي قابل هجي، ته جائز آهي، ته دعويدار، دعويٰ ۾ ڪنهن حُڪم جي جاري ٿيڻ سان ملندڙ ڪنهن حق کان اڳ، متي ڄاڻايل شيءِ کي عدالت ۾ ڏئي ڇڏيندو يا تحويل ۾ رکي ڇڏيندو.

3. طريقيڪار جڏهن دعويٰ جو جواب ڏيندڙ متي ڄاڻايل دعويدار تي دعويٰ داخل ڪري: جيڪڏهن ڪن تڪرارين ڌُرين وچ ۾ نبيري جي دعويٰ ۾ دعويٰ جي سمورن جواب ڏيندڙن منجهان ڪنهن، تڪراري شيءِ تي مُقدمي داخل ڪندڙ دعويدار تي، تنهن وقت ڪا دعويٰ داخل ڪئي هجي، ته جنهن عدالت ۾ اُها دعويٰ دعويدار جي نالي داخل ٿي هجي، تنهن تي لازم آهي، ته جڏهن انهيءَ کي انهيءَ بابت اُن عدالت طرفان اطلاع ڏنو وڃي، جنهن ۾ تڪراري ڌُرين وچ ۾ نبيري جي دعويٰ داخل هجي، ته مُقدمي جي ڪارروائي کي متي ڄاڻايل دعويدار جي خلاف مُلتوي ڪري ڇڏي؛ ۽ انهيءَ مُلتوي ٿيل مُقدمي ۾ جيڪو خرچ انهيءَ دعويدار جو ٿيو هجي، تنهن جي وصول ٿيڻ واسطي انهيءَ مُلتوي ٿيل مُقدمي ۾ تدبير ڪري، پر جنهن حال ۾ انهيءَ مُقدمي ۾ بلڪل يا ڪنهن قدر خرچ جي تدبير نه ڪئي وئي هجي، ته اُهو خرچ تڪراري ڌُرين وچ ۾ نبيري جي دعويٰ جو خرچ ڄاڻايل دعويدار ڏانهن وڌايو وڃي.

4. پهرئين ٻُڌڻيءَ مهل ڪارروائي: (1) پهرئين ٻُڌڻي جي وقت عدالت کي اختيار آهي ته:-

(a) اِها اعلان ڪري، ته دعويدار، دعويٰ جي جواب ڏيندڙن پاران دعويٰ ڪيل شيءِ جي سموري ڪارروائي کان آجو آهي، ۽ انهيءَ کي خرچ ڏياري ۽ مُقدمي مان ڪيس آجو ڪري ڇڏي؛ يا

(b) جنهن حال ۾ انصاف جي گهرج يا سهولت ضروري هجي، ته مُقدمي جي ڌُر جي سمورن شخصن کي مقدمي جي فيصلي جي پڇاڙيءَ تائين قائم رکي.

(2) جيڪڏهن عدالت، ڌُرين جي مڃڻ يا ٻين شاهدين پٽاندر ايئن ڪرڻ ممڪن نه سمجهي، ته دعويٰ ڪيل شيءِ جي حق جو فصلو ڪري.

(3) جيڪڏهن عدالت پروسي سان يا ڌُرين جي وچ ۾ تحقيق ٿيڻ کانپوءِ فيصلو ڪري؛ ۽

(a) ته تحقيق يا ڌُرين وچ ۾ تحقيق ڪرڻ کانپوءِ فيصلو ڪيو وڃي؛ ۽

(b) اِهو ته ابتدائي دعويدار بجاءِ يا انهيءَ سان گڏ ڪنهن ٻئي کي دعويدار بنايو وڃي،

۽ پوءِ مُقدمي جي ڪارروائي معمول موجب جاري رهندي.

5. گُماشتا ۽ هاري، مخالفاڻي دعويٰ داخل نٿا ڪري سگهن: هن آرڊر جي ڪنهن عبارت مان اِهو نہ سمجهيو ويندو، تہ گُماشتو پنهنجي مالڪن تي يا هاري پنهنجي زميندارن تي انهيءَ ڳالهہ تي مجبور ڪرڻ جي دعويٰ داخل ڪن، تہ اُهي اُنهن ڪانسواءِ ڪنهن شخص جي مقابلي ۾، جيڪي مالڪن يا زميندار ذريعي دعويٰ ڪندا هجن، تڪراري ڌرين وچ ۾ نبيري جوڳي داخل دعويٰ جو جواب ڏين.

مثال

(a) الف زيورن جي هڪڙي صندوق، پنهنجي گُماشتي ب وٽ رکي، پ ڄاڻايو تہ الف آجايو زيور مون کان وٺي ڇڏيا ۽ ب کان اُهي وٺڻ لاءِ دعويٰ داخل ڪئي. ب، الف ۽ پ خلاف تڪراري ڌرين وچ ۾ نبيري لاءِ دعويٰ داخل نٿو ڪري سگهي.

(b) الف زيورن جي هڪڙي صندوق پنهنجي گُماشتي ب وٽ رکي. پوءِ هُن پ کي لکيو تہ جيڪو قرض هُن کي پ کي ڏيڻو هو، تنهن ڄاڻايل قرض جي مد ۾ اُهي زيور ضمانت آهن. الف پوءِ ڄاڻايو تہ پ جو قرض ڏنو ويو پر پ جو بيان انهيءَ جي خلاف آهي. هاڻي ٻئي ڄڻا ب کان زيور وٺڻ جي دعويٰ ڪن ٿا. جائز آهي، تہ ب تڪراري ڌرين وچ ۾ نبيري لاءِ الف ۽ پ جي نالي دعويٰ داخل ڪري.

6. دعويدار جو خرچ: جڏهن دعويٰ مُناسب طور داخل ڪئي وڃي، تہ عدالت، اصل دعويدار جي خرچ لاءِ اِهو اُپاءُ ڪندي، تہ سندس دعويٰ واري شيءِ جو مطالبو قائم رکندي يا ڪنهن ٻئي اُپاءُ کي مؤثر ڪندي.

عدالتي حُڪم -XXXVI

خاص مُقدمو

1. عدالت جي راءِ لاءِ مُقدمي ڄاڻائڻ جو اختيار: (1) جن شخصن کي ڪنهن واقعي جي مامري يا قانوني بحث جي فيصلي ۾ مقصد رکڻ جي دعويٰ هجي، تہ اُهي مُختيار هوندا، تہ پاڻَ ۾ لکت ۾ اقرارنامو لکي، انهيءَ ۾ ڄاڻايل مامري جو عدالتي رايو ڄاڻڻ لاءِ هڪڙي عدالت ڏي لکن ۽ اِهو شرط وجهن، تہ عدالت جو انهيءَ مامري بابت فيصلو جاري ٿئي تہ:

(a) اُها رقم جي ماليت، جنهن کي ڌريون پاڻَ ۾ مُقرر ڪن يا جنهن جو نبيرو عدالت ڪري، منجهانئن هڪڙي ڌُر ٻيءَ ڌُر کي ڏيندي، يا

(b) هڪڙي ڌُر ٻيءَ ڌُر کي ڪجهہ مُنتقل ٿيندڙ ملڪيت يا غيرمُنتقل ٿيندڙ ملڪيت جو اقرارنامو سونپيندي، يا

(c) سمورين ڌرين جا ڪيئي ماڻهو ڪنهن خاص فيصلي واري مامري جي اقرارنامي جي تعميل ڪندا يا انهيءَ جي ڪرڻ کان پرهيز ڪندا.

(2) جيڪو مُقدمو هن قلم موجب قلمبند ڪيو وڃي، تہ اُهو ڪجهہ قلمن تي ورهايل هوندو، جن تي سلسليوار نمبر لڳايا ويندا ۽ انهيءَ ۾ اهڙن واقعن ۽ دستاويزن جي مختصر ڪيفيت لکي

وبندي، جيڪي انهيءَ ڳالھ لاءِ ضروري هجن، تہ عدالت انهيءَ بحثن جو نبيرو ڪري سگھي، جيڪي اُن سان پيدا ٿين.

2. جتي ملڪيت جي ماليت ضرور ڄاڻائي وڃي: جيڪڏهن اقرارنامو ڪنهن ملڪيت کي سونپڻ بابت هجي يا ڪنهن خاص ڳالھ جي ثابتي يا پرهيز ڪرڻ سان هجي، تہ انهيءَ اقرارنامي ۾ اُن ملڪيت جي اندازي موجب ماليت درج ڪئي ويندي، جنهن کي سونپڻ جو اقرار ٿيو هجي، يا جنهن سان اُهو ڄاڻايل اِقرارنامي جي فعل سان لاڳاپيل هجي.

3. اقرارنامي کي مُقدمي جي ڪارروائيءَ ۾ شامل ۽ رجسٽر ۾ لکيو ويندو: (1) اقرارنامي لاءِ شرط آهي، تہ اُهو عدالت جي ڄاڻايل قاعدن موجب لکيو ويو هجي، سو ڪنهن اهڙي عدالت ۾ داخل ٿي سگھي ٿو جنهن کي مُقدمي ۾ دعويٰ ڪيل شيءِ جي انهيءَ رقم يا ماليت جي ٻڌڻيءَ جو اختيار مليل هجي، جنهن رقم يا شيءِ جي ماليت کي اقرارنامي ۾ لکيو ويو هجي.

(2) انهيءَ اقرارنامي جي داخل ٿيڻ تي نمبر لڳائي، رجسٽر ۾ داخل ٿيڻ ڪانپوءِ هڪڙو مُقدمو جنهن ۾ هڪڙو يا ڪجھ شخص دعويدارن جي وچ ۾ سمورن دعويدارن جي مقصد خاطر هوندا، ۽ ٻيا سمورا سندس دعويٰ جو جواب ڏيندڙ يا دعوائن جو جواب ڏيندڙ هوندا، قائم ٿيندو ۽ سمورن ڌُرين جي نالي اطلاع جاري ٿيندو، انهيءَ ڌُر يا ڌُرين ڪانسواءِ جن انهيءَ کي پيش ڪيو هجي.

4. اقرارنامو لکندڙ ڌُريون، عدالتي ٻڌڻيءَ جي اختيارن جي ماتحت هونديون: اقرارنامي داخل ڪرڻ ڪانپوءِ ڌُريون، اقرارنامي تحت عدالتي اختيار جي ماتحت هونديون ۽ مٿن ڄاڻايل اقرارنامي جي بيانن جي پابندي لازم هوندي.

5. مُقدمي جي ٻڌڻي ۽ فيصلو: (1) اهڙو مُقدمو ٻڌڻ لاءِ عام مُقدمي جيان داخل ٿيندو ۽ هن ڪوڊ جي حُڪم موجب جيستائين ممڪن هجي، ڄاڻايل مُقدمي سان لاڳاپيل هوندو.

(2) جيڪڏهن ڌُرين جي شاهدين ڪانپوءِ يا مُناسب شاهديءَ وٺڻ ڪانپوءِ عدالت کي اطمينان هجي تہ:

(a) ڄاڻايل اِقرارنامي جو پوراءُ اُنهن ضابطي موجب ٿيو هجي؛ ۽

(b) اِهو تہ ڄاڻايل تڪراري واقعن جي ڌُرين جي نيڪ نيتيءَ جو مقصد اِقرارنامي سان لاڳاپيل هجي؛ ۽

(c) اِهو تہ تڪرار فيصلي ٿيڻ لاءِ موزون جوڳو هجي؛

تہ عدالت اهڙي مامري ۾ ايئن فيصلو جاري ڪندي، جيئن عام مُقدمن ۾ ڪري ٿي ۽ انهيءَ فيصلي موجب ڊِڪري جاري ٿيندي.

عدالتي حُڪم -XXXVII

مُنتقل ٿيندڙ يا وٺڻ وڪڻڻ جي دستاويزن بابت سرسري طريقيڪار

[93][1. هن آرڊر جو لاڳو ٿيڻ: هن آرڊر کي رُڳو هاءِ ڪورٽ ۾ [94][ڊسٽرڪٽ ڪورٽ ۾ ڪنهن ٻي ديواني عدالت, جنهن کي هاءِ ڪورٽ اختيار ڏنو هجي]، تي لاڳو ڪيو ويندو.

2. هُنڊِي وغيره پٽاندر سرسري مُقدما: (1) هُنڊِي, يا پراميسري نوٽ جون سموريون دعوائون, جن ۾ دعويدار هن آرڊر موجب ڪارروائي ڪرڻ گهري, ايئن ڪري سگهي ٿو تہ مُقرر ٿيل طريقيڪار موجب دعوي جي درخواست داخل ڪئي وڃي ۾ فارم نمبر 4, ضميمي B پٽاندر يا ڪنهن ٻئي نموني تي سمن جاري ٿيندو جنهن کي مختلف وقتن تي مقرر ڪيو وڃي.

(2) تنهنڪري جنهن مُقدمي ۾ دعوي جي درخواست ۾ سمن, مٿي ڄاڻايل نموني موجب هجي, تہ دعوي جي جواب ڏيندڙ کي حاضر ٿيڻ يا جواب ڏيڻ جو حق نہ هوندو جيستائين هُو حاضريءَ ۾ جواب ڏيڻ جي اجازت, مٿي ڄاڻايل طريقي موجب ڪنهن جَج کان نہ وٺي يا اجازت وٺي انهيءَ موجب نہ حاضر ٿئي ۾ نہ ئي جواب ڏئي, تہ سمجهيو ويندو تہ دعوي ۾ ڄاڻايل بيان کي هُن مڃيو آهي, ۾ دعويدار ڊِڪريءَ جو حقدار ٿيندو:-

[95][(a) مالياتي دستاويزن جي قانون 1881ع موجب قلم نمبر 79 يا 80 تحت دستاويزن ۾ اُن پٽاندر اصل مُوڙيءَ تي تخمينو لڳايل وياج جي رَهتُ لاءِ ڊِڪري, جيڪا بہ حالت هُجي, تہ دعوي داخل ٿيڻ جي تاريخ تائين يا جيڪا رقم سَمنن ۾ لکيل هجي, منجهائن ٻنهي مان جيڪا گهٽ رقم هجي ۾ ڊِڪريءَ جي تاريخ تائين وياج جي انهيءَ شرح تي يا جنهن شرح کي عدالت مُناسب سمجهي; ۾

(b) پوءِ اهڙي ڪنهن وياج لاءِ, جيڪڏهن ڪو هجي, تہ عدالت هن ڪوڊ جي قلم نمبر 34 تحت جيڪو حُڪم ڏئي; ۾

(c) اهڙي رقم مان خرچ جي ماليت, جيڪا مُقرر ڪئي وڃي.

پر شرط هيءُ آهي, تہ جيڪڏهن دعويدار اهڙي مقرر ڪيل رقم خرچ کان علاوه گهري, تہ خرچ بابت رواجي طريقي ۾ تحقيق ڪئي ويندي.

(3) هن قاعدي پٽاندر عدالت مان جاري ٿيل ڊِڪريءَ جي ٿُرت تعميل ڪئي ويندي.

---

[93] انهيءَ قاعدي ۾ 1937ع جي قانوني حُڪم, 1949ع جي قانوني حُڪم مرڪزي قانون (قانوني سُڌارا) آرڊيننس, 1960ع (1960ع جو XXI), قلم 3 ۾ ٻئين شيڊيول ۾ سِول پروسيجر ۾ لميٽيشن (ترميم) آرڊيننس 1961 (1961ع جو IX), قلم 2 تحت ترتيبوار ترميم ٿي.

[94] 1972ع جي آرڊيننس XII تحت شامل ٿيو.

[95] مُنتقل ٿيندڙ ولنجندڙ ۾ وڪڻجندڙ دستاويزن (مفاد) ائڪٽ 1926ع (1926ع جو XXX), قلم 4 تحت اصلي لفظن لاءِ ڦيرڦار ٿي.

پنجاب ترميم:

هيٺئين ترميم، لاهور هاءِ ڪورٽ طرفان سِول پروسيجر ڪوڊ جي قلم 122 تحت نوٽيفڪيشن نمبر 65/قانونسازي/XI-Y-26، تاريخ 26 مارچ 2007ع (PLD 2004_2009ع، اعزازي ڇپائي، قانون 326) ڪئي وئي:

(I) قاعدي 2 ۾ هيٺئين مواد کي ذيلي قاعدي (1) طور شامل ڪيو ويندو:

(1) قاعدي 1 جي شرطن ضابطن تحت، هيءُ قانوني حُڪم مُقدمن جي هيٺئين درجن تي لاڳو ٿئي ٿو خاص ڪري:-

(a) ناڻي جي متاستا جو قانوني دستاويز هُنڊيءَ ۽ پراميسري نوٽن جي مُقدمن تي؛

(b) اُهي مُقدما، جنهن ۾ مُدعي رُڳو قرض يا ٿيل نقصان جي معاوضي وٺڻ جي ڪوشش ڪري ٿو جنهن ۾ اُها رقم دعويٰ جي جواب ڏيندڙ کي وياج سان يا وياج کانسواءِ ڏيڻي آهي، جتي اهڙو سُوال اُٿي؛

(i) ڪنهن لکيل معاهدي تي؛ يا

(ii) ڪنهن لاڳو ٿيل قانون تي، جڏهن وٺڻ جي ڪوشش واري رقم ناڻي جي مُقرر رقم هُجي يا ڏنڊُ بجاءِ قرض جي نوعيت ۾ هُجي؛ يا

(iii) ڪنهن ضمانت تي، جڏهن قرض جي ڏس ۾ مُوڙيءَ تي يا رُڳو اُن سان ٿيل نقصان جي دعويٰ هُجي؛ يا

(iv) ٽرسٽ تي.

(c) غيرمُتحرڪ ملڪيت جي وصوليءَ لاءِ مسواڙ يا انهيءَ کانسواءِ ٿيل منافعي جو مُقدمو هُجي، ڪنهن جڳهہ جي مالڪ جو مسواڙيءَ خلاف، جنهن جو عرصو پُورو ٿي چُڪو هُجي يا مُناسب طريقي سان جڳهہ خالي ڪرائڻ لاءِ نوٽيس ڏنو ويو هُجي، يا مسواڙ نہ ڏيڻ تي ضبطگيءَ جو حقدار بنجي ويو هُجي يا اُنهن شخصن خلاف، جيڪي اهڙي مسواڙ تحت دعويٰ ڪندا هُجن."

(ii) قاعدي 2 ۾، موجوده ذيلي قاعدي (1) کي ذيلي قاعدي (2) طور ٻيهر نمبر هنيو ويندو.

(iii) قاعدي 2 ۾، ذيلي قاعدي (2) ۾ ٻيهر نمبر هنيل ۾ لفظن "متاستا جي ناڻي جي قانوني دستاويز هُنڊين يا پراميسري نوٽن" جي جاءِ تي "انهيءَ قانوني حُڪم تحت" لفظن ۾ قيرقار ٿي.

(iv) قاعدي (2) ۾، موجوده ذيلي قاعدي (2) کي ذيلي قاعدو (3) طور ٻيهر نمبر هنيو ويندو.

(v) قاعدي (2) ۾، موجوده ذيلي قاعدي (3) کي ذيلي قاعدو (4) طور ٻيهر نمبر هنيو ويندو.

3. دعويٰ جي جواب ڏيندڙ طرفان عدالت ۾ معقول سببن تحت حاضر ٿيڻ ۽ جواب ڏيڻ جي اجازت هئڻ ۾ بچاءَ ظاهر ڪرڻ: (1) عدالت تي لازم آهي، تہ دعويٰ جي جواب ڏيندڙ جي درخواست تي انهيءَ کي حاضر ٿيڻ ۽ جواب ڏيڻ جي اجازت انهيءَ ڳالهہ تي ڏئي، تہ اُهو اهڙا حلفيہ لکيل بيان پيش ڪري جنهن سان اهڙا واقعا پڌرا ٿين، جو اُن ڏيندڙ شخص جي موجب متاسنا جي ناٽي جي قانوني دستاويز يا هُنڊيءَ وغيره تي معاوضي جي رقم ڏيڻ جو ثبوت ڏيڻ لازم هجي يا اهڙا ٻيا واقعا ظاهر ٿيڻ، جيڪي عدالت جي سمجهہ واسطي درخواست جي پُنير'يءَ لاءِ اثرائتا هجن.

(2) جاٽايل دعويٰ جي بچاءَ جي اجازت پلي ڪنهن شرط بغير يا اهڙن شرطن سان گڏ ڏني وڃي يا عدالت ۾ رقم داخل ڪرڻ، ضمانت ڏيڻ ۽ تحقيق طلب لکيل واقعا اهڙن شرطن سان گڏ هجن، يا ڪا ٻي ڳالهہ، جنهن کي عدالت مُناسب ڀانئي.

[96][(3) ذيلي قاعدي (1) تحت، جيڪا درخواست داخل ڪئي ويندي، تنهن تي ٻُڌڻيءَ جي لميٽيشن ائڪٽ 1908ع (1908ع جو IX) جي قلم 5 جا قاعدا ضابطا لاڳو ٿيندا.]

هاءِ ڪورٽ ترميمون (لاهور):

هينيون مواد ذيلي قاعدي (3) طور شامل ٿيو:

"(3) لميٽيشن ائڪٽ، 1908ع جي قلم 5 جا ضابطا ذيلي قاعدي (1) تحت درخواست تي لاڳو ٿيندا."

4. ڊڪريءَ کي رد ڪرڻ بابت اختيار: عدالت کي اختيار آهي، تہ عدالت طرفان جاري ٿيل ڊڪريءَ کي خاص حالتن سبب رَدُ ڪري ۽ جيڪڏهن گهرج هجي، تہ انهيءَ جي جاري ٿيڻ واري عمل کي مُلتوي رکي ۽ جيڪڏهن عدالت جي سمجهہ ۾ ايئن ڪرڻ معقول هجي، تہ دعويٰ جي جواب ڏيندڙ کي سمن موجب حاضريءَ جي اجازت ڏيڻ ۽ مُقدمي جي جواب ڏيڻ جي پابندي اهڙن شرطن سان ڏي، جيڪي عدالت کي مُناسب ڀانئجن.

5. قانوني مالياتي دستاويز، هُنڊي وغيره عدالت جي عملدار جي تحويل ۾ جمع ڪرائڻ جي حُڪم جو اختيار: هن قانوني حُڪم ۾ جاٽايل حُڪم موجب هر ڪارروائي ۾ عدالت کي اهڙو حُڪم ڏيڻ جائز هوندو، تہ قانوني مالياتي دستاويز يا هُنڊي يا نوٽ، جنهن تي مقدمو ٻڌل هجي، تہ تُرت عدالت جي ڪنهن اهلڪار جي تحويل ۾ رکيو وڃي ۽ اهو تہ جيستائين دعويدار مُقدمي جي خرچ بابت ضمانت داخل نہ ڪري، تہ مُقدمي جي سموري ڪارروائيءَ کي مُلتوي رکيو ويندو.

6. قانوني مالياتي دستاويز يا نوٽ وغيره جي ناقبولي يا چُڪتو نہ ٿيڻ تي ايندڙ خرچ وٺڻ: قابض هر قانوني مالياتي دستاويز يا پراميسري نوٽ، جنهن جي چُڪتو ٿيڻ کان انڪار ٿيو هجي، جي اُنهن خرچن جي ڏيارڻ لاءِ، جيڪي ڪيس چُڪتو نہ ٿيڻ جي لکي ڏيڻ ۾ يا انهيءَ مقصد سان وٺي

[96] 1980ع جي آرڊيننس X تحت شامل ٿيو.

سگهندو جنهن مقصد سان رقم قانوني مالياتي دستاويز جي يا چاٽايل نوٽ جي انهيءَ آرڊر پٽاندر وٺي سگهندو هُجي.

7. دعوائن ۾ طريقيڪار: اُنهن شرطن ڪانسواءِ اُنهن دعوائن ۾، جيڪي هن قانوني حُڪم ۾ چاٽايل هُجن، جيڪي هن قانوني حُڪم پٽاندر داخل ڪيون وڃن، تن کي مُقدمي جي عام ڪارروائي سمجهيو ويندو.

عدالتي حُڪم -XXXVIII

فيصلي کان اڳ ضبطگيءَ ۽ گرفتاري

1. جڏهن دعويٰ جي جواب ڏيندڙ کان حاضريءَ لاءِ ضمانت ڏيڻ گهري سگهجي: (1) جيڪڏهن مُقدمي جي ڪنهن هنڌ، پر شرط هيءَ آهي، ته اُهو متي چاٽايل فقري (a) جي قلم 16 (d) پٽاندر مُقدمو نه هجي، ته عدالت کي لکيل حلفيه بيان ذريعي يا ٻئي طريقي سان انهيءَ ڳالهه جو اطمينان ٿي وڃي ته:-

(a) دعويٰ جي جواب ڏيندڙ ارادي سان دير ڪرڻ يا عدالت جي ڪنهن حُڪمنامي جي تعميل کان ٽٽائڻ خاطر، ڪنهن امڪاني ڊڪريءَ ۾ رُڪاوٽ يا مُلتوي ڪرائڻ چاهي ٿو جيڪا مٿس جاري ٿئي.

(i) روپوش ٿي ويو هجي يا عدالت جي مقامي اختيارن جي حدن کان ٻاهر هليو ويو هجي؛ يا

(ii) روپوش ٿيڻ وارو هجي يا عدالت جي مقامي اختيارن جي حدن کان ٻاهر وڃڻ وارو هجي؛

(iii) هُن پنهنجي مالُ کي يا انهيءَ جي ڪنهن حصي کي، عدالت جي مقامي اختيارن جي حدن مان ٻاهر مُنتقل ڪري ڇڏيو هجي؛ يا

(b) ته دعويٰ جو جواب ڏيندڙ [97][پاڪستان] مان اهڙين حالتن ۾ وڃڻ وارو هجي، جن جي معقول سبب اِهو سگهارو گُمان ٿئي، ته دعويدار جي انهيءَ ڊِڪريءَ جي جاري ٿيڻ ۾ جيڪا دعويٰ جي جواب ڏيندڙ تي انهيءَ مقدمي ۾ جاري ڪئي وڃي، رُڪاوٽ يا تاخير ٿيندي؛

ته عدالت کي اختيار آهي، ته انهيءَ ڏس ۾ گرفتاريءَ جو وارنٽ جاري ڪري، ته دعويٰ جي جواب ڏيندڙ کي گرفتار ڪري عدالت ۾ حاضر ڪيو وڃي، ته جيئن اُهو انهيءَ ڳالهه جو سبب پڌرو ڪري، ته هُن کان حاضريءَ جي ضمانت ڇو نه ورتي وڃي:

پر شرط هيءَ آهي، ته دعويٰ جي جواب ڏيندڙ کي گرفتار نه ڪيو ويندو جيڪڏهن هُو وارنٽ جي تعميل تي مُقرر عملدار کي ڪجهه رقم ڏئي، جيڪا وارنٽ ۾ واضح چاٽايل هُجي، ۽ اُها رقم دعويدار جي دعويٰ جي تعميل لاءِ مُناسب هُجي؛ ۽ چاٽايل رقم عدالت ۾ جمع رهندي، جيستائين دعويٰ جو فيصلو نه ٿي وڃي يا عدالت ڪو ٻيو حُڪم جاري نه ڪري.

[97] مرڪزي قانون (قانوني سُڌارا) آرڊيننس، 1960ع (1960ع جو XXI)، قلم 3 ۽ ٻئين شيڊيول (14 آڪٽوبر، 1955ع کان هڪدم لاڳو ٿيندڙ) تحت "صوبا ۽ وفاق جي راڄڌانيءَ" ۾ ڦيرقار ٿي، جنهن ۾ 1949ع جي قانوني حُڪم سان "برطانوي هندستان" ۾ تبديلي ٿي هئي.

2. ضمانت: (1) جيڪڏهن دعويٰ جو جواب ڏيندڙ مناسب سبب ڏئي نہ سگهي، تہ عدالت هُن کي حُڪم ڏيندي، تہ هُو عدالت ۾ انهيءَ دعويٰ موجب روڪ رقم ۽ ڪا ملڪيت جمع ڪرائي، جيڪا متس داخل دعويٰ جي تعميل لاءِ مُناسب هُجي، يا هُو ڪنهن بہ وقت مُقدمي جي ڏينهن ۽ مهل جي حاضر ٿيڻ بابت ضمانت ڏئي، جڏهن ڪيس گهرايو وڃي، جنهن مهل مُقدمو عدالت ۾ مُلتوي هُجي، ۽ جيستائين ڊِڪريءَ جي تعميل نہ ٿئي، جيڪا انهيءَ مُقدمي ۾ سندس خلاف جاري ٿي هُجي، يا ڪو ٻيو اهڙو حُڪم ڏنو وڃي، جنهن کي انهيءَ رقم بابت عدالت مُناسب سمجهي، جنهن کي پڇاڙڪي ڪارروائي جي قاعدي تحت، دعويٰ جي جواب ڏيندڙ طرفان ڏنو ويو هُجي.

(2) ضامن انهيءَ ڳالهہ جو ذميدار هوندو تہ دعويٰ جي جواب ڏيندڙ جي حاضر نہ ٿيڻ جي صورت ۾ ايتري رقم داخل ڪري، جيتري رقم مُقدمي ۾ دعويٰ جي جواب ڏيندڙ کي ڏيڻ جو حُڪم هجي.

3. ضامن طرفان پنهنجي ضمانت تان هٿ ڪڍڻ لاءِ درخواست ڏيڻ تي طريقيڪار: (1) دعويٰ جي جواب ڏيندڙ کي حاضر ڪرائيندڙ ضامن کي اختيار هوندو تہ جنهن وقت چاهي، انهيءَ عدالت ۾، جنهن ۾ هُن جو ضمانت نامو داخل ٿيو هجي، پنهنجي ضمانت تان هٿ ڪڍڻ لاءِ درخواست ڏئي.

(2) جڏهن اهڙي درخواست داخل ٿئي، تہ عدالت تي لازم هوندو تہ دعويٰ جي جواب ڏيندڙ جي حاضريءَ لاءِ سمن يا جيڪڏهن مُناسب سمجهي، تہ اڳواٽ گرفتاريءَ جا وارنٽ جاري ڪري.

(3) جڏهن دعويٰ جي جواب ڏيندڙ سمن يا گرفتاريءَ جي وارنٽ موجب يا پاڻمُرادو حاضر ٿئي، تہ عدالت حُڪم ڏيندي تہ ضامن کي ضمانت کان آجو ڪيو وڃي ۽ دعويٰ جي جواب ڏيندڙ کان نئين ضمانت گهري وڃي.

4. دعويٰ جي جواب ڏيندڙ طرفان ضمانت ڏيڻ يا نئون ضامن ڏيڻ کان لاچار رهڻ تي طريقيڪار: جيڪو حُڪم قاعدي 2 يا 3 موجب جاري ٿئي، تہ جيڪڏهن انهيءَ جي پوئواري ۾ دعويٰ جو جواب ڏيندڙ لاچار رهي، تہ عدالت کي اختيار هوندو تہ دعويٰ جي جواب ڏيندڙ کي مُقدمي جي فيصلي يا جيڪڏهن دعويٰ جي جواب ڏيندڙ خلاف فيصلو ٿئي، تہ ڊِڪريءَ جي اطمينان تائين جيل ۾ رکي:

پر شرط هيءَ آهي، تہ هن قلم تحت ڪنهن شخص کي ڪنهن بہ حال ۾ ڇهن مهينن کان وڌيڪ عرصي لاءِ قيد ۾ نہ رکيو ويندو ۽ نہ ئي ڇهن هفتن کان وڌيڪ عرصي لاءِ انهيءَ حالت ۾، جڏهن دعويٰ واري شيءِ جي ماليت پنجاهہ رپين کان وڌيڪ نہ هجي:

وڌيڪ شرط هيءَ آهي، تہ ڪنهن شخص کي هن قلم تحت قيد ۾ نہ رکيو ويندو انهيءَ کان پوءِ، تہ اُهو جاٽايل حُڪم جي تعميل ڪري ڇڏي.

فيصلي کان اڳ ضبطگي

5. جڏهن دعويٰ جي جواب ڏيندڙ کان ملڪيت پيش ڪرڻ جي ضمانت گهري سگهجي: (1) جيڪڏهن مُقدمي جي ڪنهن مرحلي تي، عدالت کي حلفيہ بيان سان يا ٻيءَ صورت ۾ انهيءَ ڳالهہ جو

اطمينان ٿي وڃي، ته دعويٰ جو جواب ڏيندڙ ڪنهن اهڙي ڊڪريءَ جاري ٿيڻ ۾ رُڪاوٽ وجهڻ يا تاخير ڪرائڻ جي نيت سان، جيڪا مٿس جاري ٿئي:

(a) پنهنجي سموري ملڪيت يا انهيءَ جي ڪنهن حصي کي ڌار ڪرڻ وارو هجي، يا

(b) انهيءَ عدالت جي مقامي اختيارن جي حدن کان ٻاهر هٽائڻ وارو هجي، ته عدالت، دعويٰ جي جواب ڏيندڙ کي حُڪم ڏئي سگهي ٿي،

ته انهيءَ عرصي ۾، جنهن کي عدالت طرفان مُقرر ڪيو ويو هجي، ايتري قدر جي ضمانت داخل ڪري، جنهن جي وضاحت انهيءَ حُڪم ۾ ڪئي ويندي، انهيءَ جو مطلب آهي، ته اُها جاٽايل ملڪيت سندس ماليت يا سندس ايترو حصو جيڪو ڊڪريءَ جي پوراءِ لاءِ ڪافي هجي، سو گهرڻ تي عدالت ۾ حاضر ڪري ۽ عدالت جي تحويل ۾ رکي يا عدالت ۾ حاضر ٿي انهيءَ ڳالھ بابت سبب ڏئي، ته هُن کي ضمانت ڇو نه داخل ڪرڻ گهرجي.

(2) دعويدار، ضبط جوڳي ملڪيت جو تفصيل ۽ تخميني واري جاٽايل ملڪيت جي قيمت لکندو، انهيءَ صورت ۾ ته عدالت ڪا ٻي هدايت ڪري.

(3) گڏوگڏ عدالت انهيءَ حُڪم ۾ سموري ملڪيت يا ان جي ڪنهن حصي جي شرطي ضبطگيءَ بابت وضاحت جي هدايت ڪري سگهي ٿي.

6. ملڪيت جي ضبطگي، جڏهن سبب نه جاٽايا ويا هجن يا ضمانت داخل نه ڪئي وئي هجي:

(1) جيڪڏهن دعويٰ جو جواب ڏيندڙ مُقرر عرصي ۾ عدالت کي ضمانت داخل نه ڪرڻ جا سبب جاٽائي نه سگهي يا گهربل ضمانت داخل ڪرڻ کان لاچار رهي، ته عدالت کي اختيار آهي، ته حُڪم ڏئي، ته ملڪيت جي وضاحتي درخواست يا سندس حصو جنهن کي ڊڪريءَ جي پوئواريءَ ۾ ڪافي سمجهيو وڃي، جيڪا مُقدمي ۾ جاري ٿي هجي، ته انهيءَ کي ضبط ڪيو ويندو.

(2) جيڪڏهن دعويٰ جو جواب ڏيندڙ مٿيون سبب ڏئي يا گهربل ضمانت داخل ڪري ۽ ملڪيت ۽ وضاحتي درخواست: يا انهيءَ جو حصو ضبط ٿيو هجي، ته عدالت تي لازم آهي، ته حُڪم، جيڪو ضبطگيءَ جي خاتمي جو يا ڪو ٻيو حُڪم، جيڪو سندس سمجھ ۾ مُناسب هجي، جاري ڪري.

7. ضبط ڪرڻ جو طريقيڪار: انهيءَ ڪانسواءِ، جنهن جو صاف طور شرط وڌو وڃي، ضبطگي ايئن ٿيندي، جهڙيءَ طرح ملڪيت جي ضبطگيءَ جي ڊڪريءَ جاري ٿيڻ بابت حُڪم هُجي.

8. فيصلي کان اڳ ضبط ٿيل ملڪيت جي دعويٰ جي تحقيق: جيڪڏهن ڪنهن ملڪيت جي ضبطگيءَ بابت ڪنهن دعويٰ ۾، جنهن جو اڳ ۾ فيصلو ٿيو هجي، ته عدالت تي لازم آهي، ته جڏهن دعويٰ جي جواب ڏيندڙ طرفان ضبط ٿيندڙ ملڪيت جي خرچ بابت ضمانت سميت گهربل ضمانت داخل ٿئي، يا مُقدمي کي خارج ڪيو وڃي، ته ضبطگيءَ کي ختم ڪيو ويندو.

9. ملڪيت جي ضبطگي ختم ٿيڻ جڏهن ضمانت ڏني وڃي يا مُقدمو خارج ڪيو وڃي: جڏهن ملڪيت جي ضبطگيءَ جو عدالت مان اڳ ۾ ڪو فيصلو ٿيو هجي، ته عدالت تي لازم آهي، ته جڏهن دعويٰ جي جواب ڏيندڙ ڏانهن گهربل ضمانت سميت ضبطگيءَ جي خرچ جي ضمانت داخل ٿئي، ته مُقدمو خارج ڪيو وڃي، يا ضبطگيءَ کي ختم ڪري ڇڏي.

10. فيصلي کان اڳ ملڪيت جي ضبطگيءَ جي حُڪم سان اوپري شخص جا حق متاثر نه ٿيندا، ۽ نه ئي ڊِڪريدار کي انهيءَ ملڪيت جي نيلاميءَ لاءِ درخواست ڏيڻ کان روڪ ٿيندي: فيصلي کان اڳ ملڪيت جي ضبطگي، اُنهن حقن کي متاثر نه ڪندي، جيڪي ضبطگيءَ کان اڳ اُنهن شخصن جا هجن، جيڪي مُقدمي ۾ ڌُر نه هجن ۽ نه ئي انهيءَ ڳالهه ۾ رُڪاوٽ ٿيندي، ته ڪو شخص، جنهن کي ڊِڪري دعويٰ جي جواب ڏيندڙ خلاف ملي هجي، ته اُهو انهيءَ ڊِڪريءَ جاري ٿيڻ سبب اُن ضبط ٿيل ملڪيت کي نيلام ڪرڻ جي درخواست داخل ڪري.

11. جيڪا ملڪيت فيصلي کان اڳ ضبط ٿي چُڪي هجي، سا وري ڊِڪريءَ جي تعميل ۾ ٻيهر ضبط نه ٿي سگهندي: جڏهن ملڪيت هن آرڊر جي حُڪم موجب ضبط ٿي چُڪي هجي ۽ پوءِ ڊِڪري دعويدار جي حق ۾ جاري ڪئي وڃي، ته مٿي ڄاڻايل ڊِڪري جاري ڪرڻ جي درخواست ڏيڻ کانپوءِ، انهيءَ ملڪيت کي ٻيهر ضبط ڪرڻ جي درخواست ڏيڻ ضروري نه ٿيندو.

12. زرعي پيداوار فيصلي کان اڳ ضبط ٿيڻ جوڳي نه آهي: هن قانوني حُڪم ۾ شامل ڪنهن به ڳالهه لاءِ نه سمجهيو ويندو، ته اُها دعويدار کي اختيار ڏئي ٿي، ته اهڙي زرعي پيداوار جي ضبطگيءَ لاءِ درخواست ڏئي، جيڪا هاريءَ جي تحويل ۾ هجي، ته عدالت کي اختيار هوندو، ته مٿي ڄاڻايل زرعي پيداوار کي ضبط ڪرائي يا انهيءَ جي حاضر ڪرائڻ جو حُڪم ڏئي.

[98][13. ننڍڙا مُقدما هلائيندڙ عدالت، غيرمُتحرڪ ملڪيت کي ضبط ڪرڻ جو حُڪم نه ڏيندي: هن قانوني حُڪم ۾ لکيل ڪا ڳالهه ننڍڙا مُقدما هلائيندڙ عدالت کي اِهو اختيار نٿي ڏئي، ته اُها غير مُنتقل ٿيندڙ ملڪيت کي ضبط ڪرڻ جو حُڪم ڏئي.]

[98] سمال ڪاز ڪورٽس (غيرمتحرڪ ملڪيت جي ضبطگي) ائڪٽ 1926ع (1926ع جو 1)، ڦلم 4 تحت قاعدو 13 شامل ٿيو.

XXXIX- عدالتي حُڪم

عارضي منعنامي ۽ عارضي توڙي وچ وارا حُڪم

[ڏسو قلمَ 94 ۽ 95]

عارضي منعنامي جا حُڪم

1. اُهي مُقدما، جن ۾ عارضي منعنامي جو حُڪم جاري ٿي سگهندو هُجي: جيڪڏهن ڪنهن مُقدمي ۾ حلفيہ لکيل بيان تحت يا ٻيءَ طرح ثابت ڪيو ويندو تہ:

(a) ڪنهن مُقدمي جي، تڪراري ملڪيت اهڙي جوکي ۾ هجي، جو مُقدمي جي ڪا ڌُر انهيءَ کي وڃائي ڇڏيندي يا انهيءَ کي نقصان پهچائيندي يا مُنتقل ڪري ڇڏيندي يا اُها ڪنهن ڊِڪريءَ جي جاري ٿيڻ ۾ اجايو نيلام ٿي ويندي، يا

(b) دعويٰ جو جواب ڏيندڙ پنهنجي قرضدارن جي رقم دڳي سان ڦٻائڻ لاءِ پنهنجي ملڪيت کي هٽائڻ يا وڪڻڻ جي ڌمڪي ڏئي يا نيت رکندو هُجي،

تہ عدالت کي اختيار آهي، تہ مقدمي جي فيصلي يا عدالت جي عارضي منعنامي جي حُڪم تائين، انهيءَ مقصد تہ دعويٰ جو جواب ڏيندڙ انهيءَ فعل کان پرهيز ڪرڻ خاطر حُڪم جاري ڪرڻ جو جيڪو حُڪم مُناسب سمجهي، سو جاري ڪري.

2. دعويٰ جي جواب ڏيندڙ کي هاڃي پهچائڻ يا لڳاتار ڀڃڪڙيءَ کان پرهيز ڪرڻ جو منعنامو:

(1) جنهن مُقدمي ۾ دعويٰ جي جواب ڏيندڙ جو لڳاتار ڀڃڪڙي يا هاڃو پهچائڻ جو ارادو هجي، عام انهيءَ ڳالهہ سان تہ معاوضي جي دعويٰ ڪئي وئي هجي، يا نہ ڪئي ئي هجي، تہ انهيءَ ۾ جائز ٿيندو، تہ دعويدار ڪنهن وقت مُقدمي جي ڪارروائي شروع ٿيڻ کانپوءِ، ڪنهن بہ وقت جڏهن اجا فيصلو جاري نہ ٿيو هجي، يا جنهن ۾ درخواست ڪندڙ کي عدالت کان انهيءَ حُڪم سان منعنامو جاري ڪيو هجي، تہ دعويٰ جو جواب ڏيندڙ جنهن هاڃي پهچائڻ يا لڳاتار ڀڃڪڙيءَ جي دعويٰ ڪئي هُجي، يا انهيءَ قسم سان ڪا لڳاتار ڀڃڪڙيءَ يا هاڃي پهچائڻ جي عمل کي روڪيو ويندو، جيڪو انهيءَ ناهہ سان پيدا ٿيو هجي، يا انهيءَ ملڪيت يا حقيت سان لاڳاپيل هجي.

(2) عدالت کي اختيار هوندو، تہ اهڙي پابنديہ سان منعنامي جو حُڪم جاري ڪري، جيڪو هن قانوني حُڪم تحت منعنامي جو حُڪم ڪنهن عرصي تائين هئڻ گهرجي، تنهن کي سامهون رکيو وڃي، ضمانت داخل ڪرائي وڃي يا نہ، جيئن عدالت مُناسب سمجهي.

[99][(2-A) دعويٰ جي جواب ڏيندڙ جي غيرموجودگيءَ ۾ قاعدي 1 يا 2 تحت جاري ڪيل عارضي منعنامي جو حُڪم عام طور پندرنهن ڏينهن کان وڌيڪ نـ هوندو:

پر شرط هيءَ آهي، تـ اهڙي منعنامي جي حُڪم ۾ دعويٰ جي جواب ڏيندڙ جي انهيءَ عرصي کي تعميل نـ ٿي سگهڻ آڌار وڌائي سگهجي ٿو انهيءَ حالت ۾ تـ اهڙي تعميل نـ ٿيڻ جي عمل کي، دعويدار سان جوڙي نـ سگهجي، يا جڏهن دعويٰ جو جواب ڏيندڙ منعنامي جي حُڪم لاءِ درخواست جي بچاءَ لاءِ وقت گهرندو هجي.

(2-B) قاعدي 1 يا 2 تحت جاري ڪيل منعنامي جو حُڪم، ڌُرين کي ٻڌڻ کانپوءِ يا دعويٰ جي جواب ڏيندڙ کي نوٽيس ڏيڻ کانپوءِ [100][ڇهن مهينن] جي عرصي گُذرڻ کانپوءِ غير مؤثر ٿي ويندو انهيءَ کانسواءِ تـ عدالت، ڌُرين کي ٻيهر ٻڌڻ کانپوءِ ۽ اهڙي واڌ لاءِ لکيل سببن آڌار انهيءَ ۾ واڌارو ڪري ڇڏيو هجي:

پر شرط هيءَ آهي، تـ اهڙي واڌ جي رپورٽ، هاءِ ڪورٽ ڏانهن موڪلي ويندي.]

(3) جيڪڏهن حُڪم جي ڀڃڪڙي ڪئي وڃي، يا مٿي ڄاڻايل پابندين جي ڀڃڪڙي عمل ۾ اچي، تـ منعنامو جاري ڪندڙ عدالت حُڪم ڏئي سگهي ٿي، تـ ذميدار شخص جي ملڪيت کي ضبط ڪيو وڃي، گڏوگڏ انهيءَ کي ايتري عرصي تائين قيد رکيو وڃي، جيڪو ڇهن مهينن کان وڌيڪ نـ هجي، پر انهيءَ عرصي ۾ عدالت انهيءَ جي آزاديءَ جو حُڪم بـ ڏئي سگهي ٿي.

(4) ڪنهن ملڪيت جي ضبطگي، جيڪا هن ڪوڊ جي قاعدي تحت ٿئي، هڪ سال کان وڌيڪ قائم نـ رهندي ۽ جيڪڏهن هڪ سال گُذرڻ کانپوءِ بـ ڀڃڪڙي جو عمل جاري رهي، تـ جائز آهي، تـ ملڪيت کي نيلام ڪيو وڃي، ۽ خريداريءَ جي قيمت ۾ ايترو معاوضو سمجهي، ڏياريو وڃي، جيترو عدالت مُناسب سمجهي ۽ جيڪڏهن ڪجهه باقي رهي، تـ اُهو حقدار ڌُر کي سونپيو وڃي.

[99] ديواني قانون سُڌارا ائڪٽ، 1994ع، PLD 1995ع، مرڪزي قانون 3 تحت شامل ٿيو.

[100] ديواني قانون سُڌارا ائڪٽ، 1994ع تحت لفظ "ديواني" خارج ٿيا.

هاءِ ڪورٽ ترميمون (لاهور):

هيٺئين ترميم، لاهور هاءِ ڪورٽ طرفان سِول پروسيجر ڪوڊ جي قلم 122 تحت نوٽيفڪيشن نمبر 65/قانونسازي/XI-Y-26، تاريخ 26 مارچ 2007ع (PLD 2004_2009ع، اعزازي ڇپائي، قانون 326) پٽاندر ڪئي وئي:

(i) قاعدي 2 ۾ ذيلي قاعدو (3) خارج ٿيندو.

(ii) قاعدي 2B ۾ لفظن "ڇهن مهينن" جي جڳهه تي لفظن "هڪ سال" جي ڦيرقار ڪئي ويندي ۽ شرط ڪانپوءِ هيٺيون مواد شامل ڪيو ويندو:-

"هيءُ پڻ شرط آهي، تہ مُقدمي کي تڪڙين ڪارروايئن سان اُڪلايو ويندو."

(iii) هيٺيون مواد قاعدي 2-C طور شامل ٿيندو:-

"(2-C) حُڪم نہ مڃڻ يا منعنامي جي ڀڃڪڙيءَ جو نتيجو:- (1) قاعدي 1 يا قاعدي 2 تحت ڏنل منعنامي يا ٻئي حُڪم کي نہ مڃڻ جي حالت ۾ يا ڪِن شرطن جي ڀڃڪڙيءَ تي عدالت منعنامو جاري ڪندي يا حُڪم ڏيندي، جنهن تي منعنامو ياحُڪم ڏنو ويو هجي، يا ڪا عدالت، جنهن ڏانهن مُقدمو يا ڪارروائي کي مُنتقل ڪيو وڃي، تہ اهڙي منعنامي يا ڀڃڪڙيءَ جي ڏوهي شخص جي ملڪيت جي ضبطگيءَ جو حُڪم ڏئي سگهي ٿي، ۽ اِهو پڻ حُڪم ڏئي سگهي ٿي، تہ اهڙي شخص کي انهيءَ عرصي لاءِ باندي بڻايو وڃي، جنهن جو عرصو ٽن مهينن کان وڌيڪ نہ هُجي، جيستائين ايتري عرصي ۾ عدالت سندس آزاديءَ لاءِ هدايتون جاري نہ ڪري.

(2) هن قاعدي تحت ٿيل ضبطگيءَ جو حُڪم هڪ سال کان وڌيڪ عرصي تائين لاڳو نہ رهندو، جنهن وقت جي پڇاڙيءَ مهل، جيڪڏهن منعنامو نہ مڃڻ يا ڀڃڪڙيءَ جو عمل جاري رهي، تہ ضبط ڪيل ملڪيت کي وڪڻي سگهجي ٿو ۽ وڪري مان مليل رقم مان، عدالت اهڙو معاوضو ڏيڻ جو حُڪم ڏئي سگهي ٿي، جنهن کي اُها متاثر ڌُر لاءِ مُناسب ڄاڻي، ۽ باقي رهيل رقم انهيءَ ڌُر کي ڏيندي، جيڪڏهن ڪا هُجي، جيڪا انهيءَ جي حقدار هُجي."

[1][3. منعنامي جي حُڪم جاري ڪرڻ کان اڳ عدالت مخالف ڌُر کي نوٽيس ڏيندي: عدالت تي لازم آهي، تہ سمورين حالتن ۾ منعنامي جي حُڪم جاري ڪرڻ کان اڳ ٻيءَ ڌُر کي درخواست جو اطلاع ڏيڻ جو حُڪم جاري ڪندي

[1] سِول پروسيجر ۾ لميٽيشن (ترميم) آرڊيننس 1961ع (1961ع جو IX)، قلم 2 تحت قاعدي 3 ۾ اصلي قاعدي 3 لاءِ ڦيرقار ٿي.

[2][پر شرط هيءُ آهي، تہ انهيءَ حالت ڪانسواءِ، جيڪا مُقرر وقت تي رقم نہ ڏيڻ سبب شين کي نيلام ڪيو وڃي، انهيءَ قرض بابت، جنهن سبب شيون ڪنهن بئنڪ ۾ گِروي هيون، اهڙي صورت ۾ منعنامي جو حُڪم، حڪومت خلاف يا حڪومت جي ملازم يا ڪنهن آئيني اختياري بورڊ يا ڪارپوريشن، جيڪا حڪومت طرفان جوڙي وئي هجي، يا ناهي وئي هجي، جي خلاف ڪنهن اهڙي مُقدمي ۾ ڏيڻو هجي، جيڪو ڪنهن شخص جي بيدخليءَ بابت نہ هجي يا ڪنهن جڳهہ کي ڍاهڻ لاءِ هجي، تہ عدالت کي اختيار آهي، تہ اهڙي حالت ۾ جڏهن تہ اِهو پڌرو هجي، تہ منعنامي جو مقصد دير لڳائڻ سان رَد ٿي ويندو تہ مٿي ڄاڻايل نوٽيس ڏيڻ بغير ڪم هلائي:

وڌيڪ شرط هيءُ آهي، تہ هن قاعدي تحت حڪومت يا ڪو سرڪاري ملازم يا آئيني ادارو ڪو بورڊ يا ڪارپوريشن، جنهن کي حڪومت طرفان ناهيو ويو هجي، اُها ڪين گهٽ ۾ گهٽ ٻہ ڏينهن يا وڌ کان وڌ ستن ڏينهن جو نوٽيس ڏئي.]

اولهہ پاڪستان ترميم:

اولهہ پاڪستان ائڪٽ، 1964ع جي XXX سان، شرط ۾ هيٺئين ترميم شامل ٿي، خاص ڪري لفظن "بينڪ" ۽ لفظن "حڪومت طرفان" جي وچ ۾ هيٺيون مواد شامل ٿيو:-

"يا جتي منعنامو حڪومت يا اهڙي سرڪاري مُلازم يا ڪنهن قانون واري اختياريءَ، بورڊ يا ڪارپوريشن خلاف جاري ڪيو وڃي، جنهن کي حڪومت طرفان جوڙيو يا ناهيو ويو هُجي.

هيٺيون شرط شامل ٿيو:

"وڌيڪ شرط هيءُ آهي، تہ هن قاعدي تحت حڪومت يا ڪنهن سرڪاري مُلازم يا ڪنهن قانون واري اختياريءَ، بورڊ يا ڪارپوريشن، جنهن کي حڪومت طرفان جوڙيو يا ناهيو ويو هُجي، تنهن ڏانهن يا اُنهن خلاف جاري ٿيل نوٽيس جو عرصو ٻن ڏينهن کان گهٽ ۽ ستن ڏينهن کان وڌيڪ نہ هوندو."

4. منعنامي جي حُڪم کي رَدُ، تبديل يا واپس وٺي سگهجي ٿو: هر منعنامي جي حُڪم کي ڪنهن بہ ڌُر جي درخواست تي عدالت طرفان رَدُ يا تبديل يا واپس وٺي سگهجي ٿو جيڪو انهيءَ حُڪم سان غيرمطمئن هجي.

[3][4-A. مُقرر عرصي کانپوءِ منعنامي جو حُڪم لاڳو نہ رهندو: منعنامي جو اهڙو حُڪم، جنهن کي عدالت اهڙي مُقدمي جي ٻُڌڻي ۾ ڏنو هجي، جنهن ۾ بااختيار عملدار يا شخص طرفان جاري ڪيل حُڪم يا ڪيل ڪارروائي يا ڪيل فعل جي بهاني يا انهيءَ جي قانوني اثر تي اعتراض ڪيو ويو هجي ۽ جڏهن ڪنهن قانون تحت ڪو ڪم ڪيو ويو هجي، جيڪو آئين جي پهرئين شيڊيول جي پهرئين حصي ۾ لکيل هجي، يا اِهو مطلب ڪڍيو ويو هجي، تہ اُهو ڪيو ويو آهي يا سمجهيو ويو آهي، يا انهيءَ جو لاڳاپو سرڪاري ماليات جي سُجاڻپ ۽ وصوليءَ سان آهي، يا انهيءَ سان لاڳاپيل آهي، تہ اُهو جنهن

[2] قانوني سُڌارا آرڊيننس 1972ع جي XII تحت قاعدي ۾ تبديلي ٿي.

[3] 1976ع جي ائڪٽ XV تحت شامل ٿيو.

ڏينهن جاري ڪيو ويو هو انهيءَ کان [4][ڇهه مهينا] پورا ٿيڻ کانپوءِ اثرائتو هئڻ نہ سمجهيو ويندو انهيءَ کانسواءِ تہ عدالت طرفان انهيءَ عرصي کان اڳ مُقدمي جو حتمي فيصلو ڪيو وڃي يا منعنامي جي حُڪم کي خارج يا رَدُ ڪيو وڃي.

وضاحت: انهيءَ قاعدي ۾ پبلڪ روينيو ۾ هر اُهي بئنڪون، جيڪي وفاقي حڪومت جي ملڪيت ۾ هجن، ۽ ڪا بي ڪارپوريشن يا فئڪٽريءَ جا واجبات شامل آهن، جيڪا وفاقي حڪومت يا صوبائي حڪومت جي ضابطي ۾ هجن.

پنجاب ترميم:

قاعدي 4-A ۾ لفظن "ڇهن مهينن" جي جاءِ تي "لفظ "هڪ سال" لاءِ ڦيرڦار ٿيندي، جيڪا لاهور هاءِ ڪورٽ طرفان سِول پروسيجر ڪوڊ جي قلم 122 تحت نوٽيفڪيشن نمبر 65/قانونسازي/XI-Y-26، تاريخ 26 مارچ 2007ع (PLD 2004_2009ع، اعزازي ڇپائي، قانون 326) ڪئي وئي.

5. ڪارپوريشن تي منعنامي جي حُڪم جا سندس عملدارَ پابند آهن: جيڪو منعنامي جو حُڪم، ڪنهن ڪارپوريشن جي نالي هجي، سو رڳو انهيءَ ڪارپوريشن تي لاڳو ٿيڻ جوڳو هوندو پر انهيءَ جي سمورن پائيوارن ۽ عُهديدارن تي پڻ لاڳو ٿيندو جن جي ذاتي فعل جو منعنامو انهن سان لاڳاپيل هجي.

وچيان حُڪمَ

6. عارضي مُنتقل ٿيندڙ شين جي نيلام جو اختيار: عدالت کي اختيار آهي، تہ ڪنهن مُقدمي جي ڌُر جي ڪنهن مُنتقل ٿيندڙ ملڪيت/ شيءِ کي وڪڻڻ جي درخواست تي، جيڪا انهيءَ مُقدمي ۾ تڪراري بُنياد هجي يا جنهن کي انهيءَ ۾ اڳوٽي فيصلي ۾ ضبط ڪيو ويو هجي ۽ جنهن جي پاڻمرادو ختم ٿيڻ جو اُلڪو هجي يا جنهن کي انهيءَ معقول ۽ ڪافي سبب سان انهيءَ طريقي ۽ اُنهن شرطن جي پابنديءَ سان، ڪنهن اهڙي شخص وٽ ٿُرت وڪڻڻ ئي مُناسب پائيندو هجي، جنهن جو انهيءَ حُڪم ۾ نالو ڄاڻايل هجي، تہ حُڪم جاري ڪري.

7. مُقدمي سان لاڳاپيل تڪراري ملڪيت جي روڪَ، بچاءُ، معائنو وغيره: (1) عدالت کي مُقدمي جي ڪنهن ڌُر طرفان درخواست ڏيڻ ۽ اُنهن شرطن جي پابنديءَ سان اختيار آهي، جيڪي مناسب پائئجن، تہ:

(a) ڪنهن ملڪيت جي روڪَ، بچاءُ يا معائني وغيره، جيڪو مُقدمي ۾ تڪراري مامرو هجي، جنهن بابت انهيءَ ۾ ڪو سُوال اُٿي سگهندو هجي، تہ حُڪم جاري ڪري.

(b) عدالت پنهنجي فيصلي ۾ مٿي ڄاڻايل سمورن مقصدن يا منجهانئن ڪنهن مقصد لاءِ شخص کي اختيار ڏئي، تہ مٿي ڄاڻايل مُقدمي جي ٻيءَ ڌُر طرفان ڪنهن زمين ۾ يا قبضي واري گهر ۾ يا انهيءَ منجهہ داخل ٿئي: ۽

---

[4] 1997ع جي آرڊيننس XXXV تحت ڦيرڦار ٿي.

(c) عدالت پنهنجي فيصلي ۾ مٿي ڄاڻايل سمورن مقصدن يا منجهائن ڪنهن مقصد لاءِ نمونو وٺڻ جو اختيار ڏئي يا اِهو اختيار ڏئي، ته حالتن جو مطالعو ڪري يا مڪمل ثبوت وٺڻ لاءِ اهڙو معائنو يا امتحان ورتو وڃي، جيڪو ضروري يا سمجهه جوڳو ڀانئجي.

(2) هن بابُ جي حُڪمن تحت حُڪمنامي جي تبديليءَ جا جُزا اُنهن شخص سان پڻ لاڳاپيل هوندا، جن کي هن قلم تحت داخل ٿيڻ جي اجازت هجي.

8. دعويٰ جي جواب ڏيندڙ کي اهڙي حُڪم لاءِ نوٽيس ڏيڻ کانپوءِ ڏنل درخواست: (1) جائز آهي، ته دعويدار طرفان قاعدي 6 يا 7 تحت حُڪم جاري ڪرڻ جي درخواست، دعويٰ جي جواب ڏيندڙ کي لکت ۾ اطلاع پهچائڻ کانپوءِ داخل ڪئي وڃي.

(2) جائز آهي، ته ڪنهن به وقت مٿي ڄاڻايل قسم جي حُڪم جاري ٿيڻ کانپوءِ، دعويٰ جي جواب ڏيندڙ طرفان درخواست ڏيندڙ جي حاضر ٿيڻ ۽ لکت ۾ اطلاع پهچائڻ کانپوءِ، دعويدار وٽ داخل ڪيو وڃي.

9. ڪڏهن ڏُر کي مُقدمي ۾ بُنيادي تڪراري زمين جو تُرت قبضو ڏياري سگهجي ٿو: جڏهن سرڪار کي ڍل ڏيندڙ زمين يا ڪا قابل نيلام حقيت، مُقدمي ۾ تڪراري مامرو هجي، جيڪڏهن اُهو شخص سرڪاري ڍل نه ڏئي، جيڪو زمين يا ملڪيت يا مٿي ڄاڻايل ملڪيت جي حق تي قابض هجي، يا ملڪيت جي حقي مالڪن کي واجب ڍل نه ڏئي، يعني جيڪا به حالت هجي ۽ انهيءَ زمين يا حقي ملڪيت جي نيلام جو انهيءَ سبب سان حُڪم ڏنو وڃي، ته جائز آهي، ته مُقدمي جي ڪا ٻي ڌُر جيڪا زمين ۾ حقي ملڪيت ۾ ڪجهه حق رکڻ جي دعويدار هجي، ڍل جي رقم يا آبيانو ڏئي ڇڏي، جيتري قدر نيلام کان اڳ ڏيڻ جوڳو هجي، (ضمانت داخل يا داخل نه ڪرڻ، جيئن عدالت نبيرو ڪري) ته تُرت زمين يا مٿي ڄاڻايل حقي ملڪيت تي قبضو ڏياري.

۽ عدالت کي اختيار آهي، ته پنهنجي ڊِڪريءَ ۾ مٿي ڄاڻايل ڏنل رقم، باقي ادائيگيءَ جي ذميدار سميت وياج موجب انهيءَ شرح جي، جيڪو عدالت کي مُناسب ڀانئجي، يا حساب جي نبيري جي وقت، جنهن جي نبيري جو حُڪم ڊِڪريءَ ۾ لکيل هجي، مٿي ڄاڻايل رقم سميت ايتري وياج جي حُساب ۾ مُجرو ڏياري، جيڪو عدالت کي ڏيارڻ نامنظور هجي.

10. روڪ رقم يا ٻيون سونپڻ جوڳيون شيون عدالت ۾ داخل ڪيون وڃن: جيڪڏهن مُقدمي ۾ تڪراري شيءِ روڪ رقم هجي يا اهڙي شيءِ هجي، جيڪا سونپي سگهجي ۽ مُقدمي جي ڪنهن ڌُر مڃيو جي، ته انهيءَ روڪ رقم يا شيءِ تي امانتدار طور ٻيءَ ڌُر قابض آهي، يا اِهو ته ڪو ٻيو شخص انهيءَ روڪ رقم يا شيءِ جو مالڪ آهي يا انهيءَ جو قرضدار/ رهڻُ آهي، ته عدالت اِهو حُڪم جاري ڪري سگهي ٿي، ته مٿي ڄاڻايل شيءِ کي عدالت ۾ جمع ڪرايو وڃي يا پڇاڙيءَ ۾ ڄاڻايل ڌُر ڪنهن ٻين هدايتن جي پابنديءَ تحت ضمانت داخل ڪرائي، فيصلو ڏيندڙ عدالت کي سونپي.

عدالتي حُڪم -XL
رسيوَر جي مُقرري

1. رِسيوَر جي مُقرري: (1) جڏهن عدالت انصاف ۽ سهولت خاطر مُناسب سمجهي، تہ انهيءَ کي اختيار هوندو تہ حُڪم ذريعي:

(a) ڪنهن ملڪيت لاءِ رِسيور مُقرر ڪري، ڀوءِ پلي ڊڪريءَ جاري ٿيڻ کان اڳ ۾ يا پوءِ؛

(b) جنهن شخص جي قبضي يا تحويل ۾ مٿي ڄاڻايل ملڪيت هجي، تنهن جي قبضي يا تحويل مان ورتو وڃي

(c) انهيءَ ملڪيت جي قبضي يا تحويل يا انتظام لاءِ مٿي ڄاڻايل رِسيور مُقرر ڪري؛ ۽

(d) هن بابُ تحت اُهي سمورا اختيار جيڪي ملڪيت جي ترقيءَ تحويل ۾ انتظام ۾ دستياب ٿيڻ خاطر دعوي داخل ڪرڻ يا انهيءَ جي جواب ڏيڻ ۾ انهيءَ ملڪيت جي نفعي ۾ مسواڙ جي رقم ۾ هن بابُ موجب لکيل انهن دستاويزن کي خرچ ڪرڻ ۾ ڪنهن ڪم ۾ لڳائڻ. جيڪي پاڻُ مالڪ کي مليل هجن يا منجهانئن اُهي اختيار انهيءَ کي عطا ڪري، جيڪي عدالت جي سمجهہ ۾ مُناسب پائنجن.

(2) هن قلم جي ڪنهن عبارت مان عدالت کي اِهو اختيار نہ آهي، تہ اُها ملڪيت جي تحويل کان ڪنهن شخص کي محروم ڪري، جنهن جو مُقدمي ۾ ڪنهن ڌُر کي ايئن هٽائڻ جو حق نہ هُجي.

2. معاوضو: عدالت ڪنهن عام يا خاص حُڪم ذريعي ڪا رقم مُقرر ڪري سگهي ٿي، جيڪا رسيور کي سندس خدمت جي معاوضي طور ڏني ويندي.

3. فرضَ: هر رِسيوَر تي، جنهن کي ايئن مُقرر ڪيو وڃي، لازم آهي تہ:

(a) ايتري رقم جي ضمانت انهيءَ اِقرار سان داخل ڪري، جنهن کي عدالت مُناسب سمجهي، تہ ملڪيت بابت جيڪو ڪجهہ بہ ملندو، تنهن جو ضابطي پٽاندر حساب ڏيندو.

(b) پنهنجو حساب اهڙن وقتن تي ۽ اهڙن نمونن پٽاندر ٺاهيندو لکندو جيئن عدالت هدايت ڪندي؛

(c) جيڪو باقي حساب پٽاندر ملندو تنهن کي هدايت موجب سونپيندو ۽

(d) جيڪڏهن ملڪيت کي سندس اِرادي سان ڏوهہ يا ڀُل يا گهٽي لاپرواهيءَ سان ڪو هاجو پهچندو تہ هُو انهيءَ جو ذميدار هوندو.

4. رِسيور جا فرضَ لاڳو ڪرڻ: جيڪڏهن رسيور:

(a) پنهنجو حساب وقت تي ۽ عدالت جي مُقرر ڪيل نموني موجب نہ ڏئي؛ يا

(b) جيڪا رقم هُن ڏانهن رَهت نڪري، تنهن کي هدايت موجب عدالت کي سونپڻ ۾ ناڪام رهي؛ يا

(c) ملڪيت کي سندس اِرادي سان ڏوهہ يا ڀُل سان نقصان پهچائي، تہ عدالت کي اختيار

آهي، تہ هُن جي ملڪيت کي ضبط يا نيلام ڪيو وڃي ۽ نيلام مان جيڪا رقم ملي، تنهن منجهان اُها رقم مُجرو ڪيدي وٺي، جيڪا هن ڏانهن رَهت نڪري يا جيترو نقصان هُن ڪيو هجي ۽ باقي رقم رسيور کي سونپي.

5. جڏهن ڪليڪٽر کي رِسيور مُقرر ڪري سگهجي ٿو: جيڪڏهن متي ڄاڻايل ملڪيت سرڪاري ڍل جي وصولي يا اهڙي زمين هجي، جنهن جي ڍل مُنتقل ڪئي وئي هجي، تہ معاوضي عيوض چڙي ڏنو ويو هجي ۽ عدالت جي سوچ ۾ اُها ملڪيت، ڪليڪٽر صاحب جي نگرانيءَ ۾ رهڻ سان ڏُرين جو فائدو سمجهيو ويندو تہ عدالت کي اختيار هوندو تہ ڪليڪٽر صاحب کي سندس راضپي سان ڄاڻايل ملڪيت جو رِسيور مُقرر ڪري.

عدالتي حُڪم -XLI

اصلي ڊِڪرين ۾ اپيل

1. اپيل جو نمونو يادداشت سان گڏ ڪمڙيون ڳالهيون ۽ سندس موادَ هجي: (1) هر اپيل هڪڙي يادداشت طور، جنهن تي اپيل ڪندڙ يا سندس وڪيل جي صحيح ٿيل هوندي، عدالت يا انهيءَ جي مُقرر ڪيل عمديدار سامهون پيش ٿيندي ۽ انهيءَ سان گڏ ڊِڪريءَ جو نقل، جنهن جي اپيل ڪرڻي هجي ۽ جيڪڏهن اپيل واري عدالت انهيءَ کان نہ نٽائي، تہ فيصلي جو نقل، جنهن تي اُهو ٻڌل هجي، داخل ڪرڻ گهرجي.

(2) يادداشت ۾ لکيل مواد: انهيءَ يادداشت ۾ انهيءَ ڊِڪريءَ جا سبب، جنهن بابت اپيل ٿيل هجي، تہ عبارت مختصر ۽ قلمن موجب يا بغير، ڪنهن حُجت کانسواءِ لکي ويندي ۽ ڄاڻايل سببن تي سلسليوار نمبر لڳل هوندا.

هاءِ ڪورٽ ترميمون (لاهور):

ذيلي قاعدي (1) ۾ هيٺيون شرط شامل ٿيو:

”پر شرط هيءُ آهي، تہ جڏهن ٻہ يا وڌيڪ مُقدمن جي ڪارروائي گڏ هلائي وڃي ۽ ساڳئي فيصلي سان هڪڙي ڊِڪري جاري ڪئي وڃي، ۽ ٻہ يا وڌيڪ اپيلون، ڊِڪريءَ خلاف داخل ڪيون وڃن، پوءِ پلي اُهي ساڳئي يا مختلف درخواست ڏيندڙن طرفان هُجن، تہ انهيءَ پاران مُقرر ٿيل عملدار، جہ ڪڏهن مطمئن هُجي، تہ ڊِڪرين لاءِ سوالَ هرهڪ اپيل ۾ هڪجهڙا هجن، تہ ڊِڪريءَ جي هڪڙي نقل کان وڌيڪ جي پيش ڪرڻ جو حُڪم ڏئي سگهي ٿو.“

هاءِ ڪورٽ ترميمون (اُتر - اولہ سرحدي صوبو):

ذيلي قاعدي (1) ۾ هيٺيون شرط شامل ٿيو:

”پر شرط هيءُ آهي، تہ جڏهن ٻہ يا وڌيڪ مُقدمن جي ڪارروائي گڏ هلائي وڃي ۽ ساڳئي فيصلي سان هڪڙي ڊِڪري جاري ڪئي وڃي، ۽ ٻہ يا وڌيڪ اپيلون، ڊِڪريءَ خلاف داخل ڪيون وڃن،

اُهي ساڳئي درخواست ڏيندڙ يا مختلف درخواست ڏيندڙن طرفان اپيلون داخل ڪيون وڃن، تہ اِهو لازمي نہ هوندو تہ ڊِڪريءَ جي هڪڙي نقل ڪان وڌيڪ نقل پش ڪيا وڃن.“

2. سبب، جيڪي اپيل ۾ شامل ڪري سگهجن ٿا: اپيل ڪندڙ تي لازم آهي، تہ عدالت جي اجازت کانسواءِ ڪاوڙ جو ڪو اهڙو سبب نہ ڄاڻائي، نہ ڪنهن اهڙي سبب جي پُٺڀرائيءَ ۾ انهيءَ جي بيانَ جي ٻُڌٽي ڪئي ويندي، جيڪو اپيل جي يادداشت ۾ نہ ڄاڻايو ويو هجي، پر اپيل واريءَ عدالت فيصلي ڪرڻ ۾ اُنهن اعتراضن جي پابند نہ هوندي، جيڪي اپيل جي يادداشت ۾ ڄاڻايا ويا هجن يا جيڪي انهيءَ قلم پٽاندر عدالت جي اجازت سان پيش ڪيا ويا هجن:

پر شرط هيءُ آهي، تہ اپيل واريءَ عدالت پنهنجو فيصلو ڪنهن ٻئي سبب نہ ڏئي، ايستائين انهيءَ حال ۾ انهيءَ ڌُر کي انهيءَ سبب مُقدمي بابت مڪمل جواب ڏيڻ جو ڀرپور موقعو ملي چُڪو هجي، جنهن جي خلاف فيصلو هجي.

3. يادداشت جي نامنظوري يا منجهس ترميم: (1) جيڪڏهن اپيل جي يادداشت انهيءَ طور نہ لکيل هجي، جيڪا اڳ ۾ ڄاڻائي وئي هجي، تہ جائز آهي، تہ نامنظور ڪئي وڃي يا اپيل ڪندڙ کي انهيءَ لاءِ واپس ڪئي وڃي، تہ انهيءَ جي ترميم عدالت جي مُقرر ڪيل مُقرر عرصي ۾ ٿئي يا انهيءَ تي تڏي تي منجهس ترميم ڪئي وڃي.

(2) جڏهن عدالت ڪنهن يادداشت کي نامنظور ڪري، تہ انهيءَ جي نامنظوريءَ جي سببن کي قلمبند ڪرڻو پوندو.

(3) جڏهن ڪنهن يادداشت جي اپيل ۾ ترميم ڪئي وڃي، تہ جَجُ يا اُهو عمديدار، جنهن کي جَج انهيءَ ڪم لاءِ مُقرر ڪري، ترميم ٿيل عبارت تي پنهنجي صحيح ڪندو.

4. گهڻن دعويدارن يا دعوي جي جواب ڏيندڙن منجهان ڪو هڪڙو سموري ڊِڪريءَ کي رد ڪرائي سگهي ٿو جڏهن انهيءَ جي ڪارروائي سڀني لاءِ هڪجهڙي هجي: جيڪڏهن ڪنهن مُقدمي ۾ ڪجهہ دعويدار يا دعوي جو جواب ڏيندڙَ هُجن ۽ جنهن ڊِڪريءَ جي اپيل اهڙي سبب تي ٻَڌل هجي، جيڪا سمورن دعويدارن يا دعوي جي جواب ڏيندڙن تي هڪجيتري مؤثر هجي، تہ ڪو شخص دعويدار يا سمورا دعوي جو جواب ڏيندڙَ ڊِڪريءَ بابت اپيل ڪري سگهن ٿا ۽ انهيءَ سبب عدالت کي اختيار هوندو تہ ڊِڪريءَ کي سمورن دعويدارن يا دعوي جي جواب ڏيندڙن جي حق ۾ رَدُ يا ترميم ڪري، جيئن بہ حالت هجي.

ڪارروائين ۾ التواءِ ڊِڪري جاري ٿيڻ

5. اپيل واريءَ عدالت طرفان منعنامو: (1) ڪنهن ڊِڪريءَ يا حُڪم جي ڪارروائي اپيل سبب ملتوي ٿي ويندي، جنهن جي ناراضگيءَ سان اپيل داخل ٿي هجي، انهيءَ کانسواءِ جيئن اپيل واريءَ عدالت حُڪم ڏئي، تنهنڪري نہ رڳو ڪنهن ڊِڪريءَ جي جاري ٿيڻ کي رُڳو انهيءَ سبب مُلتوي ڪيو ويندو تہ

انهيءَ ڊِڪريءَ جي اعتراضن سبب اپيل داخل ٿئي. پر اپيل واريءَ عدالت کي اختيار هوندو ته معقول سبب ڏسڻ جي حالت ۾ جاٽايل ڊِڪري کي جاري ڪرڻ بابت التوا جو حُڪم جاري ڪيو وڃي.

(2) ڊِڪريءَ جاري ڪندڙ عدالت طرفان التوا: جيڪڏهن اپيل جي قابل ڊِڪريءَ جي جاري ٿيڻ کي ملتوي ڪرڻ جي درخواست جي عرصي گذرڻ کان اڳ داخل ٿئي. جيڪا اپيل داخل ٿيڻ لاءِ مُقرر هجي، ته ڊِڪري جاري ڪندڙ عدالت کي اختيار هوندو ته معقول سبب پيش ٿيڻ تي ڊِڪري جاري ڪرڻ واري عمل کي مُلتوي رکي.

(3) ڪوبه حُڪم ذيلي قاعدي (1) (2) موجب جاري نه ڪيو ويندو. انهيءَ ڪانسواءِ ته عدالت کي اطمينان هجي ته:

(a) جيڪا ڌُر ڊِڪريءَ جي جاري ٿيڻ کي مُلتوي ڪرڻ لاءِ درخواست ڏئي، ته انهيءَ کي هن قانوني حڪم موجب حُڪم جي مُلتوي نه ٿيڻ جي حالت ۾ واقعي هاڃو پهچي; ۽

(b) درخواست آٽوٽندڙ تاخير بغير داخل ٿي هجي; ۽

(c) درخواست ڪندڙ انهيءَ ڊِڪريءَ يا حُڪم جي واقعي تعميل لاءِ، جنهن جي اثر موجب اُهو سندس ذمي قابل تعميل ٿي سگهندو هجي، ضمانت داخل ڪئي وئي هجي.

(4) ذيلي قاعدي جي مضمون موجب، عدالت درخواست جي ٻُڌڻيءَ دؤران ڊِڪري جاري ٿيڻ کي مُلتوي ڪرڻ بابت هڪ طرفو حُڪم ڏئي سگهي ٿي.

6. ڊِڪريءَ جي حُڪم خلاف ڪيل اپيل جي حالت ۾ ضمانت: (1) جڏهن ڪو حُڪم اهڙي ڊِڪري جاري ٿيڻ لاءِ جاري ٿيو هجي، جنهن جي اپيل داخل هجي ۽ اپيل ڪندڙ ڪافي سبب ڄاڻائي، ته ڊِڪري جاري ڪندڙ عدالت تي لازم هوندو ته انهيءَ ملڪيت جي واپسيءَ جي اطمينان جي مقصد سان، جيڪا ڊِڪري جاري ٿيڻ پٺاندر ورتي وڃي يا ورتي وئي هجي، يا ڄاڻايل ملڪيت جي ماليت ڏيڻ ۾ اطمينان ۽ گڏوگڏ اصلي ڊِڪريءَ جي تعميل يا اپيل واري عدالت جي حُڪم لاءِ ضمانت گهري يا اپيل واريءَ عدالت کي اختيار هوندو ته اهڙي سبب انهيءَ عدالت کي ضمانت وٺڻ جي هدايت ڪري، جنهن ڊِڪري جاري ڪئي هجن.

(2) انهيءَ حالت ۾ ته جاري ٿيل ڊِڪريءَ سبب ملڪيت ۽ غيرمُنتقل ٿيندڙ ملڪيت جي نيلاميءَ جو حُڪم ٿي چُڪو هجي ۽ انهيءَ ڊِڪريءَ جي اپيل داخل هجي، ته ڊِڪريدار جي درخواست تي، جيڪو متيون حُڪم جاري ڪندڙ عدالت ۾ داخل ڪري، ته نيلام جي اپيل جو فيصلو اُنهن شرطن تي مُلتوي رهندو جيڪو هن بابُ موجب ڊِڪري جاري ڪندڙ عدالت ۾ ضمانت داخل يا نه داخل ٿيڻ جي سوچ ۾ مُناسب هجن.

7. [حڪومت يا ڪنهن سرڪاري عملدار کان ڪجهه خاص مُقدمن ۾ ضمانت نه گهري ويندي[1] [***]

---

[1] 1937ع جي قانوني حُڪم تحت معطل ٿيو.

8. جاري ٿيل ڊڪريءَ ۾ ڪيل حُڪم ۾ اپيل جي اختيارن کي لاڳو ڪرڻ: جيڪي اختيار، قاعدي 5 ۽ 6 پٽاندر مليا آهن، تن تي عمل درآمد انهيءَ حالت ۾ به ٿي سگهي ٿو جڏهن اپيل ڊڪريءَ جي جاٽايل حُڪم جي خلاف نه، پر ڪنهن اهڙي حُڪم جي خلاف ڪئي وئي هجي، جيڪو جاٽايل جاري ٿيل ڊڪريءَ لاءِ ڏنو ويو هجي:

[6][پر شرط هيءَ آهي، ته جڏهن اُها اپيل ڊڪريءَ جي قرضدار طرفان ڪئي وئي هجي، ته هُن کي لازمي طور ڪرٽي هوندي، جيستائين عدالت جواِهو رايو نه هجي، ته ظاهري طور اپيل اهڙي هجي، جنهن کي واضح غلطيءَ جي سبب ضرور سوپارو ٿيڻ کپي، جيڪا ريڪارڊ مان پڌري هجي:

(a) رقم ڏيڻ جي حالت ۾ ڊڪريءَ جي رقم جمع ڪرائڻ يا انهيءَ جي ادائيگيءَ لاءِ ضمانت ڏيڻ، ۽

(b) ڪنهن ٻئي قسم جي ڊڪريءَ جي حالت ۾ ڊڪريءَ جي تعميل لاءِ موزون ضمانت داخل ڪرڻ.]

اپيل جي داخلا تي ڪارروائي

9. اپيل جي يادداشت جي داخلا: (1) جڏهن اپيل جي يادداشت منظور ٿي وڃي، ته اپيل واريءَ عدالت يا انهيءَ عدالت جي عهديدار کي اختيار آهي، ته انهيءَ جي داخلا واريءَ تاريخ تي صحيح ڪندو ۽ جاٽايل اپيل کي رجسٽر ڪتاب ۾ داخل ڪندو جيڪو انهيءَ ڳالهه لاءِ رکيل هوندو.

(2) اپيلن جو رجسٽر: جاٽايل ڪتاب کي اپيلن جو رجسٽر سڏيو ويندو.

10. اپيل واريءَ عدالت، اپيل ڪندڙن کان اپيل تي ايندڙ خرچ جي ضمانت گهري سگهي ٿي: (1) اپيل واريءَ عدالت کي انهيءَ ڳالهه جو اختيار هوندو ته پنهنجي راءِ موجب، اپيل جي تَتُ توڙي جواب ڏيڻ لاءِ دعوي جي جواب ڏيندڙن کي گهرائڻ کان اڳ يا پوءِ دعوي جي جواب ڏيندڙن جي درخواست تي اپيل ڪندڙن کان اپيل يا مُقدمي جي خرچ يا ٻنهي جي خرج ڏيڻ لاءِ ضمانت گهري.

(2) جڏهن اپيل ڪندڙ پاڪستان وغيره کان ٻاهر رهندو هُجي:- جاٽايل عدالت اُنهن سمورن مُقدمن ۾ ضمانت گهري، جن ۾ اپيل ڪندڙ پاڪستان جو رهواسي هجي ۽ ڪافي غيرمُنتقل ٿيندڙ ملڪيت پاڪستان ۾، انهيءَ ملڪيت کان علاوه نه رکندو هجي، جنهن سان اُها اپيل لاڳاپيل هجي.

(3) جڏهن عدالت جي مُقرر ڪيل عرصي ۾ ضمانت نه داخل ڪرائي وڃي، ته عدالت، اپيل کي نامنظور ڪرڻ جو حُڪم ڏيندي.

11. ماتحت عدالت ڏانهن نوٽيس موڪلڻ کانسواءِ اپيل کي رَدُ ڪرڻ جو اختيار: (1) اپيل واريءَ عدالت کي اختيار آهي، ته خرچ گهرڻ کانپوءِ جيڪڏهن مُناسب سمجهي ۽ اپيل ڪندڙ يا سندس وڪيل جي درخواست جي ٻُڌڻيءَ لاءِ تاريخ مُقرر ڪرڻ کانپوءِ ۽ جيڪڏهن اُهو انهيءَ تاريخ تي حاضر هجي، ته انهيءَ جي اعتراضن کي ٻُڌي، جاٽايل عدالت ڏانهن اپيل کي موڪلڻ ۽ دعوي جي جواب ڏيندڙ يا سندس وڪيل جي نالي اطلاع جاري ڪرڻ بغير، اپيل کي خارج ڪري ڇڏي.

---

[6] قانوني شڌارا آرڊيننس 1972ع جي XII تحت شامل ٿيو.

(2) جيڪڏهن مُقرر ڏينهن يا انهيءَ تاريخ تي، جنهن تي ٻُڌڻي مُلتوي ڪئي وئي هجي، اپيل ڪندڙ اپيل جي ٻُڌڻيءَ وقت حاضر نہ هجي، تہ عدالت اپيل کي خارج ڪري سگهي ٿي. هن قلم موجب اپيل جي خارج ٿيڻ جو اطلاع، انهيءَ عدالت کي ڏنو ويندو، جنهن جي جاري ٿيل ڊِڪريءَ خلاف اپيل داخل ٿي هجي.

12. اپيل جي ٻُڌڻيءَ لاءِ مُقرر تاريخ: (1) اپيل واريءَ عدالت انهيءَ حالت ڪانسواءِ، تہ اپيل قاعدي 11 موجب خارج ڪئي وڃي، تہ اپيل جي ٻُڌڻيءَ لاءِ هڪڙي تاريخ مُقرر ڪندي.

(2) ڄاڻايل تاريخ تي عدالت جي ڪارروايُن موجب ۽ دعويٰ جي جواب ڏيندڙ جي رهائش ۽ مُقدمي جو عرصو مُقرر ٿيندو. جيڪو اپيل جي اطلاع جاري ٿيڻ لاءِ ضروري هجي، تہ جيئن دعويٰ جي جواب ڏيندڙ کي مُقرر تاريخ تي حاضر ٿيڻ ۽ اپيل جي جواب ڏيڻ لاءِ ڪافي مُهلت ملي.

13. انهيءَ عدالت کي اطلاع ڏيڻ، جنهن جي جاري ٿيل ڊِڪريءَ خلاف اپيل داخل ٿي هجي: (1) جيڪڏهن اپيل قاعدي 11 موجب خارج نہ ٿئي، تہ اپيل واريءَ عدالت تي لازم آهي، تہ انهيءَ عدالت کي داخل ٿيل اپيل جو اطلاع ڏئي، جنهن جي جاري ٿيل ڊِڪريءَ خلاف اپيل ٿي هجي.

(2) جيڪڏهن اپيل ڪنهن اهڙي عدالت جي ڊِڪريءَ خلاف هجي، جنهن جا ڪاغذ اپيل واريءَ عدالت ۾ نہ هجن، تہ انهيءَ عدالت تي لازم آهي، جنهن ۾ اهو مٿيون اطلاع موڪليو ويو هجي، تہ اطلاع ملڻ ڪانپوءِ، جيستائين تڪڙو ممڪن ٿئي، جن مُقدمي ۾ ضروري ڪاغذ يا اهڙا ڪاغذ، جن بابت اپيل واريءَ عدالت مان خاص طلبي ٿي هجي، تہ اپيل واريءَ عدالت ڏانهن موڪلي.

(3) ڌُرين مان ڪا ڌُر انهيءَ عدالت ۾ لکيل درخواست داخل ڪري سگهي ٿي، جنهن جي جاري ٿيل ڊِڪريءَ خلاف اپيل ٿي هجي، تہ ڄاڻايل ڪاغذن جي حُڪم سان داخلاءِ اُنهن ڪاغذن جا نقل، جن جو اُها نقل گهري، درخواست ڏيندڙ جي ڪتب اچڻ خاطر، لکي درخواست ڏيندڙ کي ڏنا ويندا.

14. اپيل جي ٻُڌڻيءَ لاءِ ٻُڌڻيءَ واري ڏينهن جي نوٽيس جي تعميل ۽ اِشتهار: (1) انهيءَ تاريخ جي مُقرريءَ بابت اطلاع، جنهن کي قاعدي 12 پٽاندر مُقرر ڪيو ويو هجي، اپيل واريءَ عدالت ۾ پڌرو لڳايو ويندو ۽ انهيءَ مضمون جو اطلاع، اپيل واريءَ عدالت مان انهيءَ عدالت ۾ موڪليو ويندو جنهن جي جاري ٿيل ڊِڪريءَ خلاف اپيل ٿي هجي ۽ ڄاڻايل دعويٰ جي جواب ڏيندڙ يا سندس وڪيل ڏانهن اطلاع، اپيل واريءَ لاڳاپيل عدالت طرفان ڪنهن دعويٰ جي جواب ڏيندڙ کي عدالت ۾ حاضريءَ لاءِ ۽ جواب ڏيڻ واري طريقي موجب جاري ٿيندو ۽ اُهي سمورا قاعدا، جيڪي ڄاڻايل سمن ۽ سمن جي تعميل سان لاڳاپيل ڪارروائي سان لاڳاپيل هوندا، ڄاڻايل اطلاع جي تعميل سان پڻ لاڳاپيل هوندا.

(2) اپيل واريءَ عدالت دعويٰ جي سمن کي پاڻُ تعميل ڪرائي سگهي ٿي: انهيءَ عدالت ۾ اطلاع موڪلڻ بجاءِ، جنهن جي جاري ٿيل ڊِڪريءَ خلاف اپيل ٿي هجي، اپيل واري عدالت کي اختيار آهي، تہ اطلاع پاڻُ دعويٰ جي جواب ڏيندڙ يا سندس وڪيل کي مٿي ڄاڻايل قاعدن موجب ڏئي.

هاءِ ڪورٽ ترميمون (اُتر_ اولهه سرحدي صوبو):

ذيلي قاعدي (1) ۾ هيٺيون شرط شامل ٿيو:

"شرط هيءُ آهي، تہ عدالت جي اجازت سان، ڪنهن نوٽيس جي دعوىٰ جي جواب ڏيندڙ تي تعميل لازمي نہ هوندي، جيڪو ڪنهن مُقدمي ۾ پروفارما بچاءُ ڪندڙ هو، جنهن ۾ سندس خلاف هڪ طرفو فيصلو ٿيو هو."

هاءِ ڪورٽ ترميمون (سنڌ):

ذيلي قاعدي (3) طور هيٺيون مواد شامل ٿيو:

"(3) بهرحال، اپيل واري عدالت، پنهنجي مرضيءَ پٽاندر اپيل يا عارضي وچ واري حڪمن تي داخل درخواست تي، دعوىٰ جي جواب ڏيندڙ يا مُخالف ڌُر تي نوٽيس جي تعميل جو حڪم ڏئي سگهي ٿي، جيڪو مُقدمي هلائيندڙ عدالت ۾ حاضر نہ ٿيو هُجي."

قاعدي 14-A طور هيٺيون مواد شامل ٿيو:

"14-A . اپيل واريءَ عدالت جي اجازت کانسواءِ اِنهن قاعدن ۾ ڪابہ ڳالهہ لازمي نہ هوندي، تہ مخالف ڌُر يا دعوىٰ جي جواب ڏيندڙ کي ڪو نوٽيس ڏنو يا مٿس تعميل ڪيو وڃي، پر سمجهيو ويندو تہ ڪنهن مرحوم مُخالف ڌر يا مرحوم دعوىٰ جي جواب ڏيندڙ جي قانوني نمائندي کي نوٽيس ڏيڻ ۽ مٿس تعميل ٿيڻ لازم آهي، جتي اهڙو مخالف ڌُر يا دعوىٰ جو جواب ڏيندڙ حاضر نہ ٿئي، ۽ نہ ئي عدالت ۾ ٻڌڻيءَ تي اچي، جنهن جي ڊِڪريءَ يا اُن جي ڪنهن ڪارروائين تي شڪايت ڪئي وڃي، جيڪا پوءِ انهيءَ عدالت مان ڊِڪري جاري ٿي هُجي."

هاءِ ڪورٽ ترميمون (لاهور):

ذيلي قاعدي (3) طور هيٺيون مواد شامل ٿيو:

"(3) اِهو اپيل واريءَ عدالت جي مرضيءَ تي آڌاريل هوندو تہ اُها اپيل جي ڪنهن بہ ڏاڪي تي ڪو حُڪم جاري ڪري، پوءِ پلي اُهو حُڪم ڪنهن ڌُر جي درخواست تي، ڪنهن بہ دعوىٰ جي جواب ڏيندڙ تي يا ڪنهن اهڙي دعوىٰ جي جواب ڏيندڙ جي قانوني نمائندن تي تعميل ٿيڻ لاءِ جاري ٿيندڙ اهڙي نوٽيس تي، پنهنجي تحرڪ سان جاري ٿئي، جيڪو عدالت ۾ ڪنهن بہ ٻڌڻيءَ تي حاضر نہ ٿيو هُجي، جنهن ۾ ڊِڪريءَ تي يا عدالت مان جاري ٿيل ڊِڪريءَ جي پوءِ ٿيندڙ ڪن ڪارروائين تي شڪايت ڪئي وڃي:

پر شرط هيءُ آهي_

(a) عدالت تي لازم آهي، تہ اُها اپيل جي نوٽيس کي ڪنهن اخبار ۾ يا اخبارن ۾ يا اهڙي انداز سان ڇپرائي، جنهن کي اُها هدايت ڏيئي سگهي:

(b) اهڙو ڪوبہ حُڪم، ڪنهن اهڙي دعوىٰ جي جواب ڏيندڙ يا قانوني نمائندي کي اپيل جي جواب ڏيڻ لاءِ حاضر ٿيڻ کان نہ روڪيندو.

15. نوٽيس جو موادُ: دعويٰ جي جواب ڏيندڙ جي نالي اطلاع انهيءَ ڳالهہ جو هوندو تہ جيڪڏهن اُهو اپيل واريءَ عدالت ۾ داخل اپيل جي مُقرر تاريخ تي ٻُڌڻيءَ تي حاضر نہ ٿيندو، تہ اپيل جو هڪطرفو فيصلو ٻُڌايو ويندو.

ٻُڌڻيءَ مهل ڪارروائي

16. ٻُڌڻي شروع ڪرڻ جو حَقُ: (1) مُقرر تاريخ تي يا ڪنهن ٻيءَ تاريخ تي، جنهن تي مُقدمي جي ٻُڌڻي مُلتوي ڪئي وئي هجي، اپيل ڪندڙ جي اپيل جي پُٺڀرائيءَ ۾ اعتراضن کي ٻُڌو ويندو.

(2) تڏهن عدالت جيڪڏهن انهيءَ وقت اپيل کي خارج ڪرڻ مُناسب نہ سمجهي، تہ دعويٰ جي جواب ڏيندڙ خلاف داخل اپيل تي اعتراضن جي ٻُڌڻي ڪندي ۽ انهيءَ صورت ۾ اپيل ڪندڙ جواب ڏيڻ جو حقدار هوندو.

17. اپيل ڪندڙ جي پيروي نہ ٿيڻ سبب اپيل جو خارج ٿيڻ: (1) جيڪڏهن مُقرر ٿيل تاريخ تي يا ڪنهن ٻيءَ تاريخ تي جڏهن مُقدمي جي ٻُڌڻي مُلتوي رکي وئي هجي، تہ اپيل ڪندڙ اپيل جي ٻُڌڻيءَ مهل حاضر نہ هجي، تہ اپيل کي خارج ڪيو ويندو.

(2) هڪطرفي ٻُڌڻي: اپيل ڪندڙ حاضر هجي ۽ دعويٰ جو جواب ڏيندڙ حاضر نہ هجي، تہ اپيل جي ٻُڌڻي هڪطرفي ٿيندي.

18. اپيل جو خارج ٿيڻ، جڏهن اپيل ڪندڙ طرفان خرچ نہ ڏيڻ سبب نوٽيس نہ نڪتو هجي: جيڪڏهن مُقرر ڪيل تاريخ يا ڪنهن ٻيءَ تاريخ تي، جيستائين مُقدمي جي ٻُڌڻيءَ کي مُلتوي رکيو ويو هجي، تہ اِهو پتو پوي، تہ دعويٰ جي جواب ڏيندڙ ڏانهن نوٽيس انهيءَ سبب نہ نڪتو هجي، تہ اپيل ڪندڙ عدالت ۾ مُقرر عرصي ۾ دعويٰ جي جواب ڏيندڙ ڏانهن جاري ٿيندڙ نوٽيس جو گهربل خرچ نہ جمع ڪرايو هجي، تہ عدالت کي اِهو حُڪم ڏيڻ جو اختيار آهي، تہ اپيل خارج ٿئي:

پر شرط هيءَ آهي، تہ انهيءَ باوجود تہ نوٽيس دعويٰ جي جواب ڏيندڙ تي تعميل نہ ٿيو هجي، تہ اهڙو حُڪم انهيءَ حالت ۾ جاري نہ ٿيندو تہ دعويٰ جو جواب ڏيندڙ مٿي ڄاڻايل ٻُڌڻيءَ وقت حاضر ٿيو هجي.

19. پيروي نہ ٿيڻ سبب خارج ڪيل اپيل جي بَحالي: (1) جيڪڏهن اپيل قاعدي 11 جي ذيلي قاعدي (2) 17 يا 18 موجب خارج ٿي هجي، تہ اپيل ڪندڙ کي اختيار هوندو تہ اپيل واريءَ عدالت ۾ ٻيءَ اپيل داخل ڪرڻ لاءِ درخواست داخل ڪري ۽ جيڪڏهن اِهو ثابت ٿي ويو هجي، تہ جڏهن اپيل ٻُڌڻي لاءِ پيش ٿي هئي، تہ اُهو انهيءَ وقت حاضر ٿيڻ يا مٿي ڄاڻايل رقم جو گهربل خرچ ڏيڻ کان ڪنهن سبب لاچار هو، تہ عدالت کي اختيار آهي، تہ هن قانوني حُڪم جي شرطن موجب مٿي ڄاڻايل ٻيءَ داخل اپيل پٺاندر انهيءَ خرچ ڏيڻ يا نہ ڏيڻ کي منظور ڪري، جيڪو اپيل واريءَ عدالت لاڳو ڪرڻ مُناسب ڄاڻي.

[7][(2) لميٽيشن ائڪٽ، 1908ع (IX بابت 1908ع) جي قلم 5 جا شرط قاعدي 11 جي ذيلي قاعدي (2) يا قاعدي 17 جي ذيلي قاعدي (1) تحت رد ٿيل اپيل جي درخواست جي ٻيهر داخلا بابت لاڳو ٿيندا.]

20. ٻُڌڻي کي مُلتوي ڪرڻ ۽ اپيل جي نتيجي سان چاهه رکندڙ شخصن کي دعوي جو جواب ڏيندڙ ڌُر بنائي سگهڻ جون هدايتون ڏيڻ جو اختيار: جيڪڏهن اپيل جي ٻُڌڻيءَ مهل عدالت کي پتو پوي، ته ڪو شخص، جيڪو انهيءَ عدالت ۾ مُقدمي جي ڌُر هجي، جنهن جي ڊِڪريءَ جي مخالفت ۾ اپيل ٿي هجي، پر ڪيس انهيءَ اپيل ۾ ڌُر نه بنايو ويو هجي، ۽ اُهو اپيل جي نتيجي ۾ ڪجهه چاهه رکندو هجي، ته عدالت کي اختيار هوندو ته اپيل جي ٻُڌڻيءَ کي ايندڙ تاريخ تائين مُلتوي رکي، جيڪا عدالت جي راءِ سان مُقرر ٿيندي ۽ اُها متي ڄاڻايل شخص کي دعوي جو جواب ڏيندڙ بنائڻ جو حُڪم ڏيندي.

21. جنهن دعوي جي جواب ڏيندڙ خلاف هڪطرفي ڊِڪري جاري ٿي هجي، تنهن جي درخواست تي اپيل جي ٻيهر ٻُڌڻي: (1) جڏهن دعوي جي جواب ڏيندڙ جي حاضريءَ بغير اپيل جي هڪطرفي ٻُڌڻي ٿي هجي، ۽ فيصلو انهيءَ جي مقصدن خلاف جاري ٿيو هجي، ته هُن کي اختيار هوندو ته اپيل واريءَ عدالت ۾ اپيل جي ٻيهر ٻُڌڻيءَ لاءِ درخواست ڏئي، ۽ هُو جيڪڏهن عدالت ۾ حاضر ٿيڻ کان لاچار هجي، ته عدالت کي اختيار آهي، ته اپيل جي ٻيهر ٻُڌڻيءَ کي، هن قانوني حُڪم ۾ خرچ ڏيڻ يا نه ڏيڻ بابت دعوي جي جواب ڏيندڙ تي اهڙن شرطن کي لاڳو ڪري، جيڪي سندس سوچ ۾ مُناسب هجن.

[8][(2) لميٽيشن ائڪٽ، 1908ع (IX بابت 1908ع) جي قلم 5 جون شرطون ذيلي قاعدي (1) موجب درخواستن تي لاڳو ٿينديون.]

22. دعوي جو جواب ڏيندڙ ڊِڪريءَ تي ايئن اعتراض ڪري سگهي ٿو جڻ هُن ڌار اپيل کي اوليت ڏني هجي: (1) جيتوڻيڪ دعوي جي جواب ڏيندڙ ڊِڪريءَ جي ڪنهن حصي جي مخالفت ۾ اپيل نه ڪئي هجي، پر هُو نه رڳو ڊِڪريءَ جي ڪنهن حصي جي پُٺڀرائيءَ سبب حمايت ڪري سگهي ٿو، جنهن ۾ هيٺئين عدالت ۾ ڪجهه سببن پٽاندر سندس خلاف ڊِڪريءَ جو فيصلو ٿيو هو، پر هُو ڊِڪريءَ تي مخالف۔ اعتراض ڪري سگهي ٿو جنهن بابت هُو اپيل جي طريقي سان ڪري سگهيو پئي، پر شرط هيءَ آهي، ته هُن هڪ مهيني اندر اپيل واريءَ عدالت ۾ اهڙو اعتراض داخل ڪيو آهي، جنهن تاريخ کان هُن تي يا سندس وڪيل تي پيشيءَ لاءِ نوٽيس جو تعميل ٿيو هجي يا ڪنهن وڌيڪ عرصي ۾، جيڪو عدالت طرفان ٻُڌڻيءَ لاءِ مُقرر ڪيو ويو هجي، يا اهڙي وڌيڪ عرصي ۾، جيئن اپيل واريءَ عدالت اُن کي اجازت ڏيڻ کي مُناسب سمجهي.

(2) اعتراضن جا نمونا ۽ انهيءَ بابت پابنديون: مضمون يادداشت طور هوندو ۽ قاعدي 1 جا حُڪمَ، جيستائين اُهي يادداشت جي نموني ۽ مضمون سان لاڳاپيل هجن، اُنهن اعتراضن سان به لاڳاپيل هوندا.

---

[7] 1990ع جي ائڪٽ IV تحت شامل ٿيو.

[8] 1990ع جي ائڪٽ IV تحت شامل ٿيو.

(3) جيستائين دعوي جو جواب ڏيندڙ اعتراضن سان گڏ انهيءَ ڏُر جي لکت ۾ رسيد. جيڪو اعتراض سان متاثر ٿئي يا انهيءَ وڪيل جي انهيءَ مضمون سان داخل نہ ڪري. تہ اعتراضن جو نقل هُن وٽ پهچي ويو تہ اپيل واريءَ عدالت اعتراض داخل ٿيڻ ڪانپوءِ. جيترو تڪڙو ممڪن ٿئي. مٿي ڄاڻايل نقل ڄاڻايل ڏُر يا سندس وڪيل تي دعوي جي جواب ڏيندڙ جي خرچ سان تعميل ڪرائيندي.

(4) جنهن حالت ۾ دعوي جو جواب ڏيندڙ هن قلم موجب اعتراض داخل ڪري. پر اصل اپيل کي ڪنيو وڃي يا پيروي نہ ٿيڻ ۾ خارج ٿي وڃي. تہ ڄاڻايل اعتراض کي. پين ڌُرين کي نوٽيس ڏيڻ ڪانپوءِ. جيڪڏهن عدالت انهيءَ جي گهرج ڏسي. تہ باوصف انهيءَ کي بہ ٻڌو ويندو ۽ فيصلو ڏيندي.

(5) جيڪي قلم ڪنگلائپ جي اپيل سان لاڳاپيل هُجن. جيستائين ممڪن ٿيندو تہ اُهي اهڙي اپيل سان بہ ڄاڻايل قاعدي موجب لاڳاپيل هوندا.

23. اپيل واريءَ عدالت طرفان مُقدمي کي واپس موڪلڻ: جيڪڏهن انهيءَ عدالت. جنهن جي ڊِڪريءَ تي اپيل لاءِ دعوي داخل ٿئي. تہ ڪنهن ابتدائي ڳالهہ تي فيصلو ٿيو هجي ۽ ڊِڪريءَ کي اپيل ۾ رَدُ ڪيو وڃي. تہ عدالت جيڪڏهن مُناسب سمجهي. تہ مُقدمي کي واپس عدالت ۾ موڪلي سگهي ٿي ۽ اپيل واري عدالت پنهنجي فيصلي ۽ حُڪم جو هڪڙو نقل انهيءَ عدالت ۾ انهيءَ هدايت سان موڪليندي. جنهن جي ڊِڪريءَ جي مخالفت سان اپيل داخل ٿي هجي. تہ مُقدمي کي شامل ڪري. ديواني مُقدمن جي رجسٽر ۾ نمبر هنيو وڃي ۽ تحقيق عمل ۾ اچي ۽ جيڪا شاهدي اصلي فيصلي ۾ قلمبند ڪئي وئي هجي. تنهن کي سمورن جائز اعتراضن جي رعايت طور مُقدمي ۾ واپس ٿيل شاهدي سمجهيو ويندو.

23-A. اپيل واريءَ عدالت جا اختيار:_ جڏهن اُها عدالت. جنهن جي جاري ٿيل ڊِڪريءَ تي اپيل داخل ڪئي وڃي. تہ پوءِ ابتدائي نُڪتي تي بيءَ حالت ۾ مُقدمي جو اُڪلاءَ ڪيو وڃي. ۽ ڊِڪريءَ کي اپيل ۾ رَدُ ڪيو وڃي. ۽ مُقدمي جي ٻيهر ڪارروائي کي لازمي سمجهيو وڃي. تہ اپيل واريءَ عدالت وٽ قاعدي 23 جيان ساڳيا اختيار هوندا.

24. جڏهن ريڪارڊ ۾ شاهدي مُناسب هجي. تہ اپيل واري عدالت قطعي فيصلو ڏيئي سگهي ٿي: جڏهن شاهدي ريڪارڊ ۾ انهيءَ ڳالهہ لاءِ ڪافي هجي. تہ اپيل واري عدالت فيصلو جاري ڪري سگهندي هجي. تہ اپيل واري عدالت. مامرن جي ٻيهر تحقيق کي لازمي سمجهندي. جيڪڏهن ضروري هجن. تہ مُقدمي بابت قطعي فيصلو ڏيئي سگهي ٿي. انهيءَ ڳالهہ باوجود اهڙي عدالت جو فيصلو. جنهن جي ڊِڪريءَ جي مخالفت ۾ داخل ٿيل اپيل. بلڪل ڪنهن ٻئي بُنياد تي ٿي هجي. جنهن تي اپيل واريءَ عدالت فيصلو ڪيو هجي.

25. جڏهن اپيل واري عدالت. تحقيق وارا مامرا مُقرر ڪري ۽ ڪين انهيءَ عدالت ۾ موڪلي سگهي ٿي. جنهن جي ڊِڪريءَ جي مخالفت ۾ اپيل داخل ڪئي وئي هجي: جيڪڏهن عدالت. جنهن

جي ڊڪريءَ جي مخالفت ۾ اپيل ٿي هجي. تہ ڪنهن اهڙي مامري کي تحقيق جوڳو نہ ڪوٺيو هجي يا انهيءَ جو نبيرو نہ ڪيو هجي يا فيصلو ڏنو هجي، تہ اهڙي ڳالهہ جو نبيرو نہ ڪيو هجي. جيڪو اپيل واريءَ عدالت جي سمجهہ ۾ مُقدمي جي ڪارروائي بابت عدالت جو فيصلو ڏيڻ ضروري هئڻ گهربو هو تہ عدالت جيڪڏهن تحقيق جوڳن مامرن کي ضروري سمجهي، تہ کين لکي انهيءَ عدالت ۾ نبيري لاءِ موڪلي سگهي ٿي، جنهن جي ڊِڪريءَ جي مخالفت ۾ اپيل ٿي هجي ۽ اهڙيءَ حالت ۾ انهيءَ عدالت کي وڌيڪ گهربل شاهدي وٺڻ جي هدايت ڪندي.

۽ ڄاڻايل عدالت تي لازم آهي، تہ تحقيق جوڳن مامرن جي نبيري ۾ رُڌل هجي ۽ انهيءَ بابت پنهنجي شاهديءَ سميت نبيري جا سبب ۽ ڄاڻايل شاهديءَ کي اپيل واريءَ عدالت ۾ موڪليندي.

26. تحقيق ۾ سامهون آيل شاهدين ۽ نبيري کي ڪارروايَن ۾ شامل ڪيو ويندو: (1) انهيءَ شاهديءَ ۽ نبيري کي مقدمي جي ڪارروائي ۾ شامل ڪيو ويندو ۽ ڌرين مان هرهڪ کي اختيار آهي، انهيءَ عرصي اندر جنهن کي اپيل واريءَ عدالت مُقرر ڪيو هجي، ڄاڻايل نبيري بابت اعتراضن وارِيءَ يادداشت داخل ڪري.

(2) اپيل جو فيصلو: انهيءَ عرصي جي ختم ٿيڻ تي، جيڪا اهڙي يادداشت جي داخل ڪرڻ لاءِ مقرر ٿيل هجي، اپيل واريءَ عدالت تي لازم آهي، تہ اپيل جي فيصلي لاءِ ڪارروائي ڪري.

27. اپيل واريءَ عدالت ۾ واڌو شاهديون پيش ڪرڻ: (1) اپيل وارين ڌرين کي اختيار نہ هوندو تہ اپيل واريءَ عدالت ۾ نئين شاهدي، پوءِ پلي زباني هجي يا پلي دستاويز هجن، پيش ڪن، پر:

(a) جيڪڏهن انهيءَ عدالت، جنهن جي ڊِڪريءَ جي مخالفت سان اپيل ٿي هجي، تہ اهڙي شاهديءَ کي وٺڻ کان انڪار ڪيو هجي، جنهن کي وٺڻ گهربو هو، يا

(b) جيڪڏهن اپيل واريءَ عدالت ڪنهن اهڙي فيصلي ڏيڻ يا ڪنهن ٻئيءَ سبب ڪنهن شاهد کان شاهديءَ وٺڻ ذريعي ڪنهن دستاويز کي پيش ڪرڻ ضروري سمجهي، تہ اپيل واري عدالت ڄاڻايل شاهدي ڏيڻ يا دستاويز کي وٺڻ يا شاهد جي شاهديءَ وٺڻ جي اجازت ڏئي سگهي ٿي.

(c) جڏهن اپيل واري عدالت طرفان وڌيڪ شاهديءَ جي پيش ٿيڻ کي منظور ڪيو وڃي، تہ اُها انهيءَ منظوريءَ جي سبب کي قلمبند ڪندي.

28. وڌيڪ شاهدي وٺڻ جو طريقو: جڏهن وڌيڪ شاهدي پيش ڪرڻ جي اجازت هجي، تہ اپيل واريءَ عدالت کي اختيار آهي، تہ اُها پاڻ ڄاڻايل شاهدي وٺي يا انهيءَ عدالت کي، جنهن جي ڊِڪريءَ تي اپيل ٿئي يا ڪنهن ٻيءَ ماتحت عدالت کي حُڪم ڏئي، تہ اُها انهيءَ شاهديءَ کي وٺي ۽ جڏهن ختم ٿي وڃي، تہ اپيل واريءَ عدالت ۾ موڪلي ڇڏي.

29. نُڪتن کي واضح ڪيو ۽ لکيو وڃي: جڏهن وڌيڪ شاهدي ڏيڻ جو حُڪم يا اجازت هجي، ته عدالت يا اپيل واري عدالت، شاهدي جوڳي مامرن جي وضاحت ڪندي ۽ انهيءَ کي پنهنجي ڪارروائي ۾ خاص طور قلمبند ڪندي.

اپيل واري عدالت ۾ فيصلو

30. فيصلو ڪڏهن ۽ ڪٿي ٻڌايو ويندو: اپيل واريءَ عدالت تي لازم آهي، ته ڌرين يا سندن وڪيلن جي اعتراضن کي ٻڌڻ ۽ ڪنهن بيءَ جُزوي ڪارروائيءَ ٿيڻ ڪانپوءِ، جيڪا اپيل جاري ٿيڻ پٺاندرهجي يا انهيءَ عدالت ۾ ٿي هجي، جنهن جي ڊِڪريءَ تي اپيل ڪئي وئي هجي ۽ جنهن کي ڏسڻ ضروري سمجهيو ويو هجي، ته پنهنجو فيصلو کُليل عدالت ۾ انهيءَ وقت يا ڪنهن بيءَ تاريخ ڪانپوءِ ٻڌائي، جنهن جو اطلاع ڌرين يا سندن وڪيلن کي ڏنو ويندو.

31. فيصلي جو مضمون، تاريخ ۽ صحيح: فيصلو اپيل واريءَ عدالت جو لکيل هوندو ۽ انهيءَ ۾ هيٺئين ريت لکيل هئڻ گهرجي:

(a) نبيري جوڳا مامرا،

(b) نبيري جوڳن مامرن بابت فيصلو،

(c) لاڳاپيل فيصلي بابت، ۽

(d) جنهن حال ۾ ڊِڪريءَ کي ماتحت عدالت جي اپيل ۾ رَدُ يا ترميم ڪيو وڃي، ته اُها قانوني سمڪار، جنهن جو اپيل ڪندڙ حقدار هجي.

۽ جنهن وقت اُهو فيصلو ٻڌايو وڃي، ته انهيءَ تي تاريخ ۽ جَجُ جي صحيح يا اُنهن جَجن جون صحيحون، جيڪي انهيءَ فيصلي ۾ شُممت راءِ هجن، صحيحون ٿيل هونديون.

32. فيصلي ۾ ڪهڙيون هدايتون ڏيئي سگهجن ٿيون: جائز آهي، ته فيصلو انهيءَ ڊِڪريءَ جي بحاليءَ يا تبديلي يا رَدُ ٿيڻ لاءِ هجي، جنهن جي اپيل ڪئي وئي هجي، جنهن ۾ اپيل جون ڌريون انهيءَ ڳالهه تي شُممت ٿين، ته اپيل جي ڊِڪري ڪيئن ٿيڻ گهرجي يا ڊِڪريءَ پٺاندر ڪهڙو فيصلو ڏيڻ گهرجي، ته اپيل واريءَ عدالت انهيءَ پٺاندر ڊِڪري يا حُڪم ڏيندي.

33. اپيل واريءَ عدالت جا اختيارَ: اپيل واريءَ عدالت کي اختيار آهي، ته ڪا ڊِڪري يا حُڪم جاري ڪري، جيڪو اصلي عدالت مان جاري ٿيڻ گهرجي ها، گڏوگڏ ڪا وڌيڪ ڊِڪري يا حُڪم جاري ڪري، جنهن جي مُقدمي ۾ گهرج هجي ۽ انهيءَ ۾ اختيارن کي لاڳو ڪري سگهجي ٿو، ته اپيل رڳو ڊِڪريءَ جي حصي جي ٿي هجي، گڏوگڏ اُها سمورن يا ڪجهه دعويٰ جي جواب ڏيندڙن يا ڌرين جي حقن تي لاڳو ٿي سگهي ٿي، ته هُنن ڪا اپيل يا دعويٰ داخل نه ڪئي هجي.

[9][پر شرط هيءَ آهي، ته اپيل واري عدالت ڪو حُڪم قلم 35-A تحت جاري نه ڪندي، ڪنهن اعتراض جي پوئواريءَ ۾، جنهن کي عدالت ۾ پيل سان نه ورتو ويو هجي يا چاٽايل حُڪم ڏيڻ کان انڪار ڪيو هجي، جنهن جي ڊِڪريءَ خلاف اپيل ٿي هجي..]

[9] سِول پروسيجر ڪوڊ (ترميم) ائڪٽ 1922ع (1922ع جو IX) تحت شرط شامل ٿيو. انهيءَ ائڪٽ کي پنجاب ۽ سنڌ صوبن ۾ لاڳو ڪيو ويو.

مثال

الف هڪڙي روڪ رقم جي دعويٰ ڪري ٿو جيڪا هُن کي ب ۽ پ کان وٺڻي آهي. هُن دعويٰ ۾ ٻنهي تي داخل ڪئي ۽ ڊِڪري ب جي نالي سان ڪيس مليو. ب اپيل ڪئي ۽ الف ۽ ب ٻنهي کي دعويٰ جو جواب ڏيندڙ بنايو اپيل واريءَ عدالت فيصلو ب جي حق ۾ ڏنو تہ هُن کي اختيار آهي، تہ ڊِڪري ب خلاف جاري ڪري.

34. مخالفت کي لکڻ گهرجي: جڏهن اپيل جي ٻُڌڻي هڪ کان وڌيڪ جَجن جي گڏجاڻيءَ ۾ ٿئي، تہ جيڪو جَجُ عدالت جي فيصلي سان سُهمت نہ ٿئي، تہ اُهو نبيري يا حُڪم يا پنهنجي سمجهہ ۾ انهيءَ اپيل ۾ جاري ٿيڻ گهربو هو پنهنجا اختلاف قلمبند ڪندو ۽ اُنهن سببن کي لکندو.

اپيل ۾ جاري ٿيندڙ ڊِڪري

35. فيصلو ٻُڌائڻ جي تاريخ ۽ ڊِڪري جو مضمون: (1) اپيل واريءَ عدالت جي ڊِڪريءَ ۾ فيصلو ٻُڌائڻ جي تاريخ لکي ويندي.

(2) ڊِڪريءَ ۾ اپيل جو نمبر، اپيل ڪندڙ ۽ دعويٰ جي جواب ڏيندڙن جو نالو ۽ نشان وغيره لکيل هوندو ۽ انهيءَ ۾ قانوني امداد يا ٻيءَ ڪارروائي جو ذڪر تفصيل سان لکيو ويندو جيڪو ٿيو هجي.

(3) گڏوگڏ ڊِڪريءَ ۾ اپيل واري ڪُل خرچ جو تعداد لکيل هوندو ۽ اِهو تہ ڪنهن ڪيترو خرچ ڪيو يا ڪنهن ملڪيت مان خرچ ڪيو ويو ۽ ڪهڙي حساب سان اپيل جو خرچ ۽ دعويٰ جو خرچ لاڳو ٿيڻ گهرجي، لکيل هوندو.

(4) ڊِڪريءَ تي ڊِڪريءَ جاري ڪندڙ جَجَ صاحبن جون صحيحون ٿيل هونديون ۽ تاريخ لکيل هوندي:

انهيءَ فيصلي سان اختلاف رکندڙ جَجُ جي ڊِڪريءَ تي صحيح ضروري نہ هوندي:۔ جڏهن گهڻا جَج هُجن ۽ منجهن راين تي اختلاف هجي، تہ انهيءَ جَج لاءِ ڊِڪريءَ تي صحيح ڪرڻ ضروري نہ هوندو جيڪو عدالت جي فيصلي سان اختلاف رکندو هجي.

هاءِ ڪورٽ ترميمون (لاهور):

ذيلي قاعدي (1) ۾ هيٺيون شرط شامل ٿيو:

" هاءِ ڪورٽ جي حالت ۾ هيءَ شرط پڻ شامل آهي، تہ رجسٽرار يا اهڙو ٻيو عملدار جيڪو بہ مختلف وقتن تي عدالتي ڪاتي جو نگران هُجي، سو اُن جَجُ يا جَجن پاران ڊِڪريءَ تي صحيح ڪندو جن ڊِڪريءَ کي جاري ڪيو هُجي؛ پر اهڙو رجسٽرار يا اهڙو ٻيو عملدار، فيصلي سان اختلاف رکندڙ جَجُ پاران صحيح نہ ڪندو."

36. ڏُرين کي فيصلي ۽ ڊِڪريءَ جا نقل مُهيا ڪيا ويندا: فيصلي ۽ اپيل جي ڊِڪريءَ جا سچا نقل، ڏُرين طرفان اپيل واريءَ عدالت ۾ درخواست ڏيڻ تي سندن خرچ تي ڏُرين کي ڏنا ويندا.

37. ڊِڪريءَ جو سچو نقل انهيءَ عدالت کي موڪليو ويندو، جنهن جي ڊِڪريءَ خلاف اپيل ٿي هجي: فيصلي ۽ ڊِڪريءَ جو نقل، اپيل واريءَ عدالت يا انهيءَ عُهديدار جي تصديق سان، جنهن کي اپيل واريءَ عدالت انهيءَ ڪم لاءِ مُقرر ڪري، انهيءَ عدالت ۾ موڪليو ويندو، جتان انهيءَ مُقدمي ۾ پهرئين ڊِڪري جاري ٿي هجي، ۽ جنهن خلاف اپيل ٿي هجي ۽ مُقدمي جي اصل ڪاغذن سان گڏ شامل هوندا ۽ عدالت جي فيصلي کي ديواني مُقدمي جي اپيل واري رجسٽر ۾ لکيو ويندو.

هاءِ ڪورٽ ترميمون (اُتر ـ اولهہ سرحدي صوبو):

ذيلي قاعدي 38 طور هيٺيون قاعدو شامل ٿيو:

"38. (1) قانوني حُڪم -VII جي قاعدي 19 يا قانوني حُڪم -VIII جي قاعدي 11 تحت تعميل لاءِ جيڪا ائڊريس داخل ڪئي وڃي، يا انهيءَ کانپوءِ قانوني حُڪم -VII جي قاعدي 22 يا قانوني حُڪم -VIII جي قاعدي 12 تحت منجهس تبديلي ڪئي وڃي، تہ پوءِ اصلي مُقدمي يا پٽيشن سبب اپيل ٿيڻ تي ٿيل سمورين ڪارروايـن کي دُرست سمجهيو ويندو.

(2) اپيل جو نوٽيس ۽ پوءِ ڪارروائين سان لاڳاپيل ٻيا سَمنَ يا نوٽيس، جاٽايل شِق (1) ۾ جاٽايل ايڊريس ڏانهن جاري ٿيندا، ۽ اهڙي ايڊريسن تي ٿيل تعميل اثرائتي ٿيندي، جڏهن انهيءَ کي اپيل ڪندڙ يا دعويٰ جي جواب ڏيندڙ تي شخصي طور تعميل ٿيو هُجي، جيڪا بہ حالت هُجي."

(3) قانوني حُڪم -VII جا قاعدا 21، 22، 23، 24 ۽ 25 ٿيل اپيل جي ڪارروايـن تي لاڳو ٿيندا، جيڪا بہ حالت هُجي."

هاءِ ڪورٽ ترميمون (لاهور):

ذيلي قاعدي 38 طور هيٺيون قاعدو شامل ٿيو:

"38. (1) قانوني حُڪم -VII جي قاعدي 19 يا قانوني حُڪم -VIII جي قاعدي 11 تحت تعميل لاءِ جيڪا ائڊريس داخل ڪئي وڃي، يا انهيءَ کانپوءِ قانوني حُڪم -VII جي قاعدي 22 يا قانوني حُڪم -VIII جي قاعدي 12 تحت منجهس تبديلي ڪئي وڃي، تہ پوءِ اصلي مُقدمي يا پٽيشن سبب اپيل ٿيڻ تي ٿيل سمورين ڪارروايـن دؤران دُرست سمجهيو ويندو.

(2) اپيل جي هرهڪ يادداشت نامي ۾، مخالف ڏُرين طرفان هيٺ جاٽايل عدالت ۾ تعميل لاءِ ايڊريس جاٽايل هوندي ۽ اپيل ٿيندڙ عدالت طرفان اهڙين ايڊريسن تي نوٽيس ۽ سَمن جاري ٿيندا.

(3) قانوني حُڪم -VII جا قاعدا 21 ۽ 22 ٿيل اپيل جي ڪارروايـن تي لاڳو ٿيندا، جيڪا بہ حالت هُجي."

هاءِ ڪورٽ ترميمون (لاهور):

ذيلي قاعدي 38 طور هيٺيون قاعدو شامل ٿيو:

"38. (1) قانوني حُڪم -VII جي قاعدي 19 يا قانوني حُڪم -VIII جي قاعدي 11 تحت تعميل لاءِ جيڪا ائڊريس داخل ڪئي وڃي، يا انهيءَ ڪانپوءِ قانوني حُڪم -VII جي قاعدي 24 يا قانوني حُڪم -VIII جي قاعدي 12 تحت منجهس تبديلي ڪئي وڃي، تہ پوءِ اصلي مُقدمي يا پٽيشن سبب اپيل ٽيڻ تي ٿيل سمورين ڪارروائين کي دُرست سمجهيو ويندو پر ڪابہ ڦيرڦار ذيلي قاعدي (3) تحت ٿيندي

(2) اپيل جي هرهڪ يادداشت نامي ۾ مخالف ڌرين طرفان هيٺ ڄاڻايل عدالت ۾ تعميل لاءِ ايڊريس ڄاڻايل هوندي ۽ اپيل ٿيندڙ عدالت طرفان اهڙين ايڊريسن تي نوٽيس ۽ سمن جاري ٿيندا.

(3) قانوني حُڪم -VII جا 21 کان 25 تائين قاعدا، ٿيل اپيل جي ڪارروائين تي لاڳو ٿيندا، جيڪا بہ حالت هُجي."

عدالتي حُڪم -XLII

اپيل ڪيل ڊڪريءَ تي اپيلون

1. ڊِڪري: مٿي ڄاڻايل قانوني حُڪم -XLI جا قاعدا، جيستائين ممڪن ٿيندو اپيل وارين ڊِڪرين جي اپيلن تي بہ لاڳو ٿيندا.

هاءِ ڪورٽ ترميمون (لاهور):

ذيلي قاعدي 2 طور هيٺيون قاعدو شامل ٿيو:

"2. قانوني حُڪم -XLI جي قاعدي 1 ۾ ڄاڻايل نقلن سان گڏ اپيل جي يادداشت سان گڏ عدالتي فيصلي جو سچو نقل بہ شامل هوندو جيستائين اپيل ٿيندڙ عدالت انهيءَ بابت ڪو حُڪم نہ ڏئي."

عدالتي حُڪم -XLIII

حُڪمن تي اپيلون

1. حُڪمن خلاف اپيلون: هيٺئين حُڪمن جي اپيل قلم 104 موجب ٿيندي، يعني

(a) مُختيار عدالت اڳيان پيش ٿيندڙ دعويٰ جي درخواست جي واپسيءَ جا قانوني حُڪم -VII جي قاعدي 10 موجب حُڪم؛

(b) عدالت طرفان ڪنهن ڌُر خلاف جاري ٿيل فيصلي جا قانوني حُڪم -VII جي قاعدي 10 موجب حُڪم؛

(c) درخواست جي نامنظوري (اپيل لائق مُقدما) مُقدمي جي حُڪم کي رَدُ ڪرڻ خاطر قانوني حُڪم IX جي قاعدي 9 موجب حُڪم؛

(d) سُوالن جي نامنظوري (اپيل لائق مُقدما) هڪطرفي جاري ٿيندڙ ڊِڪريءَ جي رَدُ ٿيڻ جي مضمون جي حُڪم جاري ٿيڻ جي درخواست جا قانوني حُڪم -IX جي قاعدي 13 موجب حُڪم؛

(e) ڪنهن ڏُر خلاف جاري ٿيل فيصلي جي قانوني حُڪم -XX جي قاعدي 4 موجب حُڪم؛

(f) قانوني حُڪم -XXII جي قاعدي 21 موجب حُڪم؛

(g) ملڪيت جي ضبط بابت قانوني حُڪم -XVI جي قاعدي 10 موجب حُڪم؛

(h) ڪنهن ڏُر خلاف جاري ٿيل فيصلي جي قانوني حُڪم -XVI جي قاعدي 20 موجب حُڪم؛

(i) دستاويز جي لکيل مُسودي يا وڪري جي عبارت بابت دعويٰ تي قانوني حُڪم -XXI جي قاعدي 34 موجب حُڪم؛

[10][(ii) قانوني حُڪم -XXI جي قاعدي 62 يا قاعدي 103 موجب حُڪم، جيڪو ضبط ٿيل ملڪيت ۾ دعويٰ جي حق، لقب يا مفاد يا اعتراض ڪندڙ سان لاڳاپيل هُجي؛]

(j) قانوني حُڪم -XXI جي قاعدي 72 يا قاعدي 92 تحت حُڪم موجب ڪنهن وڪري جي فيصلي کي رَد يا رَد ڪرڻ کان انڪار ڪيل هُجي؛

(k) قانوني حُڪم -XXII جي قاعدي 9 تحت حُڪم موجب ڪنهن مُقدمي کي رَد ڪرڻ يا منسوخيءَ جو انڪار ڪيل هُجي؛

(l) قانوني حُڪم -XXII جي قاعدي 10 تحت حُڪم موجب موڪل ڏيڻ يا موڪل ڏيڻ کان انڪار ڪيل هُجي؛

(m) قانوني حُڪم -XXIII جي قاعدي 3 تحت حُڪم موجب دعوائن ۾ مُعاهدي، سرچاءَ يا راضپي کي ريڪارڊ ڪرڻ يا ريڪارڊ ڪرڻ کان انڪار ڪيل هُجي؛

(n) قانوني حُڪم -XXXV جي قاعدي 2 تحت حُڪم موجب، ڪنهن مُقدمي کي رَدُ ڪرڻ جي حُڪم لاءِ ڏنل درخواست (اپيل جي اجازت ڏيڻ جي حالت ۾) کي رَدُ ڪيو ويو هُجي؛

(o) قانوني حُڪم XXXIV جي [11][قاعدي 2، 4 يا 7 تحت حُڪم موجب] گِروي رکيل رقم جي ادائيگيءَ لاءِ وقت وڌائڻ کان انڪار ڪيو وڃي؛

(p) قانوني حُڪم -XXXV قانوني حُڪم وري منظور ڪرڻ بابت قاعدي 3 ۽ 4، تحت حُڪم موجب نامنظوريءَ جا حُڪم يا قاعدي 21، موجب وري اپيل جي ٻُڌڻي لاءِ؛

(q) قانوني حُڪم -XXXVIII جي مُقدمي موڪلڻ بابت قاعدي 2 ۽ 3، تحت حُڪم موجب جيڪڏهن اپيل واريءَ عدالت جي ڊِڪريءَ تي اپيل ٿي سگهندي هجي؛

(r) قانوني حُڪم -XXXIX جي قاعدي 1، 2، 4 ۽ 10 موجب، عدالت جي ڏنل فيصلي جا حُڪم، هاءِ ڪورٽ جي عدالت کانسواءِ، قاعدي 6، موجب سرٽيفڪيٽ ڏيڻ کان انڪار؛

(s) قانوني حُڪم -XL جي قاعدي 1 يا قاعدي 4 موجب ڪو حُڪم؛

---

[10] قانوني سُڌارا آرڊيننس 1972ع جي XII تحت شامل ٿيو.

[11] ملڪيت جي تبديلي (ترميمي) اعزازي ائڪٽ 1930ع (1930ع جو XVI) تحت "قاعدي 3 يا قاعدي 8 پٽاندر" لاءِ ڦير ڦار ٿي.

(t) نظرثاني خاطر درخواست جي منظوريءَ لاءِ قانوني حُڪم -XLI جي قاعدي 1 يا قاعدي 4 موجب حُڪم.

(u) نظرثاني خاطر درخواست جي منظوري لاءِ قانوني حُڪم -XLI جي قاعدي 1 يا قاعدي 4 موجب حُڪم.

هاءِ ڪورٽ ترميم (لاهور):

شِق (u) ۾ لفظ ۽ اڪرن قاعدو 23 ڪانپوءِ "يا قاعدو 23A شامل ٿيو." (3 آگسٽ 1928ع)

هاءِ ڪورٽ ترميم (سنڌ):

لفظن "ڪنهن حُڪم" لاءِ لفظن "قانوني حُڪم XLI جي قاعدي 23 تحت حُڪم" ۾ ڦيرڦار ٿي، جيڪو قاعدي 1 جي شِق (u) ۾ ظاهر ٿيو.

(v) هاءِ ڪورٽ بجاءِ ڪنهن عدالت طرفان ڏنل ڪو حُڪم، جنهن ۾ قانوني حُڪم XLV جي قاعدي 6 تحت سرٽيفڪيٽ جي منظوري ڪان انڪار ڪيو ويو هُجي؛

(w) قانوني حُڪم XLVII جي قاعدي 4 تحت نظرثاني لاءِ درخواست جي منظوريءَ جو حُڪم ڏنو ويو هُجي.

2. طريقيڪار: متي جاٽايل قانوني حُڪم -XLI جا قاعدا جيستائين ممڪن ٿيندو اُنهن اپيلن سان به لاڳاپيل هوندا، جيڪي حُڪمن خلاف داخل ٿين.

[12][3. اپيل داخل ڪرڻ ڪان اڳ نوٽيس ڏيڻ: (1) جڏهن ڪنهن حُڪم خلاف، مُقدمي جي ڪارروائيءَ هيٺ پُڌٽي دوران اپيل ڪئي وئي هجي، ته اپيل ڪندڙ اپيل داخل ڪرڻ ڪان اڳ، دعوي جي جواب ڏيندڙ يا سندس وڪيل کي اهڙي اپيل جو نوٽيس ڏيڻ مهل يادداشت جو نقل ۽ اپيل جي دعوي، حُڪم جي نقل سميت، جنهن خلاف اپيل داخل ڪئي وئي هجي، [13][ذاتي طور ٽپال ذريعي قبول ٿيڻ واريءَ رسيد سان گڏ ۽ ٻيءَ ٽپال جي رسيد. اپيل واريءَ يادداشت سان گڏ لاڳاپيل عدالت جي ريڪارڊ لاءِ پيش ڪرڻي پوندي]

(2) اُهو نوٽيس، جنهن جو حوالو ذيلي قاعدي (1) ۾ ڏنو ويو هجي، ملڻ تي دعوي جي جواب ڏيندڙ عدالت جي اجازت سان انهيءَ جي سامهون پيش ٿي سگهي ٿو، سو اپيل جو جواب ڏيندو ۽ جيڪڏهن اپيل کي خارج ڪيو وڃي، ته هُن کي خرچ به ڏياري سگهجي ٿو.

[14][4. قاعدي 3 کي لاڳو ڪرڻ: قاعدي نمبر 3 جا حُڪمَ، مُناسب تبديلين سان اُنهن درخواستن تي لاڳو ٿين ٿا، جن کي مُقدمي جي پُڌٽيءَ دوران اپيل واريءَ عدالت ۾ دعوي داخل ڪيو وڃي.]

---

[12] 1980ع جي آرڊيننس X تحت قاعدو 3 شامل ٿيو.

[13] ديواني قانون سُڌارا ائڪٽ، 1994ع تحت ڦيرڦار ٿي.

[14] 1980ع جي آرڊيننس X تحت قاعدو 4 شامل ٿيو.

عدالتي حُڪم-XLIV

ڪنگلائپُ جون اپيلون

1. ڪمڙا شخص ڪنگلائپ جي اپيل داخل ڪري سگهن ٿا: جيڪو شخص اپيل داخل ڪرڻ جو حقدار هجي، پر اپيل جي فيس عدالت ۾ جمع نہ ڪرائي سگهندو هجي، تہ جائز آهي، تہ اُهو هڪڙي درخواست، يادداشت سميت يا يادداشت جي اپيل سان گڏ داخل ڪري ۽ هُن کي ڪنگلائپ جي اجازت ڏني ويندي پر سمورن مامرن ۾ (جنهن ۾ جاٿايل درخواست جو پيش ڪرڻ بہ داخل هجي) ڪنگلائپ جي دعوي سان لاڳاپيل حُڪم جي درخواست هُن لاءِ لازمي هوندي، جيستائين اُها انهيءَ سان لاڳاپيل هجي.

درخواست ڏيندڙ لاءِ اپيل داخل ڪرڻ جو طريقيڪار: پر شرط هيءَ آهي، تہ ڪنگلائپ جي درخواست پڙهڻ مهل ۽ ڊِڪريءَ جي فيصلي مهل، جنهن جي خلاف اپيل داخل ٿي هجي، جيڪڏهن عدالت کي ڪنهن سبب انهيءَ ڳالھ جو پروسو نہ هجي، تہ ڊِڪري، قانون جي خلاف يا ڪنهن رواج خلاف جاري ٿي هجي، تہ جيڪو حُڪم قانون جي حيثيت رکندو هجي يا انهيءَ موقعي تي غلط يا انصاف خلاف هجي، تہ عدالت تي لازم آهي، تہ درخواست کي نامنظور ڪري.

2. درخواست ڏيندڙ جي ڪنگلائپُ بابت تحقيق: جائز آهي، تہ درخواست ڏيندڙ جي ڪنگلائپُ بابت تحقيق عدالت پاڻُ ڪري يا اپيل واريءَ عدالت جي حُڪم سان اُها عدالت ڪري، جنهن جي فيصلي خلاف اپيل ٿي هجي:

پر شرط هيءَ آهي، تہ جيڪڏهن درخواست ڏيندڙ انهيءَ عدالت ۾، جنهن جي جاري ٿيل ڊِڪريءَ خلاف دعوي جي اپيل يا ڪنگلائپ جي اپيل جي اجازت ملي هجي، تہ هُن جي ڪنگلائپ بابت وري تحقيق ڪرڻ جي گهرج نہ ٿيندي، ايستائين انهيءَ صورت ۾ اپيل واريءَ عدالت کي ڪنهن خاص تحقيق جي سبب بابت هدايت ڏيڻ واري ڳالھ ڏسڻ ۾ نہ اچي.

عدالتي حُڪم-XLV

15[سُپريم ڪورٽ] ۾ اپيلون

[ڏسو قلمَ 109 کان 112]

1. ڊِڪريءَ جو مطلب: [16][هن قانوني حُڪم ۾ لفظ ڊِڪريءَ ۾ قطعي حُڪم بہ شامل آهي، ايستائين انهيءَ حال ۾ تہ انهيءَ مفهوم کي اُن جي ڪنهن مضمون يا عبارت جي خلاف ڏٺو وڃي.]

2. درخواست انهيءَ عدالت ۾ داخل ٿيڻ گهرجي، جنهن جي ڊِڪريءَ خلاف اپيل هجي: جيڪو شخص [17][سُپريم ڪورٽ] ۾ اپيل داخل ڪرڻ گهري، تہ مٿس لازم آهي، تہ جنهن عدالت جي ڊِڪريءَ خلاف اپيل ڪري، انهيءَ ۾ اعتراض اُٿاري.

---

15 صدارتي حُڪم 1961ع (1961ع جو 1)، آرٽيڪل 2 ۽ شيڊيول (23 مارچ 1956ع تي هڪدم لاڳو ٿيڻ سان) تحت "ڪائونسل ۾ بادشاھ" لاءِ قيرقار ٿي.

16 1975ع جي صدارتي حُڪم IV تحت قيرقار ٿي.

17 صدارتي حُڪم 1961ع، آرٽيڪل 2 ۽ شيڊيول (23 مارچ 1956ع تي هڪدم لاڳو ٿيڻ سان) تحت "ڪائونسل ۾ هزمئجسٽي" لاءِ قيرقار ٿي.

3. مُقدمي يا اپيل لائق مُقدمي جي ماليت بابت سرٽيفڪيٽ: (1) [18][هر سُوال ۾ اپيل موجب ۽ هيءَ درخواست لکيل هئڻ گهرجي، تہ سرٽيفڪيٽ انهيءَ مضمون جو هجي، تہ ماليت ۽ نوعيت موجب مُقدمو قلم 110 ۾ ڄاڻايل شرطن موجب آهي يا ٻئي ڪنهن طريقي سان سُپريم ڪورٽ ۾ اپيل جوڳو آهي.]

(2) جڏهن اهڙو سُوال اُٿاريو وڃي، تہ عدالت تي لازم آهي، تہ ٻيءَ ڌُر تي اطلاع جي تعميل ٿيڻ جو حُڪم انهيءَ مقصد سان ڏئي، تہ اُها ڌُر جيڪڏهن سرٽيفڪيٽ جي نہ هئڻ جو ڪو سبب رکندي هجي، تہ پيش ڪري:

[19][پر شرط هيءَ آهي، تہ مخالف ڌُر يا ڪنهن مرحوم مُخالف ڌُر جي قانوني نمائندي ڏانهن ڪوبہ نوٽيس تعميل ٿيڻ لاءِ انهيءَ حالت ۾ نہ موڪليو ويندو جڏهن اهڙي مُخالف ڌُر عدالت ۾ ٻُڌڻيءَ تي پڻ حاضر نہ ٿي هُجي، جنهن جي ڊِڪريءَ تي شڪايت ٿي هُجي يا انهيءَ عدالت جي ڊِڪريءَ تي پوءِ ڪا ڪارروائيءَ ٿي هُجي.]

[20][(3) عدالت، جيڪڏهن ذيلي قاعدي (2) موجب جاري ٿيل نوٽيس جي ڏس ۾ مُخالف ڌُر حاضر ٿي هُجي، تہ ٻنهي ڌُرين کي ٻُڌڻ کانپوءِ، يا جيڪڏهن مُخالف ڌُر اهڙي نوٽيس جي ڏس ۾ عدالت ۾ حاضر نہ ٿي هُجي، تہ پوءِ پٽيشن داخل ڪندڙ ڌُر کي ٻُڌڻ کانپوءِ، سرٽيفڪيٽ کي منظور ڪرڻ يا انڪار ڪرڻ جو حُڪم ڏيئي سگهي ٿي.

4. مُقدمن کي پاڻ ۾ گڏائڻ يا ملائڻ: روڪ رقم جي مقصد خاطر، سمورين دعوائن ۾، جن ۾ نبيرڻ جوڳو حقيقي مامرو ساڳيو هجي ۽ جنهن جو فيصلو هڪڙي فيصلي سبب ٿيڻو هجي ۽ اُنهن کي پاڻ ۾ گڏائي سگهبو هجي، پر اُنهن دعوائن کي پاڻ نہ ملايو ويندو جن بابت ڌار ڌار فيصلا ڏنا ويا هجن، جيتوڻيڪ اُنهن ۾ فيصلي جوڳو حقيقي مامرو ساڳيوئي هجي.]

5. پهرئين مثال ۾ عدالت کي دعوائن جي تڪرار بابت ڇُوٽ: جيڪڏهن ڪو تڪرار انهيءَ ڳالهہ سان ڌُرين وچ ۾ پيدا ٿيو هجي، تہ تڪراري شيءِ جي ماليت، اصلي عدالت ۾ ڪيترو هئي، يا سُپريم ڪورٽ ۾ اپيل وقت ڪيترو آهي، تہ اُها عدالت، جنهن ۾ درخواست قاعدي 2 موجب سرٽيفڪيٽ وٺڻ لاءِ داخل ڪئي وڃي، اختيار آهي، تہ جيڪڏهن مُناسب سمجهي، تہ ڄاڻايل تڪرار جي نبيري لاءِ اصلي عدالت ۾ موڪلي ڏئي ۽ اُها عدالت انهيءَ روڪ رقم جي ماليت جو نبيرو ڪري، شاهدين سميت پهرئين ڄاڻايل عدالت ڏانهن موڪليندي.

[21][6. سرٽيفڪيٽ جي انڪار جو نتيجو]

7. سرٽيفڪيٽ ڏيڻ تي گهربل ضمانت ڏيڻ ۽ رقم جمع ڪرائڻ: (1) سرٽيفڪيٽ ملڻ جي حالت ۾ درخواست ڏيندڙ تي لازم آهي، تہ [22][نوي ڏينهن ۾ يا انهيءَ عرصي ۾، جيڪو سَٺ ڏينهن کان

[18] 1975ع جي صدارتي حُڪم IV تحت ڦيرقار ٿي.

[19] ساڳيو.

[20] ساڳيو.

[21] 1975ع جي صدارتي حُڪم IV تحت خارج ٿيو.

[22] لميٽيشن ۽ سِول پروسيجر ڪوڊ (ترميم) ائڪٽ 1920ع (1920ع جو XXVI)، قلم 3 تحت "ڇهن مهينن" لاءِ ڦيرقار ٿي.

وڌيڪ نہ هوندو جنهن کي عدالت مان سبب ڄاڻائڻ ڪانپوءِ] ڇهن مهينن جي اندر ٻنهي عرصن ۾ جيڪو پوءِ ختم ٿئي، انهيءَ اندر:

(a) دعوي ڏيندڙ جي ضمانت جو [23][خرچ روڪ يا سرڪاري سيڪيورٽيز] ۾ داخل ڪري؛ ۽

(b) ايتري رقم داخل ڪري، جيڪا مُقدمي جي سموري ڪارروائيءَ، ترجمي، نقل، فهرست ۽ [24][ڇپائيءَ] موجب، هيٺ ڄاڻايل تفصيلي ڪاغذن سميت [25][سُپريم ڪورٽ] ۾ هڪڙي سچي نقل جي موڪلڻ خاطر ضروري هجي، انهيءَ ڪانسواءِ

(1) ڪارروائي جا ڪاغذ، جن جي خارج ڪرڻ جي هدايت ڪنهن لاڳو [26][حُڪم موجب، سُپريم ڪورٽ] جي فيصلي سان ٿي هجي؛

(2) اُهي ڪاغذ، جن جي خارج ڪرڻ لاءِ ڌريون سُهمت ٿين؛

(3) حساب يا جُزوي حساب، جن کي انهيءَ عدالت جي عُهديدار، جنهن کي هن باب ۾ اختيار ڏنو ويو هجي، غيرضروري سمجهي ۽ جن جي شامل ڪرڻ لاءِ عام (خاص) مُقدمي خاص ڪري درخواست نہ ڏني هجي؛ ۽

(4) اُهي ٻيا ڪاغذ، جن جي خارج ڪرڻ جو هاءِ ڪورٽ حُڪم ڏئي:

[27][پر شرط هيءَ آهي، تہ عدالت، عدالت ۾ حاضر ڪنهن مخالف ڌُر جي ٻُڌڻيءَ ڪانپوءِ، وقتائتو سرٽيفڪيٽ ڏيڻ جو حُڪم ڏئي سگهي ٿي، تہ ڪنهن خاص تڪليف پٽاندر ڪنهن ٻيءَ صورت ۾ ضمانت داخل ڪئي وڃي:

وڌيڪ شرط هيءَ آهي، تہ مُخالف ڌُر کي، ضمانت جي نوعيت تي بحث ڪرڻ جي ٻُڌڻيءَ جي تاريخ وڌيڪ نہ ڏني ويندي]

[28][٭٭٭]

هاءِ ڪورٽ ترميم (سنڌ):

ذيلي قاعدي 7-A طور هيٺيون قاعدو شامل ٿيو:

"7-A . اهڙي ڪابہ ضمانت، جيڪا قانوني حُڪم -VII جي ذيلي قاعدي (1) جي شِق (a) ۾ ڄاڻايل هُجي، اِن ڪائونسل ۾ هندستان جي رياست کان گهربل نہ هوندي، جڏهن مقامي حڪومت اهڙي

---

[23] لميٽيشن ۽ سِول پروسيجر ڪوڊ (ترميم) ائڪٽ 1920ع (1920ع جو XXVI)، قلم 3 تحت شامل ٿيو.

[24] صدارتي حُڪم 1961ع، آرٽيڪل 2 ۽ شيڊيول (23 مارچ 1956ع تي هڪدم لاڳو ٿيڻ سان) تحت شامل ٿيو.

[25] صدارتي حُڪم 1961ع، آرٽيڪل 2 ۽ شيڊيول (23 مارچ 1956ع تي هڪدم لاڳو ٿيڻ سان) تحت "هزمئجسٽيءِ اِن ڪائونسل" ۾ ڦيرڦار ٿي.

[26] "هزمئجسٽيءِ اِن ڪائونسل جو حُڪم" لاءِ ڏسو ساڳيو حوالو.

[27] لميٽيشن ۽ سِول پروسيجر ڪوڊ (ترميم) ائڪٽ 1920ع (1920ع جو XXVI)، قلم 3 تحت شامل ٿيو.

[28] صدارتي حُڪم 1961ع، آرٽيڪل 2 ۽ شيڊيول (23 مارچ 1956ع تي هڪدم لاڳو ٿيڻ سان) تحت ذيلي قلم (2) خارج ٿيو. انهيءَ ذيلي قلم ۾ وفاقي قانون (نظرثاني ۽ پڌرنامو) ائڪٽ 1951ع (1951ع جو XXVI)، قلم 4 ۽ ٽئين شيڊيول تحت ترميم ٿي هئي.

مُقدمي جي بچاءُ جي ذميداري کنئي هُجي، جنهن ۾ ڪنهن سرڪاري عملدار تي ڪنهن ٿُممت هنيل عمل جي ڏس ۾ مُقدمو داخل ڪيو ويو هُجي، تہ هُن پنهنجي سرڪاري حيثيت ۾ اُهو ڪم ڪيو هُجي.“

8. اپيل جي منظوري ۽ مٿس ڪارروائي: جڏهن جاٽايل ضمانت ۽ داخل ٿيل رپين جو حساب عدالت جي اطمينان موجب مڪمل ٿي وڃي، تہ عدالت تي لازم آهي تہ:

(a) اپيل جو منظور هئڻ ظاهر ڪري؛

(b) انهيءَ جو اطلاع دعوي جي جواب ڏيندڙ کي پهچائي؛

(c) جاٽايل ڪارروائيءَ جو هڪڙو سچو نقل، اُنهن مٿي جاٽايل ڪاغذن سان گڏ، مُهر ۽ صحيح جي تصديق سان [29][سُپريم ڪورٽ] جي عدالت ۾ موڪلي؛

(d) مُقدمي جي ڪجهہ ڪاغذن جا هڪ يا وڌيڪ سچا نقل ڪنهن ڌُر کي سونپي، جيڪو انهيءَ جي درخواست ڏئي ۽ مُناسب خرچ ڏئي. جيڪي انهيءَ جي تياريءَ ۾ لاڳو ٿيا هجن.

9. ضمانت جي منظوري رَدُ ٿي سگهي ٿي: اپيل جي منظوريءَ کان اڳ ڪنهن وقت عدالت کي اختيار آهي، تہ جيڪڏهن سبب پڌرو ڪيو وڃي، تہ جاٽايل ضمانت جي منظوريءَ کي رد ڪري ۽ هن قانوني حُڪم موجب وڌيڪ هدايتون جاري ڪري.

[30][9-A. فوتي ڏُرين تي نوٽيس جي تعميل جي خاتمي جو اختيار:]

10. ادائيگيءَ جي وڌيڪ ضمانت داخل ڪرائڻ جي حُڪم جو اختيار: جيڪڏهن ڪنهن وقت اپيل جي منظوريءَ کان پوءِ پر ريڪارڊ جي نقل کي جاٽايل ڪاغذن کانسواءِ [31][سُپريم ڪورٽ] ۾ موڪلڻ کان اڳ وڌيڪ ضمانت وغيره ڪافي پائنجي.

يا ريڪارڊ کي جاٽايل ڪاغذن کانسواءِ ترجمو ڪرڻ يا نقل ڪرڻ، ڇاپڻ يا انهيءَ جو وچور جوڙڻ يا انهيءَ جي نقل موڪلڻ لاءِ وڌيڪ رپيا گهربل هُجن.

تہ عدالت، اپيل ڪندڙ کي اِهو حُڪم ڏئي سگهي ٿي، تہ اُها انهيءَ عرصي ۾، جنهن کي عدالت مُقرر ڪري، تہ بي ضمانت داخل ڪرائي يا ايتري عرصي ۾ گهربل رقم داخل ڪري.

11. حُڪم جي تعميل ۾ ناڪاميءَ جو نتيجو: جيڪڏهن اپيل ڪندڙ جاٽايل حُڪم جي تعميل نہ ڪري، تہ ڪارروائي کي روڪيو ويندو.

---

[29] صدارتي حُڪم 1961ع، آرٽيڪل 2 ۽ شيڊيول (23 مارچ 1956ع تي هڪدم لاڳو ٿيڻ سان) تحت ”ڪائونسل ۾ هزمئجسٽي“ لاءِ ڦيرڦار ٿي.

[30] لميٽيشن ۽ سِول پروسيجر ڪوڊ (ترميم) ائڪٽ 1920ع (1920ع جو XXVI)، قلم 4 تحت قاعدو 9-A شامل ٿيو ۽ 1975ع جي صدارتي حُڪم IV تحت خارج ٿيو.

[31] صدارتي حُڪم 1961ع، آرٽيڪل 2 ۽ شيڊيول (23 مارچ 1956ع تي هڪدم لاڳو ٿيڻ سان) تحت ”ڪائونسل ۾ هزمئجسٽي“ لاءِ ڦيرڦار ٿي.

۾ هن بابُ ۾ جاٽايل حُڪم ڪانسواءِ[32][سُپريم ڪورٽ] طرفان حُڪم جاري ٿئي، تہ اپيل جي ڪارروائي اڳتي نہ هلندي ۽ انهيءَ عرصي ۾ انهيءَ ڊِڪريءَ جي جاري ٿيڻ جو عمل مُلتوي نہ رهندو جنهن جي اپيل ڪئي وئي هجي.

12. جمع ٿيل واڌو رقم اپيل ڪندڙ کي واپس ملندي: جڏهن ريڪارڊ جو نقل مٿي جاٽايل ڪاغذن سميت، [33][سُپريم ڪورٽ] ۾ موڪليو وڃي ۽ انهيءَ رقم مان ڪجهہ واڌو رقم بچي، جيڪا اپيل ڪندڙ قاعدي 7 موجب داخل ڪئي هجي، تہ اُها ڪيس ملي سگهي ٿي.

13. التوا ۾ پيل اپيل ۾ عدالت کي اختيار: (1) انهيءَ باوجود تہ اپيل جي منظوريءَ جو سرٽيفڪيٽ ملي وڃي، اُها ڊِڪريءَ ڪنهن شرط بغير جاري ٿيندي، جنهن جي اپيل ٿئي، ايستائين انهيءَ حال ۾ تہ عدالت ڪنهن ٻيءَ حالت ۾ هدايت ڪري.

(2) جيڪڏهن عدالت مُناسب سمجهي، تہ ڪنهن خاص سبب ڪان، جيڪو ڪنهن اهڙي ڌُر طرفان ظاهر ڪيو وڃي، جيڪو مُقدمي سان مقصد رکندو هجي، يا جيڪو ڪنهن ٻيءَ حالت تي عدالت کي پتو پوي، تہ عدالت کي هيٺئين مامرن ۾ اختيار آهي، يعني هيءَ تہ:

(a) ڪنهن تڪراري مُنتقل ٿيندڙ ملڪيت جي ڪنهن حصي کي ضبط رکي؛ يا

(b) دعويٰ جي جواب ڏيندڙ کان اهڙي ضمانت وٺي، جيڪو عدالت جي سمجهہ ۾ انهيءَ حُڪم جي تعميل لاءِ واقعي مُناسب هجي، جيڪو [34][سُپريم ڪورٽ] کان اپيل ذريعي جاري ٿيو هجي، انهيءَ ڊِڪريءَ جي جاري ٿيڻ جي اجازت ڏئي، جنهن جي اپيل هجي؛ يا

(c) ڊِڪريءَ جاري ٿيڻ کي روڪي، جنهن جي اپيل ڪئي وئي هجي ۽ اپيل ڪندڙ کان اهڙي ضمانت وٺي، جيڪا عدالت جي سمجهہ ۾ انهيءَ ڊِڪريءَ جي تعميل لاءِ واقعي مُناسب هجي، جنهن جي اپيل ڪئي وئي هجي، يا انهيءَ حُڪم جي تعميل لاءِ، جيڪو [35][سُپريم ڪورٽ] مان اپيل پٺاندر جاري ٿيو هجي؛ يا

(d) جيڪا ڌُر عدالت کان تڪراري مامري بابت مدد گهري، تنهن کي اپيل جي اهڙن شرطن جي پابندي ڪرڻي پوندي، يا مٿي جاٽايل شيءِ بابت اهڙي ٻي هدايت ڪري، جيڪا هُن جي سمجهہ ۾ مُناسب هجي، رسيور جي مُقرريءَ ذريعي يا اُن جي بغير.

[32] صدارتي حُڪم 1961ع، آرٽيڪل 2 ۽ شيڊيول (23 مارچ 1956ع تي هڪدم لاڳو ٿيڻ سان) تحت "ڪائونسل ۾ هزمئجسٽي" لاءِ ڦيرڦار ٿي.
[33] ساڳيو.
[34] ساڳيو.
[35] ساڳيو.

14. ضمانت ناڪافي ڏسڻ تي ضمانت ۾ واڌارو: (1) جيڪڏهن اپيل دؤران ڪنهن وقت، اُها ضمانت جيڪا ڪنهن ڌُر داخل ڪئي هجي، سا اڻپوري پائنجي، ته عدالت کي اختيار آهي، ته ٻئي ڌُر جي درخواست تي وڌيڪ ضمانت گهري.

(2) هن بابُ موجب وڌيڪ ضمانت داخل نه ٿيڻ، جيڪا عدالت گهري، ته عدالت کي اختيار آهي ته:

(a) جيڪڏهن اپيل ڪندڙ اصل ضمانت داخل ڪئي هجي، ته دعوي جي جواب ڏيندڙ جي درخواست تي اپيل ٿيل ڊِڪريءَ جي جاري ٿيڻ جو حُڪم ايئن جاري ڪري، جڻ اپيل ڪندڙ ڪا صمانت داخل نه ڪئي هئي؛ ۽

(b) جيڪڏهن دعوي جي جواب ڏيندڙ اصل ضمانت داخل ڪئي هجي، ته عدالت ڊِڪريءَ جي مڪمل جاري ٿيڻ کي وڌيڪ مُلتوي رکي ۽ ڌُرين کي وري انهيءَ حالت تي وٺي اچي سگهي ٿي، جيڪا انهيءَ اڻپوري ضمانت ڏيڻ وقت ٻنهي ڌُرين جي هئي يا تڪراري شيءِ بابت اپيل جي اهڙي هدايت جاري ڪري، جيڪا سندس سمجهه ۾ مُناسب هجي.

15. سُپريم ڪورٽ جي ڊِڪريءَ جاري ٿيڻ سان لاڳاپيل حُڪمن کي لاڳو ڪرڻ جو طريقيڪار: (1) جيڪو شخص [36][سُپريم ڪورٽ] کان ڪو حُڪم جاري ڪرائڻ چاهي، ته هُن تي لازم آهي، ته انهيءَ ڊِڪريءَ يا حُڪم جي سُوال سميت سچي نقل کي، جيڪو اپيل ۾ جاري ٿيو هجي ۽ جنهن جو جاري ٿيڻ گهربل هجي، انهيءَ عدالت ۾ داخل ڪري، جنهن جي حُڪم خلاف [37][سُپريم ڪورٽ] ۾ اپيل داخل ڪئي وئي هجي.

(2) جاٽايل عدالت تي لازم آهي، ته [38][سُپريم ڪورٽ] جي جاري ٿيل حُڪم کي انهيءَ عدالت ۾ موڪلي، جنهن اپيل ٿيل اصلي ڊِڪري جاري ڪئي هجي، يا ڪنهن ٻيءَ عدالت ۾ موڪلي، جنهن جي هدايت [39][سُپريم ڪورٽ] کان انهيءَ حُڪم ذريعي ٿي هجي ۽ ڌُرين منجهان ڪنهن درخواست تي اهڙيون هدايتون ڏئي، جيڪي انهيءَ جي جاري ٿيڻ لاءِ ضروري هجن ۽ جنهن عدالت ۾ اُهو حُڪم ايئن موڪليو وڃي، تنهن جو جاري ٿيڻ انهيءَ طريقي موجب ٿئي ۽ عدالت اُنهن قاعدن موجب ڪندي جيڪي انهيءَ جي اصلي ڊِڪرين جي جاري ٿيڻ سان لاڳاپيل هجن.

(3) جڏهن ڪا رقم برطانوي ناڻي ۾، اهڙي حُڪم تحت [40][پاڪستان] ۾ ڏيڻ جوڳي هُجي، ته ايئن ڏيڻ جوڳي ماليت جو تخمينو [41][* مرڪزي حڪومت]۽ برطانيا ۾ هزمئجسٽيءَ جي حڪومت جي

[36] صدارتي حُڪم 1961ع آرٽيڪل 2 ۽ شيڊيول (23 مارچ 1956ع تي هڪدم لاڳو ٿيڻ سان) تحت "ڪائونسل ۾ هزمئجسٽي" لاءِ قيرقار ٿي.

[37] ساڳيو.

[38] ساڳيو.

[39] ساڳيو.

[40] قانوني حُڪم 1949ع تحت "هندستان" لاءِ قيرقار ٿي.

وچ ۾ مالياتي مناسٽا جي پاڻ ۾ سرچاءِ لاءِ [42][***]، حُڪم ڏيڻ جي تاريخ کان مُقرر وقت تي ناٽي جي مناسٽا واري اگهه پٽاندر لڳايو ويندو.]

[43][(4) جيستائين [44][سُپريم ڪورٽ] انهيءَ خلاف هدايت نه ڪري، [45][سُپريم ڪورٽ] جو ڪو حُڪم انهيءَ آڌار غير مؤثر نه ٿيندو ته ڪنهن مُقدمي جي ڪنهن فوتي مخالف ڌُر يا فوتي دعويٰ جي جواب ڏيندڙ جي قانوني وارثن تي ڪو نوٽيس تعميل نه ٿيو هجي يا انهيءَ کي ڪو نوٽيس نه ڏنو ويو هجي، ته جيڪڏهن مخالف ڌُر يا دعويٰ جي جواب ڏيندڙ جي قانوني وارثن تي ڪو نوٽيس تعميل نه ٿيو هجي يا انهيءَ کي ڪو نوٽيس نه ڏنو ويو هجي، ته جيڪڏهن مخالف ڌُر يا ڇاڻايل دعويٰ جو جواب ڏيندڙ انهيءَ عدالت ۾ مُقدمي جي پُڌٽيءَ جي وقت حاضر نه ٿيو هجي، جيڪا ڇاڻايل عدالت جي جاري ٿيل ڊڪريءَ کانپوءِ عمل ۾ آئي هجي، پر انهيءَ قسم جي حُڪم جو زور ۽ اثر ايئن ٿيندو جڻ اُهو وفات کان اڳ لاڳو ٿيو هجي.

16. سُپريم ڪورٽ طرفان ڊڪريءَ جي تعميل سان لاڳاپيل حُڪمن خلاف اپيل: عدالت جا جيڪي حُڪم [46][سُپريم ڪورٽ] جاري ڪري، ته انهيءَ جا حُڪمَ هن بابُ موجب اپيل لائق ۽ اُنهن قاعدن جي پابندي جوڳا هوندا، جيئن انهيءَ عدالت جي ڊڪري جاري ٿيڻ بابت، انهيءَ عدالت جا حُڪمَ آهن.

17. وفاقي عدالت ۾ اپيلون: [47][***]

هاءِ ڪورٽ ترميمون (لاهور):

عدالتي حُڪم XLV-A

وفاقي حڪومت جي حُڪم تي عملدرآمد

1. (1) جيڪو به وفاقي حڪومت جي حُڪم تي عملدرآمد وٺڻ جي خواهش رکندو هُجي، ته جيڪو هندستان جي حڪومت ائڪٽ، 1935ع جي قلم 209 جي ذيلي قلم (2) تحت جاري ڪيو وڃي، ته پٽيشن سان لاڳو ٿيندو جنهن سان گڏ عملدرآمد لاءِ ذڪيل حُڪم جو سچو نقل به شامل هوندو جنهن جي اپيل کي وفاقي حڪومت وٽ داخل ڪيو ويو هجي.

---

[41] قانوني حُڪم 1937ع تحت لفظ "هزمئجسٽيءَ جي خزاني جي لارڊ ڪمشنرن جي سُممت راءِ سان ڪائونسل ۾ هندستان لاءِ رياستي سيڪريٽري ڏريعي" خارج ٿيا.

[42] قانوني حُڪم 1949ع تحت "اسپيريئل ۽ هندستاني حڪومت" لاءِ قيرقار ٿي. واڌُو لفظ "دي" کي ڇپائيءَ ۾ خارج ڪيو ويو.

[43] هندستان جي لميٽيشن ۽ سِول پروسيجر ڪوڊ (ترميم) ائڪٽ 1920ع (1920ع جو XXVI)، قلم 5 تحت ذيلي قلم (4) شامل ٿيو.

[44] صدارتي حُڪم 1961ع، (1961ع جو 1) (23 مارچ 1956ع تي هڪدم لاڳو ٿيڻ) تحت "ڪائونسل ۾ هزمئجسٽي" لاءِ قيرقار ٿي.

[45] ساڳيو.

[46] صدارتي حُڪم 1961ع، (1961ع جو 1) آرٽيڪل 2 ۽ شيڊيول (23 مارچ 1956ع تي هڪدم لاڳو ٿيڻ) تحت "ڪائونسل ۾ هزمئجسٽي" لاءِ قيرقار ٿي.

[47] وفاقي عدالت ائڪٽ 1941ع (1941ع جو XXI)، قلم 2 تحت خارج ٿيو.

(2) هاءِ ڪورٽ، وفاقي عدالت جي حُڪم ڪي انهيءَ عدالت ڏانهن مُنتقل ڪندي، جنهن پهرئين اپيل ٽيندڙ ڊِڪري جاري ڪئي هجي، يا اهڙيءَ عدالت ڏانهن، جنهن کي هاءِ ڪورٽ مُناسب سمجهي ۽ اهڙيون هدايتون ڏئي سگهي ٿي، جيڪي انهيءَ جي عملدرآمد لاءِ گهربل ٿي سگهنديون هجن. اُها عدالت، جنهن ڏانهن جاٽايل حُڪم کي مُنتقل ڪيو ويجي، سا انهيءَ تي اهڙي ريت اُنهن قاعدن ضابطن جي انداز ۾ ۽ پٽاندر عملدرآمد ڪندي، جيڪي انهيءَ اصلي ڊِڪرين جي عملدرآمد لاءِ عمل جوڳا هُجن.

2. قانوني حُڪم XLV جي قاعدي 16 جا ضابطا، ڊِڪرين جي عملدرآمد لاءِ لازمي ٿيل تبديلين سان يا لاڳت لاءِ حُڪم جاري ٿيندا، جنهن کي هاءِ ڪورٽ کان اپيلن ۾ وفاقي حڪومت طرفان منظور ڪيو ويجي."

عدالتي حُڪم-XLVI

راءِ لاءِ ريفرنس

1. هاءِ ڪورٽ ڏانهن راءِ وٺڻ لاءِ موڪليل ريفرنس: جيڪڏهن ڪنهن مُقدمي يا اپيل جي اڳ ۾ يا وقتائتي ٻُڌڻيءَ مهل، جنهن جي ڊِڪري اپيل لائق نـ هجي يا ڪنهن اهڙي ڊِڪريءَ جي جاري ٿيڻ ڪانسواءِ، ڪو قانوني بحث يا اهڙو رواج، جيڪو قانون جو حُڪم رکندو هجي، جنهن بابت مُقدمي يا اپيل لاءِ رٿيل عدالت يا ڊِڪريءَ جاري ڪندڙ عدالت کي معقول شڪ هجي، تـ عدالت کي اختيار هوندو تـ پاڻُ پنهنجي مرضيءَ سان يا جاٽايل درخواست ۽ ڌُرين جي مقدمي جي واقعن جي ڪيفيت ۽ اُها ڳالهـ، جنهن بابت شڪ هجي، لکڻ سميت پنهنجو رايو جيڪو انهيءَ ڳالهـ بابت هجي، تـ فيصلي لاءِ هاءِ ڪورٽ ۾ راءِ وٺڻ لاءِ موڪلي.

2. عدالت، هاءِ ڪورٽ جي فيصلي سان مشروط ڊِڪريءَ کي منظور ڪري سگهي ٿي: جاٽايل راءِ وٺڻ باوجود عدالت کي اختيار هوندو تـ مُقدمي يا اپيل جي ڪارروائيءَ کي مُلتوي ڪري يا جاري رکي ۽ عدالت، هاءِ ڪورٽ جي انهيءَ مامري بابت جيڪو بـ رايو يا فيصلو ڏئي، جنهن بابت رايو ورتو ويو هجي، تـ انهيءَ جي پابنديءَ جي شرط تي ڊِڪريءَ يا حُڪم جاري ڪري.

پر جنهن حالت ۾ اهڙو رايو ورتو ويو هجي، تنهن ۾ هاءِ ڪورٽ عدالت جي فيصلي جي نقل ملڻ تائين، جيڪو انهيءَ راءِ ڪانسواءِ، ڪنهن ڊِڪريءَ تي عمل نـ ٿيندو.

3. هاءِ ڪورٽ جي فيصلي کي موڪليو ۽ اهڙيءَ طرح مُقدمي کي خارج ڪيو ويندو: هاءِ ڪورٽ تي لازم آهي، تـ اُنهن دعوائن جي ٻُڌڻي ڪري، جيڪي ڌُريون پيش ڪرڻ چاهين ۽ انهيءَ مامري جو فيصلو ڪري، جنهن بابت رايي لاءِ ريفرينس موڪليو ويو هجي ۽ پنهنجي فيصلي جو نقل صحيح سميت انهيءَ عدالت جي رجسترار صاحب وٽ موڪلي، جنهن رايو وٺڻ لاءِ ريفرينس موڪليو هجي، ۽ انهيءَ عدالت تي لازم هوندو، تـ نقل گهرڻ تي هاءِ ڪورٽ جي فيصلي پٽاندر مُقدمي جو فيصلو ڪري.

4. هاءِ ڪورٽ ڏانهن رايي لاءِ موڪليل ريفرينس جو خرچ: عدالت طرفان هاءِ ڪورٽ ۾ رايي وٺڻ لاءِ موڪليل ريفرينس تي جيڪو خرچ آيو هجي، تنهن کي مُقدمي جو خرچ سمجهيو ويندو.

5. عدالت کي راءِ لاءِ ريفرينس موڪليندڙ عدالت جي ڊِڪريءَ وغيره ۾ تبديليءَ جو اختيار: جڏهن ڪو مُقدمو قاعدي 1 موجب هاءِ ڪورٽ ۾ راءِ وٺڻ لاءِ ريفرينس طور موڪليو وڃي، تہ هاءِ ڪورٽ کي اختيار آهي، تہ مُقدمي کي ترميم لاءِ واپس موڪلي ۽ ڪنهن ڊِڪريءَ يا حُڪم کي تبديل يا منسوخ يا رَدُ ڪري، جيڪو ريفرينس تي رايو ڏيندڙ عدالت انهيءَ مُقدمي ۾ جاري ڪيو هجي، جنهن ۾ ريفرينس تي رايو ڏيڻ جي گهرج ڏني وئي هجي ۽ جيڪو بہ حُڪم مُناسب سمجهي، سو جاري ڪري.

6. هاءِ ڪورٽ ڏانهن ننڍڙن مُقدمن کي هلائيندڙ عدالتن جي عدالتي حدن بابت سُوال تي ريفرينس موڪلڻ جو اختيار: (1) جيڪڏهن ڪنهن وقت عدالت جي جاري ٿيل فيصلي کان اڳ، جنهن ۾ ڪا دعوىٰ داخل ٿي هجي، اِهو شڪ پيدا ٿيو هجي، تہ ڇا اُهو ننڍڙن مُقدمن کي هلائيندڙ عدالت جي ٻُڌڻ جوڳو آهي يا نہ، تہ عدالت پهرئين ڄاڻايل مُقدمي جي ريڪارڊ سميت پنهنجا شڪُ هاءِ ڪورٽ ۾ موڪلي سگهي ٿي، تہ مُقدمي ۾ عدالتي حدن جو نبيرو ڪيو وڃي.

(2) ريڪارڊ ملڻ کانپوءِ هاءِ ڪورٽ حُڪم ڪندي، تہ اُها عدالت پاڻُ انهيءَ مُقدمي کي هلائي يا دعوىٰ جي درخواست کي واپس ڪري، ۽ هيءَ پڻ هدايت ڪري، تہ ڪنهن ٻيءَ مُختيار عدالت ۾ پيش ڪيو وڃي، جنهن کي هاءِ ڪورٽ مُقرر ڪندي.

7. ضلعي عدالت طرفان نظرثانيءَ جي ڪارروايِن لاءِ موڪلڻ جو اختيار انهيءَ غلطفهميءَ سان، تہ ننڍڙن مُقدمن کي هلائيندڙ عدالتن کي اهڙو عدالتي اختيار مليل آهي: (1) جيڪڏهن ڪنهن ضلعي عدالت کي پتو پوي، تہ ڪنهن ماتحت عدالت غلط فهميءَ سبب ڪنهن دعوىٰ کي ننڍڙن مُقدمن کي هلائيندڙ عدالتن جي ٻُڌڻ جوڳو سمجهيو هو. تنهنڪري هُن اهڙن اختيارن کي لاڳو ڪيو هو جيڪي قانوني طور هُن کي مليل نہ هئا، يا جيڪي اختيار ڪيس مليل هئا، تن کي لاڳو نہ ڪيو هو تہ مٿي ڄاڻايل ضلعي عدالت کي اختيار آهي، تہ جيڪڏهن ڌُر درخواست ڏئي، تہ مُقدمي جي ريڪارڊ کي پنهنجي غلط فهميءَ جي سبب سان گڏ هاءِ ڪورٽ جي ماتحت عدالت ڏانهن موڪليندي.

(2) ريڪارڊ ملڻ کانپوءِ هاءِ ڪورٽ جيڪو حُڪم مُناسب سمجهي، سو مُقدمي ۾ جاري ڪندي.

(3) جيڪو مُقدمو هن قلم پٽاندر هاءِ ڪورٽ ۾ موڪليو وڃي. تنهن جي ڪارروائي بابت عدالت جي فيصلي سان جيڪا بہ ڊِڪري عمل ۾ اچي، تہ هاءِ ڪورٽ انصاف موجب سمجهندي، حُڪم ڏئي سگهي ٿي.

(4) جيڪو حُڪم ضلعي عدالت، ريڪارڊ گهرائڻ يا ڪارروائي جي احوال بابت ڪنهن ماتحت عدالت جي نالي هن قلم پٽاندر جاري ڪري، ته انهيءَ جي تعميل اُن ماتحت عدالت تي لازم هوندي.

هاءِ ڪورٽ ترميمون (سنڌ):

هيٺيون مواد قاعدي 8 طور شامل ٿيو:

"8. قانوني حُڪم XLI جو قاعدو 38، انهيءَ قانوني حُڪم تحت ٿيندڙ ڪاررواين تي لاڳو ٿيندو جيستائين جيڪا به حالت هُجي."

XLVII- عدالتي حُڪم

مُقدمي جي نظر ثاني

[ڏسو قلم 114]

1. مُقدمي جي نظرثانيءَ جي درخواست: (1) جيڪو شخص پنهنجي پاڻ سان زيادتي سمجهي؛

(a) ڪنهن ڊِڪريءَ يا حڪم سان، جنهن جي اپيل تي سگهندي هجي، پر اجا داخل نه ٿي هجي؛

(b) ڪنهن ڊِڪريءَ يا حُڪم سان، جنهن جي اپيل نه ٿي سگهندي هجي؛ يا

(c) ڪنهن فيصلي سان، جيڪو ننڍڙن مُقدمن کي هلائيندڙ عدالتن جي ريفرنس تي جاري ٿيو هجي، جيڪو ڪنهن غلطي ۽ ڪنهن نئين شاهدي ۽ اهم مامري جي پتي پوڻ تي ڪوشش باوجود، وقت تي انهيءَ ڊِڪريءَ جي حُڪم جي فيصلي جاري ٿيڻ تي هُن کي پتو نه پيو هُجي، يا اُهو انهيءَ کي پيش نه پئي ڪري سگهيو يا ڪنهن غلطي يا ڀُل سبب، جيڪا واضح ريڪارڊ مان ظاهر ٿيندي هجي، سو ڪنهن ٻئي ڪافي سبب سان انهيءَ ڊِڪريءَ يا حُڪم جي نظرثاني چاهيندو هجي، جيڪا سندس خلاف جاري ٿي هجي، ته هُن کي اختيار آهي، ته انهيءَ عدالت ۾ نظرثانيءَ جي درخواست داخل ڪري، جنهن ۾ ڊِڪريءَ يا حُڪم جاري ٿيو هجي.

(2) جيڪا ڌُر ڪنهن ڊِڪريءَ يا حُڪم خلاف اپيل نه ڪري، ته اُها ڪنهن ٻئي ڌُر طرفان اپيل داخل ٿيڻ تي، نظرثانيءَ جي درخواست انهيءَ حالت سان گڏ ڏئي سگهي ٿي، ته متي جاٽايل اپيل، درخواست ڏيندڙ ۽ اپيل ڪندڙ ٻنهي سان ساڳيو لاڳاپو هجي يا جڏهن اُهو دعويٰ جو جواب ڏيندڙ هجي، ته اپيل واريءَ عدالت ۾ انهيءَ مُقدمي کي پيش ڪري، جنهن ۾ نظرثانيءَ جي درخواست ڏيندو هجي.

[48][(3) نظرثانيءَ لاءِ ڪنهن به درخواست کي ٻُڌڻيءَ لاءِ منظور نه ڪيو ويندو، جيستائين نظرثاني گهرندڙ شخص پنج هزار رپين جي روڪ ضمانت نه جمع ڪرائي، ته ضمانت ضبط ٿي ويندي، جيڪڏهن نظرثانيءَ جي درخواست کي ابتدائي ڏاڪي تي مخالف ڌُر کي نوٽيس ڏيڻ بغير خارج ڪيو وڃي، ته ضمانت طور جمع ڪرايل رقم مُخالف ڌر کي ڏني ويندي، ته جڏهن نظرثانيءَ جي درخواست کي جائزي وٺڻ کانپوءِ خارج ڪيو وڃي، ته قاعدي جا حُڪم لاڳو نه ٿيندا، جتي نظرثاني گهرندڙ اُهو شخص هجي، جنهن کي عدالت طرفان ڪنگلو يا مُفلس ڪوٺيو ويو هجي.]

2. نظرثانيءَ جي درخواست ڪنهن کي ڏني ويندي: ڪنهن عدالت جي جاري ڪيل ڊِڪريءَ يا حُڪم جي نظرثانيءَ واري درخواست (جيڪا هاءِ ڪورٽ نه هجي) ڪنهن آڌار تي، اهڙي مامري يا نئين ۽ اهم شاهديءَ جي پتي پوڻ کانسواءِ، جنهن جو ذڪر قاعدي 1 ۾ ٿيل آهي يا ڪنهن غلط لفاظي يا اکرن

[48] لاهور هاءِ ڪورٽ، لاهور طرفان جاري ٿيل نوٽيفڪيشن نمبر: Legis XI-Y-26 ,49، تاريخ 28 فيبروري 2011ع تحت شامل ٿيو.

سان غلطيءَ جيڪا سرسري طور ڊِڪريءَ مان ظاهر ٿيندي هجي، انهيءَ جَج کان ٿئي، جنهن اُها ڊِڪريءَ يا حُڪم جاري ڪيو هجي، جنهن جي نظرثانيءَ جي درخواست داخل ڪئي وڃي، پر جيڪڏهن انهيءَ جَج، جنهن ڊِڪريءَ يا حُڪم جاري ڪيو هجي، تنهن فقري (a) ذيلي قاعدي (2) ، قاعدي (4) جو اطلاع جاري ڪرايو هجي، تہ ڄاڻايل درخواست جو فيصلو ڪو ٻيو جَج بہ ڪري سگهي ٿو جيڪو ڄاڻايل جَج جي جڳهہ تي ڪم ڪرڻ لاءِ اچي.

3. نظرثانيءَ جي درخواست جو نمونو: هن بابُ ۾ اپيل ڪرڻ جي طريقي جا جيڪي قاعدا ڄاڻايا ويا آهن، سي بدليل لفظ، نظرثانيءَ جي تبديلي جوڳي درخواست سان بہ لاڳاپيل هوندا.

4. ڪڏهن درخواست نامنظور ٿيندي: (1) جيڪڏهن عدالت کي پتو پوي، تہ نظرثانيءَ جو ڪو سبب ڪافي نہ هجي، تہ اُها درخواست کي نامنظور ڪندي.

(2) ڪڏهن درخواست منظور ٿيندي: جيڪڏهن عدالت جي راءِ ۾ نظرثانيءَ جي جيڪا درخواست منظوريءَ جي لائق هجي، تہ اُها نظرثاني منظور ڪندي:

پر شرط هيءَ آهي:-

(a) اهڙي درخواست ٻيءَ ڌُر کي اڳواٽ اطلاع ڏيڻ کانسواءِ منظور نہ ٿيندي، تہ جيئن اُها حاضر ٿي انهيءَ ڊِڪريءَ يا حُڪم جي پُٺڀرائيءَ ۾ درخواست پيش ڪري، جنهن جي نظرثاني جي درخواست داخل ٿي هجي؛ ۽

(b) اهڙي درخواست تي نئين شاهدي جي ڳالهہ جي پٺي پوڻ بغير، جنهن بابت درخواست ڪندڙ ڄاڻائي، تہ درخواست ڪندڙ کي وقتائتو عدالت جي جاري ٿيل ڄاڻايل ڊِڪريءَ يا حُڪم جي ڄاڻُ نہ هئي، يا جنهن کي اُهو پيش نہ پئي ڪري سگهيو، هاڻي اڳتي انهيءَ کانسواءِ منظور نہ ڪئي ويندي، تہ ڄاڻايل بيان جو ثبوت سگهارو هجي.

پنجاب ترميم:

قانوني حُڪم -XLVII جي قاعدي 4 ۾، ذيلي قاعدي () کانپوءِ، هيٺيون ذيلي قاعدو (3) لاهور هاءِ ڪورٽ جي نوٽيفڪيشن نمبر 49/Legis/XI-Y-26، تاريخ 28 فيبروري 2011ع سان شامل ٿيو:

"(3) نظرثانيءَ لاءِ ڪنهن بہ درخواست کي عدالت ۾ داخل نہ ڪيو ويندو جيستائين نظرثانيءَ جي ڪوشش ڪندڙ شخص پنج هزار رپيا روڪ ضمانت مهيا نٿو ڪري. ضمانت کي ضبط ڪيو ويندو جيڪڏهن نظرثاني پٽيشن کي مخالف ڌُر ڏانهن نوٽيس جاري ڪرڻ کانسواءِ ابتدائي ڏاڪي تي خارج ڪيو وڃي. ضمانت طور عدالت ۾ جمع ٿيل رقم مخالف ڌُر کي ڏني ويندي، جيڪڏهن نظرثاني پٽيشن کي ڌُرين کي ٻُڌڻ کانپوءِ خارج ڪيو وڃي. انهيءَ قاعدي جي ضابطن کي اُتي لاڳو نہ ڪيو ويندو، جتي نظرثاني جي ڪوشش ڪرڻ لاءِ درخواست ڏيندڙ اُهو شخص هُجي، جنهن جو ڪنهن بااختيار عدالت طرفان پڪو ڏيوالو نڪتل يا ڪنگلائپ جو اعلان ڪيو ويو هُجي."

5. انهيءَ عدالت ۾ نظرثانيءَ جي درخواست، جيڪا ٻن يا وڌيڪ ججن تي ٻڌل هجي: جتي جج يا ججن مان ڪو هڪ، جنهن يا جن ڊڪريءَ يا حُڪم جاري ڪيو هجي ۽ جنهن جي حُڪم خلاف نظرثانيءَ جي درخواست ڏني وئي هجي، سا جڏهن نظرثانيءَ جي درخواست ڏني وڃي، ته انهيءَ عدالت سان لاڳاپيل هجي يا لاڳاپيل رهندا هجن ۽ اُهي ڪنهن سبب غيرحاضر نه هجن يا ڪنهن ٻئي سبب عدالت ۾ موجود هجن ۽ سندن غيرموجودگيءَ ڇهن مهينن جي عرصي تائين وڌيل هجي، ته درخواست جي ٻڌڻي نه ڪندو.

6. درخواست ڪي جڏهن رَد ڪيو وڃي: (1) جتي نظرثانيءَ جي درخواست جي ٻڌڻي هڪ کان وڌيڪ ججن ڪئي هجي، ۽ عدالت هڪجيتري راين ۾ ورهايل هجي، ته درخواست کي رَدُ ڪيو ويندو.

(2) جتي اڪثريت هجي، ته فيصلو اڪثريتي راءِ پٽاندر جاري ڪيو ويندو.

7. منسوخيءَ جو حُڪم ناقابل اپيل آهي: (1) عدالت جو درخواست کي نامنظور ڪرڻ جو حُڪم اپيل جوڳو نه هوندو. پر جڏهن اُها درخواست منظور ٿئي، ته انهيءَ تي اُنهن سببن پٽاندر اعتراض ڪري سگهجي ٿو ته درخواست:

(a) قاعدي 2 جي حُڪمن خلاف هئي؛

(b) قاعدي 4 جي حُڪمن خلاف هئي؛ يا

(c) لميٽيشن ائڪٽ ۾ ڄاڻايل عرصي گُذرڻ کانپوءِ داخل ٿي هئي، تنهنڪري درخواست مُناسب سببن کانسواءِ داخل ٿي هئي.

ته اهڙو اعتراض جائز آهي، ته انهيءَ درخواست جي منظوريءَ جي حُڪم خلاف ڄاڻايل اعتراض کي تُرت اپيل ذريعي داخل ڪيو وڃي. يا انهيءَ اپيل ۾ ڪيو وڃي، جيڪا مُقدمي جي حتمي ڊڪريءَ يا حُڪم خلاف هجي.

(2) جيڪڏهن نظرثانيءَ جي درخواست، درخواست ڏيندڙ جي غيرحاضريءَ سبب نامنظور ٿي هجي، ته درخواست ڏيندڙ کي اختيار آهي، ته انهيءَ مضمون جي درخواست ڏئي، ته نامنظور ٿيل درخواست کي اڳوڻي نمبر سان قائم ڪرڻ جو حُڪم ڏنو وڃي ۽ جيڪڏهن عدالت جو مُناسب اطمينان هجي، ته جنهن وقت ڄاڻايل درخواست ٻُڌڻ لاءِ پيش ٿي هئي، ته درخواست ڏيندڙ ڪنهن سبب خاطر حاضر ٿيڻ کان لاچار هو ته عدالت اِهو حُڪم ڏئي سگهندي، ته ڄاڻايل درخواست کي هن قانوني حُڪم جي پابنديءَ تحت خرچ ڏيارڻ يا نه ڏيارڻ مناسب معلوم هجي يا اڳوڻي نمبر تحت قائم ڪيو وڃي ۽ عدالت انهيءَ جي ٻُڌڻي لاءِ نئين تاريخ مُقرر ڪندي.

(3) ڪو حُڪم ذيلي قاعدي (2) موجب جاري نه ڪيو وڃي، ايستائين درخواست ڏيندڙ پنهنجي پڇاڙيءَ واريءَ درخواست جو اطلاع ٻيءَ ڌُر کي لکت ۾ ڏنو هجي.

8. درخواست جي منظوري جي داخلا ۽ ٻيهر ٻُڌڻيءَ جو حُڪم: جڏهن نظرثانيءَ جي درخواست کي منظور ڪيو وڃي، ته انهيءَ جي يادداشت کي ڪتاب يعني رجسٽر ۾ لکيو ويندو ۽ عدالت تُرت مُقدمي جي

ٻڌڻيءَ جي تاريخ مُقرر ڪندي يا ٻيهر ٻڌڻيءَ بابت حُڪم جاري ڪري سگهي ٿي، جيڪو مُناسب سمجهي.

9. [49][ڪجهه خاص درخواستن جي روڪ: (1) ڪنهن اهڙي حُڪم جي نظرثانيءَ جي درخواست، جيڪا ڪنهن اڳوڻي نظرثانيءَ جي درخواست تي جاري ٿي هجي.

(2) نظرثانيءَ جي ڪا درخواست، ڪنهن اهڙي ڊِڪريءَ يا حُڪم تي منظور نه ٿيندي، جيڪو نظرثانيءَ ۾ جاري ٿيو هجي.]

هاءِ ڪورٽ ترميمون (سنڌ):

هيٺيون مواد قاعدي 10 طور شامل ٿيو:

"10. قانوني حُڪم XLI جو قاعدو 38، انهيءَ حُڪم تحت ٿيندڙ ڪارروائين تي لاڳو ٿيندو جيستائين جيڪا به حالت هُجي."

عدالتي حُڪم -XLVIII

مُتفرقہ

1. حُڪمنامي جي تعميل، سَمن جاري ڪرائيندڙ ڌُر جي خرچ تي ٿيندي: (1) جيڪو حُڪمنامو هن ڪوڊ پٽاندر جاري ڪيو ويجي، تنهن جي تعميل انهيءَ ڌُر جي خرچ تي ڪئي ويندي، جنهن جي درخواست تي اُهو حُڪم جاري ٿيو هجي، ايستائين انهيءَ حالت ۾ ته عدالت ڪنهن ٻئي نموني جي هدايت ڪري.

2. حُڪمنامي ۽ نوٽيس تعميل ٿيڻ جو طريقو: سمورا نوٽيس ۽ حُڪم ۽ ڪاغذ، جيڪي هن ڪوڊ پٽاندر ڪنهن شخص کي پهنجڻ يا انهيءَ تي تعميل ڪرڻ منظور هجن، اهڙيءَ طرح تعميل ڪيا ويندا، جيئن سَمن جي تعميل ٿيڻ جي طريقي جا شرط ڄاڻايل آهن.

3. ضميمن ۾ نمونن جو واهپو: جيڪي نمونا ضميمي ۾ لکيل آهن، تن سميت ايتري تبديلي ۽ ڦيرقار کي اُنهن مقصدن لاءِ اختيار ڪيو ويندو جيڪي مُقدمي جي حالتن سان نهڪجندڙ هجن، جيڪي انهيءَ ۾ ڄاڻايا ويا آهن.

عدالتي حُڪم -XLIX

[50][هاءِ ڪورٽن] سان لاڳاپيل خاص قاعدا

1. هاءِ ڪورٽ جي حُڪمن جي تعميل ڪيئن ٿي سگهندي: (1) شاهدن جي نالي سَمن ۽ دستاويزن جي پيشيءَ لاءِ جيڪي نوٽيس ۽ هرقسم جا حُڪمَ جاري ڪيا وڃن، سي هاءِ ڪورٽ جي اصل ديواني مُقدمي جي ٻڌڻي جي اختيارن ۾ اُنهن اختيارن کيٌ لاڳو ڪرڻ سان، جيڪي شاديءَ ۾

---

[49] 1975ع جي صدارتي حُڪم IV تحت ڦيرڦار ٿي.

[50] مرڪزي قانون (قانوني شڌارا) آرڊيننس، 1960ع (1960ع جو XXI)، ٿلهر 3 ۽ ٻئين شيڊيول (14 آڪٽوبر، 1955ع کان هڪدم لاڳو ٿيندڙ) تحت لفظ "چارٽرڊ" خارج ٿيو.

وصيت جي مامرن ۾ ورثي توڙي غير ورثي جا هاءِ ڪورٽ کي مليل آهن. دعويٰ جي جواب ڏيندڙ جي نالي سمن ڪانسواءِ ۾ ڊڪريءَ جاري ٿيڻ لاءِ حُڪمناما ۾ دعويٰ جي جواب ڏيندڙ جي نالي نوٽيس, اٿارنيءَ جي معرفت (يعني وڪيلن) مُقدمي جي پيروي ڪندڙ يا اُنهن شخصن جي معرفت, جن کي اٿارني مُقرر ڪري يا ڪنهن ٻئي شخص جي معرفت جاري ڪري سگهجن ٿا, جن جي هاءِ ڪورٽ ڪنهن قاعدي يا حُڪم ذريعي هدايت ڪري.

2. مٿي ڄاڻايل ضميمي جا ڪجهه قاعدا, هاءِ ڪورٽ جي جاري ٿيل حُڪمن سان لاڳاپيل نہ هوندا: مٿي ڄاڻايل ضميمو اُنهن قاعدن تي اثر انداز نہ ٿيندو جيڪي هن ڪوڊ جي لاڳو ٿيڻ وقت شاهدي لکي ڏيڻ يا فيصلي يا ڪنهن [51][***] هاءِ ڪورٽ جي اڳ ۾ مُقرر حُڪمن سان جاري ٿيا هُجن.

3. هيٺ ڄاڻايل تفصيلي قاعدا ڪنهن [52][***] هاءِ ڪورٽ سان لاڳاپيل نہ هوندا, جڏهن اُهي پنهنجي عام يا غيرمعمولي اختيارن کي اصل عدالت جي ديواني قاعدن پٽاندر لاڳو ڪرڻا هجن, يعني:

(1) قانوني حُڪم -VII جو قاعدو 10 ذيلي قاعدو (b) ۾ (c);

(2) قانوني حُڪم -XX جو قاعدو 3;

(3) قانوني حُڪم -XX جو قاعدو 2;

(4) قانوني حُڪم -XVIII جا قاعدا 5, 6, 8, 9, 10, 11, 13, 14, 15 ۾ 16 (جيستائين شاهديءَ وٺڻ سان لاڳاپيل هُجن.)

(5) قانوني حُڪم -XX قاعدو 1 کان 8; ۾

(6) قانوني حُڪم -XXXIII جو قاعدو (جيستائين شاهدن کان شاهديءَ جي لکيل تَتُ سان لاڳاپيل هُجي.)

۾ قانوني حُڪم -XLI جو قاعدو 35, ڪنهن مٿي ڄاڻايل هاءِ ڪورٽ سان لاڳاپيل نہ هوندو جڏهن اُهو اپيل جي اختيار کي لاڳو ڪندو هجي.

عدالتي حُڪم -L

ننڍڙن مُقدمن جي عدالتي اختيارن واريون صوبائي عدالتون

1. ننڍڙن مُقدمن جي عدالتي اختيارن واريون صوبائي عدالتون: هيءَ اُنهن عدالتن سان لاڳاپيل نہ هونديون, جيڪي ننڍڙن مُقدمن جي عدالتي اختيارن وارين عدالتن جي قانون 1887ع [53][***]

[51] مرڪزي قانون (قانوني سُڌارا) آرڊيننس, 1960ع (1960ع جو XXI), قلم 3 ۾ ٻئين شيڊيول (14 آڪٽوبر, 1955ع کان هڪدم لاڳو ٿيندڙ) تحت لفظ "چارٽرڊ" خارج ٿيو.

[52] ساڳيو.

موجب جُڙيون هُجن، نہ اهڙين عدالتن ۾ سان لاڳاپيل هونديون، جيڪي [54][ساڳئي ائڪٽ تحت[مُقدمن جي عدالتي اختيارين وارين عدالتن جي اختيارن کي لاڳو ڪنديون هجن، يعني:

(a) هن شيڊيول جو ايترو حصو جنهن جو ناتو:-

(i) جيڪي اهڙين دعوائن سان لاڳاپيل هجن، جيڪي ننڍڙن مُقدمن جي عدالتي اختيارن وارين عدالتن ۾ ٻُڌڻ جوڳيون نہ هجن يا جاچايل دعوائن تي ڊِڪريءَ جاري ڪرڻ سان لاڳاپيل هجن؛

(ii) جيڪي غيرمُتحرڪ يا پائيواري ملڪيت جي حقن تي ڊِڪريءَ جاري ٿيڻ سان لاڳاپيل هجن؛

(iii) جيڪي قانوني تحقيقي مامرن سان لاڳاپيل هجن؛ ۽

(b) هيٺ تفصيل سان جاچايل قاعدا ۽ قانوني حُڪم، يعني:-

قانوني حُڪم -II قاعدو 1 (دعويٰ جو نمونو)؛

قانوني حُڪم -X قاعدو 3 (ڌرين جي لکيل شاهدي)؛

قانوني حُڪم -XV جي قاعدي 4 کانسواءِ ايترو حصو جيڪو فيصلي ٻُڌائڻ سان لاڳاپيل هجي؛

قانوني حُڪم -XVIII جا قاعدا 5 کان 12 (شاهديءَ بابت)؛

قانوني حُڪم -XLI کان XLV تائين (اپيلن بابت)؛

قانوني حُڪم -XLVII جي قاعدن 2، 3، 5، 6، 7 (نظرثاني سان لاڳاپيل)

قانوني حُڪم-LI

عدالتي حُڪم -LI

[ننڍڙن مُقدمن جي عدالتي اختيارن واريون پريزيڊنسي عدالتون][55]

[*** جاري ٿيل فرمان 1949ع تحت خارج ٿيو.]

هاءِ ڪورٽ ترميم (سنڌ):

هينيون مواد قانوني حُڪم -LII طور شامل ٿيو:

---

[53] لفظ ۽ انگ "يا بيراڙ سمال ڪاز ڪورٽ لاءِ 1905ع تحت" جنهن کي بيراڙ لاز ائڪٽ 1941ع (1941ع جو IV)، قلم 2 ۽ ٻئي شيڊيول تحت شامل ڪيو ويو تنهن کي 1949ع جي قانوني حُڪم سان خارج ڪيو ويو.

[54] اصلي لفظن "انهيءَ ائڪٽ پٺاندر" ۾ ترتيبوار بيراڙ لاز ائڪٽ 1941ع (1941ع جو IV) ۽ قانوني حُڪم 1949ع تحت جاچايل ريت پڙهڻ لاءِ ترميم ڪئي وئي.

[55] قانوني حُڪم 1949ع تحت خارج ٿيو.

عدالتي حُڪم-LII

1. قانوني حُڪم -LI جو قاعدو 38, قلم 115 تحت ڪارروايَن تي لاڳو ٿيندو:- قانوني حُڪم XLI جو قاعدو 38, قلم 115 تحت ٿيندڙ ڪارروايَن تي لاڳو ٿيندو جيستائين جيڪا بہ حالت هُجي."

شيڊيولَ

ضميمو- A

دعويٰ جي درخواست يا لکيل بيانَ

(1) مُقدمي جو عُنوان

عدالت ۾ ——————————

الف. ب (هتي ولديت, قوم توڙي ڌنڌو وغيره ۾ رهڻ جو هنڌ لکيو وڃي) —————— دعويدار يا دعويدارَ

خلاف

ت. ب (هتي ولديت, قوم توڙي ڌنڌو وغيره ۾ رهڻ جو هنڌ لکيو وڃي.) ——— دعويٰ جو جواب ڏيندڙ يا دعويٰ جو جواب ڏيندڙَ

(2) خاص مُقدمن ۾ ڏرين جا تفصيل

[56][57]*** پاڪستان يا صوبو- جيڪا بہ حالت هجي:]

ايڊووڪيٽ جنرل ——————————

ڪليڪٽر ——————————

رياست ——————————

الف. ب ڪمپني لميٽيڊ, جنهن جي رجسٽر ٿيل آفيس جو هنڌ ——————————

الف. ب سرڪاري عملدار, ت. ب ڪمپنيءَ جو ——————————

الف. ب (تفصيل . قوم توڙي ڌنڌو ۾ رهائش) طرفان پنهنجي بين ڊيبينچر تحويلدارن خلاف, جن کي —————— ڪمپني لميٽيڊ جاري ڪيو هجي.

سرڪاري رِسيور ——————————

الف. ب (نابالغ, تفصيل ۾ رهائش سميت وغيره), ت ب [يا ڪورٽ آف وارڊس] پنهنجي ويجهي ساٿيءَ ذريعي.

---

[56] اصلي لفظن " ڪائونسل ۾ هندستان لاءِ رياستي سيڪريٽري" ۾ ترتيبوار قانوني حُڪم 1937ع ۽ قانوني حُڪم 1949ع تحت جاٽايل ريت پڑهڻ لاءِ ترميم ڪئي ويئي.

[57] صدارتي حُڪم 1961ع (1961ع جو 1), آرٽيڪل 2 ۽ شيڊيول (23 مارچ 1956ع تي هڪدم لاڳو ٿيڻ) تحت لفظ "جو وفاق" خارج ٿيا.

الف. ب (تفصيل ۽ رهائش سميت) سودائي يا ذهني مريض ت ب پنهنجي ويجهي ساٿيءَ ذريعي

الف. ب. فرم جيڪا پائيواريءَ ۾ ڪاروبار ڪندي هجي.

الف. ب (تفصيل ۽ رهائش سميت) پنهنجي قانوني اٽارني ذريعي (تفصيل ۽ رهائش سميت)

الف. ب (تفصيل ۽ رهائش سميت) ت ب فوتي جو دوست.

الف. ب (تفصيل ۽ رهائش سميت) ت ب فوتي جو نِگران.

الف. ب (تفصيل ۽ رهائش سميت) ت ب فوتيءَ جو وارث.

(3) دعوائون

1. قرض ڏنل رپين بابت

(عنوان)

مٿي ڄاڻايل الف. ب دعويدار هيٺئين ريت چوي ٿو:

1. تاريخ ——— مهينو ——— 20ع تي دعويدار دعويٰ جي جواب ڏيندڙ ——— کي، جيڪو تاريخ ——— قرض ڏنو سو تاريخ ——— کان رَهيل هو.

2. دعويٰ جي جواب ڏيندڙ ڄاڻايل رقم نہ ڏني، مُبلغ سميت ——— جيڪا تاريخ ——— مهينو ——— 20ع رپيا [جيڪڏهن دعويدار ڪنهن قانوني لميٽيشن ائڪٽ موجب مُقدمي جي ڇُوٽ هيٺ جو دعويدار هجي، تہ اِهو ڄاڻائي.]

3. دعويدار تاريخ ——— مهينو ———20ع کان تاريخ ——— مهينو ——— 20 نابالغ (ذهني مريض) هو.

4. [هتي لکڻ گهرجي، تہ انهيءَ خلاف تڪرار ڪڏهن پيدا ٿيو ۽ اِهو تہ عدالت کي مُقدمي جي ٻُڌڻيءَ جو اختيار مليل آهي.]

5. قانوني حد جي مقصد لاءِ مُقدمي جي موضوعي مامري جو مُلهہ ——— رپيا آهي ۽ ——— کان وياج سميت ——— جو ڏينهن ——— 20ع ———

6. ۽ اِهو تہ دعويدار مُبلغ ——— جو وياج سميت في سيڪڙي ——— جو تاريخ ——— مهينو ——— 20ع کان دعويٰ ڪري ٿو.

2. وڏيڪ ڏنل رپين بابت

(عنوان)

متي ڄاڻايل الف، ب دعويدار هيٺئين ريت چوي ٿو:

1. تاريخ ——— مهينو ——— 20ع دعويدار ——— چانديءَ جي ٽُڪرن جي حساب سان ——— في تولو چاندي خالص جي وٺڻ تي راضي ۽ دعويٰ جو جواب ڏيندڙ انهيءَ کي ڄاڻايل قيمت تي وڪڻڻ تي راضي ٿيو هو.

2. دعويدار مٿيون چانديءَ جا ٽُڪرا نالي ل م کي موڪليا ۽ انهيءَ جي اُجرت دعويٰ جي جواب ڏيندڙ کي ڏني. ل م ڄاڻايل ظاهر ڪيو ته اُنهن ٽُڪرن مان هرهڪ 1500 تولا خالص چانديءَ جا آهن. تنهنڪري دعويدار دعويٰ جي جواب ڏيندڙ کي مُبلغ ——— انهيءَ بابت ڏنا.

3. هرهڪ اُنهن چانديءَ جي ٽُڪرن ۾ رُڳو 1200 تولا خالص چاندي نڪتي ۽ جڏهن دعويدار رپيا ڏنا هئا، ته هُن کي انهيءَ ڳالهه جو پتو نه هو.

4. دعويٰ جي جواب ڏيندڙ اُهي رپيا، جيڪي کيس وڌيڪ ڏنا ويا هئا، واپس نه ڪيا آهن.

[نمونو 1 ۾ پيرا 4 ۽ 5 جيان لکيو وڃي ۽ دعويدار طرفان قانوني واهر جي گُذارش لکي وڃي.]

3. مُقرر قيمت تي وڪرو ٿيل ۽ سونپيل مال بابت

(عنوان)

متي ڄاڻايل الف ب دعويدار هيٺئين ريت درخواست ڪري ٿو:

1. تاريخ ——— مهينو ——— 20ع تي نالي ب. ت دعويٰ جي جواب ڏيندڙ وٽ [هڪ هزار اَٽي جون ٻوريون يا متي ڄاڻايل مال جي لاڳاپيل فهرست ۾ ٻيو مال جيڪو به هجي] وڪرو ڪري، کيس سونپيو.

2. دعويٰ جي جواب ڏيندڙ مُبلغ ——— رپيا ڄاڻايل مال بابت ڏيڻ جو واعدو ڪيو [يا ——— ——— 20ع تي ڪنهن ڏينهن دعويٰ جي درخواست داخل ڪرڻ کان اڳ ڏيڻ جو واعدو ڪيو.]

3. دعويٰ جي جواب ڏيندڙ ڄاڻايل رقم نه ڏني.

4. الف. ب تاريخ ——— 20ع تي فوت ٿي ويو ۽ هُن پنهنجي آخري وصيت سان پنهنجي پاءُ دعويدار کي پنهنجو قانوني نگراني مُقرر ڪيو آهي.

[نمونو 1 ۾ پيرا 4 ۽ 5 جيان لکيو وڃي.]

5. دعويدار الف. ب جي قانوني نِگران طور دعويٰ ڪري ٿو. [قانوني مدد جي دعويٰ]

4. مُناسب قيمت تي وڪرو ٿيل ۽ سونپيل مال بابت

(عنوان)

متي ڄاڻايل الف. ب دعويدار هيٺن ريت چوي ٿو:

1. تاريخ ——— مهينو ——— 20ع دعويدار [متفرق گهريلو سامان] دعويٰ جي جواب ڏيندڙ وٽ وڪرو ۽ سونپيو پر انهيءَ جي قيمت بابت ڪا واضح ڳالهہ نہ ٿي هئي.

2. جاڳايل مال جي قيمت مُناسب مُبلغ ——— هئي.

3. دعويٰ جي جواب ڏيندڙ جاڳايل رقم نہ ڏني.

[نمونو 1 ۽ پئرا 4 ۽ 5 جيان لکيو وڃي ۽ دعويدار طرفان قانوني واهر جي گُذارش لکي وڃي.]

(1) دعويٰ جي جواب ڏيندڙ جي درخواست تي ناهيل ۽ نہ ورتل شين بابت

(عنوان)

مٿي ڄاڻايل الف ب دعويدار هيٺئين ريت عرض ڪري ٿو:

1. تاريخ ——— مهينو ——— 20ع جڳهہ ——— الف. و رهندڙ ——— ——— دعويدار سان اِهو اِقرار ڪيو تہ دعويدار هُن لاءِ [ڇهہ ميزون ۽ پنجاهہ ڪُرسيون] ناهي ۽ وقت تي اُنهن شين جي سونپڻ مهل الف. ب کي مٿي ڄاڻايل سندن قيمت مُبلغ ——— ڏيندو.

2. دعويدار اُهي شيون ناهي تاريخ ——— مهينو ——— 20ع تي ڄاڻايل شخص کي ڄاڻايو تہ اُهي شيون تيار آهن. ڪٿي وڃ ۽ هُو انهيءَ وقت سونپڻ تي تيار ۽ راضي آهي.

3. جيئن تہ الف. و ڄاڻايل اُنهن شين کي نہ ورتو ۽ نہ ئي سندن قيمت ڏني.

[نمونو 1 ۽ پئرا 4 ۽ 5 جيان لکيو وڃي ۽ دعويدار طرفان قانوني واهر جي گُذارش لکي وڃي.]

6. نيلاميءَ مهل پيهر وڪرو ٿيل شين ۾ نقصان بابت

(عنوان)

مٿي ڄاڻايل الف ب دعويدار هيٺئين ريت عرض ڪري ٿو:-

1. تاريخ ——— مهينو ——— 20ع تي ——— دعويدار ڪجهہ [واپاري سامان] انهيءَ شرط سان نيلام ڪيو هو تہ سمورو مال، جنهن کي نيلام ۾ وٺندڙ [ڏهن ڏينهن ۾] قيمت ڏيئي کڻي نہ وڃي، تہ اُهو انهيءَ طرف کان وري نيلام ڪيو وڃي ۽ انهيءَ شرط سان دعويٰ جي جواب ڏيندڙ کي پتو هو.

2. دعويٰ جي جواب ڏيندڙ (چيني جي ٿانون جي هڪڙي ٽوڪري) نيلام ۾ ڪُل قيمت ۾ ——— ——— خريد ڪئي.

3. دعويدار، دعويٰ جي جواب ڏيندڙ جي مٿي ڄاڻايل ٽوڪريءَ کي نيلام واري ڏينهن ۽ انهيءَ کان

پوءِ [ڏهن ڏينهن تائين] سونپڻ تي تيار ۽ راضي هو.

4. دعويٰ جي جواب ڏيندڙ [ڏهن ڏينهن ۾] نيلام ڪانپوءِ يا پوءِ انهيءَ خريد ڪيل مالُ کي نہ ڪٽي ويو نہ ئي هُن قيمت ڏني.

5. تاريخ ——— مهينو ——— 20ع دعويدار [چيني ٿانون جي مٽي ڇاٽايل ٽوڪري] کي دعويٰ جي جواب ڏيندڙ طرفان ڪُل رقم ——— تي ٻيهر نيلام ڪئي.

6. ٻئي نيلام تي ايترو خرچ ——— ٿيو.

7. دعويٰ جي جواب ڏيندڙ انهيءَ نتيجي ۾ جيڪا کوٽ تي، يعني ڪُل رقم ——— نہ ڏني.

[نمونو 1 ۽ پئرا 4 ۽ 5 جيان لکيو وڃي ۽ دعويدار طرفان قانوني واهر جي گُذارش لکي وڃي.]

7. مُناسب سمجهہ جو ڳي اگهہ تي تعميل بابت

(عنوان)

مٿي ڇاٽايل الف ب دعويدار هيٺئين ريت عرض ڪري ٿو:

1. تاريخ ——— مهينو ——— 20ع ۽ ——— تاريخ ——— مهينو ——— 20ع جي وچ ۾ ——— تي دعويدار [ڪجهہ تصويرون ۽ نقشا ۽ شڪليون]، دعويٰ جي جواب ڏيندڙ لاءِ انهيءَ درخواست سان ٺاهيون، پر انهيءَ ڳالهہ تي ڪو واضح اقرار نہ ٿيو تہ اُجرت ۾ گهٽي رقم ڏني ويندي.

2. اُهو ڪم واجبي ماليت جو ڪُل ——— رقم جو هو.

3. دعويٰ جي جواب ڏيندڙ ڇاٽايل رقم نہ ڏني آهي.

[نمونو 1 ۽ پئرا 4 ۽ 5 جيان لکيو وڃي ۽ دعويدار طرفان قانوني واهر جي گُذارش لکي وڃي.]

8. گهر جي اڏاوت ۾ واجبي قيمت تي خدمتون ۽ واپرايل موادُ بابت

(عنوان)

مٿي ڇاٽايل الف ب دعويدار هيٺئين ريت عرض ڪري ٿو:

1. تاريخ ——— مهينو ——— 20ع تي ——— دعويدار هڪڙو گهر [جنهن جو نمبر ——— ڪان جڳهہ ——— ۾ مشهور آهي] دعويٰ جي جواب ڏيندڙ لاءِ ۽ هُن جي درخواست تي ٺاهيو ۽ انهيءَ جو گهربل مواد پڻ پنهنجي خرچ سان لڳايو پر ڪو واضح ٺاهہ انهيءَ ڏس ۾ نہ ٿيو هو تہ انهيءَ ڪم ۽ انهيءَ گهربل مواد جي ڪيتري قيمت ڏني ويندي.

2. اُهو ڪم ۽ گهربل مواد واجبي ماليت موجب ڪُل رقم ——— جو هو.

3. دعويٰ جي جواب ڏيندڙ جاڻايل رقم نه ڏني هئي.

[نمونو 1 ۾ پئرا 4 ۽ 5 جيان لکيو وڃي ۽ دعويدار طرفان قانوني واهر جي گُذارش لکي وڃي.]

9. استعمال ۽ تحويل بابت

(عنوان)

مٿي ڄاڻايل دعويدار الف. ب. مرحوم ڪ. ي مرحوم جي وصيت جو نگران هيٺئين ريت عرض ڪري ٿو:

1. دعويٰ جي جواب ڏيندڙ [گھر نمبر ———— موجود رستي ————] اجازت سان (ڪ. ي) ڄاڻايل تاريخ ———— مهيني ———— 20ع پنهنجي استعمال ۾ رکيو ۽ ڄاڻايل گھر ۾ رهڻ لاءِ مسواڙ بابت ڪجهه به اقرار نه ٿيو هو.

2. ڄاڻايل گھر جي مسواڙ ڄاڻايل مُدت ۾ معقول قياس موجب ڪُل رقم ———— ٿئي ٿي.

3. دعويٰ جي جواب ڏيندڙ ڄاڻايل ڪُل رقم نه ڏني آهي.

[نمونو 1 ۾ پئرا 4 ۽ 5 جيان لکيو وڃي.]

4. دعويدار (ڪ. ي) جي قانوني نگران هوندي دعويٰ ڪري ٿو ته [قانوني واهرُ جي دعويٰ لکي وڃي]

10. ٺيا ڪڙي ذريعي فيصلي بابت

(عنوان)

مٿي ڄاڻايل الف. ب دعويدار هيٺئين ريت عرض ڪري ٿو:

1. تاريخ ———— مهيني ———— 20ع تي دعويدار ۽ دعويٰ جي جواب ڏيندڙ ۾ هن ڳالهه ۾ تڪرار [دعويدار طرفان انهيءَ قيمت ڪي ڄاڻائڻ ڪپي، جنهن جي ڏيڻ کان دعويٰ جي جواب ڏيندڙ انڪار ڪيو هجي.] واقع ٿيو ۽ ڏُربون انهيءَ تڪرار ڪي فيصلي ٿيڻ لاءِ ٺيا ڪڙيءَ ذريعي (د. و) ۽ ز. ح) جي سونپڻ لاءِ لکت ۾ راضي ٿيون ۽ اصل دستاويز انهيءَ سان گڏ لڳل آهن.

2. تاريخ ———— مهيني ———— 20ع تي ڄاڻايل ٺيا ڪڙي ڪندڙن فيصلو ڪيو ته دعويٰ جو جواب ڏيندڙ [دعويدار ڪي رقم ڏئي]

3. دعويٰ جي جواب ڏيندڙ ڄاڻايل رقم نه ڏني آهي.

[نمونو 1 ۾ پئرا 4 ۽ 5 جيان لکيو وڃي ۽ دعويدار طرفان قانوني واهر جي گُذارش لکي وڃي.]

11. پرڏيهي فيصلي بابت

(عنوان)

متي ڄاڻايل الف. ب دعويدار هيٺئين ريت عرض ڪري ٿو:

1. تاريخ ———— مهيني ———— 20ع تي هنڌ ———— رياست [يا بادشاهت] ———— ۾ ڪاتي ———— ڄاڻايل رياست [بادشاهت] ۾ ڄاڻايل دعويدار ۽ دعويٰ جي جواب ڏيندڙ وچ ۾ مُقدمو داخل هو اُهو ڪارروائيءَ ڪانپوءِ فيصلو جاري ٿيو تہ دعويٰ جو جواب ڏيندڙ روڪ رقم ———— دعويدار کي وياج سميت ڄاڻايل تاريخ کان ڏئي.

2. دعويٰ جو جواب ڏيندڙ ڄاڻايل رقم نہ ڏني آهي.

[نمونو 1 ۾ پيرا 4 ۽ 5 جيان لکيو وڃي ۽ دعويدار طرفان قانوني واهر جي گُذارش لکي وڃي.]

12. مسواڙ ڏيڻ لاءِ ضمانت جي دعويٰ بابت

(عنوان)

متي ڄاڻايل الف. ب دعويدار هيٺئين ريت عرض ڪري ٿو:

1. تاريخ ———— مهيني ———— 20ع تي ه. و دعويدار کان هڪ [گهر نمبر ———— ———— واقع پاڙي ————] ورهين کان مسواڙ جي مُقرريءَ سان ———— رپيا ساليانو مسواڙ تي ورتو ۽ مسواڙ [ماهوار] رَهت هئي.

2. دعويٰ جو جواب ڏيندڙ ه. و کي ڄاڻايل گهر جي مسواڙ ڏيڻ جي ضمانت تي باقاعدگيءَ سان مسواڙ ڏيڻ جو ذميدار ٿيو.

3. مسواڙ بابت مهينو ———— 20ع تعداد ———— رپيا نہ ڏنا ويا.

[جيڪڏهن اقرارنامي جي شرطن موجب ضامن کي نوٽيس ڏيڻ ضروري هجي، تہ اِهو شامل ڪريو.]

4. تاريخ ———— 20ع تي دعويدار مسواڙ ڏيڻ بابت دعويٰ جي جواب ڏيندڙ کي نوٽيس ڏنو ۽ ڄاڻايل مسواڙ جي ڏيڻ جو مطالبو ڪيو.

5. دعويٰ جي جواب ڏيندڙ مسواڙ نہ ڏني آهي.

[نمونو 1 ۾ پيرا 4 ۽ 5 جيان لکيو وڃي ۽ دعويدار طرفان قانوني واهر جي گُذارش لکي وڃي.]

13. زمين جي خريداريءَ جي ناهہ جي پڇڪڙيءَ بابت

(عنوان)

متي ڄاڻايل الف. ب دعويدار هيٺئين ريت عرض ڪري ٿو:

1. تاريخ ———— مهيني ———— 20ع تي دعويدار ۽ دعويٰ جي جواب ڏيندڙ جي وچ ۾ هڪڙو اقرارنامو ٿيو جيڪو انهيءَ سان گڏ لڳل آهي.

[يا تاريخ ———— تي دعويدار ۽ دعويٰ جي جواب ڏيندڙ جي وچ ۾ اِهو اِقرار ٿيو ته دعويدار دعويٰ جي جواب ڏيندڙ جي هٿان 40 ايڪڙ ايراضي واقع تعلقي ———— عيوض روڪ رقم ———— رپيا ڏيندو ۽ دعويٰ جو جواب ڏيندڙ انهيءَ کي دعويدار وٽان خريد ڪري ڏيندو.]

2. جيئن ته تاريخ ———— 20ع دعويدار جيڪو انهيءَ وقت مالڪ ۽ ڪنهن پائيواري بغير ڄاڻايل ملڪيت جو مالڪ هو [۽ ڄاڻايل ملڪيت سمورين ذميدارين کان آجي هئي. جيئن دعويٰ جي جواب ڏيندڙ تي ظاهر ڪيو ويو هو] دعويٰ جي جواب ڏيندڙ ڄاڻايل روڪ رقم ڏئي [يا دعويٰ جي جواب ڏيندڙ جي نالي مڪمل پڪ ذريعي انهيءَ جي مُنتقلي ڪرڻ لاءِ تيار ۽ راضي آهي] ۽ انهيءَ ڳالهه لاءِ هُن کي چيو هو ته ڄاڻايل ملڪيت مُنتقل ڪندو. جيڪڏهن دعويٰ جي جواب ڏيندڙ اقرار موجب روڪ رقم ڏيندو.

3. دعويٰ جي جواب ڏيندڙ ڄاڻايل رقم نه ڏني.

[نمونو 1 ۽ پئرا 4 ۽ 5 جيان لکيو وڃي ۽ دعويدار طرفان قانوني واهر جي گُذارش لکي وڃي.]

14. خريد ڪيل مال نه سونپڻ بابت

(عنوان)

متي ڄاڻايل الف. ب دعويدار هيٺئين ريت عرض ڪري ٿو:

1. تاريخ ———— 20ع تي دعويدار ۽ دعويٰ جي جواب ڏيندڙ پاڻ ۾ اِهو اقرار ڪيو ته دعويٰ جو جواب ڏيندڙ تاريخ ———— 20ع تي دعويدار کي [هڪ سؤ آٽي جون بوريون] ۽ دعويدار بروقت مال سونپڻ مهل انهيءَ بابت ڪُل ———— رپيا ڏيندو.

2. [ڄاڻايل] ڏينهن تي دعويدار دعويٰ جي جواب ڏيندڙ کي مٿيون ڄاڻايل مالُ ڏيڻ تي ڄاڻايل رقم ڏيڻ تي تيار ۽ راضي هو ۽ انهيءَ کي وٺڻ لاءِ هُن کي چيو به هو.

3. دعويٰ جي جواب ڏيندڙ مٿيون مال نه سونپيو جنهن سبب دعويدار انهيءَ نفعي کان محروم رهيو جيڪو ڄاڻايل مال ملڻ سان کيس ٿئي ها.

[نمونو 1 ۽ پئرا 4 ۽ 5 جيان لکيو وڃي ۽ دعويدار طرفان قانوني واهر جي گُذارش لکي وڃي.]

15. غلط طريقي سان نوڪريءَ مان ڪڍڻ بابت

(عنوان)

متي ڄاڻايل الف. ب دعويدار هيٺئين ريت عرض ڪري ٿو:

1. تاريخ ———— مهينو ———— 20ع تي دعويدار ۽ دعويٰ جي جواب ڏيندڙ وچ ۾ اِهو

اقرار ٿيو ته دعويدار [اڪائونٽنٽ يا ڪمدار جي حيثيت ۾ يا جيڪا به حالت هجي]. دعويٰ جي جواب ڏيندڙ جي ملازمت ڪندو ۽ دعويٰ جو جواب ڏيندڙ ڄاڻايل خدمت تي دعويدار کي [هڪڙي سال] جي عرصي لاءِ ملازم رکندو ۽ هُن کي ڪُل ———— رپيا [ماهوار] پگهار ڏيندو.

2. تاريخ ———— مهيني ———— 20ع تائين دعويدار دعويٰ جي جواب ڏيندڙ جو ملازم ٿيو ۽ تڏهن کان ملازم آهي ۽ ڄاڻايل سال جي پڇاڙيءَ تائين اجا انهيءَ مُلازمت تي ڪم ڪرڻ لاءِ تيار ۽ راضي آهي ۽ انهيءَ ڳالھ جي دعويٰ جي جواب ڏيندڙ کي سدائين ڄاڻُ رهي آهي.

3. تاريخ ———— مهيني ———— 20ع تي دعويٰ جي جواب ڏيندڙ اجايو دعويدار کي نوڪريءَ مان ڪڍي ڇڏيو ۽ ڄاڻايل خدمت وٺڻ کان روڪيو يا نوڪريءَ جي پگهار ڏيڻ کان انڪار ڪيو.

[نمونو 1 ۽ پئرا 4 ۽ 5 جيان لکيو وڃي ۽ دعويدار طرفان قانوني واهر جي گُذارش لکي وڃي.]

16. نوڪريءَ جي ناھ جي پڇڪڙيءَ بابت

(عنوان)

مٿي ڄاڻايل الف. ب دعويدار هيٺئين ريت عرض ڪري ٿو:

1. تاريخ ———— مهيني ———— 20ع تي دعويدار ۽ دعويٰ جي جواب ڏيندڙ وچ ۾ اهو اقرار ٿيو ته دعويدار [ساليانو ڪُل رپين] تي دعويٰ جي جواب ڏيندڙ کي ملازم رکندو ۽ دعويٰ جو جواب ڏيندڙ، دعويدار وٽ [نقاش طور] عرصي[هڪ سال] لاءِ ملازم رهندو.

2. دعويدار سدائين ڄاڻايل معاهدي جي تعميل پنهنجي طرفان ڪرڻ تي تيار ۽ راضي رهيو آهي ۽ تاريخ ———— مهيني ———— 20ع تائين هُن دعويٰ جي جواب ڏيندڙ کي ڄاڻايل خدمت جي آڇ ڪئي.

3. دعويٰ جو جواب ڏيندڙ دعويدار جي ملازمت ۾ مٿي ڄاڻايل تاريخ تي [شامل ٿيو]، پر پوءِ تاريخ ———— مهيني ———— 20ع تي هُن دعويدار جي مٿي ڄاڻايل خدمت کان انڪار ڪيو.

[نمونو 1 ۽ پئرا 4 ۽ 5 جيان لکيو وڃي ۽ دعويدار طرفان قانوني واهر جي گُذارش لکي وڃي.]

17. خراب ڪم ڪندڙ اَڏاو تي مالڪ يعني بِلڊر خلاف

(عنوان)

مٿي ڄاڻايل الف. ب دعويدار هيٺئين ريت عرض ڪري ٿو:

1. تاريخ ———— مهيني ———— 20ع تي دعويدار ۽ دعويٰ جي جواب ڏيندڙ وچ ۾ اهو اقرارنامو لکيو ويو، جيڪو هن سان گڏ شامل آهي. [يا اقرارنامي جو مفهوم لکڻ گهرجي.]

2. دعويدار پنهنجي طرفان اقرارنامي جون سموريون شرطون واقعي پُوريون ڪيون آهن.
3. دعويٰ جي جواب ڏيندڙ ڄاڻايل اقرارنامي ۾ ڄاڻايل گهر کي خراب طريقي ۾ ڪاريگريءَ جي اُبتڙ ناهيو آهي.
[نمونو 1 ۾ پيرا 4 ۽ 5 جيان لکيو وڃي ۽ دعويدار طرفان قانوني واهر جي گُذارش لکي وڃي.]

18. ڪلارڪ جي وفاداريءَ جي ضمانت ڏيڻ بابت

(عنوان)

مٿي ڄاڻايل الف. ب دعويدار هيٺئين ريت عرض ڪري ٿو:

1. تاريخ ———— مهيني ———— 20ع تي دعويدار ه. و کي ڪلارڪ طور نوڪر رکيو.

2. تاريخ ———— مهيني ———— 20ع تي دعويٰ جي جواب ڏيندڙ دعويدار سان اقرار ڪيو تہ جيڪڏهن ه. و مٿيون پنهنجو ڪم يعني ڪلارڪ جو عُهدو ديانت ۽ ايمانداريءَ سان نہ ڪيو ۽ سمورن رپين يا قرض بابت دستاويز يا ٻيو مال، جيڪو دعويدار جي استعمال لاءِ کيس ملي، انهيءَ جو حساب ڏيڻ ۾ ناڪام رهي، تہ جيڪو بہ دعويدار کي انهيءَ سبب نقصان ٿئي، تہ انهيءَ بابت دعويٰ جو جواب ڏيندڙ ايتري رقم پري ڏيندو جيڪا ڪُل ———— کان وڌيڪ نہ ٿيندي.

[يا 2. دعويٰ جي جواب ڏيندڙ اقرارنامي ذريعي پاڻُ ڄاڻايل تاريخ تي دعويدار کي قرارداد موجب ڏنڊ طور ڪُل ———— ديانتداريءَ سان انجام ڏيڻ جو پابند ڪيو، پر شرط اِهو تہ جيڪڏهن قرض جي نالي ۾ رپيا ۽ دستاويزَ ۽ ملڪيت، جيڪا ڪنهن وقت سندس قبضي ۾ دعويدار لاءِ امانت طور اچي، تہ انهيءَ بابت واجبي حساب دعويدار کي ڏئي ڇڏي، تہ مٿيون اقرارنامو رَدُ ٿي ويندو.]

[يا 2_ انهيءَ تاريخ تي دعويٰ جي جواب ڏيندڙ دعويدار کي هڪڙو اقرارنامو لکي ڏنو، جيڪو هن دعويٰ جي درخواست سان گڏ شامل آهي.]

3. تاريخ ———— مهيني ———— 20ع ۽ تاريخ ———— مهيني ———— 20ع تي ه. و رپيا ۽ ٻيو مال ماليت ڪُل ———— دعويدار جي استعمال لاءِ ورتو ۽ انهيءَ جو حساب کيس نہ ڏنو آهي ۽ اُهو اجا تائين رهت آهي ۽ نہ ڏنو ويو آهي.

[نمونو 1 ۾ پيرا 4 ۽ 5 جيان لکيو وڃي ۽ دعويدار طرفان قانوني واهر جي گُذارش لکي وڃي.]

19. مسواڙيءَ طرفان خاص نقصان سبب گهر جي مالڪ خلاف

(عنوان)

مٿي ڄاڻايل الف. ب دعويدار هيٺئين ريت عرض ڪري ٿو:

1. تاريخ ———— مهيني ———— 20ع تي دعويٰ جي جواب ڏيندڙ رجسٽري

دستاويز ذريعي دعويدار کي [گهر نمبر ———— رستو] لاءِ ———— سال جي عرصي لاءِ مسواڙ تي ڏنو ۽ اِهو اقرار ڪيو تہ دعويدار ۽ سندس قانوني وارث کي ڪنهن اعتراض بغير ڄاڻايل عرصي تائين انهيءَ تي قابض رهڻ جو حق هوندو.

2. سمورن شرطن جو پوراءُ ڪيو ويو ۽ اُهي سمورا مامرا واقع ٿيا، جيڪي دعويدار جي دعويٰ جي حق لاءِ ضروري هئا.

3. تاريخ ———— مهيني ———— 20ع ۾ ڄاڻايل عرصي ۾ ه.و ڄاڻايل گهر جي قانوني مالڪ، دعويدار کي هرپرو انهيءَ گهر مان ڪڍي ڇڏيو ۽ اجا تائين دعويدار کي انهيءَ جو قبضو نٿو ڏئي.

4. انهيءَ سبب دعويدار کي [يا مٿيون گهر درزڪي ڌنڌي ڪرڻ کان روڪيو ويو ۽ اُتان نڪرڻ سان هيءَ ڪُل رقم ———— جو نقصان ٿيو ۽ اهڙيءَ ريت اُتان نيڪالي ملڻ سبب هُن جي هٿن مان ر. ج ۽ ط ي جهڙا گراهڪ نڪري ويا.]

[نمونو 1 ۽ پئرا 4 ۽ 5 جيان لکيو وڃي ۽ دعويدار طرفان قانوني واهر جي گُذارش لکي وڃي.]

20. ڇُوٽ جي مُعاهدي بابت

(عنوان)

مٿي ڄاڻايل الف، ب دعويدار هيٺئين ريت عرض ڪري ٿو:

1. تاريخ ———— مهيني ———— 20ع تي دعويدار ۽ دعويٰ جو جواب ڏيندڙ هڪڙي فرم الف، ب جي نالي سان ڀائيواري واپار ڪندا هئا، جو هُنن انهيءَ کي ختم ڪري پاڻُ ۾ اِهو اِقرارنامو ڪيو تہ دعويٰ جو جواب ڏيندڙ سمورو ڀائيواري مال ونني پاڻُ وٽ رکندو ۽ فرم جو سمورو قرض ڏيندو ۽ انهيءَ فرم تي قرضي هئڻ بابت جيڪي دعوائون ڪيون ويندون، تن سڀني کان دعويدار کي آجو ڪندو.

2. جيئن تہ دعويدار اُنهن سمورن شرطن کي، جيڪي ڄاڻايل اقرارنامي موجب سندس طرفان پورا ڪرڻ لازمي هيا، تن کي واقعي پُورو ڪيو.

3. جيئن تہ تاريخ ———— مهيني ———— 20ع [ه. و طرفان دعويدار ۽ دعويٰ جي جواب ڏيندڙ خلاف، هاءِ ڪورٽ، هنڌ ———— کان قرض بابت هڪڙو فيصلو ورتو ويو جيڪو فرم جو ه ه ڏانهن رهيل هو ۽ دعويدار فيصلي جي تعميل ۾ تاريخ ———— مهيني ———— 20ع تي ڪُل رقم ———— ڏئي ڇڏي.]

4. دعويٰ جي جواب ڏيندڙ دعويدار کي اُها ساڳي رقم نہ ڏني آهي.

[نمونو 1 ۾ پيرا 4 ۾ 5 جيان لکيو وڃي ۾ دعويدار طرفان قانوني واهر جي گُذارش لکي وڃي.]

21. دؤکي سان مال وٺڻ

(عنوان)

مٿي ڄاڻايل الف. ب دعويدار هيٺئين ريت عرض ڪري ٿو:

1. تاريخ ——— مهيني ——— 20ع تي دعويٰ جي جواب ڏيندڙ دعويدار کي ڪجهہ مال وڪڻڻ تي ريجهائڻ لاءِ دعويدار کي ڄاڻايو تہ [هُو دعويٰ جو جواب ڏيندڙ صاحبِ حيثيت آهي ۾ پاڻ تي سمورن واجبات کان وڌيڪ ڪُل ——— جي ماليت جي طاقت رکي ٿو.]

2. دعويدار انهيءَ سبب [خُشڪ مال] ماليت ڪُل ——— دعويٰ جي جواب ڏيندڙ وٽ وڪڻڻ [۾ سونپڻ] تي راضي ٿيو.

3. هُن جا مٿيان بيانَ غلط هئا. [يا ڪُوڙ جي ڪيفيت ڄاڻائڻ گهرجي] ۾ انهيءَ وقت دعويٰ جو جواب ڏيندڙ پاڻُ ڄاڻي پيو تہ سندس بيان غلط آهي.

4. جيئن تہ دعويٰ جي جواب ڏيندڙ مٿي ڄاڻايل مال جي قيمت نہ ڏني آهي [يا جيڪڏهن مال سونپيو نہ ويو هجي]. دعويدار جو ڄاڻايل مال جي تياري ۾ انهيءَ کي ڪٽائي جهاز تي لَڏڻ ۾ وري واپس وٺڻ ۾ ايترو خرچ ڪُل ——— آيو.

[نمونو 1 ۾ پيرا 4 ۾ 5 جيان لکيو وڃي ۾ دعويدار طرفان قانوني واهر جي گُذارش لکي وڃي.]

22. دؤکي سان قرض وٺي ٻئي شخص کي ڏيڻ

(عنوان)

مٿي ڄاڻايل الف. ب دعويدار هيٺئين ريت عرض ڪري ٿو:

1. ——— 20ع جي ڏينهن——— تي دعويٰ جي جواب ڏيندڙ دعويدار کي ڄاڻايو تہ ه. و صاحبِ حيثيت ۾ چڱو ساکائتو ماڻهو هو ۾ پنهنجي سمورن واجبات کان وڌيڪ ماليت جو مقدار ڪُل ——— رکندو هو [يا هيءَ تہ ه. و انهيءَ وقت هڪڙو ذميداريءَ جو عُهدو ۾ سُٺي حيثيت رکندو هو.]

2. انهيءَ سبب دعويدار ه. و وٽ [چانور] ماليت مُلهہ جي ——— [مهيني جي واعدي تي] وڪڻڻ تي راضي ٿيو.

3. مٿيان بيانَ ڪُوڙا هئا ۾ دعويٰ جي جواب ڏيندڙ پاڻُ انهيءَ ڪُوڙ کان واقف هو ۾ اُهي بيانَ ڪُوڙ ۾ دؤکي جي نيت سان[يا دعويدار کي دؤکو ڏيڻ ۾ هاڃو پهچائڻ لاءِ] ڏنا ويا هئا.

4. الف. و [جاڻايل مالُ بابت جاڻايل رقم جي واعدي گُذرڻ تي به رقم نه ڏني.] يا انهيءَ چانورن بابت رپيا نه ڏنا ۽ دعويدار انهيءَ مال کي بالڪل هٿان وڃائي وينو.

[نمونو 1 ۾ پيرا 4 ۽ 5 جيان لکيو وڃي ۽ دعويدار طرفان قانوني واهر جي گُذارش لکي وڃي.]

23. دعويدار جي زمين جي جَرُ واري پاڻيءَ کي پليتَ يا خراب ڪرڻ بابت

(عنوان)

مٿي ڄاڻايل الف. ب دعويدار هيٺئين ريت عرض ڪري ٿو:

1. دعويدار زمين نالي ———— واقع ———— ۾ موجود هڪڙي کوهه ۽ انهيءَ ۾ موجود پاڻيءَ جو تحويلدار آهي ۽ سدائين انهيءَ عرصي تائين، جنهن جو هيٺ ذڪر ڪيو ويندو، تحويلدار رهيو آهي ۽ انهيءَ کوهه ۽ انهيءَ جي پاڻيءَ کي واپرائڻ ۽ انهيءَ مان فائدي وٺڻ جو حقدار رهيو آهي. گڏوگڏ انهيءَ ڳالهه جو به حق رکي ٿو ته ڪجهه وهڪرا ۽ چَشما پاڻيءَ جا، جيڪي انهيءَ کوهه ۾ وهي اچن ٿا، ۽ ڇوڙ ڪن ٿا ۽ اُهي ايئن وهي اچن ۽ ڇوڙ ڪن، جو پاڻي ڪِنو ۽ پليت نه ٿئي.

2. تاريخ ———— مهيني ———— 20ع تي دعويٰ جي جواب ڏيندڙ اجايو انهيءَ کوهه ۽ انهيءَ جي پاڻيءَ کي ۽ چشمن ۽ وهڪرن کي، جيڪي انهيءَ کوهه ۾ ڇوڙ ڪن ٿا، پليتَ ۽ خراب ڪيو.

3. مٿي ڄاڻايل سبب ڪري کوهه جو پاڻي پليتَ ٿي، گهريلو واهپي ۽ ٻين مقصدن لاءِ واهپي ۾ لائق نه رهيو ۽ دعويدار ۽ سندس گهراڻو انهيءَ کوهه ۽ انهيءَ جي پاڻيءَ جي واهپي ۽ ڪتب آڻڻ کان محروم ٿي ويو آهي.

[نمونو 1 ۾ پيرا 4 ۽ 5 جيان لکيو وڃي ۽ دعويدار طرفان قانوني واهر جي گُذارش لکي وڃي.]

24. هاڃُو پهچائيندڙ ۽ زهريلي شين کي ٺاهڻ جو عمل جاري رکڻ

(عنوان)

مٿي ڄاڻايل الف. ب دعويدار هيٺئين ريت عرض ڪري ٿو:

1. دعويدار نالي زمين ———— واقع ———— تي قابض رهيو آهي ۽ انهيءَ سموري عرصي کان، جيڪا هن دعويٰ جي درخواست ۾ پوءِ لکجي، تحويلدار رهيو آهي.

2. ڏينهن ———— مهيني ———— 20ع کان دعويٰ جي جواب ڏيندڙ جي ڪارخاني مان دونهون ۽ ٻيون هاڃيڪار ڪِنيون گئسون ۽ هاڃيڪار ۽ ڪِنو مواد گهڻو نڪتو ۽ ڄاڻايل زمين تي ڦهلجي ويو ۽ اُنهن اُتي جي وايومنڊل ۾ ملي انهيءَ کي بگاڙي ڇڏيو ۽ زمين جي مِٽيءَ ۽ تَهه تي ڄمي ويو.

3. انهيءَ سبب وڻ توڙي ٻوٽا ۽ گاهه توڙي زرعي فصل، جيڪو انهيءَ زمين تي پوکيل هئا، تن کي هاڃو پهتو ۽ گهٽي ماليت جو نقصان ٿيو ۽ دعويدار جا انهيءَ زمين تي رهندڙ چوپايا ۽ پالتو جانور ڪمزور ۽ بيمار ٿي پيا ۽ ڪجهه منجهانئن بيمار ٿي مري پڻ ويا.

4. مٿي ڄاڻايل سببن پٽاندر مٿيون دعويدار پنهنجي چوپايي جانورن ۽ رڍن کي اُتي چارڻ کان لاچار ٿي ويو نه ته ٻيءَ صورت ۾ هُو اُنهن کي چاري سگهي ها، ۽ هاڻي دعويدار کي پنهنجي چوپايي مالُ ۽ رڍن ۽ زراعت ۾ ڪتب ايندڙ جانورن کي اُتان ڪاهي وڃڻ تي مجبور ٿيڻو پيو ۽ ڄاڻايل زمين کي انهيءَ فائدي ۽ صحت جي استعمال ۾ رنڊڪ پوڻ سان محروم ٿيڻو پيو جنهن سان ٻيءَ صورت ۾ دعويدار کي فائدو ٿئي ها.

[نمونو 1 ۽ پئرا 4 ۽ 5 جيان لکيو وڃي ۽ دعويدار طرفان قانوني واهر جي گُذارش لکي وڃي.]

25. رستي جي حَقَ ۾ رنڊڪ وجهڻ

(عنوان)

مٿي ڄاڻايل الف، ب دعويدار هيٺئين ريت عرض ڪري ٿو:

1. دعويدار [ڳوٺ جي هڪڙي گهر تي]، انهيءَ وقت کان جنهن جو پوءِ ذڪر ٿئي، تحويلدار هو.

2. دعويدار حقدار هو ته سال جي هر موسم ۾ پاڻُ ۽ پنهنجي نوڪرن سان گڏ [سُواري سميت يا پيادو] پنهنجي مٿي ڄاڻايل [گهر] کان فلاڻي ٻنيءَ جي مٿان هڪڙي عام رستي تائين ويندو رهي ۽ وري انهيءَ عام رستي تان انهيءَ ٻنيءَ تان تي پنهنجي گهر واپس موٽي اچي.

3. ڏينهن ———— مهيني ———— 20ع تي دعوي جي جواب ڏيندڙ انهيءَ رستي کي ناجائز بند ڪري ڇڏيو جنهن سبب [دعويدار سُوار يا پيادو ڪنهن به طرح] اچ وڃ نٿو ڪري سگهي ۽ انهيءَ وقت کان رستي ۾ غير قانوني رنڊڪ وڌي ويئي.

4. (جيڪڏهن ڪو نقصان ٿيو هجي، ته ڄاڻايو وڃي.)

[نمونو 1 ۽ پئرا 4 ۽ 5 جيان لکيو وڃي ۽ دعويدار طرفان قانوني واهر جي گُذارش لکي وڃي.]

26. شاهي رستن ۾ رنڊڪ بابت

(عنوان)

متي ڄاڻايل الف، ب دعويدار هيٺئين ريت عرض ڪري ٿو:

1. دعويٰ جي جواب ڏيندڙ ناجائز طور هڪڙي کڏ کوٽي، عام رستي تي جيڪو ——— کان —— ——— تائين آهي، متي ۾ پٿر جمع ڪري رکيا آهن، جنهن سبب رستو بند ٿي ويو آهي.

2. انهيءَ سبب دعويدار جيڪو جائز طور انهيءَ رستي تان لنگهندو هو انهيءَ مٽيءَ ۾ پٿر جي ڍير تي يا [کڏ ۾] ڪِرڻ سبب دعويدار جو هٿ ڀڃي پيو ۽ گهڻي تڪليف ٿي ۽ گهڻي وقت تائين پنهنجي ڪم ڪار تي وڃي نه سگهيو ۽ گڏوگڏ علاج ڪرائڻ تي خرچ به ٿيو.

[نمونو 1 ۾ پئرا 4 ۽ 5 جيان لکيو وڃي ۽ دعويدار طرفان قانوني واهر جي گُذارش لکي وڃي.]

27. پاڻيءَ جي وهڪري کي موڙڻ

(عنوان)

متي ڄاڻايل الف، ب دعويدار هيٺئين ريت عرض ڪري ٿو:

1. دعويدار هڪڙي پَن چڪيءَ جو مالڪ آهي ۽ اُها انهيءَ وقت کان وٽس، جنهن جو پوءِ ذڪر ڪيو وڃي، سندس تحويل ۾ هئي، جيڪا ڳوٺ ——— ضلع ——— ۾ هڪڙي [واهه] تي واقع آهي.

2. انهيءَ تحويل سبب دعويدار حقدار هو ته مٿيون واهه انهيءَ پَن چَڪيءَ کي هلائڻ لاءِ وَهندو رهي.

3. تاريخ ——— مهيني ——— 20ع تي دعويٰ جي جواب ڏيندڙ انهيءَ واهه جي ڪنڌيءَ ۾ گهارو وجهي، انهيءَ جي پاڻيءَ کي ناجائز طريقي سان ايئن موڙي ڇڏيو جو دعويدار جي پَن چڪيءَ ڏانهن پاڻي گهٽ وَهي ٿو.

4. انهيءَ سبب دعويدار روزانو اناج جون اوتريون ٻوريون نٿو پيهي سگهي، جيتريون انهيءَ پاڻيءَ جي موڙڻ کان اڳ پيهي سگهندو هو.

[نمونو 1 ۾ پئرا 4 ۽ 5 جيان لکيو وڃي ۽ دعويدار طرفان قانوني واهر جي گُذارش لکي وڃي.]

28. آبپاشيءَ لاءِ پاڻيءَ واپرائڻ جي حق ۾ رنڊڪ وجهڻ

(عنوان)

متي ڄاڻايل الف، ب دعويدار هيٺئين ريت عرض ڪري ٿو:

1. دعويدار ڪجهه زميني ايراضيءَ تي قابض آهي، ۽ جنهن جو انهيءَ وقت کان وٽس تحويلدار هو جنهن جو ذڪر پوءِ ڪيو وڃي، ۽ مٿس حق رکندو هو ته فلاڻي واهه يا ڳڙيي يا واهڙ جي پاڻيءَ جو حصو ڄاڻايل زمين جي آبپاشيءَ لاءِ ڪتب آڻي.

2. تاريخ ——— مهيني ——— 20ع تي دعويٰ جي جواب ڏيندڙ متي ڄاڻايل پاڻيءَ جي وٺڻ ۽ انهيءَ جي واپرائڻ کان دعويدار کي غيرقانوني طور روڪيو ۽ پاڻيءَ جي وهڪري کي ناجائز طريقي سان روڪي ٻئي پاسي موڙي ڇڏيائين.

[نمونو 1 ۾ پئرا 4 ۽ 5 جيان لکيو وڃي ۽ دعويدار طرفان قانوني واهر جي گُذارش لکي وڃي.]

29. ريلوي جي رستي تي لاپرواهيءَ سان گهاءُ پهچائڻ

(عنوان)

مٿي ڄاڻايل الف، ب دعويدار هيٺئين ريت عرض ڪري ٿو:

1. تاريخ ———— مهيني ———— 20ع تي دعويءَ جا جواب ڏيندڙ معمول موجب مسافرن کي ريل ذريعي هنڌ ———— ۽ ماڳ ———— جي وچ ۾ پهچائيندا هئا.

2. انهيءَ ڏينهن تي دعويدار، دعويءَ جو جواب ڏيندڙن جي گاڏين ۾ ڄاڻايل ريلوي رستي تي ريل ۾ هڪڙي مُسافر جيان سُوار هو.

3. جڏهن تہ ڄاڻايل ماڳ ڏانهن سفر مهل هنڌ ———— [يا ويجهي اسٽيشن ———— جي يا ڄاڻايل ريلوي اسٽيشنن جي وچ ۾ ٽڪراءُ ٿي پيو] ۽ اِهو حادثو غفلت سبب ۽ دعويءَ جي جواب ڏيندڙن جي اڻڄاڻ ملازمن طرفان گاڏيءَ هلائڻ سبب واقع ٿيو جنهن سبب دعويدار کي گهڻو نقصان پهتو. [دعويدار جي ٽنگ ٽُٽي پيئي، مٿي تي گهاوَ آيو ۽ جيڪو بہ خاص نقصان پهتو هجي، ڄاڻايو وڃي] ۽ علاج تي خرچ ٿيو ۽ سدائين لاءِ پنهنجي اڳوڻي روزگار يعني وڪرڻ لاءِ ڦيريءَ ڪرڻ کان لاچار ٿي پيس.

[نمونو 1 ۽ پيرا 4 ۽ 5 جيان لکيو وڃي ۽ دعويدار طرفان قانوني واهر جي گُذارش لکي وڃي.]

يا انهيءَ طرح ڄاڻايل تاريخ تي دعويءَ جي جواب ڏيندڙن جي نوڪرن اهڙي غفلت ۽ بدتميزي سان انجڻ ۽ گاڏي کي، جيڪي انهيءَ سان لڳل هيون، دعويءَ جي جواب ڏيندڙن جي ريلوي تي، جنهن سان دعويدار انهيءَ وقت جائز طور لنگهند هو گهليو ۽ هلايو تہ اُهو انجڻ ۽ گاڏي دعويدار ڏانهن آئي ۽ دعويدار کي ٽَڪرُ لڳي ويو جنهن سان پڇاڙي (جيئن جملو 2 سان ڄاڻايل آهي.)

30. لاپرواهہ ڊرائيونگ سان گهاءُ پهچڻ بابت

(عنوان)

مٿي ڄاڻايل الف، ب دعويدار هيٺئين ريت عرض ڪري ٿو:

1. دعويدار هڪڙو موچي آهي ۽ پنهنجو ڪم ڪار هنڌ ———— تي ڪري ٿو ۽ دعويءَ جو جواب ڏيندڙ———— جو سوداگر آهي.

2. تاريخ ———— مهيني ———— 20ع تي دعويدار [1][ڪراچي] شهر ۾ ٽِپهريءَ جو ٽين وڳي مهل [2][بندر روڊ] لڳ رستي تي [3][اوير ڏانهن] پنڌ پئي ويو. هُن کي اٽڪر طور انهيءَ رستي تان [4][وود اسٽريٽ] جي ٻئي پار ويڃڻو هو جيڪا گهٽي آهي ۽ اُها [5][بندر روڊ] سان ساڄي ڪنڌ کان ملي ٿي. جنهن مهل دعويدار رستي کي پار پئي ڪيو تہ انهيءَ کان اڳ جو اُهو رستو پار ڪري ٿورڙو اڳتي عام ماڻهن جي هلڻ لاءِ ٺهيل فُٽپاٿ تائين پهچي سگهي، تہ دعويءَ جي جواب ڏيندڙ جي هڪڙي گاڏي، جنهن ۾ بہ گهوڙا جوٽيل هئا، ۽ جيڪا دعويءَ جي جواب ڏيندڙ جي ملازمن جي انتظام ۾ هوندي هئي ۽ انهيءَ کي

[1] وفاقي قانونَ (نظرثاني ۽ اعلانَ) ائڪٽ 1951ع (1951ع جو XXVI)، قلم 4 ۽ ٽيون شيڊيول تحت "ڪلڪتي" لاءِ ڦيرقار ٿي.

[2] وفاقي قانونَ (نظرثاني ۽ اعلانَ) ائڪٽ 1951ع (1951ع جو XXVI)، قلم 4 ۽ ٽيون شيڊيول تحت "چوُرنگي" لاءِ ڦيرقار ٿي.

[3] وفاقي قانونَ (نظرثاني ۽ اعلانَ) ائڪٽ 1951ع (1951ع جو XXVI)، قلم 4 ۽ ٽيون شيڊيول تحت "ذڪرڻ ڏانهن" لاءِ ڦيرقار ٿي.

[4] وفاقي قانونَ (نظرثاني ۽ اعلانَ) ائڪٽ 1951ع (1951ع جو XXVI)، قلم 4 ۽ ٽيون شيڊيول تحت "مِڊل ٽائون اسٽريٽ" لاءِ ڦيرقار ٿي.

[5] وفاقي قانونَ (نظرثاني ۽ اعلانَ) ائڪٽ 1951ع (1951ع جو XXVI)، قلم 4 ۽ ٽيون شيڊيول تحت "چوُرنگي" لاءِ ڦيرقار ٿي.

اُهي هلائيندا هئا، تہ اوچتو ۽ غفلت سان پانڊيئڙن کي ڪنهن چتاءُ ڏيڻ ۽ هوشيار ڪرڻ بغير، تِکائي ۽ خطرناڪ تيزيءَ سان [6][ووڊ اسٽريٽ] مان نڪري رستي [7][بندر روڊ] ۾ داخل ٿي. ڄاڻايل گاڏيءَ جي بانڪن سان ٽڪرائڻ جو دعويدار کي ڌڪ لڳو ۽ انهيءَ جي سبب ڪِري پيو ۽ هُو گهوڙن جي کُرن هيٺان خراب طريقي سان لتاڙجي ۽ رَهڙجي ويو.

3. انهيءَ ڌڪ لڳڻ ۽ ڪِري پوڻ ۽ لتاڙجڻ سان دعويدار جي ساڄي ٻانهن ٽُٽي پئي ۽ هُو گهاون سان رَهڙجي پيو سندس پاسراٽين ۽ پُٺئين جسم منجهہ بہ گهاوَ لڳا ۽ اُنهن ڏکن، گهاون ۽ رَهڙجڻ سبب دعويدار ڇئن مهينن تائين بيمار رهيو ۽ تڪليف سَهندو رهيو ۽ پنهنجو ڪاروبار نہ ڪري سگهيو ۽ ڊاڪٽرن جي فين جي خرچن ۽ ٻين خرچن تي دعويدار جي گهڻي رقم خرچ ٿي ۽ هُن جي ڪاروبار ۽ نفعي ۾ گهڻو نقصان ٿيو.

[نمونو 1 ۽ پئرا 4 ۽ 5 جيان لکيو وڃي ۽ دعويدار طرفان قانوني واهر جي گُذارش لکي وڃي.]

31. دشمنيءَ تي ٻَڌل فوجداري دعويٰ

(عنوان)

مٿي ڄاڻايل الف. ب دعويدار هيٺئين ريت عرض ڪري ٿو:

1. تاريخ ——— مهيني ——— 20ع تي دعويٰ جي جواب ڏيندڙ گرفتاريءَ جو وارنٽ ——— ڄاڻايل شهر جي مئجسٽريٽ کان يا جيڪا بہ حالت تي هجي، الزام——— تحت جاري ڪرايو جنهن تي دعويدار کي گرفتار ڪيو ويو ۽ عرصي تائين ——— [ڏينهن يا ڪلاڪ قيد رهيو. انهيءَ کي حاضر ضامن ڪُل رقم ——— پنهنجي آزاد ڪرائڻ لاءِ ڏيڻي پئي.]

2. جيئن تہ دعويٰ جي جواب ڏيندڙ دشمنيءَ ۽ اَجايو معقول يا قياس ڪانسواءِ عمل ڪيو.

3. تاريخ ——— مهيني ——— 20ع تي ڄاڻايل مئجسٽريٽ صاحب، دعويٰ جي جواب ڏيندڙ جي دعويٰ کي خارج ڪري، دعويدار کي آزاد ڪيو.

4. جيئن تہ گهڻا ماڻهو جن جي نالن جي دعويدار کي ڄاڻ نہ آهي، گرفتاريءَ جو حال ٻُڌي ۽ دعويدار کي ڏوهي سمجهي، دعويدار سان ڪاروبار ڪرڻ ڇڏي ڏنو آهي يا انهيءَ گرفتاريءَ سبب دعويدار جو الف. و وٽ ڪلارڪيءَ جو عُهدو يا مُحرر يا ملازمت ويندي رهي، جو مٿي لکيل دعويٰ سبب دعويدار جي جسم کي تڪليف ۽ دل کي ڏُک پهتو ۽ هُو پنهنجي ڪاروبار ڪرڻ کان لاچار رهيو ۽ انهيءَ جي اختيار ۾ بہ رنڊڪ ٿي ۽ ڄاڻايل قيد مان آزاد ٿيڻ ۽ دعويٰ جي جواب ڏيڻ ۾ خرچ بہ ڪرڻو پيو.

[نمونو 1 ۽ پئرا 4 ۽ 5 جيان لکيو وڃي ۽ دعويدار طرفان قانوني واهر جي گُذارش لکي وڃي.]

32. مُتحرڪ ملڪيت کي غيرقانوني روڪڻ

---

[6] وفاقي قانونَ (نظرثاني ۽ اعلانَ) ائڪٽ 1951ع (1951ع جو XXVI)، قلم 4 ۽ ٽيون شيڊيول تحت "مِڊل ٿائون" لاءِ ڦيرقار ٿي.

[7] وفاقي قانونَ (نظرثاني ۽ اعلانَ) ائڪٽ 1951ع (1951ع جو XXVI)، قلم 4 ۽ ٽيون شيڊيول تحت "چوُرنگي" لاءِ ڦيرقار ٿي.

(عنوان)

مٿي ڄاڻايل الف، ب دعويدار هيٺئين ريت عرض ڪري ٿو:

1. تاريخ ———— مهيني ———— 20ع تي دعويدار تي مالڪيءَ ۾ هئي [يا وڏيڪ واقعا لکيا وڃن، جن سان قبضي جو حق پڌرو ٿيندو هجي]. شيڊيول ۾ ڄاڻايل شين کي هِتي ڄاڻايو وڃي [مال جو تفصيل لکڻ گهرجي] ۽ انهيءَ مال جي ڪُل ماليت روڪ رقم ———— هئي.

2. ڄاڻايل تاريخ کان دعويٰ جي شروع ٿيڻ تائين دعويٰ جي جواب ڏيندڙ اُهو مالُ دعويدار کي نہ ڏنو آهي.

3. هن دعويٰ جي شروع ٿيڻ کان اڳ يعني تاريخ ———— مهيني ———— 20ع تي دعويدار مٿيون مال، دعويٰ جي جواب ڏيندڙ کان گهريو پر هُن ڏيڻ کان انڪار ڪيو.

[فارم نمبر 1 ۽ پئرائن 4 ۽ 5 جيان لکيو وڃي.]

6. جيئن تہ هيءَ دعويٰ هيٺين تفصيلي مامرن بابت آهي:

(1) پهريون، ڄاڻايل مال جو قبضو ڏيارڻ لاءِ يا جنهن حالت ۾ قبضو انهيءَ مالُ جو ملي نہ سگهي، تہ ڪُل روڪ رقم ———— جي واپس ڏيارڻ لاءِ.

(1) ٻيو ڄاڻايل فهرست واري مال کي اجايو روڪڻ تي ڏنڊُ طور ڪُل روڪ رقم ———— .

33. ڏؤڪي سان خريداري ۽ ڄاڻُ سان انهيءَ جي مُنتقلي ڪندڙ

(عنوان)

مٿي ڄاڻايل الف، ب دعويدار هيٺئين ريت عرض ڪري ٿو:

1. تاريخ ———— مهيني ———— 20ع تي دعويٰ جي جواب ڏيندڙ ج. و دعويدار کي انهيءَ ڳالهہ تي هِرڪائڻ لاءِ، ڪجهہ مال وٺس وڪڻيو وڃي، دعويدار کي اِهو ٻُڌايائين، تہ [دعويٰ جو جواب ڏيندڙ ايماندار، پنهنجي ڪاروبار ۾ ساڪائتو ۽ وڏيڪ روڪ رقم ———— ڏيڻ جو ذميدار هو.]

2. دعويدار انهيءَ سبب ج. و هٿان [چانهہ جا هڪ سؤ ڪوڪا]، جن جي ماليت تعداد ۾ ڪُل ———— آهي، وڪڻڻ ۽ سونپڻ تي راضي ٿيو.

3. مٿيان بيان ڪُوڙا هئا ۽ انهيءَ وقت ج. و انهيءَ ڪُوڙ کي ڄاڻي ٿي ٻيو [يا ڄاڻايل بيانن جي وقت ج. و ڏيوالو نڪتل هو ۽ ڪيس پنهنجي ڏيوالپڻي جي ڄاڻُ هئي.]

4. ج. و اُهو بنا قيمت مال ل. و دعويٰ جي جواب ڏيندڙ وٽ مُنتقل ڪيو [يا جنهن کي انهيءَ بيانَ جي ڪوڙي هئڻ جو پتو هو.]

[فارم نمبر 1 ۽ پئرائن 4 ۽ 5 جيان لکيو وڃي.]

7. دعويدار جي دعويٰ آهي تہ:

(1) ڄاڻايل مالَ جي وصوليءَ لاءِ يا ———— رپيا، جنهن حالت ۾ وصولي نہ ٿي سگهي.

(2) انهيءَ مال روڪڻ جي معاوضي ۾ رُپيا ڏيڻ.

34. غلطيءَ جي بنياد تي ٽيل ناهہ کي رَد ڪرڻ

(عنوان)

مٿي ڄاڻايل الف، ب دعويدار هيٺئين ريت عرض ڪري ٿو:

1. تاريخ ——— مهيني ——— 20ع تي دعويٰ جي جواب ڏيندڙ دعويدار کي ٻڌايو ته هڪڙي زمين جي ايراضي دعويٰ جي جواب ڏيندڙ جي واقع مقامي ——— [ڏهه ايڪڙ] آهي.

2. دعويدار کي انهيءَ ڳالهه سان انهيءَ ايراضيءَ جي ڪُل قيمت ——— وٺڻ لاءِ هِرکايو ويو ته اُهو بيان سچو هو ۽ دعويدار خريداريءَ جي هڪڙي اقرارنامي تي صحيح ڪري ڇڏي، جيڪو هن سان گڏ شامل آهي، پر انهيءَ ايراضيءَ جي رجسٽري دعويدار جي نالي نه لکي ويئي.

3. تاريخ ——— مهيني ——— 20ع تي دعويدار دعويٰ جي جواب ڏيندڙ کي ڪُل رقم ——— خريداريءَ جي رقم ڏيئي ڇڏي.

4. ڄاڻايل زمين حقيقت ۾ [رُڳو پنج ايڪڙ] آهي.

[فارم نمبر 1 ۾ پيرائن 4 ۽ 5 جيان لکيو وڃي.]

گڏوگڏ دعويدار جي دعويٰ آهي ته

(1) ڪُل رقم ——— وياج سميت تاريخ ——— مهيني ——— 20ع تي کيس ڏياري وڃي.

(2) ته، ڄاڻايل اقرارنامي کي واپس، رَدُ ڪيو وڃي.

35. زيان کي روڪڻ لاءِ عدالتي منعنامو

(عنوان)

مٿي ڄاڻايل الف، ب دعويدار هيٺئين ريت عرض ڪري ٿو:

1. دعويدار مڪمل مالڪ آهي اُن ملڪيت جو [هتي ملڪيت کي ڄاڻايو وڃي].

2. دعويٰ جو جواب ڏيندڙ انهيءَ تي مقاطعي موجب تحويلدار آهي، جنهن کي دعويدار ڏنو آهي.

3. دعويٰ جي جواب ڏيندڙ دعويدار جي رضامنديءَ بغير [ڪجهه قيمتي وڻ وڍي ڇڏيا آهن ۽ ڪجهه ٻيا وڻ وڪڻڻ لاءِ وڍڻ چاهي ٿو].

[فارم نمبر 1 ۾ پيرائن 4 ۽ 5 جيان لکيو وڃي.]

6. گڏوگڏ دعويدار هيءَ دعويٰ به ڪري ٿو ته دعويٰ جي جواب ڏيندڙ کي انهيءَ ايراضي زمين ۾ ڪو بيو زيان يا نقصان ڪرڻ جي اجازت ڏيڻ کان روڪ جو حُڪم جاري ڪري، کيس روڪيو وڃي.

[جائز آهي، ته روڪ رقم جي معاوضي ڏيارڻ جي درخواست به ڏني وڃي.]

36. تڪليف ڏيندڙ مامري جي روڪٿام لاءِ منعنامو

(عنوان)

مٿي ڄاڻايل الف. ب دعويدار هيٺئين ريت عرض ڪري ٿو:

1. دعويدار [گهر نمبر ———— واقع رستو ———— شهر [ڪراچي] جو مالڪ يا مڪمل مالڪ آهي ۽ سدائين انهيءَ سموري وقت ۾، جنهن جو هيٺ ذڪر ٿئي، مالڪ رهيو هو.

2. دعويٰ جي جواب ڏيندڙ جي مڪمل ملڪيت [هڪ زمين جو ٽڪرو واقع رستي ———— تي آهي] ۽ سمورو وقت ڄاڻايل زمين جو مالڪ رهيو هو.

3. تاريخ ———— مهيني ———— 20ع تي دعويٰ جي جواب ڏيندڙ ڄاڻايل ايراضيءَ جي ٽڪري تي هڪڙو ڪوس گهر ناهيو ۽ اُهو ڪوس گهر اڄا اُتي ئميل آهي ۽ انهيءَ ڏينهن کان وٺي انهيءَ وقت تائين جانورن کي سدائين اُتي گهرائي ڪُهندو رهيو آهي [۽ رَتُ ۽ ڪِن ڪِچرو وغيره ڄاڻايل رستي تي ڄاڻايل گهر سان لڳ اُڇلائيندو رهي ٿو.]

4. مٿي ڄاڻايل ڳالهين سبب دعويدار کي مٿيون گهر ڇڏڻو پئجي ويو ۽ هُو انهيءَ ساڳيءَ گهر کي مسواڙ تي به نٿو ڏئي سگهي.]

[فارم نمبر 1 ۽ پئرائن 4 ۽ 5 جيان لکيو وڃي.]

7. گڏوگڏ دعويدار هيءَ به دعويٰ ڪري ٿو ته دعويٰ جي جواب ڏيندڙ کي حُڪم ڏنو وڃي، ته فلاڻي تڪليف ڏيندڙ ڳالهہ کان پرهيز ڪري.

37. عوامي آزار

(عنوان)

مٿي ڄاڻايل الف. ب دعويدار هيٺئين ريت عرض ڪري ٿو:

1. دعويٰ جي جواب ڏيندڙ عام رستي تي، جيڪو ———— عام گهٽيءَ جي نالي سان مشهور آهي، مِٿي ۽ پٿر ايئن گڏ ڪري رکيا آهن، جو رستو بند ٿي ويو آهي ۽ ڏمڪي ڏئي ٿو ۽ اِرادو رکي ٿو ته جيستائين انهيءَ ڪم کان نہ روڪيو ويندو، ته اُهو ناجائز فعل جاري رکندو ۽ ڪندو رهندو.

2. هن دعويٰ داخل ڪرڻ بابت دعويدار، ايڊووڪيٽ جنرل کان [يا ڪليڪٽر ۽ هُن طرفان مُقرر ٿيل عملدارن جي] لکت ۾ اجازت ورتي آهي.

[فارم نمبر 1 ۽ پئرائن 4 ۽ 5 جيان لکيو وڃي.]

5. گڏوگڏ دعويدار هيءَ به دعويٰ ڪري ٿو:-

(1) دعويٰ جي جواب ڏيندڙ جي نالي روڪٺام جو حُڪم جاري ڪيو وڃي، ڪيس ڄاڻايل عام رستي تي رُڪاوٽ وجهڻ جو ڪو حق نہ آهي؛

(2) اِهو روڪٺام جو حُڪم، دعويٰ جي جواب ڏيندڙ جي نالي جاري ڪري، ڪيس ڄاڻايل رستي ۾ رُڪاوٽ وجهڻ کان روڪيو وڃي ۽ هُن کي حُڪم ڪيو وڃي، ته مِٽيءَ ۽ پٿر، جيڪي هُن ناجائز طور گڏ ڪيا آهن، تن کي اُتان کڻي وڃي.

38. ڪِرَيي جي وهڪري کي موڙڻ خلاف منعنامو

(عنوان)

مٿي ڄاڻايل الف. ب دعويدار هيٺئين ريت عرض ڪري ٿو:

[فارم جي عُنوان 27 جيان]

دعويدار جي دعويٰ آهي. تہ دعويٰ جي جواب ڏيندڙ کي روڪٿام واري حُڪم ذريعي پاڻيءَ جي وهڪري موڙڻ کان روڪيو وڃي.

39. مُتحرڪ ملڪيت جي بحاليءَ، جنهن کي تباهہ ڪرڻ جي ڌمڪيءَ ملي هُجي، ۽ انهيءَ جو منعنامو

(عنوان)

مٿي ڄاڻايل الف. ب دعويدار هيٺئين ريت عرض ڪري ٿو:

1. دعويدار جيئن انهيءَ ڪانپوءِ هر وقت ڄاڻائيندو تہ [هُو پنهنجي ڏاڏي جي شڪل جهڙي هڪڙي چِتر جو مالڪ هو جنهن کي هڪڙي مشهور چِترڪار ناهيو هو] ۽ انهيءَ شڪل جو ٻيو ڪو نقل موجود نہ آهي [يا ايئن ڄاڻايو وڃي. جنهن مان پتو پوي، تہ انهيءَ قسم جو مال. روڪ رقم ۾ نٿو ملي سگهي.]

2. تاريخ ———— مهيني ———— 20ع تي دعويدار انهيءَ کي بچاءَ سان رکڻ لاءِ دعويٰ جو جواب ڏيندڙ وٽ رکرايو هو.

3. تاريخ ———— مهيني ———— 20ع تي دعويدار اُها تصوير. دعويٰ جي جواب ڏيندڙ کان گهري ۽ هُن جو بچاءَ سان رکڻ تي، جيڪو بہ واجبي خرچ ٿيو هجي، سو کيس ڏيڻ لاءِ چيو.

4. هُن دعويدار کي اُها تصوير ڏيڻ کان انڪار ڪيو ۽ ڌمڪي ڏني. تہ جيڪڏهن هُن کي سونپڻ لاءِ چيو ويندو تہ هو انهيءَ کي لِڪائي ڇڏيندو يا ڦاڙي ڇڏيندو يا انهيءَ کي نقصان پهچائيندو.

5. جيڪڏهن ڪيتري بہ روڪ رقم ڏني وڃي، تہ اُهو معاوضو دعويدار لاءِ ڪافي ڄاڻايل [چِتر] جي تباهہ ٿيڻ سان رقم جو مُناسب معاوضو نہ ٿيندو.

[فارم نمبر 1 ۾ پيرائن 4 ۽ 5 جيان لکيو وڃي.]

8. دعويدار دعويٰ ڪري ٿو:-

(1) روڪٿام واري حُڪم ذريعي ڄاڻايل دعوبدار کي [چِتر] کي وڪڻڻ يا لڪائڻ يا انهيءَ کي نقصان پهچائڻ کان روڪيو وڃي؛

(2) دعويٰ جي جواب ڏيندڙ کان ڄاڻايل تصوير دعوبدار کي واپس ڏياري وڃي.

40. ٻن ڌُرين جا هڪٻئي خلاف مُقدما

(عنوان)

مٿي ڄاڻايل الف. ب دعويدار هيٺئين ريت عرض ڪري ٿو:

1. اُنهن دعوائن کان اڳ. جن جو ذڪر هيٺ ڪيو وڃي. ز. ح دعويدار وٽ [بچاءَ سان رکڻ لاءِ] مالُ [هتي ملڪيت جي وضاحت ٿيڻ گهرجي] امانت رکيو هو.

2. دعويٰ جو جواب ڏيندڙ ج.و انهيءَ مال جي دعويٰ ڪري ٿو [انهيءَ بيان سان تہ ز ح اُهو مالُ

سندس نالي مُنتقل ڪري ڇڏيو هو.]

3. دعويٰ جو جواب ڏيندڙ د.و انهيءَ مال تي [انهيءَ مضمون جي لکت ۾ تہ ز. ح. اُهو هُن جي نالي مُنتقل ڪيو هو] دعويٰ ڪري ٿو.

4. دعويدار اُنهن ٻنهي دعويٰ جي جواب ڏيندڙن جي حقن جي حال کان اڻواقف آهي.

5. دعويدار کي انهيءَ مال تي خرچ کانسواءِ ٻي ڪا دعويٰ نہ آهي ۽ انهيءَ مال کي اُنهن شخصن وٽ، جن جي عدالت هدايت ڪري، سونپڻ تي تيار ۽ راضي آهي.

6. دعويٰ جي جواب ڏيندڙن منجهان ڪنهن سان بہ ڳنجوڙ ڪري، هيءَ دعويٰ داخل نہ ٿي آهي.

[فارم نمبر 1 ۽ پيرائن 4 ۽ 5 جيان لکيو وڃي.]

9. دعويدار دعويٰ ڪري ٿو:-

(1) روڪٽام جي حُڪم ذريعي دعويٰ جي جواب ڏيندڙن کي منع ٿيل هجي، تہ انهيءَ مال بابت دعويدار تي ڪو مُقدمو داخل نہ ڪن؛

(2) هُنن کي حُڪم ٿئي، تہ انهيءَ مال بابت پنهنجي پنهنجي دعوائن جو نبيرو عدالت مان ڪرائين؛

(3) ڪنهن شخص کي عدالت جي اجازت کانسواءِ انهيءَ مال کي وٺڻ جي اجازت نہ ڏني وڃي؛

(4) جڏهن انهيءَ [شخص] کي مٿيون مال سونپيو وڃي، تہ دعويدار کي آزاد ڪيو ويندو. تہ انهيءَ مال بابت دعويٰ جي جواب ڏيندڙن منجهان ڪو دعويدار تي دعويٰ نہ ڪري.

41. قرض ڏيندڙ طرفان پنهنجي پاڻ ۽ ٻين سيني طرفان انتظام سنڀالڻ

(عنوان)

مٿي ڄاڻايل الف. ب دعويدار هيٺئين ريت عرض ڪري ٿو:

1. ه.و فوتي رهندڙ ———— پنهنجي وفات وقت قرض ڏيندڙ دعويدار جي ڪُل رقم ———— [هتي قرض جي نوعيت ۽ انهيءَ جي ضمانت جي حالت، جيڪڏهن ڪجهہ هجي، ڄاڻائڻ گهرجي] جو قرضدار هو ۽ سندس ملڪيت اجا تائين مقروض آهي.

2. ل.و ڄاڻايل تاريخ———— تي فوت ٿيو ۽ پنهنجي آخري وصيتنامو تاريخ ———— ———— پٽاندر ج.و کي پنهنجو قانوني وارث مقرر ڪيو. [يا پنهنجي ملڪيت کي امانت ۾ رکيائين يا وصيت بغير مري ويو. يعني جيڪا بہ حالت هجي.]

3. ڄاڻايل وصيتنامي کي ج.و ثابت ڪيو [يا چِنيون. ورثي ۾ ڇڏيل هُن کي عطا ٿيون. جيئن بہ حالت هجي.]

4. دعويٰ جو جواب ڏيندڙ ه.و فوتي جي مُنتقل ٿيندڙ ملڪيت [۽ غير مُنتقل يا غير مُنتقل ٿيندڙ ملڪيت جي آمدني] تي قبضو ڪري ورتو ۽ دعويدار کي مٿيون قرض نہ ڏنو آهي.

[فارم نمبر 1 ۽ پيرائن 4 ۽ 5 جيان لکيو وڃي.]

7. جيئن تہ دعويدار جي دعويٰ آهي تہ ہ.و فوتي جي مُنتقل ٿيندڙ مال [۽ غير مُنتقل ٿيندڙ] جو حساب ڪيو وڃي ۽ انهيءَ جو انتظام ڪيو وڃي، جيڪڏهن عدالت مان ڪا ڊِڪري جاري ٿئي.

42. خاص قانوني وارث طرفان انتظام سنڀالڻ

(عنوان)

[فارم 41 کي ايئن بدلائي ڇڏيو]

[پئراگراف 1 کي خارج ڪريو ۽ فقري 2 کان شروع ڪريو ايئن جو ہ.و فوتي —————
— تي وفات ڪئي يا اٽڪل ————— ڏينهن————— مهينو ————— تي وفات ڪئي.
پنهنجي آخري وصيتنامي تاريخ ————— پٽاندر ج.و کي پنهنجو قانوني وارث مُقرر ڪيو ۽ انهيءَ وصيتنامي پٽاندر دعويدار جي حق ۾ [هتي خاص شيءِ جيڪا هجي، لکڻ گهرجي] ڏيڻ جو واعدو ڪيو.

پئراگراف 4 لاءِ متاستا ڪئي وئي:-

دعويٰ جو جواب ڏيندڙ ہ.و جي مُنتقل ٿيندڙ ملڪيت تي قابض آهي ۽ سمورين ٻين شين جو [هتي نالو خاص شيءِ واعدو ڪيل جو لکڻ گهرجي]، جنهن بہ شيءِ تي بہ قابض هجي.

پئراگراف جي ابتدا لاءِ هيءَ متبادل لکو.

دعويدار جي دعويٰ آهي، تہ دعويٰ جي جواب ڏيندڙ کي حُڪم ٿئي، تہ [هتي نالو ۽ خاص ورثي جو موضوع] لکيو وڃي يا ٻيو ڪجھ وغيره سونپي.

43. روڪ رقم وٺندڙ قانوني وارث طرفان انتظام سنڀالڻ بابت

(عنوان)

[نموني 41 ۾ ايئن تبديلي ڪئي وڃي.]

[پهرين پئراگراف کي ترڪ ڪيو وڃي ۽ پئراگراف 2 بجاءِ هيءَ عبارت لکي وڃي] ہ.و فوتي—
————— رهندڙ تاريخ يا اٽڪل تاريخ ————— مهينو ————— سال ————— تي وفات ڪئي ۽ پنهنجي آخري وصيتنامي تاريخ ————— پٽاندر ج.و کي قانوني وارث مُقرر ڪيو ۽ انهيءَ وصيتنامي ذريعي دعويدار جي نالي وارثيءَ جي مال ڪُل ماليت ————— ڇڏيائين.

پئراگراف 4 ۾ "قرض" لاءِ "وراثت" تبديل ڪيو وڃي.

ٻيو نمونو

(عنوان)

مٿي جاڻايل ہ.و دعويدار هيءَ عرض ڪري ٿو:

1. الف. ب رهندڙ ————— واقع ————— تاريخ————— تي وفات ڪئي. پنهنجي آخري وصيتنامي ۾ هن ضابطي موجب دعويٰ جي جواب ڏيندڙ ۽ م. ن کي [جيڪو ورثو ڇڏيندڙ جي حياتي ۾ مري ويو] پنهنجي مُنتقل ٿيندڙ ملڪيت يا غيرمُنتقل ٿيندڙ ملڪيت جو انهيءَ پروسي سان وارث مقرر ڪيو. تہ اُهي انهيءَ ملڪيت منجهان دعويدار کي سندس حياتيءَ تائين مسواڙ ۽ آمدني ڏيندا رهن. ۽ دعويدار جي وفات کان پوءِ ۽ ڪنهن اهڙي پُٺاڻي اولاد نہ هئڻ تي، جيڪو ايڪيهين ورهين جي ڄمار جو نہ ٿيو هُجي يا ڪا ڇوڪري، جيڪا ساماڻجي وڃي يا جنهن جي شادي ٿي وڃي. تہ هُن

جي غيرمُتحرڪ ملڪيت جا اُهي شخصَ بہ ايترائي پروسي جا ذميدار ٿيندا، جيڪي وِرثي ۾ڏيندڙ جا پوءِ قانوني ياتي ٿيندا، جيڪڏهن هُو دعويدار موت مهل ورثي ڪان بغير فوت ٿي چُڪو هجي ۽ مٿي ڄاڻايل ڳالهين جيان پنهنجي پويان ڪو وارث نہ ڇڏي

2. دعويٰ جي جواب ڏيندڙ وصيتنامي تي ثابت ڪيو تہ دعويدار شادي نہ ڪئي آهي.

3. وصيت ڪندڙ پنهنجي وفات مهل مُنتقل ٿيندڙ ۽ غيرمُنتقل ٿيندڙ ملڪيت جو حقدار هو. دعويٰ جو جواب ڏيندڙ غير مُنتقل ٿيندڙ ملڪيت جي مسواڙي رقم يا ڍل وٺڻ شروع ڪئي ۽ مُنتقل ٿيندڙ ملڪيت ڪي بہ وني ڇڏيائين، ۽ دعويٰ جي جواب ڏيندڙ پنهنجي غيرمُنتقل ٿيندڙ ملڪيت مان ڪجهہ ملڪيت وڪڻي ڇڏي آهي.

[فارم نمبر 1 ۾ پئرائن 4 ۽ 5 جيان لکيو وڃي.]

6. تنهنڪري دعويدار هيٺين مامرن جو دعويدار آهي:_

(1) هيءَ تہ الف، ب جي مُنتقل ٿيندڙ ملڪيت ۽ غيرمُنتقل ٿيندڙ ملڪيت جو نبيرو ۽ انتظام هن عدالت ۾ ٿئي ۽ انهيءَ مقصد سان مُناسب هدايتون جاري ٿين ۽ حساب ورتو وڃي.

(2) اهڙي قانوني واهرُ وڏيڪ ڪئي وڃي، جيڪا مُقدمي جي حالتن پٽاندر ضروري هجي.

44. ٽرسٽن جو انتظام

(عنوان)

مٿي ڄاڻايل الف، ب دعويدار هيٺئين ريت عرض ڪري ٿو:

1. دعويدار سمورن ٽرسٽين جو هڪڙي معاهدي موجب ٽرسٽي آهي، جيڪو تاريخ —————

— يا انهيءَ تاريخ جي اتڪل ڪنهن تاريخ تي ه،و ۽ ز،ح جي بروقت شاديءَ مهل يعني دعويٰ جي جواب ڏيندڙ جي پيءُ ۽ ماءُ نالي لکيو ويو [ملڪيت جي مُنتقل ڪندڙ دستاويز ۽ مالَ موجب ه،و جو جيڪو ج،و دعويٰ جي جواب ڏيندڙ ۽ ٻين قرضدارن ه،و جي نفعي لاءِ لکيو ويو.]

2. الف،ب پنهنجي مٿيون امانت جي ذميداري پاڻُ تي ڪنئي ۽ اُها منتقل ٿيندڙ مال ۽ غيرمُنتقل ٿيندڙ مال تي سندس تحويل ۾ آهي، جيڪو ڄاڻايل دستاويز ذريعي مُنتقل ٿيو [يا ڄاڻايل مال جي آمدني تي قابض آهي.]

3. ج،و دعويٰ ڪري ٿو تہ هُو ڄاڻايل ڄاڻايل دستاويز موجب فائديمند مفاد جو حقدار آهي.

[فارم نمبر 1 ۾ پئرائن 4 ۽ 5 جيان لکيو وڃي.]

6. دعويدار چاهي ٿو تہ سموري ڍل جو حساب [يا مسواڙ] ۽ ڄاڻايل غيرمُنتقل ٿيندڙ ملڪيت جو نفعو [۽ غيرمُنتقل ٿيندڙ ملڪيت جي خريداريءَ جي رقم يا ڄاڻايل مُنتقل ٿيندڙ ملڪيت يا انهيءَ جي حصي جو يا ڄاڻايل مُنتقل ٿيندڙ ملڪيت جي خريداريءَ جي رقم يا انهيءَ جو حصو يا نفعو ڏنو وڃي، جيڪو دعويدار ڪي ڄاڻايل ٽرسٽي طور ذميدارين جو خرچ سمجهيو وڃي. تنهنڪري دعويدار جي دعويٰ آهي، تہ عدالت ڄاڻايل ج،و جي روبرو ۽ اهڙو حساب وٺي ۽ ڄاڻايل سموري امانت رکيل ملڪيت ڪي بامقصد عمل ۾ آڻي يا ج، و انهيءَ ڳالهہ جي عمل ۾ نہ اچڻ جو معقول سبب ڄاڻائي.

نوٽ:_ جڏهن دعويٰ گِروي رکندڙ شخص طرفان ٿئي، تہ دعويٰ جي درخواست لفظن جي تبديليءَ

سان ورثي ۾ ملندڙ ملڪيت جي دعوي جي درخواست جيان هجي.

45. گِروي رکيل ملڪيت جي رقم ڏيڻ يا نيلام ڪرڻ

(عنوان)

متي ڄاڻايل الف. ب دعويدار هيٺئين ريت عرض ڪري ٿو:

1. جيئن تہ دعويدار، دعوي جي جواب ڏيندڙ جي ملڪيت کي گِروي رکندڙ آهي.

2. ڄاڻايل گِروي جو تفصيل هيٺين ريت آهي:

(a) گِروي رکڻ جي تاريخ;

(b) نالو گِروي رکندڙ ۽ گِروي رکرائيندڙ جو:

(c) ڪُل ورتل;

(d) موڙي ونندڙ وياج جي شرح;

(e) هاڻي واجب ماليت;

(g) جيڪڏهن دعويدار ڪنهن ٻئي حق کي ورتو هجي، تہ مختصر لکيو وڃي، تہ حق هُن کي ڪيئن مليو.

(جيڪڏهن دعويدار گِروي رکندڙ قبضيدار هجي، تہ عبارت وڌائڻ گهرجي.)

3. دعويدار، گِروي رکيل ملڪيت جو انهيءَ تاريخ تي قبضو ورتو ۽ ڄاڻايل تاريخ کان گِروي رکندڙ طور قبضي ڏيڻ لاءِ تيار آهي.

[فارم نمبر 1 ۽ پيرائن 4 ۽ 5 جيان لکيو وڃي.]

6. گڏوگڏ دعويدار دعوي ڪري ٿو تہ:

(1) رهيل رقم ڏياري وڃي، يا انهيءَ جي ناڪاميءَ ۾ گِروي رکيل ملڪيت کي [نيلام] ڪيو وڃي يا ضبط ڪيو وڃي [۽ انهيءَ جو قبضو ڏياريو وڃي];

[جڏهن قانوني حُڪم XXXIV، قاعدو 6 لاڳو ٿئي ٿو.]

(2) جيڪڏهن نيلامي سان ايتري رقم نہ ملي، جيڪا دعويدار تي رَهت هجي، تہ دعويدار کي اختيار آهي، تہ رهيل رقم بابت ڊِڪري جاري ڪرائڻ جي درخواست ڏئي سگهي ٿو.

46. گِروي رکيل ملڪيت ڇڏائڻ

(عنوان)

متي ڄاڻايل الف. ب دعويدار هيٺئين ريت عرض ڪري ٿو:

1. جيئن تہ دعويدار انهيءَ زمين کي گِروي رکرائيندڙ آهي، ۽ دعوي جو جواب ڏيندڙ گِروي رکندڙ آهي.

2. ڄاڻايل ملڪيت جي گِرويءَ جو تفصيل هيٺين ريت آهي:

(a) گِروي رکڻ جي تاريخ;

(b) نالو گروي رکندڙ ۽ گروي رکرائيندڙ جو.

(c) جيتري رقم گروي جي ورتي ويئي;

(d) وئندڙ وياج جي شرح;

(e) گروي رکيل ملڪيت;

(f) جيڪڏهن دعويدار اُهو حق ڪنهن ٻئي کان ورتو هجي، ته مختصر لکيو وڃي، ته حق هُن کي ڇو مليو.

(جيڪڏهن دعوي جو جواب ڏيندڙ گروي رکيل ملڪيت جو تحويلدار هجي، ته عبارت کي وڌايو وڃي.)

3. دعوي جو جواب ڏيندڙ گروي رکيل ملڪيت جو تحويلدار هجي يا سندس [ڏل يا مسواڙ] وٺندو هجي.

[هتي فارم نمبر 1 ۾ پئرائن 4 ۽ 5 جيان لکيو وڃي.]

6. گڏوگڏ، دعويدار جي دعوي آهي، ته چاٽايل ملڪيت کي گروي مان ڇڏايو وڃي ۽ لکت ذريعي انهيءَ کي واپس ورتو [۽ انهيءَ جو قبضو ڏياريو وڃي.]

47. خاص ڪارڪردگي (نمبر 1)

(عنوان)

مٿي چاٽايل الف، ب دعويدار هيٺئين ريت عرض ڪري ٿو:

1. لکيت ذريعي هڪڙو اقرارنامو تاريخ ———— مهينو ———— 20ع تي صحيح ڪندڙ دعوي جي جواب ڏيندڙ ج، و دعويدار وٽ هڪڙي غيرمُنتقل ٿيندڙ ملڪيت، جنهن جو بيان ۾ اقرارنامي جو ذڪر مٿي چاٽايل آهي، ڪُل رقم عيوض وٺڻ [يا وڪڻڻ] جو اقرار ڪيو.

2. دعويدار دعوي جي جواب ڏيندڙ کي درخواست ڪئي، ته هو پنهنجي طرفان انهيءَ اقرارنامي جي خاص تڪميل ڪري، پر هُن نه ڪئي.

3. دعويدار پنهنجي طرفان اقرارنامي جي خاص تڪميل ڪرڻ تي تيار ۽ راضي آهي ۽ انهيءَ ڳالهه جي ڄاڻ دعوي جي جواب ڏيندڙ کي آهي.

[فارم نمبر 1 ۾ پئرائن 4 ۽ 5 جيان لکيو وڃي.]

6. گڏوگڏ، دعويدار جي هيءَ به دعوي آهي، ته عدالت دعوي جي جواب ڏيندڙ کي اقرارنامي جي خاص تعميل ڪرڻ ۽ اُنهن سمورن فعلن کي عمل ۾ آڻڻ جو حُڪم ڏئي، جيڪيچاٽايل ملڪيت جي مڪمل قبضي ڏيڻ لاءِ ضروري آهن. [يا چاٽايل ملڪيت جي مُنتقلي ۽ قبضو ڪرڻ لاءِ ضروري هجن ۽ انهيءَ سميت اِهو انهيءَ دعوي جو خرچ ڀرڻ ڏئي.]

48. خاص ڪارڪردگي (نمبر 2)

(عنوان)

مٿي ڄاڻايل الف. ب دعويدار هيٺئين ريت عرض ڪري ٿو:

1. تاريخ ———— مهينو ———— 20ع تي دعويدار ۽ دعويٰ جي جواب ڏيندڙ جي وچ ۾ هڪڙو اقرارنامو لکيو ويو جيڪو انهيءَ سان گڏ شامل آهي.

دعويٰ جو جواب ڏيندڙ بالڪل مٿي ڄاڻايل غيرمُنتقل ٿيندڙ ملڪيت جو قطعي مالڪ هو.

2. تاريخ ———— مهينو ———— 20ع تي ڪُل رقم ———— دعويٰ جي جواب ڏيندڙ کي ڏيڻ لاءِ چيو ۽ انهيءَ مٿي ڄاڻايل معتبر ملڪيت جي مُناسب قبولي جو چاهيم.

3. تاريخ ———— مهينو ———— 20ع تي دعويدار وري انهيءَ مُنتقليءَ جي گهر ڪئي [يا دعويٰ جي جواب ڏيندڙ دعويدار جي نالي انهيءَ جي مُنتقلي ڪرڻ کان انڪار ڪيو.]

(4) دعويٰ جي جواب ڏيندڙ مُنتقليءَ جي ڪنهن به دستاويز کي عمل ۾ نه آندو آهي.

(5) دعويدار هيٺئر به ڄاڻايل خريداريءَ جي رقم دعويٰ جي جواب ڏيندڙ کي ڏيڻ لاءِ تيار ۽ راضي آهي.

[فارم نمبر 1 ۾ پيرائن 4 ۽ 5 جيان لکيو وڃي.]

8. دعويدار دعويٰ ڪري ٿو:-

(1) دعويٰ جي جواب ڏيندڙ دعويدار جي نالي ڄاڻايل مُنتقل ٿيندڙ ملڪيت جي مُنتقلي [هيٺ ڄاڻايل اقرارنامي جي لکيل شرطن موجب] لکي ڏئي.

(2) زمين کي روڪڻ لاءِ دعويدار کي معاوضو رپين ۾ ڏياريو وڃي.

49. پائيواري بابت

(عنوان)

مٿي ڄاڻايل الف. ب دعويدار هيٺئين ريت عرض ڪري ٿو:

1. دعويدار ۽ دعويٰ جي جواب ڏيندڙ ج.و عرصو ———— سال کان [يا مهيني کان] پاڻ ۾ هن باب موجب لکيل شرطن موجب پائيواري [دستاويز يا زباني اقرار موجب] ڪاروبار ڪن ٿا.

2. دعويدار ۽ دعويٰ جي جواب ڏيندڙ وچ ۾ مختلف قسمن جا پائيواري جا تڪرارَ ۽ اختلافَ پيدا ٿيا، جن سبب انهيءَ ڪاروبار کي ايئن جو ڌرين کي فائدو ٿئي، جاري رکڻ ممڪن نه آهي [يا دعويٰ جي جواب ڏيندڙ هيٺ ڄاڻايل پائيواريءَ جي شرطن جي ڀڃڪڙي ڪئي، يعني

(1) ————————————————

(2) ————————————————

(3) ————————————————

[فارم نمبر 1 ۾ پيرائن 4 ۽ 5 جيان لکيو وڃي.]

5. دعويدار دعويٰ ڪري ٿو:-

(1) پائيواري جي شرطن کي ردُ ڪيو وڃي.

(2) پائيواري جي ڪاروبار جو حساب ورتو وڃي.

(3) هڪڙو رسيور مُقرر ڪيو وڃي.

نوٽ: اُنهن دعوائن ۾ جيڪي حساب توڙي ڪتاب نبيرڻ جون هجن. تہ پائيواريءَ کي رد ڪرڻ جي درخواست نہ لکي وڃي، پر انهيءَ بجاءِ اهڙو هڪڙو پيراگراف لکيو وڃي. تہ پائيواري رد ٿي ويئي آهي.

(4) لکيل بيانَ

دعويٰ جا عام بچاءَ يا جوابَ

انڪار۔ دعويٰ جو جواب ڏيندڙ [فلاڻي ڳالھ کان) انڪار ڪري ٿو. (حقيقتن کي لکو]

دعويٰ جو جواب ڏيندڙ (فلاڻي ڳالھ کي) نٿو مڃي. (حقيقتن کي لکو)

دعويٰ جو جواب ڏيندڙ (فلاڻي ڳالھ کي) مڃي ٿو. پر هيءَ چوي ٿو.

احتجاج ۔ دعويٰ جو جواب ڏيندڙ انهيءَ ڳالھ کان انڪار ڪري ٿو تہ هُو دعويدار جي دعويٰ جو جواب ڏيندڙ فرم ۾ پائيوار آهي.

دعويٰ جو جواب ڏيندڙ انڪار ڪري ٿو تہ هُن دعويدار سان مُبينہ مُعاهدو يا ڪو مُعاهدو ڪيو هو.

دعويٰ جو جواب ڏيندڙ انڪار ڪري ٿو تہ هُن دعويدار مُبينہ ڪوبہ مُعاهدو هرگز نہ ڪيو هو.

دعويٰ جو جواب ڏيندڙ ملڪيت کي مڃي ٿو پر دعويدار جي دعويٰ کي نٿو مڃي.

دعويٰ جو جواب ڏيندڙ انهيءَ کان انڪار ڪري ٿو. تہ دعويدار. مٿي ڄاڻايل مال جي دعويٰ يا انهيءَ مان ڪو مال هُن وٽ وڪرو ڪيو هو.

لميٽيشن:۔ مُقدمي جو[8] [هندستاني لميٽيشن ائڪٽ. 1877ع] جي ٻئي شيڊيول جي آرٽيڪل يا آرٽيڪلن سان قانوني مُدو ختم ٿي ويو آهي.

عدالتي اختيار: عدالت جو انهيءَ بُنياد يا سبب (بُنياد يا سبب کي اڳتي وڌايو) مُقدمي کي ٻُڌڻ جو قانوني اختيار نہ آهي. (سببن کي لکو)

دعويٰ جي بي باڪي: هڪڙي ڏينهن تي دعويٰ جي جواب ڏيندڙ هڪڙي هيري جي مُنڊي دعويدار کي ڏني ۽ دعويدار مُبينہ تڪراري سبب کان آجو ٿيڻ خاطر انهيءَ کي مڃيو هو.

ڪنگاليٽو: دعويٰ جي جواب ڏيندڙ کي عدالت ڪنگال ڪوٺيو آهي.

هن دعويٰ داخل ڪرڻ کان اڳ. عدالت دعويدار کي ڏيوالو نڪتل ڪوٺيو هو. تنهنڪري دعويٰ داخل ڪرڻ جو حق رسيور وٽ هو.

نابالغ: دعويٰ جو جواب ڏيندڙ ڄاڻايل معاهدي ڪرڻ وقت نابالغ هو.

عدالت ۾ رقم داخل ڪرڻ: دعويٰ جي جواب ڏيندڙ ڪُل دعويٰ بابت (يا ڪُل رقم) جي بابت (جيئن بہ حالت هجي) عدالت ۾ ڪُل رقم جمع ڪرائي ۽ چوي ٿو. تہ ڄاڻايل ڪُل رقم مان دعويدار جي ڪُل دعويٰ [يا مٿيون جُزو] چُڪتو ٿي ويئي.

---

[8] ڏسو لميٽيشن ائڪٽ 1908ع (1908ع جو IX).

هٿ ڪٽڻ: تاريخ تي معاهدي جي تعميل تان هٿ ڪنيو ويو هو.

معاهدي جو رَدُ ٿيڻ: دعويدار ۽ دعويٰ جي جواب ڏيندڙ وچ ۾ اقرارنامي موجب معاهدو رد ٿي ويو هو.

فيصلو ڏنل مامرو: دعويدار جي دعويٰ فلاڻي فيصلي سبب داخل نٿي ٿي سگهي.

تڪراري مامرو: دعويدار فلاڻي حق جي ڳالهہ (هتي تفصيل لکيو وڃي. جن سبب تڪراري ڳالهہ جي دعويٰ ڪئي وڃي.)

مُقدمي داخل ٿيڻ ڪانپوءِ دعويٰ جو جواب ڏيڻ: جيئن تہ مُقدمي داخل ٿيڻ کان ونيٰ يعني انهيءَ تاريخ تي (ايئن ايئن ڪيو ويو.)

1. وڪرو ٿيل ۽ اڻ سونپيل شين لاءِ مُقدمي ۾ دعويٰ جو جواب ڏيڻ

1. دعويٰ جي جواب ڏيندڙ مال لاءِ قانوني حُڪم نہ ڏنو هو.
2. مال، دعويٰ جي جواب ڏيندڙ کي نہ سونپيو ويو هو.
3. ڪُل قيمت ———— نہ هئي.

[يا]

4. { ———————— } [
5. {ڪُل رقم جو حصو ———— اُهو جيڪو} 2.
6. { ———————— } 3.
7. دعويٰ جي جواب ڏيندڙ [الف، ب دعويٰ جي جواب ڏيندڙ جو نمائندو] دعويدار جي مُقدمي کان اڳ [يا ج،و دعويدار جو نمائندو] کي تاريخ ———— 20ع تي رپيا ڏيڻ سان دعويٰ جو فيصلو ڪري ڇڏيو هو.
8. دعويٰ جي جواب ڏيندڙ مقدمي داخل ٿيڻ ڪانپوءِ دعويدار کي تاريخ ———— 20ع تي رپيا ڏيڻ سان دعويٰ کي چُڪتو ڪري ڇڏيو هو.

2. بانڊن يا پراميسري نوٽ جي مُقدمن جو جواب

1. دعويٰ جي جواب ڏيندڙ جو پراميسري نوٽ نہ آهي.
2. دعويٰ جي جواب ڏيندڙ پراميسري نوٽ جي شرط موجب مُقرر تاريخ تي دعويدار کي رقم نہ ڏني هئي.
3. دعويٰ جي جواب ڏيندڙ مُقرر تاريخ کان پوءِ ۽ اڳ اصل مقدمي داخل ڪرڻ ۽ جاٽايل پراميسري نوٽ جو وياج دعويدار کي ڏئي ڇڏيو هو.

3. ضمانتن بابت مُقدمن جي دعويٰ جو جواب

1. اصل قرضدار مُقدمي کان اڳ سمورا رپيا ڏيڻ سان دعويٰ جو فيصلو ڪري ڇڏيو هو.
2. دعويدار هڪڙي پابند ڪندڙ اقرارنامي سان اصل قرضدار کي مُهلت ڏيڻ سان دعويٰ جي جواب ڏيندڙ کي ذميداريءَ کان آجو ڪري ڇڏيو هو.

4. قرض جي ڪنهن مُقدمي ۾ دعويٰ جو جواب

1. ڪُل ۾ سيڪڙو روڪ رقم جي دعويٰ بابت دعويٰ جي جواب ڏيندڙ انهيءَ مال جي مُجرائي وٺڻ جو حقدار آهي، جيڪو دعويٰ جي جواب ڏيندڙ دعويدار وٽ وڪڻيو ۽ ڪيس سونپيو هو. انهيءَ جو تفصيل هيٺئين ريت آهي.

25 جنوري 1907ع تي ———— 150 رپيا

ٻهرئين فيبروري 1907ع تي ———— 50 رپيا

ڪُل 200

2. ڪُل رقم بابت [يا دعويٰ ڪيل ڪُل رقم بابت] گهربل رقم جي حصي بابت دعويدار دعويٰ کان اڳ ڪُل رقم ———— ڏيئي ڇڏي هئي ۽ ڄاڻايل رقم عدالت ۾ جمع ڪرائي ويئي آهي.

5. لاپرواهيءَ سان ڊرائيونگ ۾ گهاءُ پهچائڻ جي مُقدمن ۾ دعويٰ جو جواب

1. دعويٰ جي جواب ڏيندڙ ڪي انهيءَ کان انڪار آهي، تہ دعويٰ جي درخواست ۾ ڄاڻايل گاڏي ڄاڻايل دعويٰ جي جواب ڏيندڙ جي هئي، ۽ اِهو تہ دعويٰ جي جواب ڏيندڙ جي استعمال يا اختيار ۾ هئي. اُها گاڏي ———— جي رهندڙ ———— اسٽريٽ[9] [ڪراچي] ڪُڙهہ وارن جي هئي، جيڪا دعويٰ جي جواب ڏيندڙ کي گاڏي ۽ گهوڙا پهچائين ٿا ۽ اُهو شخص، جنهن جي گاڏي ڄاڻايل جي استعمال يا اختيار ۾ هئي، تنهن جو مٿي ڄاڻايل ملازم هو.

2. دعويٰ جو جواب ڏيندڙ نٿو مڃي، تہ گاڏي ڄاڻايل[10] [ووڊ اسٽريٽ] تان اوچتو يا آواز ڏيڻ بغير تڪڙو يا خطرناڪ رفتار سان ڪڍي ويئي هئي.

3. دعويٰ جو جواب ڏيندڙ چوي ٿو تہ دعويدار معقول اِرادي ۽ ڌيان ڏيڻ سان گاڏيءَ کي پاڻ وٽ پهچندي ڏسي پئي سگهيو ۽ انهيءَ سان ٽڪرائجڻ کان بچي سگهيو ٿي.

4. دعويٰ جو جواب ڏيندڙ دعويٰ جي ٽئين پيراگراف ۾ لکيل بيانَ کي نٿو مڃي.

6. غيرقانوني ڪمن لاءِ سمورن مقدمن ۾ دعويٰ جو جواب

1. ڪنهن فعلَ يا [عملن] کان انڪار جن بابت دعويٰ ڪئي ويئي هجي.

7. مالَ کي روڪڻ وارن مُقدمن ۾ دعويٰ جو جواب

1. مالُ دعويدار جي ملڪيت ۾ نہ هو.

2. مالُ کي انهيءَ روڪ جي حق بابت روڪي ڇڏيو هو جنهن جو دعويٰ جو جواب ڏيندڙ حقدار هو. انهيءَ جي ڪيفيت هيٺئين ريت آهي:-

[9] وفاقي قانونَ (نظرثاني ۽ اعلانَ) ائڪٽ 1951ع (1951ع جو XXVI)، قلم 4 ۽ ٽيون شيڊيول تحت "ڪلڪتي" لاءِ ڦيرقار ٿي.

[10] وفاقي قانونَ (نظرثاني ۽ اعلانَ) ائڪٽ 1951ع (1951ع جو XXVI)، قلم 4 ۽ ٽيون شيڊيول تحت "مِڊل ٿائون اسٽريٽ" لاءِ ڦيرقار ٿي.

مئي 1907ع بابت مال جو ڀاڙو[11] [لاهور] کان[12] [ڪراچيءَ] تائين:-

45 مڻ جي حساب سان 2 رپيا في مڻ ———— 90 رپيا

8. ڪاپي رائيٽ جي ڀڃڪڙيءَ جي مُقدمن ۾ دعويٰ جو جواب

1. دعويدار ليکڪ [ڪنهن ڪم جو نگران وغيره] نہ آهي.

2. ڪتاب رجسٽر ٿيل نہ هو.

3. دعويٰ جي جواب ڏيندڙ ڀڃڪڙي نہ ڪئي آهي.

9. واپاري علامت جي ڀَڃڪڙيءَ جي مقدمن ۾ دعويٰ جو جواب

1. واپاري نشان, دعويدار جو نہ آهي.

2. واپاري نشان, ڄاڻايل واپاري نشان ئي نہ آهي.

3. دعويٰ جي جواب ڏيندڙ ڀڃڪڙي نہ ڪئي آهي.

10. عوامي آزار سان لاڳاپيل مُقدمن ۾ دعوائن جا جوابَ

1. دعويدار جو روشندان پراڻو نہ آهي [يا هُن جي ٻين مُبينہ تجويز ٿيندڙ حقن جو انڪار]

2. دعويدار جي روشندان سان دعويٰ جي جواب ڏيندڙ جي عمارتن سان ڪا هٽ چُراند نہ ٿي هوندي]

3. دعويٰ جي جواب ڏيندڙ ڪي انهيءَ ڳالهہ کان انڪار آهي, تہ هُن جا مُلازم پاڻيءَ ڪي ڪِنو ڪن ٿا [يا هيءَ اُهي چون ٿا, تہ جنهن بابت شڪايت ڪن ٿا]

[جيڪڏهن دعويٰ جي جواب ڏيندڙ جو آڳاٽو حق هجي يا ٻيءَ ڪنهن انداز سان انهيءَ ڳالهہ جي چوڻ جو حق رکندو هجي, جنهن بابت دعويٰ داخل ڪئي وئي هجي, تہ انهيءَ ڪي ايئن ڄاڻائڻ گهرجي ۽ ڄاڻايل دعويٰ جي سببن جو ذڪر ڪرڻ گهرجي يعني ڇا هُن ڪي ڪنهن پراڻي عطيي يا ڪنهن ٻيءَ طرح ڪو حق مليل آهي.]

4. دعويدار لاپرواهيءَ جو ڏوهي آهي, جنهن جي ڪيفيت هيٺئين ريت آهي.

1870ع ۾ دعويدار جي مِل ڪم شروع ڪيو.

1871ع ۾ دعويدار قبضو ورتو.

1873ع ۾ پهرئين شڪايت داخل ٿي.

5. دعويدار جي هرجاڻي بابت دعويٰ ۾, دعويٰ جي جواب ڏيندڙ پنهنجي دعويٰ جي جواب جي ڄاڻايل سببن تي اصرار ڪري ٿو ۽ عرض ڪري ٿو تہ جن فعلن بابت دعويٰ داخل ٿي آهي, تن سان دعويدار ڪي ڪو نقصان نہ پهتو آهي [جيڪڏهن ٻين سببن تي اصرار ڪرڻ چاهي, تہ اُهي ڄاڻائڻ گهرجن. مثال طور عرصي بابت گُذريل هرجاڻو وغيره.]

---

[11] وفاقي قانون (نظرثاني ۽ اعلان) ائڪٽ 1951ع (1951ع جو XXVI), قلم 4 ۽ ٽيون شيڊيول تحت "دهلي" لاءِ قيرقار ٿي.

[12] وفاقي قانون (نظرثاني ۽ اعلان) ائڪٽ 1951ع (1951ع جو XXVI), قلم 4 ۽ ٽيون شيڊيول تحت "ڪلڪتي" لاءِ قيرقار ٿي.

11. ملڪيت جي ضبطگيءَ لاءِ مُقدمي ۾ دعويٰ جو جواب

1. هيءَ تہ دعويٰ جي جواب ڏيندڙ گِروي جي تڪميل نہ ڪئي.

2. هيءَ تہ دعويدار جي حق ۾ گِروي مُنتقل نہ ٿي (جيڪڏهن هڪ کان وڌيڪ پيرا مُنتقلي جاٽائي وڃي، تہ اِهو لکڻ گهرجي، تہ ڪنهن مُنتقليءَ کان انڪار آهي.)

3. اِها دعويٰ [13][انڊين لميٽيشن ائڪٽ 1877ع] جي ٻئي ضميمي جي آرٽيڪل ——————— پٽاندر داخل نٿي ٿي سگهي.

4. جاٽايل رقم ڏني ويئي هئي، يعني:

(تاريخ لکو) —————— 1000 رپيا

(تاريخ لکو) —————— 500 رپيا

5. تاريخ —————— تي دعويدار ملڪيت جو قبضو ورتو.

6. دعويدار تاريخ —————— تي قرض واپس ڪيو.

7. دعويٰ جي جواب ڏيندڙ تاريخ ———— جي دستاويز موجب پنهنجا سمورا مفاد الف، ب جي نالي مُنتقل ڪيا.

12. گِروي ڇڏائڻ لاءِ مُقدمي ۾ دعويٰ جو جواب

1. دعويدار جي گِروي رکيل ملڪيت ڇڏائڻ جو حق لميٽيشن ائڪٽ 1908ع جي ضميمي ٻئي جي آرٽيڪل سان ختم ٿي ويو آهي.

2. دعويدار لاڳاپيل ملڪيت بابت پنهنجو سمورو حق ا، ب جي نالي مُنتقل ڪري ڇڏيو.

3. دعويٰ جي جواب ڏيندڙ تاريخ —————— جي دستاويز موجب پنهنجو گِروي رکيل رقم سان ۽ گِروي رکيل ملڪيت سان لاڳاپيل سمورو حق الف، ب جي نالي مُنتقل ڪري ڇڏيو.

4. دعويٰ جي جواب ڏيندڙ ملڪيت تي ڪنهن وقت قبضو نہ ورتو ۽ نہ انهيءَ جي ڏل يا مسواڙ ورتي.

(جيڪڏهن دعويدار رڳو ڪجهہ ڏينهن جي قبضي جو اقرار ڪري، تہ هُن کي گهرجي، تہ عرصو لکي ۽ انهيءَ کانپوءِ قبضي کان انڪار ڪري.)

13. خاص ڪارڪردگيءَ لاءِ مُقدمي ۾ دعويٰ جو جواب

1. دعويٰ جي جواب ڏيندڙ اقرارنامو نہ ڪيو.

2. دعويدار پنهنجو سمورو حق لاڳاپيل ملڪيت ا، ب جي نالي مُنتقل ڪري ڇڏي.

3. دعويدار هيٺين شرطن جي تعميل نہ ڪئي. (شرط)

4. دعويٰ جي جواب ڏيندڙ فلاڻو فلاڻو فعل نہ ڪيو (تعميل جي حصي بابت مبينہ فعلَ)

---

[13] ڏسو لميٽيشن ائڪٽ 1908ع (1908ع جو IX).

5. اِهو تہ دعويدار جو انهيءَ ملڪيت بابت، جنهن جي وڪڻ جو اقرار ڪيو ويو هيٺ ڄاڻايل سبب اهڙو نہ آهي، تہ دعويٰ جي جواب ڏيندڙ کي انهن کي مڃڻ لازم هجي. (هتي سبب لکڻ گهرجي.)

6. هيٺ ڄاڻايل مامرن جي اقرارنامي بابت پُڌتر آهي. (هتي اُهي مامرا لکڻ گهرجن.)

7. (يا) دعويدار تاخير جو ذميدار رهيو آهي.

8. (يا) دعويدار دوکي (گهوٻين) جو ذوهاري رهيو آهي.

9. (يا) اقرارنامو نامُناسب آهي.

10. (يا) اقرارنامو غلطيءَ سان لکيو ويو.

11. هيٺ ڄاڻايل تفصيلَ پئراگراف 7، 8، 9، 10 (يا جهڙي بہ حالت هجي) جا آهن.

12. اقرارنامو نيلام نمبر 11 جي شرطن موجب (يا گڏيل اِتفاق سان) رَدُ ٿي ويو.

(جن حالتن ۾ هرجاڻي جي دعويٰ ڪئي وڃي ۽ دعويٰ جي جواب ڏيندڙ هرجاڻي جي ذميداريءَ بابت دعويٰ داخل ڪري، تہ هُن کي گهرجي، تہ اقرارنامي جي شرطن کان انڪار ڪري، جن جي پيڪڙي ڪئي وڃي يا ڪو ٻيو دعويٰ جو جواب ڄاڻائي، جن تي دليل ڏيڻ چاهيندو هجي، مثال طور لميٽيشن ائڪٽ بابت قانون يا چُڪتو ٿيڻ يا هٿ ڪڻ يا دوکو وغيره.)

14. ماليت وٺڻ جي قانوني وارث طرفان ملڪيت جي نگرانيءَ واري مُقدمي ۾ دعويٰ جو جواب

1. الف جي وصيت ۾ قرضن جو بارُ شامل آهي. هو ڏيوالپڻي ۾ فوت ٿيو. فوت ٿيڻ جي وقت ڪنهن غير مُنتقل ٿيندڙ ملڪيت جو حقدار هو جيڪا دعويٰ جي جواب ڏيندڙ وڪڻي هئي ۽ انهيءَ جي مسواڙ رهيل هئي ۽ وارث جي ڪجهہ ملڪيت مُنتقل ٿيندڙ بہ هئي جيڪا دعويٰ جي جواب ڏيندڙ کي ملي ۽ هُن کي خالص ——— رپيا مليا.

2. دعويٰ جي جواب ڏيندڙ ڪُل ڄاڻايل رقم ۽ ڪُل ——————— رپين لاءِ دعويٰ داخل ڪئي.

جيڪي دعويٰ جي جواب ڏيندڙ کي غير مُنتقل ٿيندڙ ملڪيت جي مسواڙن مان مليا، سي ڪفن دفن ۽ وصيت ۽ وارثي جي ڪجهہ قرضن ۾ ڏنا ويا.

3. دعويٰ جي جواب ڏيندڙ پنهنجو حساب لکي، انهيءَ جو نقل تاريخ ——— مهينو ——————

— 20ع تي دعويدار وٽ موڪليو هو ۽ هُن کي چيو هو تہ ڄاڻايل حساب جي تصديق لاءِ رسيدون ڏسي وٺي. پر هُن دعويٰ جي جواب ڏيندڙ جي ڄاڻايل راضپي مان فائدو نہ ورتو.

4. دعويٰ جو جواب ڏيندڙ عرض ڪري ٿو تہ دعويدار کي انهيءَ مُقدمي جو خرچ ڏيڻ گهرجي.

15. تصديقي سرڪاري وصيتنامي جو قانوني نمونو

1. وصيت ۽ ڄاڻايل وراثت جي قانون 1925ع جي دستاويز موجب[14] انڊين سڪسيشن ائڪٽ، 1865ع [يا هندو وصيت قانون 1870ع] جي ضابطي سان تڪميل نہ ٿي.

[14] ڏسو سڪسيشن ائڪٽ 1925ع (1925ع جو XXXIX).

2. وصيت ۽ وصيت جي دستاويز کي، جنهن وقت لکڻ ڄاڻايو وڃي ٿو تنهن وقت فوتيءَ جي يادداشت ۽ سمجهه دُرست نہ هئي.

3. وصيت ۽ وصيت جي دستاويز جي تڪميل، دعويدار ۽ ٻين شخصن جي، جيڪي انهيءَ سان گڏ گڏجي ڪم ڪندا هئا [۽ سندن نالا جو تنهن وقت دعويٰ جي جواب ڏيندڙ کي پتو نہ آهي، غيرقانوني دٻاءَ سان لکرائڻ سان ٿي هئي.]

4. جيستائين دعويٰ جي جواب ڏيندڙ کي انهيءَ وقت ڄاڻ آهي، تہ وصيت ۽ وصيت جي دستاويز جي تڪميل دعويدار کان دوکي سان ڪرائي ويئي هئي (هتي دوکي جو انداز ڄاڻائڻ گهرجي.)

5. فوتيءَ کي وصيت ۽ وصيت جي دستاويز لکڻ وقت انهيءَ جي مضمون جو پتو نہ هو ۽ هيءَ تہ انهيءَ مضمون کي منظور نہ ڪيو ڪري [يا ڄاڻايل وصيتنامي جي ٻين شِقن جو ڪيس پتو نہ هو جيڪا ٻہ حالت هجي.]

6. فوتي پنهنجي آخري وصيت ڀرئين جنوري 1873ع تي لکي هئي ۽ انهيءَ ۾ فوتي دعويٰ جي جواب ڏيندڙ کي پنهنجي ڇڏيل ملڪيت جو وارث مُقرر ڪيو هو.

دعويٰ جي جواب ڏيندڙ جي دعويٰ آهي تہ:

(1) عدالت ڄاڻايل وصيت ۽ مُدعي طرفان تجويز ڪيل واڌُو ضميمي خلاف ڊِڪري جاري ڪندي

(2) عدالت سڳوري، وصيت ۽ وصيت جي دستاويز ڀرئين جنوري 1873ع بابت تصديق ٿيل سرڪاري وصيتنامي جي قاعدي موجب ڊِڪري جاري ڪري.

16. تفصيلَ

(قانوني حُڪم VI، قاعدو 5)

(مُقدمي جو عنوان)

تفصيل:ـ هيءَ تفصيلَ (هتي مامرن کي لکيو وڃي) جن جي تفصيلن کي داخل ڪرڻ جو حُڪم ٿيو هجي، تاريخ تي جاري ٿيل حُڪم موجب داخل ڪيون وڃن ٿيون. (هتي ڌار ڌار فقرن ۾ جيڪڏهن گهرج هجي، تہ تفصيل لکيا وڃن، جن بابت حُڪم جاري ٿيو هجي.)

ضميمو -B

سَمن جو طريقيڪار

1. مَ

قدمن جي فيصلي خاطر سَمن

(قانوني حُڪم V، قاعدو 5)

(عنوان)

ڏانهن ______________

[نالو تفصيل ۽ رهائش جو هنڌ]

جيئن تہ توهان جي خلاف هڪڙو مُقدمو داخل ٿيو آهي، تنهنڪري توهان کي حُڪم ڏنو وڃي ٿو تہ توهان تاريخ ———— مهينو ———— 20ع تي وقت ———— ذاتي طور يا وڪيل معرفت، جاٽايل مُختيار عدالت ۾ ضابطي موجب، جنهن کي مُقدمي جي حال کان بالڪل واقف ڪيو ويو هجي ۽ جيڪو لاڳاپيل مُقدمي جي سمورن مامرن جو جواب ڏئي سگهي، يا جنهن سان گڏ ڪو ٻيو شخص هجي، تہ اهڙن سوالن جا جوابَ ڏيئي سگهي، حاضر ٿيو ۽ جاٽايل دعويٰ جا جواب ڏيو ۽ پڌرو هجي، تہ اُها تاريخ، جيڪا توهان جي حاضريءَ لاءِ مُقرر آهي، مُقدمي جي قطعي فيصلي لاءِ مُقرر ٿي آهي، تنهنڪري توهان تي لازم آهي، تہ انهيءَ ڏينهن پنهنجي سمورن شاهدن کي حاضر ڪريو ۽ توهان کي گهرجي، تہ پاڻُ سان گڏ اُنهن دستاويزن، جنهن جو معائنو دعويدار گهري ٿو ۽ ڪنهن دستاويز کي، جنهن تي توهان پنهنجي جواب ڏيڻ جو دليل ڏيڻ چاهيندا هجو پاڻُ سان گڏ آڻيو.

توهان کي اطلاع ڏنو وڃي ٿو تہ جيڪڏهن جاٽايل ڏينهن تي توهان حاضر نہ ٿيندا، تہ مُقدمي کي ٻُڌو ويندو ۽ انهيءَ جو فيصلو توهان جي غير حاضرِيءَ ۾ ڏنو ويندو.

منهنجي هٿن جي صحيح ۽ عدالت جي لڳل مُهر سان اجوڪي

تاريخ ———— مهينو ———— 20ع جاري ڪيو ويو.

جَج جي صحيح ————

نوٽيس: 1. جيڪڏهن توهان کي اِهو اُلڪو هجي، تہ توهان جا شاهد پنهنجي مرضيءَ سان حاضر نہ ٿيندا، تہ توهان جاٽايل عدالت مان منظوريءَ لاءِ سَمن جاري ڪرائي سگهو ٿا، تہ جيڪو شاهد حاضر نہ ٿئي ۽ جنهن دستاويز کي ڪنهن شاهد کان پيش ڪرائڻ جو توهان حق رکو ٿا، سو تنهن کان پيش ڪرايو وڃي، پر شرط هيءَ آهي، تہ توهان انهيءَ واسطي خوراڪ جي رقم، جيڪا ضروري هجي، عدالت ۾ داخل ڪري انهيءَ ڳالھ جي درخواست داخل ڪريو.

2. جيڪڏهن توهان دعويٰ ڪندڙ دعويدار کي آڇت ڏيو ٿا، تہ توهان تي لازم آهي، تہ دعويٰ جي خرچ بابت رپيا عدالت ۾ داخل ڪرايو تہ جيئن توهان ڊِڪريءَ جي جاري ٿيڻ کان بچي وڃو، جيڪا توهان جي شخصيت يا ملڪيت يا ٻنهيءَ جي خلاف ٿي سگهي ٿي.

سنڌ: فارمن 1، 2، 3، 5 ۽ 6 ۾ ڳاڙهي مَسُ سان هيٺيون نوٽ لکو:-

”گڏوگڏ اِها ڳالھ بہ ڌيان ۾ آڻيو تہ سَمن جي تعميل لاءِ يا جاٽايل تاريخ کان اڳ توهان جي درخواست داخل ٿيڻ ۾ ناڪاميءَ تي توهان ذميدار هوندؤ تہ توهان جي دعويٰ جي جوابُ کي رد ڪيو وڃي.“

2. قانوني مامرن جي نبيري لاءِ سَمن

(قانوني حُڪم 7، قاعدو 1 ۽ 5)

(عنوان)

ڏانهن ————————————

[نالو، تفصيل ۽ رهائش جو هنڌ]

جيئن تہ توهان جي خلاف هڪڙو مُقدمو داخل ٿيو آهي، تنهنڪري حُڪم ڏنو وڃي ٿو تہ توهان ذاتي طور يا وڪيل معرفت، جاٽايل مُختيار عدالت ۾ ضابطي موجب، جنهن کي مُقدمي جي حال کان بالڪل واقف ڪيو ويو هجي ۽ جيڪو لاڳاپيل مُقدمي جي سمورن مامرن جو جواب ڏئي سگهي، يا جنهن سان گڏ ڪو ٻيو شخص هجي، جيڪو اهڙن سوالن جا جوابَ ڏيئي سگهي، تہ ——— 20ع جي ڏينهن تي اٽڪل ——— وڳي ٻنپهرن جو عدالت ۾ حاضر ٿيو ۽ جاٽايل دعويٰ بابت پنهنجا جواب ڏيو. ۽ توهان کي هدايت ڪئي وڃي ٿي، تہ انهيءَ ڏينهن پنهنجي اُنهن سمورن دستاويزن کي پاڻُ سان گڏ آڻيو جنهن تي پنهنجي دعويٰ جي جواب ڏيڻ ۾ توهان کي پوُرو ڀروسو هجي. [۽ انهيءَ تاريخ تي يا اڳ ۾ لکيل بيانَ داخل ڪريو.]

توهان کي اطلاع ڏنو وڃي ٿو تہ جيڪڏهن جاٽايل ڏينهن تي توهان حاضر نہ ٿيندا، تہ مُقدمي کي ٻُڌو ويندو ۽ انهيءَ جو فيصلو توهان جي غير حاضريءَ ۾ ڏنو ويندو.

منهنجي هٿن جي صحيح ۽ عدالت جي لڳل مُهر سان اڄوڪي

تاريخ ——— مهينو ——— 20ع جاري ڪيو ويو.

ڄَج جي صحيح ———

نوٽيس: 1. جيڪڏهن توهان کي اِهو اُلڪو هجي، تہ توهان جا شاهد پنهنجي مرضيءَ سان حاضر نہ ٿيندا، تہ توهان جاٽايل عدالت مان منظوريءَ لاءِ سَمن جاري ڪرائي سگهو ٿا، تہ جيڪو شاهد حاضر نہ ٿئي ۽ جنهن دستاويز کي ڪنهن شاهد کان پيش ڪرائڻ توهان حق رکو ٿا، سو تنهن کان پيش ڪرايو وڃي، پر شرط هيءَ آهي، تہ توهان انهيءَ واسطي خوراڪ جي رقم، جيڪا ضروري هجي، عدالت ۾ داخل ڪري انهيءَ ڳالھ جي درخواست داخل ڪريو.

2. جيڪڏهن توهان دعويٰ ڪندڙ دعويدار کي آئت ڏيو ٿا، تہ توهان تي لازم آهي، تہ دعويٰ جي خرچ بابت رپيا عدالت ۾ داخل ڪرايو تہ جيئن توهان ڊِڪريءَ جي جاري ٿيڻ کان بچي وڃو جيڪا توهان جي شخصيت يا ملڪيت يا ٻنهيءَ جي خلاف ٿي سگهي ٿي.

سنڌ: ڏسو فارم 1، ضميمي B لاءِ سنڌ جي مقامي ترميم، قانون سازي، ترميم 1972ع جي آرڊيننس XII موجب شامل ٿي.

3. ذاتي طور حاضر ٿيڻ لاءِ سَمن

(قانوني حُڪم V، قاعدو 3)

ڏانهن ———

[نالو تفصيل ۽ رهائش جو هنڌ]

جيئن تہ توهان جي خلاف هڪڙو مُقدمو داخل ٿيو آهي، تنهنڪري ———
— توهان کي حُڪم ڏنو وڃي ٿو تہ توهان تاريخ ——— 20ع تي ——— وڳي منجهند جو ذاتي

طور حاضر ٿيو ۽ پنهنجي مُقدمي جي پيروي ڪريو ۽ توهان کي گهرجي، تہ اُهي سمورا دستاويز انهيءَ تاريخ تي پيش ڪريو جن تي توهان پنهنجي دعوي جي جواب ڏيڻ چاهيو ٿا.

توهان کي اطلاع ڏنو وڃي ٿو تہ جيڪڏهن ڄاڻايل ڏينهن تي توهان حاضر نہ ٿيندا، تہ مُقدمي کي ٻڌو ويندو ۽ انهيءَ جو فيصلو توهان جي غير حاضريءَ ۾ ڏنو ويندو.

منهنجي هٿن جي صحيح ۽ عدالت جي لڳل مُهر سان اڄوڪي

تاريخ ——— مهينو ——— 20ع جاري ڪيو ويو.

سنڌ: ڏسو فارم 1، ضميمي B لاءِ سنڌ جي مقامي ترميم.

4. مُنتقل ٿيندڙ دستاويزن تي سرسري مُقدمي جو سَمن

(قانوني حُڪم XXXVII، قاعدو 2)

(عنوان)

ڏانهن ———————————————

[نالو تفصيل ۽ رهائش جو هنڌ]

جيئن تہ ——————————— توهان جي خلاف سِول پروسيجر ڪوڊ 1908ع جي قانوني حُڪم XXXVII موجب رقم ————— ، جيڪا اصل توڙي وياج جي رهيل رقم آهي، جيڪا ڪيس ڪُل رقم ————— جي ———— هُن کي ڏيڻ جوڳي هئي، جنهن سان گڏ هڪڙو نقل شامل آهي، سو پڻ داخل ڪيو ويو آهي، تنهنڪري توهان جي نالي انهيءَ مقصد سان سَمن موڪليو وڃي ٿو تہ توهان انهيءَ سَمن جي تعميل جي تاريخ کان ڏهن ڏينهن اندر حاضر ٿيڻ ۽ مُقدمي جي جواب ڏيڻ جي اجازت وٺڻ لاءِ ۽ ڄاڻايل عرصي اندر پنهنجي حاضر ٿيڻ جي داخلا ڪرايو. ٻي صورت ۾ هن حُڪم جي تعميل نہ ٿيڻ جي حالت ۾ دعويدار ڄاڻايل ڏهن ڏينهن جي عرصي گُذرڻ کانپوءِ حقدار هوندو تہ ايتري قدر رپيا. جيڪي ڪُل رقم کان وڌيڪ نہ هجن ———— ۽ [ڪُل رقم تي انهيءَ وياج سميت خرچ ———— لاءِ ڊِڪري وٺي، جيئن عدالت حُڪم ڏئي سگهي ٿي.]

حاضر ٿيڻ جي اجازت عدالت مان هڪڙي درخواست ذريعي وٺي سگهجي ٿي، جنهن جو لکيل حلفيہ بيان يا اقرار مضمون موجب هئڻ گهرجي، تہ مُقدمو واجب حق موجب جواب ڏيڻ جوڳو آهي يا انهيءَ ڳالهہ جو ڪو معقول سبب آهي، تہ توهان کي انهيءَ مُقدمي ۾ حاضر ٿيڻ جي اجازت ڏني وڃي.

هيءَ عدالت جي مُهر ۽ منهنجي صحيح سان اڄوڪي

تاريخ ——— 20ع تي اڄ جاري ڪيو ويو.

جَج جي صحيح ———————

5. انهيءَ شخص ڏانهن نوٽيس، جنهن کي عدالت سمجهي، تہ ڪيس ساٿي- دعويدار طور شامل ڪرڻ گهرجي

(قانوني حُڪم I، قاعدو 10)

(عنوان)

ڏانهن ———————————————

[نالو تفصيل ۽ رهائش جو هنڌ]

جيئن تہ ———————— متيون مُقدمو—————————— خلاف داخل ٿيو

آهي ۽ جيئن تہ اِهو ضروري پانئجي ٿو ته توهان کي ڄاڻايل مقدمي ۾ دعويدار جي ساٿيءَ طور شامل ڪيو وڃي، تہ جيئن عدالت مٿي ڄاڻايل مُقدمي جي لاڳاپيل مامرن کي مؤثر ۽ مڪمل طور فيصلو ڪرڻ جي قابل ٿئي:

ڄاڻ رهي، تہ تاريخ —— 20ع يا انهيءَ کان اڳ، توهان کي عدالت ۾ حاضر ٿيڻ گهرجي، يا توهان ايئن شامل ٿيڻ چاهيو ٿا نہ.

هيءَ عدالت جي مُهر ۽ منهنجي صحيح سان اڄوڪي تاريخ —— 20ع تي اڄ جاري ڪيو ويو.

جَج جي صحيح ————

سنڌ: ڏسو فارم 1، ضميمي B لاءِ سنڌ جي مقامي ترميم.

6. فوتي مُقدمي جي جواب ڏيندڙ جي قانوني وارث ڏانهن سَمنَ

(قانوني حُڪم XXII، قاعدو 4)

(عنوان)

ڏانهن ————————————

[نالو تفصيل ۽ رهائش جو هنڌ]

جيئن تہ دعويدار هن عدالت ۾ تاريخ ———— 20ع تي دعوي جي جواب ڏيندڙ ———— خلاف مُقدمو داخل ڪيو آهي، جيڪو فوت ٿي ويو آهي ۽ جيئن تہ دعويدار هن عدالت ۾ اِها درخواست داخل ڪئي آهي، تہ توهان ———— ڄاڻايل فوتيءَ جا قانوني وارث آهيو ۽ توهان کي انهيءَ سبب دعوي جو جواب ڏيندڙ بڻايو وڃي.

تنهنڪري توهان جي نالي سَمن جاري ڪيو وڃي ٿو تہ تاريخ ———— 20ع تي ڏينهن —— تي بنپهرن کان اڳ هن عدالت ۾ حاضر ٿي، مُقدمي جو جواب ڏيو ۽ مٿي ڄاڻايل تاريخ تي مُقدمي ۾ غيرحاضريءَ جي حالت ۾، توهان جي غيرحاضريءَ ۾ مُقدمي جي ڪارروائي هلائي ويندي ۽ مُقدمي جو فيصلو ڪيو ويندو.

هيءَ عدالت جي مُهر ۽ منهنجي صحيح سان اڄوڪي تاريخ ———— 20ع تي اڄ جاري ڪيو ويو.

جَج جي صحيح ————

سنڌ: ڏسو فارم 1، ضميمي B لاءِ سنڌ جي مقامي ترميم.

7. ٻيءَ عدالت جي قانوني حدن ۾ سَمن جي تعميل لاءِ مُنتقليءَ جو حُڪم

(قانوني حُڪم V، قاعدو 21)

(عنوان)

دعوي جو جواب ڏيندڙ/ شاهد

جيئن تہ اِهو جاڻايو ويو آهي تہ ———— مٿي ڄاڻايل مُقدمي جي دعويٰ جي جواب ڏيندڙ هينئر ———— ۾ رهائش رکي ٿو تنهنڪري حُڪم ڏنو وڃي ٿو تہ سمن تاريخ ———— 20ع تي واپسيءَ جوڳو آهي، جنهن کي ———— جي عدالت ———— ۾ ڄاڻايل دعويٰ جي جواب ڏيندڙ جي نالي تعميل خاطر نقل سميت موڪليو وڃي.

عدالت جي فيس ———— سمن جي تعميل بابت هن عدالت ۾ اسٽيمپ جي روپ ۾ ورتي وئي.

تاريخ ———— 20ع.

جَجَ————

8. قيديءَ تي تعميل ٿيڻ لاءِ سمن جي مُنتقليءَ جو حُڪم

(قانوني حُڪم V، قاعدو 24)

(عنوان)

ڏانهن

سُپرنٽيندنٽ صاحب جي نالي، جيل واقع ————

سِول پروسيجر ڪوڊ 1908ع جي قانوني حُڪم 5، قاعدي 24 موجب هن حُڪم سان گڏ دعويٰ جي جواب ڏيندڙ نالي ———— جيڪو جيل ۾ آهي، مٿس سمن تعميل ٿيڻ لاءِ موڪليو وڃي ٿو ۽ توهان کي درخواست ڪئي وڃي ٿي، تہ ڄاڻايل سمن جي نقل تي ڄاڻايل دعويٰ جي جواب ڏيندڙ کان تعميل ڪرايو ۽ اصل کي ڄاڻايل دعويٰ جي جواب ڏيندڙ کان صحيح ڪرائي ۽ تعميل جو بيانَ وٺي ۽ پنهنجي صحيح ڪري، هِن عدالت ۾ واپس موڪلي ڏيو.

جَج ————

9. سرڪاري ملازم يا فوجي سپاهيءَ تي تعميل ٿيڻ لاءِ سَمن جي مُنتقليءَ جو حُڪم

(قانوني حُڪم V، قاعدو 27 ۽ 28)

(عنوان)

ڏانهن ————

قانوني حُڪم 5، قاعدي 27 موجب (يا 28 جيئن موقعو هجي) سِول پروسيجر ڪوڊ 1908ع تحت انهيءَ حُڪم سان گڏ هڪڙو سمن، دعويٰ جي جواب ڏيندڙ نالي ———— تي تعميل ٿيڻ لاءِ موڪليو وڃي ٿو جيڪو توهان جي ماتحتيءَ ۾ ڪم ڪري ٿو ۽ توهان کي درخواست ڪئي وڃي ٿي، تہ ڄاڻايل سمن جي نقل جي تعميل. ڄاڻايل دعويٰ جي جواب ڏيندڙ تي ڪرايو ۽ اصل کي ڄاڻايل دعويٰ جي جواب ڏيندڙ کان صحيح ڪرايو ۽ تعميل جو بيان وٺو ۽ پنهنجي صحيح ڪري، هن عدالت ۾ واپس ڪريو.

جَج ————

10. ٻيءَ عدالت جي سَمن سان گڏ روبڪاريءَ جو شامل هئڻ

(قانوني حُڪم 7، قاعدو 23)

(عنوان)

پڙهو روبڪاري ———— ڪان موڪليل ———— جي تعميل جي مقصد سان تي ———— مُقدمي ۾ ———— 20ع جو نمبر ———— جاڻايل عدالت سڳوريءَ ۾ داخل تي.

گڏوگڏ تعميل ڪندڙ عملدار جي لکيل بيان مان پڌرو ٿيو تہ ———— ڏنو ويو ۽ انهيءَ جو ثبوت ضابطي موجب اسان جي آڏو حلفيہ نيڪ اِرادي سان ———— ورتو ويو. تنهنڪري حُڪم ٿيو تہ ———— عدالت ———— ۾ هن روبڪار سميت نقل سان گڏ واپس موڪليو وڃي.

جَج ————

هيءُ نمونو سمن ڪانسواءِ هر حُڪمنامي سان لاڳاپيل هوندو، جنهن جي تعميل ايئن ڪرائڻ منظور هجي.

11. سَمن يا نوٽيس جي روبڪاريءَ سان گڏ سَمن تعميل ڪندڙ جو حلفيہ بيان شامل هئڻ

(قانوني حُڪم 7، قاعدو 18)

(عنوان)

آءُ حلفيہ بيان ڏيندڙ ———— ولد ————

سُنهن ساڪُ سان/ حلفيہ بيان ڏيندڙ

۽ هينئين ريت چوان ٿو:

(1) آءُ هن عدالت طرفان جاري ٿيل سمن جو تعميل ڪندڙ آهيان.

(2) ڏينهن ———— تاريخ ———— مهينو ———— 20ع تي مون کي عدالت ———— طرفان مُقدمي نمبر ———— سال ———— 20ع تي ساڳيءَ عدالت جو تاريخ ———— ڏينهن ———— مهينو ———— 20ع تي جاري ٿيل هڪڙو سمن تعميل لاءِ مليو.

(3) جاڻايل شخص ———— کي آءُ ذاتي طور وقت کان ———— سُڃاڻان ٿو ۽ مون جاڻايل تي جاري ڪندڙ عدالت جي مُقدمي نمبر ———— جاڻايل عدالت سڳوريءَ جي سَمن جي تعميل تاريخ ———— مهينو ———— 20ع تي ———— هڪڙي نقل ذريعي ڪيس سونپيو هن کي پنهنجي اصلي صحيح سَمن تي ڪرڻ لاءِ چيو.

(a) ————————————————

(b) ————————————————

(i) هتي اِهو ڄاڻايو تہ ڄاڻايل شخص، جنهن تي تعميل ڪئي وئي آهي، تنهن صحيح ڪئي

آهي يا ڪنهن جي موجودگيءَ ۾ صحيح ڪرڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو.

(ii) تعميل ڪندڙ جي صحيح —————— يا

(3) چاڙايل شخص —————— کي آءُ ذاتي طور نہ سُڃاڻندو هئس، آءُ —————— سان گڏجي اوڏانهن —————— ويس ۽ هُن هڪڙي شخص ڏانهن اِشارو ڪيو ۽ جنهن لاءِ ٻڌايائين، تہ هيءُ مٿيون شخص —————— آهي ۽ مون مٿيون سمن. نوٽيس انهيءَ مرد/عورت کي —— 20ع جي تاريخ —————— اٽڪل وقت —————— سمن جو نقل ڏيکاريو. ۽ کانئس انهيءَ مرد، عورت کان سمن / نوٽيس تي اصل صحيح ڪرائڻ گهريا.

(a) ——————————————————————————————

(b) ——————————————————————————————

(i) هتي اِهو چاڙايو تہ چاڙايل شخص، جنهن تي تعميل ڪئي وئي آهي، تنهن صحيح ڪئي آهي يا انهيءَ جي موجودگيءَ ۾ صحيح ڪرڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو.

(ii) تعميل ڪندڙ جي صحيح —————— يا

(3) چاڙايل شخص —————— کي ۽ اُهو گهر، جنهن ۾ هو عام طور رهي ٿو ذاتي طور چاڻندو هئس. آءُ چاڙايل گهر —————— واقع —————— تي ويس ۽ اُتي آءُ تاريخ —————— اٽڪل وقت —————— تي پهتس، پر مٿيون شخص —————— اُتي نہ مليو.

(a) ——————————————————————————————

(b) ——————————————————————————————

(i) هِتي تفصيل سان بلڪل اِهو طريقو قانوني حُڪم 5، قاعدي 15 ۽ 17 پٽاندر خاص ڪري لکو جيڪو تعميل ۾ واپرايو ويو.

(ii) تعميل ڪندڙ جي صحيح —————— يا

(3) هڪ شخص —————— نالي مون سان گڏ —————— تائين هليو ۽ اُتي مون کي اِشاري سان —————— جنهن لاءِ هُن چيو. تہ اِهو هُن جو گهر هو جنهن ۾ هو رواجي طور رهي ٿو. مون انهيءَ چاڙايل شخص کي اُتي موجود نہ ڏٺو.

(a) ——————————————————————————————

(b) ——————————————————————————————

(i) هِتي تفصيل سان بالڪل اِهو طريقو قانوني حُڪم 5، قاعدي 15 ۽ 17 پٽاندر خاص ڪري لکو جيڪو تعميل ۾ واپرايو ويو.

(ii) تعميل ڪندڙ جي صحيح ——————

يا

جيڪڏهن بدلي ۾ تعميل جو حُڪم ڏنو ويو هجي، ته تفصيل ۽ بالڪل انهيءَ طريقي سان لکو ته ڪيئن ڄاڻايل شخص تي سمن جي تعميل ڪرائي ويئي، جنهن ۾ اُنهن شرطن جو حوالو خاص طور ڏنو وڃي، جنهن جو حُڪم تعميل خاطر ڏنو ويو هجي.

ڄاڻايل شخص طرفان ——— منهنجي اڳيان تاريخ ——— 20ع تي سِول پروسيجر ڪوڊ 1908ع جي قلم 139 تحت حلفيه بيان وٺڻ جي اختيار تحت حلفيه ڄاڻايو ويو.

لاهور

ترميم طور هيٺئين فارم ۾ ڦيرڦار ٿي.

11. سَمن يا نوٽيس جي روبڪاريءَ سان گڏ سَمن تعميل ڪندڙ جو حلفيه بيان شامل هئڻ

(قانوني حُڪم V، قاعدو 18)

نالي ——— ولد ——— جو حلف نامو

آءٌ——— ولد ——— سُنهن ساکَ سان/

حلفيه بيان ڏيان ٿو ۽ هيٺئين ريت چوان ٿو:

(1) آءٌ هن عدالت طرفان جاري ٿيل سمن جو تعميل ڪندڙ آهيان.

(2) ڏينهن ——— تاريخ——— مهينو ——— 20ع تي مون کي عدالت ——— طرفان مُقدمي نمبر ——— سال ——— 20ع تي ڄاڻايل عدالت ۾ تاريخ ———ڏينهن ——— مهينو——— 20ع تي جاري ٿيل هڪڙو سمن تعميل لاءِ مليو.

(3) ڄاڻايل شخص ——— کي آءٌ تنهن وقت ذاتي طور سُڃاڻندو هئس ۽ مون ڄاڻايل سَمن/ نوٽيس کي هُن کان ڏينهن ——— تاريخ ——— مهينو ——— سال ——20ع تي وقت اٽڪل ——— وڳي ——— ٻنپهرن جو ——— هنڌ تي کيس سَمن/ نوٽيس جو نقل ڏيندي تعميل ڪرايو ۽ مون هن کي سَمن تي پنهنجي اصلي صحيح ڪرڻ لاءِ چيو.

(a) ———

(b) ———

(i) هتي سَمن/ نوٽيس تعميل ڪندڙ شخص کي ڄاڻايو جنهن صحيح ڪئي يا تعميل مهل صحيح ڪرڻ کان انڪار ڪيو ۽ ڪنهن جي موجودگيءَ ۾ صحيح ڪرڻ کان انڪار ڪيو.

(ii) سَمن تعميل ڪندڙ جي صحيح ———

يا

(3) ڄاڻايل شخص ——— جنهن کي آءٌ ذاتي طور نه سُڃاڻندو هئس، ——— سان گڏجي ——— ڏانهنس ويس ۽ هُن مون کي هڪڙي شخص ڏانهن اِشارو ڪيو جنهن

لاءِ هُن چاڻايو تہ هيءُ اُهو چاڻايل ———— شخص آهي ۽ مون مٿيون سمن/ نوٽيس هُن کي تاريخ ——— اٽڪل وقت ——— سمن جو نقل ڏيڪاري, انهيءَ کان اصلي سمن/ نوٽيس تي اصلي صحيح ڪرائڻ گهري

(a) ————————————————————————————

(b) ————————————————————————————

(i) هتي سمن/ نوٽيس تعميل ڪندڙ شخص کي چاڻايو جنهن صحيح ڪئي يا تعميل مهل صحيح ڪرڻ کان انڪار ڪيو ۽ ڪنهن جي موجودگيءَ ۾ صحيح ڪرڻ کان انڪار ڪيو.

(ii) سمن تعميل ڪندڙ جي صحيح ————————

يا

(3) مٿيون شخص ———— ۽ اُهو گهر, جنهن ۾ هو عام طور رهي ٿو تنهن کي آءُ ذاتي طور چاڻندو هئس, تہ هڪ شخص ———— نالي مون سان گڏ هليو ۽ جڳهہ ———— تي اِشارو ڪيائين, تہ هُو ———— عام طور هِتي رهي ٿو آءُ چاڻايل گهر ———— ۾ ويس ۽ ———— ڏينهن ———— 20ع تي اٽڪل ———— وڳي منجهند جو مون هُن چاڻايل شخص ———— کي اُتي موجود نہ ڏٺو تہ مون پُڇا ڪئي

(a) ———————————————————— پاڙيسرين

(b) ————————————————————————

جيڪڏهن بدلي ۾ تعميل جو حُڪم ڏنو ويو هجي, تہ تفصيل ۽ بالڪل انهيءَ طريقي سان لکو تہ ڪيئن چاڻايل شخص تي سمن جي تعميل ڪرائي ويئي, جنهن ۾ اُنهن شرطن جو حوالو خاص طور ڏنو وڃي, جنهن جو حُڪم تعميل خاطر ڏنو ويو هجي.

چاڻايل ———— منهنجي آڏو اُن ———— ڏينهن ———— مهينو ———— سال ———— 20ع تي سِول پروسيجر ڪوڊ 1908ع جي قلم 139 جي اختيار تحت حلفيہ بيان ———— ڏنو.

اُتر اولهہ سرحدي صوبو

فارم 11 ۾ (3) جي ٿئين ۽ چوٿين پاڱن ۾ هيٺئين ريت تبديلي ٿي.

"(3) چاڻايل ———————— ۽ سندس گهر, جنهن ۾ هُو رواجي طور رهي ٿو تنهن کي آءُ ذاتي طور سُڃاڻان ٿو/ تنهن لاءِ آءُ اِشاري ملڻ تي انهيءَ چاڻايل گهر ۾ ———— ويس ۽ اُهو ڏينهن ———— مهينو ———— 20ع جو اٽڪل وقت ———— بنپهرن جو هو. مون چاڻايل شخص ———— ———— کي اُتي نہ ڏٺو تنهن تي مون نالي ———————— پاڙيسرين کان پُڇا ڪئي. مون کي ٻُڌايو ويو تہ ———————— شهر ———— ڏانهن ويچي چُڪو هو ۽ هو ———— تائين واپس موٽي نہ ايندو.

سمن تعميل ڪرائيندڙ جي صحيح ————————

12. دعويٰ جي جواب ڏيندڙ نالي نوٽيس

(قانوني حُڪم IX، قاعدو 6)

(عنوان)

ڏانهن ————————

[نالو تفصيل ۽ رهائش جو هنڌ]

جيئن تہ اجوڪي تاريخ ڄاڻايل مُقدمي جي ٻُڌڻيءَ جي تاريخ لاءِ مُقرر ڪئي وئي هئي ۽ توهان جي نالي سَمن جاري ڪيو ويو هو ۽ دعويدار انهيءَ عدالت ۾ پيش ٿيو پر توهان حاضر نہ ٿيا ۽ ناظر جي رپورٽ سان، عدالت جي اطمينان موجب ثابت ٿيو آهي، تہ ڄاڻايل سَمن جي تعميل مُناسب عرصي ۾ نہ ٿي هئي، تہ توهان سَمن موجب ڄاڻايل مُقرر تاريخ تي حاضر ٿي، جواب ڏيڻ جي قابل ٿيو ها.

تنهنڪري توهان کي اطلاع ڏنو وڃي ٿو تہ مقدمي جي ٻُڌڻي ———— ڏينهن ———— 20ع تي مُلتوي ڪئي وئي آهي ۽ جيڪڏهن توهان انهيءَ مٿي ڄاڻايل آخري تاريخ تي حاضر نہ ٿيندا، تہ مُقدمي جي توهان جي غير موجودگيءَ ۾ ڪارروائي هلائي ۽ فيصلو ڪيو ويندو.

منهنجي صحيح ۽ عدالت جي مُهر سان اجوڪي تاريخ ———— 20ع تي جاري ٿيو.

جَج جي صحيح ————————

13. شاهد جي نالي سَمن

(قانوني حُڪم XVI، قاعدو 1 ۽ 5)

(عنوان)

ڏانهن ————————

جيئن تہ توهان جي مٿي ڄاڻايل مُقدمي ۾ ———— طرفان ———— حاضري ضروري آهي، تنهنڪري توهان کي حُڪم ڏنو وڃي ٿو تہ ذاتي طور هن عدالت ۾ حاضر ٿي تاريخ ———— مهينو ———— 20ع تي وقت بہ وڳي ٻنپهرن جو [يا پاڻُ سان گڏ ———————— عدالت ۾ موڪليو.]

ڪُل رقم ———— توهان جي خرچ جي سفر وغيره ۽ هڪڙي ڏينهن جي خوراڪ لاءِ سَمن سان گڏ موڪلي وئي آهي. جيڪڏهن توهان هن حُڪم جي تعميل ۾ بهاني بغير جائز سمجهندا، تہ توهان کي حاضر نہ ٿيڻ جو نتيجو ڀوڳڻو پوندو جيڪو سِول پروسيجر ڪوڊ جي قانوني حُڪم XVI، قاعدي 13 ۾ ڄاڻايل آهي.

منهنجي صحيح ۽ عدالت جي مُهر سان اجوڪي تاريخ —— 20ع تي جاري ٿيو.

جَج جي صحيح

نوٽيس: (1) جيڪڏهن توهان کي رُڳو دستاويز پيش ڪرڻ لاءِ گهرايو ويو هجي ۽ شاهدي ڏيڻ لاءِ نہ گهرايو ويو هجي، تہ سمجهيو ويندو، تہ توهان طرفان سَمن جي تعميل ٿي ۽ جڻ

توهان ڄاڻايل دستاويز کي هن عدالت ۾ ڄاڻايل تاريخ ۽ وقت تي پيش ڪيو.

(2) جيڪڏهن ڄاڻايل تاريخ کان وڌيڪ توهان کي ترسڻو پوي، ته ڪُل رقم ———

توهان کي ڄاڻايل تاريخ کانسواءِ هر تاريخ تي عدالت ۾ حاضريءَ لاءِ ڏني ويندي.

14. شاهد جي حاضريءَ جي حُڪم لاءِ اِشتهار

(قانوني حُڪم XVI، قاعدو 10)

(عنوان)

ڏانهن———————————

جيئن ته تعميل ڪرائيندڙ عملدار جي حلفيه بيانَ مان پتو پيو آهي، ته سَمن جي تعميل ڄاڻايل شاهد تي قانون جي مُقرر طريقي موجب نه ٿي سگهي ۽ جيئن ته ڄاڻايل شاهد جو بيان وٺڻ ضروري آهي ۽ اُهو سَمن جي تعميل کان بچڻ لاءِ روپوش ٿي ويو آهي، تنهنڪري هيءُ اِشتهار سِول پروسيجر ڪوڊ 1908ع جي قانوني حُڪم XVI قاعدي 10 تحت جاري ڪيو وڃي ٿو. ته مٿيون شاهد هن عدالت ۾ وقت ——— تاريخ ——— مهينو ——— 20ع تي حاضر ٿئي ۽ روزانو حاضر ٿيندو رهي، جيستائين ڪيس وِچڙ جي اجازت نه ملي ۽ مٿيون شاهد تاريخ ۽ ڄاڻايل وقت تي حاضر نه هوندو ته هُن خلاف قانون موجب ڪارروائي ڪئي ويندي.

منهنجي صحيح ۽ عدالت جي مُهر سان اڄوڪي تاريخ ——— 20ع تي جاري ٿيو.

ڄَج جي صحيح ———

15. شاهد جي حاضريءَ جي حُڪم لاءِ اِشتهار

(قانوني حُڪم XVI، قاعدو 10)

(عنوان)

ڏانهن———————————

جيئن ته تعميل ڪرائيندڙ عملدار جي حلفيه بيانَ مان پتو پيو آهي، ته سَمن جي تعميل شاهد تي باضابطا ٿي وئي آهي ۽ جيئن ته شاهد جي شاهدي ضروري پائنجي ٿي پر اُهو سَمن جي تعميل سان حاضر نه ٿيو تنهنڪري سِول پروسيجر ڪوڊ 1908ع جي قانوني حُڪم XVI قاعدي 10 موجب حُڪم ڏنو وڃي ٿو ته مٿيون شاهد هن عدالت ۾ تاريخ ——— 20ع وقت ——— وڳي پنيهرن کان اڳ حاضر ٿئي ۽ روزانو حاضر ٿيندو رهي، جيستائين هُن کي وِچڙ جي اجازت نه ملي ۽ جيڪڏهن مٿيون شاهد مُقرر تاريخ ۽ وقت تي حاضر نه ٿيندو، ته هُن خلاف قانون موجب ڪارروائي ڪئي ويندي.

منهنجي صحيح ۽ عدالت جي مُهر سان اڄوڪي تاريخ ——— 20ع تي جاري ٿيو.

ڄَج جي صحيح ———

16. شاهد جي ملڪيت جي ضبطگيءَ جو وارنٽ

(قانوني حُڪم XVI، قاعدو 10)

(عنوان)

عدالت جي بيلف جي نالي:

جيئن تہ شاهد ———————— جو ———————— طرفان حوالو

ڏنو ويو هو پر اِشتهار جي گهربل وقت گُذرڻ ڪانپوءِ بہ اُهو عدالت ۾ حاضر نہ ٿيو. تنهنڪري توهان کي

حُڪم ڏنو وڃي ٿو تہ ———————— چاٽايل شاهد جي ملڪيت توڙي ملڪيت ماليت ———

——— جي ضبطگيءَ ڪري وٺو ۽ ضبط ٿيل ملڪيت جي فهرست سميت هڪڙي ڪيفيت مقرر

ڏينهن تي پيش ڪريو.

منهنجي صحيح ۽ عدالت جي مُهر سان اڄوڪي تاريخ ——— 20ع تي جاري ٿيو.

جَج جي صحيح ————

17. شاهد جي گرفتاريءَ جو وارنٽ

(قانوني حُڪم XVI، قاعدو 10)

(عنوان)

عدالت جي بيلف جي نالي:

جيئن تہ ———— تي سَمن باضابطا تعميل ٿيو يا حاضر نہ ٿيو [سَمن جي تعميل

کان نتائج لاءِ روپوش رهي ٿو] تنهنڪري توهان کي حُڪم ڏئي ٿو تہ مٿي چاٽايل شاهد ————

کي عدالت جي اڳيان پيش ڪريو.

توهان کي وڌيڪ حُڪم ڏنو وڃي ٿو تہ انهيءَ وارنٽ کي ———— 20ع جي ڏينهن کان اڳ

موڪليو جنهن ۾ انهيءَ ڏينهن جي تصديقي قبوليت ٿيل هجي ۽ اُهو انداز جنهن ۾ انهيءَ جي تعميل ٿي

هُجي، يا سبب چاٽايو وڃي، تہ انهيءَ جي تعميل ڇو نہ ڪئي ويئي.

منهنجي صحيح ۽ عدالت جي مُهر سان اڄوڪي تاريخ ——— 20ع تي جاري ٿيو.

جَج جي صحيح ————

18. حراست ۾ رکڻ جو وارنٽ

(قانوني حُڪم XVI، قاعدو 16)

(عنوان)

جيل جي سُپرينٽينڊنٽ يا انچارج جي نالي————————

جيئن تہ دعويدار (يا دعويٰ جي جواب ڏيندڙ) مٿيون مُقدمو هن عدالت ۾ درخواست ذريعي داخل ڪيو آهي، تہ فلاڻي شخص ———— ڪان تاريخ ——— مهينو ——— 20ع تي شاهدي ڏيڻ يا دستاويز پيش ڪرڻ، جيڪا بہ حالت هجي، خاطر عدالت ۾ حاضر ٿيڻ جي ضمانت ورتي وڃي؛ ۽ جيئن تہ عدالت جاٽايل شخص ———— ڪان ضمانت گهري، پر هُو نہ ڏيئي سگهيو. تنهنڪري توهان کي حُڪم ڏئي ٿو تہ جاٽايل شخص ———— کي ديواني جيل ۾ حراست ۾ رکو ۽ تاريخ ——— وقت ——— ۽ اهڙي تاريخن تي يا ڪنهن ڏينهن تي ڪيس انهيءَ عدالت ۾ حاضر ڪريو جنهن جو اِڳتي ڪو حُڪم ٿئي.

منهنجي صحيح ۽ عدالت جي مُهر سان اڄوڪي تاريخ ——— 20ع تي جاري ٿيو.

جَج جي صحيح ————

19. حراست ۾ رکڻ جو وارنٽ

(قانوني حُڪم XVI، قاعدو 18)

(عنوان)

جيل جي سُپرينٽينڊنٽ يا انچارج جي نالي

جيئن تہ ———— جي حاضري هن عدالت ۾ مٿي جاٽايل مُقدمي ۾ شاهدي ڏيڻ (يا دستاويز پيش ڪرڻ) گهربل آهي، تنهن کي گرفتار ڪيو ويو ۽ حراست ۾ عدالت جي روبرو پيش ڪيو ويو. ۽ جيئن تہ دعويدار (يا دعويٰ جي جواب ڏيندڙ) جي غيرحاضر هئڻ سبب جاٽايل شاهد ———— شاهدي نٿو ڏئي سگهي (يا دستاويز نٿو پيش ڪري سگهي)؛ ۽ جيئن تہ عدالت جاٽايل ———— ڪان وقت ——— تاريخ ——— مهينو ——— 20ع تي ——— عدالت ۾ حاضر ٿيڻ جي ضمانت ورتي ۽ هو ضمانت داخل نہ ڪري سگهيو توهان کي حُڪم ڏنو وڃي ٿو تہ جاٽايل شخص ———— کي ديواني جيل ۾ حراست ۾ رکو ۽ تاريخ ——— وقت ——— ۽ اهڙي تاريخن تي يا ڪنهن ڏينهن تي ڪيس انهيءَ عدالت ۾ حاضر ڪريو جنهن جو اِڳتي ڪو حُڪم ٿئي.

اڄ تاريخ ——— مهينو ——— 20ع تي منهنجي صحيح ۽ عدالت جي مُهر سان جاري ڪيو ويو.

جَج جي صحيح   عدالت جي مُهر

ضميمو -C

معائني جي حال جو انڪشاف ۽ پيشيءَ جا دستاويز

1. بَند سُوالَ ڏيڻ لاءِ حُڪم

(قانوني حُڪم XI، قاعدو1)

(عنوان)

عدالت ۾ ——— هنڌ ——— ديواني مُقدمو نمبر ——— تاريخ ———

الف. ب ——————————————————— دعويدار

خلاف

ج. و ٻيا ه. و ٻيا ز. ح دعويٰ جي جواب ڏيندڙن

——— جي ڪارروائي هلائڻ تي ۽ ——— جو حلفيه بيان، جنهن کي ——— ڏينهن ——— 20ع تي جمع ڪرايو ويو هو، تنهن کي پڙهڻ سان حُڪم ڏنو وڃي ٿو تہ ——— کي اختيار آهي، تہ اُهو ——— کي لکيل بند سُوالَ سونپي ۽ ڇاڻايل ——— اُنهن بند سوالن جو ايئن جواب ڏئي، جنهن جو جهڙيءَ طرح قانوني حُڪم XI، قاعدي 8 ۾ تجويز ڪيل آهي ۽ هُو انهيءَ درخواست جو خرچ پري ڏئي.

2. بندَ سوالَ

(قانوني حُڪم XI، قاعدو 4)

(عنوان)

متي ڄاڻايل طرفان بند سوالَ (دعويدار يا دعويٰ جي جواب ڏيندڙ ج. و. دعويٰ جي جواب ڏيندڙ و. ه ۽ ز. ح يا دعويدار کان شاهدي وٺڻ لاءِ:

1. تہ ڪيو هو، وغيره.

2. نہ ڪيو آهي، وغيره

وغيره، وغيره، وغيره،

[ه. و دعويٰ جي جواب ڏيندڙ کي گهرجي، تہ سوالن جا جواب ڏئي.]

[ز. ح دعويٰ جي جواب ڏيندڙ کي گهرجي، تہ سوالن جا جواب ڏئي.]

3. بند سوالن جا جوابَ

(قانوني حُڪم XI، قاعدو 9)

(نمبر 1 ۾ متي لکيل جيان عنوان)

ه. و دعويٰ جي جواب ڏيندڙ جو بند سوالن بابت جواب، جيڪو ڄاڻايل دعويدار طرفان انهيءَ جي شاهدي وٺڻ لاءِ آهي.

ڄاڻايل بند سوالن جي جواب ڏيڻ جي سلسلي ۾ متي ڄاڻايل ز. ح حلفيه بيان ڪري ٿو تہ:-

(1) هِتي بند سوالن جا جواب ڌار فقرن ۾ لکڻ گهرجن.

(2) نمبر سلسليوار هجن.

(3) آءٌ سوال نمبر 1 جا انهيءَ سبب ڏيڻ کان انڪار ڪريان ٿو (هتي اعتراض جا سبب لکو.)

4. دستاويزن بابت حلفيہ بيان ڏيڻ جو حُڪم

(قانوني حُڪم XI، قاعدو 12)

(عنوان جيئن نمبر 1 ۾ مٿي لکيل آهي.)

جاٽايل درخواست جي ڪارروائي ڪانپوءِ

توهان کي حُڪم ڏنو وڃي ٿو تہ ———————— توهان ڪنهن تڪراري ڳالھ يا جاٽايل مُقدمي بابت سمورا دستاويزن جيڪي توهان جي قبضي ۾ هجن يا ڪڏهن رهيا هجن، تن کي حُڪم جي تاريخ کان ———————— ڏينهن ۾ هڪڙي لکيل حلفيہ بيان ذريعي ظاهر ڪريو ۽ اِهو تہ انهيءَ درخواست جو خرچ ———————— کان ورتو وڃي.

5. دستاويزن بابت حلفيہ بيانَ ڏيڻ

(قانوني حُڪم XI، قاعدو 13)

(عُنوان)

آءُ ج.و دعويٰ جو جواب ڏيندڙ حلف سان چوان ٿو ۽ هيٺيون بيانَ ڏيان ٿو:

1. انهيءَ تڪراري ڳالھ يا جاٽايل مُقدمي بابت سمورا دستاويزَ منهنجي قبضي يا اقتدار ۾ آهن، جيڪي ضميمي پهرئين جي حصي پهرئين ۽ ٻئين ۾ لکيل آهن.

2. آءُ ضميمي پهرئين جي حصي ٻئين ۾ مٿي جاٽايل سمورا دستاويز پيش ڪرڻ کان اعتراض ڪريان ٿو [هتي اُهو اعتراض لکڻ گهرجي.]

3. ضميمي پهرئين جي حصي ٻئين ۾ جاٽايل تڪراري ڳالھ يا جاٽايل مُقدمي بابت سمورا دستاويزَ منهنجي قبضي ۾ ۽ اقتدار ۾ هئا، پر هاڻي اُهي نہ آهن.

4. پويان مٿي جاٽايل دستاويز منهنجي قبضي جي اختيار مان گُم ٿي ويا هئا [هتي اُنهن جو بيان جاٽايو وڃي، تہ ڪڏهن اِهو واقعو ٿيو ۽ هاڻي اُهي ڪنهن جي قبضي ۾ آهن.]

5. آءُ پنهنجي سُڃاڻ، سُڌ ۽ پروسي سان چوان ٿو تہ ضميمي پهرئين ۽ ٻئي ۾ جاٽايل دستاويزن کانسواءِ آهن، ڪي ٻيا دستاويز منهنجي قبضي، تحويل ۽ اختيار ۾ يا منهنجي پيروي ڪندڙ وڪيل يا نمائندي جي تحويل، قبضي يا اختيار ۾، ڪو حساب، حساب جو ڪتاب، ووچر، رسيد، چِٺي، ڪنهن ڪاغذ جي لکيل ڪا يادداشت يا اُنهن دستاويزن جو ڪو نقل يا چُونڊيل ٽُڪڙو يا مٿي جاٽايل تڪراري مامري سان لاڳاپيل ڪو دستاويز، جنهن ۾ اُنهن مامرن جي يا اُنهن بابت ڪا داخلا هجي، نہ انهيءَ وقت ۽ نہ ئي ڪڏهن رهيا آهن.

6. معائني خاطر دستاويزَ پيش ڪرڻ جو حُڪم

(قانوني حُڪم XI، قاعدو 14)

(عنوان جيئن نمبر 1 ۾ لکيل آهي.)

مُقدمي جي ٻُڌڻيءَ ———————— ۽ ———————— جي تاريخ ———————— 20ع

تي داخل ڪيل حلفيہ لکڻيءَ کي پڙهڻ کانپوءِ اِهو حُڪم ڏنو ويجي ٿو تہ ———— سمورن مُناسب وقتن ۾ معقول نوٽيس ڏيڻ تي ماڳ ———— واقع ———— هينيان دستاويز خاص ڪري ———— ———— ۾ ———— پيش ڪيا وڃن ۾ ———— ڪي اختيار آهي، تہ ايئن پيش ڪيل دستاويزن جو معائنو ڪري ۽ پڙهي ۽ انهن مضمونن جا نوٽ قلبمند ڪري. جڏهن تہ انهيءَ عرصي ۾ حُڪم ڏنو ويجي ٿو تہ سموريون وڌيڪ ڪارروايون بند رکيون وڃن ۽ انهيءَ درخواست جو خرچ ———— کان ورتو ويجي.

7. دستاويز پيش ڪرڻ جو نوٽيس

(قانوني حُڪم XI، قاعدو 16)

(عنوان جيئن نمبر 1 ۾ مٿي لکيل آهي.)

توهان کي حُڪم ڏنو ويجي ٿو تہ [دعويدار يا دعوي جو جواب ڏيندڙ] چاهي ٿو تہ جن ڪاغذن جو توهان جي دعوي جي درخواست يا لکيل بيان يا حلفيہ بيان ۾ تاريخ ———— 20ع ۾ حوالو ڏنو ويو آهي [تن کي توهان سادي بيان يا لکيل دستاويز يا حليفہ بيانَ ۾ انهيءَ جي معائني لاءِ پيش ڪريو.]

[هِتي گهربل دستاويزن جو تفصيل لکيو ويجي.]

پاران: ———— ڪ. م پيروي ڪندڙ

ز ڏانهن، ———— جو وڪيل

8. دستاويزن جي مُعائني لاءِ نوٽيس

(قانوني حُڪم XI، قاعدو 17)

(عنوان جيئن نمبر 1 ۾ مٿي لکيل آهي.)

توهان کي اطلاع ڏنو ويجي ٿو تہ توهان اُنهن دستاويزن جو مُعائنو ڪري سگهو ٿا، جيڪي توهان جي نوٽيس ڏينهن ———— تاريخ ———— 20ع ۾ لکيل آهن. [اُنهن دستاويزن کانسواءِ، جن جا نمبر ———— انهيءَ نوٽيس ۾ لکيل آهن] جي جڳهہ تي [هتي معائني ڪرڻ جو هنڌ لکيو وڃي] ايندڙ خميس ڏينهن تي ———— ٻارهين ۽ چئين وڳي ٽنپهرن جي وچ ۾.

يا اِهو تہ [دعويدار يا دعوي جو جواب ڏيندڙ] اُنهن دستاويزن جي مُعائني ڪرڻ کان انڪار ڪري ٿو جيڪي توهان جي نوٽيس ڏينهن ———— تاريخ ———— 20ع ۾ لکيل آهن. انهيءَ کانسواءِ ٻيو ڪو [هتي سبب لکيو وڃي.]

9. دستاويزن کي مڃڻ جو نوٽيس

(قانوني حُڪم XII، قاعدو 3)

(عنوان جيئن نمبر 1 ۾ مٿي لکيل آهي.)

توهان کي اطلاع ڏنو وڃي ٿو ته دعويدار [يا دعويٰ جو جواب ڏيندڙ] انهيءَ مُقدمي ۾ چاڻايل دستاويزن جن جا تفصيل هيٺئين ريت ڄاڻايل آهن، شاهدي ڏيڻ چاهي ٿو ۽ ڪين دعويٰ جو جواب ڏيندڙ [يا دعويدار]، سندس پيروي ڪندڙ وڪيل يا نمائندو جي مقام تي تاريخ ——— جي وچ ۾ ——— رڳي معائنو ڪري سگهي ٿو. ۽ اِهو ته دعويٰ جي جواب ڏيندڙ [يا دعويدار] تي لازم آهي، ته مٿي ڄاڻايل آخري ڪلاڪ کان انيتاليھ ڪلاڪن ۾ مڃي، ته ڄاڻايل دستاويزن مان اهڙا، جن جي اصل هئڻ جي وضاحت ڪيئي ويئي هجي، ترتيبوار لکيل يا صحيح ٿيل هجن يا تڪميل ٿيا هجن، جيئن ته اُهي ترتيبوار اُيئن ظاهر ٿين ٿا ۽ جن جي نقل طور وضاحت ڪيئي ويئي آهي. اُهي صحيح نقل آهن ۽ جن دستاويزن جي تعميل ٿيڻ، موڪلڻ يا حوالو ڏيڻ جو ذڪر ڪيو ويو آهي. تن جي ترتيبوار اهڙيءَ طرح تعميل ڪيئي وئي هئي، ته جيئن انهي مُقدمي ۾ اُنهن سمورن دستاويزن جي شاهدي وٺڻ بابت سمورن جائز اعتراضن جي گُنجائش باقي نه رهي.

دعويدار (يا دعويٰ جو جواب ڏيندڙ) طرفان (ز.ح) پيروي ڪندڙ وڪيل [يا نمائندو]

دعويدار [يا دعويٰ جو جواب ڏيندڙ] طرفان (ه.و) پيروي ڪندڙ وڪيل (يا نمائندي] جي نالي

[هتي اُنهن دستاويزن کي لکيو وڃي، ۽ هرهڪ دستاويز بابت اِها وضاحت هئڻ گهرجي، ته ڇا اُهو اصلي آهي يا نقل آهي.]

10. واقعن کي مڃڻ جو نوٽيس

(قانوني حُڪم XII، قاعدو 5)

(عنوان جيئن نمبر 1 ۾ مٿي لکيل آهي.)

آگاهه ڪيو وڃي ٿو ته هن مُقدمي ۾ دعويدار [يا دعويٰ جو جواب ڏيندڙ] کي گهربل آهي، ته دعويٰ جو جواب ڏيندڙ [يا دعويدار]، رُڳو هن مُقدمي جي مقصد لاءِ انيڪ حقيقتن کي ترتيبوار مڃي، جن جي هيٺ وضاحت ڪئي ويندي، ۽ دعويٰ جو جواب ڏيندڙ [يا دعويدار] کان، هن نوٽيس جي تعميل کان ڇهن ڏينهن جي اندر گهربل آهي، ته هُو ڄاڻايل انيڪ حقيقتن کي مڃي، انهيءَ کانسواءِ اُنهن سمورن نِرالن مثالن کي، جيڪي هن مُقدمي ۾ شاهديءَ جيان اهڙين حقيقتن جي مڃتا بابت هُجن.

دعويدار [يا دعويٰ جو جواب ڏيندڙ] لاءِ ج. ح پيروي ڪندڙ وڪيل [يا نمائندو]

دعويٰ جي جواب ڏيندڙ [يا دعويدار] لاءِ ت.ف پيروي ڪندڙ وڪيل [يا نمائندو]

جن واقعن بابت مڃتا گهربل آهي، سي هيٺين ريت آهي:-

1. ته م پهرئين جنوري 1908ع تي فوت ٿيو.
2. ته هُو وصيت ڪرڻ بغير فوت ٿيو.
3. ته ن جو اڪيلو پُٽ آهي.
4. ته و پهرئين اپريل 1896ع تي فوت ٿيو.
5. ته و ڪڏهن شادي نه ڪئي هئي.

11. نوٽيس جي تعميل تي واقعن کي مڃڻ

(قانوني حُڪم XII، قاعدو 5)

(عنوان جيئن نمبر 1 ۾ مٿي لکيل آهي.)

هن مُقدمي ۾ دعوي جو جواب ڏيندڙ [يا دعويدار] رُڳو انهيءَ مُقدمي جي مقصدن لاءِ ڪيل واقعن ترتيبوار جيئن انهيءَ ڳالهه جي هيٺئين ريت وضاحت ڪيئي ويئي آهي، اُنهن ترجيحاتن ۽ قاعدن پٽاندر مڃي ٿو ته جن جي هتي وضاحت ڪيئي وئي آهي، ته جيئن اُنهن واقعن يا منجهائن ڪنهن جي انهيءَ مُقدمي ۾ شاهدي طور مڃڻ بابت سمورن نيڪ اعتراضن جي گُنجائش نه رهي:

پر شرط هيءَ آهي، ته اِها مڃتا رُڳو انهيءَ مُقدمي جي خاطر ڪئي وڃي ۽ اهڙي مڃتا نه، جيڪا دعوي جي جواب ڏيندڙ [يا دعويدار] ڪنهن ٻئي موقعي تي اختيار ڪئي [يا دعوي جي جواب ڏيندڙ يا ڪنهن ٻيءَ ڌُر طرفان، جيڪا مڃتا جي گهرجاءُ هجي].

دعوي جي جواب ڏيندڙ (يا دعويدار) طرفان ه.و پيروي ڪندڙ (يا نمائندو)

دعويدار (يا دعوي جي جواب ڏيندڙ طرفان ه.و پيروي ڪندڙ (يا نمائندو)

اُهي واقعا جن بابت مڃتا هجي	ترجيحات ۽ قاعدا (جيڪڏهن ڪي هجن) پٽاندر جن کي مڃيو ويو هجي
1. ته م پهرئين جنوري 1890ع تي فوت ٿيو.	1.
2. ته هو وصيت ڪرڻ بغير فوت ٿيو.	2.
3. ته ن هُن جو جائز پُٽ آهي.	3. پر اِهو نه، ته هُو هُن جو اڪيلو قانوني پُٽ هو.
4. ته و فوت ٿي ويو.	4. پر اِهو نه، ته هُو پهرئين اپريل 1896ع تي فوت ٿيو هو.
5. ته و ڪڏهن شاهدي نه ڪئي هئي.	5.

12. (عام نمونو) پيش ڪرڻ جو نوٽيس

(قانوني حُڪم XII، قاعدو 8)

(عنوان جيئن نمبر 1 ۾ مٿي لکيل آهي.)

توهان کي اطلاع ڏنو وڃي ٿو ته توهان تي لازم آهي، ته هن مُقدمي جي پهرئين ٻُڌڻيءَ ۾ هن عدالت جي معائني لاءِ سمورا ڪتاب، ڪاغذ، چِٺيون، چِٺين جا نقل، ۽ ٻيون تجويزون ۽ دستاويز جيڪي توهان جي تحويل، قبضي يا اقتدار ۾ هجن ۽ منجهائن ڪا داخلا يا يادداشت يا تڪراري مامرن سان لاڳاپيل لکپڙهه هن مُقدمي ۾ پيش ڪريو.

خاص ڪري ——————

دعويدار [يا دعوي جو جواب ڏيندڙ] لاءِ ج. ح پيروي ڪندڙ وڪيل [يا نمائندو]

دعوي جي جواب ڏيندڙ [يا دعويدار] لاءِ ت.ف پيروي ڪندڙ وڪيل [يا نمائندو]

ضميمو -D

ڊِڪريون

1. اصلي مُقدمي ۾ ڊِڪري

(قانوني حُڪم XX، قاعدو 6 ۽ 7)

(عنوان)

دعوىٰ بابت ————

هيءُ مُقدمو اج قطعي فيصلي لاءِ روبرو ———— حاضريءَ ۾ ———— دعوىٰ جي جواب ڏيندڙ طرفان پيش ٿيو حُڪم ٿيو ته فلاڻو شخص ڪُل رقم ———— انهيءَ مُقدمي جي خرچ سميت وياج شرح سان ———— اجوڪي تاريخ کان وصوليءَ جي تاريخ تائين ڏئي.

اجوڪي تاريخ ———— مهينو ———— 20ع تي منهنجي صحيح ۽ عدالت جي مُهر سان جاري ٿيو.

جَج جي صحيح ————

مُقدمي جو خرچ

	رپيا	آنا	پائي		رپيا	آنا	پائي
1. دعوىٰ لاءِ اسٽامپ	≈	≈	≈	وڪالتنامي جو اسٽامپ	≈	≈	≈
2. ساڳيو. وڪالتنامو لاءِ اسٽامپ	≈	≈	≈	ساڳيو. پٽيشن لاءِ	≈	≈	≈
3. ساڳيو. ثبوت جو اسٽامپ	≈	≈	≈	پيروي ڪندڙ وڪيل جي	≈	≈	≈
4. پيروي ڪندڙ وڪيل جي فيس ربين ۾	≈	≈	≈	فيس شاهدن جي خوراڪ	≈	≈	≈
5. شاهدن جي خوراڪ	≈	≈	≈	سَمن جي تعميل جو خرچ	≈	≈	≈
6. ڪمشنرن جي فيس	≈	≈	≈	ڪمشنرن جي فيس			
7. سَمن جي تعميل جو خرچ							
ڪُل				ڪُل			

2. روڪ رقم جي سادي ڊِڪري (قلم 34)

(عنوان)

دعوىٰ بابت ————

هيءُ مُقدمو اج تاريخ ———— تي دعويدار لاءِ ۽ دعوىٰ جي جواب ڏيندڙ لاءِ روبرو ———— اڳيان قطعي فيصلي لاءِ پيش ٿيو تنهنڪري اِهو حُڪم ڏنو وڃي ٿو ته ڪُل رقم تي وياج. جاٿايل رقم جي وصوليءَ جي تاريخ کان ساليانى في سيڪڙي جي اڳهه موجب ڏنو وڃي ۽ انهيءَ مُقدمي تي آيل خرچ پڻ ڏنو وڃي، جيڪو ڪُل مليل رقم جي تاريخ کان وياج سميت هُجي.

اج تاريخ ———— مهينو ———— 20ع کي منهنجي صحيح ۽ عدالت جي مُهر سان جاري ٿيو.

جَج جي صحيح ————

مُقدمي جو خرچ

	ربيا	آنا	پائي		ربيا	آنا	پائي
1. دعويٰ جو اسٽامپ	≈	≈	≈	وڪالتنامي جو اسٽامپ	≈	≈	≈
2. ساڳيو. وڪالتنامو	≈	≈	≈	ساڳيو. پٽيشن	≈	≈	≈
3. ساڳيو. ثبوت لاءِ	≈	≈	≈	وڪيل جي فيس	≈	≈	≈
4. وڪيل جي فيس	≈	≈	≈	شاهدن جي خوراڪ	≈	≈	≈
5. شاهدن جي خوراڪ	≈	≈	≈	سمن جي تعميل جو خرچ	≈	≈	≈
6. ڪمشنرن جي فيس	≈	≈	≈	ڪمشنرن جي فيس	≈	≈	≈
7. سمن جي تعميل جو خرچ	≈	≈	≈				
ڪُل				ڪُل			

[15]3. گِروي رکيل ملڪيت جي ضبطگيءَ لاءِ اصلي ڊِڪري

(قانوني حُڪم XXXIV، قاعدو 2—— جتي حساب وٺڻ جو حُڪم ٿيو هجي)

(عنوان)

1. هيءَ مُقدمو اج تاريخ —————— وغيره تي پيش ٿيو. جاٽايل ڊِڪريءَ ذريعي اِهو ڊِڪريءَ ۾ حُڪم ٿيو، تہ هيءَ مُقدمو—————— کي ڪمشنرن جيان هينئين حساب وٺڻ لاءِ سونپيو وڃي:-

(i) انهيءَ رقم جو حساب، جنهن بابت دعويدار جي اصل رقم جي وياج سميت انهيءَ گِروي رکيل ملڪيت جي رَهتُ اُن تاريخ تائين هجي، جنهن بابت مٿي دعويٰ جي درخواست داخل ڪئي وئي (اِهو وياج انهيءَ شرح سان ڏنو وڃي، جيڪو انهيءَ تي ڏيڻ جوڳو هجي ۽ جتي ڪا اهڙي شرح مُقرر ٿيل نہ هجي، تہ عدالت، وياج کي ساليانی شرح سان يا انهيءَ شرح سان لڳائيندي، جنهن کي اُها مُناسب سمجهندي؛

(ii) گِروي رکيل ملڪيت جي آمدنيءَ جو حساب، جيڪو انهيءَ تاريخ تائين دعويدار يا ڪنهن بئي شخص طرفان انهيءَ حُڪم سان يا دعويدار جي استعمال لاءِ يا جيڪو دعويدار جي اِرادي جي ڪوتاهيءَ ڪانسواءِ يا اهڙي شخص طرفان ورتو ويو هُجي، جيڪو ايئن وٺي سگهي ها؛

(iii) گِروي رکيل ملڪيت جي آمدنيءَ جي اُن سموري رقم جو حساب، جنهن کي دعويدار اُن تاريخ کان خرچن ۽ واهپي سميت (مقدمي جي خرچ ڪانسواءِ) جائز طور اُن شرح سان وياج کي ورتو هُجي (جنهن شرح کي ڌرين جي وچ ۾ نبيريو ويو هجي ۽ جيڪڏهن ڪا اهڙي شرح نہ هجي، تہ انهيءَ

[15] ملڪيت جي تبديلي (ترميمي) اعزازي ائڪٽ 1929ع (1929ع جو XXI)، قلم 8 ۽ شيڊيول تحت اصلي فارمن لاءِ فارمن 3 کان 11 تائين ڦير ڦار ٿي.

شرح سان، جيڪا اصل رقم تي واجب هجي. اُنهن ٻنهي شرحن جي نہ هئڻ جي حالت ۾، وياج سالياني شرح سان لاڳو ٿيندو)؛

(iv) انهيءَ نقصان يا خساري جو حساب، جيڪو جاڻايل تاريخ کان اڳ گروي رکيل ملڪيت کي، دعويدار جي ڪنهن فعل يا ڀُل چُڪ سان پهتو هُجي، جيڪو ملڪيت کي تباهہ ڪندڙ يا مُستقل طور نقصان پهچائيندڙ هجي يا ٻنهنجي اُنهن فرضن منجهان ڪنهن جي ادائيگيءَ ۾ ناڪامي تي هُجي، جيڪي مٿس ڪنهن تنهن وقت لاڳو قانون موجب لاڳو ٿيندا هُجن، يا اُهي فرض گِروي رکندڙ ملڪيت جي دستاويزي معاهدي پٽاندر هُجن.

2. گڏوگڏ اِهو بہ حُڪم ٿئي ٿو ۽ ڊِڪري جاري ٿئي ٿي ، تہ جيڪا رقم شِق (ii) موجب ملي، يا جنهن جو جاڻايل شِق (iv) موجب وياج سميت ڏيڻ جوڳي هئڻ جو فيصلو ٿيو هجي، تنهن جو سڀ کان پهرئين شِق (iii) موجب دعويٰ جي جواب ڏيندڙ طرفان وياج سميت ڏنل رقم سان سرچجندڙ نبيرو ٿيندو ۽ جيڪڏهن ڪا باقي رقم رهجي وڃي، تہ اُن کي اصل گِروي رکيل رقم ۾ شامل ڪيو ويندو يا جيئن بہ حالت هجي، تہ اصل رقم تي وياج جي خيال کان، جيڪا رقم دعويٰ جي جواب ڏيندڙ ڏانهن لَهڻي هجي، تہ انهيءَ جي منجهانئس گهٽ ڪئي ويندي ۽ پوءِ اُن رقم کي اصل رقم جي ادائيگي يا چُڪتو ۾ شامل ڪيو ويندو.

3. گڏوگڏ اِهو بہ حُڪم ٿيو، تہ ڪمشنر مٿيون حساب، سمورين مُناسب رعايتن کي سامهون رکندي، جيترو جلد ممڪن ٿئي، ٻُڌڻيءَ واري ڏينهن تي يا انهيءَ کان اڳ عدالت ۾ پيش ڪندو ۽ انهيءَ رپورٽ جي پهچڻ تي، جنهن تي صحيح ٿيل ۽ تصديق ٿيل هوندي، تنهن کي انهيءَ ترميم جي حساب تحت منظور ڪيو ويندو، جيڪا ڌُرين جي وچ ۾ اعتراضن تي ويچارڻ کانپوءِ ضروري هجي.

4. گڏوگڏ ڊِڪريءَ ۾ اِهو بہ حُڪم جاري ٿيو تہ:-

(i) دعويٰ جو جواب ڏيندڙ جنهن رقم جو عدالت ڏيڻ جوڳو هئڻ جو فيصلو ڪندي، ۽ ڪُل رقم بابت مُقدمي جو خرچ، جيڪو دعويدار کي ڏياريو وڃي، تہ ٻُڌڻي واري ڏينهن يا انهيءَ کان اڳ يا ڪنهن ٻيءَ تاريخ کانپوءِ، جڏهن ادائيگيءَ واري مُدي ۾ عدالت طرفان واڌ ڪئي وڃي، تہ اُها رقم عدالت ۾ جمع ڪئي ويندي؛

(ii) تہ اهڙي رقم جي ادائيگي، ۽ پوءِ اهڙي تاريخ تي ادائيگي، جيئن عدالت مُقدمي جي اهڙي لاڳت، اهڙن خرچن، فين ۽ ٻين خرچن جي ڏس ۾ مُناسب فيصلو ڏيئي سگهي، جيڪي قاعدي 10 موجب ڏيڻ جوڳا هُجن. تہ اُن سان گڏوگڏ پوءِ اهڙي وياج جي رقم، جيڪا سِول پروسيجر ڪوڊ 1908ع جي عدالتي حُڪم XXXIV جي قاعدي 11 موجب ضميمي پهرئين پٽاندر ڏيڻ جوڳي هُجي، تنهن جي ڏيڻ جو فيصلو ٿيو هجي، تہ عدالت جي ڏنل فيصلي طور يا انهيءَ کان پوءِ، دعويدار مٿي جاڻايل دعويٰ جي درخواست ۾ گِروي رکيل ملڪيت سان لاڳاپيل سمورن دستاويزن کي عدالت ۾ داخل ڪندو جيڪي سندس تحويل يا اختيار ۾ هوندا، ۽ اُهي سمورا دستاويز دعويٰ جي جواب ڏيندڙ يا انهيءَ شخص کي سونپيا ويندا، جيڪو انهيءَ طرفان مُقرر هوندو ۽ جيڪڏهن گهرج هوندي، تہ ملڪيت جو دعويدار ۽

جاٽايل گِروي رکيل رقم جي اُنهن سمورين دعوائن ۾، جيڪو دعويدار يا ڪنهن ٻئي شخص، جيڪو انهيءَ ذريعي سان دعويدار هوندو يا جنهن ذريعي اُهو پاڻُ دعويٰ ڪندو هجي، ته جاٽايل مُقدمي ۾ گِروي رکيل ملڪيت دعويٰ جي جواب ڏيندڙ کي واپس ڪري ڇڏي ۽ گهرج هجي، ته خرچ جو بار توڙي جاٽايل تڪراري ملڪيت جو قبضو ڪيس ڏئي ڇڏي.

5. ۽ وڌيڪ اِهو بہ ڊِڪريءَ ۾ حُڪم ڏنو وڃي ٿو تہ جاٽايل رقم نہ ڏيڻ جي حالت ۾، دعويدار کي قطعي ڊِڪريءَ لاءِ عدالت ۾ درخواست ڏيڻ جو اختيار هوندو تہ انهيءَ وقت کان دعويٰ جي جواب ڏيندڙ کي قطعي طور روڪيو ويندو ۽ انهيءَ ملڪيت جي ضبطگي ٿيندي ۽ گِروي رکيل ملڪيت جي ضميمي ۾ شامل تفصيلن پٽاندر گِروي ڇڏائڻ جا سندس سمورا حَق قطعي ختم ٿي ويندا ۽ جيڪڏهن گهرج هجي، تہ دعويٰ جو جواب ڏيندڙ دعويدار کي جاٽايل ملڪيت جي خاموشيءَ سان ۽ پُرامن تحويل ڏئي ڇڏيو ۽ ڌُرين کي اختيار هوندو تہ مختلف وقتن تي عدالت ۾ درخواست ڏين، جيئن بہ حالت هجي، ۽ اهڙيءَ درخواست تي يا ڪنهن ٻيءَ طرح عدالت اهڙي هدايت ڏيئي سگهي ٿي، جيئن اُها مُناسب سمجهي.

شيڊيول

گِروي رکيل ملڪيت جو تفصيل

3-A. ملڪيت جي ضبطگيءَ لاءِ ڊِڪري

(قانوني حُڪم XXXIV، قاعدو 2، جتي حساب وٺڻ جو حُڪم ٿيو هجي)

(عنوان)

1. هيءَ مُقدمو اج ڏينهن ———————— وغيره تي پيش ٿيو، جاٽايل ڊِڪريءَ ذريعي پڌرو ڪيو وڃي ٿو تہ جاٽايل گِروي رکيل ملڪيت بابت دعويدار جي رهيل رقم جي دعويٰ جي درخواست اج ڏينهن تائين ڪُل رقم، جيڪا دعويٰ ۾ جاٽايل آهي، تنهن جي اصل رقم تي وياج سميت ٿيل خرچ، فيسن ۽ ٻين خرچن جي ڪُل رقم ———————— (اصل مُقدمي تي آيل خرچ کانسواءِ) ٿئي ٿي، جنهن ۾ دعويدار جو گِروي رکيل ملڪيت جي ضمانت جي ڏس ۾ ٿيل خرچ سميت اُن تي وياج بہ شامل آهي، سو دعويدار کي ڏياريو ويو اهڙيءَ ريت ڪُل رقم ———————— ٿي.

2. گڏوگڏ ڊِڪريءَ ۾ هيٺئين ريت حُڪم ٿيو تہ:-

(i) تہ دعويٰ جو جواب ڏيندڙ ٻُڌڻيءَ واري ڏينهن يا انهيءَ کان اڳ يا ڪنهن ٻيءَ تاريخ تي، جيستائين جاٽايل ڪُل رقم ڏيڻ بابت عرصي ۾ عدالت مان واڌ ٿئي، تہ ڪُل رقم ———————— عدالت ۾ جمع ڪرائي؛

(ii) اهڙي رقم جي ادائيگي، ۽ مُقدمي جي ٻُڌڻيءَ کان اڳ اهڙي تاريخ تي، جنهن کي عدالت اهڙي رقم لاءِ ڪو ڏينهن مُقرر ڪري، جيئن عدالت مُقدمي جي خرچن ۽ اهڙن خرچن، فين ۽ ٻيءَ لاڳت جي ڏس ۾ ڪو فيصلو ڏيئي سگهي، جيڪي قاعدي 10 موجب ڏيڻ جوڳيون هُجن، تنهن سميت سِول

پروسيجر ڪوڊ 1908ع جي ضميمي پهرئين تحت عدالتي حُڪم XXXIV جي قاعدي 11 موجب ڏيڻ جوڳو ڪونيو ويو هجي، تہ جاٽايل فيصلي طور يا انهيءَ کان پوءِ عدالت ۾ دعويدار پنهنجي جاٽايل دعويٰ جي درخواست ۾ گِروي ۾ رکيل ملڪيت سان لاڳاپيل سمورن دستاويزن کي عدالت ۾ داخل ڪندو جيڪي سندس تحويل ۽ اختيار ۾ هوندا، ۽ اُهي سمورا دستاويز دعويٰ جي جواب ڏيندڙ يا انهيءَ شخص کي سونپيا ويندا، جيڪو هُن طرفان مُقرر ٿيل هوندو ۽ جيڪڏهن گهرج هجي، تہ پوءِ دعويدار جاٽايل گِروي کان آزاد جاٽايل ملڪيت کي واپس ۽ بيهر مُنتقل ڪندو ۽ اُنهن سمورين دعوائن کان آزاد توڙي آجو ڪندو جيڪي دعويدار يا ڪنهن ٻئي شخص، جيڪو هُن ذريعي دعويدار هجي يا جنهن ذريعي اُهو پاڻُ دعويدار هجي، مٿس دعوائون ڪيون هُجن ۽ ملڪيت کي هر قسم جي اُنهن ادائيگين کان آجو ڪندو جيڪي بہ گِرويءَ يا انهيءَ مُقدمي سان پيدا ٿيون هُجن، ۽ جيڪڏهن گهربل هجي، تہ جاٽايل ملڪيت جي تحويل دعويٰ جي جواب ڏيندڙ کي خاموشيءَ سان ۽ پُرامن طور ڏئي ڇڏي.

3. گڏوگڏ اِهو پڻ حُڪم ٿيو ۽ ڊِڪريءَ ۾ جاٽايو ويو تہ جاٽايل رقم نہ ڏيڻ جي حالت ۾ دعويدار قطعي ڊِڪري وٺڻ جي درخواست عدالت ۾ داخل ڪري سگهي ٿو ۽ اوستائين دعويٰ جي جواب ڏيندڙ جا گِروي رکيل ملڪيت ۾ ڇُوٽ جا سمورا حق، ضميمي ۾ شامل مامرن موجب ختم ٿيل رهندا ۽ گهرج هجي، تہ دعويٰ جو جواب ڏيندڙ جاٽايل تڪراري ملڪيت جو حصو يا سموري ملڪيت دعويدار کي خاموشيءَ سان ۽ پُرامن طور ڏئي ڇڏي، ۽ ڌرين کي اختيار هوندو تہ مختلف وقتن تي عدالت ۾ درخواست ڏين، جيئن بہ حالت هجي، ۽ اهڙيءَ درخواست تي يا ڪنهن ٻيءَ طرح عدالت اهڙي هدايت ڏيئي سگهي ٿي، جيئن اُها مُناسب سمجهي.

شيڊيول

گِروي رکيل ملڪيت جو تفصيل

4. ملڪيت جي ضبطگيءَ لاءِ آخري ڊِڪري

(قانوني حُڪم XXXIV، قاعدو 2- جڏهن عدالت واجب رقم جو اعلان ڪري)

(عنوان)

1. هن مُقدمي ۾ جاري ٿيل ابتدائي ڊِڪريءَ کي پڙهڻ کانپوءِ، جيڪا انهيءَ ڏينهن تي جاري ٿي ۽ قطعي ڊِڪري جاري ٿيڻ لاءِ وڏيڪ حُڪمَ (جيڪر ڪي هُجن) ڏينهن ——— مهينو ——— ——— 20ع ۽ ڌرين کي ٻُڌڻ کانپوءِ ۽ اِهو پڌرو ٿيو تہ جاٽايل ڊِڪريءَ جي حُڪم ۽ هدايت پٽاندر رقم جي ادائيگيءَ تي اجا تائين دعويٰ جي جواب ڏيندڙ يا هُن طرفان مُقرر ڪنهن ٻئي شخص يا وري ڪنهن ٻئي شخص عمل نہ ڪيو آهي جيڪو جاٽايل ملڪيت کي گِروي کان آجو ڪرائڻ جو حقدار هجي.

تنهنڪري هِتي حُڪم ڏنو وڃي ٿو ۽ ڊِڪري جاري ڪئي وڃي ٿي، تہ دعويٰ جي جواب ڏيندڙ توڙي اُنهن سمورن شخصن سميت، جيڪي هن ذريعي يا ماتحتيءَ ۾، مٿي جاٽايل ملڪيت کي آجو ڪرائڻ جي سمورن حقن جا دعويدار هُجن، تن کي جاٽايل ابتدائي ڊِڪريءَ ۾ جاٽايل ملڪيت ۾ ۽ اُن

جي ڇُوٽ وارن سمورن حقن کان روڪيو ۽ اُن ملڪيت کي ضبط ڪيو وڃي ٿو. [۽ (جيڪڏهن دعويٰ جي جواب ڏيندڙ جي تحويل ۾ ڇاڙايل گِروي رکيل ملڪيت هجي) تہ دعويٰ جو جواب ڏيندڙ ڇاڙايل گِروي رکيل ملڪيت جي تحويل دعويدار کي خاموشيءَ سان ۽ پُرامن طور ڏئي ڇڏيندو.]

2. ۽ هِتي اِهو وڌيڪ اعلان ڪيو وڃي ٿو تہ سموري ذميداري، جيڪا بہ دعويٰ جي جواب ڏيندڙ جي اجوڪي ڏينهن تائين ڇاڙايل گِروي رکيل ملڪيت تي ٿيندي هجي، جيڪا دعويٰ ۾ يا مُقدمي ۾ ڇاڙائي وئي هُجي، تہ انهيءَ کي ختم ۽ آجو ڪونيو وڃي ٿو.

5. نيلام لاءِ اصلي ڊِڪري

(قانوني حُڪم XXXIV، قاعدو 4 ـ جڏهن حساب وٺڻ جو حُڪم ٿيو هجي)

(عنوان)

1. هيءُ مُقدمو اج تاريخ ———— تي پيش ٿيو، هِتي ڇاڙايل ڊِڪريءَ ذريعي اِهو حُڪم ڏنو وڃي ٿو تہ هيءُ مُقدمو هيٺيون حساب وٺڻ خاطر ڪمشنر طور ———————— کي سونپيو وڃي ٿو:

(i) انهيءَ رقم جو حساب، جيڪا دعويدار جي انهيءَ تاريخ تائين اصل رقم توڙي وياج بابت رَهتُ هجي، جيڪا دعويٰ جي درخواست ۾ ڇاڙايل گِروي رکيل ملڪيت سان لاڳاپيل هجي (اِهو وياج اصل رقم تي ڏيڻ جوڳي شرح سان هجي يا جتي اهڙي ڪا شرح مُقرر نہ هجي، تہ 6 رپيا سيڪڙو ساليانو شرح سان يا انهيءَ شرح سان لاڳو ٿيندو جنهن کي عدالت مُناسب سمجهندي)؛

(ii) گِروي رکيل ملڪيت جي آمدنيءَ جو حساب، جيڪو دعويدار جي اُن تاريخ تي يا ڪنهن ٻئي شخص کي انهيءَ جي (دعويدار جي) حُڪم سان يا سندس فائدي لاءِ ٿي هجي يا جيڪو دعويدار اهڙي شخص کي اِرادي سان لاچار ڏيڻ جي حالت ۾ ٿي هجي؛

(iii) اُنهن سمورين رقمن جو حساب، جيڪا دعويدار خرچن ۽ استعمال بابت ڇاڙايل تاريخ (مُقدمي جي خرچن کانسواءِ) گِروي رکيل شيءِ بابت، خرچ ڪيو هجي وياج سميت (اُهو وياج انهيءَ شرح پٽاندڙ جيڪا ڌُرين جي وچ ۾ نبيري ويئي هجي ۽ جيڪڏهن ڪا اهڙي شرح نہ هجي، تہ انهيءَ شرح سان، جيڪا اصل رقم تي ڏيڻ جوڳي هجي) ۽ اُنهن ٻنهي شرحن جي نہ هئڻ جي حالت ۾ ساليانى سيڪڙي جي شرح سان لڳائي ويندي؛ ۽

(iv) انهيءَ نقصان يا خساري جو حساب، جيڪو ڇاڙايل تاريخ کان اڳ گِروي رکيل ملڪيت جي فعل يا ڀُل چُڪ سبب دعويدار جيڪو تباهہ ڪندڙ يا مُستقل طور ملڪيت کي نقصان پهچائڻ سان ٿيو هجي يا اُنهن فرضن جي پوئواري ۾ لاپرواهيءَ سبب، جيڪي تنهن وقت جي لاڳو قانون موجب يا گِروي رکڻ جي شرطن موجب مٿس لاڳو ٿيا هجن.

2. ۽ گڏوگڏ اِهو بہ ڊِڪريءَ ۾ حُڪم ٿيو تہ جيڪا رقم شِق (ii) موجب ملي هجي يا فقري (iv) موجب ڏيڻ جوڳي رقم جو وياج سميت ڏيڻ فيصلو ٿيو هجي، تہ پهرئين دعويدار کي ڏنل اُها چاٽايل اصل رقم، جنهن جي ڏيڻ جوڳي هئڻ فيصلو ٿيو هجي، تنهن مان گهٽوتي ڪئي وڃي ۽ پوءِ اصل رقم ڏيڻ يا چُڪتو ۾ خرچ ٿئي.

3. ۽ هيءَ پڻ حُڪم ٿيو تہ مٿيون حساب وٺندڙ ڪمشنر سمورن مُناسب رعايتن کي سامهون رکندي، جيترو جلد ممڪن ٿئي، تہ حساب کي ڏينهن ———— مهينو ———— 20ع تي يا انهيءَ کان اڳ عدالت ۾ پيش ڪري ۽ اُنهن جي انهيءَ رپورٽ پهچڻ تي، جيڪا صحيح ٿيل ۽ تصديق ٿيل هوندي، انهيءَ ترميم جي ماتحت حساب کي منظور ڪيو ويندو، جيڪو مُقدمي جي ڌُرين جي وچ ۾ اعتراضن تي ويچارڻ کانپوءِ ضروري هجي.

4. ۽ وڌيڪ حُڪم ٿيو ۽ ڊِڪري جاري ٿي:-

(i) دعويٰ جو جواب ڏيندڙ اُها رقم ڏينهن ———— تي يا اُن کان اڳ، يا ڪنهن ٻيءَ تاريخ تي عدالت ۾ جمع ڪرائي، جنهن جي ادائيگيءَ جي وقت ۾ عدالت طرفان واڌارو ٿئي، اهڙي رقم جنهن کي عدالت رَهتُ سمجهي ۽ عدالت مُقدمي تي آيل خرچ جي لاڳت، دعويدار کي ڏياريندي.

(ii) اهڙي رقم جي ادائيگي، ۽ مُقدمي جي پُڄاڻيءَ کان اڳ اهڙي تاريخ تي، جنهن کي عدالت اهڙي رقم لاءِ ڪو ڏينهن مُقرر ڪري، جيئن عدالت مُقدمي جي خرچن ۽ اهڙن خرچن، فين ۽ ٻيءَ لاڳت جي ڏس ۾ ڪو فيصلو ڏيئي سگهي، جيڪو قاعدي 10سميت ڏيڻ جوڳو هُجي، تنهن سميت سِول پروسيجر ڪوڊ 1908ع جي ضميمي پهرئين تحت عدالتي حُڪم XXXIV جي قاعدي 11 موجب ڏيڻ جوڳو ڪونيو ويو هجي، تہ چاٽايل نيصلي طور يا انهيءَ کان پوءِ عدالت ۾ دعويدار پنهنجي چاٽايل دعويٰ جي درخواست ۾ گِروي ۾ رکيل ملڪيت سان لاڳاپيل سمورن دستاويزن کي عدالت ۾ داخل ڪندو جيڪي سندس تحويل ۽ اختيار ۾ هوندا، ۽ اُهي سمورا دستاويز دعويٰ جي جواب ڏيندڙ يا انهيءَ شخص کي سونپيا ويندا، جيڪو هُن طرفان مُقرر ٿيل هوندو ۽ جيڪڏهن گهرج هجي، تہ پوءِ دعويدار چاٽايل گِروي کان آزاد چاٽايل ملڪيت کي واپس ۽ ٻيهر مُنتقل ڪندو ۽ ڪين اُنهن سمورين دعوائن کان آزاد توڙي آجو ڪندو، جيڪي دعويدار يا ڪنهن ٻئي شخص، جيڪو هُن ذريعي دعويدار هجي يا جنهن ذريعي اُهو پاڻُ دعويدار هجي، مٿس دعوائون ڪيون هُجن ۽ ملڪيت کي هر قسم جي اُنهن ادائيگين کان آجو ڪندو جيڪي بہ گِروي يا انهيءَ مُقدمي سان پيدا ٿيون، ۽ جيڪڏهن گهربل هجي، تہ چاٽايل ملڪيت جي تحويل دعويٰ جي جواب ڏيندڙ کي خاموشيءَ سان ۽ پُرامن طور ڏئي ڇڏي.

5. گڏوگڏ هيءَ پڻ حُڪم ٿيو ۽ ڊِڪري جاري ٿي، تہ جاٽايل رقم نہ ڏيڻ جي حالت ۾، دعويدار گِروي رکيل ملڪيت جي نيلام لاءِ قطعي ڊِگريءَ جي درخواست عدالت ۾ داخل ڪري سگهي ٿو ۽ اهڙي درخواست پيش ٿيڻ تي، گِروي رکيل ملڪيت يا انهيءَ جي ڪافي حصي جي نيلام ٿيڻ جو حُڪم جاري ڪيو ويندو ۽ اهڙي نيلام خاطر، دعويدار گِروي رکيل ملڪيت سان لاڳاپيل سمورا دستاويز، جيڪي هُن جي قبضي ۾ يا اختيار ۾ هوندا، عدالت جي روبرو يا عدالت جي ڪنهن اهڙي عملدار جي روبرو پيش ڪندو، جنهن کي عدالت مُقرر ڪيو هجي.

6. گڏوگڏ هيءَ پڻ حُڪم ٿيو ۽ ڊِڪري جاري ٿي، تہ نيلام جي خريداريءَ مان مليل آمدنيءَ جي عدالت ۾ جمع ٿيڻ ڪاٽڻ (نيلام جا خرچ ڪيڻ ڪانپوءِ) دعويدار کي رهيل رقم ڏني وڃي يا عدالت جي جاٽايل مُقدمہ ۾ جاري ٿيل فيصلي جي ڪنهن وڏيڪ حُڪم سميت اُها رقم، سِول پروسيجر ڪوڊ 1908ع جي ضميمي پهرئين تحت عدالتي حُڪم XXXIV جي قاعدي 11 موجب دعويدار کي خرچن ۽ استعمال بابت عدالت مان ڏيڻ جوڳو ڪونيو ويو هجي، باضابطا خرچ ٿئي ۽ جيڪو بہ ڪجهہ باقي رهي، سو دعويٰ جي جواب ڏيندڙ يا اُنهن ٻين شخصن کي ڏني وڃي، جيڪي انهيءَ کي وٺڻ جا حقدار هُجن.

7. گڏوگڏ هيءَ پڻ حُڪم ٿيو ۽ ڊِڪري جاري ٿي، تہ جيڪڏهن نيلام جي خريداريءَ مان مليل آمدنيءَ جي رقم يا جاٽايل فيصلي تحت رهتُ واري رقم جي چُڪتو ٿيڻ لاءِ ڪافي رقم نہ هجي، تہ دعويدار کي اختيار آهي (جتي اهڙي دعويٰ، هُو گِروي رکڻ جي شرطن موجب داخل ڪري سگهي ٿو ۽ تنهن وقت رواج ۾ آيل ڪو قانون رُڪاوٽ نہ هجي) تہ باقي رقم لاءِ دعويٰ جي جواب ڏيندڙ جي ذات خلاف ڊِڪري وٺي ؛ ۽ ڌُرين کي اختيار هوندو تہ مختلف وقتن تي عدالت ۾ درخواست ڏين، جيئن بہ حالت هجي، ۽ اهڙيءَ درخواست تي يا ڪنهن ٻيءَ طرح عدالت اهڙي هدايت ڏيئي سگهي ٿي، جيئن اُها مُناسب سمجهي.

شيڊيول

گِروي رکيل ملڪيت جو تفصيل

5A. نيلام لاءِ اصلي ڊگري

(قانوني حُڪم XXXIV, قاعدو 4, جڏهن عدالت رقم کي ڏيڻ جوڳو ڪوني)

عنوان

1. هيءُ مُقدمو اچوڪي ڏينهن———— تي پيش ٿيو وغيره: هِتي ڊِڪريءَ ذريعي پڌرو ڪيو وڃي ٿو تہ دعويدار جي چاٽايل گِرويءَ جي رهيل رقم بابت دعويٰ جي درخواست جي اڄ ڏينهن ——— مهينو ——— 20ع تائين ڪُل رقم ——— بابت اصل ۽ ڪُل رقم ——— چاٽايل اصل رقم جي وياج سميت ۽ خرچن توڙي استعمال بابت ڪُل رقم (مُقدمي جي خرچ کانسواءِ), جيڪو دعويدار گِروي رکيل شيءِ بابت, جائز طور ڪيا آهن, سي وياج سميت ڪُل ر قم ——— هن مُقدمي جي خرچ بابت دعويدار کي ڏياري ويئي, جيڪا ڪُل رقم ——— ٿئي ٿي.

2. ۽ ڳ-وڳڏ هينئيون حُڪم جاري ٿيو:-

(i) تہ دعويٰ جي جواب ڏيندڙ ڏينهن ——— مهينو ——— 20ع يا انهيءَ کان اڳ يا پوءِ ڪنهن ٻئي تاريخ تائين عدالت ۾ جمع ڪرائي, جيستائين چاٽايل ڪُل رقم جي ادائيگيءَ جو عرصو عدالت طرفان وڌايو نہ وڃي;

(ii) تہ اهڙي رقم جي ادائيگي, ۽ مُقدمي جي ٻُڌڻيءَ کان اڳ اهڙي تاريخ تي, جنهن کي عدالت اهڙي رقم لاءِ ڪو ڏينهن مُقرر ڪري, جيئن عدالت مُقدمي جي خرچن ۽ اهڙن خرچن, فين ۽ ٻيءَ لاڳت جي ڏس ۾ ڪو فيصلو ڏيئي سگهي, جيڪو قائدي 10سميت ڏيڻ جوڳو هُجي, تنهن سميت سِول پروسيجر ڪوڊ 1908ع جي ضميمي پهرئين تحت عدالتي حُڪم XXXIV جي قائدي 11 موجب ڏيڻ جوڳو ڪونيو ويو هجي, تہ چاٽايل فيصلي طور يا انهيءَ کان پوءِ عدالت ۾ دعويدار پنهنجي چاٽايل دعويٰ جي درخواست ۾ گِروي ۾ رکيل ملڪيت سان لاڳاپيل سمورن دستاويزن کي عدالت ۾ داخل ڪندو جيڪي سندس تحويل ۽ اختيار ۾ هوندا, ۽ اُهي سمورا دستاويز دعويٰ جي جواب ڏيندڙ يا انهيءَ شخص کي سونپيا ويندا, جيڪو هُن طرفان مُقرر ٿيل هوندو ۽ جيڪڏهن گهرج هجي, تہ پوءِ دعويدار چاٽايل گِروي کان آزاد چاٽايل ملڪيت کي واپس ۽ بيهر مُنتقل ڪندو ۽ ڪين اُنهن سمورين دعوائن کان آزاد توڙي آجو ڪندو جيڪي دعويدار يا ڪنهن ٻئي شخص, جيڪو هُن ذريعي دعويدار هجي يا جنهن ذريعي اُهو پاڻ دعويدار هجي, متس دعوائون ڪيون هُجن ۽ ملڪيت کي هر قسم جي اُنهن ادائيگين کان آجو ڪندو جيڪي بہ گِروي يا انهيءَ مُقدمي سان پيدا ٿيون, ۽ جيڪڏهن گهربل هجي, تہ چاٽايل ملڪيت جي تحويل دعويٰ جي جواب ڏيندڙ کي خاموشيءَ سان ۽ پُرامن طور ڏئي ڇڏي.

3. گڏوگڏ هيءُ پڻ حُڪم ٿيو ۽ ڊِڪري جاري ٿي, تہ چاٽايل رقم نہ ڏيڻ جي حالت ۾, دعويدار گِروي رکيل ملڪيت جي نيلام لاءِ قطعي ڊِگريءَ جي درخواست عدالت ۾ داخل ڪري سگهي ٿو ۽ اهڙي

درخواست پيش ٿيڻ تي، گِروي رکيل ملڪيت يا انهيءَ جي ڪافي حصي جي نيلام ٿيڻ جو حُڪم جاري ڪيو ويندو ۽ اهڙي نيلام خاطر، دعويدار گِروي رکيل ملڪيت سان لاڳاپيل سمورا دستاويز جيڪي هُن جي قبضي ۾ يا اختيار ۾ هوندا، عدالت جي روبرو يا عدالت جي ڪنهن اهڙي عملدار جي روبرو پيش ڪندو جنهن کي عدالت مُقرر ڪيو هجي.

4. گڏوگڏ هيءُ پڻ حُڪم ٿيو ۽ ڊِڪري جاري ٿي، ته نيلام جي خريداريءَ مان مليل آمدنيءَ جي عدالت ۾ جمع ٿيڻ ڪانپوءِ (نيلام جا خرچ ڪٽڻ ڪانپوءِ) دعويدار کي رهيل رقم ڏني وڃي يا عدالت جي چالو مُقدمي ۾ جاري ٿيل فيصلي جي ڪنهن وڌيڪ حُڪم سميت اُها رقم. سِول پروسيجر ڪوڊ 1908ع جي ضميمي پهرئين تحت عدالتي حُڪم XXXIV جي قاعدي 11 موجب دعويدار کي خرچن ۽ استعمال بابت عدالت مان ڏيڻ جوڳو ڪونيو ويو هجي، باضابطا خرچ ٿئي ۽ جيڪو به ڪجهه باقي رهي، سو دعوي جي جواب ڏيندڙ يا اُنهن بين شخصن کي ڏني وڃي، جيڪي انهيءَ کي وٺڻ جا حقدار هُجن.

5. ۽ گڏوگڏ هيءُ پڻ حُڪم ٿيو ۽ ڊِڪري جاري ٿي، ته جيڪڏهن نيلام جي خريداريءَ مان مليل آمدنيءَ جي رقم يا چالو فيصلي تحت رهڻ واري رقم جي چُڪتو ٿيڻ لاءِ ڪافي رقم نه هجي، ته دعويدار کي اختيار آهي (جتي اهڙي دعوي، هُو گِروي رکڻ جي شرطن موجب داخل ڪري سگهي ٿو ۽ تنهن وقت رواج ۾ آيل ڪو قانون رُڪاوٽ نه هجي) ته باقي رقم لاءِ دعوي جي جواب ڏيندڙ جي ذات خلاف ڊِڪري وٺي ؛ ۽ ڌرين کي اختيار هوندو، ته مختلف وقتن تي عدالت ۾ درخواست ڏين، جيئن به حالت هجي، ۽ اهڙيءَ درخواست تي يا ڪنهن ٻيءَ طرح عدالت اهڙي هدايت ڏيئي سگهي ٿي، جيئن اُها مُناسب سمجهي.

شيڊيول

گِروي رکيل ملڪيت جو تفصيل

6. وڪري لاءِ آخري ڊِڪري

(قانوني حُڪم XXXIV، قاعدو 5)

عنوان

1. هن مُقدمي ۾ جاري ٿيل ابتدائي ڊِڪريءَ کي پڙهڻ ڪانپوءِ، جيڪا انهيءَ ڏينهن تي جاري ٿي ۽ قطعي ڊِڪري جاري ٿيڻ لاءِ وڌيڪ حُڪمَ (جيڪڏهن ڪي هُجن) ڏينهن ———— مهينو ———— 20ع ۽ ڌرين کي ٻُڌڻ ڪانپوءِ ۽ اِهو پڌرو ٿيو ته چالو ڊِڪريءَ جي حُڪم ۽ هدايت پٽاندر رقم جي ادائيگيءَ تي اجا تائين دعوي جي جواب ڏيندڙ يا هُن طرفان مُقرر ڪنهن ٻئي شخص يا وري ڪنهن ٻئي شخص عمل نه ڪيو آهي جيڪو چالو ملڪيت کي گِروي کان آجو ڪرائڻ جو حقدار هجي؛

هِتي اِهو حُڪم ڏنو ۽ ڊِڪري جاري ڪئي وڃي ٿي، تہ متي ڄاڻايل ابتدائي ڊِڪريءَ ۾ ذڪر ٿيل گِروي رکيل ملڪيت يا انهيءَ جو مُناسب وڪرو ڪيو وڃي ۽ اِهو تہ اهڙي وڪري جي مقصدن لاءِ مُدعي، عدالت يا سندس طرفان اهڙي مُقرر ٿيل عملدار جي اڳيان، گِروي رکيل ملڪيت جا پنهنجي تحويل ۾ موجود سمورا دستاويز يا ساڻس لاڳاپيل اختيار پيش ڪندو.

2. ۽ هِتي وڌيڪ اِهو حُڪم ڏنو ۽ ڊِڪري جاري ڪئي وڃي ٿي، تہ اهڙي وڪري مان مليل رقم کي عدالت ۾ جمع ڪيو ويندو ۽ (انهيءَ جي وڪري تي آيل خرچن جي تخفيف ڪانپوءِ) متي ڄاڻايل ڊِڪريءَ يا ڪن وڌيڪ اُنهن حُڪمن تحت مُدعي کي ڏيڻ جوڳي واجبي رقم لاءِ باضابطا درخواست ڏني ويندي، جيڪا رقم انهيءَ مُقدمي جي ابتدائي ڊِڪريءَ ۾ ڄاڻائي ويئي هُجي ۽ ڪنهن رقم جي ادائيگيءَ ۾، جنهن کي عدالت، مُقدمي جي اهڙي لاڳتَ لاءِ مُدعي جي حق ۾ واجبي فيصلو يا حُڪم ڏنو هُجي، جنهن ۾ انهيءَ درخواست جي لاڳت شامل هُجي ۽ قاعدي 10 تحت ڏيڻ جوڳي لاڳت، ماليت ۽ خرچَ ڏيڻ جوڳا هُجن، تنهن سميت سِول پروسيجر ڪوڊ، 1908ع جي پهرئين شيڊيول جي عدالتي حُڪم XXXIV جي قاعدي11 تحت اهڙو وياج بہ، ۽ جيڪڏهن ڪا بقايا رقم پڻ ڏيڻ جوڳو هُجي، جيڪڏهن ڪا هُجي، تہ مُدعي يا ٻين شخصن کي ڏني ويندي، جيڪي اهڙي رقم وٺڻ جا حقدار هُجن.

7. گِروي رکيل ملڪيت ڇڏائڻ لاءِ اصلي ڊِڪري، جڏهن ملڪيت گِروي رکرائيندڙ طرفان رقم ڏيڻ ۾ ناڪاميءَ تي ضبطگيءَ جي ڊِڪري جاري ٿئي

(قانوني حُڪمXXXIV ، قاعدو 7، جتي حساب وٺڻ جو حُڪم ٿيو هجي)

عنوان

1. هيءَ مُقدمو اجوڪي ڏينهن———— تي پيش ٿيو وغيره، هِتي ڊِڪريءَ ذريعي حُڪم ڏنو وڃي ٿو تہ هيءَ مُقدمو هينيون حساب وٺڻ لاءِ ———————— کي ڪمشنر طور سونپيو وڃي.

(i) رقم يا دعويٰ جي جواب ڏيندڙ ڏانهن رهيل رقم جو حساب. جيڪو ڄاڻايل دعويٰ جي درخواست ۾ گِروي رکيل ملڪيت جي ڄاڻايل تاريخ تائين اصل توڙي وياج سميت ڄاڻايو ويو (اُهو وياج انهيءَ شرح سان، جيڪو اصل رقم تي ڏيڻ جوڳو هجي) ۽ جتي ڪا اهڙي شرح نہ هجي، تہ ڇهہ رپيا سيڪڙو ساليانو جي شرح سان يا انهيءَ شرح سان ورتو ويندو جنهن کي عدالت مُناسب سمجهي؛

(ii) انهيءَ گِروي رکيل سموري ملڪيت جي آمدنيءَ جو حساب. جنهن کي انهيءَ تاريخ تائين دعويٰ جي جواب ڏيندڙ يا ڪنهن ٻئي شخص، دعويٰ جي جواب ڏيندڙ جي حُڪم سان يا دعويٰ جي جواب ڏيندڙ جي استعمال لاءِ، يا جنهن کي دعويٰ جي جواب ڏيندڙ يا اهڙي شخص طرفان اِرادي جي ناڪاميءَ ڪانسواءِ ورتو هُجي، جنهن کي ايئن وٺي سگهجي ها؛

(iii) گِروي رکيل ملڪيت جي آمدنيءَ جي اُن سموري رقم جو حساب، جنهن جو دعويدار اُن

تاريخ کان خرچن ۽ واهپي سميت (مقدمي جي خرچ ڪانسواءِ) جائز طور اُن شرح سان وياج ڪي ورتو هُجي (جنهن شرح ڪي ڏُرين جي وچ ۾ نبيريو ويو هجي ۽ جيڪڏهن ڪا اهڙي شرح نہ هجي، تہ انهيءَ شرح سان، جيڪا اصل رقم تي واجب هجي، اُنهن بنهي شرحن جي نہ هئڻ جي حالت ۾ وياج ساليانِي شرح سان لاڳو ٿيندو)،

(iv) انهيءَ نقصان يا خساري جو حساب، جيڪو چاٽايل تاريخ کان اڳ گروي رکيل ملڪيت کي، دعويدار جي ڪنهن فعل يا ڀُل چُڪ سان پهتو هُجي، جيڪو ملڪيت کي تباهہ ڪندڙ يا مُستقل طور نقصان پهچائيندڙ هجي يا پنهنجي اُنهن فرضن منجهان ڪنهن جي ادائيگيءَ ۾ ناڪامي تي هُجي، جيڪي مٿس ڪنهن تنهن وقت لاڳو قانون موجب لاڳو ٿيندا هُجن، يا اُهي فرض گِروي رکيل ملڪيت جي دستاويزي معاهدي پٽاندر هُجن.

2. گڏوگڏ اِهو بہ حُڪم ٿئي تو ۽ ڊِڪري جاري ٿئي تي ، تہ جيڪا رقم شِق (ii) موجب ملي، يا جنهن جو چاٽايل شِق (iv) موجب وياج سميت ڏيڻ جوڳي هئڻ جو فيصلو ٿيو هجي، تنهن جو سڀ کان پهرئين شِق (iii) موجب دعويٰ جي جواب ڏيندڙ طرفان وياج سميت ڏنل رقم سان سَرچجندڙ نبيرو ٿيندو ۽ جيڪڏهن ڪا باقي رقم رهجي وڃي، تہ اُن کي اصل گِروي رکيل رقم ۾ شامل ڪيو ويندو يا جيئن بہ حالت هجي، تہ اصل رقم تي وياج جي خيال کان، جيڪا رقم دعويٰ جي جواب ڏيندڙ ڏانهن لَهڻي هجي، تہ انهيءَ جي منجهانئس ڪٽوتي ٿيندي ۽ پوءِ اُن رقم کي اصل رقم جي ادائيگي يا چُڪتو ۾ شامل ڪيو ويندو.

3. گڏوگڏ اِهو بہ حُڪم ٿيو تہ ڪمشنر مٿيون حساب، سمورين مُناسب رعايتن کي سامهون رکندي، جيترو جلد ممڪن ٿئي، بُڌٽيءَ واري ڏينهن تي يا انهيءَ کان اڳ عدالت ۾ پيش ڪندو ۽ انهيءَ رپورٽ جي پهچڻ تي، جنهن تي صحيح ٿيل ۽ تصديق ٿيل هوندي، تنهن کي انهيءَ ترميم جي دُرستگيءَ پٽاندر منظور ڪيو ويندو، جيڪا ڏُرين جي وچ ۾ اعتراضن تي ويچارڻ کانپوءِ ضروري هجي.

4. گڏوگڏ ڊِڪريءَ ۾ اِهو بہ حُڪم جاري ٿيو تہ:ـ

(i) دعويدار عدالت ۾ بُڌٽي واري ڏينهن يا انهيءَ کان اڳ يا ڪنهن ٻيءَ تاريخ کانپوءِ رقم جمع ڪرائي، جنهن جي ادائيگيءَ جي مُدي ۾ عدالت طرفان واڌ ڪئي وڃي، تہ عدالت اهڙي رقم کي رهتُ چاٽنديءَ ۽ مُقدمي جي خرچن لاءِ رکيا ———— دعويٰ جي جواب ڏيندڙ کي ڏياريا ويندا.

(ii) تہ اهڙي رقم جي ادائيگي، ۽ پوءِ اهڙي تاريخ تي ادائيگي، جيئن عدالت مُقدمي جي اهڙي لاڳت، اهڙن خرچن، فين ۽ ٻين خرچن جي ڏس ۾ مُناسب فيصلو ڏيئي سگهي، جيڪي قاعدي 10 موجب ڏيڻ جوڳا هُجن، تہ اُن سان گڏوگڏ پوءِ اهڙي وياج جي رقم، جيڪا سِول پروسيجر ڪوڊ 1908ع جي عدالتي حُڪم XXXIV جي قاعدي 11 موجب ضميمي پهرئين پٽاندر ڏيڻ جوڳي هُجي، تنهن جي ڏيڻ جو فيصلو ٿيو هجي، تہ عدالت جي ڏنل فيصلي طور يا انهيءَ کان پوءِ دعويٰ جو جواب ڏيندڙ مٿي چاٽايل

دعوي جي درخواست ۾ گِروي رکيل ملڪيت سان لاڳاپيل سمورن دستاويزن کي عدالت ۾ داخل ڪندو جيڪي سندس تحويل يا اختيار ۾ هوندا، ۽ اُهي سمورا دستاويز دعويدار يا انهيءَ شخص کي سونپيا ويندا، جيڪو انهيءَ طرفان مُقرر هوندو ۽ جيڪڏهن گهرج هوندي، تہ دعوي جو جواب ڏيندڙ ملڪيت ۽ چاڙهايل گِروي رکيل رقم جي اُنهن سمورين دعوائن ۾، جيڪو دعوي جو جواب ڏيندڙ يا ڪو ٻيو شخص، جيڪو انهيءَ ذريعي سان دعوي ڪندڙ هوندو يا جنهن ذريعي اُهو پاڻُ دعوي ڪندو هجي، تہ چاڙهايل مُقدمي ۾ گِروي رکيل ملڪيت دعويدار کي واپس ڪري ڇڏيندو ۽ گهرج هجي، تہ خرچ جو بار توڙي چاڙهايل تڪراري ملڪيت جو قبضو کيس ڏئي ڇڏيندو.

5. ۽ وڌيڪ اِهو بہ ڊِڪريءَ ۾ حُڪم ڏنو وڃي ٿو تہ چاڙهايل رقم نہ ڏيڻ جي حالت ۾ دعوي جي جواب ڏيندڙ کي قطعي ڊِڪري لاءِ عدالت ۾ درخواست ڏيڻ جو اختيار هوندو، تہ انهيءَ وقت کان دعويدار کي قطعي طور روڪيو ويندو ۽ انهيءَ ملڪيت جي ضبطگي ٿيندي ۽ گِروي رکيل ملڪيت جي ضميمي ۾ شامل تفصيلن پٽاندر گِروي ڇڏائڻ جا سندس سمورا حَق قطعي ختم ٿي ويندا ۽ جيڪڏهن گهرج هجي، تہ دعوي جي جواب ڏيندڙ کي چاڙهايل ملڪيت جي خاموشيءَ سان ۽ پُرامن تحويل ڏئي ڇڏيندو ۽ ڌُرين کي اختيار هوندو تہ مختلف وقتن تي عدالت ۾ درخواست ڏين، جيئن بہ حالت هجي، ۽ اهڙيءَ درخواست تي يا ڪنهن ٻيءَ طرح عدالت اهڙي هدايت ڏيئي سگهي ٿي، جيئن اُها مُناسب سمجهي.

شيڊيول

گِروي رکيل ملڪيت جو تفصيل

7A. گِروي رکيل ملڪيت ڇڏائڻ لاءِ اصلي ڊِڪري، جڏهن ملڪيت گِروي رکرائيندڙ طرفان رقم ڏيڻ ۾ ناڪاميءَ تي نيلاميءَ جي ڊِڪري جاري ٿئي

(قانوني حُڪم XXXIV، قاعدو 7، جتي حساب وٺڻ جو حُڪم ٿيو هجي)

عنوان

1. هيءُ مُقدمو اجوڪي ڏينهن —————— تي پيش ٿيو وغيره، چاڙهايل ڊِڪريءَ ذريعي حُڪم ڏنو ويو تہ هيءُ مُقدمو هينيون حساب وٺڻ لاءِ —————————— کي ڪمشنر طور سونپيو وڃي.

(i) رقم يا دعوي جي جواب ڏيندڙ ڏانهن رهيل رقم جو حساب، جيڪو چاڙهايل دعوي جي درخواست ۾ گِروي رکيل ملڪيت جي چاڙهايل تاريخ تائين اصل توڙي وياج سميت چاڙهايو ويو (اُهو وياج انهيءَ شرح سان، جيڪو اصل رقم تي ڏيڻ جوڳو هجي) ۽ جتي ڪا اهڙي شرح نہ هجي، تہ ڇهہ رپيا سيڪڙو ساليانو جي شرح سان يا انهيءَ شرح سان ورتو ويندو جنهن کي عدالت مُناسب سمجهي؛

(ii) انهيءَ گِروي رکيل سموري ملڪيت جي آمدنيءَ جو حساب، جنهن کي انهيءَ تاريخ تائين دعوي جي جواب ڏيندڙ يا ڪنهن ٻئي شخص، دعوي جي جواب ڏيندڙ جي حُڪم سان يا دعوي جي جواب

ڏيندڙ جي استعمال لاءِ يا جنهن کي دعويٰ جي جواب ڏيندڙ يا اهڙي شخص طرفان اِرادي جي ناڪاميءَ ڪانسواءِ ورتو هُجي، جنهن کي ايئن وٺي سگهجي ها؛

(iii) گِروي رکيل ملڪيت جي آمدنيءَ جي اُن سموري رقم جو حساب، جنهن جو دعويدار اُن تاريخ کان خرچن ۽ واهپي سميت (مقدمي جي خرچ ڪانسواءِ) جائز طور اُن شرح سان ورتو هُجي (جنهن شرح کي ڏُرين جي وچ ۾ نبيريو ويو هجي ۽ جيڪڏهن ڪا اهڙي شرح نہ هجي، تہ انهيءَ شرح سان، جيڪا اصل رقم تي واجب هجي، اُنهن ٻنهي شرحن جي نہ هئڻ جي حالت ۾، وياج ساليانو شرح سان لاڳو ٿيندو)؛

(iv) انهيءَ نقصان يا خساري جو حساب، جيڪو ڇاڙايل تاريخ کان اڳ گروي رکيل ملڪيت کي، دعويدار جي ڪنهن فعل يا ڀُل چُڪ سان پهتو هُجي، جيڪو ملڪيت کي تباهہ ڪندڙ يا مُستقل طور نقصان پهچائيندڙ هجي يا پنهنجي اُنهن فرضن منجهان ڪنهن جي ادائيگيءَ ۾ ناڪامي تي هُجي، جيڪي مٿس ڪنهن تنهن وقت لاڳو قانون موجب لاڳو ٿيندا هُجن، يا اُهي فرض گِروي رکيل ملڪيت جي دستاويزي معاهدي پٽاندر هُجن.

2. گڏوگڏ اِهو بہ حُڪم ڏيئي ٿو ۽ ڊِڪري جاري ڪري ٿي، تہ جيڪا رقم شِق (ii) موجب ملي، يا جنهن جو ڇاڙايل شِق (iv) موجب وياج سميت ڏيڻ جوڳي هئڻ جو فيصلو ٿيو هجي، تنهن جو سيٽ ڪان پهرئين شِق (iii) موجب دعويٰ جي جواب ڏيندڙ طرفان وياج سميت ڏنل رقم سان سرچجندڙ نبيرو ٿيندو ۽ جيڪڏهن ڪا باقي رقم رهجي وڃي، تہ اُن کي اصل گِروي رکيل رقم ۾ شامل ڪيو ويندو يا جيئن بہ حالت هجي، تہ اصل رقم تي وياج جي خيال کان، جيڪا رقم دعويٰ جي جواب ڏيندڙ ڏانهن لَهڻي هجي، تہ انهيءَ جي منجهانئس ڪٽوتي ٿيندي ۽ پوءِ اُن رقم کي اصل رقم جي ادائيگي يا چُڪتو ۾ شامل ڪيو ويندو.

3. گڏوگڏ اِهو بہ حُڪم ٿيو تہ ڪمشنر مٿيون حساب، سمورين مُناسب رعايتن کي سامهون رکندي، جيترو جلد ممڪن ٿئي، تہ ———— ڏينهن ———— تي ٻُڌڻيءَ واري ڏينهن تي يا انهيءَ کان اڳ عدالت ۾ پيش ڪندو ۽ ڪمشنر انهيءَ رپورٽ جي پهچڻ تي، جنهن تي صحيح ٿيل ۽ تصديق ٿيل هوندي، تنهن کي انهيءَ ترميم جي دُرستگيءَ پٽاندر منظور ڪيو ويندو جيڪا ڏُرين جي وچ ۾ اعتراضن تي ويچارڻ ڪانپوءِ ضروري هجي.

4. گڏوگڏ ڊِڪريءَ ۾ وڌيڪ حُڪم جاري ٿيو تہ:-

(i) دعويدار، عدالت ۾ ٻُڌڻي واري ڏينهن ———— مهينو ————

يا انهيءَ کان اڳ يا ڪنهن ٻيءَ تاريخ ڪانپوءِ رقم جمع ڪرائي، جنهن جي ادائيگيءَ جي مُدي ۾ عدالت طرفان واڌ ڪئي وڃي، تہ عدالت اهڙي رقم کي رهڻُ ڇاڙيندي ۽ مُقدمي جي خرچن لاءِ رپيا ———— ———— دعويٰ جي جواب ڏيندڙ کي ڏياريا ويندا.

(ii) تہ اھڙي رقم جي ادائيگي، ۽ پوءِ اھڙي تاريخ تي ادائيگي، جيئن عدالت مُقدمي جي اھڙي لاڳت، اھڙن خرچن، فين ۽ ٻين خرچن جي ڏس ۾ مُناسب فيصلو ڏيئي سگھي، جيڪي قائدي 10 موجب ڏيڻ جوڳا ھُجن، تہ اُن سان گڏوگڏ پوءِ اھڙي وياج جي رقم، جيڪا سِول پروسيجر ڪوڊ 1908ع جي عدالتي حُڪم XXXIV جي قائدي 11 موجب ضميمي ڀرئين پٽاندر ڏيڻ جوڳي ھُجي، تنھن جي ڏيڻ جو فيصلو ٿيو ھجي. تہ عدالت جي ڏنل فيصلي طور يا انھيءَ کان پوءِ دعويٰ جو جواب ڏيندڙ مٿي جاٽايل دعويٰ جي درخواست ۾ گِروي رکيل ملڪيت سان لاڳاپيل سمورن دستاويزن کي عدالت ۾ داخل ڪندو جيڪي سندس تحويل يا اختيار ۾ ھوندا، ۽ اُھي سمورا دستاويز دعويدار يا انھيءَ شخص کي سونپيا ويندا، جيڪو انھيءَ طرفان مُقرر ھوندو ۽ جيڪڏھن گھرج ھوندي. تہ دعويٰ جو جواب ڏيندڙ ملڪيت ۽ جاٽايل گِروي رکيل ملڪيت جي اُنھن سمورين دعوائن ۾، جيڪو دعويٰ جي جواب ڏيندڙ يا ڪنھن ٻئي شخص، جيڪو انھيءَ ذريعي سان دعويٰ ڪندڙ ھوندو يا جنھن ذريعي اُھو پاڻُ دعويٰ ڪندو ھجي، تہ جاٽايل مُقدمي ۾ گِروي رکيل ملڪيت دعويدار کي واپس ڪري ڇڏيندو ۽ گھرج ھجي، تہ خرچ جو بار توڙي جاٽايل تڪراري ملڪيت جو قبضو ڪيس ڏئي ڇڏيندو.

5. ۽ وڌيڪ اِھو بہ ڊِڪريءَ ۽ حُڪم ڏنو وڃي ٿو تہ جاٽايل رقم نہ ڏيڻ جي حالت ۾، دعويٰ جي جواب ڏيندڙ کي اختيار ھوندو تہ ھُو قطعي ڊِڪريءَ لاءِ عدالت ۾ درخواست ڏئي، ۽ اھڙي درخواست پيش ٿيڻ تي، گِروي رکيل ملڪيت يا انھيءَ جي ڪافي حصي جي نيلام ٿيڻ جو حُڪم جاري ڪيو ويندو ۽ اھڙي نيلام خاطر، دعويدار گِروي رکيل ملڪيت سان لاڳاپيل سمورا دستاويز، جيڪي ھُن جي تحويل ۾ يا اختيار ۾ ھجن، عدالت جي روبرو يا عدالت جي ڪنھن اھڙي عملدار جي روبرو پيش ڪندو، جنھن کي عدالت مُقرر ڪيو ھوندو.

6. گڏوگڏ ڊِڪريءَ ۾ ھيءُ حُڪم پڻ ٿيو تہ نيلام جي خريداريءَ مان مليل آمدنيءَ جي عدالت ۾ جمع ٿيڻ کانپوءِ (نيلام جا خرچ ڪٽڻ کانپوءِ) دعويدار کي رھيل رقم ڏئي يا عدالت جي جاٽايل مُقدمي ۾ جاري ٿيل فيصلي جي ڪنھن وڌيڪ حُڪم سميت اُھا رقم، جيڪا دعويدار کي قاعدي 10 موجب ڏيڻ جوڳا ھُجن، تہ اُن سان گڏوگڏ پوءِ اھڙي وياج جي رقم، جيڪا سِول پروسيجر ڪوڊ 1908ع جي عدالتي حُڪم XXXIV جي قاعدي 11 موجب ضميمي ڀرئين پٽاندر ڏيڻ جوڳي ھُجي، جنھن کي خرچن ۽ استعمال بابت عدالت مان ڏيڻ جوڳو ڪونيو ويو ھجي، ۽ جيڪا بہ رقم باقي رھي، سا دعويٰ جي جواب ڏيندڙ يا اُنھن ٻين شخصن کي ڏني وڃي، جيڪي اِھيا وٺڻ جا حقدار ھُجن.

7. گڏوگڏ ڊِڪريءَ ۾ ھيءُ حُڪم پڻ ٿيو تہ جيڪڏھن نيلام جي خريداريءَ مان مليل آمدنيءَ يا جاٽايل فيصلي تحت رھتُ واري رقم جي چُڪتو ٿيڻ لاءِ ڪافي رقم نہ ھجي، تہ دعويدار کي اختيار آھي (جتي اھڙي دعويٰ، ھو گِروي رکڻ جي شرطن موجب داخل ڪري سگھي ٿو ۽ رواج ۾ آيل وقت جو ڪو قانون رُڪاوٽ نہ ھجي) تہ باقي رقم لاءِ دعويٰ جي جواب ڏيندڙ جي ذات خلاف ڊِڪري وٺي ۽ اِھو تہ ڌرين کي اِھو اختيار ھوندو تہ مختلف وقتن تي جيئن ڪين گھرج ھجي، عدالت ۾ درخواست پيش ڪن: ۽ اھڙيءَ درخواست تي يا ڪنھن ٻيءَ طرح عدالت اھڙي ھدايت ڏيئي سگھي ٿي، جيئن اُھا مُناسب سمجھي.

شيڊيول

ڳِروي رکيل ملڪيت جو تفصيل

7B. ڳِروي رکيل ملڪيت ڇڏائڻ لاءِ اصلي ڊِگري، جڏهن ملڪيت ڳِروي رکرائيندڙ طرفان رقم ڏيڻ ۾ ناڪاميءَ تي ملڪيت جي ضبطگيءَ لاءِ ڊگري جاري ٿئي

(قانوني حُڪم XXXIV، قاعدو 7، جڏهن عدالت ڏيڻ جوڳي رهيل رقم جو فيصلو ڪري)

عنوان

1. هيءَ مُقدمو اڄوڪي ڏينهن———— تي پيش ٿيو وغيره، هِتي ڊِڪ ريءَ ذريعي پڌرو ڪيو وڃي ٿو تہ دعويدار جي چاٽايل ڳِرويءَ بابت رهيل رقم بابت دعويٰ جي درخواست جي اڄوڪي ڏينهن———— مهينو———— 20ع تائين ڪُل رقم———— بابت چاٽايل اصل ۽ ڪُل رقم———— جي وياج سميت ۽ خرچن توڙي استعمال بابت ڪُل رقم (مُقدمي جي خرچ ڪانسواءِ)، جيڪو دعويدار ڳِروي رکيل شيءِ بابت جائز طور ڪيا آهن، تہ هن مُقدمي جي خرچ بابت وياج سميت ڪُل رقم———— جيڪا دعويدار کي ڏياري وئي، سا ڪُل رقم———— آهي.

2. گڏوگڏ هينيون پڻ حُڪم جاري ٿيو:-

(i) دعويدار پُڏٽي واري ڏينهن يا انهيءَ کان اڳ يا ڪنهن بيءَ تاريخ کانپوءِ، جڏهن ادائيگيءَ جي مُدي ۾ عدالت طرفان واڌ ڪئي وڃي، تہ اُها رقم عدالت ۾ جمع ڪرائي؛

(ii) تہ اهڙي رقم جي ادائيگي، ۽ پوءِ اهڙي تاريخ تي ادائيگي، جيئن عدالت مُقدمي جي اهڙي لاڳت، اهڙن خرچن، فين ۽ ٻين خرچن جي ڏس ۾ مُناسب فيصلو ڏيئي سگهي، جيڪي قاعدي 10 موجب ڏيڻ جوڳا هُجن، تہ اُن سان گڏوگڏ پوءِ اهڙي وياج جي رقم، جيڪا سِول پروسيجر ڪوڊ 1908ع جي عدالتي حُڪم XXXIV جي قاعدي 11 موجب ضميمي پهرئين پٽاندر ڏيڻ جوڳي هُجي، تنهن جي ڏيڻ جو فيصلو ٿيو هجي، تہ عدالت جي ڏنل فيصلي طور يا انهيءَ کان پوءِ، دعويٰ جو جواب ڏيندڙ مٿي چاٽايل دعويٰ جي درخواست ۾ ڳِروي رکيل ملڪيت سان لاڳاپيل سمورن دستاويزن کي عدالت ۾ داخل ڪندو جيڪي سندس تحويل يا اختيار ۾ هوندا، ۽ اُهي سمورا دستاويز دعويدار يا انهيءَ شخص کي سونپيا ويندا، جيڪو انهيءَ طرفان مُقرر هوندو ۽ جيڪڏهن گهرج هُجي، تہ دعويٰ جو جواب ڏيندڙ چاٽايل ڳِروي کان آزاد چاٽايل ملڪيت کي واپس ۽ پيهر مُنتقل ڪندو ۽ ملڪيت کي اُنهن سمورين دعوائن کان آزاد توڙي آجو ڪندو جيڪي دعويٰ جي جواب ڏيندڙ يا ڪنهن ٻئي شخص، جيڪو هُن ذريعي دعويدار هجي يا جنهن ذريعي اُهو پاڻُ دعويدار هجي، مٿس دعوائون ڪيون هُجن ۽ ملڪيت کي هر قسم جي اُنهن ادائيگين کان آجو ڪندو جيڪي بہ ڳِرويءَ يا انهيءَ مُقدمي سان پيدا ٿيون هُجن، ۽ جيڪڏهن گهربل هجي، تہ چاٽايل ملڪيت جي تحويل دعويدار کي خاموشيءَ سان ۽ پُرامن طور ڏئي ڇڏي.

3. گڏوگڏ هيءَ بہ حُڪم ٿيو ۽ ڊِڪري جاري ٿي، تہ جاٽايل رقم نہ ڏيڻ جي حالت ۾ دعويٰ جو جواب ڏيندڙ گِروي رکيل ملڪيت جي نيلاميءَ خاطر قطعي ڊِڪريءَ جي درخواست، عدالت ۾ داخل ڪري سگھي ٿو ۽ انهيءَ وقت کان دعويدار کان گِروي رکيل ملڪيت کي ڇڏائڻ جا سمورا حق، جيڪي هِتي ضميمي سان گڏ شامل آهن، ۽ سندس قطعي ڪو اختيار نہ رهندو ۽ جيڪڏهن گهرج هجي، تہ جاٽايل تڪراري ملڪيت جو قبضو دعويٰ جي جواب ڏيندڙ کي خاموشيءَ سان ۽ پُرامن طور ڏئي ڇڏي ۽ ڏُرين کي اختيار هوندو تہ مختلف وقتن تي عدالت ۾ درخواست ڏين، جيئن کين گهرج هجي، ۽ اهڙيءَ درخواست تي يا ڪنهن ٻيءَ طرح عدالت اهڙي هدايت ڏيئي سگهي ٿي، جيئن اُها مُناسب سمجهي.

شيڊيول

گِروي رکيل ملڪيت جو تفصيل

7-C. گِروي رکيل ملڪيت ڇڏائڻ لاءِ اصلي ڊِڪري، جڏهن ملڪيت گِروي رکرائيندڙ طرفان رقم ڏيڻ ۾ ناڪاميءَ تي ملڪيت جي نيلاميءَ لاءِ ڊِڪري جاري ٿئي

(قانوني حُڪم XXXIV، قاعدو 7، جڏهن عدالت ڏيڻ جوڳي رهيل رقم ڏيڻ جو فيصلو ڪري)

عنوان

1. هيءَ مُقدمو اجوڪي ڏينهن———— تي پيش ٿيو وغيره، جاٽايل ڊِڪريءَ ذريعي پڌرو ڪيو وڃي ٿو تہ دعويدار طرفان دعويٰ جي درخواست ۾ تخميني پٽاندر جاٽايل گِروي رکيل ملڪيت تي رهيل رقم اجوڪي ڏينهن ———— مهينو ———— 20ع تائين اصل مُوڙيءَ لاءِ ڪُل رقم ———— رپيا، اصل مُوڙيءَ تي وياج لاءِ ڪُل رقم ———— رپيا ۽ لاڳت، فين ۽ خرچن لاءِ (مُقدمي جي خرچن کانسواءِ) جاٽايل گِروي رکيل ملڪيت جي ڏس ۾ وياج سميت مُناسب طور ڪُل رقم ———— رپيا ٿئي ٿي، جنهنڪري هن مُقدمي جي خرچ لاءِ ڪُل رقم ———— رُپيا دعويدار کي ڏيارڻ جو حُڪم جاري ٿيو جيڪا مجموعي طور ڪُل رقم ———— رپيا ٿئي ٿي.

2. ۽ گڏوگڏ هينيون پڻ حُڪم جاري ٿيو:-

(i) دعويدار ڏينهن ———— مهينو ———— 20ع يا انهيءَ کان اڳ يا پوءِ ڪنهن ٻئي تاريخ تائين عدالت ۾ رقم جمع ڪرائي، جيستائين جاٽايل ڪُل رقم جي ادائيگيءَ جو عرصو عدالت طرفان وڌايو نہ وڃي.

(ii) تہ اهڙي رقم جي ادائيگي، ۽ پوءِ اهڙي تاريخ تي ادائيگي، جيئن عدالت مُقدمي جي اهڙي لاڳت، اهڙن خرچن، فين ۽ ٻين خرچن جي ڏس ۾ مُناسب فيصلو ڏيئي سگھي، جيڪي قاعدي 10 موجب ڏيڻ جوڳا هُجن، تہ اُن سان گڏوگڏ پوءِ اهڙي وياج جي رقم، جيڪا سِول پروسيجر ڪوڊ 1908ع جي عدالتي حُڪم XXXIV جي قائدي 11 موجب ضميمي ڀرئين پٽاندر ڏيڻ جوڳي هُجي، تنهن جي ڏيڻ جو فيصلو ٿيو هجي، تہ عدالت جي ڏنل فيصلي طور يا انهيءَ کان پوءِ، دعويٰ جو جواب ڏيندڙ مٿي جاٽايل دعويٰ جي درخواست ۾ گِروي رکيل ملڪيت سان لاڳاپيل سمورن دستاويزن کي عدالت ۾ داخل

ڪندو، جيڪي سندس تحويل يا اختيار ۾ هوندا، ۽ اُهي سمورا دستاويز دعويدار يا انهيءَ شخص کي سونپيا ويندا، جيڪو انهيءَ طرفان مُقرر هوندو ۽ جيڪڏهن گهرج هُجي، تہ دعويٰ جو جواب ڏيندڙ چاٽايل گِروي کان آزاد چاٽايل ملڪيت دعويدار کي واپس ۽ ٻيهر مُنتقل ڪندو ۽ ملڪيت کي انهن سمورين دعوائن کان آزاد توڙي آجو ڪندو، جيڪي دعويٰ جي جواب ڏيندڙ يا ڪنهن ٻئي شخص، جيڪو هُن ذريعي دعويدار هجي يا جنهن ذريعي اُهو پاڻُ دعويدار هجي، مٿس دعوائون ڪيون هُجن ۽ ملڪيت کي هر قسم جي اُنهن ادائيگين کان آجو ڪندو، جيڪي بہ گِرويءَ يا انهيءَ مُقدمي سان پيدا ٿيون هُجن، ۽ جيڪڏهن گهربل هجي، تہ چاٽايل ملڪيت جي تحويل دعويدار کي خاموشيءَ سان ۽ پُرامن طور ڏئي ڇڏي.

3. گڏوگڏ هيءَ بہ حُڪم ٿيو ۽ ڊِڪري جاري ٿي، تہ چاٽايل رقم نہ ڏيڻ جي حالت ۾، دعويٰ جو جواب ڏيندڙ گِروي رکيل ملڪيت جي نيلاميءَ خاطر قطعي ڊِڪريءَ جي درخواست، عدالت ۾ داخل ڪري سگهي ٿو ۽ اهڙي درخواست جي پيش ٿيڻ تي گِروي رکيل ملڪيت يا انهيءَ جي ڪافي حصي جي نيلام ٿيڻ جو حُڪم جاري ڪيو وڃي ۽ اهڙي نيلام جي مقصدن لاءِ دعويٰ جو جواب ڏيندڙ گِروي رکيل ملڪيت سان لاڳاپيل سمورا دستاويز، جيڪي سندس تحويل يا اختيار ۾ هجن، سي عدالت جي روبرو يا عدالت جي ڪنهن اهڙي عملدار جي روبرو پيش ڪندو، جنهن کي عدالت مُقرر ڪيو هجي.

4. ۽ گڏوگڏ هيءَ بہ حُڪم ٿيو ۽ ڊِڪري جاري ٿي، تہ نيلام جي خريداريءَ مان مليل آمدنيءَ جي عدالت ۾ جمع ٿيڻ کانپوءِ (نيلام جا خرچ ڪيڻ کانپوءِ) دعويدار کي چاٽايل ڊِڪريءَ ذريعي رهيل رقم ڏيڻ يا عدالت جي انهيءَ مُقدمي ۾ ڪنهن وڌيڪ جاري ٿيل حُڪم ۽ انهيءَ رقم سميت، جيڪا دعويٰ جي جواب ڏيندڙ کي قاعدي 10 موجب ڏيڻ جوڳي هُجي، تہ اُن سان گڏوگڏ پوءِ اهڙي وياج جي رقم، جيڪا سِول پروسيجر ڪوڊ 1908ع جي عدالتي حُڪم XXXIV جي قاعدي 11 موجب ضميمي ڀرئين پٽاندر ڏيڻ جوڳي هُجي، جنهن کي عدالت مان ڏيڻ جوڳو ڪونيو ويو هجي، ۽ جيڪڏهن ڪجهہ باقي رهي، سو دعويدار يا اُنهن ٻين شخصن کي ڏني وڃي، جيڪي اُها وٺڻ جا حقدار هُجن.

5. گڏوگڏ ڊِڪريءَ ۾ هيءَ حُڪم پڻ ٿيو تہ جيڪڏهن نيلام جي خريداريءَ مان مليل آمدنيءَ يا چاٽايل فيصلي تحت رهتُ واري رقم جي چُڪتو ٿيڻ لاءِ ڪافي رقم نہ هجي، تہ دعويٰ جي جواب ڏيندڙ کي اختيار آهي (جتي اهڙي دعويٰ، هُو گِروي رکڻ جي شرطن موجب داخل ڪري سگهندو هجي ۽ تنهن وقت ڪو رواج ۾ آيل قانون رُڪاوٽ نہ وجهندو هجي) تہ باقي رقم لاءِ دعويدار جي ذات خلاف ڊِڪري وٺي ۽ گڏوگڏ ڏُرين کي اِهو اختيار هوندو تہ مختلف وقتن تي عدالت ۾ درخواست پيش ڪن، جيئن ڪين گهرج هجي، ۽ اهڙيءَ درخواست تي يا ڪنهن ٻيءَ طرح عدالت اهڙي هدايت ڏيئي سگهي ٿي، جيئن اُها مُناسب سمجهي.

شيڊيول

ڳِروي رکيل ملڪيت جو تفصيل

D-7. ملڪيت ڳِروي رکندڙ کي رقم ڏيڻ ۾ ناڪاميءَ تي ڳِروي کي ڇڏائڻ جي مُقدمي ۾ ملڪيت جي ضبطگيءَ لاءِ حتمي ڊِگري جاري ٿئي

(قانوني حُڪم XXXIV, قاعدو 8)

عنوان

1. هن مُقدمي ۾ ڏينهن———— جو ———— تي جاري ٿيل ابتدائي ڊِگري ۾ وڌيڪ حُڪم (جيڪر ڪي هُجن) تاريخ ———— مهينو ———— 20ع تي ۽ دعوي جي جواب ڏيندڙ جي تاريخ ———— مهينو ———— تي قطعي ڊِگري جاري ڪرڻ لاءِ ڏنل درخواست کي پڙهڻ ۽ ڌرين کي ٻُڌڻ کانپوءِ اِهو پتو پيو. ڊِگريءَ ۾ حُڪم ڏنل رقم جي ادائيگي ۽ حُڪمن تي دعويدار يا هُن طرفان ڪنهن بئي شخص. جيڪو جاٽايل ڳِروي ۾ رکيل ملڪيت کي ڇڏائڻ جو حقدار هجي. عمل نہ ڪيو آهي:

تنهنڪري هِتي حُڪم ڏنو وڃي ٿو ۽ ڊِگري جاري ڪئي وڃي ٿي. تہ دعويدار سميت سمورا شخص. جيڪي انهيءَ ذريعي سان يا ماتحتيءَ ۾ دعويدار هجن. تن کي جاٽايل اصلي ڊِگريءَ ۾ جاٽايل ملڪيت جي ڳِروي ڇڏائڻ جي سمورن حقن کان قطعي روڪيو وڃي ٿو ۽ ملڪيت کي ضبط ڪيو وڃي ٿو [1][۽ (جيڪڏهن دعويدار جاٽايل ڳِروي رکيل ملڪيت تي قابض نہ هجي) تہ دعويدار, دعوي جي جواب ڏيندڙ کي خاموشيءَ سان ۽ پُرامن طور جاٽايل ڳِروي رکيل تڪراري ملڪيت جي تحويل ڏئي ڇڏيندو.]

2. ۽ جاٽايل ڊِگري ذريعي اِهو پڻ پڌرو ڪيو وڃي ٿو. تہ دعويدار کي اُنهن سمورين ذميدارين کان آجو ۽ آزاد ڪيو وڃي ٿو. جيڪي جاٽايل تاريخ تائين. دعوي جي درخواست ۾ جاٽايل جاٽايل ڳِروي واريءَ ملڪيت يا جاٽايل دعوي سبب پيدا ٿيون هجن.

E-7. ملڪيت ڳِروي رکندڙ کي رقم ڏيڻ ۾ ناڪاميءَ تي ڳِروي کي ڇڏائڻ جي مُقدمي ۾ ملڪيت جي ضبطگيءَ لاءِ حتمي ڊِگريءَ جو جاري ٿيڻ

(قانوني حُڪم XXXIV, قاعدو 8)

عنوان

1. هن مُقدمي ۾ ڏينهن———— جو ———— تي جاري ٿيل ابتدائي ڊِگري ۾ وڌيڪ حُڪم (جيڪڏهن ڪي هُجن) تاريخ ———— مهينو ———— 20ع تي ۽ دعوي جي جواب ڏيندڙ جي تاريخ ———— مهينو ———— تي قطعي ڊِگري جاري ڪرڻ لاءِ ڏنل درخواست کي پڙهڻ ۽ ڌرين کي ٻُڌڻ کانپوءِ اِهو پتو پيو. ڊِگريءَ ۾ حُڪم ڏنل رقم جي ادائيگيءَ ڪرڻ ۽ حُڪمن تي دعويدار يا هُن طرفان ڪنهن بئي شخص. جيڪو جاٽايل ڳِروي ۾ رکيل ملڪيت کي ڇڏائڻ جو حقدار هجي. عمل نہ ڪيو آهي:

---

[1] لفظن کي خارج ڪرڻ جي گهرج نہ آهي.

تنهنڪري هِتي حُڪم ڏنو وڃي ٿو ۽ ڊِڪري جاري ڪئي وڃي ٿي، تہ ڄاڻايل اصلي ڊِڪريءَ تحت ڄاڻايل گِروي رکيل ملڪيت کي يا انهيءَ جي ڪافي حصي کي نيلام ڪيو وڃي ۽ اهڙي نيلام خاطر دعويٰ جو جواب ڏيندڙ گِروي رکيل ملڪيت سان لاڳاپيل سمورا دستاويز، جيڪي سندس تحويل يا اختيار ۾ هُجن، عدالت جي روبرو يا عدالت جي ڪنهن اهڙي عملدار جي روبرو پيش ڪندو جنهن کي عدالت مُقرر ڪيو هجي.

2. گڏوگڏ ڊِڪريءَ ۾ هيءُ حُڪم پڻ ٿيو تہ نيلام جي خريداريءَ مان مليل آمدنيءَ جي عدالت ۾ جمع ٿيڻ کانپوءِ (نيلام جا خرچ ڪڍڻ کانپوءِ) دعويدار کي رهيل رقم ڏئي يا عدالت جي ڄاڻايل مُقدمي ۾ جاري ٿيل فيصلي جي ڪنهن وڌيڪ حُڪم سميت اُها رقم، جيڪا مُقدمي جي خرچ سميت وياج، دعويٰ جي جواب ڏيندڙ کي ڏيڻو هجي، تہ ڄاڻايل خرچ توڙي اصل رقم تي وياج، جيڪا قاعدي 10 موجب ڏيڻ جوڳي هُجي، تہ اُن سان گڏوگڏ پوءِ اهڙي وياج جي رقم، جيڪا سِول پروسيجر ڪوڊ 1908ع جي عدالتي حُڪم XXXIV جي قاعدي 11 موجب ضميمي پهرئين پٽاندر ڏيڻ جوڳي هُجي، جنهن کي عدالت مان ڏيڻ جوڳو ڪوئيو ويو هجي، ۽ جيڪڏهن ڪجهہ باقي رهي، سو دعويدار يا اُنهن ٻين شخصن کي ڏني وڃي، جيڪي انهيءَ کي وٺڻ جا حقدار هُجن.

7-F. ملڪيت جي ضبطگي، نيلامي يا آجي ٿيڻ لاءِ حتمي ڊِڪري، جڏهن گِروي رکرائيندڙ ڊِڪريءَ جي رقم ڏئي ڇڏي

(قانوني حُڪم XXXIV، قاعدو 3، 5، ۽ 8)

عنوان

1. هيءُ مُقدمو اجوڪي ڏينهن ———— تي وڌيڪ ويچار لاءِ پيش ٿيو وغيره، ۽ اهو پتو پيو تہ تاريخ ———— مهينو ———— 20ع تي گِروي رکرائيندڙ يا ———— جنهن کي گِروي ڇڏائڻ جو حق مليل هجي، تنهن عدالت مان جاري ٿيل اصلي ڊِڪري ذريعي گِروي ۾ رَهت واريءَ سموري رقم داخل ڪرائي ڇڏي آهي: هِتي حُڪم ڏنو وڃي ٿو ۽ ڊِڪري جاري ڪئي وڃي ٿي تہ:-

(i) ڄاڻايل جاري ٿيل ڊِڪريءَ تي عمل ڪندي، گِروي رکندڙ گِروي رکيل ملڪيت جا دستاويز گِروي رکرائيندڙ کي [2][يا جيئن بہ حالت هجي، جنهن ملڪيت کي ڇڏايو هجي] يا رهيل رقم جي ڏيڻ بابت رسيد پاڻمرادو انهيءَ کي لکي ڏئي؛

(ii) گِروي رکندڙ ملڪيت سان لاڳاپيل سمورا دستاويز جيڪي هُن جي تحويل يا اختيار ۾ هجن، سي عدالت ۾ حاضر ڪري، ۽ اهو پڻ حُڪم ٿيو ۽ ڊِڪري جاري ٿي، تہ گِروي رکيل ملڪيت جي دستاويزن جي واپسي، مٿي ڄاڻايل طريقي موجب رسيد لکي ڏيڻ تي ٿئي.

هِتي حُڪم ڏنو وڃي ٿو ۽ ڊِڪري جاري ڪئي وڃي ٿي، تہ گِروي رکندڙ تي ملڪيت جي ٻيهر واپسيءَ واري دستاويز تي عمل ۽ مجتنا مٿئين طريقي پٽاندر ٿئي:

---

[2] لفظن کي خارج ڪرڻ جي گهرج نہ آهي.

(i) جاٽايل ڪُل رقم ———— عدالت کان ٻاهر گِروي رکندڙ کي ڏني وئي.

(ii) جاٽايل دستاويز ۽ اقرارنامو جيڪي عدالت ۾ حاضر ڪيا ويا هُجن، ته عدالت کان ٻاهر گِروي رکرائيندڙ [3][يا ادائيگي ڪندڙ ٻئي شخص کي] کي سونپيا وڃن. ۽ گِروي رکندڙ جڏهن گهرج هجي، ته گِروي رکرائيندڙ جي خرچ سان [4][يا ادائيگي ڪندڙ ٻئي شخص کي] سونپي، ۽ ملڪيت جي ٻيهر واپسيءَ جي دستاويز تي عمل ۾ مجتا مٿئين طريقي پٽاندر ———— جي سب رجسٽرار آفيس ۾ ٿئي: ۽

(iii) [5][جيڪڏهن گِروي رکندڙ دعويدار يا دعويٰ جو جواب ڏيندڙ هجي، جيئن به حالت هجي، ته گِروي رکيل ملڪيت سندس تحويل ۾ هجي،] ته گِروي رکندڙ ٽُرت گِروي رکيل ملڪيت جي تحويل مٿي جاٽايل اصلي ڊِڪري تي گِروي رکرائيندڙ کي ڏئي ڇڏي [6][يامٿي جاٽايل اهڙي شخص کي ڏئي ڇڏي، جنهن ادائيگي ڪئي هجي].

8. گِروي رکيل ملڪيت جي نيلاميءَ کانپوءِ رهيل رقم لاءِ گِروي رکرائيندڙ خلاف شخصي طور ڊِڪري

(قانوني حُڪم XXXIV، قاعدو 6 ۽ 8A)

عنوان

گِروي رکندڙ جي درخواست کي پڙهڻ کانپوءِ (دعويدار يا دعويٰ جو جواب ڏيندڙ جيئن به حالت هجي) ۽ مُقدمي ۾ ڏينهن ———— مهينو ———— 20ع تي جاري ٿيل اصلي قطعي ڊِڪري کي پڙهڻ کانپوءِ ۽ عدالت کي اِهو اطمينان ٿيو ته نيلام جي خريداريءَ مان مليل آمدنيءَ، جيڪا جاٽايل اصلي ڊِڪري ذريعي عمل ۾ آيو ڪُل رقم هئي ۽ اُها رقم جيڪا ڏينهن ———— مهينو ———— 20ع عدالت کان ڏني وئي ۽ باقي رقم جيڪا انهيءَ کي هاڻي جاٽايل ڊِڪريءَ ذريعي ڏيڻ واجب آهي، سا ڪُل رقم ———— آهي.

تنهنڪري عدالت آڏو اِهو پتو پوي ٿو ته جاٽايل رقم (دعويدار يا دعويٰ جي جواب ڏيندڙ جيڪا به حالت هجي) گِروي رکرائيندڙ جي ذات کان قانوني طور وٺڻ جوڳي آهي.

تنهنڪري جاٽايل ڊِڪريءَ ذريعي هيٺئين ڊِڪري توڙي حُڪم ٿيو ته:

ته گروي رکرائيندڙ (دعويدار يا دعويٰ جي جواب ڏيندڙ جيڪا به حالت هجي)، گِروي رکندڙ کي ڪُل رقم ———— جاٽايل وياج سميت هاڻي ڇهه رپيا في سيڪڙو ساليانو سان ڏينهن ———— مهينو ———— 20ع

[3] ساڳيو.
[4] ساڳيو.
[5] ساڳيو.
[6] ساڳيو.

(ڄاڻايل تاريخ تي عدالت کان ٻاهر ادائيگي ڪئي وڃي) تہ ڄاڻايل درخواست تي ڄاڻايل رقم ۾ خرچ ونڊ واري ڏينهن ڏئي.

9. گِروي رکيل ملڪيت جي ضبطگي يا نيلام لاءِ اصلي ڊِڪري

دعويدار ———— گِروي رکرائيندڙ پهرئين جي نالي

دعويءَ جو جواب ڏيندڙ نمبر 1 ———— گِروي رکرائيندڙ

دعويءَ جو جواب ڏيندڙ نمبر 2 ———— بيوگِروي رکرائيندڙ

(قانوني حُڪم XXIV, قاعدو 2 ۽ 4)

عنوان

1. هيءَ مُقدمو اجوڪي ڏينهن———— تي پيش ٿيو وغيره، ڄاڻايل ڊِڪريءَ ذريعي پڌرو ڪيو وڃي ٿو تہ دعويءَ جي درخواست ۾ تخميني پٽاندر ڄاڻايل گِروي رکيل ملڪيت تي دعويءَ جي جواب ڏيندڙ 2 ڏانهن رهيل رقم اجوڪي ڏينهن ———— مهينو ———— 20ع تائين اصل مُوڙيءَ لاءِ ڪُل رقم———— رپيا، اصل مُوڙيءَ تي وياج لاءِ ڪُل رقم ———— رپيا ۾ لاڳت، فين ۾ خرچن لاءِ (مُقدمي جي خرچن کانسواءِ) دعويدار ڄاڻايل گِروي رکيل ملڪيت جي ڏس ۾ وياج سميت مُناسب طور ڪُل رقم———— رپين لاءِ دعويٰ ڪئي، جنهنڪري هن مُقدمي جي خرچ لاءِ ڪُل رقم ———— ———— رُپيا دعويدار کي ڏيارڻ جو حُڪم جاري ٿيو. جيڪا مجموعي طور ڪُل رقم ———— ———— رپيا ٿئي ٿي.

(رهيل رقم بابت اهڙو ئي اعلان، دعويءَ جي جواب ڏيندڙ نمبر 2 بابت سندس رهيل رقم جو آهي، جيڪر داخل ڪيل دعويءَ جي تاريخ کان گِروي رکيل رقم تي ڄاڻايل تاريخ کان رقم واجب ٿي ويئي هجي.)

2. گڏوگڏ هيءَ پڻ پڌرو ڪيو وڃي ٿو تہ دعويدار کي رهيل رقم شخصي طور ونڊ جو حق، دعويءَ جي جواب ڏيندڙ نمبر 2 خلاف داخل دعويءَ سان مليل آهي[7] ايا (جيڪڏهن انهيءَ کانپوءِ گهٽا گِروي رکندڙ هجن) اِهو تہ ڄاڻايل مُقدمي جي ڏُر رهيل رقم ونڊ جي ڀاڱُ حقدار هينئين ريت آهي):-

3. گڏوگڏ هيءَ پڻ حُڪم ٿيو ۽ ڊِڪري جاري ٿي تہ:

(i) (a) دعويءَ جي جواب ڏيندڙن يا منجهانئن ڪو ڏينهن ———— مهينو ———— 20ع يا انهيءَ کان اڳ يا انهيءَ کانپوءِ ڪنهن بيءَ تاريخ تي عدالت ۾ جمع ڪرائي ڇڏي، جيستائين دعويدار جي ڪُل ڄاڻايل رهيل رقم ———— جي ادائيگيءَ جي عرصي ۾، عدالت جي حُڪم سان واڌ ٿئي؛

[7] لفظن کي خارج ڪرڻ جي گهرج نہ آهي.

(b) دعويٰ جي جواب ڏيندڙ 1 ڏينهن ———— مهينو ———— 20ع يا انهيءَ کان اڳ يا پوءِ ڪنهن ٻيءَ تاريخ تائين عدالت ۾ جمع ڪرائي ڇڏي، جيستائين دعويٰ جي جواب ڏيندڙ 2 ڏانهن رهيل ڪُل رقم ———— جي ادائيگي جي عرصي ۾ عدالت جي حُڪم سان واڌ ٿئي: ۽

(ii) جيڪڏهن ادائيگي انهيءَ رقم جي، جنهن کي عدالت طرفان دعويدار جي دعويٰ جي جواب ڏيندڙن ڏانهن يا منجهانئن ڪنهن هڪ ڏانهن رهيل سڏيو ويو هجي، ته انهيءَ انداز ۾ جنهن کي شِق (a)(i) موجب واضح ڪيو ويو هجي، ۽ انهيءَ کانپوءِ اهڙي تاريخ کان اڳ رقم جي ادائيگيءَ تي، جنهن کي عدالت اهڙي ماليت لاءِ مُقرر ڪري سگهي، جيئن عدالت مُقدمي جي اهڙي رقمن جي ڏس ۾ ۽ اهڙي رقم، لاڳت ۽ خرچن لاءِ واجب فيصلو ڏنو هُجي، جيڪي قاعدي 10 موجب ڏيڻ جوڳا هئڻ سميت سِول پروسيجر ڪوڊ 1908ع جي عدالتي حُڪم XXXIV جي قاعدي 11 موجب پهرئين ضميمي پٽاندر ڏيڻ جوڳي هُجي، تنهن جي ڏيڻ جو فيصلو ٿيو هجي، ته عدالت جي ڏنل فيصلي طور يا انهيءَ کان پوءِ دعويدار پنهنجي ڄاڻايل دعويٰ جي درخواست ۾ گِروي ۾ رکيل ملڪيت سان لاڳاپيل سمورن دستاويزن کي عدالت ۾ داخل ڪندو جيڪي سندس تحويل ۽ اختيار ۾ هوندا، ۽ اُهي سمورا دستاويز دعويٰ جي جواب ڏيندڙ نمبر ———— (جنهن ادائيگي ڪئي هجي) يا انهيءَ شخص کي سونپيا ويندا، جيڪو هُن طرفان مُقرر ٿيل هوندو ۽ جيڪڏهن گهرج هجي، ته پوءِ دعويدار ڄاڻايل گِروي کان آزاد ڄاڻايل ملڪيت کي واپس ۽ ٻيهر مُنتقل ڪندو ۽ اُنهن سمورين دعوائن کان آزاد توڙي آجو ڪندو جيڪي دعويدار يا ڪنهن ٻئي شخص، جيڪو هُن ذريعي دعويدار هجي يا جنهن ذريعي اُهو پاڻُ دعويدار هجي، مٿس دعوائون ڪيون هُجن ۽ ملڪيت کي هر قسم جي اُنهن ادائيگين کان آجو ڪندو جيڪي به گِرويءَ يا انهيءَ مُقدمي سان پيدا ٿيون هُجن، ۽ جيڪڏهن گهربل هجي، ته ڄاڻايل ملڪيت جي تحويل دعويٰ جي جواب ڏيندڙ ———— (جنهن ادائيگي ڪئي هجي) کي خاموشيءَ سان ۽ پُرامن طور ڏئي ڇڏي

اهڙو ئي اعلان انهيءَ قيرقار سان گڏ ڪتب اچڻ گهرجي، جيڪو هُن جي گِروي جي انداز پٽاندر ضروري هجي، ته جيڪڏهن دعويٰ جو جواب ڏيندڙ 1 اُها رقم ڏئي ڇڏي ٿو، جيڪا دعويٰ جي جواب ڏيندڙ 2 ڏانهن رهيل ثابت ٿي هجي، يا ڪوئي وٺي هجي.

4. گڏوگڏ اِهو پڻ حُڪم ٿيو ۽ ڊِڪريءَ ۾ ڄاڻايو ويو ته دعويدار جي رهيل رقم نه ڏيڻ جي حالت ۾ عدالت جي فيصلي جي طريقي موجب دعويدار کي اختيار هوندو ته هو عدالت ۾ قطعي ڊِڪريءَ لاءِ درخواست داخل ڪري:

(i) [8][گِروي جي رقم ڏيڻ جي واعدي يا شرطي حالت ۾ جڏهن گِروي نامي ۾ رُکو گِروي رکيل ملڪيت جي عدالتي ڪارروائي جو ذڪر ٿيل هجي ۽ نيلام جو ذڪر ٿيل نه هجي] ته انهيءَ وقت کان دعويٰ جي جواب ڏيندڙن جو اِشتهار ۾ ضميمي طور شامل ڄاڻايل گِروي رکيل ملڪيت ڇڏائڻ جو مُنفرد

[8] لفظن کي خارج ڪرڻ جي گهرج نه آهي.

حق قطعي ختم ٿي ويندو ۽ جيڪڏهن گهرج هجي، ته اُهو قبضو ڪنهن تڪرار توڙي ڏِي ڪانسواءِ خاموشيءَ سان، جاٽايل ملڪيت جو قبضو دعويدار کي ڏئي ڇڏين.

(ii) [9][ڪنهن ٻئي قسم جي گِروي جي حالت ۾] ته گِروي رکيل ملڪيت يا انهيءَ جو ڪافي حصو نيلام ڪيو ويندو ۽ اهڙي نيلام جي مقصدن لاءِ دعويدار گِروي رکيل ملڪيت سان لاڳاپيل سمورا دستاويز جيڪي هُن جي تحويل ۾ يا اختيار ۾ هجن. عدالت جي روبرو يا عدالت جي ڪنهن اهڙي عملدار جي روبرو پيش ڪندو جنهن کي عدالت مُقرر ڪيو هجي: ۽

(iii) [10][جڏهن جاٽايل قاعدي 4 (ii) موجب نيلام جو حُڪم ٿيو هجي]. ته نيلام جي خريداريءَ مان مليل آمدنيءَ کي (نيلام جي خرچن کي ڪيرڻ کانپوءِ) عدالت ۾ جمع ڪرايو ويندو ۽ جاٽايل ڊڪريءَ ذريعي دعويدار کي رهيل رقم جي ادائيگي يا ڪنهن جاٽايل مقدمي ۾ عدالت جي فيصلي جي وڏيڪ ڪنهن حُڪم سميت اُها رقم، جيڪا دعويدار کي قاعدي 10سميت ڏيڻ جوڳي هُجي، تنهن سميت سِول پروسيجر ڪوڊ 1908ع جي ضميمي پهرئين تحت عدالتي حُڪم XXXIV جي قاعدي 11 موجب ڏيڻ جوڳي سڏيو ويو هجي، ۽ اِهو ته جيڪڏهن ڪجهه رقم باقي رهي، ته اُها رهيل رقم، دعويٰ جي جواب ڏيندڙ نمبر 2 جي ادائيگي ۾ خرچ ٿيندي ۽ جيڪڏهن ڪجهه واڌُو بچيل رهي، ته اُها دعويٰ جي جواب ڏيندڙ نمبر 1 يا اُنهن ٻين شخصن کي ڏني ويندي، جيڪي انهيءَ کي وٺڻ جا حقدار هجن: ۽

(iv) ته جيڪڏهن نيلام مان مليل رقم، دعويدار ۽ دعويٰ جي جواب ڏيندڙ نمبر 2 يا ٻنهي جٹن لاءِ رهيل رقم سندن حساب چُڪتو ٿيڻ لاءِ ڪافي نه هجي، ته دعويدار يا دعويٰ جي جواب ڏيندڙ نمبر 2 يا ٻنهي جٹن کي اختيار هوندو، جيئن به حالت هجي (جتي اهڙي قانوني ڪارروائي گِروي جي رهيل رقم جي شرطن موجب اُهي پاڻ ڪري سگهندا هجن ۽ ڪو رواج ۾ آيل قانون رُڪاوٽ نه هجي). ته اُهي باقي رهيل رقم لاءِ دعويٰ جي جواب ڏيندڙ نمبر 1 جي ذات خلاف ڊِڪري وٺن.

5. گڏوگڏ اِهو پڻ حُڪم ٿيو ۽ ڊِڪريءَ ۾ جاٽايو ويو ته:

(a) جيڪڏهن دعويٰ جي جواب ڏيندڙ نمبر 2 اُها رقم، جيڪا دعويدار لاءِ رهڻُ ڪوني وٺي هجي. انهيءَ مُقدمي جي مدُ ۾ عدالت ۾ جمع ڪرائي ۽ دعويٰ جو جواب ڏيندڙ نمبر 1 جاٽايل رقم ڏيڻ کان لاچار رهي، ته دعويٰ جي جواب ڏيندڙ نمبر 2 کي اختيار هوندو. ته هُو دعويدار جي گِروي کي پنهنجي فائدي لاءِ قائم ۽ برقرار رکڻ سميت قطعي ڊِڪريءَ وٺڻ لاءِ درخواست عدالت ۾ داخل ڪري (ايئن جيئن دعويدار مٿي جاٽايل قائدي 4 جي حالت موجب درخواست ڏئي سگهي ها).

[9] ساڳيو.
[10] ساڳيو.

[11][(i) انهيءَ وقت کان دعويٰ جي جواب ڏيندڙ نمبر 1 جا جاٽايل ضميمي ۾ جاٽايل گِروي رکيل ملڪيت ڇڏائڻ جا سمورا حَقُ ختم ٿي ويندا ۽ جيڪڏهن گهرج هوندي، تہ اُهو دعويٰ جي جواب ڏيندڙ نمبر 1 کي جاٽايل تڪراري ملڪيت جو نيٺ قبضو خاموشيءَ سان ۽ پُرامن طور ڏيندو؛] يا

[(ii) گِروي رکيل ملڪيت يا انهيءَ جي ڪافي حصي کي نيلام ڪيو ويندو ۽ اهڙي نيلام جي مقصدن لاءِ دعويٰ جو جواب ڏيندڙ نمبر 2، گِروي رکيل ملڪيت سان لاڳاپيل سمورا دستاويز جيڪي هُن جي تحويل يا اختيار ۾ هوندا، عدالت وٽ يا عدالت جي ڪنهن اهڙي عملدار جي روبرو پيش ڪندو جنهن کي عدالت مُقرر ڪيو هجي؛]

۽ (b) جيڪڏهن دعويٰ جي جواب ڏيندڙ نمبر 2 جي درخواست تي گِروي ۾ رکيل ملڪيت ڇڏائڻ لاءِ اهڙي ڊِڪري جاري ٿئي، تہ دعويٰ جي جواب ڏيندڙ نمبر 1 جي سمورين ذميدارين کي ختم ۽ رَد سمجهيو ويندو، جيڪي دعويدار يا دعويٰ جي جواب ڏيندڙ نمبر 2 جي گِروي هئڻ سان يا جاٽايل مُقدمي سان پيدا ٿيون هجن.

6. ۽ گڏوگڏ اِهو پڻ حُڪم ٿيو ۽ ڊِڪريءَ ۾ جاٽايو ويو [جڏهن قاعدي 5 موجب عدالت طرفان جاٽايل نيلاميءَ جو حُڪم ٿيو هجي] تہ:

(i) نيلاميءَ جي خريداريءَ مان مليل رقم جاٽايل عدالت ۾ جمع ٿيڻ تي (نيلام جي خرچ ڪيڻ کانپوءِ)، سڀ کان پهرئين انهيءَ رقم جي ادائيگي، جنهن کي عدالت جاٽايل اصل رقم کانپوءِ وياج ڏيڻ جوڳو ڪوني يا حُڪم لاڳو ٿئي ۽ جيڪڏهن ڪجهه باقي رهي، تہ اُها انهيءَ رقم جي ادائيگيءَ لاءِ، جيڪا دعويٰ جي جواب ڏيندڙ نمبر 2 ڏانهن انهيءَ رهيل رقم سميت انهيءَ رقم بابت جاٽايل ڊِگريءَ ذريعي جاري ٿيو هجي، جنهن کي عدالت جاٽايل مُقدمي جي خرچ ۽ لاڳت، قاعدي 10 سميت ڏيڻ جوڳو هُجي، تنهن سميت سِول پروسيجر ڪوڊ 1908ع جي ضميمي پهرئين تحت عدالتي حُڪم XXXIV جي قاعدي 11 موجب ڏيڻ جوڳو ڪونيو ويو هجي، ۽ جيڪڏهن ڪجهه واڌو رقم بچندي، تہ اُها دعويٰ جي جواب ڏيندڙ 1 يا اُنهن ٻين شخصن کي ڏني ويندي، جيڪي انهيءَ جي وٺڻ جا حقدار هوندا، ۽

(ii) تہ جيڪڏهن نيلاميءَ جي خريداريءَ مان مليل رقم، دعويدار جي گِروي جي مطالبي يا دعويٰ جي جواب ڏيندڙ نمبر 2 جي حساب کي چُڪتو ڪرڻ لاءِ ڪافي نہ هوندي، تہ دعويٰ جي جواب ڏيندڙ نمبر 2 کي اختيار هوندو (جتي اهڙي قانوني ڪارروائي، هُو گِروي جي شرطن موجب پاڻُ ڪري سگهي ٿو ۽ تنهن وقت رواج ۾ آيل ڪو قانون رُڪاوٽ نہ ٿئي) تہ اُها باقي رقم لاءِ دعويٰ جي جواب ڏيندڙ نمبر 1 جي ذات خلاف ڊِڪري وٺڻ جي درخواست ڏئي.

[11] لفظن کي خارج ڪرڻ جي گهرج نہ آهي.

7. ۽ گڏوگڏ اِهو پڻ حُڪم ٿيو ۽ ڊِڪريءَ ۾ جاچايو ويو تہ ڌُرين کي اختيار هوندو تہ مختلف وقتن تي عدالت ۾ درخواست ڏين، جيئن ڪين گهرج هجي، ۽ اهڙيءَ درخواست تي يا ڪنهن ٻيءَ طرح عدالت اهڙي هدايت ڏيئي سگهي ٿي، جيئن اُها مُناسب سمجهي.

شيڊيول

گِروي رکيل ملڪيت جو تفصيل

10. اڳوڻي گِروي رکيل ملڪيت کي ڇڏائڻ لاءِ ڊِڪري ۽ پوءِ گِروي رکيل ملڪيت جي ضبطگي يا نيلام

دعويدار ———————— مخالف ———————— ٻيو گِروي رکندڙ

دعويٰ جو جواب ڏيندڙ نمبر 1———————— گِروي رکرائيندڙ

دعويٰ جو جواب ڏيندڙ نمبر 2 ———————— ٻيهريون گِروي رکندڙ

(قانوني حُڪم XXXIV، قاعدو 2، 4، ۽ 7)

عنوان

1. هيءَ مُقدمو اجوڪي ڏينهن———— تي پيش ٿيو وغيره، جاچايل ڊِڪريءَ ذريعي پڌرو ڪيو وڃي ٿو تہ دعويٰ جي درخواست ۾ تخميني پٽاندر جاچايل گِروي رکيل ملڪيت تي دعويٰ جي جواب ڏيندڙ 2 ڏانهن رهيل رقم اجوڪي ڏينهن ———— مهينو ———— 20ع تائين اصل مُوڙيءَ لاءِ ڪُل رقم ———— رپيا، اصل مُوڙيءَ تي وياج لاءِ ڪُل رقم ———— رپيا ۽ لاڳت، فين ۽ خرچن لاءِ (مُقدمي جي خرچن کانسواءِ) دعويٰ جي جواب ڏيندڙ 2 تي جاچايل گِروي رکيل ملڪيت جي ڏس ۾ وياج سميت مُناسب طور ڪُل رقم———— رپيا ٿئي ٿي، جنهنڪري هن مُقدمي جي خرچ لاءِ ڪُل رقم ———— رُپيا دعويٰ جي جواب ڏيندڙ 2 تي لاڳو ٿيڻ جو حُڪم جاري ٿيو جيڪا مجموعي طور ڪُل رقم———— رپيا ٿئي ٿي.

(اهڙو ئي اعلان دعويٰ جي جواب ڏيندڙ 1 کان گِروي رکيل ملڪيت تي دعويدار کي سندس رهيل رقم ڏيارڻ لاءِ هئڻ گهرجي، جيڪڏهن دعويٰ جي داخل درخواست تي گِروي جي رقم يا رهيل رقم ڏيڻ واجب ٿي ويئي هجي.)

2. گڏوگڏ هيءَ پڻ ظاهر ڪيو وڃي ٿو تہ دعويٰ جو جواب ڏيندڙ 2 رهيل رقم ڏيڻ جو حقدار آهي. جيڪا رقم دعويدار کي اوليت ۾ ڏيڻ کپي. [12][(يا جيڪڏهن گهڻا گِروي رکندڙ هُجن)] تہ پوءِ هر ڌُر جاچايل مقدمي موجب رهيل رقم ونڻ جي ڀاڱي ترتيبوار حقدار آهي.)

3. ۽ گڏوگڏ اِهو پڻ حُڪم ٿيو ۽ ڊِڪريءَ ۾ جاچايو ويو تہ:

[12] لفظن کي خارج ڪرڻ جي گهرج نہ آهي.

(i) (a) تہ دعويدار يا دعويٰ جي جواب ڏيندڙ 1 يا منجھانئن ڪوبہ ڏينھن ——— مھينو ———
20ع يا انھيءَ کان اڳ يا پوءِ ڪنھن تاريخ تائين عدالت ۾ جمع ڪرائي، جيستائين عدالت مان دعويٰ جي جواب ڏيندڙ 2 طرفان چاڙھايل رھيل ڪُل رقم ——————— جي ادائيگي واري عرصي ۾ واڌ ٿئي.

(b) تہ دعويٰ جو جواب ڏيندڙ 1 ڏينھن ——— مھينو ——— 20ع يا انھيءَ کان اڳ يا پوءِ ڪنھن تاريخ تائين عدالت ۾ جمع ڪرائي، جيستائين عدالت مان دعويدار کي چاڙھايل رھيل ڪُل رقم ——— ڏيڻ جي ادائيگي واري عرصي ۾ واڌ ٿئي.

(ii) جيڪڏھن عدالت انھيءَ رقم جي ادائيگيءَ کي، دعويدار ۽ دعويٰ جي جواب ڏيندڙ نمبر 1 طرفان دعويدار ۽ دعويٰ جي جواب ڏيندڙ نمبر 2 ڏانھن رھتُ سڏيو ھجي، جيئن شِق (i) (a) موجب تجويز ٿيل ھجي، ۽ انھيءَ کانپوءِ اھڙي تاريخ کان اڳ، جنھن کي عدالت اھڙي رقم لاءِ مُقرر ڪري سگھي ٿي، جيئن عدالت مُقدمي جي اھڙين لاڳتن ۽ اھڙن خرچن، فين ۽ ٻين ڪمن جي ڏس ۾ واجبُ ۽ رھتُ ھئڻ جو فيصلو ڏئي سگھي، جنھن کي قائدي 10سميت سِول پروسيجر ڪوڊ 1908ع جي ضميمي پھرئين تحت عدالتي حُڪم XXXIV جي قاعدي 11 موجب ڏيڻ جوڳو سڏيو ويو ھجي، تہ دعويٰ جو جواب ڏيندڙ نمبر 2 گِروي رکيل ملڪيت سان لاڳاپيل سمورا دستاويز جيڪي سندس تحويل ۾ يا اختيار ۾ ھجن، عدالت ۾ داخل ڪرائيندو ۽ اُھي سمورا دستاويز دعويدار کي يا دعويٰ جي جواب ڏيندڙ 1 کي (جنھن رقم ڏئي ڇڏي ھجي) يا انھيءَ شخص کي، جيڪو ھُن طرفان مُقرر ٿيو ھجي، سونپيا ويندا، ۽ جيڪڏھن گھرج ھجي، تہ پوءِ دعويٰ جو جواب ڏيندڙ 2 چاڙھايل گِروي کان آزاد چاڙھايل ملڪيت کي واپس ۽ ٻيھر مُنتقل ڪندو ۽ اُنھن سمورين دعوائن کان آزاد توڙي آجو ڪندو، جيڪي دعويٰ جي جواب ڏيندڙ 2 يا ڪنھن ٻئي شخص، جيڪو ھُن ذريعي دعويدار ھجي يا جنھن ذريعي اُھو پاڻُ دعويدار ھجي، مٿس دعوائون ڪيون ھُجن ۽ ملڪيت کي ھر قسم جي اُنھن ادائيگين کان آجو ڪندو جيڪي بہ گِرويءَ يا انھيءَ مُقدمي سان پيدا ٿيون ھُجن، ۽ جيڪڏھن گھربل ھجي، تہ چاڙھايل ملڪيت جي تحويل دعويٰ جي جواب ڏيندڙ 1 کي (جنھن رقم ڏني ھجي) خاموشيءَ سان ۽ پُرامن طور ڏئي ڇڏي.

(اھڙو ئي اعلان دعويٰ جي جواب ڏيندڙ 1 کان گِروي رکيل ملڪيت تي دعويدار کي سندس رھيل رقم ڏيارڻ لاءِ ھئڻ گھرجي. جيڪڏھن دعويدارکي دعويٰ جي داخل درخواست تي گِروي جي رقم يا رھيل رقم ڏيڻ واجب ٿي ويئي ھجي.)

4. ۽ گڏوگڏ اِھو پڻ حُڪم ٿيو ۽ ڊِڪريءَ ۾ چاڙھيو ويو تہ رھيل رقم نہ ڏيڻ جي حالت ۾ دعويٰ جي جواب ڏيندڙ 2 کي اختيار ھوندو تہ ھُو عدالت جي فيصلي جي طريقي پٽاندر عدالت ۾ مُقدمي جي خارج ٿيڻ يا قطعي ڊِڪري لاءِ درخواست ڏئي.

(i) [گِروي جي رقم ڏيڻ جي واعدي يا شرطي حالت ۾، جڏھن گِروي نامي ۾ رُڳو گِروي رکيل ملڪيت جي عدالتي ڪارروائي جو ذڪر ٿيل ھجي ۽ نيلام جو ذڪر ٿيل نہ ھجي] تہ انھيءَ وقت کان

دعويدار ۽ دعويٰ جي جواب ڏيندڙ 1 جو اِشتهار ۾ ضميمي طور شامل ڄاڻايل گِروي رکيل ملڪيت ڇڏائڻ جو مُنفرد حق قطعي ختم ٿي ويندو ۽ جيڪڏهن گهرج هجي، تہ اُهو قبضو ڪنهن تڪرار توڙي ڦڏي کانسواءِ خاموشيءَ سان، ڄاڻايل ملڪيت جو قبضو دعويٰ جي جواب ڏيندڙ 1 کي ڏئي ڇڏيندا.

(ii) [ڪنهن ٻئي قسم جي گِروي جي حالت ۾] تہ گِروي رکيل ملڪيت يا انهيءَ جو ڪافي جُزو نيلام ڪيو ويندو ۽ اهڙي نيلام جي مقصدن لاءِ دعويٰ جي جواب ڏيندڙ نمبر 2 گِروي رکيل ملڪيت سان لاڳاپيل سمورا دستاويز، جيڪي هُن جي تحويل ۾ يا اختيار ۾ هجن، عدالت جي روبرو يا عدالت جي ڪنهن اهڙي عملدار جي روبرو پيش ڪندو جنهن کي عدالت مُقرر ڪيو هجي; ۽

(iii) [جڏهن ڄاڻايل قاعدي 4 (ii) موجب نيلام جو حُڪم ٿيو هجي]، تہ نيلام جي خريداريءَ مان مليل آمدنيءَ کي (نيلام جي خرچن کي ڪٽڻ کانپوءِ) عدالت ۾ جمع ڪرايو ويندو ۽ ڄاڻايل ڊِڪريءَ ذريعي دعويٰ جي جواب ڏيندڙ نمبر 2 کي رهيل رقم جي ادائيگي يا ڪنهن ڄاڻايل مقدمي ۾ عدالت جي فيصلي جي وڏيڪ ڪنهن حُڪم سميت اُها رقم، جيڪا دعويٰ جي جواب ڏيندڙ نمبر 2 کي قاعدي 10سميت ڏيڻ جوڳي هُجي، تنهن سميت سِول پروسيجر ڪوڊ 1908ع جي ضميمي پهرئين تحت عدالتي حُڪم XXXIV جي قاعدي 11 موجب ڏيڻ جوڳي سڏيو ويو هجي، ۽ اِهو تہ جيڪڏهن ڪجھ رقم باقي رهي، تہ اُها رهيل رقم، دعويدار جي ادائيگي ۾ خرچ ٿيندي ۽ جيڪڏهن ڪجھ واڌو بچيل رهي، تہ اُها دعويٰ جي جواب ڏيندڙ نمبر 1 يا اُنهن ٻين شخصن کي ڏني ويندي، جيڪي انهيءَ کي وٺڻ جا حقدار هجن; ۽

(iv) تہ جيڪڏهن نيلام مان مليل رقم، دعويدار ۽ دعويٰ جي جواب ڏيندڙ نمبر 2 يا ٻنهي ڄڻن لاءِ رهيل رقم سندن حساب چُڪتو ٿيڻ لاءِ ڪافي نہ هجي، تہ دعويدار يا دعويٰ جي جواب ڏيندڙ نمبر 2 يا ٻنهي ڄڻن کي اختيار هوندو، جيئن بہ حالت هجي (جتي اهڙي قانوني ڪارروائي گِروي جي رهيل رقم جي شرطن موجب اُهي پاڻُ ڪري سگهندا هجن ۽ ڪورواج ۾ آيل قانون رُڪاوٽ نہ هجي)، تہ اُهي باقي رهيل رقم لاءِ دعويٰ جي جواب ڏيندڙنمبر 1 جي ذات خلاف ڊِڪري وٺن.

5. گڏوگڏ اِهو پڻ حُڪم ٿيو ۽ ڊِڪريءَ ۾ ڄاڻايو ويو تہ:

(a) جيڪڏهن دعويدار اُها رقم، جيڪا دعويٰ جي جواب ڏيندڙ نمبر 2 موجب رهتُ سڏي وئي هجي، انهيءَ مُقدمي جي مَدُ ۾ عدالت ۾ جمع ڪرائي ۽ دعويٰ جو جواب ڏيندڙ نمبر 1 ڄاڻايل رقم ڏيڻ کان لاچار رهي، تہ دعويدار کي اختيار هوندو تہ هُو دعويٰ جي جواب ڏيندڙ نمبر 2 جي گِروي کي پنهنجي فائدي لاءِ قائم ۽ برقرار رکڻ سميت قطعي ڊِڪريءَ وٺڻ لاءِ درخواست عدالت ۾ داخل ڪري (اِيئن جيئن دعويٰ جي جواب ڏيندڙ نمبر 2 مٿي ڄاڻايل قاعدي 4 جي حالت موجب درخواست ڏئي سگهي ها).

[13](i) انهيءَ وقت کان دعويٰ جي جواب ڏيندڙ نمبر 1 جا چاڻايل ضميمي ۾ ڄاڻايل گِروي رکيل ملڪيت ڇڏائڻ جا سمورا حَقُ ختم ٿي ويندا ۽ جيڪڏهن گهرج هوندي، ته اُهو دعويدار کي ڄاڻايل تڪراري ملڪيت جو قبضو خاموشيءَ سان ۽ پُرامن طور ڏيندو] يا

[(ii) گِروي رکيل ملڪيت يا انهيءَ جي ڪافي حصي کي نيلام ڪيو ويندو ۽ اهڙي نيلام جي مقصدن لاءِ دعويدار، گِروي رکيل ملڪيت سان لاڳاپيل سمورا دستاويز جيڪي هُن جي تحويل يا اختيار ۾ هوندا، عدالت وٽ يا عدالت جي ڪنهن اهڙي عملدار جي روبرو پيش ڪندو جنهن کي عدالت مُقرر ڪيو هجي.]

۽ (b) جيڪڏهن دعويٰ جي جواب ڏيندڙ نمبر 2 جي درخواست تي گِروي ۾ رکيل ملڪيت ڇڏائڻ لاءِ اهڙي ڊِڪري جاري ٿئي، ته دعويٰ جي جواب ڏيندڙ نمبر 1 جي سمورين ذميدارين کي ختم ۽ رَد سمجهيو ويندو جيڪي دعويدار يا دعويٰ جي جواب ڏيندڙ نمبر 2 جي گِروي هئڻ سان يا ڄاڻايل مُقدمي سان پيدا ٿيون هجن.

6. ۽ گڏوگڏ اِهو پڻ حُڪم ٿيو ۽ ڊِڪريءَ ۾ ڄاڻايو ويو [جڏهن قاعدي 5 موجب عدالت طرفان ڄاڻايل نيلاميءَ جو حُڪم ٿيو هجي] ته:

(i) نيلاميءَ جي خريداريءَ مان مليل رقم ڄاڻايل عدالت ۾ جمع ٿيڻ تي (نيلام جي خرچ ڪيڻ ڪانپوءِ)، سڀ کان پهرئين انهيءَ رقم جي ادائيگي، جنهن کي عدالت ڄاڻايل اصل رقم ڪانپوءِ وياج ڏيڻ جوڳو سڏي يا حُڪم لاڳو ٿئي ۽ جيڪڏهن ڪجهه باقي رهي، ته اُها انهيءَ رقم جي ادائيگيءَ لاءِ، جيڪا دعويٰ جي جواب ڏيندڙ نمبر 2 ڏانهن انهيءَ رهيل رقم سميت انهيءَ رقم بابت ڄاڻايل ڊِگريءَ ذريعي جاري ٿيو هجي، جنهن کي عدالت ڄاڻايل مُقدمي جي خرچ ۽ لاڳت، قاعدي 10سميت ڏيڻ جوڳو هُجي، تنهن سميت سِول پروسيجر ڪوڊ 1908ع جي ضميمي پهرئين تحت عدالتي حُڪم XXXIV جي قاعدي 11 موجب ڏيڻ جوڳو ڪونيو ويو هجي، ۽ جيڪڏهن ڪجهه واڌو رقم بچندي، ته اُها دعويٰ جي جواب ڏيندڙ 1 يا اُنهن بين شخصن کي ڏني ويندي، جيڪي انهيءَ جي وٺڻ جا حقدار هوندا، ۽

(ii) ته جيڪڏهن نيلاميءَ جي خريداريءَ مان مليل رقم، دعويدار جي گِروي جي مطالبي يا دعويٰ جي جواب ڏيندڙ نمبر 2 جي حساب کي چُڪتو ڪرڻ لاءِ ڪافي نه هُجي، ته دعويٰ جي جواب ڏيندڙ نمبر 2 کي اختيار هوندو (جتي اهڙي قانوني ڪارروائي، هُو گِروي جي شرطن موجب پاڻُ ڪري سگهي ٿو ۽ تنهن وقت رواج ۾ آيل ڪو قانون رُڪاوٽ نه ٿئي) ته اُها باقي رقم لاءِ دعويٰ جي جواب ڏيندڙ نمبر 1 جي ذات خلاف ڊِڪري وٺڻ جي درخواست ڏئي.

---

[13] لفظن کي خارج ڪرڻ جي گهرج نه آهي.

7. ۽ گڏوگڏ اِهو پڻ حُڪم ٿيو ۽ ڊِڪريءَ ۾ ڄاڻايو ويو ته ڌرين کي اختيار هوندو ته مختلف وقتن تي عدالت ۾ درخواست ڏين، جيئن ڪين گهرج هجي، ۽ اهڙيءَ درخواست تي يا ڪنهن ٻيءَ طرح عدالت اهڙي هدايت ڏيئي سگهي ٿي، جيئن اُها مُناسب سمجهي.

شيڊيول

گِروي رکيل ملڪيت جو تفصيل

11. نيلاميءَ لاءِ اصلي ڊِڪري

دعويدار ———— گِروي رکندڙ دعويدار يا اهڙو گِروي رکندڙ جيڪو ٻين کان حق ماڻيندو هجي

مخالف

دعويٰ جو جواب ڏيندڙ نمبر 1 ———— گِروي رکندڙ

دعويٰ جو جواب ڏيندڙ نمبر 2 ———— اصلي گِروي رکندڙ پيو

(قانوني حُڪم XXXIV، قاعدو 4)

عنوان

1. هيءُ مُقدمو اجوڪي ڏينهن ———— تي پيش ٿيو وغيره، ڄاڻايل ڊِڪريءَ ذريعي پڌرو ڪيو وڃي ٿو ته دعويٰ جي درخواست ۾ تخميني پٽاندر ڄاڻايل گِروي رکيل ملڪيت تي، دعويٰ جي جواب ڏيندڙ 2 ڏانهن رهيل رقم اجوڪي ڏينهن ———— مهينو ———— 20ع تائين اصل مُوڙيءَ لاءِ ڪُل رقم ———— رپيا، اصل مُوڙيءَ تي وياج لاءِ ڪُل رقم ———— رپيا ۽ لاڳت، فين ۽ خرچن لاءِ (مُقدمي جي خرچن کانسواءِ) دعويٰ جي جواب ڏيندڙ 2 تي ڄاڻايل گِروي رکيل ملڪيت جي ڏس ۾ وياج سميت مُناسب طور ڪُل رقم ———— رپيا ٿئي ٿي، جنهنڪري هن مُقدمي جي خرچ لاءِ ڪُل رقم ———— رُپيا دعويٰ جي جواب ڏيندڙ 2 تي لاڳو ٿيڻ جو حُڪم جاري ٿيو جيڪا مجموعي طور ڪُل رقم ———— رپيا ٿئي ٿي.

(اهڙو ئي اعلان دعويٰ جي جواب ڏيندڙ 2 کان گِروي رکيل ملڪيت تي دعويدار کي سندس رهيل رقم ڏيارڻ لاءِ هئڻ گهرجي، جيڪڏهن دعويٰ جي داخل درخواست تي گِروي جي رقم يا رهيل رقم ڏيڻ واجب ٿي ويئي هجي.)

2. ۽ گڏوگڏ اِهو پڻ حُڪم ٿيو ۽ ڊِڪريءَ ۾ ڄاڻايو ويو ته:

(i) دعويٰ جو جواب ڏيندڙ نمبر 1 ڪُل رقم ———— ڄاڻايل گِروي رکيل ملڪيت جي رهيل رقم، دعويٰ جي جواب ڏيندڙ نمبر 2 کي تاريخ ———— مهينو ———— 20ع يا انهيءَ کان اڳ يا پوءِ ڪنهن ٻيءَ تاريخ تي عدالت ۾ جمع ڪرائي ڇڏي، جيڪڏهن رقم ڏيڻ لاءِ عرصي ۾ عدالت کان واڌ ٿي هجي.

(اهڙو ئي اعلان دعويدار کي سندس رهيل رقم ڏيارڻ لاءِ هئڻ گهرجي، جنهن لاءِ دعويٰ جي جواب ڏيندڙ نمبر 2 کي اختيار هوندو ته هُو اهڙي رقم ڪيس ڏيئي.)

(ii) جيڪڏهن عدالت انهيءَ رقم جي ادائيگيءَ کي، دعويٰ جي جواب ڏيندڙ نمبر 1 طرفان دعويٰ جي جواب ڏيندڙ نمبر 2 ڏانهن رهڻُ سڏيو هجي، جيئن شِق 2 (i) موجب تجويز ٿيل هجي، ۽ انهيءَ کانپوءِ اهڙي تاريخ کان اڳ، جنهن کي عدالت اهڙي رقم لاءِ مُقرر ڪري سگهي ٿي، جيئن عدالت مُقدمي جي اهڙين لاڳتن ۽ اهڙن خرچن، فين ۽ ٻين ڳمن جي ڏس ۾ واجبُ ۽ رهڻُ هئڻ جو فيصلو ڏئي سگهي ٿي، جيڪي قاعدي 10سميت سِول پروسيجر ڪوڊ 1908ع جي ضميمي پهرئين تحت عدالتي حُڪم XXXIV جي قاعدي 11 موجب ڏيڻ جوڳو سڏيو ويو هجي، ته دعويدار ۽ دعويٰ جو جواب ڏيندڙ نمبر 2 گِروي رکيل ملڪيت سان لاڳاپيل سمورا دستاويز، جيڪي سندس تحويل ۾ يا اختيار ۾ هجن، عدالت ۾ داخل ڪرائيندو ۽ اُهي سمورا دستاويز دعويٰ جي جواب ڏيندڙ 1 کي (جنهن رقم ڏئي ڇڏي هجي) يا انهيءَ شخص کي، جيڪو هُن طرفان مُقرر ٿيو هجي، سونپيا ويندا، ۽ جيڪڏهن گهرج هجي، ته پوءِ دعويٰ جو جواب ڏيندڙ 2 ڇاٽايل گِروي کان آزاد ڇاٽايل ملڪيت کي واپس ۽ ٻيهر مُنتقل ڪندو ۽ اُنهن سمورين دعوائن کان آزاد توڙي آجو ڪندو، جيڪي دعويٰ جي جواب ڏيندڙ 2 يا ڪنهن ٻئي شخص، جيڪو هُن ذريعي دعويدار هجي يا جنهن ذريعي اُهو پاڻُ دعويدار هجي، مٿس دعوائون ڪيون هُجن ۽ ملڪيت کي هر قسم جي اُنهن ادائيگين کان آجو ڪندو، جيڪي ٻه گِرويءَ يا انهيءَ مُقدمي سان پيدا ٿيون هُجن، ۽ جيڪڏهن گهربل هجي، ته ڇاٽايل ملڪيت جي تحويل دعويٰ جي جواب ڏيندڙ 1 کي (جنهن رقم ڏني هجي) خاموشيءَ سان ۽ پُرامن طور ڏئي ڇڏي.

(iii) دعويٰ جي جواب ڏيندڙ نمبر 1 طرفان، دعويٰ جي جواب ڏيندڙ نمبر 2 جي رهيل رقم عدالت ۾ داخل ڪرڻ تي دعويدار کي اختيار هوندو، ته هُو مُقدمي جي اهڙين لاڳتن ۽ اهڙن خرچن، فين ۽ ٻين ڳمن جي ڏس ۾ واجبُ ۽ رهڻُ واريءَ رقم جي وصولي لاءِ، جيڪي قاعدي 10 سميت سِول پروسيجر ڪوڊ 1908ع جي ضميمي پهرئين تحت عدالتي حُڪم XXXIV جي قاعدي 11 موجب ڪيس ڏيڻ واجب هجن، ته درخواست ڏئي ۽ واڌُو بچيل رقم، جيڪڏهن ڪا هُجي، ته اُها دعويٰ جي جواب ڏيندڙ نمبر 2 کي ڏني ويندي؛ ۽ اِهو ته جيڪڏهن عدالت ۾ اُها جمع ڪرايل رقم، دعويدار جي حساب جي چُڪتو ٿيڻ لاءِ ڪافي نه هجي، ته دعويدار کي اختيار هوندو (جيڪڏهن اهڙي قانوني ڪارروائيءَ جو هو گِروي جي شرطن موجب حقدار هجي ۽ تنهن وقت رواج ۾ آيل ڪو قانون رُڪاوٽ بڻيل نه هجي،) ته هُو بقايا رقم لاءِ دعويٰ جي جواب ڏيندڙ نمبر 2 جي ذات خلاف ڊِڪري وٺڻ جي درخواست داخل ڪري.

3. ۽ گڏوگڏ اِهو پڻ حُڪم ٿيو ۽ ڊِڪريءَ ۾ ڇاٽايو ويو، ته جيڪڏهن دعويٰ جو جواب ڏيندڙ نمبر 2، دعويدار جي مُقدمي جي مَد ۾ رهيل مُقرر رقم عدالت ۾ جمع ڪرائي ڇڏي، ته دعويدار گِروي رکيل ملڪيت سان لاڳاپيل سمورا دستاويز وغيره [شِق 2 ذيلي شِق (ii) جيان] عدالت ۾ داخل ڪندو جيڪي سندس تحويل ۾ يا اختيار ۾ هجن.

4. ۽ گڏوگڏ اِهو پڻ حُڪم ٿيو ۽ ڊِڪريءَ ۾ چاڙهيو ويو، تہ دعويٰ جي جواب ڏيندڙ نمبر 1 طرفان عدالتي فيصلي موجب رقم نہ ڏيڻ جي صورت ۾، دعويدار عدالت ۾ قطعي نيلاميءَ جي ڊِڪريءَ خاطر درخواست داخل ڪري سگهي ٿو ۽ اهڙيءَ درخواست تي گِروي رکيل ملڪيت يا انهيءَ جي ڪافي حصي جي نيلام ٿيڻ جو حُڪم جاري ڪيو ويندو ۽ اِهو تہ لاڳاپيل گِروي رکيل ملڪيت، جيڪا سندس تحويل يا اختيار ۾ هجي، عدالت جي ڪنهن اهڙي عملدار جي روبرو پيش ڪندو، جنهن کي عدالت مُقرر ڪيو هجي.

5. ۽ گڏوگڏ اِهو پڻ حُڪم ٿيو ۽ ڊِڪريءَ ۾ چاڙهيو ويو، تہ نيلام جي خريداريءَ ۾ مليل رقم کي (نيلام جي خرچ ڪڍڻ کانپوءِ) عدالت ۾ جمع ڪرايو ويندو ۽ سڀ ڀرئين دعويدار کي رهيل رقم، عدالت جي فيصلي پٽاندر مٿي ڄاڻايل شِق 1 موجب مُقدمي جا خرچ ۽ اهڙا خرچ، فيون ۽ ٻيءَ لاڳت، جيڪا قاعدي 10سميت ڏيڻ جوڳو هُجي، تنهن سميت سِول پروسيجر ڪوڊ 1908ع جي ضميمي ڀرئين تحت عدالتي حُڪم XXXIV جي قاعدي 11 موجب ڏيڻ واجب هجي، ۽ جيڪڏهن ڪا واڌو رقم بچندي، تہ اُها دعويٰ جو جواب ڏيندڙ نمبر 1 يا اُنهن ٻين شخصن کي ڏني ويندي، جيڪي انهيءَ کي وٺڻ جا حقدار هجن.

6. ۽ گڏوگڏ اِهو پڻ حُڪم ٿيو ۽ ڊِڪريءَ ۾ چاڙهيو ويو تہ جيڪڏهن نيلام مان مليل رقم دعويدار يا دعويٰ جي جواب ڏيندڙ نمبر 2 جي حساب چُڪتو ٿيڻ لاءِ ڪافي نہ هجي، تہ دعويدار يا دعويٰ جي جواب ڏيندڙ نمبر 2 يا ٻنهي کي اختيار هوندو، جيئن بہ حالت هجي (جتي اهڙي قانوني ڪارروائي گِروي جي رهيل رقم جي شرطن موجب اُهي پاڻ ڪري سگهندا هجن ۽ ڪو رواج ۾ آيل قانون رُڪاوٽ نہ هجي) تہ دعويٰ جي جواب ڏيندڙ نمبر 2 يا دعويٰ جي جواب ڏيندڙ نمبر 1 (جيئن بہ حالت هجي) جي ذات خلاف ڊِڪري وٺڻ لاءِ عدالت ۾ درخواست ڏين.

7. ۽ گڏوگڏ اِهو پڻ حُڪم ٿيو ۽ ڊِڪريءَ ۾ چاڙهيو ويو تہ جيڪڏهن دعويٰ جو جواب ڏيندڙ نمبر 2، دعويدار جي رهيل رقم جي مَدُ ۾ رقم عدالت ۾ جمع ڪرائي ڇڏي ۽ جيڪڏهن دعويٰ جو جواب ڏيندڙ نمبر 1، دعويٰ جي جواب ڏيندڙ نمبر 2 جي رهيل رقم جمع نہ ڪرائي، تہ دعويٰ جي جواب ڏيندڙ نمبر 2 کي اختيار هوندو تہ هُو گِروي رکيل ملڪيت جي قطعي نيلاميءَ لاءِ ڊِڪريءَ (جيڪا بہ حالت هجي) درخواست ڏئي. (اعلان عام رواجي نموني ۾، دعويٰ جي جواب ڏيندڙ نمبر 2 جي گِروي ۾ رکيل ملڪيت جي نوعيت پٽاندر پڌرو ڪيو ويندو ۽ انهيءَ کانپوءِ اُپاءُ هُن لاءِ کُليل هوندا.)

8. ۽ گڏوگڏ اِهو پڻ حُڪم ٿيو ۽ ڊِڪريءَ ۾ چاڙهيو ويو تہ ڌُرين کي اختيار هجي، تہ اُهي گهرج موجب عدالت ۾ درخواست ڏين، ۽ اهڙي درخواست تي يا درخواست ڏيڻ کانسواءِ عدالت حُڪم جاري ڪري، جيئن اُها مُناسب سمجهي.

شيڊيول

گِروي رکيل ملڪيت جو تفصيل

12. دستاويزن ۾ غلطيءَ جي دُرستگي يا ڊِڪري

(عنوان)

هِتي پڌرو ڪيو وڃي ٿو ته ڏينهن ———— 20ع تي ڏُرين جو ارادو سچ ۾ ظاهر نٿو ٿئي، ته —— ——— دستاويز ۾ دُرستگي ڪئي وڃي، تنهنڪري اِها ڊِڪري جاري ٿي، ته ———— طرفان جاٽايل ———— ۾ ترميم ڪري اُن کي سُڌاريو وڃي.

13. نجي آزار خلاف منعنامو

(عنوان)

هِتي اِهو پڌرو ڪيو وڃي ٿو ته ———— تاريخ ———— 20ع جي ڏينهن ———— ۽ جيڪو ———— وچ ۾ ٿيو ۽ اُهو دعويدار ۽ بيِن سمورن دعوي جي جواب ڏيندڙ قرضدارن جي خلاف آهي، تنهن کي رَدُ سڏيو وڃي ٿو.

14. نجي آزار خلاف منعنامو

(عنوان)

انهيءَ پٽاندر دعوي جي جواب ڏيندڙ———— ۽ سندس ملازمن ۽ لانڙين ۽ ڪاريگرن کي دعوي جي جواب ڏيندڙ جي انهيءَ زميني ايراضيءَ تي سِرن کي ساڙڻ ۽ ساڙڻ جو سبب بنجڻ کان سدائين لاءِ روڪيو وڃي، جنهن جي شامل رٿا واري نقشي B ۾ نشاندهي ڪئي ويئي آهي، ته جيئن جاٽايل دعوي جي درخواست ڪندڙ دعويدار کي ڪا تڪليف نه پهچي، جيڪو جاٽايل گهر ۽ باغ جو مالڪ آهي.

15. اڳوٽي ماڙ کان وڌيڪ اوچي عمارت ٺاهڻ خلاف منعنامو

(عنوان)

انهيءَ پٽاندر دعوي جي جواب ڏيندڙ ———— ۽ سندس ٺيڪيدارن ۽ ڪارندن ۽ ڪاريگرن کي سدائين لاءِ روڪيو وڃي، ته دعوي جي جواب ڏيندڙ جي ايراضيءَ واقع———— رستي تي ڪو اهڙو گهر يا عمارت نه اڏي وڃي، جيڪا پراڻي عمارت جي اوچائيءَ کان وڌيڪ هجي، جيڪا اڳ ۾ سندس جاٽايل حدن ۾ واقع هئي، ۽ جنهن کي تازو ڪوٽيو ويو آهي، تنهنڪري يا انهيءَ انداز ۾، جو دعويدار جي اڳوٽي گهر جي درين ۾ ڪنهن به طرح جي ڪا اونداهي، رُڪاوٽ يا هاڃو پهچي، جو اُهي اڳائيون ٻڌيون آهن.

16. نجي رستي جي استعمال کان روڪڻ تي منعنامو

(عنوان)

انهيءَ پٽاندر دعويٰ جي جواب ڏيندڙ ———— ۽ سندس ملازمن، ڪارندن ۽ ڪاريگرن کي انهيءَ زمين تي رستي جي ڪنهن به حصي کي استعمال کان سدائين لاءِ روڪيو وڃي، جو اُهو رستو دعويدار سان ناتو رکي ٿو جيڪو گاڏن، ريڙهن وغيره جي آمدرفت يا ڪجهه ٻين ڪمن لاءِ استعمال ڪيو وڃي ٿو ۽ اُهو دعويدار جي ضميمي ۾ شامل رٿا واري نقشي B ۾ نشاندهي ڪيل علائقي ڏانهن اچڻ وڃڻ لاءِ استعمال ڪيو وڃي ٿو ۽ اُهو ٻين به ڪمن لاءِ ڪتب اچي ٿو.

17. ورثي ۾ ڇڏيل ملڪيت جي انتظام لاءِ اصلي ڊگري

(عنوان)

اِهو حُڪم ڏنو وڃي ٿو ته حساب توڙي تحقيق جي ترتيب هيٺئين ريت عمل ۾ اچي، يعني:-

قرضدار جي مُقدمي ۾:

1. جيڪا رقم فوتيءَ ڏانهن دعويدار ۽ سمورن ٻين قرضدارن ڏانهن رهيل هجي، تنهن جو حساب ڪتاب قانوني وارثن ڏانهن مُقدمي طور ڪيو وڃي.

ورثو ونندڙ طرفان مُقدمي ۾:

2. ورثي جي ماليت جو حساب، جيڪو فوتيءَ جي وصيت موجب ڏنو ويو هجي، لکيو ڪيو وڃي.

ويجهي مائٽ طرفان مُقدمي ۾:

ته تحقيق ڪئي وڃي ۽ حساب لکيو وڃي، جيڪڏهن ڪو دعويدار هجي، ته اُهو وراثت ڇڏيندڙ [يا سيني کان ويجهن مائٽن مان] جي ويجهي مائٽ طور ورثي جو ڪهڙي يا ڪيتري حصي جو حقدار آهي.

[پهرئين پيراگراف کانپوءِ، جاري ٿيل ڊگريءَ ۾، جتي ضروري هجي، قرضدار جي مُقدمي، تحقيق ۽ ورثي ڇڏيندڙ قانوني وارثن ۽ ويجهن مائٽن لاءِ حساب ڪتاب ڪرڻ جو حُڪم ڏنو ويندو. قرضدارن بجاءِ دعويدارن جي مُقدمن ۾، پهرئين پيراگراف کانپوءِ، سمورين حالتن کي ڌيان ۾ رکندي، تحقيق ۽ قرضدارن جي حساب ڪتاب جو حُڪم ڏنو ويندو ۽ اهڙو ٻيو حُڪم به ڏنو ويندو جيڪو ضروري هوندو پر پهرئين رسمي لفظن کي خارج ڪيو ويندو. اِهو نمونو قرضدارن جي مُقدمي جيان جاري رهندو.]

4. ڪفن توڙي دفن ۽ وصيت تي آيل خرچن جو حساب ڪتاب لکيو وڃي.

5. ورثي ۾ ڇڏيل مُنتقل ٿيندڙ ملڪيت جو حساب ڪتاب، جيڪو هُن جي حُڪم سان يا سندس استعمال لاءِ دعويٰ جي جواب ڏيندڙ يا ڪنهن ٻئي شخص جي تحويل ۾ اچي وڃي.

6. انهيءَ ڳالھ جي تحقيق ڪئي ويجي، تہ فوتيءَ جي ورثي ۾ ڇڏيل ڪيتري مُنتقل ٿيندڙ ملڪيت (جيڪڏهن ڪجھ هجي) رهيل آهي، يا نيڪال نہ ٿي.

7. ۽ اِهو وڌيڪ حُڪم ڏنو ويجي ٿو تہ دعوي جو جواب ڏيندڙ ڏينهن ——— ڪان اڳ تاريخ ——— مهينو——— 20ع تي عدالت ۾ سموري ڪُل رقم جمع ڪرائي، جنهن لاءِ پتو پوي، تہ اُها هُن جي هٿن ۾ آئي، يا هُن جي حُڪم سان يا سندس استعمال لاءِ ڪنهن ٻئي شخص جي قبضي ۾ آئي هئي.

8. ۽ اِهو تہ جيڪڏهن ————— [14][مُقدمي جي مقصدن تي عملدرآمد لاءِ مرحوم جي متحرڪ ملڪيت جي ڪنهن حصي کي وڪرو ڪرڻ لازمي سمجهندو.] سندس سمجھ ۾ مُقدمي جي مقصد خاطر ورثي ۾ ڇڏيل مُنتقل ٿيندڙ ملڪيت جي ڪيتري حصن کي نيلام ڪرڻ ضروري سمجهي، تہ انهيءَ کي نيلام ڪري، ۽ خريداريءَ مان مليل رقم کي عدالت ۾ جمع ڪيو ويجي.

9. ۽ اِهو تہ محترم ي. ف انهيءَ مُقدمي (يا ڪارروائي) ۾ رسيور مُقرر ٿئي ۽ فوتي جي سمورن وارثن ۽ مُنتقل ٿيندڙ ملڪيت کي پنهنجي نگراني ۾ آڻي ۽ اُها ساڳي ———— جي هٿن ۾ سونپي ۽[15][پنهنجي خدمتن جي قرار واقعي تعميل لاءِ هُو ڪُل رقم———— رپين جي تعداد جو ضمانتنامو داخل ڪري.]

10. ۽ گڏوگڏ هيءُ حُڪم ڏنو ويجي ٿو تہ جيڪڏهن فوتيءَ جي ورثي ۾ ڇڏيل مُنتقل ٿيندڙ ملڪيت کي مُقدمن جي مقصدن لاءِ ڪافي سمجهيو ويجي، تہ وڌيڪ تحقيق ڪئي ويجي ۽ حسابَ ڪتابُ ڪيو ويجي:-

(a) انهيءَ ڳالھ جي تحقيق، تہ ڪنهن غيرمُنتقل ٿيندڙ ملڪيت تي فوتي پنهنجي وفات مهل قابض هو يا انهيءَ جو حقدار هو.

(b) انهيءَ ڳالھ جي تحقيق، تہ فوتيءَ جي غيرمُنتقل ٿيندڙ ملڪيت يا انهيءَ جي ڪنهن حصي تي ڪهڙا مُطالبا آهن (جيڪڏهن ڪجھ مُطالبا هجن) جنهن سبب فوتيءَ جي غيرمتحرڪ ملڪيت جي ڪنهن حصي تي اثر پوندو هجي.

(c) جيستائين ممڪن هجي، تہ اُنهن رقمن جو حساب ڪيو ويجي، جيڪي انيڪ مطالبن بابت واجب هجن ۽ انهيءَ ۾ اڳاٽن توڙي پوءِ وارن اُنهن مطالبن جو تفصيل لکيو ويجي، جيڪي انهيءَ نيلاميءَ سان سَرچاءِ ۾ هُجن، جيئن پوءِ هدايت ڏني ويندي.

11. ۽ جيئن تہ فوتيءَ جي ورثي ۾ ڇڏيل غيرمُنتقل ٿيندڙ ملڪيت يا جيستائين انهيءَ مان مُقدمي خاطر جُڙيل فَنڊ کي عدالت ۾ جمع ڪرايو ويجي، تہ جيئن مُقدمي جي مقصدن تي عمل ڪيو ويجي، تہ عدالت جي جَج جي منظوريءَ سان اهڙن دعويدارن جي دعوائن ڪان آجو ٿجي (جيڪڏهن

[14] هِتي لاڳاپيل عملدار جو نالو شامل ڪريو.
[15] ساڳيو.

ڪجي هُجن)، جيڪي نيلامي تي راضي ٿيندا ۽ باقي اُنهن دعويدارن جون دعوائن تي نيلامي ڪئي وڃي، جيڪي نيلام تي راضي نہ هجن.

12. ۽ گڏوگڏ حُڪم ڏنو وڃي ٿو تہ ج. ح مُنتقل ٿيندڙ ملڪيت جي نيلاميءَ جو بندوبست ڪندو ۽ انهيءَ نيلاميءَ جا شرط جوڙيندو ۽ نيلاميءَ جا معاهدا ڪندو جيڪي ———— جي منظوريءَ جي ماتحت هوندا ۽ جيڪڏهن ڪنهن حالت ۾ ڪو شڪ پيدا ٿيندو، تہ اُهو مامرو نبيرڻ لاءِ جَجُ ڏانهن موڪليو ويندو.

13. ۽ گڏوگڏ حُڪم ڏنو وڃي ٿو تہ تحقيقَ جي مقصدن خاطر هدايت ڏني ويندي، تہ ———— – عدالت جي ضابطي موجب اخبارن ۾ اشتهار ڇپرائيندو يا اهڙي تحقيق تي ڪنهن ٻئي طريقي سان عمل ڪندو وڃي، جيڪو ———— آڏو پڌرو ٿيندو، تہ هُو اهڙي تحقيق جي سيني ڪان وڏيڪ ڪارائتي مشهوري ڪرائي.

14. ۽ گڏوگڏ حُڪم ڏنو وڃي ٿو تہ جاٽايل مامري جي تحقيق ۽ حسابُ ڪتابُ باضابطا ڪيو وڃي ۽ ٻين جن عملن جو حُڪم ڏنو وڃي، تن ڪي پُڄاڻيءَ جي ڏينهن کان اڳ مڪمل ڪيو وڃي ۽ اِهو تہ تحقيقَ ۽ حساب ڪتابُ جي نتيجن جي تصديق ڪئي وڃي، ۽ اِهو تہ جن عملن جو حُڪم ڏنو ويو هو سي پُورا ٿي ويا آهن ۽ انهيءَ ڏس ۾ اُن جو سرٽيفڪيٽ ناهي، ڏينهن ———— تي ڏُرين جي ڇنڊڇاڻ ۽ ڇڪاسُ لاءِ تيار رکيو وڃي.

15. ۽ پڇاڙيءَ ۾ اِهو حُڪم ڏنو وڃي، تہ هيءُ مُقدمو (يا ڪارروائي) ڏينهن ———— تائين حتمي ڊِڪريءَ جاري ٿيڻ لاءِ مُلتوي ٿئي.

[انهيءَ ڊِڪريءَ جو رُڳو اُهو حصو لکيو وڃي، جيڪو خاص حالت سان واسطو رکندو هجي.]

18. قانوني وارثن طرفان ملڪيت جي انتظام وٺڻ جي مُقدمي ۾ حتمي ڊِڪري

عنوان

1. اِهو حُڪم ڪيو وڃي ٿو تہ دعوي جو جواب ڏيندڙ ———— انهيءَ ڏينهن يا اڳ ۾ ڏينهن ———— 20ع تي عدالت ۾ اُها ڪُل رقم ———— رپيا جمع ڪرائي، جنهن بابت جاٽايل سرٽيفڪيٽ مان پتو پوي، تہ اُها رقم فوتيءَ جي ڇڏيل ورثي پٽاندر دعويٰ جي جواب ڏيندڙ ڏانهن رهتُ هئي ۽ گڏوگڏ ساليانو في سيڪڙو رپين جي شرح سان وياج جي ڏينهن ———— کان وني ڪُل رقم ———— ———— تي پئي.

2. جاٽايل عدالت کي اِهو اختيار هجي، تہ اُها هن مُقدمي ۾ دعويدار توڙي دعويٰ جي جواب ڏيندڙ جي خرچ کي ڏيڻ واجبُ ڪوني، تنهنڪري ايئن فيصلي ڏيڻ کانپوءِ مٿئين جاٽايل خرچ جي ڪُل رقم ———— بابت هيٺئين ريت تفصيل ڏنو وڃي، جڏهن مٿي جاٽايل جيان عدالت ۾ جمع ڪرڻ جو حُڪم ٿيو هجي:-

(a) دعويدار جو خرج محترم ——————— ڏانهن، سندس اٽارني [يا پيروي ڪندڙ وڪيل] يا دعوي جي جواب ڏيندڙ جو خرج محترم ——————— ڏانهن، سندس اٽارني [يا پيروي ڪندڙ وڪيل].

(b) ۽ مٿي ڄاڻايل دعويدار يا دعوي جي جواب ڏيندڙ جي خرج ڏيڻ کانپوءِ، ڄاڻايل رقم مان ڪا رَهتُ (جيڪڏهن ڪو قرض رهيل هجي)، جو پتو پوي، ته انيڪ قرضدارن جو قرض رهيل هجي، جن کي شيڊيول ۾ ذڪر ٿيل هُجي، ته ——————— جي تصديق ٿيل سرٽيفڪيٽ ۾ ڏيڻ واجب سڏيو ويو هُجي.[16]

گڏوگڏ اهڙي قرضَ تي لڳل وياج جي رقم پڻ ڏني وڃي ۽ اهڙي ادائيگي ڪرڻ کانپوءِ، شيڊيول ۾ ذڪر ٿيل انيڪ وارثن کي وياج (جنهن جي تصديق ڄاڻايل ڄاڻايل طريقي موجب ڪئي وڃي) سميت بقايا رقم ڏني وڃي.

3. جيڪڏهن پوءِ به ڪجهه اجا رقم بچي وڃي، ته اُها باقي رهيل وارثن کي ڏني وڃي.

19. قانوني وارثن طرفان ملڪيت جي انتظام وٺڻ جي مُقدمي ۾ حتمي ڊِگري جڏهن وارث ذاتي طور پاڻُ وصيت ڪيل مالُ ڏيڻ جو ذميدار هجي

(عنوان)

1. اِهو پڌرو ڪيو وڃي ٿو ته دعوي جو جواب ڏيندڙ ذاتي طور پاڻُ انهيءَ جو ذميدار هجي، ته وصيت ڪيل ملڪيت جا ڪُل ربيا دعويدار کي ڏئي؛

2. تنهنڪري حُڪم ڏنو وڃي ٿو ته رقم موجب، ڄاڻايل وصيت ڪيل شيءِ جي اصل توڙي وياج جي رقم بابت حساب ڪتاب ڪيو وڃي، جيڪا رهيل هجي؛

3. گڏوگڏ حُڪم ڏنو وڃي ٿو ته دعوي جو جواب ڏيندڙ ڄاڻايل سرٽيفڪيٽ جي تاريخ کانپوءِ هفتن —— ۾، دعويدار کي ايتري رقم ڏئي، جنهن رقم ——— ربين جي تصديق ٿئي، ته اُهي اصل مُوڙيءَ ۽ وياج تي واجبُ آهن؛

4. ۽ اِهو حُڪم ڏنو وڃي ٿو ته دعوي جو جواب ڏيندڙ مُقدمي جو خرج دعويدار کي ڏئي، ۽ اِهو انهيءَ حال ۾ لاڳو ڪيو ويندو جو ڌُريون پاڻُ ۾ اختلاف رکنديون هجن.

20. فوتيءَ جي ڇڏيل ملڪيت جي وارثيءَ لاءِ ويجهي مائٽ طرفان مقدمي جي اصلي ڊِگري

(عنوان)

1. ڄاڻايل عدالت کي اجازت هجي، ته اُها دعويدار ۽ دعوي جي جواب ڏيندڙ تي هن مُقدمي ۾ خرج لاڳو ڪري، ۽ ڄاڻايل دعويدار تي عدالت اهڙي خرج جي ماليت ڏيڻ جو حُڪم لاڳو ڪري، ته اُها رقم دعوي جي جواب ڏيندڙ طرفان دعويدار کي اُن ڄاڻايل سرٽيفڪيٽ پٽاندر باقي رهيل ڪُل ربين منجهان ڏياري وڃي، جنهن بابت پتو پوي، ته اُها وصيت بغير فوتي ه. و جي ذاتي ملڪيت جي خيال کان ڄاڻايل دعوي جي جواب ڏيندڙ ڏانهن رَهتُ آهي. سا رقم ڄاڻايل ——————— طرفان ڄاڻايل خرج

---

[16] هِتي لاڳاپيل عملدار جو نالو شامل ڪريو.

ڏيڻ جي حُڪم لاڳو ٿيڻ کانپوءِ هڪڙي هفتي ۾ ڏني وڃي، ۽ دعوي جي جواب ڏيندڙ کي اجازت هُجي، تہ هُو اهڙي رقم منجهان بچيل رقم کي پنهنجي خرچن جي استعمال لاءِ برقرار رکي، جڏهن مُقدمي ۾ اهڙي خرچ جي ماليت ڏيڻ جو عدالت طرفان حُڪم جاري ٿئي.

2. ۽ گڏوگڏ حُڪم ڏنو وڃي ٿو تہ متي ڄاڻايل جيان دعويدار ۽ دعوي جي جواب ڏيندڙ جي خرچن جي ادائيگي ڪرڻ کانپوءِ ڄاڻايل رهيل ڪُل رپيا ——— ڏنا وڃن ۽ دعوي جي جواب ڏيندڙ طرفان هيٺئين ريت درخواست ڏئي:-

(a) دعوي جو جواب ڏيندڙ کي اجازت ڏني وڃي، تہ[17] متي ڄاڻايل جيان ——— طرفان ڄاڻايل خرچ ڏيڻ جي حُڪم لاڳو ٿيڻ جي هڪ هفتي کانپوءِ، ڄاڻايل رهيل رقم جو هڪ ڀاڱي تي (⅓) ڀاڱو دعويدار الف، ب ۽ سندس زال ت، ب کي ڏئي، جيڪا متي ڄاڻايل وصيت بغير فوتي ٥، و جي ڀيڻ جيان قانوني حقدار ۽ ٻين سيني ويجهن مائٽن منجهان هڪ هُجي.

(b) دعوي جي جواب ڏيندڙ کي اجازت هُجي، تہ هُو متي ڄاڻايل وصيت بغير فوتي ٥، و جي ٻئي ٽئين ڀاڱي کي پنهنجي خرچن جي استعمال لاءِ برقرار رکي.

(c)) دعوي جو جواب ڏيندڙ کي اجازت ڏني وڃي، تہ متي ڄاڻايل جيان ——— طرفان ڄاڻايل خرچ ڏيڻ جي حُڪم لاڳو ٿيڻ جي هڪ هفتي کانپوءِ، ڄاڻايل رهيل رقم جو هڪ ڀاڱي تي (⅓) ڀاڱو ج، ح کي متي ڄاڻايل وصيت بغير فوتي ٥، و جي ڀاءُ ۽ ٻين سيني ويجهن مائٽن منجهان هڪ هئڻ جيان ڏئي.

21. ڀائيواري جي خاتمي ۽ ڀائيواريءَ جي حساب وٺڻ لاءِ مُقدمي جي اصلي ڊڪري

(عنوان)

هِتي اِهو حُڪم ڏنو وڃي ٿو تہ ڄاڻايل ڀائيواريءَ جي دعوي واري درخواست ۾ ڌُرين جا مُتناسب حصا هيٺئين ريت آهن:

هِتي اِهو حُڪم ڏنو وڃي ٿو تہ ڄاڻايل ڀائيواري، جيڪا دعويدار ۽ دعوي جي جواب ڏيندڙ جي وچ ۾ آهي، سا ڏينهن ——— مهينو ——— 20ع کان رد آهي [يا سمجهيو ويندو تہ اُها ختم ٿي ويئي آهي] گڏوگڏ اِهو حُڪم ڏنو وڃي ٿو تہ ڄاڻايل ڀائيواريءَ جي خاتمي جي عمل کي ڄاڻايل تاريخ کان گزيٽ ——— وغيره ۾ ڇاپيو وڃي.

۽ هِتي اِهو حُڪم ڏنو وڃي ٿو تہ انهيءَ ڀائيواريءَ جي ملڪيت جو جيڪو رسيور مُقرر ٿئي، سو هن دعوي جي تڪراري مالُ جو نگران پڻ مُقرر ٿئي، ۽ ڀائيواريءَ جي سمورن کاتن، حسابن ڪتابن ۽ دعوائن کي پنهنجي ضابطي ۾ وٺي.

---

[17] هِتي لاڳاپيل عملدار جو نالو شامل ڪريو.

۽ اِهو حُڪم ڏنو وڃي ٿو ته هينيان تفصيلي حساب ڪتابَ ورتا وڃن:

1. جاٽايل پائيواريءَ سان لاڳاپيل مال توڙي ملڪيت ۽ رهيل رقم جو حساب ڪتاب،

2. پائيواري جي رهيل رقمَ ۽ ٻيا لاڳاپيل حساب ڪتابُ،

3. دعويدار ۽ دعويٰ جي جواب ڏيندڙ جي وچ ۾ سمورن حسابن ڪتابن ۽ ڪاروباري لهه وچڙ جي مامرن جو حساب ڪتاب. جيڪو نبيريل حساب ڪتاب جو بُنياد هُجي، اُهو مُقدمي ۾ نشان لڳايل (1-A) ۾ واضح ٿيل هُجي ۽ پوءِ جي ڪنهن نبيريل حساب سان لاڳاپو نه رکندا هجن.

۽ هِتي اِهو حُڪم ڏنو وڃي ٿو ته دعويدار ۽ دعويٰ جي جواب ڏيندڙ ايستائين جيڪو ڪاروبار نيڪ نيتيءَ سان ڪيو هُجي، جيئن دعويٰ ۾ جاٽايل هُجي، ۽ جيڪو واپاري مالُ گودام ۾ ذخيرو ٿيل هُجي، تنهن مال کي انهيءَ ماڳُ تي نيلام ڪيو وڃي، ۽ اِهو ته ڌُرين منجهان ڪنهن به هڪ جي درخواست تي، سموري مال يا اهڙي سموري مالُ جي محفوظ نيلاميءَ لاءِ ڪو ڏينهن مُقرر ڪيو وڃي، ۽ اِهو ته ٻنهي ڌُرين کي اختيار هوندو ته اُهي نيلاميءَ ۾ ٻهرو وٺن.

۽ اِهو حُڪم ڏنو وڃي ! ته متي جاٽايل حساب ڪتابُ ورتو وڃي ۽ ٻين سمورن گهربل عملن کي ڏينهن ——— مهينو ——— 20ع [18] کان اڳ پُورو ڪيو وڃي، حساب ڪتاب جي نتيجي جي تصديق ڪئي وڃي ۽ اِهو ته ٻين سمورن گهربل عملن کي پُورو ڪيو وڃي ۽ انهيءَ ڏينهن ——— تي ڌُرين جي چَڪاس ۽ چندچاڻ لاءِ پنهنجي پاران سرٽيفڪيٽ کي مڪمل ڪري رکي.

۽ پڇاڙيءَ ۾ اِهو حُڪم ڏنو وڃي، ته ڏينهن ——— مهينو ——— 20ع تي حتمي ڊِڪريءَ جاري ڪرڻ لاءِ، هيءَ مُقدمو مُلتوي رهندو.

22. پائيواري حساب وٺڻ ۽ پائيواريءَ جي خاتمي واري مُقدمي ۾ اصلي ڊِڪري

(عنوان)

هِتي اِهو حُڪم ٿيو ته عدالت ۾ جمع ٿيل ڦَنڊ. جيڪا مجموعي طور ڪُل رقم ——— رُپيا آهي، تنهن کي هيٺئين ريت خرچ ڪيو وڃي:-

1. پائيواري سبب رَهتُ رقم جي ادائيگي ۾ ——— جي سرٽيفڪيٽ ۾ چُڪتو ڪئي وڃي، ۽ اُهو مجموعي رقم رپيا ——— ڏئي.

2. هن مُقدمي ۾ سيني ڌُرين جي خرچن جي ادائيگي ۾ جيڪا [19] مجموعي رقم رپيا ——— ڏني وڃي.

[اُنهن خرچن جي ڊِڪريءَ جي لکجڻ کان اڳ ۾ تحقيق ڪئي وڃي.]

---

[18] هِتي لاڳاپيل عملدار جو نالو شامل ڪريو.

[19] هِتي لاڳاپيل عملدار جو نالو شامل ڪريو.

3. دعويدار کي پائيواري مال جي سندس حصي جيان مجموعي رپين ———— جي ادائيگيءَ ۾، جنهن ۾عدالت ۾ جمع ٿيل مجموعي ڄاڻايل ڪُل رپين ———— منجهان مجموعي رپيا ———— جيڪي رهيل هُجن، سي پائيواري مال جي سندس حصي جيان دعويٰ جي جواب ڏيندڙ کي ڏنا وڃن.

[يا هيءَ ته ڪُل ڄاڻايل رقم جا باقي رپيا ڄاڻايل دعويدار (يا دعويٰ جي جواب ڏيندڙ) کي جُزوي ادائيگي طور ڏنا وڃن، جيڪي سرٽيفڪيٽ پٽاندر پائيواري جي ڪاٽن جي ڏس ۾ سندس رهڻ هُجن.]

4. ۽ اهو ته دعويٰ جو جواب ڏيندڙ (يا دعويدار) ڏينهن ———— مهينو ———— تي يا انهيءَ کان اڳ دعويدار (يا دعويٰ جو جواب ڏيندڙ) کي ڄاڻايل مجموعي رقم ———— ڏئي ڇڏي، جيڪي ڏانهس رَهڻ ڄاڻايل مجموعي رقم رپيا ———— جا باقي بچيل هُجن، ۽ اُهي پوءِ واجبُ رهندا.

23. منافعي ۽ زرعي زمين ونڊ بابت ڊِڪري

(عنوان)

هِتي هيٺئين ريت حُڪم ڪيو وڃي ٿو ته:

1. ته دعويٰ جو جواب ڏيندڙ دعويدار کي انهيءَ ملڪيت جي تحويل ڏئي ڇڏي، جنهن جي هتي شامل ضميمي ۾ وضاحت ٿيل هجي.
2. ته دعويٰ جو جواب ڏيندڙ دعويدار کي وياج تي ساليانو سيڪڙي سميت ملڪيت جي مسواڙ وغيره جي ڪاٽي مان ٿيل نفعي جي تاريخ کان مجموعي رقم ———— ڏئي، جيڪي مُقدمي جي داخلا کان اڳ ۾ قانوني دعويٰ موجب واجبُ ٿيا هجن.
3. ته مُقدمي جي داخلا کان ملڪيت جي مسواڙ وغيره جي ڪاٽي مان ٿيل نفعي بابت تحقيق ڪئي وڃي، جيڪو مُقدمي جي داخلا کان اڳ ۾ قانوني دعويٰ موجب واجبُ ٿيو هجي.
4. ته مُقدمي جي داخلا کان ملڪيت جي مسواڙ وغيره جي ڪاٽي مان ٿيل نفعي بابت تحقيق ڪئي وڃي، جيستائين [ڊِڪريدار کي ملڪيت جي تحويل نه ملي] [عدالت ذريعي ڊِڪري ونندڙ کي نوٽيس سان فيصلي جي قرضدار طرفان ملڪيت جي تحويل تان هَٽُ نه ڪنيو وڃي،] ۽ [ڊِڪري جاري ٿيڻ جي تاريخ کان ٽي ورهيه گُذري نه وڃن.]

شيڊيول

سنڌ ۾ فارم نمبر 24 طور هيٺيون مواد شامل ٿيو:-

24. ڪنهن نندڙي يا ڇَرٽي بارُ پاران ڪنهن مُقدمي ۾ سرڇاءَ لاءِ منظوريءَ جي ڊِڪري

(قانوني حُڪم XXXII جي قاعدي 7 جو ذيلي قاعدو 1-A)

(عنوان)

هيءَ مُقدمو اجوڪي ڏينهن تي س.د طرفان هڪڙي نندڙي بار الف ب جي موجودگيءَ ۾ حتمي اُڪلاءَ لاءِ داخل ٿيو جيڪو سندس وبجهو دوست (يا دعويٰ جو جواب ڏيندڙ)، ف نندڙو بار هُجي، جنهن

جي طرفان سندس نگران ج. هہ دعوي داخل ڪئي هُجي) درخواست ڏني آهي. تہ هيءُ مُقدمو تاريخ ——— ——— ڏينهن ——— سال ——— 20ع تي لڪت ۾ ڪنهن معاهدي جي شرطن پٽاندر سرچاءُ ڪيو وڃي، ۽ هڪڙي پاسي طور دعويدار الف. ب (چاٽايل وبجهي دوست طرفان) . ۽ چاٽايل ي. ف (چاٽايل نِگران طرفان) ٻئي حصي طور (يا اُنهن شرطن تي. جن ڪي پوءِ چاٽايو وڃي) ۽ انهيءَ مان عدالت آڏو ظاهر ٿيو تہ چاٽايل سرچاءُ صحيح ۽ مُناسب آهي ۽ چاٽايل ٻارُ جي فائدي ۾ آهي. تنهنڪري هيءُ عدالت. چاٽايل ننڍڙي ٻارُ ٻاران ۽ سمورين ڌُرين جي راضپي سان ذڪر ٿيل سرچاءُ جي منظوري ڏئي ٿي:-

انهيءَ سرچاءُ جو هيٺئين ريت حُڪم ڏنو وڃي ٿو:

(سرچاءُ جا باضابطا شرط لکيا وڃن.)"

ضميمو -E

ڊِڪريءَ جو جاري ٿيڻ

1. سبب پيش ڪرڻ بابت نوٽيس، تہ ڇو تصديقي طور

ادائيگي يا نبيرو نہ لکيو وڃي

(قانوني حُڪم XXI، قاعدو 2)

(عنوان)

ڏانهن ——— ———

جيئن تہ مٿي چاٽايل مُقدمي ۾ ڊِڪري جاري ڪرڻ لاءِ نالي ——— هن عدالت ۾ درخواست داخل ڪئي آهي. تہ ڪُل رقم ——— جيڪا ڊِڪريءَ موجب ملي ويئي آهي/ سرچاءُ ڪيو ويو آهي۽ انهيءَ کي تصديق ٿيل طور لکيو وڃي. تنهنڪري توهان کي نوٽيس ۾ حُڪم ڏنو وڃي ٿو تہ توهان نبيري جي ڏينهن ——— 20ع تي عدالت ۾ حاضر ٿي سبب چاٽايو تہ ڇو نہ چاٽايل ادائيگي کي تصديق طور لکيو وڃي.

هيءُ منهنجي صحيح ۽ عدالت جي مُهر سان اڄ تاريخ ——— 20 تي جاري ٿيو.

جَج جي صحيح ———

2. عدالتي حُڪم (قلم 46)

(عنوان)

ڊِڪري ونندڙ کي ٻُڌڻ کانپوءِ اِهو حُڪم ڏنو وڃي ٿو تہ انهيءَ حڪمنامي کي عدالت ——— ——— واقع ——— سِول پروسيجر ڪوڊ 1908ع جي قلم 46 تحت ملڪيت کي ضبط ڪرڻ جي اُنهن هدايتن سان موڪليو وڃي ٿو جيڪي ضميمي ۾ واضح ڪيل آهن. ۽ ڪنهن بہ درخواست کي ساڳئي تعطل ۾ رکيو وڃي. جيستائين ڊِڪريءَ جي تعميل لاءِ ڊِڪري ونندڙ طرفان درخواست کي داخل نہ ڪيو وڃي.

شيڊيول

تاريخ ——— ڏينهن ——— 20ع

جَج جي صحيح ———

3. ٻيءَ عدالت مان جاري ٿيڻ لاءِ ڊِڪري موڪلڻ بابت حُڪم

(قانوني حُڪم نمبر XXI، قاعدو 6)

(عنوان)

جيئن تہ مٿئين مُقدمي ۾ ڊِڪري وٺندڙ هن عدالت ۾ درخواست داخل ڪئي آهي، تہ ———— ————عدالت واقع ———— ۾ مٿي ڄاڻايل عدالت طرفان مٿئين مُقدمي ۾ ڊِڪري جاري ڪرڻ لاءِ انهيءَ ڌُمت سان سرٽيفڪيٽ موڪليو وڃي، تہ ڄاڻايل ڊِڪريءَ جو قرضدار، ڄاڻايل عدالت جي ٻُڌڻيءَ واري اختياري حدن ۾ رهي ٿو ۽ سندس ملڪيت بہ انهيءَ عدالت جي حدن ۾ موجود آهي ۽ انهيءَ ڳالهہ کي لازمي ۽ مُناسب سمجهيو وڃي ٿو تہ ڄاڻايل عدالت ۾ سِول پروسيجر ڪوڊ 1908ع جي عدالتي حُڪم XXI، قاعدي 5 تحت مٿيون سرٽيفڪيٽ موڪليو وڃي، تنهنڪري اِهو حُڪم ڏنو وڃي ٿو:

۽ انهيءَ حُڪم جو نقل ———————— ڏانهن موڪليو وڃي، جنهن سان گڏ ڊِڪريءَ ۽ ڪنهن حُڪم جو نقل، جيڪو انهيءَ جي جاري ٿيڻ بابت جاري ڪيو ويو هجي ۽ تعميل نہ ٿيڻ جو سرٽيفڪيٽ پڻ موڪليو وڃي.

تاريخ ———— ڏينهن ———— 20ع

جَج جي صحيح————

4. ڊِڪريءَ جي تعميل نہ ٿيڻ بابت سرٽيفڪيٽ

(قانوني حُڪم XXI، قاعدو 6)

(عنوان)

تصديق ڪئي وڃي ٿي، تہ مقدمي نمبر ——— ڏينهن ——— 20ع جي هِن عدالت طرفان جاري ٿيل ڊِڪريءَ جي تعميل نہ ٿي آهي، جنهن جو هِتي هڪڙو نقل بہ شامل آهي، جنهن جي هن عدالت جي اختياري حدن ۾ تعميل جي ڪوشش ڪئي وئي آهي.

تاريخ ———— ڏينهن ———— 20ع

جَج جي صحيح————

(جيڪڏهن ڊِڪريءَ جي جُزوي تعميل ٿي هجي، تہ لفظ "نہ" لکو تہ ڄاڻايو تہ ڪهڙي سطح تائين تعميل ٿي آهي.)

5. ڊِڪري جاري ٿيڻ جو سرٽيفڪيٽ، جيڪو ٻيءَ عدالت ۾ مُنتقل ڪيو ويو هجي

(قانوني حُڪم XXI، قاعدو 6)

(عنوان)

مُقدمي جو نمبر ۽ ڊڪري جاري ڪندڙ عدالت	ڏُرين جا نالا	ڊڪريءَ لاءِ درخواست تاريخ	ڊڪريءَ جي مُقدمن جو تعداد	سمن جاري ۽ تعميل جون تاريخون	ڊڪريءَ جو خرچ	ڪيتري رقم ملي	مُقدمو ڪيئن نيڪال ٿيو	رايا
1	2	3	4	5	6	7	8	9
					رپيا آنا پئسا	رپيا آنا پئسا		

انچارج مُحرر جي صحيح ——————— جَجُ جي صحيح ———————

مُقدمي جو نمبر	ڏُرين جو تعداد	ڊڪريءَ جي تاريخ	ڇا ڊڪريءَ تي اپيل ٿي يا نہ	ادائيگي يا نبيرو ٿيو جيڪڏهن ڪو ٿيو هُجي	اڳوڻي درخواست، جيڪڏهن ڪا هُجي، تہ تاريخ ۽ نتيجو	ڊڪريءَ پٽاندڙ رهيل وياج سميت ماليت يا ڪا ٻي امدادي واهر جيڪا ملي هجي تنهن سميت ڪنهن مخالف ڊڪريءَ جا تفصيل	خرچ جي ماليت، جيڪڏهن ڪا ڏياري وئي هجي	ڪنهن جي خلاف تعميل ٿي	طريقيڪار جنهن ۾ عدالت کي امداد گهربل هجي
1	2	3	4	5	6	7	8	9	10
1897ع جو 789	الف. ب – دعويدار ب. ت دعوي جو جواب ڏيندڙ	11 آڪٽوبر 1897ع	نہ	ڪو بہ نہ	درخواست تي 72 رپيا 4 آنا ورتا ويا. تاريخ 4 مارچ 1899ع	314 رپيا، آٺ آنا ۽ پايون [ساليانو ڇهہ سيڪڙو وياج، ڊڪريءَ جي تاريخ کان ادائيگيءَ تائين]	ڊڪريءَ ۾ حُڪم موجب 47 رپيا، 10 آنا ۽ 4 پايون. پوءِ وصول ٿيا 8 رپيا، 2 آنا. جڏهن تہ بقايا 55 رپيا، 12 آنا ۽ 4 پايون.	دعوي جي جواب ڏيندڙ ب. ت خلاف	[جڏهن متحرڪ ملڪيت جي ضبطگي ۽ نيلاميءَ جي ڊڪري وٺڻ جي ڪوشش ڪئي وڃي.] آءٌ گذارش ڪريان ٿو تہ ڪُل رقم رپيا ...... [ادائيگيءَ جي تاريخ تائين اصل موڙيءَ تي وياج سميت] ۽ انهيءَ جي تعميل تي جيڪو خرچ ٿئي، سو دعوي جي جواب ڏيندڙ جي متحرڪ ملڪيت جي ضبطگي ۽ نيلاميءَ مان ورتو وڃي، جيئن شامل ڪيل فهرست ۾ ڄاڻايو ويو آهي ۽ مونکي رقم ڏني وڃي آهي. [جڏهن غيرمتحرڪ ملڪيت جي ضبطگي ۽ نيلاميءَ جي ڊڪري وٺڻ جي ڪوشش ڪئي وڃي.] آءٌ گذارش ڪريان ٿو تہ ڪُل رقم رپيا ...... [ادائيگيءَ جي تاريخ تائين اصل موڙيءَ تي وياج سميت] ۽ انهيءَ جي تعميل تي جيڪو خرچ ٿئي، سو دعوي جي جواب ڏيندڙ جي غيرمتحرڪ ملڪيت جي ضبطگي ۽ نيلاميءَ مان ورتو وڃي، جيئن انهيءَ درخواست جي هيٺ ڄاڻايو ويو آهي ۽ مونکي رقم ڏني وڃي آهي.

[جڏهن غير مُنتقل ٿيندڙ ملڪيت جي نيلامي ۽ ضبطگي گهربل هجي.

ملڪيت جي ڪيفيت ۽ وضاحت

فيصلي جي قرضدار جو هڪڙي گهر، جيڪو ڳوٺ ———— ۾ واقع آهي، تنهن ۾ پُورو هڪ پاڱي ٽيون حصو(⅓)، جنهن جي ماليت 40 رپيا آهي، ۽ اُن جون حدون هيٺئين ريت آهن:

اوڀر ۾ گ جو گهر، اولهه ۾ ح جو گهر، ڏکڻ ۾ عام رستو اُتر ۾ نجي ڪوٺي ۽ ج جو گهر.

آءٌ اِها تصديق ٿو ڪريان، ته جيڪا تفصيل مٿي ڄاڻائي وئي آهي، سا منهنجي ڄاڻ ۽ پروسي ۾ ۽ جيستائين وضاحت ٿيل ملڪيت ۾ دعوي جي جواب ڏيندڙ جي حقيقت جي تحقيق ڪري سگهيو آهيان، ته اُها دُرست آهي.

———— صحيح ———— ڊِڪري وٺندڙ

7. سبب ڄاڻائڻ لاءِ نوٽيس، ته ڊِڪري ڇو نه جاري ٿئي

(قانوني حُڪم XXI، قاعدو 16)

(عنوان)

ڏانهن ————

جيئن ته ———— هن عدالت ۾ ديواني مُقدمي نمبر ———— 20ع ۾ ڊِڪري جاري ٿيڻ لاءِ انهيءَ الزام جي درخواست ڏني آهي، ته ڄاڻايل ڊِڪري هُن جي نالي نگران طرفان مُنتقل ڪيئي وئي آهي، تنهنڪري توهان کي اطلاع ڏنو وڃي ٿو ته ڏينهن ———— 20ع تي عدالت ۾ حاضر ٿي، سبب ڄاڻايو ته ڇو ڊِڪري جاري نه ڪئي وڃي.

هيءُ منهنجي صحيح ۽ عدالت جي مُهر سان اجوڪي ڏينهن ———— 20ع تي جاري ٿيو.

جَجُ جي صحيح ————

8. روڪ رقم ڏيڻ لاءِ ڊِڪري جاري ٿيڻ تي مُتحرڪ ملڪيت جي ضبطگيءَ جو وارنٽ

(قانوني حُڪم XXI، قاعدو 30)

عدالت جي بيلف جي نالي ————

جيئن ته هن عدالت جي ڊِڪريءَ سان نالي ———— کي مُقدمي نمبر ————

———— ۾ ڏينهن ———— 20ع تي حُڪم ٿيو هو:

1. منسوخي ۽ ترميمي ائڪٽ 1914ع، قلم 2 ۽ پهريون شيڊيو لاءِ " (قانوني حُڪم XXI، قاعدو 30)" موجب قيرقار ٿي هئي.

ڊِڪري
اصل موڙي ————
وياج ————
خرچ ————
جو خرچ ————
جاري ٿيڻ جو خرچ ————
وڌيڪ وياج ————
ڪُل تعداد ————

ته دعويدار کي ڪُل رقم ——— ڏئي، جيئن پاسي واري خاني ۾ ڄاڻايل آهي؛ ۽ جيئن ته مٿي ڄاڻايل ڪُل رقم ——— نه ڏني ويئي آهي، تنهنڪري توهان کي حُڪم ڏنو وڃي ٿو ته مٿي ڄاڻايل شخص جي مُتحرڪ ملڪيت کي ضبط ڪيو جنهن جي هِتي شامل ضميمي ۾ وضاحت ٿيل آهي، يا جنهن جي توهان کي نشاندهي ڪئي ويندي، جيستائين ڄاڻايل شخص ———— توهان کي ڄاڻايل ڪُل رقم ——— سميت ضبطيءَ جو خرچ ڏئي، تنهنڪري اُنهن ساڳيءَ حُڪم تي عمل ڪريو جيستائين عدالت طرفان ڪو بيو وڌيڪ حُڪم نه ڏنو وڃي.

توهان کي وڌيڪ حُڪم ڏنو وڃي ٿو ته هن وارنٽ کي ڏينهن ——— 20ع تي يا انهيءَ کان اڳ واضح تصديق سان گڏ واپس موڪليو ته انهيءَ جي ڪيئن ۽ ڪهڙي انداز ۾ تعميل ٿي هئي، يا ڇو انهيءَ جي تعميل نه ڪيئي وئي آهي.

هيءُ منهنجي صحيح ۽ عدالت جي مُهر سان اجوڪي ڏينهن———— 20ع تي جاري ٿيو.

جَجُ جي صحيح————

9. ڊِڪريءَ پٽاندر عدالتي فيصلي سان خاص مُتحرڪ ملڪيت جي ضبطگيءَ لاءِ وارنٽ

(قانوني حُڪم XXI، قاعدو 31)

(عنوان)

عدالت جي بيلف جي نالي ————

جيئن ته هن عدالت جي جاري ٿيل ڊِڪريءَ ۾، جيڪا ڏينهن ——— 20ع تي جاري ٿي هئي، ته نالي———— مُقدمي نمبر ——— 20ع ۾ جاري ٿيل ڊِڪريءَ پٽاندر مُتحرڪ ملڪيت (يا مُتحرڪ ملڪيت ۾ حصو) سونپي، جنهن جي هِتي شامل ضميمي ۾ وضاحت ٿيل آهي، ۽ جيئن ته ڄاڻايل ملڪيت (يا حصو) نه سونپيو ويو آهي.

تنهنڪري توهان کي حُڪم ڏنو وڃي ٿو ته ڄاڻايل مُتحرڪ ملڪيت (يا مُتحرڪ ملڪيت جو حصو) کي ضبط ڪيو ۽ اُن کي دعويدار يا اُن شخص کي سونپيو جنهن کي هُن پنهنجي طرفان مُقرر ڪيو هُجي.

هيءُ منهنجي صحيح ۽ عدالت جي مُهر سان اجوڪي ڏينهن———— 20ع تي جاري ٿيو.

جَجُ جي صحيح————

10. دستاويزي مسودي تي اعتراض چاڻائڻ لاءِ نوٽيس

(قانوني حُڪم XXI، قاعدو 34)

(عنوان)

جي نالي ———

توهان کي اطلاع ڏنو وڃي ٿو ته ڏينهن ——— 20ع تي مٿي ڄاڻايل مُقدمي ۾ ڊِڪري وٺندڙهن عدالت ۾ درخواست ڏني هئي، ته عدالت توهان جي طرفان هڪڙو دستاويز جاري ڪري، جنهن بابت غير مُتحرڪ ملڪيت جو مسودو هتي شامل ٿيل آهي، جنهن جي هيٺ وضاحت ٿيل آهي، ۽ اِهو ته ڏينهن ——— 20ع کي ڄاڻايل درخواست جي ٻُڌڻيءَ لاءِ مُقرر ڪيو ويو آهي، تنهنڪري توهان کي اختيار آهي، ته انهيءَ ڏينهن حاضر ٿي، ڄاڻايل مسودي بابت ڪو اعتراض لکت ۾ پيش ڪريو.

ملڪيت جو تفصيل

هيءُ منهنجي صحيح ۽ عدالت جي مُهر سان اڄوڪي ڏينهن——— 20ع تي جاري ٿيو.

جَجُ جي صحيح ———

11. زميني ايراضيءَ جي قبضي ڏيارڻ لاءِ بيلف جي نالي وارنٽ

(قانوني حُڪم XXI، قاعدو 35)

عدالت جي بيلف جي نالي ———

جيئن ته ——— جي تحويل ۾ موجود هيٺ ڄاڻايل ملڪيت تي هن مُقدمي ۾ دعويدار——— ——— کي ڊِڪري ڏني ويئي آهي.

توهان کي هِتي حُڪم ڏنو وڃي ٿو. ته انهيءَ ملڪيت جو ڄاڻايل شخص کي قبضو ڏياريو ۽ توهان کي اختيار ڏنو وڃي ٿو. ته جيڪو شخص انهيءَ ڊِڪريءَ جو پابند هجي، تنهن کي بيدخل ڪيو جيڪو انهيءَ کي خالي ڪرڻ کان انڪار ڪندو هُجي.

هيءُ منهنجي صحيح ۽ عدالت جي مُهر سان اڄوڪي ڏينهن——— 20ع تي جاري ٿيو.

جَجُ جي صحيح ———

12. سبب ڏيڻ بابت اطلاع، ته ڇو نه گرفتاريءَ جو وارنٽ جاري ڪيو وڃي

(قانوني حُڪم نمبر XXI، قاعدو 37)

جيئن ته نالي ——— ڏينهن ——— 20ع تي مُقدمي نمبر ——— ۾ هن عدالت ۾ درخواست ڏني آهي، ته توهان جي گرفتاريءَ ۽ قيد لاءِ ڊِڪري جاري ٿئي، تنهنڪري توهان کي حُڪم ڏنو وڃي ٿو ته ڏينهن ——— 20ع تي پيش ٿي، سبب ڄاڻايو ته ڇو توهان کي ڄاڻايل ڊِڪريءَ جي جاري ٿيڻ تي جيل ۾ قيد نه ڪيو وڃي.

هيءُ منهنجي صحيح ۽ عدالت جي مُهر سان اڄوڪي ڏينهن——— 20ع تي جاري ٿيو.

جَجُ جي صحيح ———

13. ڊگريءَ جي تعميل ۾ گرفتاريءَ جو وارنٽ

(قانوني حُڪم XXI, قاعدو 38)

(عنوان)

عدالت جي بيلف جي نالي ———————

جيئن تہ ديواني مُقدمي نمبر ——— 20ع ۾ ڏينهن ——— 20ع تي عدالت جي فيصلي پٽاندر ڊِڪري وٺندڙ کي متي چاڙايل ڪُل رقم ——— ڏئي، پر چاڙايل ڪُل رقم ——— ڊِڪريءَ جي تعميل ۾ دعويدار کي نہ ڏني ويئي، تنهنڪري توهان کي حُڪم ڏنو وڃي ٿو تہ چاڙايل ڊِڪريءَ جي قرضدار کي گرفتار ڪريو ۽ جيستائين اُهو چاڙايل ڊِڪريءَ جو قرضدار توهان کي چاڙايل رقم سميت سَمن جي تعميل تي ايندڙ خرچ نہ ڏئي، تہ چاڙايل دعويٰ جي جواب ڏيندڙ کي امڪاني سهوليت ۾ تيزيءَ سان عدالت آڏو حاضر ڪريو.

ڊِڪري
اصل موڙي ———
وياج ———
خرچ ———
ڊِڪري جاري ٿيڻ جو خرچ ———
ڪُل تعداد ———

گڏوگڏ توهان کي حُڪم ڏنو وڃي ٿو تہ انهيءَ وارنٽ کي ڏينهن ——— تي يا انهيءَ کان اڳ، انهيءَ ڳالهہ جي صحيح ٿيل تصديق سان، تہ ڪهڙي تاريخ تي ۽ ڪيئن انهيءَ جي تعميل تي يا ڪهڙي سبب تعميل نہ ٿي سگهي، واپس ڪريو.

هيءَ منهنجي صحيح ۽ عدالت جي مُهر سان اجوڪي ڏينهن ——— 20ع تي سونپيو ويو.

جَجُ جي صحيح ———

14. ڊِڪريءَ جي قرضدار کي جيل ۾ رکڻ جو وارنٽ

(قانوني حُڪم XXI, قاعدو 40)

(عنوان)

جيل سُپرينٽينڊنٽ جي نالي واقع ———

جيئن تہ ——— , جيڪو انهيءَ ڊِڪريءَ تحت وارنٽ جاري ڪرائڻ لاءِ هن عدالت آڏو اڄ ڏينهن ——— 20ع تي پيش ٿيو، جنهن کي چاڙايل عدالت ڏينهن ——— مهينو ——— 20ع تي جاري ڪيو هو ۽ اُن ڊِڪريءَ پٽاندر حُڪم ڏنو ويو هو تہ چاڙايل شخص ——— متئين رقم ——— ڏيئي

جڏهن ته جيئن ته ڄاڻايل شخص ——— اُن ڊڪريءَ جي تعميل نه ڪئي ۽ نه ئي عدالت کي اطمينان ڏياريو ته هُو حراست مان آزاد ٿيڻ جو حقدار آهي، تنهنڪري توهان کي[20][* * *] حُڪم ڏنو وڃي ٿو ته ڄاڻايل شخص کي حراست ۾ وٺو ۽ اُن عرصي تائين جيل ۾ رکو جيڪو انهيءَ کان وڌيڪ نه هجي يا جيستائين ڄاڻايل ڊڪريءَ جي مڪمل تعميل نه ٿئي يا ڄاڻايل شخص سِول پروسيجر ڪوڊ 1908ع جي قلم 58 جي شرطن ۾ ضابطن تحت ديواني جيل مان آزاد ٿيڻ جو حقدار نه ٿئي، ۽ عدالت ڄاڻايل شخص ——— کي وارنٽ تحت ديواني جيل ۾ رکڻ دوران سندس گُذران لاءِ ماهوار وظيفي جي اڳهه طور روزانو في آنا طور خوراڪ/رقم مُقرر ڪري ٿي.

هيءَ منهنجي صحيح ۽ عدالت جي مُهر سان اڄوڪي ڏينهن——— 20ع تي جاري ٿيو.

جَجُ جي صحيح ———

15. انهيءَ شخص جي آزاديءَ جو حُڪم، جنهن کي ڊڪريءَ جي تعميل ۾ قيد ڪيو ويو هُجي

(قلم 58 ۽ 59)

(عنوان)

جيل جي نگران/سُپرينٽينڊنٽ جي نالي واقع ———

انهيءَ حُڪم موجب، جيڪو اڄ جاري ڪيو ويو توهان کي هدايت ڪئي وڃي ٿي، ته ——— ڊڪريءَ جي قرضدار کي آزاد ڪريو جيڪو توهان جي حراست ۾ آهي.

تاريخ ———

جَجُ جي صحيح ———

لاهور: هينيان فارم نمبر 15-A ۽ فارم 15-B طور شامل ٿيا.

"**فارم نمبر** 15-A

ضبط ٿيل مُتحرڪ ملڪيت جي محفوظ تحفظ لاءِ ضمانت ۽

چاهه وٺندڙ شخص جي نگرانيءَ ۾ ڇڏڻ ۽ ضمانت وٺڻ

(قانوني حُڪم XXI، قاعدو 43)

——— جي عدالت ۾ واقع ——— جو ——— الف. ب. جو ———

——— ديواني مُقدمو نمبر———

س. د جو———

هِتي موجود سيني شخصن کي ڄاڻُ هُجي، ته اسان——— وغيره ———

——— ۽ ——— جو ڪ. ل وغيره، ۽ م. ن وغيره، اسان گڏيل طور ۽ الڳ الڳ طور

[20] صدارتي حُڪم 1961ع (1961ع جو 1)، آرٽيڪل 2 ۽ شيڊيول (23 مارچ 1956ع تي هڪدم لاڳو ٿيڻ سان) تحت لفظ ۽ ڪاما "هندستان جي مهربان شهنشاهه جي نالي تي،" خارج ٿيا.

عدالت جي جَج وٽ رکيا ———— جمع ڪرائڻ جا پابند آهيون، جيڪي چاٽايل جَج کي ڏيٺا آهن، جنهن لاءِ ادائيگي ڪرڻي پوندي، تنهنڪري اسان پاڻ ۽ اسان منجهان هرهڪ مجموعي طور ذميدار آهي، تہ اسان ۽ اسان جي وارثن منجهان هِتي موجود هرهڪ، مُنتظم ۽ نگرانَ گڏيل طورۭ الڳ الڳ طور اُها رقم ڏيندا.

اِهو ضمانتنامو ڏينهن ———— مهينو ———— 20ع تي لکيو ويو.

۽ جيئن تہ متحرڪ ملڪيت کي، جنهن کي هِتي شيڊيول ۾ پوءِ واضح ڪيو ويو آهي، چاٽايل عدالت طرفان ڏينهن ——— مهينو ——— سال — 20ع تي، نالي ———— جي حق ۾ مُقدمي نمبر ———— ڏينهن ———— سال ———— 20ع تي جاري ٿيل ڊِڪريءَ جي تعميل ۾، جاري ٿيل وارنٽ تحت ضبط ڪيو ويو آهي، ۽ چاٽايل ملڪيت کي چاٽايل آءِ. جي جي نگرانيءَ ۾ ڏنو ويو آهي.

هاڻي انهيءَ ذميداريءَ جي حالت اِها آهي، تہ جيڪڏهن مٿيون پابند نِگران آءِ. جي انهيءَ ڏس ۾ عدالت جي ڪنهن وڌيڪ حُڪم تي مُناسب ادائيگي ڪندو تہ پوءِ اُن ذميداريءَ کان آجو ٿي ويندو، ٻيءَ صورت ۾ اُها مڪمل طور لاڳو رهندي.

آءِ. جي.

ڪي. ايل.

ايم. اين.

مٿي چاٽايل نگران ———— کي ————

جي موجودگيءَ ۾ ضمانت نامي تي صحيح ڪئي ۽ سونپي ويئي.

فارم نمبر 15-B

ضبط ٿيل مُتحرڪ ملڪيت جي محفوظ تحفظ لاءِ ضمانت وٺڻ ۽ ڪنهن شخص جي نگرانيءَ ۾ ڇڏڻ ۽ ضمانت وٺڻ

[قانوني حُڪم XXI، قاعدو 43(1)(C)]

———— جي عدالت ۾ واقع ———— ديواني مُقدمو نمبر ———— جو ————

——— الف. ب. جو ———— خلاف ————

———— جو س. د

هِتي موجود سيني شخصن کي جاڻُ هُجي، تہ اسان آءِ. جي. ———— جا ————

————وغيره جا ———— ڪي. ايل وغيره ۽ ———— جا ايم.

اين. وغيره گڏيل طور ۽ الڳ الڳ طور عدالت ———— ۾ چاٽايل جَج کي رکيا ————

——— ڏيڻ جا پابند آهيون، جيڪا رقم ڏيڻي آهي، تنهن جي ادائيگيءَ جا اسان پاڻ پابند آهيون ۽ اسان منجهان هِتي موجود هرهڪ مجموعي طور اسان ۽ اسان جي وارثن منجهان هرهڪ، مُنتظم ۽ نگرانَ گڏيل طورءِ الڳ الڳ طور اُها رقم ڏيندا.

اِهو ضمانتنامو ڏينهن ——— مهينو ——— 20ع تي لکيو ويو ۽ جيئن تہ متحرڪ ملڪيت، جنهن کي شيڊيول ۾ واضح ڪيو ويو تنهن کي ڄاڻايل عدالت ——— طرفان تاريخ ——— ڏينهن ———20ع تي، سال ———20ع جي مُقدمي نمبر——— جي حق ۾ جاري ٿيل ڊِڪريءَ پٽاندر——— درخواست داخل ٿيڻ تي هڪڙي——— وارنٽ ——— کان ——— تائين ——— تحت ضبط ڪيو ويو آهي، ۽ ڄاڻايل ملڪيت کي ڄاڻايل آءِ. جي جي نگرانيءَ ۾ ڏنو ويو آهي.

هاڻي انهيءَ ذميداريءَ جي حالت اِها آهي، تہ جيڪڏهن مٿيون پابند/ نگران آءِ. جي انهيءَ ڏس ۾ مُناسب حساب ڪتاب رکندو ۽ پيش ڪندو جڏهن ڄاڻايل عدالت کي اُهي سموريون شيون پنهنجي اڳيان گهربل هونديون، تہ اُهو مٿي ڄاڻايل سموري ۽ هرهڪ ملڪيت جي حساب ڪتابُ کي حاضر ڪندو ۽ انهيءَ ڏس ۾ عدالت جي ڪنهن وڌيڪ ڏنل مُناسب حُڪم کي مڃيندو، تہ پوءِ اُن ذميداريءَ کان آجو ٿي ويندو، ٻيءَ صورت ۾، اُها ذميداري مڪمل طور لاڳو رهندي ۽ مٿي ڄاڻايل پابند شخص آءِ. جي خلاف انهيءَ طريقيڪار پٽاندر لاڳو ٿيڻ جوڳي هوندي، جيڪا سِول پروسيجر ڪوڊ جي قلم 145 ۾ ڄاڻايل آهي، جڻ مٿي ڄاڻايل آءِ. جي ڊِڪريءَ جي تعميل تحت ملڪيت جي بحاليءَ لاءِ ضمانت هُجي.

آءِ. جي.

ڪي. ايل.

ايم. اين.

مٿي ڄاڻايل پابند شخصن طرفان ——— جي موجودگيءَ ۾ ضمانت نامي تي صحيح ڪئي ۽ سونپي ويئي. 13 آڪٽوبر 1928.“

16. ڊڪريءَ جي تعميل پٽاندر ضبطگي، منعنامي جو حُڪم،

جيڪڏهن ضبطگي گھربل ملڪيت مُتحرڪ ملڪيت هجي، جنهن جي دعويٰ جو

جواب ڏيندڙ قبضي جو حَقدار پاڻُ يا ڪنهن ٻئي شخص جي حق ڪان، تُرت قبضي جو حقدار هجي

(قانوني حُڪم XXI، قاعدو 46)

(عنوان)

جيئن تہ ———————— انهيءَ ڊِڪريءَ جي تعميل ۾ ناڪام ٿيو جيڪا ————————
——— جي خلاف ڏينهن ———— تاريخ ———— مُقدمو نمبر ——— 20ع تي ————
جي حق ۾ ڪُل رقم ———— لاءِ جاري ٿي هئي، تنهنڪري اِهو حُڪم ڏنو ويجي ٿو تہ دعويٰ جي
جواب ڏيندڙ کي هن عدالت جي ڪنهن وڌيڪ حُڪم تائين ———————— ڪان جاٽايل ———
———— جي تحويل ۾ هيٺ جاٽايل ملڪيت کي وٺڻ ڪان منع ڪيو ۽ روڪيو ويجي ٿو، يعني ———
———— جنهن لاءِ دعويٰ جو جواب ڏيندڙ جاٽايل ———————— جي ڪنهن دعويٰ جي ماتحت
پابنديءَ جو حقدار هجي ۽ جاٽايل ———————— کي جاٽايل ملڪيت ڪنهن شخص يا شخصن
کي ڪنهن بہ طرح سونپڻ روڪيو ويجي ٿو جيستائين عدالت ڪو ٻيو حُڪم نہ ڏئي.

اجوڪي ڏينهن———— 20ع تي هيءَ منهنجي صحيح ۽ عدالت جي مُهر سان جاري ٿيو.

جَجُ جي صحيح ————————

17. ڊڪريءَ جي تعميل پٽاندر ضَبطگي. منعنامي جو حُڪم. جڏهن اُها ملڪيت قرض ۾ قائل هُجي، جنهن ڪي قانوني مالياتي دستاويزن سان چڙايو نہ ويو هُجي

(قانوني حُڪم XXI، قاعدو 46)

(عُنوان)

جيئن تہ ——————— ڏينهن ——————— 20ع تي ديواني مُقدمو نمبر ———————

——— 20ع ۾ ——————— جي حق ۾ ڪُل رقم ——————— رپيا بابت ڊِڪري جاري ٿي هئي؛ تنهنڪري حُڪم ڏنو وڃي ٿو تہ دعويٰ جي جواب ڏيندڙ کي، هن عدالت طرفان ڪنهن ٻئي حُڪم جاري نہ ٿيڻ تائين، اُهو قرض، جيڪو فعل طور توهان ڇاڻايل دعويٰ جي جواب ڏيندڙ ڏانهن رهيل ڇاڻايو آهي، سو دعويٰ جي جواب ڏيندڙ خاص ڪري ——————— ۾ توهان کان وٺڻ کان منع ڪيو ۾ روڪيو وڃي ٿو ۾ گڏوگڏ ڇاڻايل ——————— ۾ توهان کي هن حُڪم ذريعي ڇاڻايل قرض يا انهيءَ جو ڪو حصو ڪنهن ٻئي شخص کي ڏيڻ کان منع ڪيو ۾ روڪيو وڃي ٿو جيستائين هن عدالت مان ڪو ٻيو حُڪم جاري نہ ٿئي.

منهنجي صحيح ۾ عدالت جي مُهر سان اجوڪي ڏينهن ——————— 20ع تي جاري ٿيو.

جَجُ جي صحيح ———————

18. ڊِڪريءَ جي تعميل پٽاندر ضَبطگي. منعنامي جو حُڪم، جڏهن ملڪيت ڪنهن ڪارپوريشن جي ناڻي وارن ڀائيوارن جي هجي

(قانون حُڪم XXI، قاعدو 46)

(عُنوان)

دعويٰ جي جواب ڏيندڙ ۾ ——————— ڪارپوريشن ——————— جي سيڪريٽري ——————— جي نالي

جيئن تہ ——————— ڏينهن ——————— 20ع ديواني مُقدمو نمبر ———————

20ع تي ——————— جي خلاف ڪُل رپيين ——————— جي ———————

جي حق ۾ جاري ٿيل ڊِڪريءَ جي تعميل ۾ ناڪام ٿيا آهيو، تنهنڪري توهان کي حُڪم ڏنو وڃي ٿو تہ توهان دعويٰ جي جواب ڏيندڙ کي انهيءَ حُڪم پٽاندر، جيستائين هن عدالت مان ڪو ٻيو حُڪم جاري نہ ٿئي، ڇاڻايل ڪارپوريشن، خاص ڪري ——————— يا اُن جي حصن جي مُنتقليءَ يا انهيءَ جي ڪنهن نفعي بابت حصي جي وٺڻ کان منع ڪيو ۾ روڪيو وڃي ٿو: ۾ توهان ——————— ڇاڻايل ڪارپوريشن جي سيڪريٽريءَ کي انهيءَ ڇاڻايل حُڪم پٽاندر ڇاڻايل حصن جي مُنتقلي جي اجازت ڏيڻ يا ڀائيواري جي نفعي ڏيڻ کان منع ڪيو ۾ روڪيو وڃي ٿو.

منهنجي صحيح ۾ عدالت جي مُهر سان اجوڪي ڏينهن ——————— 20ع تي جاري ٿيو.

جَجُ جي صحيح ———————

19. سرڪاري عملدار يا ريلوي ڪمپنيءَ جي مُلازم يا مقامي اختياريءَ جي پگهار ضبط ڪرڻ جو حُڪم

(قانوني حُڪم XXI، قادو 48)

(عُنوان)

جي نالي ——————

جيئن تہ —————— متي ڄاڻايل مُقدمي ۾ ڊِڪريءَ جو قرضدار آهي (هتي ڊِڪريءَ جي مخالف جو عُهدو لکيو وڃي) پنهنجي پگهار يا وظيفو توهان جي ذريعي وٺي ٿوءِ جيئن تہ —————— جيڪو ڄاڻايل مُقدمي ۾ ڊِڪري وٺندڙ آهي، تنهن عدالت ۾ هڪڙي درخواست داخل ڪئي آهي، تہ —————— جي پگهار يا وظيفي جو —————— حصو جيڪو ڊِڪريءَ پٽاندر هُن ڏانهن رَهتُ آهي، ضبط ڪيو وڃي، تنهنڪري توهان کي حُڪم ڏنو وڃي ٿو تہ ڄاڻايل رقم کي —————— شخص جي پگهار مان —————— هر مهيني رقم ڪٽيندا ڪريوءِ ڄاڻايل رقم (ماهوار قسطن ۾ هن عدالت ڏانهن موڪليو).

منهنجي صحيح ۽ عدالت جي مُهر سان اڄوڪي ڏينهن —————— 20ع تي جاري ٿيو.

جَجُ جي صحيح ——————

20. مُنتقل ٿيندڙ مالياتي دستاويز جي ضبطگيءَ بابت حُڪم

(قانوني حُڪم XXI، قاعدو 51 تحت)

(عُنوان)

عدالت جي بيلف جي نالي ——————

جيئن تہ هن عدالت طرفان ڏينهن —————— 20ع تي —————— جي ضبطگيءَ لاءِ حُڪم جاري ڪيو آهي، تنهنڪري توهان کي انهيءَ جي ذريعي حُڪم ڏنو وڃي ٿو تہ —————— کي تحويل ۾ وٺو ۽ عدالت ۾ آڻيو.

منهنجي صحيح ۽ عدالت جي مُهر سان اڄوڪي ڏينهن —————— 20ع تي جاري ٿيو.

جَجُ جي صحيح ——————

21. ضبطگي. منعامي جو حُڪم، جڏهن ملڪيت روڪ رقم يا ڪنهن ضمانت تي ٻَڌل هُجي، جيڪا عدالت يا [1][سرڪاري عملدار] جي حراست ۾ هجي

(قانوني حُڪم XXI، قاعدو 52)

(عُنوان)

جي نالي ——————

جناب،

[1] قانوني حُڪم 1937ع تحت "سرڪاري عملدار" لاءِ ڦيرڦار ٿي.

دعوبدار سِول پروسيجر ڪوڊ 1908ع جي عدالتي حُڪم XXI جي قاعدي 22 تحت ڪجهه روڪ رقم جي ضبطگيءَ لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي، جيڪا توهان جي قبضي ۾ آهي. (هتي اِهو ڄاڻايو وڃي، تہ روڪ رقم ڪيئن انهيءَ ڄاڻايل شخص جي قبضي ۾ آهي، جنهن کي ڏُر بنايو ويو آهي ۽ ڪنهن ڳالهہ بابت وغيره آهي.) آءٌ گُذارش ڪريان ٿو تہ توهان هن عدالت جي وڌيڪ حُڪم جي پوئواريءَ ۾ انهيءَ روڪ رقم کي پنهنجي قبضي ۾ رکو.

توهان جو فرمانبردار ملازم

سائين ——————————

جَجُ جي صحيح ——————————

22. انهيءَ عدالت جي نالي ڊِڪري پٽاندر ضبطگيءَ جو نوٽيس، جنهن ڊِڪري جاري ڪئي هجي

(قانوني حُڪم XXI، قاعدو 53)

(عُنوان)

خدمت ۾ جناب جَج صاحب عدالت ——————————

آءٌ توهان کي اِها ڳالهہ ڄاڻائڻ چاهيان ٿو تہ توهان جي عدالت طرفان، ڏينهن —————— 20ع تي مُقدمي نمبر —— 20ع ۾ ڊِڪري جاري ڪئي هئي، جنهن ۾ هُو —————— ۽ —————— هو ۽ عدالت طرفان —————— جي درخواست تي مٿي ڄاڻايل مُقدمي ۾ —————— جي ضبطگي ڪئي وئي هئي. تنهنڪري توهان کي گُذارش ڪئي وڃي ٿي، تہ توهان پنهنجي عدالت جي ڊِڪريءَ جي تعميل کي تيستائين مُلتوي رکو جيستائين توهان کي انهيءَ عدالت طرفان اڳواٽ ڪو اطلاع نہ ملي، تہ هاڻوڪي نوٽيس کي رَد ڪيو ويو آهي يا جيستائين ڊِڪري وٺندڙ طرفان، جنهن هاڻي تعميل ڪرائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، يا ڊِڪريءَ جو قرضدار ڪا درخواست نہ ڏئي وڃي.

توهان جو فرمانبردار وغيره.

ڏينهن —————— 20ع

جَجُ جي صحيح ——————————

23. ڪنهن ڊِڪريءَ وٺندڙ جي نالي ڊِڪريءَ جي ضبطگيءَ جو نوٽيس

(قانوني حُڪم XXI، قاعدو 53)

(عُنوان)

جي نالي ——————————

جيئن تہ ڊِڪريءَ وٺندڙ طرفان عدالت ۾ ڄاڻايل مُقدمي ۾ ضبطگيءَ لاءِ هڪڙي درخواست داخل ڪئي آهي، جيڪا ڊِڪري ڏينهن —————— 20ع تي عدالت —————— طرفان مقدمي نمبر —— 20ع ۾ جاري ڪئي هئي، جنهن ۾ هُو —————— هو —————— ۽ —————— هو. تنهنڪري حُڪم ڏنو وڃي ٿو تہ ڄاڻايل —————— ۽ توهان کي هِتي منع ڪيو ۽ روڪيو وڃي ٿو،

جيستائين عدالت طرفان انهيءَ ڏس ۾ ڪنهن ملڪيت جي مُنتقليءَ يا قيرقار جو ڪو ٻيو حُڪم جاري نہ ٿئي.

منهنجي صحيح ۽ عدالت جي مُهر سان اڄوڪي ڏينهن ———— 20ع تي جاري ٿيو.

جَجُ جي صحيح ————

24. ڊِڪريءَ جي تعميل پٽاندر ضَبطگي، منعامي جو حُڪم جڏهن ملڪيت غيرمُتحرڪ هجي

(قانوني حُڪم XXI، قاعدو 54)

(عُنوان)

جي نالي ————

جيئن تہ توهان انهيءَ ڊِڪريءَ جي تعميل نہ ڪئي، جيڪا ڏينهن ———— 20ع تي مُقدمي نمبر ———— 20ع تي ———— جي حق ۾ جاٽايل ڪُل رقم ———— بابت جاري ٿي هئي. تنهنڪري حُڪم ڏنو وڃي ٿو تہ توهان ———— جاٽايل کي منع ڪيو ۽ روڪيو وڃي ٿو جيستائين انهيءَ عدالت طرفان انهيءَ ڏس ۾ ڪنهن اهڙي ملڪيت جي وڪري، سوکڙي يا ڪنهن ٻيءَ طرح سان مُنتقليءَ يا قيرقار جو ڪو ٻيو حُڪم جاري نہ ٿئي، جنهن جي هِتي شامل ضميمي ۾ وضاحت ٿيل هجي. ۽ سيني ماڻهن کي ڪنهن اهڙي ملڪيت جي ونڻ، سوکڙي يا ڪنهن ٻيءَ طرح سان مُنتقليءَ يا قيرقار ڪرڻ کان منع ڪيو ۽ روڪيو وڃي ٿو.

منهنجي صحيح ۽ عدالت جي مُهر سان اڄوڪي ڏينهن ———— 20ع تي جاري ٿيو.

جَجُ جي صحيح ————

25. ڪنهن ٽئين ڌُر جي هٿن ۾ موجود رقم وغيره، دعويدار وغيره کي ڏيڻ بابت حُڪم

(قانوني حُڪم XXI، قاعدو 56)

(عُنوان)

جي نالي ————

جيئن تہ هيٺئين ملڪيت ———— کي مُقدمي نمبر ———— 20ع تي جاري ٿيل ڊِڪري تحت ضبط ڪيو ويو آهي، جيڪا ڏينهن ———— 20ع تي ———— جي حق ۾ ڪُل رقم ———— بابت جاري ٿي هئي. تنهنڪري حُڪم ڏنو وڃي ٿو تہ جنهن ملڪيت کي ضبط ڪيو وڃي، سا ماليت ۾ رقم ———— ۽ روڪ ماليت ۾ ڪُل رقم ———— جي هجي يا ڊِڪريءَ جي چُڪتو ٿيڻ لاءِ انهيءَ جو ڀاڱو ڪافي هجي، سا ماليت توهان طرفان جاٽايل ———— کي ڏني ويندي.

منهنجي صحيح ۽ عدالت جي مُهر سان اڄوڪي ڏينهن ———— 20ع تي جاري ٿيو.

جَجُ جي صحيح ————

26. ضبطگي ڪرائيندڙ قرض ڏيندڙ جي نالي نوٽيس

(قانوني حُڪم XXI, قاعدو 58)

(عُنوان)

جي نالي ————

جيئن تہ ———— مقدمي نمبر ———— 20ع ۾ جاري ٿيل ڊِڪريءَ جي توهان جي چُرچ تحت———— تي تعميل ۾ ٿيل ضبطگيءَ جي خاتمي لاءِ هن عدالت ۾ درخواست ڏني آهي، تنهنڪري انهيءَ جي ذريعي توهان کي حُڪم ڏنو وڃي ٿو تہ توهان هن عدالت ۾ ڏينهن———— ڏينهن ———— 20ع تي ذاتي طور يا پيروي ڪندڙ وڪيل ذريعي پيش ٿيو جنهن کي توهان جي دعويٰ جي پُنپيرائيءَ جي، قرض ڏيندڙ جي ضبطگيءَ جيان، مُناسب هدايت ٿيل هُجي.

منهنجي صحيح ۽ عدالت جي مُهر سان اڄوڪي ڏينهن ———— 20ع تي جاري ٿيو.

جَجُ جي صحيح ————

27. روڪ رقم لاءِ ڊِڪريءَ جي تعميل ۾ ملڪيت جي نيلاميءَ جو وارنٽ

(قانوني حُڪم XXI, قاعدو 66)

(عُنوان)

عدالت جي بيلف جي نالي ————

هن لکت ذريعي توهان کي حُڪم ڏنو وڃي ٿو تہ ———— ڏينهن جي اڳوات اطلاع ڏيڻ کانپوءِ، نيلام جو نوٽيس هن عدالت ۾ بہ چنبڙايو وڃي، ۽ انهيءَ ملڪيت کي نيلام ڪيو وڃي، جنهن کي ضابطي موجب اشتهار ڏيڻ کانپوءِ هن عدالت طرفان مقدمي نمبر ———— 20ع ۾ ———— جي حق ۾ ڏينهن ———— مهينو ———— 20ع تي جاري ٿيل ڊِڪريءَ جي تعميل ۾ ضبط ڪيو ويو هو يا جاٽايل ملڪيت ايتري رقم ————جي هُجي، پر نيلاميءَ مان ———— رقم ملي. جڏهن تہ ڊِڪريءَ ۾ جاٽايل رقم ————هُجي ۽ خرچ پوءِ بہ رهجي وڃن.

توهان کي اِهو بہ حُڪم ڏئي ٿو تہ جاٽايل وارنٽ کي ڏينهن ———— مهينو ———— 20ع يا انهيءَ کان اڳ واپس ڪريو جنهن ۾ انهيءَ انداز جي وارنٽ جي پُٺ تي تصديقي مجتنا ٿيل هجي، جنهن موجب انهيءَ جي تعميل ٿي هجي يا اُهو سبب لکو تہ انهيءَ وارنٽ جي تعميل ڇو نہ ٿي آهي.

منهنجي صحيح ۽ عدالت جي مُهر سان اڄوڪي ڏينهن ———— 20ع تي جاري ٿيو.

جَجُ جي صحيح ————

28. نيلاميءَ جي اشتهار لاءِ ڏينهن جي مُقرريءَ جو نوٽيس

(قانوني حُڪم XXI, قاعدو 66)

(عُنوان)

ڊِڪريءَ جي قرضدار ——————— ڏانهن
جيئن تہ مٿي ڄاڻايل مُقدمي ۾ ——————— ڊِڪري وٺندڙ ——————— جي نيلاميءَ لاءِ
درخواست ڏني آهي، تنهنڪري توهان کي ڄاڻ ڏني وڃي ٿي، تہ ڏينهن ——————— مهينو ———————
20ع کي نيلاميءَ جي اعلان وارن شرطن جي نبيري لاءِ مقرر ڪيو ويو آهي.
منهنجي صحيح ۽ عدالت جي مُهر سان اڄوڪي ڏينهن ——————— 20ع تي جاري ٿيو.
جَجُ جي صحيح ———————

29. نيلاميءَ جو اعلان

(قانوني حُڪم XXI، قاعدو 66)

(عُنوان)

(1) مقدمو نمبر ——— سال ——— 20ع، جنهن جو فيصلو ——————— واقع ———————
طرفان ٿيو جنهن ۾ ——————— دعويدار هو ۽ ——————— دعويٰ جو
جواب ڏيندڙ هو.

اعلان ڪيو وڃي ٿو تہ هن عدالت طرفان سِول پروسيجر ڪوڊ 1908ع جي عدالتي حُڪم XXI جي قائدي 24 پٽاندر، ضبط ٿيل ڄاڻايل ملڪيت جي نيلاميءَ جو جيڪا ضميمي ۾ شامل آهي، ڄاڻايل مُقدمي ۾ ڊِڪريءَ وٺندڙ جي دعويٰ جي پوئواريءَ ۾ حُڪم جاري ٿيو آهي. جنهن ۾ مالياتي خرچ سميت وياج نيلاميءَ جي تاريخ تائين وياج جي رقم بہ شامل آهي.

وڪرو عام نيلام ذريعي ڪيو ويندو ۽ ملڪيت کي ضميمي ۾ ڄاڻايل نيلام جي لاٽ تحت رکيو ويندو. نيلامي ڊِڪريءَ جي قرضدار جي ڄاڻايل ملڪيت جي ٿيندي، جنهن جو هيٺئين ضميمي ۾ ذڪر ٿيل آهي، ۽ ڄاڻايل ملڪيت جون ذميداريون ۽ دعوائون، جيستائين اُنهن جي پَڪَ ٿي سگهي، اُهي آهن جيڪي هرهڪ لاٽ جي سامهون ضميمي ۾ لکيل آهن.

نيلامي جي مُلتوي هئڻ جي حُڪم جي غيرموجودگيءَ ۾ نيلامي ——————— طرفان ماهوار وڪري تي ڏينهن——————— مهينو ——————— 20ع تي ——————— وڳي شروع ٿيندي. بهرحال، انهيءَ صورت ۾ جڏهن مٿي واضح ڄاڻايل قرض ۽ وڪري جا خرچ، ڪنهن لاٽ جي وڪري کان اڳ ۾ ڏنا وڃن، تہ نيلاميءَ کي بند ڪيو ويندو.

نيلام ۾ عام ماڻهو ذاتي طور يا مُختيار ذريعي، جنهن کي ضابطي موجب اختيار ڏنو ويو هجي، اچي بولي لڳائڻ جي اجازت هوندي. پر مٿي ڄاڻايل ڊِڪري وٺندڙ يا سندن طرفان ڪنهن بہ بوليءَ کي منظور نہ ڪيو ويندو ۽ نہ ئي عدالت جي اڳواٽ واضح اجازت ڪانسواءِ سندن نالي ڪنهن بہ خريداريءَ کي جائز سمجهيو ويندو.

نيلام جون هيٺ وڌيڪ شرطون ڄاڻايل آهن:

وڪري جا شرط

1. هيٺ ڄاڻايل ضميمي ۾ ڄاڻ کي عدالت جي بهترين علم سان ڄاڻايو ويو آهي، پر انهيءَ اعلان ۾ ڪنهن ڀُل چُڪ يا لاپرواهيءَ لاءِ عدالت جوابدار نہ هوندي.

2. اُها رقم، جنهن سان نيلاميءَ جون ٻوليون وڌي وڃن، تہ انهيءَ ڳالهہ جو نبيرو نيلام ڪندڙ عملدار ڪندو، ٻوليءَ جي رقم يا نيلامي ۾ ٻوليءَ لڳائيندڙ بابت ڪو تڪرار نِروار ٿي سامهون اچي، تہ پوءِ لاٽ کي وري ٻيهر نيلام ڪيو ويندو.

3. سڀني کان وڌيڪ ٻولي لڳائيندڙ شخص کي ڪنهن بہ لاٽ جو خريدار سڏيو ويندو. پر سدائين شرط هيءَ هوندو تہ اُهو جائز طور ٻوليءَ ڏيڻ جي قابل هجي. ۽ شرط هيءَ آهي، تہ نيلامي ڪرائيندڙ عدالت يا نيلام ڪرائيندڙ عملدار کي اُهو اختيار هوندو تہ هُو سڀني کان وڌيڪ ٻوليءَ کي مڃڻ کان انڪار ڪري، جڏهن پيش ڪيل قيمت واضح طور ايتري نامعقول هجي، جو اُنهن جو ايئن ڪرڻ وبساهہ جوڳو هجي.

4. اُنهن سببن کي لکيو ويندو، پر نيلام ڪندڙ عملدار کي اُهو اختيار هوندو تہ انهيءَ نيلاميءَ کي مُلتوي ڪري، پر اِهو حُڪم سدائين عدالتي حُڪم XXI جي قاعدي 69 جي ماتحت هوندو.

5. مُتحرڪ ملڪيت جي حالت ۾ هر لاٽ جي قيمت نيلاميءَ جي وقت يا انهيءَ کانپوءِ ڏني ويندي، جيئن نيلام ڪندڙ عملدار هدايت ڏئي ۽ قيمت ڏيڻ ۾ ناڪاميءَ تي ملڪيت کي هڪدم ضبط ڪيو ۽ وري نيلام ڪيو ويندو.

6. غير مُتحرڪ ملڪيت جي حالت ۾، جنهن شخص کي خريدار سڏيو وڃي، سو اوڏيءَ مهل پنجويهہ سيڪڙو اصل قيمت جي رقم انهيءَ پڌرنامي کانپوءِ نيلام ڪندڙ عملدار وٽ نيلاميءَ جي سوٽي-رقم طور جمع ڪندو ۽ ايئن جمع نہ ڪرائڻ جي حالت ۾ جاٽايل ملڪيت کي وري نيلام ڪيو ويندو.

7. خريدار پُوري نيلاميءَ جي رقم، ملڪيت جي وڪري جي پندرهين ڏينهن کانپوءِ عدالت جي بند ٿيڻ کان اڳ ڏيندو، پر اهڙو ڏينهن خارج هوندو. يا جيڪڏهن پندرهون ڏينهن آچر يا ڪنهن موڪل جو ڏينهن هجي، تہ پوءِ پندرهين ڏينهن کانپوءِ عدالت کُلڻ جي پهرئين ڏينهن ڏيندو.

8. نيلام ۾ ورتل ملڪيت جي رهيل رقم جي اجازت ڏنل عرصي ۾ ادائيگيءَ ۾ ناڪاميءَ تي، وڪري جي نئين اعلان جاري ٿيڻ کانپوءِ ملڪيت کي وري نيلام ڪيو ويندو. وڪري تي ٿيل خرچن کي ڪٽڻ کانپوءِ، جمع ٿيل رقم بابت جيڪڏهن عدالت مُناسب سمجهي، تہ اُن کي سرڪار جي حق ۾ ضبط ڪيو ويندو ۽ رقم جي ادائيگي نہ ڪندڙ خريدار جون ملڪيت يا انهيءَ رقم جي ڪنهن حصي بابت، جنهن لاءِ اُها ملڪيت وڪڻي وئي هجي، سموريون دعوائون ختم ٿي وينديون.

ڏينهن ———— مهينو ———— 20ع تي منهنجي صحيح ۽ عدالت جي مُهر سان جاري ڪيو ويو.

جَجُ جي صحيح ————————

جائيداد جو ضميمو

لاٽ نمبر	جنهن ملڪيت کي نيلام ڪرڻو هجي، تنهن جي ڪيفيت، هر مالڪ جي نالي سميت، جتي هڪ کان وڌيڪ دعوي جا جواب ڏيندڙ هجن.	سموري ملڪيت يا جُزوي ملڪيت تي محصول ورتو ويندو هُجي، جيڪڏهن وڪامجندڙ ملڪيت ڪنهن جاگير جو سُود هجي يا جاگير جو حصو هُجي، جنهن مان سرڪار کي محصول ملندو هجي.	اُنهن بقايائن جو تفصيل، جيڪو ملڪيت تي لَڳُو هُجي.	ملڪيت بابت دعوائون يا ٻيون گهربل حالتون، جيڪي انهيءَ جي نوعيت يا قيمت سان لاڳاپيل هجن.

30. نيلاميءَ جي اعلان جي تعميل ڪرائڻ بابت ناظر جي نالي حُڪم

(قانوني حُڪم XXI، قاعدو 66)

(عُنوان)

عدالت جو ناظر ——————

جيئن تہ فيصلي جي قرضدار جي ملڪيت کي نيلام ڪرڻ جو حُڪم ٿيو آهي، جنهن جي هِتي شامل ضميمي ۾ وضاحت ٿيل آهي، ۽ جيئن تہ ڏينهن —————— 20ع کي جاٽايل ملڪيت —————— جي نيلام لاءِ مُقرر ڪيو ويو آهي. تنهنڪري انهيءَ اعلان جا نقل هن وارنٽ ذريعي توهان کي سونپيا وڃن ٿا ۽ توهان کي انهيءَ ذريعي حُڪم ڏنو وڃي ٿو تہ ضميمي ۾ شامل جاٽايل هرهڪ ملڪيت ۾ دُهل تي ڏونڪو وجائڻ ۽ پڙهو ڏيارڻ سان انهيءَ اعلان کي مشهور ڪرايو ۽ هرهڪ ملڪيت جي ڪنهن حصي جي عام جڳهہ تي ۽ وري عدالت جي اڱڻ ۾ هڪڙو نقل چنبڙائي ڇڏيو ۽ پوءِ انهيءَ جي عدالت ۾ رپورٽ ڪريو جنهن مان اُهي تاريخون پڌريون ٿين، جن تي ايئن ڪيو ويو هجي ۽ گڏوگڏ اِهو مٿيون اعلان ڪيئن مشهور ڪيو ويو.

ڏينهن —————— مهينو —————— 20ع

جَجُ جي صحيح ——————

31. ملڪيت کي نيلام ڪندڙ عملدار طرفان سرٽيفڪيٽ ڏيڻ، جڏهن خريدار طرفان گهربل رقم نہ ڏيڻ سبب ملڪيت جي ٻيهر وڪري تي قيمت ۾ گهٽتائي ٿئي

(قانوني حُڪم XXI، قاعدو 71)

(عُنوان)

هِتي تصديق ڪئي وڃي ٿي، تہ مٿي جاٽايل مُقدمي ۾ ڊِڪريءَ جي تعميل ۾ ملڪيت جي ٻيهر نيلامي، خريدار —————— جي پنهنجي طرفان ڀڃڪڙيءَ جي نتيجي ۾، جاٽايل ملڪيت کي ٻيهر وڪڻڻ سان قيمت ۾ گهٽتائي ٿي، جيڪا ڪُل رقم —— آهي ۽ انهيءَ ٻيهر وڪري تي ٿيل ڪُل خرچ جي ماليت —— هئي. اهڙيءَ طرح ڪُل رقم —— ٿئي ٿي جيڪا ڀڃڪڙي ڪندڙ کان وٺڻ واجب آهي.

ڏينهن —————— مهينو —————— 20ع

نيلام ڪندڙ عملدار جي صحيح ——————

32. انهيءَ شخص نالي نوٽيس، جنهن جي تحويل ۾ ڊگريءَ جي تعميل ۾ نيلام ٿيل غيرمُتحرڪ ملڪيت هجي

(قانوني حُڪم XXI، قاعدو 79)

(عُنوان)

جي نالي ——————

جيئن تہ —————— جاٽايل مُقدمي ——— ، جيڪو هينئر توهان جي تحويل ۾ آهي، ۾ جاري ٿيل ڊِگريءَ جي تعميل ۾ ملڪيت جي عام نيلام ۾ خريدار بنجي ويو آهي، تنهنڪري توهان کي جاٽايل ———— جاٽايل شخص کانسواءِ ڪنهن ٻئي شخص کي مٿئين ملڪيت جي تحويل سونپڻ کان منع ڪيو وڃي ٿو.

اج ڏينهن ———— 20ع تي هيءَ منهنجي صحيح ۽ عدالت جي مُهر سان جاري ٿيو.

جَجُ جي صحيح ——————

33. انهيءَ جي قرضَ ڏيڻ بابت منعنامي جو حُڪم، جيڪا ملڪيت ڊِگريءَ جي تعميل ۾ خريدار بجاءِ ڪنهن ٻئي شخص وٽ وڪرو ٿي هجي

(قانوني حُڪم XXI، قاعدو 79)

(عُنوان)

جي نالي ——————

جيئن تہ ———— جاٽايل مُقدمي ——— ۾ جاري ٿيل ڊِڪريءَ جي تعميل ۾ ملڪيت جي عام نيلام ۾ خريدار بنجي ويو آهي، جيڪي قرضَ توهان ———— ڏانهن ———— جا رهيل آهن، تنهنڪري توهان ———— کي قرض وٺڻ کان روڪ جو حُڪم ڏنو وڃي ٿو ۽ توهان———— کي جاٽايل ———— شخص يا شخصن کانسواءِ قرض جي رقم ڏيڻ کان منع ڪيو وڃي ٿو.

اج ڏينهن ———— 20ع تي هيءَ منهنجي صحيح ۽ عدالت جي مُهر سان جاري ٿيو.

جَجُ جي صحيح ——————

34. پَتين جي مُنتقليءَ بابت منعنامي جو حُڪم، جيڪي ڊِڪريءَ جي تعميل ۾ نيلام ٿيون هُجن

(قانوني حُڪم XXI، قاعدو 79)

(عُنوان)

جي نالي ———— ۽ ڪارپوريشن ———— جو سيڪريٽري ————

جيئن تہ ———— جاٽايل مُقدمي ——— ۾ جاري ٿيل ڊِڪريءَ جي تعميل ۾ جاٽايل ڪمپنيءَ جي پتين جي عام نيلام ۾ خريدار بنجي ويو آهي، يعني اُهي شيئر جيڪي توهان ———— جي نالي آهن، تنهنڪري اِهو حُڪم ڏنو وڃي ٿو ۽ توهان ———— کي روڪيو وڃي ٿو تہ جاٽايل ————شخص کانسواءِ ڪنهن ٻئي شخص وٽ جاٽايل شيئرن جي مُنتقلي نہ

ڪريو جيڪو مٿئين شيئرن جو خريدار آهي، يا منجهانئن ڪو منافعو نہ وٺو ۽ توهان ———
چاٽايل ڪارپوريشن جي سيڪريٽريءَ کي مٿي چاٽايل خريدار ڪانسواءِ ڪنهن ٻئي شخص کي اهڙي مُنتقليءَ جي اجازت ڏيڻ کان يا اهڙي ادائيگيءَ کان روڪيو وڃي ٿو.

اج ڏينهن ——— 20ع تي هيءَ منهنجي صحيح ۽ عدالت جي مُهر سان جاري ٿيو.

جَجُ جي صحيح ———

35. فيصلي جي قرضدار کي انهيءَ اختيار جو سرٽفڪيٽ ڏيڻ، تہ هُو جائيداد کي گِروي رکي، ڪٽٽ تي ڏيئي يا نيلام ڪري

(قانوني حُڪم XXI، قاعدو 83)

(عُنوان)

جيئن تہ چاٽايل مُقدمي ۾ جاري ٿيل ڊِڪريءَ جي تعميل ۾ ڏينهن ——— مهينو ——— 20ع تي حُڪم ٿيو هو تہ فيصلي جي قرضدار ——— جي چاٽايل ملڪيت کي وڪڻيو وڃي، جيئن تہ عدالت، چاٽايل فيصلي جي قرضدار جي درخواست تي نيلام مُلتوي ڪري ڇڏيو آهي، تہ جيئن هُو انهيءَ قابل ٿئي، جو هُو چاٽايل ملڪيت يا انهيءَ جي حصي کي گِروي رکڻ يا آجاريداريءَ تي ڏيڻ يا نجي طور ۔ ڪٽڻ سان ڊِڪريءَ جي رقم جمع ڪري سگهي؛

اِهو سرٽيفڪيٽ ڏنو وڃي ٿو تہ عدالت انهيءَ حُڪم ذريعي فيصلي جي قرضدار کي اختيار ڏئي ٿي، تہ هُو انهيءَ سرٽيفڪيٽ جي تاريخ کان ——— جي عرصي ۾ تجويز ڪيل ملڪيت کي گِروي رکي، ڪَٽت تي ڏيئي يا وڪرو ڪري، پر شرط هيءَ آهي، تہ جيڪا اهڙي سموري رقم گِروي، ڪَٽت تي ڏيڻ ۽ وڪڻڻ مان ملي، سا فيصلي جي قرضدار کي نہ، پر عدالت ۾ جمع ڪرائي ويندي.

اج ڏينهن ——— 20ع تي هيءَ منهنجي صحيح ۽ عدالت جي مُهر سان جاري ٿيو.

جَجُ جي صحيح ———

36. سبب پيش ڪرڻ بابت نوٽيس، تہ ڇو نيلام کي رَدُ نہ ڪيو وڃي

(قانوني حُڪم XXI، قاعدو 90 ۽ 92)

(عُنوان)

جي نالي ———

جيئن تہ هيٺ چاٽايل ملڪيت کي ڏينهن ——— مهينو——— 20ع تي چاٽايل مُقدمي ۾ ڊِڪري جاري ٿيڻ تي وڪرو ڪيو ويو هو ۽ جيئن تہ ——— ڊِڪري وٺندڙ (يا فيصلي جو قرضدار) انهيءَ عدالت ۾ درخواست داخل ڪرائي، تہ چاٽايل ملڪيت جي نيلام کي آئنر سببن خاطر رَدُ ڪيو وڃي، ڇوتہ اِشتهار ڇپرائڻ يا نيلام ڪرڻ ۾ اهم بيضابطگيون (يا دوکو) ٿيو آهي، خاص ڪري جيئن تہ ———

توهان کي اطلاع ڏنو وڃي ٿو تہ جيڪڏهن توهان ڄاڻايل درخواست جي نامنظوريءَ لاءِ ڪو سبب رکو ٿا، تہ توهان پنهنجي ثبوتن سميت هن عدالت ۾ ڏينهن ———— مهينو —— 20ع تي حاضر ٿيو. انهيءَ ڏينهن ڄاڻايل درخواست تي ڪارروائي هلائي، انهيءَ جو فيصلو ڪيو ويندو.

اج ڏينهن ———— 20ع تي هيءُ منهنجي صحيح ۽ عدالت جي مُهر سان جاري ٿيو.

ملڪيت جو تفصيل

37. اِهو سبب پيش ڪرڻ لاءِ نوٽيس، تہ ڇو نيلام کي رَدُ نہ ڪيو وڃي

(قانوني حُڪم XXI، قاعدو 91 ۽ 92)

(عُنوان)

جي نالي ————

جيئن تہ ———— هيٺ ڄاڻايل ملڪيت جي خريدار، جيڪا ڏينهن ———— مهينو —— —— 20ع تي ڊِڪري جي تعميل ۾ ٿڏي تي نيلام ٿي هئي، ۽ انهيءَ ۾ فيصلي جي قرضدار جو ڪوبہ وڪري جوڳو مفاد نہ هو.

توهان کي اطلاع ڏنو وڃي ٿو تہ جيڪڏهن توهان ڪو سبب ڏئي سگهو ٿا، تہ ڇو ڄاڻايل درخواست کي منظور نہ ڪيو وڃي، تہ توهان ثبوتن سميت عدالت ۾ ڏينهن ———— مهينو ———— 20ع تي حاضر ٿيو جڏهن ڄاڻايل درخواست تي ڪارروائي هلائي، فيصلو ڏنو ويندو.

اج ڏينهن ———— 20ع تي هيءُ منهنجي صحيح ۽ عدالت جي مُهر سان جاري ٿيو.

ملڪيت جو تفصيل

جَجُ جي صحيح ————

38. زرعي زمين جي نيلاميءَ جو سرٽيفڪيٽ

(قانوني حُڪم XXI، قاعدو 94)

(عُنوان)

هن لکت پٽاندر تصديق ڪئي وڃي ٿي، تہ نالي ———— کي، انهيءَ مُقدمي ۾ ———— تي جاري ٿيل ڊِڪريءَ جي تعميل ۾، ڏينهن ———— مهينو ———— 20ع تي عام نيلام ذريعي خريدار ڪوئيو ويو هو ۽ اِهو تہ ڄاڻايل نيلاميءَ جي عدالت طرفان مُناسب منظوري ڏني ويئي هئي.

اج ڏينهن ———— 20ع تي هيءُ منهنجي صحيح ۽ عدالت جي مُهر سان جاري ٿيو.

جَجُ جي صحيح ————

39. ڊگريءَ جي تعميل ۾ وڪرو ٿيل زميني ايراضيءَ جي خريدار کي زمين سونپڻ جو تصديقي حُڪمنامو ڏيڻ

(قانوني حُڪم XXI، قاعدو 95)

(عُنوان)

عدالت جي بيلف جي نالي ————————

جيئن تہ ———————— مُقدمي نمبر ———————— 20ع ۾ جاري ٿيل ڊگريءَ جي تعميل ۾ واقع ———————— تي ٿيل زمين جي نيلاميءَ ۾ خريدار بڻجي ويو آهي، تنهنڪري مٿي ڄاڻايل جيان تصديقي سرٽيفڪيٽ وٺندڙ کي زمين جو قبضو ڏياريو وڃي.

اڄ ڏينهن ———————— 20ع تي هيءُ منهنجي صحيح ۽ عدالت جي مُهر سان جاري ٿيو.

جَجُ جي صحيح ————————

40. ڊگريءَ جي تعميل ۾ رنڊڪ وجهڻ جي الزام ۾ حاضر ٿيڻ ۽ جواب ڏيڻ لاءِ سَمن

(قانوني حُڪم XXI، قاعدو 97)

(عُنوان)

جي نالي ————————

جيئن تہ ———————— ڊگري وٺندڙ ڄاڻايل مُقدمي ۾ هن عدالت ۾ انهيءَ ڳالهہ جي شڪايت ڪئي آهي، تہ توهان ملڪيت کي تحويل ۾ وٺڻ واري وارنٽ جي تعميل ۾ نگران بنايل عهديدار سان مزاحمت (نتائڙ يا آتڪاءُ) ڪئي:

توهان کي هن سمن ذريعي گهرايو وڃي ٿو تہ هن عدالت ۾ ڏينهن ———————— مهينو ———————— 20ع تي واقع ———————— وقت ———————— صبح جو حاضر ٿيو ۽ ڄاڻايل دعوي جو جواب ڏيو.

اڄ ڏينهن ———————— 20ع تي هيءُ منهنجي صحيح ۽ عدالت جي مُهر سان جاري ٿيو.

جَجُ جي صحيح ————————

41. جيل ۾ سونپڻ جو وارنٽ

(قانوني حُڪم XXI، 98)

(عُنوان)

جيل سُپرينٽينڊنٽ جي نالي واقع ————————

جيئن تہ انهيءَ مُقدمي ۾ هيٺ ڄاڻايل ملڪيت بابت دعويدار ———————— جي حق ۾ ڊگري جاري ڪئي وئي آهي ۽ جيئن تہ عدالت کي اطمينان آهي تہ ———————— ڪنهن مُنصفاڻي سبب بغير غيرقانوني رُڪاوٽ (يا آتڪاءُ) وڌي آهي ۽ هاڻي بہ ملڪيت کي تحويل ۾ وٺڻ ۾ رُڪاوٽ (آتڪاءُ) پيو وجهي ۽ جيئن تہ ڄاڻايل ———————— هن عدالت ۾ درخواست ڏني آهي، تہ ڄاڻايل ———————— کي ديواني جيل ۾ موڪليو وڃي، تنهنڪري توهان کي حُڪم ڏنو وڃي

تو ۽ لازمي آهي، تہ ڄاڻايل شخص کي گرفتار ڪري، ديواني جيل ۾ وجهو ۽ هُن کي هِتي ڄاڻايل ڏينهن لاءِ حراست ۾ رکو.

اڄ ڏينهن ———— 20ع تي هيءَ منهنجي صحيح ۽ عدالت جي مُهر سان جاري ٿيو.

ڄَجُ جي صحيح ————

42. زرعي ايراضيءَ جي عام نيلاميءَ کي روڪڻ بابت ڪليڪٽر صاحب جو اختيار (قلم 72)

(عُنوان)

———— جي ڪليڪٽر ڏانهن

سائين

توهان جي لکپڙهہ نمبر ———— تاريخ ———— 20ع تي جواب ۾ جنهن ۾ ڄاڻايو ويو تہ مُقدمي ۾ اُن زمين بابت، جيڪا زرعي ايراضيءَ توهان جي ضلعي ۾ موجود آهي، جاري ٿيل ڊِڪريءَ جي تعميل ۾ نيلامي، اعتراض جوڳي آهي، تنهنڪري آءٌ توهان کي ڄاڻ ڏيڻ ۾ فخر سمجهان ٿو تہ توهان کي اِهو اختيار آهي، تہ توهان پنهنجي طرفان سفارش ڪيل انداز ۾ ڄاڻايل ڊِڪريءَ جي تعميل لاءِ قاعدا ضابطا جوڙيو.

توهان جو فرمانبردار ————

سائين ————

ڄَجُ ————

ضميمو -F

لاڳاپيل واڌو ڪارروايون

(عُنوان)

1. فيصلي کان اڳ گرفتاريءَ جو وارنٽ

(قانوني حُڪم -XXXVIII، قاعدو 1)

	ربيا	آنا	پائي
اصل رقم ———— وياج جي رقم ———— مُقدمي جو خرچ ————			
ڪُل			

جيئن تہ ڄاڻايل مُقدمي جي دعويدار ———— هيٺئين تفصيل ريت ڪُل رقم ———— جي دعويٰ ڪئي آهي، ۽ عدالت جي اطمينان ۾ ثابت ڪيو آهي، تہ انهيءَ ڳالهہ کي سمجهڻ جو معقول سبب آهي، تہ دعويٰ جو جواب ڏيندڙ ———— اٽڪل ———— گوءِ ڏيڻ وارو آهي. تنهنڪري توهان کي حُڪم ڏنو وڃي ٿو تہ ڄاڻايل ———— کان ڪُل رقم ———— گهرو جيڪا دعويدار جي دعويٰ جي تعميل ٿيڻ لاءِ ڪافي هجي، ۽ جيڪڏهن مٿي ڄاڻايل رقم ———— ٿُرت توهان کي نہ سونپي، يا هُن طرفان نہ ڏني وڃي، تہ ڄاڻايل ———— کي حراست ۾ وٺو ۽ عدالت جي روبرو حاضر ڪريو تہ جيئن هُو سبب ڄاڻائي، تہ هُن کان سندس ————

—— ذاتي حاضري لاءِ ڪُل رقم———— جي ضمانت چو نہ ورتي وڃي، تہ جيئن هو عدالت ۾ حاضر ٿئي، جيستائين چاٽايل مُقدمي جو مڪمل ۽ قطعي طور فيصلو نٿو ٿئي، ۽ جيستائين ڪنهن ڊِڪريءَ جي تعميل نہ ڪئي وڃي، جيڪا مُقدمي ۾ سندس خلاف جاري ٿئي.

اجوڪي ڏينهن ———— 20ع تي هيءُ منهنجي صحيح ۽ عدالت جي مُهر سان جاري ٿيو.

جَجُ جي صحيح ————

2. فيصلي کان اڳ گرفتار ٿيل دعويٰ جي جواب ڏيندڙ جي حاضريءَ لاءِ ضمانت

(قانوني حُڪم ـ XXXVIII، قاعدو 2)

(عُنوان)

جيئن تہ چاٽايل مُقدمي ۾ دعويدار ———— جي درخواست تي دعويٰ جي جواب ڏيندڙ ———— کي گرفتار ڪري هن عدالت ———— ۾ حاضر ڪيو ويو آهي؛

۽ جيئن تہ دعويٰ جي چاٽايل جواب ڏيندڙ جي سبب پيش نہ ڪرڻ سان، تہ چو هُن کان حاضريءَ واسطي ضمانت نہ ورتي وڃي، عدالت هُن کي ضمانت داخل ڪرڻ جو حُڪم ڏنو آهي؛

تنهنڪري آءٌ ———— اِرادي سان ضامن ٿيو آهيان ۽ آءٌ پنهنجي پاڻُ کي ۽ پنهنجي وارثن ۽ قانوني نِگرانن کي عدالت آڏو پابند ڪريان ٿو تہ دعويٰ جي متئين جواب ڏيندڙ ، ڪنهن بہ وقت عدالت ۾ حاضر ٿيندو جڏهن بہ هُن کي عدالت طرفان مُقدمي دؤران حاضر ٿيڻ جو حُڪم ٿيندو جنهن وقت مُقدمو التوا ۾ هُجي، ۽ گڏوگڏ هن خلاف جاري ٿيل ڊِڪريءَ جي تعميل نہ ٿيڻ تائين، جيڪا چاٽايل مقدمي ۾ سندس خلاف جاري ٿئيي ۽ ايئن حاضر نہ ٿيڻ جي حالت ۾، پنهنجي پاڻُ کي پنهنجي پين وارثن ۽ قانوني نگرانن کي پابند ڪريان ٿو تہ چاٽايل عدالت کي انهيءَ جي خواهش تي ڪا رقم ڏيان، جنهن جو چاٽايل مُقدمي ۾ دعويٰ جي جواب ڏيندڙ خلاف فيصلو ٿئي.

آءٌ اڄ ڏينهن ———— 20ع تي تصديق ۽ صحيح ڪريان ٿو.

جَجُ جي صحيح ————

3. ضمانت جي درخواست تان هٿ ڪڍڻ جي درخواست تي دعويٰ جي جواب ڏيندڙ جي حاضريءَ لاءِ سَمن

(قانوني حُڪم ـ XXXVIII، قاعدو 3)

(عُنوان)

جي نالي ————

جيئن تہ———— جيڪو ڏينهن ———— 20ع تي چاٽايل مُقدمي ۾ توهان جي حاضريءَ لاءِ ضامن ٿيو هو تنهن عدالت ۾ پنهنجي ذميداريءَ تان هٿ ڪڍڻ لاءِ درخواست ڏني آهي؛

توهان کي هِتي حُڪم ڏنو وڃي ٿو تہ ڏينهن ———— 20ع تي وقت ———— صبح جو هن عدالت ۾ حاضر ٿيو جڏهن انهيءَ درخواست تي ڪارروائي ڪري، فيصلو ڏنو ويندو.

اجوڪي ڏينهن ———— 20ع تي هيءُ منهنجي صحيح ۽ عدالت جي مُهر سان جاري ٿيو.

جَجُ جي صحيح ————

4. جيل ۾ رکڻ جو حُڪم

(قانوني حُڪم _ XXXVIII، قاعدو 4)

(عُنوان)

جي نالي ———————

جيئن تہ دعويدار ——————— هن مقدمي ۾ عدالت جي اڳيان درخواست داخل ڪئي آهي، تہ دعويٰ جي جواب ڏيندڙ——————— ڪان مُقدمي ۾ ڪنهن بہ فيصلي جي تعميل لاءِ، جيڪو هن مُقدمي ۾ جاري ٿئي، حاضريءَ جو ضامن گهريو وڃي ۽ جيئن تہ عدالت، دعويٰ جي جواب ڏيندڙ کي حُڪم ڏنو آهي، تہ ڄاڻايل هُو ضمانت داخل ڪري يا ضمانت بجاءِ ڪافي رقم امانت طور داخل ڪري، پر انهيءَ ڳالھ ۾ هُو لاچار رهيو آهي، تنهنڪري اِهو حُڪم ڏنو وڃي ٿو تہ ڄاڻايل دعويٰ جي جواب ڏيندڙ ——————— کي مُقدمي جي فيصلي تائين، يا جيڪڏهن فيصلو سندس خلاف ٿئي، تہ ڊِڪريءَ جي تعميل ٿيڻ تائين ديواني جيل ۾ حراست ۾ رکيو وڃي.

اڄ ڏينهن ——————— 20ع تي هيءُ منهنجي صحيح ۽ عدالت جي مُهر سان جاري ٿيو.

جَجُ جي صحيح ———————

5. ڊِڪريءَ جي تعميل لاءِ ضمانت گهرڻ جي حُڪم سان گڏ فيصلي کان اڳ ضبطگي

(قانوني حُڪم XXXVIII_، قاعدو 5)

(عُنوان)

عدالت جي بيلف جي نالي ———————

جيئن تہ ——————— عدالت جي اطمينان موجب ثابت ڪيو آهي، تہ دعويٰ جي جواب ڏيندڙ ڄاڻايل مُقدمي ——————— ۾:

تنهنڪري توهان کي حُڪم ڏنو وڃي ٿو تہ دعويٰ جي جواب ڏيندڙ——————— کي گهرايو تہ ڏينهن ——————— مهينو ——————— 20ع تي يا انهيءَ کان اڳ ڪُل رقم ——————— بابت انهيءَ ڳالھ جي ضمانت داخل ڪري، تہ جڏهن حُڪم ٿئي، تہ انهيءَ عدالت ۾ ——————— پيش ڪري، امانت طور عدالت ۾ داخل ڪري يا انهيءَ جي قيمت داخل ڪري يا قيمت ۾ ايتري قدر رقم، جيڪا انهيءَ ڊِڪريءَ جي تعميل ٿيڻ لاءِ ڪافي هجي، تہ هن عدالت ——————— ڏانهن موڪلي يا اِهو تہ عدالت ۾ حاضر ٿي، اِهو ظاهر ڪري، تہ ضمانت ڪي ڪهڙي سبب داخل نہ ڪرڻ گهرجي، ۽ توهان کي بہ حُڪم ڏنو وڃي ٿو تہ ——————— ڄاڻايل کي ضبط ڪري، عدالت جي ٻئي حُڪم تائين، انهيءَ عدالت جي حفاظت ۾ رکو ۽ ڄاڻايل وارنٽ کي ڏينهن ——————— 20ع يا انهيءَ کان اڳ انهيءَ تاريخ تي صحيح ڪرڻ سان گڏ موڪليو جهڙي طرح انهيءَ جي تعميل ٿي هجي يا سبب لکو تہ ڇو تعميل نہ ٿي.

اڄوڪي ڏينهن ——————— 20ع تي هيءُ منهنجي صحيح ۽ عدالت جي مُهر سان جاري ٿيو.

جَجُ جي صحيح ———————

6. ملڪيت کي پيش ڪرڻ لاءِ ضمانت

(قانوني حُڪم XXXVIII_, قاعدو 5)

(عُنوان)

جيئن تہ مٿي ڄاڻايل مُقدمي ۾ دعويدار ———————— جي درخواست تي دعويٰ جي جواب ڏيندڙ ———————— کي هن عدالت مان هدايت ڪئي وئي آهي, تہ تعداد ——— رپيا ضمانت طور عدالت ۾ پيش ڪري ۽ انهيءَ ملڪيت کي عدالت جي اختيار ۾ رکي, جنهن جي هِتي شامل ضميمي ۾ وضاحت ٿيل آهي.

تنهنڪري آءٌ ———— اِرادي سان ضامن ٿيان ٿو ۽ پنهنجي پاڻُ کي ۽ پنهنجي وارثن ۽ قانوني نِگرانن کي انهيءَ ذريعي ڄاڻايل عدالت آڏو پابند ڪريان ٿو تہ مٿيون دعويٰ جو جواب ڏيندڙ جڏهن هُن کي طلب ٿيندي, تہ هِتي شامل ضميمي ۾ وضاحت ٿيل ملڪيت کي يا انهيءَ جي قيمت يا ايتري قدر حصو جيڪو ڊِڪريءَ جي تعميل لاءِ ڪافي هجي, عدالت ۾ پيش ڪندو ۽ انهيءَ جي اختيار ۾ ڏيندو, ۽ هُن جي ايئن نہ هئڻ جي حالت ۾ پنهنجي پاڻُ کي ۽ پنهنجي وارثن ۽ قانوني نگرانن لاءِ پابند ڪريان ٿو تہ عدالت جي خواهش موجب ڄاڻايل ڪُل رقم ———— يا ايتري رقم, جيڪا مٿئين رقم کان وڌيڪ نہ هوندي, ڄاڻايل عدالت ۾ جمع ڪرائيندس.

شيڊيول

منهنجي شاهديءَ ۾ اڄ هِتي ———— ڏينهن ———— 20ع تي جاري ٿيو.

جَجُ جي صحيح ————

شاهدَ:_

1. ————————

2. ————————

7. ضمانت مُهيا نہ ڪرڻ ۾ ناڪاميءَ جي ثبوت ۾ فيصلي کان اڳ ضَبطگي

(قانوني حُڪم XXXVIII_, قاعدو 6)

(عُنوان)

عدالت جي بيلف جي نالي ————————

جيئن تہ دعويدار ———— انهيءَ مقدمي ۾ عدالت کي درخواست ڏني آهي, تہ دعويٰ جي جواب ڏيندڙ ———— کان ڪنهن بہ ڊِڪريءَ جي اطمينان لاءِ ضمانت گهري وڃي ۽ جيئن تہ عدالت ڄاڻايل ———— کي اهڙي ضمانت داخل ڪرڻ جو حُڪم ڏنو آهي, جنهن جي پوئواريءَ ۾ هُو ناڪام رهيو آهي. تنهنڪري توهان کي حُڪم ڏنو وڃي ٿو تہ ڄاڻايل جي ملڪيت ———— کي ضبط ڪريو ۽ انهيءَ کي ٻئي حُڪم تائين, جيڪو عدالت کان جاري ٿئي, حراست ۾ حفاظت سان رکو ۽ توهان کي وڌيڪ حُڪم ڏنو وڃي ٿو تہ هيءَ وارنٽ ڏينهن ———— مهينو ———— 20ع تي يا انهيءَ

ڪان اڳ انهيءَ ڳالهہ جي تصديقي صحيح سميت واپس موڪليو تہ ڪهڙي تاريخ تي ۽ ڪيئن تعميل ڪئي ويئي، يا سبب لکو تہ تعميل نہ ٿي.

اڄوڪي ڏينهن ———— 20ع تي هيءَ منهنجي صحيح ۽ عدالت جي مُهر سان جاري ٿيو.

جَجُ جي صحيح ————

8. عارضي منعنامو

(قانوني حُڪم XXXIX، قاعدو 1)

(عُنوان)

[دعويدار الف، ب جي وڪيل [يا ڪائونسل] ———— طرفان عدالت ۾ داخل درخواست ڪيل] ۽ [اڄوڪي ڏينهن] تي داخل مامري ۾ ڄاڻايل دعويدار جي پٽيشن ڪي [يا انهيءَ مُقدمي ۾ ڏينهن ———— مهينو ———— 20ع تي داخل دعوي ڪي يا ڏينهن ———— مهينو ————20ع تي ڄاڻايل دعويدار جي لکيل بيان] ڪي پڙهڻ ۽ ———— ۽ ———— طرفان انهيءَ جي پُٺيرائيءَ ۾ پيش ٿيل شاهديءَ ڪي (جيڪڏهن نوٽيس ڪانپوءِ بہ دعوي جو جواب ڏيندڙ حاضر نہ ٿئي: تہ شامل ڪريو ۽ گڏوگڏ ———— جي پيش ٿيل شاهديءَ ڪي ٻُڌڻ ڪانپوءِ، جڏهن دعوي جي جواب ڏيندڙ س، د تي مٿئين درخواست تي نوٽيس تعميل ٿيو هُجي، پر اُهو حاضر نہ ٿيو هجي.] تنهنڪري هيءَ عدالت اِهو حُڪم ڏئي ٿي، تہ دعوي جي جواب ڏيندڙ س، د، سندس نوڪرن، گُماشتن، ڪاريگرن ۽ هُنرمندن ڪي انهيءَ گهر ڪي ڊاهڻ يا ڊاهڻ ۾ مدد ڏيڻ ڪان منع ڪيو ۽ روڪيو وڃي ٿو جنهن گهر جو ڄاڻايل دعويدار جي درخواست ۽ دعوي جي درخواست ۾ ذڪر ٿيل آهي [يا جنهن ڪي دعويدار جي لکيل بيان يا سوال ۾ يا انهيءَ شاهديءَ ۾ ڄاڻايو ويو آهي، جيڪا انهيءَ درخواست جي داخل ٿيڻ وقت ورتي وئي هئي] يعني گهر نمبر 9، تعلقي ———— ۾ اولي مانگر گهٽي، هندو پُور ۾ ۽ گڏوگڏ ڄاڻايل گهر جي مواد ڪي وڪڻڻ ڪان روڪيو وڃي ٿو، جيستائين انهيءَ مُقدمي جي ڪارروائي جاري رهي يا عدالت طرفان ڪو ٻيو حُڪم جاري نہ ڪيو وڃي.

ڏينهن ———— مهينو ———— 20ع

جَجُ جي صحيح ————

[جڏهن منعنامي جي حُڪم ۾ دعوي جي جواب ڏيندڙ کي ڪنهن هُنڊي يا نوٽ وڪڻڻ ڪان روڪڻ گهربل هجي، تہ عدالت جي منعنامي جي حُڪم واري بيان کي ايئن لکيو ويندو:-]

دعوي جو جواب ڏيندڙ ———— ۽ ———— کي روڪيو وڃي ٿو تہ اُهي پراميسري نوٽ يا [هُنڊيءَ] ڪي، جيستائين انهيءَ مُقدمي جي ٻُڌڻي نہ ٿئي، ۽ عدالت جي ڪنهن ٻئي حُڪم جاري نہ ٿيڻ تائين انهيءَ تاريخ ———— تي، جيڪا دعويدار جي دعوي جي درخواست ۾ ڄاڻايل هجي ۽ جنهن جو ذڪر انهيءَ شاهديءَ ۾ بہ هجي ۽ جيڪا درخواست داخل ٿيڻ مهل ورتي وئي هئي، تيستائين پنهنجي يا منجهانئن ڪنهن جي تحويل ڪان ڌار نہ ڪن ۽ انهيءَ جي پُٺ تي وڪڻڻ يا مُنتقلي جي عبارت نہ لکن ۽ نہ انهيءَ ڪي وڪڻن.

[ڪتابن جي حقن وارن مُقدمن ۾]

دعويٰ جي جواب ڏيندڙ س، د ۽ سندس ملازمن، گُماشتن، ڪاريگرن ۽ هنرمندن کي ڄاڻايل ڪتاب يا انهيءَ جي ڪنهن حصي کي ڇاپڻ يا مشهور ڪرڻ يا وڪڻڻ کان روڪيو وڃي ٿو جيستائين انهيءَ مُقدمي جي ٻُڌڻي نہ ٿئي يا عدالت مان ڪو ٻيو حُڪم جاري نہ ٿئي.

[جڏهن ڪنهن ڪتاب جي رُڳو ڪجهہ حصي تي روڪ وڌي وڃي]

دعويٰ جي جواب ڏيندڙ س، د ۽ سندس ملازمن، گُماشتن، ڪاريگرن ۽ هنرمندن کي ڄاڻايل ڪتاب يا انهيءَ جي ڪنهن حصي کي ڇاپڻ يا مشهور ڪرڻ يا وڪڻڻ، يا ڪنهن جڳهہ تي مُنتقل ڪرڻ کان کان روڪيو وڃي ٿو جيڪو دعويدار جي دعويٰ [يا ڏنل شاهديءَ وغيره] ۾ تفصيل سان ڄاڻايل هجي ۽ جنهن جو دعويٰ جي جواب ڏيندڙ طرفان هيٺئين تفصيل موجب مشهور ٿيڻ پڌرو ڪيو ويو هجي، يعني ڄاڻايل ڪتاب جو ايتري قدر حصو جنهن جو عنوان آهي ۽ گڏوگڏ اُهو حصو جيڪو ———— جي عنوان سان آهي [يا جنهن ۾ ڪتاب جي صفحي— کان صفحا — سڀيئي شامل آهن.] جيستائين———— ٿئي، وغيره.

[ايجاد جي حَقُ وارن مُقدمن ۾]

دعويٰ جي جواب ڏيندڙ س، د. سندس ڪاريگرن، گُماشتن، ملازمن ۽ هُنرمند ماڻهن کي روڪيو وڃي، تہ اُهي دعويدار جي دعويٰ [يا پٽيشن وغيره. يا لکت بيان وغيره] ۾ واضح ڄاڻايل ايجاد [جيڪا بہ حالت هجي] ۾ سِرون شامل آهن، جيڪي دعويدار جي ايجاد سان ناتو رکن ٿيون، تن سِرن کي ناهڻ يا وڪڻڻ کان، انهيءَ عرصي جي باقي عرصي تائين پاسو ڪيو وڃي، جنهن جو دعويدار کي سَند موجب ايجاد جو حَقُ مليل آهي ۽ جيڪو دعويٰ جي درخواست ۾ [يا جيڪا بہ حالت هجي] ڄاڻايل آهي، تنهنڪري دعويٰ جو جواب ڏيندڙ پاڻُ يا پنهنجي طرفان اُنهن سِرن کي نہ ناهي ۽ نہ ئي وڪڻي ۽ نہ انهيءَ جو نقل ڪري ۽ نہ انهيءَ شڪل ۽ نموني جون ٻيون سِرون ناهي ۽ نہ ئي سِرُ جي ايجاد ۾ ڪا ڪوٽ ۽ واڌ ڪري، جيستائين مُقدمي جي ڪارروائي نہ هلي، وغيره.

[واپاري نشانن جي مُقدمي ۾]

دعويٰ جي جواب ڏيندڙ س، د. سندس ڪاريگرن، گُماشتن، ملازمن ۽ هُنرمند ماڻهن کي، دعويدار الف، ب طرفان ناهيل ڪنهن مُرڪب، مواد کي يا انهيءَ کي وڌيڪ اگهہ تي وڪڻڻ [يا جيڪا بہ حالت هجي]، جيئن تجويز ڪيو ويو هجي يا وڌيڪ اگهہ تي وڪڻڻ جي تجويز خاطر بوتلن ۾ بند ڪرڻ، جنهن تي اهڙو نشانَ يا ڇپيل ڪاغذ چِنبڙائي هڻڻ، جيڪو دعويدار پنهنجي دعويٰ [يا پٽيشن وغيره] ۾ ڄاڻايو هجي، يا ڪنهن ٻئي ڪاروباري نشانن ذريعي ڪا اهڙي ڪوشش يا اظهار ڪرڻ کان روڪيو وڃي ٿو تہ اُهي انهيءَ رنگ جهڙو ڪو نقل يا ڪو ٻيو انداز اختيار نہ ڪن، جيڪو اصلي نشان سان ملندڙ هُجي،

جو اُهو گُمان پيدا ٿئي. تہ اُها مُرڪب موادُ يا رنگدار شيءِ دعويدار جي نميل آهي ۽ دعويٰ جي جواب ڏيندڙ طرفان ناهيل ڪنهن متئين مواد يا مادي جهڙو ڏسڻ ۾ اچي يا انهيءَ کي وڏيڪ اگهہ تي نہ وڪڻيو وڃي، جيڪا هوبهو دعويدار الف. ب جي ناهيل مواد يا مادي جهڙو هُجي، ۽ جنهن جو ڪيس حق مليل هُجي، ۽ اُنهن کي اهڙي ڪاروباري نشان استعمال ڪرڻ کان بہ روڪيو وڃي ٿو جيڪو هوبهو اُن نموني جهڙو يا انداز جو هُجي يا دعويدار الف. ب طرفان ناهيل يا ڇاٽايل مواد ۽ مادي جهڙو هُجي. جنهن کي دعويدار تيار ڪندو ۽ وڪڻندو هُجي. جيستائين مُقدمي جي ڪارروائي نہ هلي، وغيره.

[ڪنهن پائيوار کي ڪاروباري پائيواري ۾ هٿچُراند کان روڪڻ]

دعويٰ جي جواب ڏيندڙ س. د. سندس ڪاريگرن. گُماشتن. ملازمن ۽ هُنرمند ماڻهن کي روڪيو وڃي، تہ اُهي پائيواري فرم ب ۽ د جي نالي ۾ ڪو معاهدو نہ ڪن. ۽ اُهي ڪا رقم. هُنڊي کي نہ وٺن. بئنڪ مان نہ ڪيڊرائين يا ڏي وٺ نہ ڪن. ۽ نہ ئي فرم جي نالي ۾ لکت ۾ ڪا ضمانت ڏين. ۽ اُنهن کي ڪنهن قرض وٺڻ جو معاهدو ڪرڻ. ڪنهن سامان کي وٺڻ ۽ وڪڻڻ ۽ ڪنهن زباني يا لکيل واعدي ڪرڻ. معاهدي ڪرڻ يا ضمانت ڏيڻ کان ۽ ڇاٽايل پائيواري فرم جي نالي ۾ ڪا سرگرمي ڪرڻ يا قرض وٺڻ جو سبب بنجڻ لاءِ منع ڪيو وڃي ٿو يا وري جڏهن ڇاٽايل پائيواري فرم ڪنهن انداز ۾ ڪنهن روڪ رقم يا معاهدي جي ڪارڪردگي، واعدي يا ضمانت جي ادائيگي لاءِ يا ڪنهن انداز ۾ جوابدار بنجي وڃي، جيستائين مُقدمي جي ڪارروائي نہ هلي، وغيره

9. رسيور جي مُقرري

(قانوني حُڪم XL, قاعدو 1)

(عُنوان)

جيئن تہ ڇاٽايل مُقدمي ۾ ڏينهن ——— مهينو ——— 20ع تي، ——— جي حق ۾ جاري ٿيل ڊڪريءَ جي تعميل سبب ملڪيت ——— کي ضبط ڪيو ويو آهي، تنهنڪري توهان کي ڇاٽايل ملڪيت جو سِول پروسيجر ڪوڊ 1908ع جي عدالتي حُڪم XL جي قائدي 1 موجب رِسيور مُقرر ڪيو ويو آهي. [پر شرط هيءُ آهي، تہ عدالت جي اطمينان موجب ضمانت داخل ڪئي وڃي] ۽ توهان کي انهيءَ قانوني حُڪم موجب مڪمل اختيار مليل آهن.

توهان تي لازم آهي، تہ ڏينهن —— تي ڇاٽايل ملڪيت جي خرچ ۽ واجبي آمد جو صحيح حساب داخل ڪريو ۽ انهيءَ مُقرريءَ ——— جي حُڪم سان توهان انهن مليل ربين جا. سيڪڙي جي شرح سان ——— ملڻ جا حقدار هوندا.

اجوڪي ڏينهن ——— 20ع تي هيءُ منهنجي صحيح ۽ عدالت جي مُهر سان جاري ٿيو.

جَجُ جي صحيح ———

10. رسيور طرفان داخل ڪرايل ضمانت

(قانوني حُڪم XL، قاعدو 3)

(عُنوان)

جيئن تہ سيني کي پتو هُجي، تہ اسان هِتي جيڪي موجود آهيون، جيئن ———— ۽ ———— گڏيل طور ۽ الڳ الڳ عدالت ———— جا ———— کي رُپيا ———— ڏيڻ جا پابند آهيون، جيڪي جاٽايل ———— کي يا عارضي طور سندس مُقرر عملدار جاءِ نشين کي ڏيندا سين. جيڪا رقم ڏني ويندي، تنهن لاءِ اسان پاڻ کي پابند سمجهون ٿا، ۽ اسان منجهان هرهڪ، مجموعي طور، اسان ۽ اسان جو هرهڪ وارث، نگران ۽ مُنتظم گڏيل طور ۽ الڳ الڳ انهيءَ ڪُل رقم کي ڏيڻ جو ذميدار هوندا. جيڪي هِتي موجود آهن.

اڄوڪي ڏينهن ———— مهينو ———— 20ع تي ٺهيو.

۽ جيئن تہ ———— طرفان انهيءَ عدالت ۾ ———— جي خلاف ———— جي مقصد سان دعويٰ جي درخواست داخل ڪئي آهي [هتي دعويٰ جي درخواست کي لکيو وڃي]: ————

۽ جيئن تہ جاٽايل ———— کي مٿي جاٽايل عدالت جي حُڪم سان غيرمُتحرڪ ملڪيت جي ڍل يا مسواڙ يا نفعي جي وصولي ۽ انهيءَ جي رهيل غيرمُتحرڪ ملڪيت کي ———— کان وٺڻ لاءِ مُقرر ڪيو ويو آهي، جنهن جو جاٽايل دعويٰ ۾ ذڪر ٿيل آهي:

تنهنڪري انهيءَ اقرارنامي جون شرطون هيءُ آهن، تہ جيڪڏهن مٿي جاٽايل ذميدار ———— سموري ماليت ۽ هرهڪ ماليت ۽ ڪُل رقم جي ماليت لاءِ مُناسب طور حساب ڪتاب ڏئي ٿو جيڪي هُو غيرمُتحرڪ ملڪيت جي ڍل يا مسواڙ يا نفعي کي مٿي جاٽايل ———— کان مختلف وقتن تي اهڙي عرصي لاءِ ايئن وصول ڪندو، جيئن جاٽايل عدالت اُنهن کي مُقرر ڪندي، ۽ جيئن اُها جاٽايل عدالت ڪا هدايت ڪئي هُجي، يا انهيءَ کان پوءِ ڪا هدايت ڪندي، تہ جيڪڏهن اُهو ايئن ضابطي موجب ڏئي، تہ پوءِ اُها ذميداري رَد ٿي ويندي، نہ تہ اُها مڪمل طور لاڳو رهندي.

جاٽايل نالي وارن شخصن جي صحيحن سان ———— جي روبرو سونپيو ويو.

نوٽ: جيڪڏهن رپيا امانت طور داخل ڪيا وڃن، تہ انهيءَ جي يادداشت جاٽايل ضمانت جي شرطن موجب هوندي.

ضميمو -G

اپيل، ريفرينس ۽ نظرثاني

1. اپيل جي يادداشت

(قانوني حُڪم XLI_، قاعدو 1)

(عُنوان)

مٿي جاٽايل ———— مقدمي نمبر ———— سال —20ع ۾ ڏينهن ———— مهينو ———— 20ع تي جاري ٿيل ڊڪريءَ خلاف عدالت ———— واقع ———— ۾ اپيل داخل ڪري ٿو ۽ ڊڪريءَ خلاف اپيل ۾ جاٽايل اعتراضن کي هيٺئين ربط لکيو وڃي. خاص ڪري:-

2. ڊڪريءَ جي تعميل ۾ منعنامي تي ڪيل حُڪم تي ضمانت ڏيڻ

(قانوني حُڪم XLI_ قاعدو 5)

(عُنوان)

جي نالي ————

هيءَ ضمانت نامو ڊِڪريءَ جي تعميل تي منعنامي مهل———— طرفان شاهد جي روبرو داخل ٿيو.

جيئن تہ ————، مُقدمي نمبر —— سال —— 20ع ۾ دعويدار ———— طرفان هن عدالت ۾ دعويٰ جي جواب ڏيندڙ———— تي مُقدمو داخل ڪيو ويو ۽ جيئن تہ ڏينهن ———— مهينو ———— 20ع تي دعويدار جي حق ۾ ڊِڪري جاري ٿي ۽ دعويٰ جو جواب ڏيندڙ جاڻايل ڊِڪريءَ جي مخالفت ۾ عدالت ———— ۾ اپيل داخل ڪئي، جيڪا اجا تائين التوا ۾ پيل آهي.

هاڻي جيئن تہ دعويدار ڊِڪري وٺندڙ انهيءَ ڊِڪريءَ جي جاري ٿيڻ لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي ۽ دعويٰ جي جواب ڏيندڙ انهيءَ جي خلاف درخواست داخل ڪئي آهي، تہ جاڻايل جاري ٿيل ڊِڪريءَ تي منعنامو ڏنو وڃي ۽ ڪانئس ضمانت گهري وئي آهي. تنهنڪري آءٌ پنهنجي آزاد مرضيءَ سان تعداد ۾ ڪُل رقم ———— ربيين جو انهيءَ جو ضامن پوان ٿو ۽ ضميمي ۾ شامل واضح ٿيل جائيدادن کي گِروي رکرائي اقرار ڪريان ٿو تہ جيڪڏهن اپيل جي عدالت، پهرئين عدالت جي ڊِڪريءَ کي بحال رکيو يا تبديل ڪيو تہ دعويٰ جو جواب ڏيندڙ اپيل واريءَ عدالت جي ڊِڪريءَ جي جاڻايل ضابطي موجب عمل ڪندو ۽ جيڪو بہ انهيءَ پٽاندر ڏيڻ واجب هوندو سو پابنديءَ سان ڏيندو ۽ جيڪڏهن ايئن ڪرڻ کان لاچار رهيو تہ جيڪا رقم ايئن ونڻ واجب هوندي، سا اُنهن جائيدادن مان ورتي ويندي، جيڪي انهيءَ ذريعي گِروي رکيون ويون آهن. جيڪڏهن اُنهن ملڪيتن جي نيلاميءَ جي خريداريءَ مان مليل رقم، ڏيڻ جوڳي رقمن لاءِ ڪافي نہ هجي، تہ آءٌ ۽ منهنجا قانوني وارث باقي رقم ڏيڻ جا ذاتي طور ذميدار هونداسين. انهيءَ بابت آءٌ اڄ ———— 20ع تي هيءَ ضمانتنامو لکان ٿو.

شيڊيول

صحيح ————

شاهدن جون صحيحون

1. ————

2. ————

3. اپيل جي تعطل دؤران ضمانت ڏيڻ

(قانوني حُڪم -XLI، قاعدو 6)

(عُنوان)

هيءَ ضمانت نامو ڊِڪريءَ جي تعميل جي منعنامي تي شاهدن ———— جي روبرو داخل ٿيو:-

جيئن تہ دعويدار ———— مُقدمي نمبر ———— سال ——20ع تحت دعويٰ جي جواب ڏيندڙ———— خلاف هن عدالت ۾ مُقدمو داخل ڪيو هو ۽ ڏينهن —— سال ——20ع تي

هن عدالت ۾ مُدعي جي حق ۾ ڊِڪري جاري ٿي هئي ۽ دعويٰ جي جواب ڏيندڙ جاٽايل ڊِڪريءَ خلاف عدالت ———— ۾ اپيل داخل ڪئي هئي، جيڪا اپيل هينئر بہ تعطل ۾ آهي.

هاڻي، ڊِڪريءَ وٺندڙ دعويدار جاٽايل ڊِڪريءَ جي تعميل لاءِ درخواست ڏني آهي ۽ ضمانت مُهيا ڪرڻ جو مطالبو ڪيو آهي. اهڙيءَ طرح آءٌ، پنهنجي رضا خوشيءَ سان ربين ———— جي سطح جي ملڪيت کي گِروي رکندي ضمانت ڏيان ٿو جيڪا هِتي شامل شيڊيول ۾ واضح جاٽايل آهي، ۽ شعوري طور مطمئن آهيان، تہ جيڪڏهن ابتدائي عدالت جي ڊِڪريءَ جي فيصلي کي رَد ڪيو وڃي يا اپيليٽ عدالت طرفان ڪو بيو فيصلو اچي، تہ دعويدار ڏانهن، جنهن ۾ جاٽايل ڊِڪريءَ تي تعميل ٿئي يا تعميل ڪيو وڃي،تہ ڪابہ ملڪيت بحال ٿئي، ۽ اپيليٽ عدالت جي جاري ٿيل ڊِڪريءَ پٽاندر مُناسب عمل ڪيو ويندو ۽ اُها رقم ڏيندو جيڪا بہ انهيءَ ڪانپوءِ هُن تي ڏيڻ جوڳي هوندي، ۽ جيڪڏهن هُو انهيءَ رقم کي ڏيڻ ۾ ناڪام ٿيندو، تہ پوءِ ايئن ڏيڻ جوڳي ڪابہ رقم، هِتي گروي رکيل ملڪيتن جي وڪري مان مليل رقم مان ڏني ويندي، ۽ جيڪڏهن اُنهن جاٽايل ملڪيتن جي وڪري مان مليل رقم، لَهٽيل رقم ڏيڻ ۾ اَڻپُوري هُجي، تہ پوءِ آءٌ ۽ منهنجا قانوني نمائندا بقايا رقم ڏيڻ جا شخصي طور ذميدار رهنداسين.

انهيءَ ڏس ۾ آءٌ ڏينهن ———— سال ————20ع تي هيءَ ضمانت جمع ڪرايان ٿو.

شيڊيول

صحيح ————

شاهدن طرفان صحيحون:

1. ————————————

2. ————————————

4. اپيل جي خرچن بابت ضمانت

(قانوني حُڪم -XLI، قاعدو 10)

(عُنوان)

هيءَ ضمانت نامو اپيل جي خرچن بابت شاهد جي روبرو ———————— طرفان جمع ٿيو:-

هن اپيل ڪندڙ مُقدمي نمبر ——— سال — 20ع ۾ جاري ٿيل ڊِڪريءَ تي دعويٰ جي جواب ڏيندڙ جي خلاف اپيل داخل ڪئي آهي ۽ ڪانٽس ضمانت گهري وئي آهي. تنهنڪري آءٌ پنهنجي آزاد مرضيءَ سان انهيءَ اپيل جي خرچن جو ضامن ٿيان ٿو ۽ پنهنجون ملڪيتون گِروي رکان ٿو جيڪي هيٺئين ضميمي ۾ شامل آهن. آءٌ پنهنجي جاٽايل ملڪيتن کي مُنتقل نہ ڪندس ۽ اپيل ڪندڙ طرفان ڪنهن بہ پَچڪڙيءَ جي حالت ۾ باضابطا انهيءَ حُڪم جي تعميل ڪندس. جيڪا اپيل ڪيل خرچن بابت منهنجي خلاف جاري ٿئي، جيڪا رقم ايئن ڏيڻ واجب هجي، تہ اُن کي اُنهن ملڪيتن مان ورتو وڃي، جيڪي اُن لاءِ گِروي ۾ رکيون ويون آهن ۽ جيڪڏهن اُنهن ملڪيتن جي نيلامي جي خريداريءَ مان مليل رقم، ڏيڻ جوڳي رقم لاءِ ڪافي نہ هجي، تہ آءٌ ۽ منهنجا قانوني وارث بقايا رقم ڏيڻ جا ذاتي طور ذميدار هونداسين.

انهيءَ بابت آءٌ اڄ هيءَ ضمانت نامو ڏينهن ——— مهينو ——— 20ع تي لکان ٿو.

صحيح ——————

شاهدن جون صحيحون:

.1 ——————————

.2 ——————————

5. اپيل جي داخل ٿيڻ جو ماتحت عدالت کي اطلاع

(قانوني حُڪم -XLI، قاعدو 13)

(عُنوان)

جي نالي ——————

هن ذريعي توهان کي ڄاڻُ ڏني وڃي ٿي، تہ —————— ڄاڻايل مُقدمي ۾ ——————

—— ڏينهن —————— سال —— 20ع تي هن عدالت مان توهان جي حق ۾ جاري ٿيل ڊِڪريءَ خلاف اپيل داخل ڪئي آهي.

تنهنڪري توهان کي درخواست ڪئي وڃي ٿي، تہ توهان عملي طور جيترو جلد ممڪن ٿئي، انهيءَ مُقدمي جا سمورا ضروري ڪاغذ موڪليو.

ڏينهن ———— مهينو —— 20ع تي جاري ٿيو.

جج جي صحيح ——————

6. اپيل جي ٻُڌڻيءَ جي مُقرر ٿيل تاريخ بابت دعويٰ جي جواب ڏيندڙ ڏانهن نوٽيس

(قانوني حُڪم -XLI، قاعدو 14)

(عُنوان)

تاريخ —— ڏينهن —— 20ع تي ———— عدالت کان جاري ٿيل ———— خلاف داخل اپيل.

جي نالي ——————

توهان کي سُڌ هجي، تہ هن مُقدمي ۾ —————— جاري ٿيل ڊِڪريءَ جي مخالفت ۾ ——————

—— طرفان هن عدالت ۾ اپيل داخل ڪئي وئي آهي ، ۽ جيئن تہ ڏينهن ———— مهينو —— 20ع کي هن عدالت طرفان اُن اپيل جي ٻُڌڻيءَ واسطي مُقرر ڪيو ويو آهي.

جيڪڏهن توهان پاڻُ يا وڪيل ذريعي يا ڪو اهڙو شخص، جنهن کي توهان طرفان انهيءَ اپيل ۾ ڪارروائي هلائڻ جو باضابطا اختيار ڏنو ويو هجي، پيش نہ ٿيندو تہ توهان جي غيرموجودگيءَ ۾ اپيل جي ڪارروائي هلائي ويندي ۽ فيصلو ڏنو ويندو.

اجوڪي ڏينهن ———— 20ع تي منهنجي صحيح ۽ عدالت جي مُهر سان جاري ڪيو ويو.

جَجُ جي صحيح ——————

نوٽ: جيڪڏهن ڊِڪريءَ جي تعميل کي مُلتوي ڪرڻ جو حُڪم ڏنو ويو هجي، تہ انهيءَ نوٽيس تي انهيءَ جو اطلاع لکيو وڃي.

7. مُقدمي جي انهيءَ ڏَر کي اطلاع، جنهن کي اپيل ۾ ڌُر نہ بنايو ويو هجي، پر عدالت انهيءَ کي دعويٰ جي جواب ڏيندڙ طور شامل ڪيو هجي

(قانوني حُڪم -XLI، قاعدو 20)

(عُنوان)

جيئن تہ توهان مُقدمي نمبر —— سال —— 20ع تي عدالت —————— ۾ ڌُر هئا ۽ جيئن تہ—————— جاٽايل مُقدمي ۾ سندس خلاف جاري ٿيل انهيءَ ڊِڪريءَ جي مخالفت ۾ هن عدالت ۾ اپيل داخل ڪئي آهي ۽ عدالت کي پتو پيو ٿو تہ توهان جاٽايل اپيل جي نتيجي سان مقصد رکو ٿا، تنهنڪري توهان کي نوٽيس ڏنو وڃي ٿو تہ هن عدالت توهان کي دعويٰ جو جواب ڏيندڙ ڌُر بنائڻ جو حُڪم ڏنو آهي ۽ ٻُڌڻي ڏينهن —— مهينو —— 20ع تي وقت —— تائين مُلتوي ڪئي ويئي آهي. جيڪڏهن انهيءَ ڏينهن مُقرر وقت تي توهان طرفان حاضري نہ ٿي، تہ اپيل تي توهان جي غيرموجودگيءَ ۾ ڪارروائي هلائي ويندي ۽ فيصلو ڏنو ويندو.

اڄوڪي ڏينهن —— مهينو—— 20ع تي منهنجي صحيح ۽ عدالت جي مُهر سان جاري ڪيو ويو.

جَجُ جي صحيح ——————

8. مخالف اعتراضن تي يادداشتون

(قانوني حُڪم XLI_، قاعدو 22)

(عُنوان)

جيئن تہ—— مُقدمي نمبر—— سال—— 20ع ۾ ڏينهن —— مهينو —— 20ع تي سندس خلاف جاري ٿيل ڊِڪريءَ خلاف هن عدالت —————— ۾ اپيل داخل ڪئي آهي ۽ جيئن تہ اپيل جي ٻُڌڻيءَ لاءِ مُقرر ڪيل ڏينهن —— مهينو—— 20ع لاءِ اطلاع نامي جو سمن —————— تي ڏينهن —— مهينو ——20ع تي تعميل ٿي ويو هو تنهنڪري —————— سِول پروسيجر ڪوڊ 1908ع جي عدالتي حُڪم XLI جي قائدي 22 تحت هيءَ دعويٰ مخالف يادداشت داخل ڪئي آهي ۽ جنهن ڊِڪريءَ خلاف اپيل ڪئي ويئي آهي، تنهن بابت اعتراض جا سبب هيٺئين ريت آهن: خاص ڪري:_

9. ڊِڪريءَ ۾ اپيل

(قانوني حُڪم XLI، قاعدو 35)

(عُنوان)

عدالت —————— طرفان تاريخ—— مهينو ——20ع تي جاري ٿيل ڊِڪريءَ تي داخل ٿيل اپيل نمبر —— ڏينهن—— مهينو—— 20ع

اپيل جي يادداشت

دعويدار

دعوي جو جواب ڏيندڙ

متي ڄاڻايل ——— تاريخ ——— مهينو ——— 20ع تي متي ڄاڻايل مقدمي ۾ ——— جي ڊِڪريءَ تي عدالت ——— واقع ——— ۾ اپيلَ داخل ڪئي آهي. جنهن ۾ هيٺيان سبب ڄاڻايا ويا آهن. خاص ڪري:

انهيءَ اپيل جي ٻُڌڻي عدالت ——— ۾ ڏينهن ——— مهينو ——— 20ع تي اپيل ڪندڙ طرفان مُقرر ——— جي ۽ دعوي جي جواب ڏيندڙ جي موجودگيءَ ۾ ٿيندي. تنهنڪري حُڪم ڏنو وڃي ٿو تہ ———:

انهيءَ اپيل جا خرچ، جيئن هيٺ ڄاڻايل آهي، تن جي ماليت رپيا ——— آهي، سي ——— طرفان ڏيڻا آهن. جڏهن تہ اصلي مُقدمي جا خرچ ——— کي ڏيڻا آهن.

اجوڪي ڏينهن ——— 20ع تي منهنجي صحيح ۽ عدالت جي مُهر سان جاري ڪيو ويو.

جَجُ جي صحيح ———

اپيل جو خرچ

اپيل ڪندڙ	ماليت			اپيل جو جواب ڏيندڙ	ماليت		
	رپيا	آنا	پائي		رپيا	آنا	پائي
1. اپيل جي يادداشت لاءِ اسٽيمپ							
اختيارن جو اسٽمپي							
2. ساڳيو. اختيارن جو اسٽيمپ				ساڳيو مُختيارنامي لاءِ اسٽيمپ			
3. سَمن جي تعميل				سَمن جي تعميل			
4. پيروي ڪندڙ جي فيس رُپين ۾				پيروي ڪندڙ جي فيس رُپين ۾			
ڪُل				ڪُل			

10. ڪنگلاٽپ پٽاندر اپيل جي درخواست

(قانوني حُڪم XLIV، قاعدو 1)

(عنوان)

آءٌ متي ڄاڻايل نالي ——— متئين مُقدمي ۾ جاري ٿيل ڊِڪريءَ تي اپيل ۾ يادداشتنامو پيش ڪريان ٿو ۽ دعويدار آهيان. تہ مون کي ڪنگلاٽپ طور اپيل ڪرڻ جي اجازت ڏني وڃي.

منهنجي سموري مُتحرڪ ۽ غير مُتحرڪ ملڪيت جي مڪمل ۽ صحيح فهرست سميت ماليت جو تخمينو شامل ڪيو وڃي ٿو.

ڏينهن ——— مهينو ——— 20ع.

صحيح ———

نوٽ: جيڪڏهن درخواست دعويدار طرفان هجي، تہ ڪيس اِهو جاٽائڻ گهرجي، تہ ڇا هُن پهرئين عدالت ۾ ڪنگلائپ طور دعويٰ داخل ڪرڻ لاءِ گُذارش ڪئي هئي ۽ ڪيس اجازت ڏني ويئي هئي.

11. ڪنگلائپ پٽاندر نوٽيس

(قانوني حُڪم -XLIV، قاعدو 1)

(عنوان)

جيئن تہ متي جاٽايل نالي ———— درخواست داخل ڪئي آهي، تہ ڪيس تاريخ ———— ڏينهن ————20ع متئين مُقدمي ۾ جاري ٿيل ڊِڪريءَ تي ڪنگلائپ طور اپيل داخل ڪرڻ جي اجازت ڏني وڃي، ۽ جيئن تہ ڏينهن ———— مهينو ———— 20ع ڪي درخواست جي ٻُڌڻيءَ لاءِ مُقرر ڪيو ويو آهي. تنهنڪري انهيءَ ذريعي توهان کي اطلاع ڏنو وڃي ٿو، تہ توهان سبب جاٽائڻ چاهيو ٿا، تہ ڇو درخواست ڏيندڙ کي ڪنگلائپ طور اپيل ڪرڻ جي اجازت نہ ڏني وڃي، تہ جاٽايل تاريخ تي توهان کي اپئن ڪرڻ جو وجهہ ڏنو ويندو.

اڄوڪي ڏينهن ———— 20ع تي منهنجي صحيح ۽ عدالت جي مُهر سان جاري ڪيو ويو.

جَجُ جي صحيح ————

12. اِهو سبب جاٽائڻ لاءِ نوٽيس، تہ ڇو [2][سُپريم ڪورٽ] ۾ اپيل پيش ڪرڻ لاءِ سرٽيفڪيٽ منظور نہ ڪيو وڃي

(قانوني حُڪم XLV، قاعدو 3)

(عنوان)

اِها جاڻ هجي، تہ———— هن عدالت ۾ سرٽيفڪيٽ لاءِ درخواست ڏني آهي، تہ سِول پروسيجر ڪوڊ 1908ع جي قلم 110 موجب، جاٽايل مقدمي جي نوعيت ۽ رقم يا ماليت جي گهرجن جو پُوراءُ ٿئي ٿو يا اِهو تہ ٻئي طريقي ۾ اُهو [1]سُپريم ڪورٽ] ۾ اپيل ڪرڻ لاءِ مُناسب ۽ لائق آهي.

توهان لاءِ ڏينهن ———— مهينو ———— 20ع مُقرر ڪيو ويو آهي، تہ جيئن توهان سبب جاٽايو، تہ عدالت ڇو نہ انهيءَ سرٽيفڪيٽ جي منظوري ڏئي، جنهن لاءِ گُذارش ڪئي وئي آهي.

اڄ ڏينهن ———— 20ع تي منهنجي صحيح ۽ عدالت جي مُهر سان جاري ڪيو ويو.

رجسٽرار جي صحيح ————

13. [3][سُپريم ڪورٽ] ۾ داخل اپيل منظور ٿيڻ جو جواب ڏيندڙ جي نالي نوٽيس

(قانوني حُڪم XLV، قاعدو 8)

(عنوان)

جي نالي ————

[2] صدارتي حُڪم 1961ع، آرٽيڪل 2 ۽ شيڊيول (23 مارچ 1956ع کان هڪدم لاڳو) تحت "بادشاهہ اِن ڪائونسل" ۾ تبديلي ٿي.

[3] صدارتي حُڪم 1961ع، آرٽيڪل 2 ۽ شيڊيول (23 مارچ 1956ع کان هڪدم لاڳو) تحت "هزمئجسٽي اِن ڪائونسل" ۾ تبديلي ٿي.

جيئن تہ ———— جاٽايل مُقدمي ———— ۾ ضمانت داخل ڪرائي آهي ۽ اُهي ريپيا جمع ڪرايا آهن، جيڪي سِول پروسيجر ڪوڊ 1908ع جي عدالتي حُڪم 45 جي قاعدي 7 موجب گهربل آهن.

اِها چاڻ هجي، تہ جاٽايل اپيل ——— جي ٻڌڻيءَ لاءِ [سُپريم ڪورٽ] ۾ ڏينهن ——— مهينو——— 20ع کي مُقرر ڪيو ويو آهي.

اڄوڪي ڏينهن ———— 20ع تي منهنجي صحيح ۽ عدالت جي مُهر سان جاري ڪيو ويو.

رجسٽرار جي صحيح ————

14. سبب ڄاڻائڻ لاءِ اطلاع نامو، تہ ڇو نظرثانيءَ جي اجازت نہ ڏني وڃي

(قانوني حُڪم XLVII، قاعدو 4)

(عنوان)

جي نالي ————

جيئن تہ ———— هن عدالت ۾ انهيءَ جي ڊِڪريءَ جي نظرثانيءَ لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي، جيڪا ڏينهن ——— مهينو ——— 20ع تي جاٽايل مُقدمي ۾ جاري ڪئي وئي هئي. توهان لاءِ ڏينهن ——— مهينو——— 20ع کي اِهو سبب ڄاڻائڻ لاءِ مُقرر ڪيو ويو آهي، تہ ڇو عدالت کي انهيءَ مُقدمي ۾ پنهنجي ڊِڪريءَ تي نظرثاني نہ ڪرڻ گهرجي.

اڄوڪي ڏينهن ———— 20ع تي منهنجي صحيح ۽ عدالت جي مُهر سان جاري ڪيو ويو.

جَجُ جي صحيح ————

ضميمو -H

مُتفرق

1. تحقيق بابت ڏُرين جا اقرارناما، جنهن جي ڪارروائي هلائڻي هجي

(قانوني حُڪم -XIV، قاعدو 6)

(عنوان)

جيئن تہ اسان، جاٽايل مُقدمي جون ڏُريون، تڪراري واقعي [يا قانون بابت] جي مُدي بابت پاڻ ۾ سُهمت آهيون، جنهن جو اسان جي وچ ۾ فيصلو ٿيڻو آهي، تہ ڇا اُها دعوي، جيڪا ڏينهن ——— مهينو——— 20ع واري دستاويز تي لکيل هئي، ۽ جنهن کي جاٽايل مُقدمي ۾ اظهار طور ———— داخل ڪيو ويو، سا آئيني لميٽيشن واري عرصي کان ٻاهر آهي يا نہ (يا تحقيق هيٺ ڳالهہ کي ڄاڻايو جيڪا بہ حالت هجي.):

تنهنڪري اسان انفرادي طور پنهنجي پاڻ کي پابند ڪريون ٿا, تہ عدالت طرفان اهڙي مامري —
———جي نفي [يا هائوڪار] ۾ فيصلي ٿيڻ تي ڄاڻايل ——— کي ڪُل رقم ———
ڏينداسين (يا اهڙي رقم, جنهن کي عدالت ڏيڻ واجب ڪوني) ۾ آءِ, ڄاڻايل ———
متي ڄاڻايل ضمانت تي منهنجي دعوي جي مڪمل چُڪتو ٿيڻ لاءِ ڄاڻايل ماليت جي رُپين ———
(يا اهڙي ماليت کي عدالت طرفان ڏيڻ جوڳو ڪونيو وڃي) کي قبول ڪندس, (يا اهڙي ڪنهن آيل
فيصلي تي آءٌ يعني ڄاڻايل ———فعل ڪرڻ کان پرهيز ڪندس, وغيره)

——— دعويدار

——— دعوي جو جواب ڏيندڙ

شاهدن جون صحيحون:

1. ———

2. ———

ڏينهن ——— مهينو ——— 20ع

2. مُقدمي کي ڪارروائيءَ لاءِ ٻيءَ عدالت ۾ مُنتقل ڪرڻ بابت درخواست جو نوٽيس (قلم 24)

ڊسٽرڪٽ جَج صاحب جي عدالت ——— ۾

نمبر ——— 20ع

جي نالي ———

جيئن تہ ڏينهن ——— مهينو ———20ع تي مُقدمي نمبر ———20ع ۾,
——— هن عدالت ۾ درخواست داخل ڪئي آهي, جيڪا هاڻي عدالت ——— واقع ———
——— ۾ التوا ۾ پيل آهي, جنهن ۾ ——— دعويدار آهي ۽ ———
دعوي جو جواب ڏيندڙ آهي, جنهن ۾ گُذارش ڪيل آهي, تہ عدالت ——— جي ڪارروائي خاطر
مُقدمو ٻئي هنڌ ——— مُنتقل ڪيو وڃي.

توهان کي انهيءَ ذريعي ڄاڻ ڏني وڃي ٿي, تہ درخواست جي ٻُڌڻيءَ لاءِ ڏينهن ——— مهينو——— 20ع
کي مُقرر ڪيو ويو آهي, جڏهن ڪارروائيءَ مهل توهان کي ٻُڌو ويندو جيڪڏهن توهان انهيءَ ڏس ۾ ڪو
اعتراض وارڻ چاهيندا هُجو.

اجوڪي ڏينهن ——— 20ع تي منهنجي صحيح ۽ عدالت جي مُهر سان جاري ڪيو ويو.

جَجُ جي صحيح ———

3. عدالت ۾ رپيا جمع ڪرائڻ بابت نوٽيس

(قانوني حُڪم XXIV, قاعدو 2)

(عنوان)

اِها ڄاڻ هجي, تہ دعوي جي جواب ڏيندڙ ڪُل رقم ——— عدالت ۾ جمع ڪرائي ڇڏي

آهي ۽ چوي ٿو ته اُها رقم دعويدار جي دعويٰ جي عدالت ۾ سموري رقم جي چُڪتو ٿيڻ لاءِ ڪافي آهي.
دعويٰ جي جواب ڏيندڙ جو پيروي ڪندڙن، و ——————————
دعويدار جي پيروي ڪندڙ ڏانهن ——————————

4. سبب ڄاڻائڻ بابت نوٽيس (عام نمونو)

(عنوان)

جيئن ته ڄاڻايل شخص —————— هن عدالت ۾ درخواست ڪئي آهي، ته ——————

——

توهان کي انهيءَ جي ذريعي ڄاڻُ ڏني وڃي، ته ذاتي طور يا پيروي ڪندڙ وڪيل ذريعي، جنهن کي باضابطا هدايت ڪئي وئي هجي، ڏينهن —————— مهينو—— 20ع تي وقت —— وڳي بنپهرن کان اڳ ۾، عدالت ۾ ذاتي طور يا پيروي ڪندڙ وڪيل ذريعي، جنهن کي پُوريءَ ريت سمجهايو ويو هجي، حاضر ٿي ڄاڻايل درخواست خلاف سبب ڄاڻائي، ٻيءَ صورت ۾ تفصيل نه ڏيڻ تي ڄاڻايل درخواست تي هڪطرفي ڪارروائي هلائي ويندي ۽ فيصلو ڪيو ويندو.

اجوڪي ڏينهن —————— 20ع تي منهنجي صحيح ۽ عدالت جي مُهر سان جاري ڪيو ويو.

ڄَجُ جي صحيح ——————————

5. دعويدار/ دعويٰ جي جواب ڏيندڙ طرفان پيش ڪيل دستاويزن جي فهرست

(قانوني حُڪم XIII، قاعدو 1)

(عنوان)

نمبر	دستاويزن جي ڪيفيت	دستاويزن جي تاريخ، جيڪڏهن متن ڪا هجي	ڌُر يا پيروي ڪندڙ وڪيل جي صحيح
1	2	3	4

6. شاهديءَ لاءِ مُقرر ٻُڌڻيءَ تي اختياري حدن کان ٻاهر ويندڙ شاهد جي شاهديءَ لاءِ ڌُرين ناليِ نوٽيس

(قانوني حُڪم -XVIII، قاعدو 17)

(عنوان)

نالي —————— دعويدار (يا دعويٰ جو جواب ڏيندڙ)

جيئن ته مٿي ڄاڻايل مُقدمي ۾ —————— هن عدالت درخواست داخل ڪئي آهي،

ته هڪڙي شاهد —————— جي شاهديءَ ڄاڻايل مُقدمي ۾ گهربل آهي، جنهن کي ٿُرت قلمبند ڪيو وڃي ۽ عدالت جي اطمينان موجب ثابت ڪيو ويو آهي، ته ڄاڻايل شاهد، عدالت جي ٻُڌڻيءَ وارين اختياري حدن کان ٻاهر ويندڙ آهي (يا ڪو ٻيو ارادو ۽ ڪافي سبب ڄاڻائڻ گهرجن):

ڏينهن —————— مهينو—— 20ع

ڄَجُ جي صحيح ——————————

7. غير حاضر شاهد جي شاهدي وٺڻ لاءِ ڪميشن

(قانوني حُڪم XXVI، قاعدو 4 ۽ 18)

(عنوان)

جي نالي ——————————

جيئن تہ متي ڄاڻايل مُقدمي ۾ —————— طرفان —————— جي شاهدي گهربل آهي؛ ۽ جيئن تہ توهان —————— کي درخواست ڪئي وڃي ٿي، تہ اهڙي شاهد —————— جي بند سوالن ذريعي (يا زباني) شاهديءَ کي قلمبند ڪريو ۽ توهان کي انهيءَ مقصد خاطر ڪمشنر مُقرر ڪيو وڃي ٿو تہ ڌرين يا سندن نمائندن کان ڄاڻايل شاهدي ورتي وڃي. جيڪڏهن اُهي حاضر هجن، ۽ ڪين اختيار هوندو تہ واضح ٿيل مامرن بابت ڄاڻايل شاهد کان سوال پڇن ۽ توهان کي وڌيڪ درخواست ڪئي وڃي ٿي، تہ ڄاڻايل شاهدي وٺڻ کان هڪدم پوءِ توهان عدالت ڏانهن رپورٽ رواني ڪريو.

ڄاڻايل شاهد جي جبري حاضريءَ لاءِ، ڪا بہ عدالت، توهان جي درخواست تي حُڪمنامو جاري ڪندي، جنهن کي اهڙو اختيار هوندو.

مٿئين مامري ۾ توهان جي فيس ڪُل رقم —————— ربيا انهيءَ سان گڏ روانا ڪيا پيا وڃن.

اجوڪي ڏينهن —— مهينو—— 20ع تي منهنجي صحيح ۽ عدالت جي مُهر سان جاري ڪيو ويو.

جَجُ جي صحيح ——————

8. گُذارش جو خط

(قانوني حُڪم XXVI، قاعدو 5)

(عنوان)

(موضوع: صدر صاحب ۽ عدالت جي جَج صاحبن جي نالي وغيره وغيره يا جيڪا حالت هجي)

جيئن تہ هڪڙو مُقدمو عدالت —————— ۾ ڪارروائي لاءِ التوا ۾ پيل آهي، جنهن ۾ دعويدار الف ب ۽ دعوي جو جواب ڏيندڙ ج.و آهي ۽ انهيءَ مُقدمي ۾ دعويدار هيءَ دعوي ڪري ٿو:

(انهيءَ دعوي جو تَتُ لکيو وڃي.)

۽ جيئن تہ ڄاڻايل عدالت ۾ پڌرو ڪيو ويو آهي، تہ انصاف جي مقصد لاءِ ۽ ڌرين جي وچ ۾ تڪراري مامرن کي واجبي نبيري خاطر اِهو ضروري آهي، تہ هينين شخصن کان شاهد طور اهڙن مامرن بابت حلفيہ شاهدي ورتي وڃي يعني اِهو چوڻ آهي تہ:

—————— جو د، ذ

—————— ج، ح ۽

—————— س، ش

۽ اِهو پتو پيو آهي. تہ اهڙا شاهد توهان جي معزز عدالت جي اختياري علائقي ۾ رهن ٿا.

هاڻي آءٌ —————— جاٽايل عدالت جي —————— طور توهان جي خدمت ۾ عرض ٿو ڪريان, تہ مٿئين مامرن سبب ۽ جاٽايل عدالت جي سمڪار جي اِرادي سان, جاٽايل —————— جي صدر ۽ جَجن طور يا توهان مان ڪو يا توهان مان ڪي وڌيڪ مهرباني ڪري جاٽايل شاهدن کي گهرايو (۽ جاٽايل دعويدار ۽ دعويٰ جي جواب ڏيندڙ جي گُماشتن طور اهڙن شاهدن کي گهرايو جن جي گهرائڻ لاءِ توهان کي سَمن ذريعي لکت ۾ درخواست ڪئي ويندي) تہ اُهي اهڙي وقت ۽ جڳهہ تي توهان منجهان ڪنهن هڪ يا توهان منجهان ڪن وڌيڪ ماڻهن آڏو شاهدي ڏيڻ لاءِ اچي حاضر ٿين, جيئن توهان ڪو وقت ۽ هنڌ مُقرر فرمايو جيڪو توهان جي عدالت جي ضابطي موجب شاهدن جي شاهدي وٺي سگهندو هجي, ۽ موڪليل بَند سوالن پٽاندر تڪراري مامرن جي دعويدار ۽ دعويٰ جي جواب ڏيندڙ جي نمائندن جي موجودگيءَ ۾, جيڪي منجهائئن زباني شاهدي وٺڻ جي اطلاع جي وقت حاضر هجن. شاهدن کان لکت ۾ شاهدي (يا زباني شاهدي) وٺو جيڪي سُوال هن چِٺيءَ سان گڏ موڪليا وڃن ٿا.

۽ آءٌ هيءُ بہ درخواست ڪريان ٿو, تہ توهان مهرباني ڪري جاٽايل شاهدن جا جوابَ لکت ۾ آڻيو ۽ سمورا ڪتابَ, خَط ڪاغذَ ۽ دستاويزَ جيڪي شاهديءَ ۾ پيش ٿين, تن جي مُناسب سُڃاڻپ ۽ نشاندهي ڪئي وڃي, گڏوگڏ جاٽايل شاهديءَ تي پنهنجي عدالت جي مُهر تصديق خاطر هڻو جيڪو بہ تصديق جو طريقو توهان وٽ رواج ۾ هجي, تنهن موجب تصديق ڪريو ۽ لاڳاپي ۾ ايندڙ لکيت ۾ اهڙي گُذارش, جاٽايل عدالت کي بين شاهدن کان شاهديءَ وٺڻ لاءِ عدالت ۾ موڪليو جيڪڏهن ڪا هُجي.

نوٽ: جيڪڏهن اُها گُذارش ڪنهن پرڏيهي عدالت ۾ موڪلڻي هجي, تہ لفظن "موڪلڻ لاءِ [مرڪزي حڪومت] ذريعي" کي انهيءَ نموني جي پڇاڙي سِٽ ۾ لفظن "بين شاهدن" کانپوءِ شامل ڪيو وڃي.

9. حسابن جي تحقيق يا مقامي تحقيق لاءِ ڪميشن

(قانوني حُڪم -XXVI, قاعدو 9 ۽ 11)

(عنوان)

جي نالي ——————

جيئن تہ هن مُقدمي ۾ مُناسب سمجهيو وڃي ٿو, تہ—————— لاءِ ڪميشن جاري ڪيو وڃي, تنهنڪري توهان کي شاهد —————— کان شاهديءَ وٺڻ خاطر, ڪنهن شاهد کي جبري حاضر ڪرائڻ لاءِ حُڪمنامو يا ڪنهن دستاويز جي پيش ڪرڻ لاءِ ڪمشنر مُقرر ڪيو وڃي ٿو جنهن جي توهان پاڻ پنهنجي خواهش سان ملاقات ڪرڻ يا شاهديءَ وٺڻ چاهيندا هُجو جنهن لاءِ توهان جي درخواست تي ڪابہ عدالت پنهنجي قانوني اختياري هوندي حُڪمنامو جاري ڪندي.

مٿئين مامري ۾ توهان جي فيس ڪُل رقم —————— ربيا انهيءَ سان گڏ روانا ڪيا پيا وڃن.

اجوڪي ڏينهن —— مهينو—— 20ع تي منهنجي صحيح ۽ عدالت جي مُهر سان جاري ڪيو ويو.

جَجُ جي صحيح ——————

10. ورچ لاءِ ڪميشن

(قانوني حُڪم XXVI_ قاعدو 13)

(عُنوان)

جي نالي ــــــــــــــ

جيئن تہ هن مقدمي جي مقصدن لاءِ هيءَ ضروري سمجهيو ويو آهي، تہ مٿي واضح ٿيل ملڪيت جي پتين ۾ ورچ لاءِ ۽ هن عدالت جي ڊِڪريءَ موجب ڏينهن ــــــــ مهينو ــــــ 20ع تي ڪميشن جوڙيو پيو وڃي: توهان کي انهيءَ جي ذريعي جاٽايل مقصد لاءِ ڪمشنر مُقرر ڪيو ويو آهي ۽ توهان کي اهڙي تحقيق لاءِ هدايت ڏني وڃي ٿي، تہ جيڪو ضروري پائيجي ۽ توهان پنهنجي بهترين حِڪمت ۽ سمجهہ موجب ملڪيت کي اُنهن پتين ۾ ورهايو جيڪي جاٽايل ڊِڪري ۾ لکيل آهن. ۽ جاٽايل پتيون گهٽڻ ڌرين وچ ۾ ورهايو. توهان کي انهيءَ ڳالهہ جو اختيار ڏنو وڃي ٿو تہ جاٽايل پتين جي قيمت کي برابر ڪرڻ لاءِ ڪا رقم ڪنهن ڌر کان ڪنهن ٻيءَ ڌُر کي پلي ڏياريو.

ڪنهن شاهد جي حاضريءَ يا ڪنهن دستاويز پيش ڪرڻ لاءِ، جنهن جي شاهدي وٺڻ يا معائنو ڪرڻ توهان ضروري سمجهندا هجو، تہ ڪا اهڙي عدالت توهان جي درخواست تي حُڪمنامو جاري ڪندي، جنهن کي انهيءَ بابت اختيار هوندوو.

مٿئين مامري ۾ توهان جي فيس ڪُل رقم ــــــــــ رپيا انهيءَ سان گڏ روانا ڪيا پيا وڃن.

اڄوڪي ڏينهن ـــــ مهينو ـــــ 20ع تي منهنجي صحيح ۽ عدالت جي مُهر سان جاري ڪيو ويو.

جَجُ جي صحيح ــــــــــــــ

11. سرپرست ۽ دعويٰ جي نابالغ جواب ڏيندڙ جي نالي نوٽيس

(قانوني حُڪم -XXXII، قاعدو 3)

(عُنوان)

جي نالي ــــــــــــ دعويٰ جو نابالغ جواب ڏيندڙ

حقيقي ولي

جيئن تہ دعويدار طرفان مٿي جاٽايل مُقدمي ۾ نابالغ دعويٰ جي جواب ڏيندڙ لاءِ مُقدمي خاطر هڪڙي وليءَ جي مُقرريءَ لاءِ هڪڙي درخواست داخل ڪئي ويئي آهي، تنهنڪري توهان نابالغ ۽ توهان (1) ــــــــ کي انهيءَ پٽاندر جاڻ ڏني وڃي ٿي، تہ جيڪڏهن هن اطلاع نامي جي تعميل کانپوءِ ــــ ڏينهن جي اندر هڪڙي درخواست توهان (1) ــــــــ يا توهان مُقدمي ۾ وليءَ طور ڪردار نڀائيندي نابالغ جي ڪجهہ دوستن منجهان هن عدالت ۾ ڪا درخواست داخل نہ ڪندا، تہ عدالت جاٽايل مُقدمي ۾ وليءَ طور ڪردار نڀائڻ لاءِ، ڪنهن ٻئي شخص کي جاٽايل نابالغ جو ولي مُقرر ڪندي.

اجوڪي ڏينهن ———— 20ع تي منهنجي صحيح ۽ عدالت جي مُهر سان جاري ڪيو ويو.

جَجُ جي صحيح ————

12. ڪَنگلائپ جي شاهدي وٺڻ خاطر مُقرر ڏينهن تي پُڌڻيءَ لاءِ مخالف ڌُر ڏانهن نوٽيس

(قانوني حُڪم -XXXIII، قاعدو 6)

(عُنوان)

جي نالي ————

جيئن تہ ———— هن عدالت ۾ ———— خلاف سِول پروسيجر ڪوڊ 1908ع جي عدالتي حُڪم XXXIII موجب ڪَنگلائپ پٽاندر دعوي داخل ڪرڻ بابت اجازت خاطر گُذارش ڪئي آهي، ۽ جيئن تہ عدالت کي درخواست کي نامنظور ڪرڻ لاءِ ڪو سبب ڏسڻ ۾ نٿو اچي، تنهنڪري ڏينهن —— مهينو ——— 20ع اهڙي شاهدي وٺڻ لاءِ مُقرر ڪئي ويئي آهي، جنهن تي درخواست ڏيندڙ پنهنجي ڪُنگلائپ جي ثبوت ۾ پيش ڪري سگهي ۽ گڏوگڏ اهڙي شاهدي جي پُڌڻيءَ لاءِ، جيڪا هُن جي ثبوت نہ ڏيڻ تي پيش ڪئي وڃي.

تنهنڪري عدالتي حُڪم XXXIII جي قاعدي 6 موجب توهان کي اِهو اطلاع ڏنو وڃي ٿو تہ جيڪڏهن توهان درخواست ڏيندڙ جي ڪَنگلائپ خلاف شاهدي ڏيڻ چاهيو ٿا، تہ ڏينهن —— مهينو——— 20ع تي هن عدالت ۾ پيش ٿي، ايئن ڪري سگهو ٿا.

اجوڪي ڏينهن ———— 20ع تي منهنجي صحيح ۽ عدالت جي مُهر سان جاري ڪيو ويو.

جَجُ جي صحيح ————

13. ڊِڪريءَ خاطر ضامن جي ذميداريءَ بابت سندس نالي نوٽيس (قلم 145)

(عُنوان)

جي نالي ————

جيئن تہ توهان ———— تاريخ ———— تي ڪنهن ڊِڪريءَ جي تعميل لاءِ ضمانت طور ذميدار ٿيا هئا، جيڪا جاٽايل دعوي جي جواب ڏيندڙ ———— تي مٿئين مُقدمي ۾ جاري ٿي پئي سگهي، ۽ جيئن تہ ڏينهن ——— مهينو ——— 20ع تي جاٽايل دعوي جي جواب ڏيندڙ تي ڪُل رقم ————ڏيڻ لاءِ ڊِڪري جاري ٿي هئي ۽ جيئن تہ توهان خلاف انهيءَ ڊِڪريءَ جي تعميل ٿيڻ لاءِ درخواست داخل ٿي آهي:

تنهنڪري توهان کي چاڻُ ڏني وڃي ٿي، تہ ڏينهن ——— مهينو——— 20ع تي يا انهيءَ کان اڳ حاضر ٿي سبب ڄاڻايو تہ ڇو ڄاڻايل ڊِڪريءَ جي توهان تي تعميل نہ ٿئي، ۽ جيڪڏهن مُقرر عرصي ۾ عدالت جي اطمينان موجب ڪو ڪافي سبب نہ ڏنو ويندو، تہ ڄاڻايل درخواست جي خواهش موجب ڊِڪريءَ جي تعميل ٿيڻ جو حُڪم ڏنو ويندو.

اجوڪي ڏينهن ——————— 20ع تي منهنجي صحيح ۽ عدالت جي مُهر سان جاري ڪيو ويو.

جَجُ جي صحيح ———————

14. ديواني مُقدمن جو رجسٽر

(قانوني حُڪم IV، قاعدو 2)

عدالت ——————— ۾ واقع ———————

ديواني مُقدمن جو رجسٽر سال ———— 20ع

	دعويدار			دعوي جو جواب ڏيندڙ			دعوي		
1	2			3			4		
دعوي داخل ڪرڻ جي تاريخ مُقدمي جو نمبر	نالو	تفصيل	رهائش جو هنڌ	نالو	تفصيل	رهائش جو هنڌ	تفصيل	مالئيت يا قدر	مُقدمي جو سبب ڪڏهن ٿيو

عدالت ۾ پيش ٿيڻ			مُقدمي جو فيصلو			اپيل		ڊڪريءَ يا حُڪم جي تعميل					تعميل جي واپسي		
5			6			7		8					9		
حاضر ٿيڻ لاءِ ڌرين لاءِ ڏينهن	دعويدار	دعوي جو جواب ڏيندڙ	تاريخ	ڪنهن لاءِ	ڇا لاءِ يا مالئيت	اپيل جي فيصلي جي تاريخ	اپيل ۾ فيصلو	درخواست جي تاريخ	حُڪم جي تاريخ	ڪنهن جي خلاف	ڇا لاءِ ۽ مالئيت، جيڪڏهن رقم هجي	خرچن جي مالئيت	عدالت ۾ جمع ڪرايل مالئيت	گرفتاري	ادائيگي يا گرفتاريءَ بجاءِ ٻين واپسيءَ جا تفصيل ۽ هرهڪ جي واپسيءَ جي تاريخ

نوٽ: جتي گهڻا دعويدار يا گهڻا دعويٰ جو جواب ڏيندڙ هُجن، ته رُڳو پهرئين دعويدار يا پهرئين دعويٰ جي جواب ڏيندڙ جو نالو جيڪا بہ حالت هُجي، رجسٽر ۾ داخل ڪرڻ ضروري هوندو.

ضميمي H ۾ (ديواني مُقدمن جي رجسٽر) فارم نمبر 14 ۾ "تعميل" ۽ "تعميل جي واپسي" جي ڪالمن لاءِ هيٺين ڪالمن ۾ متاسنا ڪئي وڃي:-

ڊڪريءَ يا حُڪم جي تعميل					
تعميل جي درخواست جي رجسٽر طور تعميل ۽ درخواست جي تاريخ	قانوني واهڙ جي ڪوشش جيڪڏهن رقم هجي، ته دعوىٰ واري مالئيت	انهيءَ جو حُڪم ۽ تاريخ، جيڪڏهن قانوني واهر جي حصي جي منظوري نہ ڏني وڃي، تہ پوءِ ڪهڙو حصو	ڪنهن جي خلاف حُڪم ڪيو ويو	ڇا لاءِ مالئيت کي جاچيو وڃي	خرچن جي مالئيت

تعميل جي واپسي							
نبيرو ۽ تعميل کي جاچايو جيڪڏهن ڪا ٿي هجي	عدالت ۾ ادائيگي ٿيل مالئيت	گرفتار ٿيل شخص	ڇا نيصلي جي قرضدار کي جيل موڪليو ويو، جيڪڏهن نہ، تہ ڇو نہ، جيڪڏهن جيل موڪليو وڃي، تہ اُتي رهڻ جو عرصو	گرفتاريءَ ادائيگي بجاءِ ٻين تعميلن جي واپسيءَ جا تفصيل	اها رهيل مالئيت يا قانوني واهر ۽ جو تعميل جي پٽيشن کي بند ڪيو	جيڪڏهن پٽيشن غير لاپاڻ تي هجي تہ ڇو ۽ ڪهڙي سطح تي	تعميل جي حُڪم خلاف اپيل، جيڪڏهن ڪا ٿي هجي، جيڪڏهن ٿيو هجي، تہ نتيجو

15. ديواني مُقدمن جو رجسٽر

(قانوني حُڪم XLI، قاعدو 9)

عدالت (يا هاءِ ڪورٽ) هنڌ ———————

ڊِڪرين خلاف اپيلن جو رجسٽر، سال —— 20ع دؤران

	يادداشت جي تاريخ	
اپيل ڪندڙ	اپيلن جو تعداد	
	نالو	
	تفصيل	
	رهائش جو هنڌ	
اپيل جو جواب ڏيندڙ	نالو	
	تفصيل	
	رهائش جو هنڌ	
طرفان ڊِڪريءَ جي اپيل تي	ڪهڙي عدالت ۾	
	اصلي مُقدمي جو نالو	
	تفصيلَ	
	ماليت يا قدرَ	
حاضري	عدالت ۾ ڌُرين جي حاضر ٿيڻ لاءِ تاريخ	
	اپيل ڪندڙ	
	اپيل جو جواب ڏيندڙ	
فيصلو	تاريخ	
	پڪ ٿي، موٽائي ويئي يا تفاوت ٿيو	
	چا لاءِ يا ماليت	

بيو ضميمو

تياڪڙي

تياڪڙي ائڪٽ 1940ع (1940ع جو X)، قلم 49 ۾ شيڊيول ٽئين سان رَدُ ٿيو.

ضميمو ٽيون

ڪليڪٽرن طرفان ڊگريءَ جاري يا تعميل ٿيڻ

1. ڪليڪٽر جا اختيارَ:- جڏهن ڪنهن ڊِگريءَ جي تعميل ٿيڻ لاءِ قلم 68 موجب مُنتقل ڪيو وڃي، تہ ڪليڪٽر کي اختيار آهي تہ:-

(a) اهڙيءَ طرح ڪارروائي ڪري، جيئن عدالت ڪارروائي ڪري ٿي، جڏهن غيرمُتحرڪ ملڪيت جو نيلام مُلتوي ڪيو وڃي، تہ جيئن فيصلي جو قرضدار ڊِگريءَ ۾ ڄاڻايل رقم مُهيا ڪرڻ جو انتظام ڪري سگهي؛ يا

(b) اِشتهار ڏنل سموري يا ٿوري ملڪيت کي اُجرت ڪيڙڻ ڪانپوءِ مُستقل يا ڪجهہ عرصي لاءِ مقاطعي تي ڏئي يا گِروي رکي؛ يا

(c) سموري ملڪيت يا انهيءَ جي حصي کي وڪرو ڪري، جيتري قدر گهرج هجي.

2. خاص مُقدمن ۾ ڪليڪٽر جو طريقيڪار:- جڏهن ڪا ڊِگريءَ، جيڪا اهڙي ڊِگري نہ هجي، جنهن ۾ ناهہ جي سرچاءُ ۾ پوٺواريءَ ۾ غيرمُتحرڪ ملڪيت جي نيلامي وارو حُڪم نہ ڏنو ويو هُجي، جيڪو اُن ملڪيت تي ساڳيءَ طرح واضح طور اثرانداز ٿيندڙ هُجي، پر روڪ رقم جي ادائيگيءَ جي ڊِگري هُجي، جنهن جي تعميل لاءِ عدالت غيرمُتحرڪ ملڪيت جي نيلاميءَ جو حُڪم ڏنو هُجي، تنهن کي ايئن مُنتقل ڪيو ويو هُجي، جنهن لاءِ ڪليڪٽر ايتري تحقيق ڪانپوءِ، جيڪا ضروري ڀانئجي، ڪيس انهيءَ ڳالهہ جي يقين جو سبب هُجي، تہ فيصلي جي قرضدار کي حساب جي سمورين ذميدارين کان، هُن جي موجود غيرمُتحرڪ جائيداد جي ملڪيت کانسواءِ، ڇُٽڪتو ۾ آجو ڪري سگهجي ٿو تہ هُو وڌيڪ ڪارروائي ڪري سگهي ٿو جيئن انهيءَ کان پوءِ شرطَ ڄاڻايا وڃن.

3. ڊِگريءَ وٺندڙ ۾ ملڪيت ۾ دعوي ڪندڙ شخصن جي نالي اطلاع: (1) ڪنهن اهڙيءَ حالت ۾ جيئن 2 پئراگراف ۾ حوالو ڏنو ويو تہ ڪليڪٽر کي گهرجي، تہ هڪڙو قطعي نوٽيس يا اشتهار جنهن جي تعميل لاءِ اِشتهار جي تاريخ کان عرصو 60 ڏينهن جو ڏنو ويندو، انهيءَ حُڪم سان گڏ اِشتهار ڏئي.

(a) هر شخص جيڪو فيصلي جي قرضدار جي نالي اهڙي روڪ رقم جي ڊِگري رکندو هجي، جيڪا انهيءَ جي غيرمُتحرڪ ملڪيت جي نيلام سان حساب ڇُٽڪتو تي سگهندي هجي ۽ جنهن کي ڊِگريءَ وٺندڙ ڀاڙُ ايئن ڇُٽڪتو ڪرائڻ چاهيندو هجي، ۽ اهڙي روڪ رقم جي ڊِگريءَ وٺندڙ هر شخص، جنهن جي رقم جي وصوليءَ لاءِ ڄاڻايل ملڪيت جي نيلام جي ڪارروائي تجويز هيٺ هجي، تہ

جنهن عدالت ڊِڪري جاري ڪئي هجي، اُن جي ڊِڪريءَ جي تعميل لاءِ هڪڙو نقل ۽ سرٽيفڪيٽ ڪليڪٽر آڏو پيش ڪري، تہ ڊِڪريءَ پٽاندر ڪيس ڪيترا رپيا ملڻ گهرجن.

(b) هرهڪ شخص، جيڪو ڄاڻايل ملڪيت تي ڪجھہ دعوي رکندو هجي، سو پنهنجي دعوي جي تفصيل سميت دستاويزي ثبوت (جيڪڏهن ڪجھہ رکندو هجي) ڪليڪٽر وٽ پيش ڪري.

(2) هن اِشتهار کي ڇپرايو ويندو ۽ انهيءَ عدالت ۾ چنبڙايو ويندو جنهن نيلاميءَ جو حُڪم جاري ڪيو هجي ۽ اهڙين جڳهين تي چنبڙايو ويندو جنهن کي ڪليڪٽر مُناسب سمجهي ۽ جڏهن ڪنهن ڊِڪريءَ ونڊڙ يا دعويدار جو پتو معلوم هجي، تہ هڪڙو نقل انهيءَ وٽ بہ ٽپال وسيلي يا ٻين مامرن جي طريقن موجب موڪليو وڃي.

4. ڊِڪرين ۾ ڄاڻايل ماليت لاءِ روڪ رقم جي ادائيگيءَ ۽ اُنهن جي تعميل لاءِ موجود غيرمُتحرڪ ملڪيت جي پڪ ورتي وڃي: (1) مٿي ڄاڻايل اِشتهار جي عرصي گُذرڻ کانپوءِ، ڪليڪٽر سمورن اعتراضن کي ٻُڌڻ لاءِ هڪڙي تاريخ مُقرر ڪندو جنهن کي فيصلي جو قرضدار ۽ ڊِڪريءَ ونڊڙ توڙي دعويدار (جيڪڏهن ڪي هجن) پيش ڪرڻ چاهين ۽ ڪليڪٽر، اهڙين ڊِڪرين جي تعداد توڙي نوعيت ڄاڻڻ ۽ غيرمُتحرڪ ملڪيت جي فيصلي جي قرضدار جي دعوائن بابت تحقيق کي ضروري پائئي، تہ ڪيس اختيار هوندو، تہ انهيءَ ٻُڌڻي ۽ تحقيق کي مختلف وقتن تائين مُلتوي ڪندو رهي.

(2) جڏهن فيصلي جي قرضدار جو اُنهن ڊِڪرين منجهان ڪنهن ڊِڪريءَ تي ذميداريءَ يا دعوائن جي حقيقت يا سطح جي ڏس ۾ ڪو تڪرار نہ هُجي، تنهن بابت يا اهڙين ڊِڪرين يا دعوائن جي نسبتي اوليتن بابت يا اهڙي ڊِڪري يا دعوائن جي تعميل لاءِ اهڙي ڪنهن ملڪيت جي ذميداريءَ بابت ڪليڪٽر کي پتو هُجي، تہ ڪليڪٽر هڪڙي رپورٽ ٺاهيندو جنهن ۾اهڙي ڊِڪريءَ جي چُڪتو ٿيڻ لاءِ وصول ٿيندڙ ماليت جي وضاحت ٿيل هوندي ۽ هڪڙو حُڪم جاري ڪندو جنهن ۾ اهڙين ڊِڪرين ۽ دعوائن جي تعميل ٿيڻي هُجي ۽ انهيءَ مقصد لاءِ غيرمُتحرڪ ملڪيت موجود هُجي.

(3) جڏهن فيصلي سان ڄاڻايل مامرن بابت ڪو تڪرار واقع ٿئي، تہ ڪليڪٽر ڄاڻايل تڪرار سميت حالتن ۽ پنهنجي راءِ کي انهيءَ عدالت ڏانهن موڪليندو جنهن نيلاميءَ جو اصل حُڪم جاري ڪيو هجي ۽ انهيءَ موضوع سان لاڳاپيل ريفرنس کي التوا ۾ رکندي، ڪارروائي نيٺ منعنامو جاري ڪندو. عدالت انهيءَ تڪراري مامري جو نبيرو ڪندي، جيڪڏهن اُهو انهيءَ جي ٻُڌڻيءَ جي لائق هجي، يا مُقدمي جي اُڪلاءَ لاءِ ڪنهن مُختيار عدالت ۾ موڪليندي، ۽ حتمي فيصلو ڪليڪٽر ڏانهن اُماڻيو ويندو، جيڪو پوءِ مٿي ڄاڻايل فيصلي موجب انهيءَ جي رپورٽ لکندو.

5. جڏهن ضلعي عدالت اطلاع نامو جاري ۽ تحقيق ڪري سگهي ٿي: ڪليڪٽر پيراگراف 3، 4 موجب پاڻ پنهنجي طور گهربل تحقيق ۽ نوٽيس جاري ڪرڻ بجاءِ هڪڙي رپورٽ لکي سگهي ٿو جنهن ۾ فيصلي جي قرضدار جي حالت ۽ سندس غيرمُتحرڪ ملڪيت جي وضاحت ٿيل هوندي، جيستائين

ڪليڪٽر کي اُنهن معاملن جو پتو پوي، يا جيتري قدر سنڌس آفيس جي سرشتيوار ڪاغذن مان پڌرو ٿئي، ۽ مٿي ڄاڻايل اهڙي رپورٽ کي ضلعي عدالت ۾ موڪليندو، جنهن تي ضلعي عدالت پيراگراف 4،3 ۾ ڄاڻايل حُڪم موجب اِشتهار جاري ڪندي ۽ تحقيق ڪندي هڪڙي رپورٽ لکندي، جنهن کي وري ڪليڪٽر ڏانهن موڪليو ويندو.

6. تڪرار بابت عدالت جو فيصلو ڊِڪريءَ جيان اثرائتو هوندو: عدالت طرفان پيراگراف 5،4 موجب ٿيل تڪرار بابت مُقدمي جي ڌرين سان ناتو رکندڙ جيڪو فيصلو ڪيو ويندو، سو ڊِڪريءَ جيان مؤثر ۽ اپيل جوڳو هوندو.

7. روڪ رقم جي ڊِڪريءَ جي چُڪتو ٿيڻ جو طريقو ۽ اُپاءَ:- (1) جڏهن روڪ رقم وٺڻي هجي ۽ ملڪيت موجود هُجي، جنهن جو پيراگراف 4 ۽ 5 ۾ ڄاڻايل جيان فيصلو ڪيو ويو هُجي، ته ڪليڪٽر کي اختيار هوندو:-

(a) جيڪڏهن اِهو پتو پوي، ته سموري ملڪيت جي نيلاميءَ ڪانسواءِ گهربل رقم نٿي وٺي سگهجي، ته ڄاڻايل ملڪيت کي نيلام ڪري ڇڏي، يا

(b) جيڪڏهن اِهو پتو پوي، ته ڊِڪريءَ پٽاندر وياج سميت گهربل رقم (جيڪڏهن ڪو هجي) ۽ جڏهن ڊِڪري جاري نه ٿي هجي، ته وياج سان گڏ (جيڪڏهن ڪو هجي) انهيءَ شرح موجب، جيڪو انصاف جوڳو پائجي، جيڪو نيلام جي گهرج ڪانسواءِ وٺڻ ناممڪن هجي، ته وياج سميت گهربل رقم (نيلاميءَ جي اصلي حُڪم پٽاندر) انهيءَ طور فراهم ڪري، يعني

(i) ڄاڻايل سموري ملڪيت جي ڪنهن حصي کي اڳوات رقم ڏيڻ وسيلي عارضي طور يا ڪنهن عرصي لاءِ مقاطعي تي ڏنو وڃي، يا

(ii) ڄاڻايل سموري ملڪيت يا حصي کي گِروي رکڻ ذريعي، يا

(iii) ڄاڻايل سموري ملڪيت يا حصي کي وڪڻڻ ذريعي، يا

(iv) ڄاڻايل سموري ملڪيت يا حصي کي ٺيڪي تي ڏيڻ يا پاڻُ پنهنجي نگرانيءَ يا ٻئي جي اڳواڻيءَ ۾ ڄاڻايل سموري ملڪيت يا حصي کي ڪنهن عرصي لاءِ، جيڪو نيلاميءَ جي حُڪم جي تاريخ کان ويهن ورهين کان وڌيڪ عرصي لاءِ نه هجي، يا

(v) ڄاڻايل ملڪيت جي هڪڙي حصي کي هڪڙي طريقي ۽ ٻئي حصي کي ٻئي طريقي سان عمل ۾ آڻڻ سان.

(2) ڄاڻايل سموري ملڪيت يا جُزي جي انتظام لاءِ ڪليڪٽر کي اختيار هوندو، ته ملڪيت جي مالڪ جا سمورا اختيار ڪتب آڻي.

(3) موجود ملڪيت يا انهيءَ جي ڪنهن حصي جي وڪري جوڳي مُلهه کي وڌائڻ، يا انهيءَ ملڪيت کي ٺيڪي يا نگرانيءَ ۾ وڌيڪ مناسب قيمت تي سونپڻ يا ڪنهن قرض جي چُڪتو ٿيڻ خاطر

وڪري ڪان ملڪيت کي بچائڻ جي مقصد خاطر، ڪليڪٽر ڪنهن قرض ڏنل رقم جي دعوي کي چُڪتو ڪري سگهي ٿو جيڪا ڏيڻ واجب ٿي وئي هجي، يا ڪنهن قرض ڏيندڙ جي مطالبي بابت سرچاءُ ڪري سگهي ٿو پوءِ پلي اُها رقم ڏيڻ جوڳي بنجي وئي هجي يا نه ۽ اهڙي قرض واريءَ رقم جي چُڪتو ٿيڻ يا سرچاءُ جي ڏس ۾ سرمايي جي فراهميءَ جي مقصد خاطر، هُو ملڪيت جي ڪنهن به حصي کي گِروي رکي، نيڪي تي ڏيئي يا وڪٽي سگهي ٿو جنهن کي پاڻُ مُناسب سمجهندو هُجي. جيڪڏهن ڪنهن قرض جي واجب ڏيڻ جوڳي رقم جي ماليت جي ڏس ۾ ڪو تڪرار اُڀري پوي، جنهن لاءِ ڪليڪٽر انهيءَ شِق پٽاندر ڪنهن نبيري جي تجويز ڏئي، ته هُو پاڻُ پنهنجي نالي سان يا فيصلي جي قرضدار جي نالي سان مُناسب عدالت ۾ مُقدمو داخل ڪري سگهي ٿو ته جيئن انهيءَ قرض واريءَ رقم جو حساب ڪتابُ ورتو وڃي، يا هُو اهڙو تڪرار بن ڌرين جي فيصلي لاءِ موڪلڻ تي راضي ٿي سگهي ٿو جنهن منجهان هڪڙي چٺي کي هر هڪ ڌُر طرفان چونڊيو وڃي يا اهڙن ڌرين طرفان ڪنهن امين جو نالو ڏئي سگهجي ٿو.

(4) هن پيراگراف موجب هر وقت ڪارروائي لاءِ ڪليڪٽر تي لازم آهي، ته اُنهن قاعدن جي پابنديءَ تي پُورو رهي، جيڪي هن ايڪٽ موجب ۽ مختلف وقتن تي [4][صوبائي حڪومت] جي مشوري سان ٺاهيا وڃن.

8. رهيل رقم جي وصوليءَ کانپوءِ نيڪي جو انتظام يا نگراني: جڏهن مٿي ڄاڻايل پيراگراف 7 موجب نيڪي تي ڏيڻ يا انتظام ۾ ڏيڻ جي خاتمي تي چُڪتو ٿيڻ لاءِ اوتري گهربل رقم نه ملي، ته ڪليڪٽر انهيءَ ڳالهه جو اطلاع، فيصلي جي قرضدار يا سندس قانوني نمائندي کي لکت ۾ ڏيندو جنهن ۾ اِهو لکيل هوندو ته جيڪڏهن مطالبي جي چُڪتو ٿيڻ ۾ ڄاڻايل رقم لاءِ گهربل رهيل رپيا، اطلاع نامي جي تاريخ کان ڇهن هفتن ۾ ڪيس نه ڏنا ويندا، ته هُو سموري مٿي ڄاڻايل ملڪيت يا انهيءَ جي گهٽي حصي کي نيلام ڪري ڇڏيندو ۽ جيڪڏهن هُن کي ڄاڻايل هفتا گُذرڻ کانپوءِ باقي رقم نه ڏني ويندي، ته هُو ڄاڻايل ملڪيت يا انهيءَ جي حصي کي نيلام ڪري ڇڏيندو.

9. ڪليڪٽر حساب ڪتاب عدالت ڏانهن موڪلي: (1) ڪليڪٽر مختلف وقتن تي انهيءَ عدالت ۾ جتان اصل نيلاميءَ جو حُڪم جاري ٿيو هجي، سموري ملڪيت جو حساب ڪتاب، جيڪو سندس قبضي ۾ آيو هجي ۽ هن ضميمي موجب مليل اختيارن جي تعميل ۾ سندس ذمي لاڳو ٿيل سمورن خرچن جو حسابُ داخل ڪندو، ۽ جيڪا باقي رقم بچيل رهندي، تنهن کي بئي حُڪم تائين عدالت جي جي اختيار ۾ رکندو.

(2) مٿي ڄاڻايل اهڙن خرچن ۾ سمورا قرض ۽ ذميداريون شامل هونديون، جيڪي ڄاڻايل ملڪيت بابت [5][6][حڪومت ڏانهن] يا انهيءَ جي ڪنهن حصي جي پاڻيوار کي مختلف وقتن تي ڏيڻ

[4] قانوني حُڪم 1937ع تحت "مقامي حڪومت" لاءِ ڦيرڦار ٿي.

[5] قانوني حُڪم 1937ع تحت "مقامي حڪومت" لاءِ ڦيرڦار ٿي.

واجب هجن ۽ ڏيل (جيڪڏهن ڪا هُجي)، جيڪا چاٽايل ملڪيت بابت مختلف وقتن تي ڪنهن اعليٰ قابض کي ڏيڻي هجي، سميت شاهدن کي گهرائڻ جو خرچ شامل هوندو جيڪڏهن ڪليڪٽر اهڙي هدايت ڏيندو.

(3) باقي رقم هيٺئين طريقي سان عدالت ذريعي خرچ ڪئي ويندي:

(a) فيصلي جي قرضدار جي اهڙي ڪُٽنب جي پرورش ۾، جيڪي ملڪيت جي آمدنيءَ سان پالنا جا حقدار هجن، جيتري رقم جو عدالت اهڙي شخص لاءِ نبيرو ڪري، ۽

(b) جڏهن ڪليڪٽر پيراگراف 1 موجب ڪارروائي ڪئي هجي، ته انهيءَ جي اصلي ڊِڪريءَ جي چُڪتو ٿيڻ ۾، جنهن جي جاري ٿيڻ لاءِ عدالت غيرمُتحرڪ ملڪيت جي نيلاميءَ جو حُڪم جاري ڪيو هجي يا گڏوگڏ ٻئي طرح سان جيئن عدالت سِول پروسيجر ڪوڊ جي قلم 73 موجب هدايت ڪري، يا

(c) جڏهن ڪليڪٽر پيراگراف 2 موجب ڪارروائي ڪئي هجي:

(i) جائيداد جي اُنهن قرضن جي وياج جي مقدار کي گهٽائڻ ۾، جن جو بار ملڪيت تي هجي، ۽

(ii) جڏهن فيصلي جي قرضدار جو گُذران جو ڪو ٻيو ذريعو نہ هجي، تہ انهيءَ جي پرورش ۾ جنهن قدر عدالت مُناسب سمجهي، ۽

(iii) اصل ڊِڪريءَ ونندڙ ۽ ٻين ڊِڪريءَ ونندڙن جي وچ ۾ رسدي ورڇ ڪرڻ ۾، جن نوٽيس يعني اطلاع نامي جي تعميل ڪئي هجي ۽ جن جون دعوائون انهيءَ مجموعي رقم ۾ شامل ٿيون هيون، جن جي ونڊ لاءِ حُڪم ٿيو هو.

(4) روڪ رقم جي ادائيگيءَ لاءِ ڪو ٻيو ڊِڪريءَ جو ونندڙ تيستائين چاٽايل جائيداد يا باقي رقم سان پنهنجي ڊِڪريءَ جي تعميل ڪرائڻ جو حقدار نہ ٿيندو جيستائين اُنهن ڊِڪري ونندڙن جي دعوئ چُڪتو ٿي وڃي، جن مٿيون حُڪم ورتو هجي، ۽ جيڪڏهن ڪجهه رقم باقي بچي، تہ اُها فيصلي جي قرضدار يا ڪنهن ٻئي شخص کي سونپي ويندي، جنهن بابت عدالت هدايت ڪري.

10. نيلاميءَ جو طريقو:- جڏهن ڪليڪٽر ڪنهن ملڪيت کي انهيءَ ضميمي موجب نيلام ڪري، تہ هُن کي گهرجي، تہ ملڪيت کي هڪ يا هڪ کان وڌيڪ حصن ۾ ورهائي نيلام ڪري، جيئن هُو مُناسب سمجهي، ۽ کيس اختيار آهي تہ:

[6] صدارتي حُڪم 1961ع. آرٽيڪل 2 ۽ شيڊيول (23 مارچ 1956ع کان هڪدم لاڳو) تحت "ڪرائون" لاءِ ڦيرڦار ٿي.

(a) هر هڪ حصي جي هڪڙي مُناسب قيمت مُقرر ڪري، جنهن کان گهٽ قيمت تي اُها وڪرو نہ ٿي سگهي؛

(b) جڏهن نيلام کي انهيءَ مقصد سان مُلتوي ڪرڻ ضروري هجي، تہ ملڪيت جي هڪڙي معقول قيمت ملي، تہ نيلام کي هڪڙي مُناسب وقت تائين مُلتوي ڪري ڇڏي ۽ مُلتوي ٿيڻ جو سبب لکي؛

(c) ملڪيت کي پاڻُ خريد ڪري وري نيلام ڪري يا نجي طور وڪڻي، جيئن مُناسب سمجهي.

(11) فيصلي جي قرضدار يا سندس قانوني نمائندي تي ,ملڪيت جي مُنتقليءَ جي روڪ ۽ ڊِڪريءَ وٺندڙ کي پنهنجي قانوني ڪارروايءَ ۾ ڇُوٽ:- (1) جيستائين ڪليڪٽر غيرمُتحرڪ ملڪيت بابت پيراگراف 1 کان 10 موجب ڪيس عطا ٿيل اختيارن يا ذميدارين منجهان ڪنهن هڪ کي فيصلي جي قرضدار يا جاٽايل ملڪيت جي ڪنهن حصي تي لاڳو ڪري سگهي، تيستائين فيصلي جي قرضدار يا سندس قانوني نگران کي ڪنهن بہ طرح اختيار نہ هوندو، تہ ڪليڪٽر کان لکت ۾ اجازت وٺڻ کانسواءِ، جاٽايل ملڪيت يا انهيءَ جي ڪنهن حصي کي گِروي رکي يا ڪنهن مثاستا ۾ ڪَتب آڻي يا اُن کي نيڪي تي ڏئي يا مُنتقل ڪري ۽ نہ ئي ڪنهن ديواني عدالت کي ڪنهن روڪ رقم جي ڊِڪريءَ جاري ٿيڻ سبب، اهڙي ملڪيت يا انهيءَ جي حصي تي ڪو حُڪمنامو جاري ڪرڻ جو اختيار هوندو.

(2) جاٽايل عرصي ۾ ڪنهن بہ ديواني عدالت کي اِهو اختيار نہ هوندو تہ ڪنهن اهڙي جاري ٿيل ڊِڪريءَ جي تعميل ٿيڻ دؤران، جنهن جي ڇُڪتو ٿيڻ لاءِ ڪليڪٽر پيراگراف 7 موجب بندوبست ڪيو هجي، تہ فيصلي جي قرضدار جي ذات يا انهيءَ جي ملڪيت خلاف ڪو حُڪمنامو جاري ڪري.

(3) جاٽايل عرصي کي انهيءَ ٻُڌٽي جي عرصي کان خارج سمجهيو ويندو جيڪو اهڙي ڊِڪريءَ جي جاري ٿيڻ سان لاڳاپيل هجي، جنهن تي هيءَ قلم ڪنهن اهڙي قانوني ڪارروائيءَ تي لاڳو ٿيندو هجي، جنهن سان ڊِڪري وٺندڙ کي عارضي طور محروم رکيو ويو هجي.

12. جيڪڏهن ملڪيت مختلف ضلعن ۾ موجود هجي: جڏهن نيلاميءَ جو حُڪم ٿيل ملڪيت، مختلف ضلعن ۾ موجود هجي، تہ پيراگراف 1 کان 10 تائين پٽاندر ڪليڪٽر کي مليل اختيارَ ذميداريون، جاٽايل ضلعن جي ڪليڪٽرن مان اُهو ڪليڪٽر لاڳو ڪندو، جنهن کي [7][صوبائي حڪومت] ڪنهن عام يا خاص حُڪم ذريعي مُقرر ڪيو هوندو.

[7] قانوني حُڪم 1937ع تحت "مقامي حڪومت" لاءِ قيرقار ٿي.

13. ڏُرين توڙي شاهدن جي حاضري ۽ دستاويزن جي پيشيءَ بابت ڪليڪٽر جا اختيارَ:
پيراگراف 1 کان 10 تائين اختيار لاڳو ڪرڻ خاطر ڪليڪٽر کي ڏُرين توڙي شاهدن جي حاضري ۽ دستاويزن جي پيشيءَ بابت ديواني عدالت جا اختيارَ مليل هوندا.

ضميمو چوٿون

(ڏسو قلم 155)

ترميم ٿيل قانون

1	2	3	4
سال	نمبر	مختصر نالو	ترميم
1870ع	VII	ڪورٽ فيس ائڪٽ 1870ع	شيڊيول نمبر 1 جي آرٽيڪل نمبر 1 ۾ لفظ "دعوي" جي درخواست ڪانپوءِ لفظَ "چُڪتو يا ردعمل دعوي جي وڪالت ڪندڙ لکيل بيان" لکو ۽ لفظ "ائڪٽ" کانپوءِ "يا متضاد اعتراض" لکيو وڃي. شيڊيول ٻئين جي آرٽيڪل نمبر 11 ۾ لفظ " دعوي کي نامنظور ڪندڙ حُڪم کان يا" کي خارج ڪيو ويندو. شيڊيول ٻئين جي پهرئين ڪالم ۾ آرٽيڪل نمبر 19 سان لاڳاپيل داخلا لاءِ داخلا ۾ ڦيرڦار ٿيندي، خاص ڪري:- "لکت ۾ اقرارنامو جنهن ۾ سول پروسيجر ڪوڊ 1908ع تحت عدالت جي رايي لاءِ سُوال جاڳايل هُجي."

ضميمو پنجون

[قانون رَدُ ٿيو.]

[منسوخي ۽ ترميمي ائڪٽ 1914ع (1914ع جو XVII)، قلم 3 ۽ ٻئي شيڊيول تحت رَدُ ٿيو.]

THE CODE OF
CIVIL PROCEDURE 1908

Translation
Hussian Badshah





Sindhi Language Authority

